پیاسي ترتي، رمندا بادل

سراج

پياسي ڌرتي، رمندا بادل

پياسي ڌرتي، رمندا بادل

(ناول)

سراج

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اُٽاسي

ڇپائيندڙ	نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ	ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.
ڪمپوزنگ	پٽائي ڪمپيوٽر ڪمپوزرس، ڪوڪر پاڙو، حيدرآباد سنڌ.
پهريون ايڊيشن	نومبر 1993ع
	قيمت [redacted]/= رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

PIYASI DHARTI, RAMANDA BAADAL. (Novel) Written by SIRAJ. Published by New fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition November 1993. Price per Copy Rs. [redacted]/=

Book No. 179

پيش لفظ

دل ٽي چوي ته هن ناول بابت ٻه اکر پڙهندڙن جي گوش گذار ڪري ڇڏيان. هيءُ ناول مون تڏهن لکڻ.شروع ڪيو هو، جڏهن اڃان نوڪريءَ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ هو. مون کي ياد آهي ته جن ڏينهن مون ناول پورو ڪيو هو، انهن ئي ڏينهن مان هڪ ڏينهن، ڪن پيارن يارن ۽ دل گهُرين دوستن جي هڪ محفل متي هئي. اياز سکر کان آيو هو. رشيد پٽي ساڻ هوس. رباني ۽ تنوير به هئا. ڀانيان ٿو ته (رسول بخش) پليجو به هو. اسان سيني جو مهندار محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ صاحب (ع-ق) ۽ (شايد) مراد علي مرزا به هئا. ڪن ٻين يارن جا نالا وسرنم ٿا. ان محفل ۾ نياز پنهنجو هڪ نئون گيت، نهايت درد ۽ سوز سان، سُر ۾ جهونگاري ٻڌايو هو. نياز به ان وقت نوان تجربا ڪري رهيو هو. شاعر ته هوننئن ئي غضب جو آهي. پر گيت ۽ ماهيا چوڻ ۾ هن جو ڪو مٽ نه آهي. ان خوبصورت گيت جا ٻول ڪجهه هن ريت هئا.

منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل، تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول،
منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا، تنهنجي دنيا، رمندا بادل!

اها جهونگار اڃا تائين منهنجي هڪ ٽيپ تي محفوظ آهي. مون ان وقت ئي يارن کي چيو هو ته پنهنجي ناول جو نالو رکندس "منهنجي دنيا مرگهه ترشنا!" جڏهن منهنجو ڪتاب "سنڌي ٻولي" 1964ع ڌاري ڇپيو، تڏهن منهنجي دوست ۽ پبلشر احمد(زيب ادبي مرڪز واري احمد) ان نالي جو اعلان به ڪري ڇڏيو. پر ان کان پوءِ 1965ع واري جنگ لڳارائي وئي. اياز ۽ رشيد پٽي جيل موڪليا ويا. منهنجو هنيانءُ هڄي ويو. (آئون سارتر جي وصف موجب، بنيادي طرح ڪانئر آهيان) لکڻ ته ڪونه ڇڏيم پر ناول ڇپائڻ تان ارواح ڪڍي ويم. لطيف جي روايت وانگر" لکي مٽ ۾ وجهي ڇڏيم!" احمد منٽون ڪندو رهيو ته

نقل ڪري ڪيس ڇپائڻ لاءِ ڏيان، پر دل مڃي ئي نہ. ٿورو ئي وقت پوءِ مولوي عبدالواحد جي "زوراوري" ۽ شمشير جي "ارهہ زورائي " تي ڪين هڪڙي ڪهاڻي " نئين زندگي" لاءِ ڏنم. ڪهاڻي جنگ جي موضوع تي هئي. پر اها ڳالهہ وسري ويم تہ "نئين زندگي" سرڪاري پرچو هو. شمشير جي مجبوري بہ سمجهان ٿو.جيڪڏهن ڪهاڻي نہ ڇپي ها تہ ساڻس شڪايت ڪونہ ڪريان ها. (اڄ بہ ياريءَ جي حجت سمجهي پيو شڪايت ڪريان!). هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي(بہ جملا) بدلائي ڇڏي! ڪهاڻي مري ويئي. سڄو امپئڪٽ ختم ٿي ويو. ڪهاڻي لکڻ تان ارواح ڪڍي ويو. آءٌ ماٺ ٿي ويس. ڳڻ عرصو تہ لکڻ تي دل نٿي ٿي. ناول کي "مٽ مان ڪڍڻ" جو جيڪو حرص ٿيندو هو، سو بہ ٽڏو ٿي ويو.

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ، بيمار ٿي پيس. علاج ڪرائڻ لاءِ لنڊن پهتس. اُتي خبر پئي تہ نئين زندگي واري ڪهاڻي (جيڪا شمشير بيضرر بڻائي ڇڏي هئي) ۽ منهنجن ٻين ڪهاڻين ۽ مضمونن جي سرڪاري سطح تي ڇنڊ ڇاڻ پئي ٿئي. فائيل جو پيٽ پرجي ڦاٽڻ تي هو. ان فائيل ۾ اهي قسطوار مضمون بہ هئا جيڪي "ڪاروان" ۽ "مهراڻ" (روزانہ اخبارن) ۾ ڇپجندا رهيا هئا. (انهن مهربانن مان تي چار مهربان مرحوم ٿي ويا آهن. خدا سندن مغفرت ڪري!) ان سان گڏ اردوءَ ۾ جيڪي جُلهون ٿينديون رهيون، سي بہ فائيل جو پيٽ پرينديون ويون. (ڪجهہ سالن ڪان پوءِ ان فائيل جو "ديدار" نصيب ٿيو، تڏهن سڀ حقيقتون سامهون آيون!) خير، جڏهن موٽي آيس تہ ان فائيل جي طفيل 303 ۾ نالو اچي ويو. ڏاڍي ڪاوڙ آيم. (مون جهڙا ڪانئر جڏهن ڪاوڙبا آهن، تڏهن وڏيڪ ڦوڪبا شوڪبا آهن!) ان ڪاوڙ ۾ "پڙاڏو سوئي سڏ" لکڻ لڳس. هيڏانهن 303 واري انڪوائري هلندي رهي، هوڏانهن روز صفحن جا صفحا لکندو رهيس. اهو بہ عجيب اتفاق ٿيو جو جنهن ڏينهن (3- اپريل 1970ع) تي ناول لکي پورو ڪيم، ان ساڳي ڏينهن تي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ جو پروانو مليو. (ناول نومبر 1970ع ۾ شايع ٿيو هو.)

ان کان پوءِ جيڪي اٿلون پٿلون ٿيون، انقلاب ۽ زلزلا آيا، سي ويجهي تاريخ جو حصو آهن. انهن تي لکڻ جو نه هي وقت آهي ، نه پاڻ ۾ ان جو حوصلو ٿو پائيان. (بنيادي ڪانئرتا ڪا صحتمند علامت نه آهي!) نئين سر نئين روزگار سنيالڻ ۾ ڪجهه عرصو لڳي ويو. ڪجهه ان "تگ و دو" ۽ ڪجهه ذهني زلزلن وري بيمار ڪري وڌو. مرض اهو ساڳيو هو جيڪو لنڊن گهلي ويو هو. وري ڊاڪٽرن جي حوالي. منهنجي گهر واري سيما ۽ منهنجي هڪ پياري دوست ڊاڪٽر جماليءَ جي گڏيل سازش مون کي هڪ نئون ڊپ ڏياريو. (ڪانئر لاءِ نئون ڊپ به ڪاوڙ جو باعث بڻبو آهي.) اهو ڊپ اجا تائين طاري آهي ته جيڪڏهن لکڻ بند ڪيم ۽ ٽي ڏهاڪا پراڻي ناول کي ڇپائيءَ لائق بنائڻ لاءِ ڪم نه ڪيم ته ذهني اڌ رنگ ٽي پوندم! سخت ڪاوڙ آيم (۽ اجا تائين ڪاوڙ جي زير اثر آهيان!) نتيجو اهو ٿيو آهي ته سڄو ڏينهن روزگار لاءِ ڳهي ڳهي رات جو لکندو آهيان، ۽ ناول کي درست ڪرڻ جو ڪم اڃي پورو ڪيو اٿم.

جيئن مٿي چيو اٿم ته ناول جو اصلوڪو نالو "منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا" رکيو هوم پر جڏهن درست ڪرڻ ويٺس ته ڏٺم ته ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان ناول ٽن ڪتابن تي مشتمل آهي: "ترايالجي" (Triology) آهي. انهن مان پهرئين ڪتاب جو نالو رکيو اٿم "منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل" ٻئي ڪتاب جو نالو آهي. "تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول" ۽ ٽئين ڪتاب جو نالو ٿيندو "منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا!" سڄي ڪتاب جو نالو پوءِ به گهربل هو. ذهن تي نالو تري آيو: "پياسي ڌرتي، رمندا بادل" (هن تحريف تي نياز اڳيان شرمندو آهيان. اميد ته هو درگذر ڪندو!) ڪڏهن ڪڏهن تاريخ پاڻ ورجائيندي آهي. سنڌ جي تاريخ به شايد پاڻ کي ورجايو آهي. تازين چوندن ۾ سنڌين هڪڙو فيصلو ڏنو آهي. ان فيصلي کي سمجهڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه آهي. سنڌين وٽ نياڻي ست قرآن آهي. سنڌين وٽ هڪڙي ٻي به روايت آهي ته جيڪو سندن بنهه پنهنجو هجي، سو سندن پنهنجي حوالي سان

بي گناهہ ماريو وڃي، ان کي وسارڻ هنن جي وس کان ٻاهر آهي. هنن موهن جي دڙي جي ساک تي فيصلو ڪيو آهي. ان فيصلي جي صحيح يا غلط هجڻ جو سوال پڇڻ وارا تاريخ کي وساري ٿا وهن. هو شاهہ عنايت شهيد ۽ مخدوم بلاول شهيد کي وساري ٿا وهن. سنڌين جا فيصلا نتيجن کان بالاتر آهن. انهن کي جذباتي فيصلا سڏڻ بہ غلط آهي. اهي سپردگيءَ جا فيصلا آهن. اهي احساس جا فيصلا آهن. انهن فيصلن کي تاريخ تي چڏي ڏيڻو آهي. ڇاڪاڻ تہ لطيف فقط سنڌين لاءِ ئي هي لفظ چيا هئا تہ:

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهٽو!

تاريخ جو وهہ پيڻ ئي سنڌي قوم کي ٻين قومن کان ممتاز ۽ مختلف ڪري ٿو. عجيب ڳالهہ رڳو اها آهي تہ وهہ پيڻ کان پوءِ بہ نہ رڳو اسين جيئرا آهيون، پر جيئري هجڻ جي هامر بہ هٽي سگهون ٿا.

سراج

۴- ڊسمبر ۱۹۸۸ع

سراج جو ناول "پياسي ڌرتي، رمندا بادل" ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان ٽن ڪتابن تي مشتمل آهي؛ ٽرايالجي Triology آهي. ان ناول جو پهريون ڪتاب "منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل" (ٻه ايڊيشن نومبر 1988ع ۽ آگسٽ 1989ع ۾ شايع ٿيا)، ٻيو ڪتاب "تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول" (سيپٽمبر 1989ع ۾ شايع ٿيو) ۽ ٽيون ڪتاب "منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا" (آگسٽ 1990ع ۾ شايع ٿيو) آهي.
اهي ٽئي ڪتاب نيو فيلڊس شايع ڪيا هئا.
جيئن ته پهريون ۽ ٻيو ڪتاب اڳ ڪمپيوٽر تي نه هئا، صرف ٽيون ڪتاب هو. هاڻي ٽئي ڪتاب ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل آهن ۽ مڪمل هڪ ناول جي صورت ۾ پڪي جلد ۾ شايع ڪيا ويا آهن.

—ادارو

منهجي دنيا. ميكل وياكل

انتساب

سنڌ جي اُن پيڙهيءَ جي نالي،

جنهن

اسان جي ڳچيءَ ۾ ڳٽُ وجهڻ وقت اهو به شايد نه سوچيو
ته آزاد پکيءَ کي به پڃري ۾ بند ڪبو ته ڪيس پنهنجي لات
به لانئين لڳندي، ۽ اُن کي وساري وهندو!

سراج

پلي پلان جو تہ ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي، پر هيل جهوڪ شريف جو ميڙو واهہ جو لڳو هو. ماڻهو ائين اچي ڳاهٽ ٿيا هئا، جڻ تہ وري الائي شاهہ عنايت جي چائنٽ تي اچڻ ٿئي يا نہ. سموري سنڌ آتلي پئي هئي؛ ماڻهن ٿي چيو تہ ڀٽ جو ميڙو بہ ماڻهن کان وسري ويندو. ڪن تہ ائين ٿي چيو تہ انگريزن، پنهنجي فتح جي خوشيءَ ۾، ڪامورن کي اک هنئي هئي تہ هيل ميڙو اهڙو لڳي جو هيءُ سال ڪنهن کان بہ نہ وسري. ڪن وري ائين ٿي چيو تہ ماڻهن کي پڪ هئي تہ هاڻ جو جنگ ختم ٿي آهي تہ انگريزن جا ڏينهن بہ اچي پورا ٿيا هئا، ۽ آزادي اجهو تہ آئي. آزاديءَ جو اوسيئڙو ڪندي ڪندي ماڻهن جا نيڻ ٽڪجي پيا هئا ۽ هنن رڳو آزاديءَ جي آسري تي ئي ڇيج وجهڻ ٿي گهريا. آزادي ڇا آڻيندي، ان جو اونو ڪنهن کي بہ ڪونہ هو. ڇٽيهن ۾ جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي هئي، تڏهن بہ ماڻهن سنڌ جي "آزادي" تي خوشيون ملهايون هيون الائي ڇو ماڻهن کي "آزادي" ۽ "ڇوٽڪاري" جهڙا لفظ ٻڌڻ سان ئي خوشي ٿيڻ لڳندي هئي. شايد انهن لفظن ۾ ئي ڪا اهڙي ڳالهہ هئي، جنهن ماڻهن جي احساس جي ڪنهن اهڙي تند کي ڇيڙي ٿي ڇڏيو جنهن مان خوشيءَ جا سُر سنگيت نڪرڻ ٿي لڳا. ڇٽيهن کان پوءِ بہ سنڌ جي ٻهراڙين کي ڪو فائدو خير کو پهتو هو؛ وڏن وڏن شهري ماڻهن جيڪي خواب ڪين ڏيکاريا هئا، سي سايپيان ڪڏهن ٿيندا، سو ڪانئن ڪنهن بہ ڪونہ پڇيو هو. هيل بہ ماڻهن رڳو اها ڳالهہ ٿي ڪئي تہ انگريز ويندو تہ سموريون بي انصافيون ختم ٿي ويندیون. پنهنجا راڳ ڀاڳ هوندا. پنهنجا فيصلا ماڻهو پاڻ ڪندا. ڪاموري ڪڙي هينئر انگريزن جي اشاري تي جيڪي ظلم ٿي ڪيا، سي ختم ٿي ويندا. پوليس جو ماڻهن کي سؤ ڏهين ۾ هروپيرو ٿي ٻڌو، سو آزاديءَ کانپوءِ ڪين مجال ئي ڪانہ ٿيندي! وڏي ڳالهہ تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ٻنيءَ ٽڪر هوندو، پنهنجو صاف ستڙو گهرڙو هوندو، اسڪول ۽ اسپتالون سندن در تي هونديون، انصاف ئي انصاف جو دور هوندو! مجال آهي وڏيري جي، جو ڪنهن هاري ناريءَ کي بيدخل ڪري، يا هن جي ننگن ۾ اک وجهي! اڌ بٽئيءَ کان وڌيڪ وڏيري کي ڪجهہ بہ نہ ملندو. ٻج ۽ ڍلون بہ وڏيري جي ڪنڌي ٿيندیون. هٽ- واڻين ۽ سيٺين قرضن ۾ گرويءَ جي نالي تي زمين جا جيڪي ڪاتا ڦيرائي

ڇڏيا هئا، سي زمينون بہ اصل مالڪن کي موٽي ملنديون! جيترا هئا وات، اوتريون هيون ڳالهيون. ميڙن ملاڪڙن ۾ ننڍا نيٽا جوان توتاڙا ۽ بونبو ڪٽيو، عجب جهڙيون ڳالهيون ڪندا وتندا هئا: انگريز هيئن، انگريز هونئن: "آزادي اسان جو حق آهي"؛ "سوراج وٺي رهنداسون"! الائجي ڪٽان جي ڳالهہ ڪٽان وڃي ڪيندا هئا. وڏي ڳالهہ تہ ننڍيون نيٽيون زائفائون بہ انهن سان گڏ هونديون هيون. سي وري ماين ۽ زائفائن جي وچ ۾ ويهي آزاديءَ جي برڪتن بابت اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائينديون هيون، جو پوڙهيون پڪيون بہ چونديون هيون: "مئو ڪڏس، انگريج جي اهڙا ڪِيس ڪريو ويٺو آهي تہ پوءِ دستگير ڪيندس!"

ميڙي ۾ هونئن تہ طرح طرح جي ٽولن جا دڪان، تماشن جون لانڊيون، چوڏول ۽ چڪرا لڳل هئا، پر هيل هڪڙي لانڊي ٻهراڙي جي ماڻهن جي لاءِ خاص دلچسپيءَ جو باعث هئي، سا هئي "هاري حقدار" وارن جي. ان لانڊيءَ ۾ هڪڙي وڏي ميز تي ڪتابڙا ڍڳ ٿيا پيا هئا، جيڪي هڪڙي جوان مڙس مفت پئي ورهايا. هڪڙي ڪرڙوڍ ماڻهوءَ توتاري سان ماڻهن کي زميندارن جي ظلم ۽ وڏيرن جي هوڙهيائين جون اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون، جو ماڻهن کي ڏندين اگريون ٿي آيون. جيئن پوءِ تيئن، انهيءَ لانڊيءَ اڳيان ماڻهو ڳاهٽ ٿيندا ٿي ويا. هن همراهہ جيڪي ڪجهہ چيو ٿي، سو هن مان ڪيترن سان نس پس ائين ٿيندو رهيو هو. پر هن ڪڏهن بہ اهو ڪونہ سوچيو هو تہ ڪو خدا جو بندو اهڙو بہ هوندو، جيڪو انهن هوڙهيائين جي ائين پڌري پٽ بيهي اپٽار ڪندو! هو تہ دل جو سور دل ۾ ڪري، درگذر پيا ڏينهن گهاريندا هئا. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هئي جو هن ماڻهوءَ ٿي چيو تہ جيڪڏهن هاري ناري ۽ پورهيت پاڻ ۾ ٻڌي ڪن تہ وڏيرن جون اهي هوڙهيائون ختم ٿي ٿي سگهيون. حددخليون ۽ بيدخليون بہ بند ٿي ٿي سگهيون. ڇيڙون ۽ ونگارون بہ ختم ٿي ٿي سگهيون. هاري جيڪي اپائين ٿا، انهن تي حق ئي هارين جو آهي؛ جيڪو اپائي، سو ڪائي! اڄ جو هاري بٽئيءَ تي سمورا حصا پتيون ڏيئي، پوتڙو ڇنڊي ٿو اٽي، سو جي هاري پاڻ ۾ ايڪو ڪن تہ بٽئيءَ ۾ بہ انصاف ٿيندو. ٻج ۽ ڍل بہ زميندار تي، ڪمدار ۽ مَلي جي وَٽ بہ زميندار تي، هاري حڪما حڪمي پنهنجو اڌ ڪٽي ويندو، ۽ پنهنجي ٻچن لاءِ چار داڻا آن جا بچائي بہ سگهندو! جي هاري پاڻ ۾ ٻڌي ڪن تہ، جن زمينن مان هن جي ابن ڏاڏن سون اپائي، وڏيرن جي حويلين ۽ ڪوٺن اڏڻ جو سامان ڪيو هو، ۽ اڄ بہ پنهنجو رت ست ڏيئي، لنڊيون لتاڙي، خرارن جا خرار آٽي ٿي وڏيرن جي ڪرن ۽ گندين ۾ گڏ ڪيائون، سي زمينون ئي لاشڪ سندن ملڪ بڻجي ويندیون!

نورل بہ پنهنجي جيڏن سنگتين سان ميڙو گهمڻ آيو هو. سڀين جي دڪان

تان پيڻ لاءِ سڳين جو جوڙو خريد ڪري، هو به اچي انهيءَ هاري حقدار وارن جي لانديءَ اڳيان بيٺو. هن همراهه جو ڳالهيون ٻڌي، هو آتي ئي جمي ويو هو: ٻيلي، هن همراهه چيو ته سچ ٿي، پر اهو نظام ڪو بدلجي به سگهي ٿو، ان جي هن کي پڪ ئي ڪانه ٿي ٿي. ان پڪ نه هوندي به، هن جي دل ۾ اها ڳالهه جڻ ته پٿر تي ليڪ بڻجي ويئي ته وڏيرا سڄي جمار ڪک ڇني ٻيٽو به ڪونه ٿا ڪن، تڏهن به- پرائي مال تي، ٽوبي نراڙ تي- بٽيءَ وقت ڪري تي ائين اچي ويندا آهن، جڻ ته سموري آن تي حق رکو هنن جوئي آهي، هاري ته هرويرو نَڪ جي ڏاڍائي ڪري پيا پنهنجو حصو گهرن! نڪي جا ڪمدار ۽ ڪاراوا هارين تي حڪم ائين ٿا هلائين جڻ ته هاري ناري هنن جا زرخريد ٻانها ۽ گولا غلام آهن. پورهيو ڪندي، هنن جا ڪنڌ ڪُٻا ٿيو وڃن، تڏهن به آڪڙ هنن تي! وڏيرو اهوئي ٻلي وهٽ تي سواري ڪري، بوسڪيءَ جا وڳا پهري، سونا بٽڻ پائي، اوطاقن تي ڪيريون نچائي، ست رڇيون ڪائي، چار چار شاديون ڪري، ويهه ويهه سَريتون رکي، شڪار جا شونق ڪري، رڇن تي ڪتن جون بڇون ڪرائي! آخر ڇو؟ پورهيو ڪن هڪڙا، ڪائين پهرين پيا- اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ آخر اهو ظلم ڪيترو وقت هلندو ته جيڪو لنڊيون لتاڙي، ڊنگهر جهڙي حياتي گهاري، پورهيو ڪري سو سدائين سورن ۾: به ويلا رُکي جوئر جي ماني به نه ڪائي سگهي، پنهنجن سنهن ٻچن ۽ ننگن کي سال ۾ هڪڙو وڳو به نه ڏيئي سگهي، بيماري ٿئي، ته دوا دارونءَ لاءِ پائي به نه هجيس، نياڻي آتاري يا پٽ پرڻائي ته اهڙو قرضي ٿئي جو اهو قرض سندس پوٽا پڙ پوٽا به نه لاهي سگهن! ائين سڄي عمر ٻاٽون ڪائيندي، عذاب جي زندگي گذاريندو رهي- آخر ڇو؟ ان "ڇو؟" هن کي منجهائي وڌو هو، ۽ هو وري هاري حقدار واري همراهه جي ڳالهه ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳو، جيڪو چئي رهيو:

"اوهان مان گهڻن کي خبر آهي ته هي ميڙو ڇو ٿو لڳي؟ هيءُ ميڙو ان هستيءَ مٿان ٿو لڳي، جنهن کي شاهه عنايت شهيد ٿا سڏيون. پر اها به ڪا خبر آٿو ته هن کي ڪنهن شهيد ڪيو؟ ڇو شهيد ڪيو؟ هن کي شهيد هن حد جي وڏيرن ڪرايو، ۽ هن کي ان ڪري شهيد ڪيائون جو هن ٿي چيو ته زمين خدا جي آهي، آن تي حق ان جو آهي، جيڪو ان کي کيڙي! هنن ئي پٽن ۾ جيڪي زمينون غير آباد پيون هيون، تن کي هن جي مريدن ۽ فقيرن آباد ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪي ٿي آپايائون، سو پاڻ ۾ ورهائي ورڇي ٿي ڪنيائون. هنن کان حصو پتي ڇڪڻ وارو ڪوبه نه هو: زمينون به هنن جون، پورهيو به هنن جو ته آپت به سڄي جي سڄي هنن جي. حد جي وڏيرن زمينن کي جو آباد ٿيندي ڏٺو، تن کي اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي لڳي ته هي هَرَ- هاري، جن جي بدن تي سڄو ڪپڙو به نه هوندو هو، سي ائين سموري آپت کڻيو ٿي ويا! سو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، ميڙ ڪٽي وقت جي حاڪم

وٽ دانهين ٿي ويا ته جيڪڏهن شاهه عنايت کي هتان نه اُتاريو ويو ته سندن هر هاري به سندن زمينون ڇڏي اچي هنن زمينن کي آباد ڪندا. يا وري اها گهر ڪندا ته هو جيڪو پورهيو ڪري اُن ٿا اُپائين، ان تي سموري جو سمورو حق هنن جو آهي. ڪلهوڙن جي اڏوگابري صاحبي هئي. ميان يار محمد وڏيرن جي چوڻ تي فقيرن تي وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو. شاهه عنايت جا فقير ۽ پورهيت، جن پنهنجي پڳهر جي پورهئي سان، انهن زمينن کي آباد ڪيو هو، جهنگ وڍيا هئا، ڪيڙون ڏيئي سڌو ڪيو هو، پنهنجي رت جو ٻيجو ڏيئي اُن اُپايو، سي هي لشڪر ڏسي، شاهه عنايت وٽ دانهين ٿي آيا، شاهه عنايت کين رڳو هڪڙو گفتو چيو: "هيءُ مٽي اسان جي ماءُ جيجل آهي. اُن تان سر ويو ته گهوريو!"

لانديءَ اڳيان ميڙاڪو ٿيل ماڻهن تي ماڻ ڇانئجي ويئي. جيڪڏهن ڪنهن پڻ پڻ به ٿي ڪئي ته پاسي ۾ بيٺل ڪنهن همراهه ٺونٽ هڻي، هن کي چپ ڪرائي ٿي ڇڏي. ماڻهن کي ڇڻ ته ڪنهن اڃاتي احساس هيٺ هڪ اميد جاڳي پئي ته شل شاهه شهيد وري جيئرو ٿي پوندو ۽ هو سندس فقير بڻجي، انهن لشڪرن سان دوبدو مقابلو ڪندا. ڪن نوجوانن بنان ڪنهن ارادي جي پنهنجي شهپرن تي هٿ پئي لاٿا، ۽ سندن بدن ڇڻ سيٺجندا پئي ويا.

"پوءِ خبر اُتوَ ته ڇا ٿيو؟ وڏي جنگ لڳي، ۽ پوءِ لشڪري ائين ٿي ڀڳا ڇڻ ته جنن پوتن تي نظر پئي هئن! هڪڙا ڪرندا ويا ٻيا انهن کي لتاڙيندا، اورانگهيندا، پڇڻ جي واٽ پلجي ويا... ۽ ائين پورهئي جي طاقت ڏاڍ ۽ ظلم جي طاقت تي فتح پائي وئي!"

ماڻهن کان ٿڌو ساهه نڪري ويو، جيڪو هو ڇڻ ته ڳچ وقت کان روڪيو بيٺا هئا. هلڪي مرڪ چپن تي ڪنوڻ لڳي. اکين ۾ عجيب روشني اوتجي آئي. پر هنن جا ڪَن ايا ڪجهه ٻڌڻ لاءِ آتا هئا. ۽ همراهه ڪنگهڪار ڪري چئي رهيو هو:

"شاهه شهيد جي فتح ساريءَ سنڌ ۾ اُتل پٿل مچائي ڏني: جتي زمينون غير آباد پيل هيون، اتي نت نوان قبيلا لڏي اچڻ لڳا: آبادي ڪري وندي ورچي ڪائڻ جي اصول تي ڪيتي سرسيتي ڪرڻ لڳا. ڪن ڪن هنڌن تي ائين به ٿيو جو جاگيردارن ۽ زميندارن کي هارين ٻني ڪرڻ ئي نه ڏني: چي- زمين الله جي آهي، پورهيو اسان جو، اوهان جو ڇا؟ جيڪو اُپائي، سو ڪائي! اهو اهڙو نئون اُصول هو، جو چوڌاري چوٻول ٿي ويو. وڏيرا ۽ جاگيردار ڪلهوڙن وٽ ويا، ۽ نيٺ دهليءَ تائين مغلن وٽ دانهين ٿي ويا. ڪلهوڙن ۽ مغلن جو گڏيل لشڪر وري جهوڪ تي ڪاهي آيو. اهو لشڪر ايترو وڏو هو، ۽ شاهه شهيد جا فقير ايترا ٿورا، جو سڌي ويڙهاند ۾ سندن ڪٽڻ ڏاڍو ڏکيو هو. سو هنن مغل لشڪرين تي راتاهن جو اهڙو سلسلو شروع ڪيو جو هنن کي اها به خبر نه ٿي پئي ته حملو

ڪنهن ڪيو، ڪيڏي مهل ڪيو، ۽ ڪهڙي طرف ڪان ڪيو. سوين مغل سپاهي پنهنجي ئي پاڇي کا ڇرڪڻ لڳا. فقيرن جا سِرَ تريءَ تي هئا، ۽ مغلن جون تريون سِرن تي! پوءِ هڪڙيءَ رات، راتو رات فقيرن مغلن جي سڄي ڇانوڻيءَ کي چوڌاري سڪل ڊنگهرن جو لوڙهو ڏيئي ڇڏيو، جڏهن سڄو لوڙهو اڏجي ويو، تڏهن فقير خاص ٺهيل لوگهن وٽ ڪهاڙيون ۽ تراريون کڻي ويهي رهيا. هڪڙي فقير مقرر وقت تي، اماڙي هاري ڊنگهرن کي باهه ڏيڻ شروع ڪئي. جڏهن اماڙيءَ واري فقير چڪر پورو ڪيو، تڏهن سموري ڇانوڻي باهه جي آڙاهه جي وچ ۾ هئي! مغل لشڪري ٻن باهين جي وچ ۾ اچي ڦاٿا: جي نٿا ڀڄن تہ سڙي ٿا مرن، جي لوگهن ڏانهن ٿي ڀڳا تہ فقيرن جي ڪهاڙين جو بک ٿي ٿيا! نيٺ عاجز ٿي، آڻ مڃيائون. ان شرط تي تہ هو وري شاهه شهيد جي فقيرن کي نہ ڇيڙيندا، ۽ مغل ناظم ۽ ڪلهوڙا انهن زمينن جو پڪو پروانو فقيرن کي لکائي ڏيندا، فقيرن هنن جي جان بخشي ۽ ڪين لوگهن مان لوهه پائي ڀڄي نڪرڻ جي اجازت ڏني!

ماڻهن جي وات مان وري بہ شوڪارا نڪري ويا. "ابو...!" "صدقي شاهه شهيد تان!" "ٻيلي مڙس تہ اهي....!" ماڻهن اهڙي هيج مان ٿي اهي نعرا هنيا جڻ تہ پاڻ انهيءَ ويڙهاند ۾ شامل هئا. همراهه وري ڪنگهڪاري ڪئي، ۽ ماڻهن ۾ ماڻ ٿي ويئي.

"پر پوءِ، مغلن، ڪلهوڙن ۽ وڏيرن هڪڙي ڪيڏ رٿي ورتي. پهرين ٺٽي وڃي، مُلن مولوين کان فتويٰ لکائي ورتائون تہ شاهه شهيد ڪافر هو، ۽ جيڪو هاري ناري جهوڪ وارين زمينن تي پورهيو ڪندو، سو بہ ڪافر ٿي مرندو! جيڪو هاري جاگيردارن ۽ زميندارن کي بٽئيءَ ڪانسواءِ چوٿ، عشر (مغلن جي ڏهين پٽي) ۽ ٻيون واجبات نہ ڏيندو، سو بہ ڪافر ۽ واجب القتل ٿيندو! جڏهن اهي فتوائون هٿ ۾ آين، تڏهن بہ هنن کي اها همت نہ ٿي جو شاهه شهيد سان وري ڪو سڌو ملهالو مچائين. سو وٽس قرآن ميڙ ڪٽي ويا، ۽ ڪيس ٺاهه ڪرڻ لاءِ ٺٽي هلڻ جي دعوت ڏنائون. فقيرن شاهه شهيد کي گهٽيون ئي آزيون نيزاريون ڪيون تہ ٺٽي نہ وڃي، پر شاهه شهيد جهڙي هستي قرآن ميڙ ڪيئن موٽائي، قرآن کي عزت ڪيئن نہ ڏي! سو ٺٽي سنبري هليو. ٺٽي ۾ جنهن اوطاق ۾ مهمان ڪري رکيائونس: اُن تي راتو واهه لشڪرين کان حملو ڪرائي، ڪيس گرفتار ڪرائي، صبح جو ٺٽي جي امير اڳيان پيش ڪيائون. اُتي امير سان شاهه شهيد جيڪي سوال جواب ڪيا، سي تاريخ ۾ سونن اکرن ۾ لکيا پيا آهن. پوءِ ٺڳي، دوکي ۽ دولاب سان، مُلن جي فتوائن جي آڌر تي، هن سدا ملوڪ مرشد کي شهيد ڪري ڇڏيائون!"

مجمعي جي ماڻهن مان اوچتو درد جي دانهن نڪري ويئي. هنن ڀانيو جڻ تہ هنن جو ٻنهه کو پنهنجو ڪونڌر ڪسي ويو. ڪن کان تہ ظاهر ظهور اوڇنگارون

نڪري ويون. جيڪي ماڻ هئا، تن بہ پنهنجي اکين ۾ مرچ پوندا محسوس ڪيا. سندن اکيون ماڻ هيون پر سندن دلين ۾ وِڏَ پوندا ٿي ويا. اجا ماڻهو پنهنجي لڙڪن کي پرچائڻ ۾ پورا هئا تہ اوچتو پوليس جو اٽالو "هٿو پري، هٿو پري" ڪندو ماڻهن ۾ ڏوڪي آيو. صوبيدار سان گڏ هڪڙو مولوي ۽ رئيس گهرام خان جو ڪمدار، نبن، پنهنجي ٽن شودن سان، ماڻهن جي ميڙ کي چيريندا اچي تقرير ڪندڙ همراهہ اڳيان بيهي رهيا. صوبيدار ميز تي رکيل ڪتابڙا اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو. ماڻهن ۾ ماڻ ٿي ويئي پوليس کي لانديءَ ڏانهن وڌندو ڏسي، آس پاس جي هٿن ۽ لانڊين اڳيان بيئل تماشبين بہ تڪڙا تڪڙا لڙندا آيا.

اوچتو ڪمدار نبن سان گڏ آيل شودن مان هڪڙي تقرير ڪندڙ همراهہ کي ڪٽي ڳٽر کان جهليو، ۽ ڪيس ڏونڌاڙيندي چيائين: "ماستر، هي مولبي ٿو چوي تہ تون ڪافر آهين، ۽ اسان جي رئيس کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائين!"

ماستر پنهنجي ڳچي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "مون ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ ڪونهي ڳالهايو. صوبيدار صاحب، ڏسو تہ توهان جي سامهون هي همراهہ مونسان هٿ ڪڙنس ٿو ڪري، هن کي سمجهايو!"

صوبيدار کا گهڙي ماستر جي هراسيل اکين ۾ نهاريو ۽ پوءِ هن پنهنجي گوڏن سان ميز کي ٽيلهو ڏنو، ميز ڪتابن سوڌي اونڌي ٿي پئي. ميز جي پٺيان ڪرسي تي ويٺل جوان مڙس کي ڇڙ تہ اعتبار نہ آيو، ۽ هن جي وات مان نڪري ويو. "هيءُ ڪهڙي شرافت آهي!؟"

هن جا اهي لفظ صوبيدار کي ڇڙ ٽانڊو ٿي لڳا. هن هڪڙي ابتي چمات نوجوان کي وهائي ڪڍي. "رڍ جا پُٽ اسان کي اشرافت جا وينڙ ٿو ڏين. هڪڙو تہ ماڻهن ۾ بغاوت ڦهلائي، غير قانوني ڪم ڪريو، ٻيو وري ايڏي آڪڙا اڙي وٺي هلو ٻنهي کي ٽاٽي تي تہ ڪين اسين ٽا اشرافت سيکاريون!"

صوبيدار جي اشاري تي سپاهين اچي ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي ورتو، ۽ ڪين ڪٽيندا، ماڻهن جي وچ مان دينا داستي ائين گهليندا ويا ڇڙ تہ وڏا ڪي روپوش جوابدار هٿ ڪيا هئائون. ماڻهو ڇڙ سراپچي ويا. پوليس ۽ شودن کان ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي بدران هنن جي اکين ۾ بي اعتباري هئي، حيرت هئي. اهو سڀ ڪجهہ ايترو ترت ۽ تڪڙو ٿيو، جو جيڪي ماڻهو پريرو بيئل هئا، تن کي تہ سمجهہ ۾ ئي نہ آيو تہ ٿيو ڇا. جيڪي ويجها بيئل هئا، سي بہ دل من هٿي رهيا هئا تہ وچ ۾ پون يا نہ. جيسين ماڻهن ۾ ڪو رد عمل پيدا ٿئي، ان کان اڳ ماستر ۽ سندس ساٿيءَ کي پوليس وارا ڌڪيندا، گهليندا، لانڊين جي پٺيان هليا ويا.

اوچتو هڪڙي پير مرد کان ٽڌو شوڪارو نڪري ويو، ۽ هن رڳو ايترو چيو:

"ابا، ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٺا... سو لقاءَ پنهنجي اکئين ڏٺوسين..."

"پر بہ هڙو قهر.... هڙو انڌير...." ڪنهن پٽڪو ڪڍيو. ماڻهو ڄڻ تہ انهيءَ پٽڪي جي انتظار ۾ هئا: سڄي ميڙ ۾ چڻ ڀڻ شروع ٿي ويئي. اهي سرگوشيون پهرين هلڪيون هيون، پوءِ ڏاڍيان ٻرڻ لڳيون. هڪڙي همراهہ ڄڻ بيزار ٿي چيو: "يَرَ، حيف آهي اسان تي، جو هيڏو ظلم ڏسي بہ ماڻ رهياسون!"

"اسين ڀلا ڇا ٿا ڪري سگهون؟...."

"ٻيلي جي مڙسي ڪريو تہ هلو تہ هلون ميڙي جي ماجسٽريٽ وٽ... من ڪو انصاف ٿئي!" ڪو شهري ٿي ڏنو، جنهن وچ ۾ ڳالهہ اچلائي وڌي. پوءِ اها ڳالهوڙو بٽجڻ لڳي، ۽ ماڻهو هري هري ٿي ماجسٽريٽ جي ڪئمپ ڏانهن وڌڻ لڳا.

* * * *

نورل بہ پنهنجي سنگتين سوڌو ماڻهن جي انبوهہ سان ماجسٽريٽ جي ڪئمپ وٽ پهتو. هونئن تہ پوليس جي هوڙهيائين بابت هن گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌيون هيون، پر اڄ جيڪي ڪجهہ اکين سان ڏٺو هئائين، تنهن هن کي حيرت کان وڌيڪ مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هو. پوليس تہ چورن، رهزنن ۽ خونين کي ٻڌڻ لاءِ هوندي آهي: هن غريب ماستر ۽ سندس ساٿيءَ سان اها جٽ ڇو ڪيائون؟ هن اهو بہ ٻڌو هو تہ وڏيرن جي چورت تي هارين نارين کي، پوليس ڪوڙا ڪيس ٺاهي، ٻڌي ويندي آهي. هن ماستر وڏيري جي ڪهڙي ٻلي ماري هئي جو پوليس ائين بچ ڪري آئي هئي! هن ماستر تہ شايد سڀ ڳالهيون سچيون سچيون پئي ٻڌايون. ڇا سچي ڳالهہ ڪرڻ ڪو ڏوهہ هو. ڀلا اهو "بغاوت" جو ڏوهہ ڇا ٿيندو آهي؟ ڇا سچي ڳالهہ کي تہ بغاوت ڪونہ ٿا چون؟ ۽ هن مولويءَ ماستر کي "ڪافر" ڇو چيو هوندو؟ ڪافر تہ واٽين کي سڏيندا آهن. هي ماستر تہ مسلمين ٿي ڏنو. متان شاهہ شهيد جون ڳالهيون ڪرڻ ڪفر هجي! يا هارين نارين جي ڳالهہ ڪرڻ ۾ بہ ڪفر هجي تہ ڪهڙو شڪ؟ هن جي دل چيو تہ هو ڪنهن ڪان اهي ڳالهيون پڇي ڏسي تہ ڪير سچو هو، ڪير ڪوڙو؟

ماجسٽريٽ ماڻهن جو هل هنگامو ٻڌي پٽيوالي کي موڪليو تہ خبر وٺي تہ هي گوڙ ڇا جو هو. پر پٽيوالي جو ماڻهن جو مڃريل انبوهہ ڏٺو، سو پاڻ هيسجي ويو. اندر وڃي صاحب کي سڏي آيو. ماجسٽريٽ ٻاهر نڪتو تہ گهڙيءَ لاءِ ماڻ ٿي ويئي. هر ڪو ڄانئين تہ ٻيو ڪو ڳالهہ چوري. نيٺ هڪڙي اڏڙوٽ، چاپئين ڏاڙهيءَ واري همراهہ همت ڪئي، ۽ هيڪندي سڄي ڳالهہ سربستي ڪري ٻڌائي. ماڻهن اڳيان وري سڄو منظر هُري آيو تہ ڄڻ چٽنگ وري ڏکي پئي، ۽ چوٻول شروع ٿي ويو: "هڙو انڌير.... هيڏو بيداد!..... انصاف ٿيڻ کپي!"

ماجسٽريٽ کا گهڙي ائين بيٺو رهيو. سندس منهن تي فقط بيزاريءَ جو تاثر

هو. هڙا اڙيا تڙيا انبوهہ هن گهٽا ڏٺا هئا: هي ميرا سيرا ماڻهو، هي گوڏيون ۽ ڦاٽل سٽيون پاتل ڪارا ڪوجها ماڻهو.... جن کي الائي ڪيترا ڀيرا سؤ ستين ۽ سؤ ڏهين ۾ ٻڌندو رهيو هو.... هن ڀڻ ڀڻ ڪندي چيو: "ويجو وڃي ميڙو ڏسو.... سرڪار پاڻهي انصاف ڪندي!" ۽ هو اندر وڃڻ لاءِ مڙيو.

اوچتو نورل جي وات مان لفظ ڇٽي نڪتا "انصاف نہ ٿيو تہ اسين پاڻ ماسٽر کي ٿاڻي تان ڇڏائي ايندا سين: مڙس مڙس جو مٽ آهي. صوبيدار هوندو تہ پنهنجي گهر هوندو.... اسين شاهہ شهيد جي ميڙي تي هڙو بيداد ٿيڻ نہ ڏيندا سون." اهي لفظ ٻڌي انبوهہ ڇڻ نئين سر چڙي پيو، مڇرجي پيو. هن ڪنڌ کان هُن ڪنڌ تائين چهرا لفظ ٻڌجي ويا: "هائو"... "بلاشڪ"... "ائين ظلم سهبو تہ پاڻ وڏيڪ شير ٿيندا".... "هلو تہ ٿاڻي تي هلون"... "جيڪو ڀاڙي ٿئي، سو هتان ئي موٽ ڪائي!"

انبوهہ جو رويو، ائين ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍندي، بدلجندو ٻرُ ٿيندو ويو. ماجسٽريٽ وري ٻيهي رهيو. مار! هي ميرا سيرا ماڻهو تہ مرڳو ٿا ميڙو ڦٽائين. هن جي بيزاري حرفت ٻڌجي ويئي. مڃاڻ ڪو وڏو ملهالو نہ مڇي. اهو سوچيندي هن چيو: "بابا، انصاف ضرور ٿيندو، آءٌ تو پاڻ ٿاڻي تي هلان. جي ماسٽر ۽ سندس همراهہ بي گناهہ آهن تہ پوليس ڪين ڇو ٻڌندي؟ پوليس کي بہ آخر ڪنهن دانهن ڏني هوندي نہ... خير هلو تہ ڏسون!"

ماجسٽريٽ اڳيان، ماڻهو پويان. ٿاڻي تائين پهچندي، ماڻهن جو ميڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو: ڪي ماڻهو رڳو تماشي ڏسڻ لاءِ تہ ڪي وري تجسس ڪاڻ اچي انبوهہ ۾ شامل ٿيا. ٿاڻي جي بنهہ اڳيان، انبوهہ ٻيهي رهيو. ڇڻ تہ ٿاڻي ۽ پوليس جي ويجهائيءَ ڪين اوچتو ڊيڄاري وڌو هو. ماجسٽريٽ ٿاڻي ۾ سڌو صوبيدار جي ڪمري ۾ هليو ويو. ٻاهر ماڻهن جي انبوهہ ۾ هڪ چرندڙ پرندڙ ماڻ ڇانيل هئي. هن جي چپ ۾ بہ ٻڙاڏا هئا- اڃاتا، غير محسوس! جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن اهي ٻڙاڏا بہ آواز بنجڻ لڳا ۽ انهن آوازن جا نوان ٻڙلاءِ صوبيدار جي ڪمري جي ديوارن مان پار اُڪري، صوبيدار ۽ ماجسٽريٽ جي سرگوشين تي ڇانئجڻ لڳا، غالب پوڻ لڳا، ۽ سرگوشيون شڪست ڪائي چپ ٿي ويون.

ماجسٽريٽ ماسٽر ۽ سندس ساٿيءَ کي ساڻ ڪري ٻاهر آيو. ماسٽر ۽ سندس ساٿيءَ کي اتيئي ڇڏي، هڪ نئين بيزاريءَ مان قدم ڪڍندو نڪري ويو. ماڻهو ڪجهہ دير هن کي ويندو ڏسندا رهيا. پوءِ هنن نئين سر ماسٽر ۽ سندس ساٿيءَ کي ڏٺو جن جا مُنهن سُڄي پيا هئا. هو حيران هئا تہ سندن ڇوٽڪارو ايترو ترت ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو هو. پر ماڻهن جو انبوهہ ڏسي هنن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ

ٻر اچي ويئي. هنن جي سڄيل منهن تي هڪ نئين نکوري مرڪ ڦهلجي وئي. ان مرڪ ٻر هڪ نئون اعتبار موٽي آيو، نئون اعتماد اچي ويو. انبوهه جا ماڻهو به مرڪي پيا. هنن جي ان گڏيل مرڪ ٻر به هڪ نئين ڄاڻ هئي، نئون اعتماد هو. ماسٽر ۽ هنن جي احساس ۽ ان هڪجهڙائيءَ هنن کان اها ڳالهه به وسارائي ڇڏي ته پوليس ساڻن ظلم ڇو ڪيو هو. ان ٻر ڪمدار ۽ مولويءَ جو ڪيترو هٿ هو؟ هنن لاءِ ڄڻ وڏيڪ پائدار حقيقت اها هئي ته هنن گڏجي بيداد کي منهن ڏنو هو.

ان احساس هيٺ جيڪو تيڪو پاڻ وڏي، ماسٽر ۽ سندس ساٿيءَ سان ڀاڪر پائي ملڻ لاءِ آتو هو. نورل جيڏي مهل بي اختيار ٿي ماسٽر کي ڀاڪر پاتو ته هن کي ماسٽر جي اکين مان اڻ- لکا لڙڪ به نظر آيا. اهو سوچڻ وقت هن کي اهو به محسوس ٿيو ته خود سندس اکيون به آڳمجي آيون هيون، ۽ هن جي نڙيءَ ٻر ڪا ڳنڍ اٽڪڻ لڳي هئي. هو نه ماسٽر جي لڙڪن جو ڇيد ڪري سگهيو، نه پنهنجي ان احساس جو!

(٢)

نورل کي هونئن تہ ملاکڙي ڏسڻ جو ڪو گهڻو شوق نہ هو، پر ماسٽر سان وعدو ڪيو هئائين- سو اڄ وري ميڙي لاءِ سنبريو هو. شاخ جو ڪَپَ ڏيئي، جڏهن هو موري ٽپيو، تڏهن بہ ماسٽر بابت پڻي سوچيائين. ڪالهوڪو سڄو واقعو وري هن جي اکين اڳيان ڦري ويو: ۽ هڪ نئين سمجهہ هن جي ذهن ۾ ليا پائڻ لڳي. اڳي جيڪي ڳالهيون هو سمجهي نہ سگهيو هو، اهي بہ ڄڻ ڪنهن ڏنڌ مان هن جي اکين ۾ گهورڻ لڳيون هيون.

انهن خيالن ۾ ئي هو تہ پويان ايندڙ ٽلين جي آواز ڏانهن هن جو ڌيان ڇڪجي ويو. هن مڙي پويان نهاريو: زائفائن سان پريل هڪ ڍڳي گاڏي، رستو صاف ڏسي تڪڙي تڪڙي پئي آئي. گاڏيءَ واري جون هڪلون ويجهيون پونديون ويون. ڍڳن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل ٽلين جو آواز بہ تڪڙو تڪڙو ويجهو پوندو ويو. "ڪهي ڪهي..." ڏڏڙ جي هڪ ڪڪر مان، هن گاڏيءَ واري جو آواز ٻڌو، ۽ هو رستي جي ڀر جهلي بيهي رهيو تہ جئن گاڏي مٿي وڃي.

اوچتو هن "گهوگهو... پين پين" جو زوردار آواز ٻڌو، ۽ ان سان گڏ موٽر جي "گهرڙ گهرڙ" جو آواز ويجهو پوندو ويو. ڏڏڙ جي بادلن کي پويان ڇڏيندي، هن جيپ کي تيزيءَ سان پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو. ڏڏڙ هوندي بہ هن سڃاتو تہ جيپ هلائيندڙ وڏيري گهرام جو پٽ گلڻ خان هو. جيپ ڏڏڙ جا ڏوڙيا اڏائيندي، ڍڳي گاڏيءَ جي پويان اچي ڍري ٿي ويئي. رستو بنهہ سوڙهو هو، ۽ ڍڳي گاڏيءَ کي رستي کان هيٺ لاهڻ جي ڪا واهہ ڪانہ هئي. هڪڙي پاسي شاخ هئي، ۽ ٻئي پاسي وڏا وڏا گهانچا. هن ڏٺو تہ گاڏيءَ واري اڳيان ٿورو پَٽ سڌو ڏسي، گاڏي آڏي بيهاري ڇڏي تہ جيپ هٿي وڃي. جيپ گاڏيءَ جي پاسي کان لنگهي وڃڻ بدران، گاڏيءَ جي پويان بيهي رهي. عين ان وقت وڏيري زور زور سان هارن وڄائڻ شروع ڪيو: "گهوگهو.... پان .... پين پين...." جي آواز سان گڏ، جيپ جي انجڻ مان بہ زور زور سان "گهرڙ گهرڙ" جو پڙاڏو اٿيو، ۽ جيئن پوءِ تيئن اهو آواز وڌڻ لڳو. ڍڳن ٽهڻ شروع ڪيو، ۽ هڪ گهانچي ڏانهن گاڏيءَ کي گهلڻ لڳا. گاڏيءَ وارو، رينن کي ڇڪي، ڍڳن کي بيهارڻ خاطر، سڄو پوئتي هيٺو ٿي ويو. ان وقت وري انجڻ جي "گهرڙ .... گهرڙ" جو زوردار آواز ٿيو، ۽ ساڳئي

وقت هارن جي "پان پان... پين پين" جو آواز لاڳيتو انجڻ جي آوازن جي موٽ ڏيڻ لڳو. هن ڏنو ته جيپ جو ڊرائيور محض رونشي خاطر زور زور سان انجڻ ۽ هارن مان ڊيڄارينڊڙ آواز ڪڍي رهيو هو.

اوچتو ڍڳن سَٽ ڏيئي، گهانچي ڏانهن موڙ ڪاڌو. رينون گاڏيءَ واري جي هٿن مان نڪري ويون. گاڏيءَ جو هڪڙو چاڪ ٽڙاڪ ڪري گهانچي ۾ لهي پيو. ان پاسي واري ڏاند جا پيرا ٽڙيا، ۽ گوڏن ۾ گسڪندو، منهن ۾ لڙڪي پيو. گاڏيءَ وارو به اڇلجي گهانچي ۾ وڃي ڪريو. ٻه زائفائون گاڏيءَ مان اڇلجي، ٻَهَرَ جي سڪل ڊنگهرن مٿان اچي ڪريون. ۽ پوءِ هن ڏنو ته جيپ زور زور سان "پان پان" ڪندي ڏوڙ جا واچوڙا اُڏائيندي لنگهي ويئي. جيپ ۾ ويٺلن جا ٺهڪ هن جي ڪنن ۾ شيهو پگهاريندا ويا.

نورل اَمالڪ ٽپ ڏيئي گهانچي ۾ لهي پيو. پهرين ته گاڏيءَ واري همراهه کي اچي اتاريائين؛ همراهه جي مٿي مان رت ٽينڊيون ڪري پئي وهيو. سندس هڪڙي ٻانهن ٽوٽ وٺان پئي لڙڪي. هن جي هٿ وجهڻ سان همراهه کان دانهن نڪري ويئي. جيئن تيئن ڪري، هن کي سهارو ڏيئي، گهانچي کان مٿي ٽپائي کيس اتي ئي ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ پاڻ تڪڙو تڪڙو وري گهانچي ۾ لهي پيو. ڊنگهر هٽائيندي، پهرين هن هڪڙي زائفان کي اَتاريو، ۽ ان کي به سهارو ڏيئي، آٿي گاڏير جي پير ۾ ويهاريائين. پوءِ وري ٻي زائفان وٽ پهتو. هن جي ٻانهن ۾ هٿ وڌائين ته هن کان ڪيڪ نڪري ويئي. هن ڏنو ته هڪڙي سنهي ڪاٺي ڀڃي چَپَر جيان هن جي ڏوري ۾ گهڙي ويئي هئي، ۽ رت زائفان جي چولي جي ٻانهن کي ڳاڙهو ڪندو، ڪرائيءَ کان ٽيندو، هٿ جي آڱرين تائين اچي پهتو هو. نورل پنهنجو پٽڪو لاهي، ٻيٽو ڪري هن جي ڏوري جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيو ۽ ڪيس هنج ۾ ڪٽي آٿي گاڏي واري جي پير ۾ ويهاري ڇڏيائين. هن کي اتي ويهاري وري گهانچي ۾ لهي پيو، ۽ ڪريل ڏاند کي اَتاري، پاڄاريءَ وٺان زور ڏيئي ڍڳن کي پوئتي موٽڻ جو اشارو ڪيائين. ڍڳا پوئتي هٽيا، پر گهانچي ۾ لٽل چاڪ مٿي چڙهي ئي نه .گاڏيءَ ۾ اڃا به ٻه زائفانون ڪروندڙيون ٿي ويٺيون هيون، ۽ ڊپ کان پنهنجي اجرڪن ۾ وڌيڪ ويڙهجي ويون هيون. هنن جو هن جوان مڙس کي اڪيلي سر گاڏيءَ کي پوئتي ڌڪيندي ڏنو، ته جيئن تيئن ڪري اٽل گاڏيءَ مان هيٺ لهي آيون. ڊپ ۽ حيرت کان سندن اکڙيون به ڳلي ويون، پر هنن کي ان جو هوش ڪونه هو. هو وڏي وڃي ڦٽيلن پيڙيون ٿيون!

نورل ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، ڪٽي چاڪ کي ڪلهو ڏنو. زور لائڻ سان هن جي ڪنڌ جون رڳون سيٽجي ويون. هن جي اندر ۾ ڪاوڙ جو ڪهرام متل هو. جيڪڏهن وڏيرو گلڻ ان وقت سندس سامهون هجي ها ته هوند ڪيس خفا خون

ڪري وجهي ها! ان ڪاوڙ مان هن وري چاڪ تي زور لاتو، ۽ چاڪ گهانچي جي ڊپ ٽپي، مٿي چڙهي پيو. پوءِ ڊڳن کي ٻچڪاريندو، هو گاڏي پوئتي ڪندو، سنئين پٽ تي وٺي آيو. هڪڙي ڏاند جي جنگهه ڦٽجي پيئي هئي، سو پنهنجي ٽنگ مٿي ڪٽي بيهي رهيو.

هن هڪڙي اتاڃري نظر گاڏيءَ تي وڌي؛ گاڏيءَ ۾ ٻه رليون وڃايل هيون. هڪڙي هڙ ٻه نظر آيس، جنهن ۾ ديڳڙي ۽ ٻه ٽي ٻيا ٿانو ٻڌا پيا هئا. هن هڙ کولڻ بنان ئي ، هڪڙي پاسي کان ڇڪي، هڪڙو وٺو ڪڍي ورتو. شاخ مان پاڻي ڀري، هو گاڏيءَ واري همراهه وٽ آيو، ۽ وٺو اڳيان جهلي بيهي رهيو؛ ڇڻ ڳالهائڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. همراهه وٺو هن کان وٺي، ٻه ڏڪ پاڻيءَ جا ڀري ڇڏي ويٺو؛ "ڀائو، تنهنجا لک ٿورا...."

نورل کو جواب نه ڏنو. رڳو ڪيس ايترو اشارو ڪيائين ته زائفائن کي پاڻي پياري. هن پاڻي پيتو ته ڇڻ سامت ۾ اچي ويون. هاڻ هن جي حيرت، اچرج ۽ ڊپ لهڻ لڳو هو. هن وري به ڪجهه نه ڳالهايو، ۽ رڳو اشارو ڪيائين ته هلي گاڏيءَ ۾ ويهن. گاڏيءَ واري همراهه کي سهارو ڏيئي، هو گاڏيءَ تائين وٺي آيو، ۽ پوءِ زائفائن کاڻ هڪ پاسي ٿي بيهي رهيو. جڏهن سڀ گاڏيءَ ۾ ويٺا تڏهن هن ڊڳن کي ٻچڪاريندي، ميڙي ڏانهن رخ رکيو. هن اهوئي سوچيو ته ميڙي ۾ ضرور ڪو سرڪاري ڊاڪٽر هوندو جتي هن جي ملم پٽي ٿي سگهندي. هڪڙو ڏاند ڦٽيل هو، ان ڪري گاڏي هري هري ميڙي ڏانهن هلڻ لڳي. ان ماڻائتي چال سان ٽلين جو آواز به مانو ۽ غمگين بڻجي ويو.

خاموشيءَ کي وري به گاڏيءَ واري همراهه ٽوڙيو، ۽ پنهنجي سچائپ ڪرائيندي چيائين ته هن جو نالو يار محمد هو. ٻن ڪوهن جي پنڌ تي سندن ڳوٺ "جڙئي پنوهر جو ڳوٺ" هو. پنهنجو زمين ٽڪر هون، ۽ مالوند ماڻهو هئا. مڙئي خبر جي پئي گذري. ميڙي گهمڻ ۽ زيارت ڪرڻ آيا هئا.

هن به پنهنجي سچائپ ڪرائي؛ نالو نورل هوس. اصل ڪاڇي جا هئا. هن پٽ ۾ لابارو ڪمائڻ ايندا هئا. ٿاٽي بولا خان ۾ به مائٽ هئس پر هتي مامن وٽ ترسيل هو، جيڪي سيٺ سيرومل جا هَر- هاري هئا. هتان ڪوهه ڪن پنڌ تي سندن لانڊيون هيون. هو به ملاڪڙي ڏسڻ لاءِ پنڌ پيو هو.

لهندڙ سج، مانڙي ڪري؛ اولهه پاسي لڙندو ويو. گاڏيءَ ۾ موجود ماڻهن مان ڪنهن به نه ڳالهايو. نورل به چپ هو، پر سندس اندر ۾ گهمسان متل هو. وڏيري جي جيپ جو سوچيندي ئي، هن جي اکين ۾ رت لهي ٿي آيو. سندس ڪنن ۾ به رت ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳو هو. هن جا هٿ ڊڳن جي رينن ۾ ايترو زور سان ڪپي ٿي ويا جو هن جون آڱريون به پوسرڻ ٿي لڳيون. هن کي پنهنجي دل

ڦنڊجندي، سيني کان ٻاهر اچڻ لاءِ آتي ڀانڄڻ لڳي. الائي ڇو، هن کي وري ماستر ياد اچي ويو. ماستر جون ڳالهيون ياد اچي ويون: وڏيرن کي ايڏو بانور رڳو ان ڪري آهي جو هنن کي خبر آهي تہ هنن کي روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪير ڪونهي. هاري ناريءَ جي مجال آهي، جو سندس اڳيان ٻڙڪ ٻولي. پوليس تہ هونئن ئي هنن جي اوطاقن جي سلامي آهي. حڪومت جا ڪامورا ڪڙا هنن جي گيدي ۾ پيا آهن. پر ٻہ آخر ڪيستائين؟ ماستر تہ اهو ٻہ ٿي چيو تہ جيڪڏهن هاري پاڻ ۾ همراهي ڪن تہ وڏيرن جي مجال آهي جو اهي هوڙهيائيون ڪن؟ پر اها همراهي، اها ٻڌي ڪٿان اچي؟ ايندي ٻہ الائي نہ؟ جيسين ٻڌي اچي، تيسين هي ڪوچرايون ڪيئن بند ٿينديون؟ منٽ ميڙ سان؟ پٽڪو لاهي ڳچيءَ ۾ وجهڻ سان؟ وڏيرن جي ڪٽ اڳيان پَٽَ تي وهڻ سان؟

اوچتو نورل جو سڄو بت سيٽجي ويو. نہ نہ، هوڙهيائيءَ کي هوڙهيائي سڏبو- وڏي واڪ، ماڻهن جي سامهون. پوءِ ڀلي ڪنهن کي ڏکي لڳي. آخر ماستر ٻہ تہ، سر تان سانگو لاهي، وڏي واڪ، سوين ماڻهن جي اڳيان ظلم کي ظلم سڏيو هو. پر پوءِ... ماستر سان ڪهڙي جٽ ٿي هئي. اها ڳالهہ ياد اچڻ سان، هن جي بدن جي سيٽ ڍري ٿي ويئي. وڏيرن سان ڪوئنسڻ منجهہ عزت وڃڻ جو ڊپ آهي. هنن جا وهاريل شودا، هنن جي پاڻارين تي پلجندڙ چور ۽ رهزن حياتي وهہ ڪري ڇڏيندا! پر ٻہ، مڙس مڙس جو مٽ آهي. لٽ جو جواب ڏکي سان ٻہ تہ ڏيئي سگهجي ٿو. ائين مائڙي ڪري، مارجي وڃڻ کان تہ اها ڳالهہ ڀلي آهي تہ چئن شودن کي ماري پوءِ مرجي! ڪجهہ تہ ظلم گهٽجندو؟ هن جي بدن جي سيٽ وري موٽي آئي: ها ها، مڙس مڙس جو مٽ آهي. پٽڪي جو ور ڪنهن ملهہ جو سندرو ٻہ ٿيندو آهي!

انهن سوچن ئي سوچن ۾ هو ميڙي تائين پهتو. پڇائون ڪري، هن وڃي ڊاڪٽر کي هٿ ڪيو، جيڪو لوڪل بورڊ پاران ميڙي ۾ ڊيوٽي تي هو. ڊاڪٽر زائفان جا زخم ڏوئاري پٽيون ٻڌارايون، ۽ ڪين دلداري ڏنائين تہ ڪا خوف جي ڳالهہ ڪانهي: ڪنهن کي ٻہ هڏائون ڏڪ ڪونہ لڳو هو. يار محمد جي ٻانهن ٻہ ڀڳي ڪانہ هئي، سنڌ ڪان نڪري پئي هئي. ڊاڪٽر ڳالهين ئي ڳالهين ۾ نورل ۽ ڊريسر جي مدد سان، سٽ ڏيئي، هن جي ٻانهن وري سَنڌ ۾ ورائي ڇڏي. يار محمد سور ڪان سڄو پيلو ٿي ويو. سندس اکين ۾ ڏنڌ ۽ لڙڪ ڀرجي آيا، پر وات مان "اونهہ" ٻہ نہ ڪيائين. پوءِ ڊريسر سندس ڪلهي کان ڪرائيءَ تائين پٽيون ويڙهي، سندس ئي پٽڪي مان لڙڪٽي ٺاهي، ڳچيءَ جي پويان ٻڌي، ۽ يار محمد کي چيائين تہ هفتو ڏهہ ڏينهن، ٻانهن انهيءَ لڙڪٽيءَ ۾ لڙڪائي رکندو تہ پاڻهي چڱي ڀلي ٿي ويندي، ۽ سور ٻہ لهندو ويندو. جڏهن ملم پٽي پوري ٿي تہ پريان

دهلارين جي ملاڪڙي جي ڏمال ڪن تي پين.

نورل وري بہ هنن کي گاڏي ۾ ويهاري، يار محمد جي ڳوٺ ڏانهن موٽڻ جي ڪئي. ميڙي جي وچ مان لنگهندي اوچتو هن جي نظر وڏيري جي جيپ تي پيئي، جيڪا هڪڙي لانڊي اڳيان بيٺي هئي. ڪجهہ ماڻهو بہ جيپ کي گهيرو ڪريو بيٺا هئا. هنن لاءِ جيپ تہ عجب جهڙي شيءِ هئي. هنن جي منهن تي عجب، حيرت ۽ شايد ڪنهن اجائي ڊپ جون ريکائون هيون. جيپ هنن لاءِ وڏيري جي شان ۽ دبدبي سان گڏ وڏيري جي وڏندڙ زوراوريءَ جو اهڃاڻ بہ هئي. جيپ تي نظر پوندي ئي، نورل جو رت وري سندس ڪنن ۾ ڳڙڻ لڳو. سندس لوندڙين ۾ ڏڏڪا ٿيڻ لڳا. سندس ٻانهن ۾ نئين سر سيٽ اچي ويئي.

ماڻهن جا هشام پئي لانڊين اڳيان آيا ويا. هڪ طرف چوڏولن جو گوڙگهمسان هو. ٻئي پاسي دڪاندارن ۽ گهورڙين جون رڙيون هيون. هڪ ويجهي لانڊيءَ مان بينن ۽ مرلين جو گڏيل آواز وراڪا ڪندو پئي آيو. پريان ڪنهن لانڊيءَ مان رکي رکي گهنگهرن ۽ ڇير جو ڇمڪو بہ ڪن تي ٽي پيو. پر اهي سمورا آواز نورل جي ڪنن ۾ زوزاٽ ۽ لوندڙين جي دريا کي ماڻو نہ ڪري سگهيا. لانڊيءَ اڳيان پهچي، ڏاندن کي ٻچڪار ڏيئي، بيهاري، هيٺ لهي آيو. لانڊيءَ جي اڳيان ماڻهن کي هٽائيندو، هو لانڊي جي اڳيان، منهہ جي مهاڙيءَ وٽ بيهي رهيو. اندر ٻہ ٽي ڪتون پيل هيون. ٻيون ڪتون خالي هيون: فقط هڪڙي ڪٽ تي وڏيرو گلڻ، ٻن وهاڻن کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. هيٺ تڏن ۽ تئونرين تي ڏهاڪو ڪن ماڻهو ويٺا هئا. ڪن کي ڪانيون ٻڌل هيون، تہ ڪي ائين ئي پٽلي ماريو ويٺا هئا. هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ٻہ همراهہ ڏنڊي ڪونڊي ۾ ٽاڏل گهوٽڻ ۾ مصروف هئا. سندن پير ۾ پاڻيءَ جي هڪ ننڍي نادي هئي، جنهن جي ڍَڪ مٿان ٽڪر جون ٻہ چلون رکيو هيون.

نورل هڪل ڪئي: "وڏيرا، توکي حياءِ ڪونہ ٿو ٿئي جو ائين راهہ ويندن سان ڪوچرايون ڪندو وتين؟ ڏس تہ تنهنجي هوڙهيائيءَ ڇا ڪيو آهي. هن مڙس ماڻهوءَ کي تہ ڪٿي ڇڏ، ڏس تہ هنن زائفائن جو ڪهڙو حال ٿيو آهي! اِهي بہ ڪنهن جا ننگ آهن. جيين جا مالڪ ٿيا آهيو تہ ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ راهہ ويندن کي مارينداوتو. ڪجهہ تہ شرم حياءِ ڪريو ها!"

هن جي هڪل تي ماڻهو آهستي آهستي هن جي پويان گڏ ٿيندا ويا، ۽ پوءِ ماڻهن پوئتي نهاري، ڍڳي گاڏيءَ ۾ ويٺل يار محمد کي ڏٺو، جيڪو ڳچيءَ ۾ ٻانهن لڙڪايو ويٺو هو، مٿي تي بہ پٽيون ٻڌل هئس. هنن جي نظر زائفائن تي بہ پئي، جن جا ڪپڙا رت جي ڏهن هاڻا هئا. هنن جون نظرون وري لانڊيءَ اندر موٽي ويون، ۽ هنن اُتي وڏيري گلڻ خان کي وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل ڏٺو: نظرن جي

اها موت، هن ۾ ڪا سمجهه ڪٿي آئي. گهڙي دير اڳ جا حيرت ۽ حشمت هن وڏيري ۽ سندس جيپ لاءِ محسوس ڪئي هئي، هاڻ ان جي بدران ڪا اڃاتي نفرت، هن جي اندر ئي اندر لهرون هڻڻ لڳي. ماڻهن ۾ سَس پَس ۽ چڻ ڀڻ پئجي ويئي. "ادا، پيٽ- ڀرائي ان کي چئبو آهي!" ڪنهن چيو: "ڀائو، ان کي غريبان مار چئبو آهي!" هڪڙي پرئي مڙس زور سان ڪانگهارو ڪڍندي چيو: "هڙن سان اها ڪار ڪجي جو ڪارو منهن دانگيءَ مان ڪري، گڏهه تي ابتو چاڙهي گهمائجين!"

وڏيرو اهڙو ڪڇي، جهڙي پٽ. وهاڻن تان مٿيرو تي، ٽنگون هيٺ لڙڪائي، ڦڪائي لڪائڻ لاءِ ڪجهه چوڻ تي هو ته سندس همراهن مان هڪڙو ڪانپ چوڙي آتيو، ۽ پاسي ۾ رکيل لوڙهه کڻي، گار ڏيئي، نورل تي اُلر ڪري آيو. ڪجهه ماڻهو هيسجي پوئتي هٽي ويا. پر نورل وار پنهنجي هٿ تي روڪي، سٽ ڏيئي، لوڙهه شودي ڪان ڦري ورتي. پوءِ لوڙهه کي، گوڏي تي هڻي، ٻه ٽڪر ڪري، اڇل ڏنائين ته ٻئي ٽڪر وڃي وڏيري جي لڙڪندڙ پيرن وٽ پيا. ٻيءَ گهڙيءَ حملي ڪندڙ همراهه سان ٻڪين پئجي ويو. سندس اُبداڻي ۾ هٿ وجهي کڻي مٿي کنيائيس، ۽ ڪيس اهڙي اڇل ڏنائين جو منهن ۾ اچي ماڻهن منجهه ڪريو. ماڻهن کي الائي ڪاوڙ هئي يا رؤنشو سجهين، سو ڪنهن لت هنيس ته ڪنهن بُجو- سَٽ سٽان تي ويئي.

ماڻهن جي ان گوڙ ۾ وڏيرو آتيو. ساڻس گڏ ئي همراهه ٻيا به آتيا. چارئي ڇٽا ڪلها هٽندا اچي جيپ تائين پهتا. وڏيري گلڻ تڙتڪڙ ۾ جيپ اسٽارٽ ڪئي. جيپ جي "گهرڙ..... گهرڙ" تي ماڻهو هٿي پاسي ٿيا، ۽ جيپ تيزيءَ سان، جهٽڪو ڏئي اڳيان وڌي ويئي. ماڻهو وڏيري ۽ سندس ماڻهن کي، ڪا گهڙي ويندو ڏسندا رهيا. پوءِ اوچتو هن کي وڏيري جو شودو ياد اچي ويو: ۽ نئين سر ڏکن بُجن سان ورائي ويس!

ڪنهن چيو: "ابا، تون ته انب شيدي واري اُچل ڪري آيو هئين؟ هاڻي ڇو مکر ڪري ڪٿي ماڻ ڪئي اٿئي؟!"

شودو ماڻهن کي ٻانهون ٻڌڻ لڳو: "ٻڌي، مون کي بشڪ ڪريو. قرآن ميڙ اٿو. نيائين ميڙ اٿو، مون کي بشڪ ڪريو!"

انهن لفظن تي سمورا هٿ روڪجي ويا. هڪڙي پرئي مڙس چيو: "بابل! وڏيرن جي ٽڪر ڀور تي پلجڻ وارن مان ماڻهپو موڪلائي ويندو آهي، ۽ باقي بچندا آهن هڙا سوئر! سو هاڻ ڇڏيوس ته وڃي ماڻس کي ڪو يار وٺي ڏئي!"

نورل ماڻهن جي گوڙ مان هلندو، ڍڳي گاڏيءَ تائين آيو، ۽ ڍڳن کي ٻچڪاريندو، گاڏيءَ کي رستي تي ڪاهي آيو.

(٣)

جسٽرسي پنوهر جو ڳوٺ، سنڌ جي انهن ڳوٺن مان هو، جتي زندگي ايا لوڙهن ۽ ڍنگهرن ۾ گهيريل هئي. انهن لوڙهن ۽ ڍنگهرن پويان ماڻهو ۽ مال گڏ گذاريندا هئا؛ جتي ماڻهن جي هڪلن ۽ سڏ واڪي سان گڏ ماهي ۽ ڳائي مال جون رنيون، ٻڪرين ۽ رڍن جا ٻيڪڙاڻ ۽ ٻلن وهتن جون هٽڪارون صبح جي آجيان ڪنديون هيون؛ چڙن ۽ ٽلين جي لاڳيتي ٽلڪار، پري ڪان آتندڙ نڙ جي لئہ جي پس منظر ۾ شام کي الوداع ڪندي هئي. ڳوٺ جي ماڻهن جي حياتي ڪير جي ڳوهن وانگر اڇي اجري ۽ پوتر هئي؛ ان جو هر آواز، ڪنهن نہ ڪنهن طرح، زندگيءَ جي اڇي اجري هجڻ جو آواز هو، ۽ اهي اڇا اجرا آواز ماڻهن جي دلين ۾ نيڪيءَ ۽ خير جا نياپا ڪٽي ايندا هئا، ۽ اهي نياپا محبتون بڻجي ويندا هئا. پنهنجائپ ۽ ماڻهپي جون روايتون بڻجڻ لڳندا هئا.

ائين ڇو هو؟- اهو ڪنهن بہ نہ سوچيو هو. ڀلا، ڀلائيءَ لاءِ بہ ڪو سبب سوچيندو آهي. البت پيرسن چوندا هئا تہ "ابا، هت ماڻهو آهن سڀ پاڻيرا ۽ پاڻ- وهيٽا، ڪو ڪمدار ڪڙو ڪونهي جو وڏيري پاران ڪوجهايون ۽ ڪُريتون ڪري، ڪو مالڪ ڪونهي جو ماڻهن کي نوڪر ۽ غلام سمجهي، ڪو مجيري ڪونهي جو وڏيرپ ويڙهائي ڇيڙا نبيرا ڪري، ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪو وڏيرو ڪونهي جو پرائي پورهئي تي پرمار ڪري هڙ ڪٽي وڃي، ۽ هاريءَ کي سکڻو ڇڏي، سندس ماڻهپي کي بہ ٻهاري وڃي! هت تہ هڪڙي ابي ڏاڏي جو اولاد آهي، هر ڪنهن کي پنهنجو ٻارو ٻني آهي، پنهنجو مال آهي، پاڻ آپائي پاڻ ڪائي يا ٻتاري مال کي ڪارائي- پوءِ ڀلا ٻيڙايون ڪن بہ تہ آخر ڇو؟"

پر نيٺ هڪڙو وڏيرو جڙئي پنوهر جي ڳوٺ ۾ ٻيڙائي ڪٽي آيو، ۽ ڳوٺ جي محبتي ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ان ٻيڙائيءَ کي ڪيئن منهن ڏين. ٿيو ائين جو تر جو وڏيرو گهرام خان يار محمد کان سندس ٻيڻ مهروءَ جو سڳ پنهنجي پٽ گلڻ خان لاءِ گهرڻ ڪاڻ چڙهي آيو، ۽ چئي ويو تہ هو انڪار ٻڌڻ جو عادي ڪونهي.

يار محمد تہ ساڳي جيپ ڏسي باهہ ٿي ويو هو. پر تڏي تي آيل مزمان سان تِڪو مٺو ٿيڻ هنن جي پَر ڪانہ هئي. هنن جي پَر تہ اها هئي تہ جي ويري بہ تڏي

تي لنگهي اچي تہ هن کي مانَ ڏيو. ڪتون وڃائي، هن مزمانن کي ويهاريو، ۽ خوش خير عافيت کان پوءِ جڏهن مانيءَ جي صلاح هنيائين، تڏهن وڏيري گهرام خان پنهنجي شهپر کي وٽ ڏيندي چيو: "يار محمد، مانيون بہ ڪائبيون، پر پهرين پرئي مڙس جيوڻ خان کي گهرائي وٽ تہ ڪچهرڙي ڪريون. پوءِ بہ جي زور پريندين تہ مانيءَ جا ٻہ گراهہ تنهنجا ڪونہ موٽائينداسون!"

جيوڻ خان نہ رڳو ڳوٺ جو چڱو مڙس هو پر يار محمد جو سڳو مامو پڻ هو. ڳوٺ جي گهرن ۾ سڀ کانَ غريب جيوڻ خان جو گهر هو، پر مان مريادا ۾ هو سيني کان شاهوڪار هو ۽ هن جو چيو موٽائڻ جو ڪنهن سوچيو بہ ڪونہ هو، ڇاڪاڻ تہ سيني کي اهو يقين هو تہ جيوڻ خان جيڪو فيصلو ڪندو، سو ڏکيو ڪٺي هجي بہ سهي، پر هوندو انصاف ئي انصاف. سڳابنديءَ جا سمورا نبيرا بہ جيوڻ خان اهڙا ڪندو هو جو سڀڪو ڪلندي مرڪندي قبول ڪندو هو. پنهنجي چوڪري جو مڱڻو، پنهنجي ئي ڀائٽيءَ سان رڳو ان ڪري ٽوڙي ڇڏيائين جو ڀائس ڏي ميرڻ وارن جو بدو رهيل هو، ۽ ڀائس وٽ بدي جي قول پاڙڻ لاءِ رڳو اهائي هڪڙي نياٽي هئي جيڪا ننڍي هوندي ئي پٽس سان مڱائي ڇڏي هئائون. مڱڻي ٽٽڻ جو پٽس تي اهو اثر ٿيو جو جهنگ مُنهن ڪري هليو ويو، ۽ وڃي شهر جي ڪارخاني ۾ مزوري ڪيائين ۽ وري ڳوٺ جو منهن نہ ڏٺائين.

جيوڻ خان خوش خيرعافيت ڪري، سامهون ڪتوالي تي ويهي رهيو. هو منجهي پيو هو تہ آخر رئيس گهرام خان ڪيئن پنڌ پيو هو. تر ۾ گهرام خان جي ڪا نيڪي ڪانہ هئي. ذات چور، لنب ۽ شودو هن جي اوطاق جو سلامي هو. اوڙي پاڙي ۾ چوري چڪاري ٿيندي هئي تہ پيري پير ڪٺي اچي گهرام خان جي اوطاق تي بيهندا ۽ ڀاڳيا ڀَنگ ڏيئي پنهنجو مال ڪاهي ويندا هئا ۽ ڏينهن جا ڏينهن رئيس جا مزمان تي رهندا هئا. ماڻهن جي ٻَڌ- ڇوڙ ۾ رئيس جو نالو ڪٺي بس ڪر. دنگئي وڏيرا هن کان اهڙو ونئن ويندا هئا جو ڪنهن ميڙي ملاکڙي ۾ يا شادي مرادي تي مڪا ميلو ٿيندو هون تہ ڀانءِ تہ پيرن هيٺان ٽانبو اچي ويندو هئن! وڏيري خان محمد وارو مامرو سيني کي ياد اچي ويندو هو: ٿيو هيئن جو وڏيري خان محمد وٽ هڪڙو ٻَلڊاڪ ڪتو هوندو هو، جنهن جو نالو ئي رکيو هئائين "شيرل". هونئن تہ رئيس گهرام خان وٽ ڪتن جي لوڏ هئي، پر جڏهن کان وڏيري خان محمد جي "شيرل" جي ناموس ٻڌي هئائين، تڏهن کان هن جو سڪ ڦٽي پيو هو. هن نياپا سنيها موڪلي، وڏيري خان محمد کان ڪتو گهريو. ڏهہ هزار بہ آڇيائين، پر وڏيري خان محمد نہ مڃيو. هيڪاري جڏهن وڏيري خان محمد پنهنجي ويانهن جي خوشيءَ ۾ رڄ ۽ ڪتن جي ويڙهہ ڪرائي ۽ وڏيري گهرام پنهنجي اکين سان اها ويڙهہ ڏٺي، تڏهن کان تہ "شيرل" لاءِ هن جي تقاضا

چوٽ چڙهي ويئي. رچ چئن پنجن پلن تازي ڪتن کي واري واري سان ڏڪ ئي هڪڙو هنيو ۽ ڪتا ڪيڪڙاٽ ڪندا، پَچ ٽنگن ۾ ڏيئي گولي ٿي ويا. پر جڏهن خان محمد "شيرل" جي پَٽي مان زنجير ڪڍي تڏهن شيرل رچ کي ائين چنبڙي ويو، جڻ رچ نہ پر ڪو لومڙ هو. رچ گهٽائي ڪيس چنبا وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر "شيرل" وڃي نڙگهٽ کان ورتس. جيڪڏهن وڏيرو خان محمد سينڌ وڃائي شيرل کي نہ سڏي ها تہ لاشڪ رچ پورو ٿي وڃي هئا. "شيرل" سينڌ جو آواز ٻڌو، گهڙي ڪن مَنجهي ٻيهي رهيو ۽ فيصلو نہ ڪري سگهيو، پر پوءِ امالڪ رچ جي نڙگهٽ مان وات ڪڍي، پچ لوڏيندو خان محمد وٽ موٽي آيو! واه واه ٿي ويئي، ڪوڪريا پئجي ويا. رچ رت ڳاڙيندو، رنيون ڪندو ڪلي جي چوڌاري ڦِرموٽيءَ وانگر ڦرندو رهيو، ۽ پوءِ اوچتو ويهي رهيو. ڪهيري ڊڪ پائي رچ تائين پهتو ۽ ڪيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪيائين پر رچ اَٽڻ جي نہ ڪئي. ڪهيري ڪا گهڙي پنهنجي چيٽاڙيل رچ کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ موٽي آيو ۽ ڪنڌ جهڪائي وڏيري خان محمد اڳيان ٻيهي رهيو. هن جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا، ۽ اوچنگارن کي روڪڻ ڪري سندس ڪلها پئي ڏڏيا. وڏيري خان محمد ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڳپل جيترا نوٽ ڪڍي ڪهيريءَ کي ڏنا ۽ پوءِ پيار مان شيرل جي ريشمي لسي ڪل تي هٿ ڦيرائڻ لڳو.

گهرام خان سٽ ڏيئي اٿيو، خان محمد ۽ "شيرل" جي پر ۾ اچي ٻيهي رهيو. گهڙي ڪن "شيرل" کي ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ خان محمد کي چيائين: "شيرل" توکان گهري ٿو وٺان، پئسا جيڪي چوندين سي ڏيندس- ويهہ هزار، پنجويهہ هزار، ويندي ٽيهہ هزار- پر "شيرل" مونکي ڏي!"

خان محمد رڳو ايترو چيو: "رئيس 'شيرل' جي ڳالهہ تان لهي وڃ. منهنجي تڏي تي آيا آهيو، سي اوهان جا لک ٿورا، پر 'شيرل' ۾ منهنجو ساهہ اٽڪيو پيو آهي!"

"تہ چئبو تہ تون ڪتو ڪونہ ڏيندين؟" گهرام خان جي آواز ۾ هڪ عجيب سختي اچي ويئي.

"رئيس، ٻيو جيڪو ڪتو چئين، تو تنهنجي ملڪَ آهي، پلي ڪاهي وڃ، باقي 'شيرل' ڪونہ ڏيندس!"

"خان محمد، ڏسجئين متان پوءِ پڇتائين... آءٌ سياڻي تائين انتظار ڪندس. جي 'شيرل' مون وٽ نہ پهتو تہ پوءِ مون تي ميار ڪانهي!" ائين چئي رئيس گهرام خان پنهنجي همراهن سان گڏ چڙهي نڪتو. مانيءَ لاءِ بہ ڪونہ ترسيو.

هن ڏينهن ڪان پوءِ، تر ۾ چوهول ٿي ويو تہ خان محمد جي ڳوٺ ۾ ڏاڙو لڳو آهي. خان محمد وارن جا بہ همراهہ اَڦٽ مارجي ويا ۽ چار جڻا ڏڪجي پيا...

۽ ڏاڙيل خان محمد جي نياڻي به ڪٿي ويا! پوليس ڪمانيءَ جاءِ واردات تي پاڻ اچي منزل ڪئي. هنتو ڏهه ڏينهن آسي پاسي ۾ پوليس رڻ ٻاري ڏنو. ڏاڙو به خان محمد وارن جو لڳو، شڪ ۾ ماڻهو به خان محمد وارن جا ٻڌا. خان محمد پاڻ پوليس ڪمانيءَ کي سڌو سنواڻو چيو ته منهنجو شڪ گهرام خان ۾ آهي، پر پوليس ڪمانيءَ ڪيس سمجهائيندي چيو ته ان ڳالهه تان لهي وڃي نه ته ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿي پوندو ۽ ڪيس ڏاڙي جي بدران ٻانهن ڪڍڻ جو ٿيندو. ماڻهو چوندا ته ٻانهن پاڻ ڀڄي ٿي نڪتي ته ڏرين ۾ جهيڙو ٿي پيو. خان محمد رت جو ڏڪ ٻي، چپ ٿي ويو. جڏهن پوليس وئي، تڏهن خان محمد کي نياپو ٿيو ته ٻانهن وراڻي اٿئي ته "شيرل" پهچائي، پنهنجي امانت وٺي وڃ! پوءِ جيڪي ٿيو، تنهن ته ماڻهن جا وات پٽي ڇڏيا. چون ٿا ته خان محمد پاڻ "شيرل" جي زنجير جهلي انجام واري هنڌ تي پهتو. ڪتو ڏيئي، پنهنجي ٻانهن موٽايائين پر تڏهن به ڳوٺ اڪيلو پهتو. ڪن چيو ته ٻانهن ڪانه موٽي، ته ڪن وري چيو ته خان محمد پنهنجي هٿن سان نياڻيءَ کي ڪهاڙين مان ڪڍيو، ۽ پنهنجي هٿن سان ڪڏ کوٽي، ڪيس پوري، پوءِ ڳوٺ پهتو. ان ڏينهن کان پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ سان خان محمد کي ڳالهائيندي ڪنهن ڪونه ڏٺو. جي ڳالهائيندو هو ته رڳو پنهنجي ڪتن سان يا وهٽن سان!

جيوڻ خان کي اهي ڳالهيون ياد آيون ته سندس هنئين ۾ هدڪ پئجي ويو. خدا خير ڪري، هن زهزن جو اسان ۾ الائي ڪهڙو ڪم پيو آهي! هن گلڻ خان جي هوڙيائيءَ واري ڳالهه به ٻڌي هئي؛ اهو ته ٿي نه ٿي سگهيو ته ڪو رئيس گهرام خان پٽ جي خطا بخشائڻ آيو هجي، ته پوءِ ڪهڙو ڪم هوندس اسان ۾! اسين غريب سَهي جي ڪَل، هن بگهڙ جو اسان سان ڪهڙو ڪم!

"رئس، ڀلا ٻيو ته مڙئي خير آهي نه؟" جيوڻ ڳالهه جو پير ڪٽڻ لاءِ چيو.

"ها ها، جيوڻ خان، مڙئي خير آهي، سوچيوسون ته پاڙي ۾ ويٺا آهيون. پاڙو نبين کي به پيارو هو. پاڙي جا ننگ اسان جا پنهنجا ننگ آهن. متان ميار ڏيو ته ميان گهرام خان پاڙي ۾ ويٺو آهي، پر اسانکي اڌ تي به ڪونه پڇي. ڪمدار وڏي کان پڇي ڏس. اسان پاڻ ڪيس چيو ته جيوڻ خان وارن وٽ پيرو ڪجي، ڪيئن ڪمدار؟" رئيس گهرام خان پنهنجي ڪمدار ڏانهن نهاريو به ڪونه. سندس اک اهائي جيوڻ ۾ ڪٽل هئي.

"بروبر، رئيس جن پاڻ ڳالهه ڪئي ته جيوڻ خان وارن ڏي پيرو ڪجي." ڪمدار سَر وڻايو.

"ڀلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا، اسان جون اکيون ٿڌيون؛ ڀلا هاڻ اجازت ڏيو ته ڇوڪرو ماني رکائي. ابا يار محمد ماني رکائي وٺ!"

"هائو ماما، بس تون رئيس کي هٿ ڏئار تہ آئون بيٺي پير ماني کٽي ٿو اچان!" يار محمد مامهنس ڏانهن اهڙين نظرن سان ڏٺو، جيڪي خود جيوڻ کي بہ سمجهہ ۾ نہ آيون.

مانيءَ تي رئيس گهرام خان جيوڻ ۽ يار محمد کي زوريءَ پاڻ سان پنهنجي کٽ تي وهاري ماني کائڻ لاءِ چيو. ماني کائيندي، گهرام خان چيو: "جيوڻ خان، اسان کي تہ ڪمن ڪارين مان واندڪائي ڪانہ ٿي ملي، ڳالهہ هيءَ آهي تہ پٽر اچي وهيءَ چڙهيو آهي ڀانيان تہ هاڻ پرٽايانس."

گراهہ جيوڻ جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو ۽ ڏري گهٽ اُٿوڙيو هو. ڳيتون ڏيندي چيائين: "اها تہ چڱي ڳالهہ ويچاري اٿو. آءٌ پاڻ ان خيال جو آهيان تہ ڇوڪرن کي مَڇن جي ساوڪ اچي تہ پرٽائي ڇڏجين. گهڻين بچڙاين کان بچي پوندا."

"برابر، انسان آهي شيطان جو گهر ۽ ٻيو تہ آءٌ بہ اچي پيريءَ کي پهتو آهيان. الله سائينءَ اهوئي هڪڙو پٽڙو ڏنو اٿم. ڀانيان تہ اهو ڪم اڪلائي وٺان"

"جي جي....." جيوڻ کان وڌيڪ ڳالهائڻ نہ اڪليو.

"يار محمد تنهنجي ڇا صلاح آهي؟" رئيس اوچتو يار محمد ڏانهن مهاڙ ڪندي چيو.

"رئيس، آءٌ ڀلا ڪهڙي صلاح ڏيندس! صلاحون تہ وڏا ڏيندا آهن..." يار محمد کي جواب ڏيڻ نہ آيو. هن جي اندر ۾ کورا پئي ٻريا. رئيس جي پٽ هنن سان جيڪا ڪوچرائي ڪئي هئي، سا سندس ذڪر اچڻ شرط وري هن حي اکين آڏو اچي ويئي.

"مون ٻڌو آهي تہ گلڻ خان اوهان سان مڙئي ڪا ٻاراڻي ڪئي هئي. ننڍو نيٽو آهي. جواني ديواني چوندا آهن، سو مڙئي حرڪتڙي ڪري ويٺو...."

جيوڻ ۽ يار محمد جي ساهہ ۾ ڪجهہ ساهہ پيو. ٻيلي، رئيس تہ پٽ پاران ڏوهہ بشڪائڻ آيو آهي. هنن جون دليون ڦوندجڻ لڳيون.

"هاڻ اوهين مٿس ڪو ڏنڊ رکو، ڪا سزا ڏيوس!" رئيس مرڪندي چيو.

"نهيو رئيس، اوهين اسان وٽ هلي آيا، اهوئي ڪوڙ آهي. سزا ٻزا جي ڳالهہ نہ ڪريو. اسان جي دل صاف ٿي ويئي آهي!" جيوڻ هڪ نئين آتساهہ سان چيو.

"نہ نہ، هن کي سزا تہ ڏيڻي پوندي...." رئيس ماني بس ڪندي چيو.

هٿ ڌوئي، جڏهن وري اچي ڪٽ تي ويٺا تہ گهرام خان چيو: "جيوڻ خان، هن کي سزا اها ڏجي جو هتان پرٽائجيس! ڀلا يار محمد خان، اوهان جي ڀيڻ جو سڳ ڪٿي ڏنل تہ ڪونهي نہ؟...."

"نہ رئيس نہ..." يار محمد جو منهن ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو. هو چوڻ وارو هو تہ رئيس اوهان کي ائين اسانجي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ نہ گهرجي. پر سندس

ڳالهه کي وچ ۾ ئي ڪٽيندي گهرام خان چيو: ”تہ پوءِ جيوڻ خان، تون وڏو آهين. تون جڏهن چئين، تڏهن ڏينهن ٻڌڻ لاءِ وري اچي اوهان جا مزمان ٿيون!“ گهرام خان پنهنجي شهپرن کي وٽيندي چيو.

جيوڻ جي سموري تن بدن ۾ ماڪوڙيون سُرڻ لڳيون. هن جي بدن ۾ لرزش پيدا ٿي ويئي. هن جي اکين ۾ اهڙو ڏنڌ ڇائنجي ويو جنهن مان هن کي رئيس گهرام خان جو منهن ڏڏندو محسوس ٿيو. هو سڄو ٽٽڪجي ويو، ۽ اکر ڏاڍي مشڪل سان هن جي نڙيءَ مان نڪتا: ”رئيس اسين مشڪين برابر آهيون، پر الله اسان کي ڪنهن جو محتاج ڪونہ ڪيو آهي، ۽ اسان کي بہ پنهنجي عزت آهي. هڪڙو اسان جي ننگن سان هوڙيائي ٿي، ٻيو وري اسانجي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ لڳا آهيو. اسان جي تڏي تي آيا آهيو، سو اسان وس آهر اوهان کي آدر ڏنو، مانَ ڏنو، باقي سڳ جي ڳالهه تان لهي ويجو!“

گهڙيءَ لاءِ ماڻ ٿي ويئي. لوڙهي تان هڪڙي ڪهر چيٽ ڪري اڏامي ويئي. اوچتو رئيس گهرام خان اٿي بيٺو. سندس ڪمدار ۽ ٻيا همراهہ بہ اٿي بيٺا. جُتي پائيندي، گهرام خان چيو: ”جيوڻ خان، آءٌ ڪا شئي فقط هڪڙو پيرو گهرندو آهيان، نہ ملي تہ زوريءَ ڪٿي ويندو آهيان. اوهان کي ڏهن ڏينهن جي مهلت آهي. ڪمدار، اڄ چنڊ جي ڪهڙي تاريخ آهي؟ تيرهين تاريخ اوهان جي قبوليت نہ پهتي تہ پوءِ مون تي ميار نہ رکجو. ٻانهن آءٌ زوريءَ ڪٿي ويندس!“

جيوڻ ۽ يار محمد بتن وانگر هنن کي ويندو ڏسندا رهيا. جيپ جي اسٽارٽ ٿيڻ جي گهرڙ گهرڙ تي هو حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيا. هنن جي منهن تي ڳاڙهاڻ بدران پيلاڻ ڦهلجڻ لڳي. ان ۾ ڊپ کي ڪو دخل ڪونہ هو. ڊڄڻ هو سڪيا ڪونہ هئا. اهو رنگ هنن جي مظلوميت جو رنگ هو، ان مجبوريءَ جو رنگ هو، جنهن هيٺ هو ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيا. ڏاڍي کي ائين دڙڪو ڏيئي ويندي ڏسڻ جو رنگ، سنڌ جي آسمان جي شفق جي ڳاڙهاڻ تي هميشہ غالب پوندو رهيو آهي، ۽ ان رنگ ۾ رتل ڳيرا، ٻير جي هڪ ٽاريءَ تي پار ڪڍي، گهوگهو ڪرڻ لڳا. اوندهہ آهستي آهستي يار محمد جي لوڙهي اندر لنگهي آئي ۽ ڪا گهڙي لوڙهي جي ڍنگهرن ۾ اٽڪي بيهي رهي.

(۴)

الو ڍنگهر، اوندهه سوڏو، مهروءَ جي من ۾ لهي پيو. پلڙن جي ڇلي ڪٽي، هن ٻڪرين اڳيان رکي، چونئري هڪڙي ٻڪريءَ جي ٽٽن هيٺان رکي، ٻڪري ڏوهڻ ويهي رهي. ڪير جي پهرئين گوهي، جستي چئونريءَ جي تري ۾، اهڙو پڙاڏو پيدا ڪيو، جهڙو هن جي من ۾ متل هو. نه چاهيندي به هن سڀ ڪجهه پنهنجي ڪنين ٻڌو هو: "تيرهين تاريخ مون کي اوهانجي قبوليت نه پهتي ته پوءِ مون تي مَيار نه رکجو. ٻانهن آءٌ زوريءَ ڪٽي ويندس!" ڪير جي هر گوهي سان، اهي لفظ ورَ ورَ ڪري چؤنريءَ مان ٻَرڻ لڳا، ۽ هن جي ڪنن کان ٽيندا، هنجي دل کي ڏڙڪائيندا رهيا. هڪ اچاتي ڊپ کان هن جي بدن ۾ هلڪي رڦٽي پئجي وئي. هيءَ رڦٽي ان رڦٽيءَ جهڙي هئي، جهڙي هن گلڻ خان سان ڳالهائيندي محسوس ڪئي هئي....

گلڻ خان کي هن ڪل ٽي ڀيرا ڏٺو هو: ٻه ڀيرا پريان، ۽ ٽيون ڀيرو مَنهان منهن، دوبدو. پهريون ڀيرو تڏهن جڏهن جيپ ڪاهيندي، هن سندن ڍڳي گاڏيءَ کي گهانچي ۾ ڪيرائڻ لاءِ، ڍڳن کي ٽاميو هو. ڏڏڙ جي ڇوهي منجهان، هن جيپ هلائيندڙ کي ڏٺو: بوسڪيءَ جي پٽڪي سان هڪ ڇوڪرات، جنهن جا شهپر اڻين ٽي لڳا، ڇڻ وقت کان اڳي ڄمي آيا هئا: بلڪل اڻين جيئن ڪنهن ننڍي ڇوڪر جي ڇپن تي، هٿرادو مُڇون چنبڙائي ڇڏجن. نڪ ٻنون، اکيون وڏيون جيڪي بني نڪ جي ڪري هيڪاري وڏيون ٽي لڳيون. هڪڙو ڀرون اڏو گابرو پٽڪي جي ڀير ۾ لڪي ويو هو. ان ڪري ڇڻ هن جي اکين مٿان ٻن ڀرن بدران، هوئي ڏيڍ ڀرون. پر سڀ کان مکيه ڳالهه جا هن ڏٺي، سي هئا ڇهڻ ڪارا وار جيڪي هٿن جي آڱرين جي پَٽ کان ٿوٿئين تائين ڳتيل هئا. هن جون ٻئي ٻانهون جيپ جي گول چڪر تي ويڙهيل هيون، ۽ ان چڪر کي ڦيرائيندیون ٽي آيون. انهن ٻانهن ۽ هٿن جو ماس بنهه نظر ڪونه ٽي آيو، رڳو ڪارا گهاٽا ۽ ڳتيل گهَنڊيون گهَنڊيون ٽيل وار ٽي نظر آيا. هن کي الائجي ڇو ننڍي هوندي ڪهيرين وٽ ڏٺل ٻولڙو ياد اچي ويو، جنهن جي ٻانهن تي ته وار هئا، پر جنهن جي آڱرين جي ٽٽين ۽ ڏوڏن تي به وارن جا مُڇا هئا. هن ايا انهن وارن بابت سوچيو پئي ته جيپ گهرڙاٽ ڪري، گاڏيءَ جي پاسي کان لنگهي، ۽ گاڏي گهانچي ۾ لڙي پئي.

هوءَ اچلجي وڃي گهانچي ۾ ڪري، ۽ هڪڙي ايي ڪائي، ٿلهي ڇيت وانگر، هن جي ڏوري ۾ گهڙي ويئي. سور ڪان هن جي دانهن نڪري ويئي، جيڪا هن گهڻو گهٽ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر سندس چپن هن جو ساٿ نہ ڏنو.

پوءِ جيڪي ٿيو، سو ايترو ترت ٿيو، جو هن کي انهن ڳالهين جو سلسلو اجا تائين ياد نٿي پيو. هڪڙي مڙسالي وڏي هن جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو، ۽ هن کان وري ڪيڪ نڪري ويئي. هن کي اهو به ياد نہ هو تہ هن پهرين ڪيڪ ڪئي، يا مڙسالي پهرين هن جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو هو. ها، هن کي هڪ ڳالهہ هينئر به ياد هئي ۽ ان ڳالهہ هينئر به هن جي دل ۾ هڪ عجيب ڏڪڻي وجهي ڇڏي. اها ڳالهہ اها هئي تہ اوچتو مڙسالي ڪٿي هن کي ڀاڪر وڌو، ۽ هن کي هنج ۾ ڪٿي آڻي ڀائوءَ جي پير ۾ لاٿو. ان ڀاڪر مهل هن جو بدن ڄاهي وانگر ڪوئجي ويو هو، هن جي دل زور سان ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳي هئي. هن کي تہ سور به وسري ويو، ۽ هن چاهيو هو تہ ڪنهن طرح ڦٽڙي ڦٽڙي ان ڀاڪر ۽ هنج مان نڪري وڃي: ائين جيئن نندي هوندي، ڀائو ڳيريون جهلي هن کي هٿ ۾ ڏيندو هو، ۽ ڳيريون هن جي هٿن مان ڦٽڙي ڦٽڙي ڀڙڪو ڪائي اڏامي ويندیون هيون. جڏهن هن ڪيس ڀاڪر مان هيٺ لاٿو، تڏهن هن جي اجرڪ به مٿي تي ڪانہ هئي. هن مڙسالي ڇا سوچيو هوندو تہ هن زائفان کي ڪو حياءُ ئي ڪونہ هو! هوءَ جڏهن ڀائوءَ جي پير ۾ ويئي، تڏهن سور هوندي به، پنهنجي اجرڪ ٺيڪ ڪندي، هن ان مڙسالي کي ڏٺو هو: ڊگهو مڙس، وڏن شهپرن بدران هلڪيون مڇون، سنئون نڪ، سيتي پيشاني جنهن ۾ جاڙا پيرون، ڪاريون ينوئر اکيون، ويڪرا ويڪرا ڪلها، ڊگها ڪارا وار جيڪي پٺڪي لهڻ سان هوا ۾ پٽي اڏاٿا، بدن ٿورو اڳيان جهڪيل، گهيريدار ڳري اچي سٽڻ تي ڪارو پهراڻ، پيرن ۾ چهنب وارو گهيتلو، جهڙو مامو جيوڻ پائيندو هو. اهي سمورا تفصيل گهڙيءَ پل ۾ هنجي اکين ۾ لهي آيا. هن کي ٿوري لڄ اچي ويئي: پراون مڙسالن کي ايئن جانچبو آهي! هن پنهنجون نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون. هن تان نظرون هٽيون تہ هن کي پنهنجي پيڙا ياد اچي ويئي. سور ڪان سندس سڄي ٻانهن ڪيري ٿي پئي هئي. سور ڏوري ۾ تہ ڏنئون ڏنئون ڪري رهيو پر سندس آڱرين جي پڇڙين ۾ به چٽڪڻ لڳو هو. پوءِ ائين ٿيو جو هو مڙسالو شاخ تان پاڻيءَ جو وٽو ڀري ڀائو ياروءَ وٽ آيو، تڏهن نہ چاهيندي به هن وري ان مڙسالي کي ڏٺو. هن کي ٻانهن جو سور گهڙيءَ پل لاءِ وسري ويو. هن ائين سمجهيو تہ هن جون اکيون مڙسالي جي اکين ۾ ڪن لاءِ اٽڪيون هيون: ان مهل هن جي دل زور سان ڏڙڪڻ لڳي هئي ۽ ان ڏڪ ڏڪ کان بچڻ لاءِ هن وري نظرون هيٺ ڪري ڇڏيون هيون!

هن ڀائوءَ کي پنهنجو نالو "نورل" ٻڌايو هو. الائي ڇو هن کي اهو نالو ڏاڍو

وٿيو، ۽ هن سوچيو تہ جنهن بہ ماڻهوءَ جو نالو نورل هوندو، سو ڏاڍو ڀلو مڙس هوندو. پوءِ نورل گاڏي ڪاهي، ڪين ميڙي تي وٺي آيو، ۽ جڏهن ڊاڪٽر هن جي ڏوري مان ڊگهي ڇيت ڪيڻ لاءِ قينچيءَ سان ڪلهي وٽان چولو ڪپي ڇڏيو، تڏهن هن پنهنجي ٻانهن ڏانهن نهاريو جيڪا سڄي رت ۾ ڳاڙهي ٿي ويئي هئي، ۽ رت ڪٿي ڪٿي جمي ويو هو. هري هري ڪري ڊاڪٽر ڪپهہ سان رت صاف ڪري، ڏوري کي هيٺان هٿ ڏيئي، ڪائيءَ جي ڊگهي ڇيت ڇڪي ڪڍي ورتي، تڏهن هن کان وري بہ سور کان ڪيڪ نڪرڻ تي هئي، پر ان وقت هن کي وري نورل جو چهرو اڳيان اچي ويو، ۽ هن ڀانيو ڇڻ نورل چوندو هجي تہ "چري مهرو، ائين ڪيڪون ڪبيون آهن! سور تہ سهسائي ويجا آهن!" هن ڏند پيڙي، اتندڙ ڪيڪ کي اتي گهٽي ڇڏيو. ڊاڪٽر هن جي منهن ڏانهن ڏسي چيو. "مائي بابا، سور تہ ڏاڍو ٿيو هوندو پر شڪر ڪر تہ ڇيت اندر ڀڄي نہ پئي، نہ تہ مرڳو گوشت ڪورٿو پوي ها!" ڊاڪٽر جڏهن هن کي پٽي ٻڌي تہ هن جي سور جي ڏنوڻ ڪجهہ گهٽجي ويئي، هن پنهنجي اگهاڙي ٻانهن اجرڪ ۾ ويڙهي ڇڏي.

پوءِ نورل هن کي وڏيري جي لانديءَ وٽ آڻي، پاڻ گاڏيءَ مان لهي، اندر ويو. ماڻهن جا هشام گڏ ٿي ويا، جن ڪڏهن اندر ٿي نهاريو، ڪڏهن هن جي رت هاڻن ڪپڙن ۽ پٽيون ٻڌل ڦٽن کي ٿي ڏٺو. اندران نورل جو آواز ٻُريو: "وڏيرا، توکي شرم نٿو اچي جو ائين راهہ ويندن سان ڪوچرايون ڪندو وتين؟"

۽ پوءِ هن ٻيو پيرو وڏيري گلڻ خان کي ڏٺو هو. هو تڪڙو تڪڙو اندران لانديءَ مان نڪتو ۽ پنهنجي جيپ ڏانهن وڌيو. اندران ايندي وقت، پهرين شئي جيڪا مهروءَ ڏٺي هئي، سو هو پستول جي گولين جو پٽو، جيڪو گلڻ خان جي ڪلهي ۾ پيو هو. گلڻ خان جو هڪڙو هٿ پٽي جي هيٺان چمڙي اندر پيل پستول جي مٿان هو، جنهن جو لوهي ڳن پئي نظر آيو. ٻي شئي جنهن تي هن جي نظر پئي، سان هئي هن جي پهراڻ جي گلي ۾ سوني زنجير ۽ سونا ٻيڙا، جن مان مٿيون ٻيڙو ڪليل هو، ۽ ڇاتيءَ جي وارن جو هڪڙو مُچڪو پهراڻ کان ٻاهر نڪتل ٿي ڀانيو. ان وقت الائي ڇو هن جي ذهن ۾ هڪڙو خيال ڪيئن اٿيو هو: "مئي کي وار تہ ڪيترا آهن!"

۽ ٽين شئي جا هن ڏٺي، سي هيون هن جون اکيون. انهن اکين مان هن جي منهن جو گهنڊ پئي بکيو . هن ڪڏهن بہ بگهڙ ڪونہ ڏٺو هو، پر هن سمجهيو تہ بگهڙ جون اکيون اهڙيون ئي هونديون. انهن اکين ۾ هن کي ڪاوڙ سان گڏ ڪو ڊپ بہ نظر آيو هو: هيسيل هيسيل پر ڪاوڙيل اکيون. انهن اکين گهڙيءَ لاءِ گاڏيءَ ۾ ويٺلن تي هڪ نظر وڌي، ۽ پوءِ اهي اڳتي وڌي ويون. انهيءَ هڪڙي نهار ۾ الائي ڪهڙو نياپو هو جو مهروءَ جي ٻانهن ۾ وري سور جي سَٽ ايري آئي!

پوءِ نورل گاڏي ڪاهي ڪين ڳوٺ وئي آيو. لوڙهي وٽ گاڏي بيهاري، هن پهرين ڀائو ياروءَ کي لهڻ ۾ مدد ڪئي، ۽ پوءِ پاسو ڏيئي بيهي رهيو ته جيئن زائنائون لهن. هوءَ جڏهن پنهنجي ڀاڄائي صالحان سان گڏ اندر وڃڻ لاءِ اڳتي وڌي، ان وقت نورل چئي رهيو هو: "ڀائو، ٽڪر ڀور ڪائڻ جو هي وقت ڪونهي. حجاب ڪونهي پر هاڻ موڪلائي. اوهين چاق ٿيو ته وري ڀيرو ڪري ويندس!"

ان وقت مهروءَ پنهنجي اندران کي لفظ اٿندا محسوس ڪيا، ۽ هن وڏي سڏ چيو: "ادي، انهيءَ کان ته مري وڃون ها ته چڱو، ڪو ڪانڌي ڪلهو ڏيڻ لاءِ ته ترسي ها!" هن کي اڄ به پڪ نه هئي ته ڪو هن اهي لفظ چيا هئا. چيا به ڪيئن هوندائين؟ پرائي مڙسالي ڇا ويچار ڪيو هوندو؟ پر پوءِ نورل ترسي پيو هو، ۽ ماني کائي پوءِ موڪلائي هليو ويو. جڏهن نورل ڀائوءَ سان گڏجي ماني کائي رهيو هو، تڏهن هوءَ چلهه وٽان هن ڏانهن ڏسندي رهي. ڀاڄايس چيس به ته "امان مهرو، تون وڃي ليٽي پئو"، پر هوءَ اتي ئي ڀاڄائيءَ وٽ ويٺي رهي. هن جون اکيون دانگيءَ تي پڇندڙ مانيءَ کي ڏسنديون رهيون: ڪنهن وقت ڀاڄائيءَ جي هٿن ۾ اٽي جي چاٽي کي گول ٿيندو ٿي ڏٺائين، پر رکي رکي هن جون اکيون ڪٽ تي ويٺل ڀائوءَ ۽ نورل کي ڏسڻ ٿي لڳيون: ها، هن مڙسالي اسان سان وڙ ڪيو هو، ۽ وڙ ڪندڙ مڙسالا ڀلا مڙس هوندا آهن، پر نورل ته رڳو ڀلو مڙس نه پر ٺاهوڪو جوان هو. اهو خيال ايندي ئي هن جي دل پنهنجو ڏڪ گسائي ويئي.

نورل ٻئي چوٿين ڏينهن ڀيرو ڪندو هو ۽ ياروءَ سان گهڙي ساعت رهاڻ ڪري هليو ويندو هو. هڪڙو به ڀيرو ياروءَ زور ڪري ڪيس ماني کائڻ قبول ڪرايو هو. الائي ڇو مهروءَ کي ڪنهن ڪنهن صبح جو اٿڻ سان پڪ ٿيندي هئي ته اڄ نورل ضرور ايندو. جيسين هو نه ايندو هو، تيسين هن جي ڪنهن به ڪم ۾ دل نه لڳندي هئي، ڪا ڳالهه نه هوندي به هوءَ ڀاڄائيءَ سان ڳالهيون ڪندي هئي. پورين جون ڳالهيون، ڪنڊين جون ڳالهيون؛ ٻري ٻڪريءَ جون ڳالهيون، جنهن جو ڇيلڙو ماءُ کي ڏاڍو وقت ايئن ڇڪڙون ڏيندو هو جڻ ته ماڻس جا ٿڻ ئي کائڻ ٿو گهري، لوڙهي تي ويهندڙ پکين جون ڳالهيون، وهين جي ويندڙ ولرن جون ڳالهيون، ۽ اهڙيون ڳالهيون جن جو نه منهن هوندو نه مٿاڙ! ۽ جڏهن نورل ايندو هو، ۽ ڀائو آڳنڌ ۾ ڪٽ تي فراسي وڇائيندو هو، تڏهن هوءَ چپ ٿي ويندي هئي، هن جون ڳالهيون اوچتو بند ٿي ويندڙيون هيون. هن کي ڪا ڳالهه سڃهندي ئي ڪانه هئي جا ڪري. البت هن جي دل چوندي هئي ته نورل جون ڳالهيون ڪري، ميڙي جون ڳالهيون ڪري، ڍڳي گاڏيءَ ۾ ان سفر جون ڳالهيون ڪري، جنهن هن جي ٻانهن کي ڦٽي وڏو هو. هن چاهيو ٿي ته هوءَ ان ڇيت جون ڳالهيون ڪري جيڪا هن جي ڏوري ۾ گهڙي پئي هئي، پٽڪي جي ان ليڙ جون ڳالهيون ڪري،

جيڪا نورل پٽڪو ڦاڙي هن جي ٻانهن ۾ ڇڪي ٻڌي هئي، ۽ وڏي ڳالهه ته ان ڀاڪر جون ڳالهيون ڪري، جنهن ڀاڪر ۾ ڀري نورل هن کي هنج ۾ ڪٽي پائوءَ جي پير ۾ ويهاريو هو. پر هوءَ اهي ڳالهيون نه ڪندي هئي. چُلهه وٽ ويهي، ٻرندڙ ڪاٺين ۾ نهاريندي هئي ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل نورل ۽ ياروءَ کي اوچتي نظر سان ڏسندي هئي. اکيون ته ڪي ڏاڍيون نامراد هيون؛ هرويرو ذري ذري اوچتي نظر سان نورل کي ڏسڻ ٿي لڳيون، ۽ هر نظر ڪانپوءِ هوءَ حجاب ۽ حياءَ کان سڄي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي. هن کي ائين ڀاسندو هو ته گندي هن جي مٿي تان ڪسڪي لهي ويئي آهي. گندي مٿي تي هوندي به هوءَ ان جي پلڻ کي ڇڪي سولو ڪري پائيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن صبح لاڪون هن جي دل ٿي چيو ته نورل ايندو. پر يارو گيهه جا ڊبا هٿ تي پهچائڻ لاءِ فجر جو ڊڳي گاڏي جوڻي نڪتو هو، ۽ چئي ويو ته ڏينهن ٺاري پوءِ واپس ايندس. يارو نه هوندو ته نورل ٻاهران ئي هليو ويندو. هن جي دل چيو ته پائو اڄ شهر نه وڃي ها ته چڱو! ڏينهن چڱو مٿي چڙهي آيو هو. هوءَ مال لاءِ ڪَتر ڪرڻ لاءِ ويهي رهي. جوئر جي ڪانن کي ڪَتر ڪندي، هن جون اکيون گهڙيءَ گهڙيءَ لوڙهي جي لوگهي ڏانهن ڪڍي ٿي ويون. اوچتو سڏ ٿيو: "يار محمد، او پائو يار محمد!"

هن جو هٿ بيهي رهيو. هن جي دل به بيهي رهي. هن جون سوچون به بيهي رهيون. هوءَ بنا ارادي اٿي، لوڙهي جي لوگهي وٽ آئي. سامهون رڳو نورل جا ڪلها ۽ منهن پئي نظر آيو. الائجي ڇو هن جي دل چوڻ لڳي ته هوءَ ان منهن تي هٿ لائي ڏسي، پٽڪي جي پٽيان لڪل وارن ۾ آگريون گهمائي ڏسي، ائين جيئن ڀاڄايس ياروءَ جي وارن ۾ آگريون گهمائيندي هئي. اهو خيال ايندي ئي هن کي لڄ اچي ويئي. پراون مڙسالن لاءِ ڪو ائين سوچبو آهي! اوچتو وري سڏ ٿيو: "يار محمد، او يار محمد!"

"پائو ته شهر ويو آهي..." هن جي وات مان اکرئي نه پيا اُڪلن. ان مهل هن جون اکيون نورل جي اکين سان چار ٿيون. هن ائين ڀانيو جڻ نورل جي اکين هن جي اکين ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا. هن پنهنجي اکين کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي به، پر اکين جو اهو اٽڪاءُ نه ٽٽو. پوءِ هن ڀانيو ته نورل جي اکين مرڪي ڏنو. اکيون ائين مرڪنديون به آهن ڇا؟ ان مَرڪ هٿي وڃي هنڌ ڪيو: هن ائين ڀانيو ته هن جي دل اَڄ کان ماندي ماندي پئي ٿي ۽ پوءِ هن نورل کي چوندي ٻڌو: "نهيو، آءٌ به شهر ٿي ويس. سوچيم ته يار محمد کي ساڻ وٺي ويندس. اچي ته چئجوس نورل آيو هو..." ائين چئي نورل پَٽ ورائي.

هن جي اکين پوءِ به پنهنجي راهه نه ڇڏي، هوءَ ويندڙ نورل کي ڏسندي رهي.

هن جي دل چيو تہ سڏ ڪري چوي، "نورل، گهڙي تہ ترسين ها!"
پريان ڀاڄايس جو آواز آيو: "ڪير هو؟"
"نورل هو: ڀائوءَ لاءِ آيو هو..." ائين چئي، هوءَ اندر هلي آئي، ۽ گهڙي مان پاڻي جي چل پري ڏوڪ ڏوڪ ڪري پي ويئي. پر اڄ نہ لٿيس، ٻي چل پيتائين، تڏهن بہ اڄ نہ لٿيس. هيءَ ڪهڙي اڄ هئي جا پاڻيءَ سان لهڻ جي نہ هئي، هن سوچيو. اڳي تہ ڪڏهن بہ اهڙي اڄ نہ لڳي هيس. هن خالي نظرن سان چل ۾ نهاريو: چل جي تري ۾ پاڻيءَ مان نورل جون اکيون هن ۾ گهوري رهيون هيون. انهن اکين ۾ بہ مرڪ هئي. هن جهٽ ۾ چل رکي ڇڏي. موٽي اچي ڪتر ڪرڻ ويهي رهي. اُس جي ڪرڻي، ڪهاڙيءَ ۾ ليئو پاتو: هن کي ڪهاڙيءَ مان ٻہ اکيون ڪيس گهوريندیون نظر آيون. "موڪڏس، مون کي ٿيو ڇاهي؟" هن پنهنجي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، انهن اکين کي وڃائڻ گهريو: ناڪام ٿي، هن ڪهاڙي رکي ڇڏي! اهو سڄو ڏينهن نورل جون اکيون مرڪنديون هن ڏانهن گهوريندیون رهيون. ڀاڄايس جي گج جي ٺِڪن مان بہ اهي اکيون گهور پائي ڪيس ڏسنديون رهيون. چلهہ جي ٽانڊاڻن ۾ بہ اهي اکيون ڪِنوڻ ٿي لڳيون. رات جو جڏهن هنڌ تي ليٽي، ۽ اکيون پوريائين تہ پنبڻين جي پويان اهي اکيون اندر هلي آيون. هن اکيون کولي ڇڏيون، ۽ پوءِ هن کي الائي ڪيڏيءَ مهل ننڊ اچي ويئي!

صبح جو ڀاڄائي ۽ ڳوٺ جي چئن پنجن ماين سان گڏجي، هوءَ ڊوري تان پاڻي ڀرڻ لاءِ نڪتي، تڏهن بہ اهي اکيون هن سان گڏ پئي هليون. هونئن جا هوءَ پاڻي ڀرڻ تي دنيا جهان جون ڳالهيون ڪندي هئي، تنهن کي اڄ ماڻ ڏسي، خود ڀاڄايس حيران هئي. ماين مان هڪڙيءَ چئي بہ ڏنس: "ائي امان مهرو، ڪهڙا پَور پئي پچائين جو ماڻ تي وئي آهين؟"

"ڪجهہ ڪونهي ماسي، رڳو مٿي ۾ ٿورو سور اٿم." هن کي مٿي ۾ بلڪل سور ڪونہ هو: سڄي رات جاڳندي هن نورل جي اکين سان ويڙهہ ڪاڌي هئي، پر تڏهن بہ هوءَ تازي تواني هئي، پر الائي ڇو اکر نہ پئي اڪليس. ڀانئي تہ ماڻ ماڻ ۾ انهن اکين کي ڏسندي رهان.

پاڻي ڀري، هن سينهوڙي ٺاهي مٿي تي رکي. ڀاڄايس ۽ هڪڙي ٻي مائيءَ، هٿ وجهائي، گهڙو سندس مٿي تي رکيو. ٻيو گهڙو هن چيلهہ تي کنيو. هو اجا ڊوري کان ٻاهر نڪري، پيچري تي آيون تہ هڪ ٻئي پٺيان بندوق جا ٻہ فائر ٿيا. ٻئي لاڳيتا ٺڪاءَ هنن جي ايڏو ويجهو هئا، جو هنن جا حواس خطا ٿي ويا. مهروءَ جيئن فائر جي آواز ڏانهن ڪنڌ لاڙيو تہ مٿي وارو گهڙو سنڀالي نہ سگهي، ۽ هن جي ڪلهي تان ٽڙڪندو، پويان ڪريو ۽ پرزا پرزا ٿي ويو. هڪ ٻن ٻين ماين جا گهڙا بہ ڪري پور پور ٿي ويا. مهروءَ جي پويان ڪرندڙ گهڙي جي ڦينگن هن

جي سٽڻ پسائي ڇڏي.

"ائي گهوڙا، مٺيس...!" هن جي وات مان اکر پاٽمرادو نڪري ويا.

پريان گهوڙن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ويجهو پوندي ويئي. زالن جو ڊپ کان ساهه سُڪندو ويو. هڪڙي مائيءَ چيو:

"ڇوريون، هڪڙي پاسي ٿي بيهو. مٺا ڪي شڪاري ٿا ڏسجن. پل ته لنگهي وڃن..."

"پر ماسي، هي ته پنهنجو پَٽ آهي؛ هت اوڦتو شڪاري ڪيئن... ڏٺي منهنجا تون رحم ڪج..." ياڄايس چيو.

ياڄايس ڳالهه ڪري بس ڪئي ته ٻن گهوڙيسوارن ٻوڙن مان ڦاٽ ڪاڏو- ٻنهي جي هٿن ۾ بندوقون هيون. هني ۾ حلال ٿيل تتر پئي لڙڪيا. گهوڙيسوارن زائفائن کي ڏٺو ته لغامن کي ڇڪي، گهوڙن کي بيهاري ڇڏيائون. گهوڙن جو هانبارو پئي لڳو. اوچتو لغام ڇڪجڻ تي ٻنهي گهوڙن کان ڏهيل هٽڪارون نڪري ويون. گهوڙيسوارن مان هڪڙو جوان مڙس هو، ۽ ٻيو وچين عمر جو. جوان مڙس کي بوسڪيءَ جا ڪپڙا پيل هئا، ۽ سندس پهراڻ ۾ سونا ٻيڙا، زنجير سوڏا، نظر پئي آيا. مٽي تي پٽڪو به بوسڪيءَ جو هوس. وچولي عمر جي همراهه کي اڃا هرڪ جا ڪپڙا هئا ۽ مٽي تي اجرڪ جو پٽڪو ائين ٻڌل هو جيئن مڪٿهار ٻڌندا آهن.

مهروءَ جوان مڙس کي پهرينءَ سٽ سڃاڻي ورتو. هيءُ مئو ته اهو ساڳيو جيپ وارو وڏيرو هو! هن جي ٻانهن جا گهنڊيدار چهچ ڪارا وار ڏسي هن کي هينئين ۾ هڪ پڻجي ويو. وڏيري ٻين ماين تي سرسري نظر وڌي، ۽ سندس اکيون مهروءَ ۾ ڪِپي ويون. مهروءَ ائين ڀانيو جڻ ته اهي اکيون هن جي آرپار مٽي پئي ويون. هن ائين ڀانيو جڻ ته هوءَ اگهاڙي ٿي پئي هئي؛ اهو خيال ايندي ئي هن پنهنجي گندي ڇڪي ڪلهن تي ورائي، ڇاتيءَ کي ڍڪي ڇڏيو. هن کي انهن اکين کان ڏاڍو ڊپ ٿيڻ لڳو. انهن اکين جون نظرون سئيءَ وانگر هن کي وڍيندڙيون سوراخ ڪنديون، ايذائينديون ويون. انهن اکين کان بچڻ لاءِ، پنهنجن پيرن ۾ پَسيل جتيءَ جي ٽنئورن ۾ نهارڻ لڳي.

"ابا، ڏاڍا کي اشراف ٿا ڏسجو، جو ائين نياڻين جي رستي روڪ ڪري بيهي رهيا آهيو." هڪڙي مائيءَ کان رهيو نه ٿيو، ۽ چئي ڏنائين.

"رستي روڪ اوهان ڪئي آهي يا اسان؟ هٿي پري ٿيو ته اسين مَٿي وڃون..." جوان مڙس مهروءَ مان نظرون ڪيڏندي، مائيءَ کي گهوري ڏٺو.

"ابا، الله کان ڊڄ؛ رستي روڪ اوهان ڪئي، ڪينَ اسان... اسين ته پنهنجو رستو وٺيو پئي آيون سون، جو اوهان فٽر ڪندي اچي دڳ جهليو..."

وچولي عمر جي مڙسالي گهوڙو اڳتي آئيندي چيو:
"نهيو بابا نهيو: ڪهڙي ڳوٺ جون آهيو؟"
"پنوهرن جو ڳوٺ... او، هُو پريان پيو ڏسجي..."
"جڙئي پنوهر جو ڳوٺ ٿيون چئو نہ؟ پنوهر تہ اسان جا پنهنجا آهن. رئيس، هلو تہ هلون: مرڳو مايون اهو نہ چون تہ اسان مٿن فائر ڪيا هئا!"

هنهي گهوڙيسوارن، گهوڙن کي موٽايو، ۽ وري هوڙن مان ٿيندا، غائب ٿيا ويا. مايون سراپجي بيٺيون رهيون. هڙي ڪار هنن سان ڪڏهن نہ ٿي هئي، ۽ نہ ئي هنن کي ڪو خواب خيال هو تہ ائين بہ ٿي سگهيو ٿي. هِن پٽ ۾ هڙي هوڙهيائيءَ جو تصور بہ هنن لاءِ ممڪن نہ هو. نياٽيون سياٽيون جڳن کان پاڻيءَ جا مٽ ٻيلهہ ڪٽي ڳوٺن ۽ واهٽن ۾ ايندیون ويندیون ٿي رهيون: ڪنهن بنهہ لُنب يا لُڄ کي بہ انهن نياٽين کي ستائڻ جو ڪڏانهن ڪو خيال نہ آيو هو. هي ڪهڙو زمانو آيو هو، جو ڏينهن ڏٺي جو، وڏيرا دينداستي نياٽين کي ڊيڄارين ۽ رستي روڪ ڪن!

مهروءَ ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪئي تہ ڪو هن ان جوان مڙس کي سڃاتو هو. نڪي ڀاڄايس ئي ڪا ڳالهہ ڪئي، ٻنهي کي اهو ڊپ هو تہ جيڪڏهن هنن ڳالهہ ڪئي تہ پڪ ئي پڪ جهيڙو ٿيندو، ڪهاڙيون ۽ بندوقون ڪڍنديون، ڳچ ڳرندا، سسين جو لابارو لهندو، ۽ پوليس جا گهوڙا گهرن ۾ ڪاهي پوندا. ڊپ مهروءَ جي لنو لنو ۾ هُڙڪڻ لڳو. آتئي ويٺي، هن کي ائين ڀاسندو هو جڻ ڪو گهوڙيسوار لوڙهو ٽپي هن کي ڪٽڻ لاءِ اچي پهتو هو، ٿوري ڪڙڪي يا ٺڪاءَ تي هن جي دل دهلجي ٿي ويئي. هن کي هر وقت ڪي اکيون پنهنجي جسم ۾ سوراخ ڪنديون، ٽنبجنديون ٿي محسوس ٿيون. هن ڪوشش ڪئي تہ هوءَ اندر ئي اندر نورل جون اکيون ڏسي، پر نورل جون اکيون جڻ وڏيري جي اکين کان ڊڄي پوئتي هٽي ٿي ويون، ۽ اُنهن نين اکين کان بچڻ لاءِ هو پنهنجي جُتيءَ جي ٽنئورن کي ڏسڻ ٿي لڳي! وڏي ڳالهہ تہ هن کي خواب ڊيڄارڻ لڳا هئا. هڪڙي خواب ۾ هڪڙو بگهڙ پنهنجي رتايل اکين سان هن کي گهوريندو هو، ۽ هوءَ ان جي خوف کان ٻيلهہ گهڙن سان، ڊوري جي دڳ تان ڊَڪَ پائي، پاڻ بچائڻ لاءِ، هوڙن ۾ لڪي ويندي هئي. اوچتو هن کي پنهنجي پويان ڪنهن جي ساهہ جي هانباري جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. پويان نهارڻ تي ڏسندي هئي تہ اهي ئي بگهڙ جون اکيون هن کي گهوريندیون نظر ايندیون هيون. هوءَ گهڙا اتي ئي ڇڏي وري ڀڄڻ لڳندي هئي. ان وقت تمام پري کان هوءَ ڏسندي هئي تہ نورل هن کي هنج ۾ لڪائڻ لاءِ ٻانهون کوليندو هو، پر بگهڙ هن جي ڪڍ لڳو ايندو هو، ۽ پوءِ هوءَ وري پاڻ کي ڊوري جي دڳ تي ڏسندي هئي. نورل الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويندو هو، ۽ هوءَ

اڪيلي، ٻيلهه گهڙن سان، بگهڙ جي اکين ۾ نهارڻ کان بچڻ لاءِ جَتيءَ جي ٽنئورن ۾ نهارڻ لڳندي هئي، ۽ جَتيءَ جا ڳاڙها ڪارا ٽنئور هن جي اکين ۾ ائين ٽنبجي ويندا هئا جو بگهڙ جون اکيون به انهن ٽنئورن جي ڳاڙهي ڪاراڻ ۾ گم ٿي ويندیون هيون؛ ۽ هوءَ ڇرڪ ڀري اَتي ويهندي هئي!

پنج ڇهه ڏينهن گذريا ته هڪڙي مائي، اجرڪ جي اکڙي، سوسيءَ جي سٽڻ، ۽ ٽونٽ تائين عاج جي چوڙ پاتل، پوڙهي اندر هلي آئي. اڃان لوڪهي وٽ هئي ته سڏ ڪري چيائين: "ائي امان، ڪو ڪتو ته ڪونهي؟"

مهرو ته هر ڪڙڪي تي ڇرڪ ڀرڻ لڳي هئي، تنهن جو اهو آواز ٻڌو ته هٿ ۾ پاڻيءَ جي ڇَل هيس، اها ڇڏائجي ويس ۽ هيٺ ڪري ڀور ڀور ٿي ويئي. هوءَ اتي نمي نِڪريون ميڙڻ لڳي. تيسين مائي به لنگهي آئي. ڀاڄايس وڏي ڪيڪاريس: "امان، ڀلي ڪري آئينءَ."

"ائي امان، ڀلايون هَجنئي! مَٿن ڪتن کان ڏاڍي ٿي ڊڄان..."

مائي اجرڪ لاهي ڪَٽي ڪٽ تي رکي، ۽ پاڻ به ٿهي جَڙي، ڪٽ تي ويهي رهي. ٽڪريون ميڙيندي، هن مائيءَ ڏانهن ڏٺو: موٽ ڪاڏل عمر، ڳاڙهسرو ڪارڙو رنگ، سينڌ ۾ ٻنهي پاسن کان اڇن وارن جون لٽون، جن جي وچان نَٽ جو ڳاڙهي سَٽ جو ڏاڻ ڇڪيل، اکين ۾ ڪجل ايترو جو اکين کان ٻاهر نڪري آيو هوس، ويڪرو ويڪرو منهن، ويڪرو موڪرو نڪ جنهن ۾ هڪڙي لال ۽ ٻن اڇن شيلاني موتين واري جهاءِ سان وڏي نَٿَ، ٿلها ڀريل پر لڙڪيل ڳل، هڪڙي ڳل تي اک جي هيٺان وڏو ڪارو هَسو، چپن ۽ ڏندن ۾ مِسي ايتري لڳل هئس جو ڳاڙهاڻ بدران چپ ناسي رنگ جا ٿي نظر آيا، ڪنن ۾ چاندیءَ جا ڳرا پنڙا، جن جي ڪري ڪن لڙڪي پيا هئس. ٻنهي ٻانهن ۾ ٽونٽ تائين ٻانهين، ڳاڙهي گج تي ساوا ۽ ڪارا ٽنئور، ٻانڌڻي جي ڊگهي گندي؛ ڳاڙهي سوسيءَ جي سٽڻ، پيرن ۾ ٽن ٽنئورن واري جتي- ٻن ڳاڙهن ٽنئورن جي وچ ۾ هڪڙو ڪارو ٽنئور؛ مٿان وري وڏي ڦليءَ واري لاکائين اجرڪ! جيڏي مهل مهروءَ هن مائيءَ جو جائزو پئي ورتو، اوڏيءَ مهل هن مائيءَ جي نظر به هن ۾ هئي، جيتوڻيڪ ڳالهايائين ڀاڄايس سان پئي. مائيءَ جي اکين ۾ ڪا اهڙي ڪيفيت هئي، جا مهروءَ کي سمجهه ۾ نه آئي، پر جيڪا نهار هن کي چئي رهي هئي، ته مون توکي سڃاڻي ورتو آهي.

ڪيڪار کان پوءِ، مائيءَ مهروءَ ڏانهن منهن ڪري چيو، "ائي امڙ، پاڻيءَ چڪو ته پيارينم..."

مهرو چپ چاپ پاڻي جو وٽو ڀري آڻي مائيءَ کي ڏنو. مائي هڪڙي هٿ ۾ وٽو جهليو، ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي نٿ کي مٿي جهليندي، پنهنجي چپن تائين آندو، پر وٽي جي مٿان هن جون ڪجل سان ڪاريون اکيون هن کي گهوريندیون

رهيون.

ڄاڻ سڄاڻ لاءِ ڀاڄايس ڳالهه چوري. پنهنجي سڄاڻپ ڪرائي چيائين: ”هيءَ منهنجي ٽٽان آهي، مهرو.“

”ائي امڙ.... ها سو ڳالهه ٿي ڪيم تہ آءٌ هونئن تہ گهران نڪران ئي ڪونہ... مئو گوڏن جو سور هلڻ ئي نٿو ڏئي، پر رئيس گهرام خان جي وڏي گهر واري اصل وهڻ ئي نہ ڏي- چئي تہ اڄ جو اڄ پنوهرن جي ڳوٺ سڏ ڏئي اڄ.... بادشاهہ پير جي ڪَني ڪئي اتس... سمورن راڄن کي ڪوٽ ڏني اتئون. اسانجا مرشد سائين پنهنجي پاڪن سوڌا تا اچن... سو رئيسن چوائي مَڪو تہ سيني راڄن جي نياٽين کي سڏ ڏجو تہ ست ختما پورا ٿين... سو امان، آءٌ اوهان وٽ لنگهي آئي آهيان... ٻيو مڙئي خير.“

”ماسي، رئيس گهرام خان وارن سان تہ اسانجي برادر، نہ شراڪت، نہ ڪا اچڻ وڃڻ جي واٽ...“

ڀاڄايس اجان ڪجهہ وڌيڪ چوڻ واري هئي، پر مائيءَ سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽي چيو: ”ائي امان، هيءَ ڪوٽ ڪا رئيس پاران ٿوروئي آهي، ڪوٽ تہ بادشاهہ پير جي آهي... پاڪن موڪلي آهي...“

”پر ماسي، اهي فيصلا تہ ڀاءُ برادر وارا ڪندا آهن تہ ڪٽي اچجي، ڪٽي وڃجي.... ها، جيڪڏهن رئيسن مامي جيوڻ کي سڏ ڏنو آهي، ۽ مڙسالن ها ڪئي تہ پوءِ اسين اڪين سين ايندیون سين...“ ڀاڄايس نيٺ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي.

”هائو امڙ، هائو.... هيءُ ڪوٽ سگهري آهي... رئيس جو وڏو ڪمدار پاڻ ڄاڻ ڪي آيو، اوهان جي مڙسالن کي بہ ڪوٽ ملندي... پاڙو نبين کي بہ پيارو... رئيسن جي پاڙي ۾ ويٺا آهيو... چڱو ڀلا، امان آءٌ هلان ٿي...“ ائين چئي مائي پنهنجي اجرڪ ۾ هٿ وڌو، ۽ اَٽڻ لاءِ سنبرڻ لڳي.

”پر ماسي، ٽڪر پور تہ ڪائي وڃين ها...“ ڀاڄايس وات ٽڪاڻي ڪئي.

مائي وري سهي سنبري ڪٽ تي ويهي رهي ۽ چيائين ”ائي امڙ، تون سِڪ مان زور پئي ڀرين، سو نهڪر ڪانہ ڪندس!“

مهرو مائيءَ جي ان اوچتي بدلجڻ تي حيرت ۾ پئجي ويئي، ڀاڄايس بہ وسامجي ويئي، پر لڪا ڪانہ ڏنائين ۽ چيائين ”مهرو، تون ماسيءَ وٽ ويهہ تہ آءٌ جهٽ ڪري ماني ٺاهي ٿي وٺان...“

ڀاڄايس ائين چئي، وڃي چلهہ کي لڳي. مهروءَ کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هن مائيءَ سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري، پر مائيءَ پاڻ آهستي سرهاٽ ڪندي چيو: ”ائي امان، ڀلا توکي ڪٿي مڳايو بہ اٿن، ڪين نہ؟“

مهروءَ رڳو ڪنڌ ڏوڻي نهڪر ڪئي. حياءَ ڪان هوءَ سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي.

مائي گهڙيءَ لاءِ هن جي منهن ۾ نهاريندي رهي، پوءِ نڪ تي آڱر رکندي چيائين: ”چوري، تو جهڙي سدا ملوڪ مومل کي تہ راڻين وانگر راج ڪرڻ کپي... هنن لوڙهن ۽ لانڊين ۾ ڇا رکيو آهي... مون سان هل تہ اهڙا شيل ڪرايانءِ جو مائٽ وسري ويندءِ... آءٌ توکاڻ پنڌ ڪري آئي آهيان. رئيس گلڻ خان جڏهن کان توکي ڏٺو آهي، تڏهن کان چت چريو ٿي پيو اٿس... نہ اُتندي آرام، نہ وهندي سک... اصل سک ڦٽي پيو اٿس... ڪيس ٻانهن جي ڪا ڪوٽ ڪانهي... هينئر بہ سوني ڪنيارڻ کي وهاريو ويٺو آهي، جنهن جي انگ انگ ۾ اهڙي سونهن آهي، جو هلي ٿي تہ ڌرتي ٿي ڌڻي... پر توکي ڏٺو اٿس تہ منهنجو ويهڻ وهہ ڪري ڇڏيو اٿس... ماسي، اها ٻانهن نہ ملي، تہ آءٌ زهر کائي مرندس... چيمس: صدقي وڃان، مون کان ڪيڏانهن ويندي، آسمان جي ڪا حور هوندي تہ بہ ڪامڻ ڪري آئي تنهنجي سيج تي نہ وهاريانس تہ هيءَ منهنجي سينڌ، هي تون...“

مهرو اهو سڀ سرهاڻ ٻڌندي رهي. هن اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن نہ ٻڌيون هيون، ۽ نہ اهڙين ماين سان ڪو واسطو پيو هوس. هن رڳو اهو ٻڌو هو تہ ڪي رنون ڏوتيون ۽ ڪٽيون ٿينديون آهن. ڪنهن ڏوتيءَ ۽ ڪٽڻ رن سان هن جو بہ واسطو پوندو، ان جو هن تصور بہ نہ ڪيو هو. هن ڀانيو تہ هن جي من اندر ڪو مچ ٻري پيو هو، جنهن ۾ ڪاوڙ ۽ چڙ سان گڏ ٻڃان جا آڙاهہ پئي ٻريا. هن جا لفظ هن جي اندر ۾ ڪنهن شئي کي ڪٽر ڪري، وڏي ڪپي رهيا هئا ۽ ان مچ ۽ آڙاهہ کي وڌيڪ مچائي رهيا هئا. الائي ڇو، هن جون اکيون پوسرڻ لڳيون. هن جون مٺيون پيڙجنديون ويون. هن جي سموري ٻت ۾ سَيون سَيون لڳڻ لڳيون. هن جا چپ ٽڙڪڻ لڳا ۽ هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر مائي هن کي گهوريندي چوڻ لڳي: ”صدقي وڃانءِ، منهنجي رئيس سان ياري رکندينءِ تہ سڄو سون ۾ ڳاڙهو ڪري ڇڏيندءِ. راڻين وانگر راج ڪندينءِ: اڳيان پويان مون جهڙيون ٻانهيون ۽ گوليون پيون ڦرندءِ... انگل ڪندينءِ تہ شهر ۾ نئون بنگلو ابہ وٺي ڏيندءِ...“

هن کان وڌيڪ ٻڌو نہ ٿيو. ڪنن ۾ تاڙيون ۽ اکين اڳيان آنڌ اچي ويس ۽ هن جي دل چاهي تہ ٻاڪو ڦاڙي، ٻرڙاٽ ڪري روئي، ۽ پوءِ هن رن کي ڄنڊن کان جهلي لوڙهي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي. هن جو سڄو بدن رڦڻ لڳو ۽ هن مٺيون پيڙي، چپن ۾ چيو: ”رَنَ ڪٽڻ!“.

پوءِ هوءَ اتان اُٿي، ٽڙندي ٽاٻڙندي اندرين ڪوٺيءَ ۾ هلي ويئي، ۽ هيٺ وڃايل تنئوريءَ تي گوڏن ۾ منهن وجهي ويهي رهي. وڏا وڏا ساهہ کڻي، پنهنجي اندر جي مچ کي اُجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

گهڙي ساعت کان پوءِ ڀاڄايس اندر آئي، پر هن گوڏن مان منهن مٿي نہ کنيو. ڀاڄايس وڏي، سندس مٿي تہ هٿ رکيو تہ هن منهن مٿي کيو. هن کي خبر نہ هئي پر لڙڪ سندس اکين مان لڙي هن جي چولي کي پسائي ويا هئا، ڀاڄايس ڇڻ ورڇجي پڇيو: "پر بہ ٿيو ڇا؟ هن مائيءَ توکي ڇا چيو؟ تو هن کي ڇا چيو؟"

هن نماڻين اکين سان پنهنجي ڀاڄائيءَ کي ڏٺو. اکين جي ڏنڌ ۾ ڀاڄايس جي منهن تي جيڪي ريکائون ڏٺائين، تن کي ڏسي رڳو هن ايترو چيو: "جيجان، هن رن ڏاڍيون ڪنيون ڳالهيون ٿي ڪيون، سو مون چيومانس: "رن ڪٿڻ!"

ڀاڄايس جي اکين ۾ ڪا سمجهہ موٽي آئي ۽ ان سمجهہ سان گڏ هڪ نئون اعتماد، ۽ هن لاءِ ڀاڀوهہ موٽي آيو، ۽ هن چيو: "آءٌ بہ چوان، تہ رن ائين تڙ تڪڙ ۾، اجرڪ ويڙهي، لوهہ پائي ڇو وئي ڀڳي؟... هاڻ اَٿ، هت ڪاڙهي ۾ تہ ساهہ تو منجهي. بادشاه پير شل ڇٽَ ڪري هنن نانگ ڪاڏين ڏوتين کي...!"...

ڇئونري کير سان ڀرجي ويئي، ۽ هن جي خيالن جو سلسلو بہ ٽٽي پيو. وري وڏيري گهرام جا اهي اکر هن جي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا: "تيرهين تاريخ مون کي اوهان جي قبوليت نہ پهتي تہ پوءِ مون تي ميار نہ رکجو: ٻانهن آءٌ زوريءَ ڪٽي ويندس!" لفظ ياد ايندي ئي هن کي نئين سر بدن ۾ رڦٽي پئجي ويئي. اوڏي مهل بري ٻڪري هڪڙي لت چئونري کي هٽي ڪڍي ۽ چئونري اونڌي ٿي پئي. اچو اچو کير پٽ تي ڦهلجي ويو، ۽ هوءَ ڳچ دير ان اچي اچي هاريل کير کي گهوريندي رهي!

(٥)

چوڏهين جي چانڊاڻ سنڌ جي آسمان تي ايئن ڪڙندي آهي، جيئن ڪنهن نئين سهاڳڻ جي منهن ۾ حياءَ ۽ حجاب جو رنگ، پر اڄ تہ چوڏهينءَ جو چنڊ ائين ڪارانيل هو، ڄڻ ڪنهن ڏهاڳڻ جو ورلاپ، آس پاس ويٺلن جي دلين ۾ درد جو دونهون بڻجي ويو هو. مهروءَ جون اکيون ذري ذري چنڊ ڏانهن ڪڍي ٿي ويون؛ هن جي دل ٿي چاهيو تہ ڪي ڪارا ڪڪر ڪارونيار ڪان اڇي چنڊ کي ڍڪي ڇڏين، جيئن هنن جو چونئرو اوندهہ جي تابوت ۾ بند ٿي وڃي. اڄ چنڊ هن جو دشمن هو، هنن جي لوڙهي جو دشمن هو، هنن جي چونئري جو ويري هو، هنن جي ڳوٺ جو ويري. اوچتو ڪنڍيءَ رنڀ ڪئي، ۽ هن ڪان هڪ ڍڳهو ڇرڪ نڪري ويو. هن جو سڄو بدن رڦڻ لڳو. سخت ڪاڙهو هوندي بہ، هن جي جسم ۾ اجهل سيءَ جون ميخون چيندیون ويون. هن جي دل مان پاراتو نڪري ويو: "مئي ناس ٿي! اڄ رات تہ چپ رهہ!"

هوءَ ڏڪندي ڏڪندي اٿي، ۽ گهڙامنجيءَ تان دِلي کي ليتائي، پاڻيءَ جي ڇَل ڀريائين، ۽ پنهنجي سڪل ٺوٺ چپن تائين آندائين. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڇَل جي ٺڪر ۽ هن جي چپن ۾ ڪو فرق نہ هو، پاڻي هن جي چپن کي آلو ڪرڻ بدران وڌيڪ اُجائيندو ويو. هن جي تارونَ ۾ چيندڙ ڪنڌا، وڌيڪ آلا ٿي، هن جي نڙيءَ کي وڌيڪ لهسائڻ لڳا. هٿ جي ڏڪڻ جي ڪري، ڇل جي ٺڪري هن جي ڏندن سان لڳي، اهڙي ڪڙ ڪڙ ڪرڻ لڳي، جنهن جو آواز، هن سمجهيو تہ پاڙيس کي جاڳائي وجهندو. هن هراسجي، ڪنڌ موڙي پويان نهاريو، جتي پاڙيس ستل هئي. پاڙيس جي موجودگيءَ جو احساس نئين سر ايندي ٿي، هن جي هٿن جي ڏڪٽيءَ کي ڄڻ تہ ڏيرج اچي ويو، ۽ هن پاڻيءَ سان ڇل خالي ڪري ڇڏي. پر هن جي اُج ۽ اُسات نہ لٿي. هن ڇل کي وري پرڻ لاءِ، دِلي جي ڪنگر تائين آندو، ۽... پاڻيءَ جي بدران، دلو گهڙامنجي جي چٽونڪ تان ٽڙيو، هڪ وڏي ٽاڪئين ٺڪاءَ سان اچي هيٺ ڪريو! هن جي هڪڙي پير جو آڱوٺو دلي هيٺان اچي ويو ۽ هن ڪان دانهن نڪري وئي: "ائي الا...!" ڀڳل گهڙي جون ٺڪريون، پري پري پکڙجي ويون ۽ اڇلجندڙ پاڻيءَ هن جي چولي جي آڳي ۽ سٽڻ جي پائنچن کي پسائي ڇڏيو.

آواز تي ڀاڄايس ڇرڪ ڀري اتي ۽ ڊوڙندي وٽس پهتي: "ائي امان ڇا ٿيو؟"

هن ڪوبه جواب نه ڏنو، اتي ئي ويهي رهي. ٻنهي هٿن سان، ڪٽي زخمي پير جي پٻ کي جهليائين. چنڊ جي روشنيءَ ۾ دلي جي پور پور ٿيل ٺڪرين کي، ۽ هاريل پاڻيءَ کي ڏسي، ڀاڄايس سمجهي وئي. پاڻهه مان پڇيائين: "امان، ڏڪ ته ڪونه لڳئي...؟"

هن وري به ڪو جواب ڪونه ڏنو. رڳو زور زور سان پير جي پٻ کي نپوڙيندي رهي. سور کان هن جي اکين ۾ لڙڪ پوسرڻ لڳا.

"ائي ڇوري، ڏسان ته..." ڀاڄايس هيٺ جهڪي هن جي پير کي ڏٺو. آڱوٺو سڄو رتايل هو، ۽ نهن وٽ رت مڙي آيو هو. نهن کان مٿي ڏوڏو نيرو ڪارسرو ٿي ويو. پاڻي ۾ آلي ٿيڻ ڪري، سٿڻ مرئي وٽ چنبڙي پئي هيس. ڀاڄايس آهستي آهستي هن کي اتاريو. اتي ٻيهي، پير تي ٿوروئي زور ڏنائين ته ڪانئس وري دانهن نڪري ويئي: "الا... ميس!" ۽ وري اتي ئي ويهي رهي.

آواز تي ڀاٽس به اتي آيو. هن کي پٽ تي ويٺل ڏسي، هو به سمجهي ويو ته ڏڪ ڪو زورائتو لڳو هئس. ٿورو نٽڙي، ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي، هن کي اتاريندي، چيائين: "مڙيوئي خير، مڙيوئي خير ٿيندو... شابس، هنڌ تائين هلي ڏس..." ڀاءَ جي ڀاڪر جي پاڻهه ۾ گهڙيءَ لاءِ هن کان سور وسري ويو، ۽ منڊڪائيندي، هنڌ تائين هلي آئي. ڀاڄايس جهٽ ۾ چلهه دڪائي، هيڊ جو پهو ٺاهڻ لڳي. ڀاٽس هن جي ٽنگ ڊگهاڙي آڱوٺي تي آروس لاءِ هٿ رکيو ته هن کان وري دانهن نڪري وئي...

ايا اها دانهن هن جي نڙيءَ ۾ ئي هئي ته هڪ خوفناڪ ٺڪاءُ ٿيو! ۽ پوءِ هن ڏنو: ڀاٽس اچل کائي، اونڌي منهن هن جي پيراندي ۽ کان ٿيڙ کائي، وڃي پٽ تي ڪريو. هڪ نئين دانهن، هن جي نڙي بدران، هن جي دل مان نڪتي: "ڀائو...!"

هن جي رڙ چانڊوڪيءَ کي ڪنبائي ڇڏيو. هوءَ سٽ ڏيئي اتي: هن کي پنهنجو زخمي پير به ياد نه رهيو، ۽ ٿاٻڙجي ڀاءَ تائين آئي. هوءَ اتي ئي ويهي رهي. ڀاءَ کي سڌو ڪري، هن جو ڪنڌ هنج ۾ رکي، اکين اڳيان ايندڙ اونداهه مان هن ڏنو: يار محمد جي منهن جو هڪڙو پاسو لوٽي کان ڪاڏيءَ تائين ايئن ڇڇريل هو، جڻ ڪنهن مڏي ڪاتي سان ماس ڪوري ڇڏيو هجيس، لوٽي وٽ هڪ سوراخ مان رت بوڙيا ڏيئي وهي رهيو هو: ڪجهه رت ڪياڙيءَ طرف وارن ۾ وڙجي ويو هو، ڪجهه بند ٿيل اک تان وهي، ماس ڪوريل مٿين ڇاڙيءَ مان، اندر هن جي نڙيءَ طرف وهندو ٿي ويو. يار محمد جي نڙيءَ مان خر خر جو آواز ائين اچي رهيو هو جڻ ڪو وايو ڪارائيءَ سان ڪائي ڪپي رهيو هو. رکي رکي، ڀاٽس جي جسم ۾ اوچتي اچل ٿي آئي جڻ ڪا جيئري مڇي پاڻي کان ٻاهر اچلون

ڏيندي هجي. هن ان مهل پنهنجي ڀاڪر کي وڏيڪ ڀيڙي ٿي ڇڏيو. آس پاس ٿيندڙ فائرن جي خوفناڪ پڙاڏن جي باوجود هن جو اندر سنسان ٿيندو ٿي ويو، ۽ بنا ڪنهن ارادي جي، هن پنهنجي پوتيءَ سان، يار محمد جي اک ڏانهن ويندڙ رت اڳهيو. اوڏيءَ مهل اوچتو هن ڏٺو: پاٽس جي اک اڏوڪاري ڪلي، ۽ پوءِ سڄي ڪلي پئي. اها اک گهڙيءَ لاءِ هن کي گهوريندي رهي. هن پانيو چڙ تہ اها اک ڪجهہ چوڻ چاهيندي هجي، پوءِ ان اک موٽي ڪاڏي: يار محمد جي جسم ۾ هلڪي اڇل آئي، ۽ اک جي ماڻڪي مٿي ڇڪجي ويئي...

ٻن ڪهرن ڪهرن هٿن، هن جي ڪڇن ۾ هٿ ڦهائي، هن کي ڇڪيو. اوچتي ڇڪ اچڻ تي، پاٽس جو ڪنڌ هن جي هنج مان لڙڪي، پٽ تي ڪري پيو. هڪڙو هٿ هن جي ڪچ کان نڪري هن جي وات ۽ نڪ تي ڦهي ويو. اُن هٿ جي ڪرائي، هن جي ڪاڏيءَ هيڻان اچي، ٺونڊ وٽان هن جي ڪنڌ ۾ وکوڙجي وئي. ٻيو هٿ بہ ڪچ کان نڪري، هن جي ڇاتيءَ کان ٿورو هيٺ وڪڙ کائي، هن جي ٻانهن ۾ ڦهي ويو، ۽ هن پاڻ کي مٿي کڇندو محسوس ڪيو. گهڙي لاءِ اوپري اڳري پڳهر جي بوءِ ڪياڙي کان ٿيندي، هن جي مغز ۾ ڦهلجي وئي. ان وقت هن هلڪي سرگوشي ٻڌي: ”رئيس، ٻانهن سوگهي آهي... توهين هلو جيپ تي، آءٌ ڪٽيو ٿو اچانس!

(٦)

نورل کي ڳوٺان آئي، هونئن تہ ڪي مهينا بہ مس ٿيا هئا پر هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هن کي ورهيہ گذري ويا هئا. هن کي پنهنجا پڊ وسرندا ٿي ويا، انهن جي بدران هي نئون پٽ نئين سج نئون ۽ وڏيڪ پنهنجو ياسڻ لڳو. هن جي دل اکين ۾ لهي آئي هئي ۽ انهن اکين کي هر وقت ڪا ڳولا هئي، ڪا هورا کورا هئي. هن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ هن جي اکين کي ڪنهن جي ڳولا هئي، ڇا جي هورا کورا هئي. سڄي ڄمار هن کي ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ٿيو هو تہ هن جي پاسرائين جي پويان ڪا دل بہ آهي. پر هاڻ، اوچتوئي اوچتو، هن کي دل جي موجودگيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. هن جي دل بنان ڪنهن سبب جي ڌڙڪڻ لڳي هئي ۽ ڌڙڪندي ڌڙڪندي ڏڪ گسائڻ لڳي. ياروءَ جي گهر ڏانهن وڃڻ جو سوچيندي ئي هن جي دل ماندي ٿيڻ لڳندي هئي. دل جي انهي ماندڪائيءَ کي گهٽائڻ لاءِ هو مامي جي ٻنيءَ تي هليو ايندو هو، ۽ مامي کي منٿ ڪري هَرَ ڪاهڻ لڳندو هو. جهنگ وڍڻ لڳندو هو. ٻيو ڪجهہ نہ سُجهندو هوس تہ وهڙي کي سڳن کان جهلي، زور آزمائي ڪرڻ لڳندو هو. وهڙو بہ هن کي ايترو سڃاڻي ويو هو، جو هن کي ڏسندي شرط، دون هيٺ ڪري، سڳ الاري بيهندو هو ۽ هڪڙي ڪر سان زمين تي دڙهيا هٿڻ لڳندو هو. نورل کي گهڙي لاءِ پنهنجي دل جي آنڌ ماندڻ وسري ويندي هئي. هن جون پنهنجيون رڳون بہ وهڙي وانگر ٽٽڪجنديون ويندیون هيون ۽ جڏهن هن جا هٿ وهڙي جي ڪهرن ڪهرن سڳن ۾ ڦهندا هئا، تڏهن هن جي دل ۾ فقط اهوئي خيال هوندو هو تہ هو ايڏي طاقت لائي، ايڏي تہ طاقت لائي جو وهڙي کي ٽنگون ٻيٽيون ڪرڻ تي مجبور ڪري وجهي. زور لائڻ وقت هن جي نڪ جون ناسون ڦنڊڻ لڳنديون هيون ۽ هن جي ناسن مان هن جي ساهہ جو آواز سيٽيون ٻڄي نڪرندو هو، ۽ وهڙي جي ناسن مان نڪرندڙ ڦوڪارن ۾ گم ٿي ويندو هو. جڏهن وهڙو وڏيڪ ست نہ ساري، هڪڙو گوڏو ٻيڻو ڪري، هن جي اڳيان جهڪي پوندو هو، تڏهن هنکي پنهنجي دل جي ڏڪ ڏڪ صاف ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. ست ڏيئي وهڙي کي اڌاري، سندس ڳچيءَ تي هڪ نئين پيار مان ٿڦڪيون ڏيڻ لڳندو هو ۽ پوءِ هن کي پنهنجو پڳهر ۾ شل ٿيل جسم ياد اچي ويندو هو. هن جي دل جي ڏڪ ڏڪ ڍري ٿيڻ لڳندي هئي ۽ ان جي

بدران هڪ عجيب ٽڪ هن جي بدن ۾ ڪَر موڙڻ لڳندو هو. ان ٽڪ لاهڻ لاءِ هو واهه تي هليو ايندو هو. واهه ۾ تڙڳندي، هو ڪو وقت سنئون سڌو پاڻيءَ جي بستري تي، پٺ ڀر ترندو، پاڻ کي وهڪري جي آڌار تي ڇڏي ڏيندو هو!

هن جي من ۾ جيڪو مانڌاڻ متل هو، ان جو ڪو سڌو سنئون سبب، ڪو طرف، ڪو آڳو پيچو هن کي سمجهه ۾ نه ايندو هو. هن کي رکي رکي اها ڳالهه ياد ايندي هئي ته اهو مانڌاڻ ان ڏينهن کان متو هو، جنهن ڏينهن هو شاهه شهيد جو ميڙو گهمڻ ويو هو ۽ جڏهن تاڻي تان ماسٽر کي ڇڏائي آيا هئا. اُن مانڌاڻ جو منڊ شايد اهو واقعو هو: يا وري وڏيري گلڻ جي ياروءَ وارن سان کوچرائي. هو جڏهن به انهن واقعن کي ياد ڪندو هو، تڏهن هن کي ماسٽر جي اکين جا لڙڪ پنهنجي اکين ۾ لهندا محسوس ٿيندا هئا. يا وري هن کي ڪنهن جو رت ۾ ڳاڙهو ڏورو ياد ايندو هو، ڪنهن جون هيسيل هراسيل اکيون ياد ايندڙيون هيون ۽ اهي ٻول ياد ايندا هئا ته "ادي، انهيءَ کان مري ويون ها ته چڱو. ڪو ڪانڌي، ڪلهو ڏيڻ لاءِ ته ترسي ها!" اهي لفظ به هن کي پنهنجي دل ۾ لهندا محسوس ٿيندا هئا.

ان کان پوءِ هن جو سمورو وقت انهن ٻن سنڌن ۾ ورهائجي ويو هو. هن جي سموري ڪائنات جو اتر ۽ ڏکڻ اهي ٻه سنڌا هئا. هو ڪڏهن اتر ويندو هو ته ڪڏهن ڏکڻ لهي پوندو هو. ماسٽر سان هن جي ياري وڻ ويڙهيءَ وانگر هن کي ويڙهيندي ويئي. الائي ماسٽر جي ڳالهين ۾ ڪهڙي ڳالهه هئي جو نه سمجهندي به، هو ڀائيندو هو ته اهي ڳالهيون هن جون پنهنجيون هيون، جن کي سمجهڻ جي هروڀرو ضرورت به ڪانه هئي. ڀلا ماڻهو ان ڳالهه کي ڇا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ته هن کي به هٿ آهن، به پير آهن، به اکيون آهن، به ڪن آهن، ته هن کي بک لڳي ٿي، آج لڳي ٿي، ٽڪ ٽئي ٿو، ننڊ اچي ٿي. ماسٽر جون ڳالهيون به ائين هيون: ته هڪڙا هن وانگر، هن جي مامي وانگر ۽ هزارين لکين ڪڙمين وانگر پورهيت هئا ۽ ٻيا وڏيري گهرام، وڏيري گلڻ ۽ سيٺ سيرومل جهڙا ماڻهو هئا، جن ڪڏهن به ڪو پورهيو ڪونه ڪيو هو. پورهيت پورهيو ڪري جيڪي اپائيندا هئا، سو هنن جو پنهنجو نه هو: وڏيرا ۽ سيٺيون پورهيو ڪين ڪندا هئا، ڪجهه ڪين اپائيندا هئا، تڏهن به سڀ ڪجهه هنن جو پنهنجو هو. ٽيان ڪمدار هئا، ڪاراوا هئا، مولوي هئا، صوبيدار هئا، ڪامورا هئا، جيڪي پورهيتن جو پورهيو ميڙي چونڊي ديناداستي وڏيرن ۽ سيٺين جي حوالي ڪندا هئا. پنهنجي وَٽ ڪٽندا هئا، ۽ "شهنشاهه اسان جي ڪي، سلامت رک خداوند!" جهڙا ڳيچ ڳائيندا هئا.

مونجهارو فقط تڏهن ٿيندو هو، جڏهن هڪڙو سوال هن جي دماغ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پوسرڻ لڳندو هو ته ائين ڇو آهي؟ ماسٽر هن جي اکين ۾ اهو سوال پڙهي،

ڳچ دير ماڻ تي ويندو هو. ڇڻ ته هو هن کي سمجهائڻ جي باري ۾ دل من هٿندو هو ته هن سان حقيقت بيان ڪري يا نه. پوءِ ڇڻ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چوندو هو: "نورل ائين ڇو آهي، اهو ڏاڍو وڏو سوال آهي. ڏاڍو ڏکو سوال آهي! ايڏو ڏکو جو تنهنجي منهنجي حياتي ان کي سمجهڻ لاءِ ڪافي نه آهي. پر تو مون لاءِ اهو سمجهڻ هروڀرو ضروري به نه آهي ته ائين ڇو آهي. ائين ڪٿي سمجهه ته ائين آهي، پر اهو سوال وڏيڪ ضروري آهي ته ائين هئڻ گهرجي يا نه. جيڪڏهن نه ته، اسين ان کي بدلائڻ لاءِ ڪجهه ڪريون يا نه. نه رڳو هتي، پر جتي ڪٿي، خدا جا ڪي بندا ان ڪوشش ۾ آهن ته ان کي بدلائين ۽ اهڙو ڪو بندوبست ڪن جو ڪير ڪنهن جو حق نه ماري، ڪو وڏيرو ۽ سيٺ نه هجي جو ڪنهن هاري ۽ پورهيت جو پورهيو ائين دينداستي ڪٽي وڃي!"

نورل ان جواب کان مطمئن نه ٿيندو هو. بي اطميناني گهنج بڻجي، هن جي نرڙ تي ايري ايندي هئي. ماستر به ڇڻ ڦڪو تي چوندو هو: "آءٌ اڻ ڪتابن جا پڙهي به توکي سمجهائڻ جهڙو جواب ڏيئي نه سگهندس!"

هڪ ڏينهن ته نورل ذري گهٽ ماستر سان ڪاوڙجي پيو هو. ٿيو ڇا جو ڪاتيارن جي ڳوٺ جا به همراهه ماستر وٽ مزمان تي آيا. نورل جڏهن به ماستر وٽ ايندو هو تڏهن هن وٽ به تي همراهه هميشه ڏسندو هو. هو جيڪي پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا، نورل خاموشيءَ سان ويٺو ٻڌندو هو، ڪڏهن به وچ ۾ نه پوندو هو، نه ڳالهائيندو هو. ڳالهيون به اڪثر اهڙيون هونديون هيون، جن جي هن کي ڪا خبر نه هوندي هئي: سياست جون ڳالهيون، قانون جون ڳالهيون، جنگ جون ڳالهيون، آزاديءَ جون ڳالهيون، انگريز ۽ جرمن جون ڳالهيون! ڪڏهن وري چونڊن جون خبرون، ووٽن جي لسٽن جون ڳالهيون، وزارتن جا مامرا، ڪانگريس ۽ ليگين جا مقابلا ۽ جهيڙا- اهي ڳالهيون نورل لاءِ نيون به هيون ته اوپريون به. هن کي انهن ۾ ڪا دلچسپي محسوس ئي نه ٿيندي هئي.

خوش خيرعافيت کان پوءِ حالي احوال ٿيا ته خبر پيس ته پير جانڻ شاهه واري جاگير تان لاڪن جي پنجاهي گهرن کي بيدخل ٿي ڪيائون جيڪي انهيءَ زمين تي پيڙهين کان هر هاري هئا. سڄي ڳوٺ کي پوليس گهيرو ڪريو ويئي هئي پر لاڪا به مرڻ مارڻ لاءِ تيار ويٺا هئا. هو ڪنهن به صورت ۾ پنهنجا اباڻا پَڊ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا. هنن جو چوڻ هو ته اسان جي ابن ڏاڏن هن زمين کي رت جو ريج ڏيئي آباد ڪيو آهي. ڀڏن کي ڀري، جهنگ ۾ ٿوهر وڍي، ڪاٽيون ڪٽي زمين کي آباديءَ لائق ڪيو. پير جانڻ شاهه جي ابي ۽ خود سندس چوڻ تي زالين مڙسين بيگرون وهيون آهن. هنن جي وڏڙن جا مقام به انهيءَ زمين تي آهن- هاڻ جڏهن زمينون ڀليون ٿيون آهن ته هو ڪين بيدخل ٿو ڪري. رڳو ان ڪري جو

جڏهن کان لاهور مان نئين بيل آئي وهاري اتس تہ ان جا مائٽ ڪٽان ڪٽان اچي لڏا لاهي ويٺا آهن- چي: سنڌي هاري پورهيو نٿا ڪن، سو زمينون اسين وڏيڪ سٺيون ڪيڙينداسون. آڳي باقي جو ڀرپاسي ۾ هڪڙي رٽائرڊ صوبيدار ملڪ جهانداد خان اچي زمينون سنڀاليون هيون، ۽ هاري بہ پنهنجي ملڪ مان آندا هئائين، تنهن جي زمينداريءَ جي هاڪ ٻڌي پير جانڻ شاهہ اصل مٽو ٻڌي بيهي رهيو هو تہ لاڪن کي لڏائي، نوان هاري جهليندس. ملڪ جهانداد خان جو ڏکو سڄي تر ۾ مڃيل هو: جڏهن نوڪريءَ ۾ هو، تڏهن حرن واري ويڙهاند ۾ هن اهڙا "ڪارناما" ڪيا هئا جو سپاهيءَ مان چاڙهي صوبيدار ڪيائونس ۽ انعام ۾ ڀليون زمينون ڏنائونس. جيڪي ماڻهو جهلبا هئا، تن کان سڄي ڪرائڻ لاءِ ڪين جهانداد خان جي حوالي ڪندا هئا. ان وقت هو ملڪ جهانداد خان بدران پنهنجي اصلي نالي سان "جهاڙو" سڏبو هو. عام ماڻهو کيس "چمٽو" سڏيندا هئا. هو ان نالي تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. هن کي هونئن تہ سڄي ڪرائڻ جا سڀ انگ ۽ ڪرتب ايندا هئا: پيرَ ڪٽڻ، مڇون پٽڻ، اٻتو ٽنگڻ، ڪلهن جي ڦٽين ۾ پاڄاري ٻڌڻ، ننهن پٽڻ، نارڪ هنڌن تي ڏنپ ڏيڻ، ڏنڊي لنگهائڻ پر جنهن ڳالهہ هن کي سڄي سنڌ جي پوليس ۾ مشهور ڪري ڇڏيو، اهو فن رڳو جهاڙي کي ئي ايندو هو. ڇا ڪندو هو جو جوابدار کي آنورن جي مٿان حجامن وارو چمٽو چاڙهي ڇڏيندو هو. سندس ٿاٽي تي سدائين اُستو امام دين حجام سندس سنوارت لاءِ سڏبو هو، پر هن جو اصل ڪم اهو چمٽو چاڙهڻ هو. اُستو امام دين پنهنجي حد جو ڄاتل سڄاتل حجام هو ۽ طهر وهارڻ ۾ هن جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور هئي. چمٽو چاڙهي، هڪڙي هٿ سان مصريءَ جي ڳڙي نينگر جي وات ۾ وجهندو هو ۽ ٻئي هٿ سان پاڪيءَ جي هڪ ئي گهڪي سان لوٽڙي وڃي پري پوندي هئي ۽ اوطاق ۾ "مبارڪون" "لک لک مبارڪون" جو هل هنگامو مچي ويندو هو، ۽ اُستو امام دين سوئا مينهن ڪاهي ويندو هو. پوءِ جڏهن جهاڙو صوبيدار ٿي آيو ۽ استي امام دين سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي، تڏهن کان استي امام دين جو ڏس پتو ٿاٽي تي ٻڌبو هو. هن جو چمٽو هاڻ جهاڙي جو هٿيار ٻڌجي ويو. ڪنهن کان سڄي ڪرائڻ وقت اُستو امام دين، جڏهن هيٺ جهڪي آنورن مٿان چمٽو چنبڙائي، پاڪيءَ کي هٿ جي تريءَ تي ٿٽڪا ڪڍائيندو هو، تڏهن چپن ۾ ٻڙ ٻڙ ڪري چوندو هو: "هاءِ هاءِ! هڙو سهڻو جوان سڄي عمر تاڙيون وڄائيندو... هاءِ هاءِ!" ۽ پوءِ هن جي آواز جو پڙاڏو ٿاٽي ۾ گونجندو هو: "سائين، هاڻ هن مشڪين تي رحم ڪريو! ڇئي ٿو تہ سڄي ٿو ڪريان!"

جڏهن کان زميندار ٿيو هو، تڏهن کان هو جهاڙي مان ملڪ جهانداد خان سڏجڻ لڳو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن آس پاس جا دنگئي وڏيرا

هن جا سلامي ٿيندا ويا. هو هنن کي لاهور گهمائڻ وٺي ويندو هو ۽ واپس ورڻ تي وڏيري جي بغل ۾ ڪا نئين بيل هوندي هئي. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ اهو ئي وڏيرو پنهنجي زمين به ملڪ جهانداد وٽ گروي رکندو هو، ۽ منٿون ميڙون ڪري ڪيس لاهور ۽ ڪراچي هلڻ لاءِ هائو ڪرائيندو هو. ڪي وڏيرا وري پنهنجن هارين نارين يا ويرين کان ويڙ وٺڻ کان، ٻڌ- ڇوڙ لاءِ به ملڪ جهانداد جي در جا سلامي هوندا هئا، جو حد صوبيدار ۽ وڏا جمعدار ملڪ جهانداد جا ٻولٿا نيازمند يا مٽ مائٽ ئي مقرر ٿي ايندا هئا ۽ تَرَ ۾ ڪا واردات ٿيندي هئي ته اهو ملڪ جهانداد ئي هوندو هو، جنهن جي صلاح مشوري سان واردات جا جوابدار سڳ سوڌو جهلجي پوندا هئا. اوڙي پاڙي ۾ جڏهن به مال ڪاهبو هو ته پاڳيا سڌو اچي ملڪ جهانداد جو در جهليندا هئا ۽ هن جي ناموس اهڙي هئي جو هڪڙي ڏينهن پاڳيا ينگ ڏيئي ويندا هئا ته ٻئي ڏينهن وهٽ پاڳين جي وٿاڻن تي پهچي ويندا هئا.

ماستر لاڪن کي اها صلاح ڏني ته مڙي وڃن ۽ پوليس سان مقابلو ڪرڻ بدران لڏي وڃن. نورل جون مٽيون پيڙجي ويون. هن جي اکين ۾ ڄڻ لوڻ ٻُرڪجي ويو ۽ رتايل اکين سان، ماستر کي شوڪي ڏسندي چيائين: "ماستر، پنهنجي جوءِ ۽ اباڻا پڊ ڇڏي وڃڻ جي صلاح ڏيڻ کان اڳ ڪجهه ته ويچار ڪرين ها!" ماستر گهڙيءَ لاءِ نورل جي اکين ۾ نهاريو: انهن ۾ ٻرندڙ مچ ۾ گهٽي دير نهارڻ جو تاب نه جهلي، هن ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. ڀٽڪندي چيائين: "ويچار؟ ڪهڙو ويچار ڪريان ها؟ اهو ته ٻلي وڏي ويڙهاند ٿئي؟ ٻلي ته ڪنڌ ڪرن؟... آءٌ شهر وڃي، وفد ٺاهي وزيرن سان مليو آهيان؛ ڪامورن سان ڳالهايوسون؛ وڪيلن سان صلاحون ڪيون اٿم... جتي جتي وياسون؛ اتي پير جانڻ اسان کان اڳ ۾ وڃي پهتو آهي. ملڪ جهانداد پوليس ڪمانيءَ سان ملي آيو آهي، سڀ چون ٿا ته لاڪن کي سمجهايو ته جهيڙو ٽارين ۽ پوءِ ڪورٽ جا در کڙڪائين. باقي جيڪڏهن جهيڙو ٿيو ته زمينون به ويندن ته مڙس به مارائيندا ۽ باقي همراهه بيدريافتا پيا جيلن ۾ سڙندا، سنها ٻچا رلي ويندن..."

"پر ماستر تو ته چيو ٿي ته انگريز جو قانون ڏاڍو برجستو آهي..." نورل پهريون ڀيرو ماستر کي ڇڙپ ڏني، پر ڪيس ڪا شرمساري نه ٿي.

ماستر ڪجهه عاجزيءَ مان ۽ ڪجهه ورڇجي چيو: "نورل، انگريز جو قانون برابر برجستو آهي پر اهو قانون جيسين حرڪت ۾ اچي. تيسين لاڪن جو جڻ ٻچو رلي ويندو.... رڳو پير جانڻ شاهه يا ملڪ جهانداد جي ڳالهه هجي ها ته آءٌ پاڻ ڪهاڙي ڪٽي وڃي لاڪن سان گڏ بيهان ها... پر هن وقت لاڪن جي سامهون پوليس، قانون جي لٽ ڪنيو بيٺي آهي..."

نورل کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي، سور وري چيائين: "پوءِ تو وارو

قانون ڪيڏانهن ويو...؟"

هاڻ ماسٽر کي بہ ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ هن رڙ ڪندي چيو: "وڏو ڪو اٽ مغز آهين! توکي ڪيئن سمجهايان تہ انگريز وڏيري جي ڪلهي تہ چڙهيو ويٺو راج ڪري؛ ۽ هي قانون بہ وڏيرن جو ٺاهيل آهي جيڪي اسيمبلين ۾ چونڊجي ويا آهن. وڏيرن جو قانون پهرين وڏيرن جو بچاءُ ڪندو آهي ۽ پوءِ ٻئي ڪنهن جو... قانون تائين پهچڻ لاءِ بہ پئسو گهرجي، سو پير جانڻ شاهہ وٽ آهي؛ لاڪن غريبن وٽ پنهنجي ڪائڻ لاءِ ئي ڪي ڪجهہ ڪونهي تہ قانون تائين ڪيئن پهچندا؟"

"تہ پوءِ اهڙي قانون کان تہ پينگ پلي آهي. واهہ جو قانون آهي! اهڙي قانون جي ڳچي مروڙجي تہ چڱو؛ نہ هوندو قانون، نہ هوندا ڪوڙا آسرا!..." نورل کي هاڻ ڪاوڙ نہ هئي. هو بہ ورڇجي پيو هو. هن جي لوٽن ۾ رت ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳو هو: بي سبب، اڃاتو، اوچتو.

پوءِ لاڪن کي چيائين: "ڀائو.... هي ماسٽر پلي ويٺا ٻارن کي ڪوڙا ڪتاب پڙهائين؛ پاڻ هلو تہ هلون، منهنجو سر اوهان سان لڳي..."

هو لاڪن سان گڏجي سندن ڳوٺ آيو. هن جي اندر ۾ وڏي ويڙهہ جاري هئي؛ يَرَ ماسٽر سان ائين ڳالهائڻ جو مونکي ڪو حق ڪونہ هو: متان ماسٽر سچي ڳالهہ ٿي ڪئي... نہ نہ، ماسٽر ڊڇڻو هو، ڪانئر هو، ملڪ جهانداد جو نالو ٻڌي ڊنو هو يا پير جانڻ شاهہ سان وڃائڻ نٿي گهريائين! نہ نہ، ايئن ڪونهي. ماسٽر ڪوڙو مڙس نہ هو... پر هي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو رڳو وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندا آهن. هر ڳالهہ ۾ سياست پيا سوچيندا... ٺهيو، موٽي ماسٽر کان ڪٿي گٽا لفظ بشڪ ڪرائيندس...

۽ پوءِ جڏهن وڏي ويڙهاند ٿي، تڏهن هن ائين ٿي پانيو ڇڻ هو پاڻ لاڪن مان هو: هيءَ جوءِ هن جي هئي؛ هي پڻ هن جا هئا؛ هن جي ابي ڏاڏي جي رت هنن زمينن کي ريج ڏنو هو؛ ۽ هي مقام هن جي ابن ڏاڏن جا مقام هئا. هن پانيون تہ هو شاهہ شهيد جو فقير هو، ۽ هيءَ ويڙهاند مغل لشڪرين سان هئي. لاڪا خود حيران هئا تہ هي همراهہ، جنهن جو هنن سان نہ تاجي نہ پيٽو، سو هنن سان گڏ، هنن لاءِ ائين وڙهيو جيئن ڪو لاڪو بہ نہ وڙهيو. جڏهن پوليس جو گهيرو ٽوڙي، هن پير جانڻ شاهہ تي لومڙ ڪئي، تڏهن هن جي من ۾ ماسٽر جا اهي لفظ ٻئي هَريا: "انگريز وڏيري جي ڪلهي تي چڙهيو ويٺو راج ڪري!"

پير جانڻ شاهہ جيسين پنهنجو پستول سنڀالي، تنهن کان اڳ هن جي ڪهاڙي، هُن جي مغز کي ڏاري ويئي، ۽ پوءِ اوچتو ماڻ ٿي ويئي. فئر بند ٿي ويا... فقط اهي لفظ هن جي ڪن پيا تہ "ٻيلي لاڪا ڏاڍا مڙس آهن!"

نورل کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ هن کي جنهن ڪنهن پاڪر ڇو

تي پاتو: هو پاڻ تہ لاکو ڪونہ هو، پر هر ڪنهن لاکي جي پاڪر هن جي مَنَ ۾ اها سرگوشي تي ڪئي تہ تون اسان جو آهين. اسين تنهنجا آهيون. ايئن بہ ٿيندو آهي پائو تہ رت جي رشتن بنان بہ ڪي مِٽ تي پوندا آهن. هن جي اکين کي انهي سرگوشي پوسرائڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن‌ڙنڊ مان هن ڏٺو تہ ڏکيل ماڻهن کي ڪٽن تي سمهاري شهر نيڻ جون تياريون پئي ڪيائون. هن جي سڄي بدن ۾ ينواڻيون پئي پيون. هن سوچيو تہ آءٌ شايد ٿڪجي پيو آهيان. ان مهل هن هڪ ٻيو ڀٽڪو ٻڌو: "ماستر، نورل کي ننڊ اچي ويئي آهي... تون خبر ڪر تہ ٽاٽي وارن ڇا چيو؟"

۽ پوءِ هن ماستر جا لفظ ٻڌا: "پوليس صوبيدار پاڻ ڪونہ هو پر مون رپورٽ درج ڪرائي ڇڏي آهي... پوليس سموري پنوهرن جي ڳوٺ چڙهي ويئي آهي... يارو پنهور واري خون جي واردات تي... وڏيرو گهرام پنوهرن جي ٻانهن ڪٽي ويو..."

(٧)

هن جي من ۾ اوندهه دَتَ هنيو پئي هئي؛ انهيءَ اوندهه ۾ ڪنئين پاڇولا هئا- خوف، بيوسي ۽ نفرت جا پاڇولا، جن جو اصل جسم هن جي پهچ کان ٻاهر هو. رکي رکي اهي پاڇولا، دَتَ- هاٿا، پاڻ- وهيٺا، هن جي اکين جي لڙڪن جي ڏنڌ ۾، ياروءَ جو لاش بڻجي ٿي ويا، جنهن جي هڪڙي اک اجا تائين هن کي گهوري رهي هئي. هن اک ۾ نهارڻ، ڪجهه ڳولڻ، ڪجهه سمجهڻ، ڪجهه پروڙڻ جا ڏاڍا جتن ڪيا، پر اها پنڌ پهڻ اک هن کي ڪجهه ٻڌائيندي به خاموش هئي، ڪجهه سمجهائيندي به بي سمجهه هئي، ڪجهه ڏيکاريندي به بي نور هئي. جڏهن ڪا سمجهه، ڪا پروڙ هن جي ذهن ۾ جاڳ بڻجي آئي، تڏهن ان اک جي ماڻڪي مٿي ڇڪجي بي نور پهڻ بڻجي ويئي؛ ان وقت هن، ڪنجهي جي وٽيءَ جهڙو آواز ٻڌو: "آئي آئون گهوري وڃانءِ، اکيون ته کول.... مائي، مون کي ته اچي مئو اهو وهم ويٺو ته تون وڃي الله کي پرتينءَ...!"

مهروءَ اکيون، هري هري کوليون، پر سامهون ويٺل زائفان تي نظر پوندي ئي، وري زور سان بند ڪري ڇڏيائين. هن جي دل ۾ وري سير پئجي ويئي، ان سير مان ڇُٽندڙ رت، هنجي اکين ۾ لڙڪ بڻجي آيو.

"رن ڪُٽڻ!" هن کي پنهنجا اهي چيل لفظ ياد آيا. هن کي يقين نه آيو ته اهي لفظ هن کي رڳو ياد آيا، يا هن جي چپن وري چئي ڏنا.

"ڇوري، مونکي جيڪي گاريون ڏيڻيون هجيئي، سي ڏئي وڻ، پر رب جو پلاند اٿئي، اکيون ته کول: تون جي ائين ساڻي ٿي پئي هونديئن ته رئيس ننڍو منهنجو چوٽ پٽي اصل اگهاڙو ڪري ڪيندم!"

مهروءَ جي اکين ۾ لڙڪ گهٽو وقت جالي نه سگهيا، ۽ ڇپرن جا بند ٽوڙي، هن جي ڳلن کي اورانگهڻ لڳا. "ائي مَئي، ڇو پئي پنهنجا ڳچ ڳارين: جيڪي ٿيو، سو ٿيو. پنهنجي ڪئي جو نڪو ويج، نڪو طبيب. جي منهنجي مجو ها ته نڪي رئيس ڪاوڙجن ها، نڪي اهڙا هاڃا ٿين ها... هاڻ، ائين اونڌي منجي ڪرڻ سان ڪو يارو وري جيئرو ڪونه ٿي پوندو.... رئيس وڏي ٿي چيو ته پنوهرن پنهنجي پاڻ سان ڪئي آهي. جي سنئون سنواڻو سگ ڏيڻ لاءِ "ها" ڪن ها ته هروپرو ماڻهن مارڻ جو ڪو هن کي شونق ڪونه هو... هاڻ اُٿ، اهي نخرا ڪونه ٿا

ٺهن... اچي هان، هي پاڻي پيءُ، پنهنجو جيءُ سڃو ڪر تہ آءٌ وڃي رئيس ننڍي ڪي ڄاڻ ڪري اچان! ٻہ ڏينهن، ٽي راتيون، حرام جو آرام ڪيو هجيس... جيڏي مهل اچي تہ پڇي تہ پلا جي نٿي هوش ۾ اچي تہ شهر کان داختر کي وٺي اچان... اصل سک ڦٽو پيو اتس... ڏاهي ٿي، هاڻ انگل ڇڏ...!"

ڪنجهي جي وٽيءَ مان اتندڙ اهي لفظ مترڪن وانگر هن جي دل ۾ ڪهرام مچائيندا رهيا. پر هاڻ هن جي اکين مان وهندڙ لڙڪ بند ٿي ويا. هن جون مٺيون پيڙجي ويون. نفرت ڳنڍ ٻڌجي هن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پئي. هن جي دل عجيب رفتار سان ڌڙڪڻ لڳي. هن جي ڪنن ۾ رت ڦوڪجي، ڌڙهيا هڻڻ لڳو. هن جي ڪنن مان ڄڻ دونهان نڪرڻ لڳا ۽ پوءِ هن ۾ الائي ڪٿان طاقت آئي. هن ڇال ڏيئي، پنهنجا ٻئي هٿ ڪٽي زائفان جي ڄنڊن ۾ وڌا. مهرو ڄڻ ڇتي ٿي پئي: هن جي بازن ۾ جيتري سگهہ هئي، ان سان هن جي ڄنڊن کي پٽيندي، ڏونڌاڙيندي رهي. سندس چپن ۽ ڏندن مان بار بار اهي لفظ چيرجي نڪرندا رهيا: "رن ڪٽڻ... رن ڪٽڻ... رن ڪٽڻ."

"ائي مئي، ڪهڙو جِن پيئہ... ڇڏ منهنجي ڄنڊن کي... اڙي گهوڙا ڙي..."

هن جي چيٽن ڄڻ مهروءَ جي نفرت کي ڪا نئين مهميز ڏيئي ڇڏي. ياروءَ جو رت هن جي اکين ۾ لهي آيو هو. هن کي ائين ڄنڊن کي ڇڪيندي، هن کٽ کان هيٺ ٽپ ڏنو. مائي گهلجي، ڇڪجي، اهڙيءَ طرح اونڌي لڙڪي پئي، جو سندس ڏڙ کٽ جي پيراندي ۽ تي هو ۽ سندس سسي کٽ جي پاڳي ۽ ايس جي وچ ۾ لڙڪيل هئي، پر سندس وار مهروءَ جي هٿن ۾ سوگها هئا. مهرو پوري طاقت سان وارن کي هڪ جهٽڪو ڏنو تہ گهنڊيدار وارن جو هڪ مُچو سندس هٿن ۾ اچي ويو، هوءَ ٽاهڙجي پويان ڪري پئي. ان وقت هن دانهن ٻڌي! "اڙي الاڙي... اڙي مري ويس... گهوڙا...!"

مهرو پاڻ سنڀالي اٿي، ۽ اکين جي ڏنڌڪي جهٽڪيندي، ٻئي هٿ ڪٽي مائيءَ جي نڙيءَ ۾ وڌائين. هن کي گهوگها ڏيندي مائيءَ جو ڪنڌ مٿي ڪٽي، سندس مٿو زور سان کٽ جي پاڳي سان هٿندي، پهريون پيرو زور سان رڙ ڪيائين: "رن ڪٽڻ...!"

کٽ جي پاڳي سان مائيءَ جي مٿي ٽڪرجڻ سان "ڏهڙڪ" جو گهگهو آواز، هن ڄڻ ٻڌو اٿڌو ڪري ڇڏيو ۽ ور ور ڪري هن جو مٿو پاڳي سان هٿندي رهي. "رن ڪٽڻ... رن ڪٽڻ..." جا لفظ ڄڻ هن جي زبان ۾ چنبڙي پيا هئا!

اوچتو هن جا هٿ بيهي رهيا. مائيءَ جي مٿي مان ڦٽي نڪرندڙ رت جي آلاڻ محسوس ڪري، ڄڻ پاڻيهي پاڻ بيهي رهيا. هن کي يقين نٿي آيو تہ اهو رت هو. عجب ۽ حيرت مان، هن هٿ مائيءَ جي سسي مان ڪڍي، پنهنجي سامهون آندا: ڳاڙهو ڳاڙهو، گهاڻو ڪارسرو رت، هن جي هٿن جي ترين مان هن کي گهورڻ

لڳو. اهو رت ڏسي هن کي پنهنجي ڀاءُ ياروءَ جو چهچ ڳاڙهو رت ياد آيو. اها ياد ايندي ئي، هن جي ٽنگن مان ست ڇڏائي ويو. هن جي پيٽ- وَرَن ۾ ڪو جذبو اُبڙڪو بڻجي ايريو ۽ هوءَ اتي ئي ويهي آت ڏيڻ لڳي. هن جو سارو وجود ڇڻ ٻاهر اچڻ لاءِ آتو هو. لڙڪن جو احساس، هن جي اندر اُتندڙ ڀنوائين ۾ سمائجي ويو. انهيءَ ڏنڌ مان هن مائيءَ جي بي سڌ مڙهه ڏانهن نهاريو.

"هي مون ڇا ڪيو؟!" اهو سوال هن جي نگاهن ۾ پوسرڻ لڳو. هن جي دل ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو، ۽ پوءِ اهو خال هيٺ لهي، هن جي پيٽ ۾ هڪ اڃاتي خوف جي ڪڏ بڻجي ويو. هن جي دل چاهيو ته هوءَ رانپاٽ ڪري روئي، اوچنگارون ڏئي، سڏڪا ڀري، پار ڪڍي... "يارو... منهنجا ڀائڙا يارل... منهنجا ادل...!" پر هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ هن جي اندر ڪا شئي مري ويئي، جيڪا هن جي پنهنجي وجود جو هڪ حصو هئي.

اوچتو هن پري کان ايندڙ قدمن جي آهٽ ٻڌي. هن جي سموري جسم ۾ ڪا ڪنوڻ ڪڙي ويئي. هن کي رڦٽي وٺي ويئي. ڊنل هرٽيءَ جيان هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ڪٽ تي زائفان جي اجرڪ تي نظر پيس. جهپ هٽي اجرڪ ڪٽي، پاڻ کي ان ۾ ويڙهي هن دروازي کان ٻاهر لوهه پاتي. سامهون وڏو اڳڻ هو. اڳڻ اڳيان ڏيڍي هئي ۽ ڏيڍيءَ کان ٻاهر... ان تي هن سوچڻ ۽ نٿي گهريو!

اڳڻ ٽپي، جڏهن مهرو ڏيڍيءَ ۾ پهتي، تڏهن هن جي ٽنگن مان ساهه نڪري ويو. هڪڙو دنير مڙسالو، هڪڙي مَوڙي تي ويٺو هو. در کي تاکي چڙهيل هئي ۽ در جي اوٽ ۾ هڪڙي بندوق ۽ هڪڙي ڪهاڙي رکيل هئي.

"مائي بابا... ڪيڏانهن؟"

هن چوڻ چاهيو ته "ٻاهر" پر هن جي چپن مان ڪوبه آواز نه نڪتو. هن جي نڙيءَ ۾، هن جي ساهه جي ڳنڍ، ائين اٽڪي پيئي جو هن جو هيٺيون ساهه هيٺ، مٿيون ساهه مٿي رهجي ويو... ۽ پوءِ هن پنهنجي پويان ڪنهن جي ساهه جو هانبارو ٻڌو. ٻن ٽلهين سگهارين ٻانهن ڪٽي هن کي ڀاڪر ۾ مٿي کنيو. ڪوڙڪي ۾ ڦاٽل پڪيءَ وانگيان، هوءَ انهن ٻانهن ۾ ڦٽڙڻ لڳي. انهن ٻانهن جي سگهه کان وڌيڪ هن کي انهن ٻانهن جي وارن جو احساس ٿيو، ۽ هن کي جيپ جي اسٽيئرنگ جي چوڌاري وکوڙيل وارن سان جهنجهيل ٻانهون ياد اچي ويون.

"رئيس، توهين هلو اندر... ٻاهر جي ڪا ڳٽتي نه ڪريو..." دنير مڙسالي جي آواز جو پڙاڏو مهروءَ ان مهل ٻڌو، جڏهن رئيس ننڍو ڏيڍيءَ کان مَڙي پڌر ۾ پهتو. هاڻ هن جي ڪنيرائين پاڻ پتوڙڻ ۽ ڇڏي ڏنو. ڊپ اجرڪ جي اوڃي جيان هن جي وجود کي ويڙهيندو ويو، ۽ حياءُ سڏڪو بڻجي، هن جي دل کي لوڙهي ويو. پر پوءِ اوڏي مهل هن پهرئين فٽر جو آواز ٻڌو.

(٨)

ٻيلي جا وڻ، هن جي خيالن سان گڏ، پوئتي سِرڪندا ٿي ويا- تڪڙا تڪڙا، اوچتا اوچتا. هن کي ائين محسوس ٿيو ته هن جي اندر ۾ به خيالن جو ڪو گجگاهه ٻيلو هو، جيڪو هِن ٻيلي وانگر ڪٽڻ جوئي ڪونه هو. هِن ٻيلي وانگر، هن جي خيالن کي ڪو سڌوسنواڻو رستو ڪونه هو. رڳو پيچرا هئا، جيڪي اوچتو سامهون ٿي آيا ۽ اوچتا گم ٿِي ٿي ويا. هن کي رکي رکي اهو خيال ٿي ٿيو ته هو واٽ وڃائي ويٺو هو. گهوڙي جو لغام برابر هن جي هٿ ۾ هو، پر جڏهن کو نئون پيچرو سامهون ٿي آيو، تڏهن هن پنهنجي ارادي بدران گهوڙي جي ارادي تي لغام کي موڙي ٿي ڇڏيو. هر نئين پيچري تي، هن کي ائين ٿي محسوس ٿيو، جڻ ڪُڪين وٽ رکيل ٻه هٿ، وڏيڪ پيچي ٿي ويا، ۽ ڪو ڏهيل ڏهيل ساهه هُن جي ڪياڙيءَ جي آسپاس، هن جا وار ڪانڊارڻ ٿي لڳو، ۽ هو خيالن جي ٻيلي مان موٽي، حقيقت جي هُڙيءَ ۾ موٽي ٿي آيو. هن جا ڪن وري ڪتن جي ٻونڪ جهٽڻ لاءِ وڏيڪ سَرلا ٿي ٿي ويا. هاڻ ڪتن جي ٻونڪ توڙي گهوڙن جي سنبن جي ٽاپڙ ٽاپڙ ٻڌڻ ۾ ڪانه ٿي آئي، پر ڪنهن اوچتي راتاهي جي ٽاپڙ ٽاپڙ هن جي دل ۾ اڃا تائين ڏڙڪڻ نه ڇڏيو هو. ڪنهن هلڪي ڪُڙڪي، ڪنهن پڪيءَ جي چيٽ، ڪنهن گدڙ جي اوچتي اوناڙ تي هن جو سڄو بدن سيٺجي ٿي ويو. سندس هٿ هَني ۾ وڏيڪ زور سان ڦهي ٿي ويو، سندس گوڏا گهوڙي جي ڪُڪين ۾ وڏيڪ زور سان ڪُپي ٿي ويا، ۽ ٻيلي جا وڻ تڪڙا تڪڙا پوئتي سِرڪڻ ٿي لڳا. روشني ۽ پاڇولن جي ان تڪڙي متا ستا هاڻ هن جي اکين کي تڪائي وڌو هو. گهوڙي جي هانباري مان به هن سمجهيو ته جيڪڏهن اڃا ڪجهه وقت هو ائين ئي هلندا رهيا ته گهوڙو اڦٽ مري پوندو. پوءِ وڏيري گهرام جي ڪتن کان بچي نڪرڻ محال هو. جيڪڏهن اتي ئي هڙيءَ ۾ ڪٽي ڌاهو ڪن، تڏهن به ساڳيو جوڪر ڪٽڻو هو. پر وهٽ جي مري پوڻ کان اهو جوڪر گهٽ جوڪائتو هو. پوءِ به جيسين ڪارتوس آهن، تيسين ماشامولا...

جڏهن هن مهروءَ کي گهوڙي تان هيٺ لاتو، تڏهن نما شام جا پاڻ وهيٽا ڪرٽا، هن جي منهن کي اهڙو رنگ بخشي ويا، جو نورل کي پنهنجي سموري بدن

ٻر ڪا ڪنوڻ محسوس ٿي. هن جي دل ٻر اهڙو دهڪو پئجي ويو، جو هو ڊڄي ويو ته مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي. رت هن جي لوندڙين ۽ ڪنن جي پاپڙين ٻر آيامڻ لڳو. اندر ئي اندر هن جو ماس رڦڻ لڳو. هن کي پنهنجي ڪلهن ۽ ڏورن جون مُشڪون ڦنڊنديون محسوس ٿيون. هوءَ منهنجي اها رڦي ڏسي نه وئي. اهو سوچي، هن کي گهوڙي تان لاهي، هو هن کي پَٽ ڏيئي بيهي رهيو.

"گهڙي جهٽ هتي ترسون ٿا، نه ته گهوڙو مري پوندو..." هن ڇڻ پنهنجو پاڻ کي چيو.

"پلي..." مهروءَ مختصر جواب ڏنو.

گهوڙي جي هَني هيٺان ڪيس ڪڍي، هن ڪپڙن جي جهُنڊ وٽ، وڇائي پوئتي موٽ ڪاڏي ۽ گهوڙي کي لغام کان وٺي، هڪ پاسي لڙي پيو.

"ٻڌو ته... اج ڏاڍي لڳي اٿم..." مهروءَ هيڪندي چيو.

هو اتي ئي جمي ويو. هن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن اهو به ڪونه سوچيو ته زال ذات اڪيلي، آوس ڊڄندي ۽ خاص ڪري مهرو، جنهن وک وک تي، موت کي مُنهان منهن ڏئو هو. نورل جي دل ٻر هن لاءِ اٿاهه پيار ٻرجي آيو.

"سامهون، لئين جي هن ٻر شاخ تي ڀانئجي، پر پاڻ وٽ ته ڪو ٿانءُ به ڪونهي... ٻُڪن ٻر پاڻي پيٽو پوندو..." هن وري به ڇڻ پاڻهي پاڻ سان ڳالهايو. هن کي سمجهه ٻر نه پئي آيو ته هو هن سان سڌو سنئون ڪيئن ڳالهائي: "مهرو" ڪري سڏيس، يا ٻيو ڪجهه. زائنائن سان ڪيئن ڳالهائبو آهي، ان تي هن ڪڏهن سوچيو به ڪونه هو.

شاخ تي پهچي، هن گهوڙي کي پاڻي پيئڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ لغام هَني ٻر هٿي ڇڏيائين. پوءِ پاڻ شاخ جي ڪناري تي، اوڪڙون ويهي، ٻنهي هٿن جو ٻُڪ ٺاهي پاڻي پيئڻ لڳو. پاڻي پيئندي، هن ٽيڏيءَ اک سان مهروءَ ڏانهن ڏئو: مهروءَ ٻنهي هٿن بدران، هڪڙي هٿ جو ٻڪ ٺاهي، پاڻي تي پيتو ۽ ٻئي هٿ سان، ڪلهي وٽ اجرڪ کي اهڙيءَ طرح جهليو هئائين جو اجرڪ هن جي منهن جي چوڌاري گول دائرو ٺاهي بيٺي هئي. ڪاري نيري ڪڪر واري اجرڪ جي گول دائريءَ ٻر مهروءَ جو منهن، هن کي ائين لڳو جيئن ڪارن نيرن ڪڪرن ٻر چنڊ ٻهڪندو جرڪندو آهي. هن جي دل ٻر وري دهڪو پئجي ويو. هن کي وري سمورو رت پنهنجي منهن ٻر مرندو محسوس ٿيو. پاڻي پيئڻ تان هن جو ڌيان هٽي ويو، ۽ ٻڪ مان پاڻي هن جي چپن ٻر اوتجڻ بدران، هن جي ڄاڙيءَ وٽان هن جي پهراڻ ٻر اوتجي ويو.

اوڏيءَ مهل هن مهروءَ کي اَنوڙجندو، ڪنگهندو ٻڌو. هن ڏئو ته مهرو ڪل ٻر اچي ڇٽڪي هئي ۽ ڪل کي روڪڻ جي ڪوشش ٻر انوڙجي پئي هئي ۽ ٻڪ سان

پنهنجي چپن کي ۽ کلڻ کي، لڪائڻ لڳي هئي.

هن جي چوري جهلجي پوڻ تي، هن کي بہ کل اچي ويئي، ۽ هو بي اختيار ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. مهرو بہ اجرڪ جو پلاند، نڪ تائين آڻي کلندي رهي. هن جون رڳو اکيون ٿي نظر آيون پر هن کي اهي کلندڙ اکيون ڏاڍيون وٺيون. هن جي دل چاهيو تہ هو انهن کلندڙ اکين ۾ گهوري گهوري نهاري، انهن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيئي ڇڏي، جيئن انهن اکين جي کل هن جي پنهنجي جيءَ جو حصو بڻجي وڃي.

ان مهل گهوڙي، شاخ مان ٻوٽ ڪڍي، ٿونگار ڏيئي، پنهنجي ڍؤ ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ هنن ٻنهي کان ڇرڪ نڪري ويو. هو ٻئي ساڳئي وقت اٿي بيهي رهيا. نورل گهوڙي جي هني مان لغام ڪڍي، ڪيس توبرو چاڙهي، لغام هڪ کيڙ ۾ اٽڪائي ڇڏيو. مهرو چپ چاپ هن کي ڏسندي رهي. هو هن جي نظرن کي پنهنجي پٺ ۾ ڪپندو محسوس ڪندو رهيو، پر الائي ڇو، منهن ورائي هن کي ڏسڻ جي آرزو پوري نہ ڪري سگهيو.

"تون ويهہ، آئون اجهو آيس..." هن پويان نهارڻ بنان ئي چيو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ اهي لفظ ڏاڍا اوپرا هئا: هن "مهرو" چئي، هن کي سڏڻ گهريو ٿي، پر هن جي زبان هن جي دل جو ساٿ نہ ڏنو. هن کي اهو لفظ "تون" ڏاڍو کهرو، ڏاڍو ٻُسو ۽ اوپرو لڳو. پر حُجت ۽ پنهنجائپ تي اڃا بہ هن جي همت نہ ٿي. ڪيترائي مونجهارا هن کي وکوڙي ويا. هڪ پل اڳ، جڏهن هوءَ ڪلي هئي تہ اهي مونجهارا غائب ٿي ويا هئا ۽ پنهنجائپ هن جي سموري بدن ۾ ڪر موڙي آئي هئي. پر اهو پل گذري ويو ۽ مونجهارا ۽ اوپراڻ ڪر ڪٽي بيهي رهيا.

شام جا پويان پاڇا هَڙِيءَ جي وڻن جي پاڇولن ۾ وڇڙي پيا هئا. پڪي پڪڻ پنهنجي آڪيرن ۾ موٽڻ کان اڳ پر وارين تارين تي ويهي، پاڇولن جي رنگ بدلائڻ واري سِمي کان اڳ واريون لاتيون لنوڻ لڳا هئا. وَهين جو هڪ وَلر هن جي اڳيان پڙڪو کائي اُڏاٽو: ڪجهہ هڪڙي پاسي لڙيا تہ ڪجهہ ٻئي پاسي. سامهون هڪڙي وڻ کي ٽَڪيندي، هڪ ڪانڪئي انهيءَ پڙڪي تي ڇرڪ ڀريو ۽ پنهنجي رنگارنگي پرن کي کوئي، هڪ پاسي لوهہ پاتي. پويان ڳيرن جي گهو گهَو ۽ ٻين پکين جي چٽڪار پاڇولن کي بدلائڻ لڳي هئي. نورل کي بہ ٽي وليون چيڙن جون نظر آيون. وچ وچ ۾ ٽوهہ جا پيلا پيلا ڏينا ڪر ڪنيو بيٺا هئا. هن تڪڙو تڪڙو چيڙن ۽ ريڙين سان جهول ڀري، پوئتي موٽ ڪاڏي.

مهرو ڪيس تي سجي اجرڪ ۾ ويڙهي سيڙهي ليٽي پئي هئي. هڪ ٻانهن ڪنڌ هيٺان هيس. ٻئي هٿ ۾ اجرڪ جو پلاند جهليل هئس، جيڪو هن گوڏن کي ويڙهي ڇڏيو هو. ائين ٿي ڀانيو جڻ تہ ائين اجرڪ کي ٺاهيندي ٺاهيندي هن کي ننڊ

اچي ويئي هئي. سندس اکين جا ڇپر ڇڻ تہ ٿڪ کان ڳورا ٿي ڍري پيا هئا. نورل کي اهي بند اکيون کليل کلندڙ اکين کان بہ وڌيڪ وٺيون. هن کي پنهنجي دل وري ڦنڊجندي محسوس ٿي. هن جي ڪلهن جي مشڪن ۾ اڻ- لکي جنبش آئي ۽ سندس سموري جسم ۾ پکڙجي ويئي:

"ڏاڍي ٿڪجي پئي هوندي" هن سوچيو.

هن هيٺ جهڪي، ڇيڙ جهول مان کيس تي لاهي وڌا ۽ پاڻ هڪ ڪنڊ کان ويهي رهيو. هو اڃا ويٺو مس تہ مهرو اٿي ويئي.

"ڏاڍي دير لاتو..." مهروءَ جي آواز ۾ شڪايت جي بدران اون ۽ ڳٽتي هئي.

"اچي هان، ٻہ ٽي ريڙيون ڪائي، هانءُ سڄو ڪر... بک لڳي هوندءِ... هڙيءَ ۾ ٻيو ڪجهہ ڪونہ هو. سڳر هئا پر ڪچا هئا..." هن کي ڇيڙ ۽ ريڙيون آڇيندي الائي ڇو لڄ پئي آئي. ڦڪائي لڪائڻ لاءِ هڪڙو ڇيڙ ڪٽي پاڻ ان کي چڪ هنيائين.

"متان ڪائو..." مهروءَ ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو. "اهي نانگ- ولين جا ڇيڙ آهن... پيٽ ۾ سور ڪندا آهن..."

"پر پيٽ جي باهہ تہ اجهائٽي آهي..." نورل ڇيڙ وات مان ٿوڪاريندي چيو.

مهروءَ اجرڪ جي اندران هڪ هڙ ڇوڙيندي، ٻاجهر جو سڄو ڍوڍو ڪٽي سندس اڳيان رکيو:

"ادي نوران... ماستر جي گهر واريءَ، هلندي مهل، هيءَ هڙ ڪٽي هٿ ۾ ڏني هيم... هينئر ڪوليم تہ ڏٺم تہ ماني هئي..."

هو ڪا گهڙي، ڍوڍي کي گهوريندو رهيو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ اهو ڍوڍو ماستر جي پيار ۽ پناهہ جي آخري سوڪڙي هو. اها سوڪڙي هن جي نڙيءَ ۾ پيار جي ڳنڍ بڻجي ويئي ۽ هن جي دل کي جهوري ويئي. هن جون اکيون پوسرڻ لڳيون. هن ان جهوريءَ کان بچڻ لاءِ چيو: "تون بہ تہ کاءُ..."

هن ڏٺو تہ مهرو لڄ کان سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي.

"نہ نہ ... اوهين کائو..." مهروءَ ٻيڻ ٻيڻ ڪندي چيو.

"آءٌ تہ اهڙو بکيو آهيان جو حرام جو ڪو ٻور بہ بچي... سڄو ڏينهن لنگهڻ تي گذريو آهي..."

"تہ پوءِ سدا کائو..." لڄ کان مهروءَ جو آواز نہ ٻيو اڪلي.

"۽ تون ايئن بک ئي بک تي...!"

"سچي، اوهين کائو... مون کي بک ڪانهي..." هاڻ مهروءَ جي آواز ۾ هڪ نئون ڳڻ هو، جنهن کي هو سمجهي نہ سگهيو.

"تہ پوءِ آئون بہ ڪونہ کائيندس... مونکي بہ بک ڪانهي..." هن ڍوڍي

کي مهروءَ ڏانهن سيري ڇڏيو.

۽ پوءِ ٻنهي جا هٿ ساڳئي وقت مانيءَڏانهن وڌيا ۽ ٻنهي کان ڪِلَ نڪري ويئي. ان ڪل سموري اوپراڻ کي تڙي ڇڏيو؛ سمورين وڇوٽيون وچ مان نڪري ويون، سمورا فاصلا طئي ٿي ويا. پر نہ، هڪڙي فاصلو اڃا باقي هو؛ روايت جو فاصلو، وڏندڙ اوندهہ جو فاصلو، جنهن جي پريئن پر، خبر ناهي تہ ڇا هو. هن ان فاصلي تي سوچڻ نٿي گهريو پر وڏندڙ اوندهہ انهيءَ فاصلي کي هڪ جسم ڏيئي ڇڏيو هو. جيسين روشني هئي، تيسين اهو فاصلو فاصلو ڪونہ ٿي پائيو، پر هاڻ اهو فاصلو، ڇپري جي چيٽ وانگر، هن کي ڇرڪائي رهيو هو ۽ هن کي ماسٽر جا اهي لفظ ياد اچڻ لڳا: "نورل، هتان اڳتي وڃين يا پوئتي، اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي... پر ياد رک تہ هر فيصلو بندوق جي گوليءَ وانگر اٿموٽ آهي..." ۽ پوءِ هن کي اهو فيصلو ياد آيو، جيڪو هن لاڪن جي ڳوٺ ڪيو هو...

... ...

ماسٽر جي لفظن تي پهرين تہ هن کي اعتبار نہ آيو. پر جڏهن انهن لفظن جي گنبيرتا هن جي ذهن ۾ جاءِ ورتي، تڏهن هو اُيو ٿي ويو.

"ماسٽر، ڇا چيئہ؟" هن اهو سوال نهايت آهستي ڪيو هو پر خود سندس ڪنن ۾ انهن لفظ جا پڙاڏا ٻُرڻ لڳا.

"ڪجهہ ڪونهي، نورل... تون ٽڪل آهين، گهڙي ڪن آرام ڪري وٺ تہ پوءِ پنڌ کي ڇڪيون..." ماسٽر ڏيرج مان چيو، پر هن کي محسوس ٿيو تہ ماسٽر جو آواز ڏکي رهيو هو. ماسٽر هن کان ڳالهہ لڪائي نہ سگهيو.

"يارو پنهور منهنجو سنگتي هو، ماسٽر! منهنجو ڀاءُ هو... توکي تہ سڄي خبر آهي. پوءِ بہ مونکان لڪائين ٿو.... ڇا ٿيو ياروءَ کي؟" هن جي آواز ۾ اهڙي سختي اچي ويئي، جيڪا هن کي پاڻ ڏکي لڳي. پر هن جي اندر ۾ جيڪو طوفان متل هو، تنهن هِن جي مَت کسي ورتي هئي. ان طوفان ۾ رت جي دريا پئي ڇوليون ڏنيون، جن هن جي سموري وجود کي لوڙهڻ شروع ڪري ڏنو هو.

"وڏيري گهرام پنوهرن کان ياروءَ جي پيٽ جو سڳ گهريو هو پنهنجي پٽ گلڻ خان لاءِ، پنوهرن جواب ڏنس. ٽيءَ رات وڏيرو گهرام ٻانهن زوريءَ کڻي ويو؛ يارو گهر ۾ هو. وڏيري جي شاهينگن ياروءَ کي اڦٽ ماري وڌو... پوليس وڏيري گهرام جي چرچ تي پنوهرن تي چڙهي آئي آهي... پرئي مڙس جيوڻ، ميرڻ ۽ هڪ ٻن ننڍن نيٽن کي جانچ ۾ کڻي ويئي آهي..."

ماسٽر ڳالهہ ختم ڪئي. ماڻ ٿي ويئي. ڳالهہ اعتبار جهڙي ڪانہ هئي. پر سيني کي خاطري هئي تہ ڳالهہ سچي هئي. لاڪن سان جيڪي پير جانڻ شاهہ ڪئي هئي، سا بہ اعتبار جهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي، پر سچي هئي. وڏيرو گهرام تہ

پير جانڻ شاهه کان ٻه رتيون ڪسر هو. سڄي تَر ۾ هن جو ڏهڪاءُ هو. هن جي تالي ٻڌڻ سان ئي غريب غربو سراپجي ويندو هو. ائين دينداستي ڪنهن جي ننگن ۾ هٿ وجهڻ، ۽ وري مٿن ئي پوليس چاڙهي اچڻ گهرام خان کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو ڪم ئي نه ٿي سگهيو. نورل به ڪا گهڙي ماڻ ٿي ويو. پوءِ هو آٿيو؛ هو سڄو پئي ٿڙڪيو. هن جي اکين اڳيان انڌ اچي ويو هو، رت هن جي لوٿن ۾ پئي ٽهڪيو ۽ هن جي ٽنگن مان ڄڻ سمورو ست نڪري ويو هو. ٿورو اڳتي وڃي هو پيٽ کي هٿ ڏيئي، ويهي رهيو. جڏهن پهرين آلٽي آيس، تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جون سموريون نسون ڦاٽڻ تي هيون، ۽ هن جي اندر جيڪي ڪجهه هو- دل، ڦڦڙ، آنڊا، گجيون- سي ٻاهر نڪري ايندا. هو آت ڏيندو رهيو، ڪارو ڪارو زهر اوڳاريندو رهيو. هن جو سڄو جسم پگهر ۾ شرٿي ويو هو. هن جي نرڙ جو پگهر هن جي اندر اٿندڙ، هر زلزلي کانپوءِ، نئين سر هن جي نرڙ ۽ ڪياڙيءَ ۾ گڏ ٿيندو ويو!

ماستر هن جي پٺن تي هٿ گهمائيندو رهيو پر هن جو پهراڻ هن جي پٺن ۾ چنبڙي پيو هو. هر آت، هر اوڪاري کانپوءِ نورل جي بدن ۾ نئين سر ڏڪڻي پڄيو ٿي ويئي. ماستر هڪ همراهه کان اجرڪ وٺي، هن جي پٺن کي، چڱيءَ طرح ويڙهيندي، هن کي اٿاري، کٽ تائين وٺي آيو. اجرڪ جي پلاند سان، هن جي منهن جو پگهر اگهندي، ماستر پاڻهه مان چيو: "نورل، هڪ وڏو اونهو ساهه کڻ... شابس، ائين... وري هڪ ڊگهو ساهه ڪڻي، گهڙيءَ لاءِ اندر جهلينس... هاڻ وري هڪ ٻيو ساهه کڻ..."

هن جي پيٽ اندر زلزلا هري هري ٿي ڍرا ٿيڻ لڳا. ماستر جي چوڻ تي، هڪڙو همراهه پاڻي جي ڇل ڀري کڻي آيو. ماستر هن جي ڪنڌ کي مٿي کڻندي چيو: "ڍڪ ڍڪ ڪري، سمورو پاڻي پي ڇڏ... هاڻ گهڙي ڪن لاءِ وري ليٽي پئو... شابس!"

نورل کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي: هي ڪهڙو تماشو ڪٽي مچايو اٿم... لاڪن جو راڄ پنهنجي لاشن ۽ ڏَڪيل همراهن کي سنڀالي يا مونکي سنڀالي... ۽ ماستر ڇا سوچيندو؟ لاڪن ۾ ماتام متو پيو آهي ۽ هي ڍَڪي رَنَ وانگر پيو اوڪارا ڏئي! واهه جو پنهنجي جگري يار ياروءَ سان ياري نڀائي اٿس!

ياروءَ جي ياد ايندي ئي، هن جو مُنيون ڀيڙجي ويون ۽ ٽِپ ڏيئي اٿي ويٺو. ڪلهن ۾ ويڙهيل اجرڪ لاهيندي، هن پنهنجو منهن اگهيو، ۽ کٽ تان لهي آيو. مَنهه ۾ ٽنگيل، پنهنجي ڪهاڙي کڻي ماستر وٽ آيو.

"ماستر، هاڻ الله واهي..."

"نورل، ڏاهو ٿيءُ: هڪ ته تنهنجي طبيعت ناچاق آهي، ٻيو ته ڳوٺ کان ٻاهر

پوليس جو گهيرو آهي. توکي تہ پريان ئي سڃاڻي وٺندا. تون اڪيلي سر، راهہ ويندي مارجي ويندين!" ماستر جي آواز ۾ ڊپ سان گڏ، هن لاءِ ڳٺتي صاف ظاهر هئي.

"مارجي ويس تہ چڙهيس آڳوٺي تان... مونکي ياروءَ جو پلاند ضرور ڪرڻو آهي." هن نئر ٻار جيان، هٺيلي آواز ۾ چيو.

"گهرام خان جهڙي پاٽاريدار شودي سان پلاند ڪرڻ لاءِ، ڪهاڙيءَ کان وڌيڪ عقل جي ضرورت آهي نورل!" ماستر هن کي ڇڙپ ڏيندي چيو. ماستر کانسواءِ لاڪن مان بہ ڪجهہ تجربيڪار همراهن هن کي گهٽو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نہ مڙيو. لاڪن سان تہ هن وَڙ ڪيو هو، سي هن سان وڌيڪ حجت نہ ڪري سگهيا. پوءِ جڏهن سيني کان موڪلايائين تہ لاڪن مان هڪ همراهہ، هڪ گهوڙو پلاٽي ڪاهي آيو. سندس هٿ ۾ هڪ دونالي ۽ ڪارتوسن جو پٽو هو.

"ادا، تنهنجا ٿورا تہ لاهي ڪونہ سگهنداسون پر هي هٿيار جي تنهنجي ڪم اچي تہ تنهنجي مِلڪ آهي!"

ماستر هن کي اڳيرو ڪرڻ لاءِ ڪافي پنڌ اڳتي نڪري آيو. پوءِ موڪلائيندي مهل، هن کي ڀاڪر پائيندي چيائين: "هاڻ ڏٺيءَ کي پرتين. هن پڏي کان، ٻاهران ئي ٻاهران، اتر پاسي لڙي پئج... خدا ڪندو تہ انهيءَ پاسي پوليس کي شڪ ڪونہ پوندو... آءٌ بہ سيان شام، اول خير، پنهنجي ڳوٺ ويندس... اتان لانگهائو ٿين تہ پنهنجو گهر سمجهجانءِ..."

... ...

نورل پنوهرن جي ڳوٺ پهتو، پر هن کي اها خبر نہ هئي تہ عذر خواهي ڪنهن سان ڪري، هن کي تہ اها بہ خبر نہ هئي تہ عذرخواهي ڪيئن ڪبي آهي. هن جو جيڪڏهن ڪو رشتو ناتو هو تہ فقط ياروءَ سان، يا جيوڻ خان سان عليڪ سليڪ ڪندو هو. پنوهرن جي ڳوٺ ۾ ڄڻ راڪاس گهمي ويو هو. ماڻهن جا ڪنڌ هيٺ هئا، ۽ اڌ مئن مڙهن وانگر پنهنجي ڪرت ۾ لڳا پيا هئا. هونئن جو ٻارن جون چلولائيون ڏسي، هن کي پنهنجو ننڍپڻ ياد ايندو هو، سي ٻار بہ ماڻ هئا، ڄڻ ڪين مائرن ٻوتاڙا چاڙهي ڇڏيا هئا.

هو ياروءَ جي گهر وٽان لنگهيو تہ دل ۾ چڪ پئجي ويس. ساڳيو لوڙهو موجود هو، پر اڄ انهيءَ ۾ هن جو يار موجود نہ هو. گهڙيءَ لاءِ هن کي خيال آيو تہ هميشہ جيان هن کي سڏ ڪري: "ڀائو يار محمد... او ڀائو يار محمد" ۽ اندران آواز ايندو: "ڀائو تہ شهر ويو آهي." اهو سوچيندي ئي هن جو اندر وڍجي ويو. هن جي اکين ۾ لڙڪ بس ئي نہ ڪن، ۽ هو تڪڙو تڪڙو ڳوٺ کان ٻاهر

هليو آيو. پڇائون ڪندي، هو مقام ڏانهن لڙي پيو. پنهنجي سنگتي جي تازي قبر تي، هن جا وري ڳچ ڳڙي پيا. گهوڙو هڪڙي وڻ سان ٻڌي، بندوق ساڻ ڪري، هو پٽلي ماري، يارو جي قبر اڳيان ويهي رهيو. جيئري انسان سان ته ياري هيس، پر مٽين مٽيءَ هيٺان پوريل هن يار سان ڄڻ هن جي روح جو رشتو پيدا ٿي پيو هو. هو الائي ڪيترو وقت ائين ويٺو رهيو، پڻ پڻ ڪندو رهيو، پنهنجي يار سان رهاڻ ڪندو رهيو. پوءِ مٽيءَ جو ٻُڪ ڀري، پنهنجي پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏيائين ۽ وڏي سڏ چيائين: "يارو، جي حياتي رهي ته رئيس گهرام خان ۽ گلڻ خان سان تنهنجو پلاند ضرور ڪندس- اهو توسان منهنجو انجام آهي!"

هن کي ته اها خبر نه هئي ته گهرام خان يا گلڻ ڪٿي هوندا ۽ ٻانهن ڪٿي جهلي هئائون. گهرام خان جي ڳوٺ يا حويلي جي پڇا ڪرڻ به هرويرو پاڻ کي ڏنو ڪرڻو هو. هن جي تر ۾ ايتري حشمت ۽ هيبت هئي، جو ڪنهن اڙئي نڙئي ماڻهوءَ کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ معنيٰ پنهنجي پاڻ کي هٿ وٺي اڙائڻو هو. اهو سوچيندي، هو گهرام خان جي ڪمدار جي پڇا ڪندو، ڪري واري اوطاق تي پهتو. هن کي رڳو اهو ڊپ هو ته جيڪڏهن اوطاق تي ڪو اهڙو همراه هوندو جيڪو گلڻ خان سان گڏ ميڙي تي هو ته پوءِ هن کي سڃاڻندي ويرم ئي ڪونه ڪندو. اهي ڳالهيون سوچيندو هو اوطاق تي پهتو.

اوطاق جي ٻاهران هڪ همراهه ڪٽ تي ڪانپ ٻڌيو ويٺو هو. پيراندي ڪان دوناليءَ بندوق ۽ ڪارتوس جو پٽو رکيو هو. ڪٽ جي پٺيان اوڏڪي پٽ وٽ ٻه دلا پاڻي جا رکيا هئا. نورل ويجهو پهتو ته همراه ڪانپ ڇوڙي، بندوق ۾ هٿ وڌو، پٽو کلهي ۾ ڪري، ڪٽ تان لهي بيٺو. نورل وڏي سڏ سلام ورايو، ۽ گهوڙي تان لهي پيو. هن جي پنهنجي دوناليءَ ۽ ڪهاڙي پريان ئي پڌري هئي. پر هن بندوق ۾ هٿ نه وڌو، نه ئي ڪهاڙيءَ ڏانهن ڌيان ڏنائين.

خوش خيرعافيت ڪندي، ٻڌايائين ته هن جو نالو نور محمد هو. پير جانڻ شاهه بادشاهه جو مريد هو. رئيس گهرام خان کي ختمي جي ڪوٽ ڏيڻ آيو هو ۽ ڪجهه روبرو به رئيسن سان ڳالهائڻو هئس. ڳوٺ ويو هو، پر اتي ٻڌايائون ته رئيس وڏو ته پوليس سان چڙهي ڪنهن پاسي ويو هو، ۽ ننڍو رئيس اوطاق تي هو. ٻيو مڙئي خير.

گهرام خان جي همراهه کي به ڪي سڀ خبرون هيون. ان ڪري نورل جي ڳالهين مان هن کي ڪو شڪ نه پيو. هيڪاري نورل جو هن جي هٿيارن جي تعريف ڪئي ته همراهه جون واڇون نڙي پيون.

"ياڻو ڀلي ڪري آئين... سائين جانڻ شاهه بادشاهه جي خبر ٻڌي اصل پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي آهي. لاڪن پنهنجي ته قيام ڪاري ڪئي آهي پر پنهنجي آل

اولاد تي الله ۽ الله جي رسول جي غضب کي سڏ ڏنو اٿن. رئيسن سان تہ ڏاڍي ياري هيس- هڪل ڪري ها تہ اسين لاڪن کي اهي ڏينهن جا تارا ڏيکاريون ها، جو راڄ ٻڌن ها!" همراهہ هن سان عذرخواهيءَ ڪندي چيو.

"بروبر بروبر... پر ادا، سائين بادشاهہ کي ڏاڍو مانَ هو تہ يارن کي تڪليف ڏيڻ جي ايا مهل نہ آئي آهي... پر پوءِ قسمت کي اهوئي منظور هو..." نورل کي ڪوڙ ڳالهائڻ ئي نٿي آيو... هن کي اهوئي اُڊڪو هو تہ هن جي ڪنهن اکر مان همراهہ کي ڪو شڪ نہ پئجي وڃي.

"ها ڀائو... ڀلا توهين هلو اندر... هٿ منهن ڌوئو تہ آئون ڪمدار وڏي کي ڄاڻ ٿو ڪرايان... رئيس نندو تہ نئين بنگلي تي آهي..."

"پوءِ تہ ڏاڍي ڳالهہ ٿي... نياپو بہ اهڙو آهي جيڪو روبرو ڏيڻو آهي... پوليس ڪمانيءَ سان رئيس جو رستو آهي، سو سائينءَ حڪم ڪيو تہ روبرو نياپو ڪجان... مون کي تہ ايا ٻن ٽن پاسن ڏي وڃڻو بہ آهي..." نورل ڏڪو هنيو.

"رئيس وڏو آهي ئي پوليس ڪمانيءَ سان...!"

"پنوهرن واري جانچ ۾..." نورل وري بہ ڏڪو هنيو.

"هائو، اڄ ٽيون ڏينهن ٿيو آهي... ۽ رئيس نندو تہ شڪ آهي..." همراهہ جي چپن تي اهڙي مرڪ آئي، جو نورل جو اندر ئي سڙي ويو. پر ٻاهريون ٻن رکندي چيائين: "سچي ٿو چئين... پوءِ ڀلا سائينءَ جي چٽي ڪيئن پهچائجي... سائينءَ تہ چيو تہ جواب وٺي موٽج!"

همراهہ گهڙي ڪن سوچ ۾ پئجي ويو... نورل وري ڏڪو هنيو: "مون تہ نئون بنگلو ڏٺو بہ ڪونهي... هن تر ۾ اڳي ڪڏهن لانگهائو بہ ڪونہ ٿيو آهيان... هاڻ ڪا ڀلائي ڪر... منهنجو سونهون تي، بنگلي تي پهچاءِ... موٽ ۾ توکي هتي ئي پهچايندو ويندس!"

"نہ ڀائو، اوطاق ڇڏيم تہ رئيس اصل خفا خون ڪري ڇڏيندم.... پر هاڻ هيئن ڪر... هي پريان جيڪو ڍورو پيو ڏسجي نہ... او هَو، هن اناس کان پريان، اتان ڪاڀي پاسي ڍوري ۾ لهي پئہ... ڪوهہ ڪن جو پنڌ ٿيندو... ڍورو پورو ٿئي تہ مٿي چڙهي پئہ... پوءِ تہ سڌو ئي سڌو شاخ جو پنڌ آهي. هڪڙي موري ٽپي، ٻي موريءَ تي پهچندين تہ پريان بنگلو ڏسڻ ۾ ايندو... اتي پهچي خانڻ جو نالو وٺندين تہ پاڻهي رئيس نندي کي نياپو ڪندا..." همراهہ هن کي اشاري سان سمجهائيندو ويو.

"ڀائو، تنهنجا لک ٿورا... مرشدن جو ڪم آهي، دعا ٿيندءِ. پر هاڻ موڪلائي ڪانهي..." نورل گهوڙي ڏانهن لڙيو.

"ادل، ترسين ها تہ ڪا محفلڙي ڪريون ها..." همراهہ گهوڙي تائين هلي

آيو. بندوق جي ڪنداڪ ڪي ڏسي چيائين: "هٿيار تہ تو وٽ بہ واهہ جو آهي..."

"سائينءَ هلندي مهل، پاڻ کي ڏنو تہ متان لاڪا ڪا ڪئونس ڪن... اسان جي لاءِ تہ ٻيلي ڪهاڙي ڀلي آهي... هي شيطاني هٿيار پاڻ کي وٺي ئي ڪونہ... پر سائينءَ کي انڪار ڪير ڪري!" نورل گهوڙي تي لانگ ورائيندي چيو.

"ٻيڙا ئي پار...!" همراه تيسين بيٺو رهيو، جيسين نورل گهوڙي جي واڳ ڊوري ڏانهن نہ موڙي.

ڊوري ۾ هيٺ لهندي، هن گهوڙي کي هڪل ڏني ۽ هوا سان ڳالهيون ڪندو اچي شاخ تي چڙهيو. گهوڙي جي واڪڙ واڪڙ سان گڏ هن جو من بہ چڻ واڪڙ واڪڙ ڪندو هن لاءِ منصوبا ٺاهيندو رهيو. پهرين موري ٽپيو تہ پريان ئي نئون بنگلو نظر آيس. سڄي بنگلي کي ٻاهران اوڏڪي پٽ جو ڪوٽ ڏنل هو. پر اندر پَڪَ- سِري ماڙيءَ جا منگهہ صاف نظر پئي آيا. سڏ پنڌ تي هو تہ گهوڙي تان لهي پيو. ڪهاڙي ڪڍي، هني ۾ هٿي ڇڏيائين. بندوق ۾ ڪارتوس ڀري، هڪڙي هٿ ۾ ڪيائين؛ ٻئي هٿ سان گهوڙي جي واڳ وٺندو بنگلي جي در تائين آيو.

بنگلي جي ٻاهرئين در جي ٻاهران ڪڪڙوڪو لڳي پئي هئي. دروازو اندران بند هو. در ڪافي وڏو هو ۽ هن سمجهيو تہ در جي اندران ڏيڍيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ همراهہ تہ چونڪيءَ تي هوندا. گهڙيءَ لاءِ هن سوچيو تہ بندوق تي اعتبار ڪونهي. دوبدو ويڙهہ ۾ وري بہ ڪهاڙي چڪي آهي. پر وڏيري جي همراهن وٽ پڪ ئي پڪ بندوقون هونديون.

بندوق جا ٻئي گهوڙا چاڙهي، هن در تي ٺڪ ٺڪ ڪئي. ان وقت هن آواز ٻڌو: "رئيس، توهين هلو اندر... ٻاهر جي ڳٺتي نہ ڪريو."

نورل جي دل، هن جي پاسرائين سان ٺڪرجي، ايئن ٿي ڏڙڪي جو هن سمجهيو تہ هن جي دل جو اهو دهڪو پري پري ٻڌڻ ۾ ايندو. هن جي ڪنڌ، ٻانهن ۽ ڳچيءَ جون مشڪون ٽٽڪجي ويون.

"ڪير...؟" اندران آواز آيو.

"خانڻ...!" نورل، جيترو ٿي سگهيو، آواز کي چَهي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن تاڪي ڪلڻ جو آواز ٻڌو، ۽ ان سان گڏوگڏ هن فائر ڪيو. دروازي ڪلڻ سان جيڪو منهن هن کي گهڙيءَ لاءِ نظر آيو، ٻي گهڙيءَ اهو منهن ڦوندا ڦوندا ٿي ويو. همراهہ پٺيءَ ۾، موڙي تان ٽاڻڙجي، ڪنڌ ۾ ڊهي پيو، ۽ ڪرڙيءَ وانگر ڦٽڪڻ لڳو. هن جي نڙگهٽ مان رڳو گڙگڙ جو آواز پئي نڪتو.

نورل ڏيڍي ٽپي، اڳڻ ۾ آيو تہ هن گلڻ خان کي ڏٺو، جنهن جي ڀاڪر ۾ هڪڙي زائفان، اجرڪ ۾ ويڙهيل سيڙهيل پاڻ ڇڏائڻ جي ڪشمڪش ۾ هئي. هن

پريان ئي هڪل ڪئي: "متان ويو آهين، گلڻ خان...!" گلڻ خان ٿورو هٻڪيو، ۽ پوءِ هن زائفان کي چڏي ڏنو ۽ نورل کي سامهون ٿي، پستول ڏانهن هٿ وڌايائين. پر هن جو هٿ اڃا پستول جي مٿئي تي هو تہ نورل فائر ڪيو. نورل اهو بہ ڪونہ ڏٺو تہ گلڻ خان کي ڏڪ لڳو بہ يا نہ. هن رڳو ايترو ڏٺو تہ گلڻ خان ٻئي هٿ کٽي منهن کي ڏنا، ۽ گوڏن پر ڊرڪي پيو.

نورل وڏي زائفان جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. گهڙيءَ لاءِ هنن جون اکيون چار ٿيون، ۽ وري جدا ٿي ويون. هو زائفان کي ڇڪيندو ڏيڍيءَ ڏانهن ڀڳو ۽ دروازو ٽپي هن پهرين ڀاڪر ۾ ڀري زائفان کي گهوڙي تي چاڙهيو، ۽ پوءِ پاڻ چڙهي، گهوڙي کي اڙي هنيائين.

جڏهن هو ماسترجي ڳوٺ پهتو، تڏهن نورل فيصلو ڪري نہ سگهيو تہ ماستر وٽ لهي يا نہ. ماستر وٽ ترسڻ معنيٰ ماستر لاءِ گهرام خان جي دشمني. هو پاڻ لاڪن واري واردات ۾ اڳي ئي پوليس کي گهربل هوندو: هاڻ تہ ٻہ ٻيا خون بہ هن جي ڪنڌي لڪجي ويا هئا. هڪ پاسي پوليس ٻئي پاسي گهرام خان جا چاري. ماستر ويچاري ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو، جو هو هن کي ٻوهي ۾ ڏئي. پر هو ڪري بہ ڇا؟ ۽ هيءَ پرائيءَ ٻانهن؟ ان جو ڇا ٿيندو؟ اهي اهڙا فيصلا هئا جو نورل جي وس کان ٻاهر هئا. رکي رکي هن کي اهوئي خيال آيو تہ ماستر دنيا ڏٺي آهي، قاعدي قانون کان واقف آهي، هوئي کا صلاح ڏيندو تہ هتان کان اڳتي ڇا ڪرڻو آهي. هن کي سواريءَ ۽ ويڙهہ ايترو ڪونہ ٿڪايو هو، جيترو فيصلن جي ڏٻڻ ۾ هن جو ذهن ٿڪجي پيو هو. سڄي واٽ هن جي ڪڪين وٽ يا پٽن تي مهروءَ جي هٿن ۽ ساهہ هن کي نت نون موجهارن ۾ مبتلا ڪري وڌو هو. مهروءَ جو ڇا ٿيندو؟ مهروءَ جو ڇا ٿيندو؟ مهروءَ جو ڇا ٿيندو؟ اهو سوال گهوڙي جي ٽاپڙ ٽاپڙ سان گڏ هن جي ذهن ۾ ڏوندو رهيو. مهرو بہ آخر انسان هئي، هوءَ رت جا دريا ٽپي آئي هئي. پنهنجو ڪونڌر ڀاءُ اکين آڏو خون ٿيندو ڏٺو هئائين. رئيس جي بنگلي تي بہ هن سان الائي ڇا وهيو واپريو هوندو ۽ هاڻ هن وري پنهنجي اڳيان، پنهنجي لاءِ خون وهندو ڏٺو هو. هن جي اندر ۾ ڪهڙي ماجرا متل هوندي؟ ان جو فيصلو بہ هو نٿي ڪري سگهيو. سڄي واٽ هن جي دل بار بار ٿي چيو تہ هن کي چوي تہ مهرو، ڪيئن آهين؟ خوش تہ آهين نہ؟ پوءِ پنهنجي ئي ان سوچ تي هن کي ڪاوڙ ٿي آئي: هوءَ خوش ڪيئن هوندي؟ اهو سوال پڇڻ ئي هن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ ٿيندو ۽ تنهن ڪانسواءِ هو ڪير ٿيندو آهي، هن کان پڇڻ وارو؟ ياروءَ جي سنگتي هجڻ ڪانسواءِ هن جو ڪهڙو رشتو ناتو آهي؟ پر ڪنهن پرانهين ڏنڌ ۾ هن کي ٻہ اکيون ئي نظر آيون، جن ۾ هن ڪڏهن نهاريو هو ۽ انهن اکين ۾ ڪو سنيهو هو، ڪو نياپو هو، جيڪو هن سمجهيو هو يا نہ ان جي هن کي پڪ نہ

هئي. هن کي فقط ايتري پڪ هئي ته انهن اکين ۾ هن لاءِ پنهنجائپ هئي، يا پنهنجائپ کان به ڪجهه وڌيڪ- اهڙو جذبو جيڪو هن جي مَت ۾ ايندي به نٿي آيو. هن کي ڪڏهن ڪڏهن اهو به خيال آيو هو ته ياروءَ کان ڪٿي سڳ گهران: پر هن کي ته اها خبر ڪانه هئي ته سڳ ڪيئن گهربو آهي. ۽ دوستي ياريءَ ۾ سڳ گهربو به ڪيئن؟ يارو ڇا سوچيندو؟ ته هن جي ياري مطلب جي هئي؟ اهو ويچار ايندي ئي، هو يارو جي سامهون، بنهه گونگو بڻجي پوندو هو. پوءِ وري جڏهن اکيون آرسيون ٿينديون هيون، هن جي دل تائين مهروءَ جو آواز پهچندو هو ته وري سوچيندو هو ته ياروءَ سان ڳالهه ڪڍي ته ڏسان پر پوءِ انهيءَ حجت جي هن کي همت ئي ڪانه ٿيندي هئي، ۽ هو چپ چاپ، پنهنجي دل جي وڌندڙ دهڪي جي سوَران، ياروءَ کي تڪيندو رهندو هو!

ماستر هن کي ڏسي واڙو ٿي ويو. هن اهو ته سمجهيو هو ته نورل وڏو شهزور ۽ پاڻ وهيڻو ارڏو ماڻهو هو، پر سندس خواب خيال ۾ به اها ڳالهه ڪانه آئي هئي ته هو ائين شينهن جي پِر ۾ ڪاهي ويندو، ۽ شينهن جو شڪار به ساڻ ڪٽي ايندو. رئيس گهرام جهڙو وڏيرو، جنهن جي ڏهڪاءَ ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جو سڄيءَ سنڌ ۾ هَل هو، ان سان اهڙو ڪئونس ڪرڻ جو تصور ۽ امڪان به هن جي سمجهه کان ٻاهر هو. پر حقيقت هن جي اڳيان بيٺي هئي. هو ڪا گهڙي، نورل کي ڀاڪر ۾ ڀري، بيٺو رهيو. الائي ڇو لڙڪ هن جي اکين ۾ لڙي آيا. هڙا شهزور جي ٻيا به ٿين ته هوند اسين سنڌ جي قسمت بدلائي وجهون. وڏيرا ته پنهنجي ماڳ، اسين انگريز کي به ڪاري پاڻيءَ تائين پهچائي اچون ۽ چارلس نيپئر واري سنڌ موٽائي وجهون!

نورل ماستر جي اکين ۾ لڙڪ ڏسي ششدر ٿي ويو، هن جي جذبن کي غلط سمجهندي چيائين: "ماستر، مون کي بشڪ ڪر... مون کان خطا ٿي جو تو وٽ لڙي آيس.. پر مون کي ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي سُجهي... توکي ٻوهي ۾ ڏيڻ جو بنهه ويچار ڪونه هئم!"

"چريو ٿيو آهين ڪيئن؟ تون هن لڙڪن کي سمجهي نه سگهندين... جيئن تون منهنجيون ڪيتريون ڳالهيون سمجهي نه سگهندو آهين... اڙي مون کي ته ڳالهه ئي وسري ويئي. مائي بابا، تون لهه، هل اندر... نوران، ڏس ته ڪير مهمان ٿي آيو آهي..." ماستر اندر پنهنجي گهر واريءَ کي سڏيندي چيو.

پوءِ جڏهن ماستر ۽ پاڻ مانيءَ تي ويٺا، تڏهن نورل سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ جيڪي سوال هن کي منجهائي ماندو ڪري رهيا هئا، پڇي ويٺو. "ماستر، هاڻ جيئن تون چوندين، تيئن ڪندس!"

ماستر ڪيترو وقت ماٺ ۾ رهيو.سوچيندو رهيو ۽ پوءِ وڏو ساهه ڀريندي

چيائين: "نورل توکي تہ خبر آهي تہ لاکن واري واردات ۾ پوليس اڳي ئي تنهنجي ڳولا ۾ آهي. لاکن مان ڪنهن بہ تنهنجو نالو ڪونہ ورتو آهي پر پير جانڻ شاهہ جا ڪيترا ماڻهو اکين ڏٺا شاهد آهن: خود پوليس جي ڪن ماڻهن توکي ڏٺو آهي. هاڻ وري نئين واردات ٿي آهي. توکي برابر ڪنهن سڃاتو ڪونہ هوندو پر خانڻ پوليس کي ۽ رئيس کي سڀ پار پتا ڏٺا هوندا. پوليس تہ جيسين جانچ تي چڙهي، رئيس گهرام خان پنهنجي پيرين ۽ تازي ڪتن ۽ بُلڊاگن جي لوڌ سان نڪتو هوندو. هو اصل چتو ٿي پيو هوندو. هن جي تر ۾ هوندين تہ تنهنجو جيئرو بچي وڃڻ ناممڪن آهي. سو منهنجي مَڃَ تہ هينئر ئي هتان هليو وڃ. ڪاڇي وڃين يا جبل هليو وڃين، سو تون پاڻ ڄاڻ پر هن هيٺين تر ۾ توڙي اُتر ۾ ڪنهن وسنئن ۾ منهن بہ نہ هڻج. ايترن خونن جي جوابدار لاءِ جتي ڪٿي جي پوليس نوس نوس ڪندي وتندي!"

نورل کي پنهنجي پيٽ ۾ ڪڏ پوندي محسوس ٿي؛ ۽ هن جهيڻي آواز ۾ پڇيو: "۽ ٻانهن؟"

"ها، ٻانهن جو سوال ڏکيو آهي...، پر هيئن ٿا ڪريون، جو ٻانهن آءٌ تو جهليان. هئو مئو ٽري تہ پوءِ جيڪي مناسب لڳو، تيئن ڪندس."

"نہ ماستر نہ، ٻانهن تو جهلي تہ اڄ نہ سيان ڳالهہ ڪلندي ۽ وڏيرو گهرام خان توکي خفا خون ڪري ڇڏيندو. ايترو آءٌ بہ سمجهان ٿو. اسانکي رات ٽڪائي، تو مون سا وڏو وڙ ڪيو آهي پر پنهنجي لاءِ تو ڄڻ نانگ پالي وڏو آهي. ٻانهن آئون ڏٺين کي پهچائيندس..."

"نورل، منهنجي ڳالهہ ڇڏ... اسين مولائي مڙس اڳي ئي نانگن سان ويرِ وجهيو پيا هلون... الائي ڪيڏي مهل نرڙ جو لکيو پورو ٿيندو... پر تون پنهنجو فيصلو پاڻ ڪر. هتان اڳتي وڃين يا پوئتي، اهو فيصلو توکي ڪرڻو آهي، پر ياد رک تہ هر فيصلو بندوق جي گوليءَ وانگر اٿموٽ آهي..."

ٻئي ڏينهن نيرن ڪري اڃا واندا ٿيا تہ ماستر کي در تي سڏ ٿيو. ڪجهہ دير کان پوءِ، جڏهن ماستر اندر آيو تہ هن جي منهن تي جيڪي احساس هئا، تنهن مان ئي نورل سمجهي ويو تہ ڪاري ڏاند جا ڏٺي اچي ڪي اورتي ٿيا هئا. هو اٿيو، ۽ وڃي گهوڙي تي سنج وڌائين. دونالي ۾ بہ ڪارتوس وجهي، توبري ۾ داڻو ڏسي، وري موٽي آيو. هن کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ماستر کان ڪيئن موڪلائي سو ڪيس ڀاڪر پائي، رڳو ايترو چئي سگهيو: "ماستر، موڪلائي ڪانهي...!"

"ڏٺيءَ کي پرتؤ... هتان الهندي هليو وڃج. واهہ جي ڪپ کان ٻيلي ۾ لهي پئجانءِ...!" ماستر کان اڪر نہ پيا اڪلن. هن کي ڀاڪر ۾ ڀري، وري ڪيس

ٻانهن کان جهلي، سندس اکين ۾ گهوري ڏٺائين، ۽ پوءِ وري ياڪر پائي، هٿي بيهي رهيو. مهروءَ کي سوار ڪري، نورل هڪ هٿ ۾ بندوق سنڀالي ۽ ٻئي هٿ ۾ گهوڙي جو لغام.

... ...

ٻيلي ۾ لهڻ سان ئي هن ڪتن جي ٻونڪ ٻڌي. مهروءَ بہ اها ٻونڪ ٻڌي هئي ۽ هن جا هٿ وڌيڪ مضبوطيءَ سان هن جي ڪکين وٽ ڦٻي ويا هئا. ائين ٿي ٻانيو ڇڻ تہ ڪتن هنن جو اڳ ورتو هو. پر پوئتي موٽڻ سان سنئين پٽ ۾، هنن کي پهچڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ لڳندي. هن گهوڙي کي اڙي هنئي، ۽ ٻيلي جو وچ ڪٽي ورتائين. ڪتن جو آواز پاڻ ويجهو پوندو ويو، نورل ائين ٻانيو تہ هو گهرام خان جي چارين ۽ شڪارين کي ايترو ويجهو هو جو شايد سندس گهوڙي جي سنبن جو آواز بہ هو ٻڌندا هوندا. هن دل ئي دل ۾ هڪ ڪيڏ رِٽي هئي. ان جي ڪاميابيءَ يا ناڪاميءَ تي هن سوچڻ بہ نٿي گهريو. "ماشا مولا..." هن چپن ۾ ڀڻڪو ڪڍيو.

ڳچ پنڌ اڳيان نڪري، هن گهوڙي کي وري پوئتي موٽايو. هڪڙو وڏو چڪر ڪاٽي، هو شڪارين جي پويان ڦري آيو، هاڻ ڪتن جا آواز هن جي پويان نہ، پر هن جي اڳيان هئا. ٻيرن جي هڪڙي گهاٽي جَهنڊ ۾ بيهي، هن هلڪي آواز ۾ چيو: "رُڄج نہ...!"

هن کي موٽ ۾ ڪنهن جواب جي اميد بہ ڪانہ هئي. جڏهن هن هوائي فائر ڪيو، تڏهن مهروءَ جا هٿ وڌيڪ سختيءَ سان هن جي چيلهہ ۾ چنبڙي پيا. گهوڙي کان بہ هن جي اوچتي آواز تي ڇرڪ نڪري ويو ۽ ٿهندي هڪ طرف ڪٽي لوهہ وڌائين. نورل لغام کي سٽ ڏيئي، گهوڙي کي واپس موڙيو ۽ وڌيڪ تيزيءَ سان اڳتي نڪري آيو. فيئر جي آواز کان پوءِ ڪتن جي ٻونڪڻ جو آواز وڌيڪ چٽو ٿي ويو؛ ڪتا ڇڻ تہ ڇتا تي ڇنائي ڀڳا هئا. پنج ڇهہ بلاڪ لتاڙي، هن وري ٻيو فائر ڪيو. ڪتن جي آوازن ان نئين فيئر جي پڙاڏي ڏانهن لومڙ ڪئي.

هن گهوڙي کي وري پوئتي موٽايو ۽ پنهنجي اڳئين پنڌ کي ورتائين. ڪتن جي ٻونڪ پوئتي رهجي ويئي. پر هن گهوڙي جي رفتار نہ گهٽائي. هن ڪتن ۽ پنهنجي وچ ۾ گهڻي ۾ گهڻو فاصلو وجهڻ ٿي گهريو. گهوڙو بہ هاڻ هن جي اشارن ۽ مهميزن کي سمجهي ويو هو. هر ڪوهہ ٻن کان پوءِ، هڪ وڏو چڪر ڪاٽي، ڪتن کي اڳيان ڪندي، هن هوائي فيئر ٿي ڪيا، ۽ وري پنهنجي اصلوڪي پنڌ تي موٽي ٿي آيو. جڏهن صبح لڙيو، ۽ پاڇولا مَٽيا، تڏهن هن اطمينان جو ساهہ کنيو. هاڻ ڪتن جي ٻوٽڪ ۽ هن جي وچ ۾ ايترو فاصلو پئجي ويو هو، جو هن جي دل ۾ اميد جاڳي تہ شايد گهرام خان جا شڪاري پوئتي موٽي ويا هجن.

پر ان اطمينان جي جڳهہ تي، هن کي هڪڙي نئين مونجهاري اچي گهيري

ورتو: مهرو، جيڪا هن جي مونجهارن جو مرڪز هئي، مهروءَ کي پنهورن جي ڳوٺ پهچائڻ جو خيال، هن کي ماستر وٽان نڪرندي ئي هو، پر هاڻ جڏهن جيابي جي جنگ ختم ٿي سمجهيائين، تڏهن اهو خيال وري هن جي دماغ ۾ ممڻ مچائڻ لڳو. پرائي ٻانهن ڪيئن موٽائبي آهي؟ ڪنهن کي موٽائبي آهي؟ يارو ويچارو ته وڃي الله کي پرتو. مامي جيوڻ خان کي به شايد پوليس جهلي ويئي آهي ته پوءِ هن کي ڪنهن وٽ پهچايان؟ مون کي ته ٻيو ڪو سڃاڻي به ڪونه؟ ۽ ڪٿي ڪو وارث والي هجي به ته ان کي ڇا چوان ته هيءَ ٻانهن موٽائي آيو آهيان، جهليوس! ته بس، مهروءَ سان منهنجو اهو ناتو آهي پر هن جون اکيون ۽ انهن ۾ منڊل منڊل نياپا، هن جي پنهنجائپ- ۽ هي هن جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو ڪهڙي ڪنڊي لکبو؟ ڇا انهن جي ڪا اهميت ڪانهي؟

۽ پلا جيڪڏهن پوليس اچا به پنوهرن وٽ لٽل هجي ته پوءِ؟ رئيس گهرام خان به ته پنهنجا ماڻهو ڇڏيا هوندا ته اوس ٻانهن موٽي، ڏٺين وٽ ايندي نه؟... هن جيئن ٿي وڏيڪ سوچيو. تيئن ٿي هن جا مونجهارا وڌيا. پوءِ اوچتو هن کي خيال آيو ته هن هيڏي ساري مامري ۾ مهروءَ جي به ته ڪا راءِ هوندي؟! اهو خيال ايندي ئي، هن جو هٿ گهوڙي جي لغام ۾ وڏيڪ ڦٻي ويو: هوءَ، جنهن هيترو سڻو آهي، تنهن کان به ته پڇان ته هيڏي قيامت گذرڻ کان پوءِ پاڻ ڇا ٿي چاهي. فيصلو هن کي ڪرڻ گهرجي. هوءَ به اسان انسانن جهڙي انسان آهي. اسين ڪيئن ٿا هن جي قسمت جو فيصلو ڪريون. هن کي به زبان آهي جهڙي مون کي زبان آهي. پوءِ هوءَ پنهنجي وات وڪيل ڇو نه ٿئي؟ ها ها! فيصلو هن کر ڪرڻو آهي. آئون ڪير ٿيندو آهيان، هن لاءِ اٿموٽ فيصلا ڪرڻ وارو، جيڪي ڇٽل گوليءَ وانگر اٿل ٿي وڃن!

هن جي اندر جا مونجهارا، ان نئين فيصلي جي آڏو ڪنهن ڄاري وانگر صاف ٿي ويا ۽ هن هڪ ٿڌو ساهه ڪڍي لغام تي هٿ ڍرا ڪري ڇڏيا. پر پوءِ اوچتو هڪ نئين مونجهاري، هڪ نئين اڻ ڄاتل پيچري وانگر هن جي اڳيان ڪَر ڪنيو: پر پڇانس ڇا ۽ ڪيئن؟

... ...

هن جي ڪِل هن کي وڏو ڏڍ ڏيئي ڇڏيو هو، تڏهن به هن جي اندر ۾ ڏاڍي آنڌ ماند متل هئي. هن کي پنهنجي دل جو دهڪو صاف پئي ٻڌڻ ۾ آيو. هن هيڪندي چيو: "هڪڙي ڳالهه چوان..."

هن کي يقين ئي نه پئي آيو ته هن اهي لفظ چئي ڏنا، يا رڳو هن جي سوچ هئي.

"جي..." مهروءَ جو جهيڻو آواز هن ٻڌو ۽ هن جي ڪنڌ ڏوڻ به ڏٺائين،

تڏهن وڃي پڪ ٿيس.

"مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا چوان... يارو منهنجو دلبر يار هو... سو ان جو پلاند ڪرڻ جو سَنهن ڪنيو هئم، سو پلاند ڪيم... پر هاڻ ڇا ڪرٿو آهي، سو ماستر کان پڇيم، پر هن به ڪا مَت ڪانه ڏني... ڳوٺ ۾ منهنجي ايتري ڄاڻ سڃاڻ به ڪانهي... يارو ڪان پوءِ مامي جيوڻ سان عليڪ سليڪ هئي... سو به ٻڌو اٿم ته پوليس جانچ ۾ وٺي ويئي اٿس... هاڻ تون ئي ڏسينم ته توکي ڪنهن وٽ ڇڏيان...!؟" چوڻ کي ته چئي ويو، پر ڪيس اُيساهي پئجي ويئي. مونجهارن هن جي نڙيءَ ۾ ڳنڍيون وجهي ڇڏيون هيون.

پر مهروءَ طرفان ڪو جواب ڪونه آيو. پوءِ هن کي هلڪي اڻ لکي سڏڪي جو آواز ڪن تائين پهتو. هن مهروءَ ڏانهن نهاريو. اوندهه گاڏڙ روشني ۾، هن کي مهروءَ جي اکين مان ٽمندڙ لڙڪ به نظر آيا، جيڪي هن اجرڪ جي پلاند سان اگهيا. اجرڪ جي پلاند ۾ هوءِ پنهنجي سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن جي اندر ۾ وَڍ پئجي ويا: هي مون ڇا ڪيو؟ پر مون ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ڪئي! ها پڪ سان يارو ياد آيو اٿس، تڏهن ٿي روئي. هن پنهنجي پاڻ کي ڏيڍ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي...

هن جي دل چيو ته هو اَتي مهروءَ کي ڳراٽي پائي، دلداري ڏئي، پر اهو خيال ايندي ئي هن جي اندر ۾ طوفان مچي ويو. هن جي دل جي ڏڪ ڏڪ هن جي ڪنن ۽ لوٽن ۾ وڄڻ لڳي.

پوءِ سڏڪن جي وچان، هن مهروءَ جو ڇچريل آواز ٻڌو: "جتي ايڏو وَڙ ڪيو اٿئي ته... هڪڙو وڙ ٻيو به ڪر... اها ڪهاڙي ڪٽي، پاڻ پنهنجي هٿن سان مون کي پورو ڪري ڇڏ...."

انهن لفظن جي هن کي نه اميد هئي، نه ڪو خواب خيال. هيءَ چوي ڇا پئي؟ هن جي سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. ٻيو ڪجهه نه سَجهيس ته چئي ويٺو "سو ڀلا ڇو؟"

"... هاڻ منهنجو ڪهڙو مِٽ آهي، جنهن وٽ منهن ڪٽي ويندس... پنوهرن جي راڄ لاءِ آئون ان ڏينهن مري ويس، جنهن ڏينهن وڏيرو ڪٽي ويم... هاڻ وٽن ڪهڙو نڪ ڪٽي ويندس... مون کي ڏسندا ته ڪاري سمجهي ڪهاڙين مان ڪڍندا... پوءِ ڪٽي مامو جيوڻ هجي يا ٻيو... يارل جيئرو هجي ها ته به... يارل پاڻ ڪهاڙي ڪٽي ٻيهي ها... ۽ پنهنجي هٿن سان پوري، پوءِ وڃي ٽاٽي ته چئي ها ته ڀيڻ کي ڪاري سمجهي، خون ڪري آيو آهيان... منهنجي قسمت..."

هاڻ ته مهروءَ پنهنجي سڏڪن ۽ لڙڪن کي روڪڻ جي به ڪوشش ڇڏي ڏني. هن جو سمورو جسم پئي لڏيو. لڙڪ هن جي ڳلن تان وهي، ڪاڏيءَ جي

ٻنهي پاسي اجرڪ ۾ جذب ٿيندا ويا. هن جي دل فيصلو نه ڪري سگهي ته هو هن کي ڪيئن آٽت ڏئي؛ نه ته هو پاڻ به لڙهي ويندو ۽ روئڻ لڳندو. هن ان ڪاري ڪاريءَ واري امڪان تي سوچيو به ڪونه هو. جڏهن مهروءَ ڳالهه ڪئي، تڏهن ڪاري ڪاريءَ جي روايتن جو جِن هن جي اکين ۾ نچڻ لڳو. هن ان جِن کي ڏسڻ به نٿي گهريو. برابر، ڪاري ڪاريءَ کي راڄن جا راڄ ٿا مڃين... پر مهرو ڪيئن ڪاري چئبي؟"

"پلا پوءِ..." هن کي آخر فيصلو ته ڪرڻو هو.

"نورل، منهنجي قسمت هاڻ تنهنجي هٿ وس آهي..." هن هڪ ڊگهو سڏڪو ڀريندي چيو: "هاڻ آئون تنهنجي پناري پئي آهيان... وٽئي ته مون کي مائٽين ڇڏي اچ ته اهي ڪهاڙين مان ڪڍنم، وٽئي ته اها ڪهاڙي ڪڻ، ۽ تون پنهنجي هٿن سان پورو ڪرينم... تنهنجي هٿان مرنديس ته ڏک ڪونه ٿيندم... ياد اٿئي، ميڙي مان موٽڻ وقت مون چيو هو ته مري پوان ها ته ڪو ڪانڌي ٿيڻ لاءِ ته ترسي ها... سو هاڻ تنهنجي هٿن سان مرنديس ته... ..."

هوءَ وري اچي سڏڪن ۾ پئي. روئڻ جو آواز ٻيلي جي چپ چپات ۾، نورل کي ائين لڳو، جڻ سمورا وڻ ٿي رُنا؛ ڪپڙ، لئيون، ڪرڙ، ٻهر سڀ ٿي رنا. هاڻ لڙڪ هو پاڻ به روڪي نه سگهيو. هن لڙڪن کي روڪڻ به نه ٿي چاهيو.

"پوءِ مون سان جبل هلنديئن!؟ گهڙي اڳ اهڙو ڪوبه سوال هن جي ذهن ۾ ڪونه هو. گهڙي اڳ اهو خيال به هن کي اچي ها ته هن کي پاڻ حيرت ٿئي ها. پر هاڻ جڏهن هن جي روح مان اهي لفظ نڪتا، تڏهن هن کي ڪابه حيرت نه ٿي. هن جي اندر جا سمورا طوفان بيهي رهيا.

"آئون... تنهنجي... ٻڌي ٻانهي آهيان... تنهجي گولي ٿي... گذاريندیس!"

تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول

انتساب

اسان واري پيڙهيءَ جي عذابن جي نالي،

جنهن لاءِ ئي شايد سچل چيو هو تہ:

”ماڻ ڪريان تہ مُشرڪ ٿيان، ڪُجان تہ ڪافر!“

سراج

ڪهڙي شاعر چيو هو تہ وقت بادشاهہ آهي! عجيب خيال آهي؛ پيانڪ ۽ هرڪائيندڙ سچ. ڏندڪتائن جا بادشاهہ ڪيئن نہ انسانن جي رت کي سندن ئي ماس ۾ ڳوهي، نپوڙي، ڪنهن سانچي ۾ وجهي غلام گهڙي وٺندا هئا؛ ۽ سندن روحن کي چيپاڻي، ڄاڻ جي ديوارن تي ڇيڻن وانگر ٽڪي ڇڏيندا هئا. اڪين وارن لاءِ عبرت خاطر يا پنهنجي بادشاهيءَ کي ثابت ڪرڻ خاطر! وقت بہ اهڙوئي ڪنور دل بادشاهہ هوندو....

مون سمجهيو هو تہ پيار، محبت ۽ عشق وقت جي ان بادشاهت تي ضرور سوپ حاصل ڪري سگهندو. ڪهڙو نہ عجيب خيال هو اهو بہ! مون سمجهيو هو تہ جڏهن نينهن، زائفان جي نيڻن مان ٽپندو، سندس نَس نَس ۾، رگ رگ ۾ رَچي ويندو، تڏهن وقت بہ ماڻ ڪري بيهي رهندو، تڏهن وقت جي بادشاهي بہ ڪَنڌَ نِڙائي بيهي رهندي- هار ڪاڏل ، شڪست جا گهاوَ چٽيندڙ وقت!

عورت جو مَنَ بہ تہ شهنشاهہ آهي! وقت جي بادشاهي هن جي حڪمرانيءَ جي زيردست آهي! ۽ آءٌ سيني پراچين ۽ پراڻن وڏيائپين وانگر اهوئي مڃيندو آيو آهيان تہ مرد جي روح ۾ بہ جسم ۽ ان جون لذتون سمايل آهن، پر عورت جي جسم ۾ ئي روح ۽ روح ڪان بہ پري جون لطافتون لڪل آهن! رومانويت بہ ڪيتري نہ "چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪڪ" مثل آهي؛ اڄ جڏهن منهنجي روح ۾، جسم ۽ ان جون لذتون پوين پساهن ۾ آهن، تڏهن مهروءَ جي جسم جو روح ۽ ان جون روحَ ڪان بہ پريرو روحاني لطافتون ڪيڏانهن ويون؟ ان تبديليءَ، ان موتَ لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ وقت؟ آءٌ؟ يا ڪا اَڄاتل اَڄ، جا عورت جي جسم کي ڪڏهن ڪڏهن روح جي پيٽ ۾ وڌيڪ سگهارو بنائي ڇڏيندي آهي؟...

۽ هي ارڙهن اوڻيهہ سال، نينهن سنيهہ جون اهي آڻ- ڳڻيون صديون، ٻن جسمن جو ايترو ڳوڙهو اَڄيل هي تاڄي پيتو- انهن کي ڪا حيثيت ئي نہ آهي؟ اهي سال، جن جي پَل پَل ۾ منهنجي پيار، هن جي نينهن، منهنجي ڳولا، هن جي منزل، منهنجي دل، هن جي دڪ دڪ، منهنجي اڪين ۽ هن جي ڳوڙهن جي سڳنڌ رچيل آهي؛ جن جي ڏينهن ڏينهن ۾ هن جا ٽهڪڙا، هن جا روچَ، هن جا رَساما، ڏوراپا ۽ سنيها، ۽ منهنجا پرچاءَ، منهنجا سرچاءَ، منهنجيون دلداريون ۽ دلبنديون

اجا بہ ڪَرَ ڪنيو ڪَرَ پيون موڙين! ۽ جن جي رات رات ۾، اجا تائين رابيلن ۽ رات جي راڻين جي سڳنڌ سان گڏ اسان ٻنهي جي جسمن جي گڏيل پڳهر جو هڳاءُ پيو اچي- اهي سموريون ڳالهيون وقت ڪيڏانهن ڪيون؟ اسان جو سات، اسان جو سَنگَ وقت ڪٿي لڪايو آهي؟ جيڪڏهن اهي ڳالهيون لڪن، گم ٿين جهڙيون آهن تہ باقي رهڻ واري ڇا شئي آهي؟! ـ

پر هي اڄ ڪهڙو دورو پيو اثر جو ڏوراپي ۽ رَسامن واري ريت سان پيو سوچيان؟ منهنجي اها آزاد خيالي، روشن دماغي ڪيڏانهن پَر ڪري اڏامي ويئي؟ آءٌ ڇو هاڻ پنهنجي وجود جي اڻ ڇڄندڙ حصي، پنهنجي مهروءَ جي هر ڪر، هر عمل کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ لڳو آهيان؟ منهنجي پروسي، منهنجي اعتماد کي ڇا ٿيو آهي؟ اهو خيال مون کي يا منهنجي دل کي ڇو نٿو وٺي تہ مهرو هن نوجوان فنڪار سان، اڪيلائيءَ ۾ ٻہ چار گهڙيون سڪون ۽ ميڻاج ۾ گذاري؟ مون ۾ حسد، هيءَ ريس ڇو ٿي ڪَرَ ڪٿي؟ متان ايئن تہ ڪونهي تہ آءٌ پنهنجي جسماني موت جي سڪرات ۾ بہ، ٻئي ڪنهن جي جوانيءَ ۽ جوبن تي ريس پيو ڪريان؟ يا منهنجي دل ۾ متان اها ريس گهر ڪري ويئي آهي تہ مهرو اجا اوتروئي سهٽي، من موهٽي، اوتري ئي حسين، دلڪش بلڪ جسم کي ڇڪيندڙ ڇو آهي، جڏهن منهنجو پنهنجو جسم مرندو ٿو وڃي؟ جيڪڏهن هن کي پنهنجي ويجهو ڏسي، منهنجي هٿن ۾ ڇُهاءُ جي اها لذت ۽ آرزو نٿي پيدا ٿئي تہ ان ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ايئن تہ نہ آهي تہ باوجود پنهنجي پاڻ کي پنيلائڻ ۽ سنيالڻ جي، اجا تائين مون منجهان، مهروءَ جي حد تائين، ذاتي ملڪيت جو تصور پاڙئون پٽجي نہ سگهيو آهي؟ ۽ آءٌ اجا تائين هن سامهون پيل گلدان وانگر، مهروءَ کي بہ پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهندو رهيو آهيان؟ شايد!

شايد اهوئي سبب آهي منهنجي حسد جو، منهنجي ريس جو! هن گلدان، هن ڪرسيءَ، هن ٽيبل ۽ مهروءَ ۾ جيڪو فرق آهي، سو وساري ويٺو آهيان! آءٌ وري بہ هن کي پنهنجي هٿن ۾ ايئن محسوس ڪرڻ گهران ٿو، جيئن ڪو اکين کان معذور شخص، نظر وڃائڻ کان اڳ جي پڙهيل ڪنهن محبوب ڪتاب کي، پڙهي نہ سگهڻ جي باوجود، ان جي جِلد، ان جي اکرن کي مهٽ مان ڏکندڙ آرزومند آڱرين سان ڇهڻ چاهيندو هجي! ڇاڪاڻ تہ آءٌ هڪ اپاهج ٻار جيان آهيان، جيڪو ڪنهن خوبصورت رانديڪي کي هٿن ۾ ڪٽي نہ سگهي، پر ساڳئي وقت ڪنهن چڱي ڀلي صحتمند ٻار جي هٿن ۾ ڏيڻ کان بہ ڪيپائيندو هجي!

هي منهنجي ذهن کي ٿيو ڇاهي؟ بار بار پاڻ کي معذور، اپاهج ۽ مظلوم سمجهڻ ۽ پنهنجي پاڻ تي رحم کائڻ ڇو لڳو آهيان؟ ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي اندر جي ڪنهن اڏوهي ڪاڏل ڪنڊ ۾، اهو گهمنڊ جاڳي پيو هجي تہ

مهروءَ کي مون عذاب ۽ گوندر جي ڪَن مان ڪڍي، خوشيون ۽ محبتون بخشي ڇڏيون هيون، انڪري مرڻ تائين مون کي ڪيس ذاتي ملڪيت سمجهڻ جو حق رهندو. مون مهروءَ کي ڳوٺ ۽ بابا جي هنج مان ڪڍي هت آندو- پاڻ کي ڪو عظيم انسان ثابت ڪرڻ لاءِ، يا محض پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ خاطر؟ هن کي عذاب ۽ اهنج مان ڪڍي، خوشيون ۽ محبتون ڏيڻ لاءِ، يا خود پنهنجي رحم جوڳي حالت تي وڌيڪ رحم ڪائڻ لاءِ؟ هڪ حسين زائفان کي پنهنجي عشق ۽ نينهن جو ڪاج بڻائڻ ڪاڻ؟ ڇا لاءِ... خدايا.... ڇا لاءِ؟

ان لاءِ ارڙهن سال بہ تہ شاهد آهن... ٺيڪ ارڙهن سال- سورڻ سترنهن سالن جي آهي- ٺيڪ ارڙهن سال... ڪيترو نہ تڪڙو گذري ويا اهي ارڙهن سال! ۽ اڄ ئي ان پيانڪ رات جي ويهين سالگرهہ بہ آهي، جڏهن سانئڻ گهڙيءَ لاءِ "مهرو" بڻجي ويئي هئي...

”ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين“...! ڪيڏو نہ سوز آهي انهن لفظن ۾، ۽ ڪيڏي نہ ينيلائيندڙ حقيقت! منهنجو ويجهو ماضي پرديسي پرينءَ جهڙو تہ نہ هو، ۽ نہ منهنجو حال ڪو ڪنهن ديسي سيڻ جهڙو آهي. پوءِ لطيف جي اها سٽ هرويرو ڇو پئي ذهن جي آرسيءَ مان لِيا پائي. درد جو هڪ اٿاهہ سمنڊ پار اڪري، آءٌ سمجهان ٿو تہ شايد آءٌ ڪنهن سڪون ۽ ماڻار جي ٻيٽ تي اچي لٿو آهيان. پر هيءُ ماڻار بہ ڪهڙي ماڻار آهي، هي سڪون بہ ڪهڙو سڪون آهي، ۽ هي ٻيٽ بہ ڪهڙو ٻيٽ آهي! مون کي تہ شايد هاڻ اهڙي آجهي جي تلاش هئي، اهڙي ڀڙجهلي جي ڳولا هئي، جنهن کي وري بہ لطيف جي لفظن ۾ ”ٻاجهہ ٻيلا ٽي ٻانئيان...“ واري معنيٰ هجي!

جڏهن کان ڳوٺ پهتو هوس، ماضي سُتل ڪاريهر وانگر جاڳي پيو هو، ۽ سندس لهسائيندڙ سُراٽ روح جي لونءَ لونءَ ۾ سمائجندو ٿي ويو. ايئن ٿي محسوس ٿيو جڻ تہ آءٌ هڪ عجيب خواب، پيانڪ اوتاري ۾ ويڙهجي ويو آهيان؛ ماضيءَ جون حقيقتون، بنهہ اڳهاڙيون، مادرزاد ننگيون، منهنجي اڳيان پيون اڀڙڪن. آءٌ هٿ وڌائي ڪين ڇهڻ گهران ٿو، پر هٿ ۾ طاقت نہ اٿم، هٿ بي ستو، ساٿو ساٿو ٿي ڏُرڪي ٿو پوي. پر پوءِ حال بہ ڪنهن ٻالڪ جي ڊيڇوڙي کان گهٽ نہ آهي، ۽ دل ٿي چوي تہ روئان، رڙيون ڪريان، اوڇنگارون ڏيان، ڇڙيون هڻان، ۽ پوءِ ڪيڪون ڪندي ڪندي، اُن ڊنل ٻالڪ جيان پنهنجي ئي وجود ۾ ويڙهجي، دَتَ هڻي سمهي پوان!.

اُن اوتاري مان جاڳ بہ ايتري ئي چيچلائيندڙ آهي. حال ماضيءَ کان بہ وڌيڪ ڊيڇاريندڙ آهي. هٿ تہ وقت جي ان ويچي، زندگيءَ کي ڪا نواڻ ڏيئي، ڦلارڻ بدران، اُن کي آچار وانگر ڪني ڪرڻ ۽ سنڌڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. حقيقت وڌيڪ ڪِني ٿي، وڌيڪ بانس ڪري ويئي آهي. منهنجي ڳوٺ، منهنجي سنڌ، ماضي کان هڪڙو قدم بہ اڳتي نہ ڪنيو. پاڻ ڪجهہ وکون پوئتي اَتڙجي پئي آهي. هاڻ هٿ تہ نہ حال آهي، نہ مستقبل، محض ڪنو ٿيل، سنڌيل ماضي آهي!

پنجن سالن ۾ دنيا ۾ ڪيتري اَتل پتل، ڪيتري نہ تبديلي آئي آهي. ڪيڏا نہ

انقلاب آيا آهن: يورپ جنگ ۾ نابود ٿي، نئين سر تعمير ٿي رهيو آهي. نئون انسان زندگيءَ کي وري زندهه رهڻ جي قابل بنائڻ لاءِ، ماضيءَ جي هر انهيءَ لعنت کي ميساري رهيو آهي، جنهن جي ڪري هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي لکين ماڻهن کي دوزخ جي باهه ۾ پسر ٿيڻو پيو. سامراج جتي ڪٿي ڀاڄ جي تيارين ۾ آهي. بيڪي راڄ پوين پساهن ۾ آهي. ڪاريون، ڪوجهيون، ڪمزور، محتاج ۽ چچريل، چيتاڙيل قومون ڳاٽ ڪٽي، آزادي ماڻڻ ۽ پاڻ کي نئين سر اڏڻ جي جتن ۾، اوجاڳا اکين ۾ سجائي، نئين صبح جي آجيان لاءِ پبن تي بيٺيون آهن!... ۽ سنڌ، اتي جو اتي، پاڻ ۾ قدم پوٽي ڏکجي ويئي آهي. هن کي انگريز جي غلاميءَ مان ڪڍي، وري ڪنهن نئين غلاميءَ ۾ ڏيڻ لاءِ سنبتون ٿي چڪيون آهن، سانباها ٿي ويا آهن. سنڌ هن وقت اُن سرحد تي آهي، جتي ترخانن سمي هئي، ۽ اڪبري لشڪر ڪيس ڇوٽڪاري جي نالي ۾ پنهنجي غلاميءَ ۾ آڻڻ لاءِ خيما کوڙيو ويٺو هو. اڄ به اهوئي ساڳيو ناٽڪ ڪيڏيو ويو آهي، اڄ به سنڌ کي ڪنهن اسلامي سلطنت جي پنجوڙ ۾ واڙڻ جون تياريون مڪمل ٿي چڪيون آهن. راڌي شيام ۽ الله اڪبر جي وچ ۾ سنڌ ٻوسانجي وئي. اها چُڻ پُڻ، اها وڏي واڪ سرگوشي، جيڪا سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ ۽ شهر شهر ۾ هئي، ان کي ڪهڙو اجگر ڳڙڪائي ويو ته "سنڌ جي تقدير نه ڪانگريس سان هئي، نه مسلم ليگ سان، سنڌ جي تقدير فقط آزاد سنڌ سان آهي!"

مون کي پروفيسر رشيد جا اُهي لفظ ياد آيا، جيڪي هن جيل وڃڻ کان اڳ چيا هئا: "مٺا، سنڌ هن وقت اڪيلي انقلاب جي دَر تي پئي ڪڙو ڪڙڪائي. برابر، اسين انگريزن خلاف ويڙهاند ۾ شامل آهيون پر ان ويڙهه کي ڪانگريسي يا ليگي رنگ ڏيڻ لاءِ وڏيون سازشون پيون هلن. سنڌ کي رڳو انگريزن سان نه، پر هندو قوم پرست ۽ مسلم قوم پرستن ٻنهي سان به جهيڙڻو آهي. اهي ٻئي قوتون، جيڪي آهي ان کي جيئن جو تيئن رکي، ان کي رڳو هندو يا مسلمان نالو ڏيڻ چاهين ٿيون. اسين هنن کي ٻڌائڻ گهرون ٿا ته سنڌ هميشه کان هند کان الڳ هڪ حقيقت هئي، ۽ آهي. چارلس نيپئر سنڌ کي هند جي حصي طور نه، پر هڪ آزاد ملڪ طور فتح ڪيو هو. ان ڪري جڏهن انگريز کي لوڏي ڪڍنداسين، تڏهن اسين ٻي ڪنهن غلامي کي قبول نه ڪنداسين!"

پر پوءِ هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو هئائين: " پر اسين نن قوتن سان الائي پڄي به سگهنداسون يا نه. سنڌ جي سياست وڏيرڪي ڪوڙڪي ۾ ڦاسندي وڃي، پوءِ اها هندو سيٺئي جي وڏيرڪي سياست آهي يا مسلمان جاگيردار جي وڏيرڪي سياست. وڏيرو ڪڏهن به سنڌ کي آزاد ٿيڻ نه ڏيندو، ۽ نه هندو سيٺ ان کي آزاد ٿيڻ ڏيندو. ٻنهي جا مقصد اُبتڙ هوندي به ساڳيا آهن. مون جهڙن تي ان ڪري ئي

ليگي وڏيرا توڙي ڪانگريسي سيئيا ڪوڙيءن شاهديون پيا ڏين، ۽ انگريزن کي تہ اها ڳالهہ هونئن ئي سيهي ٻر آهي. هئن جي انصاف جي ساهميءَ ٻر هڪڙي پاسي ڪانگريس آهي تہ ٻئي پاسي ليگ؛ وچ تي سنڌ، مکڻ جي چاٽي جيان، وگهرندي وڃي. هي جو چوٻول آهي، گهٽيءَ گهٽيءَ، ڳليءَ ڳليءَ ٻر، شاگردن ٻر، استادن ٻر، ننڍن نيڻن ٻر تہ "سنڌ جو ماڳ؛ آزاديءَ!"، سو ٽنهي ڌرين جي نڙيءَ ٻر اٽڪندو ٿو وڃي ۽... ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌ سان وڏو ڏوهہ ٿيندو، وڏو دولاب ٿيندو؛ ۽ انهيءَ ڏوهہ ۽ ان دولاب جي سنڌ جو وڏيرو ۽ سنڌ جو سيئو گڏجي مهنداري ڪندا!"

۽ اڄ اهو ڏوهہ، اهو دولاب اکئين پيو ڏسجي. وڏيري ڳوٺن ٻر، ۽ سيٺ شهرن ٻر آزاديءَ جي آواز کي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ڇڏيو آهي، ان کي نشو پياري، سمهاري ڇڏيو آهي. سوچيان پيو تہ اهو آواز وري جاڳندو بہ الائي نہ، ۽ جڏهن جاڳيو، تڏهن ڇا ٿيندو؟ پر تيسين زندگي سُتي پئي آهي، ڪِني تي رهي آهي، جڻ تہ اها ننڍ موت جي، وکرجندڙ لاش جي ننڍ آهي. هت اهوئي وڏيرو گهرام آهي، اهوئي نالو آهي، اهي سندس سَريتون آهن. الائجي ڪيتريون نيون سريتون سندس حرم ٻر داخل ٿيون هونديون. هيل تائين الائي ڪيترن هارين جا ڪرا سڙي رک ٿيا هوندا!

هي بَڙ جو وڻ تہ ساڳيو آهي، پر وڏيڪ پوڙهو ٿي ويو آهي، سندس چيلهہ وڏيڪ ڇپي ٿي وئي آهي، سندس جٽائن ٻر ڪا جوت نہ آهي، سندس پَنَ بہ ڇٽي ويا آهن. ۽ رَنَ- زال وانگر ڪهڙو نہ ٻَنو ٻَنو پيو لڳي. بَڙ جو وڻ ڇا، هتي تہ سموري زندگي ٻَني ٻَني، ٻَسي ٻَسي پئي لڳي. گهڙيءَ لاءِ مون کي پنهنجي تصور جو ڳوٺ اکين ٻر لڙڪن جيان تري آيو؛ سرنهن جا پيلا پيلا کيٽ، مٺڙي يونءَ جي چيڪي چيڪي مٽيءَ جي خوشبو، واهہ جي ٻنهي پاسي ٻيئل سرهل جا معشوقڙا وڻ، جن جي گلن جي سڳنڌ، ڪنهن سهڻي سيبتي سرير جي سڳنڌ جو ساءُ ٿي ڏنو. پر حقيقت ان جي ڪيتري نہ اَبتڙ ۽ برعڪس هئي.

سرنهن جي گلن جي بدران، ڪيڻن ٻر سالن جون سُڪل لوساٽيل ونئٽائيون بيٺيون هيون. يونءَ تي رڳو ڪلر ۽ ڪني پاٽيءَ جي بانس تي آئي. واهہ جي ڪپ تي ٻيئل سمورن وڻن تي بي پاڙي چڙهي ويئي هئي، ۽ منجهانئن ڪنهن بيگر ٻر وهندڙ پورهيت جي چوويهن ڪلاڪن جي پورهئي جي پگهر جي بوءِ تي آئي. مون پانئيو تہ سموري ڳوٺ تي، سموري زندگيءَ تي بي پاڙي چڙهي ويئي هئي، ۽ منهنجي ذهن ٻر وري وري اهو خيال تي آيو تہ ناحق ڳوٺ آيس. هي ڳوٺ منهنجو نہ آهي. هت زندگي پرائي اوپري آهي. هت تہ آءٌ ڪا شئي نہ سڃاڻان، نہ هت ڪو مون کي ٿو سڃاڻي! پوڙهي بَڙَ بہ تہ منهنجي آجيان ڪانہ ڪئي!

بابي ائين هٿ ملايو، جڻ آءٌ سندس پَٽ نہ پر ڪو اوڌر گهَرڻ وارو هاري هوس. بروبر، ڪيس مون تي ڪاوڙون آهن، پر گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن اڳيان تہ منهنجو يا پنهنجو ئي پَرم رکي، ڀاڪر پائي ملي ها! پر جيڪڏهن هو اهڙو ڪوڙو ڀاڪَر پائي بہ ها تہ شايد آءٌ خود ان ڪوڙي ڀاڪَر کان ٿهڻ لڳان ها! ايئن ئي ٺيڪ آهي. گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهہ ۾ تہ سچائي ڏيکاريائين.

سموري حويليءَ ۾ آءٌ فقط هڪڙي ئي صورت کان آشنا هوس، ۽ آهيان؛ سا هئي منهنجي جيجي امڙ، جنهن کي آءٌ پنجن سالن کان پوءِ ڏسي رهيو هوس. ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ تہ هن بہ مون کي پنجن سالن کانپوءِ نہ پر پنجن صدين کان پوءِ ڏٺو هو؛ سندس پوڙها پوڙها، گهنجيل، ڏکندڙ، ڏکويل هٿ وَرَ وَرَ ڪري، منهنجي منهن تي آسيسون ڪندا، مٺيون ڏيندا، ٽڙندا ٿي ويا، ۽ سندس لڙڪن سان ڳوريون ڳوريون مامتا جون ماريون اکيون، لڙڪن جي ڏنڌ مان، مون کي ايئن ڏسي رهيون هيون جڻ تہ ڪنهن نابينا جي اکين ۾ روشني ۽ نور موٽي رهيو هو، ۽ اهي اکيون ان نئين روشنيءَ، نئين ديد جي بار کان بند ٿيڻ ٿي لڳيون.

جڏهن هائو مائو ٽري، تڏهن آءٌ امڙ جي پيراندِيءَ کان ويهي، سندس ٻئي پير، پنهنجي جهول ۾ جهلي، ڪائنس خال احوال وٺڻ ويهي رهيس، جيڪي ٻڌم، ان جو اندازو مون کي اڳي ئي هو. امڙ تہ منهنجي هوندي ئي ڪنهن ليکي ۾ ڪانہ هئي؛ هاڻ بہ سندس حيثيت گهر جي عام گهڙامنجيءَ تي رکيل ڪنهن پراڻي گهڙي، يا ڪنهن پراڻي ڪٽ جي هڪڙي پاڳي جهڙي هئي. ۽ بابا پنهنجي پنجين سَريت جي نازبردارين ۾ مشغول هو.

مون کان رهيو نہ ٿيو، سو پڇي ويٺس: "ڀلا امان، ٻڌاءِ تہ هٿ نئين ڪير آهي؟"

"ابا، مَٺي نوري پخاليءَ جي سَريت مهروءَ کي آڻي وهاريو اٿس. مون تہ مَٺيءَ کي رڳو هڪڙو ڀيرو اکئين ڏٺو آهي. الله شل ڪنهن کي ملوڪ مهانڊو نہ ڏي. نہ هوندي تہ بہ ٽيهارو ورهين جي ڄمار هونديس، پر لڳي سورنهن جي مَس ٿي. جڏهن کان آئي آهي، منجو وٺيو پئي آهي. اڍائي سالن جو ڇورو هوس، تنهن کي گهٽيءَ مان ڪو ريهي ريبي وٺي ويو، سو تنهن لاءِ پئي ڳچ ڳاڙي!"

امان ٿي ٻڌايو تہ نورو پخالي سلهہ ۾ وٺجي ويو هو، ۽ سلهہ بہ ڪا ٽئي درجي جي هيس؛ رڳو هڏين جو پيجرو وڃي بچيو هو. جيسين سگهو هو، پورهيو ڪري، مهرو کي سکيو رکندو آيو. پر جڏهن ڪم کان بنهہ ويهي رهيو، تڏهن ويچاري زال ذات پنهنجا ڳهہ ڳٺا ڳاري ڇڏيا. اوڙي پاڙي جا جنڊ پيهي، جئيون سهي پنهنجي نوري جي دوا درمل پئي ڪئي. پويان نورو ڇوري کي چوندو هو تہ جيسين ماڻهين اچي، تيسين وڃي ٻاهر کيڏ، نہ تہ تون بہ بيمار ٿي پوندين. سو

نينگر سڄو ڏينهن پيو ٻاهر ڏکا کائيندو هو. بابا بہ ڪو مهروءَ کي اوچتو ڏسي ورتو، سو سک ڦٽي پيس. گهٽئي ڏوتيون، ڪٽيون موڪليائين، پر مهروءَ مرڪو ڊوڙائي ڪڍين. پوءِ بابا پاڻ سندس چائنڪ اورانگهي نوري جي پڇڻ جي بهاني، اچي سندس سلامي ٿيو. ڪڏهن هڪڙو حڪيم وٺيو پيو اچي تہ ڪڏهن ٻيو. دوائون، ڪشتا، هَبَ، معجونون پيون اچن. نينگر کي روز ريوڙيون، نان ڪٽائيون ۽ ڪٽمٽڙا پيا ڏجن. ڪڏهن اٺي جي ڳوٺ تہ ڪڏهن چانورن جو خرار، ڪڏهن بادشاهہ پير جي خيرات، سڄو ڏينهن بابا جي لانگ پئي لڳي، ۽ نورو جيئن پوءِ تيئن مرڻ ڪنڌيءَ تي پهچندو ويو. پوءِ اوچتو هڪڙي ڏينهن نينگر کي سنجها ٿي ويئي پر ڪونہ موٽيو. جيئن جيئن رات پوندي ويئي، تيئن تيئن مهرو ماندي ٿيندي ويئي. گهر گهر پاڻ هلي وئي، گهٽين ۾ ڳوليائين، مقام مان بہ ٿي آئي، پر نينگر هجي تہ ليي. پوءِ بابا ياد آيس ۽ حويليءَ جي چائنڪ اڪري آئي.

بابا کيس ڏاڍا آٿت ڏنا. "الله مڙئي چڱي ڪندو، پر...." ان "پَرَ" ۾ ڪنئين معنائون هونديون.

"رئيس، ڇورو مون کي ورائي ڏي تہ تنهنجي حويليءَ جي گولي ٿي گذاريندس...!" اهڙن سڏ ڪن ۽ وَرلاپن جو بابا تي جيڪو اثر ٿيندو هو، ان جو تصور ڪرڻ ڏکيو ڪونهي.

اهو ڏينهن اڃوڪو ڏينهن: مهروءَ وري حويليءَ کان ٻاهر پير نہ رکيو هو. ڪڏهن ڏڍ تہ ڪڏهن آٿت، ڪڏهن اشارا تہ ڪڏهن ٻاهيسون، ڪڏهن ڪهڙا ڦند تہ ڪڏهن ڪهڙا. ٻانهيون اڳيان پويان ڪن ۾ پيون سَسَ پَس ڪنس، تہ ڪڏهن گهڙيءَ جَهتَ لاءِ ڪيس رئيس سان رهاڻ ڪرڻ سان نينگر جي ليڄي پوڻ جون آسون اميدون پيون ڏيارين.

ڀلا، اٺي ڪا ڦٽي چوٽي ڪر، ڪجهہ ڪائي پي هينئون سڄو ڪر، پر مهروءَ جي وات مان جي ڪو اکر ٿي اڪليو تہ رڳو اهو: "الا، منهنجو ساجن...!" ۽ پوءِ هڪ ڊگهي اوڇنگار! نيٺ بابا پنهنجي صبر کي وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگهيو. هڪڙي ٻانهيءَ کيس شربت ۾ ڪا اهڙي سٽي وجهي ڏني، جو جڏهن جاڳي تڏهن پاڻ کي بابي جي ٻکَ ۾ ستل ڏٺائين!

مون کي الائجي ڇو مهروءَ سان همدردي جاڳي پئي. امان وٽان آئي، حويليءَ کان ٻاهر نڪري آيس. ڳچ وقت مهروءَ جي مظلوميت تي سوچيندو رهيس، ۽ انهن سوچن ۾ سواءِ همدرديءَ جي ٻيو ڪوبہ جذبو ڪونہ هو. پر آءٌ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. جڏهن ڪافي پنڌ ڪري، ٿڪجي واپس موٽيس تہ حويليءَ ۾ مانڌاڻ متو پيو هو. هڪڙي ٻانهيءَ، سانئٽ ٻڌايو تہ ڪلاڪ کن کان مهرو ڏندڻجي ويئي آهي: گهٽائي حيلا ڪيا اٿن، پر هوش نٿو اچيس. مون ۾ وري

بہ همدرديءَ جو احساس موٽي آيو. پر ڀانيان ٿو تہ ان ۾ تجسس بہ شامل هو. آءٌ وڏي مهروءَ جي ٻنيي تائين پهتس. ڪوئي ۾ دائي سليمت، بابو ۽ ٻہ ٽي ٻانهيون ڳاهٽ ٽيل هيون. ڪنهن پيرن جون تريون ٽي مهٽيس تہ ڪنهن هٿ جي ترين کي ٽي مالش ڪئي. دائي سليمت نازبوءَ جا ڪچڙا پَنَ پٽي گهوٽيا، جنهن جي تيز تيز سڳنڌ سان سڄو ڪمرو واسجي ويو هو. بابي هڪ ٽِڪَ مهروءَ جي منهن ۾ چٽائي پٽي نهاريو، ڇڻ تہ شڪ هجيس تہ مڪر ڪري، دَتَ هنيو سُتي پٽي آهي. سامهون مهرو بيسُدّ، سڌي ئي سڌي ستي پٽي هئي.

هن کي ڏسڻ سان، منهنجي سموري وجود ۾ ڇڻ ڪنوڻ ڪڙي ويئي، ڪو نهايت ٿڌو، برف کان بہ ٿڌو احساس لونءَ لونءَ ۾ ڪانڊارجي ويو، ۽ ان وقت مون کي مٺوونا جو اهو مجسمو ياد اچي ويو، جنهن کي ڏسي، روم جي وڏي گرجا گهر ۾، هڪ اهڙي ئي احساس کان، ذري گهٽ ٿاٻڙجي منهن ڀر اچي ڪريو هوس. هِن مٺوونا ۽ هُن مٺوونا ۾ پٿر ۽ انساني جسم جو فرق بہ ڪو فرق هو! سندس ڍڳا ڍڳا ڀنجر سندس اکين تي ايئن سمهيل هئا ڇڻ ڪنول نسري رهيا هئا. وارن جي هڪ چڳَ، سندس سڌي سينڌ وٽان ٿڙي، پيشانيءَ تي لڙي پئي هئي؛ مون ايئن ڀانئيو تہ ڪهڪشان کان ايندي ڪا ڪَتي رستو ڀلجي آئي هئي. سندس سنهڙا ڀريل چپ، ڪمزوريءَ جي ڪري اڃا ٽي ويا هئا، ۽ ڪالهوڪي موتئي جي ٻن پنکڙيل وانگيان ٽي لڳا. سندس ڳاڙهسرا ڳل بيهوشيءَ جي ڪري اهڙو پيلو رنگ وٺي چڪا هئا، جنهن جهڙو رنگ آءٌ ڪٿي نہ سنڀران.

هن مٺوونا کي ڏسي، منهنجي ذهن مان اهو خيال بہ وسري ويو تہ هوءَ ڪا بيمار هئي، بيهوش هئي. گهڙيءَ لاءِ تہ مون کي اهو بہ وسري ويو تہ آءٌ هن ڪمري ۾ اڪيلو نہ آهيان. منهنجي دل ۾ هڪ عجيب آرزو ڪَرَ موڙي جاڳي پئي تہ آءٌ پنهنجا چَپ هن جي اکين جي ڪنولن تي رکي مري وڃان!

آءٌ اڃا انهيءَ طِلسم ۾ هوس تہ هن اکيون کوليون. آءٌ بنهہ سندس سامهون هوس، ۽ اکين کولڻ سان، سندس بيمار نظرن سان، هن جي پهرين نگاهہ مون تي پئي. يا شايد اهو منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ هن جي پهرين نظر مون تي پئي هئي. سندس ان نهار ۾ موت جي ٿڌاڻ هئي، ۽ ساڳئي وقت زندهہ رهڻ جي بي اختيار آرزو، جيڪا ڪجهہ اچرج، ڪجهہ حيا ۽ ڪجهہ پشيمانيءَ جي صورت وٺي بيهي رهي.

هن جي چپن مان هلڪو جهيڻو آواز آيو: "ساجن آيو؟!" اهي لفظ سوال ٻڌجي ادا ٿيا هئا، پر جهيڻائيءَ ۽ نَستائيءَ جي ڪري سوال جي مفهوم بدران عجب جو مفهوم ٻڌجي ويا.

مهروءَ جي هوش ۾ اچڻ سان، بابا بہ هوش ۾ اچي ويو، ۽ سندس آواز

منهنجي ڪنن تائين پهتو. مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ تہ آءٌ ڪنهن جبل جي ترائيءَ ۾ بيٺل هوس ۽ هن جو آواز هڪڙي پڙاڏي جيان منهنجي ڪنن سان اچي ٽڪريو هو. هن مون کي اهڙين نظرن سان ڏٺو جڻ تہ اهي لفظ هن جي اکين اُچاريا هئا.

"تون هت ڇو آيو آهين؟"

اهي لفظ ٻڌي، آءٌ کو فيصلو ڪري نہ سگهيس تہ انهن لفظن مون ۾ ڪهڙو احساس، ڪهڙو ردِ عمل پيدا ڪيو؛ نفرت، چڙ يا محض ورچي پوڻ جو احساس. آءٌ بنان ڪنهن جواب ڏيڻ جي، پٺ ورائي، ٻاهر نڪتس. مون ايئن ڀانئيو تہ مهرو مون کي پويان گهوري ڏسي رهي آهي. مون اهو محسوس ڪيو تہ هن جي اها گهور منهنجي جسم ۾، تمام سنها سوراخ ڪري، منجهن هڪ عجيب آرزو، هڪ عجيب پيڙا اوتيندي ٿي وڃي. جيئن جيئن آءٌ ان ڪوٺي کان پري ٿيندو ويس، تيئن تيئن اها پيڙا وڌندي ٿي ويئي.

منهنجي جذبن ۽ احساس جي پور پور ۾ ڪوهيڙا ڇانئبا ويا، ۽ آءٌ اهو فيصلو نہ ڪري سگهيس تہ منهنجي جذبن ۽ احساسن جي هيءَ ڪهڙي صورت هئي؟ ڇا مون کي پهرين نظر ۾ هن سان عشق ٿي ويو هو؟ اهو تہ بنهہ ڇَسو خيال آهي، محض شاعرانہ مسخري، ۽ آءٌ اهڙي مسخري جو قائل ئي ڪونہ آهيان. پر جيڪڏهن اهو عشق يا محبت نہ آهي تہ پوءِ ڇا آهي؛ جنسي ڪشش، يونانين وارن جاڙن روحن جو تصور يا ڪو ٻيو "ڪامپليڪس"؟

جنسي ڪشش تہ يقيناً ڪانہ هئي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ منهنجو ڪوبہ جسماني رد عمل نہ هو، ۽ نہ ئي منهنجي ان حِس ۾ ڪنهن قسم جي ڇڪ يا تٽڪ محسوس ٿيم، جا جنسي ڪشش جو مظهر ٿيندي آهي. جيڪڏهن هوءَ منهنجو جاڙو روح هئي تہ پوءِ هيءَ پيڙا ۽ پيڙا لاءِ آرزو ڇو؟ هيءُ تہ هڪ قسم جي اَڇڪ يا ڇَڪ جو اَبتو تاثير پئي ڀائنجي، جيئن ٻن چقمقن جي ساڳين ڇيڙن جي ويجهو اچڻ تي ٿيندو آهي. تہ پوءِ هي ڪهڙو "ڪامپليڪس" آهي، جو جيڪا وِڪَ هن کان پري ڪٽندو وڃان، سا ايڏي اٿموٽ، ايڏي آٿانگي، ايتري گمراهہ ڪندڙ، ايتري ڀنيلائيندڙ، ايتري تڙڦائيندڙ آهي!.

عذاب جا ٻہ ٽي ڏينهن ان تجزئي ڪرڻ ۾ گذري ويا، ۽ آءٌ پنهنجي ڪمري مان ئي ٻاهر ڪونہ نڪتس. پر هر ساعت، هر گهڙي جا گذرندي ويئي، ان ۾ مهروءَ جي منهنجي ڪمري ۾ موجودگيءَ جو مجرمانہ وهم پختو ٿيندو ويو. ايتريقدر جو ٻانهي سانئڻ ڪتاب ڇنڊيندي، هڪڙو ڪتاب ڪيرائي وڌو تہ مون کان ڇرڪ نڪري ويو، آءٌ چئي ويٺس، "مهرو؟!" ۽ ويچاري سانئڻ الائجي ڇا سوچيندي ڪمري مان هلي ويئي.

ان عذاب ۽ اڪيلپ جي ڪَنَ مان وري ٻہ امان اچي ڪڍيو.

"ڇو پٽ، چاڪ تہ آهين؟"

"ها امان... بس، ايئن ٻاهر نڪرڻ تي دل نٿي چئي!"

"ابا، ايئن مُئي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ اٺ ئي پهر خدا جا پوريو پيو هوندين تہ اڳهو ٿي پوندين!"

هن پنهنجا سٻاجهڙا هٿ منهنجي منهن تي ڦيرائيندي چڻ مون کي ننڍ مان جاڳائي وڌو. "اٺ، وڃي چار وکون ڪٽي، لڳ سڄا ڪري اچ!" هن حڪم ڏنو.

"ها امان!"

مون حڪم جي تعميل ڪئي، ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪتس. نظر بنان ارادي، بيساختہ مهرو جي ڪوٺي ڏانهن ڪڍي ويئي. مهرو، ٻاهر وراندي ۾، ڪٽ تي، ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏيو ويٺي هئي. هن تي نظر پوندي ئي، مون کي پنهنجي دل ٻڏندي محسوس ٿي. منهنجو هڪ هڪ قدم مٽين ڳرو ٿي پيو. آءٌ اُتي ئي بيٺو رهيس. هڪ عجيب بيقراري، عجيب پريشاني منهنجي سموري جسم کي سَنَ ڪندي ويئي. اهو سَن ٿيڻ جو احساس پهريون ڀيرو من ۾ جاڳيو هو. ان احساس اُتندي ئي، مون کي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي. هي منهنجي ذهن مون سان ڪهڙي مسخري مچائي آهي؟ هڪ زائفان، منهنجي جسم ۽ ذهن کي سَنَ ڪرڻ لاءِ، ڪڏهن کان ۽ ڇو ڪافي ٿيڻ لڳي آهي؟ ڇا ٿيو جو هوءَ ايڏي سهڻي آهي، ايتري حسين آهي؟ دنيا ۾ هر هر قدم تي حسين عورتون ملنديون رهيون آهن، ملنديون رهنديون. پوءِ هيءَ صورتحال رهي تہ آخر...؟

دماغ سوچڻ کان بس ڪٽي ڪئي. شايد اها نئين دماغي ڪيفيت جسم جي

بيوسي ۽ سَن ٿيڻ جي احساس کي لوڙهي ويئي، ۽ آءٌ اڳتي وڌي مهروءَ کان اڳتي نڪري وڃڻ لاءِ، تڪڙيون ۽ وڏيون ٻرانگهون ڀري وڌندو ويس. پر... پر سندس پرسان پهچڻ سان، ڏهن جي ڪنهن چور ڪَنڊ مان هڪڙو سوال اُڀري آيو: "تون پاڻ کان ايترو ڇرڪڻ لڳو آهين، جو بيمار پُرسيءَ کان به وئين؟"

منهنجا قدم اُتي ئي جمي ويا. منهنجي ايئن اوچتي بيهي رهڻ تي، مهروءَ کان به ڇرڪ نڪري ويو.

پوءِ مون پنهنجو آواز ٻڌو: "هاڻ طبيعت ڪيئن آهي؟" آءٌ پنهنجي انهن لفظن تي ڪِکو وِکو ٿي ويس: هيءُ به ڪو سوال هو- ٻَسو، ڪُجَسو، ڇسوَ!

مهروءَ گهڙيءَ لاءِ ڪوبه جواب نه ڏنو. سندس منهن ۾ بيمار هجڻ جي پيلاڻ لهي، اکين ۾ چَلڪي آئي هئي، ۽ سندس اکين جا ڪنول پيلا پيلا نظر اچڻ لڳا هئا. هن جي چپن ۾، مون ايئن محسوس ڪيو ته هڪ اڻ- لکي جنبش، هڪ اڻ- لکي لرزش ايندي ايندي رهجي ويئي، ۽ هن چيو: "شڪر آهي!"

مون کي اهو جواب به بنهه ٻَسو ٻَسو لڳو، ۽ مون سوچيو، جهڙو سوال ڪيم، تهڙو جواب مليم. آخر آءٌ ڇا ٿو گهران؟ ته هوءَ اٿي، منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي، ڳراٽڙي پائي، ڪن ۾ هوريان هوريان سرگوشي ڪري ته ڏس تنهنجي لاءِ آءٌ بيمار هوندي به چڱي ڀلي آهيان؟!

هي آخر مون کي ٿيو ڇاهي؟ هوءَ منهنجي ٻيءُ جي وهاريل سَريت آهي... اڏ- زال؛ ۽ منهنجو ۽ هن جو رشتو ڪيترو اڍنگو سهي، ايترو حقيقي ضرور آهي ته آءٌ هن جي يار جو پٽ آهيان! اهڙا مونجهارا ايان ئي وڏيڪ منجهي پون ها، پر پوءِ مون بي ارادي چئي ڏنو: "ڪو ڪم ڪار هجي ته حاضر آهيان...!"

مون کي پاڻ تي وري به، ان ڇَسپائيءَ جي جملي تي ڪاوڙ اچڻ لڳي، ۽ آءٌ شرمندگيءَ کان بچڻ لاءِ، تڪڙو اڳيان وڌي ويس. پر پويان هن جو جهيڻو آواز ڪن تي پيم: "دعا ڪجو!"

منهنجي ڇسپائي جي اها مناسب سزا آهي، مون خارن مان سوچيو، منهنجي حيثيت واهه جي مقرر ٿي آهي: آءٌ ٻئي ڪنهن ڪم جو نه آهيان، ان ڪري دعا ڪرڻ جي ڪوڙي تسلي پنهنجي دل کي ڏيئي سگهان ٿو!

منهنجي عادت ٿي ويئي هئي ته جڏهن به اڪيلائيءَ ۾ ڪجهه سوچڻ جي ضرورت محسوس ڪندو هوس، تڏهن واهه تي هليو ويندو هوس، ۽ واهه ۾ لڙهندڙ ڪکن پڻن کي گهوريندو، پنهنجي خيالن جا ڪک پن لوڙهي گهر موٽي ايندو هوس. ان ڏينهن به واهه جو ڪپ ڏيئي، آءٌ الائجي ڳوٺ کان ڪيترو اڳتي نڪري آيو هوس. منهنجي خيالن جي اها حالت هئي جڻ ته اهي ڪک پن مولهوٽو ٿي، ڪنهن ڪَنَ ۾ ڦاسي پيا هئا، ۽ هڪ ئي هنڌ ڦيرانيون ڏيئي رهيا هئا: نه اڳتي ٿي

وڏيا، نہ پوئتي، ۽ نہ ئي ڪَنَ انهن کي پاتال ۾ ٻوڙڻ لاءِ تيار هو. آءٌ اڄ بہ فيصلو نہ ڪري سگهيس تہ مهروءَ لاءِ منهنجي احساسن جي ڪهڙي حيثيت هئي؛ ڇو آءٌ هن جي موجودگيءَ ۾ ايترو پريشان، ايترو بي قرار، ايترو بي هٿيار ٿو محسوس ڪريان. جيڪڏهن مون کي هن سان نينهن آهي تہ مون ۾ اها جرأت ڇو نہ ٿي اچي تہ آءٌ ان جو مناسب اظهار ڪريان؟ شايد بابي سان هن جو تعلق منهنجي لاشعور ۾ ڪو بند ٻڌي، مون کي هن ڏانهن وڌڻ نٿو ڏئي! آخر بہ تہ آءٌ هن ئي سماج جي پيداوار آهيان، ۽ ننڍي هوندي جون ڏنل، ٻڌل، ڪرٽيون ۽ نہ ڪرٽيون ڳالهيون، اخلاق جا تهہ بڻجي، منهنجي لاشعور جي تاجي پيٽي جو حصو بڻيل آهن. ۽ ٻيءُ جي زال يا سَريت سان عشق ڪرڻ بہ تہ گناهہ جي هڪ سرحد آهي!

يا شايد ايئن آهي تہ ڳج عرصو شهرن ۾ رهڻ سان منهنجي ذهن ۾ پيار ڇاٽائڻ جا انگ بہ مٽجي ويا آهن. ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ عشق جو اظهار- ريشمي رومال ۾ مصري، ڦوٽا، اگر ۽ لونگ- ڪيترو نہ سولو آهي، ۽ ان ۾ ڪيتريون نہ پياريون معنائون، ۽ ڪيڏا نہ پيارا اونها تصور سمايل آهن؛ ۽ ان جي پيٽ ۾ شهري عشق، ڪاغذ ۽ قلم يا ڪنهن هَڪَڙَ جي ٻاتي زبان ۾ هٿڪي هٿڪي هٻڪي چيل تقرير جو محتاج آهي! ايئن تہ ڪونهي تہ منهنجو عشق، اظهار جي تڪميل جي ڳولا ۾ آهي؟! پر جيڪڏهن اظهار جو دنگ اچي وڃي تہ پوءِ ڇا؟ منهنجي منزل ڇا آهي؟ منهنجي ان تانگهہ جو حاصل مطلب ڇا آهي؟... تہ مهرو، بابي جي سَريت هجڻ بدران، منهنجي سَريت بڻجي وڃي؟! اهو اهڙو خيال هو، جنهن جي ذهن جي سطح تي اچڻ سان ئي مون کان ڇرڪ نڪري ويو، ڇڻ ڪاريهر تي پير پٽجي ويو! ۽ ان ڇرڪ کان پوءِ مون کي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي؛ جيڪڏهن منهنجي منزل اها ئي هئي تہ پوءِ بابي ۽ مون ۾ ڪهڙو فرق آهي؟! هڪ ٺهيءَ جو ويچو، هڪ پيڙهيءَ جي وڇوٽي، جاگيرداريءَ جي ماحول جي وڏيرپ ۽ شهري آزاد خياليءَ جو ويچو ايترو خسيس، ايترو ڪُوڙو ڪيئن هوندو!

ان خيال ۾ هوس تہ پريان ڇاڇي خيري کي، لٽ ٽيڪيندو، ايندو ڏٺم. خيالن جي دوزخ مان لهي، آءٌ حقيقت جي آجيان لاءِ اڳتي وڌي آيس، ۽ سلام ورائي اچي ڪيس گڏيس. ڇاڇي خيري مون کي بنهہ ڪونہ سڃاتو؛ سندس اکين ۾ سڃاڻپ جي روشني نہ ڏسي، منهنجي دل وسامي ويئي؛ ڇا آءٌ ايترو بدلجي ويو آهيان، جو ڳوٺ جو هي زندهہ دل پوڙهو بہ مون کي ڪونہ ٿو سڃاڻي.

مون وري بہ همت ٻڌي چيو: "ڇاڇا خيرا، خوش تہ آهين؟"

"ابا، ڌٽيءَ جا شخرانا آهن... تون پاڻ ڪير جواڻ آهين؟"

"ڇاڇا خيرا، ايترو جلد وساري ويئين؟ آءٌ انور آهيان، وڏيري نور محمد جو پٽ!"

مون لفظ "وڏيرو" چوڻ نٿي گهريو، پر سچائپ لاءِ ٻي واٽ ڪانه سجهيم. منهنجي نالي ٻڌڻ سان ئي، چاچي خيري جي اکين ۾ ڪا چٽنگ جاڳي پئي. اها چٽنگ سچائپ جي چمڪ بڻجي ويئي. هن اڳتي وڌي ڪٿي مون کي ڀاڪر وڌو.

"اڙي ابا، ڀلي ڪري آئين، جيءُ ڪري آئين. آءٌ به چوان ته نينگر آهي ته ڏنل واٽنل، پر ڪٿي، سو نه سمڌم. آءٌ ٿي ويو آهيان پيرسن، اکيون به پيرسن ٿي ويون اٿم. پر تون آيو ڪڏهن آهين؟"

"چاچا، هفتو ڪن ٿيو آهي!"

"واهه ابا واهه، سڄا سارا اٺ ڏينهن ٿيا اٿئي آئي، ۽ اڄ ڳڏيو آهين! ابا شهر وڃي، پنهنجي ڳوٺ کي ئي وساري ڇڏيئه...! ايئن ڪبو آهي!"

سندس آواز ۾ هڪ عجيب پنهنجائپ اچي ويئي، جنهن ڪيترن مفاصلن کي ڪوري ڪپي ڇڏيو. مون کي ٻانهن کان وٺي، آٿي ريگيوليٽر جي دڪي تي وهاريائين. پاڻ به ويهي رهيو. گهڙي ڪن ماڻ ٿي ويئي؛ هو ماضيءَ جي ڪَن ۾ گهوري ڪجهه ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ۽ آءٌ به هن جو جائزو وٺي رهيو هوس ته هي هميشه ڪلندڙ، هميشه ٺهڪ ڏيندڙ، ڪچهري جو موڙ، ڳوٺ جو روح ايترو هراسيل، ايترو اُجهاڻل ڇو ٿو ڏسجي. مون کي اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن نه چاهيندي به آئون شهر مان موڪلن ۾ ڳوٺ موڪليو ويندو هوس، ۽ ان زوريءَ جي ڏکوئيندڙ موڪل کي ڳوٺ جي هڙن دل جي ملوڪ ماڻهن کل ۽ خوشيءَ ۾ گذاري ٿي ڇڏيو. منهنجي دل انهن انيڪ يادگيرين جي سهاري، هن ڳوٺ جي روح لاءِ نئين سڪ محسوس ڪرڻ لڳي. اُن سڪ ۽ اُڪير منهنجي سموري جسم ۽ روح کي سڪون بخشي ڇڏيو. پر پوءِ ان سڪ جي اظهار کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، ("لعنت هجي شهري قنوطيت ۽ ڊپلومسيءَ تي، جو سچن جذبن جي اظهار تي به بندش وجهي ٿي ڇڏي"، مون دل ئي دل ۾ چيو ۽) ڏاڍيان چيم: "چاچا، ٻيو ته مڙئي خير آهي نه... ڀلا علو ۽ مٺو ڪٿي آهن؟ ڪهڙي حال ۾ آهن؟ ايڏانهن ڪيڏانهن پنڌ پيو هئين؟"

چاچا خيري جي اکين ۾ ماضيءَ جي روشني مري ويئي، ۽ حال ۽ مستقبل جي اونده جاڳي پئي.

"ابا ڪهڙا ٿو حال پڇين؟ اڳي سمجهندا هئاسون ته ڪلر رڳو زمينن ۽ جاين کي ڪائيندو آهي، پر هت ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ ته ماڻهن جي حياتين کي به ڪلر ڪائي ناس ڪري ڇڏيو آهي... شهرن ۾ ته الائي ڪهڙو حال آهي، پر اسان نڌڻڪا ٿي مارجي ويا آهيون!" هن جي دل مان دانهن نڪري، منهنجي وجود کي ويڙهي ويئي.

۽ پوءِ هن ٿڌو ساهه ڀريندي، وري چيو: "ابا، زندگي ڏاڍي بي فڪري

گذرندي هئي. ايئن ڪونہ هو تہ ڪو ڏڪَ سور ڪونہ هئا، پر انهن ڏڪن سورن کي ڪلندي منهن ڏبو هو. اسين هاري ناري ماڙهو، وڏيرن جا سَهما ڏهما سهي، وڏا ٿيا آهيون. ايئن بہ ٿيندو هو تہ بتئي ٿيندي هئي تہ وڏيري، ڪمدار ۽ سيٺ کي سيڪجهہ ڏيئي، پوتڙو چنڊي آتي ڪڙا ٿيندا هئاسون. اندر باهيون هونديون هيون، پر ٻاهران ٽهڪ ڏيئي ڪچهريءَ مان آتندا هئاسون، ۽ پنهنجي ڪيڙيءَ مان مٽيءَ مَٽ ڪٽي، اکين تي رکي، چَمي چوندا هئاسون تہ جيسين هيءَ پلاري اسان جي پورهئي ۾ آهي، تيسين پيا تڳنداسون...! پر هاڻ... هاڻ تہ الائي ڪهڙو واءُ وريو آهي!"

سندس آواز ۾، اڳوٽو ڪڙڪو شڙڪو تہ شايد ڪڏهوڪو مري چڪو هو، هاڻ تہ سندس چپ جنسي روئندا ٿي رهيا. مون آهستي چيو: "چو چاچا، هاڻ ڇا ٿيو آهي؟"

"اڙي ابا، ٿيو تہ الائجي ڇا آهي... اسين ڇَتَ ماڻهو ڇا سمجهون پر ڪمدار ٿو چوي تہ هاڻ تہ ملڪ اسان جو پنهنجو آهي، هاڻ تہ سڀ سڪ ئي سڪ آهي... پر مون کي ڪو ٻڌائي تہ سڪ ڪٿي آهي؟... توکي الائي يادگيرو آهي ڪين نہ، پر جڏهن اڌ- بتئيءَ واري مامري تي ڇوڪرن رونشو ڪيو هو تہ سجو ڳوٺ مڙي آيو هو؛ وهہ واهہ جا ڪوڪريا هئا.... ۽ هاڻ، پَرَ سال، سيٺ ليلي واري زمين تي ڪو نئون زميندار آيو، ۽ حاجي جمن وارن کي چيائون تہ اتان لڏي وڃي ڪنهن ٻئي ڳوٺ وهن، جو ڪي نوان هاري آٽا هئن!... ابا اسان تہ اهڙي ڪڏهن ٻڌي تہ سُٽي... توکي تہ شايد خبر آهي تہ حاجيءَ وارن جي ابن ڏاڏن جا مقام بہ ان زمين ۾ آهن، ۽ هو الائي ڪيترين پيڙهين کان اها زمين آباد ڪندا ٿي آيا..."

گهڙيءَ لاءِ چاچو خيرو ماٺ ٿي ويو، ۽ لٽ سان ڀنجوءَ ۾ ليکون ڪڍڻ لڳو. پوءِ وري چيائين: "ابا، آسي پاسي جي راڄن ٻڌو تہ سيني کي اچي پنهنجي سر سان لڳي تہ الائجي ڪڏهن تا بي دخل ٿين! حاجي جمن وارن پهرين تي منٿون ميڙون ڪيون، ڪجهہ مڙسن تہ شهر وڃي درڪاسون بہ ڪيون، پر ڪنهن ٻڌن بہ ڪونہ. پٿهين وٽ دانهين ٿي ويا، سو بہ هٿ ڪڍي ويهي رهيو! حاجيءَ جو نندو نينگر، احمد، پنهنجي ڪن سنگتين سان ڪهاڙيون ۽ دونالين کڻي ويهي رهيو تہ جنهن زمين ۾ هن جي ابن ڏاڏن جا مقام آهن، اتان ڪين بيدخل ڪرڻ کان اڳ، هنن جا پنهنجا مڙهہ بہ اتي پوربا!

"بہ ڏينهن تہ ڪين ڪو ويجهو ڪونہ آيو. ٽئين ڏينهن مُلي اسماعيل جمعي نماز جي ڪٽبي ۾ چيو تہ حاجيءَ جي راڄ جا سمورا مڙس ماڻهو لک صلواتون پڙهن تہ بلا ٿري ويندي! سو ابا، ٻيا تہ سمورا مسيت سڳوريءَ ۾ هئا، پر احمد وارا نہ آيا. ماڻهو اجا مسيت ۾ هئا تہ رڙين ۽ ڪيڪن جا آواز ڪن پياسون.

پوليس حاجيءَ وارن جي گهرن کي ورائي ويئي، ۽ سندن لوڙها زوريءَ پٽڻ لڳا. جيسين ماڻهو پهچن، تيسين هنن سمورا گهر ڊاهي پَٽ ڪري ڇڏيا. احمد کهاڙيءَ سان ٻن پوليس وارن کي ڏکي وڏو، جيڪي سندن گهر ۾ گهڙي ننگن ۾ هٿ وجهڻ لڳا هئا. بس پوءِ تہ واويلا ٿي ويئي."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي چاچي خيري کان سڏڪو نڪري ويو. سندس اکين مان لڙڪ ايئن پئي وهيا جڙ تہ هن الائي ڪيترو وقت اهي روڪي رکيا هئا. اهي لڙڪ بہ الائجي مظلوميت جا هئا يا ڪاوڙ جا... پوءِ مٺيون پيڙيندي چيائين: "بس ابا، پوءِ اڏو ڪارا مڙس تہ پوليس جهلي ويئي، باقي بہ چار پير مرد، پنهنجون ڄڻون وٺي، ڍڳي گاڏيون ڀري نڪتا... ابا منهنجي حاجيءَ وارن سان ڪڏهن ڪانہ پئي، پر اُن ڏينهن سندس حال ڏسي، منهنجي دل ۾ چَڪَ پئجي ويو؛ ويچارو پنهنجا سنها ٻچا وٺي، الائي ڪٿي ڏڪا ڪائيندو هوندو! احمد کي ڏهہ سال ٿيپ اچي ويئي، باقي ڪن کي سال، ڪن کي ٻہ...!"

الائجي ڇو منهنجي اکين بہ جهل نہ ڏني، ۽ آءٌ بہ روئي پيس. مون کان اهو منظر ڪڏهن بہ نہ وسرندو؛ چاچو خيرو ڪنهن عجيب ٻڌبي کان سڄو پئي ڏکيو؛ لڙڪ، سندس ميندي رتل ڏاڙهيءَ ۾ منهن لڪائيندا، سندس هٿن تي ڪرندا ٿي ويا. هن منهنجو هٿ پنهنجي ڀنل هٿ ۾ وٺندي، زور ڏيندي چيو: "ابل، اڳي وڏا چوندا هئا تہ "آهہ غريبان، قهر خدائي"، پر هاڻ ايئن ٿو ڀانيان تہ اهو قهر خدائي بہ هيٺن ۽ ڏهرن مسڪينن تي ٿو ڪڙڪي!"

ان کان پوءِ هو ماٺ ٿي ويو. لڙڪ سندس اکين مان ٿمندا رهيا، جن کي روڪڻ يا اُگهڻ جي بہ هن ڪوشش نہ ٿي ڪئي. ماحول ۾ ڪربلا جي رات وارو ماتم وسڻ لڳو، ۽ منهنجي دل ٻوساٽجڻ لڳي. رڳو ان ٻوساٽ کان بچڻ لاءِ، ڳالهہ کي زوري ڦيرائيندي چيم: "ٻلا چاچا، علوءَ کي تہ پرڻايو هوندءِ؟"

علو منهنجو ٻاروتڻ جو يار هو. ونجهہ وٺيءَ ۾ هو سڄي ڳوٺ جي ڇوڪرن جو مهندار هو. شڪل جو سهڻو، بدن جو جاڻڻو، چاچي خيري وانگر ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. چاچي خيري جي منهن تي هڪ رنگ آيو، ۽ وري لوساٽجي ويو.

"بابل، علڻ جو پرڻجڻ شايد الله کي منظور ڪونہ هو!"

پوءِ هڪ ڊگهو ٺڏو ساهہ ڀري چيائين: "زمينن جون بيدخليون شروع ٿيون تہ ڪيترا ماڻهو ڳوٺان لڏي ويا، جيڪي پنهنجا وڻ ڇڏي نہ سگهيا، تن ڳوٺ ۾ پورهيو نہ ڏسي، شهر وڃي مِلن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. علڻ بہ ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ وڃي ڀرتي ٿيو... ۽ سال ۾ سلهہ جو مرض ڪٿي واپس آيو. اهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن؛ مون پنهنجو الهہ تلهہ سندس بيماريءَ تي ڳاري ڇڏيو. تون هوند ڏسينس تہ سڄاڻيندينس بہ ڪونہ؛ پاڏي جهڙو مڙس ڳري ونٽائي ٿي ويو آهي! چون ٿا تہ سلهہ جون ڪي خاص اسپتالون آهن، سا ڳالهہ الائي سچي

ڪين نہ؟"

"ها چاچا، اسپتالون تہ برابر آهن، پر..."

مون سندس خوابن کي ڀڃي ڀور ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو، ان ڪري سينيٽوريم جي سهوليتن تي وڌيڪ چوڻ مناسب نہ ڄاتم. الائي ڇو مون ۾ اهو احساس چور بڻجي هُرڻ لڳو تہ انهن حالتن لاءِ آءٌ بہ اوتروئي جوابدار آهيان، جيترو ٻيا. ان چور کان بچڻ لاءِ وري ڳالهہ متائيندي چيم: "ڳوٺ جا ٻيا ڪهڙا احوال آهن؟"

"اڙي ابا، ڪهڙا تو احوال پڇين؟ يا تہ اسان جو انو خراب تيو آهي يا ڳوٺ جي ننڍن نيٽن جي مٿي پليت تي وئي آهي. اڳي ڳوٺن ۾ سيڪو هڪ ٻئي جو حال پائي، ڏک سک ۾ شريڪ ۽ پائيوار هوندو هو. شادي غمي ۾ تہ ايترو ويجها هوندا هئا جو ڄڻ تہ رت ۾ رت ڳڏيل آهن... ۽ هاڻي... ۽ هاڻي سيڪو پنهنجي ۾ پورو آهي: سنڌي ماڻهو، ڇڙ ڇڙ گابا! ڪين ٻک وچان اوگهڙ ياد ئي ڪانهي.

"اڳي سانجهي ٿيندي هئي يا ڪا چيٽ جي چانڊوڪي رات ايندي هئي تہ ڳوٺ جا نينگر نڪري، وڏي ميدان ۾ ونجهہ وٺي، وڏڪبل ۽ ٻيلهاڙا ڪيڏندا هئا، ۽ اسان جهڙا ڪراڙا بہ جواڻن ۾ جواڻ ٿي پوندا هئا: ڪڏهن لالوءَ واري پڙ ۾ ويهي، ڪافيون چوندا هئا. ڪڏهن مسيت ۾ مولود پڙهڻ لاءِ جسڪاڻي ايندا هئا تہ مهتن لاءِ مسيت کان ٻاهر وڏي تئونري وڇائبي هئي، ۽ جسڪاڻين کي اسين مسلمين ايترو ڪين ڏيندا هئاسون، جيترو مهتا ڏيندا هئا. ان ساڳئي لالوءَ واري پڙ ۾ سائي آچار تي ڀڳت بہ ٿيندي هئي: ڪي ننگر کان تہ ڪي ڪنڌڪوٽ کان، ڀڳتن جي ڪوُم اچي ڪٺي ٿيندي هئي، ۽ اها ڀڳت پوندي هئي جو وڃي ٿيا خير- مهينا پيون ڳائبيون هيون! ڏٺ جي ميڙي تي ڪتان ڪتان جا راڳيڻا اچي ڳاهت ٿيندا ۽ سڪ جون ست راتيون استاد الهڏني جي آلاپ سان ملهائبيون هيون...!"

هن هڪ ڊگهو ٽڏو شوڪارو ڀريندي چيو: "۽ هاڻ... هاڻ شام ڪانپوءِ، ڪراڙا پيرسن وڃيو مسيت پيڙا ٿين، يا گهر ۾ ويٺا رلين ۾ روئن، جواڻ جماڻ نينگر وري ڪاڪوءَ جي هوٽل تي ويهي رِڪاٽ ٻڌن: اڳي سانجهي ٿيندي هئي تہ سوڊل جي ڪافيءَ جو ٽل ڪين پوندو هو: "جيءَ ۾ جوڳين جي لاءِ، دونهڙا ڏکن ٿا" ۽ هاڻ، نہ مهل نہ ڪمهل، ڪو بي سَرو گهٽيءَ مان لنگهندي "اڪ دل ڪي ٽڪڙي هزار هوئي، ڪوئي ايڏر گرا، ڪوئي اوڏرگرا..." ڳائيندو تو ٻڌجي!"

چاچو خيرو ڄڻ تہ پنهنجي دل جي باهہ ڪيڻ لاءِ ڀريو ويٺو هو. شايد ڀريل تہ اڳي بہ هوندو، پر ٻڌائي تہ ڪنهن کي ٻڌائي. ڳوٺ جي حياتيءَ تي جيڪو سينور چڙهي ويو هو، ٻڌڻ ۽ هنڌائڻ جون صلاحيتون بہ انهيءَ کان بچيل ڪونہ هيون. گهڙيءَ لاءِ آسمان جي بدليل رنگ تي آتاڄري نظر وجهندي وري چيائين:

"هن رڍ جي پٽ ريڍئي جي رکائن تہ ڳوٺ جي ڇورن ۾ اهڙي بيڙائي وڌي آهي جو پنهنجي جيجل جي ٻولي سنڌي ٻڌڻ کان ئي وانجها ٿي ويا آهيون. پاڻ ۾ تا ڳالهايون تڏهن بہ شڪي شڪي پيا ٿيون. ٻيو تہ ٺهيو اسڪول جي ماسترن جو اهڙو اٿو خراب ٿيو جو ڀاءِ تہ هن ڀونءِ جو مٿن ڪو حق ئي ڪونهي. جڏهن تون ۽ علوءَ جن پڙهندا هئا تہ اسڪول جا ماستر ٻارڙن کي پنهنجا ٻچا سمجهندا هئا. مون کي ياد آهي تہ هڪڙي ڏينهن ماستر چيئومل مون وٽ هلي آيو، ۽ هٻڪندي هٻڪندي چيائين تہ "چاچا، علڻ ۾ پڙهڻ جو حال ڪونهي، تون مڙئي ڳراڻڙي پائي سمجهائينس پر ڀلائي ڪري ڇڙٻ نہ ڏجانس!" ابو ڙي ابو... ماستر عُرس هوندو هو، سو گريب ٻارن لاءِ ڪتاب بہ پنهنجي هڙان وٺي ايندو هو.... ۽ هاڻ ماستر... بنهہ ٽوٽ: هڪڙو تہ ٻارن کي ماريو ماريو پنايو ڇڏين؛ پڙهائين اصل ڪونہ. وري سال بہ سال پاس ٿيڻ جي مٺائي طلبين! منهنجو تہ اسڪول کان لنگهہ آهي؛ جڏهن لنگهان، ماستر ميز تي ٽنگون رکيو بالم ٿيو ستو پيو هوندو... اڙي ابا، الائي ڪهڙو واءُ وريو آهي؟

"ها، سو ڳالهہ ٿي ڪيم. اڳ ۾ انب لهندا هئا تہ اسين پاڻ ماستر وٽ ڪٽي ويندا هئاسون تہ پهرين سوڪڙي اوهان لهڻي تہ ويچارا پيا ڄي ٿيندا، اصل نہ وٺندا. منٽون آزيون ڪري، ڪاوڙ ڪري ڪين مڃائيندا هئاسون... ۽ هاڻ ماستر، انب ٿيا، ٻير ٿيا، گدرا ٿيا، هنداڻا ٿيا، اصل حڪما حڪمي گهري تا وٺن...

"ابا، تون تہ چڱو ڪاشو پڙهيو هوندين، آخر ايئن ڇو ٿيو آهي؟"

اهو سوال ايڏو وڏو، ۽ ايترو ڳرو هو، جو منهنجو دماغ سوچڻ کان ٻِڙ ڪڍي بيهي رهيو. "ايئن ڇو آهي؟" - ان تي مون اڃا تائين نہ سوچيو هو، يا مون سوچڻ نٿي گهريو. مون کي ان مهل پروفيسر رشيد ياد اچي ويو. هن چيو هو: "وڏيرن ۽ سيئن جيڪا آزادي سوچي آهي، اها ايڏي بدصورت ٿيندي، جو چڱا چڱا سمجهہ رکندڙ ماڻهو بہ ان جي بدصورتيءَ لا ڪو سُتر، ڪو ڍَڪ ڳولهي ڪونہ سگهندا ڇاڪاڻ تہ چپ رهڻ سان هو بہ ان بدصورتيءَ لاءِ اوترائي ذميدار ٿيندا جيترا اهي وڏيرا ۽ سيئيون. سنڌ کي رڳو نيئر ڪونہ پوندا، پر سنڌ جي ماڻهپي کي دفن ڪرڻ جا سانباها ٿيندا!"

الائجي ڇو چاچي خيري جي منهن مان پروفيسر رشيد جي صورت نظر اچڻ لڳي، ۽ آءٌ ڪانئس موڪلائي، پوئتي موٽيس. ويندي ويندي، چاچي خيري جهٽي آواز ۾ چيو: "ابا ٻڌو اٿئون تہ ڪنهن اڪبار الوحيد لڪيو آهي تہ سنڌ سان وڏا دوڪا دولاب ٿيا آهن...!"

مون هن جي اها ڳالهہ بہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. آءٌ هن کي ڪيئن چوان تہ هن پنهنجي سوال جو جواب پاڻ ئي ڏيئي ڇڏيو هو، ۽ جنهن کي لنوائڻ لاءِ مون پنهنجي لاءِ عشق محبت جو طلسم گهڙي ورتو هو!

آءُ جڏهن گهر موٽيس، تڏهن اوندهه چمڙي جيان آسمان ۾ اونڌي لڙڪيل هئي. ڪي ڪي راتيون ايتريون ٻاٽ اونداهيون الائي ڇو ٿينديون آهن؟ ايئن ٿي ڀانئيو جڻ ته تارن جو نور به ڪنهن ڪسي ورتو هو، ۽ رات، ڪنهن ڏهاڳڻ جي ڀاڳ وانگر، بي نور ۽ بي آسري، دنيا جي لاش تي اوساريندي ٿي نظر آئي.

دالان مان لنگهي اڳتي ٿيس ته مهروءَ جي ڪمري جي در جي سيرن مان لالٽين جي روشني منهنجي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا. دل چيو ته ان سير مان ليئو پائي ڏسان ته مهرو هن گهڙيءَ ڇا پئي ڪري! خواهش جاڳي ته سهي، پر اُن سان گڏ روايتي اخلاق، هڪ ديوار بڻجي منهنجي آڏو اچي بيهي رهيو ته نه اها هڪ نهايت ڪريل حرڪت ٿيندي. آءُ منجهي پيس، اها روايتي اخلاق جي چونگ هئي يا منهنجي ذهن جو خوف ته متان ڪو مون کي اها حرڪت ڪندي ڏسي وٺي؟ متان بابا متان اچي وڃي؟ متان امان ڏسي وٺيم؟ متان... متان؟!... آءُ پاڻ کي خود پنهنجي ئي عدالت ۾ "جهوتو" ۽ "پيپنگ ٽام" (Peeping tom) ثابت ٿيڻ کان ٿي ڊنس!

پر ان مونجهه ۽ مونجهاري جي باوجود، آءُ پاڻ هرتو، بي ساخته دروازي جي ويجهو پهچي ويس، ۽ در جي سِيرن مان منهنجون نظرون مهروءَ کي ڳولڻ لڳيون. پر منهنجي بي قرار اکين جيڪي ڏٺو، ان نظاري جڻ ته منهنجي سموري جسم ۽ روح کي ٽهڪندڙ اوڙاهه ۾ اڇلائي وڌو، جتي منهنجي جسم ۽ روح جون سموريون آسون اُميدون سڙي ڦلهيار ٿي ويون!

مون ڏٺو: سامهون بابو گنجيءَ ۽ ريشمي گوڏ سان ستل هو، سندس ڇاتيءَ جا ڪي اڇا، ڪي ڪارسرا وار، گنجيءَ جي ڳچيءَ کان ٻاهرتي نڪري، سندس خضاب لڳل ڪاري ڏاڑهيءَ سان هڪ عجيب ادنگو ڪَجسَو تضاد پيدا ڪري رهيا هئا. سندس ڏاڑهيءَ جي پاڙن ۾ به اڇو رنگ چٽو نظر اچي رهيو هو. شايد خضاب پنهنجو اثر وڃائي رهيو هو، ان اڇي ڪاري ڏاڑهي جو نظارو ڏسي، مون کي رستي تي سڪندڙ ڇيڻا ياد اچي ويا، جتي اُس جي تَوَ کان ڇيڻا سُڪي ڪارا ٿيڻ لڳندا آهن، ۽ سندن چوڌاري زمين جو لوٽائيو ڪلر، تري کان اڇو رنگ ڪيڻ لڳندو آهي. ڇيڻن جو خيال ايندي ئي، مون کي پنهنجي آس پاس ڪِني ٿيندڙ ڇيڻي جي

بانس محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ پوءِ اها بانس، هري- هري ٿي، منهنجي جسم جي مسامن ۾ داخل ٿيڻ لڳي. سامهون مهرو هئي، جيڪا ڪنڌ هيٺ لاڙي، ريشمي گوڏ جي مٿان، بابي جي ٽنگن کي پيڙون ڏيئي رهي هئي! سندس منهن تي ڪوبہ احساس ڪونہ هو؛ هڪ زرد روَ پيلو بُت، ڪنهن پٿر جي مجسمي جيان هو، جنهن جي رڳو هٿن ۾ ساهہ هو، ۽ اهي هٿ، ريشمي گوڏ جي سَرن ۽ گهنجن تي ڪرندا، ڪڇندا، ڪرندا ٿي ويا، ۽ ريشمي گوڏ ۾ ڇيٽي مان ٺهيل بُت، ڪنهن بہ حرڪت بنان، ڪونگهرا هٽي رهيو هو!

مون سٽ ڏيئي پنهنجون اکيون هٽائي ڇڏيون. الائجي ڇو، منهنجي ڪنن ۾ ڄڻ چاچي خيري جو آواز ڪو سوال ڪندو رهيو: "ابا، ايئن ڇو آهي تہ اسان جي نينگرين جو شباب، سندن جواني، سندن امنگ، سندن اميدون ڪنهن وڏيري جي خضاب لڳل ڏاڙهيءَ جون سريتون بڻجڻ لاءِ مجبور آهن، جتي اهي پنهنجي بي حس هٿن ۽ ڪچي ڪچي دل سان، بابهين جهڙي پوڙهي جي ٽنگن کي زور ڏيئي، منجهس دفن ٿيل شهواني خواهشون جاڳائڻ تي مجبور آهن؟ ابا، ايئن ڇو آهي؟ ابا، ايئن آخر ڇو آهي؟"

مون پنهنجي ڪنن تي هٿ رکي انهن آوازن کي هڪالي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ان آواز منهنجي سڄي وجود ۾ بي انت نفرت ڀري ڇڏي. ان نفرت جي احساس کان منهنجي دل بہ ڪچي ڪچي ٿيڻ لڳي. اها نفرت مهروءَ سان هئي، يا بابي سان هئي؟ يا سنڌي سماج سان؟ يا پنهنجي پاڻ سان؟... اهو فيصلو آءٌ نہ ڪري سگهيس. مون کي پنهنجو ساهہ گهٽجندو ٻوساڻجندو محسوس ٿيو، ۽ آءٌ وري وڏي ڏيڍيءَ کان ٻاهر نڪري آيس تہ تازي هوا شايد انهن آوازن، ۽ انهيءَ بانس کان منهنجي پناهہ بڻجي، جنهن منهنجي روح کي وکوڙي ڇڏيو هو.

پر ٻاهر بہ نگاهہ جي سرحدن تائين اونداهہ ئي اونداهہ هئي. ماحول تي موت جي ماڻ ڇانيل هئي؛ اڄ تہ ڳوٺ جي ڪُتن بہ ڪونہ ٿي اونايو. ان ماڻ ۽ ان اونداهہ ۾، ڪڙڪهيتن وانگر، اوچتن ترورن وانگر، مهروءَ جو وجود منهنجي اکين جي اندر ئي اندر اُهاءُ ڪري چمڪي ٿي اُٿيو!

اڌ رات تائين، آءٌ ايئن ئي بي مقصد، پاڻ کان ڀڄندو، مهروءَ جي تصور کان لڪندو، بابي جي خيال کان ٽهندو، ڇرڪندو واپس گهر موٽي آيس. گهر ۾ مڪمل اونداهہ هئي، فقط منهنجي ڪمري ۾ لالٽين جي جهڪي جهڪي روشني نظر آئي. پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي، ڪپڙن مٿائڻ کانسواءِ ئي، هنڌ تي آڏو ليٽي پيس. مون کي پنهنجو وجود جائيتو نٿي محسوس ٿيو: ياڻيم تہ آءٌ هتان جو ماڻهو ئي نہ هوس، هي ڪمرو منهنجو نہ هو، هي ڳوٺ منهنجو نہ هو، هن گهر سان منهنجو ڪو رشتو ناتو واسطو نہ هو. سڀ رشتا ناتا واسطا وَجهہ، اوچتي

سَٽ سان ڇڄي پيا هئا. منهنجي دل- اُباڻڪي، نڌڻڪي، ويڳاڻي، هيڪل وياڪل دل خود مون ڪان ورچي پئي هئي. هيڪلائپ جو اهڙو احساس، ايتري شدت سان مون ڪڏهن به محسوس نه ڪيو هو. ان تنهائيءَ جي جوڪر ڪان بچڻ لاءِ مون فيصلو ڪيو ته آءٌ سياڻي ئي شهر هليو ويندس- هن ماحول ڪان پري، مهروءَ ڪان دور!

لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ مون هڪ پاڇولو، پنهنجي در جي چائنٽ اورانگهيندو ڏٺو. مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هي منهنجي هيڪلائپ، منهنجي تنهائيءَ جي طلسم کي ٽوڙڻ جو حق ڪنهن سنڀالي ورتو هو؟! پاڇولو اڇي، ننڍي ٽپائيءَ اڳيان بيهي رهيو؛ مهرو...! هتي ڪيئن؟ هتي ڇو؟

منهنجي دل زور زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. منهنجي رت جو دورو منهنجي لوٽن ۾ ڌڌڪا هڻڻ لڳو. ۽ اڃاتن جذبن جي دريا منهنجي دل جا ڪَپَرَ ڪڍي ڇڏيا. آءٌ بي اختيار، بي ساخته بنان ارادي، نادانسته اُٿي، اُن پاڇي تائين پهتس، ۽ پوءِ... عورت جي جواني منهنجي هٿن ۾ مکڻ وانگر ڳري ويئي، ۽ ٿوري دير لاءِ منهنجي هيڪلائپ، منهنجي تنهائي جو سمورو احساس لوڙهي ويئي!

مون کٽ تي پاسو ورائي سگريٽ دڪائڻ لاءِ تيلي ٻاري ته ڪمري ۾ ڦهلجندڙ زرد زرد روشنيءَ ۾، منهنجي اکين جيڪي ڏٺو، تنهن منهنجو سمورو وجود ڏوڏي ڏونڌاڙي ڇڏيو! کٽ تي، منهنجي پاسي ۾، سانئڻ ٻانهي، اڌ- اُگهاڙي، پاڻ بچائڻ جي جتن ۾، روشنيءَ ڪان منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو. منهنجي وات مان الائجي لفظ ڇڇرجي ڪيئن نڪتا: "سانئڻ؟!... تون؟!"

جواب ۾ سانئڻ جي وڏين وڏين، ڊنل ڊنل، سانوريون اکين ۾، وري لڙڪ ڀرجي آيا...!

ان رات سائنڊ جي اکين جا لڙڪ، باهه جا اهڙا آلا ۽ ٽانڊا بڻجي ويا، جن منهنجي روح کي ڏنيي وڌو هو، ۽ ان ايذاء کان آءُ الائي ڪيتريون صديون لڏندو ڦٽڪندو رهيس. ڪمري جي هر شئي باهه جي ڇيي بڻجي، مون کي ڏنيڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لڳي هئي. ڇڻ ته ڪمري جي هر بيجان شئي ۾ جان پئجي ويئي هئي ۽ هر شئي ۾ بجليءَ جي ڌار ۽ وڃ سمائجي ويئي هئي، جنهن جو مقصد رڳو مون کي پسم ڪرڻ هو. ان تَوَ ۾ پوسٽ کان ٻچڻ لاءِ، آءُ ڪمري کان ٻاهر، حويليءَ کان ٻاهر، اوندهه ۾ ڌڪا ٽاپا کائيندو، الائجي ڪيئن ۽ ڪيڏي مهل ريگيوليٽر تي پهتس، ۽ ڪپڙن سوڌو شاخ ۾ گهڙي پيس. پاڻيءَ جي سرد سرد لهرن کي قدر انهن ڏنين، ڦلوڪٽن ۽ ڦوڦيندن کي ٽڌو ڪيو: ڪافي وقت پاڻي ۾ ٽڙڳي ٽڙڳي، ريگيوليٽر جي ٽلهي تي ويٺو رهيس. هلڪي هوا، آلن ڪپڙن مان ٽيندي، منهنجي نس نس ۾ ٽڌڙا ڪيڻ لڳي، ۽ پوءِ جسم سان همدرديءَ طور روح جي لهس ۽ تئونس به جهَڪي ٽيڻ لڳي. ڪجهه گهڙين کان پوءِ ذهن خالي خالي هو، ۽ منهنجي روح ذهن جي ان خال تي ڇڻ شوڪارو ڀري شڪر گذاريءَ جو اظهار ڪيو. مون ايئن محسوس ڪيو ڇڻ منهنجو جسم آهستي آهستي هلڪو ۽ بي وزن ٿيڻ لڳو هو، ۽ نيٺ هوا جهڙو اڻ لکو بڻجي ويو. ان ۾ ڪوبه وزن، ڪابه تور نه رهي. هڪ خيال خالي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان جاڳيو ته منهنجو جسم به هوا ۾ تحليل ٿي رهيو هو، ۽ شايد... جيڪڏهن هوا ڪجهه تيز لڳي ته آءُ به ڪنهن ڪڪَ پَنَ وانگر لڙهندو ڪنهن آڄاتي دنيا ۾ پهچي ويندس!

اهو خيال سڪون بخش به هو ته ڈڪوئيندڙ به. الائجي ڇو منهنجي دل ۾ اها آرزو جاڳي ته آءُ پنهنجو بدن ايئن تحليل ٿيڻ نه ڏيان، گهر ٿيڻ نه ڏيان، ۽ مون پنهنجي پاڻ کي ڇَهڻ گهريو؛ ڇڻ ته منهنجون به شخصيتون هيون، ۽ انهن مان هڪ پري کان بيهي، مون کي گهوري ڏسي رهي هئي. ان شخصيت جي چپن تي هڪ مرڪ هئي- نوڪدار، ڇَيندڙ مرڪ، ڇڻ ته گناهه تي پشيمانيءَ جي مرڪ! آءُ پنهنجي پاڻ کي پهريون ڀيرو ڏسي رهيو هوس؛ آءُ پنهنجي همزاد، ٻئي "آءُ" کي ڏسي رهيو هوس. اهي ٻئي "آءُ" هوس! هڪ آءُ تحليل ٿي رهيو هوس، ٻيو آءُ اهو تماشو ڏسي رهيو هوس. هڪ ڪجهه سوچي رهيو هو، ٻئي سوچڻ ته درڪنار،

پنهنجي پاڻ کي تحليل ٿيڻ کان بچائڻ جي کوشش به نٿي ڪئي. تماشبين "مون" کي پنهنجي همزاد ۽ گڏ- ڄائي تي رحم اچي ويو، ۽ آهستي آهستي تحليل ٿيندڙ شخص جي ويجهو اچڻ لڳو، ۽ بنهه ويجهو اچي، ان کي پنهنجي ڀاڪر ۾ آندائين؛ سندس ان ڀاڪر ۾ ايترو ته گوندر هو، ايترو ته ورونهن هو جو ان تصور کان ئي منهنجا ڏند ڏکڻ لڳا. مون محسوس ڪيو ته شايد سيءَ کان منهنجا ڏند ڪڙڪي رهيا هئا. ان احساس ٿيندي ئي، منهنجا آلا ڪپڙا به بدن کي چهٽندا ويا، ۽ منهنجي سيءَ ۾ شامل ٿي ويا. آءُ حويليءَ ڏانهن وڌڻ لڳس؛ سيءُ جيئن پوءِ تيئن وڌڻ لڳو؛ منهنجي بدن کي هاڻ پارو ساڙڻ لڳو هو.

الائجي ڪيترو وقت ان پاري جهڙي تڏ ۾ تڙڪندو ڏکندو رهيس، ۽ جڏهن اکيون کوليم تڏهن هڪ عجيب منظر ڏٺم؛ منهنجي پيراندي کان سانئڻ کنڌ جهڪائيو ويٺي هئي. مون کي اهو به شڪ پيو ته هوءَ روئي رهي هئي. منهنجي کٽ جي پاين سان لڳو لڳ، امان تڏي تي وڃايل مصلي تي نماز پڙهي رهي هئي. سيراندي کان هڪ ميز تي مختلف شيشيون ۽ بوتلون، ڪنهن سليقي سان سجائي رکيون هيون. ڪرسيءَ تي هڪ ڄاتل سڃاتل شڪل جو مرد ويٺل نظر آيو. منهنجي ذهن ۾ هڪ عجيب خيال پيدا ٿيو ته ان ماڻهوءَ جي شڪل بابي جهڙي ٿي لڳي، ۽ ان مهانڊي ۾ منهنجي لاءِ پيار نه، ته به همدرديءَ جو جذبو ضرور هو. ان خيال اچڻ سان مون کي ماحول جي غير رواجي هجڻ جو پڻ احساس ٿيو. ڪمري ۾ موجود شڪلين تي اونَ، ڳٺتيءَ ۽ اوجاڳي جي آثارن مان ڄڻ ته ڪنهن سازش جو گمان ٿيڻ لڳو- جذبن جي سازش جو گمان! ان گمان ۽ احساس کي مٽائڻ خاطر، مون خيال ڪيو ته ٽپ ڏيئي بستري تان لهي پوان. پر منهنجا لڳ پڙ ڪڍي بيٺا. مون ڪنڌ مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته مٿي تي سوين مڻن جو بار محسوس ٿيو ۽ ڇاتيءَ ۾ سور جي آجهل سَٽَ اڀري آئي. ان ٿوري گهٽي حرڪت تي، مون کي ڪنئين آواز پنهنجي ڪنن ۾ سوسٽ ڪندا ٻڌڻ ۾ آيا، ڄڻ ته هڪ ئي وقت سوين زائفائون چئي رهيون هيون: "شڪر اٿئي، منهنجا رب!" ۽ پوءِ امان جا ڏکندڙ تڏا هٿ منهنجي منهن کي ڀاڪر وجهڻ لڳا.

مون پنهنجي پاڻ کي جهيٽي آواز ۾ ڳالهائيندو ٻڌو: "ڇو امان، مون کي ڇا ٿيو آهي؟"

پر ان ڳالهائڻ به ڄڻ ته منهنجي ڇاتيءَ ۾ هَرَ هلائي ڇڏيا. مون کي پنهنجي سهڪڻ جو آواز به چٽو ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو. امان منهنجي اڳيان کٽ جي ايس تي ويهي رهي، ۽ جواب جي بدران مون کي سندس سمورو جسم ڏڏندو محسوس ٿيو. سندس اکين مان لڙڪ لڙي، سندس چولي ۾ جذب ٿيڻ لڳا. منهنجي مٿي تي هٿڙا گهمائيندي، ڄڻ پاڻ کي اوچنگار کان روڪيندي چيائين: "ابا، تو ته اسان

جو ساهه سَڪائي ڇڏيو هو. اڄ چوٽين ڏهاڙي اک پٽي اٿئي. الائجي تنهنجي ويرين کي ڇا ٿيو؛ شهر جو ڏاختر چوي ٿو ته ڍهل نمونيا اٿئي... اي رب سائين، تنهنجون لک لک ڀلائيون... منهنجي ٻچڙي کي سگهو ڪر ته دستگير تي ديڳيون لهرايان..." ۽ پوءِ هوريان هوريان مون کي سيڪجهه ياد اچڻ لڳو... مون کي سانئڻ ياد آئي....

مون سائنڊ ڏانهن نهاريو: هوءَ اڃا تائين رئي ۾ منهن لڪايو، شايد روئي رهي هئي. منهنجي دل کي به جهوڀو اچي ويو، ۽ پنهنجي احساسن کي لڪائڻ لاءِ مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. اوچتو هڪ مضبوط هٿ منهنجي ٻانهن پنهنجي هٿ ۾ جهلي ته مون اکيون کولي ڇڏيون. بابو منهنجي نبض ڏسي رهيو هو. مون کي الائي ڇو هن سان همدردي جاڳڻ لڳي. هن توري ڏکندڙ آواز ۾ چيو: "ابا، ڏٺي صحت ڏيندءِ!" ايترن سارن مختلف جذبن کي منهنجو ذهن سلجهائي نه سگهيو، ۽ چپڙي ڪري وري سمهي رهيو.

الائجي ڪيتري وقت کانپوءِ مون وري اکيون کوليون ته سامهون ڊاڪٽر ڪرسيءَ تي ويٺل نظر آيو. مون شڪر گذار نظرن سان ڏانهنس نهاريو ته هن جي چپن تي هڪ شرير مرڪ ڦهلجي ويئي. انگريزيءَ ۾ چيائين:

"ميان، مرڻ جا ٻيا به ڪيترا سولا طريقا پيا آهن- باقي پاڻ کي ڊبل نمونيا ڏيئي مارڻ ته فقط پاڻ وٽائڻ لاءِ هوندو آهي!"

مون کي سندس ٽوڪ ۾ به گهري همدردي جهلڪندي نظر آئي. پوءِ سائنڊ کي چيائين: "مائي، ڪير گرم ڪري، هي ٽڪيون ڪارايوس. خدا ڪندو ته ٺيڪ ٿي ويندو. صبح جو سَئي هٽڻ لاءِ وري ايندس." ايئن چئي ڊاڪٽر هليو ويو.

ڪجهه دير کانپوءِ سائنڊ ڪير کٽي آئي. هن جي منهن کي ڏسي، منهنجي دل دهلجي ويئي. روج ۽ اوجاڳي کان هن جون اکيون سُڄي پيون هيون، ۽ سندس اکين جي چوڌاري ڪارا نيل پئجي ويا هئا. پر هن جي اکين ۾ الائي ڪهڙو ڏوراپو هو: آءٌ هڪ پل به سندس اکين ۾ نهاري نه سگهيس. خاموشيءَ سان هن ٻه وهاٽا ڏيئي، ٽيڪ ڏياري مون کي وهاريو. هن جي ويجهي اچڻ سان منهنجي اندر ۾ الائي ڇا ٽيڻ لڳو، ۽ مون هيڪندي چيو: "سائنڊ مون کي معاف ڪج... مون کي الائي ڇا ٿي ويو هو... الائجي ڪهڙو آنڌ چڙهي ويو هو..."

۽ پوءِ ڪوڙ ڳالهائيندي چيم: "جڏهن مون پنهنجي ڇُڪ محسوس ڪئي، تڏهن پاڻ کي ٻوڙي مارڻ جي ڪوشش ڪيم... پر افسوس، ٻڌي نه مُئس. شل هاڻ هن بيماريءَ وگهي مري وڃان!"

مون کي پاڻ تي حيرت ٿيڻ لڳي ته ان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ مون کي ذرو به

هڪ نہ ٿي؛ پاڻ هڪ قسم جو اطمينان ٿيڻ لڳو ڇڻ تہ آءٌ پاڻ کي شهادت جي درجي ڏيڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳو هوس!

سانئڻ جون اکيون وري آڳمجي آيون، ۽ لڙڪن منجهان هيٺ نهاريندي چيائين؛ "هي ڇا پيا چئو...؟ خير گهرو... آءٌ اوهان تان گهوري... آءٌ تہ اوهان جي مِلڪَ آهيان.. هن دَرَ جي گولي ٻانهي آهيان... مون جهڙيون سئو اوهان تان صدقي ٿين... مَرن اوهان جا ويري... شل اوهان جي آهي مون تي اچي...!"

۽ پوءِ هن اڳتي جيڪي لفظ چيا، سي ٻين حالتن ۾ مون کي دل ۾ وَڌَ وجهي ڇڏين ها، ۽ شرم کان آءٌ زمين ۾ دفن ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃان ها... سانئڻ چئي رهي هئي؛ "آءٌ تہ اوهان جي ٻانهي آهيان... منهنجي ماءُ، منهنجي ناني پڙناني سڀ هن دَر جون گوليون هيون... ۽... ۽..." هن الائجي ڇا ڇا ٿي چوڻ گهريو، پر اوچتو چپ ٿي ويئي.

دل ۾ ٻيو ڪجهہ هو، پر چيم؛ "چري، تون ٻانهي ۽ گولي بابا جن جي هوندينءَ- منهنجي لاءِ اهي ڳالهيون تہ پاڻ چيڙائيندڙ آهن... پر هاڻ جيسين پنهنجي مک سان ايئن نہ چوندينءَ تہ تو مون کي معاف ڪيو، تيسين منهنجو مَنَ مون کي ملامت ڪندو رهندو..."

پر هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو، هن جي يورين يورين اکين ۾ وري بہ ڳوڙها ڀرجي آيا. اوجاڳي جي ڳاڙهاڻ ۽ سندن اصل پَوراڻ ۾ ڳوڙهن عجيب جڳمڳ لائي ڏني. منهنجي دل ۾ عجيب بي آرامي ڦهلجي ويئي، ڇڻ تہ منهنجي دل وري سانئڻ کي هڪ ڊگهي ڀاڪر پائڻ لاءِ ماندي ٿي رهي هئي. منهنجي گهڙي اڳ جي پشيمانيءَ تي سندس عورتپڻو ڪَتَ چاڙهيندو ويو. منهنجي دل اهوئي چاهڻ لڳي تہ هوءَ منهنجي چپن کي چُهي يا منهنجا چپ هن جي جسم جو ڇهاءُ محسوس ڪن. الائجي ڪهڙي ڪَن مان مون پنهنجا لفظ ٻڌا؛ "سانئڻ، منهنجي نراڙ تي هٿ تہ رکي ڏس تہ اڃا تپ بيٺو آهي يا نہ؟"

منهنجي آواز ۾ مريض واري نستائيءَ بدران، چوري پڪڙجي پوڻ جي ڪمزوري هئي پر ٻنهي ڪمزورين ۾ ڪو فرق نہ هو. شايد اهو ئي سبب هو جو منهنجي دوکي جي ديانت ۾ سچائيءَ جو دوکو ٿي ٿيو. ان دوکي ڏيڻ ۾ بہ مون کي هڪ عجيب خوشي محسوس ٿي رهي هئي. آءٌ پنهنجي ان ڪِريل حرڪت تي حيرت بہ محسوس ڪري رهيو هوس، پر منهنجي نامعلوم خوشيءَ جو جذبو حيرت ۽ پشيمانيءَ کان وڌيڪ طاقتور هو. منهنجي اکين ۾ اهو جذبو ظاهر هو يا نہ، سو تہ آءٌ چئي نٿو سگهان، پر جڏهن سانئڻ جو هٿ منهنجي نراڙ تي پهتو، تڏهن منهنجي منهن ۾ هڪ اهڙي لرزش پيدا ٿي، جهڙي گهوڙي کي هٿ لائڻ سان سندس چمڙيءَ ۾ پيدا ٿيندي آهي. ان لرزش ۾ لذت بہ هئي، ۽ ڪو ڊپ بہ! سانئڻ

جو هٿ برف کان بہ ٺڏو هو، يا منهنجو جسم ايترو گرم هو جو هن جي هٿ جي معمولي گرمي منهنجي نراڙ جي گرمي آڏو جمي برف ٿي پئي هئي.

ان برف جي احساس جي باوجود، بي ساختہ مون سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي، پنهنجي چپن تي رکي چڏيو؛ ۽ ڀڻ ڀڻ ڪندي چيم: "سائنڊ، چئو تہ تو مون کي معاف ڪيو... چئو تہ تو مون کي معاف ڪيو..."

مون محسوس ڪيو تہ منهنجو آواز بيماريءَ کان نہ، پر ڪن ٻين جذبن کان ڏکي رهيو هو. سائنڊ پنهنجي هٿ چڏائڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي؛ سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ بلڪل اپاهج، اڏ- رنگ ۾ ورتل هٿ جيان بيجان پيو هو. مون سندس آواز ڇڻ تہ پري کان ٻڌو: "اوهان کي تپ جا ٻَٽَ چڙهيا پيا آهن... اوهان آتو نہ، ليٽي پئو..."

هن ڇڻ مونَ کي پنهنجي بيماري ياد ڏياري چڏي، ۽ مون هن جي هٿ کي چڏي ڏنو. اکيون بند ڪري، هيٺتي ڊرڪي ليٽي پيس...

آءٌ آتي ويهي، پاڻ دوا پيئڻ ۽ ڪائڻ جهڙو ٿيس، پر اجان دَرَ کان ٻاهر قدم رکڻ تي همت نہ ٿي ٿي. مونندڙ تندرستيءَ، ڏهني آسات کي جاڳائي وڌو، ۽ وري مهرو منهنجي خيالن ۾، پنهنجي زرد زرد چهري، ٻاڏائيندڙ بيمار اکين، ۽ فضا ۾ نقشا ناهيندڙ جسم سان احساس جون سرحدون اورانگهي اچڻ لڳي. ان ڏينهن شام جو پنهنجي دريءَ مان، ٻڌندڙ سج جي منظر کي ڏسندي، شفق جي لالاڻ ۾ سمائجندو ٿي ويس تہ مون پنهنجي پويان هلڪي آهٽ ٻڌي. منهن ورائي نهاريم تہ مهرو بيٺي هئي... مهرو، پر هڪ مختلف مهرو! گهڙيءَ لاءِ منهنجون نظرون هن جي منهن ۾ ڪپي ويون، ۽ مون پاڻ کي نستو، ڪمزور ٿيندو محسوس ڪيو. منهنجي ٽنگن مان ساهہ هري هري ٿي نڪرندو ٿي ويو. مون کي ڪنهن سهاري جي ضرورت محسوس ٿي، ۽ آءٌ ڪٽ جي پائي تي هٿ رکي، ٽيڪ وٺندي، سيراندي وارو اوپري تي، ٽيڏو ٿي ويهي رهيس.

مهروءَ جي منهن تي پيلاڻ بدران ڳاڙهاڻ اچي ويئي هئي. آءٌ اهو فيصلو نہ ڪري سگهيس تہ اها ڳاڙهاڻ سندس اصل رنگت هئي يا سندس چولي ۾، جڙيل ٽڪن منجهان سامهون دريءَ کان ايندڙ شفق جي ڳاڙهاڻ، جرڪندي هن جي منهن ۾ لالاڻ اوتيندي ٿي ويئي. سندس اکين ۾ اجان تائين اگهائي هئي، ڇڻ تہ سندس اکين جي اها هڪ خاصيت هئي. ۽ جڏهن مون انهن اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ منهنجي دل جي رفتار سست ٿيڻ لڳي، ۽ مون سَٽَ ڏيئي، زوريءَ ان ڪَن مان پنهنجون اکيون ڪڍي ورتيون.

مون کي هڪ ڀؤ ٿيڻ لڳو هو: هن جي اکين کان...! سندس اکين تان هٽندي،

منهنجون نظرون هن جي سنهي نڪ تان لهندي، سندس چپن تي ڄمي ويون؛ مون کي اهو گمان جاڳيو ته سندس چپن ۾ مسلسل هڪ هلڪي جنبش، هڪ هلڪي لرزش هئي، ۽ جڏهن گلاب جون پنکڙيون، ينوئر کي واسيندو ڏسي لرزڻ لڳيون هيون. ۽ جڏهن منهنجون نگاهون سندس ڳچيءَ تائين پهتيون تڏهن مون کي هڪ عجيب خيال آيو: اها گردن جيڪڏهن منهنجي هٿن ۾ سمائجي وڃي ته شايد آءٌ تيسين پنهنجي هٿن کي ڍرو نه ڪريان، جيسين منهنجا هٿ ان گردن ان سسيءَ جو حصو نه بڻجي وڃن. ان ريشمي ڳچيءَ تي نيريون نيريون نسون اڳي کان ڪجهه وڌيڪ ايري آيون هيون، ۽ خاص طرح هڪڙي نَس جي وَرَن وَڪڙن کي ڏسي، مون کي سنڌ جي نقشي مان سنڌوءَ جي وهڻ جو خاڪو ياد اچي ويو، ۽ مون کي ٻٽائيءَ جو محبوب جي وهيءَ تي بيت ياد اچي ويو...

آءٌ الائجي ڪيترو وقت هن مجسمي کي ڏسندو رهيس، ۽ پوءِ مون هن جو آواز ٻڌو: "هاڻ ڪيئن آهيو؟"

سندس آواز ۾ ڪا اهڙي ڳوراڻ هئي، جنهن منهنجي جسم سان ٽڪرائجي، مون کي وڌيڪ نِستو بڻائي ڇڏيو. ان آواز کي به ڇڻ هڪ شڪل هئي، هڪ تَنَ هو، هڪ روح هو. مون کي اهو به احساس ٿيو ته آواز جي ان بدن ۾ هڪ پنهنجائپ، هڪ ويجهڙائي موجود هئي، بلڪل اهڙيءَ طرح، جئن منهنجي گرم بستري ۾ هڪ ويجهائي، هڪ پنهنجائپ هئي. جنهن ۾ پرايو، اوپرو کي ڪونه هو. ان جي باوجود ان سان ٽڪرجڻ سان مون ۾ نِستائي وڌي ويئي هئي، ۽ مون جهيٽي آواز ۾ چيو: "جيئرو آهيان!"

مون سمجهيو هو ته مون نهايت جهيٽي آواز ۾ جواب ڏنو هو، پر پوءِ خود مون کي ان آواز جو پڙاڏو ڪمري ۾ گونجندو محسوس ٿيو. ان "جيئري هجڻ" جي اعلان مون کي پنهنجو سَتَ ۽ ٻَلَ واپس ڏيئي ڇڏيو. آءٌ حيران ٿي ويس ته جيئري هجڻ جو احساس ته نهيو، رڳو ان جي اعلان ڪرڻ ۾ به ڪيڏي نه زندگي هئي! ان وقت تائين شايد مون کي احساس نه هو ته آءٌ ڪو جيئرو هوس. پر مهروءَ جي موجودگيءَ، ان احساس کي نه رڳو جنم ڏنو، پر اهو احساس منهنجي نَس نَس ۾ سمائجي ويو. ڪنهن نامعلوم جذبي تحت آءٌ اٿيس، ۽ سندس بلڪل سامهون بيهي رهيس. اسان جي ٻن وجودن جي وچ ۾ خيرڪو فاصلو هو: مون هٿ سان سندس ڪاڏي مٿي ڪري، سندس اکين ۾ نهاريو. دل ٻڌڻ واري ڪيفيت تي ڪا نئين همٿ، نئين قوت، نئين سگهه حاوي ٿي ويئي. منهنجي چپن ۾ اٿلڪي جنبش پيدا ٿي، ۽ اهي چوڻ لاءِ آتا هئا ته "اسين گهڙي ڪن انهن ڪنول-اکڙين کي چمڻ چاهيون ٿا!"

منهنجي چپن جي ڳالهه شايد مهروءَ جي اکين ٻڌي ورتي، ۽ انهن ۾ هڪ

گهري گنيبرتا اچي ويئي. هن جي منهن جي ڳاڙهاڻ وڌيڪ لال ٿي ويئي: منهنجي هٿ کي هٿائيندي، هن چيو: "ڏاها ٿيو!"

۽ آءٌ اهو سوچيندي ڪٿ تي ويهي رهيس ته هوءَ مون کي ڪهڙي ڏاهپ ڏسي رهي هئي: پيار جي ڏاهپ، ويجهڙائيءَ جي ڏاهپ يا طعني جي ڏاهپ، دوريءَ جي ڏاهپ، پرائي هجڻ جي ڏاهپ! الائجي ڇو مون کي بابو ياد اچي ويو: ريشمي گوڏ ۽ ڇاتيءَ جي وارن سان ليٽيل... ۽ پوءِ اها ڏاهپ مون کي ڏنگڻ ۽ ڏنيڻ لڳي. ان ڏنگ کان بچڻ لاءِ مون وري هن ڏانهن نهاريو، پر هوءَ اتي ڪانه هئي... الائجي ڪيڏي مهل اتان هلي ويئي، ۽ مون کي اهي ڏنپ ڪيترا ڏينهن وسري نه سگهيا...

جنهن ڏينهن آءٌ گهوڙيءَ تي چڙهي، ٻنين ڏانهن نڪري ويس، ان ڏينهن امان صدقي جون ديڳيون لاٿيون. سڄو ڳوٺ دعوتي هو، ۽ پهريون پيرو مون پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن کي وري انساني نظرن سان ڏٺو. الائجي ڇو مون کي اهو محسوس ٿيو ته سيني جا منهن لٽل هٽا، شينهن جهڙا قداور مڙس، نندڙن ٻلونگڙن وانگر هيسيل ٿي ڏٺا. مون کي اوطاق ۾ داخل ٿيندو ڏسي، سڀ اٿي بيٺا...

"رئيس، مبارڪون لک مبارڪون!"... "رئيس، ڀلائيون هجنئي!"... "رئيس، شال جواني ماڻين" جا آواز هڪ ئي وقت ٻڌڻ ۾ آيا، ۽ مون کي اهي ڪيڪرون مهٽا ۽ طعنا محسوس ٿيڻ لڳيون. مون کي انهن ۾ ظاهري خلوص ته نظر آيو، پر ان خلوص جي پويان، مون کي رڳو پَت جي بوءِ نظر آئي. مون کي ڄڻ يقين ٿيندو ٿي ويو ته هنن جي مون سان سچي پيچي همدردي خير کا هئي. اها همدردي اڏاري اڏاري، ڏارين جهڙي هئي. انهيءَ ۾ پنهنجائپ نه هئي؛ ڄڻ ته هو وڏي واڪي چئي رهيا هجن: "رئيس، اسين سال ۾ هڪ ٻ پيرو چانورن جو منهن ٿا ڏسون، ۽ سوبه ڦنڊرن ۽ دَنبن جي لذيذ گوشت سان گڏ، يا وري تهريءَ جي شڪل ۾؛ سو جڏهن به هڏو پيٽ يا تهري ڪارائيندؤ، اسين اوهان جي دَرَ تي، ڪوهن جا ڪوهه پنڌ ڪري اچي سلامي ٿينداسين ته من پوتڙي ۾ پَتَ جا ٻه ٽي گراهه ٻچن لاءِ کڻي ويون! تون شل روز واهه ۾ ڪرين، ۽ روز چڳو ڀلو ٿين! نه ته اسان کي توسان ڪهڙي همدردي؛ اسين ته جيڪي اُپايون ٿا، سو ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان بابهين کڻيو ويجي، ۽ اسين ڪري تان پوتڙو ڇنڊي، ڏٺيءَ جو نالو پاڻ سان کڻيو ويون! اسان کي توسان بنهه همدردي ڪانهي. شايد اسان کي تولاءِ پاڻ کا نفرت آهي. جيڪڏهن وسَ پڄيسون ته هوند تنهنجي، تنهنجي بابي جي ڳچي مروڙي ڇڏيون، ۽ پوءِ هن اوطاق جي پٽين گدام کي ڀڃي، اسين ڪٽڪ، چانور، جوئر ۽ ٻاجهر ۾ پاڻ کي وهنجاري ڇڏيون؛ بابهين جون سَريتون گهرن ۾ آڻي، پرڻجي ويهي رهون!... پر وَسَ نٿو پڄي... اسين اڪيلا، ڇڙوڇڙ آهيون نه، تنهن ڪري! ۽ اسان جا ٻچڙا بکيا، انگ اگهاڙا به انهيءَ ڪري آهن جو..."

اهي ازغيبي آواز منهنجي ڪنن ۾ ٻَرڻ لڳا، ۽ مون سمجهيو ته شايد آءٌ اجان

مڪمل طرح صحتياب نہ ٿيو آهيان. شايد ان ڪري مون کي هن هيسيل ماڻهن، ۽ سندن بند، پر خاموشيءَ سان سرگوشيون ڪندڙ زبانن کان ڊپ ٿيڻ لڳو. مون ڪجهہ هيسجي بابي ڏانهن ڏٺو: بوسڪيءَ جي قميص، تنهن ۾ سونا ٻيڙا، بوسڪيءَ جي سٽڻ، جنهن مان پَٽَ جي ڊگهي اڳڻ جو پلاند ٻاهر پئي لڙڪيو؛ بوسڪيءَ جو پٽڪو، ٻانهن ۾ سوني پونچيءَ سان ٻڌل واچ، شڪاري ڪپڙي جو نئون سبيل ڪوٽ، وارن ۽ مڇن تي تازو ڪيس ڪيل، جنهن جا داغ اڃان تائين سندس لوٽن ۽ ناسن وٽ نمايان هئا، ٻنهي ڪنن ۾ عطر جا ٻڙا، ڳچيءَ ۾ پستول جو پٽو، سندس نظرن ۾ حقارت ڀري هڪ مرڪ: ماڻهن جي هن هجوم تي سندس اک ئي ڪانہ ٿي ٻڌي!

الائجي ڇو مون کي بابي جي بيعزتي ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو، ۽ بنان گهٽو سوچڻ جي، پريان چاچي خيري کي تڏي تي ويٺل ڏسي، اڳتي وڌي تڏي تي ويهي رهيس. چاچو خيرو تہ ڇڻ سراپجي ويو، ۽ گهٽيل گهٽيل آواز ۾ چئي ڏنائين: "ابا ابا رئيس، هي ڇا ٿو ڪرين؟... ڀلا بيهہ تہ آءٌ ڪٽ ئي ڪٽي وٺان..."

مون ٽيڏي اک سان بابي ڏانهن ڏسي چيو: "نہ چاچا، هت تڏي تي ويهي، توسان رهاڻ ڪرڻ تي دل ٿي چوي..."

۽ ڪيتريون اڪيون حيرت مان مون ڏي ڪڇي ويون... انهن نظرن ڇڻ اهو پئي چيو تہ "تنهنجي اها حرڪت اسان جي سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي. ان ۾ بہ تنهنجي وڏيرائپ جي ڪا رمز ٿي ياٽنجي!" مون کي سندن اکين جو اهو نياپو پڙهي چڙ اچي ويئي: هي ماڻهو منهنجي خلوص ۾ بہ شڪ ٿا ڪن... آهن بہ تہ ٽڪي جا ماڻهو...! ۽ تيسين چاچو خيرو چئي رهيو هو: "ڀلا رئيس، بيهہ تہ آءٌ اجرڪ وڇائيان پوءِ ويهہ!"

مون سندس هٿ کي ٿوري بي صبريءَ مان جهٽڪو ڏنو، ۽ اتي ئي ميري سيري تڏي تي پٽلي ماري ويهي رهيس. پنهنجي چڙ تي قبضو ڪندي، ٿورو مرڪندي چيم: "چاچا، خبرون ڪر، ڳوٺ جو ڪهڙو حال آهي؟"

ويچارو چاچو خيرو هيسجي هيڏو ٿي ويو، ڇڻ تہ هن کان ڪو بدسوڻ ٿي ويو هو. مئل آواز ۾ چيائين: "ابا، مڙوئي خير آهي؛ ڏٺي جون ڀلايون آهن!"

منهنجي چڙَ وري مون تي حاوي پوڻ لڳي هئي: "هون، عجيب گڏهہ انسان آهن هي... پيٽ ۾ بک هوندن، بدن تي ليڙ بہ نہ هوندن، سندن زالن ۽ نياڻين کي ڪو وڏيرو سريتون ڪريو وهاريو ويٺو هوندو، تڏهن بہ چوندا: 'رب جون ڀلايون، خدا جا شڪرانا آهن!' " منهنجي من ۾ آيو تہ رڙيون ڪري ڪين ٻڌايان تہ اوهان لاءِ وڏيرو ۽ خدا هڪجهڙا آهن... هڪڙو اوهان جي زالن کي ٿو سريتون بنائي، ۽ ٻئي وٽ اوهان جا روح قبضي ۾ آهن... پر چاچي خيري ۽ ٻين سمورن

جي منهن تي اهڙي محرومي ۽ اٻوجهائي نظر آئي جو منهنجي دل دهلجي ويئي. هن غريبن وٽ وري به ڪو ته سهارو آهي، پوءِ ڪيترو اٿلڪو سهي، اهو هن کان کسڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ سندن دل ڏکوئبي، هو پنهنجي زندگيءَ جي ڏِس وڃائي ويهندا... ۽ هي اڻ سونهان ماڻهوئڙا پنهنجي ويران ويران حياتيءَ ۾ ان رَڄَ کان به وانجها ٿي ويندا، جنهن مان سندن اکين جي اُڃ ته لهي ٿي! هي اهڙا حساس ته ڪونهن جو چئي ڏين ته: "اسين اڻ سونهان سونهون!"

مون کي چاچي خيري تي رحم اچي ويو. هن کان جيڪڏهن خدا تي ڀروسي جي آخري لٽ به ڦري وڃي ته هي ٿاٻڙجي، ڪنهن گهڳهه اونداهي کڏ ۾ ڪري پوندو. هي اڳيئي جهڙيل، جهنجهريل، ڇڇريل هستي وڌيڪ جهري پوندي. گهڙي لاءِ مون کي اهو خيال آيو ته منهنجو اهو سوچ جو انداز به ته هڪ وڏيري جي پُٽَ جي سوچ جو انداز آهي، پر مون جهٽڪو ڏيئي اهو خيال پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو، ۽ ميڻاج سان چاچي خيري کان پڇيم: "چاچا، علوءَ جا ڪهڙا حال آهن؟"

"ابا، مون وٽ ته هاڻ رڳو دعائون وڃي بچيون آهن: هن جي بچڻ جي ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي سُجهيم. ڳري هڏا ٿي ويو آهي: جيڪا ٿو ٿُڪَ ڇڏي؛ سا رڳو رَتَ جون پَوٽيون... مسيت وارو حڪيم به چوي ٿو ته هاڻ بچڻ جو ڪو آسرو ڪونهيس!"

"پوءِ سرڪاري اسپتال ڇو نه ٿو ڪٽي وڃينس؟"

گهڙيءَ لاءِ چاچو خيرو چپ ٿي ويو. سندس منهن تي پيڙا جي هڪ لهر آئي، ۽ سندس چهري کي وڌيڪ هڻڌو بڻائي ويئي. سندس نِگاهن ۾ ڄڻ ڪو ڏورانهون منظر اچي ويو: "ابا، ان لاءِ ته گهرجي ناٿي جي خُرزين، سا ته مون وٽ ڪانهي. چون ٿا ته ڪيترو به علاج ڪرائيندين، ڇورو بچندو ڪونه!"

مون چاچي خيري جي اکين کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هن به پنهنجي سڏڪي کي لڪائڻ لاءِ ڪٽي زمين ۾ نظرون کپايون.

ايتري ۾ رمون ڪمدار جو آواز آيو: "ابا، جاءِ ڪريو ته ماني رکايون!"

مانيءَ جو ٻڌندي هجوم ۾ ڪجهه سرهائي اچي ويئي. ان سرهائيءَ ۾ ڪيڏي نه بک هئي! ڪيڏي نه تانگهه هئي!

آءٌ ماني کائڻ بنان هليو آيس: بابا جي ڪٽ وٽان لڳهندي مون وري به اها نفرت جي لهر محسوس ڪئي، جا هن جي اکين مان نڪري منهنجي تن بدن سان ٽڪرجڻ لڳي هئي. پر مون پَٽ ورائي ڪونه نهاريو: متان اهي نگاهون مونکي ڪنهن احمقپڻي تي مجبور نه ڪن. آخر به ته هو مون کي هن جهان ۾ آڻڻ جو سبب بڻيو هو... هو منهنجو پيءُ هو.

حويليءَ ۾ عجيب شور متل هو. دَرَ تي ڪٽان ڪٽان جون آيل فقيراڻيون صدائون هٽي رهيون هيون، ۽ اندر زالون، ڪي هيسيل، ڪي همت واريون، ٻانهيون، وڏيريون سڀ ملي اهڙو گهمسان مچائي رهيون هيون جو آءٌ پاسو ڏيئي لنگهي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. ڪڙو ڏيئي انهن ئي ڪپڙن ۾ هنڌ تي ليٽي پيس، ۽ الائجي ڪيڏي مهل مون کي ننڊ اچي ويئي...

سوير سمهي رهڻ جي ڪري صبح جو جاڳ به ساجهر ٿي. وقت ڏنم ته اڃا چار ٿيا هئا. بوٽ سوڏو سمهي رهڻ ڪري پير تپي پيا هئا، جن جي ڪري شايد دماغ تي به ان جي تپت وڃي پهتي هئي، ۽ ذهن ۾ ڪي ئي اڙيا ٿڙيا پريشان خيال اچي گڏ ٿيا هئا، جن جي گهمسان ٿڪائي وڌو هو. ننڊ مان اٿڻ سان، ڪيترو وقت ته آءٌ اونداهه ۾ گهوريندو رهيس. اوندهه ۾ ٽيبل، ڪرسي، ڪپڙن جي ٽنگڻين ۽ ڪٻٽن جا خاڪا منهنجي اکين آڏو پوتن وانگر نچڻ ٽپڻ لڳا هئا ڇڻ ته هنن ۾ جان پئجي ويئي هئي، ڇڻ ته هوئي جيئرا جاڳندا ساهوارا هئا، ۽ آءٌ هڪ بيجان شئي. آءٌ ڪمري جي سامان ۽ فرنيچر جو هڪ بيجان حصو هوس، ۽ هو منهنجي اوپري موجودگيءَ تي اعتراض ڪندي، پاڻ ۾ اشارن ئي اشارن ۾ دليلبازي ڪري رهيا هئا. مون ۾ اها شديد آرزو پيدا ٿي ته آءٌ ڪين ڇُهي ڏسان؛ ان ارادي سان ڪٽ تان لهي، انهن شين کي هٿن سان ڇُهي ڏسڻ لڳس. سندن ناج اوچتو روڪجي ويو، ۽ هو وري بيجان شيون ٿي ويون. عين ان وقت ٻانگي جو حسرت ڀريو آواز ڪن تي پيو. سندس آواز وراڪا ڏيندو فضا کي به حسرتناڪ بنائيندو ويو. مون کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو ته ڇڻ ته سموري دنيا مري ويئي هئي، ۽ ٻانگو دنيا جي موت تي پار ڪڍي روئڻ لڳو هو. فجر جي ٻانگي جو ننڊاڪرو آواز هميشه مون تي عجيب مايوسي طاري ڪري ڇڏيندو هو. ان ۾ انسان جي مجبوري ۽ بيوسيءَ جي هڪ دردناڪ بازگشت محسوس ٿيندي هيم، ڇڻ ته هن دنيا ۾ محض ڏک آهن، ۽ خوشي ڪنهن پاڻ وهيٽي پريءَ جي صورت ۾، دنيا کان ڪاوڙجي، رَسي هلي ويئي هجي!

آءٌ ڪجهه گرم ڪپڙا پائي، ڪمري کان ٻاهر نڪتس. حويليءَ ۾ ننڊاڪري ماڻ ڦهليل هئي. ڪنهن ڪنهن ڪَنڊ مان مڪڙين ۽ تڏين جو هلڪو چرڪاٽ، رکي رکي ان ماڻ ۾ خلل وجهي رهيو هو. مهروءَ جي ڪمري اڳيان اچي، منهنجا قدم پنڊپهڻ ٿي ويا. ڇا اهائي منهنجي منزل هئي؟ آءٌ اڃا انهيءَ مونجهاري ۾ هوس ته اسانجو ڪتو "موتي" نوس نوس ڪندو، منهنجي ٽنگن ۾ وچڙي، پيار مان پنهنجو جسم منهنجي ٽنگن سان مهٽڻ لڳو. هن مون کي سڃاڻي ڪو آواز ڪونه ڪيو؛ ڪتي جي ان محبت ۽ پنهنجائپ کي ڏسي منهنجو من ٽاڪَڙن ٿي پيو- ۽

تڪڙو تڪڙو ڏيڍيءَ مان ٿيندو، حويليءَ کان ٻاهر هليو آيس!

ٻاهر به ماحول تي پوري ڪاري سانت ڇانيل هئي. ايئن ٿي ڀانيو ته اوندهه ان ماڻ جو جسم هئي، يا ماڻ اوندهه جو ڪارو جبو پائي، آبشار وانگر ماحول تي ڪِري رهي هئي. ان ماڻ ۾ وَڻَ به ڇڻ اوندهه جا پاڇولا بڻيل هئا. پرهه ڦٽڻ تي هئي، ۽ ڪنهن ڪنهن وڻ مان هڪ اڌ پکيءَ جو آلاپ، ماڻ کي ٽوڙڻ جو جتن ڪري رهيو هو، ڇڻ ته پکين به سانت کي بدشگني ۽ اُپسوڻ تي سمجهيو. ڪَنڊيءَ واري مسجد ۾ نمازي هڪڙو هڪڙو تي داخل ٿي رهيا هئا. پرهه جي يَڻ جُهڻ روشنيءَ ۾، انهن جا وجود به وٽن کان مختلف نه هئا؛ وٽن جا وجود ڄميل ۽ ساڪت هئا، ۽ هنن نمازين جا وجود چرندڙ ۽ متحرڪ: مون سوچيو ته شايد اهو تحرڪ ئي انسانن کي وٽن کان نرالو بڻائي ٿو!

مسجد جي ويجهو پهتس ته چاچو خيرو به نماز پڙهي ٻاهر ٻئي نڪتو: ڪارَ سِري روشنيءَ ۾ هن مون کي نه سڃاتو. مون ڪيس سڏ ڪيو ته هن کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو. هن کي ايترو ساجهَر پئيان سڏ ٿيڻ جي اميد نه هئي. مون سوچيو: هنن ويچارن جي زندگي ڪيتري نه سَهميل ۽ ڇرڪيل آهي. هلڪي آواز يا سَڏَ تي به هنن کان ڇرڪ نڪريو وڃي. ڪيڏو نه ڀؤ، ڪيڏي نه بيوسي ڇانيل آهي هنن جي حياتين تي!

چاچي خيري ڪيڪاريندي چيو: "رئيس، پرهه جو ڪيڏانهن نڪري پيا آهيو؟"

مون کي اهو لفظ "رئيس" ٻڌندي ئي احساس ٿيو ته چاچي خيري مون کي "پنهنجن" جي دائري مان ڪڍي، "ڌارين" ۾ شمار ڪري ڇڏيو آهي. مون کي سندس پنهنجائپ وڃائي ڏاڍو افسوس ٿيڻ لڳو، دل چيو ته ڪيس چوان: 'چاچا، اها رَڪائي ڪڏهن کان؟' پر اکر نه اُڪليا. مون صرف ايترو چيو: "بس چاچا، ايئن ئي تازي هوا کائڻ نڪري پيس... توکي ڏٺم ته سوچيم ته علوءَ کي هلي ڏسان..."

پير مرد کو جواب ڪونه ڏنو. فقط ايئن ڀانيم ته هڪ ٽڏو ساهه چپن تي اُڀري آيس، پر مون کان لڪائڻ خاطر، ان ساهه کي هري هري پنهنجي ساهه سان ملائي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جئن ڪو ننڍاڪرو ماڻهو، اوباسي اچڻ تي، ٻين ماڻهن جي ٽوڪ کان بچڻ خاطر، اوباسيءَ کي نَڪَ ۽ وات مان ڊڳهو ڊڳهو ساهه ڪڍي، پي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو آهي! مون سوچيو، جن ماڻهن کي پنهنجون آهون ۽ دانهون به ايئن ساهه سان سانڍيون پون، تن جي زندگيءَ جو درد به ڪيترو نه تڙڦائيندڙ هوندو!

چاچي خيري جي ڪڪائين جهوپي ۾ پهچي آءٌ لوڳهي تي بيهي رهيس ته پاڻ

مون کي ٻانهن کان جهلي اندر وٺي آيو. ان وقت هن منهنجي ٻانهن کي جيڪو زور ڏنو، ان ۾ هن جي پنهنجائپ موٽي آئي هئي. اندر داخل ٿيس ته منهن جي هڪ ڪنڊ ۾، قاتل رلين ۾ علو ويڙهيو سيڙهيو ستو پيو هو. ڪڙڪو ٻڌي هن اکيون کوليون. مون علوءَ کي نه سڃاتو؛ سڃاڻڻ جهڙي ڪا شئي هن ۾ باقي نه رهي هئي! ان سرير ۾ يا ته هڏيون ۽ پاسراٽيون هيون يا اَيريل اَيريل ڪاريون نيريون نسون! سندس پنهنجي قميص هن جي بدن تي ايتري ويڪري هئي جو ايئن ٿي ڀانئيو جڻ ڪنهن حد کان وڌيڪ ٿلهي ماڻهوءَ جا لاتل ڪپڙا پاتا هئائين. سندس اکين ۾ ٻه ڏيانٽيون ٻري رهيون هيون، جن ۾ جوت ته هئي، پر اهڙي جوت جا ڪنهن شڪار ٿيل زخمي سيهڙ جي اکين ۾ هوندي آهي. منهن ۾ ماس نه هئڻ ڪري، سندس ڏند معمول کان وڌيڪ وڏا ۽ ٻاهر نڪتل ٿي محسوس ٿيا. مون کي هن جي حسن ۽ خوبصورتيءَ جو اهو زمانو ياد آيو جڏهن ليلا چنيسر جو ناٽڪ ڳوٺ ۾ ڪرڻ وقت اسان هن کي "چنيسر" ٺاهيو هو. ڳوٺ جي سمورن ڇوڪرن مان سڀ کان قداور ۽ شڪل جو ٺاهوڪو علو ئي هو. سنڌ ناٽڪ منڊليءَ جي مشهور روپڪار سَندر به اهو ناٽڪ ڏٺو هو، ۽ هن چيو هو ته جيڪڏهن علو هن سان گڏجي هلي ته هو هن کي ساري سنڌ گهمائيندو ۽ چار ڏوڪڙ به ڪمائي ايندو! اڄ اهو چنيسر ڪيڏو نه پيانڪ، ڪيترو نه بدصورت هو!

علوءَ به جڻ منهنجي دل ۾ متل هلچل کي پڙهي ورتو، ۽ جهيٽي آواز ۾ چيائين: "انو، حياتيءَ جو ناٽڪ اچي پوري ٿيڻ تي بيٺو آهي!"

هن مون کي رئيس بدران، نديڻ جي ياراڻي نالي سان سڏيو هو، ۽ حجت ڪري، ڪيڪر کي به اجايو سمجهيو هئائين: زندگيءَ جي حقيقتن جي چائنڻ جهلي بيٺو هو. مون کي هن جي دردناڪ حالت تي رحم سان گڏ، هڪ عجيب خوشي ٿيڻ لڳي هئي: علوءَ وٽ اجا ماضي ڪِنو نه ٿيو هو، پنهنجائپ ۾ ڌاريائپ اجا منهن نه وڌو هو!

مون کي نڙيءَ ۾ ڪَنڊ ڪَنڊ محسوس ٿيڻ لڳي. اکين جي ڪَنڊن ۾ ڪا تپش محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ پوءِ مون اوچتو چئي ڏنو: "علو، اڄ اڄ ته شهر گهمي اچون. تون تيار ٿي وڃ ته آءٌ اجهو موٽيس!" چاچو خيرو ۽ علو حيرت مان مون ڏي ڏسڻ لڳا، پر آءٌ هنن کي ان اچرج ۾ مبتلا ڇڏي ٻاهر نڪري آيس.

منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال ارادو بڻجي داخل ٿيو، ۽ آءٌ ڪلاڪ کان پوءِ بابي جي جيپ ڪاهي موٽيس. چاچو خيرو ۽ علوَ اجا حيرت ۾ هئا، ۽ جيپ جو آواز ٻڌي جڻ زمين تي موٽي آيا. ۽ پنهنجي چوڌاري شين کي عجيب رحم ڪائڻ وارين نظرن سان ڏسڻ لڳا، جڻ هو انهن کي پهريون ڀيرو ڏسي رهيا هئا. جيپ جي

موجودگيءَ هنن کي پنهنجو مختصر ۽ مسڪينيءَ جي سامان جو تجزيو ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو: ڪيڏي نہ تيڄ هئي هنن جي موجودات، ڪيڏي نہ بي حقيقت هئي هنن جي زندگي! جيسين هنن شاهوڪاري بنهہ پنهنجي مدمقابل نہ ڏٺي هئي، تيسين هنن جي دل ۾ مسڪينيءَ جو احساس گهري ننڊ ڀيو هو. جڏهن پنهنجي سامهون شاهوڪاريءَ جي علامت ڏٺائون تہ هنن ۾ تجزئي، ريس ۽ هراس جا احساس پيدا ٿيا، ۽ هو ڪجهہ هيسيل هيسيل نظرن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳا. اهڙي ئي هڪ نظر، آءٌ ان کان اڳ واري شام جو، ڳوٺ جي اڪثر ماڻهن ۾ ڏسي چڪو هوس، ۽ مون اهو منظر وري ياد ڪرڻ نٿي گهريو، سو جلدي جلدي، علوءَ کي اٿاري کيس جيپ ۾ وهاريم. چاچو خيرو بہ پويان چڙهي علوءَ جو ڪنڌ پنهنجي جهول ۾ رکي ويهي رهيو. هو ٻئي ماڻ ۾ هئا. اندر جي آنڌ ماندڻ هنن کان ڳالهائڻ جي طاقت ئي کسي ورتي هئي!

لوڙهي کان جيپ ڪڍي، ٿوري ئي پنڌ تي جيپ روڪي بيهي رهيس، ۽ چيم: "چاچا خيرا، آءٌ اجهو ٿو موٽان!"

ائين چئي، آءٌ هڪ ٻئي گهر ۾ گهڙي ويس، جيڪو ڪڪن بدران اوڏڪي پٽين جو ٺهيل هو. اندر گهڙڻ سان مون کي ڄڻ تہ ڪَنجهي جي وٽي يا ڪنهن ٿانءَ جي ڪرڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: هڪ جي پٽيان ٻيو! ۽ مون ڏٺو تہ نورل ٻئي هٿ پيٽ کي ڏيئي ڪنگهي رهيو هو، ۽ اهو آواز هن جي ڦڦڙن مان اچي رهيو هو. هيٺ زمين تي چوڏاري ڪارسِرو رَتَ مٽيءَ ۾ گڏجي وڏيڪ ڪارو ٿي ويو هو. سندس همت ۽ جوانمڙسيءَ جي هاڪ مون سڄي تَرَ ۾ ٻڌي هئي. پهلوان مڙس کي سلهہ ٿوري عرصي ۾ اڏوهيءَ وانگر ڪائي ويئي هئي. هن جي اکين ۽ علوءَ جي اکين ۾ وڏو فرق هو: علوءَ جي اکين ۾ هراس ۽ بيوسي هئي، نورل جي اکين ۾ زهر ڀريل طنز ۽ ويرَ ڀريل هو. ڄڻ هو سڄي دنيا سان ناراض هو. جڏهن مون پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي، تڏهن اهو ويرَ ۽ اها طنز تهان ئي وڌي ويئي. ڪنگهہ جي ڪري اڳ ئي سندس اکيون ٽانڊاٽا ٿي رهيون هيون، ۽ هاڻ مون کي ڏسي، اهي ٽانڊا، جنسي باهہ جا آلا بڻجي، مون کي پيسر ڪرڻ لڳا. سندس بدن شايد ڪاوڙ کان هيڪاري وڏيڪ ڏڪڻ لڳو. ان ڪاوڙ ۾ هن جي ڪنگهہ بہ گهڙيءَ لاءِ بند ٿي ويئي.

هن سهڪندي چيو: "رئيس خير تہ آهي، اڄ مون غريب جي دَرَ تي لنگهي آيا آهيو... پر هاڻ مون وٽ ڇا آهي، جو کسڻ آيو آهين... متان جاءِ سودڻ آيو آهين... جاءِ بہ تہ مون گروي رکي ڇڏي آهي... باقي هي هڏا وڃي بچيا آهن، سي بہ اوهان جي پَيَ ڀرڻ ۾ ڪم اچن تہ بسم الله!" هن اهي لفظ نهايت ڪاوڙ مان چيا هئا، پر اهي لفظ برف جهڙا ٺڏا هئا، ۽ منهنجي ذهن کي پاري جيان ساڙڻ لڳا.

پر مون پاڻ ڏيرج سان چيو: ”نورل، بابا جو بدلو مونکان ڇو ٿو وٺين؟ آءٌ تہ توکي وٺڻ آيو آهيان تہ توکي شهر جي اسپتال ۾ داخل ڪرايان...“ انهن لفظن چوڻ وقت منهنجو ذهن هر جذبي، هر احساس کان وانجهو هو!

هن ڇڻ تہ مون کي وَڍڻ لاءِ چيو: ”تہ جيئن رئيس وڏي جي جند مون مان هميشه لاءِ ڇٽي پوي... ۽ مهروءَ سان بي ڏڙڪ بي ڪنڪي رهاڻيون ڪري سگهي؟... واهہ رئيس واهہ، واهہ جي واٽ ويڙهائي اٿوَ... منهنجي ٻانهن مون کان ڦريوَ... منهنجي ٻچڙي کي الائي ڪهڙي هاڃي ۾ هنيوَ... حڪيم کان منهنجو اهڙو علاج ڪرايوَ جو هاڻ هَنگان مُٽان ڪَٽَ تي... اڃان بہ پيٽ نہ ڀريو اٿوَ... ڀلائي ڪري هاڻ تہ مون مسڪين جي پَڇَرَ ڇڏيو... تہ تہ...“

مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ ڪو ڪَنل روح رڙيون ڪري، ساري ڪائنات کي شاهد بنائي رهيو هو.... پر تڏهن بہ مون کي الائي ڪهڙو خيال آيو، ۽ منهنجي وات مان نڪري ويو: ”نورل، مهرو تنهنجي بہ تہ نڪاح ٻڌي ڪانہ هئي!“

آءٌ اهي لفظ چئي تہ ويس، پر پوءِ مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو... مون کي محسوس ٿيو تہ ڇڻ اهو جملو مون مهروءَ کان ڪو بدلو وٺڻ لاءِ چيو هو!

نورل تي ڇڻ ڪو گاسليٽ جو ڇنڊو پيو... ”رئيس... مهروءَ کي مون پنهنجي بازن جي سگهہَ سان آندو هو... ڪهاڙين ۽ بندوقن جي اوڙاهہ مان ڪڍي آيو هوسانس.. سال برابر اسين پوليس ۽ وڏيري گلڻ خان جي ماڻهن کان لڪندا وتياسين... ۽ جڏهن هت اچي پنهنجو گهرڙو اڏي ويئس تہ ملان بہ نڪاح پڙهائڻ کان نهڪر ڪئي... اسين تڏهن بہ نہ مڙياسين... پر اسان تہ ايئن سمجهيو هو تہ اسان جو ازل کان نڪاح آهي؛ جيڪڏهن مُلي نڪاح نہ پڙهايو تہ ڇا ٿي پيو... ۽ تون ٿو اڄ مون کي طعنو هڻين تہ مهرو منهنجي نڪاح ٻڌي جوءِ ڪانهي...!“

نورل کي اَيَساهي ٿي پئي، پر هن ڇڻ پنهنجي پاڻ تي جبر ڪندي وري چيو: ”رئيس، منهنجو وات نہ کولاءِ، نہ تہ رئيس وڏي جي اولاد ۽ نڪاحن جي بہ راڄن کي خبر آهي...!“

هن مون کي گار ڏيئي ڪڍي هئي؛ سچي گار تي هونئن بہ مٺيان وڏيک لڳندي آهي، پر مون کي پوءِ بہ مَٺيان نہ لڳي، ۽ وري بہ ڏيرج سان چيم: ”ڏس نورل، گارين ڏيڻ مان ورندو ڪجهہ بہ ڪين... آءٌ تنهنجي دَرَ تي گاريون کائڻ ڪونہ آيو آهيان... پر جيڪڏهن گارين ڏيڻ سان تنهنجي دل جو بار ڪجهہ هلڪو ٿئي ٿو تہ جيڪي وٺئي، سي ڏيئي وٺ.... بابي جيڪي توسان ڪيو، تنهن جي مون کي خبر آهي... بابي بدران آءٌ جيڪڏهن توکان معافي گهرندس تہ بہ ان ۾ ڪو ڦيرو ڪونہ ايندو... آءٌ تہ ان لاءِ آيو هوس تہ... جيڪڏهن آءٌ انهن حالتن

کي بدلائي نٿو سگهان ته گهٽ ۾ گهٽ توسان ڪو پير ته ڀري سگهان ٿو. مون کي ڳوٺ آئي ٿورا ڏينهن ٿيا آهن. ٻڌم ته چاچي خيري جي ڇوڪري ۽ توکي سلهه ٿي پئي آهي. شهر جي اسپتالن ۾ جيڪڏهن اوهان جو علاج ٿئي ته هوند اوهين چڱا ڀلا ٿي پوندا..."

مون هِڪَ نِڪَ هن جي منهن ۾ ڏسندي، ڪجهه ڊپ، ڪجهه اميد سان وري چيو: "اعتبار ڪر، منهنجو مقصد رڳو اهو آهي ته اوهان جو علاج ٿئي... علوَ پڻس سوڌو ٻاهر جيپ ۾ ويٺو آهي. بابي کي ته اها به خبر ڪانهي ته ڪو آءٌ سندس جيپ ڪاهي شهر ٿو وڃان، نه ته شايد جيپ کي به سنگهرون هٿائي ڇڏي ها! جيڪڏهن مون تي اعتبار ڪري سگهين ته مون سان گڏجي هل؛ چڱو ڀلو ٿي، پوءِ جيئن وٺيئي تيئن ڪر. بابي سان وڙهي مهروءَ کي هٿ ڪرين يا ان ويڙهه ۾ مارجي وڃين، سو تون ڄاڻ، تنهنجو نصيب!"

مون کي پڪ نه هئي ته آءٌ ڪا ايڏي ساري تقرير ڪري سگهندس يا نورل تي ڪو اثر وهاري سگهندس. پر جڏهن مون ڳالهائڻ بند ڪيو ته نورل ڪنگهندي آٿيو: لٽ تي ٽيڪ ڏيندو، هو مون سان جيپ تائين گڏجي آيو.

جڏهن آءٌ پنهي مريضن کي سينيٽوريم ۾ داخل ڪرائي موٽيس، تڏهن ٻئي آءٌ پنهنجي مقصدن تي سوچڻ لڳس. چاچو خيرو، شايد دل ئي دل ۾ روئي مون کي دعائون ڏيئي رهيو هو، ۽ آءٌ جيپ جي رفتار سان پنهنجي خيالن کي سلجهائڻ لڳس. علو ۽ نورل کي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري، سينيٽوريم ۾ داخل ڪرڻ ۾ مون وٽ ڪهڙا مقصد هئا؟ منهنجي مراد ۽ منشا ڇا هئي؟ ان مراد ۾ احسان ڪري ڏيکارڻ جي جذبي جو ڪيترو حصو هو؟

علو منهنجو ننڍپڻ جو يار هو. چاچي خيري سان به منهنجي ڏاڍي دل هئي. هو غريب هئا، ڏتڙيل هئا. ڇا منهنجو اهو فرض نه هو ته آءٌ هنن جي مدد ڪريان؟ پر جيڪڏهن ايئن هو ته پوءِ منهنجي ساڳئي ڳوٺ ۾ ٻيا به ڪيترائي سلهه جا مريض هئا، مسڪين هئا: مون انهن جي مدد ڇو نٿي ڪئي؟ مون ۾ اهڙو حاتم طائي ٿيڻ جو جذبو ڪڏهن کان پيدا ٿيڻ لڳو هو؟ يا " منهنجي نظر چاچي خيري جي ٻئي ڇوڪري مٺوءَ تي هئي... سائٽ مٺوءَ جي مڳ هئي... ۽ سائٽ...!"

مون اِن خيال کي هڪالي ڪيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي: آءٌ پنهنجي مَنَ جي چور کي چَپَ ڪرائڻ لاءِ ماندو ٿيڻ لڳس. "نه نه، ايئن ڪونهي ته ڪو علوءَ ۽ چاچي خيري تي احسان ڪرڻ جي پٽ ۾ فقط احسان ۽ دوستيءَ کانسواءِ به ڪو مقصد هو!" مون پاڻ زوريءَ اهو فيصلو ڪرڻ ٿي گهريو ته منهنجو مقصد بلڪل نيڪ هو، ۽ سائٽ ته بلڪل اتفاق هئي!

۽ نورل سان منهنجو ڪهڙو واسطو هو؟ ڇا مون بابي جي ظلم ۽ گناهه جو ڪو ڪفارو ادا ڪرڻ ٿي گهريو؟ بابي جي گناهن بابت مون ڪڏهن کان تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو هو؟ يا انهن گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ جو خيال مون کي ڪڏهن کان آيو؟ جيڪڏهن مهروءَ جو وجود حويليءَ ۾ نه هجي ها ته پوءِ؟ مهرو...؟ يا آءٌ خود بابي کان بدلي وٺڻ جي تيارين ۾ آهيان؟ نورل کي صحتياب ڪرائڻ ۾ منهنجو اهو ارادو ته ڪونهي ته هو نئين سر زندگي حاصل ڪري، بابي کان بدلو وٺي، ۽ ڪيس گناهن جي سزا ڏي؟ اهي ٻئي خيال ڪيترا نه هڪٻئي جي ابتڙ آهن! ڏهن جي ڪنڌ ۾ ڪو چور هتي به چَپَ چورڻ ٿو گهري؟ متان سچ اهو آهي ته آءٌ مهروءَ کي پنهنجي فياضي، نيڪي ۽ سَخا جو يقين ڏيارڻ گهران ٿو؟ يا آءٌ

کيس اهو ڏيکارڻ ٿو چاهيان تہ نورل کي صحتياب ڪري مون مٿس وڏو احسان ڪيو آهي؟ ۽ شايد ان سان گڏ ڪيس اهو بہ احساس ٿيندو تہ نورل چڱو ڀلو ٿي بابي کان بدلو وٺندو، ۽ هوءَ انهن احسانن جي بار هيٺ، مون کي...؟!

مون ان چور ۽ چغلخور کي بہ چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون اتي بہ صرف اهو فيصلو ڪيو تہ منهنجو مقصد فقط "نيڪي" هئي: اڳهن کي سکهائي عطا ڪرڻ.....! مون پاڻ کي عام ماڻهن کان بلند، عام سطح کان مٿي، ڄڻ تہ خدا جي بلنديءَ ۽ حيثيت هٿ ڪرڻ جو فيصلو پاڻ تي مڙهيو. احسان ۾ ڪيڏي نہ قوت آهي! احسان ڪري پنهنجي مطلب ڪيڏ تہ خود غرضي آهي، ۽ آءٌ خود غرضيءَ کان بالاتر آهيان! واقعي آهيان يا نہ آهيان؟!

حويليءَ ۾ داخل ٿيس تہ منهنجو من سانت هو، ان ۾ ڪوبہ جهيڙو فساد يا مونجهارو نہ هو. آءٌ پنهنجي پاڻ سان ناهہ ڪري چڪو هوس. پر مون کي اها سڌ نہ هئي تہ اهو ناهہ ڪيترو عارضي هو. مهروءَ جي ڪمري اڳيان لنگهيس. وراندي ۾ ئي موڙي تي مهرو ويٺل هئي؛ هڪ ٻانهي کيس ڦٽي ڏيئي سينڌ ڪڍي رهي هئي. منهنجي دل جي رفتار تيز ٿي ويئي. مون کي اهو محسوس ٿيو ڄڻ تہ منهنجي دل مهروءَ جي ان سنئين سينڌ کي سورانگهڻ ۽ ان ڪهڪشان ۾ گم ٿيڻ ٿي گهريو. ڪيتري نہ خسيس آرزو هئي! مون کي پنهنجي خسيس هجڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي، ۽ ڪاوڙ منجهان رڙ ڪري ٻانهيءَ کي چيم: "گلان، پاڻيءَ جو گلاس تہ پيار!"

گلان پاڻي ڀرڻ لاءِ اتي ويئي، مهرو لڄ ۽ ڀؤ کان سڄي پيلي ٿي ويئي. هن هڪندي ٻڻ ٻڻ ڪئي: "وڏو رئيس اندر ويٺو آهي...!" مون کان ڇرڪ نڪري ويو. مون ان امڪان تي غور ئي نہ ڪيو هو تہ ڪو بابو بہ موجود ٿي سگهي ٿو!

مون آهستي چيو: "بابو، اوطاق تي وڃي تہ آءٌ وري ايندس. مون کي ڪا صلاح ڪرڻي آهي...!" ڇرڪ پوڻ سان مون کي موزون لفظ ئي نہ پئي مليا. ڀلا اهي بہ ڪي لفظ هئا؛ چوڻ ڪجهہ ٿي چاهيم، چئي ويس ٻيو ڪجهہ!

پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ گلان پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي. گهڙي اڳ مون کي اَڄ بنهہ ڪانہ هئي، ۽ هاڻ اَڄ کان منهنجا چپ ۽ زبان خشڪ ٿي ويا هئا، ۽ پاڻيءَ جو گلاس هڪ ڀيٽ ۾ پي ويس: گلان گلاس واپس کڻي ويئي. سندس اکين ۾ الائجي ڪهڙي شرير مرڪ پئي نچي. مون دل ئي دل ۾ ڪيس گار ڏني: "رَنَ ڪَتڻ!"

لاشعوري طرح ٻئي لفظ بي معنيٰ لفظن جي گار بڻجي پيدا ٿيا هئا، پر جڏهن اهي ئي لفظ شعور جي حدن ۾ داخل ٿيا، تڏهن اها هڪ نئين معنيٰ کڻي آيا: "گلان" ۽ "ڪتڻ"! اها معنيٰ سمجهندي ئي مون کان رڙ نڪري ويئي.

"گلان!" مون اهو سڏ ايڏي وڏي آواز ۾ ڪيو، جو هوءَ بہ گهبرائجي ويئي، ۽

ان سڏ جي پڙاڏي طور گلاس جي ڇڻ جو آواز ٻڌم.

"جي، رئيس!" هن هيسيل آواز ۾، چائنٽ وٽ بيهي چيو.

"گلان، ٻڌ تہ... تو اهو بہ ڪونہ پڇيو تہ رئيس، اڄان اڄ آٿوَ يا نہ، ٻيو پاڻي آڻيان يا نہ! بس گلاس ڪٽي هلندي ٿيئن، ڇڻ تہ آڳ لاهي هلي وئينءَ..." مون ڪيس وڌيڪ هيسائڻ لاءِ چيو.

"جي... جي... اوهان گلاس خالي ڪري ڏنو... مون سمجهيو تہ..."

"تو سمجهيو تہ بس منهنجي اڄ لهي ويئي؟ گلاس خالي ٿيڻ سان اڄ لهي ويندي آهي؟ جيڪڏهن وڌيڪ اڄ هجي تہ گلاس کي خالي ڪرڻ بدران، ٻريل گلاس توکي ڏئي ڇڏيان ها. ايئن نہ؟"

هن غريب کان ڪو جواب ڪونہ اڇهيو. منطق جي چڪرن مان هوءَ غريب ڇا ڄاڻي؟ هوءَ واقعي هراسجي ويئي. مون هڪدم رخ بدلايو، ۽ نرميءَ مان چيم: "خير، ننڍو هوس تہ مون کي سڄو ڏينهن ڏڍيءَ تي چاڙهي پئي گهمائيندي هئينءَ، ۽ هاڻ بيمار ٿيس، مرڻ تي هوس تہ اهو ڪونہ پڇيئم تہ مٺس کي بچيس!" مون آواز کي ٿورو ڏکارو بنائيندي چيو.

"رئيس، خير گهر! مرن تنهنجا ويري! آءٌ صدقي وڃان... چار ڏينهن تنهنجي پيراندي کان بيٺي گذاريم. دستگير جو سڻهن تہ حرام جو اک بہ پوري هجيم. اڇن ۾ ڇائي پوندم جو توسان ڪوڙ ڳالهايان...!" هن پاڻ سنڀاليندي، خوشامد مان چيو.

"ڀلا، ٻڌاءِ تہ پڻهين ڪيئن آهي؟ ڪو ڪم ڪار بہ ڪري ٿو، ڪين نہ؟" مون سندس وڌيڪ دل وٺڻ شروع ڪئي.

"ابا، هن مُئي مان تہ نہ سڄڻ کي آسرو، نہ دشمن کي ڀؤ! اهي ملاڪڙا اهو پاڻ! ڪڏهن لاڙ تہ ڪڏهن اتر. ملهہ اچي ڪانہ، مڙس ملاڪڙا پيو وڙهي! آءٌ سندس منهن ڏسڻ جي بہ روادار ڪانہ آهيان."

ڪا جوءِ وٺي ڏينس تہ پاڻهي سڌو ٿيندو... ڪو پورهيو ڪري پيو عيال سنڀاليندو..."

"ابا، جويون تہ اڇن ٿيون ٽڪن سان! مون مئي رَنَ زال وٽ ٽڪا ڪٽان آيا... هو مئو تہ شادي ڪندو ئي ڪونہ. سڄو ڏينهن ڇورن جي پويان جهوتون ڏيئي مرندو... چاندي فقير جي وڏور ڇوري، ستيرائيءَ لاءِ هي آڇا ڪٽي وٺن ويس، پر مُئو چوي تہ مائي، ست سو روڪڙا آڻي تريءَ تي رکينم، پوءِ ڇوريءَ جو نالو ڪڍ..."

مون کي موقعو سجهي آيو. سڀاجهي آواز ۾ چيم: "چري، تون اڄ ئي وڃي وري چاندي فقير سان ڳالهہ پڪي ڪر. آءٌ توکي اهي ڏوڪڙ ڏيندس! آخر بہ تہ

تو مون کي نپائي، ساندي وڏو ڪيو آهي. تنهنجو مون تي حق به آهي... هان هي وٽ سو رپيا، وڃي ستيرائيءَ جو نڪ ٽوپي، لڏون کارائين. ڳالهه پڪي ٿئي ته جيڪي گهرجئي سو مون کان گهري وٺج... پر ڪنهن کي چئج نه ته ڪو مون توکي پئسا ڏنا..."

مون ڏٺو ته نوٽَ وٺندي، هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. هن غريب ته ڪڏهن ايترا نوٽَ اڏارا به پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي ڪونه ڏٺا ها. هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا، شڪر گذاريءَ جا، خوشيءَ جا!

"ابا... الله وڏائيندئي! بادشاهه پير ڪندو ته ست پٽيو ٿيندين!"

مون ڪلي چيو: "جوءِ نهي ئي ڪانه، ست پٽيو ڪٿان ٿيندس؟ آءٌ ڇٽيندس ڪيئن؟"

هوءَ فوراً پنهنجي رنگ تي اچي ويئي. اهائي شرارت سندس اکين ۾ چپن تي موٽي آئي، ۽ معنيٰ خيز مرڪ سان چيائين: "منهنجي رئيس کي ڪي جويون ڪٽيون آهن؟ تون ته هڪڙي جوءِ تو چوين، تون رڳو وات سان چئه ته جوين جي سنتر آٿي تنهنجي آڏو بيهاريان....! وڏيري جَمن جي ڇوڪري سامائي ويئي آهي؛ اهڙي ملوڪ آهي جو توکي شهر وسري ويندو. وڏيري خانڻ جي نندي ڀيڻ به اچي سياڻي ٿي آهي؛ هلي ٿي ته ڇڻ ڊيل پئي نچي... جي تون "ها" ڪرين ته آءٌ ٿي توکي سڳ ناهي ڏيان."

اهڙين ڳالهين ۾ ته هوءَ يڙ هئي. مون وري به پاڻ کي ويچارو بڻائيندي چيو: "جيسين سڳ ڳولبا، تيسين ته مڇون ئي اڇيون ٿي ويندیون: هن عمر ۾ ته اڪيلو سمهڻ، ڇڻ ٽاڏن تي سمهڻو آهي!"

هن هڪدم بي حجاب ٿي چيو: "اها ڳالهه پهرين نه ٿي ڪيئي...! خير، اجا به ڳالهه وئي ڪانهي؛ ملڪ ۾ معشوق کوڙ... سوڊي مينگهواڙڻ ڏني اٿئي؟ هاڻ ته آيونءَ وانگر اچي پڪي آهي. چئين ته مٿس ڪامڻ ڪري، سانجهيءَ ئي اوطاق واري ماڙيءَ تي وٺي اچانس... جي ميار ڏنئي ته تنهنجي جتي، منهنجي سينڌ! ڏس، وڏي رئيس لاءِ ڪهڙي ٻانهن آنديم؟ منهنجي "مهرو" راڻي آهي ڪي نه؟ سندس سموريون سريتون هن اڳيان جهڙيون پنگياٿيون!"

"ها... سو مال مليدا سڀ بابي لاءِ، باقي اسان جي لاءِ سوڊي مينگواڙڻ رهجي وئي آهي!"

هوءَ ڪجهه ماٺ ٿي ويئي. لفظ هن جي دماغ تي اثر ڪرڻ ۾ دير ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن تڪڙو اثر ڪيائون، تڏهن به پنهنجي آئيندي گفتار کي چهي ڇڏي ناهڻ ۾ هن کي ڪجهه وقفي جي ضرورت هئي. ٻوءِ ڪنهن فيصلي تي پهچي چيائين: "ابا، اهڙي مورت سونهين ته توکي ٿي، پر...."

" نہ نہ، منهنجو اهو مطلب ڪونہ هو... منهنجي نظر ۾ ٻيو ڪو ماڻهو آهي.... اهڙي ڪا گهرج پئي تہ توکي ٻڌائيندس...."

مون کي ياد اچي ويو تہ مون مهروءَ کي اچڻ لاءِ چيو هو. مون اهو ڏسڻ ٿي گهريو تہ هوءَ مونسان ڪهڙي روش ٿي هلي. گلان کي تارڻ لاءِ چيم: "چڱو، گلان تون وڃي ڪم هاڻ کي لڳ. ضرورت پيم تہ توکي نہ چوندس ٻيو ڪنهن کي چوندس!"

گلان جي وڃڻ کانپوءِ، آءٌ ڪيترو وقت ڪٽ تي ليٽي پنهنجي آئيندي بابت سوچيندو رهيس. ماضي ۽ حال جي ڀيٽ ۾ آئيندو ڪافي اونداهو هو. مون پاڻ کي بلنديءَ تان پستيءَ ۾ ڪرندو ڏٺو. آءٌ سوچڻ لڳس تہ منهنجي اصول پرستي ڪيڏانهن پَرَ ڪري اڏامي ويئي؟ مهروءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ، آءٌ هاڻ انهن ئي عملن تي ڀاڙڻ لڳو هوس، جن کان مون ذهني طرح بغاوت ڪئي هئي، جن لاءِ مون شعوري طرح پاڻ ۾ نفرت پيدا ڪئي هئي. مون مان پنهنجو پاڻ نفسياتي تجزيو ڪرڻ جي قوت ختم ٿيڻ لڳي هئي. آءٌ خيالن ۾ بہ ڪُٽين ۽ ڏوتين تي ڀاڙڻ لڳو هوس. مون کي پنهنجي عملن جيان خيالن تي بہ اعتقاد ۽ ايمان نہ رهيو هو. اهو سيڪجهہ ڇو ۽ ڇا هو؟ ڪن ڳالهين تي پشيماني بہ هاڻ عذر ۽ بهانا ڳولڻ لڳي هئي. آءٌ پنهنجي پاڻ کي ٺڳڻ ۽ دلبڻ لڳو هوس. آءٌ ڇو اهو اعتبار ڪرڻ نٿو گهران تہ مون ۾ اهي سموريون برائيون ۽ بَدِ ڇڻ موجود آهن، جيڪي مون جهڙي ماڻهوءَ جي رَت ۽ ماحول جو لازمي نتيجو آهن. آءٌ ڇو عقل پرستي ۽ اخلاق جو مصنوعي خول پائڻ گهران ٿو؟ آءٌ ڇو پاڻ کي نيڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، جڏهن تہ ان ڪوشش ۾ نيڪيءَ بدران بديءَ جو پوت لڪل آهي!

خيالن جي انهيءَ جهنگ ۾ ڀٽڪندي، الائجي ڪيڏي مهل منهنجي اک لڳي ويئي هئي. موتيءَ جي ڏاڍيان پونڪڻ جي آواز تي منهنجي اک کلي پئي. آءٌ ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس. سج لهڻ ۾ باقي ڪي گهڙيون بچيون هيون. پر اڃان ڪافي روشني هئي. ڪپڙا بدلائي، آءٌ ڪمري مان ٻاهر نڪتس. وراندي ۾ ڪير ڪونہ هو. پهرين تہ مهروءَ جي ڪمري اڳيان لنگهي ويس. جڏهن ڪيس اڪيلو ڏٺم، تڏهن موتي دل جهلي اندر هليو ويس. هوءَ ڪاڏيءَ هيٺان هٿ ڏيو. ڪنهن گهري سوچ ۾ ويٺي هئي. منهنجي اچڻ تي ڇرڪ ڀري اُٿي بيهي رهي. مون کي پنهنجي پاڻ تي رحم اچڻ لڳو. ڇا هو هن عورت ۾، جنهن جي اڳيان منهنجي حواسن مون سان بغاوت ڪرڻ ٿي شروع ڪئي؟ مون اهو سوچيو هو تہ آءٌ هن جي منهن ۾ گهوري نہ نهاريندس. پر ان وقت مون پاڻ کي هڪ ٽِڪَ هن جي منهن ۾ نهاريندو ڏٺو. مون کي روحانيت جي جهنجهٽ کان مڙئي سڄي پڇي چڙ هئي، پر حسن ۽ شفاف پاڪيزگيءَ جو هيءُ مجسمو مون کي ان جوت ۽ نور جي دائري جي ياد

ڏيارڻ لڳو، جيڪو هندو ديوين ۽ ديوتائن ۽ ڪرستانن جي پيغمبرن ۽ سنتن (Saints) جي تصويرن ۾ مصور ڏيکاريندا آهن. مون کي يورپ جي ڪلاسيڪي دور جي "مئڊونا" ياد اچي ويئي. اهو سڄ پڄ نور جو دائرو هو يا سامهون دريءَ مان ٻڌندڙ سج جي ڳاڙهي روشني، هن جي وارن ۾ دئو ۽ عڪس پيدا ڪري رهي هئي؛ منهنجي ذهن اهو فيصلو ڪرڻ نه ٿي گهريو. منهنجي گهورڻ تي هوءَ ششدر ٿي ويئي. نيٺ منهنجي وات مان اڪر اڪليا: "وهو!"

جمع ۾ مخاطب ڪرڻ جي نه مون کي خواهش هئي، نه هن کي اميد هئي. اسان وٽ عورت کي اهو درجو ايا کي صديون نصيب ڪونه ٿيندو؛ هوءَ وري ڪٽ تي ويهي رهي.

سندس ٽنگون ڪٽ کان هيٺ پئي لڙڪيون. منهنجي نظر سندس پيرن تي پئي؛ ڪهڙا نه سهڻا پير هئا اهي! منهنجون اکيون انهن پيرن کي مِٽيون ڏيڻ لاءِ آتيون آتيون ٿيڻ لڳيون. گهڙيءَ لاءِ هڪ عجيب خيال منهنجي ذهن ۾ آيو ته انهن خوبصورت پيرن کي مَرين کان وڌي، ڪنهن شفاف شيشي جي پليٽ تي رکي، پنهنجي شهر واري بنگلي جي ڊرائنگ روم ۾ رکي ڇڏيان- بلڪل ايئن جيئن حسين گلدانن ۾ سهڻا گلدستا سجائي رکبا آهن. اهڙا خوبصورت پير شايد ئي ڪي دنيا ۾ هوندا!

هي مون کي ڇا ٿي رهيو هو؟ آءٌ ته "پلٽونڪ" محبت کان به اڳتي وڌي، هاڻ اڳرو ۽ "ماربڊ (Morbid) ٿيندو ٿو وڃان! مون پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ چيم: "مون نورل کي سلهه جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر چون ٿا ته ڇهن مهينن ۾ چاق چڪو پلو ٿي پوندو. اوهان کي ٻڌائڻ مناسب سمجهيم؛ پر پلائي ڪري بابي کي اها سڌ نه ڏجو!"

منهنجي لفظن هن تي الائي ڪهڙو اثر ڪيو؛ هن جي منهن جو رنگ لهي ويو. جيئن اصطلاح ۾ چئبو آهي، تيئن هن جي منهن جو هڪڙو پنو لهي ويو. هوءَ سڄي پيلي ٿي ويئي. سندس بدن ۾ هلڪي ڪنبڻي پئجي ويئي. اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيس، ۽ انهن ڏنڌ ڀرين اکين سان مون کي ڏسندي رهي. آءٌ سمجهي نه سگهيس ته اهو ڪو اچاتو ڊپ هو يا نورل لاءِ سندس پراڻو پيار جاڳي پيو هو. اهو ته ظاهر هو ته ڪنهن احساس کان هن جو سڄو وجود ڏڌي ويو هو. پر هن پاڻ تي ضابطو آڻيندي چيو: "مون مسڪين تي ٿورو ڪيو اٿو. ڏٺي ان جو اجر ڏيندوَ!

انهن لفظن مون تي عجيب اثر ڪيو ۽ منهنجي وات مان لفظ ڇڻ اچلجي نڪتا: "مهرو، مون کي ڏٺي جي اجر جي لوڙ ڪانهي. منهنجو مقصد رڳو اهو آهي ته تون خوش رهين. تنهنجو اهو نماڻو منهن، ڳٽتين ۽ ڏکن کان ڪوماڻل منهن، هاڻ مون کان ڏٺو نه ٿو ٿئي. آءٌ جڏهن کان هت آيو آهيان، تنهنجو اهو ڪوماڻل

ڪوماڻل منهن، منهنجي اندر ۾ وَڏَ وجهندو رهيو آهي. تون جيڪڏهن ڪلي گذارين ته مون کي پنهنجو اجر ملي ويندو!" اهو سيڪجهه آءٌ يڪساهيءَ چئي ويس.

مون کي اميد نه هئي ته اهو فاصلو آءٌ ايترو جلد طئي ڪري سگهندس. پوءِ مون ڪوڙ ڳالهائيندي چيو: "تنهنجي نينگر کي ڳولڻ لاءِ به مون پنهنجا ماڻهو چڏيا آهن. پوليس ۾ منهنجي به چڱي واقفيت آهي؛ جتي به ڇوڪرو هٿ لڳن ته ڪيس هت وٺي ايندا. هاڻ خدا جي واسطي، ٿورو ڪلي ڏيکار، ڪيترو وقت ايئن ڪوماڻي وساڻي رهندينءَ؟"

هن جي نڙيءَ ۾ ڄڻ سڏڪو اٽڪي پيو. لڙڪ بجاءِ بند ٿيڻ جي، هن جي ڳلن تان لار ڪري وهڻ لڳا. منهنجي دل گائون مائون ٿيڻ لڳي. الا، ان وقت منهنجي ڪيڏي نه آرزو هئي ته آءٌ انهن لڙڪن کي پنهنجي دل تي واري ڇڏيان!

هن هيڪندي چيو: "آءٌ اوهان جا اهي ٿورا لاهي ڪين سگهنديس. منهنجو ڀڙو مون کي ملي ته آءٌ اوهان جي دَر جي گولي ٿي گذاريندس!"

مون وري به ساڳئي انداز ۾ چيو: "تون منهنجا ٿورا اڳواٽ لاهي ٿي سگهين؛ تون رڳو ڪلي، ٺهڪ ڏيئي، خوش ٿي گذار ته منهنجا ٿورا لحظي ۾ لهي ويندا.!"

ڪيڏو نه مصنوعي هو اهو انداز! منهنجو مقصد ٻيو ڪجهه هو، پر ان کي زبان تي آڻڻ بدران، خوامخواهه جي رومانٽي ڳالهين ۾ مبتلا ٿي رهيو هوس. پر مون کي پنهنجي ان نئين ڪردار ۾ هلڪي خوشي محسوس ٿيڻ لڳي هئي.

"مون نياڳي نپٽيءَ لاءِ ڪل ۽ خوشي ڪٿي! منهنجا ٺهڪ ته پنهنجي گهر جي چائنٽ ڇڏڻ سان آتي ئي گهٽجي مري ويا!"

مون کي ان وقت اندازو ٿيڻ لڳو ته هوءَ ڪيتري نه ڏکويل هئي، ۽ هن جو نورل سان ڪيڏو نه اٿاهه پيار هو. هن جي اکين ۾ سمنڊ سمائجي ويو، ۽ لڙڪ هن جي ڳلن تان بي اختيار لڙي، هن جي بي داغ ڳچيءَ تي ٽلڪڻ لڳا. مون کي وري به پنهنجو وجود انهن اکين ۾ غوطا کائيندو محسوس ٿيو.

آءٌ ايترو ڪمزور ڪڏهن کان ٿيو هوس! مون کي پنهنجي پاڻ تي رحم اچڻ لڳو. شايد هن تي قياس اچڻ، ۽ پنهنجي پاڻ تي ڪهل اچڻ مون لاءِ ساڳي ڳالهه ٿيڻ لڳي هئي.

ڪجهه گهڙين کان پوءِ، مون ٿورو مرڪندي چيو: "هاڻ ڪلي ڏيکار نه ته تو جهوجهائوءَ کي سڏ ڪريان..."

منهنجي ان جملي، شايد هن کي ماءُ هجڻ جو احساس ياد ڏياري ڇڏيو. آءٌ هن لاءِ هڪڙي ننڍڙي شرير ٻالڪ مثل، هن جي آهلَ ڪري رهيو هوس، ۽ هن جي مامتا مُرڪڻ لڳي. مون کي اهو منظر ڪڏهن به نه وسرندو: هلڪي مرڪ، هن جي هيٺين چپ ۾ هلڪو خال وجهي ڇڏيو، ۽ اتان مرڪ جون لهرون ٽڙڪنديون،

ڏکنديون هن جي اکين ۾ پهچي ويون. سندس اکين جي ڏنڌ ۾ اها مرڪ مون کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳي جڻ ڪنهن سمنڊ جي ڪوهيڙي مان، ٻڌندڙ کي ڪنهن ٻيڙيءَ جو سڙهه نظر اچي ويو هجي! مون سمجهيو، اهو منظر ئي منهنجي وجود جو سرمايو هو. آءٌ ڪنهن اچاتي خوشي ۽ جادوءَ جي اثر هيٺ، هن جي ڪمري کان ٻاهر نڪتس ته اوچتو بابي جون قهر آلود نگاهون مون کي گهوريندیون نظر آيون. ڪيڏو نه ضد هو اکين جي انهن ٻن جوڙن ۾!

آءٌ تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌيس، پر ايئن ڀانيم ته اهي نگاهون منهنجي پٺ ۾ ڪِلن وانگر کپنديون وڃن. منهنجي دل زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي، ۽ ڪو ڊپ منهنجي وجود کي ويڙهيندو ٿي ويو. آءٌ ايترو گيدي، ايترو ڪانئر ته ڪونه هوس! پر اها ڪانئرتا پنهنجي پاڻ لاءِ نه هئي. ڪنهن اچاتي جذبي هيٺ، مون کي مهروءَ لاءِ ڀؤ ٿيڻ لڳو. پنهنجي ڪمري ۾ اچي، ڪٽ تي اڌ ليٽي پيس، پر مون محسوس ڪيو ته منهنجون ٻانهون ٺونئين کان هيٺ ٿڙڪي رهيون هيون. سگريٽ دڪايم ته سگريٽ چپن ۾ ڏکڻ لڳي. تيلي ٻارڻ ۾ منهنجي هٿن جو ڏکڻ ايترو پڌرو هو جو مون کي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. سج لهي چڪو هو، ۽ اوندهه ڪمري ۾ ڦهلجڻ لڳي. اوندهه جي وڌڻ منهنجي ڊپ کي هيڪاري وڌائڻ شروع ڪيو. مون کي اوندهه کان وحشت ٿيڻ لڳي. ٻانهين تي ڪاوڙ اچڻ لڳي ته ايا بتيون ڇو نه ٻاريون هئائون؟ دراصل مون کي ان وقت انساني سنگ ساٿ جي سخت ضرورت هئي. بتيءَ جو لاپ مٽي ڪٽي، تيلي هنيم: هلڪي هلڪي زرد روشني ڦهلجي ويئي. پر ان روشنيءَ منهنجي هيڪلائپ ۽ ڀؤ جي احساس کي مائو نه ڪيو.

اوچتو ماڻهن جي تڪڙي تڪڙي هلڻ ۽ ڊوڙڻ جو آواز ڪن تي پيم، ۽ ڪنهن جي رڙين جو آواز حويليءَ ۾ ڦهلجي ويو. ڪمري کان ٻاهر آيس ته گلان، سهڪندي، امان جي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي. مون آمالڪ ڪٽي سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌو: "گلان، هيءُ هَل ڇاجو آهي؟"

"ابا، خدا خير ڪري پر اڄ مئي مهروءَ جو خير ڪونهي. اڄ رئيس وڏو ڪيس خفا خون ڪري ڇڏيندو!"

هن جي ان جملي، مون تي الائي ڪهڙو اثر ڪيو. منهنجو سڄو بدن سيٽجي ويو. اُن ساڳي مهل، مون کي نيٽ جي لڪڻ جو شپڪو ٻڌڻ ۾ آيو. بابا چرين وانگر رڙيون ڪري رهيو هو: "ڪميٽي، ڪُتي، يار ڪرڻ جو ڪو ٻيو هنڌ ئي ڪونه مليئ... منهنجي اکين اڳيان... منهنجي اجهي هيٺ... منهنجي ئي ڇوري سان..."

ان کان پوءِ مون کي نيڪ ياد نه آهي ته مون کي ڇا ٿيو، مون ڇا ڪيو!

جڏهن هوش آيم تڏهن محسوس ڪيم ته نيٺ جو لڪڻ منهنجي هٿ ۾ هو، ۽ امان مون کي ۽ بابي کي ڇڏائڻ ڪاڻ منهنجي ٻانهن ۾ لٽڪي پئي هئي. بابو ٽڪل سامبر وانگر سهڪي رهيو هو. مهرو هڪ ڪنڊ ۾ مولهوٽو ٿي پئي هئي، ۽ سندس ٻانهن تي نيرا ڪارسرا ٻَنا اُڀري آيا هئا. بابو اڃان تائين گاريون ڏيئي رهيو هو. امان مون کي دروازي ڏانهن ڇڪي رهي هئي: ٻه ٻانهيون بابي کي سنڀالڻ ۾ پوريون هيون!

نيٺ جو لڪڻ اڇلائي امان کي ڪلهن کان جهليندي، آءٌ وري اندر گهڙي آيس. منهنجي لفظن ۾ نفرت جا ڪوٽ ڀرجي آيا: "ڪنهن ڳگدام تي هٿ هلائڻ ته اوهان جي وڏيرپ جو مانُ آهي، پر منهنجي ڪري، ڪنهن معصوم تي مار پوي، سو مون کان سٺو نه ٿيندو... اوهان کي پنهنجي اولاد تي به ڀروسو ڪونهي ته پوءِ ايتريون سريتون هڪڙي ئي حويليءَ ۾ ڇو ٿا آڻي ڀريو؟"

بابي به سهڪندي چيو: "حويلي منهنجي آهي... منهنجي مرضي، جيڪي وٺيم سو ڪندس: سريتون رکان يا ڪيريون نچايان: تون ڪير ٿيندو آهين جو مون کي جهليندين! نڪر ٻاهر هن گهر کان نه ته مون کان بچڙو ٻيو ڪونه ڏسندين!"

"فڪر نه ڪريو، آءٌ هليو ويندس. مون کي به اوهان جي حويليءَ ۾ رهڻ جي ڪا سڌ ڪانهي... پر اوهان منهنجي اشرافت ۾ شڪ آندو آهي، سو اهو فيصلو ڪري پوءِ هتان ويندس... ٻڌو ته ٻڌايانو... اوهان جي پَرڪارن هنن غريبن جو گهر تڙ تباهه ڪري ڇڏيو... مڙس ته وڃي قبر ڀيٽيءَ پهتو پر ابهر نينگر تان به نه ٽريا! شهر جي ڪن دوستن ۽ پوليس آفيسرن کي نياپو ڪيو هوم ته ڇوڪرو ڳولي ڏين. اڄ ئي نياپو مليو ته ڇوڪري جا اهڃاڻ موڪليو جو پوليس کي ٻهراڙيءَ جا ڪجهه ڇورا لڌا آهن، سو مهروءَ کان ڇوڪري جا مهانڊا ۽ اهڃاڻ پڇڻ آيو هوس. پڇي ڏسوس ته برابر اها ڳالهه آهي يا نه؟ مون ٻي ڪا اربع خطا ڪانه ڪئي آهي. خدا اوهان جون سريتون اوهان کي نيهه ڪري!"

مون محسوس ڪيو ته ڪوڙ ڳالهائڻ، ۾ جيئن پوءِ تيئن، آءٌ وڌيڪ پَڙُ ٿيندو پئي ويس. ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي ۽ ڪوڙ ضرورت جو پيءُ آهي- ان ڳالهه جي سچ ۾ ايمان وڌندو ويم. بابو خاموش ٿي ويو هو. منهنجي ڪاوڙ، منهنجي صفائي ۽ منهنجي اداڪاري اهڙي ته نڪور ۽ ڪامياب هئي، جو شايد هن کي به پنهنجي اٻهرائيءَ جو ڪجهه ڪجهه احساس ٿيڻ لڳو. امان موقعو ڏسي، مون کي ڇڪي ٻاهر وٺي آئي.

منهنجي ڪمري ۾ پهچي، مون کي پنهنجي سامهون وهاري، ڪجهه دير تائين، امان مون کي گهور ڪري ڏسندي رهي، پوءِ ڏڪاري آواز ۾ چوڻ لڳي:

"اوهين پيءُ پٽ اڳي ئي پاڻ ۾ ڪونہ ٺهو؛ تون سالن کان پوءِ موٽي آئين تہ مون الله کان اهي ئي دعائون ٿي گهريون تہ شال ڏٺي سائين ٻنهي کي ساڄهہ ڏيندو، ۽ اوهين پاڻ ۾ وري کير کنڊ ٿي ويندا. پر ڀائيان ٿي تہ منهنجي جيئري منهنجي ڀاڱ ۾ اهو سک لکيل ئي ڪونهي!"

هن جي اکين مان لڙڪ لڙيون ڪري ايئن وهندا رهيا، جڻ ان ۾ هن جو پنهنجو ارادو شامل نہ هو.

مون کيس ڳراٽري پائي دلداري ڏيندي چيو: "امان تون تہ اجايو ٿي ڳٽتيون پچائين. آءٌ شهر ۾ وڏيڪ سکيو آهيان. هت تہ منهنجو دم ٿو ٻوساڻجي! آءٌ موٽيس بہ تنهنجي ڪري! جي هت ڏکي آهين تہ هل مون وٽ هلي شهر ۾ رهہ؛ اُتي بہ تہ تنهنجو ئي گهر آهي! هت تون چاق بہ ڪانہ ٿي رهين؛ هلي اتي پنهنجو علاج بہ ڪراءِ!"

"ابا، منهنجو تہ هتان هاڻ مڙهہ ئي نڪرندو! هن جو توسان ايڏو وير آهي جو تو وٽ هلي رهان تہ ٿي طلاقون ڏيندي ويرم ئي ڪونہ ڪندو! هن آڇن ۾ اهو ٽڪو مون کان ڪنيو ڪونہ ٿيندو. سڄي ڄمار هن سان نيايو اٿم؛ باقي حياتيءَ جا ڏينهن بہ گذري ويندا. شل پنهنجن جو ڪلهو نصيب ٿئيسون!"

ڪيڏي نہ ڏکي هئي منهنجي جيجل!۔ سندس اندر آڏ ٿيو پيو هو پر ڪڏهن ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍيائين، ۽ اڄ پنهنجي اکين سامهون پنهنجي مڙس جي سَريتن کي پنهنجي ئي اولاد لاءِ نفرت جو سبب بڻجندو ڏسندي بہ ڪَريت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي! ايئن لڙڪ لاڙيندي، مون کي دعائون آسيسون ڪندي هلي ويئي.

منهنجي وجود ۾ ڪو چڙ۔واڳ ڇَوهو ڇڙي پيو هو: منهنجي اندر ۾ طوفان متل هو. ان طوفان منهنجي جسم کي ٽڪائي وڌو هو: رکي رکي مون کي نيٽ جي لکڻ جو شپڪو ٿي ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو بار بار مهروءَ جي نازڪڙي بدن تي نير وجهندو ٿي ويو. مون کي گلاب جي گل جون پنکڙيون ياد اچي ويون، جن کي نَنهن وجهڻ سان، سندن گلابي رنگ مَٽجي هلڪو نيرو يا واڳائي ٿي ويندو آهي! مون کي مهروءَ جي ٻانهن جا اهي واڳائي پَتا اکين آڏو ڦرڻ لڳا، جيڪي نيٽ جي لکڻ پيدا ڪيا هئا. ۽ ان لاءِ جوابدار آءٌ هوس!

مون کي بابي جي انهيءَ رد عمل لاءِ اڳي ئي سوچڻ گهرجي ها؛ ها، ان لاءِ جوابدار آءٌ هوس؛ ذميداري سڄي منهنجي هئي! اهو احساس منهنجي ذهن ۾ چيلاٽا چنبڙائڻ لڳو. مون ايئن ڀانيو جڻ اهو نيٽ جو لکڻ خود منهنجي هٿان، مهروءَ جي گلابي جسم تي نير وجهي رهيو هو! اهو خيال ايندي ئي، مون بي ساختہ پنهنجو هٿ زوريءَ دريءَ تي ڦهڪائي ڪڍيو. دريءَ جي ڪاٺ ۾ ڪا چيت هئي، جيڪا منهنجي هٿ جي پَٽ کي چيري ويئي! مون کي ڪو سور يا ڪا پيڙا بنهہ

محسوس ڪانه ٿي. آءُ پنهنجي زخمي هٿ کي حيرت مان ڏسڻ لڳس، جنهن مان رت ليندڙيون ڪري وهڻ لڳو! مون کي ايئن ڀاسڻ لڳو، جڻ اهو هٿ منهنجو نه هو، ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جو هٿ هو، جنهن سان منهنجو ڪو لاڳاپو ڪونه هو، منهنجو ڪو واسطو نه هو! ڦٽيل هٿ جي پَٽ کي زور ڏيئي وڌيڪ رت ڪڍڻ لڳس، ۽ ان رت مان آڳر ٻوڙي، پنهنجي ئي ٻانهن تي پٽا ٺاهڻ لڳي ويس، ۽ ان ۾ مون کي ڪا آڃاتي راحت محسوس ٿيڻ لڳي. پاڻ ايذائڻ ۾ لذت جو اهو احساس منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو. اهو تجربو منهنجي لاءِ بنهه نئون هو، جنهن سان منهنجي شعور جو ڪو لاڳاپو ڪونه ٿي ڏنو! هاڻ مون ۾ فقط اهو لذت جو احساس باقي وڃي رهيو هو، ۽ حويلي خاموش هئي.

اوچتو مون پنهنجي اڳيان، هڪ آواز ٻڌو: "ائي گهوڙا... مُئيس... هي ڇا پيا ڪريو؟" سانئڻ پنهنجا ٻئي هٿ کڻي منهنجي ڦٽيل ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ وڌا! هن جي ان عمل جڻ ته مون کي ڪنهن اوٿاري مان جاڳائي وڌو، ۽ آءُ شڪر گذار نظرن سان پنهنجي هن جاڳائيندڙ کي گهورڻ لڳس. هن جي هٿن جي ڇهاءُ پهريون ڀيرو منهنجي زخم ۾ سورَ ۽ پيڙا جو احساس پيدا ڪيو. ڪن انسانن جي هٿن جو ڇهاءُ به ڪيڏو نه ايذائيندڙ آهي! هن اُمالڪ پنهنجي پوتيءَ مان پٽي ڦاڙي، منهنجي هٿ جي ڦٽ تي پٽي ٻڌي ڇڏي. زخم ڍڪجي ويو، پر رڳو هن جي نظرن کان! منهنجي نظرن ۾ ته زخم جو احساس ئي هاڻ جاڳيو هو، ۽ زخم پٽيءَ اندران منهنجي اکين ۾ گهوريندو رهيو: هڪ سڌي ڳاڙهي ليڪ، جنهن مان رت ايئن پئي ڦٽي نڪتو جڻ ته اتان رت جو ڪو چشمو ڦٽي نڪرڻ وارو هو...!

مون سانئڻ جو آواز ٻڌو: "پر به لڳوَ ڇا؟"

ڪيڏي نه همدردي، تقريباً محبت هئي ان آواز ۾! مون کي ايئن گم سم ڏسي، هوءَ هيسجي ويئي هئي. هن مون کي هٿ کان وٺي آٿي کٽ تي ويهاريو. شايد منهنجي ٽڪل ذهن کي محض اشاري جي ضرورت هئي، ۽ آءُ ليٽي پيس. چپ چاپ ڇت کي گهوريندو رهيس. هلڪي روشنيءَ ۾ ڇت جا ٽيئر، مون کي وري به ڪنهن جي جسم تي نيرا پٽا ڀاسڻ لڳا: وري سمورو منظر منهنجي اکين آڏو اچي ويو، ۽ هٿ ۾ ايذاءَ جو احساس ٿيڻ لڳو! ممڪن آهي ته پٽيءَ جي ٻَڌَ جي ڪري سور وڌڻ لڳو هو. اهو ايذاءُ منهنجي اکين ۾ لهي آيو ۽ الائجي ڇو ۽ ڪيئن، بنان ڪنهن ارادي جي، لڙڪ پاڻمرادو منهنجي اکين کي ڏنڌلو ڪرڻ لڳا. جڏهن اکين جا پنبڻ گهڻي دير لڙڪن کي جهلي نه سگهيا تڏهن به ڳوڙها آٿڙي منهنجي ڳلن تي لهي آيا. منهنجي هيڪلائپ جو احساس وڌي ويو. آءُ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري، پنهنجي ئي پاڻ کان ڊڄڻ لڳس، منهنجي بدن ۾ هلڪي ڏڪڻي اچي ويئي. سانئڻ منهنجي ان حالت کي ڏسي گهبرائجي ويئي، ۽ آهستي چيائين: "جيجي امان

کي سڏيان؟"

ان آواز ٻڌڻ سان، ڇڻ تہ منهنجي اکيلائيءَ جي احساس جو شيشو ٽڙڪي ڀڄي پيو. مون ٽڏو شوڪارو ڀريندي چيو: "نہ نہ، آءٌ ٺيڪ آهيان: رڳو مون کي هن ڪمري کان ڀؤ ٿو ٿئي: مون کي اکيلائيءَ کان ڊپ ٿو ٿئي!"

ايئن ٿي ڀانيو ڇڻ تہ آءٌ وڏلي رهيو هوس ۽ سانئڻ کي اهو خيال ٿيو تہ شايد آءٌ وري تپجي پيو هوس. هن پنهنجو هٿ منهنجي نراڙ ۽ ڳل تي رکي ڏٺو تہ بخار هو يا نہ، پر هن جي ان حرڪت مون ۾ اچاتو ردعمل پيدا ڪيو: مون سندس ان هٿ کي ڇڪي، ڪيس پنهنجي مٿان ڪيرائي ڇڏيو. منهنجو منهن سندس ڇاتين ۾ پورجي ويو. هڪڙو هٿ سندس چيلهہ جي چوڌاري ويڙهجي ويو، ۽ ٻيو هٿ وڏائي، بتيءَ جي وٽ هيٺ ڪري ڇڏيم.

ڪجهه ڏينهن تائين منهنجي ذهن جي عجيب حالت رهي. زندگي عجيب بي هنگم معمولات بڻجي ويئي. صبح جو سوير اُٿي، بندوق کڻي شڪار تي هليو ويندو هوس. پنهنجي ذهن جو تجزيو ڪرڻ ۽ ڇڏي ڏنو هوم. منهنجي لاءِ شڪار جي ڪابه اهميت، ڪابه معنيٰ نه هئي، پر ڪا ڳالهه هئي جو آءٌ سڄو ڏينهن فائر ڪندو، جهرڪيون، ڳيريون، سرٽيون، ڪاٺ ڪڻا ۽ وَهيا ماريندو وتندو هوس! شامَ جو ٿڪجي ٿڌي گهر موٽندو هوس ته ٿيلهي ۾ تترن سان گڏ اهي سرٽيون، ڳيريون يا وَهيا به ملندا هئا. سرٽين کي مارڻ ۾ منهنجي شعور کي يقيناً ڪو دخل ڪونه هو، پر اتفاق سان هڪ کان وڌيڪ سرٽين جو مرڻ به محال آهي، ۽ اهو اتفاق به روزانو ٿيڻ جهڙو نه آهي. هڪ عجيب حرڪت، جا آءٌ ڪرڻ لڳو هوس، سا اها ته مئل پکين جون اکيون کولي، منجهن گهوري نهارڻ جي ڪوشش ڪندو هوس!

منهنجو ٻيو معمول به شايد ايذائڻ جي ان نئين جذبي جو نتيجو هو. سانئڻ تتر پڇارائي کڻي ايندي هئي، ۽ آءٌ زوريءَ سانئڻ کي پاڻ سان گڏ وهاري، پڪل تتر ڪارائيندو هوس- ۽ پوءِ جڏهن هوءَ اتي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، تڏهن منهنجو هڪڙو هٿ سندس ٻانهن ۾ پوندو هو، ۽ ٻيو هٿ بتي وسائي ڇڏيندو هو!

ايئن مهينا گذري ويا: مائي پاڻيءَ وانگر ڪِني ٿيڻ ۽ سنيارجي وڃڻ جو اهو سلسلو الائي ڪيترو وقت رهي ها! پر هڪ رات، مون سانئڻ جي اکين ۾ آڻ- لڪا لڙڪ ڏٺا، جي هوءَ مون کان لڪائي، اُڪهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پڇيومانس ته نٽائي ويئي. ڪجهه دلداري، ڪجهه اُٽت ۽ ڪجهه دڙڪي کان پوءِ هن جيڪي چيو، ان مون ۾ اهوئي اثر پيدا ڪيو، جهڙو شهر ۾ باهه جو گهڪهو وڃڻ تي ٿيندو آهي، يا ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي ڪپڙن مان ڪومي جي بانس اچڻ لڳندي آهي. هن مون کي، هڪندي هڪندي، ٻڌايو ته هن کي شڪ هو ته هوءَ... پيٽ سان هئي!

ڪجهه وقت لاءِ ته مون کي اعتبار نه آيو. پر جڏهن هن جي سڏڪن شڪ کي اعتبار ۾ بدلائي ڇڏيو، تڏهن گهڙيءَ لاءِ منهنجو دماغ سُن ٿي ويو. پوءِ سمجهه آهستي آهستي موٽڻ لڳي. همت به موٽي آئي. ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ معاملي

سازيءَ جي حرفت ۾ موٽي آئي اداڪاريءَ جا اڻ سڪيل ڳُرَ ۾ الائجي ڪٿان موٽي آيا!

مون پنهنجي منهن تي ايذاءَ جا رنگ آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "سوچيان پيو تہ شهر هليو وڃان، ۽ اُتان وري ولايت هليو وڃان، نہ تہ هيءَ جيڪا منهنجي حالت آهي، اها مون کي چريو ڪري وجهندي!

پوءِ مون ڄڻ ساٿس صلاح مشورو ڪندي چيو: "ٻڌ، سانئڻ، هونئن تہ مون ۾ اهڙو ڪوبہ گهمنڊ ڪونهي تہ آءٌ وڏيرو آهيان، ۽ تون هڪڙي ٻانهي! آءٌ جيڪر توسان اڄ ئي نڪاح وجهي ڇڏيان! پر هڪڙو تہ تون اڳي ئي ڪنهن جي مڱ آهين، سوبہ منهنجي ننڍ پڻ جي يار علوءَ جي ياءُ مٺو جي! آءٌ علوءَ اڳيان ڪهڙو منهن کڻي سگهندس. ٻيو تہ هن ملڪ ۾ رهڻ جو منهنجو ارادو ئي ڪونهي، ۽ توکي ولايت وٺي هلڻ اڻ ٿيٽي ڳالهہ آهي. هاڻ جيئن تون چئين، تيئن ڪريون؟ جيڪڏهن شهر هلي رهين تہ آءٌ ولايت مان ۾ توکي هر مهيني پيو خرچ پڪو پهچائيندس!"

هوءَ چپ چاپ روئندي رهي: هن جي گونگن ڳوڙهن مون کي ڪمزور ڪرڻ شروع ڪيو: هن جي زندگيءَ سان کيڏڻ سان آءٌ انسانيت جي درجي کان ڪري پيو هوس، سو احساس وڏڻ لڳو. پنهنجي پاڻ سان نفرت ٿيڻ جو هڪڙو سبب سانئڻ ۾ هئي. پر پوءِ منهنجي وڏيرپ ۽ خودغرضي- ٻئي موٽي آيون.

گهڙي کان پوءِ مون وري چيو: "پر ان جو هڪڙو علاج مون کي سُجهي آيو آهي. توکي ايا شڪ جا ٻہ ٽي ڏينهن ئي گذريا آهن. آءٌ سياڻي ئي چاچي خيري کي چئي، مٺوءَ سان تنهنجو ويانهن ڪرائي ٿو ڇڏيان. آهي تہ هڪ يار کي دوکو ڏيڻ، پر ڇا ڪريان، مجبوري آهي: ڳالهہ ايئن ئي لڪي سگهندي! تون ۾ وڃي پنهنجي گهر سڪي ٿيندينءَ. آءٌ مٺوءَ جي ايتري مدد ڪندس جو اوهين سُکيو ٽڪر کائي سگهو، ۽ پير مرد جي خدمت ۾ ڪري سگهو! ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪجانءِ، پر علوءَ کي سلهہ جي اسپتال ۾ اڳي ئي داخل ڪرائي ڇڏيو اٿم. خدا ڪندو تہ اهو ۾ ٻارهين ڇهين مهيني ڇڳو ٿي موٽي ايندو. پنهنجي گهر تڙ واري ٿيندئين تہ هري هري ٿي سڀ ڳالهيون ميٽجي ويندیون!"

ڪيترو نہ ظالم هوس آءٌ! هن جي پيار کي مون ڪيڏو نہ معمولي، ڪيترو نہ ٿڄُ سمجهيو هو، جو آءٌ ساٿس سوديبازي ڪري رهيو هوس!

پر سانئڻ کو جواب ڪونہ ڏنو. بدستور گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. ڪيترو وقت پيرانديءَ کان ليٽي، پنهنجي منهن روئندي رهي. اڄ منهنجي جسم ۾ هن کان ڪؤ ٿي ڪاڏو. پرهہ کان گهٽو اڳي، هوءَ اُٿي، مون کي ڪو وقت گهوريندي رهي، ۽ پوءِ چپ چاپ هلي ويئي. آءٌ ڇت جي پٽَن ۾ گهوريندو رهيس.

مون کي فقط هڪڙو خيال ڊيڄاريندو رهيو: جيڪڏهن مئوءَ کي ڪنهن قسم جو شڪ پئجي ويو تہ... انهيءَ "تہ" جو مون وٽ ڪو جواب ڪونہ هو، يا مون ان جو ڪو جواب ڏيڻ نٿي گهريو. انهن ڳالهين تي سوچڻ لاءِ منهنجو ذهن تيار نہ هو. پنهنجي ننڍپڻ جي يار تي احسان ڪرڻ، ۽ سندس ڀاءُ کي دوکو ڏيڻ ۾ ڪو لاڳاپو هو- اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ منهنجي شخصيت جو هڪ حصو بلڪل تيار نہ هو!

صبح ٿيندي ئي آءٌ چاچي خيري سان مليس. ۽ ڪيس ان ڳالهہ تي راضي ڪري ورتم. بهانو اهو ڏنم تہ "آءٌ ڳوٺ ڇڏي، ولايت وڃڻ وارو هوس- وري ڪين ڏسڻ يا نصيب! دل ٿي چيو تہ ڳوٺ ۾ جن هڪ ٻن ماڻهن سان دلين جو وهنوار هو، انهن سان ڪو وڙ ڪندو وڃان!

گهر ۾ امان کي منٿ ڪري مڃايم، ۽ گلان بابي کي رستي تي آندو. چاچي خيري کي چار ديڳيون پٽ لاهرائڻ لاءِ خرچ پڪو ڏنم. شهر مان ٻہ چار جوڙا ڪپڙن جا، ۽ چانديءَ جا ڪجهہ زيور بہ گهرائي ورتم، ۽ ان سان گڏ پنهنجي ڊرائيور کي بہ ڪي ڳالهيون سمجهائي ڇڏيم.

نڪاح ۾ بابو بہ شريڪ ٿيو، پر آءُ حويليءَ ۾ ئي ويٺو رهيس. گلان کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏي، ست سو روپيا روڪڙا ڪڍي سندس هٿ تي رکيم. هوءَ غريب ايڏي ساري رقم ڏسي مرڪو روئڻ لڳي. مون کيس دلداري ڏيندي، روٺهارڪي انداز ۾ چيو: "گلان، تو مون کي نپايو آهي. ڊيءَ تي چاڙهي گهمايو اٿئي، سو اڄ ان جو بدلو ٿو چڪايان! انهن پئسن سان پنهنجي دادلي پَٽ جو ويانهن دهلن دمامن سان ڪجانءِ. باقي مون کي دعا ڪج تہ الله سائين مون کي جنتون نصيب ڪري!"

"ڇورا، اهڙي وائي تہ نہ ڪڍ، اڄ سياڳي ڏينهن تي حويليءَ جي ٻاهران پيا دهل شرنايون وڄن، ۽ تون پيو مرڻ جون ڳالهيون ڪرين!" هن پيار مان ڇينڀيندي چيو.

"سچ ٿو چوان، گلان! منهنجي دل دنيا مان ڪٿي ٿي پئي آهي. آءُ جهنگ منهن ڪري هليو ويندس يا زهر کائي مرندس!" مون ٿڌو شوڪارو ڀريندو چيو.

"آءُ ٿي ماڻهين کي سڏي، ٻڌايانس تہ تنهنجو لاڪيٽو پٽ ڪهڙيون پيو اُبتيون سبتيون ڳالهيون ڪري!"

"اِن مان ڀلا ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ امان بہ مون کي جهلي ڪيترو جهليندي؟ جڏهن منهنجي دل ئي نہ ٿي لڳي تہ پوءِ جيئري رهڻ مان ڪهڙو فائدو؟... خير، دعا ڪجانءِ. البت مون تي هڪڙو ٿورو ڪرين تہ چوانءِ...!" "ٿورو وري ڇاجو؟ مون تہ توکي اڳي ئي چيو هو تہ تون رڳو ڳالهہ جو سَر ڏينم تہ باقي آءُ پاڻهي پڇنديسان...!"

"نہ، نہ، مون کي ڪنهن ٻانهن جو ڪَپَ ڪونهي: اهي تہ شهر ۾ ڪوڙ آهن. پر هڪڙو ڪم آهي، جي زبان ڏينم تہ چوانءِ!"

"هيءَ سينڌ ٿي ڏيانءِ. تو مون سان وڏو وَڙ ڪيو آهي، سو جي سِر گهرين تہ بہ صدقي..."

مون ڪجهہ وقت سوچيندي چيو: "آهي بہ سچ تہ سر ڏيڻ جهڙي ڳالهہ- بابي کي خبر پئي تہ بندوق ئي هڪڙي هٿندءِ! توکي تہ خبر آهي تہ منهنجو بابي سان ڇا تي جهيڙو ٿيو هو. مهروءَ جو ڇورو پوليس لڏو آهي، پر پَڪَ نہ آهي تہ

اهوئي نينگر مهروءَ جو آهي! پر اهجاڻ ساڳيا اٿس. بابو اهڙو سڙيو ويٺو آهي، جو جيڪڏهن ٿو ڇورو هٿ اچي ته هٿندس دونالي. دونالي نه به هٿيس ته به اها پڪ ٿيندس ته جي مهروءَ کي نينگر واپس مليو ته ڪنهن ڏينهن ڪيس ساڻ ڪري، وري وڃي نورل جي پيرِ وٺندي. سو مرڳو ڇورو به مرندو ۽ نورل جو به سر ويندو...!"

مون هن جي منهن ۾ ڏٺو ته سمجهيم ته منهنجي اداڪاريءَ ۾ هن کي ڪو گمان ڪونه ٿي پيو. سو وري چيم: "پر جيڪڏهن مهرو ڇوري کي سڃاڻي ته پوءِ آءٌ هن کي ڪنهن اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندس: گهٽ ۾ گهٽ مهروءَ کي اها پڪ ته ٿيندي ته ڇورو جيئرو آهي. سو پوليس کي شاخ تي جهليو اٿم. هاڻ ٿو منهنجو ڪم اچي. ٻيا سڀ لڳا پيا آهن، سائنڊ ۽ مٺوءَ جي شاديءَ ۾! تون ڪنهن طرح مهروءَ کي حويليءَ مان ڪڍي، شاخ تي ڇوڪرو ڏيکاري، موٽائي وٺي اچينس. پر ڪم اهڙو تڪڙو ڪرڻو آهي، جو بابي جي نڪاح تان موٽڻ کان اڳ ۾، مهرو موٽي نه آئي ته هن کي ته گهوڙا پوندا پر بابو توکي به ماري مُڃَ ڪري ڇڏيندو!"

گلان گهڙي ڪن ماٿ تي ويئي: ٻڌَ- تَرَ ۾ هئي: حياتي ڪنهن کي پياري ڪانهي. پر پوءِ سوچي چيائين: "جي رئيس سويري ئي نڪاح مان موٽي اچي ته پوءِ...؟"

"تون ان جي ڳڻتي نه ڪر. آءٌ به وڃان ٿو نڪاح تي! ڪوشش ڪري بابي کي اتي ترسائيندس، جيتر اوهين موٽي اچجو!"

"چڱو ماشا مولي! آءٌ وڃي ٿي مهروءَ کي ميرا سيرا پنهنجا ڪپڙا پارايان ته جيئن ڪو رستي تي ڪيس سڃاڻي نه وٺي. حويليءَ ۾ ته زالن جي اڃ وڃ لڳي پئي آهي، سو دستگير ساٿي ٿيندو!"

گلان جي هٿ ۾ جيڪي ست سو رپيا هئا، سي وڃي سندس برَيءَ ۾ پهتا، ۽ هوءَ تڪڙي تڪڙي هلي ويئي.

گلان پنهنجي تيارين ۾ هئي ته آءٌ اُتي وڃي نڪاح ۾ شريڪ ٿيس. هڪڙي پاسي بابي جي ڪٽ پئي هئي، جنهن تي بابي سان گڏ ڳوٺ جا ٻه سيد به ويٺا هئا. ٻيا سڀ ماڻهو هيٺ تڏن ۽ نکن تي ويٺا هئا. آءٌ به وڏي وڃي بابي وارن سان ڪٽ تي ويهي رهيس. نڪاح ايڏا ڪونه پڙهيو هو. تنهن وچ ۾ ناچو ڇوڪرن جي هڪ پارٽيءَ چڱا پئسا پئي ميڙيا. مون کي به رؤنشو سجهيو، سو اُتي پنجين جو هڪڙو نوٽ ڪڍي علوءَ جي ڳل تي رکيم! هڪڙو ٺاهوڪو ڇوڪرو مَٽڪندو، تال ڪندو، گهنگهرو وڄائيندو آيو، ۽ مٺوءَ کي هڪ ٺاهوڪي چهنڊڙي هٿي، نوٽ ڪڍي ويو! ٻيو نوٽ ڪڍي، بابا جي مٿي تان گهوري، ڇوري کي ڏنم، ٽيون نوٽ،

گهڙي سهي، بابا جي ڳل تي رکيم. ڇورو وري بہ نخرا ڪندو، مرڪندو، بابا جي ڳل تي هٿ گهمائيندو، هلڪي چهنڊڙي هڻي، نوٽ ڪڍي ويو. هر پنجن منٽن کان پوءِ اها حرڪت ورجائيندو رهيس. مون کي وقت گهربل هو، ۽ غريب جي شاديءَ جي ڊيگهہ بہ گهٽ هئي! انڪري ان کي ڊگهو ڪرڻ لاءِ ڳچ وقت اهو رؤنشو جاري رکندو آيس. جڏهن سمجهيم تہ هاڻ مسافر وڃي منزل تي رسيا هوندا، تڏهن ماڻ ڪر ويهي رهيس. نڪاح ۾ ملان بہ چڱي لانڊ ڪئي. نڪاح کان پوءِ چاچي خيري پاڻ مون کي ۽ بابي کي هٿ ڏوئاري ماني کارائي. ماني کائي بابي موڪلايو تہ آءٌ بہ ساڻس گڏ حويليءَ تي موٽي آيس.

بابو سڌو پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو، ۽ آءٌ پنهنجي ڪمري ڏانهن. حويليءَ جي الهندي ڪنڊ کان، دهل تي زالن جي ڳائڻ جو آواز اچي رهيو هو. اوچتو مون بابا جو گرجندڙ آواز ٻڌو: هو زور سان گلان کي سڏ ڪري رهيو هو.

گلان ڊوڙندي آئي. مون پنهنجي دروازي جي ٻينج مان ليو پائي ڏٺو.

"مهرو ڪٿي آهي؟" بابا جي گجگوڙ منهنجي ڪن تي پهتي.

"رئيس، اتي ئي هئي! مون چيمس تہ هلي ساٺ سوڻ ڏس تہ نهڪر ڪري سمهي پئي. مٿي جي سور جي دانهن پئي ڪيائين."

مون کي گلان جي عقل ۽ چترپڻي ۾ اهائي اميد هئي.

سڄي حويلي اتلائي پٽلائي ڏٺائون، پر مهرو هجي تہ نظر اچي. جڏهن سڄو گهر ڳولي بيٺا، تڏهن اهوئي ٿيو، جنهن لاءِ آءٌ بلڪل تيار هوس. بابو سڌو منهنجي ڪمري ۾ آيو. آءٌ ڪپڙا بدلائي ليٽي پيو هوس. دروازي کي اهڙو ڏکو ڏنائين، جو ان جو پڙاڏو سموري حويليءَ ۾ گونجيو هوندو. مون وتائي وارو اڳ ورتو. "خير تہ آهي، بابا؟!"

"مهرو ڪٿي آهي؟" بابا شوڪجي پڇيو.

"مهرو؟... ڪهڙي مهرو؟... او... هو... مهرو! مون کي ڪهڙي خبر. پنهنجي ڪمري ۾ ڪانهي ڇا؟"

"اتي هجي ها تہ توکان ڇو پڇان ها!"

"مون کان پڇڻ جو مطلب؟ آءٌ اوهان جي مهروءَ جو چوڪيدار تہ ڪونہ آهيان!" مون بہ ٽورو شوڪجي چيو.

"پوءِ اوچتو ئي اوچتو ڪو ديو ڪٿي ويس ڇا؟"

"اها تہ الله کي خبر! هوندي اتي سائن سوڻن ۾ زالن سان گڏ، ٻيو ويندي ڪيڏانهن!؟"

گلان جواب ڏنو: "رئيس، اتي بہ آءٌ ڳولي آئي آهيانس- اتي بہ ڪانهي!"

"پوءِ ڪيڏانهن ويئي؟" مون الٽو سوال ڪيو.

"اهو ئي ته توکان پڇڻ آيو آهيان. هجي نه هجي پر هن ۾ ضرور تنهنجو هٿ آهي! مون کي تنهن ڏينهن ئي شڪ پيو هو: اشرافت مان سچي ڪر، نه ته ڳالهه نه ٺهندي!"

آءٌ اُتي بيٺس، ۽ ڏيرج سان طاق ڏانهن وڏيس، ۽ پٺيروئي چيم: "بابا، اوهين، ته اجايا پيا دڙڪا ڏيو. ڳالهه کي ٿڌيءَ دل سان سوچيو. هرويرو پيا مون کي ڏوهه ڏيو." طاق تان قران کڻي، کيس سامهون ٿيندي چيم: "هي ڪلام الله وچ ۾ آهي. چئن ڏينهن کان مهروءَ کي مون ڏٺو به ڪونهي!"

هي اهڙو دليل هو، جنهن جو ڪو جواب نه هو، ان جي جواب ۾ بابا رڳو پٽڪندو رهيو. مون وري به هيٺاهين هلندي چيو: "ڏسو متان نورل مرڻ ۾ هجي، ان کو نياپو موڪليو هجيس، يا ڇوڪرو لڏو هجيس ۽ ان کي ڏسڻ کاڻ نورل ڏانهن وئي هجي... هلو ته آءٌ ٿو اوهان سان گڏجي هلان- متان اُتي هجي!"

بابا ڪيچي جهڙي پت. ڪنڌ ۾ پيل منهنجي دونالي ۽ چار پنج ڪارتوس کڻي، بندوق ڀري، چيائين: "آءٌ ته هلون!"

ان "آءٌ ته هلون" ۾ ٻيءَ جو پٽ تي اعتماد موٽي آيو هو. نورل جي دَرَ جو ڪنڌو ڪليل هو. جاءِ جي اهائي حالت هئي، جيئن مون ڇڏي هئي. بستري جي به ساڳي حالت هئي، ڇڻ ڪو ماڻهو تڙتڪڙ ۾ اٿيو هجي. بابا ٽارچ سان چڱيءَ طرح جاچي ڏٺو: پَڪ ٿيس ته مهرو هت آئي هئي، ۽ نورل سان ڀڄي نڪتي هئي. مون کي هاڻ هن شخص تي رحم اچڻ لڳو: سندس انا کي سخت صدمو رسيو هو: وڏيري جي انا، جنهن جي نذر، خبر نه آهي ته ڪيتريون نيڪيون ٿينديون رهيون آهن!

واپس حويليءَ ڏانهن ايندي، هن رڳو به لفظ چيا: "هاڻ ڇا ڪجي؟"

مون به اوتري ئي تحمل سان جواب ڏنو: "واءِ واءِ ڪرڻ سان مرڳو بدنامي ٿيندي! ڳالهه حويليءَ کان ٻاهر نه وڃي ته چڱو. سيائي صوبيدار وٽ هلي مٿس ڪم رکنداسون ته نورل جي جانچ ڪري: هٿ اچيس ته ڪنهن ڍور جي چوريءَ ۾ ڪٽي ٻڌيس: پوءِ پاڻهي سچيون ڪرائينداسونس! جيڪڏهن صوبيدار مان ڪجهه نه وريو ته ايس. پي. منهنجو دوست آهي، ان کي چئي، سيني ٿاڻن تي اهڙو بندوبست ڪرائيو جو جتي به هوندا، پوليس رسا ڳچيءَ ۾ وجهي وٺي ايندين پنهنجي اوطاق تي!"

مون کي پاڻ تي حيرت لڳي رهي هئي ته وڏيرڪي ماحول کان هيترو پري رهڻ جي باوجود به وڏيرڪا انگ ۽ انگڙا، داوَ ۽ ڏانوڻ سڀ ياد هئم! بابا شايد منهنجي خلوص کان پهريون ڀيرو متاثر ٿيو هو. سو مون کي هڪڙي ٻانهن سان ڪلهن تي اعتماد ۽ ڀروسي جو هلڪو زور ڏنائين، جنهن ۾ پيار نه هو ته به

پنهنجائپ ضرور هئي!

صبح جو آتيس تہ منهنجي جسم توڙي روح ۾ اطمينان، سڪون ۽ آجاتو سرور سمايل هو؛ فقط هڪڙو خدشو هئم سانئڻ لاءِ، تہ متان ڦاٽ ڦاٽي پوي. گهوٽ ڪنوار جي پهرين ماني حويليءَ طرفان مون جهلي هئي، ڇاڪاڻ تہ ڪنوار اسان جي حويليءَ جي ٻانهي هئي. بابو صبح لاڪون جيپ ۾ چڙهي ڪاڏي روانو ٿي ويو هو. مانيءَ کان واندڪائيءَ کانپوءِ، آءٌ مٺوءَ ۽ سانئڻ سان ملڻ ڪاڻ ويس. ٻہ پئڪيٽ پاڻ سان هئم. بيٺي پير چيم: "شهرن ۾ رواج آهي تہ گهوٽ جا يار دوست گهوٽ ڪنوار کي ڪجهہ سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيندا آهن. مٺو، هيءَ تہ آهي تنهنجي سوڪڙي. ڀل کولي ڏس."

هن پئڪيٽ کوليو تہ ان ۾ ٿتي جي لونگي ۽ ڏهہ سو سو وارا نوٽ هئا! علوءَ جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ اچي ويئي: ان چمڪ ۾ شڪر گذاري هئي، دوستي هئي ۽ دوستيءَ جو پيمان! مون سوچيو، ڪاش، ان سوڪڙيءَ پويان منهنجو مجرم من نہ هجي ها!

ٻيو پئڪيٽ مون سانئڻ ڏانهن وڌايو. هن پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو: منهنجي دل زور سان دڪ دڪ ڪري رهي هئي، ۽ پوءِ مون اهو ڪجهہ ڏٺو، جنهن جي ڏسڻ جي مون کي آنڌ ماندَ هئي. ميندءَ رتي هٿ جي عين وچ ۾، ميندءَ ۾ لڪل هڪ ڊگهو زخم، هڪ ڊگهو چهڪَ نظر آيو: ان زخم ۾ منهنجي سمورن گناهن جي معافي ۽ تلافي لڪيل هئي! مون خوشيءَ سان پئڪيٽ ڪٽي سندس هٿ ۾ ڏنو.

هن ڏکندڙ هٿن سان پئڪيٽ کوليو. منجهس هڪ سائي لوئي، ۽ ڏاڻين سوڌا سونا پنڙا ڏسي، سانئڻ پنهنجي هيئين چپ کي چڪ پائي ڦٽي وڌو، ۽ آءٌ تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيس!

ٽن ڏينهن کانپوءِ، بابي جو حڪم مليو تہ آءٌ شهر وڃي ايس. پيءَ سان ڳالهائي ڇڏيان. ان وچ ۾ رمون ڊرائيور مون کي ٻڌايو تہ بابا ٻہ ڏينهن روز منهنجي شهر واري بنگلي جا ويهہ ويهہ چڪر هنيا هئا. جڏهن آءٌ بابا کان آخري پيرو موڪلائي شهر ڏانهن اُسهيس، تڏهن پهريون پيرو مون کي محسوس ٿيو تہ بابا پوڙهو ٿي چڪو هو- ناميديءَ جي حد تائين پوڙهو!

2

شهر ۽ ڳوٺ جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي: ڳوٺ جي زندگي خاموش، بيمار، پيڙيل ۽ ايذائيل، ۽ شهر جي زندگي گهمسان، چهڪندڙ، ڏکوئيندڙ ۽ ايذائيندڙ! پر اها حالت تہ اسان جي ملڪ ۾ هئي. سڌريل ملڪن ۾ تہ ڳوٺاڻي زندگي پرسڪون هوندي آهي، ايذاء ۽ اهنج جي بدران ماڻهن جي منهن تي صحت، خوشي، ڀلائي ۽ 'مٺڙا گهر تہ گهرئين' جا جذبا ڇانيل هوندا آهن. ان جي برعڪس شهرن ۾ ڏيکاءُ، بيماري، ڊپ ۽ سهميل جذبا ڪَرَ ڪٽي للڪاريندا آهن. اسان جي وطن ۾ شهر هڪ اهڙي پناهہ آهي، اهڙو مورچو آهي، جتي ويهي انسان ڳوٺ جي ايذائيندڙ احساس کان لڪندو وتندو آهي- ڪڏهن ان گهمسان ۾ گم ٿي وڃڻ سان، ڪڏهن مصنوعي، هٿرادو خوشين ۾ پنهنجي پيڙائن کي لڪائڻ سان!

منهنجو بنگلو سمنڊ جي ڪناري تي هو: جڏهن ڏينهن جو شهري گوڙ گهٽ ٿيندو هو تہ وڏندڙ خاموشيءَ ۾ سمنڊ جي لهرن ۽ ويرُن جو شور ان جي جاءِ وٺڻ لڳندو هو. پر اهو شور ايترو پرانهون هوندو هو، جو ورچائڻ بدران سڪون بخشيندو هو، ڇڻ تہ اهو زندگيءَ ۽ زندهہ هجڻ جو هڪ ثبوت هو؛ جنهن کان جدا ٿيڻ سان مري وڃڻ جو احساس جاڳندو هو. جڏهن شام جو اُن بحر جي ڪناري ڪناري هلبو هو تہ پاڻيءَ جون لهرون پيرن هيٺان واريءَ جا تهہ ايئن ڪڍي ڇڏيندیون هيون، ڇڻ تہ غم جو هڪ تَهہ پاڻ سان کڻي ٿي ويون، ۽ ان جي بدران ياد جو تَهہ ڇڏي ٿي ويون. غم ۽ ياد جي تهن وارو لاڳاپو بہ عجيب آهي. خوشيءَ جي انتها بہ غم ۽ ڪرب بڻجي ويندي آهي. غم جي انتها، دماغ کي ان حد تائين سُن ڪري ڇڏيندي آهي، جو خوشيءَ جو گمان ٿيڻ لڳندو آهي. ذهن ۾ ڇڻ تاڙيون پئجي ويندیون آهن، ۽ هڪ اهڙي سرحد قائم ٿيندي آهي، جتي ڏک ۽ سک، خوشيءَ ۽ غم ۾ ڪو فرق نہ رهندو آهي.

پهرئين ڏينهن جڏهن بنگلي تي پهتس تہ غلامون ڊوڙندو آيو، ۽ اچڻ شرط چيائين "سائين، هن ٽن ڏينهن کان نہ ڪجهہ ڪاڏو آهي، نہ ڪجهہ پيتو آهي. نوڪرياڻي هن جون ڳالهيون ڪانہ ٿي سمجهي، نہ هوءَ نوڪرياڻيءَ جي ڪا ڳالهہ ٿي سمجهي. آءٌ تہ اوهان کي تار ڪرڻ وارو هوس."

آءُ هن جي ڪمري ۾ گهڙيس تہ هوءِ پلنگ تي سُتي پئي هئي، ۽ سامهون ٽيبل تي ٻپهرن جي ماني رکي هئي، جا هن چکي بہ نہ هئي. هن جون اکيون بند هيون. مون کي هڪ ڀيرو وري هن جي انسان نہ هجڻ جو گمان ٿيڻ لڳو: يقيناً انسان ايترو نازڪ، ايترو هلڪو، ايترو بي داغ ٿي نہ ٿو سگهي. سندس ڳلن تي سمهيل سندس ڍڳها ڍڳها پنبڻ، رنگن جو اهڙو تضاد پيدا ڪري رهيا هئا. ڇڻ تہ ڪنهن بت تراش سنگ مرمر مان ڪاليداس جي "ارويسيءَ" جو بت ٺاهي، ان کي زندگي ڏيڻ لاءِ، ڪلوپاترا جا پنبڻ اکين تي چنبڙائي ڇڏيا هئا. شايد اهوئي تصور هو، جنهن مون ۾ هن جي غير مَرئي هجڻ جو خيال پيدا ڪيو هو. جتان آءُ بيٺو هوس، اُتان هن جو منهن آڏو ٿي نظر آيو، ۽ ان مُک کي ڏسي، منهنجي دل ۾ هلڪو خيال ۽ ڀؤ پيدا ٿيو تہ جيڪڏهن اڄ کان پوءِ آءُ ان مُک کي ايترو قريب ڏسي نہ سگهان تہ پوءِ...! اهو هڪ عجيب خيال هو، عجيب ڀؤ هو... جو هڪدم ڊيڇاريندڙ نہ هو، هڪدم پريشان ڪرڻ جهڙو نہ هو، پر مون کي رڳو اهو احساس ٿيو تہ پوءِ شايد آءُ ڪابہ شي ڏسي نہ سگهندس، ۽ جيڪڏهن ڏسي بہ سگهندس تہ صرف بدصورت شيون ئي ڏسندس؛ پوءِ اهي پنهنجو پاڻ ڪيتريون ئي خوبصورت ڇو نہ هجن! سندس ان چهري کي ايترو قربت سان ڏسڻ ۽ محبت ڪرڻ جي ڪري ئي آءُ پاڻ ۾ حسن ۽ خوبصورتيءَ جو معيار قائم رکي سگهندس. شايد پوءِ مون کي هر شي بدصورت لڳندي. شايد پوءِ ڪاليداس، وديا پتي، ميران، شاهہ، خيام، شيلي، شيڪسپيئر، سُئن برن ۽ رِلڪي جو شعر بدصورت ٿي پوندو، مونا ليزا، مئڊونا ۽ وينس محض بدصورتيءَ جا مجسما بڻجي ويندا.

شايد آءُ وري رومانيت جي ڪڏ ۾ ڪرندو ٿي ويس. اڄ کان ڪجهہ مهينا اڳ اهڙو تصور آءُ محض پاڻ وهيٽي چريائپ سمجهان ها! پر شايد آءُ ايترو اونهون ڪري چڪو هوس، جتان مٿي اُڀرڻ ناممڪن هو!

آءُ هن سونهن جي سراپ کي گهوريندو رهيس. مون کا شايد اهو فيصلو نہ ٿي ٿيو تہ ان وجود ۾ ڪهڙو حصو وڌيڪ حسين هو: پيشاني، اکيون، نڪ، چپ، ڪاڏي، ڇاتي، ٽنگون، مَريا، يا پير؟ منهنجي نظر هن جي پيرن تي پهچي اُتي ئي جمي ويئي، ۽ مون کي پنهنجي اها چريائپ ياد اچي ويئي جنهن ۾ مون انهن پيرن کي وڍي، گلدان ۾ سجائڻ ٿي چاهيو! اها آرزو وري جاڳي اٿي، پر هاڻ صرف پيرن تائين محدود نہ هئي. هن جي سڄي وجود لاءِ ساڳي آرزو پيدا ٿي تہ هن جي سموري وجود کي ڪنهن گلدان ۾ سجائي هر وقت پنهنجي سامهون رکان! مون ان وقت محسوس ڪيو تہ مون ۾ ڪو حسد موجود نہ هو؛ مون ۾ اهڙو ڪو انديشو نہ هو تہ ان گلدان ۾ سجايل ان مجسمي کي ٻيا ڏسي، چورائڻ جي ڪوشش ڪندا. عجيب خيال هو اهو: ڪنهن انساني وجود کي گلدان ۾

سجائڻ جو! بلڪل ان جهڙو خيال شايد انهن شڪارين جو هوندو آهي، جيڪي پنهنجي شڪار ڪيل چيتن، شينهن ۽ هرڻن جي ڪلن کي ريشم يا ڪنين سان ڀري، ٽرافين طور ڊرائنگ رومن ۾ رکي ڇڏيندا آهن، يا ڪي ته انهن مجسمن کي وهاٽي طور استعمال ڪرڻ لڳندا آهن! ته ڇا آءٌ به هن جو شڪاري هوس؟ اهو خيال ايندي ئي مون کي بدن ۾ هنڪو سياٽو پئجي ويو!

آءٌ اڃان تائين هن جي پيرن کي ڏسي رهيو هوس؛ ۽ مون ۾ اها آرزو پيدا ٿي ته آءٌ هنن پيرن جو ڇهاءُ پنهنجي چپن تي محسوس ڪريان. مون ٿورو جهڪي، پهرين هڪڙي ۽ پوءِ ٻئي پير تي پنهنجا چپ رکيا، ۽ هوءَ ڇرڪ ڀري اُتي ويٺي. مون کي حيرت ان ڳالهه تي هئي ته هن کي جاڳائڻ لاءِ منهنجي چپن بدران منهنجي اکين مان ٽِڙي ڪرندڙ ڳوڙها هئا. اهي لڙڪ يا ته ٿرَ جهڙا گرم هئا، يا سٽزرلينڊ جي پهاڙن جهڙا سرد، جن هن جي جاڳ وجود ۾ آندي هئي. مون کي اها خبر نه هئي ته منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي، هن جي پيرن تي ڪرڻ وارا هئا. ڇا مون کي پنهنجي اکين ۽ لڙڪن تي ڪو ضابطو نه رهيو هو؟

هن مون کي جنهن حالت ۾ سندس پيرن کي چمندو ۽ لڙڪ ڳاڙيندو ڏٺو هو، اهو منظر هن لاءِ بلڪل نئون هو. هڪ ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري يا هن جهڙي زائفان جي ذهن ۾ اهڙو منظر ته تصور يا خواب ۾ به اچڻ جهڙو نه هو. هنن لاءِ عشق ۽ محبت جو تصور ته خالص جسماني هو، ۽ ان جسماني تصور جي ذريعي ئي روحن جو ميلاپ ۽ ڳانڍاپو هنن لاءِ ممڪن هو. ان کان سواءِ پيرن کي ڇهڻ يا انهن کي چمڻ ته هنن جي تصور ۾ صرف ۽ محض عورت جي ڪردار جو حصو هو، نه مرد جو! مهروءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ ته محض محڪوميت جو ايذائيندڙ احساس، پنهنجي جسم ۾ محسوس ڪيو هو. هڪ طرف هن وٽ نورل جي مضبوط ٻانهن جو تصور هو، ۽ ٻئي طرف بابي جي اَٻڙڪا ڏيارينڊڙ گوڏ ۽ پنهنجي جسم تي لڳل نيٺ جي لڪڻ جي نيرن پٽن جو احساس! انهن ٻن سرحدن جي وچ ۾ ته هڪ وڏو خال هو، ۽ ان خال کي ڀرڻ لاءِ هوءَ نورل جي سِلهه ۽ پنهنجي پٽ جي گمشدگيءَ جو سهارو ڳوليندي رهي هئي. مون کي اهو خيال ٿيو ته انساني ڪردار جو هي نئون ۽ اوچتو رخ، هن جي ذهن جي تارن کي ڇني، ٽوڙي نه وجهي!

آءٌ پاڻ سنڀالي، سامهون آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيس، ۽ هن جي جاڳڻ کان پوءِ، هن جي اکين ۽ منهن جو تاثر ڏسڻ لڳس. هوءَ ڪوشش ڪري مون ڏانهن نه نهارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، ۽ اکيون هيٺ ڪري پنهنجي پيرن ڏانهن ڏسي رهي هئي. مون کي ان انداز مان پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته هوءَ ڪيتري نه ڪَنئري، ڪيتري نه تاڪئين، ڀڄي ڀَري پوڻ واري هئي، ۽ ان گهڙيءَ پهريون

پيرو شعوري طرح منهنجي دل دماغ مان هن لاءِ جسماني خواهش پَرَ ڪري اڏامي ويئي. ۽ پوءِ آءٌ پاڻ کي بلڪل هلڪو، بلڪل پَرسڪون محسوس ڪرڻ لڳس. منهنجو پيار، منهنجو نينهن منهنجي عقل جي دام ۾ ڦاسي پيو هو!

"اوهان ڏينهن ٿيا آهن، نہ ماني ڪاڏي آهي نہ نِڪي. پاڻ کي مارڻ جو اهو طريقو ڪنهن ڏسيو آٿوَ." مون هڪ نئين پاڀوهہ مان چيو.

"مون کي طلب ئي ڪانهي... پلائي ڪري مون کي ڳوٺ موڪليو. منهنجو چورو ڪونہ لڌو آهي؛ جيڪو چوڪرو مون کي ڏيکاريائون، سو منهنجو ساجن ڪونہ هو. روز ٿا چون تہ اڄ آئينداسون، سيائي آئينداسون..." هن جي آواز ۾ شڪايت کان وڌيڪ مظلوميت هئي.

منهنجي دل سچ ڳالهائڻ جي ضرورت کان ڦاٽل لڳي. پر دل ۽ ذهن جي ويڙهہ ۾ آءٌ پاڻ کي بيوس محسوس ڪري رهيو هوس.

مون چيو: "منهنجي مرضي نہ هئي تہ اوهان سان ڪلي ڳالهايان، پر مون کان اوهان جو هي ڏکويل ڪومايل منهن ڏٺو نہ ٿو ٿئي... مون جڏهن اوهان کي پهرئين ڏينهن ڏٺو، تڏهن منهنجي دل کي الائجي ڇا ٿي ويو هو. مون ايئن ڀانيو تہ اڳئين ڪنهن جنم ۾ اسان ٻنهي گڏجي راڌيون ڪيون هيون. هونئن تہ بابي جون سريتون مون ڪئين ڏٺيون. ڪي ٻہ مهينا رهيون، ڪي چار؛ ڪي حويليءَ جون ٻانهيون بنجي ويون، ڪي جيڪي ٿوريون همت واريون هيون، تن ٻار پيدا ڪري وڌا، ۽ بابي ڪين جدا جايون ٺهرائي ڏنيون!"

دل مَنَ هٿندي، سچ ۽ ڪوڙ جي چائنٽ کي لنوائيندي، مون هن ڏانهن نهارڻ بنان وري چيو:

"پر جڏهن مون اوهان کي ڏٺو، تڏهن منهنجي دل گائون مائون ٿيڻ لڳي. مهرو ۽ ٻانهي بڻجي، گولي ٿي گذاري، سان ڳالهہ دل کي ڏانءِ ئي نہ ٿي آئي. پوءِ مون کي امان سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. سوچيم تہ بابي جيڪي ڪيو آهي، ان جو ڪو عيوضو تہ آءٌ اوهان کي ڏئي نہ ٿو سگهان، فقط ايترو ڪري سگهيس ٿي، جو اوهان کي ان اوڙاهہ مان ڪڍي اچان."

آءٌ هن جي تاثر کي ڏسندو رهيس- ڏک، ڳڻتي، ٻوڙ ۽ اچرج جا جدا جدا تَهہَ، پاڻ ۾ گڏجي مسجي هڪ نئون تهہ- مظلوميت جو تهہ- بنجي ويا هئا!

مون ٿورو رڪي چيو: "ان لاءِ پهرين تہ مون نورل کي اسپتال پهچايو. ڊاڪٽر چون ٿا تہ چڙهي پوندو، پر ان ۾ اٺ ٻارنهن مهينا لڳندا. مون چوڪري جي ڳولا لاءِ جت ڪٽ ماٺهو ڊوڙايا پر ڪٽان بہ ڪو پتو ڪونہ پيو! پوءِ مون اوهان کي حويليءَ مان ڪڍڻ لاءِ اها ڪيڏ رتي. بابا ۽ ٻين جو ڏيان سانئڻ ۽ مٺوءِ جي ويانهن ڏانهن ڇڪائي، گلان جي ذريعي مون اوهان کي هت پهچايو. موٽر ۾

جيڪو پوليس جو آفيسر هو، سو پوليس جو ماڻهو ڪونهي، منهنجو منشي آهي. هن رڳو پوليس جا ڪپڙا پائي، اهو ڪيل ڪيڏيو آهي. مون اهو سمورو ناٽڪ ان ڏينهن بابي سان جهڳڙي کان پوءِ رتيو هو. اوهان کي جيڪا مار پئي، مون ايئن سمجهيو ته مون کي پئي پئي، ڇاڪاڻ ته نه آءٌ اوهان جي ڪمري ۾ اچان ها، نه اهو دنگو ٿئي ها!"

مون اطمينان سان سگريٽ دڪائيندي چيو: "منهنجو مطلب بلڪل صاف آهي ته مون اوهان کي ان اوڙاهه مان ڪڍڻ ٿي چاهيو. آءٌ وڏيري جو پٽ ضرور آهيان- ۽ ڪنهن کي ڪنهن وڏيري جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ کان روڪي به ته نٿو سگهجي- پر آءٌ پاڻ وڏيرو نه آهيان. نه مون کي سَريتن جو شوق آهي، نه پرائي مال هضم ڪرڻ جو! سو جيڪڏهن ان طرف کان ڪو اوهان کي يڙ آهي ته اهو دل مان ڪڍي ڇڏيو. الائجي ڇو، آءٌ پاڻ به اجا تائين پنهنجي پاڻ کي سمجهي نه سگهيو آهيان، ۽ اوهين ته شايد ڪڏهن به سمجهي ڪونه سگهنديون ته ڇو، آءٌ اوهان کي حويليءَ تان ڪڍائي آيو آهيان، ۽ ڇو آءٌ اوهان کي هڪ نئون جيون ڏيڻ گهران ٿو. شايد اڳتي هلي، ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي!"

سڄ جي اُتساهه منهنجي آواز ۾ بي پرواهي پيدا ڪري وڌي، ۽ مون ٿورو ڏاڍيان چيو:

"اهو نئون جيون ڪجهه ان قسم جو هوندو ته اوهين هن گهر ۾، مالڪياڻي جي حيثيت سان رهو. جيڪي نوڪر چاڪر منهنجا آهن، سي اوهان جي به خدمت چاڪري ڪندا. منهنجو خيال هو ته اوهان کي هڪ ماسترياڻي رکي ڏيان، جا اوهان کي پڙهائي، ايستائين پڙهائي، جيسين اوهين پنهنجي زندگي متعلق پاڻ سوچڻ جهڙيون ٿيو! بدلي ۾ مون کي ڪجهه نه گهرجي. متان ڪو اوهان کي دل ۾ خيال ٿئي، اوهين جيڪڏهن گهرنديون ته آءٌ هن بنگلي کي ڇڏي، ٻئي بنگلي ۾ وڃي رهندس!"

سگريٽ، ڇڪڻ بنان، سڄي سڙي منهنجي آڱرين کي ساڙڻ لڳي. مون ان منجهان ئي ٻي سگريٽ دڪائي، هن جي منهه جو تجزيو ڪيو، ۽ ان تجزئي مون کي اڳتي چوڻ لاءِ همٿايو.

"پر جيڪڏهن اوهان کي اها ڳالهه پسند نه اچي ته پوءِ اوهين جيئن چئو تيئن ڪريان. آءٌ اوهان کي واپس ڳوٺ پهچائڻ لاءِ تيار آهيان. پر هڪ ته سڄي حويليءَ ۾، ۽ هاڻ شايد ڳوٺ، ۾ به ڳالهه پکڙجي ويئي آهي ته مهرو نورل سان ڀڄي نڪتي آهي. بابا کي آءٌ پاڻ اوهان جي گهر وٺي ويو هوس. ڳوٺ ۾ نورل جي وڃڻ جي چاچي خيري کان سواءِ ڪنهن کي سڌ ڪانهي. سو بابي به سمجهيو ته توهين ٻئي گڏ نڪتا آهيو: ۽ هو دونالي ڪٽيو ويٺو آهي: اوهان کي ڏٺائين يا نورل

کي، دونالي ۽ جا ٻئي ڪارتوس اوهان جي مغز ۾ هٿندي ويرم ڪونہ ڪندو!"

سچ تہ اهو هو تہ مون، هن کي ڊيڄارڻ نہ گهرندي ٻہ، ڊپ هن ڏانهن سچ جي صورت ۾ وارڻ جو جتن پئي ڪيو.

"پر جيڪڏهن بندوق نہ ٻہ هٿي، تڏهن ٻہ چڱي چوڪي مار کان پوءِ اوهان جي حالت گولين ٻانهين کان گهٽ ڪانہ ٿيندي. گلان ٻہ تہ بابي جي سَريت تي گهر ۾ آئي هئي. هاڻ گولپو ڪندي اچي اچا پيا اٿس."

مون ڪجهہ ترسي وري چيو: "باقي رهيا اوهان جا مائٽ، تن جي گهٽي خبر ڪانہ اٿم. جيڪي ڳالهيون ٻڌيون اٿم، تن مان سمجهان ٿو تہ وڏيري گلڻ وارن اجان کين ڪونہ بخشيو آهي. اُتي پهتيون تہ وڏيرو حڪما حڪمي اوهان کي ڪٽائي ويندو. هڪڙي وڏيري جي حويليءَ کان ٻئي وڏيري جي حويليءَ ۾ وڃڻ کي پسند ڪريو تہ يا بسم الله. هاڻ مرضيءَ جون مالڪ آهيو: جيڪو فيصلو ڪريو، آءٌ ان مطابق قدم کڻڻ لاءِ تيار آهيان."

هوءَ چپ چاپ زمين کي تڪيندي رهي. سندس منهن تي اچا ٻہ ڪنهن اچاتي شڪ ۽ مظلوميت جو گڏيل احساس طاري هو. ان شڪ تي وار ڪرڻ ٻہ مون مناسب سمجهيو.

"هتي رهڻ مان اوهان کي هڪڙو فائدو ٻيو ٻہ ٿي سگهي ٿو. جڏهن اوهين خود پڙهي لکي، پاڻ سوچي سگهنديون تہ گهٽ ۾ گهٽ هن شهر ۾ پنهنجي سِر ٻہ ڇوڪري کي ڳولائڻ جو جتن ڪري سگهنديون. جيڪڏهن هتي هوندو تہ آوس ليي پوندو!"

اهو تير نشاني تي پورو وڃي ڪتو، ۽ هن پهريون ڀيرو مون ڏانهن سڌو سنئون نهارڻ جي همت ڪئي. سندس منهن تي مونجهارو ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ هئا، پر انهن لڙڪن ۾ ڊپ جو عنصر نہ هو. انهن لڙڪن جي گهرائيءَ ۾ نهاريندي مون کي هلڪي خوشي ٿيڻ لڳي. جيڪڏهن هن حسين وجود کي آءٌ ڪا خوشي ڏيئي سگهان تہ منهنجي زندگي ڪيتري نہ ڪامياب ۽ ڪامران ٿي پوندي. جيڪڏهن هن جي خوشيءَ لاءِ مون کي پنهنجي خوشي ۽ خواهش اربڻ ڪرڻي پئي، تہ ٻہ سودو ايترو مهانگو نہ هو. پنهنجي خيالن جي ان اوچائي ۽ بلنديءَ ۾ هاڻ مون کي ڪو شڪ نہ هو؛ ۽ هاڻ منهنجي شخصيت ۾ ڪا وَندِ ورهاست ٻہ ڪانہ هئي. آءٌ هڪ ئي هوس- سڄو ئي سڄو، اڻ وندِيل، اڻ ڀڳل! هن هيڪندي چيو: "آءٌ تہ منجهي پئي آهيان؛ منهنجي ڀاڱ ۾ الائجي ڇا آهي. هن حياتيءَ منهنجي ساڳهہ ڪسي ورتي آهي!" ايئن چئي هن ڊگهو ساهہ ڪنيو.

مون سوچيو: اهو جملو ڪيترو نہ همہ گير، ڪيترو نہ عالمگير آهي: "هن حياتيءَ منهنجي ساڳهہ ڪسي ورتي آهي!"

پوءِ هن ٿورو هوريان هيڪندي چيو: ”اوهان کي جيئن مناسب سڃي، تيئن ڪريو!“

مون ايئن سمجهيو تہ خوشيءَ جي انتها کان وري منهنجي شخصيت جو ڪو پهلو مون کان جدا ٿيڻ تي هو. پر منهنجو اندازو غلط هو. آءٌ بجاءِ هن ڏانهن وڏڻ جي، ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس، ۽ نوڪرياڻيءَ کي سڏي، ڪيس تازي ماني ٺاهي ڪيس آڻي ڏيڻ لاءِ چيم. آءٌ گهر کان ٻاهر نڪري، سمنڊ جي ڪناري ڏانهن وڏڻ لڳس. شرير لهرون منهنجا خيال پَسائي ويون. دور، سَمنڊ جي افق تي، هڪ جهاز جي مَهڙ جي آندي نظر اچي رهي هئي، جڻ تہ اها منهنجي نئين زندگيءَ جي هڪ روشن چانديءَ جي ليڪ هئي- ۽ مونکي انگريزيءَ جو اهو پهاڪو ياد اچي ويو تہ ”هر ڪَڪَر کي پنهنجي پنهنجي روشن چانديءَ جي لهر آهي!“

مسز سڪينہ ٿورن ئي مهينن ۾ اهڙو انقلاب آندو، جو آءُ حيران ٿي ويس: مهروءَ اندر ڪا اهڙي ذهين عورت سَتل هئي، جا جڏهن جاڳي تہ استاد کي شهہ ڏيڻ لڳي. مسز سڪينہ هن کي نہ رڳو پڙهائڻ لڳي هئي، پر نئين زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هن جي تعليم کي هن ڇڻ تہ پنهنجو مقصد ۽ نصب العين ڪري سمجهيو هو. ان دوران، مون وري مهروءَ جي ڪمري ۾ قدم نہ رکيو هو. آءُ ڪوشش ڪري هن جي اڳيان اچڻ کان لهرائيندو رهيس. آءُ پاڻ ئي اهڙي ملاقات کان هڪ قسم جو حجاب محسوس ڪرڻ لڳو هوس. مون ۾ اهو بلڪل نئون جذبو هو، ۽ ان جذبي مان هڪ عجيب لطف ۽ ڪيف جو احساس ٿيندو هو. ان جي باوجود منهنجي دل جي هڪ ڪُنڊ ۾، ان سراپا کي ڀرپور نگاهن سان ڏسڻ لاءِ آرزو، پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل مڇي وانگر ڦٽڪندي رهندي هئي.

هڪڙي ڏينهن هڪ اهڙو عجيب منظر ڏٺم، جنهن گهڙي لاءِ منهنجا اوسان خطا ڪري ڇڏيا. منهنجو ڪمرو، مهروءَ جي ڪمري جي بلڪل مٿان هو. شام جي وقت آءُ پنهنجي ڪمري جي ڪنڊيءَ ۾ ويهي ڪتاب پڙهي رهيو هوس. منهنجي ڪمري جي ڪنڊي مان هيٺ 'لان' ۽ ايوان جو هڪ حصو ۽ پورچ چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ ٿي آيو. مون ڏٺو تہ مسز سڪينہ ۽ هڪ ٻي عورت، اڇي باربڊر جي ڪاري ساڙهيءَ ۾، ايوان مان نڪري پورچ ڏانهن وڌڻ لڳي. شوفر ڪار جو دروازو کولي، باادب بيهي رهيو. مسز سڪينہ کان پوءِ، اها عورت جڏهن مڙي ڪار ۾ چڙهڻ لاءِ جهڪي، تہ منهنجي دل گهڙيءَ لاءِ بيهي رهي، ۽ جڏهن وري دڪ دڪ ڪرڻ لڳي تہ منهنجا ٻئي هٿ پگهر ۾ شرٿي ويا. منهنجي نراڙ تي ڇڻ تہ ڪنهن برف جي پاٽيءَ جي پٽي رکي ڇڏي هئي، پر ان جي باوجود مون پنهنجي ڳلن کي سخت جهولي وانگر تپندو ساهہ ڪٽندو محسوس ڪيو. اها عورت "منهنجي" مهرو هئي...! "منهنجي مهرو" اهو تصور پهريون ڀيرو منهنجي ذهن ۾ آيو، ۽ ان سان گڏ هڪ ٻيو خيال منهنجي ذهن ۾ آيو: ڇا ايتري حسين عورت جو هن شهر جي جهنگ، هن سماج جي خونخوار ٻيلي ۾ داخل ٿيڻ جوڪم ڪان خالي آهي؟

جڏهن ڪار پورچ مان نڪري، ٻاهر هلي ويئي، تڏهن مون پنهنجو جائزو

ورتو. هٿن جي پگهر جي ڪري، ڪتاب جي جن صفحن ۾ منهنجي آڱر هئي، اهي ٻئي پاسا پگهرجي، آلي اڳر ٺاهي چڪا هئا. رومال ڪڍي هٿ صاف ڪيم، پر منهنجي هٿ ۾ هڪ هلڪي لرزش هئي، هڪ تڙڦ، هڪ اُج، هڪ تئونس! هن کي ڇهڻ جي، هن کي پنهنجي سامهون وهارڻ جي، هن کي گلدان ۾ سجائڻ جي! منهنجي دل هڪ اميد، هڪ دلاسي سان ماندي ٿيڻ لڳي.

واردِ روب ۾ پنهنجي بهترين سوٽ جي ڳولا ۾ ڪيترو وقت ضايع ڪيم، ان جو اندازو ئي نه لڳائي سگهيس. هڪ عجيب بي صبري منهنجي وجود ۾ اچي ويئي هئي. سوٽ پسند ڪيم ته ٽاءِ نه ڳولي ٿئي. آءٌ پاڻ کي سينگاري هيٺ لهي آيس. هڪڙو "ڪارنيشن" گل پٽي، ڪالر ۾ هنيم. گل پٽڻ وقت خواهم مخواهم ذهن ۾ پيٽ ڪرڻ جو جذبو جاڳيو. مون کي صرف پنهنجي هٿن تي ڪاوڙ هئي: اهي اڃا تائين پگهرجڻ کان آجا نه ٿيا هئا!

جڏهن ڪار واپس پورچ ۾ داخل ٿي ته به منهنجي حالت غير هئي، ۽ جڏهن سڪينه هن کي ٻانهن کان وٺي مون ڏانهن وڌڻ لڳي، ته منهنجي دل ڇڻ ته عجيب ماتم جي حالت ۾ هئي. هن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، مون کي شاهه جي سٽ: "يونءِ پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند" ياد اچي ويئي!

مسز سڪينه کي منهنجي بيقراريءَ جو صحيح اندازو ٿي چڪو هو، ۽ هن مهروءَ کي منهنجي ڀر ۾ بيهاريندي، پاڻ به قدم هٽي چيائين:

How charming, how Fascinating!

مون اکين ئي اکين ۾ هن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پاڻ تي ضبط ڪندي، ڪلي چيم: مسز سڪينه ڪيئن آهي، تنهنجي شاگرديائي؟ حيا ۽ لج کان مهروءَ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو، ۽ پنهنجي اکين کي لڪائڻ لاءِ، هوءَ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. نوڪر اسان کي بيئل ڏسي، ڪرسيون کڻي آيو. مسز سڪينه هڪ معنيٰ خيز مرڪ سان چيو: "اوهين کڻي امتحان وٺوس. جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهه ۾ فيل ٿئي ته مون کي پنهنجي فيي نه ڏجو. آءٌ ته خدا کان دعا ٿي گهران ته مون کي پنهنجي فيي نه ملي! پر هيءَ اهڙي شيطان آهي جو اهڙو موقعو مون کي ڏيندي ئي ڪانه،" ۽ پوءِ هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ آڻيندي، ڪلي چيائين، "مون کي هاڻ اجازت؟"

مهروءَ گهبرائجي چيو، "ڪالهوڪو سبق لکي رکيو اٿم، سو ته ڏسو!"

"مٺي، هاڻ وري سيائي. خدا حافظ!" ۽ تڪڙي تڪڙي ڪار ڏانهن وڌي ويئي.

آءٌ چپ چاپ هن کي ڏسندو رهيس. چوڌاري بهار هو، ۽ منهنجي باغ ۾ هر رنگ جا گل، شعلن وانگر پٽي ٻريا. من کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڇڻ ته اهي

سمورا گل، مهروءَ جي شخصيت جوئي هڪ حصو هئا، يا هن جي شخصيت جو اهو بہ هڪ پهلو هو. ڪاري ساڙهي هن جي ڳچيءَ سان، تضاد جي ڪري، ڇڻ تہ وڌيڪ ڪاري ٿي پئي هئي، يا هن جو منهن ان تضاد جي ڪري ڪڪرن ۾ چنڊ جيان ٻهڪي رهيو هو! مون محسوس ڪيو تہ هوءَ پاڻ هرگز نہ ڳالهائيندي. ان ڪري مون ئي دل ٻڌي چيو:

"ڀانيان ٿو تہ اوهان ايڏا مون کي معاف نہ ڪيو آهي... ۽ ساڳيءَ طرح مون کان نفرت اوهان جي دل ۾ قائم آهي..."

"هي ڇا پيا چئو... خدا جي واسطي اهڙيون ڳالهيون نہ ڪريو..." هن جو آواز ٻڌي، منهنجي دل جي ڇڻ تہ ڊيگهہ ويڪر وڌي ويئي.

"آءٌ سچ ٿو چوان... هيترا مهينا آئي ٿيا آهن اوهان کي، پر ڪڏهن بہ ايئن ڪونہ پڇيو تہ جيئرو آهيان يا مري ويس!"

"مرن اوهان جا ويري!" هن ۾ ڳوناڻي سادگي ۽ اهوئي لهجو موٽي آيو. "اوهين ڪتابن پڙهڻ ۾ ايترو مصروف ٿا رهو، جو اوهان کي "ڊسٽرب" ڪرڻ جي همت نہ ٿي!"

اهو "ڊسٽرب" جو لفظ نہ هو، پر هن جي نئين ڇاڻ جو هڪ نشان هو ۽ اهو هن بنهہ بي ساختہ چيو هو، پر اهو لفظ ڇئي هوءَ خود ٿورو شرمائجي ويئي.

"پلائي ڪري اهڙو خيال بہ ڏيان ۾ نہ آڻيو، تہ ڪو اوهان جي اچڻ ڪري آءٌ 'ڊسٽرب' ٿيندس... آءٌ تہ پنهنجا وڏا ڀاڳ سمجهندس!"

پوءِ مون ڪيس ڇيڙڻ لاءِ چيو: "ايڏا بہ جيڪڏهن ڳوٺ لاءِ دل ماندي ٿئيو تہ ڇڏي اچانو!"

ان ڇيڙ جو اثر، بلڪل ابتو ٿيو، جنهن جي مون کي اميد نہ هئي. غم جي ڇايا هن جي چهري تي ڇائنجي ويئي: "ايترو جلد ٽڪجي پيا مون کي نئين جيون ڏيڻ مان!" هن ڇڻ تہ هڪ سڏڪو ڀريندي چيو.

منهنجي دل جي الائي ڪهڙي حالت ٿي. مون بي اختيار سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلندي چيو- "مون تہ اوهان کي ڇيڙيو ٿي؛ ۽ آءٌ اوهان کي نئون جيون ڏيڻ وارو ڪير؟ اوهان جو پراڻو توڙي نئون جيون اوهان جو پنهنجو آهي. ان تي صرف اوهان جو پنهنجو حق آهي. ان حق کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ، مون کي سر گهورڻو پوي تہ بہ حاضر آهي!"

هن جي اکين ۾ مون پهريون ڀيرو پنهنجي لاءِ، پيار نہ، تہ بہ هڪ نرمي، هڪ هلڪو گداز ضرور ڏٺو، ۽ ان مون کي ايتري خوشي عطا ڪئي جو مون نوڪر کي سڏي چيو تہ مانيءَ جي ميز تي ٻن ماڻهن جو انتظام ڪن.

مانيءَ جي ميز تي اسين پهريون ڀيرو گڏ ڪائڻ لاءِ ويٺا هئاسون ۽ هڪ

نامعلوم خوشيءَ سان گڏ، اهو منظر به مون کي هن دنيا جو محسوس نه ٿي ٿيو. لج ۽ حياءَ کان ماني کائڻ کان به هوءَ هيڪندي رهي. مون سندس ڌيان ٻئي طرف ڪرڻ لاءِ ڪائنس سندس تعليم متعلق سوال ڪرڻ شروع ڪيا. سندس ڪتابن، سندس ڪپڙن، سندس ٻين ضرورتن متعلق ڳالهائڻ شروع ڪيم. پهرين ٿورو تڪلف ۽ حجاب سان؛ پر پوءِ جڏهن هن جو ذهن ڪجهه هِرڻ لڳو تڏهن اهو تڪلف ۽ حجاب جو پردو آهستي آهستي ڪمزور ٿي ڇڇڻ لڳو ۽ جڏهن هوءَ اتان اٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي، تڏهن مون کي ايئن محسوس ٿيڻ لڳو، جڻ ته منهنجي زندگيءَ جون بهترين گهڙيون ختم ٿي ويون هيون. هن جو وجود، هڪ هڳاءَ وانگر منهنجي اردگرد موجود هو. هن جو جهجهڪيل، ڄايل، گهبرايل آواز منهنجي ڪنن ۾ ٿي ٻُريو. هن جي هلڪي بي ڌياني، ماني کائڻ ۾ هڪ، ساڙهيءَ جي پلاند کي بار بار سنڀالڻ ۽ اهڙيون ڪيتريون حرڪتون وري وري منهنجي ذهن جي پردن تي ثبت ٿيڻ لڳيون، ۽ سڀ کان وڌيڪ منهنجي هٿن ۾ هن جي هٿ جو ڇهاءُ موجود هو. ان ڇهاءُ کي وڃائڻ جو تصور به منهنجي لاءِ ايذائيندڙ هو، ۽ ڪيترا ڀيرا بي اختيار پنهنجي هٿن کي چمي ٿي ورتم، ته ڪڏهن پنهنجي ڳلن تي ملڻ ٿي لڳس؛ ان آرزوءَ سان ته شايد اهو ڇهاءُ ڇپن ۽ ڳلن ۾ ڇائنجي وڃي!

ان ڏينهن، خوشيءَ ۽ غم ۾ هڪ ڊگهو فاصلو قائم ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن، هن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪيترا فاصلا گهٽائي ڇڏيا، ۽ زندگيءَ جا ڪجهه نيم مقرر ڪري ڇڏيا، جن منهنجي احساس کي نئين معنيٰ، نوان مفهوم عطا ڪيا. آهستي آهستي ٿي ئي وقت ماڻيءَ جي ميز تي گڏجي ماني کائڻ، اهڙي قربت جو احساس پيدا ڪيو، جو هڪ ڏينهن آءٌ ٻاهران ڪجهه دير سان پهتس ته هن اڃا ماني نه کاڌي هئي. منهنجي اعتراض ڪرڻ تي چيائين ته "بک ئي ڪانه لڳي!"

پر ان جواب جو انڪار ۽ انحراف هن جي اکين ۾ موجود هو. هڪ نئون نيم جو اسان ناهيو، سو هو شام جو سمنڊ جي ڪناري تي گڏجي ڪلاڪ اڌ گڏجي گهمڻ.

منهنجي لاءِ اهو ڪلاڪ زندگيءَ جو عزيز ترين وقفو بنجي ويو هو ۽ صبح کان ئي ان گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳندو هوس، ۽ جڏهن ٻڌندڙ سورج جي هلڪي زرد هلڪي سرخ روشني، لهرن جي جبلن تان تاٻڙندي هن جي منهن ۽ ڳچيءَ تي نچڻ لڳندي هئي، تڏهن آءٌ ان گهڙيءَ کي امر بنائڻ لاءِ دل ئي دل ۾ پرارٿنائون ڪرڻ لڳندو هوس. منهنجي وس ۾ هجي ها ته ان گهڙيءَ ۾ ساهه وجهي، ڪيس پنهنجو دوست بنائي ڇڏيان ها! ڪڏهن ته مون کي ايئن محسوس ٿيندو هو ته ان گهڙيءَ ۾ واقعي ساهه پوڻ لڳو هو، ۽ بجاءِ منهنجي دوست بڻجڻ جي، اها گهڙي هن سان ساهيڙپ ڳنڍڻ لاءِ روزانو ساڳئي وقت تي اچي سندس پيرن چمڻ لاءِ حاضري ڀريندي هئي.

شام جو اهو حسين منظر هن تي به عجيب اثر ڪرڻ لڳو. ۽ خاموش لهرن تي ٽڙڪندڙ شفقي ڪرڻن کي گهورڻ لڳندي هئي، ڇڻ ته ان روشنيءَ کي انهن نظرن ۾ مڪمل طرح سمائڻ جي آڻ مَئي آرزو، ڪيس بي چين ڪندي ٿي ويئي. هڪ ڏينهن، هن جي دل ۾ الائي ڪهڙو خيال آيو؛ هن پنهنجو سئنڊل لاهي، پائنچا ٿورا مٿي ڪئي، آلي آلي واريءَ تي هلڻ شروع ڪيو، ۽ چنچل لهرون سندس پيرن کي چمنديون ڪيڏنديون، ڇيڙخاني ڪنديون، واريءَ جا تهه ڪڍنديون ويون ته ان نئين ڪتڪتائيندڙ احساس تي هوءَ، سيسرات ڀري هلڪا هلڪا ٽهڪ ڏيڻ

لڳي. منهنجي ذهن ۾ هن جي ٺهڪن جا گهنگهرو ڇم ڇم ڪندا رهيا، ۽ ان رات ڇم ڇم جي سرگوشين ۾ محو، آءُ ڪيترو وقت پنهنجي بالڪنيءَ مان سمنڊ ڏانهن نهاريندو رهيس. ۽ منهنجي دل شڪر گذاري طور سر سامونڊي جا آلاپ ڪندي رهي!

صبح جو آءُ نيرن لاءِ ڪاڏي جي ڪمري ۾ آيس ته هوءَ ڪانه هئي. نوڪرياڻيءَ کي سڏي پڇيم ته هن سهميل آواز ۾ چيو ته مهرو تپجي پئي هئي. آءُ ڪجهه اهڙو گهبرائجي ويس، جو اٿڻ سان سڄي ميز ڏري گهٽ اٿلي پئي، ۽ پليٽون، ڇريون ۽ ڪانٽا ٽڙ ٽڙ ڪندا اچي پٽ تي ڪريا. آءُ هن جي ڪمري ۾ پهتس ته هوءَ پاسو ورايو ستي پئي هئي. آءُ پاڻ سان ڪيل وعدي جي خلاف، هن جي ڪمري ۾ داخل ٿيو هوس. پر ان وقت منهنجو ذهن منهنجي وس ۾ نه هو. هڪ پَلَ لاءِ آءُ هن کي ڏسندو رهيس، ۽ پوءِ مون سندس پيشاني تي هٿ رکي ڏٺو: تپ جا بٽ چڙهيا پيا هئس. هن اکيون کولي، مون کي ڏسي اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون کيس اشاري سان منع ڪئي. سندس منهن ۾ به تپ جا مچ پئي ٻريا. منهنجي دل ۾ وَڏَ پئجي رهيا هئا، ۽ آءُ ڊوڙندو هيٺ ويس، ۽ ڊاڪٽر کي فون ڪري آيس. ڊاڪٽر منهنجو گهرو دوست هو، ۽ هن کي منهنجي گهبراهٽ ۽ منٽ ڪرڻ جي انداز تي حيرت به ٿي هوندي، ۽ ڪل به آئي هوندي. آءُ بي چينيءَ مان ڪڏهن ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهيس ته ڪڏهن اٿي ڪمري ۾ اڇ وچ ڪرڻ ٿي لڳس. مون کي الائي ڪهڙي نامعلوم ڊپ اچي ورتو: مون کي هرويور اچي خيال ٿيو ته هي بخار ڪو خطرناڪ بخار هو، ۽ هوءَ... هوءَ ڪانه بچندي. ان خيال اچڻ سان ئي منهنجي دل وسامڻ ٿي لڳي، ۽ جڏهن ڊاڪٽر اندر آيو، تڏهن مون هن ڏانهن ڪجهه اهڙين ٻاڏائيندڙ نظرن سان ڏٺو، جو هو به گهڙي لاءِ گهبرائجي ويو، ۽ مون سان ڳالهائڻ جي بدران مريض جي مٿان اچي بيٺو.

هن جي طبعيت ڏسي، اطمينان سان مون سان مخاطب ٿيو: "اهڙي ڪا فڪر جي ڳالهه ڪانهي. فلو ٿي اٿس. آءُ سُئي هڻانس ٿو، ۽ دوا موڪلي ٿو ڏيان، ٻن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندي!"

جڏهن ڊاڪٽر سئي هڻڻ تي هو ته الائي ڇو مون کي هن ڏانهن نهارڻ جي همت نه ٿي- ۽ مون منهن ورائي ڇڏيو. ٻي مهاياري لڙائيءَ جي ميدان ۾ وڙهيل سپاهي، معمولي انجيڪشن کان، ڇرڪڻ لڳو هو! آءُ خود به اها ڳالهه سمجهي نه سگهيس. شايد منهنجي دل، هن جي ٻانهن ۾ سئي چيڻ جي خيال کان ئي ڇرڪڻ لڳي هئي. آءُ ڊاڪٽر کي دروازي تائين اماڻڻ ويس. منهنجي نظرن ۾ شايد ساڳي التجا ڏسي هن چيو: "عجيب گڏهه آهين. معمولي تپ کان ايترو گهبرائجي ويو آهين؟ پر آءُ تنهنجي گهبراهٽ کي سمجهان ٿو. تو جهڙي پٿر کي ميڻ بنائڻ لاءِ

ڪنهن اهڙي ئي بُتَ جي ضرورت هئي. مبارڪون هجنئي- واقعي ڀاڳ وارو آهين!" ۽ هن منهنجي هٿ کي ڪجهه اهڙو زور ڏنو جنهن ۾ دوستي ۽ اخلاص جي گهرائپ هئي.

آءٌ واقعي عجيب گڏهه هوس. ڊاڪٽر جي دلداريءَ جي باوجود، منهنجي گهبراهٽ ۽ پريشانيءَ ۾ ڪو فرق نه آيو. آءٌ سڄو ڏينهن هن جي ڪمري ۾ موجود رهيس، ۽ ان وقت جو انتظار ڪندو رهيس، جڏهن هن کي دوا جو وزن پيارٿو هو. مون کي ايئن محسوس ٿيو ته هر پنجين منٽين کان پوءِ هن جو بخار ڏسڻ لاءِ ٿرماميٽر هن کي ڏيندو رهيس. ڪيڏي مهل هن جي مٿي تي ته ڪيڏي مهل هن جي پيرن تي بخار جاچيندو رهيس، ۽ هوءَ تپ جي اوٽار ۾ اهو سڀڪجهه خاموشيءَ سان ڏسندي رهي.

شام جو پنجين بجي ڌاري هن جو بخار معمولي نوانوي ۽ سئو جي وچ ۾ وڃي رهيو هو، ۽ هوءَ ٿورو مٿي سري، وهاڻي تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي. ڪجهه وقت منهنجي منهن ۾ چتائي ڏسندي رهي، ۽ پوءِ هلڪو ڪلندي چيائين: "هي پنهنجو ڪهڙو حال ڪئي بڻايو اٿوَ: نه ڏاڙهي لاتي اٿوَ: نه ماني ڪاڏوَ. هي ڏسو پنجاهي ڪن ته سگريٽ ڇڪيا اٿوَ. آءٌ مري ٿوري ئي ٿي وڃان، جو ايترو گهبرائجي ويا آهيو!"

"پوءِ تون بيمار ڇو ٿي آهين؟" مون پهريون پيرن هن کي "تون" سڏيو هو. هن به اها تبديلي محسوس ڪئي، ۽ لڄ گاڏڙ هلڪي مرڪ هن جي چپن تي پکڙجي ويئي.

"آءٌ بيمار ڪٿي آهيان، چڱي ڀلي ته آهيان. اهو تپ تاءُ ته هر ماڻهوءَ کي ٿيندو ئي آهي،" هن ڪلندي چيو.

آءٌ ڪرسيءَ تان اٿي، پلنگ تي آڏو ٿي ويهي رهيس، ۽ سندس ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺندي چيم، "تون منهنجي لاءِ "هر ماڻهو" نه آهين. تون منهنجي زندگيءَ جو اهڙو حصو بڻجي ويئي آهين، جنهن جي ڇڄڻ کان پوءِ آءٌ جيئرو ئي نه رهندس. ڌٽيءَ جي واسطي آئيندي ڪڏهن به بيمار نه ٿجڻ!"

مون کي پهريون پيرو اهو يقين ٿيو ته اها منهنجي ٺلهي رومانيت نه هئي، پر هاڻ اها منهنجي لاءِ حقيقت بنجي چڪي هئي. هن بنان زندگيءَ جو تصور به مون لاءِ هاڻ ناممڪن هو! ۽ ان احساس ئي منهنجي اکين ۾ پهرين هلڪي پوسراڻ پيدا ڪئي، ۽ پوءِ اکيون لڙڪن جي ڌنڌ کان ڳوريون ڳوريون ٿي ويون. هوءَ منهنجي اها حالت ڏسي، آهستي آهستي پنهنجو هڪڙو هٿ ڇڏائي منهنجي ڳل تي اهڙيءَ طرح ڦيرڻ لڳي جڻ ته هن منهنجي محبت کي هٿ سان ڇهي ڏسڻ ٿي گهريو. مون وري به ان هٿ کي جهلي، پنهنجي چپن اڳيان آندو. گهڙيءَ لاءِ هن جي هٿن ۽

منهنجي چپن ۾ ٿورو فاصلو جنبش ڪندو رهيو، ۽ پوءِ مون پنهنجا چپ هن جي هٿ تي رکي ڇڏيا، ان وقت منهنجي اکين جي ڪڪرن مان ٻه بوندون ٽمي، هن جي هٿ تي اچي پيون! وقت ڇڻ اتي ئي بيهي رهيو، ۽ اسان جون دليون ان ساڪت وقت کي گهورينديون ڌڙڪنديون رهيون!

ان وقت سڪينہ اندر داخل ٿي. آءٌ گهبرائجي آتيس، ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. هن اهڙو ڏيکاءُ ڏنو جڻ تہ هن ڪجهہ نہ ڏٺو هو. هوءَ مهروءَ سان ڳالهائڻ لڳي، ۽ آءٌ اتان اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس!

جڏهن هوءَ مڪمل چاق ٿي ويئي، تڏهن اسين پهريون ڀيرو گڏجي شهر وياسين. ان ڏينهن جي واقعي کان پوءِ اسان ٻنهي تي هڪ عجيب ماڻ ۽ خاموشي طاري ٿي ويئي. پر ان ماڻ جو ناتو، ڳالهائڻ جي ناتي کان وڌيڪ گهرو، وڌيڪ ذاتي بنجي ويو هو. ان ڏينهن گهر جي بدران، هڪ خاموش ريسٽوران ۾ شمعن جي روشنيءَ ۾ ماني کاڌيسون. پس منظر ۾ نهايت هلڪو، پُرسوز سنگيت هو. هر شيءِ نهايت خوبصورتيءَ ۽ خوش ذوقيءَ سان سينگاريل هئي. ماني کائڻ کان پوءِ بہ ڳچ وقت چپ چاپ هڪ ٻئي جي سامهون بتن وانگرن ويٺا رهياسين، ۽ ان سنگيت جو سرور اسان جي روحن ۾ سمائجندو ٿي ويو. گهر پهتاسين تہ هڪ عجيب سوز ۽ گداز هو اسان جي احساس تي، ڇڻ تہ هڪ غم هو، جنهن ۾ اسين ٻئي ڀائيوار هئاسون.

ان رات منهنجي اکين ۽ ننڊ ۾ دشمني ٿي ڏٺي. منهنجي اکين سان ننڊ جو ويرہ ڪو عارضي ڪونہ ٿي ڏٺو. آءٌ هنڌ تان اٿي، آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. سگريٽ دکايم، پر اڄ سگريٽ بہ منهنجي ذهن کي ڪو سڪون ڏيڻ ۾ ڪامياب ثابت نہ ٿيا ۽ سگريٽن جو دونهون اکين ۾ پڻجي، ننڊ جي ويرہ کي تنهان ئي گهرو ڪرڻ لڳو. اوچتو منهنجي ڪمري جو دروازو کليو، ۽ هوءَ منهنجي سامهون بيٺي هئي. سندس وار سندس ڪلهن تي کليا پيا هئا، ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها! گهڙي لاءِ اسين هڪ ٻئي کي تڪيندا، گهورينداً رهياسون. ۽ پوءِ اسين تقريباً ساڳيءَ رفتار سا هڪ ٻئي ڏانهن وڌياسيون، ۽ اسان ٻنهي جا جسم، ملي، ڳنڍجي، هوا ۾ تحليل ٿيندا ويا! هڪ نئين جنم، هڪ نئين موت ۾ هم آهنگ ٿيندا ويا!

پرهہ ٿي، پر اسان لاءِ هڪ نئون جيون ڪٽي آئي، نئين زندگي ڪٽي آئي. ان نئين جيون ۾ هر شيءِ اسان لاءِ نئين هئي: باغ ۾ گل نوان هئا، مکڙيون نيون هيون، گئونج نوان هئا، ٻوٽڙا نوان هئا: اسين پاڻ نوان هئاسون، ۽ هر شيءِ کي هڪ نئين ڄاڻ هڪ نئين سجاڻپ سان ڏسڻ لڳاسون. هر شيءِ ۾ اسان لاءِ هڪ اچرج، هڪ نئين حيرت، نئون اسرار سمايل هو. اسان جي روزانڪي نيرن ۾ بہ بلڪل نئون سواد هو. ان کان اڳي اسان ڪڏهن بہ بيدي جي سفيديءَ ۽ زرديءَ

تي ڪونہ سوچيو هو، پر هي ڄڻ تہ اسان جي هڪ ڪوجنا هئي، دريافت هئي، ۽ اسين ان دريافت تي ٻارن وانگر خوش ٿي رهيا هئاسون. گلدانن ۽ اٿش ٽري جي چيني اسان لاءِ نئين هئي، ۽ انهن کي هٿن ۾ کڻي، انهن جي لَسائڻ کي محسوس ڪري، اسان هڪ نئون احساس ڳولي لڌو. اسان کي پهريون ڀيرو اهو محسوس ٿيو تہ ڪاڏي جي ڪمري جي پردن جو رنگ اُس چَٽي ويئي هئي، ان ڪري نوان پردا اچڻ گهرجن، ۽ اسان جو اهو نئون جيون اسان لاءِ روز نت نئون هو. اسان کي ڪيترين بيجان شين ۾ جان نظر اچڻ لڳي. ٻوٽن جي پنن جي تندن کي اسين ڪيترو وقت گهوريندي ايئن محسوس ڪندا هئاسين تہ اسين انهن ۾ زندگيءَ جو رَسُ ڊوڙندي ڏسي ٿي سگهياسون. پوٽن جي رنگن تي هڪ نئون اختلاف ڳولي لڌوسون؛ منهنجي خيال ۾ پنج رنگ هئا، پر هن ست رنگ ڳٽي ڏيکاريا. هن منهنجي ڪوٽ جي ڪالر لاءِ هڪ اهڙو گلاب ڳولي لڌو، جو نہ گلابي هو نہ بلڪل ڳاڙهو. ڪِلَ جهڙين ڳالهين سان بہ اسان جو پيار ٿِي ٿي ويو. مون هن کي ڏيکاريو تہ سندس ٻنهي مُرين تي عين ساڳي جاءِ تي هڪ وڏو تِرَ هو، ۽ مون واري واري سان انهن کي چمڻ شروع ڪيو. هن منهنجي اهڙي چوري پڪڙي، جنهن تي اسين ڪيترو وقت ڪلندا رهياسون. منهنجي ٻنهي پيرن ۾ ڇهہ ڇهہ آڱريون هيون؛ چيچ وٽ هڪ بدران ٻہ ٻہ ڳنڍيل چيچون هيون، ۽ هن انهن چيچن جي وٽيءَ ۾ تيليءَ سان ڪتڪتائي ڪري، مون کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ پوءِ عين ان وٽيءَ تي پنهنجا چپ رکي ٿي ڇڏيا!

هن جو وجود منهنجي لاءِ اهڙو باغيچو هو، جِت روزانو نِت نوان گل ۽ ٻوٽڙا ڦٽي ٿي نڪتا، ۽ نوان نوان رنگ ٿي جهرڪيا، جيڪي مون اڳي ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. جڏهن مسز سڪينہ هن کي پڙهائڻ ويهندي هئي، تڏهن آءٌ لڪي ڇپي، دريءَ جي پردي ۾ سگريٽ سان نندڙو سورخ ڪري، هن کي ڏسندو رهندو هوس. ذهانت، معصوميت ۽ شرارت جو امتراج، هن جي منهن کي عجيب نئون رنگ عطا ڪندو هو. هڪ ڏينهن مسز سڪينہ هن کي لفظ "ووئنگ" (Wooing) سمجهائي رهي هئي، ۽ جڏهن هن کي اهو لفظ اچارڻ لاءِ چيائين تہ هن کو غلط سلط اچار ڪڍيو. مسز سڪينہ ان اچار کي سڌارڻ لاءِ، چپن کي چميءَ جي انداز ۾ ڏيکاريندي "وو" چوڻ جو طريقو سيکاريو، ۽ جڏهن مهروءَ، هن جي هدايت موجب، چپن کي هوبهو ان نموني بنائي، "وو" لفظ اچارڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن منهنجو روح، انهن چپن تائين پهچڻ لاءِ ڇيج وجهڻ لڳو. ساڳئي وقت مون ڏٺو تہ هن جي چپن جي ان ناهہ، چپن جي ان ترتيب، مسز سڪينہ تي اهڙو اثر ڪيو، جو هن بي اختيار ٿي، اُتي، پنهنجا چپ هن جي چپن تي رکي ڇڏيا! مون کي حسد بدران، بدن ۾ هڪ سيسرات پئجي ويو، ۽ مون اندازو لڳايو تہ مسز

سڪينہ بہ هڪ عاشق وانگر هن سان محبت ڪرڻ لڳي هئي. مهرو تہ لج ڪان سڄي عنابي ٿي ويئي. ان لج کي ڏسي مسز سڪينہ چيو، "مٺي، تنهنجي ٻن جهانن کان وڌيڪ حسين چپڙن جي اها ادا اهڙي تہ اجهل هئي، جو منهنجي دل اجا تائين پئي دڪ دڪ ڪري. جيڪڏهن اها چمي، آءٌ پنهنجي چپن تي نہ واريان ها تہ الائجي ڇا ٿي پوي ها... ڀانيان ٿي تہ شايد منهنجي دل ٽٽي پوي ها!"

انهن لفظن جي باوجود، ان وقت مون کي ايترو ڀرپور اندازو نہ هو تہ مسز سڪينہ جي محبت ۾ ڪيتري گهرائي هئي، ڪيتري اٿاهہ اونهائي هئي!

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، مون وري ڏٺو تہ مسز سڪينہ عجيب حسرت جي انداز ۾، هن کي "سيفو" (Sapho) جا گيت پڙهي ٻڌائي رهي هئي: هڪڙي هٿ ۾ ڪتاب هئس ۽ ٻئي ۾ مهروءَ جو هٿ: ۽ مون محسوس ڪيو تہ جڏهن ڪو نهايت جذباتي گيت ٿي پڙهيائين، تڏهن هن جي هٿ کي معنيٰ ڀريل زور ڏئي، هن جي اکين ۾ نهارڻ ٿي لڳي. انهن اکين ۾ ڪيتري نہ بک هئي، ڪيتري نہ اڃ هئي: هڪ اهڙي اُساٽ، جا پنهنجي محبوب کي ڀاڪر ۾ ڀيڙڻ سان ئي لهي ٿي سگهي، ۽ مون کي مسز سڪينہ سان همدردي ٿيڻ لڳي. مون کي سندس مڙس ياد آيو، جو ڇهن فوٽن کان بہ وڌيڪ ڊگهو هو، ۽ چڱو خاصو ملهہ پهلوان ٿي لڳو؛ پر سندس پهلوانيءَ کان وڌيڪ هن جي منهن ۽ اکين ۾ هڪ عجيب غير انساني چمڪ هئي: شايد اهڙي نظر مون صرف گوريلن يا شايد رڇ جي اکين ۾ ڏٺي هئي. مون تصور ئي تصور ۾، ان گوريلي انسان جي ڀاڪر ۾ هن نحيف ۽ نهٺي عورت کي پيڙجندو ۽ پسجندو ڏٺو. اهڙي عورت، جنهن جي ذهن ۾ فن ۽ ادب اهڙيون لطافتون؛ اهڙا ڪنئرا ڪنئرا احساس پيدا ڪيا هئا، جو اڄ بہ جيڪڏهن ڪنهن گل جون پنکڙيون پَٽ تي پيل ڏسندي هئي، تہ ڪٿي، اهڙي هنڌ تي رکي ڇڏيندي هئي، جتي انهن مٿان ڪنهن جو پير نہ اچي سگهي! اهڙي ڪنئري دل جي زال کي، مرد جي پاڇي کان بہ ڀئو ٿئي، ۽ هوءَ نفيس ۽ نازڪ عورتن جي سنگ جي ڳولا ڪري- ۽ شايد ان ڪري ئي هن ڇوڪرين جي ڪاليج ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي هئي- اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙي هئي. مون هن جي موجوده غير رواجي روش کي دل ئي دل ۾ معاف ڪري ڇڏيو!

هڪ ڏينهن مهرو، صبح لاڪون ڪجهہ وسائل وسائل ٿي لڳي. سندس اکيون فڪرمند نظر آيون، جن ۾ ڪنهن ڳڻتيءَ سان گڏ، لج ۽ حيا جو بہ عنصر موجود هو. آءٌ رهي نہ سگهيس، ۽ پڇيومانس "ڇو جاني، ڪجهہ منجهيل ٿي لڳين؟"

هن جي اکين ۾ اٿاهہ پيار اچي ويو، ۽ هن منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهليندي، اکيون جهڪائيندي چيو: "ڀانيان ٿي، منهنجي ساهہ ۾ ڪو نئون ساهہ سرجي پيو آهي!"

آءٌ چئي نہ ٿو سگهان تہ مون کي ڇا ٿي ويو. آءٌ ٽپ ڏيئي اٿيس، ۽ کيس چيلهہ کان جهلي، زمين کان مٿي کڻي نچڻ لڳس، ۽ جڏهن سندس آزين نيزارين تي هيٺ لاٿم، تہ سندس چپن ۽ منهنجي چپن هڪ اهڙو عهد ڪيو، جو آءٌ اڄ سوچيان ٿو تہ هوءَ ان کي ڪهڙيءَ پَرِ وساري سگهندي!

ان ڏينهن، اسان جي زندگيءَ جا معمول ۽ نيم بدلجي ويا. اسان جي ڪمري ۾ مالهي، صبح شام نوان نوان خوش رنگ تازا گل، گلدستن ۾ مٽائڻ لڳو. ڪمري ۾ نيون تصويرون، پرسڪون نظارن ۽ حسين ٻارڙن جون تصويرون ٽنگجي ويون. صبح جو نيرن، ڪاڏي جي ڪمري جي بجاءِ، اسين پنهنجي ڪمري ۾ ڪائڻ لڳاسون. اسين شام جو سمنڊ جي ساحل تي فقط انهن ڏينهن تي وڃڻ لڳاسون، جڏهن سمنڊ پُرسڪون ۽ مائو هوندو هو. آءٌ سڄو ڏينهن خوبصورت ٻارڙن ۽ نظارن جون تصويرون ۽ رسالا ڳولينڊو رهندو هوس. هڪ نئون نيم اهو هو، جو آءٌ رات جو، سٺا سٺا چونڊيل ڪتاب ڪيس پاڻ پڙهي ٻڌائيندو هوس. اڪثر انهن ڪتابن پڙهندي اسين پاڻ ۾ گهڙي پل لاءِ وڙهي پوندا هئاسين. اهي جهڳڙا خاص ڪري ٻن موضوعن تي ٿيندا هئا. مڪيہ جهڳڙو اهو هو تہ آءٌ چاهيندو هوس تہ ڏيءَ ڇمي، ۽ هوءَ چوندي هئي تہ پٽ ڇمندو، ۽ اها ڳالهہ ڪرڻ وقت، هن جي اکين ۾ مامتا جو گهمنڊ ڀرجي ايندو هو. اڪثر جڏهن هن کي آءٌ وڏيڪ تنگ ڪندو هوس تہ هوءَ رسي ويندي هئي، ۽ آءٌ ڪيس پرچائڻ لاءِ ڪنهن خوبصورت ٻارڙي جو فوٽو ڏيکاري چوندو هوس... "جيڪڏهن مهڙو پٽ ڇٽي ڏين تہ پوءِ مون ڏيءَ جي پچر ڇڏي!" تہ هوءَ يڪدم پرچي ويندي هئي، ۽ گهوري ان ڇوڪري جي منهن مان وڏون ڪيڻ لڳندي هئي، ۽ چوندي هئي تہ ان کان تہ ڏيءَ وڏيڪ خوبصورت ٿيندي! ۽ آءٌ هن جي مک کي بي اختيار ٿي چمڻ لڳندو هوس، جتان اهڙا سٻاجها ٻول ٽڙي پوندا هئا!

ٻيو تڪرار هو نالن تي- دنيا ۾ ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جا سهڻا نالا جيڪي مون کي ياد آيا، تن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندا رهياسين، پر ڪنهن هڪ نالي تي ٺهراءُ نہ ٿيو. آءٌ ڪيس چيڙائڻ لاءِ چئي ڏيندو هوس تہ "پلا ڪٿي "ڪرڙ ڏنو" يا "ڪرڙ ڏني" نالو رکنداسون" تہ هوءَ بدلو وٺڻ لاءِ چوندي هئي تہ "ڇوڪرو ڄائو تہ نالو رکبس "سروٽو" ۽ ڇوڪري ڄائي تہ نالو رکبس "ڦوڙاني"! گهڻي بحث کان پوءِ، ڇوڪريءَ جو نالو "سورٺ" رکڻ جو ٺهراءُ ٿيو باقي ڇوڪري جي نالي تي جهيڙو هلندو رهيو.

هڪ ڏينهن- ۽ اهو شايد پهريون ڏينهن هو، جڏهن اسان جو هڪ ٻئي ۾ اعتماد، ڪن ٻاهرين ڳالهين جي ڪري ذري گهٽ ڏڏي ويو: صبح جو ناشتو ڪندي، هن چيو: "ٻڌو تہ، مون کي هڪ ويچار اڏوهيءَ وانگي ڪائيندو وڃي.

جيتوڻيڪ اسان جي محبت آڏو اها ڪا ڳالهه ڪانهي، پر دنيا جي خيال کان ٿي چوان ته هاڻ جڏهن هڪ نئون انسان هن گهر ۾ اچڻو آهي ته اسين هن لاءِ، ڪنهن مُلي کان به ٻول نڪاح جا پڙهايون ته چڱو!"

منهنجي وات مان الائي ڪيئن اهي لفظ نڪري ويا: "هيتري نينهن هوندي به، تون اجا ان خيال ۾ آهين ڇا ته تون منهنجي سَريت آهين؟"

پر پوءِ مون کي پنهنجي غلطي محسوس ٿي ۽ آءٌ انهن لفظن جي خطرناڪ اثر کان ڊڄي ويس. هن جي اکين ۾ مون ڪجهه اهڙي ريڪا ڏٺي، جا مون اڳ به ڏٺي هئي- شايد ان وقت جڏهن بابي هن کي نيٽ جي لڪڻ سان مار ڪڍي هئي. هوءَ بنهه چپ ٿي ويئي. گهڙيءَ لاءِ بلڪل ساڪت ٿي ويئي. فقط هن جي اکين ۽ ڳلن جي درميان چمڙيءَ ۾ هڪ لرزش، هڪ جنبش پيدا ٿي، جنهن کي به هوءَ ضبط ڪرڻ، روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پر باوجود ان ڪوشش جي، اها جنبش هن جي ڳلن تان ٿيندي، جڻن تي پهچي ويئي، ۽ چپن جي ان لرزش سان، هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. آءٌ پاڻ کي پٽڻ لڳس ته اهي لفظ منهنجي منحوس چپن مان ڪيئن نڪتا. آءٌ ان تصور کان ئي جهرڻ لڳس ته مون هن کي سخت ايذايو آهي. پر مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙيءَ طرح پنهنجي ئي پهچايل زخم تي مرهم رکڻ جي ڪوشش ڪريان.

هن ڀريل آواز سان چيو: "مون کي پنهنجو ڪو خيال ڪونه هو... مون کي ته ان ٻارڙي جو خيال هو، جيڪو دنيا ۾ ويانهن بنان اچڻ وارو آهي. شايد منهنجي ڀاڳ ۾ ايئن ئي لکيل آهي. جڏهن ڳوٺ جا ٻار، منهنجي ساجن کي "حرامي" سڏيندا هئا، تڏهن منهنجي دل ۾ ڄڻ ته بڙڇيون ڪپي ويندیون هيون... ۽ جيڪڏهن اسان جي ٻار کي ڪنهن... ... ..."

گهڙيءَ لاءِ منهنجي ذهن ۾ اهو لفظ "حرامي" پنهنجي سمورين ڪرهتن ۽ ڪَجسايين سميت گونجڻ لڳو: پر اهو خيال منهنجي لاءِ اهڙو اڃاتو هو، جو اُن جي پيدا ٿيڻ جو تصور به منهنجي لاءِ ڪِلَ جهڙو هو. مون سندس ڪاڏي هٿ سان مٿي ڪري، سندس لڙڪن ڀريل اکين ۾ پنهنجي لاءِ ساڳيو پيار ڳوليندي چيو: "جاني، مون کي انهن لفظن جي خطا بخش ڪجانءِ. منهنجو مقصد هرگز اهو نه هو. توکي انهن لفظن ضرور ايذايو هوندو، ۽ آءٌ ڪيڏو شرمسار ٿيو آهيان اهي لفظ چئي... دراصل اهو ويچار مون کي پهرين ته آڙيو ئي ڪين. آءٌ اهڙو شخص آهيان جنهن لاءِ محبت سڀ کان وڏيڪ پوتر ويانهن آهي. منهنجي لاءِ محبت جو وجود شاديءَ کان مٿيرو آهي. شادي ته هن سماج جي گهڙيل سوديبازي آهي، ۽ آءٌ پاڻ کي سوديبازيءَ جي سطح تي آڻڻ نٿو گهران. ان هوندي به تون جي چاهين ته آءٌ اج ئي ان جو انتظام ڪري سگهان ٿو. رڳو تنهنجي خوشيءَ ۽ خوشنوديءَ

لاءِ.....!" منهنجي ذهن ۾ مچ پئي ٻريا، پر انهن مچن ۾ مون هن کي جلائڻ نٿي چاهيو.

مون هن جي ٻنهي هٿن کي واري واري سان چمندي، وري چيو. "هونئن به هن شهر ۾ جيڪي به منهنجا واقف يا دوست آهن تن کي، سواءِ هڪ ٻن جي، اهائي ڄاڻ آهي ته آءٌ ڳوٺان شادي ڪري آيو آهيان، ۽ تون منهنجي نڪاح ٻڌي زال آهين، ان ڪري اسان جي ٻارن کي هت کو حرامي سڏي، تنهن جو مون کي ڪو اونو ڪونهي. باقي رهيو ڳوٺ، سو پهرين ته ان دوزخ ڏانهن توکي وٺي هلڻ جو مون کي خيال به ڪونهي. پنهنجي زمين ۽ باغ جو سڄو ڪم ڪار ڪمدار پيا سنڀالين، ۽ انهن مان ڪنهن هي بنگلو ڏٺو به ڪونهي. هن ٻئي بنگلي تي منشي هنن سان حساب ڪتاب ڪندو آهي. مون کي جيڪڏهن ضرورت پوندي آهي، يا امان جي خبر چار وٺڻي هوندي آهي ته آءٌ پاڻ اوڏانهن هليو ويندو آهيان. ڳوٺ وڃڻ جي ضرورت ٿي ته آءٌ اڪيلو ئي ٿي ايندس. ٻئي طرف جيڪڏهن ڪنهن ملي ڪان نڪاح پڙهايون به ڪٿي ته ان لاءِ هڪ ته چئن شاهدن جي ضرورت ٿيندي، جنهن جي معنيٰ ته ڪم از ڪم چئن ماڻهن کي اسين اهو ڏس ڏيون ته هيستائين اسين بنان نڪاح جي ٻئي زال مڙس وانگر پئي رهياسون، ۽ ان کان پوءِ ان ڳالهه جي شهرت ٿيڻ ضروري آهي! جيڪڏهن ايئن نه به ڪريون ۽ ڪورٽ ۾ هلي قسم نامون داخل ڪريون ته اتي ته هيڪاري، تنهنجي هيءَ حالت ۽ منهنجو شهر ۾ نالو واچوڙي وانگر اخبارن ۽ ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويندو- ۽ هيڪاري وڏيڪ بدنام ٿيندا سون! ۽ بابي کي جي خبر پئي ته تون پاڻ ڄاڻين ٿي ته ڪهڙو محشر مچندو! هاڻ جيئن تون حڪم ڏين، تيئن آءٌ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!"

آءٌ ڪافي سنجيده ٿي ويو هوس. ماحول تي هڪ ڳوراڻ هڪ مونجهارو ڇائنجي ويو هو. پر مون ڏٺو ته ڏک ۽ فڪر جا ڪڪر آهستي آهستي هن جي منهن تان هٽڻ لڳا هئا. آءٌ هن کي ڪلهن ۾ ٻانهن ڏيئي ڪمري کان ٻاهر لان تي وٺي آيس، ۽ مون محسوس ڪيو ته منهنجي اکين ۾ به لڙڪ هئا.

"جاني، اهو ڇو ٿي وسارين ته تون منهنجي لاءِ ڪنهن نڪاح ٻڌي زال کان گهٽي ويجهي، گهٽي پنهنجي آهين. تون ته منهنجي وجود جو حصو آهين، ۽ شادي ته ان رشتي اڳيان هڪ خسيس، هڪ سستي، هڪ ڪَجسي ڪَريت آهي. منهنجي نظر ۾ شادي انهن لاءِ آهي، جيڪي محبت کان سواءِ، پريت کان سواءِ، باقي ٻئي ڪنهن ڪم، غرض يا ضرورت طور شاديءَ کي لازمي ٿا سمجهن. شادي ته جسمن جو ميلاپ هوندي به، روحن جي وچ ۾ هڪ ديوار، هڪ ويڇو آهي؛ ڇاڪاڻ ته شادي ۽ ويانهن جي نالي ۾ ٻئي کي جوابداريون، کي حدون، کي سڌا سنوان فيصلا ۽ ٺهراءَ سمايل آهن، جيڪي کي مڙس لاءِ آهن، ته کي زال لاءِ

تہ ڪي سماج لاءِ! محبت ۾ اهي ويڄا، اهي حدبنديون، اهي بندشون، اهي پابنديون، اهي جوابداريون، ۽ اهي ذميداريون آهن ئي ڪين؛ پر جيڪڏهن آهن بہ تہ اهي ٻنهي لاءِ ساڳيون آهن. 'هِن جون' ۽ 'هُن جون' جو فاصلو آهي ئي ڪونہ!. آءٌ اڄ الائجي توکي ڇا ڇا پيو ٻڌايان. تنهنجو ذهن الائجي انهن ڳالهين لاءِ تيار آهي بہ يا نہ. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ جڏهن کان تون منهنجي وجود جو حصو بڻي آهين، تڏهن کان منهنجا خيال بہ تہ تنهنجا آهن. جيڪڏهن صحيح آهن تڏهن بہ تنهنجا آهن جيڪڏهن غلط آهن، تڏهن بہ تنهنجا آهن ڇاڪاڻ تہ آءٌ تنهنجو آهيان، محبت ۾ اهائي تہ سرمستي آهي جا پريمين جي چڱائين مَٺائين کي الڳ الڳ خانن ۾ ڪانہ ٿي ورهائي!"

"ڀلا ٻڌايو تہ اوهان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون مَٺايون آهن؟" هن جي چپن تي هڪ شرير مرڪ هئي.

"پهرين تہ اها، جو آءٌ توسان محبت ڪري چريو ٿيندو پيو وڃان!"

"هل، چريا!" ۽ هوءَ ٻهہ ٻهہ ڪري ڪلڻ لڳي، ۽ اسين ان ڏينهن وري ان ريسٽوران ۾ ماني کائڻ وياسون، جنهن جي شمع جي روشنيءَ ۾، مون هن جي اکين ۾ پهريون ڀيرو پيار ڏٺو هو. پنهنجي ذهن مان خيالن جي گهمسان کي صاف ڪرڻ ۽ هن کي ايذائڻ تي پنهنجي پاڻ کي معاف ڪرڻ لاءِ، مانيءَ سان گڏ "ڪيانتيءَ" جي هڪ بوتل بہ گهرايم، ۽ ان رات ڪافي دير تائين، اسين سمهي نہ سگهياسين. محبت جي گهرائي بہ عجيب جذبو آهي، جنهن ۾ ننڍ بہ هڪ جاڳ بنجيو وڃي! هن منهنجي سيني ۾ منهن لڪائيندي چيو- "آءٌ بہ ڪيڏي نہ ڪِني آهيان- اوهان کي روئاڙي وڌم!" ۽ هو خود سڏڪا ڀري روئڻ لڳي ۽ گهڙيءَ ڪان پوءِ هن کي منهنجي هنج ۾ ئي ننڍ اچي ويئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو هن جي زور سان کنگهڻ جي آواز تي آءٌ ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس. هن جا وار ڪليل هئا، ۽ هوءَ باٿ روم ۾ زور زور سان آت ۽ اوڪارا ڏيئي الٽيون ڪري رهي هئي. مون کي ڇڻ تہ دل ۾ ڇَڪَ پئجي ويو. مون کي اچي ان خيال ورايو تہ هن جي ضد ڪرڻ تي، مون هن کي 'ڪيانتيءَ' جا ٻہ ڊڪ ڀرڻ جي اجازت ڏني هئي، ۽ مون کي پڪ ٿي تہ اهي الٽيون ان ڪري ٿيون اٿس. ٿوريءَ دير کان پوءِ، جڏهن هوءَ ڪجهہ سامت ۾ آئي، تڏهن مون ڏانهن ڏٺائين. آءٌ ڊاڪٽر کي فون ڪرڻ ۾ مشغول هوس. هن رسيور منهنجي هٿ مان وٺي، وري رکي ڇڏيو، ۽ منهنجي سهميل حالت کي ڏسي، ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳي؛ ۽ تقريباً اٿوڙجندي چيائين- "چريا ٿيا آهيو؟ آءٌ بلڪل ٺيڪ آهيان. اهي الٽيون تہ ٿيندي ئي آهن؛ ٻار ڄڻڻ ڪو سولو ٿورو ئي آهي. اڄ ڪٿي ڳالهہ پئي آهي. ڪيترا ڏينهن تہ مون اهي الٽيون پئي اوهان کان لڪايون. پر اڄ مَٺين صبح ساڻ اچي ورايو."

سورٽ جي جمڻ تائين، هن جي اٿين کان وٺي هن جي سورن تائين، آءُ حيرت، ڀؤ ۽ پشيمانيءَ مان هن جون بدلجندڙ حالتون، هن جا ايذاءِ ڏسندو رهيس، ۽ مون کي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. دنيا ۾ سورٽ جي اچڻ کان اڳ، مون ۾ جيڪو پار لاءِ پيار پيدا ٿيو هو، سو جڻ ته اڏو کارو مري ويو.

جڏهن مون هن جي پهرئين سور کائڻ جو منظر ڏٺو، تنهن ته مون کي اوتارن جو شڪار بڻائي ڇڏيو. فطرت جي تقاضا سهي، پر سور جي شدت کان، هن جي منهن تي جيڪي مون ڏٺو، تنهن مون کي فطرت کان هڪ گهري نفرت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. مون ان ڏينهن پنهنجي پاڻ سان عهد ڪيو ته آءُ اهڙو ڪيس وري ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏيندس. ان ڏينهن مون کي عورت جي پيار جي انتها معلوم ٿي، ۽ ان ڏينهن منهنجي ذهن ۾ عورت جي عظمت جا آٿمٽ نقش بنجي ويا!

منهنجي ان درد ۽ ڪرب کي ڏسي، ڊاڪٽرياڻيءَ مون کي صلاح ڏني ته آءُ هن کي ويم تائين نه ڏسان ته چڱو. منهنجي انڪار ڪرڻ تي هن چيو: "اوهين پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهيو. اوهان کي موجود ڏسي، اوهان جي تڪليف جو خيال ڪري، هوءَ سَور پي ڇڏڻ جي ذهني ڪوشش ٿي ڪري ۽ اها ڳالهه من جي زندگيءَ لاءِ خطرناڪ آهي، هن لاءِ ته اهو ضروري آهي ته دل کولي سور کائي ته جيئن ويم جلد به ٺئي ۽ سولو به ٿئي!"

ان "دل کولي سور کائڻ" جي فقري تي سوچيندو، آءُ هن جي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. پر منهنجي ذهن جي اهڙي حالت هئي، جو مون سمجهيو ته آءُ مرڳو چريو نه ٿي پوان. ان شام جو آءُ اڪيلو، ماني کائڻ ويٺس، پر ماني اڳيان اچڻ تي منهنجي دل ڪچي ڪچي ٿيڻ لڳي، ۽ آءُ ڪيترو وقت ان مانيءَ کي گهوريندو رهيس. بئرو ڊڄي ويو ته شايد مانيءَ ۾ ڪا اوٿائي هئي، سو پڇڻ لڳو ته "سائين، ماني ته ٺيڪ آهي نه؟"

آءُ پنهنجي خيالن جي ڪوهه مان ٻاهر نڪري آيس، ۽ ڳالهه بدلائڻ خاطر، هن کي پنهنجو پسند وارو ڪاڪٽيل آڻڻ لاءِ چيم. ٽن ڪاڪٽيلن کان پوءِ، آءُ پاڻ کي سنڀالڻ جهڙو ٿيس، ۽ هر واقعي کي عقل ۽ نفسيات جي روشنيءَ ۾ ڏسي قبول ڪرڻ لڳس! آءُ پاڻ کي ڪافي هلڪو ۽ پرسڪون محسوس ڪرڻ لڳس!

اتان اٿي آءُ وري اسپتال ويس. منهنجو ارادو هو ته خبر وٺندو گهر ويندس. پر جڏهن آءُ اتي پهتس تڏهن ساڳي ڊاڪٽرياڻي مون کي سندس ڪمري اڳيان، نرسن کي ڪجهه هدايتون ڏيندي نظر آئي. آءُ به يتيمن جهڙي صورت بڻائي بيهي رهيس. مون کي ڏسي مون ڏانهن وڌي آئي. "اڙي اوهين اتي بيٺا آهيو. هوءَ اوهان لاءِ به چار پيرا پڇائي چڪي آهي. مبارڪون هجنو. ڪِڪِي ڄائي اٿوَ. پر وڌيڪ مبارڪون اوهان جي زال کي هجن، جنهن اهڙي همت ڏيکاري آهي، جو آءُ پاڻ

حيران آهيان. اهڙي همت ۽ دليري مون فقط ٻهراڙيءَ جي زالن ۾ ڏٺي آهي؛ شهر جي هڙي نازڪڙي زال ۾ ايتري دليري ڏسي، منهنجو ايمان بدلجڻ لڳو آهي..." ڏاڍي ڪا ڳالهائڻي هئي، هيءَ ڊاڪٽرياڻي! ۽ هن جي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ، منهنجو آڏ ساهه هيٺ ته اڏ مٿي هو.

جڏهن آءٌ اندر گهڙيس ته هو بلڪل سنئين ستي پئي هئي. سندس منهن، مٿان پيل سفيد چادر جهڙو آڇو ٿي پيو هو، ۽ ان سفيد منهن ۾ فقط سندس ڀرون ۽ ڪي ڪارسرا دائرا سندس اکين جي چوڌاري ڦري آيا هئا. هن جا چپ به سفيد ٿي ويا هئا، جڻ ته هوءَ سڄي برف مان ٺهيل هڪ بت هئي. پر ان سفيديءَ ۾ هڪ عجيب روشني سمايل هئي، هڪ عجيب جوت ٿي جرڪي. جڏهن هن منهنجي اچڻ تي اکيون کوليون ته اها جوت هيڪاري وڏيڪ جرڪڻ لڳي. هن جي چپن تي مرڪ مڙي آئي، ۽ اها مرڪ رڳو مون لاءِ نه هئي. اها مرڪ گهٽي ڀاڱي، فخر ۽ تخليق جي مرڪ هئي. ان مرڪ ۾ گهڻو حصو نئين انسان، نئين ساهه لاءِ هو. مون جهڪي، پنهنجا چپ هنجي اکين ۽ چپن جي ويجها آندا، ۽ هڪ اڻ لکي ڇهاءَ سان به جڻ منهنجي چپن کي اها مرڪ سوغات طور ملي ويئي.

هن نهايت نحيف آواز ۾ چيو: "ڊڄڻا ڪنهن جاءِ جا! مون کي اڪيلو ڇڏي هليا ويؤ! هوءَ آئو اوهان جي سورٽ! متان شڪايت ڪريو ته اوهان جيڪي گهريو، سو مون نه ڏنو...!" ۽ هن جي شرير مرڪ، منهنجي هٿ ۾ جذب ٿي ويئي. مون اٿي ننڍڙي جهولي جهڙي پلنگ تي پنهنجي سورٽ کي ڏٺو. ڳاڙهو ڳاڙهو گوشت جو هڪ انئونٽرو پتلو، جنهن کي ڇهڻ کان به ڊپ ٿي لڳو ته جهري نه پوي!

"بلڪل اوهان تي وئي آهي...!"

آءٌ ان غير واضح ننڍڙي پتڪڙي منهن ۾ پنهنجي پاڻ کي ڳولڻ لڳس، پر منهنجي بدران ان ۾ هن جو انگ گهڻو هو.

"ڪوڙي، هيءَ ته جهڙي نِس پِس تون... هي ته خدا تنهنجو نقل ڪيو آهي، پر نقل ڪرڻ نه آيو اٿس...!" ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ته منهنجي ڇاتي ڦوڪجي، ويڪري ٿيندي ٿي ويئي. جنهن ۾ هن ۽ سورٽ- ٻنهي جي سمائڻ جيتري جاءِ موجود هئي!

سورٽ اسان جي زندگيءَ جو اهڙو محور بڻجي وئي، جو مون کي اهو شڪ پوڻ لڳو تہ اسان ٻنهي جو پاڻ ۾ اهو پريم نہ رهيو هو، جو اڳي هو، ڇاڪاڻ تہ اسين ٻئي ڄڻ تہ هڪ ٻئي کان بي نياز ٿيندا ٿي وياسين. ڪم از ڪم مون تہ جڏهن بہ هن جو تصور ڪرڻ لاءِ اکيون بند ٿي ڪيون تہ هن جي بدران سورٽ منهنجي اکين ۾ سمائجي ٿي وئي، ۽ پوءِ هن جي چهرو سورٽ ۾ سمائجي هڪ ٿيڻ لڳندو هو. اهو هڪ بلڪل نئون احساس، نئون تجربو هو مون لاءِ!

پوين ٻن ٽن مهينن ۾ مسز سڪينہ تي ڄڻ تہ ماڪ پئجي ويئي هئي، يا پاري هن کي ساڙي ڇڏيو هو. انهن ڏينهن ۾ هوءَ عجيب اونهن خيالن ۾ غرق هوندي هئي، ۽ اڪثر جهٽ واپس هلي ويندي هئي. هڪ ڏينهن هن مون کي ڏکاري انداز ۾ چيو- "ڏس تہ ويچاريءَ جي ڪهڙي حالت ڪئي اٿئي. جيڪڏهن منهنجي مهروءَ کي ڪجهہ ٿي پيو تہ آءٌ توکي خون ڪنديس... اوهين مرد تہ پيرن ۾ بند ڪري رکڻ جهڙا آهيو!"

مون کيس چيڙائڻ لاءِ چيو- "ويچاريون نازڪڙيون زالون!"

"جيڪڏهن نازڪڙين شين کي ڪنهن ضدي يا بدمزاج ٻارڙن جي هٿ ۾ ڇڏبو تہ انهن جي ڀڃي پوڻ جو انديشو آهي. مردن کي ڪهڙي خبر تہ لطافت ڇا ٿيندي آهي، نزاڪت ڪهڙي ڪُڪڙِ جو نالو آهي!" هن ڄڻ تہ خفا ٿيندي چيو.

جڏهن سورٽ آئي، تہ اها مسز سڪينہ، هن جي ايتري چاڪري ڪرڻ لڳي، جو آءٌ حيران ٿي ويس. مهروءَ کي ايان بہ هوءَ انهن ساڳين سيفوءَ وارين محبتي نظرن سان ڏسندي هئي، پر سورٽ هن جي هر محبت ۽ نگاهہ جو مرڪز بڻجي ويئي. مهرو يا آيا، جيڪڏهن ڪا لاپرواهي ڪنديون هيون، تہ هوءَ هنن سان وڙهي پوندي هئي، ۽ پوءِ روئڻ لڳندي هئي. ڪيڏي نہ پر خلوص ۽ نفيس عورت هئي سڪينہ!

هڪ ڏينهن، پراڻي بنگلي تي ويس تہ ڪمدار احمد خان ڳوٺان آيو هو، ۽ ٻڌايائين تہ باغ ۾، ڪي شاهينگ هڪ ماڻهوءَ کي خون ڪري پوري ويا هئا- ۽ پوليس اتان لاش کوٽائي ڪڍيو هو، ۽ جانچ پئي هلي. باغ جي ٻن مالهين کي ڪٿي شڪ ۾ ٻڌو هئائون، ۽ هنن کي سچي ڪرائڻ لاءِ ڏاڍو ماريو هئائون. منهنجو

وڃڻ نهايت ضروري هو.

جڏهن مون مهروءَ سان ڳوٺ وڃڻ جي ڳالهه ڪئي ته هوءَ سڄي پيلي ٿي ويئي. الائجي ڪهڙي ڊپ اچي هن جي دل کي ورايو هو.

"گهٽا ڏينهن؟" هن ڄڻ ته ڊڄندي پڇيو.

مون چيو: "جاني، توکان ۽ سورٺ کان سواءِ مون کي پنهنجا روزانا ڪم ڪاريون ئي زهر ٿيو اچن، سو ڳوٺ ته مون کي ڪائڻ لڳندو. آءٌ جيترو جلد ٿي سگهيو اڏامي ايندس."

"آهي ته مڙئي خير نه؟"

"ها، زمينن جو ڪجهه معاملو آهي. ڏينهنڪ ڪم لاهي موٽي ايندس."

سفر جو سمورو وقت مون کي طرح طرح جا پيانڪ خيال اچڻ لڳا، اهڙيون اهڙيون ڳالهيون سوچڻ لڳس، جو ڪوبه 'نارمل' ذهن جو ماڻهو نه سوچيندو. متان سورٺ پلنگ تان ڪري پوي! متان زلزلو اچي وڃي، ۽ مهرو ۽ سورٺ ٻئي دٻجي وڃن! متان سمنڊ ۾ طوفان اچي وڃي، ۽ اسان جو بنگلو پاڻي وڃي! متان ڪي شاهينگ رات جو منهنجي سورٺ کي ڪٽي وڃن. متان مسز سڪينه حسد کان، سورٺ کي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏي! آءٌ بار بار پنهنجي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي، انهن خيالن کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. اخبار پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم، ڪتاب کولي ويهي رهيس پر سڀ بيسود! آءٌ ايترو بزدل ڪڏهن کان ٿيو هوس؟ ڊپ ڪڏهن کان منهنجي ذهن کي ڪائڻ لڳو هو، ۽ ڇو هن ۽ سورٺ کي پنهنجي لاءِ ايترو لازمي، ايترو اڻ ڇڏڻ محسوس ڪري رهيو هوس؟ مون ۾ محبت جو اهو نئون انداز، سپردگيءَ جي انتها، تحليل ٿي وڃڻ جو احساس ڇو پيدا ٿيو هو؟ آءٌ ته شعوري طرح رومانيت جي خلاف هوس. عورت منهنجي لاءِ محض انسانذات جو هڪ عام فرد هئي، جنهن جو جيڪڏهن ڪو فائدو هو ته اهو ته هوءَ مرد جي جسم کي آسودگي پهچائي، يا گهر هلائي، يا زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ مرد سان گڏجي مشين وانگر ڪم ڪري. هي منهنجي روح جي تارن ۾ عورت- مهرو ڪڏهن کان وچڙڻ لڳي هئي، ۽ ڇو؟

مون کي سنگاپور جو اهو واقعو ياد آيو، جڏهن جنگ ختم ٿي چڪي هئي.

جپاني قيد مان آزاد ٿي اتي پهتو هوس. "مس لِي" مون کي بار مان پنهنجي گهر وٺي آئي هئي. هوءَ هڪ ڀرپور عورت هئي، پر هن جي اکين ۾ ڪوبہ عورتپڻو ڪونہ هو. جسم ۾ شخصيت جو اهو ويچو، اهو فاصلو آءٌ جنگ جي دوران هر هنڌ ڏسي چڪو هوس. پنهنجي آمهون سامهون چوڌاري چڇريل لاش، اپاهج ٻارڙا، لولا لنگڙا، انڌا فوجي ڏسي منهنجو مَنُ ڇڻ تہ مري چڪو هو. پهرين مون کي يقين نہ ايندو هو تہ ڪنهن جوان مرد، يا جوان عورت جي دماغ ۾، اکين ۾، ڳچيءَ ۾، سيني ۾ يا جسم جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ گوليءَ جو سوراخ، يا سنگين جو چير، ڪنهن طرح هنن جي انسان هجڻ تي منڌيڙو وجهي ٿو ڇڏي، پر پوءِ موت هڪ اهڙي عام رواجي ڳالهہ ٿي ويئي، جو رستي تي ستل ماڻهو ۽ هڪ لاش ۾ ڪوبہ فرق نظر نہ ٿي آيو. ايذاءُ، اهنج، تڪليف، ڦٽ، سور، ۽ روئڻ برما جي جهنگلن ۾، محض روزانا نيم بنجي ويا هئا. ڪنهن بہ جي ڪا ڪلي، ڪنهن جي ٽنگ ۾ ڪپي ويندي هئي تہ ايئن محسوس ٿيڻ لڳندو هو، ڇڻ تہ انسان نہ، پر وڻ جي ڪا ٽاري ڀڄي پئي هئي، جنهن تي ڏيان ڏيڻ وقت جو زيان هو. هن جي ٻئگ مان، ڪاڏي جا ٽين، سگريٽ ۽ گوليون ڪڍي، اسين ايئن هلڻ لڳندا هئاسون، ڇڻ تہ اهو بہ اسان جو نيم هو. هن جو چيٽون، اسان جي ذهنن تي فقط ورڇجڻ جو احساس پيدا ڪنديون هيون. هروڀرو، خوامخواهہ جو شور، جيڪو ڪنهن هوائي جهاز يا ڪنهن چتاءَ جي سيٽي ٻڌڻ کان اسان جو ڌيان هٽائي رهيو هو.

مس ليءَ جي گهر ۾ فقط هڪ ئي ڪمرو هو. اهوئي سمهڻ جو ڪمرو هو، اهوئي ڊرائنگ روم هو، ۽ اهوئي هن جو سينگار روم. هن مون کي پلنگ تي وهاري، نخري سان منهنجي ڪيسي مان ڪجهہ پئسا ڪڍيا، "آءٌ ماني وٺي ٿي اچان. تون اڃان وسڪي تہ پيئندين نہ؟" هن جي آواز ۾ نخرو هو، پر ان ۾ عورتپڻو نہ هو.

جڏهن هوءَ ٻاهر هلي ويئي، تہ مون کي ان ڪمري ۾ اٻٽ ٿيڻ لڳي. منهنجو ساهہ گهٽجڻ لڳو. سگريٽ منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪڻ لڳو، ۽ آءٌ ٻاهر نڪري آيس، ۽ بي ارادي، بنا ڪنهن ڏس جي، اڳتي وڌندو رهيس. اڳيان هڪ گهٽيءَ جي منهن تي، هڪ انگريزي بار جو بورڊ ڳاڙهن اکرن ۾ ٻري رهيو هو- ۽ انداران گهمسان

۽ شور جو آواز اچي رهيو هو.

"سڀ فوجي هوندا!" مون سوچيو.

آءٌ اڳتي لنگهي ويس. اڳيان رستي کان مڙندڙ هڪ گهٽيءَ جي مَنڊ ۾ نندڙي پل هئي. ان پل کان ٿوري ئي فاصلي تي ڪيترن ٻارڙن جي کلڻ جو شور ٻڌڻ ۾ آيو. مون ڳچ عرصي کان پوءِ ٻارن جا ٺهڪ ٻڌا هئا، ۽ انهن ٺهڪن ۾ هڪ عجيب ڇڪ هئي. آءٌ وڌي ان گهر جي اڳيان بيهي رهيس. هلڪي روشنيءَ ۾ مون ڏٺو: هڪ عورت جي چوڌاري ٽيهه چاليهه ٻار مڙيل هئا، ۽ ٽپ ڏيئي رهيا هئا: اها عورت هٿ مٿي کڻي، ڊبل روٽيءَ جا ٽڪر ٻارن کي ڏيئي رهي هئي، ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪنهن ٻارڙي کي هنج ۾ کڻي، ڀاڪر پائي، چميون ڏيڻ ٿي لڳي: هڪ عجيب هنگامون هو. جن ٻارڙن کي روٽيءَ جا ٽڪر مليا هئا، سي ايترو تڪڙو تڪڙو کائي رهيا هئا، جڻ ته هنن کي اهو ڊپ هو ته پوريءَ طرح کائڻ کان اڳ ڪو هنن کان ڦري نه وڃي. مون ڏٺو ته ٻار هڪڙي ڪريل ٽڪر تي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا، ۽ هڪٻئي جي منهن تي چَهنڊا ۽ رَهنڊا وجهي رهيا هئا. پريان ٻه ٻارڙا، چپ ڪيو هڪ ڪنڊ ۾ بيٺا هئا، ۽ پوءِ اها عورت انهن ٻارن ڏانهن وڌي، ۽ ڪين هنج ۾ کڻي پيار ڪرڻ لڳي، ۽ ڪين ڊبل روٽي ڏئي، چينيءَ ۾ ٻارن کي ڪجهه چيائين. ٻار هڪدم ماڻ ٿي ويا، ۽ چپ چاپ هيٺ فرش تي ويهندا ويا. مون اُن مهل ڏٺو ته اها عورت مس لي هئي! ۽ عين ان وقت مس ليءَ مون کي به ڏسي ورتو. هن جي منهن تي هڪ عجيب نماڻائيءَ جي لهر اچي ويئي.

هوءَ وڌي آئي، ۽ ڏکندڙ آواز ۾ چيائين: "سائين، هنن ٻارن ٻن ڏينهن کان ڪجهه نه کاڌو هو. اڄ جيڪڏهن اوهان نه ڦاسو ها ته شايد مون کي چوري ڪرڻي پوي ها...!"

مون کو جواب نه ڏنو. هوءَ مون سان گڏجي ٻاهر آئي. سندس ننڍيءَ بيگ ۾، وسڪيءَ جي بوتل ۽ ڪجهه کاڌو هو. اسين موٽي هن جي جاءِ تي آياسون. ان سڄي واقعي مون کي لوڏي ڌوڏي وڌو هو. هن شمعون ٻاري، هڪ ننڍيءَ ٽيبل تي کاڌو لڳايو. پر منهنجي ٻُک اڏامي ويئي هئي، ۽ آءٌ فقط وسڪي پيئندو رهيس. مون کي ائين محسوس ٿيو ته هوءَ پنهنجي منهن ڪجهه ٽڻ ٽڻ ڪري رهي هئي. مون کي پنهنجي ويچارن ۾ محو ڏسي هن هيڪندي چيو: "جيڪڏهن اوهين چاهيو ته اڄوڪيءَ رات کان سواءِ اوهين جيتريون راتيون چاهيو، مون کان حاصل ڪري سگهو ٿا... آءٌ اوهان جي پائي پائي پنهنجي جسم سان ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!" هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

مون هن کان پڇيو: "اهي ٻار ڪنهن جا آهن؟"

"منهنجا...!"

"ايترا سارا ٻار تنهنجا ڪيئن ٿا ٿي سگهن. تنهنجي ته عمر ويهه ٻاويهه ورهيه مس ٿي ڏسجي....!

"دنيا جو هر اهو ٻار منهنجو آهي، جيڪو جنگ جي هن چريائپ ۾ ماءُ ۽ پيءُ جي محبت کان محروم ٿي چڪو آهي؛ مون کي ايئن ٿو محسوس ٿئي جڻ ته آءٌ جنگ جي عورت جو ضمير آهيان... ان جنگ جو شڪار به آهيان ته ان لاءِ ذميدار به...!"

"سو ڪيئن؟"

"جڏهن مرد جي ذهن ۾، ان ڀڙوت جي جنگ جو خيال آيو، ان وقت مون کي ان مرد کي گوليءَ سان اڏائڻ گهرجي ها. ان جي بجاءِ "رائين" جي ڪناري تي، "ٽوڪيو" جي محلسرائن ۾، "روم" جي ڪئيٽيڊرل جي ڏاڪن تي، هن کي مون گوليءَ جي بدران پنهنجو جسم آڇيو، عورت جي لطافت ۽ گداز آڇيو. هن جي هٿن ۾ پنهنجو ڇاتيون، پنهنجا ٻَبا ڏنم ته جئن ان شڪل جا گرينيڊ ۽ بم ناهي. مون هن کي پنهنجي جسم جا اها اڇل، اها اڏام عطا ڪئي جو هن کي ستين آسمان تي پهچائي سگهي ٿي، پر هن ان مان راڪيٽ ۽ ميزائل جو تصور خلقيو. مون هن کي پيار ۽ لطف جا باهه ۾ پسم ڪرڻ سيکاريو ته جئن هو انساني جسمن کي، ٻارڙن، جوانن ۽ پوڙهن جسمن کي اٿنم جي باهه ۾ پسم ڪرڻ جو سبق پرائي. ها، آءٌ ان جي ڏوهي آهيان، ۽ ان ڏوهه جو ڪفارو ادا ڪرڻ لاءِ، آءٌ هن هندستاني، چيني، ۽ ڪن ملائي ٻارڙن کي، تباهيءَ جي ڪُن مان ڪڍي، پنهنجو سيڪجهه وڪٽي، زندهه رهڻ ۽ زندهه رکڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان...!"

مون ان وقت هن جي اکين ۾ عورتپڻي جو اهو مچ ٻرندو ڏنو، جو مون کي پسم ڪرڻ لاءِ لحظي لحظي وڌيڪ ڀڙڪندو ٿي ويو. سنگاپور جي هيءَ ڪسبياڻي، هيءَ "ڪال گرل" سڄيءَ دنيا جي چريائپ جو ازالو اڪيلي سر پوڳڻ لاءِ، ڪنهن چريائپ جي زندگي گذارڻ لاءِ پاڻ جلائي رهي هئي. منهنجو وات سُڪي ويو هو. مون کي پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪنڊا ڪنڊا محسوس ٿيڻ لڳا، ۽ آءٌ وسڪيءَ جو گلاس ڀري غٽ غٽ ڪري پي ويس. گلاس رکي، جڏهن مون هن ڏانهن نهاريو، تڏهن هوءَ منهنجي اڳيان الف اگهاڙي بيٺي هئي- اڏول ۽ اٽل! چيني حسن جي اڻ لٽ سوڪڙي! هن وڏي مون کي هٿ کان وٺي واري واري سان چميا، ۽ منهنجي ٽاءِ کولڻ لڳي. مون سندس ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي واري واري سان چميا، ۽ پوءِ پنهنجي اندرئين ڪيسي مان سمورا پئسا ڪڍي، سندس هٿن جي مٺين ۾ بند ڪري، پنهنجي فوجي ٽوپي ڪٽي ٻاهر نڪري آيس! ان ڏينهن مون محسوس ڪيو ته مون ۾ انسانيت موٽي آئي هئي، ۽ منهنجي لاءِ ايذاءُ، ڏک، زخم ۽ روئڻ موٽي

آيا هئا!

مون کي هڪ سخت جهٽڪو ۽ لوڏو آيو ۽ منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا! اهو لوڏو گاڏيءَ جي بيهڻ جو هو- ۽ منهنجو ڪمدار، مون کي روئندي ڏسي، گهبرائجي ويو، ۽ چيائين: "رئيس، خير تہ آهي؟"

هن جو آواز ٻڌي آءٌ مس لي جي دنيا مان پنهنجي دنيا ۾ موٽي آيس.

گهوڙي تي چڙهي، آءٌ پنهنجي ڳوٺ ڏانهن هلڻ لڳس ته منهنجي سامهون اها وادي هئي، جنهن کي تاريخ سونهن ۽ سونن هنجن جي وادي سڏيو آهي! پر اها سونهن ۽ سونا هنج ڪٿي هئا؟ هتي ته بٽ زمين، ڏهرا گهبرايل ماڻهو، ڪلر ۽ واري، ڪاريءَ وارا ڪک هئا، ۽ مون سوچيو ته هن ملڪ ۾ ته ڪا بيماري ڪانه ٿي آهي، پوءِ هيءَ ڌرتي، هي ماڻهو ايترو ويران، ايترا سڃا، ايترا اڻ سونهان ڇو آهن؟ ۽ الائجي ڇو منهنجي دل ۾ اها آرزو پيدا ٿي ته هت به ڪا هيروشيما پيدا ٿئي، هت به ڪا ناگاساڪي پيدا ٿئي... مَن ان جي ردعمل طور ڪا نئين قوم، پنهنجا پير سنڀالڻ ۽ پاڻ کي ٺاهڻ لڳي، نه ته... ... نه ته بابي ۽ مون جهڙا وڏيرا يا مُلي عبدالله جهڙا مذهبي وڏيرا، هيئن گهوڙي تي چڙهي، هنن جي سينن تي ايئن گهوڙا ڊوڙائيندا، مڱ ڏريندا رهندا!

ڳوٺ پهتس ته اُهائي سنياريل، ڪِني ٿيل، سَنڌيل زندگي هر هنڌ نظر آئي. شاخ تي ڳوٺ جون پوڙهيون پڪيون زالون، ميرن ڪپڙن کي ڏونگرين سان ڪٽيندي، ڄڻ ته پنهنجي مڙسالن جي سلهه ۽ دَمَ جي جيوڙن، ۽ وڏيرن جي گناهن کي ڏوئڻ جي اٿتڪ، پر بيسود ڪوشش ڪري رهيون هيون. هو سِلو موچي، غريبن جي بي- تَري جَتين ۾ ترا وجهي، ڄڻ ته هنن جي زندگيءَ ۾ ترا وجهي رهيو هو. سامهون تختي تي سوڊو حجم ڪنهن ڪنڌار مڙس جا ٻٽون وار ٺاهي رهيو هو، پنهنجي معيار مطابق، ماڻهن ۾ خودپسنديءَ جو احساس پيدا ڪندو ٿي ويو. سامهون مولڏني جي ڇپر هوٽل هئي، جتي هڪ پراڻو ڪٽل رڪارڊ وڄي رهيو هو- "اڪ دل کي ٽڪڙي هزار هوئي... ڪوئي يهان گرا ڪوئي وهان گرا..." ۽ سامهون گلان جو پٽ مَنون، چوڏهن سالن جي هڪ ڳيرو ڇوڪر سان گڏ ڇنل ڪٽ تي ويٺو هو. ٻنهي جي وات ۾ پان جي لالي هئي؛ ۽ ٻئي واري واري سان هڪ ئي سگريٽ مان مُٽ ڀيڙي سوٽا هڻي رهيا هئا. ايان اڳتي ماستر سومار، پٽ ڀڳل اسڪول ۾، ڪرسيءَ تي ويٺو هو يا ليٽيو پيو هو؛ سندس ٻئي ٽنگون ميز جي مٿان هيون. مڪيون سندس مُڇن مان ٿيندي، سندس وات ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. مون کي پنهنجي دل ڪچي ڪچي ٿيندي محسوس ٿي؛ هي هو منهنجو وطن، هيءَ هئي منهنجي سنڌ! سونهن ۽ سونن هنجن

جي سرزمين! سڀ ڪوڙا آهن، بي ايمان! ويدن ۾ جنهن سنڌوءَ جو ذڪر آهي، سو يقيناً ڪو ٻيو ملڪ هو؛ ڪٿي آهن اهي جوڌا، ڪٿي آهن اهي سونا رَتَ، ڪٿي آهن اهي سونن سنجن سان سينگاريل گهوڙا، ڪٿي آهن اهي ميوا، اهي مٺائيون! هت تہ اڪيلي مٺائي، جا نظر اچي تي سا آهي ولوءَ جي ٽالهہ ۾ پيل مڪين سان جهنجهيل ٽِڙِ مِڙِ! سامهون مسجد ۾ ملو اسماعيل ٻن ڪتابين کي "صابر" لفظ جي تشريح ٻڌائي رهيو هو!

آءُ جڏهن چاچي خيري جي گهر وٽ پهتس تہ بيهي رهيس. سوچيم تہ پير مرد جي خبر وٺندو ويان. مون ان وقت پنهنجي ذهن جي تلاشي ورتي، ۽ اهو محسوس ڪري هڪ اطمينان ٿيو تہ ان ۾ ڪٿي بہ سائنڊ جو تصور سمايل نہ هو. دروازي تي بيهي آواز ڏنم تہ ٻن سالن جو هڪ ڇوڪرڙو مٿيءَ ۾ پيوت، عجيب گهبرايل نظرن سان مون ڏي ڏسي رهيو هو. ان ڇوڪري کي ڏسي الائجي ڇو، منهنجي شاهہ شريان ۾ رت جو داٻ تيز ٿي ويو. هن جون اکيون، هن جي پيشاني ڏسي مون کي اهو خيال ٿيو تہ اهي مون ڪٿي ڏٺيون هيون: ڪٿي ۽ ڪڏهن سو ياد نہ آيم. ان ڇوڪري جي مٿيءَ ۾ ميري منهن ۾ هڪ عجيب ذهانت، هڪ عجيب سمجهہ، مون کي ڏانهس ڇڪي رهي هئي. آءُ ڪنهن اڃاتي ڪشمڪش ۾ هوس، تہ مٺو اچي مون کي ڀاڪر وڌو.

"رئيس، ڀلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا!"

هن جي آواز ۾ ڪيڏو نہ خلوص هو، ڪيترو نہ اعتماد هو. ۽ مون کي هن اڳيان ڪيڏي نہ شرمندگي محسوس ٿي رهي هئي. آءُ پاڻ کي ڪيترو نہ ڪريل سمجهي رهيو هوس. مون هن غريب جي اعتماد مان ڪيترو نہ غلط فائدو ورتو هو. هو ڪيترو اوچو انسان هو، ۽ آءُ ڪيترو نہ نيچ!

"مٺو، هي ڇوڪرو ڪنهن جو آهي؟ مهاندن جو تہ ڏاڍو ملوڪ آهي!"

"اها تہ اوهان جي ڀلائي آهي..."

گهڙي لاءِ منهنجي دل پنهنجو هڪ ڏڪ گسائي ويئي.

"اچي ٻن سالن جو ٿيو آهي، ڏاڍو سياڻو پٽڙو آهي...!" هن جي لفظن ۾ مون کي ڪابہ ٻٽي معنيٰ نظر نہ آئي. انهن ۾ تہ فقط خلوص ۽ منهنجي لاءِ پيار جو انگ هو. ان جي باوجود، اهي لفظ، سادا سودا، منهنجي لاءِ قهر بنجي ويا. پنهنجي منهن کي لڪائڻ لاءِ، رومال سان مٿي صاف ڪندي مون چيو: "ڇا نالو رکيو آئوس؟"

"انور...!"

مون کي ڄڻ تہ نانگ ڏنگي وڌو. مون گهبرائجي پڇيو: "ڇو؟ اهو نالو ڇو رکيوَ؟"

هن منهنجي گهبرائٽ کي اچرج سمجهيو. ”رئيس، تون نہ هجين ها تہ مون کي سانئٽ ڪڏهن نہ ملي ها. آءٌ سڄي عمر ڪنوارو رهان ها، ۽ سانئٽ سدائين اوهان جي حويليءَ جي ٻانهي ٿي پوڙهي ٿي وڃي ها. اوهان جي دَرَ جي ٻانهي تہ ايا بہ آهي. پر اسان جو ويانهن ڪڏهن بہ نہ ٿئي ها! چوندا آهن تہ آلڙيو ٻار يا تہ بچندو ڪونهي. جيڪڏهن بچندو آهي تہ ڏاڍو سياڻو ٿيندو آهي، ۽ اسان جو ياڳ تہ تو آندو هو. ان ڪري بابي ۽ مون مٿس تنهنجو نالو ڪٽي رکيو!“

منهنجي ساهہ ۾ ساهہ پيو تہ مٺوءَ جو مون ۾ ساڳيوئي اعتماد هو، ۽ هن کي ڪنهن اسرار جي خبر نہ هئي ۽ هڪ پيرو وري سانئٽ جي احسان جي بار هيٺ دٻجي ويس.

”چاچو خيرو ڪٿي آهي؟“ مون خيالن جي عذاب کان بچڻ ڪاڻ پڇيو.

”هوندو مسيت ۾. هاڻ تہ رڳو نمازون اٿس! جڏهن کان علو چڱو پلو ٿي موٽيو آهي تہ بس، رڳي مسيت هٿ اچي ويئي اٿس. ٺلهو مانيءَ پور ڪائٽ لاءِ گهر ايندو آهي!“

”پلا علو هاڻ ڪيئن آهي؟“

”چڱو پلو آهي- الله حياتي ڏني اٿس، پر بچائٽ وارا تہ اوهين آهيوس نہ!“

”نہ نہ، ايئن نہ چئہ. مون تہ پنهنجو فرض ادا ڪيو هو، پر آهي ڪٿي؟“

”ٻنيءَ تي آهي. ڪو ڳرو ڪم اسين ڪرڻ ڪونہ ڏيونس. رڳو نظرداري لاءِ ويندو آهي.“

”سانئٽ تہ خوش آهي نہ؟ چڱي پلي تہ آهي!“

”رئيس، توکي دعائون ٿي ڪري. قبول جي زال سورن ۾ آهي، سو اوڏانهن ويئي آهي...!“

مون ڏٺو تہ ننڍڙو انور عجيب نظرن سان مون کي ڏسي رهي هو. هاڻ هن جي نظرن ۾ ڪو ڀؤ نہ هو. هن کي ڏسندي، مون چيو. ”مٺو، هڪ ڳالهہ چوانءِ، مڃين تہ؟“

”رئيس، حڪم ڪر، تولاءِ سر بہ حاضر آهي؟“

”هيءُ ڇوڪرو، جڏهن ڇئن سالن جو ٿئي، تڏهن هن کي شهر جي اسڪول ۾ داخل ڪرائجو. هن جي پڙهائي ۽ شهر جو سمورو خرچ آءٌ پاڻ تي ڪنندس!“

واهہ ڙي خود غرضي!- منهنجي اوچ اڇل ڪائي ويئي.

”۽ ٻي ڳالهہ، تون جيڪا زمين هارپ تي پيو پوکين، سا اوهان کي بخش آهي. آءٌ شهر موٽي، ڪاتو ڦيرائي ڇڏيندس!“

”رئيس، اسين تنهنجا نوڪر، تنهنجا ماڻهو آهيون، هي وري ڇا پيو چوين. خدا توکي پنهنجي زمين بخشي بچائي ڏي! ماڻهو ڇا چوندا؟“

"ماڻهو اهوئي چوندا تہ پنهنجي ٻاروتڻ جي سنگتيءَ کي وڏيري انور زمين ڏني آهي. اهوئي نہ، سو ڀل پيا چون. جيڪڏهن توکي اها ڳالهہ نہ وٺي تہ پوءِ آءٌ کاتو وڪري جو ڦيرائيندس، ۽ چوندس تہ مون مٿو ۽ علوءَ کي زمين وڪڻي ڏني آهي- بس؟"

۽ آءٌ اتان اٿي، حويليءَ تي هليو آيس.

امان جا تہ هڏا نڪري آيا هئا. جڏهن مون ڪيس پاڪر ۾ آندو، تڏهن مون ڪي ڀؤ ٿيڻ لڳو تہ اهي پيرسن هڏا ٽڙڪي نہ پون. هن جي چمين ۽ لڙڪن، ڏڪندڙ هٿن ۽ جهڪندڙ جسم ۾ مامتا جا گل اڃا بہ اوڏائي تازا ۽ سڳنڌ ڀريا هئا.

مون ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ چيو. "امان، تنهنجي انوءَ کي هڪڙي حور جهڙي ڌيءَ ڄائي آهي- سورٺ!" سورٺ جي نالي ڪنڌي ئي، منهنجي دل پاڻهه سان ڀرجي ويئي.

"اڙي، چريا ڪريا، تو شادي ڪڏهن ڪئي جو ڌيءَ ڄائي اٿئي؟" هن ڳجهارت تي منهن گهنجهائيندي چيو.

"ٻہ سال ڪن ٿيا. جيڪڏهن تون پنهنجي ننهن ڏسين، تہ ڳوٺ وسري وڃنئي. جهڙي اپسرا، هلي تي تہ يونءَ پڻ بسم الله تي چوي!"

"ها ابا، منهنجا ڀاڳ، جو پنهنجي ننهن بہ پاڻ نہ ڳولي سگهيس، تون هميشه کان پنهنجيءَ وارو آهين نہ، ان ڪري! پوءِ وٺي نہ آئينس؟"

"امان، هت اچڻ سان، هوءَ ميري تي پوندي ۽ شهر ۾ رهيل زال، ڳوٺ ۾ اچي ڇا ڏسندي؟ هت وٺي ايندوسانس تہ بابا جي سريتن جو لنگر خانو ڏسي، مرڳو مون کي طلاق ڏيئي ڇڏيندي!"

"مئي ڳورس، شهري زالون ٿيون ڪين مڙد! مڙد زالن کي طلاقون ڏيندا آهن، ڪين زالون مردن کي! پر ابا سچ ٿو چوين. هن ڳوٺ ۾ رکيو بہ ڇاهي!"

"پوءِ امان هل نہ، تہ توکي شهر وٺي هلان. تنهنجي ننهن تنهنجي ايتري خدمت چاڪري ڪندي جو خوشيءَ کان ڦوڪجي گول گپو ٿي پونديئن. هي تہ ڏس هڏا نڪري آيا اٿئي!"

جواب ۾ هن فقط هڪ ٽڏو شوڪارو ڀريو، ۽ مون دعا گهري تہ ڪاش هن ماءُ جو اهو ٽڏو شوڪارو هن حويلي، هن قيدخاني جي ديوارن کي ڀسر ڪري ڇڏي، جن جي اندر انساني زندگيون، ايئن ٿيون ٻوسانجن جيئن باهہ جي چمنيءَ ۾ ڦاسي پوندڙ تڏيون ۽ مڪڙيون! هتي انسان يقيناً نہ هئا، هتي تہ جيت جٽيا هئا، جن ۾ ساهہ جي بدران بيوسي ڀريل هئي.

مون کي ان وقت محسوس ٿيو ته هي هڏانئون روح، جيڪو منهنجو خالق به آهي، پنهنجي اُڏام جي آخري ڇيڙي تائين اچي پهتو آهي، ۽ ڇاڻ ته ڪٿل ڪنين واري پکيءَ وانگر، اوتروئي تيزيءَ سان اچي هيٺ ڪرندو. منهنجي دل هن لاءِ لڙڪ وهائڻ لڳي. اندر ئي اندر، روح جي گهراين ۾. هيءَ منهنجي ماءُ هئي، منهنجي سرجڻهار، جنهن جي وجود جو سمورو سرمايو مون منجهه سيڙايل هو. پر مون ڪيس ڪابه آسيس يا آسائش نه ڏني هئي. مون کي ڇڏڻ وقت هوءَ ذري گهٽ مئي هئي، مون ۾ ڪا ايتري بيپناهه اُچل هئي، جو جڏهن دنيا ۾ آيس، تڏهن پنهنجي مٺڙي ماءُ کي تقريباً ڇڇري اپاهج بنائي وڌو هوم، ۽ ٻه سال هوءَ تخليق جي ان پڙاڏي جي پيڙا سهندي رهي!

هن جي شفقت هن جي اکين ۾ مامتا جون اهي ريکائون آنديون هيون، جن ۾ منهنجي زندگيءَ جون اهي گهڙيون، ڪنهن ڪڪر وانگر آگمجي آيو، ۽ منهنجي دل ان ڳالهه لاءِ ماندي ٿيڻ لڳي ته آءُ آخري پيرو ان مامتا جي مٺي هنج ۾ منهن وجهي، سڏڪا ڀري روئان.... ۽ پوءِ مون کي پنهنجو ٻاروتڻ ياد آيو.

3

آءُ حد درجي جو ضدي هوس. بابا، پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ سمورو وقت نٽ نين ۾ هانهين يا سريتن جي ڳولا ۾ ڀاڪرن ۾ هوندو هو. جڏهن حويليءَ جا بدصورت ۽ گدلا نوڪر مون کي ڏڏيءَ تي کڻي بابا وٽ ايندا هئا، تڏهن ان ملوڪ نوجوان کي ڏسي منهنجو روح تڙي پوندو هو، ۽ گهڙي کن لاءِ مون کي پنهنجي نوڪرن جي بدصورتي وسري ويندي هئي. اها گهڙي به منهنجي لاءِ جنت مثل هوندي هئي، جڏهن آءٌ بابا جي هنج تي هوندو هوس. جڏهن هو مون کي نرڙ يا ڳل تي چمي ڏيندو هو، تڏهن سندس مڇون منهنجي چمڙيءَ ۾ هڪ مٺي ڪتڪتائي پيدا ڪنديون هيون؛ ۽ پوءِ هو هڪدم مون کي نوڪرن جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. منهنجي دل کي سخت صدمو پهچندو هو. آءٌ ٻاراڻي ڪاوڙ ۾ نوڪرن جا ڄنڊا پٽڻ ۽ ڇڪ هڻڻ لڳندو هوس. هن ويچارن ۾ اها همت نه هئي جو مون کي کڻي ڪو دڙڪو ڏين؛ هڪ ته آءٌ نندڙو هوس، ۽ ٻيو سندن ان داتا جو پٽ! ڪاش، ڪو نوڪر ايئن ايذائڻ وقت مون کي به چار چماٽون هڻي ڪڍي ها ته شايد اج منهنجي زندگي مختلف هجي ها! هن جي انهن چُپ، بلڪ پاڻ وڏيڪ لاڏ، مونکي ڪاري ٻَهر ڪري ڇڏيو ۽ آءٌ ٻين ٻارن، ٻانهن ۽ نوڪرن کي ايذائڻ ۽ مارڻ ۾ پنهنجو بنيادي حق سمجهڻ لڳو هوس. مون کي ياد آهي ته آءٌ بنهه نندو هوس؛ دروازي ۾ منهنجو هٿ چپجي پيو، مون سڄي حويلي مٿي تي کڻي ڏني. جڏهن امان مون کي پرچائڻ لڳي تڏهن به مون ماڻ نه ڪئي. روئندي روئندي شايد نند اچي ويئي. نند مان اٿڻ کان پوءِ، مون هڪ ڏنڊو کڻي اچي ان دروازي کي ورتو. جيسين منهنجي ٻانهن نه ٿڪي تيسين آءٌ دروازي کي ڪٽيندو رهيس. پر مون ڏٺو ته دروازو بنهه ڪونه رُٽو. مون کي تنهائين وڏيڪ ضد ۽ ڪاوڙ آئي، ۽ مون ان کي ٻيهر مارڻ شروع ڪو. پر دروازي تي اثر نه ٿيٿو هو، سو نه ٿيو. آءٌ ڳٽيءَ ۾ پٽجي ويس ته ايتري مارڻ جي باوجود دروازو چپ چاپ مون کي تڪندو رهيو. اهو ساڳيو ڏنڊو مون هڪ ٻانهي جي ٻار کي فقط هڪڙو ڀيرو هنيو هو ته هو ٻاڪاٽ ڪري روئڻ لڳو هو. اها ڳجهارت مون کان ڀڳي نه ٿي، ۽ پوءِ آهستي آهستي مون کي پنهنجو هٿ چپجڻ جو واقعو سمجهه ۾ آيو؛ هڪ نئين ڄاڻ منهنجي ذهن ۾ ڪر موڙي اٿي.

ان زماني ۾ هڪ ننڍي نينگري ٻاگهي شيدڻ، مون کي وهنجارڻ جي ڪم تي مقرر ٿيل هوندي هئي. مون کي وهنجڻ ۽ صابڻ کان نفرت هوندي هئي. صابڻ يا تيل يا ٻي ڪنهن به لڳائڻ واري شيءِ جي ڇهاءُ کان ئي مون کي نفرت هئي، ۽ ان ڇهاءُ جو احساس ئي مون کي چيڙائي وجهندو هو. ان چڙ جي ڪري، ٻاگهي شيدڻ کان به نفرت هوندي هئي. مون پنهنجي نئين ڄاڻ کي ڪم آڻيندي، هڪ ڪيڏ رتي. مون ڏاڍي پيار مان ٻاگهي شيدڻ کي هڪ نئين راند کيڏڻ لاءِ چيو. ويچاري ٻالي ٻولي ٻاگهي، منهنجي دوکي ۾ اچي ويئي. مون هن کي دروازي وٽ آڻي، ڪيس چيو ته دروازي جي عين ڪليل طاق جي چونڪ ۾ انجيس وٽ هٿ رکي بيهي، آءٌ اندر وڃي ڪيس سڏ ڪندس، ۽ هوءَ مون کي لڪلڪوٽي راند وانگر ڳولهي لهي. مون بهانو اهو ٺاهيو ته جيڪڏهن انجيس وٽ سندس هٿ رکيل هوندو ته آءٌ پريان سير مان ڏسي سگهندس ته هوءَ اتي ئي بيٺي آهي، ۽ چوري ڪري منهنجي لڪڻ واري جاءِ کي ڏسي ته نه ٿي. هن ائين ئي ڪيو. پر هڪ ڀيرو جانچ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتس ته هن جو هٿ برابر ٺيڪ هنڌ تي هو. هن کي به پڪ ٿي ته مون رڳو جانچ ڪرڻ تي گهري، ۽ هن جي ٿلهڙن چپن، ۽ عاج جهڙن اڇن ڏندن ۾ هڪ معصوم مُرڪ ڦهلجي ويئي. ڪوئي ۾ اندر وڃي، هن جي هٿ جو جائزو ورتم، ۽ پوءِ مون ۾ جيترو زور هو، اوتري زور سان دروازي کي بند ڪيم. دروازي جي ٺڪاءَ سان گڏ مون کي، هڪ رڙ ۽ اهي لفظ ٻڌڻ ۾ آيا- 'ائي گهوڙاڙي... مري ويس!'

مون کي هلڪو ڊپ به ٿيو، پر مجموعي طرح منهنجي دل باغ باغ ٿي ويئي. آءٌ خوشيءَ کان ڏڙڪندڙ دل سان، پنهنجي ڪارنامي جو اثر ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪتس. هن جي ٻن آڱرين مان ڪٽان ڪٽان رت جون سيرون اڀري رهيون هيون، ۽ ٻه اڳريون نيريون ڪاريون ٿينديون ٿي ويون. هوءَ هٿ ائين ڇنڊي ۽ وري وري آڱريون وات ۾ وجهي چوسي رهي هئي، جڻ ته ڀٽونءَ کاڌو هوس. سندس چهري تي ايذاءَ کان وڌيڪ ڀؤ ۽ حيرت هئي. سندس رت جون سيرون ڏسي، منهنجي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو ته آءٌ انهن آڱرين کي ڇهي ڏسان، ان ايذاءَ کي ڇهي ڏسان جيڪو مون ئي پيدا ڪيو هو. ان واقعي مان منهنجي ڪنهن نامعلوم حِسِ جي تسڪين ٿي ويئي. اها تسڪين تڏهن هيڪاري وڌي ويئي، جڏهن مون کي اها خبر پئي ته ٻاگهي شيدڻ جي هٿ جي زخم ڪري، ڏهه پنڌرنهن ڏينهن آءٌ صابڻ جي ڇهاءُ ۽ وهنجڻ کان بچي ويندس. ان واقعي جڻ ته منهنجي ذهن ۾ ٻين کي ايذائڻ مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ ان مان فائدي ٿيڻ جو هڪ پائيدار احساس پيدا ڪيو!

بابي سان دشمني ۽ حسد شايد مون کي نهايت ئي ننڍي هوندي کان ئي پيدا ٿيو هو. ان حسد جي سمورن محرڪن کي ياد ڪرڻ ته ڏکيو آهي، پر ڪي واقعا

منهنجي ذهن تي نقش ٿي ويا. انهن واقعن منهنجي لاشعور ۾ الائجي ڪهڙا خلر ٻاريا. پر آءٌ ڀانيان ٿو ته انهن مان هڪ نئين قوت به مون ۾ پيدا ٿي. جا مون کي ذري گهٽ بزدل ۽ گيدي بنائڻ لاءِ ذميوار ٿي. اسان جي هڪ ٻانهي، ٻارنهن تيرنهن ورهين جي نينگري، مَتَلَ، حويليءَ ۾ مون کي سڄو ڏينهن وندرائڻ ۽ ڪيڏائڻ لاءِ مقرر ٿيل هوندي هئي. امان کان پوءِ، شايد آءٌ ان ٻانهيءَ کي دليئون گهرندو هوس. امان سان ته مون کي هونئن ئي ڏاڍي محبت هئي. بابا ته مون کي فقط ٻه چار گهڙيون پيار جون ڏيندو هو، باقي سڄو ڏينهن، وهنجارڻ ۽ طهارت ڪرائڻ وارين ٻانهين کانسواءِ، امان يا مَتَل سان گذرندو هوم. ٻين ٻانهن ۽ نوڪرن جي ييٽ ۾ اها عجيب ڳالهه هئي، جو منهنجو من مَتَل سان پريجي ويندو هو، ۽ اها ئي هڪ ٻانهي هئي، جا منهنجي ڏکن، چڪن، لتن ۽ ڇنڊن پٽڻ کان بچيل هئي: جيتوڻيڪ ان چوڻ لاءِ مونکي کو نفسياتي جواز ته ڪونه ٿو ملي، پر شايد اهو ان ڪري هو، جو هميشه صاف ستري هوندي هئي، ۽ نئين سامائجڻ جي ڪري هن جي جسم ۽ منهن ۾ شوخي، سرخي ۽ معصوميت هوندي هئي. مون کي ايترو ياد آهي ته جيڪڏهن آءٌ هن کي ورچائيندو هوس ته صرف ان وقت جڏهن آءٌ هن جي نَڪَ جو بولو پٽڻ لڳندو هوس. مون کي هن جي نڪ جي بولي سان الائجي ڇو چڙ هئي. اوچتي ڇڪ اچڻ تي، هن کي يا ته ڇڪون اچي وٺنديون هيون، يا سندس اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو هو. هن جي ڇڪن تي مون کي کل اچي ويندي هئي، ۽ جڏهن هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي ايندا هئا، تڏهن هن جي اکين ۾ اهڙي نئين گهرائي اچي ويندي هئي، جو مون کي ڪنهن اونهي کوهه ۾ نهارڻ جو احساس ٿيندو هو. ايترو شايد آءٌ چئي سگهان ٿو ته ان ۾ منهنجي ايذائڻ واري حِسَ جو ڪوبه دخل نه هو، شايد محض ان بولي سان دشمنيءَ مون کي اهو عمل ڪرڻ تي اُڀاريندي هئي. انهن مهلن تي هوءَ مون کي نهايت آهستي چوندي هئي، ”انو، اڳتي ايئن ڪندين، ته آءٌ توکي ڪڏهن به نه ڪنديس! ڪِنو ڪنهن جاءِ جو!“

هن جي ان دڙڪي کان ڪافي مرعوب ٿي ويندو هوس ۽ ڪيترا ڏينهن ان حرڪت ڪرڻ تي دل نه چوندي هئي. پر پوءِ بولي کان چڙ وري منهنجي هڪ کان وڌيڪ زورائتي ثابت ٿيندي هئي ۽ آءٌ اها حرڪت ڪري وجهندو هوس!

آءٌ شايد چئن کن سالن جو هوس؛ هڪ ڏينهن حويليءَ ۾ ڪيڏندي، بابا جي ڪمري تائين وڃي نڪتس. در ٻيڪڙيو پيو هو. اندران هڪ عجيب آواز اچي رهيو هو، جڻ ته اسان جو بلڊاگ ڪتو سهڪي رهيو هو. مون کي پڪ ٿي ته حويليءَ جو ڪتو، بابا جي ڪمري ۾ گهڙي آيو هو ۽ اندر نَوس نَوس ڪري رهيو هو. ڪتي کي هڪلڻ لاءِ آءٌ اندر داخل ٿيس، ۽ مون جيڪو منظر ڏٺو، اهو آءٌ پوري

طرح فقط پنڌرنهن سورنهن سالن کان پوءِ سمجهي سگهيس. ان وقت مون کي صرف اهو محسوس ٿيو تہ بابا مَتل کي گهٽو ڏيئي ماري رهيو هو، ۽ جيڪڏهن مون هن کي نہ بچايو تہ هوءَ هميشہ لاءِ مري ويندي. درَ جي پر ۾ بابا جو پيلي ڳن سان لکڻ پيو هو. مون اهو ڪٿي، بنان ڪنهن سوچ سمجهہ جي بابا جي پُٺن تي وهائڻ شروع ڪيو، جو سندس جسم جو اهوئي حسو مون کي نظر اچي رهيو هو. ان کان پوءِ مون کي ياد نہ آهي تہ مون کي ڇا ٿيو: يا تہ بابا مون کي ڪو اهڙو ڏڪ هنيو، جو مون پاڻ کي هوا ۾ اڇلجندو محسوس ڪيو، ۽ سور ۽ پيڙا جي چيچلائيندڙ لهر پنهنجي تنگ، ٺونڻ ۽ لوندڙيءَ وٽ محسوس ڪئي هيم. شايد بابا مون کي ٻانهن کان جهلي وٺي ٻاهر اڇل ڏني هئي، ۽ هوا ۾ بازوليون پائيندو، وراندي جي فرش تي اچي ڦهڪيو هوم! ممڪن آهي تہ مون کي اهڙيون چيٽون ڪيون هيون، جو ٻہ ٽي ٻانهيون ۽ امان جن ڊوڙنديون آيون. امان جي ڇاتيءَ سان لڳي، منهنجي دل مان رڙيون هيڪاري زور سان نڪرڻ لڳيون. شايد ان ڇاتيءَ جي محبت، مون کي پنهنجي مظلوميت جو احساس ڏياريو، يا ان محبت مون کي مَتل جي محبت ياد ڏياري ڇڏي. جنهن کي بابو گهٽو ڏيئي ماري رهيو هو! ان روئڻ جي دوران ٻانهيون ۽ امان زور زور سان ڪجهہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر ڳالهيون ڪرڻ لڳيون ۽ عين ان وقت بابو بہ پنهنجي ڪمري مان لکڻ هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪتو. هن جي اکين ۾ ڪو اهڙو جذبو هو جو ڏسي آءٌ ڊڄي ويس. ۽ شايد ان ڊپ کان گهڙيءَ لاءِ منهنجون رڙيون بہ بند ٿي ويون. فقط سڏڪا جاري هئا، ۽ مون امان کي چوندي ٻڌو:

"ايئن اڇلبو آهي، معصومڙي کي! هي ڏسو تہ مٿي مان رت ٺينڊيون ڪري پيو وهيس...!" ۽ امان اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

هن کي روئيندي ڏسي، آءٌ بہ روئڻ لڳي ويس. سڏڪا وري ڪيڪَن سان ڀرجي ويا، ۽ بابا ڪجهہ پَٽ پُٽَ ڪندو ٻاهر هليو ويو. پوءِ هيسيل مَتل بہ ٻاهر نڪري آئي. سندس منهن ۽ اکين ۾ ڪجهہ اهڙو ڊپ ۽ هراس هو، جو منهنجي سمجهہ ۾ نہ آيو: شايد بابا جي گهٽن ڏيڻ کان ڊڄي هئي. مون سمجهيو تہ هاڻ ٻيون ٻانهيون بہ هن کي مارڻ لڳنديون، ڇاڪاڻ تہ سيني جي اکين ۾، هن لاءِ نفرت ۽ ڏڪار، ڪاوڙ ۽ دشنيءَ جو جذبو ٿي ڏٺو. پر ڪنهن بہ هن کي ڪجهہ نہ چيو، ۽ هوءَ ڪنڌ جهڪائي، تکي تکي هلي ويئي. ان کان پوءِ مون وري هن جي شڪل نہ ڏٺي! هوءَ الائي ڪيڏانهن گم ٿي وئي، ۽ جڏهن مون کي هيڊ جو پهو ٺاهي ٿي ٻڌائون تڏهن مون روئي روئي ڪِنَ ڪريا ڇڏيا. مون کي هيڊ جي پهي بدران مَتل جي ڊڊيءَ جي وڏيڪ ضرورت هئي، ۽ آءٌ سوچيندو رهيس تہ هو سمجهن ڇو نہ ٿا تہ جيڪڏهن متل مون کي هيڊ جو پهتو ٻڌندي تہ آءٌ روئڻ بہ

بند ڪري ڇڏيندس.

اها سڄي رات آءُ روئندو سڏڪا ڀريندو رهيس. صبح جو سجاڳ ٿيس، تہ مون کي هڪ عجيب تجربو ٿيو؛ آءُ پنهنجي ساڄي ٻانهن بلڪل چوري نہ سگهيس. چورڻ جي ڪوشش ڪيم، پر سور جو جهٽ پٽجي ويو، ۽ مون اهڙي ڪيڪ ڪئي، جو امان ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهي. آءُ پنهنجي ٻانهن کي هڪ نئين نظر سان ڏسي رهيو هوس. منهنجي ساڄي ٻانهن کاٻي ٻانهن جي ڀيٽ ۾ ٻيٽي ٿلهي ٿي پئي هئي. مون کي حيرت وئي وئي؛ هڪ اڻ لکي خوشي پڻ. منهنجي ڪچڙي ذهن سوچيو تہ جيڪڏهن آءُ ايترو ٿلهو ٿيندو ويس تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ آءُ بابا سان سنئين سڌي ويڙهہ ڪري سگهندس. ۽ ڪيس دَسي سگهندس جيئن ملاڪڙي ۾. هڪڙو ملهہ ٻئي کي دسي، بابا کان رپيا اچي وٺندو هو! مون ان ٿولهہ کي محسوس ڪرڻ لاءِ ٻيو هٿ، ان آڻ چَرندڙ ٻانهن تي رکيو تہ سور کان وري ڪيڪ نڪري ويئي. منهنجي ان سوچ جي دوران امان بہ منهنجي ٻانهن کي عجيب گهہرايل نظرن سان ڏسڻ لڳي، ۽ رڙ ڪري ٻانهيءَ کي سڏ ڪيائين. هو الائجي پاڻ ۾ ڇا صلاح مشورو ڪري رهيون هيون، ۽ آءُ سور ۽ خوشي، سور ۽ حيرت کان پنهنجي ٻانهن کي تڪيندو، ڪيڪون ڪندو ٿي ويس.

ڪجهہ وقت کان پوءِ، امان ڪمري مان ٻاهر ويئي، ۽ ٻانهيءَ سان گڏ ٻہ ماڻهو اندر آيا، جن متعلق مون کي ڪچ عرصي کان پوءِ خبر پئي تہ هڪڙو حڪيم شفيع محمد هو، ۽ ٻيو رمون ڪنيڙ. هڪڙي جي منهن تي عجيب گنيرتا هئي. ان گنيرتا کي سندس ميندي رتي ڏاڙهيءَ هڪ عجيب حسن ڏيئي ڇڏيو هو. سندس هڪ هٿ ۾ هڪ نندي موتين جي مالها، يا تسبيح هئي، جنهن جو هڪ هڪ داڻو، هو آڱرين سان سوريندو ٿي ويو، ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ نندو ڳاڙهو لڪڻ هوس، جنهن تي هو جهڪي بيٺو هو. ٻئي ماڻهو کي ڪاري گوڏ، ۽ هڪ ڇنل ڦاٽل نيري قميص پيل هئي، ۽ مٿي تي هڪ نندو بوڇڻ ٻن ٽن وَرَن سان ٻڌل هو. سندس هڪڙي هٿ ۾ ڪپڙي ۾ ٻڌل هڙ هئي، ۽ ٻئي هٿ ۾ ٻہ ٽي ڪاٺ جون پٽيون هئس. سندس هٿن جي پَٽِ ۾ ڪيتريون ئي سيرون ۽ ڦاٽ هئا، جئن مڇيءَ تي ڇلر چڙهيل هوندا آهن.

حڪيم پنهنجو لڪڻ ڪٽ جي پاڳي سان ٽيڪائي، اڳتي وڌي منهنجي نرڙ تي هٿ رکيو ۽ پوءِ، منهنجي کاٻي هٿ جي ڪرائيءَ ۾ هٿ وجهي کي گهڙيون، ماڻ ڪري بيهي رهيو. پر مون ڏٺو تہ سندس مالها جا داڻا سندس آڱوٺي ۽ ڏسڻي آڱر مان ڪسڪندا ٿي ويا. ڪجهہ وقت کان پوءِ، هن پنهنجي هٿ جي پَٽِ، نهايت آهستي، منهنجي ٿلهي، سڄيل ٻانهن تي رکي. مون پنهنجي ڪيڪن کي تيز ڪري ڇڏيو. مون هن جي وات مان هڪ ڊگهي "هون" جو آواز ٻڌو. هن ٻئي ماڻهوءَ-

رمون ڪنير کي ڪجهه چيو، جو آءٌ سمجهي نه سگهيس. اهو ماڻهو ٻاهر هليو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ ٻه ٽي ٻانهيون ۽ اهو ماڻهو گڏجي وري اندر آيا. هن جي هٿن ۾ هڪ ديگڙي هئي، جنهن مان اُڀ پئي نڪتي. منهنجي رڙين، ڪيڪن ۽ چڙين جي باوجود، ٻانهين مون کي ڪٽي سوگهو جهليو ۽ هن ماڻهوءَ، پيلي ڳاڙهي رنگ جا ٿهڪندڙ پَها، ديگڙي مان ڪڍي، منهنجي ٻانهن تي رکڻ شروع ڪيا. اهي ٿهڪندڙ پها ٻُڌ هئا، جن شايد مون کي پهريون ڀيرو سمجهايو ته ايذاءُ ڇا ٿيندو آهي؛ ۽ اهوئي احساس هو، جنهن جي ڪري ٻين کي ايذائڻ جو خيال منهنجي ذهن مان بنهه ته ختم نه ٿيو، پر جَهڪو ضرور ٿيندو ويو.

پنڌرنهن ويهه ڏينهن اهي پها، منهنجي ٻانهن تي ٻڌا رهيا. ان وچ ۾ هڪ ڀيرو وري رمون ڪنير، پراڻا پها کولي، نوان پها ٻڌڻ آيو. پهرين ٻن ٽن ڏينهن ۾ ته آءٌ سور کان بيتاب ٿيندو هوس پر پوءِ ڇڻ ته سور هڪ عادت بڻجي ويو.

ان واقعي کان پوءِ، جڏهن نوڪر وري مون کي بابا وٽ اوطاق تي ڪٽي ويندا هئا تہ مون کي عجيب ٻوٿ ٿيندو هو. پر هنن لاءِ ڇڻ تہ اها هڪ رسم هئي، جنهن جو پورو ٿيڻ ضروري هو. آس پاس جا چڱا مڙس بابا سان ڪچهري ڪرڻ ايندا هئا، ۽ شايد پنهنجي ولي عهد جي نمائش ڪرڻ، ۽ ڪيس ۾ ٽي چميون ڏيڻ، هڪ رسم هئي. پر هاڻ انهن چَمين ۾ منهنجي لاءِ ڪا خوشي نہ هئي. هن جي مڃن جو ڇهاءُ مون کي ڪتڪتائڻ بدران آزاريندو هو!

زندگي وري پنهنجي روزاني نيم تي اچي وئي. حويليءَ ۾ مون کي ڪٽي هلڻ لاءِ هڪ نئين ٻانهي مقرر ڪئي وئي. هوءَ ايتري ئي بدصورت ۽ چيڙاڪ هئي، جيتري مَتل سباجهڙي هئي، ۽ شايد محض احساس جي ان فرق قائم رکڻ لاءِ، هن کي ايذائڻ ۾ مزو ايندو هو. نوڪرن ۽ ٻين ٻانهين کي ايذائڻ مان مون کي هاڻ اهو لطف نہ ايندو هو. منهنجي ايذائڻ جي حِسِ هاڻ صرف هن نئين ٻانهيءَ ۾ صرف ٿيڻ لڳي. هن کي ايذائڻ جا نوان نوان ڍنگ ڳولڻ لڳس. سندس ڪٽن ۾ چانديءَ جا پنڙا پيل هوندا هئا. انهن کي اوچتي ڇڪ ڏيڻ سان، مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي، ۽ هن جي رڙ ڪرڻ سان اها خوشي ڇڻ تہ ٻيٽي ٿي ويندي هئي.

هن سان ڇڻن پنجن سالن جي ننڍڙي ڇوڪري ٻہ هوندي هئي، جا اتي مٽيءَ ۾ ٽي راند ڪندي هئي، ۽ مون کي ڪٽيو پئي هلندي هئي. هڪڙي ڏينهن، مون کي الائي ڇا سجهيو، سو هڪ ننڍڙ ڪٽي هٿ ۾ قابو ڪيم. ننڍڙ منهنجي هٿ ۾ سَرَ سَرَ لائي ڏني، پر آءٌ ان کي سوگهو جهلي، ٻانهيءَ جي ڏڍيءَ تي چڙهڻ لاءِ مَڪَرَ ڪري روئڻ لڳس. جڏهن هن جي چيلهہ جي ڍِڪڻ تي ڪَپ ٿي ويئس، تڏهن گهڙيءَ لاءِ مون کي اهو خيال ٿيو تہ جيڪڏهن هوءَ ڏسي وٺي تہ پوءِ؟ پر اُن خيال جي مون پرواهہ نہ ڪئي. جڏهن هوءَ ڪجهہ ٻي خيالي ٿي تہ مون سندس چولي ۾ اهو ننڍڙ وجهي ڇڏيو!

"ائي الا..." هن رڙ ڪئي. مون کي ڪٽي ڪٽ تي سٽيائين، ۽ پاڻ چولي ڇنڍڻ ۾ لڳي ويئي. ننڍڙ شايد ان آزادي ملڻ تي هن جي چولي جي اندر ڇهتي پيو، ڇنڍڻ جي باوجود هيٺ نہ ڪريو. هن چولي جو ٻيڙو کولي، اندر هٿ وجهي، ننڍڙ مان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي؛ پر ننڍڙ پنهنجي جان بچائڻ کان

ڪپڙي ۾ چهٽو پيو هو. لاچار هن پنهنجي چولو هيٺان مٿي ڪٽي ٽنڊڻ جي ڳولا ڪرڻ شروع ڪئي. آءٌ چتائي هن جي ان پَٽَ ڪوهه کي ڏسي رهيو هوس. چولي مٿي ڪرڻ جي ان حرڪت مون کي پنهنجو اُهو ٻاروتڻ ياد ڏياري ڇڏيو، جڏهن آءٌ اجا امان جي ٿڻن تي هوس. ٻه ڪارسريون ڳاڙهيون ڇَنڊيون، سڌيون منهنجي اکين آڏو اُڀري آيون. انهن ڇنڊين ۾ ڪا اهڙي للڪار هئي، جو مون کي انهن کي ايذائڻ جو خيال ستائڻ لڳو.

مون وري مڪر کان ڪم ورتو، ۽ رڙ ڪيم: "اوهيو ٽنڊڻ! بيهه تہ آءٌ جهليانس!"

گهڙيءَ لاءِ هن جي ڳولا روڪجي ويئي، ۽ مون چولي ۾ هٿ وجهي، هڪ ڇَنڊيءَ کي زور سان ونئي چهنڊڙي پاتي. سور کان هوءَ سڄي اُيي تي ويئي، ۽ هن جي وات مان "مٺا، مرين شل!" جا لفظ رڙ تي نڪتا، پر ڪنهن ڊپ کان، هن جي ڏندن ۾ ئي دٻجي، فقط هڪ سيسرات بنجي ويا!

ٻانهيءَ جي ڇوڪريءَ سان البتہ آءٌ جلدئي هِري مِري ويس. شايد اها هير ئي هئي، جنهن منهنجي دل مان ٻانهيءَ کي ايذائڻ جو خيال ميساري ڇڏيو. هي پهريون ننڍڙو ٻار هو، جنهن سان مون کي ڪيڏڻ جو موقعو مليو هو، مصيبت رڳو اها هئي جو هوءَ سڄو ڏينهن مٽيءَ سان ويئي راند ڪندي هئي، ۽ مون کي مٽيءَ ۾ ڪيڏڻ نہ ڏنو ويندو هو، جيتوڻيڪ منهنجي دل ۾ بہ اها خواهش هوندي هئي تہ آءٌ بہ هن وانگر مٽيءَ ۾ ويهي راند ڪريان. ٻانهين ۽ نوڪرن جي ڊڊن تي چڙهڻ کان تنگ تي پيو هوس، ۽ مون ۾ اها آرزو پيدا ٿيندي هئي تہ هو گهڙيءَ لاءِ ڇڏي ڏين تہ هوند آءٌ مٽيءَ سان ويهي راند ڪريان، ۽ هن نينگريءَ وانگر واريءَ ۽ مٽيءَ جا گهرڙا ٺاهي، ڊاهيان، ڊاهي ٺاهيان! مون کي ڄڻ تہ هڪ طرح پنهنجي حق تلفيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو، ۽ مون ۾ حسد پيدا ٿيڻ لڳو تہ هوءَ ڪيڏي نہ خوش نصيب هئي، جو مٽيءَ ۾ هٿ وجهي سگهي ٿي، پنهنجا گهرڙا ٺاهي ڊاهي سگهي ٿي. منع جي باوجود آءٌ ڪي گهڙيون هن سان ڪيڏڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هوس.

هن سان ان نئين لاڳاپي، مون ۾ هڪ نئون احساس پيدا ڪيو هو: پيٽ جو. اسين ٻئي ننڍڙا هئاسون، ۽ تقريباً هڪ جهڙا، پر هن جا ڪپڙا مختلف هئا. جڏهن اهو فرق منهنجي ذهن ۾ آيو، تڏهن مون کي اها ڳالهہ جا آءٌ روزانو ڏسندو هوس، سا بہ پهريون ڀيرو محسوس ٿي تہ نوڪرن جا ڪپڙا ٻانهين جي ڪپڙن کان مختلف هئا، ۽ بابا جا ڪپڙا امان جي ڪپڙن کان مختلف هئا: انهن ۾ سٽڻ جي رنگن جو فرق هو. بابي جي سٽڻ جو رنگ اڇو يا خاڪي هوندو هو، ۽ امان جي سٽڻ ۾ ڳاڙها، ساوا پيلا ۽ ٻيا ڪيترا رنگ هوندا هئا. بابا جي قميص بہ اڇي يا خاڪي هوندي هئي، ۽ ان ۾ سونا ٻيڙا هوندا هئا، ۽ سندس مٿي تي ريشمي پٽڪو

هوندو هو. امان جي چولن ۾ آرسين ۽ ٽِڪَن ۾ جهلڪندا ڪيترائي رنگ ڀريل هوندا هئا. هڪ ٻيو فرق به منهنجي ذهن ۾ شايد ان وقت ئي پيدا ٿيو هو ته امان ۽ ٻانهين جي ڪپڙن ۾ به فرق هو. بابا ۽ نوڪرن جي ڪپڙن ۾ به اوتروئي فرق هو، ۽ اهو فرق ايترو نماياں هو، جو منهنجي ذهن ۾ شايد هڪ معصوم سوال پيدا ٿيندو هو ته ايئن ڇو آهي ته بابا جا ڪپڙا هميشه ڏوتل ۽ چمڪندڙ هوندا هئا، ۽ نوڪرن جا ڪپڙا مَرَ ٿيل، جهڪا ۽ ڦاٽل هوندا هئا؟ ۽ وڏو فرق اهو هوندو هو ته بابا جي پيرن ۾ چانديءَ جي جتي هوندي هئي، ۽ نوڪرن جا پير اڪثر اگهاڙا ۽ ڪارن ڪارن ڇلرن سان ڪاراٽيل هوندا هئا!

منهنجي ۽ ٻانهيءَ جي نينگريءَ جي ڪپڙن جو فرق آهستي آهستي منهنجي دماغ ۾ ويهي رهيو، ۽ هڪ طرح پاڻ کي هن کان مختلف سمجهڻ لڳو هوس، روزانو ٻنپهرن جي وقت ٻانهي مون کي پينگهي ۾ لوڏي، سمهاريندي هئي. فقط اهوئي وقت هو، جڏهن ٻانهي مون کي وٺندي هئي. ان وقت هوءَ، مون کي اهڙي مٺي آواز ۾ لولي ڏيندي هئي، جو منهنجي اکين اڳيان ڇڻ ته ڪي ڪبوتر ۽ اڇا ڪارا پاريل اڏامڻ لڳندا هئا، ۽ منهنجو من لوڏا کائڻ لڳندو هو. ايئن لوڏا کائيندي، منهنجون اکيون ڳريون ٿي، ڳهرجڻ لڳنديون هيون؛ اچن ڪارن ڪبوترن جا خواب ڏسندي سمهي رهندو هوس. پينگهي ۾ لوڏڻ وقت ٻانهي جي نينگري هيٺ پٽ تي ويٺي هوندي هئي، ۽ آءٌ سوچيندو هوس ته هوءَ ڇو نه ٿي پينگهي ۾ لڏي؟

هڪ ڏينهن شايد مون ٻانهيءَ کان اهو سوال پڇي ورتو هو. هن جواب ۾ چيو هو ته هوءَ ميري هئي نه، ان ڪري! ان جواب مان منهنجي من کي ڪا تسلي نه ملي. ان ڪري هڪ ڏينهن، جڏهن ٻانهي ڪنهن ڪم سان هيڏي هوڏي ٿي ته آءٌ هن جي نينگريءَ کي هٿ کان وٺي، پينگهي تائين آيس. اسين ٻئي پينگهي ۾ چڙهي لڏڻ لڳاسين. مون ڏٺو ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ڪلي رهي هئي. آءٌ به ڏاڍو خوش هوس. ان خوشيءَ ۾، هڪ نئين ڳالهه رخنو وجهي ڇڏيو هو. لڏندي لڏندي، خوشيءَ کان ڇڻ ته هوءَ ڪيري ٿي، پينگهي ۾ ليٽي پئي، ۽ ان وقت مون هڪ نئين ڳالهه ڏٺي: دَن کان هيٺ هن جو جسم ڪجهه عجيب نموني جو هو، ۽ منهنجي جسم کان قطعي مختلف هو. هن ۾ اها شئي نه هئي، جا مون وٽ ان ساڳئي هنڌ تي هئي، ۽ مون کي اچي اها ڳئتي ٿي ته هيءَ ويچاري پيشاب ڪٺان ڪندي هوندي؟ اهو خيال ايندي ئي، مون پنهنجي ان حصي کي هٿ لائي ڏٺو، ۽ ان ڇهاءَ، ان فرق جي احساس مون کي منهنجي شعور ۾ اهڙو پختو وهاري ڇڏيو، جو ان کان پوءِ مون کي هڪ هير پٽجي ويئي، ۽ آءٌ گهڙيءَ گهڙيءَ... هٿ لائي ڏسندو هوس ته اها شيءِ موجود آهي يا نه! ڇڻ ته منهنجي ان شيءِ جي گم ٿيڻ جو

انديشو هو.

هڪ ڏينهن ٻانهيءَ مون کي ان شيءِ کي هٿ لائيندي، يا مهٽيندي ڏٺو تہ منهنجي هٿ کي هلڪو ڏڪ هٿي، ڇڏائيندي چيائين: ”ڇي ڇي، ڪنو!“

مون کي هڪ ڊپ ورائي ويو. شايد هنن منهنجي اها شيءِ ڏسي ورتي هئي، ۽ هنن کي محسوس ٿيو هو تہ مون ۾ اها شيءِ هڪ وڏاءُ هئي. هڪ غير ضروري شيءِ جمي پئي هئي، ۽ اها نهايت خراب ڳالهہ هئي. مون کي اچي ڊپ ورايو تہ متان امان يا بابا سان اها ڳالهہ ڪن، ۽ هو ان کي ڪٽي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪن! پوءِ آءٌ مُندس ڪٽان؟ مون ۾ پنهنجي ان شيءِ جي ڪٽجڻ جو ڊپ ۽ ان جي حفاظت جو جذبو وڏيڪ سخت ٿي ويو. ان واقعي منهنجي ذهن ۾ ڪهرام ٻاري ڏنو، ۽ منهنجي هير بجاءِ گهٽجڻ جي ايترو تہ وڌي ويئي، جو شايد سڄو ڏينهن آءٌ پاڻ مهٽيندو رهندو هوس. مون هڪ ٻن ٻانهين کي سرگوشين ۾ چوندو ٻڌو: ”آخر پٽ ڪنهن جو آهي!“ ان فقري جو مطلب منهنجي سمجهہ ۾ نہ آيو. پر ان فقري ۾ ٽوڪ ۽ گنبيرتا جو اهڙو اثر هو، جو منهنجو ڊپ ٻيٽو ٿي ويو.

ان رات مون هڪ ڊيڄاريندڙ ڀيانڪ خواب ڏٺو: ڪيترا ماڻهو، جن جي مٿن تي ڍڳين مينهن وانگر سگ هئا، دهل وڄائيندا، منهنجي چوڌاري نچڻ لڳا. هو ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا، ۽ انهن ٽهڪن ۾ هنن جا ڍڳها ڍڳها ڏند، ڇڻ تہ مون کي کائڻ لاءِ آتا هئا. هنن جي هٿن ۾ وڏيون وڏيون ڪاتيون هيون. اهي ڪاتيون ڏانئٽن وانگر ٽيڏيون هيون. هو ايئن ٽهڪ ڏيندا، نچندا، مون کي ويجهو ٿيڻ لڳا. سندن نظرون منهنجي شيءِ تي ڪتل هيون، ۽ بلڪل بي اختيار ۽ بي ساختہ ٿي، مون ٻنهي هٿن سان ان کي ڍڪي ڇڏيو. پر هنن منهنجا هٿ هٽائي ڇڏيا، ۽ پوءِ هڪ ڇٽي وڌي، ڪاتيءَ جي هڪ ٽي ڏڪ سان، منهنجي شيءِ کي ڪٽي ڇڏيو. ان وقت مون سور ۽ ايذاءَ کان هڪ دل ڏاريندڙ ڪيڪ ڪئي. امان ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهي، ۽ مون کي ڍنل ڏسي، ڪٽي مون کي ڇاتيءَ سان لڳايائين. آءٌ سندس سيني سان لڳي سڏڪا ڀري روئڻ لڳس. مون ڍڄي ڍڄي، پنهنجي شيءِ کي محسوس ڪرڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌايو تہ مون کي پنهنجي سٽڻ تڏي تڏي لڳي. مون کي پڪ ٿي تہ اهو رتُ هو، ۽ آءٌ ڍڄي وري زور زور سان روئڻ لڳس. امان مون کي تڪي رهي هئي ۽ هن هٿ وڌائي منهنجي سٽڻ تي هٿ لاتو ۽ ڪلي چيائين: ”ڪنا، هنڌ ۾ مٽيو اٿئي. سٽڻ تڏي لڳي اٿئي، تہ روئين ٿو!“ – ۽ هن منهنجي سٽڻ لاهي، مون کي ٻي سٽڻ پاتي. پر ان دوران ۾ آءٌ هٿ لائي پنهنجي شيءِ محسوس ڪري چڪو هوس؛ مون ڇڻ تہ سامت جو ساهہ ڪنيو: اڙي، هيءَ تہ ايان اتي ئي ڇهٽي پئي هئي! مون روئڻ بند ڪري ڇڏيو!

ان کان ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ، هڪ ڏينهن حويليءَ ۾ عجيب شور ۽ چوهول ڦهلجي ويو. نيون نيون مائيون، اجرڪن جون اکيون ڪڍي، حويليءَ ۾ پهچڻ لڳيون. سوسيءَ ۽ گربيءَ جي رنگن ۽ گجن جي ڪاوَن ۽ ٽڪَن جي ترورن ۽ شعاعن اهڙو سمو پيدا ڪيو، جڻ تہ جهڙَالي ڏينهن کان پوءِ انڊلئيون ڦهلجي ويون هيون، ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل سج- ليا پائڻ ٿي لڳو! رنگن ۽ ڪرڻن جي ان دنيا جي پويان، ڏيڍيءَ تي دهلارين شرناين ۽ دهلن جي ڌم لائي ڏني. ڪل، خوشي، ٺهڪ، رنگبرنگي ڪپڙا، دهل ۽ شرنايون ۽ ٻي هر طرح جو هل ۽ شور، خوشيءَ جو ڪو مظهر آهي تہ ان ڏينهن حويلي يقيناً خوشيءَ جو محلات هئي. مونکي بہ وهنجاري سهنجاري، سينگاري، نوان ڪپڙا پائي، عطر لڳائي اوطاق تي موڪليائون. اوطاق تي الاهي ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، ۽ هڪ زائفان سهڻن سهڻن ڪپڙن سان، ڳائي ۽ نچي رهي هئي. ماڻهو سِري هن کي جاءِ ڏيندا ٿي ويا. هوءَ نچندي نچندي، ڪٽن تي ويٺل ماڻهن وٽ ٿي پهتي، جتي ماڻهن پريان ئي هن کي نوٽ ڪڍي ٿي ڏيکاريا.

"بلي بلي... واهہ سائين واهہ... هاءِ هاءِ... او هيڏي..." جهڙا آواز اچي رهيا هئا. هڪ عجيب شور ۽ هنگامون، سازن ۽ ڏڪڙن جي آواز سان ملي، فضا ۾ ڦهلجي رهيو هو.

بابا اج مون کي خاص طرح اٿي پنهنجي هنج ۾ وهاريو ۽ هميشه جيان فقط چُمي ڏيئي، واپس نوڪرن کي نہ ڏنائين. ڳچ وقت اهو گوڙ هلندو رهيو. ماڻهن کي گلاس ۾ شربت ڀري پئي ڏنائون. مون کي بہ شربت پيئڻ لاءِ ڏنائون.

ڪجهہ وقت کان پوءِ سڀ اُٿيا، ۽ بابو مون کي هنج تي ڪڍي، اڳڻ ڏانهن وڌيو، مون کي حيرت اها هئي تہ اج بابو ڪيئن ايترو وقت مون کي پنهنجي هنج تي کنيو ٿي وَتيو. مون کي هڪ قسم جو عجب ۽ شڪ جاڳڻ لڳو. پر منهنجي شڪ جي ڪا نمايان شڪل نہ ٿي ٺهي. ٻاهر اڳڻ ۾ هڪ وڏي ٽڪر جي پاڻ اونڌي ٿي پئي هئي، مون کي بابي آڻي ان تي وهاريو. منهنجي حيرت وڌندي ويئي، ۽ ڪنهن چيو. "رئيس، سوني جهرڪي ڏسندين؟... تنهنجي لاءِ ولايت کان آئي آهي...!"

اسان جو ڪمدار جڏهن به شهر ويندو هو، تڏهن منهنجي لاءِ الاهي راندڪا وٺي ايندو هو. مون سمجهيو شايد اڄ منهنجي لاءِ سوني جهرڪي آندي آتائون، ۽ منهنجا سمورا شڪ گم ٿي ويا.

گهڙيءَ کان پوءِ هڪڙو ماڻهو- استو خانڻ- منهنجي اڳيان اچي آپ کوڙي ويهي رهيو. هن جي اڳيان هڪ ننڍي پيتي پيل هئي. ماڻهو منهنجي چوڌاري مڙيل هئا. بابو منهنجي پويان ويٺو هو، ۽ منهنجي ڪلهن جي چوڌاري هن جي ٻانهن هئي. ان ماڻهوءَ آهستي ڪري، منهنجو اڳڻ کولي، سٽڻ لاتي، ۽ منهنجي شيءِ کي هٿ لائي ڇهڻ لڳو... ۽ مون کي پنهنجو خواب ياد اچي ويو!

آءٌ زور زور سان روئڻ لڳس. بابو مون کي پٺن تي هٿ هڻي ٿپڪڻ لڳو. ان وقت ڪنهن مصريءَ جي ٽالهي منهنجي اڳيان جهلي چيو- "رئيس، مصري ڪاءُ ته سوني جهرڪي ڏسون...!"

مصري منهنجي وات ۾ وڌائون: پر آءٌ زور زور سان رئندو رهيس. ان وقت ئي هن ماڻهوءَ ڪجهه اوزار پنهنجي پيتي مان ڪڍيا، جن مان هڪ ڏنگي ڇريءَ جهڙي پاڪي به هن جي هٿن ۾ هئي. ان پاڪيءَ کي ڏسي منهنجو ته ساهه ئي سڪي ويو. مون کي ان ماڻهو ۽ ٻين ڳاهٽ ٽيندڙ ماڻهن جي مٿن تي سڪ ڄاڻندا نظر آيا، ۽ گهڙي کان پوءِ، هن ڪاٺ جي هڪ ڪوڙڪي ۾ منهنجي شيءِ جي اڌ کي ڪٽي ڦاسايو. سور کان آءٌ ڇڙيون هڻڻ لڳس. شايد پهريون ڀيرو، آءٌ "بابا... بابا" ڪري روئڻ لڳس. بابا مون کي ڳراٽي پائيندي ڪلي چيو: "پٽ، هاڻ تا سوني جهرڪي ڏسون!"

ان وقت بابا جي مٿي تي به مون کي سڪ ڄمندا نظر آيا.

اوچتو بابا رڙ ڪري چيو: "او هوءَ ڏس سونيءَ جهرڪي اڏامندي ٿي اچي...!"

اعتبار نه هوندي به مون گهڙيءَ لاءِ مٿي نهاريو: ايذاءَ جو هڪ تير منهنجي دل ۾ ان شيءِ ۾ ڪپي ويو، ۽ مون فوراً هيٺ نهاريو... ڊپ، ۽ سور کان منهنجو ته ٻاڪو ڦاٽي ويو. مون ڏٺو ته ان پاڪيءَ سان هن منهنجي شيءِ ڪپي ڇڏي هئي!

چوڌاري "رئيس مبارڪون... لک لک مبارڪون!" جو شور منهنجي اڳيان پويان وڌندو ٿي ويو، ۽ منهنجي دل ۾ بابا لاءِ نفرت جي هڪ نئين لهر، وڏيل شيءِ کان ٿيندي، دل ۾ آئي، ۽ اُتي جمي پٿر بڻجي ويئي.

مون کي ايئن ئي رڙيون ڪيڪون ڪندي، اگهاڙو ئي اگهاڙو، بابو ۽ هڪ ٻيو ماڻهو ننگوتالي ڪري حويليءَ تي ڪٽي آيا. حويليءَ جي در تي ئي امان ۽ ٻيون زالون ڳيچ ڳائي رهيون هيون. مون کي ان وقت روئندي به اهو خيال آيو ته متان

امان بہ ان سازش ۾ شريڪ هئي.

"بسم الله... ائي بسم الله!" چئي مون کي هٿون هٿ کڻي، آئي هڪ سينگاريل کٽ تي ليٽايائون.

"مبارڪون... ائي مبارڪون، لک لک مبارڪون" جي شور ۾... ۽ ٻانهيون مون کي، سهڻن سهڻن ويڻن ۽ پکن سان هوا ڪرڻ لڳيون، ۽ امان منهنجو ڪنڌ گوڏي تي رکي ويهي رهي... ۽ آءٌ سڏڪا ڀريندي، اهو سوچي رهيو هوس: "هونئن منهنجي ڪوڙي روئڻ تي سيني جا منهن لهي ٿي ويا، ۽ اڄ منهنجي سچي روئڻ تي هيڪاري وڏا ٽهڪ ڇو ٿا ڏين؟" اهو ويچار ايندي ئي مون کي سيني کان، سڄي دنيا کان نفرت ٿيڻ لڳي!

سوني جهرڪيءَ جي ان واقعي، مون کي هڪ طرح ايذاءَ جي تعليم ۾ بلڪل پَڙُ ڪري ڇڏيو. مون کي ايذاءَ ۽ سور جي پوري پوري ڄاڻ پئجي چڪي هئي. البت مون کي ٻاراڻي طرح سان پنهنجي پراڻي ايذائيندڙ ڪردار کان پشيماني ٿيڻ لڳي هئي: هر اُن چيز کان نفرت ٿيڻ لڳي، جا ٻئي کي ايذائڻ جو باعث بڻجي! بابي کان نفرت پنهنجي آخري حد تي اچي چڪي هئي. آءٌ بابا کي ڏسندو هوس تہ مون کي روئڻ اچي ويندو هو، ۽ دل ڪچي ڪچي ٿيڻ لڳندي هئي. آءٌ ڄڻ تہ هن کان "الرجڪ" (Allergic) ٿي ويو هوس. آءٌ هر ممڪن ڪوشش ڪري، بابا جي سامهون نہ ويندو هوس. هن جي حويليءَ ۾ اچڻ وقت، آءٌ امان وٽ ڀڄي ويندو هوس.

هڪ رات، جڏهن بابو اوچتو گوڏ ٻڌي امان جي ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ آءٌ اڃا جاڳيس پئي، پر منهنجو اکيون بند هيون. ڪڙڪي تي اکيون کولي، بابا کي ڏٺم تہ وٺي ڪيڪون ڪرڻ شروع ڪيم.

امان سمجهيو تہ مون کو خواب لڌو هو، سو مون کي ڪٿي پرچائڻ لڳي: "بابلا، ٻيو ڪير ڪونهي- پٿهين آهي، هي ڏس ڪٿي!"

پر منهنجون ڪيڪون هيڪاري تيز ٿينديون ويون. بابا چپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندو ٻاهر هليو ويو. مون محسوس ڪيو تہ بابا، امان جي سامهون ڪنهن کي بہ مارڻ يا گارين ڏيڻ کان ڪيپائيندو هو. ان وقت، ان جو مون اهو سبب سمجهيو هو تہ شايد بابو امان کان ڊڄي ٿو. پر ان جو اصلي سبب مون کي گهڻا سال پوءِ معلوم ٿيو، جڏهن آءٌ چار درجا ڳوٺ ۾ پڙهي، اڳتي پڙهڻ لاءِ شهر آيس.

4

جڏهن آءُ شهر پهتس تہ منهنجي لاءِ هيءَ دنيا ئي عجيب هئي. هتان جا ماڻهو مختلف هئا، هتان جون جايون مختلف هيون، هتان جو شور ۽ هَل مختلف هو. اسان جي بگي جڏهن بنگلي تي پهتي تہ هڪ رعبدار قسم جو ماڻهو اندران نڪري آيو. هي ڪير شخص هو؟ اها هورا ڪورا لڳي ويم. مامون ڇا ٿيندو آهي؟ ڇا هي بہ بابا جي قسم جهڙو ماڻهو تہ ڪونہ هو؟ حويليءَ تي هن جو نالو ڇو نہ ٻڌبو هو. البت امان هڪ پيرو ڪلي چيو هو تہ "هي سيڻهو بہ مامس تي ويو آهي!"

مامون آخر ڪهڙي بلا ٿيندي آهي- ان بابت مون کي ڪا ڄاڻ نہ هئي. جڏهن مامي تي منهنجي نظر پئي تہ منهنجي دل ان ماڻهوءَ کي هڪدم پسند ڪري ورتو، ڇاڪاڻ تہ بابا کان هي هر ڳالهہ ۾ مختلف هو. سٽڻ جي بدران هن کي هڪ قسم جو ٿلهو پاجامو پيل هو، ۽ ان ۾ هڪ پٽو ٻڌل هو. قميص ٻاهر لڙڪڻ بجاءِ، ان پاجامي ۾ اندر پيل هئي. پير ۾ زريءَ ۽ چانديءَ جي جتيءَ بدران، هلڪو سليپر پيل هوس. پٽڪي بدران هن جو مٿو ،نهہ اگهاڙو هو، ۽ هن جا وار بہ هڪ جدا نموني تي ٺهيل ۽ ڦٽي ڏنل هئا. ٿلهن شهپرن جي برعڪس هن کي مٿئين چپ تي هڪ بہ وار نہ هو. هن کي تہ ڏاڙهي بہ نہ هئي، فقط سندس ڳاڙهہ تي مائل ڳلن تي هڪ ڪارسري حد تي نظر آئي. سڀ کان وڌيڪ هن جون اکيون مون کي ڏاڍيون پياريون لڳيون، شايد ان ڪري جو انهن ۾ منهنجي لاءِ محبت هئي. هن جي ان قداور جسم ۾ مون کي هڪ نواڻ، هڪ سٽرائيءَ جو احساس ٿيو. ان احساس کي ان ننڍي عمر ۾ آءُ ڪوبہ نالو ڏيئي نہ سگهيو هوس.

بگيءَ مان نوڪر جي بدران، مون کي مامي لاٿو، ۽ مون کي پنهنجي پاڪر ۾ آڻي، اهڙيءَ طرح ڳرائي پاتائين، جو منهنجي دل ڏانهس ڇڻ تہ شڪر گذاريءَ جي احساس ۾ زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. هن شرارت ڀري مرڪ سان چيو: "سو تون آهين اسان جو ننڍو رئيس- انور خان!"

مون کي ڇڻ تہ پنهنجي ان نالي ٻڌڻ سان لڄ اچي ويئي. ايتري ٿوري دير ۾ آءُ هن شخص کان لڄ ۽ حجاب بہ محسوس ڪرڻ لڳو هوس. هو مون کي آڱر کان جهلي، اندر وٺي آيو. اندر هڪ مائي، پلنگ تي ويٺي هئي. اهو ڪمرو ڏسي،

آءٌ اچرج، حيرت ۽ تجسس مان هيڏانهن هوڏانهن نهاري شڪي ٿيڻ لڳس. اسان جي سموري حويليءَ ۾ اهڙو سامان نه هو، سواءِ ڳاڙهي جهولي جي! پتين تي چئن ئي پاسن کان تصويرون ٽنگيل هيون- ڪن ۾ ماڻهو هئا، ته ڪن ۾ ڪنهن ٻيلي جو نظارو هو، ڪنهن ۾ دريا جي تصوير هئي ۽ مهاڻا مڇي ماري رهيا ها. هيٺ فرش تي هڪ نرم نرم گلم وڇايل هو، جنهن تي ڳاڙها نيرا چٽ چٽيل هئا. پلنگ تي جيڪا مائي ويٺل هئي، ان کي سوسيءَ جي سٽڻ بدران اڇي سٽڻ پيل هئي، ۽ گج بدران هلڪي گلابي رنگ جو ريشمي چولو پيل هو. هوءَ مون کي ۽ ماما کي ڏسي اٿي بيهي رهي. سندس چپن تي مرڪ اچي ويئي هئي. مامي چيو: "زهري، هي آهي اسان جو ننڍڙو رئيس انور خان... ۽ هي آهي تنهنجي مامي زهره!"

مامياءَ جي منهن تي جيڪا مرڪ هئي، ان به منهنجي دل کسي ورتي. اها مرڪ مون اڳي ڪڏهن نه ڏٺي هئي- خود امان جي مرڪ به ان مرڪ کان مختلف هئي. هن يڪدم مون کي ٻانهن ۾ وٺندي، نرڙ تي چمي ڏني. ان چميءَ جي ڳوراڻ، ياد پوڻ تي آءٌ اج به روئڻ جهڙو ٿي ويندو آهيان. ڪيتري نه محبت هئي مون کي هنن سان! ان رات مون کي سڄي رات ننڊ نه آئي. سڄي رات سٺا سٺا خواب ڏسندي، سٺيون سٺيون ڳالهيون سوچيندي گذري ويئي...

صبح جو منهنجي ٻانهي، مون کي وهنجاري سهنجاري، نئين سٽڻ قميص پائي، مامي وٽ کڻي آئي. ڪجهه وقت ته مامون مون کي گهوري تکي ڏسندو رهيو. هن جي ان معائني جي انداز کان ئي آءٌ لڄي لڄي پئي ٿيس. مون کي پاڻ سان نرم ڪوچ تي وهاري، ٻانهيءَ کي چيائين. "مائي، تون وڃ. آءٌ ننڍي رئيس سان ڪا ڪچهري ڪري وٺان!" ٻانهي هلي ويئي. هن جنهن انداز سان اها ڳالهه ڪئي، ان مان مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ته هن مون کي پنهنجي برابر وڏو ٿي ڀانيو. پاڻ ۾ ڪچهري ته وڏا ڪندا آهن نه، مون سوچيو. هڪ قسم جو گهمنڊ منهنجي سيني ۾ سمائجي ويو.

مامي منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي، اهڙي طرح ڳالهائڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ محبت به هئي ته پنهنجائپ به.

"انو، پهرين ته ٻڌاءِ ته توکي منهنجو گهر وڻيو يا نه؟"

مون رڳو ڪنڌ ڏوڻي ها ڪئي.

"ابا، ائين ته پنهنجي دوستي ڪانه ٿهندي، جو آءٌ ڳالهائيندو رهان، تون رڳو ڪنڌ هيٺ مٿي ڪندو رهين. ڀلا پنهنجي مامي پسند آيئه؟"

آءٌ لج کان ڳاڙهو ٿيندو ويس، ڳالهائي وري به نه سگهيس؛ ان ڪري ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪيم. آءٌ جڻ ته پنهنجي پاڻ ۾ گهڙندو ٿي ويس.

"هون، وات ۾ ڪو ڪٽمٺو لڪايو اٿئي، ايئن نه؟ تڏهن نه ٿو ڪولين متان

چوري پڪڙجي پوئي؟"

مون کان کل نڪري وئي ۽ ڪنڌ ڏوئي، نڙيءَ ۾ ئي چيم: "اون هون."

"پلا هاڻ ٻڌاءِ، تون هت اسان وٽ رهندين، يا ڳوٺ واپس ويندين؟"

ڳوٺ ۽ بابي جي تصور کان ئي مون کي ڏڪڻي وٺي ويئي. مون اتاولو ٿي چيو: "هتي!" منهنجي آواز ۾ اتاولائي به هئي ۽ منٿ به!

"تہ پوءِ يار ايئن چوٿ نہ. هاڻ پهرين تہ پاڻ هيئن ڪنداسون، جو هنن ٻانهين ۽ نوڪرن کي ٿا ڳوٺ روانو ڪريون. متان توکي لڪائي واپس وٺي وڃن!"

مون کي اها ڳالهہ ٻڌي دل ئي دل ۾ ڏاڍي خوشي ٿيڻ لڳي، ۽ اهو به انومان ٿيو تہ شايد بابي مون کي واپس گهرائڻ لاءِ ڀ، اهي ٻانهيون ۽ نوڪر گڏ موڪليا هئا. مون وري به اتاولو ٿي چيو: "ها، ماما!"

منهنجي ان جواب تي، ماما ڪلي ڏنو. پوءِ وري چيائين: "ٻي ڳالهہ ٿا هيءَ ڪريون، جو توکي ڪپڙا ٿا مون جهڙا سبائي ڏيون، جئن پنهنجي ياري پڪي ٿئي!"

مون کي ياري دوستيءَ جي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي: ڳوٺ جي اسڪول جي ساٿين سان سنگت تہ هئي، پر مون کي هروڀرو به اهو لفظ سٺو لڳو. مامي جهڙو ٿيڻ تہ يقيناً سٺو هوندو، مون سوچيو.

پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ ئي، منهنجو حليو بدلجي ويو. منهنجون هيرون ۽ عادتون بدلجي ويون. نوڪرن جي ڊڊيءَ تي چڙهي گهمڻ بدران آءٌ پنهنجي سِر، لان ۾ ڊوڙون پائيندو رهندو هوس. مامو به مون سان ڪڏهن ڪڏهن ڊوڙون پائيندو ۽ رانديون ڪندو هو.

بنگلي جي پر واري ٻئي بنگلي جا ٻہ ٻار مون سان گڏ پڙهندا هئا، ۽ آءٌ جلد ئي هنن سان ٺهي ويس. مامي مون کي هڪ پيرو اوڏانهن پاڻ سان وٺي ويئي. اسين ٽئي هنن جي لان ۾ ڪيڏڻ لڳاسين، ۽ ان کان پوءِ هو به ڪڏهن ڪڏهن اسان وٽ ڪيڏڻ ايندا هئا، ۽ ايئن ست سال گذري ويا. انهن ستن سالن ۾، مامي جن مون کي جيڪا تربيت ۽ محبت ڏني، ان منهنجي ننڍي هوندي جي سيني زخمن کي ميٽي ڇڏيو. آءٌ هنن جي دنيا هوس، ۽ هو منهنجي. هنن مون کي اهڙي تعليم ڏياري، جيڪا شايد ڪو پيءُ به پنهنجي ٻارن کي اڄ نہ ٿو ڏياري. سڀ کان وڏي ڳالهہ، جا منهنجي زندگيءَ ۾ آئي، سا هئي ڪتابن جي سنگت. مامي جو هڪ خاص ڪمرو ڪتابن سان ٽپا ٽپ ڀريل هو. ان ڪمري جي دَرَ سان به منهنجو عشق هو. البت هڪ عجيب ڳالهہ هوندي هئي مامي ۾: ڪي ڪٻٽ ڪتابن جا اهڙا هوندا هئا، جن جي مون کي منع ڪئي ويندي هئي، ۽ مامون ڪلي چوندو هو تہ "اجا ٻہ سال ترس، پوءِ ان ڪٻٽ جي چابي به توکي ملندي!"

آءٌ ان خزاني جي چاهيءَ لاءِ ٻہ سال ترسڻ کي ڇڻ تہ هڪ سزا سمجهندو هوس، پر منهنجي مجال نہ ٿيندي هئي، جو آءٌ انهن کي کوليان، جيتوڻيڪ منهنجون نظرون حسرت منجهان انهن کي ڏسڻ لڳنديون هيون. مون ۾ جڏهن اهو احساس پيدا ٿيندو هو تہ جيڪڏهن آءٌ شهر نہ اچان ها، ۽ ڳوٺ ئي رهان ها تہ منهنجي زندگي ڪيتري نہ مختلف هجي ها، تڏهن شڪر گذاريءَ جي بار کان منهنجون اکيون ڀرجي ايندیون هيون.

انهن اکين ڀرجڻ تان ياد آيو تہ انهن ستن سالن ۾ شايد آءٌ ٻہ ڀيرا رنو هوس. پهريون ڀيرو تہ شهر اچڻ کان ٿورو ئي عرصو پوءِ ٿيو هو. شايد ڇهہ اٺ مهينا ئي گذريا هئا، جڏهن ڳوٺان هڪ نوڪر منهنجي ڳوٺ نيڻ لاءِ چئي ڪئي آيو. مامون پهرين تہ چئي پڙهي چپ ٿي ويو، ۽ گهري سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ مون کي چيائين تہ "تيار ٿي وٺ، انو. رئيس وڏي توکي گهرايو آهي!"

مون ايئن محسوس ڪيو، ڇڻ تہ هنن جي انهن لفظن ۾ هڪ ٽوڪ لڪل هئي. بابي جو نالو ٻڌڻ سان ئي مون کي ڏڪڻي وٺي ويئي. شايد مون کي وري شهر نہ ڇڏين. آءٌ گهڙيءَ لاءِ اتي ئي ويٺو رهيس. پوءِ مون کي روئڻ اچي ويو، ۽ سڏڪا ڀريندي چيم "آءٌ ڳوٺ نہ ويندس، ماما، آءٌ ڳوٺ نہ ويندس!"

منهنجي آواز ۾ ڪا اهڙي رقت هئي، جو ماما، مون کي ڀاڪر پائيندي چيو، "پر تون روئين ڇو ٿو، انو؟ جيڪڏهن نہ ٿو وڃڻ چاهين تہ آءٌ پاڻهي چئي لکي ٿو موڪليان!"

شڪر گذاريءَ کان مون مامي کي هڪ وڏي وڏي ڀاڪي پاتي هئي. ان ڳالهہ کي سال کن گذري ويو تہ وري ٻہ هڪ چئي آئي ۽ مامي مون کي سمجهايو، بلڪ هڪ قسم جو ڊپ وڌو تہ جيڪڏهن آءٌ ڳوٺ نہ ويس تہ مون کي بابو زوريءَ وٺي ويندو، ۽ وري مون کي شهر ڪڏهن ٻہ نہ موڪليندو. ڊني ڊپ کان، لاچار آءٌ ڳوٺ گهمڻ ويس. حويليءَ جي گندگي، ٻانهين ۽ نوڪرن جا ميرا ڦاٽل ڪپڙا ڏسي، منهنجي دل ڪچي ڪچي ٿيڻ لڳي.

مون کي فقط امان سان ملي خوشي ٿي. هوءَ ٻہ مون کي ڏسي ڇڻ ٽڙي پئي. ڪيترو وقت تہ مون کي پنهنجي سامهون بيهاري ڏسندي رهي ۽ پوءِ ڪئي ٿي مون کي ڀاڪر وڌائين. گهڙيءَ کان پوءِ مون کي هڪ ٻانهي بابا وٽ ڪئي هلڻ لاءِ آئي، پر مون ڊڊيءَ تي چڙهڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. مون اصرار ڪيو تہ آءٌ هاڻ وڏو ٿي ويو آهيان ۽ آءٌ پاڻ ويندس، پر امان مون سان گڏجي هلي، نہ تہ آءٌ نہ ويندس. منهنجي آواز ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئي، جو ڪجهہ وقت تہ امان مون کي گهوريندي رهي. پوءِ مون کي آڳر کان وٺي بابي جي ڪمري ڏانهن هلي.

الائجي ڇو امان کي لڄ ۽ حجاب ٿي رهيو هو. سندس ڪئنرو ڪئنرو منهن

ڳاڙهو ٿيندو ٿي ويو. ڪمري ۾ گهڙڻ سان ڪجهه وقت آءُ ۽ بابا هڪ ٻئي کي عجيب ڌارين اوپرين نظرن سان ڏسندا رهياسون، ۽ پوءِ مون ماما جو سيڪاريل سلام ڪيو. بابا حيرت مان مون کي تڪيندو رهيو. شايد پدري محبت موٽي آئي، ۽ هن اڳتي وڌي مون کي پنهنجي هنج ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کي ڪجهه بدن ۾ اهڙي هيڪ ۽ جهجهڪ ٿي، جو آءُ ٿورو هٽي سڪوڙجي ويس، ڇڻ ته مون کي ڪو ڇيپ ٿي لڳو! اها گهڙي اٽل هئي: ان گهڙيءَ جو صدمو بابا به محسوس ڪيو. هن کي شايد پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته سندس پنهنجو اولاد سندس ڀاڪر ۾ وڃڻ کان ڪيڀائي رهيو هو. پر ان خيال کي هٽائيندي، هن مون کي ڀاڪر پائي چميون ڏيڻ شروع ڪيون. منهنجي بدن ۾ اها گهوماٽ، اهو ڪيڀاءُ وڌيڪ سخت ٿي ويو، ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو ڇڻ ته بابا کي سڳ ڇمندا ٿي نظر آيا. بابا منهنجي حالت کي محسوس ڪري، مون کي ڇڏي ڏنو، ۽ آءُ ڊوڙ پائي ڪمري کان نڪري ويس، ۽ ٻئي ڏينهن ئي شهر موٽي آيس.

ان کان پوءِ هر سال آءُ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڳوٺ ويندو هوس. گهٽو ڪري يا امان وٽ هوندو هوس يا حويليءَ کان ٻاهر. گهوڙي تي چڙهي باغن ۽ ٻنين جا سير ڪندو رهندو هوس. هڪڙي پيري آءُ شايد مئٽرڪ ۾ هوس، جڏهن مون پهريون پيرو بابي جي واتان مامي جو ذڪر ٻڌو. ان ذڪر ۾ ٽوڪ هئي، بلڪ سڌي سنئين دشمني هئي! آءُ حويليءَ ۾ داخل ٿي، امان جي ڪمري ڏانهن وڌي رهيو هوس، ته بابا جا هي لفظ منهنجي ڪنن تي پيا، "اجا به توکي اعتبار ڪين ايندو. ان دهرئي سان رهي، منهنجو پٽ به دهريو نه ٿيندو ٻيو ڇا ٿيندو. ڏسينس پئي افعال... مون سان ته ڪو اهڙو ويرِ اٿس، جو مون سان ڳالهائڻ جو به روادار ڪونهي... ڪالهه وڏيريِ عثمان ٿي ڳالهه ڪئي ته ڇوڪرو پيو ڪرستانن جي اسڪول ۾ پڙهي... پَڪ سان ڪرستان ٿيندو... وڏيري، تون ڪا اڪ پٽ... تنهنجو ياءُ آهي... منهنجو ڪجهه نه وڃي، پر آخر به ته منهنجو اولاد آهي... مون کي ارڙهن آنا پڪ آهي ته انوءَ کي مون بابت پڙڪائڻ ۾ سڄو ڪارنامو مامس جو آهي... ڇڻ ته اسين سڃاڻونس ڪونه ٿا... هاڻ مون کان به ماڻ ڪانه ٿي ٿئي... ڳوٺ راڄ کي منهن به مون کي ڏيٺو آهي...!"

اهي لفظ منهنجي ڪنن ۾ ٽهڪندڙ ڪڙو تيل اوتي رهيا هئا. ان وقت مون کي اها سمجهه نه پئجي سگهي ته انهن لفظن تي مون کي چڙ پيدا ٿي، يا افسوس. مون صرف ايترو محسوس ڪيو ته بابي لاءِ منهنجي نفرت پڙڪو ڪائي جاڳي پئي... ۽ ٻئي ڏينهن، ڪنهن کي به ٻڌائڻ بنان شهر موٽي آيس...

پر شهر، ۽ بنگلي جي پرسڪون ماحول ۾ پهچي به اهي لفظ منهنجي ذهن کي ڪائيندا رهيا. ماما.... بابا جي ڪهڙي ٻلي ماري هئي، جو هن لاءِ ايئن ٿي ڳالهايائين، ۽ دهريو ٿيڻ ڇاڪي ٿو چئجي. يقيناً دهريو ٿيڻ ڪا سئي ڳاهه هوندي، ڇاڪاڻ ته ماما تي ته اهو الزام هو. ماما ڪا به بيڙي يا اڻ وٽندڙ ڳالهه نه ڪندو. دهريو ٿيڻ اڃان ئي وڏيڪ سئو هوندو، ڇاڪاڻ ته بابا کي اها ڳالهه ڪونه ٿي وٺي. ڳوٺ راڄ سان پير پيرڻ ۾ ماما جي ڳالهه ڪهڙي اهميت ٿي رکي؟ ۽ اتي مون کي ياد آيو ته ماما ڪڏهن به ڳوٺ نه ايندو هو. ڇو؟ هن ڪو ڏوهه ڪيو هو؟ ضرور ڪو گناهه ڪيو هوندائين تڏهن ته... پر ماما گناهه ۽ ڏوهه

ڪري سگهي ٿو، ان مڃڻ لاءِ آءٌ تيار نہ هوس. منهنجو "آئيڊيل" تہ ڪڏهن بہ ڪو ڏوهہ گناهہ نہ ٿو ڪري سگهي. اهو خيال اچڻ سان ئي مون کي ڄڻ آٿت اچي ويو. ان جي باوجود اهي خيال منهنجي خوشي، منهنجو سڪون لٽيندا رهيا! مامي منهنجي اها حالت ٻہ چار ڏينهن ڏٺي، پر ڄاڻي واڻي هن مون کان ان طوفان بابت ڪجهہ نہ پڇيو. آءٌ سوچيندو رهيس. هڪ آرزو منهنجي من اندر بار بار ٽي ايري تہ هو مون کان پڇي تہ "پٽ، تون ڏکويل ڇو آهين؟"

آخر مون کان ئي رهيو نہ ٿيو. شام جو آءٌ راند کيڏي موٽيس تہ رئڪيٽ ۽ راند جي ڪپڙن سان ئي، سندس پڙهڻ واري ڪمري ۾ گهڙي ويس. ڪنهن ڪتاب پڙهڻ ۾ هو ايترو مشغول هو، جو منهنجو اچڻ بہ محسوس نہ ڪيائين. آءٌ سندس سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ڪرسيءَ تي وهڻ سان مون ٿورو هلڪو ڪنگهيو تہ هن مون ڏي نهاريو. چشمو لاهيندي چيائين. "تون ڪيڏي مهل آئين؟ گهڻا سيٽ ڪيڏيو؟"

"ٻہ سيٽ ڪيڏياسون، پر هوا سخت پئي لڳي، سو مزو نہ آيو. سگهو موٽي آيس!"

"پوءِ وڃي تڙ ڪر تہ ٻاهر هلئون. ماميهين بہ تيار هوندي!"

مون ڪجهہ هڪندي چيو- "ماما، هڪ ڳالهہ پڇانوَ! جي اجازت ڏيو."

هن جي چپن تي هلڪي مرڪ مڙي آئي. "جيڪا تون گذريل چئن پنجن ڏينهن کان پڇڻ جو ارادو ڪري رهيو هئين، ايئن نہ؟"

"ها... ۽ اهي چار ئي پنج ئي ڏينهن آءٌ ڄڻ اوڙاهہ ۾ سڙندو رهيو آهيان..."

"چئہ، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

"ماما، دهريو ڇا ٿيندو آهي؟"

ماما ڪلي ڏنو. "اوهو، چئبو تہ ڳوٺان تون هڪ نئون لفظ ٻڌي آيو آهين، ۽ سو بہ مون بابت ڪنهن اهو لفظ چيو هوندو. ائين نہ؟"

مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

"پٽ، مون کي ڳوٺ ۾ سڀ دهريو، ڪافر ۽ الائي ڇا ڇا سڏيندا آهن. هيستائين، تنهنجي عمر جي ڪري مون توکي ان بابت ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو هو. پر ڄانيان ٿو تہ هاڻ تون ان حد تائين پهتو آهين، جتي توکان ڪجهہ لڪائڻ بي ايماني ٿيندي. جيتوڻيڪ ڪي ڳالهيون ايڏا بہ شايد تنهنجي سمجهہ ۾ نہ اچن، پر جيتري قدر ٿي سگهيو، آءٌ توکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس. في الحال تون وڃي ڪپڙا بدلائي اچ تہ ٻاهر هلون!. آءٌ اهو سڀ ڪجهہ توکي تنهنجي ماميءَ جي سامهون ٻڌائڻ ٿو گهران!"

ڪپڙا بدلائي، آءٌ هيٺ پهتس تہ ماما ۽ مامي منهنجي انتظار ۾ هئا. مون کي

ڏسي بجاءِ ٻاهر هلڻ جي هو ڊرائنگ روم طرف وڌيا، ۽ ماما چيو... ”اڄ ٻاهر مٺي پئي وسي، زهره چوي ٿي ته اڄ گهر ۾ ئي رهون ته بهتر. اڄ گهر ئي ويهي ٿا ڪچهري ڪريون!“

آءٌ ۽ مامي صوفي تي ٿي ويناسين، ۽ ماما هڪ اڏ- آرام ڪرسيءَ تي اسان جي سامهون ويهي رهيو. ڪجهه وقت هو مون کي نظر انداز ڪري ماميءَ جي منهن ۾ نهاريندو رهيو. انهن نگاهن ۾ ڪيتري نه بي پناهه محبت هئي، ڪيترو نه سنيهه هو انهن اکين ۾! مون کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ته هو ٻئي منهنجي وجود کي وساري ويٺا هئا: ڄڻ ته هو پاڻ کو عهد کو انجام تازو ڪري رهيا هئا: مون کي اهو به محسوس ٿيو ته هن جي اکين ۾ ڪي اڻ لکا لڙڪ ڀرجڻ لڳا هئا. منهنجي دل به ميٺ ٿيڻ لڳي هئي، ۽ مون سوچيو، اڄوڪو سوال پڇي، شايد مون هن کي ڏکوئي وڌو آهي، جيڪي مون کي پنهنجي جان کان عزيز آهن. اسان ٽنهي جي اها خاموشي، هڪ مقدس خاموشي هئي، جنهن ۾ پنهنجائپ جي تقديس هئي.

گهڙيءَ کان پوءِ ماما پنهنجي منهن تي مرڪ آڻيندي چيو: ”زهره، انوءَ اڄ هڪ عجيب سوال پڇيو آهي ته ”دهريو ڇا ٿيندو آهي، ۽ ڇا آءٌ دهريو آهيان“؟ شايد ڳوٺان اهو سوال ٻڌي آيو آهي. جيئن ته ان لفظ سان تنهنجي زندگي به ايتري ئي وابسته آهي جيتري منهنجي، ان ڪري سوچيم ته آءٌ ڪي ڳالهيون هن کي تنهنجي سامهون ٻڌايان. پر جي تون اجازت ڏين ته!“

”اوهين ته اهڙا گنڀير ٿي ويا آهيو، جو مرڪو ٿا منهنجي مٺڙي انوءَ جو به موڊ خراب ڪريو، ۽ مون کي اوهان جي گنڀيرتا سمجهه ۾ به ڪانه ٿي اچي: ڄڻ ته هن کي اهي ڳالهيون جيڪي اسان جي حياتيءَ بابت آهن: ٻڌائيندي اوهين پاڻ کي ڏوهي پيا سمجهو، جو مون کان اجازت ٿا گهرو! ڏٺيءَ لڳ، هن کي منجهائي نه وجهجو. باقي رهي منهنجي ڳالهه، سو آءٌ ڀانيان ٿي ته منهنجي ذهن ۾ اها طاقت ڪانهي، جو آءٌ اهي ڳالهيون ٻڌان. ان ڪري آءٌ اوهان کي ڇڏي، وڃي ٿي ڪافي يا چانهه موڪليانوَ- اوهين ڏوٿ ڪري ڳالهيون ڪريو، ۽ ڪافي پيو.“

ايئن چئي زهره مامي، مون کي ڳل تي هلڪي ٿڦڪي هڻندي اٿي ويئي. مامو ڄڻ ته شڪر گذار نظرن سان هن ڏانهن ڏسڻ لڳو.

جڏهن مامي هلي ويئي، تڏهن مامو ٿورو رڙهي آيو، ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيائين: ”زهره سچ ٿي چوي ته آءٌ ڄڻ پاڻ کي ڏوهي پيو سمجهان! پٽ، اسان جي حياتي ئي اهڙي گذري آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن مون کي اهو شڪ پوڻ لڳندو آهي ته پنهنجي سر زندگي گذارڻ ۾ آءٌ کو ڏوهه ته ڪونه ڪري رهيو آهيان.؟“ هن هڪ ٿڌو ساهه ڀري ڄڻ ته ڪن خيالن کي هٽائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

"پر بهتر آهي ته پهرين آءٌ توکي لفظ "دهريو" سمجهايان. اهو لفظ "دهر" معنيٰ دنيا مان نڪتو آهي، ۽ معنيٰ اها اتس ته اهو شخص جيڪو هن دنيا بابت سوچي، يا هن دنيا جو ٿي رهي؛ جيتوڻيڪ هاڻ ان لفظ جي معنيٰ اها نه رهي آهي، ۽ ان جي معنيٰ اها ڪڍي وڃي ٿي ته اهو شخص، جو الله جي وجود ۾ اعتقاد نه رکندو هجي، پر اها معنيٰ به مخصوص نه آهي. ڪو شخص پلي الله جي وجود ۾ اعتقاد به رکندو هجي، پر هن سماج ۽ سوسائٽيءَ جي هڪ حصي، مسلمانن جي اڳواڻن، پيرن، ملن، مولوين ۽ وڏيرن جي قائم ڪيل ڪن اصولن جي انحراف ڪندڙ کي به "دهريو" تا سڏين! مون کي دهريو ان ڪري تا سڏين، جو مون به هن جي هڪ روايت جو انحراف ڪيو هو. ان انحراف بابت به آءٌ توکي تفصيل سان ٻڌائيندس!"

ماما جي اکين ۾ ڪئين رنگ هڪ ئي وقت، مينهوڳيءَ جي بادلن وانگر، ايندا، ويندا، ايندا رهيا، پر اجا انهن ۾ آڳچي اچڻ جو انديشو ايترو ڀرپور نه هو. هن انهن رنگن کي ميسارڻ نه ٿي گهريو. هن هڪ اونهو ساهه کڻي پنهنجي ڳالهه جاري رکي.

"تو پڙهيو هوندو ته دنيا ۾ ڪيترائي مذهب آهن- هندو ڌرم، عيسائيت، يهوديت، مجوسيت، اسلام، ٻڌ ڌرم وغيره. هر مذهب جا پنهنجا پنهنجا ڪي مقرر ڪيل اصول آهن- پنهنجا ڪي عقيدا آهن. اهي مذهب ڪيئن پيدا ٿيا، ان لاءِ توکي اهي ڪتاب پڙهڻا پوندا، جيڪي تالي چڙهيل ڪٻٽ ۾ بند آهن. پر آءٌ توکي صرف ايترو مختصر ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته اهي ڌرم ۽ مذهب انساني تاريخ جو اهم ترين حصو آهن. جڏهن انسان هن دنيا ۾ اڪيلو، اڳهاڙو، بي زبان، جانورن مثل رهندو هو، تڏهن فطرت جي ڪيترين قوتن سان مقابلو ڪرڻو پوندو هوس. هن جي سڀ کان اهم ترين حس هئي "پنهنجو بچاءُ"، "پنهنجي حفاظت". شايد هن جي ان حسِ جو پهريون مظهر جهنگلي جانورن سان وڙهڻ ۾ هو، ڇاڪاڻ ته جڏهن هن کي بک لڳندي هئي، تڏهن يا ته هن کي وڻن مان ميوو پٽي کائڻو پوندو هو، يا وري ٻئي ڪنهن جانور کي ماري، شڪار ڪري کائڻو پوندو هو. پر ان ساڳي کائڻ جي شيءِ لاءِ ٻيا جانور به موجود هئا. وڏا وڏا باندر ۽ گوريلا، يا وڏا وڏا پکي، يا ٻيا ڪي جانور به انهن ساڳين شين ۾ اکيون وجهيو ويٺا هوندا هئا. ان مقابلي ۾ ڪڏهن هو ڪامياب ٿيندو هو، ته ڪڏهن ٻيا جانور هن کي چيرڻ ڦاڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا. پر هن وٽ انهن جانورن جي مقابلي ۾ هڪ هٿيار وڌيڪ تيز هو، ۽ اهو هو سندس دماغ ۽ ذهن. هن ان هٿيار کي ڪم آڻي، پٿر مان اهڙا اوزار ٺاهڻ شروع ڪيا، جيڪي هو دشمن کي مارڻ لاءِ استعمال ڪري ٿي سگهيو. اها عقل جي ڪيڏ هن جي بهترين ساٿي هئي، بهترين دشمن پڻ! بهترين

دوست تڏهن ٿي ثابت ٿي، جڏهن ان کي ٻن ساهوارن ۽ جهنگلي جانورن جي خلاف استعمال ڪندو هو، ۽ بدترين دشمن تڏهن جڏهن هن کي اها پنهنجي پاڻ جهڙن انسانن خلاف استعمال ڪرڻي پوندي هئي. مختلف انسانن ۾، مختلف ماحول ۽ ضرورتن جي ڪري، عقل جي ڪيڏ به گهٽي يا ٿوري استعمال ڪرڻي پوندي هئي. جهڙيءَ طرح مختلف هنڌن جي آب هوا ۽ ڪاڏي جي ڪري، مختلف انسانن ۽ قبيلن جي جسماني بناوت ۽ سگهه مختلف هوندي آهي. اهڙيءَ طرح مختلف ماحول، ۽ استعمال جي گهٽائي يا ٿورائيءَ جي تجربي ڪري، انسانن جي ذهني قوت به مختلف ٿيڻ لڳي. جهڙيءَ طرح ڪسرت ڪرڻ سان انساني جسم به مضبوط ٿيڻ ٿو لڳي، تهڙيءَ طرح ذهني ڪسرت به ذهن کي مضبوط ۽ طاقتور ڪرڻ ٿي لڳي. ان ڪري مختلف ماحول جي ڪري، ضرورت جي بنياد تي، ڪن انسانن ذهني قوت کي گهٽو ٿي استعمال ڪيو ته ڪن گهٽ. ۽ پوءِ ان ساڳئي ڪاڏي خوراڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ، انسان انسان سان به مقابلو ڪرڻ لڳو. جسماني مقابلي ۾ ته دوبدو، ٻنهي ڌرين کي زخمن پهچڻ جو انديشو هوندو هو. ان ڪري ان مقابلي ۾ به عقل جي ڪيڏ مان فائدو وٺڻ شروع ڪيائون، ۽ اڪثر جنهن جي ذهني قوت وڌيڪ تيز ۽ تجربو رکندڙ هئي، اهوئي ڪامياب ٿيندو هو!"

مامي سگريٽ دکائي، مون ڏانهن نهاريو. جڏهن پَڪ ٿيس ته منهنجو ڌيان رڳو هن جي لفظن ۾ هو، تڏهن هن ڳالهه کي اڳيان وڌايو.

"ان ساڳيءَ عقل جي ڪيڏ هن کي، اهو به محسوس ڪرايو ته پيٽ ڀُوت هٿ ڪرڻ لاءِ، هڪ جي بدران جيڪڏهن ٻه يا ان کان وڌيڪ انسان ڪوشش ڪن ته هو ٻين ساهوران سان وڌيڪ آسانيءَ سان مقابلو ڪري سگهندا. ان احساس ئي هڪ ڪٽنب کي جنم ڏنو. هونءَ جو زالون به پنهنجي منهن پيون ڪاڏو گڏ ڪنديون هيون، ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن کي تخليق جي احتياج کي پورو ڪرڻ لاءِ مردن سان سنگ قائم ڪرڻو پوندو هو، جهڙيءَ طرح ٻين جانورن جون ماديون ڪنديون هيون. انسان ان وقت اهو محسوس ڪيو ته جنهن زال سان هن جو سنگ ۽ سٻنڌ قائم ٿئي، ان سان گڏجي ڪاڏي خوراڪ کي گڏ ڪرڻ لڳي. جڏهن زالون پيٽ سان هونديون هيون، تڏهن مرد هن لاءِ به ڪاڏو گڏ ڪرڻ نڪري پوندو هو، ۽ جڏهن هن جون زالون ٻچا ڪنديون هيون، تڏهن هو گڏجي انهن ٻچن لاءِ ڪاڏو مهيا ڪرڻ نڪري پوندا هئا. ان سان، ان سنگ ۽ خاص ڪري ٻچن جي فطري محبت، هن ۾ هڪ ٻئي لاءِ به ڇڪ پيدا ڪئي ۽ ان ڇڪ ۽ ضرورت ئي موجوده ڪٽنب کي جنم ڏنو. هڪ ٻئي سان ساٿ ڏيڻ جي ان نئين ضرورت وري ڪٽنبن کي وڏائي قبيلي جي صورت ڏني."

آءٌ ڇڻ ته ڪنهن جادوءَ، ڪنهن طلسم جي اثر هيٺ، هن جي خوشرنگ آواز

جي اوپارن ۾ لهوارن ۾ گم ٿيندو ٿي ويس. ڪافيءَ جو پيالو پنهنجي چپن تائين آڻي هن ۾ ٿي ڏڪ پريندي چيو- "بور ته ڪونه ٿو ٿين؟"

"نه، ماما. بلڪ جيڪڏهن اوهين اڳتي نه وڌيا ته شايد منهنجي نند حرام ٿي ويندي..."

"ها، سو مون ٿي ڳالهه ڪئي: انسانن جي ان ميڙاڪي، پنهنجون ڪيتريون مشڪلاتون، گڏجي ٿي حل ڪيون. هن جيڪي ٿي پيدا ڪيو، سو ورهائي ورڇي ٿي ڪاڏائون. زندهه رهڻ جي ضرورت هن کي زندگي ورهائي ورڇي گذارڻ جي تربيت ڏني ۽ ان ضرورت ئي سماج ۽ معاشري کي جنم ڏنو آهي. انسانن جي ان ميڙاڪي جي گڏيل همت ۽ ڪوشش جي باوجود ڪي ڳالهيون اهڙيون هيون، جن جو مقابلو ڪرڻ جي هن ۾ طاقت نه هئي ۽ نه انهن جو ڪو سبب هن کي سمجهه ۾ ٿي آيو. ٿڌ، سج جي تپش، مينهن، واءُ، واچوڙا، طوفان، دريائن جي اٿل، ڪنهن نانگ جو ڏنگ، ڪا بيماري ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ڳالهيون هيون، جن کي هو ڪنهن حيلي سان روڪي نه ٿي سگهيا، ۽ انهن جو پيدا ٿيڻ هن جي سمجهه ۾ نه ٿي آيو. نتيجو اهو نڪتو، جو جڏهن اهڙي ڪا آفت هن تي ايندي هئي ته هو بيوس ٿي، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڀڄڻ لڳڻ لڳا. ٿڌ ٿي ساڙين ته اهڙن هنڌن ڏي ٿي ڀڳا، جتي سج جي تپش هئي. سج ٿي تپاين ته وري ڪنهن ڇانو ڳولڻ لاءِ ٿي نڪتا. ڇانوَ ۾ ٿي پهتا ته اوچتو ئي اوچتو طوفان ٿي لڳا يا وٺن کي باهه وٺيو ٿي ويئي! اهي سموريون ڳالهيون اڪثر اوچتو ٿيڻ لڳنديون هيون. انهن جي اوچتي اچڻ هن کي آئيندي لاءِ اونو پيدا ڪري وڌو. ان اوني وڌي ڊپ کي جنم ڏنو. منجهن جن ماڻهن جي ذهني قوت وڌيڪ هئي، انهن انهن آفتن تي سوچڻ شروع به ڪيو، ۽ هن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو ته هر آفت جو ڪونه ڪو سبب ضرور آهي. گرمي، سج جي ڪري ٿئي ٿي. مينهن، ڪڪرن مان ٿي ڦٽي نڪتو؛ ٻيلن ۾ باهه، وٺن جي گسڻ جي ڪري ٿي پيدا ٿئي، ڏنگجڻ جو سبب، ڪو نانگ يا ٻيو ڪو جيت هو. البت بيماريءَ جو ڪو سبب هن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو.

"جڏهن به ڪنهن مينهن واءُ جي ڪري قبيلي جا ماڻهو پنهنجو ڪاڏو گڏ ڪرڻ يا شڪار ڪرڻ لاءِ نٿي نڪري سگهيا ته گڏيل ڪاڏو پورو نه ٿي پيو. ان حد تي، جن جي ذهني قوت ڪجهه وڌيڪ تيز هئي، تن عقل جي ڪيڏ ويڙهائي، يا محض جسماني زور تي، ٻين کان ڪاڏو خوراڪ ڇني ڦري ٿي ڪاڏو! جسماني ويڙهه ۾ وري به خود سندن ختم ٿيڻ جو انديشو هو. ان ڪري هن پنهنجي عقل جي ڪيڏ تي زياده مدار ٿي رکيو. جڏهن ٻئي ڪنهن قبيلي جا ماڻهو، ڪاڏي پوري نه پوڻ ڪري، مٿن حملو ڪندا هئا ته اهڙا ذهين ماڻهو ئي، ڪا ڪيڏ ڪري

پنهنجي قبيلي کي موت ۽ تباهيءَ کان بچائيندا هئا، ۽ پاڻ حملي ڪندڙ قبيلي کي ڪنهن طرح ڦاسائي سندن سامان ۽ زالون ۽ ٻار پنهنجي قبيلي جي استعمال ۾ آڻيندا هئا!"

انساني تاريخ تي مون به پنهنجي عمر آهر ڪتاب پڙهيا هئا، پر انهن جو هيءُ ادارڪ منهنجي لاءِ بلڪل نئون نڪور هو. ان ڪري، مون پنهنجو ساهه به روڪي ڇڏيو. متان ساهه کڻڻ جي آواز تي، مامي جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پوي. پر ماما منهنجي ان اُٿڻ کان بي خبر هو. هن سلسلي کي ٽوڙڻ بنان چيو.

"ڪنهن طرح ڪي اهڙا اتفاق ٿيا، جو انهن ذهين ماڻهن کي پنهنجو موقعو ملي ٿي ويو: مثلاً تَپَ جي حالت ۾ اتفاق سان ڪنهن وڻ ڇوڏي ڇاڙڻ، يا نانگ جي ڏنگ کي، ان هنڌان ڪٽي ان مان رت ڪڍي، ڪنهن وَڻ جو پُن ٻڌڻ سان، هن کي موت کان ڇوٽڪارو ملي ٿي ويو، ته هن کي ڄاڻ جو هڪ خزانو ملي ويو؛ جو هن، بجاءِ سڌو سنئون پنهنجي ساٿين سان وندڻ ورهائڻ جي، قبيلي جي ملڪيت هٿ ڪرڻ، ان تي پنهنجي سرداري مڙهڻ لاءِ ڪم آندو. ان نئين ڄاڻ کي لڪائڻ لاءِ هن ڪيترا ڍونگ خليقا: مثلاً جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو تپ ٿِي ٿي پيو، ته بجاءِ ان جي جو ان کي سڌو سنئون ان وڻ جا ڇوڏا ڪارائين، ان نسخي کي لڪائڻ لاءِ پهرين باهه جي چوڌاري نچڻ، ڪنهن جانور کي قربان ڪري پچائي ڪائڻ، ۽ اهڙين ٻين فروعي ڳالهين کان پوءِ، مريض کي ڪنهن اونداهي ڪمري ۾، اهي ڇوڏا چاڙائي، چڳو ڀلو ڪرڻ لڳا. اهو طريقو ماڻهن جي ڊپ کي مضبوط ڪرڻ، ڪين منجهائڻ ۽ ان ماڻهوءَ ۾ اعتماد ۽ اعتقاد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. ۽ اهي سرشتا "جادو" سڏجڻ لڳا! جيڪڏهن ان حد تائين، ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچئي ته مون کي وچ ۾ ئي روڪي ڇڏج! جيڪڏهن ڳالهه سمجهه ۾ نه اچئي ته پڇڻ کان نه ڪيبائج! شايد وري مون کي اهو موقعو نه ملي ته توکي وري سمجهايان!"

مون عقيدت مان چيو: "نه ماما، ڳالهه بلڪل سمجهه ۾ اچي پئي!"

"ڊپ ۽ جادو ٻه وڏي ۾ وڏيون ڳالهيون هيون، جيڪي مذهب پيدا ڪرڻ لاءِ جوابدار آهن. انهن ماڻهن پنهنجو پاڻ کي مسلسل طاقت ۾ رکڻ لاءِ، پنهنجي انهن جادوئي قوتن کي، انهن فطري قوتن طرفان عطا ٿيل مشهور ڪيو، جن تي انسان جو ڪو اختيار نه هو، ۽ جن جو ڊپ هن جي زندگيءَ کي تباهه ڪري رهيو هو. ان طرح اهڙا ڪئين ماڻهو سج، ڪڪرن، نانگن، باهه، ٻيلن، بيمارين وغيره جا نمائندا بنجي ويا. ماڻهو انهن طاقتن جو مظهر انهن ماڻهن کي مڃڻ لڳا، ۽ هن کي خوش ڪرڻ جي طفيل هو انهن طاقتن کي خوش ڪرڻ جو بهانو ڳولڻ لڳا، جن جو وجود هن جي سمجهه کان ٻاهر هو! اهي ذهين ماڻهو وري جڏهن سماج ۽

قبيلن جي وڏڻ تي، سيني تي قبضو نہ رکي سگهيا تہ پنهنجي اعتبار جوڳن ماڻهن کي پنهنجا نمائندا مقرر ڪرڻ لڳا. ان طرح ڊپ، جادو ۽ اڻ ڄاڻائي يا اڻوجهائيءَ جي بنياد تي مذهب جي عمارت کڙي ٿيڻ لڳي- جيتوڻيڪ مختلف هنڌن تي ان جا نمونا جدا جدا ٿهڻ لڳا. ڪٿي خود اهي ماڻهو، جن اهو سڄو افسانو بنايو هو، خود عبادت جو آستان بنجي ويا، ۽ مري وڃڻ کان پوءِ بہ سندن نمائندا، انهن جي معبوديت کي قائم رکندا آيا تہ جيئن سندن طاقت ۽ روزگار اطاعت ۽ دولت جي ذريعن ۾ قائم رهي. ڪٿي اهي ماڻهو اصل قوتن جا نمائندا رهيا ۽ معبوديت فقط اهڙين چيزن جي رهجي ويئي، جن جي وجود کي سمجهڻ جي طاقت انسان ۾ نہ هئي. مثلاً سج، چنڊ، ڪڪر وغيره.

"انهن ڳالهين جا ڪيترائي اثر ٿيا، جن کي تفصيل سان بيان ڪرڻ لاءِ الائجي ڪيترا ڪتاب لکيا ويا آهن. پر طاقت ۽ دولت جي حفاظت لاءِ، انهن ڳاڻ ڳٽين انسانن اهڙا اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ شروع ڪيا، جن کي موجوده زماني ۾ سماجي برائيون سڏيو وڃي ٿو- مثلاً ساٿن اختلاف ڪندڙن کي مارائي ڇڏڻ، ٻين قبيلن ۽ سماجن جي دولت کي هٿ ڪرڻ لاءِ خونريزي ۽ تباهي مچائڻ، پنهنجي دولت وڌائڻ لاءِ ٻين جي دولت ۽ زالن تي زوريءَ قبضو ڪرڻ وغيره. سرداريون، بادشاهيون، شهنشاهتون اهي سڀ انهن ڳالهين جون پونير آهن!"

ڪافي ٿڌي ٿي ويئي هئي، ۽ نئين ٿري عين ان وقت آئي جڏهن مامي جي اکين ۾ مون هڪ نئين جوت محسوس ڪئي. مون کي عجب لڳو تہ ماميءَ ڪيئن اهو محسوس ڪيو هوندو تہ مامي کي عين اُن وقت گرم گرم ڪافيءَ جي ضرورت هوندي! اها ڳالهہ مون کي ورهين کان پوءِ سمجهہ ۾ آئي جڏهن انساني رشتن ۾ محبت ڄڻ تہ هڪ روشندان طور شفاف روشنيءَ جي مُناري طور منهنجي رهنمائي ڪرڻ لڳي! ۽ ماما چئي رهيو هو:

"پر ٻين ڪن ماڻهن جو ذهن بہ ايتروئي تيز هو، جهڙو انهن جادوگرن يا پنڊتن پروهتن جو، جيڪي معبودن جا نمائندا بنيل هئا. هنن بہ انهن ڳالهين تي سوچڻ شروع ڪيو، ۽ هنن پنهنجي سامهون جيڪا خون خرابي جي صورتحال ڏٺي ٿي، انهن لاءِ هنن جي دل ۾ نفرت ۽ چڙ پيدا ٿيڻ لڳي. ڪي بلڪل ظاهر ظهور پنهنجا شڪ شبها ظاهر ڪرڻ لڳا تہ ڪين خود موت جو پيالو ٿي پيٽو پيو. ٻيا انهن جي حالت ڏسي اهڙا طريقا اختيار ڪرڻ لڳا، جن ۾ حالتن سان ٺاهہ بہ هو تہ بغاوت بہ. هنن جو مقصد هو انسانن تي ٿيندڙ ظلمن کي بند ڪرڻ، ۽ هنن ان مقصد لاءِ انسان جي خوبين، رحم، پائپي ۽ سچائيءَ کي پڪيڙڻ شروع ڪيو. هنن ماڻهن جي عقيدن سان ڪيڏڻ بهتر نہ سمجهيو.

"جيئن جيئن سماج وڌيڪ تجربيڪار ٿيندو ويو، تيئن اهڙا ڏاها ماڻهو، رفتہ

رفتہ انسانن جي بهتريءَ لاءِ ڪي نوان اصول گهڙيندا ويا، ۽ جڏهن هنن ڏٺو تہ هنن جو اثر وڌندو ٿي ويو تڏهن ان اثر جي بنياد تي هنن ماڻهن جي عقيدن ۾ بہ شڪ جي گنجائش پيدا ڪري وڌي! جيئن تہ گهڻيون خرابيون، معبودن جي گهڻائيءَ ۽ سندن نمائندن جي ڪثرت جي ڪري پيدا ٿينديون هيون، تڏهن هنن وري بہ عقل جي ڪيڏ سان معبودن جو تعداد گهٽائڻ شروع ڪيو تہ جيئن اهي نمائندا، اهي پنڊت ۽ پروهت جن معبودن کي پنهنجي جاگير ڪٽي بڻايو هو، سي بہ گهٽجي وڃن تہ لازمي طرح هنن جي پڪيڙيل براين کي بہ ٻنجو اچي ويندو! اهي ئي ڏاهن جون ڪوششون آهن، جن دنيا جي مڪيہ مذهبن کي جنم ڏنو. هنن مذهبن کي بہ پنهنجي قومن جي معاشي ۽ سماجي بهبوديءَ لاءِ، استعمال ڪيو. مجموعي طرح ڪابہ قوم ڏاهي نہ آهي، ڪابہ قوم آڻ ڏاهي اياڻي بہ ناهي! ان ڪري انهن ڏاهن ڊپ، اٻوجهائي ۽ عقيدي سان گڏ هڪ ٻيو عنصر، انعام اڪرام ۽ معبودن جي خوشنودي بہ ماڻهن کي آڇي. معاشري، قبيلي مان ترقي ڪري، جڏهن قوم جي حيثيت ۾ قدم رکيو، تڏهن اهي نوان طريقا قومي ملڪيت شمار ٿيڻ لڳا. اڪثر ايئن ٿيو آهي تہ ذاتي ملڪيت جي هٿ ڪرڻ کان وٺي قومي ملڪيت وڌائڻ لاءِ نوان نوان مذهب پئي ٺهيا آهن. قومن جي معاشي ضرورتن، مذهبن کي هميشہ هڪ بهانو بنايو آهي. جنهن قوم جون معاشي ضرورتون، پنهنجي حدن اندر پوريون نہ ٿي ٿيون، ان قوم ان نئين مذهب کي ڦهلائڻ ۽ ٻين کي فيضياب ڪرڻ جي بهاني تي، هر ممڪن طريقي سان نوان علائقا، نوان ذخيرا ۽ نوان خزانا هٿ ڪرڻ جي پئي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ڪوششن مان تباهين ۽ جنگين آڻڻ سان گڏ، اڪثر انسانن جي سماجي حالت نسبتاً بهتر بڻائڻ جو نتيجو بہ حاصل ٿيو آهي. ان ڪري اهي سموريون ڪوششون انساني تاريخ ۽ ارتقا جو هڪ لازمي جزو بنجي ويون آهن، ۽ هاڻ اهو تصور ڪرڻ ئي ممڪن نہ آهي تہ جيڪڏهن انهن ڪڙين مان هڪ ڪڙي نہ هجي ها تہ انسانن جي ڪهڙي حالت ٿئي ها!"

منهنجي اکين اڳيان زمانا، ائين بدلجڻ لڳا هئا، جڻ تہ آءٌ ڪنهن باتصوير ڪتاب جا صفحا اٿلائي، پڙهي، هنيئن سان هنڌائي رهيو هوس، ۽ ماما، هڪ مشق استاد وانگر، انهن صفحن ۾ موجود تصويرون، انهن جا رنگ، انهن جي مختلف اهميتن ۽ زواين کي سمجهائي رهيو هو، ۽ منهنجو ذهن انهن جي آڇيان خاطر هڪ هنڌ ڇمي، انهن کي سمجهي رهيو هو.

"۽ هاڻ جڏهن انسانن وٽ مذهبن جو ذخيرو ختم ٿي ويو ٿو ڏسجي، تڏهن ساڳين معاشي سببن جي بنياد تي، قومن ٻين جي ملڪن ۽ دولت تي سڌو يا اڻ سڌو قبضو ڪرڻ لاءِ، وري چمڙيءَ جي رنگ، يا نسل جا نوان جهڳڙا ۽ افسانا خلقڻ

شروع ڪيا آهن. اها آهي مذهب جي مختصر تاريخ، پر مصيبت اها آهي تہ تاريخ کي ايئن بيان ڪرڻ کي دهرئي هجڻ جو ثبوت سمجهيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ مذهب جي پيدا ٿيڻ جا اهي سبب تہ مذهب جي اهميت کي گهٽائي ٿا ڇڏين. عقيدي جي اهليت بيان ٿيڻ سان عقيدو عقيدو نہ ٿو رهي. عقيدي کي خطرو ڏسندي ئي مذهب جو پنڊت، جو اسان وٽ ملا ۽ مولوي سڏجي ٿو، پنهنجي جاگير کسجڻ جو امڪان ڏسي ٿو، ۽ هو وري بہ پنهنجي پوئلڳن جي اڀوجهائي، ڊپ ۽ عقيدي مان فائدو وٺي، ان خطري کي دور ڪرڻ لاءِ، منبر تي چڙهي ٿو بيهي رهي. مون بہ هڪ اهڙي عقيدي کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مون تي بہ "دهريو" نالو پئجي ويو."

ماما گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويو. پوءِ هن هڪ ٽڏو ساهہ ڀريو. هن جي ان ٽڏي ساهہ ڄڻ تہ مون کي سيءُ وجهي ڇڏيو، ۽ گهڙيءَ لاءِ جادوءَ جي اثر کان آزاد ٿي، پنهنجي پاڻ کي صوفا تي ويٺل محسوس ڪيم. پر ماما اڄ ان جادوءَ کي مڪمل طرح ڪتب آڻڻ جو ارادو ڪيو هو سو وري ڳالهہ کي جاري رکندي چيائين:

"۽ اهو عقيدو ڀڃڻ، منهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي طوفاني ۽ هنگامي خيز ثابت ٿيو. البت ان جي عيوض مون کي سڄي زندگيءَ جي خوشي نصيب ٿي وئي. ۽ مون کي زهره نصيب ٿي!"

مون تي ڄڻ ڇپ ڪري پئي. انهن ٻن ڳالهين ۾ ايترو تہ فاصلو هو، جو مون کي انهن ۾ ڪو لاڳوپو نظر نہ آيو هو! ماما کي ڪجهہ ياد ڪندو ڏسي، مون هن کان سوال نہ ڪيو، پر مون کان ضرور هلڪو ڇرڪ نڪري ويو هوندو، جو هن چيو: "ها، اها اچرج جهڙي ڳالهہ برابر آهي. بظاهر انهن ٻنهي ڳالهين ۾ ڪو لاڳاپو توکي نظر نہ آيو هوندو.

"بابا مرحوم، پنهنجي حد جو تمام وڏو زميندار هو؛ ڪيس فقط هڪ ڏيءَ ۽ هڪ پٽ هئو. اها ڏيءَ تنهنجي امڙ آهي، ۽ اهو پٽ آءٌ آهيان. بابا اسان کي واقعي وڏيرڪي لاڏ ڪوڏ سان پاليو، نپايو. شڪار جو شوقين مڙس هو، ۽ ڪيترائي آفيسر رڳو ان شڪار جي ڪري هن جا سنڌتي هئا. انهن سنگتين مان، ڪيس سڀ کان ويجهو ۽ پيارو دوست هڪ انگريز هو، مسٽر هئرس. هن جي مون سان ڏاڍي دل هئي، ۽ آءٌ بہ هن تي فدا هوس. جڏهن بہ هو ايندو هو تہ آءٌ چاچا هئرس جي ڪلهن تي چڙهي، ساٿن گڏجي شڪار تي ويندو هوس. هن کي اولاد ڪونہ هو، شايد ان ڪري ئي هو مون کي گهڻو پائيندو هو. اوچتو سندس بدلي بمبئي تي. موڪلائڻ وقت بابي کان منهنجي ٻانهن گهريائين تہ آءٌ هن کي بمبئي ۾ پڙهائيندس، ۽ ڪيس قابل ڪري تنهنجي امانت توکي واپس ڪندس. بابي کي هن

تي ايترو اعتبار هوندو هو جو منهنجي امڙ کان پڇڻ کان سواءِ ئي "ها" ڪري ويئو. امان ٻڌو ته ڪٿي ٻِٽَ وڌائين، پر بابا زبان ڏيئي ويئو هو، سو نهڪار نه ڪيائين. آءٌ مسٽر هئرس سان گڏجي بمبئي هليو ويس. هن بلڪل ٻچن وانگر مون کي پاليو. بمبئي ۾ جيڪا به بهترين تعليم ٿي ٿي سگهي، سا هن مون کي ڏياري. اسين سال ۾ پنڌرنهن ڏينهن موٽي سنڌ ايندا هئاسين. ان طرح آءٌ سترنهن سال پنهنجي ان محسن سان گڏ رهيس، جنهن مون کي بهترين تعليم ۽ تربيت ڏني، ۽ هن سان گڏ آءٌ نه رڳو سمورو هندستان گهمي آيس پر انگلنڊ به ٿي آيس. مون کي ڪتابن جي چوس به چاچي هئرس جي ڪري پيدا ٿي. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو چاچو هئرس مون کي بمبئي ۾ اڪيلو ڇڏي، اچاتي سفر تي هليو ويو!

"ويٺي ويٺي هن کي دل جي تڪليف ٿي ۽ ان وقت ئي دم ڏنائين. شايد مون کي بابي جي فوت ٿيڻ جو به ايترو افسوس نه ٿيو، جيترو چاچي هئرس جي مرڻ وقت ٿيو هو. هو منهنجي ذهن ۽ روح جو پيءُ هو، ۽ بابو منهنجي جسم جو! مون ارادو ڪيو ته آءٌ مسز هئرس سان گڏجي انگلنڊ هليو وڃان. پر بابو چاچي هئرس جي مرڻ جي خبر ٻڌي بمبئي آيو هو، ۽ اسين مسز هئرس کي جهاز تي روانو ڪري ڳوٺ موٽي آياسين. پر مون کي ڳوٺ زهر ٿي لڳو؛ هڪ ته چاچي هئرس جي ڏک منهنجي ذهن کي ايترو ايذائيو هو، جو آءٌ سڄو ڏينهن چپ، اندر ئي اندر روئندو رهندو هوس. بابو ۽ امڙ منهنجي اها حالت ڏسي ڳڻتين ۾ پئجي ويا. شڪار، مرونءَ تي ٻچ، ڪتن ۽ رڇ جي ويڙهه، ملاکڙا، سڀ آزمايائون، پر منهنجي ذهن کي سڪون نه آيو، ۽ پوءِ هنن آخري هٿيار آزمايو، سو هو منهنجي شادي ڪرڻ. پر آءٌ ان ڳالهه تي به نه بيٺس!"

ڏک جون ريکائون اڄ به مامي جي منهن جو رنگ اُودو ڪري ريون. پر هن ڳالهه کي، پنهنجي غم تي ترجيح ڏيندي، ڳالهه جاري رکي.

"امڙ گهڻئي منٿون ڪيون پر مون نه مڃيو؛ ۽ هنن مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو. آءٌ ڳوٺ جي زندگيءَ کي پنهنجي خاموش نظرن سان جاچيندو رهيس. هت ماڻهن ۽ بار ڍوئڻ وارن ڍورن ۾ ڪو خاص فرق ڪونه هو. بابو هونئن ته ڪو ظالم ماڻهو نه هو، پر زمين ايتري هيس جو سنڀالڻ کان ٻاهر، ۽ آخر به ته وڏيرو هو؛ ۽ وڏيرن جون سموريون خصوصيتون منجهس موجود هيون. شڪار ۽ گهوڙن جي شوق، انسانن کان وڌيڪ جانورن جو پيار ڪيس ڏنو هو. رڇ ۽ ڪتن جي ويڙهه، مرونءَ تي ڪتن جي ٻَچَ، شڪار ۽ گهوڙيسواريءَ ۾ ايترو مصروف هو، جو انهيءَ وندر ۾ جيڪڏهن ڪنهن انسان جي زندگي ضايع ٿي ويندي هئي ته به هن کي پرواهه نه هئي! زمين کي جئن ته پاڻ خير ڪو سنڀاليندو هو، ان ڪري ڪمدار ڪڙا هارين جا حاڪم بڻجي ويا. ڪمدار کي نه رڳو هارين جي پورهئي

تي حق هو، پر هن کي جيڪڏهن ڪنهن هاريءَ جي نياڻي وٺي ويندي هئي تہ راتوواهہ ڪري ڪٿي آڻي پاڻ وٽ وهاريندو هو!

"هاري کي ڪائڻ لاءِ ايتري بٽئي ڏيندو هو، جو ٻہ چار مهينا سندس پيٽ پربو هو، ۽ باقي مهينا يا سيٺ ڏرومل جي دروازي تي اوڏر وٺڻ ايندو هو، يا ڪمدار کي اچي منٿ ڪندو هو. مشڪلات ۽ پيٽ جي ضرورت سيڪجهہ ٿي ڪرائي. ان ڪري پنهنجي ڳوٺن ۾ ٻانهون پئسن تي ڏيڻ جو جيڪو نظام ڏسين ٿو، سو ان ٻڪ جو هڪ مظهر آهي!"

مامي جي منهن تي ڪنهن عجيب احساس جو رنگ پرجي آيو، جنهن ۾ ٻڌان ڪانسواءِ رحم جو رنگ بہ غالب هو. هن ٿڌو ساهہ ڪڍندي چيو:

"منهنجو اندازو اهو آهي تہ بک اهڙي شيءِ آهي، جا انسان کان هر ڏوهہ ٿي ڪرائي. صدين کان هاري ناري، ان بک، بيوسي ۽ لاچاريءَ خلاف ٻڙڪي اٿندا آهن، پوءِ گڏجي يا ڪنهن ڪمدار کي ماري وجهندا، يا ڪنهن وڏيري کي پورو ڪندا هئا. پوءِ ڏوهاري ٻڌي وڃي ڪنهن دنگئي زميندار وٽ پناهہ وٺندا هئا، ڇاڪاڻ تہ ڪين ڪيڙڻ لاءِ زمين تہ ڪپندي هئي. اهڙين ڳالهين کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ هڪ تہ وڏيرن، ملن ۽ مولوين کي پالڻ شروع ڪيو، جيڪي هارين ناري، ڪمين ڪاسبين کي گناهن کان روڪيندا هئا. ۽ سڀ کان وڏو گناهہ هو- پنهنجي حالت تي سوچڻ ۽ وڏيري جي زمين جي مالڪيءَ ۾ شڪ آڻڻ. اڳ، بادشاهن وٽ مفتي ۽ قاضي، ڪين "ظل الله" ثابت ڪندا هئا، ۽ رعيت کي پنهنجي خول اندر رهڻ جي تلقين ڪندا رهندا هئا. هن نندي ۽ محدود سطح تي وڏيري جي رعيت کي پنهنجي خول ۽ ڪَلَ اندر رهڻ لاءِ ملا ۽ مولوي هدايت، صدق ۽ صبر جو سبق ڏيڻ لڳا. ٻين زميندارن ۽ وڏيرن سان دشمني ختم ڪرڻ لاءِ بہ بادشاهن وارا ساڳيا اصول وڏيرن ۾ رائج ٿيا. ڪمزور وڏيري پنهنجي نياڻي، مضبوط وڏيري جي پٽ کي ٿي ڏني- پر جڏهن وڏيرن جي طاقت هڪ جهڙي هئي تہ پوءِ نياڻين جي مَٽَ سَٽَ ٿيندي هئي. هڪ ٻئي جي پٽن کي نياڻيون بَدي ۾ ڏيندا هئا. حالت اها ٿي جو اها ضرورت ختم ٿي ويئي تہ بہ اها نئين رسم- بَدو- قائم رهندي آئي. منهنجي ماءُ، تنهنجي پيءُ جي سڳي ماسي آهي. جڏهن اوهان جي ڪٽنب مان بابو شادي ڪري آيو، تڏهن هڪڙو شرط اهو هو تہ ان وقت جئن تہ بابا جي خاندان ۾ ڪا نياڻي پرڻجڻ لائق ڪانہ هئي، ان ڪري بابو پنهنجي پهرين نياڻي، بدي ۾ ڏيندو. آءٌ بمبئي مان موٽي آيس تہ منهنجي لاءِ ڪا وڏيري ڳولڻ لڳ. جڏهن مون انڪار ڪيو، تڏهن اوهان جي خاندان طرفان بابي کي پنهنجو انجام پاڙڻ لاءِ چيو ويو. بابا بہ مڙس هو پراڻي زماني جو، سو يڪدم ها ڪيائين، ۽ منهنجي اديءَ جي، جنهن جو پيار مان، مون 'ملڪہ' نالو رکيو هو، تنهنجي پيءَ سان شاديءَ جون

تياريون ٿيڻ لڳيون."

هو گهڙي لاءِ چپ ٿي ويو ۽ منهنجي منهن جا تاثرات پڙهندي، ڪجهه سوچيندي چيائين- "انو، تون منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه آهين- ڀاڻيجو، پٽ ۽ دوست، سو توسان ڳلي ڳالهائڻ ۾ مون کي هيڪ ڪانه ٿي ٿئي، معاف ڪجانءِ جو منهنجون ڪي ڳالهيون توکي ڏکيون لڳن. مون کي ڪنهن طرح، اهو سڳ بلڪل پسند نه هو. هڪ ته تنهنجو پيءُ منهنجي نئين تعليم جي روشنيءَ ۾ بلڪل بي ڀروسي ۽ ڪُجسو ماڻهو هو. هن کي پنهنجي ملڪيت سنڀالڻ جوئي خيال نه هوندو هو، ۽ زمين مان جيڪا اپت ٿيندي هئي، سا فضول ڳالهين ۾ ويڃائيندو هو، ۽ ان کان سواءِ هن جي شخصي زندگي به ايتري صاف ستري ڪانه هئي. هر هنڌ سندس گلا هئي. بهرحال مون کليو ڪلايو، ان سان سڳ جي مخالفت ڪئي. ان ڪري تنهنجي پيءُ جو سڄو خاندان مون کي پنهنجو دشمن سمجهڻ لڳو. مون کي پنهنجي پيڻ جي آئيندي جو خيال هو: مون کي اهو اندازو هو ته شروع جو ڪجهه وقت، اسان جي ڏکي جي ڪري، ممڪن آهي ته حالتون ٺيڪ رهن، پر ان کان پوءِ هن کي هر سال هڪ نئين سريت سان گڏ رهڻو پوندو! پر بابا به مون سان ان مخالفت تي ڪاوڙجي ويو. هن کي پنهنجي زبان ۽ وچن جو، پنهنجي نياٽيءَ جي نسبت، وڌيڪ خيال هو. ان طرح ڪيتريون اڻوجهڙيون نياٽيون سڄي عمر جي پستيءَ ۽ ڪال ڪوٺڙين ۾ وڃي ٿيون قابو ٿين. مون جڏهن ڏٺو ته منهنجي ڪجهه هلندي ڪانه، تڏهن مون بابا کي هڪ ڳالهه مڃارائي: سا هئي ڏاجي جي ڳالهه. اسان جي وڏيرڪي شان ۾ اهو داخل آهي ته نياٽين کي اهڙو ڏاجو ڏجي جو دنيا ۾ ڏام ڏوم مچي وڃي. ان لاءِ مون هڪ ڪيڏ سوچي، ڏاجي کي قانوني شڪل ڏياري. اديءَ کي هزار ايڪڙ زمين ڏاجي ۾ ڏيڻي هئي. ان ۾ ڪجهه شرط رکايم: هڪ ته پنج سو ايڪڙ زمين خاص اديءَ جي نالي ۾ ڪرايم، جا پهرئين ڀار ڄمڻ تي هڪدم ان ڀار جي نالي ٿيندي، ۽ جنهن جو عام مختار آءٌ هوندس. جيڪڏهن ڪو ڀار نه ڄائو ته ان زمين جي پيدائش منهنجي نظرداريءَ ۾ هڪ خاص ٻئنڪ ڪاتي ۾ جمع ٿيندي رهندي. ٻيا پنج سو ايڪڙ اديءَ ۽ منهنجي پيءُ جي گڏيل نالي ۾ هئا، جنهن جي آمدنيءَ جو حقدار تنهنجو پيءُ ٿيندو. پر جيڪڏهن تنهنجي پيءُ ٻي شادي ڪئي يا سريت وهاري ته اهو حق اديءَ کي رهندو ته جيڪڏهن هوءَ چاهي ته ان ملڪيت جو ۽ آمدنيءَ جو حق فقط اديءَ کي رهندو، ۽ جيئن ڪيس وٺندو تيئن ان کي نيڪال ڪندي! اهي شرط منظور ته ٿيا پر اديءَ، باوجود ان جي، جو تنهنجي پيءُ ڪيتريون ئي سريتون گهر ۾ آنديون، پر پنهنجي مجازي خدا کان زمين کسڻ ته ڇا پر ڪڏهن شڪايت يا دڙڪي ڏيڻ جو به قدم نه کنيو! هوءَ ڪيتري دکي آهي، تنهنجو مون کي اندازو آهي، جو آءٌ هن

جو ياءَ آهيان. پر شابس آهي هن عورت کي، جو جيسين بابو جيئرو هو، هن کڏهن هڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي ته هن جو مڙس ڪهڙن افعالن جو هو!"

منهنجا ته ماشائي ڦري ويا. امان جي اکين ۾ مون هڪ ٻه پيرو بغاوت به ڏٺي هئي، پر مانَ، مريادا، ۽ هڪ عجيب نهنائي، جيڪا شايد اسان جي تهذيب جو سڀ کان وڏو آوگڻ هئي، هن کي هميشه موٽ کارائي هئي! ۽ رفته رفته اهي سڀ ڳالهيون، مامي جي وضاحت جي پس منظر ۾ روشن ٿيڻ لڳيون.

"خير، سو مون ڳالهه ٿي ڪئي، اديءَ جي شادي ٿي ويئي- ۽ آءٌ ان ۾ خاموش تماشائي بنجي شريڪ ٿيس. آءٌ شادي ۾ رڳو مٿيئن دل سان شامل ٿيس، پر مون ياڻيتي لانءَ به اديءَ کي نه ڏٺي!

"۽ هاڻ آءٌ ان واقعي تي اچان ٿو، جنهن مون کي هڪ نئين زندگي ڏني، ۽ دنيا سان وڙهڻ ۽ جهيڙڻ جي هڪ نئين راهه پڻ! شاديءَ کان ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ آءٌ اوهان جي ڳوٺ آيس، ۽ منهنجو ارادو هو ته اديءَ جو منهن ڏسندو، ڳوٺ واپس وڃان ڏيڍيءَ تي اطلاع ڏيئي اندر ويس، ۽ اديءَ وٽ وڃي ويٺس!"

ان وقت مامي جي اکين ۾ هڪ عجيب رنگ ڀرجي آيو، جنهن ۾ ڏک جي ريکا خيرڪا هئي پر ڇڻ ته آدمن جي آئيندي جي سَرهاڻ، يا آئيندي جي ڇاڻ جي آدمي جي سرهاڻ ڀرجي، هن جي وجود کي نئين تازگي ڏيئي ڇڏي. ان سرهاڻ هن جي آواز ۾ عجيب لئي پيدا ڪري وڌي!

" ان وقت هڪ عورت اندر داخل ٿي. گهڙيءَ لاءِ گهبرائجي ٻاهر ڀڳي. تيزيءَ ۽ تڪڙ ۾ ٿاٻو آيس، ۽ ٻوٽ ڀر وڃي ڪري. مون سمجهيو ته هن کي ڪافي ڏک لڳو هو، ۽ آءٌ بي ساخته، بي اختيار ٽپ ڏيئي اٿيس، ۽ ڪيس پٺيان ٻنهي ڪلهن ۾ هٿ وجهي مٿي کنيم. ان وقت منهنجي ذهن ۾ فقط هڪ ڏِکو ڪائيندڙ انسان لاءِ همدرديءَ جو جذبو هو: جيئن ڪنهن ڏکو ڪائيندڙ ٻار کي اٿارڻ لاءِ، هر ڪنهن جي ذهن ۾ ان کي اٿاري پرچائڻ جو خيال ٿيندو آهي. پر جنهن وقت مون هن کي ڪلهي کان جهلي مٿي اٿاريو، ان وقت هن ۾ به هڪ بي ساخته بي اختيار حرڪت پيدا ٿي هئي. تو ڪڏهن ٻليءَ جي پلونگڙي يا اڻ هِريل سَهي کي هٿ ۾ جهلي ڏٺو آهي؟ هن جي جسم ۾ پاڻ ڇڏائڻ جي هڪ بي ساخته حرڪت پيدا ٿيندي آهي. بلڪل اهڙي طرح هن جي ڪلهن جي گوشت ۾ اها بي ساخته حرڪت پيدا ٿي هئي، جنهن ۾ پاڻ ڇڏائڻ، پاڻ بچائڻ- ۽ مون سمجهيو ته مون کي ٿيلهن يا ڏڪارڻ- جو جذبو به هو! ان سان گڏوگڏ، اديءَ به ڇڻ ته گهبرائجي ويئي، ۽ هن مون کي ٿيلهو ڏيئي، هن ڪريل زال کي جوان ٻانهن ۾ جهلي، سندس منهن ڏانهن ڏٺو، جتي هن جي چپ ۽ نڪ مان رت وهي رهيو هو، ۽ هن جي گج جي ٽڪن کي ڳاڙهو ڪندو ٿي ويو.

"گهوڙا مَئيس!" اهي هٿا پهريان لفظ، جيڪي مون ٻڌا، ۽ اهي اديءَ چيا- پر بجاءِ هن کي ٻاهر نيڻ جي، ڪيس آڻي ڪٽ تي وهاريائين ۽ پنهنجي چَنيءَ سان، هن جو رت اڳهڻ لڳي!"

ماما جي اکين جي جوت مائي ٿيڻ بدران وڌي پڙڪي آئي. ماضيءَ جي هيءَ ياد عذاب هوندي به، ڇڻ ته هن جي زندگي جي سموري موڙي هئي. هن اتساهه سان ڳالهه کي وڌايو:

"منهنجون نظرون جڏهن هن جي منهن تائين پهتيون ته مون کي پنهنجي دل ۾ شايد پهريون ڀيرو دڪ دڪ محسوس ٿي، ۽ منهنجي ذهن ۾ هڪ آرزو ڪَرَ موڙڻ لڳي ته ڪاش هوءَ منهنجي بڻجي وڃي! اها آرزو شايد منهنجي اکين ۾ لهي آئي، ۽ مون انهن نين نظرن سان هن ڏانهن ڏٺو. هوءَ به پنهنجا هوش سنڀالي چڪي هئي. چَنيءَ جو پلو، مٿي تي سيريندي، پهريون ڀيرو هن مون ڏانهن ڏٺو، ۽ هن جي نگاهه مون کي ان وقت ڏٺو، جڏهن منهنجي نظرن ۾ هڪ نئين مستقبل جي دنيا سمائجي آئي هئي. هوءَ شايد منهنجي نظرن کان ڍڪجي ويئي، هوءَ شايد پنهنجي پاڻ کي ڍڪجي ويئي، هوءَ شايد دنيا کان ڍڪجي ويئي، يا انهن اکين ۾ محض دڪي ڪائڻ جي ڇينپ، معصوميت ۽ ڀؤ بنجي وئي هئي؛ ۽ هن پنهنجون اکيون جهڪائي ڇڏيون، ۽ پاڻ سنڀاليندي هوءَ اتان تڪڙي تڪڙي هلي ويئي!"

ماما ڇڻ ته هاڻ خود ڪنهن جادوءَ جي اثر هيٺ هو، ۽ جادو هن جي زبان تي چڙهي آيو هو.

"ڪجهه وقت آءٌ ۽ اديءَ خاموش ويٺا رهياسون. اسان ٻنهي جا خيال واقعي مختلف هئا. منهنجي نظر آئيندي تي هئي، ۽ هن جي سوچ حال‌بابت هئي. اها خاموشي ۽ سوچ اسان ٻاءِ ڀيڻ جي وچ ۾ ڇڻ ته هڪ ڀِت بنجندي ٿي ويئي. ان ڀِت جو خيال ايندي ئي مون چيو: "اديءَ، ڪير هئي هيءَ ڇوڪري؟"

اديءَ ڇڻ ته خواب مان جاڳي پئي- "بيبي زينو. چڱو ٿيو جو ڪنهن ڪيس ڏٺو ڪونه!"

اديءَ گهبرايل آواز ۾ چيو. "بيبي زينو؟ ڪهڙي بيبي زينو؟ هت ٿي رهي ڇا؟"

"هت نه رهندي، ٻيو ڪٿي رهندي! منهنجا نٽان آهي. مڙسم جي ڀيڻ آهي."

آءٌ سوچڻ لڳس ته اهو سڳ گهرڻ هرويرو ڏکيو نه ٿيندو، ۽ مستقبل جا هوائي قلعا، گهڙيءَ لاءِ پختا ٿي ويا، ۽ مون ڇڻ ته بي شرم ٿي چيو: "اديءَ، مون هونئن ته ويانهن کان ڇڻ ته قسم کنيو هو، پر هن کي ڏسي سوچيان ٿو ته... ..."

مون جملو ئي پورو نه ڪيو ته اديءَ ڇڻ ته ڪنهن ڊپ کان ساڻي ٿي ويئي، ۽ هڪدم چيائين: "ابا، خير گهر. ڏاهو ٿي!"

"چو، ڪٿي اڳي مڱيل آهي ڇا؟ يا نڪاح پيل اٿس!"
"حق بخشايو اٿنس!"
"اهي لفظ ٻڌي منهنجي مٿان ڇڻ ڪنوڻ ڪري، مون کي ساڙي ڪوئلو ڪري ويئي. هي معصوم روح، هي حسين جسم سڄي عمر اڪيلائي، تنهائي ۽ رڄ ۾ سڙي، ڳري، تحليل ٿي ويندو. منهنجي جسم ۾ اهو خيال ايندي ئي سيءُ پئجي ويو. لڳ ڪانڊارجي ويا. وڏيرڪي سنڌ جو هي به هڪ دستور هو، جنهن ۾ نياڻين کي شادي ڪرائڻ بدران گهر ۾ وهاري ڇڏيندا هئا ته جيئن ڪين نالي هئڻ جو طعنو نه لڳي. ان لاءِ به هن کي ڪنهن ملي، مذهب جي نالي ۾ هٿ گهڙيو قانون ناهي ڏنو، ۽ رسمي طرح قرآن وچ ۾ رکي، نياڻين کان حق بخشايو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ چيو ويندو آهي، هن جي شادي قرآن سان ٿي ويئي! مون کي هاڻ "بيبي زينو" نالي جي تهه ۾ ان ڪاري رسم جو جنُ جهوليندو نظر آيو، جو جڏهن انهن نياڻين تي پنهنجو پاڇو وجهي ٿو ته هو مرگهيءَ، "هسٽريا" ۾ وڃجي سڄي عمر تنهائي ۽ رُڄَ جهڙي زندگي گذاري، وڃي ٿي قبر پيڙيون ٿيون. مون کي ڪرستانن جون ننون ياد اچي ويون! پر اسلام ته رهبانيت کان منع ڪئي آهي! ان وقت ئي منهنجي ذهن ۾ هڪ عزم بيدا ٿيو، هڪ اهڙو عزم جنهن ۾ ان ڳالهه جو امڪان هو ته مون کي پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا پون. ان عزم کي عملي جامو پهرائڻ نهايت مشڪل هو، پر مون ان ۾ ڪنهن به قسم جي دير ڪرڻ کي ڇڻ ته هڪ گناهه سمجهيو. ڪئين اڍنگيون تجويزون منهنجي ذهن ۾ آيون، پر سيني ۾ هڪ ڳالهه ٽنگ ڪٽيو ٿي ٻيهي رهي ته ان رُڄَ جي راهيءَ کي پنهنجي رُڄَ ڇڏڻ جي آرزو به آهي يا نه؟
"آءٌ جو ان ئي ڏينهن ڳوٺ واپس ورڻو هوس، سو اتي ئي رهي پيس. گهڙيءَ لاءِ هڪ خيال به آيم: پنهنجي پيٽ- نياڻي جي در تي رهڻ تي ماڻهو ڇا چوندا؟ پر منهنجي عزم جي سامهون، اها ٽڄ سهي پر هڪ لازمي ڳالهه هئي! آءٌ اتان موٽي اوطاق تي آيس،۽ پٿين سان ڳالهيون ڪندي چيم ته زمين جو ڪم اجا ڪونه لٿو آهي؛ پويان ڳوٺ به وڃڻو ضروري آهي جو ٻڌائي به ڪونه آيو آهيان، منجهي پيو آهيان ته ڇا ڪريان! چڱو پلا، موڪلايون ٿا!" ايئن چئي آءٌ اٿڻ تي هوس ته پٿين چيو. "رئيس اوهان جو پنهنجو گهر آهي. جهڙو هو گهر، تهڙو هي گهر: رهيو اطلاع سو ڪمدار کي موڪليون ٿا، وڃي ڳوٺ اطلاع ڪري ڇڏيندو- اوهين ڪم ڪاريون لاهي، پوءِ پيا وڃجو!"
مون سمجهيو ته جيڪڏهن مون جهڙي ماڻهوءَ جي سامهون اها اڻ ٽيٽي پرولي جهڙي آپدا هجي ها ته همت هاري، ڪڏهوڪو آڻ مڃي، رليءَ ۾ روئڻ ويهي رهان ها! ۽ اهو احساس ٽيندي ئي ماما جي مهانتا لاءِ منهنجو اعتقاد ٻيٽو ٽيٽو ٿي

ويو ۽ مون فخر سان هن جي اکين ۾ گهوري نهارڻ جي کوشش ڪئي. پر مامي جي اکين ۾ ڪو اٿاهه سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو، جنهن جي هر ڇولي، هر نئين جذبي جي مدو جزر کي، پاڻ ۾ جذب ڪري رهي هئي. هن مون ڏانهن ڏسڻ بنان چيو:

"پهريون پيرو مون کي ضمير ملامت ڪئي ته ان مهمان نوازيءَ مان آءٌ غلط فائدو وٺڻ وارو هوس! آءٌ رهي پيس. ٻئي ڏينهن آءٌ وري حويليءَ ۾ داخل ٿيس تڏهن منهنجي دل ڏکي رهي هئي. ان ڏکٽيءَ ۾ ڀڙ ۽ ڊپ بلڪل نه هو. ان ۾ شايد ضمير جي ملامت، روايت ۽ هڪ آس گڏجي سڏجي هڪ لرزش بڻجي ويون هيون. مون کي پنهنجي پيرن تي اعتبار نه پئي آيو، ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ته منهجي پيرن سان ٽنگن جو ڪو لاڳاپو نه هو، ۽ ٽنگن جو منهنجي مٿئين ڏڙ سان ڪو واسطو نه هو، ۽ منهنجي ڏڙ جو ذهن سان ڪو تعلق نه هو! منهنجو وجود چار حصا بنجي ويو هو ۽ هر حصي کي الڳ الڳ، پنهنجي انفرادي زندگي، پنهنجو ساهه هو، ۽ پنهنجو پنهنجو احساس هو.انهن چئن مختلف احساسن ۾ ذري برابر به برابري ۽ هم آهنگي نه هئي. احساس جي ان جهڳڙي ۽ تنازعي کي طئي ڪرڻ جي قوت ناممڪن هئي. آءٌ اديءَ جي ڪمري ۾ پهتس ته هوءَ ڪنهن ٻانهيءَ کي ڪي هدايتون ڏيئي رهي هئي. مون کي ڏسي ٻانهي ته هلي ويئي، پر مون محسوس ڪيو ته اديءَ جي نگاهن ۾ اها مرحبا نه هئي، جنهن جي مون کي اميد هئي. آءٌ ڪٽ تي ويهي رهيس. ڪمري ۾ مڪمل خاموشي هئي. خاموشي هري هري ٿي ڳري ٿيڻ لڳي، جڻ ته خاموشيءَ ۾ اسان جو ساهه ملي، ان کي ڳرو ۽ وزني بنائي رهيو هو. مون کي ايئن محسوس ٿيو ته جيڪڏهن مون نه ڳالهايو ته اها ڳوڙي ڳوڙي خاموشي اسان جي سنڌن ۾ داخل ٿيڻ لڳندي. مون چيو: "اديءَ، آءٌ ڪنهن ڪم لاءِ ترسي پيو آهيان!" هن ڪوبه جواب نه ڏنو. هن جي اکين ۾ تقريباً منهنجي لاءِ نفرت ڀرجندي ٿي ويئي. آءٌ ان نفرت کان، پنهنجي پاڻ کي بچائڻ لاءِ اوڀاسيون ڏيڻ لڳس، شايد ان ڪري جو ان نفرت جڻ ته منهنجي آس کي سست ڪري، منهنجي وجود کي کيرو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. "آءٌ سياڻي واپس هليو ويندس. شايد آءٌ وري ڪڏهن به هت نه اچان، اديءَ!" مون پيڻ جي پيار کي للڪارڻ شروع ڪيو: "شايد آءٌ هي ملڪ ڇڏي هليو ويان- شايد آءٌ زهر کائي پاڻ ماري ڇڏيان يا شايد آءٌ چريو ٿي پوان!" مون کي پنهنجي انهن لفظن جي ڪوکلي هڻڻ تي رحم اچڻ لڳو هو، پر ان وقت احساس جي ڇڄڻ جي ڊپ کان، منهنجي لفظن ۾ اهڙي ڳوراڻ ۽ آواز ۾ اهڙو بي لڙڪ روڄ هو، جو اديءَ جي اکين ۾ پيڻ موٽي آئي. "خير گهڙ ادا. ڇو پيو پاڻ کي پٽين. وائي ته خير جي ڪر!" آءٌ ان موقعي لاءِ تيار هوس ۽ پنهنجي ڇاتي ساهه سان ڀري، ضرورت کان

زياده ڊگهي آهه ڀريم. اِن آٿمرادي آهه به هٿي وڃي هنڌ ڪيو. اديءَ مون کي گهڙيءَ لاءِ همدرديءَ ۽ رحم جي نگاهن سان ڏٺو، ۽ چيائين: "جريو نه ٿيءُ! توکي لک ڪنوارون چئين ته وٺي ڏيانءِ. ڪنهن وڏي ڊِنگَ جي ٻانهن جو رڳو نالو کڻ، ته آءٌ ڳچيءَ پاند پائي، ميڙ وٺي، توکي مڱائي ڏيان! باقي بيبي زينو؛ سا الله جي امانت آهي؛ ان جو ويچار ڪندي ئي، منهنجي دل ٿي ڏکي!"

مامي جي اکين ۾ عجيب ڪيفيت ڀرجي آئي، ڇڻ ته هو دل من هٿي رهيو هو ته ڳالهه کي اڳتي ڪٿي يا نه. پوءِ منهنجي هٿ کي زور ڏيندي چيائين:

"مون سوچيو ته منهنجي حڪمت عملي اديءَ تي ڪڏهن ڪامياب نه ٿيندي؛ ان ڪري ان ۾ ٿوري تبديليءَ جي ضرورت هئي. سو مون چپن تي مرڪ آڻيندي چيو: "چري ٿي آهين ڇا ادي؟ منهنجي ته دل ۾ اهو خيال به هاڻ ڪونهي. آءٌ پاڻ سمجهان ٿو ته اها اڻ ٿيٽي ڳالهه آهي! اهڙو گناهه ڪري مون کي پنهنجي قيامت ڪاري ڪرڻي ڪانهي. پر آخر به ته آءٌ انسان آهيان. ٻار کي به پنهنجي دلپسند شيءِ نه ملندي ته ڇڙيون هٿي روئڻ لڳندو آهي. سو منهنجي دل به ڇڙيون هٿي، پاڻهي ماڻ ٿي ويندي، پر آءٌ پنهنجي ان حالت کي عام ڪان لڪائڻ لاءِ ٻه چار سال وري بمبئي هليو ويندس. دل تان ڳالهه لهي ويئي ته وري موٽي ايندس!" مون ڏٺو ته انهن اکين ۾ پيار ۽ اعتماد موٽڻ لڳو هو.

"پر ادي، هوءَ مون کي الائي بخش ڪندي يا نه. منهنجي ايائپ ڪري هن ويچاريءَ کي ايڏو ڏک لڳو. جيڪڏهن هوءَ رڳو پنهنجي وات سان ايترو چئي ته هن مون کي بخش ڪيو ته منهنجي دل تان هڪ ڳرو بار لهي ويندو. ۽ آءٌ ڇڻ ته نئين سنئين حياتي ماڻي هتان موٽي ويندس."

"تنهنجو ڏوهه ٿوروئي هو. هن ويچاريءَ کي ته خواب خيال ۾ به نه هو ته ڪو تون ويٺو هوندين. توکي ڏسي هن کان ڇرڪ نڪري ويو، ۽ تڪڙ ۾ جو واپس وري ته چائنٽ تان ٿاٻو اچي ويس. ان ۾ بخشائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

"نه آءٌ اچان ها، نه هن کي ڏکو اچي ها. منهنجو من ايا پيو مون کي ملامت ڪري. منهنجو من تيسين سانت نه ٿيندو، جيسين هوءَ دليان مون کي بخش نه ڪندي. ادي، تو رڳو ايترو ڪر جو هوءَ دَرَ جي ٻاهران بيهي ايترو چوي ته هن مون کي بخش ڪيو ته آءٌ هتان ڪلندو خوش ٿيندو هليو ويندس. نه ته تيسين هت ويٺو هوندس، ۽ آءٌ پاڻ ڪنهن وقت ڪٿي پنهنجو پاڻ هن جي پيرن تي ڪري، ڪائنس بخشائيندس." منهنجي انهن لفظن ۾ هڪ دڙڪو به هو ته هڪ نيزاري به. هڪ اهڙي نيزاري جنهن اديءَ کي وري ڊيڄاري ڇڏيو.

ماما جي اکين ۾ مون ان وقت هڪ اهڙ ي ريکا ڏٺي، جيڪا ناپسند هوندي به، مون کي ڏاڍي وٺي. مصلحت ۽ محبت جا ويڇا مون کي سمجهه ۾ اچڻ لڳا، ۽

مون وڌيڪ ڌيان سان هن جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ڪرسيءَ کي ٿورو اڳتي سيريو.

"چڱو، آءٌ ڳالهه چوريانس ٿي- پر هوءَ پٽيءَ تنهنجي منهن نه پوندي." آءٌ ان نئين آس کي ذهن ۾ سمائڻ لاءِ خاموش رهيس، ۽ ادي هلي ويئي. منهنجي ذهن ۾ آس نراس جو هڪ اهڙو مَچَ ٻرڻ لڳو، جو مون کي پنهنجي عزم ۽ آئيندي ۾ شڪ پوڻ لڳو.

مون ٿوري ئي وقت کان پوءِ ڪنهن جي اچڻ جي آهٽ ٻڌي. منهنجي دل ڇڻ ته ڪنهن غاليچي وانگر وڇائجڻ لڳي ان آهٽ جي هر قدم تي منهنجو من الائجي ڪهڙيءَ خوشيءَ ۽ سڪون سان ڀرجي ويو. ادي اندر لنگهي آئي، هوءَ ٻاهر ئي بيهي رهي. ان کان اڳ جو ادي ڪجهه چوي، مون چيو- "اوهين مون کي بخش ڪريو يا نه ڪريو، پر اوهين ايئن در تي بيهي رهنديون ته ڪا ٻانهي ڏسي الائي ڇا سمجهندي، ۽ مون کي الائجي گهٽا ڏوهه گناهه الله کان بخش ڪرائڻا پوندا. رب جي واسطي، اندر اچو!"

هوءَ الائي ڇا سوچيندي اندر آئي، ۽ منهنجي دل کي سورانگهي ويئي. مون ڇڻ ته پنهنجي چوڌاري سونهن ۽ سندرتا، حيا ۽ لڄ، معصوميت ۽ اٻوجهائيءَ جا پاڇولا پوندا ڏٺا. مون اديءَ جي وجود کي وساريندي چيو: "اوهان وهانءَ کان قسم ڪنيو آهي. مون اوهان کي ڏسڻ کان پوءِ ساڳيو سنهن ڪنيو آهي. نه اوهان جو روح ان ۾ خوش آهي، نه منهنجو. مون کي ڏسي اوهان هن در جي چائنٽ کان ٿاٻو کاڌو- مون اوهان کي ڏسي ڇڻ ته دوزخ جي چائنٽ تان ٿاٻو کاڌو آهي. آءٌ پاڻ بخشائڻ بدران، پاڻ وڌيڪ گنهگار ٿيڻ گهران ٿو. آءٌ انهيءَ گهڙيءَ لاءِ ئي ترسيو آهيان. شل ڏٺي منهنجا گناهه بخش نه ڪري! اوهين سڄي حياتي هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ دنيا جي دوزخ ۾ پيون سڙنديون، ۽ آءٌ اڃوڪي ڏينهن کان پوءِ سڄي پڄي دوزخ ۾ وڃي پوندس. پوءِ زهر کائي اتي پهچان يا ڪنهن کوهه ۾ ٻڏي مران. مون ۾ ايترو گهمنڊ ۽ ڪميڻپ به آهي ته آءٌ لئيون کهاڙيون ۽ بندوقون ڪٽي، اوهان کي ڪٽائي وڃان. پر رڳو پنهنجي لاءِ آءٌ ايترا خون ڪرائڻ کان، پاڻ مرڻ ۽ دوزخ ڀوڳڻ وڌيڪ سهنجو ۽ سَولو سمجهان ٿو. پر جيڪڏهن اوهان مون کي بخش ڪرڻ لاءِ تيار آهيو ته اڄ رات آڌيءَ کان پوءِ، حويليءَ جي در اڳيان آءٌ گهوڙو جهلي بيهندس. در تي اڄ اوهان کي دَروان به ڪونه ملندو. هن حويليءَ جي سَڄي حياتيءَ کان، ٻاهر جي ڪليل تازي هوا ۽ حياتيءَ کي جي چڱو سمجهو ته آءٌ فجر جي ٻانگ تائين اوهان جي اوسيئڙي ۾ بيٺو هوندس!" آءٌ اديءَ وٽان اتي ٻنهي کي حيرت، اچرج، ڊپ ۽ تنهائيءَ ۾ بيٺل ڇڏي، تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيس. منهنجو ذهن بلڪل خالي هو. شايد منهنجي ذهن ۾ جيڪي ڪجهه هو، سو آءٌ بت اڳيان اوڳاري آيو هوس. عبادت طور يا دڙڪي طور!"

هاڻ مامي جي اکين ۾ آس جي پوري ٿيڻ جي امڪانن- نہ ۽ ها- جا رنگ ڀرجي آيا. انهن کي لڪائڻ بنان هن چيو:

"آءٌ پاڻ کي هلڪو هلڪو محسوس ڪرڻ لڳو هوس، ڄڻ تہ مون ۾ جيڪا بہ وزني وَٽ هئي، سان آءٌ نڌراني طور يا امانت طور هن جي گلابي قدمن ۾ ڇڏي آيو هوس. پر جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ويو، جيئن جيئن دنيا جا آثار جهڪا ٿيندا، جهيٽا ٿيندا، شام ۽ پوءِ رات جي پوري پوري ڪاراڻ ۽ سانت ۾ تبديل ٿيندا ويا، تيئن تيئن منهنجي ذهن ۾ ڊپ ۽ اڻ ٿيٽي پناهہ وٺڻ لڳي. ناولن ۾ اهڙا ڪردار ڪيترائي پڙهيا هئم، جنهن ۾ شهزادا، دشمن ملڪ جي شهزادين کي ڀڄائي وڃڻ لاءِ سندن ڪوٺن جي ٻاهران جوڪم ۽ اوسيڙي جو مجسمو بنجي بيٺل تصور ڪيا هئم: پر اهي محض مَنَ گهڙت ڳالهيون ئي تہ هيون! پاڻ کي ان ڪردار جي حيثيت ۾ تصور ڪرڻ ڪان ئي آءٌ گهبرائجي ويس. نہ آءٌ شهزادو هوس، ۽ نہ هوءَ دشمن ملڪ جي شهزادي، ۽ لشڪر آڻي حملو ڪري، شبخون هڻي، ڀڄائي وڃڻ تہ ڪجهہ آسان آسان ۽ دلچسپ مشغلو بہ ٿي ٿي سگهيو! پر هتي تہ آءٌ هڪ عام انسان هوس، جنهن صرف لفظن جي بم سان، هڪ معصوم عورت کي، اهڙي ڪوٽ مان ڪيڻ ٿي گهريو، جنهن دروازي تي هڪ اڻ ڏٺو لشڪر هو- روايت، رسم، قدامت، قنوطيت ۽ رهبانيت جي مذهب جو لشڪر! ڳالهہ ڪلي پوڻ تي، ٻن معصوم عورتن کي پنهنجي رت سان منهنجو بچاءُ ڪرڻو پوندو. هن کي ۽ اديءَ کي شايد ساڳيءَ ڪهاڙيءَ سان ڳترا ڪيو ويندو. ڪاريءَ جي سزا تہ هونئن ئي موت هئي: ۽ آءٌ اهڙو ڪارو هوس جو ڪائنر بہ هو تہ ڪُوَڙو ۽ ڪوڙو بہ! آءٌ هن جوڪم ۾ جيڪڏهن ناڪام ٿيان تہ آءٌ زهر ڪونہ ڪان ها! جيتوڻيڪ ان وقت مون کي ان ڳالهہ جي پَڪَ نہ هئي! پر هوءَ ايندي يا نہ؟ اهو ايڏو وڏو سوال هو، جنهن جو جواب 'ها' جيترو ننڍو سادو ۽ سولو ٿي نہ ٿي سگهيو. ان جو جواب تہ 'نہ' جهڙو ڪارو، ڏوڏيندڙ ۽ ڪٺن ئي ٿي ٿي سگهيو!

پر چند ساعتن ڪان پوءِ، حالتون ڪجهہ اهڙيون تڪڙيون ايتريون تيزيءَ سان بدليون، جو مون کي انهن جي تفصيل تي ڪڏهن بہ غور ڪرڻ سان ڪاميابي نہ ٿي آهي. درواز کي منهنجي نوڪر پَنگَ ۾ اهڙو ڏاتورو ۽ ڏوڏي وجهي ڏني، جو اهو آڏيءَ جو در تي بندوق سان موجود تہ هو ۽ سڄي دنيا ڪيس ڏسي سگهي ٿي، پر دنيا کي هن نہ ٿي ڏٺو ۽ پوءِ اجرڪ ۾ ويڙهيل هڪ پاڇولو حويليءَ جي درَ مان نمودار ٿيو. جڏهن آءٌ حالتن جي ان تيز رفتاريءَ مان جاڳيس، تڏهن آءٌ بمبئي ويندڙ جهاز جي ڪئبن ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي آس نراس جي ان ديويءَ کي حيرت مان ڏسي رهيو هوس تہ اڻ ٿيٽي ممڪن ڪيئن ٿي سگهي!"

ماما هڪ ڊگهو ساهه کڻي چپ ٿي ويو. اُن خاموشيءَ جي باوجود، مون سمجهيو ته طلسم اڃا قائم هو. جادوءَ جو منتر فقط پنهنجي اثر پذيريءَ جي طلسم جي انتظار ۾ هو. هي ته سچ جي طلسم، حقيقت جي دنيا جي جادوءَ جي طلسم جو ڳانڍاپو هو. مامي جي زندگيءَ جو اهو پهلو، جيڪڏهن مون تي آشڪار نه ٿئي ها، تڏهن به هو مهان هو، پر هن جادوءَ جي ٽٽڻ لاءِ به آءٌ تيار نه هوس، ۽ مون پهريون ڀيرو وچ ۾ چئي ڏنو: "ماما، پوءِ... ...؟"

"۽ هڪ ڏينهن جو ماضي ڇڻ ته ٻن صدين جو ماضي بنجي ويو هو! ايترو ٿورو وقت ايترو ڊگهو عرصو ٿي سگهي ٿو، ان جي ڄاڻ مون کي ان وقت ئي پئي. مون کي صرف ايترو ياد آيو ته آءٌ تنهنجي پيءُ کان ان وقت ئي موڪلائي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو هوس. مون کيس ايترو به ٻڌايو هو ته آءٌ ان ڏينهن ئي بمبئي وڃڻو هوس، جو مون کي نهايت ضروري نياپو آيو هو، ۽ مون ايترو به کيس چيو هو ته بمبئي وڃي زمين بابت آءٌ کي ڳالهيون کيس لکي موڪلي ڏيندس. منهنجي ڪوڙ ۽ سچ ۾ فقط هڪ ڏينهن جو فاصلو هو. بجاءِ ان ئي ڏينهن جي، آءٌ ٻئي ڏينهن بمبئيءَ جي جهاز ۾ سوار ٿيو هوس، پر اڪيلو نه!

"اسان جي واپس سنڌ پهچڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. بظاهر ان واقعي ۾ ڪنهن کي مون ۾ شڪ آڻڻ جو حق نه هو. پر شايد آهستي آهستي اندر ئي اندر سيني کي پڪ ٿي ته آءٌ ئي ان ڪفر ۽ دهريت جو ذميدار هوس. ان شڪ کي جهڪو ڪرڻ لاءِ مون بمبئي پهچڻ شرط رئيس کي خط به لکيو، جنهن جو مون ساٿس وعدو ڪيو هو، ۽ ان ۾ مون زمين متعلق سموريون ڳالهيون لکي موڪليون هيون. خط جي انداز ۽ تاريخ مان به هنن کي پڪ ٿي ته آءٌ واقعي ان ئي ڏينهن بمبئي هليو ويو هوس، ۽ ان ڪري ظاهر هو ته آءٌ ان رات حويليءَ واري ڪفر ۽ دهريت وقت سنڌ ۾ موجود ڪونه هوس. ان شڪ دور ٿيڻ جي باوجود، وري اهو گمان به پختو ٿيڻ لڳو ته آءٌ ڪٿي سنڌ ۾ نه هوس، پر منهنجي اوچتو بمبئي اُسهڻ مان اهوئي مطلب ڪڍيو ويو ته ان ۾ منهنجو هٿ هو، ۽ منهنجي ئي ماڻهن اهو ڪم ڪيو ٿي پانيو! ڪجهه وقت ته حويليءَ جي واقعي کي لڪائڻ ۽ ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر آهستي آهستي ماڻهن تائين خبر پهچڻ لڳي، ۽ ماڻهو منهنجي نالي تي لاحول پڙهڻ لڳا!"

ماما هاڻ اهڙو ٿڌو، اونهو ساهه کنيو، جنهن ۾ ڪنهن پشيماني بدران، محض، يادگيري جو احساس هو- اهڙي يادگيري جنهن ۾ ڪابه پشيماني، ڪابه ندامت نه هئي!

"بابي مرحوم سان به راڄ مان ڪنهن ڳالهه چوري، پر بابي چيو ته سندس پٽ اهڙو ڪم ڪري ئي نٿو سگهي. تنهن کان سواءِ هو پنهنجي ڀيڻ جي گهران، ۽

وري هڪ حق بخشايل ٻيبيءَ لاءِ اهڙو ڪڏو ڪم ڪيئن ٿي ڪري سگهيو. هو ته پوريءَ ڄمار ۾ فقط پهرئين ڀيري، هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجي ڀيڻ کي ساهري گهر ڏسڻ ويو هو. هن ته وهانءُ ۾ ئي حصو نه ورتو! هن ته نياڻيءَ کي ڪڏهن ڏٺو به نه هوندو! اهي دليل ته نهايت مضبوط هئا، پر تنهنجي ٻيءَ جي راڄ کي قائل ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هئا.

"پوءِ ڏيڍ سال کان پوءِ مون خط لکيو: بابي کي، ۽ رئيس کي. پنهنجي ٻيءُ کي لکيم ته مون بمبئي جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل خاندان مان شادي ڪئي هئي ۽ منهنجي زال جو نالو زهره هو! مون کي اها خبر نه آهي ته ان خبر جو اثر ڪهڙو ٿيو! پر ڀانيان ٿو ته جڏهن مون لکيو ته ڇوڪري پڙهيل لکيل هئي، ۽ پردو ڪانه ڪندي هئي، تڏهن مون تي دهريي جو لقب هميشه لاءِ پختو ٿي ويو هوندو! پڙهيل عورت جو خيال به هنن لاءِ ڪنهن وبا کان گهٽ نه هو!

"۽ پوءِ آءٌ ۽ اها وبا يورپ هليا وياسين. جڏهن اسين پنج سال سنڌ کان ٻاهر رهي واپس موٽياسون، تڏهن ٻيبي زينو منهنجي زهره بڻجي آئي! اڄ منهنجي زهره زندگيءَ جو اهو حصو آهي، جو جيڪڏهن ڇڄي پوي ته آءٌ پرزا پرزا ٿي ويندس! زهره وري حويليءَ جو در نه ڏٺو آهي. شايد ان ڏينهن جي ڏکي، هن کي ان چائنٽ تان ٽيڙي، منهنجي زندگيءَ جي چائنٽ اندر اهڙو ته زور سان اڇلايو، جو هاڻ رڳو حويليءَ جو نالو ٻڌندي به هن کي ٻُڇان اچڻ لڳندي آهي: اهڙي ٻڇان، جا ڪنهن ڪِني مرض ۽ بيماريءَ کان هوندي آهي. ان جي باوجود انهن مريضن سان هن جو پيار ۽ همدردي سندس دل ۾ آهي. اسان جي موٽڻ کان اڳ بابو گذاري ويو، ۽ آءٌ هڪ بهترين دوست ۽ ٻيءُ کي وڃائي چڪو آهيان. منهنجي لاءِ ڳوٺ ۾ ڪابه اهڙي هستي نه رهي، جنهن جي لاءِ آءٌ ڳوٺ وڃان. فقط اوهان جي ڳوٺ ۾ ادي آهي، جنهن کي ڏسڻ شايد قسمت ۾ لکيل ڪونهي! تنهنجو راڄ ايا تائين مون کي دهريي جي نالي سان ياد ڪندو رهي ٿو، ۽ شايد هو مون کي اڄ به خون ڪرڻ کان نه رهندا، جي آءٌ ان ڳوٺ ۾ پير رکان. مون کي ته اهڙو انديشو نه به هجي، پر زهره مون کي وڃڻ نه ٿي ڏي. ان دوران اديءَ سان جيڪي وهيو واپريو هوندو- طعنا، مهڻا، شايد مارون به مليون هجنس، پر آءٌ ڪائنر، گيدي، هن شهر جي قيدخاني اندر، هڪ دهريي جي حياتي گذاريندو ٿو اچان!- ۽ زهره، تنهنجي مامي ۽ ڀڻي، ان دهريت ۾ منهنجو ساٿ ڏيندي اچي! پر هوءَ مون کان گهڻو اڳتي آهي. آءٌ هڪ خاموش دهريو آهيان، ۽ هيءَ هڪ ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ دهري: شهر ۾ زالن کي چڱا چڱا ڪتاب پڙهائي ڪين دهريو بنائڻ جو ٺيڪو ڪنيو اٿس!"

مامو خاموش ٿي ويو... پر مون سمجهيو ته هو ايا ڳالهائي رهيو هو. هن

جا لفظ ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار نه هئا. اتي لفظن ۽ خيالن جا ڪڪر بڻجي ڪمري جي ڇت ۾ لٽڪي پيا هئا. انهن ڪڪرن جي وچان ڇت ۾ ٽنگيل فانوس جي روشني ڇڻ ته احساس جي انڌلڻ بڻجي ويئي. منهنجي ذهن ۾ انڌلڻ جا اُهي ست ئي رنگ هڪ هڪ ٿي، زندگيءَ جي لڙڪ، مرڪ جا رنگ بڻجي، منهنجي ذهن ۾ رکي رکي ڪنوندا رهيا.

5

مئٽرڪ ۾ جڏهن مون فرسٽ ڊويزن ڪنئي، تڏهن ماما هڪ شاندار دعوت ڏني. هونئن ته ماما جا ڪيترا دوست ڪڏهن ڪڏهن رات جي مانيءَ تي ايندا هئا، پر ان رات ڪي نوان دوست به پنهنجن زالن سان آيا. منهنجي لاءِ هڪ نئون بلو رنگ جو سوٽ سبايو ويو، جنهن تي ڳاڙهي ناسي (Maroon) رنگ جي ٽاءِ، مون کي ته ٺاهوڪي ٿي لڳي. مون واردِ روب جي وڏي آئيني ۾ پاڻ کي ڏٺو ته آءٌ دنگ رهجي ويس: ڇا آءٌ سچ ڀڻ اهڙو ٺاهوڪو هوس؟

مون پنهنجي وارن تي هڪ نئين پيار سان هٿڙا گهمايا. منهنجي مٿئين چپ جي مٿان هلڪي مڇن جي ساوڪ به مون پهرئين ڀيري محسوس ڪئي. اهو عڪس اهو پاڇو مون کي ايترو ته وٺيو هو، جو شايد اڄ به جڏهن آءٌ آئينو ڏسندو آهيان، مون کي اهوئي عڪس نظر ايندو آهي. شايد منهنجي پاڻ وٺڻ- نرگسيت (Narcissism) جي اها تڪميل هئي! ۽ جڏهن آءٌ هڪ آخري ڀيرو آئيني ۾ پنهنجو معائنو ڪري، مهمانن ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿيس، تڏهن شايد پهريون ڀيرو آءٌ لڄ کان شرمائڻ لڳس. ڊرائنگ روم جي دروازي تي، هڪڙو هٿ پردي ۾ وجهي، منجهي بيهي رهيس. ماما مهمانن سان ڳالهين ۾ مشغول هو. مامي شايد منهنجي حالت تاڙي ويئي. هوءَ زالن جي هڪ ٽولي مان اٿي، مون ڏانهن وڌي. منهنجا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺي، مون کي ڇڻ ته گهليندي، زالن جي هڪ گروهه ۾ وٺي آئي، ۽ منهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين: "هي آهي اسان جو انور!"

"اڙي تون ته ڪنهن ڪنوار وانگر پيو شرمائين!" ڪنهن چيو.

زالن کان پوءِ منهنجي مردن سان به ڄاڻ سڃاڻ ڪرائي ويئي. سڀ نهايت شفقت سان مليا، ۽ همت افزائي ۽ شاباس جا ٻول چوڏاري ٻرڻ لڳا، ۽ پيوءِ وري مهمان پنهنجي ڳالهين ۾ لڳي ويا!

آءٌ مامي جي ڀري ۾ ويهي رهيس. ماما سان گڏ هڪ وچولي عمر جو ماڻهو ويٺو هو، جنهن جي اکين ۾ قهر جي ذهانت هئي. هن جو سڄو منهن ڇڻ ته هن جي اکين ڏَڪي ڇڏيو هو، ۽ ان منهن ۾ نهارڻ سان فقط اهي اکيون ئي نظر ٿي آيون. ذهانت ۽ هڪ شرارت، جا طنز ڏانهن مائل هئي. مون کي ياد آيو ته فقط اهوئي ماڻهو هو، جنهن مون کي مبارڪ نه ڏني، ۽ نه هن کا دعا ڏني.

جڏهن مامو، ڪنهن ڳالهه تان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي رهيو هو، تڏهن هن مون ڏانهن توجه ڏنو: "پٽ، اڳتي ڇا پڙهڻ جو ارادو اٿئي؟"

اهو سوال مون کان ايڏا ڪنهن به نه پڇيو هو. خود ماما به اهو سوال نه ڪيو هو، ۽ هن جي ان سوال ۾ شفقت ۽ پنهنجائپ هئي.

آءٌ منجهي پيس. مون سادگيءَ مان جواب ڏنو- "ڪاليج!"

منهنجو اهو جواب ٻڌي هن ٽهڪ ڏنو. "واهه واهه، ڪاليج کي پڙهندين. واقعي اسان جا ڪاليج آهن پڙهڻ جي شيءِ!"

هن جي شرارت تي مون کي به ڪل اچي ويئي. اسان جي ڪل تي مامو به متوجه ٿيو.

"ڇا تان پيا ڪلو؟"

"تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟" ۽ هن مون کي شرارت مان اک ڀڳي. مون کي هيڪاري ڪل اچي ويئي.

ماما ڪلندي چيو. "مون کي پڪ هئي ته اوهان جو هيستائين نه ڳالهايو هو، سو ضرور ڪا سازش هوندي!"

اوچتو اهي شرير اکيون سنجيده ٿي ويون، ۽ هن ماما کان پڇيو: "هن جي اڳتي پڙهڻ لاءِ ڇا سوچيو اٿوَ؟"

"منهنجي خيال ۾ انجنيئرنگ ڪٽايونس!" ماما چيو.

"نه نه، 'ميڊيسن' ڪٽائبس!" پريان مامي آواز ڏنو.

مون کي اچرج ۽ بي انتها خوشي ٿي. مامي بظاهر مهمانن سان ڳالهيون ڪري رهي هئي، پر سندس ڪَنَ اسان ڏانهن هو: ڪيڏو نه اونو هو هن کي منهنجيءَ زندگيءَ جو!

"ڪيڏا نه خود غرض آهيو اوهين ٻئي! زهره ۽ توکي ته پنهنجي پنهنجي پسند آهي، پر هن جوانڙي جي به ڪا راءِ آهي يا نه؟" هن مون ڏانهن شفقت مان نهاريو.

وري به هو پهريون شخص هو، جنهن مون کي ڇوڪري (Boy) جي بدران جوانڙو (Youngman) سڏيو هو!

ان لفظ ٻڌڻ سان منهنجي ڇاتي وڏي ويڪري ٿي ويئي، ۽ منهنجو هٿ لاشعوري طرح پنهنجي مٿئين چپ تي مڇن جي ساوڪ کي محسوس ڪرڻ لڳو!

مون ڇڙ ته ڏڇندي ڏڇندي چيو. "آءٌ "هيومئنٽيز" (Humanties) پڙهڻ ٿو گهران- خاص ڪري تاريخ پڙهڻ ٿو گهران!"

ماما جي نظرن ۾ الائجي ڪهڙو احساس ڀرجي آيو. مون سمجهيو ته مون هن کي ڏکوئي وڏو هو. اهو پهريون ڀيرو ته هو، جڏهن مون هن کان مختلف راءِ

ڏني هئي، ۽ مون پاڻ کي چوندي ٻڌو: "پر ماما، اوهان جيئن چوندؤ، سو پڙهندس!"

انهن محبوبڙين اکين ۾ محبت ۽ شفقت موٽي آئي.

"چريا پاڳل! جيڪڏهن توکي هيومئنٽيز ۽ تاريخ وٺي ٿي ته تون تاريخ ئي پڙهندين. پڙهڻو توکي آهي يا مون کي؟"

ڪيڏو نه عظيم شخص هو هي، ۽ مون بي تحاشا سندس هٿ کي پنهنجي هٿ سان زور ڏنو ۽ ان محبت جي گهٽائيءَ کان مون محسوس ڪيو ته منهنجي اکين ۾ ذري گهٽ ڳوڙها پرجي آيا! مون وري به پڪ ڪرڻ لاءِ ماميءَ ڏانهن ڏٺو، پر هن به مون کي موٽ ۾ اهڙي مُرڪ ڏني. جنهن ۾ محبت به هئي ۽ همت افزائي به!

ڪجهه گهڙيون سوچيندي ماما چيو: "ڀانيان ٿو ته اهو هن جي پير ۾ وهڻ جو اثر آهي، پٽ، هي اسان جي ملڪ جي عظيم تاريخدانن ۽ تاريخ جي استادن جو موڙ، پروفيسر رشيد آهي. جيڪڏهن تاريخ پڙهڻي اٿئي ته هن کان بهتر استاد ٻيو ڪونه ملندءِ!"

منهنجي دل هڪ نامعلوم خوشيءَ کان ڦوندجڻ لڳي. پروفيسر رشيد مون کي مخاطب ٿيندي چيو: "پٽ، هي رڳو مامهين جا گشا اٿئي! پر سچي، مون کي تو ۾ اها اميد هئي ته تون نه رڳو ٻين جي پسند تي نه هلندين، پر تاريخ کي ئي پسند ڪندين. شايد منهنجي اها اميد تنهنجي ذهن ۾ لاسلڪي ذريعي وڃي پهتي. You know, something like telepathy. تون اسان جي ڪاليج ۾ داخلا ضرور وٺ!"

پروفيسر رشيد ۽ منهنجو لاڳاپو نه رڳو استاد ۽ شاگرد جو رهيو، پر هو ورهين جا ورهيه منهنجو بهترين دوست رهيو. ماما سان هن جا نهايت گهاٽا لاڳاپا هئا ۽ هو اڪثر اسان جي گهر ايندو هو ۽ ماما جي ڪتب خاني جا چڪر هڻندو، ڪتاب ڳوليندو رهندو هو، ڪجهه منهنجي پڙهڻ لاءِ، ڪجهه پنهنجي پڙهڻ لاءِ.

ماما جا نوان ڪتاب پارسل ٿي، ٻاهرين ملڪن مان ايندا هئا ته مامو، مامي ۽ پروفيسر رشيد، ٻارن وانگر ٽپاليءَ جي انتظار ۾ ڪمري ۾ اچ وچ ڪندا رهندا هئا. ٽپاليءَ کان پارسل وٺڻ تي بلڪل ٻارن وانگر وڙهڻ لڳندا هئا. هنن جي منهن تي هڪ عجيب چمڪ اچي ويندي هئي، ۽ هڪٻئي کان ڪتاب کسڻ وقت، بلڪل ننڍڙن ٻارن وانگر، سندن اکين ۾ ريس ۽ حسد جي باهه ٻرڻ لڳندي هئي. مون کي ياد آهي ته وويڪلنند جا آمريڪا ۾ ڏنل ليڪچر اتان ڇپجي آيا ته پروفيسر رشيد ۽ ماما ڪيترو وقت حيرت مان ڪتاب کي ڏسندا ئي رهيا، ۽ سندن نظرن ۾ اها ريس هئي ته پهرين ڪير پڙهي. مامي ان وقت هڪ ڪتاب 'ماءِ لائيف' (My

(life مشهور رقاصہ ازابيلا ڊنڪن جي آتم ڪهاڻي جا ورق ورائي رهي هئي، ۽ ٽيڏي اک سان هنن ڏانهن به ڏسي رهي هئي ته متان ڪو جهٽ هٿي ڦري نه وڃي!

جيڪڏهن ماما منهنجي زندگيءَ کي ترتيب ڏني ته پروفيسر رشيد منهنجي ذهني تشڪيل جو ڪم پاڻ تي کنيو هو. تاريخ منهنجي لاءِ اهو اجهاڳ سمنڊ هو، جنهن جي لهرن کان ڊپ به ٿيندو هو، ته ان کي جهاڳڻ جي تڙپ به وڌندي رهندي هئي. ملڪن ۽ قومن جون تقديرون ڇڻ ته منهنجي پنهنجي تقدير بنجي ويون، ۽ سڀ کان وڌيڪ هندستان ۽ سنڌ جي تقدير جي تاريخ ڇڻ ته منهنجي روزمره جي زندگيءَ جو هڪ حصو بنجي ويئي. جڏهن مون نهروءَ جي آتم ڪهاڻي پڙهي، تڏهن ان ڪتاب منهنجي ذهن تي جيڪو اثر ڪيو، اوترو شايد ئي ٻئي ڪنهن ڪتاب ڪيو هوندو. هندستان جي هيءَ شخصيت ڇڻ ته منهنجي لاءِ هڪ خواب جو تعبير هئي. سنڌ جي آزاديءَ لاءِ، ڪنهن نهروءَ جي ضرورت هئي- اهو احساس ڪنهن نشي وانگر مون تي طاري ٿيندو ويو. پر سنڌ ۾ اهڙو نهرو ڪڏهن پيدا ٿيندو، اهو سوال هڪ ڏک بڻجي منهنجي اکين کي پوسرائڻ لڳو. اسان جي پيڙهيءَ ۾ ته نهروءَ جو پيدا ٿيڻ، وڏڻ ويجهڻ ڇڻ ته هڪ اڻ ٿيٽي ڳالهه ٿي نظر آئي. اها پيڙهي وري ڏهرائجي نه سگهندي. اڄ آءٌ سوچيان ٿو ته شايد اها پيڙهي ئي اهڙي هئي، جنهن ۾ بورزوا سماج جا فرد به پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي اڳيان پويان موجود زندگيءَ جي افلاس، بک، ڏک جي شڪار ٿيل ماڻهن جي لاءِ پنهنجون جانيون وقف ڪندا ٿي ويا! سنڌ کي ته اجا بورزوا سماجي سطح تي پهچڻ لاءِ به صديون گهرجن، نهروءَ جو پيدا ٿيڻ ته پري جي ڳالهه آهي!

هڪ ڏينهن آءٌ شام جو پروفيسر رشيد جي گهر ويس ته مون کي اندر ڪيترن ئي ماڻهن جو ساڳئي وقت ڳالهائڻ جو آواز ڪن تي پيو. آءٌ ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿيس، ته گهڙيءَ لاءِ ماڻ ٿي ويئي. ڪمري ۾ اهڙي خاموشي ڇائنجي ويئي، ڇڻ ته هنن جي نظر ڪنهن ڀوت پريت تي پئجي ويئي هئي. اها خاموشي ڊپ، اون، ڳڻتي ۽ شايد ڪاوڙ جي بار کان ڳري ڳري ٿي معلوم ٿي. يا هنن تي اڳئي ڪا اهڙي ماڻ ڇانيل هئي، جا منهنجي اچڻ تي ٽٽي پئي هئي، ۽ هنن جي ذهنن ۾ طوفان مچي ويو هو؛ خاموش پر خطرناڪ طوفان.

پروفيسر رشيد اٿيو، مون ڏانهن وڌي آيو. مون کي هٿ ڏيئي پاڻ سان وٺي آئي، صوفي تي ويهاريائين؛ ۽ پوءِ سيني ڏانهن مخاطب ٿيندي منهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي چيائين. "هي آهي مسٽر انور. منهنجي شاگردن مان سڀ کان سٺو شاگرد. تاريخ جو سٺو مطالعو اٿس. ان ڪري اسان کي هن کان ڊڄڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي!"

اهو آخري جملو هن ڪجهه ايتري سنجيدگيءَ سان چيو جو مون کي ڪجهه

عجيب شرمندگي محسوس ٿيڻ لڳي ته آءٌ هنن جي ڪنهن ذاتي محفل ۾ شريڪ ٿيو آهيان، جتي مون کي اچڻ جو ڪو حق نه هو. اهو خيال ايندي ئي آءٌ اٿڻ لاءِ تيار ٿيس، ته پروفيسر، منهنجي هٿ تي هلڪو زور ڏيئي، ويهاري ڇڏيو.

"انور، هي منهنجا ساٿي آهن. هي سڀ وطن پرست ۽ ديش ڀڳت آهن. هنن پنهنجي زندگي وطن جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي. هنن مان گهڻا سڀ چڱن گهرن جا جوان آهن، پر پنهنجي رهائش لاءِ هنن طول وهاٽن جي بدران، جيل خانن جي پٿرائين زمين کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته اها پٿرائين زمين سڄي جي سڄي هن وطن جي مٽيءَ مان ٺهي آهي!"

پروفيسر جي اکين ۽ آواز ۾ شرارت موٽي آئي. "هي سڀ "آئيڊيلزم" (Idealism) جا مريض آهن، ۽ رئشنلزم (Rationalism) هنن جي روزاني غذا ٿي ويئي آهي. هي هر انهيءَ شيءِ جا دشمن آهن، جيڪا انسان کي ذهني يا جسماني غلاميءَ ۾ جڪڙڻ جي ذميدار آهي، ۽ هر انهيءَ شيءِ جا دوست آهن، جيڪا انسان کي ذهني ۽ جسماني طرح آزاديءَ جو آدرش ڏئي! في الحال هنن جو مقصد ڌارين کي سنڌ مان تڙي ڪڍڻ آهي!"

پروفيسر جو انداز هميشه دلڪش هوندو هو. ۽ آءٌ گهڙيءَ لاءِ اهو محسوس ڪرڻ لڳس ڇڻ ته آءٌ ڪلاس روم ۾ سندس ليڪچر ٻڌي رهيو هوس.

"- ۽ اڄ هي سڀ هتي گڏ ٿيا آهن ته رڳو نعرا هڻڻ، ستياگرهون ڪرڻ، نوڪريون ڇڏڻ، خانبهادريون ۽ راءِ بهادريون ترڪ ڪرڻ مان ڪجهه نه ورندو.- نه ڪي سنڌ جي مجاهد جوڻيجي وانگر ملڪ ڇڏي وڃڻ سان ڪو انگريز ملڪ مان هليو ويندو. هي موقعو اهڙو آهي، جڏهن انگريز پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾، هندوستان جي ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ، هر رعايت ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ان جي عيوض هو فقط نندي ڪنڊ جي جوانن کي وچ مشرق، يورپ ۽ دنيا جي ٻين حصن ۾ نازي فوجن سان وڙهڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۽ ڀرتي ڪرڻ گهري ٿو. هٽلر هنن کي اهڙو سوڙهو گهٽيو آهي، جو هاڻ ته هو "هوم رول" (Home Rule) ته ڇڏيو، مڪمل آزاديءَ جو وعدو ڪندي به ڪونه گهبرائيندا! پر سوال اهو آهي ته اهو وعدو انگريز پاڙيندو به يا نه؟ ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته سنڌ جي آزاديءَ جو ڇا ٿيندو. هندستان آزاد ٿيڻ سان سنڌ آزاد ٿيندي؟ يا انگريز جي غلاميءَ منجهان ڇوٽڪاري جي باوجود سنڌ اهائي غلام رهندي؟ هن وقت جيڪي ڌريون آزاديءَ جي ويڙهه ۾ مصروف آهن، سي اسان جي ڳالهه ٻڌي چون پيون ته انگريز کي تڙي ڪڍون ته پوءِ پاڻ ۾ ويهي ڪو فيصلو ڪري وٺنداسون! پر اسان کي يقين نٿو اچي. هن وقت جيڪي سياسي تحريڪون آهن، تن ۾ گاندي جي، نهرو ۽ مولانا ابوالڪلام هندستان جي آزاديءَ جي ڳالهه

ڪندي، سنڌ جي ڳالهه رڳو ان حد تائين ٻڌڻ لاءِ تيار آهن تہ اوهين بلاشڪ پنهنجي ويڙهاند وڙهو ۽ انگريز کي ٽوٽا چپايو، پر هندستان جي مجموعي پس منظر ۾! ٻئي پاسي جناح صاحب، سيٺ عبدالله هارون ۽ جي. ايم. سيد وارا آهن، سي وري هندستان کي ٻہ ٽڪر ڪري مسلمانن لاءِ ڪو نئون ملڪ ٺاهڻ جي فڪر ۾ آهن، جو هو سمجهن ٿا تہ ڪانگريس ۽ مهاسڀائين ۾ ملي ڀڳت آهي، ۽ اهي مسلمانن کي هميشه لاءِ غلام بڻائي، اکنڊ ڀارت جي نالي ۾، اڳتي هلي سمورن مسلمانن کي شڏي ڪندي دير ڪونہ ڪندا. هو اسان کي ٿا چون تہ في الحال اسان جو ساٿ ڏيو، پوءِ انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي باري ۾ سوچينداسون! اسان جا يار وري اهو ٿا سوچين تہ جيڪڏهن پنهنجو ٻوٽو نہ ٻاريوسون تہ پوءِ انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ڪانگريس وارا گورکا فوج موڪلي سنڌ کي غلام بنائڻ لاءِ ٻيهر ڪونہ سوچيندا! ٻئي طرف جي مسلم ليگين کي ڪاميابي ٿي تہ اهي بہ پنجابي فوج موڪلي، اسان جو جڙ ٻچو رُلائي ڇڏيندا! سو سياست جي انهيءَ ٽڪنڊي منجهان نڪرڻ اڄ سنڌ جو وڏو ۾ وڏو مسئلو آهي. اسان وٽ پنهنجي فوج ڪانهي. اسان جا ماڻهو، مسڪين مارو ماڻهو، وڏيرن ۽ پيرن جي ڏٺن تي لڳي، اسان کي ڏهريا، ملحد، ڪافر ۽ الائجي ڇا ڇا چوندا وتن! اهو آهي سڄو مامرو، جنهن تي سوچڻ لاءِ، ۽ ڪو آخري فيصلو ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهن. تون بہ جوان آهين، پڙهيل آهين، مون تون ۾ وڏي قابليت ڏٺي آهي- خاص تاريخ جي حوالي سان، سو جيڪڏهن سنگت ۾ شامل ٿين تہ يا بسم الله! پر پهرين مامهين کان اجازت وٺي پوندي!"

پروفيسر جي ان تقرير منهنجا ماشا ئي ڦيرائي ڇڏيا. جيڪي واچوڙا منهنجي ذهن ۾ اخبارون، رسالا پڙهي، جلسن جلوسن ۾ تقريرون ٻڌي، اٿندا هئا تن کي پروفيسر ڄڻ تہ لفظن جي صورت ڏيئي ڇڏي، پر عملي طرح؟ اجا بلڪل ٻڙي هوس!

"جي... جي... آءٌ تہ..." آءٌ بنهہ گهبرائجي ويس. عملي طرح، سياسي عمل ۾ منهنجو فقط ايترو حصو هو تہ آءٌ خواب ئي خواب ۾ چارلس نيپئر کي خون ڪرڻ جا انسٺا ٺاهيندو هوس، ڪڏهن ماما جي دونالي ۽ سان، ڪڏهن نيرن تي مکڻ لڳائڻ واري مڏي ڇريءَ سان! سياست منهنجي لاءِ محض هڪ دلشڪنيءَ جو تماشو هو، جنهن ۾ آزاديءَ جو آدرش رکندڙ پروانا، آدرش جي شمع تي سڙڻ لاءِ آتا هئا، ۽ غلام بڻائيندڙ انگريز، انهن پروانن جا پَرَ ڪَتري، سندن آدرش جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ لاءِ تيار هو. ان وقت تائين، سياست ۾ عملي حصي وٺڻ لاءِ شايد مون ڪڏهن بہ پاڻ کي تيار نہ ڪيو هو. ان وقت تائين صرف ذهني طرح، سياست جي آدرش پرستيءَ جا خيالي پلاءَ پچائڻ تي ئي گذارو رهيو هوم، ۽

منهنجي ان پريشانيءَ منهنجي ذهن جي ڪنڊ ۾ لڪل ڪنهن جذبي کي جاڳائي وڌو. شايد ذهني آدرش پرستيءَ جي پس پردي، رڳو عياشي نہ هئي. ان ۾ عمل جي خواهش تہ موجود هئي، پر ماما... ماما منهنجي عملي زندگيءَ ۾ دخل انداز ٿيڻ جو حق رکي ٿو، اهو مون ڪڏهن بہ سوچيو نہ هو؛ ڇاڪاڻ تہ اها ڄڻ منهنجي لاءِ تسليم ٿيل حقيقت هئي تہ هن کي اهو حق موجود هو. منهنجي زندگيءَ جي وهڪري جي ڏِس مقرر ڪرڻ جو حق هميشہ ماما کي رهيو هو. ڪڏهن هن جي ان حق ۾ منهنجي پنهنجي آدرش ۾ ڪو ٽڪر ٿيندو، ان تي مون ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو، يا شايد ان تي سوچڻ لاءِ آءٌ تيار نہ هوس- پر ان وقت مون کي پنهنجي خود- آدرشيءَ ۾ ڀروسو پيدا ڪرڻو هو. ان ڪري مون ڪجهہ پنهنجي هڪ تي ضابطو آڻيندي چيو:

"ماما جو منهنجي سياسي زندگيءَ سان ڪو واسطو ڪونهي!"

اهي لفظ آءٌ چئي ويٺس، پر مون کي ايئن محسوس ٿيو، ڄڻ تہ مون کي پاڻ انهن لفظن تي اعتبار نہ هو؛ ڄڻ تہ آءٌ پنهنجي دلپسند چتر کي، ٻاراڻي برش سان ليکو پائي، ڦٽائي رهيو هوس! پروفيسر بہ ڪجهہ سوچ ۾ پڻجي ويو: ماما هن جو دوست هو، ۽ هن ماما کان پڇڻ بنان مون کي سياست جي خطرناڪ ميدان ۾ گهيڙڻ نٿي گهريو.

"خير، چئبو تہ تون چاهين ٿو تہ تون اسان سان هن تماشي ۾ شريڪ ٿين؛ بسم الله! ڀلا اسان کي ٻڌاءِ تہ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ نندي ڪنڊ کي جنگ ۾ ٽپي، انگريز پاران پنهنجي ڪونڌرن کي ڪهائڻ گهرجي يا نہ؟"

"جي جي..." آءٌ وري گهبرائجي ويس. هت مرڪو سياست ۾ عملي بهرو وٺڻو هو، پر ان تي راءِ جو اظهار بہ ضروري هو! مون شايد ذهني طرح ايڏا ان لاءِ بہ پاڻ کي تيار نہ ڪيو هو.

پروفيسر کلي ڏنو. "جي جي... ڇا مطلب؟"

"سائين، مون کي اوهان اڳيان راءِ جو اظهار ڪرڻ ۾ ڪجهہ پريشاني ٿي ٿئي. پر جيڪڏهن مون کي راءِ ڏيڻي آهي تہ پهرئين اوهان جي راءِ ٻڌڻ، منهنجي لاءِ ضروري آهي."

منهنجي راءِ ايتري اهميت نٿي رکي. بدقسمتيءَ سان انگريز جي مخالفت جي باوجود اسين انگريز جي ڏنل ڪن تحريڪن جي بنياد تي ساٿن وڙهڻ گهرون ٿا، ۽ انهن مان هڪ تحريڪ آهي جمهوريت ۽ لوڪراج. لوڪراج جو هڪ اصول آهي. "گهڻن جي راءِ ئي سچي راءِ آهي"- ڪٿي انهن ۾ گهٽائي پوکن جي هجي! هت موجود دوستن مان گهڻن جي راءِ اها آهي تہ انگريز جي بلڪل مدد نہ ڪئي وڃي، سنڌ ۽ هندستان کي ان جنگ ۾ حصو وٺڻ نہ گهرجي. سبب اهو تہ انگريز

سنڌ ۽ هند کي جيسين آزاد ملڪن جي حيثيت نہ ٿو ڏي، تيسين ان معاملي تي گفتگو ڪرڻ بہ مناسب نہ آهي. انگريز اسان سان ڪهڙيون مهربانيون ڪيون آهن، جو اسين ساڻن ڪلهو ڪلهي ۾ لائي، نازين سان وڙهون. نازين اسان جو ڇا بگاڙيو آهي؟ هيءَ جنگ يورپ جي آهي- ۽ يورپ وارا پل تہ پنهنجي هوٽيءَ- پَٽَ ۾، هڪ ٻئي کي يُجي داڻا ڪري ڇڏين، اسان جو ڇا وڃي!

"ٿورائي انهيءَ راءِ جي آهي تہ انگريز هن دور ۾ اهڙيءَ وَٽَ- پَڪَڙ ۾ ۽ پنهنجي سسي بچائڻ ۾ آهي، جو هن وٽ هن وقت ننڍي ڪنڊ مان نڪرڻ تي سوچڻ لاءِ بہ وقت ڪونهي. اسان کي محض انگريز سان هڪ اهڙو پڪو عهدنامو ڪرڻ گهرجي، جنهن موجب هند ۽ سنڌ جي جنگ ۾ گهڙڻ جي بدلي، جنگ ختم ٿيڻ تي، اسان کي آزادي ڏيڻ جو وعدو ڪن. اهڙو وعدو لکت ۾ هجي! هاڻ تون ئي ٻڌاءِ تہ ڪنهن جي راءِ قبول ڪجي!"

پروفيسر گنبير کان گنبير ڳالهيون بہ نهايت چرچي طور ڪندو هو. پر هن جي اندر جي گنبيرتا، طنز جو روپ اختيار ڪندي هئي، ۽ ڪِلَ اچڻ جي باوجود، انسان سندس لفظن جي ڳوراڻ، ذهن تي ماڪَ وانگر ڪِرندي محسوس ڪندو هو. هن وقت بہ سندس اها طنز، لفظن جي ڳوراڻ کي ڪٽي ڪمري ۾ ڦهلجڻ ۽ ماڪ وانگر ڪِرڻ لڳي هئي. ڪجهہ تہ هن جي لفظن جي طنز هئي، ڪجهہ سندس لفظن جي گنبيرتا مون کي ٻڌائي رهي هئي تہ هو ٻنهي راين سان متفق نہ هو. مون کي هن مان اها اميد بہ نہ هئي تہ ڪو هو انهن راين سا يڪراءِ هوندو. پهرينءَ راءِ ۾ محض انگريزن سان، سندن آزادي نہ ڏيڻ جي ڪري بغض ۽ ساڙ هو، ۽ ان ۾ معروضيت (Objectivity) کي دخل نہ هو. ٻيءَ راءِ ۾ محض آزاديءَ جي آدرش ۽ آرزوءَ جي بيوسي ۽ لاچاريءَ (Desperation) سان معاملي فهمي ۽ ناهہ (Compromise) جي آرزو هئي. پر پروفيسر انهن ٻنهي مان ڪنهن بہ ڳالهہ جو روادار نہ هو. ناهہ کان هن کي نفرت هئي، نلهي آدرش پرستي بہ هن جي لاءِ ضعيف هجڻ جي نشاني هئي. جيڪڏهن اهي ٻئي ڳالهيون هن جي قبولڻ کان پري هيون تہ ان لاءِ ٽي راهہ ڪهڙي هئي، ۽ پروفيسر جي پنهنجي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ آءٌ آتو ٿيڻ لڳس، ان ڪري مون چيو: "۽ اوهان جي پنهنجي راءِ ڇا آهي؟"

پروفيسر گهڙيءَ لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو. هن جون اکيون ڪنهن جذبي کان اڇيون ٿي ويون، ڇڻ تہ هن جي جسم مان سمورو رت، خيال جون ڪي ڇورون، چٽي پي ويون هيون. اهو ڪهڙو خطرناڪ خيال هو، جنهن هن جو رَتَ پاڻ ۾ جذب ڪري ورتو هو؟ گهڙيءَ کان پوءِ، جڏهن رت انهن اکين ۾ موٽڻ لڳو، تڏهن ايئن محسوس ٿيو تہ سمموري رت جو دورو اکين ۾ مڙي آيو اٿس. سندس اکيون نسورو رت ڇڏڻ لڳيون ۽ مون ايئن ڀانيو تہ ان وقت ڪمري ۾ هر شيءِ، هو

گلدان، هي ٽيبل ليمپ، هو سفيد مرمر مان ٺهيل "ائنروڊائيٽ" جو مجسمو، هي شيشي جون اٿش ٽري- سڀ هن کي رت ۾ ڳاڙهيون نظر ايندیون هونديون- ايترو رت مڙي آيو هو انهن سڀاجهين شرير اکين ۾!

"منهنجي راءِ، ان کان قطعي مختلف آهي. آءٌ انگريز کي سنڌ ۽ هند لاءِ هڪ ڇوڙ سمجهان ٿو، جا گذريل سوَ سالن کان سندن رت چوسي رهي آهي. هيءَ اها ڇوڙ آهي، جا ڪِني رت جي بدران هند ۽ سنڌ جي شاهه شريان مان سڪهو صحتمند رت چوسي رهي آهي. سنڌ- هيءَ سون ورني زمين- ان ڇوڙ کي پٽي اڇلائڻ گهري ٿي، پر ان جي ٻانهن ۾ ايتري سگهه نه آهي، جو ان ڇوڙ جي ڳچي مروڙي اڇلي سگهي! ان ڇوڙ ايترو رت چوسيو آهي، جو پاڻ ان رت جي بدهضميءَ کان ڦاٽي مرڻ تي آهي، ۽ سندس اهو موت ويجهو ئي آهي- پر افسوس رڳو اهو آهي ته پاڻ ڦاٽي مرڻ سان گڏ، مريض سنڌ به رت نه هجڻ جي ڪري، هن سان گڏ مري ويندي. انگريز سنڌ لاءِ اها مَرَ آهي، جا سنڌ جا گوڏا چٽي ويئي آهي، ۽ جيڪڏهن اها حالت قائم رهي ته هي گيت سنگيت، ناٽڪ نرتيه جو هي سرڳ هميشه لاءِ اُجڙي ويندو! ان جو هڪ ئي اُپاءُ آهي. سو اهو آهي ته جڏهن اسان جي ٻانهن ۾ اها سگهه نه آهي، جا اسان کي ان ڇوڙ کي پٽي ڪيڻ جي سگهه ۽ ساڄهه ڏي، ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ انگريزن جون ئي نپايل تاتيل، بلڪ ٽڄ پياريل ڏوتيون آهن، ۽ پنهنجي پنهنجي ڪٽپي جي قيمت وصول ڪنديون، ته پوءِ اسين سنڌ وارا ڪنهن ٻئي جي، ٻيو نه، ته ٺلهي ذهني ۽ اخلاقي مدد ڪريون، جو ان ڇوڙ کي ڦاٽي مرڻ کان اڳ، ڳڙڪائي هضم ڪرڻ گهري ٿو ۽ اهو آهي نازي هٽلر! اچو ته هٽلر جا هٿ مضبوط ڪريون- ۽ انگريزن جي هن دنيا مان ئي بيخ ڪَني ڪريون. اهڙي ڇوڙ جو اهوئي "سرجيڪل" (Surgical)، جراحي، علاج آهي!"

مون پروفيسر کي، ان روپ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هو سڄو ڏکي رهيو هو. سندس اکيون رت ڇڏي رهيو هيون. نفرت انسان کي ڪيترو نه بيوس ۽ بيڪار بنائي ٿي ڇڏي. هن جو فيصلو ارادي جي قوت وڃائي ويٺو هو. سبب ۽ نتيجي جو هي ڄاڻو اڄ خود مفروضن جو شڪار هو! نفرت هنجي ذهن ۾ اها باهه ٻاري هئي، جنهن سمورا قدر، سموريون لطافتون ساڙي ڇڏيون هيون. پر ان ۾ سنڌ لاءِ ڪيترو نه اٿاهه پيار هو! پيار ۽ نفرت جي حَدَ ڪيتري نه پل صراط وانگر سنهي آهي! محبوب نه ملڻ جي صورت ۾ خودڪُشي ته هڪ صورت هئي پر محبوب نه ملڻ جي ڪري، هڪ رقيب کي قتل ڪرڻ ۾ ٻئي رقيب جي مدد ڪرڻ جو هيءُ پهريون مثال هو، ۽ منهنجي دل ۾ پهريون ڀيرو هن عظيم شخص لاءِ، نفرت نه، پر هڪ غيريت يا اوپراڻ چوان، پيدا ٿي پئي. آءٌ پروفيسر جو هي روپ

ڏسڻ لاءِ تيار نہ هوس. مون ايئن ياڻيو ڇڻ جنهن شخص کي آءٌ جبرئيل سمجهي رهيو هوس، سو محض عزرئيل جو هڪ روپ هو! يا هي راجا اندر، گيت سنگيت جي اپسرائن جي ديس جو اندر نہ هو، بلڪ ڪِنوڻ جي رَڻَ تي چڙهي، چوڏس رت جون نديون وهائڻ وارو اِندر هو!

پروفيسر ڪجهہ اهڙو جذباتي ٿي ويو هو، جو هن جي رَت جو دورو تيز ٿي ويو هو. هو اَتي بيهي رهيو، ۽ دريءَ وٽ وِڃي بيهي رهيو، جتان تيز تيز هوا، سندس منهن تي چپاٽون هڻندي رهي. هن کي واقعي سرد سرد چپاٽن جي ضرورت هئي! گهڙيءَ کان پوءِ هو موٽي اچي ويهي رهيو. هن جي چپن تي مرڪ موٽي آئي؛ سندس اکيون بہ پنهنجي نيم تي اچي ويون. انهن ۾ هلڪي چنچل شرارت ۽ طنز موٽي آئي، ۽ هن ڪلندي چيو- "پر منهنجي ڳالهين تي نہ وڃو؛ آءٌ تہ انهن ۾ انتها پسند آهيان. انور، تون هاڻ ٻڌاءِ تنهنجي راءِ ڇا آهي؟"

مون ۾ سمجهہ جي طاقت، ڳالهائڻ کان بہ گهٽ هئي. مون ذهني طرح تہ سيڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ جيڪي ڪجهہ آءٌ چوڻ وارو هوس، اهو هن سياست جي عملي راندڪرن لاءِ ڪا وقعت نہ رکندو!

مون هري هري، هوريان هوريان چيو؛ "اڄ کان اڳ، عملي طرح، سياست ۾ ٽپي پوڻ تي مون ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو. آءٌ اهڙي ماحول ۾ پليو آهيان، جت زندگيءَ جي آسائشن مون کي زندگيءَ جي ٻين ڪنڊن ۽ تلخ حقيقتن ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو موقعو نہ ڏنو آهي. آءٌ ذهني عياشيءَ جو مريض آهيان، جيئن مون جهڙا- مون جهڙي ماحول ۾ پليل- ٿيندا آهن. پر جيڪي ڪجهہ مون پڙهيو آهي، ۽ جيڪي ڪجهہ اوهان کان، انساني تاريخ بابت حقيقتون سکيو آهيان، انهن جي بنياد تي منهنجو پهريون لاڙو تہ آمن پسندي- عملي امن پسنديءَ ڏانهن آهي. شايد مون تي برٽرنڊ رسل جو وڌيڪ اثر آهي. ان ڪري! شايد ان ڪري جو آءٌ بنيادي طرح هڪ ڪانئر آهيان. اها ڪانئرتا مون ۾ انساني خونريزي کان ڪيائڻ جو جذبو پيدا ڪري ٿي!"

"ممڪن آهي تہ منهنجي ڳالهين ۾ اوهان کي تضاد نظر اچي، پر ان امن پسنديءَ جي باوجود آءٌ، سنڌ جي حَدَ تائين، انگريزن سان وڙهاند جي فائدي ۾ آهيان. مون کي هن وقت ٽن پاسن کان سنڌ جي آزادي ممڪن نظر ٿي اچي. پهرين ڳالهہ تہ سنڌ ۾ صدين کان موجود اهو احساس تہ سنڌ هند کان هڪ جدا وجود، جدا ديس، جدا ڌرتي آهي، سنڌ جي ماڻهن جي ادارڪ ۾ وڌيڪ شدت سان داخل ٿي رهيو آهي، ۽ هو نيئر جي گناهہ "Sin" کي ختم ڪرڻ لاءِ، وڙهاند لاءِ تيار ٿيا آهن. ان ڪري سنڌ ۾ انگريزن خلاف جنگ جو آءٌ حامي آهيان چاهي هندستان انگريزن سان وڙهي يا هن سان ڪو ناهہ ڪري!"

مون هڪ ڏکهو ساهه کنندي چيو: "پر هيءَ جنگ ڪجهه اهڙين ڳالهين جو پيش خيمو آهي، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڳالهيون مون کي منجهائينديون رهيون آهن. هن جنگ ۾ انسان جي بنيادي نيڪي، ۽ انساني برابريءَ تي وارُ ٿيو آهي. نسل ۽ ذات جي بنياد تي هڪ قوم ٻين قومن کي زنده رهڻ جو بنيادي حق ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي. هٽلر يا سندس فاشي ٽولو محض جرمنيءَ جي جنگ پسندي نہ آهي. هيءَ جنگ هاڻ رڳو سامراجين جي سازش ۽ دوکيبازي نہ آهي. جرمني محض انگلنڊ جي دشمن نہ آهي. انگلنڊ محض بيٺڪي راڄ جو مظهر نہ آهي. هت تہ هاڻ انسانن جي بنيادي هڪجهڙائي جو حق خطري ۾ آهي. اڄ جيڪڏهن جرمنيءَ کي يهودين جي هڏن ۽ رت مان عمارت سازيءَ جو حق ملي وڃي تہ سيائي اها ئي ساڳي جرمني هند ۽ سنڌ کي اڻ آرين، ڪارن دراوڙن جو ملڪ سمجهي، اها ساڳي ڪارگذاري ڪندي، جا اڄ يهودين سان ڪري رهي آهي! هن جنگ ۾ انگريز قوم برابر پنهنجي جان بچائڻ لاءِ اُتي آهي، پر بنان ارادي، بنان رٿابنديءَ جي سهي- انسان جي هڪ بنيادي حق جي حفاظت لاءِ اُتي آهي. فاشزم، لٽ مار جو بدترين نظريو آهي. اسان کي ٻن براين مان جيڪڏهن هڪ برائي چونڊڻي آهي تہ هن وقت آءٌ "فاشزم" کي ختم ڪرڻ لاءِ انگريزن جي بيٺڪي نظام جا هٿ مضبوط ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪندس، ڇو تہ ان ۾ محض هند ۽ سنڌ جي آزاديءَ جو مسئلو نہ آهي، "انسان" جي آزاديءَ جو مسئلو آهي. سنڌ جي آزادي دنيا جي سمورن انسانن جي آزاديءَ جو هڪ حصو آهي!"

آءٌ خاموش ٿي ويس. منهنجا خيال ڇڙوڇڙ هئا. مون کي خود اهو محسوس ٿي رهيو هو تہ منهنجي ان لهاڙ ۾ منطق جي گهٽتائي ۽ نعريبازيءَ جي ججهائي هئي. ان هوندي بہ مون کي پنهنجي راءِ جي صداقت ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو.

پروفيسر مون کي ڪجهه وقت تہ حيرت جي نگاهن سان ڏسڻ لڳو، ۽ پوءِ پوءِ هن بلڪل آهستي چيو: "Damn your cosmopolitanism"! لعنت آهي ان عالمگيرت تي، جا انگريز جي غلاميءَ کي ترجيح ڏئي ٿي! ۽ لعنت آهي ماضيءَ جي انهيءَ مڙدي کي ڪفن مان اٿارڻ تي تہ سنڌ ۽ انسانذات جدا، علحده ۽ منفرد شخصيتون آهن!"

مون پروفيسر جي واتان پهريون ڀيرو گٽو لفظ ٻڌو هو. مون ان تي ڇرڪ ضرور ڀريو، پر مون کي هن تي ڪاوڙ نہ آئي. رحم اچڻ لڳو.

آءٌ اتي بيهي رهيس ۽ هيڪندي چيم- "سائين، افسوس اٿم جو اوهان کي منهنجي راءِ مُرڳو چيڙائي وڌو! آءٌ هاڻ هلندس!" ايئن چئي، آءٌ تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيس.

ان کان ٿورا ئي ڏينهن پوءِ، مون ٻڌو تہ پروفيسر ۽ سندس ساٿين جي هڪ جٿي، انگريزن جي هڪ فوجي ٽرين کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿيا ۽ پروفيسر ۽ سندس ٻہ ساٿي گرفتار ٿيا.

آءٌ پنهنجي بالڪنيءَ ۾ بيٺو هوس تہ هيٺ ڪجهہ شاگردن جو ڪارن جهنڊن سان جلوس لنگهي رهيو هو. هنن مختلف نعرا ٿي هنيا: "سوراج وٺي رهنداسين"، وندي ماترم" "گاندي جي ڪي جئي!" "جواهر لال نهرو زنده باد" "انگريز مرده باد!" "ريلن ڪيرائڻ وارن کي ڦاسي ڏيو!" "ڏاڙا بند ڪريو!" "هندن جو قتلام بند ڪريو!..."

پنهنجي پير ۾ آهٽ ٻڌي، مون ڏٺو تہ مامو منهنجي پاسي ۾ بيٺو هو!

"ماما پروفيسر جي ڪيس جو ڇا ٿيندو؟" مون ڄڻ تہ التجا ڪندي پڇيو.

"شايد، ڦاسي ڏينس!" مامي مختصر جواب ڏنو.

پوءِ مون کي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين- "بالڪنيءَ ۾ نہ بيهہ: شايد فساد ٿيڻ جو خطرو آهي. شايد گولي هلي!" مامي گنبيرتا مان چيو.

اسين ٻئي اندر هليا آياسين. اڄ منهجي دل الائجي ڇو ڀرجي آئي هئي: شايد پروفيسر جي ڦاهي جو ٻڌي، مون کي ڏک ٿيو هو. پر اڄ مامو ڇو گنبير هو، مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي.

"ماما، ڇو اڄ ڪجهہ طبيعت ٺيڪ نہ اٿوَ ڇا؟"

"طبيعت تہ ٺيڪ آهي، پر ملڪ جون حالتون ڏسي افسوس ٿو ٿئي!"

مامي سان سياست تي ڪو خاص بحث نہ ٿيندو هو. پر اڄ منهنجي دل ٿي چيو تہ ڪا خاص ڳالهہ ٿي آهي. سو مون چيو-

"اهي جلوس ۽ نعرا تہ روز ٿا لڳن ماما!"

"نہ پٽ، اهي جلوس ۽ نعرا اڳ ٻيو مقصد رکندا هئا، ۽ هاڻ انهن جو مقصد ٻيو آهي. اڄ انگريز جي پريشانيءَ مان فائدي وٺڻ جو موقعو ايترو ڊگهو ٿي چڪو آهي، جو شايد سنڌ ابتي پاسي ڪَرَ موڙڻ واري آهي!"

"سو ڪيئن؟ ماما، هي تہ هميشہ جيان ڪانگريسي ٿا ڏسجن!"

"ها، آهن ڪانگريسي، نعرا بہ هندستان جي آزاديءَ جا ٿا هڻن. پر سندن

مقصد بنهه ٻيو آهي. سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ دوران، سنڌ جي ڪن ديس ڀڳتن هندو سيٺين ۽ مسلمان وڏيرن تي، انگريزن جي مدد ڪرڻ جي سزا طور، سڌا سنوان راتاها ڏنا آهن. هي جيڪي نعرا ڏسين ٿو تہ "هندن جو قتلام بند ڪريو!" "ريل گاڏين ڪيرائڻ وارن کي ڦاسي ڏيو!" ان جو ردعمل آهن. هو نٿا سمجهن تہ سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ ۾، اهي ڳالهيون آوَسَ ٿيٽيون هيون!"

"پر ماما، ريل ڪيرائڻ ۾ سنڌي ئي تہ مٺا نہ، چاهي مسلمان هجن يا هندو؟ انگريز کي ڪهڙو نقصان پهتو؟" مون ۾ وري بہ پروفيسر جي تهمت ڪَرَ موڙي جاڳي پئي!

"پٽ! سڀ سنڌي تہ وطن پرست ڪونهن نہ؟ ان ريل ۾ سنڌ جي آزاديءَ جا دشمن انگريز سان صلاحون ڪرڻ نڪتا هئا تہ سنڌ ۾ مارشل لا هئي، سنڌ جي آزاديءَ جي سسي هميشہ لاءِ ڪپي ڇڏين! برابر، ان ۾ انهن بي گناهہ ماڻهن جو ڪو ڏوهہ ڪونہ هو، جن کي سنڌ جي آزاديءَ جي تہ ڇا، پنهنجي غلاميءَ جي بہ جَنَ کَنَ ڪانہ هئي! پر آزاديءَ جي تحريڪن ۾ ايئن بہ ٿيندو آهي... موقعي ۽ مهل جي ڳالهہ آهي!"

مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ مامو خود انهيءَ ڳالهہ تي شرمسار هو تہ اهو واقعو سوين بي گناهہ سنڌين جي موت جو ڪارڻ بڻيو هو.

مون چئي ڏنو: "ماما، دهشت گردي (Terrorism) مان تہ ڪجهہ بہ ورٿو ناهي!"

ماما گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويو. هو ڪا گهڙي منهنجي اکين ۾ گهوريندي، پنهنجي خيالن کي ڪا مرڪزيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پر مون سندس اندر ۾ متل ويڙهاند کي ڏسي ورتو هو، ۽ مون کي الائجي ڇو اچاتو ڊپ ٿيڻ لڳو تہ ماما، اڄ وڏي امتحان ۾ هو!

"پٽ، جنهن کي تون دهشت گردي ٿو چئين، سا قومن جي زندگيءَ ۾ هڪ نهايت عام، سادي سودي، بي وقعت ڳالهہ آهي! آءٌ ايئن ڪونہ ٿو چوان تہ انساني زندگيون ايتريون سستيون، ايتريون بي وقعت هجڻ گهرجن. پر قرباني بہ تہ ڪنهن جذبي، ڪنهن حقيقت جو نالو آهي! ان جو مثال آءٌ توکي اهو ڏيان تہ انهن دهشت گردن ۾، گهٽ ۾ گهٽ، بہ اهڙا جوان آهن، جن جا ماءُ پيءُ انهيءَ ريل گاڏيءَ ۾ سوار هئا، ۽ هنن کي خبر هئي تہ انهيءَ ريل گاڏيءَ ۾ سندن ماءُ پيءُ سوار آهن!"

"نہ ماما نہ، خدا جي واسطي بس ڪريو!" مون کي ڪنهن اچاتي ڊپ ورائي ڇڏيو!

"هاڻ، اُن تي پڇتاءُ ڪرڻ جو ڪوبہ سوال ڪونهي، نڪي ان کي انساني

معيارن تي پرکڻ جو سوال آهي. قومن جي زندگيءَ ۾ ان کان به وڌيڪ ڏکيا مرحلا آيا آهن؛ تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي. ڇاڪ نندي انهيءَ قافلي کي تباهه ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ هن جي پنهنجي ماءُ حج ڪرڻ لاءِ مديني شريف رواني ٿي هئي، پر ان قافلي ۾ تغلقن جا چونڊ تغلقدار سفر تي هئا! راڻي لاڏيءَ جي اجتماعي آپ گهات جو ته تو پڙهيو آهي. سومرين جي، مسلمان هوندي به، علاؤالدين خلجيءَ جي اکين اڳيان، سَتي ٿيڻ جي ڳالهه به تو پڙهي آهي، پر ياد ڪر ته فيروز تغلق جي ٻيڙين ۾ خود سنڌ جا سمورا مٿيادار سما ۽ سومرا سردار شامل هئا، پر جڏهن سندن ٻيڙي کي سنڌين باهه ڏني، تڏهن انهن باهه ڏيڻ وارن ۾ انهن سمن ۽ سومرن سردارن جو پنهنجو اولاد شامل هو!"

ماما جي ساهه جي رفتار جيئن پوءِ تيز ٿيندي ويئي. مون کي ايئن محسوس ٿيو ڇڻ ته اڄ هو رڳو منهنجي خاطر، پنهنجي اندر جا سمورا اوڙاهه مون تي ظاهر ڪرڻ لاءِ ماندو هو.

"- ۽ اهڙا واقعا تاريخ ۾ هر صفحي تي پکڙيا پيا آهن بشرطيڪ اسين انهن کي اها اهميت ڏيون، جيڪا اسان کي پنهنجي بزرگن جي اصل حقيقتن کان واقف ڪري! دهشت گردي جيڪڏهن وطن لاءِ آهي ته روح جي راحت آهي؛ جيڪڏهن اها محض رونشو آهي، فساد آهي، انسان دشمني آهي ته پوءِ ان کان وڌيڪ ڪميڻپ ۽ ذلالت ٻي ڪانهي. وطن دوستن (Patriots) ۽ تخريب- پسندن (Anarchists) ۾ ڪڏهن ڪڏهن تمام ٿورو، اڻ- لکو فرق نظر ايندو آهي، پر فرق ضرور آهي، ۽ ان فرق جي سرحد تي انسان دوستي صليب تي چڙهندي نظر ايندي آهي!"

مون گهڙيءَ لاءِ ماما جي اکين ۾ نهاريو؛ اُتي سندس لڙڪن جي ڏنڌ جي پويان ايڏو درد هو، جو مون ڳالهه کي مٽائڻ لاءِ چيو: "ٺهيو، هاڻ ته مارشل لا هنئي اٿن، سو سڄو مامرو سگهو ختم ٿي ويندو!"

ماما به ڪجهه وقت لاءِ ماڻ ٿي ويو. پوءِ ڇڻ ايندڙ وقت ۾ گهوريندي چيائين: "اڄ سنڌ جو سڀ کان منحوس، سڀ کان ڪارو ڏينهن آهي، جنهن کي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو يادگار سمجهيو ويندو، جو وَرَ وَرَ ڪري سنڌي ان کي ياد ڪندا!"

"ڇو ماما، ڇا ٿيو آهي اڄ!"

"پٽ تو پاڻ ئي ڳالهه ڪئي ته انگريزن مارشل لاهٽي ڇڏي آهي! دراصل هيءَ مارشل لا انگريزن ڪانه هنئي آهي؛ هيءَ مارشل لا مسلم ليگين هنئي آهي، هيءَ مارشل لا ڪانگريسين هنئي آهي، هيءَ مارشل لا مها سيائين هنئي آهي، هيءَ مارشل لا خاڪسارن هنئي آهي، هيءَ مارشل لا مولوين هنئي آهي، هيءَ مارشل لا

پنڌتن هنئي آهي! انگريزن تہ رڳو سامت جو ساهہ کنيو آهي. سنڌ جي آزادي انهن سيني ڌرين جي دل ۾ ڪَنڊو آهي: ڪانگريسين کي پنهنجو "وندي ماترم" جوڪم ۾ تو نظر اچي، مسلم ليگين کي پنهنجو "پاڪستان" خطري ۾ تو نظر اچي! ٻيا تہ هونئن ئي هنن جا ٻولڙيا آهن، ڪي ظاهر ظهور، ڪي ڳجهہ ڳوهہ ۾! سنڌ هنن جي ڪک ۾ ڪانڙ بڻجي پئي آهي: سنڌ پرست هنن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا آهن، ۽ انگريز هنن جي انهيءَ تڪليف کي پنهنجي لاءِ خدا جي طرفان حمايت سمجهي، مارشل لا هٽڻ تي ڪڪيون پيا هٽن: اجوڪي اخبار ۾ ئي بيان ڇپيو آهي تہ سنڌ پرستن کي مکيءَ جي ٻيلي ۾ هٽلر طرفان موڪليل "ففٿ ڪالمسٽ" فوجي تربيت ڏيئي رهيا آهن!"

آءٌ ماما جي منهن ۾ نهاريندو رهيس. هن جو منهن ڳاڙهو ٿيندو ويو: ڇڻ تہ مکيءَ جي ٻيلي تي ٿيندڙ بمباريءَ ۾ مرندڙ سنڌين جو رت سندس اکين ۾ مڙندو ٿي آيو. مون کي ڪنهن اچاتي خوف اچي ورايو، پر پنهنجي تجسس کي پوءِ بہ آءٌ روڪي نہ سگهيس.

"ماما، پر سنڌ پرستن اڳيان ڪو نظريو، ڪا رٿابندي، ڪا پلاننگ، ڪا ليڊرشپ تہ نظر ئي ڪانہ ٿي اچي! اخبارن مان تہ اهو تو ڀائنجي تہ هي محض پيرپرستيءَ کي ڍڪڻ لاءِ سنڌ جي آزاءِ جو نعرو هنيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ شهرن ۾، وستين واهڻن ۾، خود سنڌ جي ڳالهہ ڪرڻ وارا، آزاديءَ لاءِ وڙهڻ جي هام هڻڻ وارا بہ اهو چوڻ لڳا آهن تہ حُرَ سنڌ لاءِ نہ، پر رڳو پير صاحب پاڳاري جي حڪم جي تعميل پيا ڪن!"

مون سوچيو تہ آخر اخبارون ڪوڙ تہ ڪونہ لکنديون هونديون!

ماما ڇڻ تہ خفي ٿيندي چيو: "اخبارن جي ڳالهہ نہ ڪر پٽ اهي انگلنڊ جون اخبارون ڪونهن، هي هند ۽ سنڌ جون اخبارون آهن، جن جا مالڪ ۽ ايڊيٽر يا مسلم ليگي آهن، يا ڪانگريسي، يا مهاسبائي- يا وري انگريزن جا نوڪر! زرخريد غلام! مون کي خبر آهي: آءٌ هنن سان ملندو تو رهان: هنن لاءِ هٿڪڙي ۽ ڏوڪڙ ٻہ مختلف معيار آهن: انگريز ٻنهي معيارن کي استعمال تو ڪري. پر جنهن ڳالهہ کي انگريز "سِٽن جي وٿيءَ وارو مطلب" (Reading between the lines) تو چوي، ان کي سامهون رک تہ سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي وڃي: هن وقت سنڌ پرست اهو تا چون تہ جيڪڏهن هٽلر شيطان آهي، پر سنڌ جي آزاديءَ جو حامي آهي، ۽ چرچل فرشتو آهي، سنڌ جي آزاديءَ جو مخالف آهي تہ سنڌين لاءِ چونڊ فقط هڪڙي آهي: سنڌ جي آزادي، پوءِ ڪٿي اها شيطان جي حمايت سان ڇو نہ ملي! پير صاحب پاڳارو حريت پسند آهي، سنڌ پرست آهي، سنڌ کي غلاميءَ مان ڇاڙهو ڏيارڻ گهري تو، اهو سنڌين لاءِ ڪافي آهي! ان مان

پيرپرستيءَ جي بوءِ ٿي اچي، انهيءَ جي سنڌي قوم پرستن، آزاديءَ جي پروانن کي ڪا پرواهہ نہ آهي! سنڌ آزاد ٿئي تہ پيرپرستي، جاگيرداري ۽ سامراجيت جو پاڻهي ڪو فيصلو ٿي ويندو ڇاڪاڻ تہ سنڌي بنيادي طرح انسان دوست، سامواديءَ ۽ سامراج دشمن ۽ بيئڪيت جو مخالف آهي. جيڪڏهن هو انگريز جي بيئڪيت جي مخالفت ڪري، ان کي هٽائڻ جي جدوجهد ۾ سِر قربان ڪري ٿو سگهي تہ ڇا پيرپرستي، جاگيرداري ۽ سامراجيت کي ايئن ئي قبول ڪري وٺندو؟!"

مون ڏٺو تہ ماما جون مٽيون پيڙجي ويون هيون. سندس آڱرين جي ڏوڏن جون نسون اُيري آيون، ۽ مون کي وري ڪو اڃاتو خوف ورائي ويو. تڏهن مون سندس خيال مٽائڻ طور سوال ڪيو: "ماما، پلا ان جو آخر نتيجو ڇا نڪرندو؟ جيڪڏهن سنڌ کي آزادي نہ ملي تہ ڇا ٿيندو؟ ۽ انگريزن جي حرّن خلاف، سنڌ پرستن خلاف، مهر جو آخر نتيجو ڇا نڪرندو؟!"

آءٌ ڳالهہ ڪري تہ ويٺس پر پوءِ پاڻ کي پٽڻ لڳس. ڇا آءٌ بہ ايڏو ناامميد ٿي ويو هوس؟ آءٌ تہ قنوطيت کي، اڇي کي ڪارو سمجهڻ کي گناهہ سمجهندو هوس؟ پوءِ اهو سوال ڇو؟

ماما ڇڻ تہ منهنجو سوال ٻڌو ئي ڪونہ. ايندڙ وقت ڇڻ تہ هن جي اکين اڳيان پراڻي تاريخ جو ڪو ورق هو، جنهن جا لفظ ورجائڻ وقت، هن کي ذهن تي زور ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي، فقط هڪ ڪهنو پراڻو، قديم درد هن جي اکين ۾ لهي آيو: سندس اکين ۾ ڪو ڪهرام متل هو، جنهن کي لڪائڻ لاءِ، مامي منهن ٻئي طرف ڦيرائي ڇڏيو!

"پٽ، مون کي توسان ڏاڍي همدردي آهي. اها همدردي ڇڻ تہ سمورين جوان پيڙهين سان همدردي آهي؛ ايندڙ پيڙهيون تہ پنهنجو رستو پاڻ ٺاهينديون، پر مون کي انهن سان بہ همدردي آهي ڇاڪاڻ تہ اُن وقت آءٌ، مون جهڙا، نہ هوندا، ۽ اوهين، يا اوهان جا ايندڙ نسل اڪيلا هوندؤ، اڻ- سونهان هوندؤ! اڻ- سونهان تہ نہ چوڻ گهرجي، پر آءٌ چوندس، ڇاڪاڻ تہ جن ماڻهن ۾ آءٌ، اڇوڪي وقت ۾ ڪي ديانت داريون، ڪي ايمانداريون، ڪي سچائيون ڏسان ٿو، تن جي اکين تي مذهب جا ڪوپا چڙهيل آهن؛ جڏهن اهي ڪوپا لهندا، تڏهن ڇا ٿيندو. اهو آءٌ تصور ڪرڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ آهيان! جي. ايم. سيد جو هڪڙو مثال ٿو ڏيان؛ ڊسٽرڪٽ بورڊ اڳيان تقرير ڪندي ٿو چوي تہ 'آءٌ اول آخر سنڌي آهيان، پر ڇاڪاڻ تہ مسلمان آهيان، ان ڪري پاڪستان لاءِ جناح صاحب جو حامي آهيان'. هن جي مسلماني سنڌ لاءِ ڪهڙي اهميت ٿي رکي، ان تي هن ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي، ۽ جڏهن سوچيندو تڏهن ايڏي دير ٿي وئي هوندي جو هن جو روح

رڙيون ڪري آتندو. پر وقت کان پوءِ روح جو رڙيون ڪهڙي ڪم جون ؟ اها تہ سندس ذاتي دردمنديءَ جي ڪيفيت هوندي، تنهن جو سنڌ سان ڪهڙو واسطو، ڪٿي هو ڏهہ پيرا سنڌ جي ڳالهہ ڪري؟ ان کي ايئن سمجهہ تہ جڏهن حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهيائون تڏهن صليب تي چاڙهڻ وارن، پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو هو تہ 'جيڪڏهن اسان عيسيٰ کي غلط دليلن جي بنياد تي صليب تي ٽنگيون، ۽ جڏهن اسان کي غلطين جو احساس ٿيو تہ پوءِ ڇا ڪنداسون؟' تڏهن هڪڙي ڏاهي رڳو ايترو چيو: 'پوءِ خدا بہ اوهان کي سمجهہ نہ ڏيندو! ۽ بخشش جون سموريون راهون اوهان تي بند ٿي ويندیون!"

ماما اهي لفظ اهڙي ڏک منجهان چيا جڻ تہ هو جي. ايم. سيد کي چوندو هجي: "سائين، خدا اوهان کي سمجهہ ڏيندو!" مون سندس درد کي پنهنجي اکين ۾ محسوس ڪيو، جن جي پوسراڻ رڳو سنڌ جي آزاديءَ خلاف سازشن ۽ انسئن، پنهنجي لاچاري ۽ بي همتيءَ تي پشيماني نہ هئي، پر ان ۾ هڪ ذاتي انگ بہ شامل هو تہ مون ۾ اها همت ڇو نہ هئي جيڪا ماما ۾ هئي، تہ آءٌ عليٰ الاعلان اهو چوان تہ سنڌ جي آزادي منهنجي لاءِ هر ٻي شيءِ کان مقدم هئي: سنڌ آزاد هوندي تہ آءٌ بہ هندوستان جي آزاديءَ کي "خوش آمديد" چئي سگهندس، سنڌ آزاد ٿيندي تہ آءٌ بہ ماما کي مبارڪ ڏيئي چئي سگهندس تہ "ماما، سنڌ اوهان کي مبارڪ هجي!" ماما جي. ايم. سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي باوجود اوهان کي سنڌ مبارڪ هجي!"

پر ماما ڪنهن ڏورانهين دنيا ۾، پنهنجي ئي خوابن جي دنيا ۾،- جيڪي خواب مستقبل جا پيش- رؤ هئا- غلطان هو، ۽ هن بنهہ سڏڪندي چيو: "انو، سنڌ ڏاڍا عذاب سٺا آهن؛ ڌارين جي هٿان ۽ پنهنجن جي طفيل! پير صاحب پاڳارو ۽ جي. ايم. سيد تہ فقط علامتون آهن! جڏهن سنڌ آزاد ٿيندي تڏهن هو ٻئي ڪٺهڙي ۾ هوندا ۽ بچاءَ ۾ پنهنجي سنڌ لاءِ محبت جي هامر هڻندا! پر سنڌي ڪين ڪهڙو جواب ڏيندا، تنهن لاءِ سنڌ جي تاريخ کي ٻيهر پڙهڻو پوندو. جڏهن محمد بن قاسم کي حجاج بن يوسف پنهنجي درٻارين اڳيان پيش ڪيو، ۽ پنهنجو مقدمو پيش ڪيو، تڏهن محمد بن قاسم چيو هو: "سنڌ منهنجي لاءِ مستقبل هئي، پر سنڌي منهنجي لاءِ معمو، راز ۽ اسرار هئا! پر هڪڙي ڳالهہ مون محسوس ڪئي تہ سنڌين کي جيڪڏهن پنهنجي پاسي ڪرڻو هجي تہ هنن سان سنڌ جي ڳالهہ ڪريو، سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهہ ڪريو، تہ هو اوهان جا حمايتي ٿي پوندا، پر سنڌ خلاف، سنڌي ٻوليءَ خلاف ڳالهايوَ تہ اوهان جي بهترين دوستن مان بهترين ساٿي بہ دل ئي دل ۾ توهان جو سڀ کان بدترين دشمن ٿي پوندو، ۽ هن کي ان تي ڪابہ شرمساري ڪانہ ٿيندي!" تڏهن حجاج بن يوسف هڪ سنڌيءَ

کي مخاطب ٿيندي چيو هو: "ڇا اهو سچ آهي ته سنڌي محمد بن قاسم کي چڱو ماڻهو ٿا سمجهن؟!" ۽ همت ڪري هڪ سنڌيءَ چيو هو: "اي يوسف جا فرزند! سنڌ محض ڪنهن ملڪ جو نالو نه آهي: سنڌ هڪ خيال جو نالو آهي، جنهن خيال کي بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جهڙيءَ طرح خيال هڪ وهم به ٿي سگهي ٿو، اهڙيءَ طرح سنڌ کي هڪ وهم طور بيان ڪري سگهجي ٿو. پر ان وهم کي پنهنجو هڪ جسم آهي، هڪ روح آهي، ۽ جنهن کي اوهين عرب سمجهي نٿا سگهو! پلا، خيال کي جسم ڏيڻ، ۽ وهم کي حقيقت جو لباس ڏيڻ عرب ذهن لاءِ ممڪن آهي؟ ان لاءِ عربي زبان ۾ ڪو به لفظ ڪونهي. پر سنڌيءَ ۾ آهي: "ساڻيهه" لفظ عربي زبان ته ڇا، دنيا جي ڪنهن به زبان ۾ ترجمو ٿي نٿو سگهي: "ساڻيهه" جي معنيٰ آهي ساهه يا روح جي رهڻ واري جاءِ! الله سائين ان لفظ جون معنائون ٻين زبانن، ٻين ٻولين ۾ بيان ڪرڻ جي اهليت ماڻهن کي عطا ئي نه ڪئي آهي!"

مون سمجهيو ته ماما هاڻ بنهه جذباتي ٿي ويو هو، جنهن لاءِ جيتوڻيڪ آءٌ ذميوار هوس، پر تڏهن به مون کي همت ٿي ته آءٌ سوال پڇان: "ماما، اهو ته صحيح آهي، پر هي اڄوڪي سنڌ لاءِ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جيڪي ڦند پيدا ڪيا آهن، تن جو نتيجو آخر ته سنڌين جي ورهاست ۽ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جوکم وارو ئي نڪرندو. ان جو ڪو تدارڪ ته اسان کي سوچڻ گهرجي!"

آءٌ سوال پڇي ته ويٺس پر خود پنهنجي سوال کان ڊڄي ويس: هي تمام وڏو سوال هو، ۽ شايد آءٌ پاڻ، يا ماما، يا پروفيسر رشيد، ان سوال لاءِ تيار نه هوندا، ۽ ان لاءِ آءٌ به ڪجهه اڳواٽ رٿابندي ڪرڻ لاءِ تيار نه هوس.

"پٽ، آزادي ڏاڍي پياري شيءِ آهي. پر اها ڏاڍي وٺواند پڻ آهي: اها جيڪي مطالبا پنهنجي چاهيندڙن کان ڪري ٿي انهن منجهان سڀ کان وڏو مطالبو اهو آهي ته اوهين پنهنجي انفراديت ان ۾ ضم ڪرڻ لاءِ تيار به آهيو يا نه؟ مون کي ڏاڍي خوشي ٿئي ها جيڪڏهن هندستان جا ماڻهو سنڌ جي آزاديءَ جي حمايت ۾، انگريزن سان ڪا ويڙهاند ڪن ها! آخر هند وارن کي سنڌ جي آزاديءَ جي هن جنگ مان ڪو نقصان پهچڻ جو ڪو خطرو ته ڪونه هو. انگريز سندن به ايترو دشمن هو جيترو سنڌ جو. پوءِ ڇو ۽ ڇا لاءِ، هنن پنهنجي ٻولڙين کي هي مظاهرا ڪرڻ لاءِ اڀاريو آهي ته سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ وارن خلاف انگريز کو قدم کڻي؟ پر مذهب ۽ ڌرم هنن جي اکين تي عجيب و غريب پٽي ٻڌي ڇڏي آهي. هو سنڌ کي پنهنجي خانن ۾ تقسيم پيا ڪن: هندو سنڌ، ۽ مسلمان سنڌ. ان ورهاست تي سوچيندي به منهنجا لڳ ڪانڊراجيو وين . هڪ ٻئي کي فنا ڪرڻ جي عمل ۾ هي ٻئي زنده قوتون پاڻ به فنا ٿي ويندیون. انهن طبقن ۾ وري ٻيا

طبقا پيدا ٿيندا. هندو- مسلمان جي سطح جو جهڳڙو پنهنجي اندر اهڙا فتنا رکي ٿو، جنهن جي ڪا حد حساب ڪونهي. هڪ ئي ملڪ کي ٻن طبقن، ٻن حصن ۾ ورهائڻ سان وڌيڪ ورهاست جو اصول پيدا ٿيندو، ۽ پوءِ هندو حصي ۾ مدراسي، مرهٽي جو گلو ڪاٽڻ لاءِ تيار ٿيندو، پنجابي لکنوين جي خلاف ڪات کهاڙا تکا ڪندو، مسلمانن ۾ ايراني تورانيءَ سان وڙهندو. توراني افغان سان وڙهندو، افغاني پنجابيءَ سان، پنجابي سنڌيءَ سان... ۽ اهو سلسلو خدا ڄاڻي ڪٿي وڃي ختم ٿيندو! مون کي رڳو اوهان جي ٺهيءَ لاءِ ٿو اونو ٿئي ته اوهان کي ڇا ڇا ڏسڻو پوندو. سنڌ هن جي وڏي جنگ ۾ هڪ ننڍو مسئلو آهي. هو نٿا سمجهن ته سنڌ جي غلامي، نه هند جي آزاديءَ جي فائدي ۾ آهي، نه انگريزن لاءِ جرمنيءَ سان جنگ ۾ ڪو رخنو ثابت ٿيندي. جيڪڏهن انگريز اڄ به سنڌ کي آزاد ڪرڻ جو رڳو اشارو ڏين ته سنڌي پنهنجو جڻ ڀچو رلائي به جرمنيءَ جي فاشسٽن جي مقابلي ۾ پهرين صف ۾ بيهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا پر جيڪڏهن ان کي رڳو جاگيرداري ۽ پير پرستيءَ جو مظاهرو سمجهيو ويو ته پوءِ انهيءَ هٽرادو طبقاتي ڪشمڪش جو خاتمو شايد وري به ڪنهن بادشاهت ۽ ملوڪيت کي جنم ڏيئ؛ مون کي ته ايئن ٿو لڳي جڻ ته ڪو وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن ڇاڪاڻ ته گورکو سڀ کان وڌيڪ جانباز سڀ کان وڌيڪ قتل جو ماهر آهي، ان ڪري ڪنهن مستقبل ۾ هندو گورکو هندن تي راڄ ڪندو، ۽ ڪو مسلمان گورکو مسلمانن تي راڄ ڪندو.- ۽ پوءِ اهي ئي شاهي درٻارون، درٻاري شاعر ۽ شاعري بدمزاجي، بدمزاج ڪوٽوال ۽ ڪوٽوالي نوڪر شاهي قائم ٿيندي، جنهن ۾ هاري ۽ پورهيت ڏَنَ- ڀرڙ رعيت وانگر پاڻ ڪهائيندا، پاڻ مٽائيندا رهندا. مذهب جو ڪهاڙو ته به- ڏارو آهي، ٻنهي پاسي وڍيندو ويندو، ۽ شايد اوهان جي ٺهيءَ کي وري سومناٿ ۽ محمود، شيواجي ۽ اورنگزيب، نادر ۽ نور محمد وارا ڏينهن ڏسڻا پوندا. خدا اوهان کي بخشي... يا بخشيندو! اسين ته هونئن ئي لڏڻ وارا آهيون!"

آءٌ ڪجهه اهڙو محو ٿي ويس، جو مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ته مامو، انصاف جي مسند تي ويهي جهانگير وانگر پنهنجو انصاف ڪريٰ رهيو هو، جنهن جي رڳن ۾ هندو ماءُ ۽ مسلمان پيءُ جو رت ڊوڙي رهيو هو! ڪاش سڀ جهانگير ٿي سگهن- ۽ جڏهن مامي ڳالهائڻ بند ڪيو تڏهن مون ڇرڪ ڀري مامي ڏانهن ڏٺو. مامو اتي موجود نه هو. مامي جو جسم صوفا تي ڍرڪي پيو هو، ۽ هن جو جهانگيري روح پنهنجو آخري فيصلو ڏيئي، اتي ئي دل هٽ ۾ جهلي هميشه لاءِ سمهي پيو هو!

مون کان رڙ نڪري ويئي- "ماما... ماما... مامي!"

ان رڙ جو پڙاڏو ايا تائين منهنجي ڪن ۾ گونجي رهيو آهي. مامي ڊوڙندي

آئي: ماما جي حالت ڏسي، سندس مٿان ڪري پئي، ۽ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

ان ڏينهن منهنجي لاءِ شفقت ۽ محبت مري وئي هئي، ۽ مون پهريون ڀيرو هن منجهائيندڙ، پيچيدي، ڪٺن دنيا ۾ پاڻ کي اڪليو، بلڪل تنها، محسوس ڪيو. ماما جون هڪ هڪ ڪري سڀ شفقتون، دلبريون ۽ دلگيريون، سڀ خصوصيتون، ڪتابن سان سندس بي پناهه محبت، ماميءَ سان سندس نينهن، نوڪرن سان پاڻهه، ۽ مون لاءِ قربانين جو مادو، اهي سڀ ڳالهيون هڪ هڪ ڪري منهنجي دل دماغ کي چيرڻ ڦاڙڻ لڳيون!

"ماما، تون ڇو مون کي هن هيڏي ڀريل دنيا ۾، نادر ۽ نورمحمد جي دنيا جو تصور ڏيئي، اڪيلو ڇڏي، بي يار و مددگار سمجهندي به، چپ چاپ مسند تان اٿي هليو وئين؟ لان جي ڪناري ڪناري لڳل هن مُگرن ۽ چنبيلن کي آءٌ ڪهڙو جواب ڏيندس، جڏهن هن جي دل وٺندڙ هن جي ڀر ۾ نه هوندو؟ سڀ کان وڌيڪ ماميءَ جو ڇا ٿيندو؟"

"ماميِ...!"

ڊاڪٽر اشرف چئي رهيو هو ته ماميءَ جي دل به بيهي رهي هئي، شديد صدمي جي ڪري! پوءِ منهنجي دل ڇو پنهنجي دڪ دڪ قائم رکي آهي؟ ڇا مون کي صدمو نه پهتو آهي؟

مون کي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي! مون کي ماما ۽ ماميءَ سان قطعي محبت نه هئي. آءٌ ڪوڙو هوس نه- ان ڪري، نه ته جن ٻن هستين لاءِ مون کي ايتري سڪ ۽ محبت جو اعتراف ۽ ڊونگ هو، انهن ٻن محبوب هستين جا لاش پنهنجي سامهون ڏسي، منهنجي دل ڇو نه ٽي ڦاٽي پوي؟ منهنجي دماغ جون رڳون ايان ڇو ڪم ڪري رهيون آهن؟ ڇو منهنجو روح ايا منهنجي جسم ۾ پنهنجي موجودگيءَ سان مون کي آلوده ڪري رهيو آهي؟

"ماما، ماميِ... اوهان مون سان دوکو ڪيو آهي. ايترو پيار ڏيئي، ايئن ٻئي ڇڻا منهنجي دنيا مان هليا ويا، ڇڻ ته اوهان پنهنجي آڳ پوري ڪئي، ۽ مون کي وارو ڏيڻ کان اڳ ۾ راند ڇڏي، نئر ٻارن وانگر رسي هليا ويا!"، اهو خيال، باربار شڪايت بڻجي، مون لاءِ عذاب بنجندو رهيو.

ان کان پوءِ جا ڪجهه ڏينهن مون کي ياد نه آهن ته مون ڇا ڪيو. مون کي فقط ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جو احساس ٿيندو هو. جن کي سڃاڻندي به مون ڪونه ٿي سڃاتو! جڏهن مون کي هوش چهنڊڙي پاتي، تڏهن بنگلو مون کي ڪاٽڻ لڳو، ۽ آءٌ ڳوٺ موٽي آيس.

ڳوٺ منهنجي لاءِ هڪ اجنبي، پرائي، ڌارين، اوپري دنيا هئي. پر پوءِ ڪجهه ته ڳوٺ جي اجنبيت ۽ ڪجهه بنگلي کان پري رهڻ جي ڪري، ماما ۽ مامياءَ جي موت جو صدمو آهستي آهستي ڍرو ٿيڻ لڳو. طوفان کان پوءِ مائائي موٽي اچڻ لڳي. پر ڪيڏي ڪيڏي مهل ان مائائيءَ ۾ وري به لڙڪن جو طوفان موٽي ايندو هو، ۽ مون کي دلداري ڏيڻ لاءِ، امڙ هر جتن ڪرڻ لڳندي هئي. بابي سان ته شايد منهنجي ملاقات ٿيندي به نه ٿي. هن کي سريتن کان واندڪائي نه هئي، ۽ مون کي پنهنجي غم کان!

هڪ ٻيو دل وندرائڻ جو هنڌ هو ڪاڪي ايسر جي اوطاق، جتي شهر کان هڪ سنڌ سڌار ٽيم آئي هئي، ۽ ڳوٺ ۾ رونق لائي ڏني هئائون. بالغن جي تعليم، اسڪول جي مرمت، ننڍڙي اسپتال، زالن لاءِ چرخا ۽ سلائيءَ جون مشينون، ۽ زالن کي پڙهائڻ لاءِ شهري پڙهيل ڇوڪريون. ايئن ٿي ڀانيو ڇڻ ته هن پاڻ کي سنڌ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو.

پاڻ وندرائڻ لاءِ، اهوجهه ۽ بيمار انسانن جي خدمتن ڪرڻ کان وڌيڪ شايد ٻيو ڪو سهڻو وجهه نه آهي سو به بنهه پنهنجن جي خدمت! آءٌ رڳو وقت ڪاٽڻ ۽ پاڻ وسارڻ لاءِ هنن سان شامل ٿي ويس.

پهريون ڀيرو مون ۾ جيئري رهڻ جي وري، آرزو پيدا ٿي. ٻين لاءِ جيئرو هجڻ به ته هڪ آدرش آهي. ان آدرش اڳيان، اسان جي ساٿين، زميندارن ۽ وڏن، بابي جهڙن ماڻهن جي طرفان رنڊڪن ۽ هٿ چراند جي به پرواهه نه ڪئي ۽ ٿوري عرصي ۾ اسان پنهنجي ڳوٺ کي هڪ ماڊل ڳوٺ بنائي وڌو هو! رڳو ماڻهن کي سياسي سمجهه ۽ سماجي سڌاري لاءِ ساڄهه ڏيڻ، سو به سنڌ جي ٻهراڙين ۾، ڪو سوکو ڪم نه آهي. پر اسان جا ساٿي ڇڻ ته ان ڪم کي سنڌ ڏانهن پنهنجو فرض سمجهي، بجا آڻي رهيا هئا. ان قرض لاهڻ ۾ حياتي ته وياج کان به گهٽ هئي. پر سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ماڻهن کي سمجهائڻ جو سڀ کان موثر طريقو اهو اختيار ڪيوسين ته ماڻهن ۾، هر اها ڳالهه، جا سنڌي هجي، ان جي ساڄهه ۽ سڪ پيدا ڪرڻ کي ئي اتم رکيوسون. رڳو تربيت ئي ڪافي نه هئي، پنهنجي سڀيتا جي خوبصورتيءَ اسان جي وڏي مدد ڪئي. سنڌي ناٽڪ، سنڌي داستان، سنڌي راڳ،

سنڌي ناچ، سنڌي راندیون ماڻهن ۾ نئين سر جيئري رهڻ جو اتساهه پيدا ڪرڻ لڳيون. ونجهه وٽيون، ٻيلهاڙا، ملهون، وڏ- ڪبل، بيت بازي، پڳتون، مولود ۽ بزرگن کان سنڌ ۽ سنڌي سورهين جا قصا- هي هيون اسان جون روزانيون مصروفيتون!

آءٌ ٽڪجي ٽٽي دير سان جڏهن گهر پهچندو هوس، تڏهن منهنجو انتظار ڪندي ڪندي، ٻانهي به چائنڪ تي مٿو رکي سمهي رهندي هئي، ۽ آءٌ هن کي جاڳائڻ بنان، هنڌ تي ليٽي پوندو هوس ۽ مون کي ننڊ ڪٽي ويندي هئي. ڪيڏي نه شڪر گذاريءَ جي ننڊ هئي اها، جنهن مون کان مامي ۽ ماميءَ جو غم وسارائي ڇڏيو هو!

۽ پوءِ هڪ ڏينهن ڪنهن کي ٻڌائڻ کان سواءِ، شهر هليو آيس ۽ فوج ۾ ڀرتي ٿي ديرادون هليو ويس. ديرادون کان ڪلڪتو، ڪلڪتي کان حبش، حبش کان برما، سينگاپور ۽ ڪراچي منهنجي سنڌ جي دل! پر منهنجو وطن اهو وطن نه هو! ڏاڙهيءَ پٽ، ۽ سياسي جَوابازين جو اڏو، جتي مذهب جي نالي تي سيڪجهه ناممڪن ٿيندو ٿي نظر آيو، ۽ وري هڪ ڀيرو زندگيءَ جي راند هارائي، آءٌ پنهنجي پاڻ ۾، پنهنجي پراڻي غم ۾ گم ٿي ويس، جتي وقت بيهي رهيو. ايندڙ اٿلون پٿلون به ان وقت کي چوري، سيري، ۽ ريڙهي نه سگهيون. آءٌ پنڌ پهڻ ٿي سنڌ کي بدلجندو، اُڏڙندو، اُيامندو، وري وسامندو، ڀيڙ ٿي ٻرندو، ۽ پوءِ پسر ٿيندو ڏسندو رهيس.

انساني رت ۽ پوءِ، چچريل جسمن ۽ اپاهج وجودن- انڌن، لولن، منڊن- ۽ اسپتالن جي ايٿر جي بوءِ جا منظر ڏسندي ڏسندي، منهنجو روح ٽڪجي پيو هو. اهو ٽڪ ڪن صدين جو ٽڪ هو: ان ٽڪ ۾ اهوئي احساس هو تہ ڇوڙن منهجو سمورو رت چوسي ورتو هو، ۽ ڪوڪلي چوٽي وانگر، ذهني بيابانن ۾، آءٌ پنهنجي پاڻ کي واچوڙن جي آڌار تي ڇڏيندو ٿي آيس!

پر منهنجي وطن، منهنجي لاءِ ڪو مرهم، ڪو تريياق تجويز نہ ڪيو. هت تہ رڳي سياست هئي. آزاديءَ جي سورن کائيندڙ ڌرتيءَ جي سياست، جتي وطن پرستي ۽ مذهب پرستيءَ ۾ جنگ ڇڙي پئي هئي. اليڪشنون، سنڌ اسيمبليءَ جو ريزوليوشن، صوبائي خودمختياري يا ٻانهپ جو ڪلاز، آزادي، ۽ آزاديءَ جي دامن مان وهندڙ لکين انسانن جي خون جي ندين مان وهي ايندڙ مهاجر، جن جي آجيان لاءِ منهنجي وطن جا سورويو بهار تائين دامن ڦهلائي پهتا! مون ڇڻ تہ پاڻ کي واچوڙن ۾ ويڙهيو ڏٺو. مون کي اهو محسوس ٿيو تہ مون کي ڪا شيءِ صاف نظر نہ ٿي آئي. جيڪڏهن ڪجهہ نظر آيو ٿي تہ اهو هو ڳاڙهو ڪارو سائو نيرو انساني خون! هندستان جي ڪک مان ڇاول هي انسان اوچتو ئي اوچتو بکهڙ ۽ واڳهہ بڻجي ويا هئا، ۽ هڪ ٻئي کي ايئن چيري ڦاڙي رهيا هئا، ڇڻ هنن جي اکين تي رت ۽ پوءِ جا کوپا چڙهيل هئا. هنن جي رت جي پياس اجهامڻ جي نہ هئي. رت جي هنن ندين وهائڻ لاءِ ڪير ذميدار هو؟ هندو يا مسلمان؟ هي تہ يقيناً گيتا ۽ قران پڙهندڙ ٿي نہ ٿي سگهيا! هي سڀ ڇا هو؟ هي رت نمائيندين ريل گاڏيون ڪٿان ٿي ڀرجي آيون؟ هي منهنجي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ڇا ٿي رهيو هو؟ امرتسر، لاهور، گرداسپور، گجرات، دهلي، بهار، بمبئيءَ ۽ ڪلڪتي ۾ هي ڪهڙا جانور هڪ ٻئي جو ڪچو ماس پٽيندا ٿي رهيا؟ هي روئندا رڙندا عامل ۽ پائيبند ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا؟ هي روئندا رڙندا سيد، نقوي، صديقي ۽ بخاري ريل گاڏين جي ڇتين تي ٽنگجي، بکيا اڃيا پنهنجو وطن پنهنجا وڻاڻ ڇڏي هت ڇو پئي آيا؟

واچوڙن جو ڏنڌ وڏندو ٿي ويو، ۽ مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون: مون ڪجهہ بہ ڏسڻ نہ ٿي گهريو، ڪجهہ ٻڌڻ نہ ٿي گهريو، ڪجهہ محسوس ڪرڻ نہ ٿي

گهريو، ڪجهه ڪرڻ نه ٿي گهريو. آءٌ ٿڪل هوس، مون کي سمهڻ جي ضرورت هئي، مون کي ننڊ جي ضرورت هئي! آءٌ خواب ۾ به اهو سيڪجهه ڏسڻ ۾ ڏڻ نه ٿو گهران؛ ۽ پوءِ آءٌ هڪ گهري ننڊ پٽجي ويس؛ منهنجون اکيون ڪليل هيون، پر آءٌ "ڪوما" ۾ هوس!

پر هيءَ ننڊ به منهنجي ننڊ نه هئي. عجيب و غريب خواب هڪ ٻئي ۾ ملي، هڪ نئون سپنو، پيانڪ سايبان جهڙو سپنو بڻجي ٿي ويو. خاص طرح هڪڙو خواب مون کي اڪثر پريشان ڪندو رهيو؛ حيدرآباد جي اسٽيشن تي هڪ ريل گاڏي بيٺل نظر ايندي هئي، جنهن ۾ به سپاهي مون کي گرفتار ڪري، ريل گاڏيءَ جي ڪاريڊار مان، هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين گهليندا ٿي ويا. سڄي ماحول تي ڏنڌ ڇانيل هو، جنهن ۾ رت ۽ پوءِ جا ٽِڪا ٽِڪا ڦهليل هئا. رت ۽ پوءِ جي انهنءَ دريا ۾ تڙڳندو، هر گاڏي ۾ هڪ نئون پيانڪ ڪان پيانڪ منظر ڏسندو، اڳتي ٿي وڌيس.

پهرئين گاڏي ۾ هڪ جرمن ايس. ايس سپاهي پنهنجي سنگين تاڻيو بيٺو هو، ۽ اندر هڪ ڪٽر جي مشين چالو هو- بلڪل اهڙي، جهڙي اسان جي ڳوٺ ۾ ٽارومل جي ڪٽر مشين هئي. پر انهيءَ ۾ ٻاجهر ۽ مڪئيءَ جي ڪانن بدران انساني هڏاوان پيرا ڪٽرجي رهيا هئا. هڏاوان پيرا سيڌاڻپ ڪان ٻاهر هئا، فقط هڪڙي ڇٽڪي هر هڏائين پيري جي ڳچيءَ ۾ لٽڪيل هئي، جنهن تي حضرت دائود جو تارو ڇپيل هو. انهن هڏاون پيرن ۾ ٻيڙا به هئا، جوان به، زالون به هيون، ٻار به هئا- هر سائيز، هر "ميڪ" جا هڏاوان پيرا هئا. ان ڪٽر جي مشين ۾ ڪا عجيب ڪيڏ رڪيل هئي، جو انهن هڏن کي ڪٽرڻ وقت، ٻه شيون خاص طرح الڳ الڳ ڊير ٿي رهيون هيون؛ هڪڙا سونا ڏند، جيڪي ڪٽر ٽيل ڄاڙين مان اڏامندا هڪ ٽيلهيءَ ۾ ڪرندا ٿي ويا. ان ٽيلهي تي نازي "سواستيڪا" ڇپيل هو، ۽ ٻي شيءِ هئي، انهن هڏاون پيرن جون اکيون! اهي اکيون شايد ايا مَيون نه هيون. انهن ۾ ديد ايا باقي هئي! اهي اکيون هڪ الڳ ڊير ۾ جمع ٿي رهيون هيون، ننڍيون اکيون، وڏيون اکيون، صاف اکيون، چَنجهيون اکيون، ڪاڻيون اکيون، ٽيڏيون اکيون، جوان اکيون، پوڙهيون اکيون، حيادار اکيون، بي حيا اکيون، معصوم اکيون، چنچل اکيون، فلسفي اکيون، ڀڙڪ اکيون، سائنسدان اکيون، ڄڻ جاهل اکيون- محض اکيون، ۽ سڀ اکيون هڪ ئي وقت منهنجي اکين ۾ گهوري رهيون هيون! انهن ۾ فقط هڪ احساس زنده هو؛ ڊپ، خوف ۽ ڀڙ جو احساس، ڄڻ ته اهي سموريون اکيون، گهٽي ڏيڻ يا گهوگهي ڏيڻ سان ٻاهر نڪري آيو هيون. انهن ۾ ڪا التجا ڪا بچڻ جي اميد، ڪا نيزاري، ڪا پيشقدمي، ڪا پوئواري، ڪجهه به نه هو، محض ڊپ هو، محض خوف هو؛ اهي

اکيون ڊپ ۽ خوف ۾ پنڊپهڻ ٿي ويون هيون! ۽ پوءِ سنڌ جو نقشو ايري ٿي آيو؛ ڇا سنڌ جو نقشو يهودين جي انهيءَ قتلام جي پس منظر ۾ ضروري هو!؟ مون پنهنجي پاڻ لاءِ، خواب ۾ ئي سوال ٿي ڪيو. يهودي لاش زندگيءَ جي نفيءَ جو اهڃاڻ هئا، ۽ سنڌ، آزاديءَ جي جدوجهد جو نشان، جنهن تي انگريزن منڌيئڙا - هندو ۽ مسلمان منڌيئڙا پائي ڇڏيا؛ اها سنڌ يهودين جي آهي، نيزارين ۽ منٿن جي پس منظر ۾ هڪ دانهن بڻجي ٿي ويئي: آءٌ سنڌ آهيان: آءٌ آزادي گهران ٿي؛ منهنجي ٻچن کي آزاد ٿيڻ جو حق ڏيو!"

سپاهين، پنهنجي سنگين سان مون کي چوڪ ڏيئي اڳتي ريڙهيو. اڳئين گاڏي جي اڳيان هڪ جپاني سپاهي خنجر تاڻيو بيٺو هو. هن مون کي ڏسي، پنهنجو ڪنڌ نمائي ڪورنش ڪيو؛ اهو ڪورنش منهنجي لاءِ نه، پر منهنجي محافظن لاءِ هو. هن جي اکين ۾ هڪ سوال هو، ڇا هي نئون جنگي قيدي آهي؟ ۽ مون اندر ڏٺو، اندر هڪ جپاني پٽگوڊا، مندر جو استوپا ٺهيل هو. پر ڪنهن پٿر، عاج يا صندلي ڪاٺ جي بدران اهو سجو پٽگوڊا، انساني ڪوپرين مان ٺهيل هو. اهي ڪوپريون مختلف نسلن جون هيون. چيني، ٿائي، برمي، ملائي، انڊونيشي ڪوپريون- وچ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي انگريز ڪوپريون به نظر ٿي آيو. انهن ڪوپرين تي نراڙ جي چوڌاري هڪ نيرو پٽو هو. جو نيرو گهٽ ڪارو وڌيڪ هو، ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ته هر ڪوپريءَ جي ان پٽي مان رت ٽينڊيون ڪري وهي، پگهرجي قطرن وانگر جمي ويو هو.

مون کي اها ڪرسي به ياد آئي، جتي منهنجي اکين اڳيان منهنجي ساٿي سپاهيءَ کي، جپانين نرڙ تي هڪ لوهي پٽو ٻڌي ان جا اسڪرو ٿائيٽ ڪرڻ شروع ڪيا هئا. پهرين ته ڪجهه نه ٿيو؛ پوءِ آهستي منهنجي ساٿيءَ جي نرڙ تي ٻڌل پٽي جي ٻنهي پاسن کان رت جون ٻه گول ليڪون ظاهر ٿيون. ان کان پوءِ هڪ هلڪي چرڪاٽ جو آواز ٿيو، اهڙو جهڙو ڪنهن لوهي ڊبي کي رِهه ڏيڻ وقت ٿيندو آهي. شرڙ شرڙڪ، شرڙڪاٽ!

منهنجي دوست جي چيٽ مان ظاهر هو ته هن کي اهو اعتبار نه ٿي آيو ته هن جو مٿو ڪو ايترو جلد ٽڙڪي، ڀڄي، ڇڄي، پور پور ٿي ويندو!

انهن سمورين ڪوپرين جي نيري پٽي ۾ هڪ ٻي به خاص ڳالهه هئي. اهي پٽا ان پٽگوڊا ۾ اهڙي طرح بيهاريا ويا هئا، ڪوپريون اهڙي انداز سان ٽِڪايون ويون هيون، جو انهن پٽن جي گول گول ليڪن مان ٻڌ ڀڳوان جو چتر ٺهي پيو هو، اهو ٻڌ جو چتر نهايت سانت، آخري نرواڻ جي مودِ ۾ هو؛ هڪڙو هٿ هنج ۾ رکيل هوس؛ ٻيو هٿ مٿي ڪنيل هو، جڻ هر پوڄاريءَ کي نرواڻ جي بشارت ڏيئي رهيو هو.

منهنجي محافظ جپانين، ان ٻڌ کي سجدو ڪري، مون کي اڳتي وڌي نوڪر هنئي، ۽ آءٌ اڳتي وڌي، هلڻ لڳس.

اڳئين گاڏي تي هڪ سک فوجي بيٺل هو، مون کي ڏسي، سندس ڏاڙهيءَ ۾ ٿوري جنبش آئي، ۽ ڏاڙهيءَ ۾ لڪل ڪرپان ظاهر ٿي سندس هٿ ۾ پهچي ويو. ۽ مون ڏي اُلر ڪري آيو، پر سپاهين کي ڏسي، هٿي بيهي رهيو. مون گاڏي ۾ اندر نهاريو، اندر چار پنج سک سرڪس جي منظر وانگر ڪلابازيون ڪائي رهيا هئا، هنن جي هڪڙي هٿ ۾ رت ۾ ڳاڙها ڪرپان هئا، ۽ ٻئي هٿ ۾ ننڍا گلن جهڙا ٻارڙا، ڪلابازي ڪائيندي، سڪن ننڍڙن گلن جهڙن ٻارڙن کي مٿي هوا ۾ ٿي اڇلايو، ۽ سيني ڪوشش ڪري، پنهنجي پنهنجي ڪرپان جي نوڪ تي هڪ کان وڌيڪ ٻارڙي جهٽڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي! جنهن جي ڪرپان ۾ ٻه ٻارن جهڙ ته پاڻ ۾ چٽا پيٽي ڪندي، هڪ ئي ڪرپان ۾ گهڙي ٿي ويا، سو اڳتي وڌي هڪ ڪنڊ ڏانهن ٿي وڌيو، جتي مون ڏٺو ته گروگوبند سنگهه جو پتلو، هڪ هٿ تي باز وهاري، ٻئي هٿ سان گرنٿ جو پنو اٿلائڻ ۾ مشغول هو! ان سک وڌي، اهي ٻار، باز جي چهنب تائين ٿي آندا، ۽ باز کي جهڻ ته انساني گوشت پسند نه هو يا اهو ڏسي ته ٻار طهر ٿيل هئا، منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيو. سک ناامید ٿي، وري ڪلابازيون پائڻ ٿي لڳو، ۽ محافظن وري مون کي تڏو هٿي اڳتي وڌڻ ٿي مجبور ڪيو.

اڳئين گاڏي جي ويجهو پهتس ته مون کي نعره تڪبير ٻڌڻ ۾ آيو. دورازي تي هڪ قداور جوان تلوار کڻ مڇن سان هٿ ۾ تلوار کڻيو بيٺو هو: مون کي ڏسي هو اڳتي وڌي آيو، ۽ تلوار منهنجي سيني تي رکي چيائين. "جزيو يا موت؟"

پر منهنجي محافظن کي ڏسي، منهن ڀلڙو ڪري بيهي رهيو. مون اندر نهاريو ۽ هڪ حيرت انگيز منظر ڏٺم، سامهون گوشت جو ڍير پيل هو. مون کي شڪ جاڳيو ته شايد ڳائو گوشت هو، پر جلدئي منهنجو خيال غلط ثابت ٿيو، ڇاڪاڻ ته ان گوشت ۾ گهٽا ئي امڙن گوشت جي ٽڪرن جي هئي، جن جي شڪل چينيءَ جي اونڌي ٿيل ڪوپن يا ننڍن پيالن جهڙي هئي، ۽ انهن جي پوري وچ تي ننڍي سرخ گولائيءَ ۾ هڪ ڇنڊي هئي، جئن دلي جي ڍڪڻيءَ ۾ ٿيندي آهي. مون کي ٿورو شڪ پيو ته اهي ماس جا ٽڪرا ڄاتل سڃاتل هئا- شايد اهي ڪن حسين زالن جا ٻَبا هئا... شايد!

گوشت جي ان ڍير جي پاسي ۾، چار پنج جانٽا ڳيرو جوان ويٺل هئا، ۽ هڪ پوڙهو، اڇي ڏاڙهيءَ سان؛ جوان انهن گول گول گوشت جي ٽڪرن کي الڳ ڪندا، هڪ ڊگهي رسيءَ ۾ پوئندا ٿي ويا، جهڻ ته هڪ وڏي مالا يا تسبيح ٺاهڻي هُين، ۽ پوڙهو انهن مان هڪ هڪ داڻي تي خطاطي ۽ طغرا جا فنپار، هڪ خنجر

جي نوڪ سان اُڪيريندو ٿي ويو. مون کي ٻه چار لفظ سمجهه ۾ ٻه آيا. هڪ تي لفظ "لاڏي" نظر آيو، هڪ تي "سومناٿ جي سندري"، هڪ تي "سيتا"، هڪ ٻئي تي "پرديپ ڪور"!

مون سوچيو شايد ڪو مورخ ٿو ڏسجي- خوشخط، خطاط، نقاش مورخ... پر منهنجي سوچ کي محافظن سنگين جي هڪ نوڪ سان اڏورو رهائي ڇڏيو.

آءٌ اڪتي وڏيس: اڳيان گاڏي جي دروازي تي هڪ مٽي ڪوڙيل، ڏوتي ٻڌل ۽ جٽيو پيل جوان بيٺل هو. سندس هٿ ۾ هڪ لنڊي تلوار هئي. مون کي ڏسي هن جي وات مان نڪتو- "مليچ!" پر محافظ کي ڏسي چپ ٿي ويو.

اندر هڪ عجيب منظر هو. پوري وچ تي ڪائين جو هڪ مچ پئي ٻريو، ۽ ان مچ جي چوڌاري پنج ڇهه نوجوان جاٽن، راجپوتن واريون پڳڙيون ٻڌل، لنڊيون تلوارون هٿن ۾، ڪنهن شيءِ يا ماڻهوءَ جي انتظار ۾ هئا. اوچتو هنن نعرو هنيو، "هر هر مهاديو"! هنن جي پويان ٻه ماڻهو ڪو بوجو کڻيو ٿي آيا. ڪنهن ڊگهي ڪپڙي اندر ڪجهه هڙ جيان ٻڌل هو. گهڙيءَ لاءِ خاموشي ٿي ويئي. هنن مان هڪڙي چيو، "شرما جي، تنهنجو وارو آهي."

ٻئي چيو- "نه شريمان نه، مان مليچن کي هٿ نه لائيندس نه ته گنگا ماتا وڃڻو پوندو!"

سڀ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. پوءِ سيني گڏجي هڙ کولي. هڙ مان هڪ خوبصورت جوان رسن سان ٻڌل، برآمد ٿيو، ۽ ان سان گڏ هڪ نوجوان، خوبصورت عورت هئي، ۽ هڪ چئن سالن کن جو معصومڙو ٻالڪ. ٻالڪ روئي رهيو هو- "امان امان... ابا... ابا..."

۽ امالڪ، هڪ جوان، ٻالڪ کي ٻانهن کان جهلي ڪٽي مچ ۾ اڇليو. ٻالڪ اڃان تائين "امان... ابا..." چوندو رهيو، پر جلدئي سندس آواز ٻه مچ جي ٽڙڪاٽن جلائي ڇڏيو.

هڪ ٻئي جوان وڏي ان خوبصورت عورت کي ڳچيءَ کان جهلي مچ ۾ اڇلايو، ۽ ٽهڪ ڏيئي چيائين- "اجها وڃي ٿي، هن جي اما!" ۽ چئن ئي گڏجي نعرو هنيو "هر هر مهاديو"!

آخر ۾ ڳيرو جوان کي ٽنگوٽالي ڪري مچ ۾ وڌائون: "هر هر مهاديو!"

- ۽ مون ڏٺو ته اوچتو مچ وسامي ويو، ۽ ان جاءِ تي شِوَ جو هڪ بت ايري آيو، جنهن جي جٽائن مان گنگا وهي ٿي نڪتي- رت جي گنگا!

مون کي هڪ اهڙڪو آيو، ۽ منهنجا ڦٽڙ، رت ۽ پوءِ جي ڌارا بڻجي ٻاهر نڪري آيا. آءٌ ان رت ۽ پوءِ جي سمنڊ ۾ تڙڳندو، ٻڏندو رهيس، ۽ منهنجي محافظن ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا: "هي آهي ويهين صدي جو بهادر انسان...!"

هن وري مون کي ٽڏو هنيو. هڪ محافظ، سنگين جي نوڪ سان منهنجي ٻنهي ڦڦرن ۾ سوراخ ڪرڻ شروع ڪيا، ۽ آءٌ اڳتي وڌيس. منهنجي اکين آڏو انڌ اچي ويو. پر اوچتو وڃ جو خوفناڪ ٺڪاءُ ٿيو، ۽ منهنجا محافظ گم ٿي ويا. اها گاڏي به گم ٿي ويئي. منهنجي سامهون دونهين جو هڪ بادل زمين مان ڦٽي نڪتو، ۽ آسمان ڏانهن ڦهلجڻ لڳو. اهو اٿاهه ڪارو بادل لاٽونءَ وانگر هو، ۽ لاٽونءَ جهڙو ئي تيز ڦري رهيو هو. گهڙيءَ ۾ طوفان، واچوڙا ۽ مينهن شروع ٿي ويو. دونهين جو بادل ڦاٽي پيو، ۽ باهه جي ڄرن ۽ شعلن جو دريا بڻجي وهڻ لڳو. هڪ ئي وقت باهه جو سمنڊ، ۽ باهه جهڙي گرم پاڻي جو مينهن، هڪ ئي وقت طوفان ۽ هوا سان گڏ بي انتها گهٽ ۽ هوسٽ ٿي ويئي. منهنجي ڏسندي ڏسندي ماڻهو پنهنجن گهرن، دڪانن، سينمائن، غسلخانن، ڪاڪوسن، ڪٽيري هائوسن مان نڪري ڀڄڻ لڳا. هيڏانهن هوڏانهن چئني پاسن ڏانهن، پر باهه جو بادل وڌندو، پکڙجندو، ڦهلجندو ڪين هضم ڪندو ٿي ويو.

لوهه جون پُليون، سيمنٽ جون عمارتون، ڪاٺ جا پرگولا، ٽامي جا بت، گوتم جون سماڌيون، ديولون، مسجدون، ان باهه جي بادل ۾ وگهرنديون، ٻرندڙ جبل جو لاوا بنجنديون ٿي ويون، ۽ سيڪجهه ان بادل ۾ سمائجندو، ان جي باهه کي تيز ڪندو، ڀڙڪائيندو ٿي ويو. اوڏيءَ مهل وري وڃ جو هڪ ٺڪا ٿيو، ۽ وڃ وڏي آواز ۾ چيو "هيروشيما"!

ان وڃ جي روشنيءَ تي هميشه، منهنجون اکيون ڪلي پونديون هيون، ۽ آءٌ ان ڀيانڪ اوتاري مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو هوس. منهنجو سڄو بدن پگهر ۾ شر هوندو هو. جسم ۾ ڀالا لڳندا محسوس ٿيندا هئا، ۽ اکين مان ننڊ ڪڍڻ لاءِ آءٌ ٽڏي پاڻي جي ٽب ۾ پناهه ڳوليندو هوس!

6

پروفيسر سان منهنجي ملاقات وري اسان جي سورٽ جي سورهين سالگره تي ٿي، ۽ منهنجي اکين آڏو سڀ ماضي، ماما ۽ مامي۽ جو موت، پروفيسر تي سازش ۽ بغاوت جو مقدمو، ۽ ان کان پوءِ جي زندگي اکين آڏو ڦري ويئي. پروفيسر سالن تائين جيل ۾ رهيو، ۽ جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ، اکين ڏٺا شاهد نه هئڻ جي ڪري ڪيس کٽي ويو، ۽ ڪيس ڇڏي ڏنائون. ان کان پوءِ هو ڪٽي رهيو، ۽ هن جي زندگي ڪيئن گذري تنهن جي مون کي ڪا خبر نه پئي. پر هن کي ڏسي، مون کي هڪ عجيب خوشي ٿي؛ ڏک گاڏڙ خوشي، گوندر جهڙي خوشي، مون کي بلڪل ايئن محسوس ٿي رهيو هو. ڇڻ ته منهنجو ڪو عزيز، سخت پيڙا ۽ تڪليف کان پوءِ مري ويو هو، ۽ مون کي هن کان جدا ٿيڻ تي شديد ڏک هو، پر ڇاڪاڻ ته هو ڇيچلائيندڙ پيڙا مان آزاد ٿيو هو، ان تي دل پرسڪون خوشي محسوس ڪري رهي هئي، اهو عجيب احساس هو. مرڻ بدران، هڪ ديرينو مهربان ۽ شفيق استاد ويهارو ورهين کان پوءِ ملي رهيو هو، ۽ مون کي هن کان جدا ٿيڻ جو احساس تڙپائي رهيو هو. شايد جن کي دل پائيندي آهي، تن لاءِ اهڙوئي ڏکوئيندڙ خوشيءَ جو احساس وري ملڻ تي دل ۾ پيدا ٿيندو آهي. پروفيسر جهور پوڙهو ٿي ويو هو- سندس ڀرون به اڇا ٿي ويا هئا، ۽ سندس چيلهه ۾ به هلڪو ڪب پئجي ويو هو، پر هو ڪوشش ڪري، ان کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن جو جسم هاڻ موت جي ڪناري تي هو. پر سندس اکين ۾ اهائي زندگي، اهائي شوخي، اهائي چنچلتا اڇلون ڏيئي رهي هئي. هن کي ڀاڪر پائيندي، مون محسوس ڪيو ته هو خود ڪنهن احساس کان لرزي رهيو هو. ڀانيم، واقعي مون کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو.

"انور، شايد تون به اندازو نه لڳائي سگهين ته توکي وري ڏسي ڪيتري خوشي ٿي آهي، جيتوڻيڪ تون ڪانگ جهڙو ڏاهو آهين... ڪيئن آهين، زندگيءَ کي ڇا ڏنو ورتو اٿئي، اهي سڀ ڳالهيون پوءِ؛ پر پهرين سورٽ جي ڇمڻ ۽ سورنهن سالن جون سورنهن مبارڪون هجنئي!"

"سائين، لک لک مهربانيون. اوهين منهنجي... هيءَ آهي منهنجي مهرو، ۽ مهرو، هي آهي منهنجو استاد پروفيسر رشيد، جنهن جو اڪثر ذڪر ڪندو آهيان.

مون تي حد کان وڌيڪ مهربان هو، ۽ مون جيڪي ڪجهه پرايو، سو هن کان...!"

"هاڻ، پنهنجي بُراين تي به منهنجي شاگرديءَ جو پلئه نه وجهه..." پروفيسر ڪلي چيو.

مهروءَ جي اکين ۾ نهاريندي چيائين: "ڏيءَ، مون کي اڄ اوهان ٻنهي... نه نه، ٽنهي کي ڏسي بيحد خوشي ٿي آهي. هن پيانڪ دنيا ۾، اهڙي حسين Trini-ty (ٽڀليٽ) ڏسڻ سان، وري به ڪا اميد جاڳي ٿي، ته هروپرو دنيا ايتري بيڙي نه آهي. سورٺ جون لک لک مبارڪون هجنوَ! واقعي اوهين ٻئي فنڪار ٿا ڏسجو!"

هن جي اکين جي گنبيرتا وري چنچلتا ۾ بدلجي ويئي. مهرو ته سڄي لڄ کان ڳاڙهي ٿي ويئي. هن جو اهو حيا جو رنگ منهنجو من گاڻون مائون ڪري ڇڏيندو هو، ۽ آءٌ گهڙيءَ لاءِ پروفيسر کي وساري ويٺس.

مهروءَ مرڪي چيو: "مهرباني!"

لڄ کان هوءَ ڪجهه وڌيڪ چئي نه سگهي.

پروفيسر ڪجهه وقت، ڪن عجيب نظرن سان مهروءَ کي ڏسندو رهيو، ڄڻ ته هو ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو؛ ۽ پوءِ هن جي نظرن ۾ ڪنهن ڄاڻ جي روشني اچي ويئي، ۽ هن چيو- "انور، هڪ ڳالهه مون کي سمجهه ۾ نه آئي؛ ٿي سگهي ٿو ته آءٌ غلط هجان. پر منهنجي پٽ جي چترن جي نمائش ۾ شايد مون تنهنجي مهروءَ کي تصويرون جاچيندو ڏٺو هو، ۽ مون ان وقت ايئن محسوس ڪيو ته رنگن جي ديوي خود ڪنهن آرٽسٽ جي رنگن جو معائنو ڪرڻ ڌرتي تي لهي آئي آهي. مِٺي، تون هئينءَ نه، سليم چترڪار جي نمائش ۾؟"

"جي ها، اسين ٻئي هئاسين؛ سورٺ به اسان سان هئي..."

"پوءِ ته مشڪل ۾ وجهي ڇڏيوَ! خبر نه آهي ته مون رنگن جي ديوي ڪنهن کي سمجهيو؛ اوهين ماءُ ڌيءَ آهيو به ته هوبهو هڪ جهڙيون، ڄڻ ته جاڙيون پينرون ٿيون لڳو. ايئن آهي جيئن سونهن جي جاڙي ٻيڻ پاڪيزگي! تون جيڪڏهن سونهن آهين ته هوءَ پاڪيزگي! ۽ اهڙيون جاڙيون پينرون رڳو سنڌ ئي ڄڻي سگهي ٿي!"

"اهو چترڪار اوهان جو پٽ آهي؟ واقعي هو بيحد ذهين ۽ خوشرنگ چترڪار آهي. مون کي چتر ڏاڍا پسند آيا. سورٺ ته بلڪل پاڳل ٿي ويئي هئي، هڪ ٻن تصويرن پٽيان- ۽ نيٺ خريد ڪري آئي،" مهروءَ چيو.

"اڙي، پوءِ ته اوهين اسان جا محسن ۽ مربي به آهيو،" پروفيسر سنجيدگيءَ مان چيو.

"ان ۾ مربي ۽ محسن هجڻ جي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي!" مهروءَ کي ڪو جواب نہ سجهيو. هن کي رکي رکي اهو چترڪار ياد اچي رهيو هو.

"ڇو ڪين آهي؟ هن ملڪ ۾ چترڪارن کي پڇي ڪير ٿو؟ سڀ ڪلاڪار، آرٽسٽ ۽ ليکڪ بک پيا مرن. مون جهڙا ماڻهو تہ آگرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، جيڪي ڪتابن يا چترن تي پئسو ٿا خرچ ڪن!"

مون کي ايئن محسوس ٿيو جڻ پروفيسر جي انهن لفظن ۾ ڪا ٽوڪ سمائجي ويئي. پر سندس اکين ۾ نهاريم تہ اُتي طنز بدران سچائي نظر آئي.

مهروءَ هڪ نئين اتاولائيءَ مان چيو: "پوءِ سليم صاحب کي پاڻ سان وٺي اچو ها نہ؟"

"ها، هن کي منهنجي پراڻن رفيقن ۽ دوستن سان ضرور ملڻ گهرجي!"

ٻئي ڏينهن تي ٻاهران آيس تہ چترڪار سليم ڊرائنگ روم ۾ مهروءَ ۽ سورٺ سان چتر ۽ رنگن جون ڳالهيون ڪري رهيو هو. مهرو هن کي هڪ عجيب محويت سان ڏسي رهي هئي. هن جي اکين جو اهو رنگ مون کڏهن بہ نہ ڏٺو هو؛ شايد هن مون کي بہ ڪڏهن انهن نظرن سان نہ ڏٺو هو. چترڪار واقعي سهڻو جوان هو؛ موڪرو منهن، ڊگهو نڪ، ڳاڙهسريون ڪاريون اکيون، ڊگهو قد، مضبوط جسم- بلڪ يوناني "اپولو" جو مجسمو ٿي لڳو.

اهو خيال ايندي ئي، مون کي الائجي ڇا ٿي ويو، ۽ آءٌ ان منظر ۾ دخل انداز ٿيڻ لاءِ آتو ٿيڻ لڳس. مون سوچيو تہ جيڪڏهن هن وقت مون دخل اندازي نہ ڪئي تہ شايد دير ٿي ويندي. مهرو تہ خير محو هئي، پر سورٺ جي منهن جو رنگ بہ عجيب هو. هوءَ بہ چترڪار ۾ اهڙي دلچسپي وٺي رهي هئي، جا هن جي طبيعت ۾ نہ هئي. مون کان ۽ مهروءَ کان سواءِ هوءَ ڪنهن سان بہ گهري نہ پوندي هئي. پر چترڪار ۽ هن جي وچ ۾ الائجي ڪهڙو روحاني رشتو هو، جو سورٺ هن ڏانهن ڇڪبي پئي ويئي، ۽ مون کي ايئن محسوس ٿيو تہ مهرو بہ ان ڪشش کي محسوس ڪري رهي هئي. هن کي اها گهرائپ پسند نہ هئي، پر ان احساس سان نہ، جيڪو مون ۾ هو. مون ۾ هڪ ٻيءَ جي پنهنجي اولاد لاءِ مدافعت ۽ حفاظت جو جذبو هو، ۽ مهروءَ ۾ شايد حسد جو!

۽ پوءِ چترڪار روز اچڻ لڳو. مهروءَ کي آءٌ ڄڻ تہ وسري ويس. ڪڏهن سهانجي جي وڻ هيٺان ويهي مهرو ۽ چترڪار مٿيءَ جا پتلا ٺاهيندا نظر ايندا هئا، تہ ڪڏهن گلن جون پنکڙيون سڪائي انهن جي رنگن جي ڀيٽ ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هئا. ڪڏهن شام جو لان ۾ ڪرسين تي، هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا، هڪ ٻئي ۾ نهاريندا ٿي رهيا.

آءٌ هر روز سوچيندو هوس تہ آءٌ مهروءَ سان ذڪر ڇيڙيان. پر مون کي اهوئي ڊپ ٿيندو هو تہ آءٌ هن کي سخت ڏکي ڪري وجهندس. آءٌ هن کي ڪيئن سمجهايان تہ هن جي ۽ چترڪار جي عمر ۾ گهٽ ۾ گهٽ نہ تہ بہ ويهارو سالن جو فرق هو، ۽ سندس اها گهرائپ، نوڪرن جي نظر ۾ اچڻ لڳي هئي. پروفيسر منهنجو دوست هو... ۽ چترڪار منهنجي دوست جو پٽ! ۽ مهرو منهنجي...

منهنجي ڇا؟ منهنجو سيڪجهه، منهنجي زندگي، منهنجي خوشي، منهنجو غم، منهنجو زخم، منهنجو مرهم!

مهينا گذري ويا، پر گهرائپ گهٽجڻ بدران وڌڻ لڳي. شام جو سمنڊ جي ڪناري گهمڻ جو نيم بہ ٽٽي پيو. مون کي شڪايت جو موقعو ئي نہ ملندو هو.

"جاني، اڄ سنڌي گڏين جي نمائش آهي. آءٌ سليم سان وڃان ٿي تون سورٺ کي ڪاليج مان ڪٽي اچجانءِ- منهنجو ڏاهو جاني...!" ۽ هوءَ پنهنجي هينڊ بئگ لوڏيندي هلي ويندي هئي، ۽ آءٌ نندي مارس گاڏيءَ کي حسرت جي نگاهن سان ڏسندو رهندو هوس.

"جاني، اڄ تون ٽڪل ٽڪل پيو لڳين؛ آءٌ سليم سان "واڪ " ڪرڻ ٿي وڃان...!"

۽ سمنڊ جي ڪناري هنن ٻن محبتي روحن کي ٽهلندو ڏسي، منهنجي دل مان الائجي ڇو هلڪي آهہ ايرندي هئي! هنجن جو هي جوڙو محبت جا موتي چڳڻ لاءِ، هوا جي پَرَن تي، منهنجي غم جي خلا مان ترندو، ترڪندو ٿي ويو.

هي مهروءَ کي ڇا ٿي ويو هو؟ هن جي محبت ڪيڏانهن ويئي؟ تہ ڇا اهو سيڪجهہ ڪوڙ هو تہ هوءَ مون بنان زنده نہ رهي سگهندي! پر شايد اهڙو وعدو تہ هن نورل سان بہ نوخيزيءَ جي زماني ۾ ڪيو هوندو! اهو خيال ايندي ئي ڄڻ تہ مون کي پنهنجي ڪميٽپ جو احساس ٿيو؛ آءٌ هي منظر برداشت نہ ٿو ڪري سگهان، ان ڪري آءٌ هاڻ الزام تراشيءَ ۾ مبتلا ٿي رهيو هوس!

مون سمجهيو هو تہ مون ۾ روايتي وڏيرو ڪڏهوڪو دفن ٿي ويو هو، خاص ڪري ان وقت ڪان جڏهن مهروءَ جو پيار منهنجي وجود ۾ روح جي اونهائين ۾ پهچي ويو هو. مون کي پنهنجي ڪن مارڪسٽ دوستن جي ان ڳالهہ تي هاڻ ڪَل اچڻ لڳندي هئي تہ "تون ڪٽي پاڻ کي ڪيترو بہ بدليل سمجهين، پر زندگيءَ جي وهنوار ۾ طبقاتي سوچ، ڪنهن نانگ وانگر ڇَپَ هئي تنهنجي اندر ڪنهن ٻِرَ ۾ موجود ضرور آهي، جيڪا تون نہ مڃين تڏهن بہ پنهنجو اظهار، ڪنهن نہ ڪنهن وقت ضرور ڪندي؛ تنهنجي اندر جو وڏيرو، ڏهني ڪشادگي ۽ "ليبرلزم" جي چوغي ۾، "هو جمالي" واري "سوني منڊي چيچ ۾!" پايو ٿو گهمي! وقت اچڻ تي اهو وڏيرو..." ان ڪان اڳتي آءٌ هنن کي راءِ جو اظهار ڪرڻ ڪان روڪڻ لاءِ ڪانئن رَسي ويندو هوس!

اُن ڏينهن بہ منهنجي خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ ڪا وڏيرڪي ڪميٽپ مون ۾ ڪَرَ ڪٽڻ لڳي هئي. مون سمجهيو تہ آءٌ بي خياليءَ ۾، پروفيسر رشيد جي گهر وٽان لنگهندي، محض ساٿس ملڻ لاءِ، گاڏي بند ڪري سندس فلٽ ۾ لنگهي آيو هوس. دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪيم، پر اندران ڪو جواب نہ مليو. "شايد، گهر تي ڪونهن!" - اهو سوچي، آءٌ هيٺ لهڻ لاءِ مڙيس تہ دروازو کلڻ جو آواز آيو.

سليم منهنجي سامهون بيٺو هو؛ سندس وات ۾ پينٽ سان ٺمندڙ برش، سندس ڪپڙا مختلف رنگن هاڻا هئا، سندس اکين ۾ اوجاڳن جا رنگ هئا...

"اوهين...؟" مون سمجيو تہ هن جو منهن سڄو هئڻو ٿي ويو.

مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو، ۽ اندر هليو آيس. سامهون ئي سامهون اسٽيئنڊ تي هڪ شاهي ڪينوس چڙهيل هو، ۽ ان ڪينوس تي ڳاڙهن ٽنئورن ۽ ٽِڪن واري ڪَجَ، سائي سوسيءَ جي سٽڻ، ۽ ڳاڙهي نيري ڪاري ٻانڊٽيءَ ۾ هڪ ڳوٺاڻي نينگر، جڻ تہ منهنجي نظرن ڪان پاڻ بچائڻ خاطر، پنهنجي عاج جي ٻانهينءَ ۾ نهارڻ لڳي هئي. منهنجي دل پنهنجي دڪ دڪ جو هڪڙو ڏَڪَ گسائي ويئي. مهروءَ جو هيءُ حسن منهنجي تصور جي سرحدن کان بہ گهڻو وڌيڪ سهڻو هو، وڌيڪ پاڪيزه هو. پر وري ڪو گمان منهنجي وجود کي ويڙهي ويو. هيءَ تہ مهرو ڪانہ هئي؛ هيءَ تہ سورٺ هئي؛ سورٺ، سنڌ جي سدا ملوڪ لباس ۾، سنڌ

جي سدا سهڻي تهذيب جي رنگن ۾! منهنجي ذهن ۾ جيڪي خيال اُن وقت آيا، وري موٽي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي ڪي اچاتا احساس جاءِ والارينڊا ويا، ۽ منهنجي روح کي رتو ڇاڻ ڪري ويا! شايد رڳو ان تصور کان ته مهرو يا سورٺ، ڪنهن ٻئي جي روح تي راج ڪري سگهن ٿيون، پوءِ پاڇولي طور سهي، چتر طور سهي؛ اهو اهڙو عذاب هو، جنهن مون ۾ وري هڪ عام رواجي خسيس ۽ بنهه ڪين جهڙو احساس پيدا ڪيو؛ ملڪيت جو، مالڪيءَ جو، ۽ ڦرجي وڃڻ جو!

"اڙي انور، تون!" مون ڇڻ ته تمام پري کان پروفيسر جو آواز ٻڌو.

مون ايئن سمجهيو ڇڻ ته پروفيسر منهنجي اچڻ تي خوش ڪونه هو، ڇڻ ته هو چوندو هجي ته "توکي ڪهڙو حق آهي، اسان جي هن دنيا ۾ اچڻ جو!"

"جي... هتان لنگهيس پئي، سوچيم ته گهڙي جَهٽ اوهان سان ڪچهري ڪندو وڃان!" منهنجي هڪ منجهان ئي منهنجو ڪوڙ ظاهر هو. پر پروفيسر جي اکين ۾ منهنجي آجيان هئي، آدرياءُ هو.

"ڀلي ڪري آئين، جيءُ ڪري آئين!" پروفيسر ڏاڍي حُب مان چيو، پر مون کي ايئن محسوس ٿيو ڇڻ ته ان آجيان ۾ به ٽوڪ سمايل هئي.

"پٽ سليم، تو هي پنهنجو ڪهڙو حال ڪيو آهي؛ پانيان ٿو ته اڄ به سڄي رات ڪين ستو آهين؛ ايئن ته اڳهو تي پوندين...! وڃ، وڃي تڙ ٻڙ ڪري، چترڪار بدران ماڻهو تي اڇ... انور آيو آهي، هي ڇا سمجهندو...!"

"جي... جي بابا!" ايئن چئي سليم تڪڙو تڪڙو اندر هليو ويو. مون کي اهو محسوس ٿيو ته هن وڃڻ نٿي گهريو. هن عجيب نظر سان پنهنجي چتر کي ڏٺو، ڇڻ ڪيس اهو اُلڪو هو ته منهنجي نهار به ان تصوير کي خراب ڪري وجهندي.

پروفيسر مون کي اندر، ننڍي ڊرائنگ روم ۾ وٺي آيو. ڳچ وقت اسان مان ڪنهن به نه ڳالهايو؛ ڇڻ اسان ٻنهي جي وچ ۾ اوچتو ئي اوچتو ڪا ديوار اُڀي ٿي پئي هئي.

پوءِ هن ئي شروعات ڪئي؛ رسمي ڳالهين سان، پنهنجي نين مصروفيتن بابت. سنڌ جي سياست بابت هن جي خيالن ۾ ڪا تبديلي نه آئي هئي. آءٌ ته زندگيءَ جي سڪن ۽ محبت جي عياشيءَ ۾ سنڌ متعلق رڳو اخبارن ۾ پڙهڻ تائين محدود ٿي ويو هوس. ڪڏهن ڪڏهن جيءَ کي جهوبو ضرور ايندو هو، پر پوءِ منهنجو ذهن موجوده حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ جي فريب کي جاري رکڻ لاءِ جواز ڳولڻ لڳندو هو. سنڌ جي آزادي ته پري رهي، جيڪڏهن رڳو موجوده زميندري نظام کي ڪو لوڏو آيو، ڪا اَٽل پٽل آئي ته پوءِ منهنجو، مون جهڙن جو ڇا ٿيندو- اهو خوف، ڪنهن نئين دريافت ٿيل بيماريءَ وانگر، منهنجي بدن کي ڪانڌاري

ڇڏيندو هو. منهنجي زمينداريءَ جو ڇا ٿيندو، منهنجي بنگلن جو ڇا ٿيندو، منهنجي هن سَڪون ۽ محبت جي جنت جو ڇا ٿيندو، مهرو ۽ سورٺ جو ڇا ٿيندو. دنيا جي هر حصي ۾ آزاديءَ جي اَٽلن پٽلن ۾ جيڪي ٿيندو آيو هو، ان کي آءٌ پنهنجي اکين سان ڏسي چڪو هوس. آزاديءَ لاءِ جدوجهد هميشه موت ۽ خون بها گهرندي آهي. هر پراڻو نظام ڊهندو آهي، ۽ ايتري زور ۽ ڏماڪن سان ڊهندو آهي، جنهن ۾ ذاتي جنتون قائم نه رهي سگهنديون آهن. هر پراڻو ادارو ان جو بڪ ضرور ٿيندو آهي. ان ڪري ئي مٿيون وچولو طبقو، دولتمند طبقو، زميندار ۽ سيٺ، پراڻي نظام کي قائم رکڻ ۽ جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ، هر قسم جي ڪميڻپ ۽ دغا بازيءَ کان ڪم وٺڻ کان نه ڪيبائيندو آهي. منهنجو طبقاتي شعور به محض هڪڙو ڏيکاءُ هو، منهنجي رواداري ۽ لبرلزم به منهنجي پنهنجي طبقاتي مفاد جو غلاف هو. سنڌ جي آزادي هاڻ منهنجي لاءِ، ۽ مون جهڙن لاءِ، هڪ ڊيجاريندڙ خواب هو. شاگردن جي جلسن جلوسن جون خبرون پڙهي، هاڻ منهنجو رد عمل ابتو ٿيڻ لڳو هو، ۽ آءٌ وڏي واڪ چوڻ لڳندو هوس ته هن چورن کي ڇڙواڳ ڇڏڻ نه گهرجي؛ هن کي پنهنجي تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، هن کي هاڻ حقيقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي ته اسين هڪ نئين انسٽي ۾، نئين نظام هيٺ به، ترقي ڪري سگهون ٿا!

پروفيسر جي ڳالهين ته منهنجي اڳوٽي متل مانڌاڻ کي وڌيڪ مچائي ڇڏيو. هو چئي رهيو هو: ”سنڌ جي اڄوڪي حالت ڏسي، منهنجا جهور پوڙها هڏا به ڪَرڪڻ لڳا آهن ته آءٌ هت ماٺ ڪريو ويٺو آهيان؛ اسان جي پيڙهي ماٺ ڪريو تماشو ويٺي ڏسي! ننڍا نيٽا جوان پنهنجو سمورو الهه تلهه قربان ڪري، تعليم کي تياڳي، پنهنجي معاشي مفادن کي ٻَن ڏيئي، ميدان تي بيهي پيا للڪارين، ۽ اسين هميشه جيان ساڳي به- چاپڙائيءَ جو شڪار آهيون. پنهنجي ذاتي سَڪ، پنهنجي ذاتي سڪون کي جوڪم ڏسي، ڪَڇونءَ وانگر پنهنجي ڪَلَ ۾ اندر گهڙندا ٿا وڃون، تيسين سنڌ جي هر شئي تي قبضو ٿيندو وڃي؛ اسان جا شهر اسان جا نه رهيا آهن، اسان جي ٻهراڙين کي، زندگيءَ جي سمورين چڱائين کان وانجهو ڪري ڪين فلمي دنيا جا خواب ڏيکاري، چرس ۽ گانجي جي حوالي ڪيو پيو وڃي. سڀ کان وڏو موتمار ڏڪ اسان کي اهو پيو هنيو وڃي ته اسان کان پنهنجي ٻولي، پنهنجي تهذيب کسي پئي وڃي! ملڪ دشمنيءَ جي تهمت هيٺ اسان جو لکڻ پڙهڻ بند ٿيندو وڃي. اسان جي تعليمي سرشتي ۾، اندران ئي اندران اهڙو ڪاٺ هڻڻ شروع ڪيو اٿن جو هاڻ اسان جا اُستاد پڙهائڻ بدران اسان جي نئين پيڙهيءَ کي اهڙي اونداهيءَ ڪڏ ۾ اڇلائڻ لڳا آهن جتان هن جو نڪرڻ محال آهي. اسان جا رسمي طرح تعليم يافته ماڻهو ايترا موڳا، ايترا بي علم، ۽ ايترا منجهيل آهن

جو جتي ڪٿي اها هاهوڪار آهي ته سنڌي ماڻهو رڳو گڏهه هڪلڻ جي قابل آهن!"

پروفيسر جي منهن تي ڏک ۽ ڪاوڙ جون ريکائون ڏسي، مون سوچيو: ناحق آيس! پر هو مون کي اڳا به اهو پراڻو انور سمجهي رهيو هو، جنهن ۾ هن کا جوت جلندي ڏٺي هئي، جنهن ۾ هن مامي جي تربيت جو مچ ٻرندو ڏٺو هو.

"ٻڌ انور، هاڻ صبر ۽ برداشت جي حد ٿيندي وڃي. اسان جي پيڙهي سنڌ کي جنهن اوڙاهه ۾ اڇلائي وڌو آهي، اتان ڪيس شايد ڪڍي ته نه سگهون، پر مَنَ کين پنهنجي غلطين جو اعتراف ته پلئه وجهي سگهون ٿا! آءٌ پيو سوچيان ته هڪڙي نئين اخبار ڪڍان، جنهن ۾ ماڻهن کي اهو ٻڌايون ته اسين ڏوهي آهيون: اسان جي ٽهيءَ سنڌ کي ڏاڍو سستو وڪٽي ڇڏيو آهي: اسين گنهگار آهيون!"

پروفيسر جي آواز ۾ سڏڪا ڀرجي آيا، ۽ مون کي وري به پنهنجو پراڻو استاد ياد اچي ويو.

"جي... جي، بلڪل سٺو خيال آهي! پر اوهان جي عمر هاڻ آرام ڪرڻ جي آهي. اسان جي نئين ٽهي حالتن کي سمجهي ٿي. تاريخ کي وقت جي وهڪري تي ڇڏي ڏيو!" مون پنهنجي لاتعلقيءَ کي لڪائڻ لاءِ نئون رستو اختيار ڪيو.

پروفيسر گهڙيءَ لا، مون کي گهوريندو رهيو. پوءِ هڪ ٿڌو ساهه ڀريندي چيائين: "پوءِ ڀلا، تون ڪجهه مدد ڪندين. اخبار ڪڍڻ لاءِ وڏي موڙيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا اسان واري لڏي وٽ بلڪل ڪانهي!"

"آءٌ منجهي پيس. "جي جي... بلڪل! آءٌ حاضر آهيان: هزار به هزار، جيڪو چندو مون تي رکو، سو موڪلي ڏيندس، پر ڀلائي ڪري، منهنجو نالو ظاهر نه ڪجو!"

اوچتو ئي اوچتو پروفيسر هڪڙو وڏو ٽهڪ ڏنو. "انور، ايئن ڇو نه ٿو چئين ته سائين، چريا ٿيا آهيو. زمانو گهڻو اڳتي هلي آيو آهي، هاڻ حالتن سان ٺاهه ڪرڻ جو وقت آهي!"

"نه نه... منهنجو اهو مطلب نه هو...!" هاڻ شرمندگيءَ کان منهنجون ڪڇون پگهرجڻ لڳيون هيون.

"ڀلا، ٻي ڪر خبر، هن پاسي ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ڪا خاص ڳالهه آهي يا...!" پروفيسر جي منهن تي رڪائي نه ته به رنج ضرور هو.

منهنجي اندر جي ڪوري ۾ متل مچ اوچتو پڙڪي پيو: "سائين، آءٌ اج هڪ خاص ڳالهه لاءِ آيو هوس. مون کي اهو ٿو محسوس ٿئي ته سليم شايد پنهنجي چترڪاريءَ ۽ فن کي ڍال بڻائي، منهنجي گهر ۾ منهنجي پُرسڪون زندگيءَ ۾، واچوڙا اڻارڻ لڳو آهي. اوهان سان منهنجو جيڪو رشتو آهي، ان کي خيال ۾ رکي آءٌ عرض ڪرڻ آيو آهيا ته جيڪڏهن اوهين پيار سان ڪيس سمجهايو ته ڏاڍو چڱو!

هرويرو ڳالهه مان ڳالهوڙو...!"

مون محسوس ڪيو ته ڪاوڙ ڪان منهنجو بدن رڦڻ لڳو هو، ۽ مون اهو به محسوس ڪيو ته لفظ منهنجي ڪاوڙ جو ساٿ ڏئي، پراڻي نياز نئڙت، مان ۽ مروت کي اورانگهڻ لڳا هئا. منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ شرمساريءَ جو احساس موجود ضرور هو ته آءٌ پنهنجي اُستاد کي ڏمڪائڻ لڳو هوس، پر منهنجو باقي وجود ان کي ڪاوڙ جي واچوڙي ۾ لوڙهي ويو.

پروفيسر رشيد سموري زندگي ٻين لاءِ گذاري هئي. اڄ هن جي پنهنجي زندگيءَ جي هڪڙي حادثي، هن کي ڇرڪائي وڌو. هن جي آواز ۾ عجيب بيوسيءَ جو پاڇولو لهي آيو.

"انور... هي تون ڇا پيو چوين؟ سليم منهنجو پٽ آهي: هو ڪنهن اهڙي حرڪت ڪرڻ جو سوچي به نٿو سگهي، جنهن مان اوهان جي زندگيءَ ۾ ڪا بدمزگي پيدا ٿئي..."

۽ پوءِ هن زور سان سڏ ڪيو: "سليم... سليم!"

سليم شايد ٻاهر ئي بيٺو هو. هن اسان جي ڳالهين ۾ مداخلت ڪرڻ نٿي گهري، پر مون ايئن سمجهيو ته هو ضرور ڏوهاري هو، ان ڪري لڪي لڪي اسان جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو.

هن اندر اچي، مون ڏانهن ڏسندي چيو: "بابا، مون انور صاحب جي شڪايت ٻڌي آهي. آءٌ رڳو ايترو چوندس ته آءٌ پنهنجي صفائيءَ لاءِ ڪجهه به چوڻ جي ضرورت محسوس ڪونه ٿو ڪريان ڇاڪاڻ ته...!"

هن چوڻ ته الائي ڇا ٿي چاهيو، پر مون هن جي ڳالهه کي ڪٽيندي چيو: "رشتن ناتن ۾ فاصلا وسارڻ نه گهرجن، سليم صاحب! چترڪاري ڪنهن به چتڪار کي اهو حق نٿي ڏئي ته هو ڪنهن جي ننگن کي ڪينوس تي ٽنگڻ لڳي...!"

مون چوڻ ڪجهه ٿي چاهيو، پر ڪاوڙ ڪان ڇئي ٻيو ڪجهه ويس. منهنجو جاگيرداري ذهن ڇڻ ته نئون جنم وٺي، منهنجي وجود کي ويڙهي ويو. مهرو منهنجو ننگ هئي، ۽ منهنجي ننگ ۾ ڪو نظر وجهي ته آءٌ ان جون اکيون ڪڍڻ لاءِ تيار هوس. اوچتو منهنجي نظر سامهون شيشي جي ڪٻٽ ڏانهن ڪڇي ويئي: شيشي ۾ مون کي پنهنجي بدران بابا نظر آيو، جنهن جون اکيون ڪاوڙ کان ڦوٽاڙجي ويون هيون!

"اڄ ڪانپوءِ سليم وري تنهنجي چائنٽ نه لنگهندو... آءٌ هن جي پاران توکان ٻانهون ٻڌي معافي ٿو وٺان...!" پروفيسر آتي، ٻانهون ٻڌي، منهنجي سامهون اکيون هيٺ ڪري بيهي رهيو.

گهڙيءَ لاءِ هن جي انهيءَ انداز منهنجي اندر ۾ وَڏَ وجهي ڇڏيا، پر منهنجي اندر جو وڏيرو ان کي لنوائي ويو.

"چڱو، هاڻ آءٌ هلندس...!"

ءِ آءٌ ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر نڪرڻ وقت منهنجي ذهن ۾ فقط هڪڙو خيال هو: "جيڪڏهن سليم وري منهنجي بنگلي تي آيو تہ وري جيئرو اتان واپس نہ ويندو. پر ساڳئي وقت پروفيسر جي ٻانهن ٻڌڻ واري صورت، ذري ذري منهنجي اکين ۾ مرچن وانگر پوسرندي رهي...!"

مون کان اها ڳالهه وسري ويئي ته نرم رفتار سان وهندڙ پاڻيءَ تي واچوڙا ڪَنَ پيدا ڪري وجهندا آهن. الائجي ڇو آءٌ سڄو ڏينهن مهروءَ کان لنوائيندو رهيس. پر وري وري مون کي اهو شڪ پوڻ لڳو ته هر هر مهرو ٻاهران ڪنهن جي اچڻ جي انتظار ۾ هئي. جيئن جيئن شام ٿيندي ويئي، هن جي بي آرامي وڌندي ويئي. هن جي منهن تي ڪجهه اهڙو رنگ هو، جڻ ته هن کان ڪا نهايت ضروري شئي وڃائجي وئي هئي.

مانيءَ تي ويٺاسون ته هن گرهه به نه ڪنيو. مانيءَ ۾ گهوريندي، هن پڻ پڻ ڪئي: "سليم الائجي ڇو نه آيو..."

"امان، ڪو ڪم ٿي پيو هوندس...!" سورٺ بي خياليءَ مان چيو.

"نه، هو ائين پيرو پيچڻ جو عادي نه آهي..." مهروءَ وري به جهيڻي آواز ۾ چيو. هن جي منهن تي جيڪا اُٿتڻ ۽ پيڙا هئي، اُن کي ڏسي، منهنجي اندر ۾ وَڏَ پوڻ لڳا. مون کي رکي رکي پنهنجي ڪميڻپ ٿي ياد آئي. اڄ مون هن کي رنجائي وڌو آهي، مون هن کي جهوري وڌو آهي! ان احساس منهنجي ماني به حرام ڪري ڇڏي.

"ڇو ماني اڌ ۾ ڇڏي ڏنوَ...؟" مهروءَ جي سوال ۾ مون کي پنهنجي لاءِ پيار جو پڙلاءِ به نظر آيو. پر مون کي ان تي خوشي نه ٿي.

"۽ توهان جڻ ته ماني ڍَوَ تي کائي ورتي آهي؟" مون به ان ساڳئي شڪايتي نموني چيو.

هن پهرين ته ڪجهه نه چيو. پوءِ روٺهارڪو ٿي چيائين: "سليم الائجي ڇو نه آيو؟ متان بيمار ته ڪونهي... مون کي بک ئي ڪانهي!"

به جدا ڳالهيون به جدا جذبا، جن جو مرڪز هڪڙو ئي هو: سليم! مون کي پوءِ به ڪاوڙ نه آئي. دل ٿي چيو ته مون ۾ صبح جو جاڳيل بابو ايا موجود هئڻ گهرجي، ۽ آءٌ هن کي ڏمڪايان، دڙڪا ڏيان ۽ چوان: "سليم نه آيو ته ڇا ٿي پيو؟ هن جي نه اچڻ تي تنهنجي بک ڇو مري ويئي آهي؟"

پر اهو جن پوت، جيڪو صبح جو سوار هو، اهو پَرَ ڪري اُڏامي ويو: منهنجي اڳيان فقط مهروءَ جي مُک تي دک جون ڇايائون هيون، ۽ منهنجي اندر ۾

هن لاءِ نينهن مون کي بنهه رئاڙڻ لڳو.

"ڪجهه ته ڪائو ها...!" مون جهيڻي آواز ۾ چيو.

"نه جاني، سچ مون کي بک ئي ڪانهي... اوهين ماني ڪائو. آءٌ وڃي ليٽي ٿي پوان...!"

هن لفظ "جاني" ان پيار مان چيو جيڪو هميشه مون کي ستين آسمان تي پهچائڻ لاءِ ڪافي هوندو هو، ۽ آءٌ هن کي ڏکوئڻ تي پنهنجي پاڻ کي پٽڻ لڳس. جيڪڏهن چترڪار جي اچڻ تي هن کي هڪ نئين خوشي ملڻ لڳي هئي، ته مون کي ڪهڙو حق هو ته آءٌ هن کان اها خوشي کسي وٺان!

سڄي رات مهرو پاسا ورائيندي، ٽڏا ساهه ڪڍندي رهي. ننڊ هن جي نيڻن کان ڪوهين دور هئي. ننڊ منهنجي نيڻن کان به ڪوهين دور هئي. اسان جي ننڊ جو ويري هڪڙو ئي هو؛ پر ان جون به مختلف صورتون هيون جن جو هڪ ٿي وڃڻ مون لاءِ وڏو عذاب ٿي ٿي سگهيو، پر ان عذاب ۾ آءٌ مهروءَ کي مبتلا ڪرڻ جو ذميدار بڻجي ويو هوس!

عذاب جا ٻہ ڏينهن منهنجي وجود کي لوڙهي ويا. هن جي اکين ۾ ڪو ڪهنو درد لهي آيو هو، ۽ انهن اکين ۾ نهارڻ جي مون ۾ سگهہ نہ هئي. مون کي پنهنجي سموري وجود جي وکرڻ جو ڊپ ٿيڻ لڳو. هي مون ڇا ڪيو؛ پنهنجي هٿ سان مون خوشي ۽ مَرڪ هن جي منهن تان روڙي ورتي هئي، جا مرڪ ڏسڻ منهنجي لاءِ زندگيءَ جي سڀ کان وڏي آرزو هئي. منهنجي ذهن ۾ جيڪي ٻہ مونجهارا هئا سي ڪنهن مٽيءَ جي غبار جيان مون تي طاري ضرور هئا، پر منهنجو حسد، ريس، ڪاوڙ ۽ ڪميڻپ جا احساس الائجي ڪهڙي ڪنڊ ۾ لڪي ويا!

ٽئين ڏينهن تي هن پرهہ ڦٽيءَ جو مون کي جاڳايو. مون سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ ورتا تہ اهي برف کان ٻہ وڌيڪ ٺڏا هئا. هن جي اکين ۾ الائجي ڪهڙي ويراني هئي، جنهن منهنجا اوسان خطا ڪري ڇڏيا.

"جاني، خير تہ آهي؟" مون سندس هٿ چمندي چيو.

"ٻڌو، اڄو تہ پروفيسر جي گهر هلون؛ مون کي پڪ آهي تہ سليم بيمار ٿي پيو آهي. آءٌ هن کي جيسين نہ ڏسنديس، تيسين منهنجي ساهہ جي هيءَ مونجهہ ڪانہ ويندي... جاني، آءٌ ڀانيان ٿي تہ آءٌ مري ويندس جي...!"

ان ڳالهہ تي مون هيل تائين نہ سوچيو هو تہ مهروءَ جهڙو وجود ايئن ايترو موت جي ويجهو ٿي ٿي سگهيو. اها سوچ ايندي ئي، ڏري گهٽ منهنجا هٿ پير ٻہ ٺڏا ٿي، ساهہ ڇڏيندا ٿي ويا. آءٌ تڙتڪڙ ۾ تيار ٿي، هيٺ لٿس. هوءَ اڳي ئي گاڏيءَ ۾ ويٺي هئي.

پروفيسر جي فلٽ تي پهتاسين تي ان کي تاڪو لڳل هو. پڇا ڪئيسون؛ خبر پئي تہ سليم کي اسپتال ڪڻائي ويا آهن.

"مون کي پڪ آهي تہ سليم ضرور بيمار ٿي پيو آهي..." هن پنهنجي روئڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

منهنجي اندر وري هڪ نئون احساس پيدا ٿيو، جيڪو گهڻا سال اڳ ٻہ پيدا ٿيو هو تہ مهرو هن دنيا بدران ٻي ڪنهن ڪائنات جو روح آهي، جنهن کي محبت ئي آهي جيڪا قائم دائم رکي سگهي ٿي، پوءِ اها محبت ڪنهن جي لاءِ ٻہ هجي.

اسپتال ۾ ڊاڪٽر ۽ نرسون هن جي بيقراري ۽ پريشانيءَ کي ڏسي، ڪجهہ

سمجهي نہ سگهيا تہ هي نوجوان هن جو ڇا لڳي، جو گهڙيءَ لاءِ بہ هن کي اڪيلو نٿي ڇڏيائين. هن جهڙي حورن کان وڌيڪ حسن کي ڪنهن لاءِ ايترو ماندو ڏسي، الائجي هن ڪهڙا ڪهڙا گمان ٿي ڪڍيا. آءٌ هڪ بت جيان انهن گمانن کي پنهنجي وجود جي ويڙهہ کان الڳ ڪري نہ سگهيس. مون کي اهو بہ احساس نہ رهيو تہ آءٌ پروفيسر کي ڏسندي بہ ڪيس سلام نہ ڪري سگهيس، پر مون کي ان تي ڪا شرمساري، ڪا ندامت ڪانہ ٿي هئي!

مون مهروءَ جي اکين ۾ ايترو درد سالن کان نہ ڏٺو هو، ۽ هن وقت نہ مون هن کي وڌيڪ ڏکوئڻ ٿي گهريو، نہ ئي ڪو اهڙو قدم کڻڻ ٿي گهريم، جنهن مان هن کي اهو گمان پوي تہ آءٌ هن جي خوشين ۾ ناخوش هوس يا مون کي هن جي جذبن ۾ ڪو شڪ هو. شڪ جو وڻ منهنجي وجود ۾ پاڙون هٿي چڪو هو، ۽ منهنجي اندر ۾ ويٺل "بابا" مون کي اهوئي سمجهائي رهيو هو تہ "هي زائنائون اسان جي لاءِ آهن، اسان جي ملڪيت آهن، نڪي اسان جي جذبن تي حڪراني ڪندڙ هستيون، پوءِ ڪٿي اهي ڪيڏيون بہ سهڻيون ڇو نہ هجن! مهروءَ جي سزا اهائي آهي، جيڪا مون ڪيس اُن وقت ڏني هئي جڏهن تو هن سان گهڙيءَ جهت لاءِ پيار وندڻ جي ڪوشش ڪئي هئي! اسان جي معاشري ۾ ڪاري ڪاريءَ جي رڳو شڪ پوڻ سان ئي خون ڪرڻ کي بہ اسان جي جاگيردارنہ انصاف ۾ اهائي نرڃائي مليل آهي، جهڙي ٻن پريمين کي اعتراض جوڳي حالت ۾ جهلڻ وقت ڪين ڪهاڙين مان ڪڍڻ کي حاصل آهي.!"

پر منهنجي ڪنن ۾ ٻُرندڙ اهو ليڪچر هن جي منهن ۾ نهارڻ سان ئي بي معنيٰ ٿي ٿي ويو. هوءَ منهنجي وجود جو اهڙو حصو هئي، جنهن جي ڇڄي پوڻ سان آءٌ پاڻ بہ ڇڄي ڀُري پوندس، ۽ منهنجي اندر جو وڏيرو بہ انهيءَ ڇڄي ڀري پوڻ کان مون کي بچائي نہ سگهندو. مون هن کي هميشہ خوشين ڏيڻ جو پاڻ سان وچن ڪيو هو، ان ۾ هن جي موت شامل نہ هئي. اها موت مون کي ملي هئي، اها منهنجي خوش نصيبي هئي!

ان ڪري اسپتال ۾ آءٌ هڪ پاڇي وانگر اهو سيڪجهہ ايئن ڏسي رهيو هوس جڻ تہ اهو خواب ۾ ٿيندڙ هڪ ڊرامو هو، جنهن ۾ منهنجو ڪردار رڳو ڪنهن هلندڙ گهمندڙ روشنيءَ جي پاڇي جو هو، جيڪو مهروءَ جي پويان پويان بي مقصد هلندو ٿي رهيو.

هوءَ چپ چاپ هن جي سيرانديءَ کان ويهي، هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي رهي. پنهنجي سموري وجود، ۽ اسپتال ۾ موجود ٻئي عملي ۽ ماڻهن کان، مون کان، پروفيسر کان بلڪل بي خبر! فقط ڊاڪٽر ڏانهن گهڙيءَ لاءِ ٻاڏائيندڙ نگاهن سان ٿي ڏٺائين، ۽ بس. پوءِ وري هن جي چوڏاري، ڪنهن فرشتي

وانگر، ڪڏهن سيرانديءَ ۽ ڪڏهن پيرانديءَ بيهي، هن جي اڇي چادر سان ڍڪيل جسم، ۽ ڪليل، بند اکين واري، منهن کي پنهنجي محبت ڀرين نظرن سان ڏسندي ٿي رهي.

مهروءَ ڇا ڏٺو هو هن ۾؟! متان هن کي هن ۾ نورل ته نظر نه پئي آيو. اهو خيال ايندي ئي، منهنجو وجود وري هڪ ڀيرو لڏي ويو. ڇا اها موٽ، جذبن جي اها رَچ ممڪن آهي.

مون ڏٺو ته خود پروفيسر هن جي ايڏي بيقراري ۽ پيار کان گهبرائجي ويو. آخر به ته هوءَ هن جي دوست جي گهر واري هئي. شايد هو سوچي رهيو هو ته هيءَ ڪهڙي قسم جي چريائپ هئي جو هوءَ هن کي ڏکوئي، پاڻ کي به وڌيڪ ڏکوئي رهي هئي. هن جڏهن سمجهيو ته آءٌ ڪانئن ڪافي پري هوس ته هن ٻڻ ٻڻ ڪندي چيو: "ڏيءُ، آءٌ تنهنجي هن جذبي لاءِ ڏاڍو شڪر گذار آهيان، پر..."

"پر ڇا...؟" هن جو اهو سوال، سوال نه ڄڻ هڪ ڊگهي تنبيهه هئي.

"مون کي انور جو خيال ٿو ٿئي... مون کي ڪنهن غلط فهميءَ جو خوف ٿو ٿئي..." پروفيسر اڃاتي جهيڻي آواز ۾ چيو.

"غلط فهمي؟ ڇا جي غلط فهمي؟ انور کي آءٌ پاڻهي جواب ڏيندس... اوهين ڪو خيال نه ڪريو... آءٌ ٻار ڪانه آهيان... سيڪجهه سمجهان ٿي... اوهين ڏيرج ڪريو؛ مون کي پنهنجي هوش هواس تي مڪمل ضابطو آهي...!"

ڊاڪٽر ته خير مرد هئا، نرسون به هن جي پويان ڄڻ پاڳل ٿي پيون. هو مريضن کي ڏسڻ جي بهاني، هن کي ڏسڻ ايندیون هيون. هي نيم ڪرستان، نيم هندو،نيم مسلمان نرسون پنهنجي پنهنجي تصوراتي مٺونائن، اپسرائن ۽ حورن مان ايمان وڃائڻ لڳيون هيون؛ هيءَ سونهن ته هنن جي تصور جي سرحدن کي اورانگهي ٿي وئي. ۽ مهرو... مهرو، سيني جي نظرن کان بي نياز، هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي، آروس ڪندي، ڪنهن اڃاتي حسرت منجهان هن کي گهوريندي رهي.

پوءِ جڏهن هن پهريون ڀيرو اکيون کوليون تڏهن هن جي چپن تي جا مُرڪ ڇائنجي وئي، اُن اڳيان مونالزا جي مرڪ به تچ هئي. چترڪار کا گهڙي هن کي ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ وري اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ڄڻ ان مرڪ کي هميشه لاءِ پنهنجي اکين ۾ جاءِ ڏيڻ ٿي گهريائين. پر ڊاڪٽر جي معائني لاءِ هن وري اکيون کولي ڇڏيون.

"اوهان ايتري تڪليف ڇو ڪئي؟" هن جهيڻي آواز ۾ چيو.

"پاڳل! ايئن بيمار ٿبو آهي...؟" هن ڪاوڙجندي چيو.

"مون کي ڇا ٿيو هو، ۽ ڇو ٿيو هو...؟" هن سادگيءَ منجهان سوال ڪيو.

"وعدو ڪري نہ اچڻ جي سزا مليئہ!" هن ايتري پنهنجائپ منجهان چيو جڻ تہ هن جي بيماريءَ وچ جا ڪئين پردا کڻي ڇڏيا هئا.

"مون ۾ وري اچڻ جي... همت نہ هئي!" چترڪار مون ڏانهن نهارڻ بنان چيو.

"الائجي... ان سمجهڻ جي ڪوشش ۾ ئي شايد منهنجي دماغ جو ڪو پرزو هيٺ مٿي ٿي ويو هو...!" هن ڳالهہ کي چرچي ۾ لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي.

"چترڪارن جي دماغ جا ڪيترائي پرزا هيٺ مٿي هوندا آهن..." مهروءَ بہ کلڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي چهري تي خوشي ۽ ٻهڪ موٽي آئي، صبح جي سدا ملوڪ ڪرڻن وانگر. هن جي منهن جي ان رنگ کي ڏسڻ لاءِ آءٌ چا چا نہ ڪرڻ لاءِ تيار هوس!

چترڪار کي ڪنهن اونهي خيال ۾ ڏسي، مهروءَ پڇيس: "چا پيو سوچين؟"

"جي، جي... ڪجهہ بہ نہ...!" هن ڪوڙ ڳالهائيندي چيو.

"صورتحال ناممڪن نہ آهي، ان ڪري ان تي مغز کپائڻ سان پاڻ ٿڪائي وجهندين..." مهروءَ اهو اهڙي سادگيءَ سان چيو، جو چترڪار کان ڇرڪ نڪري ويو. هوءَ تہ هن جي اندر تائين پيهي وئي هئي، ۽ هن ڪجهہ ڪجهہ شڪي نظرن سان مون ڏانهن نهاري، وري نظرون ڦيرائي ڇڏيون.

"صورتحال صرف اها آهي تہ آءٌ توکي روز، هر گهڙيءَ پنهنجي اڳيان ڪلندو، چتر ڪيندو، ڪڏهن ڪڏهن روئندو بہ ڏسڻ گهران ٿي... ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ... منهنجي اها آرزو نهايت سادي سودي آهي، ان ۾ ٻئي ڪنهن بہ جذبي کي دخل ڪونهي...!" اهو چوندي مهروءَ هڪ عجيب مرڪ سان مون ڏانهن نهاريو.

پوءِ هن پروفيسر کي مخاطب ٿيندي چيو: "اوهان کان مون کي هڪڙو انجام گهرجي؟"

"هڪڙو انجام، بہ ڇو نہ؟" پروفيسر مون ڏانهن نهاريندي ڳالهہ جي ڳوراڻ کي گهٽائڻ لاءِ چرچي طور چيو.

"چڱو، بہ انجام ڏيو: هڪ تہ هي اوهان جو لاڏلو منهنجي سورٽ کي چترڪاري سيکارڻ لاءِ روز اسان وٽ ايندو. ٻيو تہ..."

"ٻيو تہ ڇا؟" پروفيسر وري بہ مون ڏانهن نهاريو. پر مون جڻ تہ سندن گفتگو ٻڌي ئي ڪانہ پئي.

"ٻيو انجام ڪنهن مناسب وقت تي گهرنديس...!"

"چئبو تہ ڊئموڪليز جي اها تلوار منهنجي مٿان لڙڪندي رهندي...!"

پروفيسر وري بہ ڳالهہ کي چرچي ۾ مٽائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"هڙين چرين جو "پاپا" هجڻ ۾ اهي ئي نقصان آهن...!"

مهروءَ کلندي چيو: ”ڪيئن جاني، صحيح ٿي چوان نہ؟“

هن پهريون ڀيرو مون کي مخاطب ٿي اهي لفظ چيا. آءٌ ’جاني‘ لفظ ۾ اوتيل پيار جو پهريون ڀيرو ڇيد نہ ڪري سگهيس.

هن وري چترڪار جي وارن کي ڇيڙيندي چيو: ”ڀ هن کي ڏسو نہ... ڇڻ تہ ريلوي ۾ سفر ڪندي، ٽڪيٽ ويڄائجي وئي اٿس، ۽ ان فڪر ۾ آهي تہ هاڻ الائي ڇا ٿيندو؟“

آءٌ بہ هن جي انهيءَ تجزئي ۽ تشبيهہ تي مرڪڻ کان رهي نہ سگهيس.

”چڱو، آءٌ هلان ٿي... اوهين ٻئي ٻيءُ پٽ پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ پنهنجي مخصوص نجات ڳوليندا ٿا رهو: هيءَ دنيا ايتري منجهيل نہ آهي، جيترو اوهين ان کي منجهائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو...! ڪيئن مسٽر چترڪار؟“

هن جي اکين ۾ اٿاهہ پيار هو، جنهن جو هڪڙو ڪنارو تہ سامهون هو: ان جي پويان ٻئي ڪناري تائين ڪهڙا ڪَن هئا، ان کان هوءَ يا تہ بي خبر هئي يا بي پرواهہ هئي.

”اومر شانتي، اومر شانتي...!“ چترڪار بہ ان اٿاهہ پيار جو فقط هڪڙو ڪنارو ڏسي رهيو هو. هو بہ انهن ڪَنن کان بي پرواهہ هو. هن جي مُرڪ ۾ شرارت سان گڏ خود سپردگي هئي!

”آءٌ، جاني تہ هلون... هي هاڻ وري بيمار نہ ٿيندو!“

مهروءَ جي زندگيءَ جا نيم بدلجي ويا. آءٌ هڪ پٿر جي مجسمي وانگر، هڪڙي ئي هنڌ بيٺل رهجي ويس. صبح جو اچڻ سان، مهرو هن سان گڏجي گلن جي رنگن جاچڻ، پڪين جي آوازن کي نقل ڪرڻ، رڪارڊ ٻڌڻ، لئبرريءَ مان ڪتاب چونڊڻ ۾ مصروف ٿي ويندي هئي. مون کي ائين محسوس ٿيندو هو ته هوءَ ڪيڏي ڪيڏي مهل، اڻ لکي انداز ۾ هن کي ڏسڻ ۽ گهورڻ لڳندي هئي. انهن نظرن ۾ جيڪي ڪجهه هو، ان کي سمجهڻ جي ڪوشش به مون ڇڏي ڏني هئي ڇاڪاڻ ته انهن نظرن ۾ ڪو به نياپو نه هوندو هو، ڪو به ڏوراپو نه هو- فقط هڪ قسم جي تسڪين جو احساس هو؛ هن دنيا کان بعيد، منهنجي احساس جي دائري کان بنهه ٻاهر!

ڪنهن گل ۾ جيڪڏهن ڪا نئين پنکڙي يا گونج ڇاپندو هو ته اُن جي رنگن تي هو ضد ڪندا هئا. هوءَ ضد ڪندي هئي ته هو انهيءَ رنگ کي ڪٿنوس تي چٽي ڏيکاري، ۽ هو جڏهن ان رنگ کي چٽيندو هو، تڏهن پيٽ ڪندي ڪندي هوءَ ڪوڙپچاٽي چوندي هئي؛ "غلط، بلڪل غلط!"

هو وري ٻيهر رنگ چٽيندو ويندو هو. هن ۾ واقعي وڏي ڏات هئي. رنگن ۾ هو امڙو ويجهو ويچو پيدا ڪري ڏيکاريندو هو، جڻ ته روشنيءَ جا سمورا رنگ هن کي ساريا پيا هئا. هن سورٺ کي چترڪاريءَ جا سبق ڏيڻ شروع ڪيا، تڏهن به هوءَ هن جي رنگن کان وڌيڪ اڻ- لکي انداز سان هن کي ئي ڏسندي رهندي هئي.

سورٺ جي ڪاليج وڃڻ ڪانپوءِ، هو اڪثر ڪار ۾ چاڙهي، دستڪارين، تاريخي عجائبن (Curios) جي دڪانن جا سير ڪرڻ نڪري پوندا هئا، ۽ ڪجهه نه ڪجهه خريد ڪري موٽندا هئا. اڪثر ايئن ٿيندو هو، جو هوءَ مون کي چوندي هئي؛ "جاني، اڄ آءٌ نندي گاڏي ڪڍي ٿي وڃان، ڪجهه خريداري ڪرڻي آهي!"

۽ جڏهن هوءَ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي، هن کي پاسي ۾ وهاريندي هئي ته منهنجي دل ۾ عجيب حسد پيدا ٿيڻ لڳندو هو، ۽ گهڙيءَ لاءِ منهنجي اندر ۾ سَتل ڪاريهر جاڳڻ جي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ لڳندو هو؛ پر هن جي منهن ۾ فرشتن جهڙي معصوميت ڏسي، وري سمهي پوندو هو. هن مون کي پنهنجي دنيا ۾ رهڻ ڏنو هو،

اهائي منهنجي لاءِ وڏي وَتَ هئي. البت هڪڙي نئين ڳالهه منهنجي لاءِ ڄڻ ته ڪنهن واهروءَ جي واهر بڻجي آئي؛ سورٺ!

سورٺ ۾ هڪ عجيب تبديلي اچڻ لڳي هئي. شروع شروع ۾ ته هوءَ مهروءَ جي چوڻ تي هن کان سبق وٺندي رهي، پر پوءِ هن ۾ ڄڻ ته هڪ ضد اُڀري آيو. هوءَ سيڪجهه ڇڏي مون وٽ هلي ايندي هئي، ۽ عجيب نظرن سان مون کي گهورڻ لڳندي هئي.

"بابا، اوهان ايترا ماڻ ڇو آهي؟!" هن هڪڙي ڏينهن سوال ڪيو.

آءٌ ماڻ!

"بابا مون کي چترڪاريءَ کان نفرت ٿيڻ لڳي آهي... آءٌ ڪانه سڪنديس چترڪاري!" هن ضد ڪندي چيو.

"پٽ، اهو تون پنهنجي امان کان پڇ...!"

"امان کي ته فرصت ئي ڪانهي...!"

مون اهو سمجهيو ته هوءَ ماءُ جي پيار ۾ ٻئي ڪنهن جي شريڪ ٿيڻ تي ناراض هئي. مون نٿي چاهيو ته منهنجي هٿن ٻن محبتن جي وچ ۾ ڪو ٽڪر ٿئي!

"چري نه ٿي... هوءَ ته سڄو وقت تنهنجي لاءِ وقف ڪندي ٿي رهي. تنهنجي لاءِ ته هوءَ ڪڏهن به مصروف نه آهي!" مون ڪيس سمجهائيندي چيو.

"نه بابا... بابا؟!"

"جيءُ...!"

"هي امان کي ڇا ٿيندو وڃي...؟"

هوءَ ماءُ جي هن نئين پيار کي سمجهي نه سگهي هئي. مون پهريون ڀيرو هن ۾ مدافعت جو جذبو ايرندو ڏٺو. پر مون هن کي منجهائڻ نٿي گهريو.

"ڪجهه به ته نه... هوءَ ته پاڻ هاڻ وڏيڪ خوش رهڻ لڳي آهي...!" مون ڪجهه چوڻ چاهيندي به سورٺ کي ان نئين عذاب کان بچائڻ ٿي گهريو.

"بابا، ڳالهه خوشيءَ جي ڪانهي، ڳالهه مونجهارن جي آهي... اوهين سائس ڳالهايو ڇو نٿا؟!" هن به ڪجهه چوڻ ٿي گهريو، پر مون کي عذاب کان بچائڻ ٿي گهريو.

"ڇا بابت؟"

"چترڪار بابت...!" هن مختصر جواب ڏنو.

"هوءَ پنهنجي جذبن جو پاڻ ڇيد ڪري سگهي ٿي. پٽ، تون پريشان نه ٿي...!" مون پاڻهه مان ڪيس عذاب منجهان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"مون کي پريشاني ڪانهي، بابا! مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو لڳي... امان لاءِ، اوهان لاءِ، مون لاءِ... اسان جي گهر جي محبتن ۾ ويڄا پوڻ لڳا آهن؛ جذبن جا

ويچا هڪڙو پيرو پيدا ٿي پون ته پوءِ ڪنهن ڦٽ ڦرڙيءَ وانگر ڇٽڻ جي باوجود پنهنجا نشان ڇڏي ٿا ڏين، بابا!"

هوءَ منهنجي پاڪر ۾ اچي، سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. پهريون پيرو آءٌ به روئي ويٺس. ان روئڻ اسان جي قربتن کي هڪ نئون رنگ بخشي ڇڏيو: مدافعت جو، پاڻ کي ويچن کان بچائڻ جو.

"تون فڪر نه ڪر پٽ! آءٌ انجام ٿو ڪريان ته آءٌ تنهنجي امان سان هن سڄي مامري تي ڳالهائيندس. آءٌ نٿو سمجهان ته اسان ۾ ڪي ويچا پيدا ٿي پيا آهن، يا جيڪڏهن پيدا ٿيا آهن ته اهي ڪنهن زخم وانگر وڌي، ڪنهن مرهم جا گهرجائو آهن پر تڏهن به تنهنجي اطمينان لاءِ آءٌ ساٿس ڳالهائيندس...!"

سورٺ ڪجهه وقت ايئن سڏڪندي، پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. آءٌ پنهنجي اندر ۽ ٻاهر موجود جذبن جي هوائن کي سمجهڻ لاءِ باغيچي ڏانهن لهي آيس، ۽ دروازي کان ٿورو اندر باغيچي جي اڳيان، سوپاريءَ جي وڻ جي مخروطي ٽڪنڊين شاخن اڳيان، مون اهڙو منظر ڏٺو، جنهن پهريون پيرو مون ۾ اهو احساس پيدا ڪيو، جيڪو سخت بخار جي حالت ۾ ڳوٺ واري واهه ۾ ٻڏڻ وقت محسوس ڪيو هوم. منهنجو ذهن گهومانجي ويو: گهڙيءَ لاءِ سمورو باغيچو مون کي ڪنهن واچوڙي وانگر ڦرموٽي وانگر ڦرندو محسوس ٿيو. مون ايئن پانيو ته آءٌ ڪنهن ڪَن ۾ ڦاٽل ٻيڙيءَ وانگر، گهومانجي ڪنهن پاتال ۾ غرق ٿيڻ وارو هوس...

سامهون مهرو هئي: هن جي اڳيان به شخص بيٺل هئا: هڪڙو چترڪار، ٻيو نورل! مهروءَ جي منهن تي جيڪو احساس هو، ان کي سمجهڻ ممڪن نه هو. هوءَ نورل کي ايئن ڏسي رهي هئي، جڻ ڪنهن رَڄ ۾ ڊوڙندڙ، ماندي هرڻيءَ کي بالآخر پاڻي نظر اچي ويو هو!

منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا

انتساب

همير ۽ پره جي نالي،

جن منهنجي مرگهہ- ترشنا کي ڪجهہ قدر مانو

ڪيو آهي. شال، هنن جي ٿهي سنڌ جو آڀپو ڏسي!

سراج

هي اَنو آهي. مائٽن هن جو نالو 'انور' رکيو هو. هن جو نالو 'انور' ڇو رکيو ويو، اها ڪهاڻي اها ڳجهارت هن کان ڳُجهي آهي، ۽ نہ ئي هي معلوم ڪرڻ ٿو گهري. هن جو نالو آصف، سليم، ابراهيم، احمد، عمر، بڪر يا زيد ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو. هي ملڪ جي نئي پيڙهي آهي، ملڪ جو نئون نسل آهي. هن جو جسم، هن جو روح، هن جو رنگ روپ، هن جو ضمير، هن نئين سماج جو آئينو آهي. اهو سماج، جنهن کي ڪو بنياد ڪونهي، ڪي پاڙون نہ آهن. هي بي پاڙيءَ جو سچو پچو نمونو آهي، ۽ ان جي باوجود سڀ ڪجهہ آهي. هي خود پاڻ وهيٽو ٻوٽو آهي، اٽل پٽل جي پيدائش. هي نانگ-ول جو ڦل آهي، جنهن ۾ زنگيءَ جو سڀ سمورو زهر اوتي ويو آهي. هن کي صفائي سٿائيءَ سان چڙ آهي. جڏهن ننڍو هو، تڏهن، ۽ جڏهن قداور جوان آهي تڏهن بہ.شايد هي پوڙهو ٿيندو تڏهن بہ ائين ئي رهندو، خود-رَو، زهر آلود، بي پاڙو!

هن کي پنهنجو ڪو ماضي ڪونهي، ڪو مستقبل ڪونهي، فقط حال آهي. جڏهن ڇهن سالن جو هو، تڏهن ڪيس اسڪول ۾ وهاريائون. اسڪول هن کي بلڪل راس نہ آيو، پر گهر جي بدران وري بہ هن کي اسڪول وڌيڪ پسند هو، ڇاڪاڻ تہ گهر ۾ هن کي هر ڳالهہ تان مار پوندي هئي. چون ٿاتہ جڏهن کان ڪاروڪلر جهڙو پاڻي هن جي پيءُ جي زمين تڪر کي کائي ويو، تڏهن کان هن کي مار بہ ملڻ لڳي. ٻاراڻي ذهن سان هن سوچڻ بہ شروع ڪيو هو تہ يڪايڪ هن جي پيءُ، ماءُ ۽ چاچي کي ڇا ٿي ويو هو، جو هنن هن کي پيار جي بدران مارڻ شروع ڪيو هو. رڳو هن کي مار نہ ملندي هئي، هن جي ماءُ بہ روئندي رهندي هئي. شايد هن جي ماءُ کي بہ ڪا ڳجهي مار پوندي هئي. ان کان اڳ هن جو پيءُ ماٽس کي سائنڻ جي مٺي نالي سان سڏيندو هو، پر پوءِ سائنڻ جي بدران ڪيس ڏانئڻ سڏيندو هو. هن جو چاچو وري وڃي ڪٽ پيڙو ٿيو هو، ۽ سچو

ڏينهن ڪنگهندو رهندو هو. هن جو ڏاڏو ته جنسي چَڪَ وجهي مئو هو. چون ٿا ته هو چريو ٿي پيو هو؛ ڳوٺ جي ماڻهن ڪيس رسن سان ٻڌي خوب مار ڏني هئي. هن مسجد ۾ بيهي خدا کي گهٽ وڌ ڳالهايو هو، ڇاڪاڻ ته هن هنن جي زمين ۾ ڪارو ڪارو خوفناڪ پاڻي پيدا ڪيو هو، جتي هاڻ هو ڪو به فصل نه ٿي پوکي سگهيا! هن جي ماءُ وري وڏيري جي حويليءَ هلي ويئي هئي، ۽ رات جو دير دير سان ماني گنديءَ ۾ ويڙهي ڪٽي ايندي هئي، ۽ هن جو پيءُ ڳوٺ کان پنج ميل پري مل مان ڪم ڪري موٽي ايندو هو، تڏهن هن جو منهن پترن جهڙو لڳندو هو. اڳي هن جو پيءُ ڳاڙهو ڳاڙهو ڳٽول لڳندو هو، ۽ هاڻ هو ڪارو ڪوجهو ٿيندو ٿي ويو. اڳي هن جي ماءُ کي سون جا پنڙا، ۽ چانديءَ جا پازيب هوندا هئا، هاڻ ڪجهه به نه هو. اڳي هن لاءِ عيد براد تي نوان نوان ننڍڙا ڪپڙا لهندا هئا، ۽ هاڻ هن کي ساڳي قميص سٽڻ ۾ ورهيه گذري ويندا هئا! اڳي هن کي اسڪول وڃڻ وقت آنو خرچي ملندي هئي، ۽ هو مزيدار ڪٽمٺڙا ۽ ڪنڊ پڳڙا وٺي کائيندو هو، ۽ پوءِ، آنو گهرڻ تي هن کي مار پوندي هئي. هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي، ۽ هو اسڪول مان پڇي ايندو هو.

اسڪول ۾ به هن تي مار پوندي هئي، ڇاڪاڻ ته هن وٽ پورا ڪتاب نه هوندا هئا. هو اسڪول ۾ بينچ تي ويٺو سوچيندو هو ته گهر وڃڻ تي الائي ماني ملندي يا نه. وقت اهڙو به آيو جڏهن هن کي به وڏيري جي حويليءَ ۾ وڃي پنهنجي ماءُ سان گڏ ڪم ڪرڻو پيو، ۽ جڏهن ٽڪجي پوندو هو، تڏهن هن کي ڪا ٻانهي ماني ڀور آڻي ڏيندي هئي. اسڪول کان گسائڻ تي هن کي الڳ مار ملندي هئي. جڏهن هو چوٿين درجي ۾ هو، تڏهن هن کي هر هنڌ مار پوندي هئي. گهر ۾ ماني گهرندو هو ته مار، اسڪول ويندو هو ته اُتي ماسٽر جي مار! ماسٽر هن کان ٽنگن کي زور ڏيارينندو هو، ۽ هن کي ماسٽر جي وات مان ايتري ڏپ ايندي هئي جو هن کي اهڙڪا اچڻ لڳندا هئا. اهو ماسٽر سيني کان ٽوٽي هو. سڄو وقت ميز تي ٽنگون رکيو ستو پيو هوندو هو. دينيات پاڙهيندو هو، جنهن جي هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي. هڪ ڏينهن ماسٽر هن کان "جوڙيا سائين سڀ جنسار" وارو بيت پڙهايو. نڏهن هن جي ذهن ۾ "ڇو؟" جو سوال اُڀري آيو. جڏهن ماسٽر بيت جي معنيٰ سمجهائڻ شروع ڪئي تڏهن هن پڇيو "سائين، الله سائين اهي سڀ جنسار آخر ڇو ٺاهيا؟"

ماستر ڪجھ وقت تہ هن کي گهوريندو رهيو، پوءِ رڙ ڪري چيائين: ”اڙي ولو، اهو مولابخش تہ ڪڻ تہ هن کي سمجهايون،“ ۽ ماستر هن جا هڏ گڏ ڀيچي وڌا! هن کي نيل ٿي پيا، ۽ چپ مان رت وهي نڪتس! هن کي پهريون ڀيرو شايد ڪاوڙ آئي هئي، پر ڪيچي نہ سگهيو. دل ئي دل ۾ ماستر کي گاريون ڏيڻ لڳو. پر هن کي اچرج هو تہ هن کي ان ڏينهن روئڻ بنھ نہ آيو. ٻئي ڏينهن هن هڪ ڪيڏ سوچي، پَرَ ان جو ذڪر ڪنهن سان بہ نہ ڪيائين. هن جي گهر جون سڀ ڀيٽيون ڪري پيون هيون، ۽ اڪثر چاپوڙا ڪرندا رهندا هئا. ماٺس هن کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ انهن ڀيٽين جي پَرِ ۾ نہ بيهي، جو اتي وڃون هئا! هڪ ڏينهن ڪيس وڃون ڏنگي وڏو هو ۽ هن رڙيون ڪري سڄو ڳوٺ مٿي تي کڻي ڏنو هو. يارو ڪُنير مٿس جهاڙ پڙهي هئي. ”اڪال شڪال، مونگر ٽونگر، وڃون جهڙو، ڪارو نانگ. سڀ هجين يا ڪانگ، چڏ تہ ياري، نہ تہ ماءُ تنهنجي مون ماري....هُو.... ڦو..... هو.... ڦو!“ پر ان جهاڙ مان بہ ڪجھ نہ وريو، ۽ هن جي ٽنگ ڇڻ تہ ڦاٽڻ تي هئي. حڪيم کان دوا وٺي، ٽامي جي پٽسي تي رکي، گرم ڪري، ڏنب ڏيئي ٽنگ تي ٻڌائون، تڏهن مس وڃي هنکي ننڊ آئي! پر يارو ڪنير هڪ عجيب ڪم ڪيو هو: پت جي چاپوڙن مان وڃي وڃون ڳولهي آيو، ۽ چمٽي سان جهلي، خالي ماچيس ۾ وجهي کٽي ويو ۽ چيو هئائين تہ ڪا دوا ناهٽي هيس. هن کي اهو سڀ ڪجھ ياد هو. ان ڏينهن، خالي ماچيس ۽ چمٽو کٽي اچي چاپوڙا اٽلائڻ بيٺو. ٻہ چار چاپوڙا سوريائين تہ هڪ وڏو ڪارو ڀٽون پنهنجو ڏنگ مٿي کٽي ويٺو هو. پهرين تہ هو ڊڄي ويو، پر پوءِ همت ڪري ڏنگ ۾ چمٽو وجهي، کٽي ماچيس ۾ پوريائين.

هن کي ٻڪ هئي تہ ماستر کانئس ضرور زور ڏيارينڊو. الائجي ڇو ماستر هن کان ئي ٽنگن تي زور ڏيارينڊو هو، ۽ رکي رکي ڪيس دُڏي وٽ کٽي چهنڊڙي پائينڊو هو. ٿيو بہ ائين: ماستر ڪيس سڏي زور ڏيڻ لاءِ چيو. هو ڏڪندڙ دل سان اڳتي وڌيو: هڪڙي هٿ ۾ ماچيس لڪائي، هو ماستر کي پوري پُٽ ڏيئي بيهي هڪ هٿ سان زور ڏيڻ لڳو. هونئن هو ماستر کي ٽيڏو بيهي زور ڏيندو هو، تہ جيئن هن کي چهنڊڙي پائينڊو ڏسي پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. اڄ ماستر کي الائجي ڇا ٿيو. هن پٽ ڏني تہ هن چهنڊڙي بدران هن جي دُڏن تي هلڪي هلڪي ٽڦڪي هڻڻ شروع ڪئي، ۽ سامهون ڇوڪرا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا. هن کي

ڇوڪرن جي ڪِل جو ڪو سبب سمجھ ۾ نہ آيو. هن ڊڄندي ڊڄندي ماسٽر جي ٽنگ تان سٽڻ ٽورو مٿي سوري. هن جي دل زور زور سان دڪ دڪ ڪري رهي هئي. ماسٽر هن جي حرڪت کان بي خبر پنهنجي حرڪت ۾ مصروف هو. اوچتو هن هڪڙي هٿ ۾ ماچيس جهلي، اُگر جي زور سان اڌ کوليو، ۽ استاد جي پائنچي ۾ اٽلائي وڌو. گهڙيءَ لاءِ تہ ڪجھ نہ ٿيو، ۽ هن ائين پانيو ڇڻ تہ هن جي ڪنن ۾ تاڙيون پئجي ويون هيون. پر ان گهڙيءَ کان پوءِ هن ماسٽر جي رڙ ٻڌي. "اڙي گهوڙا ڙي....." ۽ ٻي گهڙيءَ ۾ هو در کان ٻاهر ڀڳو. ايترو تيز هُو ڪڏهن بہ نہ ڀڳو هو، ۽ اهو اسڪول ۾ هن جو آخري ڏينهن هو!

هن کان ڪنهن بہ نہ پڇيو تہ هو اسڪول ڇو نہ ٿو وڃي. فقط هن جي چاچي علوءَ ڪنگهندي ڪنگهندي هن کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. هاڻ هو سڄو ڏينهن ڳوٺ جي گهٽين ۾ رلندو گهمندو رهندو هو. ڳوٺ جا هڪ بہ ڇوڪرا هن جا گهرا سنگتي بنجي ويا هئا، انهن مان گلو سيني کان وڏو هو. گلوءَ هن کي پنڻ سيکاريو. هو هن کي پڪي رستي تي وٺي ويندو هو، ۽ اتي جيڪي لاريون يا موٽرون اچي بيهنديون هيون، اتي منهن ٺاهو ڪري هو ماٿهن کان پنندا هئا. گلوءَ هن کي هڪ ٻي ڳالھ بہ سيکاري، سا هئي رستي يا ڳوٺ جي گهٽين مان ٻيڙين جا اڏڙ چونڊي ڇڪڻ. پهرين تہ جڏهن هن ٻيڙي ڇڪي تڏهن ذري گهٽ گهٽجي مئو هو. هن جي ڇاتي جلڻ لڳي، ۽ اکين ۾ پاڻي اچي ويس. پر پوءِ هو ايترو هوشيار ٿي ويو جو سمورو دونهون نڪ مان ڪڍي سگهندو هو ۽ هن کي ڪا تڪليف نہ ٿيندي هئي.

گلو ۽ هو ڇڻ تہ جاڙا ڀائر هئا، هر وقت، هرڪم، هر راند ۾ گڏ هوندا هئا. سندن هڪڙو ڪم هوندو هو اسڪول جي ڇوڪرن کي اکر پوري راندڻي هيرائي، ڪانئن پئسا ڪٽڻ. بلورن جي موسم آئي تہ آني ڏڪ تي هو روزانو پنج ڇھ آنا ۽ مٽ جيترا بلور ڪٽي ايندا هئا. هڪ ڏينهن هو اوتاري وٽان لنگهيا تہ عَلَم جي پٽيان، ٻہ چار وڏا ماٿهو ڇڪي راند کيڏي رهيا هئا. هو ٻئي هڪ نئين جذبي سان اها راند ڏسڻ لڳا. پر اتي آني راند نہ هئي، اتي داءُ گهٽ ۾ گهٽ پائليءَ جو هو. هنن جي دل تہ گهٽي ئي سرڪندي هئي، پر هنن وٽ ايترا پئسا نہ هئا، جو اها راند رهي سگهن. پوءِ گلوءَ کي هڪ ڪيڏ سجهي آئي. پر ان ڪيڏ جو تفصيل ٻڌي انوءَ جو هيانءُ ٻڌڻ لڳو. گلوءَ اها ڪيڏ رٿي تہ ڳوٺ جي پاسي واري مقام مان رات

جو ڪيترا ماڻهو، پيچرو ڏيئي، ڳوٺ ڏانهن ايندا هئا. مقام جي ڪنهن وڻ تي چڙهي ماڻهن کي جنن کان ڊيڄارجي، ۽ پوءِ جڏهن هو گهر موجب پئسا ڇڏي ويجن، تہ انهن سان هلي جوا ڪجي. انوءَ کي هڪ تہ اعتبار ڪونہ آيو، ٻيو تہ هن کي خود اچي جنن جي ڊپ ورتو. گلوءَ کي ڊڄندي ڊڄندي چيائين: "پر جي مرڳو جنُ اچي اسان کي ڳچيءَ کان وٺي تہ پوءِ....!"

"وڏو ڪو گاندو آهين! ٻيٽيان، جنَ وري ڪي سچا ٿورائي ٿيندا آهن! مون کي سموري خبر آهي: تون چپڙي ڪري، جيئن آءٌ چوانءِ تيئن ڪر!"

هو گلوءَ جي رعب ۾ اچي ويو. صلاح اها بيٺي تہ ڳوٺ ۾ "چنا چور گرم" وارو گرگلو وڏو تـوتاري جهڙو بونبُو کڻي چٽا وڪڻڻ ايندو آهي، ان جو اهو بونبو چورائجي. آني ٻي آني جا، شرڙات ڪري ٻرندڙ، ڦٽاڪا وٺجن، پوءِ مڙئي مولا سٽائي ڪندو.

گلو تہ هر فن مولا هو. ٻئي ڏينهن جڏهن "چنا چور گرم" وارو گرگلو بونبوءَ ۾ آواز جا پڙاڏا ٺاهيندو اسڪول جي دروازي تي اچي بيٺو تڏهن ايڏا اسڪول کي رسيس ملڻ ۾ ڪجهہ دير هئي. چٽن وارو پيٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. گلو ۽ انو اڳتي وڌيا. انوءَ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي: جي جهلجي پياسين تہ؟ چٽن وارو هيڏو سارو متارو مڙس، هٿي ڏاڍوڙا ڪڍي وجهندو! گلوءَ هڪڙي ڪچي گار ڏنس تہ چپ ٿي ويو. چٽن وارو ٻارن جي انتظار ۾ اُب ڪوڙيو، ڪومچو اڳيان رکيو، ڏند ڪوٽيءَ سان ڏند ڪوٽي رهيو هو. بونبو پاسي ۾ رکيو هوس. گلوءَ آهستي آهستي انوءَ سان ڳالهيون ڪندي، ائين ڏيکائي ڏني جڻ تہ هن چٽن واري کي ڏٺوئي ڪونہ هو. جڏهن ٻئي ڇٽا بلڪل هن جي پير ۾ پهتا، تڏهن گلوءَ اوچتو، چٽن واري کي پوئتي ڏکو ڏنو. هو اڳي ئي اُب ڪوڙيو ويٺو هو ۽ ٻي خبرو هو، سو ويجي پٽيءَ پير ڪريو. انو بونبو هٿ ۾ کڻي وٺي ڀڳو. گلوءَ کومچي ۾ اڳيان پيل ٽڪن آنن جي ڍير ۾ هٿ وڌو، ۽ مٺ ڀري وٺي ڀڳو. جيسين چٽن وارو اٿي، ۽ کومچي کي ڪرڻ کان بچائي، تيسين ٻئي سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويا! اهو سڀ ڪجهہ اهڙو تڪڙو ٿيو جو کومچي وارو هنن جو منهن بہ چڱي طرح ڏسي نہ سگهيو، هن فقط سندن پٺ ڏٺي هئي. هو هنن ڏانهن ڀڳو: "ٺيرو، سالا سوئر ڪا بچا!" پر وري ڪو خيال آيس تہ متان ان ۾ بہ ڪا ٺڳي هجي، ۽ ڪي لڪل ڇورا سندس کومچي جي صفائي نہ ڪري ويجن، ان ڪري چپڙي

ڪري بيهي رهيو.

هن اڳي ئي رٽ ڪري ڇڏي هئي تہ قبرستان جي وڏي بڑ هيٺ ملندا. ٻئي جدا جدا طرفن کان سهڪندا ڊڪندا اتي پهتا. گهڙيءَ لاءِ تہ هو ساهہ پٽڻ لاءِ اتي پٽ تي ويهي رهيا. پوءِ گلوءَ فخر سان چيو: "ٻچو، ڏس. هي بہ تڳائي آيو سانس! پورا اڍائي ربيا ٽڪي گهٽ آهن."

انوءَ پنهنجي خيالن ۾ گُلوءَ جي اها حرڪت نہ ڏٺي هئي، سو اکيون ڦاڙي پئسن ڏانهن ڏٺائين. هن جي ذهن ۾ گهڙيءَ لاءِ خيال آيو تہ هن چڱو ڪم نہ ڪيو هو. ويچارو ڪومچي وراو بہ آخر غريب هو. هو ذري گهٽ گُلوءَ کي ائين چوڻ وارو هو، پر وري گُلوءَ جي گارين جو خيال آيس. هن کي الائي ڇو گارين کان بچان هوندي هئي. گلو جيڪڏهن هن کي ڏک هٽي ڪڍي تہ هن کي ايترو ڏک نہ ٿيندو هو، جيترو هن کي هن جي گارين کان بچان ٿيندي هئي. خاص ڪري "گاندو" لفظ تہ هن کي بنهہ ڪين وٺندو هو. اهوئي لفظ گلوءَ جي وات ۾ هوندو هو. هن کي پنهنجي خيالن ۾ گم ڏسي گلوءَ چيو: "ٻچو، ايان بہ مهل اٿئي؛ جي دل نہ ٿي چوئي، ۽ ڦاٽئي ٿي تہ وڃي ماڻهين جي پڙي ۾ منهن وجهي سمهہ. وڏو آيو اهي گُلوءَ جو يار ٿيڻ!" گلوءَ سينو ساهيندي چيو.

هن کي سخت ڪاوڙ آئي. هن جو سمورو بدن ڪاوڙ کان رڦڻ لڳو. گلوءَ هن کي ڪڏهن بہ ماءُ تي گار نہ ڏني هئي. هن اڳ پوءِ سوچڻ بنان، هٿ ۾ جهليل بونبو گُلوءَ جي مٿي ۾ ڦهڪائي ڪڍيو. گُلو ان وار لاءِ بلڪ تيار نہ هو، ۽ ڪجهہ ڏک جي اثر کان، ڪجهہ ٻيو وار بچائڻ جي خيال کان پٺيءَ ڀر وڃي ڪريو. هو ٽپ ڏيئي مٿس چڙهي ويٺو، ۽ ٻنهي هٿن سان گلوءَ جو گلو دٻائيندي چيائين: "منهنجي ماءُ جو نالو وري ورتو اٿئي تہ نڙي پٽي ڇڏيندو سانءِ!"

گلو هن کان وڌيڪ ڊگهو هو، پر انو هن کان وڌيڪ سگهو هو. گلوءَ کي ڏک ۽ گهٽي جو ايترو خيال ڪونہ هو. هن کي انوءَ جي ڪاوڙ ۽ اوچتي حملي هيسائي ڇڏيو هو. انوءَ هن جون اکيون ٻاهر نڪرنديون ڏسي هن کي ڇڏي ڏنو، ۽ اُٿي بيٺو. پوءِ وري وڃي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو، ۽ آڳر سان زمين تي ليڪا پائڻ لڳو.

گلو کنگهندو اٿي ويٺو، ۽ ڳچيءَ تي هٿ گهمائيندي چيائين: "ير، سنگت ۾ ڪاوڙجي پئين!"

انوءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو، گُلوءَ ڪلي ڏنو. "پيٽيان، ڏاڍي ڪا سگهہ اٿئي. منهنجي تہ ذري گهٽ ڳچي مروڙي ڇڏي اٿئي!"

انوءَ جي چپن تي هلڪي مرڪ موٽي آئي. هن جي ساهہ جي رفتار بہ برابر ٿي ويئي.

هو ڳوٺ بہ وڃي نہ ٿي سگهيا، هنن کي پڪ هئي تہ ڪومچي وارو ڪين سڄي ڳوٺ ۾ ڳولينڊو هوندو. مٿان اچي شام ٿي. هاڻ ڪين بک ستائڻ لڳي. گلوءَ ڪان رهيو نہ ٿيو: "پيٽسان بک بہ ڏاڍي لڳي آهي!"

انوءَ کي بہ ڇڻ تہ اوچتو پنهنجي بک ياد پئجي ويئي.

"ها، يَرَ بک تہ مون کي بہ ڏاڍي لڳي آهي، پر ڳوٺ ڪيئن هلجي؟"

گُلو اُٿي بيٺو. "تون اِتي ويهہ تہ آءٌ اجهو آيس. ڇچو ڇا ياد ڪندين تہ گلو ياريءَ ۾ سِرُ ڏيڻ کان بہ ڪين ڪيہائيندو!" ائين چئي، هو هرڻن جيان ڇال ڏيندو، وڻن پويان گم ٿي ويو.

ڪلاڪ کن کان پوءِ، جهول ۾ ڪا شي جهلي، کلندو وريو. "چئين آني جا پڪوڙا، بہ آني آني واريون ڊبل روٽيون! مون سوچيو تہ ڳوٺ ۾ تہ ڪومچي وارو پيو اسان کي ڳولينڊو سو لاري استان تان وڃي ولي آيس!" گُلوءَ فخر سان چيو.

ٻئي ڇڻا کائڻ ويهي رهيا. گڏجي ڪاڏي کائڻ سان هنن ۾ هڪ ٻئي لاءِ همدردي، ساٿ ۽ ياريءَ جا جذبا خود بہ خود جاڳي اٿيا، ۽ هو هڪ ٻئي کي ڏسي، پاڻهي ڄاڻي مرڪڻ لڳا. گڏجي بک مٽائڻ سان روحن ۾ ڪيتري نہ يگانگت اچي ٿي وڃي!

پيٽ پوڄا ڪندي، اونده ٿيندي ويئي ۽ انوءَ جو ڊپ وڌندو ويو. هن جي دل ٿي چيو تہ اُڏامي گهر پهچي، ۽ چپڙي ڪري پنهنجي تڏي تي سمهي ننڊ ڪري. پر هاڻ پوٽي موٽڻ جي معنيٰ پاڻ کي ڪائنر ۽ گلوءَ جي لفظن ۾ گانڊو ثابت ڪرڻ. لاچار ٿي هو، گلوءَ سان گڏجي بَڙ تي چڙهي ويو. گلوءَ هن کي سمجهايو تہ جڏهن هو بونبوءَ ۾ ڳالهائڻ بند ڪري تہ هو هڪ سُوسڙي ٻاري جيترو ٿي سگهي، اوترو پر پرو اڇلي. ٻي سُوسڙي وري ان جي ابتي پاسي!

اونده وڌندي ويئي، ۽ انوءَ جي دل، سُسندي ويئي. هن کي بڙ جي وَڻ مان مختلف هنڌن تان چمڪاٽ ڏسڻ ۾ آيا، ۽ هو پنهنجي ڏار کي مضبوط جهلي ساهہ روڪي ويٺو رهيو. بڙ جي ڏار جي هڪ ڇيت هن جي ٻانهن ۾ ڪپي ويئي، ۽ هن کان

چرڪ نڪري ويو.

"گُلو نانگ! گهوڙا ڙي نانگ ڪاڻي ويو!" تڪڙو تڪڙو هو ڇڻ ته ٽپ ڏيندي هيٺ لٿو. گلوءَ بہ هيٺ ٽپُ ڏنو؛ گُلو بہ ڊڄي ويو هو. اهڙي ڪنهن واقعي لاءِ هن سوچيو بہ نہ هو.

"ڪٿي هو نانگ؟ ڏسان ڪٿي ڪاڏو اٿس؟" گلوءَ ماچيس جي تيلي ٻاريندي چيو.

"هي ڏس...." ۽ ٻنهي چتائي ڏٺو. پوءِ گلو ٽهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳو. ڪاڻيءَ جي ڇيت ايا تائين ٻانهن جي چمڙيءَ ۾ ڪتي پئي هئي. گلوءَ چهنڊڙي وجهي، ڇڪي ڪڍي ورتي.

"ڏاڍو سورهيہ آهين، انو!" گُلوءَ ٽوڪ مان چيو.

انوءَ ڪجهہ نہ چيو. چپ چاپ وري بڙ تي چڙهي ويو. هن کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي؛ واقعي هو گلوءَ جي سنگت جو لائق ئي ڪونہ هو! هاڻ ٻاٽ اونداهي ٿي ويئي هئي، ۽ طرح طرح جا خيال انوءَ کي ستائڻ لڳا. "اڄ گهر دير ٿي ويئي آهي. بابو بہ ڪارخاني مان موٽيو هوندو، ۽ پادر پسايو ويٺو هوندو...." هن کي وري اچي ڊپ ورايو. ۽ هن ڇڻ پنهنجي پاڻ کي چيو؛ "گُلو!"

"اُشُ .....شـ ....." گلوءَ جو آواز آيو، ۽ پوءِ آهستي چيائين- "ريڊي!"

اهو اشارو هو تہ شڪار پئي آيو. اوچتو انو سڄو دهلجي ويو؛ گلوءَ بونبوءَ مان هڪ خوفناڪ "گُهو....گُهو" جو آواز ڪڍيو. ڊپ کان انوءَ بڙ جي هڪ ٿلهي تاريءَ کي ايترو سوگهو جهليو، جو ذري گهٽ هن جي هٿ ۾ گهڙندي ٿي ويئي. پر خطري کان آگاهيءَ جي ڪري ان ڊپ ۾ ايتري شدت ڪانہ هئي. ان هونديبہ هن کي ان ڊپ کان سوسڙي ٻارڻ وسري ويئي. انو هيٺ پيچري ڏانهن نهارڻ لڳو. پر هن کي اونده کان ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. گلوءَ جي طرف کان وري هڪ ڊگهي خوفناڪ چيٽ جو آواز بونبوءَ مان ٿيندو هن جي ڪنن تائين پهتو. سڄو مقام ان چيٽ سان گونجي ويو، ۽ انوءَ کي سوسڙي ٻارڻ ياد آئي. تيلي هٿي هن سوسڙيءَ کي زور سان اڇل ڏني. سوسڙيءَ جي روشنيءَ ۾ هن ڏٺو؛ بہ ماڻهو پيچري جي وچ ۾ بيهي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيا هئا. هڪڙي جي مٿي تي ڪا هڙ رکيل هئي يا ڪو وڏو پٽڪو ٻڌل هئس....

"هي...هي...هي....هُو....هُو....هُو... وِکَ ڪٽندؤ تہ سَرنهن جيڏا داڻا

ڪري ڇڏيندوسانوَ..." بونبوءَ مان آواز آيو.

هاڻ تہ انوءَ کي بہ رونشو سجهي آيو، ۽ هن نشانو چتائي ڦٽاڪو ٺيڪ واٽهڙن جي پيرن وٽ اُڇلايو. اها سوسڙي بہ ڪا ججهي بارود سان ڀريل هئي، ڪرڻ کان پوءِ بہ ڳچ وقت شرڙاٽ ڪندي، پوئنر وانگر ڦرندي رهي. هيٺان رڙ جو آواز ٿيو: "ماما، ڀچ تہ ڀڄون، جمعي رات آهي، جنات کائي ماريندي!" انوءَ وري بہ ٺيڪ هڪ سوسڙي اڳئين هنڌ کان ٿورو پريان اڇلائي. ڦٽاڪي جي روشنيءَ ۾ هن ڏٺو تہ واٽهڙو پيچرو ڇڏي قبرن وچان ڀڳا.

"خبردار، فقيرن جون قبرون ٽا لتاڙيو.... بيهي رهو نہ تہ ٻنهي جون ٽنگون ڀڃنداسون...." ۽ هڪ ٻي سوسڙي انوءَ اڇلائي، عين قبرن جي وچ ۾! راهگير بيهي رهيا....

"فقير سائين.....سَ .... سَ ....سائين اسين ۾.... ۾.... مسڪين آهيون....

"خطا بخش ڪريو.... دستگير جو واسطو اٿو...."

"اوهين ڪي مومن ٽا ڏسجو.... دستگير جو نالو نہ وٺو ها تہ ڪنڌ ڀيچي ڇڏيانوَ ها....

" گيدي ۾ جيڪي اٿو، سو اُترينءَ قبر جي پيراندينءَ تي رکي، پوئين پير، پٺتي هلندا ويجو. پٺيان ڏٺو اَٿوَ تہ سرنهن جيڏا داڻا ڪري ڇڏينداسون...."

پوءِ هڪ ٻيو ڦٽاڪو!

انوءَ ڏٺو تہ ڏڪندي ڏڪندي هن ڪيسن ۾ هٿ وڌا... ۽ پوءِ ڀڄڻ جو آواز آيو: ۽ بونبوءَ آواز ڪيو"..... گهو.... گهو... هُو.... هو!"

گهڙيءَ لاءِ وري ماڻ ٿي ويئي. ڳچ وقت ٻئي ماڻ ڪري ويهي رهيا. پوءِ هيٺ لٿا. ماچيس جي روشنيءَ ۾ هن قبرون ڳولهڻ شروع ڪيون. هڪڙي قبر جي پيراندينءَ کان نوٽن ۽ سڪن جي نندڙي ڍڳڙي پيل هئي. ڪُلُ اٺ رپيا ڇه آنا!

ان رات انو ڏاڍو خوش هو. هن جي ڪيسي ۾ پهريون ڀيرو چار رپيا ٿي آنا هئا! گلوءَ کان موڪلائي گهر پهتو. هن سمجهيو تہ روزاني وانگر اڄ بہ گهر ۾ اوندهہ هوندي ۽ ماڻ مٺوڙو لڳل هوندو. پٽس ڪارخاني مان ٿڪجي ٿٽي ايندو هو، ۽ اچڻ سان سمهي رهندو هو. ماٽس بہ حويليءَ کان موٽي، پٽس کي زور ڏيندي، اُتي ئي پيراندي کان سمهي رهندي هئي. جيڪڏهن جاڳندل هوندو هو تہ فقط

سندس چاچو، جنهن کي کنگھ ۽ ساھ کان ننڊ ئي ڪانہ ايندي هئي. پر اُن ڏينهن گھر ۾ ڇڻ ٻَڪَر پئي ٻاڪاريو. اندر گھڙيو تہ ڏٺائين تہ پٽس ماٽس کي رانيات ڪري ماري رهيو هو. ”ڪميٽي، ڪسبياٽي، ٻڌاءِ ڪيڏانهن ويئي هئينءَ؟ ڪھڙو نئون يار ڪيو اٿئي....!“

هن جي ماءُ فقط ڪنجهي رهي هئي، ڪجھ بہ چيائين ڪونہ ٿي. جيڪڏهن انوءَ کي دنيا ۾ ڪا شيءِ پياري هئي تہ اها ماءُ هئي. پنهنجي ماءُ کي ان حالت ۾ ڏسي، هن جي دل پهرين تہ وسامندي ويئي، ۽ پوءِ هن ۾ الائجي ڪھڙو جوش اچي ويو، ۽ هن پويان اچي پيءُ کي ٻَڪَ وڌا. هن کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ هن جا پير نڪري ويا، ۽ منهن ڀر وڃي ڪريو. هن کي اها اميد بلڪل نہ هئي تہ هن جو پيءُ، جيڪو هن کي هيڏو سارو هوندي بہ، هڪ هٿ سان پيڇريءَ وانگر کڻي وٺندو هو، سو ائين ڪري پوندو! اوچتي ڪرڻ جي ڪري هي بہ وڃي مٿانئس ڪريو. اتفاق سان هو ٽڙي وڃي پرئين پاسي پيو- اهڙيءَ طرح جو هن جو منهن پيءُ جي مٿي جي ويجهو ٿي پيو. ان وقت ڏَپَ جو هڪ ڦوڪارو هن جي ناسن ۾ گھڙي ويو. اها ڏَپ هن جي پيءُ جي وات مان اچي رهي هئي. هو سمجهي نہ سگھيو تہ اها ڏپ ڇا جي هئي. اها ڏپ ڏاڍي ڪني هئي، ڪنّي ڪنّي ڏونئري يا ڏڏ جهڙي!

هو ايڏا اٿڻ جي ڪوشش ۾ هو تہ هن آت ڏيڻ جو آواز ٻڌو، ۽ ڪا ٽلهي ٽلهي پاٽيٽ هن جي وارن تي ڪري، هن جي اکين مان وهي، نَڪَ ڏانهن لار ڪري وهڻ لڳي. هن جي ذهن ۾ بدبوءِ جو هڪ ريلو اُٿيو؛ هن کي پنهنجي پاڻ مان ڏپ اچڻ لڳي ۽ هو خود، ٻئي هٿ پيٽ کي ڏيندي اٿي ويٺو، ۽ هن کي بہ الٽي اچي ويئي.

هن جو پيءُ اُتي ئي، سُتي سُتي، الٽيون ڪري رهيو هو. هن کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ ئي نہ آئي، تہ هن جي پيءُ الٽيون ڇو پئي ڪيون؟ هن کي هڪ نئون ڊپ ورائي ويو ۽ هن ڀانئيو، ڇڻ تہ پٽس مري رهيو هو! پيءُ لاءِ محبت جو هڪ نئون جذبو هن جي دل ۾ جاڳيو، ۽ هن ڳُٽڪا ڀريندي چيو؛ ”امان، بابا کي ڇا ٿيو؟ امان، بابا ڇوٽو الٽيون ڪري.... امان ڇا ٿيو آهي بابا کي؟“

ماٽس ڏکن بند ٿيڻ تي اٿي ڪڙي ٿي هئي، ۽ مڙس کي الٽيون ڪندوڏسي، پاڻيءَ جو ٿانءُ ڀري آئي. پهرين تہ انوءَ جو مٿو چڱيءَ طرح ڏوئاريائين، ۽ پوءِ مڙس کي پٽيءَ تي هٿ هڻڻ ويهي رهي. لالٽين جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن ڏٺو تہ

ڳوڙها هن جي ماءُ جي ڳچيءَ تائين پهچي سندس چولو آلو ڪري رهيا هئا. هن وري هڪ سڏ ڪي ۾ چيو: "امان، ڇا ٿيو آهي، بابا ڪي...!"

"دارون پي آيو آهي....!" ماٽس بدران چاچهنس گهيل آواز ۾ چيو.

دارون....! هن ٻڌو هو ته ماڻهو دارون پي واهيات بَڪَ شَڪَ ڪندا آهن ۽ هن اهو به ٻڌو هو ته دارون پيڻ وارا ماڻهو پنهنجي زالن کي مارندا آهن، جيئن سونو ينگي ڪندو هو. هن هڪ پيرو، سوني ينگيءَ کي، بوتل هٿ ۾، لڏندو جهومندو ڏٺو هو... دارون اهڙي ڪا بُري شيءِ هئي، هن ڪڏهن به نه سوچيو هو. پوءِ ڇو ٿا پِيَن دارون؟

صبح جو هن جو پيءُ چڱو پيلو هو، ۽ منهن هٿ ڏوئي ڪمر تي هليو ويو. ان کان پوءِ هن جو پيءُ هر چوٿين پنجين ڏينهن دارون پي، هن جي ماءُ کي مارندو هو. هڪ ڏينهن ته هن کي به جهلي، سندس مٿو ڪٽي منجي سان هنيائين، ۽ هن کي ان نئين دارون پيندڙ پيءُ سان نفرت ٿيندي ويئي!

گُلو ۽هن قبرستان ۾ماڻهن کي ڊيڄاري ڦرڻ جو جن ته هڪ ڏنڌو بڻائي ڇڏيو. گُلوءَ ان ڏنڌي ۾ نيون نيون ايجادون ٿي ڪيون. پئسا ته هاڻ جام هئن، ان ڪري سڀ ضرورت جون شيون هنن خريد ڪري ٿي ورتيون. ٿالهي وڄائڻ، ڊگهي بانس ۾ ڪارو جُبو لٽڪائي بيهارڻ، ٻڪريءَ جي ڪَلَ سُڪائي، ان ۾ ڪاڻيون وجهي هٿرادو ٻڪر جو ڏڙ ٺاهڻ ۽ اهو بڙ تان هيٺ اُڇلائڻ.... وغيره جهڙيون چالاڪيون هنن لاءِ جڻ ته وندر جو سامان هيون، ۽ روزانو پنج اٺ روپياهو ائين ڪمائي ايندا هئا!

هاڻ هو ڇڪي راند ۾ به ماهر ٿي ويا، ۽ وڏن وڏن سان مقابلو ڪندا هئا. ڳوٺ جي ماڻهن جي خيال کان گلو جوارين کي بڙ هيٺ وٺي آيو، ۽ اتي زمين صاف ڪري، هو ڇڪي، ۽ ڪڏهن پتي راند ڪندا هئا. ڪڏهن ليٽ ته ڪڏهن پيٽ، ڪڏهن تخت ته ڪڏهن تختو، ڪڏهن تريون ته ڪڏهن پئون ٻارنهن، ڪڏهن بُت ته ڪڏهن بگلو، ڪڏهن اندر ته ڪڏهن ٻاهر....!

وڏا جواري به هاڻ هنن کان ڪَنَ هٽڻ لڳا هئا... خاص ڪري گُلو ته ويهندو هو ته اڌ کان مٿي هٿ ڇنڊي اٿندا هئا. هن جو نالو ئي رکيو هئائون "چنڊو". جيتوڻيڪ ٻيا سڀ هنن کان وڏا هئا، پر ڪنهن کي به ڪانئن پئسن ڦرڻ جي همت نه ٿيندي هئي. هڪڙو ڄڻو اهو مزو چکي چڪو هو. هن جڏهن هارايو ته جهپ

هٿي کٽي گلوءَ جي پئسن جي ڍڳ ۾ هٿ وڌائين. گلو چنبڙي ويس. گلو اڪيلو هجي ها تہ مار بہ ڏاڍي دل تي کائي ها، پر جيسين هو گلوءَ سان منهن ڏي، تيسين انوءَ پر ۾ پيل سروٽو مغز ۾ وهائي ڪڍيس. هن کي رت ٽينڊيون ڪري وهڻ لڳو. هن انوءَ ڏانهن ڏيان ڏنو تہ گلوءَ پويان ٻانهن جي ڏيڏر وٽ اهڙو چڪ هنيس، جو هن کان ڪيڪ نڪري ويئي. جيسين ٻين ڇڏاين، تيسين هن جا سمورا ڪپڙا ڇيهون ڇيهون ٿيل هئا، مٿي ۽ ٻانهن مان رت پئي وهيس. ماڻهن بہ جُٽ ڪيس تہ ڇوڪرا ڏسي، هن کي شرم نہ ٿي آيو ائين، پراين پئسن ۾ جهٽ هڻڻ کان! ۽ هو شخص ٻوٽ ٻلهڙو ڪري هليو ويو!

پر هڪ ڳالهہ انوءَ ۽ گلوءَ نہ سوچي هئي، سا هئي سندن قبرستان واري ڏنڌي جي. ماڻهن ۾ جنات جو ايترو تہ خوف ويهي رهيو هو، جو ماڻهن اتان وڃڻ جي ئي پچر ڦٽي ڪري ڇڏي. ان حالت تي هنن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو. هڪڙي ڏينهن هو سڀ پئسا هارائي، رات جو شڪار جي تاڪ ۾ ويٺا رهيا، پر اتان ڪوبہ نہ لنگهيو. آڏي رات ٿي ويئي. ٻنهي کي بک بہ ڏاڍو ستائڻ لڳي. ٻئي ڄڻا بَڙَ تان لهي آيا.

"يَرَ، پيٽسان بک بہ ڏاڍي لڳي آهي،" گلوءَ اعلان ڪيو.

"ها....." انوءَ مختصر جواب ڏنو. هن کي گلوءَ کان بہ وڌيڪ بک لڳي هئي. صبح جو بہ گهران بکيو نڪري آيو هو. راتوڪي سڪل ماني، جيڪا ماڻس حويليءَ مان آندي هئي، سا بہ جاري ۾ ڪانہ هئي. ماڻس سويري ئي حويليءَ هلي ويئي هئي. حويليءَ ۾ ڪنهن سريت کي رات جو اچي سور ٿيا هئا، ۽ فجر جو ماڻس کي هڪ ٻانهي سڏي وٺي ويئي هئي. پٽس بہ فجر جو ڪجهہ کائڻ کانسواءِ هليو ويو هو. هن جاري ۾، چلهہ جي آس پاس، گهٽائي لوٽا هنيا، پر اتي ڪجهہ نہ هو، ۽ هو اچي گلو جي دروازي جي ٻاهران بيهي رهيو. دروازو کليو پيو هو، ۽ گلوءَ جي پيئڻ ويٺي سامهون ٿانوَ مليا. گلو پٽ تي هڪ ڦاٽل رليءَ ۾ ويڙهيو ستو پيو هو. هن نشان وٺي پٽر اڇلايو، ۽ گلو ڇرڪ پري اٿي ويٺو. اُٿي، مٽ مان پاڻيءَ جي ڇال پري، منهن تي هنيائين. انو چپ چاپ بيٺو رهيو.

"ادي، ماني ڏي...." گلوءَ پيٽس کي چيو.

پيٽس ڪوبہ جواب نہ ڏنو. چپ چاپ ٿانون کي ڇار سان مهٽيندي رهي.

"مٺا، ڏسين ڪونہ ٿو تہ هٿ ڦلهيار ۾ پريا پيا اٿم. اٿان تہ پرياءِ ٿي پيُ!"

پيٽس رڙ ڪندي جواب ڏنو. گلو چپ ٿي ويهي رهيو. جڏهن گهڻي دير ٿي ويئي، ۽ پيٽس ٿانوَ مليندي رهي، تڏهن گلو اٿي ٻاهر آيو.

"يَرَ هل تہ هلون... اڄ مانيءَ جو آسرو ڪونهي. رات وري مار ڪاڏيسون..." گلوءَ ڏڪاري انداز ۾ چيو.

"ڇا تان مليئہ مار؟"

"ربوءَ رات مون کي پيت تپي اندر ايندو ڏٺو، سو رڙ ڪري چيائين تہ "اشراف جا ڦر، رات جو سويري گهر نہ ايندين تہ سمهندين بہ ماڻهين وٽ وڃي،" بس پوءِ تہ زيبٽ ٿي ويا. پيٽسان، ايڏا تائين پيو ڪنڌ سور ڪري....!"

انوءَ کي خبر هئي تہ گلوءَ جا ماءُ پيءُ ننڍي هوندي مري ويا هئا. يتيم ٻار کي سندس پيڻ پالڻ لاءِ ونئي آئي هئي. پر ربو هَرَ-هاري هو. جيڪي چار داڻا ملندا هئس، سي پنهنجي ٻچن لاءِ ئي پورا ڪونہ هئس. ڇہ تہ ٻار هئس جن مان بہ وڏي ڇوڪري کي خناق جي بيماري ٿي پئي هئي، ۽ حڪيمن ويچن جي دوائن ستين جو خرچ تنهن کان سواءِ!

پنهنجا پنهنجا سور ساريندي، ڪنڌ هيٺ ڪري، بڙ جو رستو ورتائون. جواري سڀ اڳي ئي پڙ ناهي ويٺا هئا. اڄ ٻنهي جون دليون لٽل هيون، ۽ رات شڪار بہ سٺيو نہ لڳو هوِن. ڪُل اَٺ رپيا ڪن هئن. ٻنهي گڏجي ڪيڏيو. پهرين تہ گلو سٺ رپيا ڪن ڪٽ ۾ هو. انوءَ ڪيس اک بہ ڀڳي تہ اٺ تہ هلون، پر گلوءَ نہ مڃيو. انوءَ تہ پنهنجا سڀ پئسا ٻن داوَن ۾ هارائي ڇڏيا هئا. گلو جو ڀاڳ بہ ويو پوئتي پوندو، ۽ مُلي ٻپهريءَ جي ٻانگ ڏني تہ گلو بہ تپڙ ڇنڊيندي اُٿيو!

"يَر، اڄ تہ پيٽسان ڪل لهي ويئي....!" هن ڦڪي ڪل ڪلندي چيو.

ڪلاڪ اَڌ تہ هو ڳوٺ ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمندا رهيا.

"يَر، پيٽسان سٺ رپيا ڪَٽَ ۾ هئاسين تہ اٿي هلون ها...."

"سو تہ مون توکي اک ڀڳي، پر تون اٿئين ئي ڪونہ...."

"يَر، پيٽسان استاد جو چوڻ آهي تہ جوا ۾ ڪٽي ڀڄڻ مڙس جو شان نہ آهي، جيسين ٽِڪري پوري نہ ٿئي!"

آڏي رات تائين بڙ تي ويٺا رهيا، پر اڄ ڪوبہ ماڻهو نہ لنگهيو.

"يَر، پيٽسان ڏاڍي ڳالهہ ٿي....!"

"هل تہ ڪو پيٽ پوڄا جو بندوبست ڪريون...." انوءَ چيو.

"سو بہ ڪيئن؟"

"تون گهران ماني ڪٽي اچي تہ ڪائون...."

"نہ بابا نہ، هڪ تہ ادي ماني رکندي ئي ناهي. ٻيو تہ ربو اڄ تہ پادر پُسايو ويٺوهوندو. اڄ وري دير ٿي ويئي آهي. ڪاله چيائين تہ "رئيس جا پٽ. ڏهہ يارنهن سال توکي ڪارايو اٿم، مون ڪو ڄمار تنهنجي ڪارائڻ جو ٺيڪو ڪونہ ڪنيو آهي، نہ ڪو مون وٽ ڪا ديگ پوريل آهي، هاڻ وڏو ٿيو آهين. "آپٽي گهوٽ تہ نشا هووَئي...." ادي بہ ساٿس ها ۾ ها ملائيندي ويئي. سو پنهنجو گهر ويجهڻ تہ هاڻ ڇڏو. تون ڪو وارو ڪر!"

".....آءٌ؟ بابو روز دارون پي ٿو اچي. سو منهنجا ڏاجوڙا ڪڍي ڇڏيندو. ماني منهنجي لاءِ بہ ڪانہ هوندي. امان تہ رات بہ حويليءَ تي هوندي....."

"يَرَ... پيٽسان هاڻ تہ مري وياسون.... پر ماشا مولا.... ٻڌ انو، آءٌ تہ صبح جو ويجهان ٿو شهر: مولا جو ملڪ پيو آهي، ڪٿي نہ ڪٿي مَنَ ڪا ڪلينري ملي وڃي!"

"تہ پوءِ آءٌ بہ ٿو هلان....."

"نہ يرِ نہ.... منهنجو تہ گهر گهاٽ ڪونهي.... نہ ماءُ نہ پيءُ....."

الائجي ڇو گلوءَ ڪان سڏ ڪو نڪري ويو.

"منهنجو وري ڪير آهي؟ بابو تي رپيا ڪمائي؛ رپئي ڏيڍ جي تاڙي پئي، رپئي جي چاچي جي دوا... باقي ماني راڄن تي، رلهي ڪلهي تي....."

"پر اڄ رات ڪيئن گذرندي.... بک بہ ڏاڍي لڳي آهي...."

"هل تہ اوتاري ۾ نُکن تي سمهي ٿا پئون. ٻرهَ جو اُٿي پنڌ پونداسون."

ٻئي جڻا ٻُکايل قدم ڪنندا اچي اوتاري وٽ پهتا.

انگاس جي پير ۾ ٻہ تي ملنگ نکن تي ستا پيا هئا. اوتاري جو فقير مَٽيءَ جي پير ۾ ڪاري چادر پايو ستو پيو هو. ان جي پاسي ۾ هڪ نک خالي پيل هئي. ٻئي جڻا چپڙي ڪري ان تي ليٽي پيا.

گلوءَ ڪي تہ جهٽ ۾ ننڊا اچي ويئي. پر انوءَ ڪي ننڊ نہ آئي. بک ڪان آنڊن ۾ وٽ پئي پيس. جڏهن بک گهٽو ستايس تہ مٽيءَ مان پاٽيءَ جي ڇل پري پيتائين. پاٽي ڇڻ تہ هن جا آنڊا چيريندو ويو. ڇل مٽ تي رکيائين تہ ٽڙي ڪري پئي ۽ پرزا پرزا ٿي ويئي. فقير ننڊ مان ڇرڪ پري اُٿي ويٺو.

"ڪهڙو آهين؟"

"آءٌ آهيان، فقير، انو." فقير هنن سان داڻي راند ڪندو هو ۽ ڪين چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو.

"انو ڪير؟.... اوهو، ڇورا، اوهين رات جو هت ڇا پيا ڪريو؟ گهر نه ويا آهيو ڪيئن؟"

"فقير، ڏاڍي دير ٿي ويئي هئي، سو موچڙن جي ڊپ کان هتي ئي سمهي پياسون."

فقير چپ ٿي ويو، ۽ انو وري اچي گلوءَ جي ڀر ۾ سمهي پيو. پاڻيءَ پيٽ ۾ ويجي، بک تي ڄڻ ڪو چنڊو وجهي ڇڏيو. هن کي ڳهر وٺي ويئي، ۽ پاسو ورائي سمهي پيو. هن خواب ۾ ڏٺو ته ڪا ازغيبي ٻانهن هن ڏانهن وڌي رهي هئي. ان ٻانهن جي هٿ وڌي هن جي پيٽ تي ٽڏڙا ڪڍڻ شروع ڪيا. هڪڙي آڱر هن جي ڏن ۾ ڦرڻ لڳي، ڄڻ ته اُن هٿ هن کي ڪتڪتائي ڪرڻ ٿي گهري. جڏهن هو ننڍڙو هو، تڏهن هن جي ماءُ هن کي پيٽ تي ائين ٽڏڙا ڪڍندي هئي. سندس پيٽ تي وات رکي، هن کي ڪلائڻ لاءِ آواز ڪڍائيندي هئي، ۽ هو ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پوندو هو. اڄ به ننڍ ئي ننڍ ۾، ٽڏڙن ڪڍڻ سان هن کي ڪل اچڻ واري هئي. پوءِ ان هٿ هن جي ڏن کان هيٺ سُرڻ شروع ڪيو؛ هن جي بدن ۾ ڪي اڃاتيون لهرون وڄُ جيان ڪنوڻ لڳيون، ۽ پاڻهي ڄاڻي هن جي جسم ۾ ڪجهه اڳيرو رڙهڻ جي آرزو پيدا ٿيڻ لڳي. اوچتو.... اوچتو هن کي ائين محسوس ٿيو ته ڪو رڇ هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ نپوڙڻ لڳو. هن جو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو. هن کان ڪيڪ نڪري ويئي. ڪيڪن ڪرڻ سان گڏ هن کي ڪاڪوس ڪرڻ جي شديد خواهش جاڳي اُٿي. هو ننڍ مان ڇرڪ ڀري اُٿڻ لڳو ته هن کي ڪنهن ٻانهن ۾ وجهي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هو سَٽ ڏيئي اُٿي، اوتاري جي اترئين پاسي ڀڳو. ڀڄڻ وقت هن ڏٺو ته سٽڻ هيٺ لهي، هن جي گوڏن ۾ منجهي پئي. تڪڙ ۾ سٽڻ کي ٻنهي هٿن ۾ قابو جهلي ڀڄندو ويو... ڀڄندو رهيو. جڏهن هن کي پڪ ٿي ته پويان ڪير به نه هو، تڏهن هو بيهي رهيو، ۽ هڪ پٽ جي ڪنڊ جي اوٽ وٺي ڪاڪوس ڪرڻ ويهي رهيو.

هن کي ڪاڪوس نه آيو، پر ڪاڪوس ڪرڻ جي خواهش برابر ستائيندي رهيس- بلڪل اهڙي طرح جهڙي طرح هن کي هڪ دفعو سوري ٿي پئي هئي، ۽

هن کي ٻاهه ٿيڻ لڳي هئي. حڪيم جي دوا مان مس مس ان ٻاهه مان جند ڇٽي هيس آخر هو اٿيو. هن کي جسماني پيڙا کان وڌيڪ ذهني اذيت ستائي رهي هئي. ائين ڇو ٿيو؟ اهو ڇا ٿيو؟ هن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. پوءِ اها ڪاوڙ نفرت جو روپ اختيار ڪرڻ لڳي، ۽ هن کي پنهنجي پاڻ مان بيچان اچڻ لڳي. ڇڙ تہ هن سٽڻ ۾ ڪاڪوس ڪري وڌو هو! گهڙيءَ کان پوءِ هن جي نفرت وري ساري دنيا تي ڪاوڙ جي صورت اختيار ڪئي. هن دنيا ۾ اسين غريب ڇو آهيون؟ نڌنڪا ڇو آهيون؟ اسان کي گهرن ۾ مارون ڇو ٿيون ملن؟ بابا تاڙي ڇو ٿو پئي؟ ڇاچو سگهو ڇو نہ ٿو ٿئي؟ امان کي حويليءَ ۾ ڇو ٿو پورهيو ڪرڻو پوي؟ گهر ۾ سولي ماني ڇو نہ ٿا کائي سگهون؟ اسڪول ۾ ماستر ڇو ٿا مارين؟ ڇو ٿا اسان کان زور ڏيارين؟ بابا جي زمين کي ڇو ڪارو پاڻي کائي ويو؟ ڇو اسين مانيءَ جا محتاج ٿي وياسون؟ ڇو اسان کي خرچي نہ ٿي ملي؟... ۽ سڀ کان وڌيڪ اوتاري جي فقير ڇو مون سان ائين ڪيو؟ مون هن جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟ .... ۽ انهن سيني ڳالهين جو جواب هن کي سمجهه ۾ نہ آيو. فقط هڪ ممڪن جواب هن جي ذهن ۾ مڙي آيو هو؛ فقير کان بدلي وٺڻ جو!

هن هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو... ڪجهه بہ نظر نہ آيس. سامهون هڪ منهَ اڳيان ڪُتل ڪلَن ۾ اُٺ ٻڌا پيا هئا. هو آهستي آهستي منهَ ڏانهن وڌيو، ۽ هن هڪ ڪلي کي ڇڪ ڏني تہ نڪري آيو. اهو ڪلو بلڪل ماستر وارو مولابخش ٿي لڳو. ڪڏهن اهي مولا بخش هن جي هٿن جي ترين، گوڏن، ۽ دڏن تي وسندا هئا. هن کان پوءِ اهي مولابخش هن جي هٿ ۾ هوندا، ۽ اهي ٻين جي مٿن تي وسندا!

هو وري بہ آهستي آهستي اوتاري ڏانهن موٽي آيو، پر هاڻ هن جي دل ۾ ڊپ جي بدران نفرت هئي. اٿاه نفرت! اوتاري ۾ جيڪو ٿورو گهڻو گوڙ ٿيو هو، سو بند ٿي چڪو هو، ۽ سڀ وري سمهي پيا هئا. فقط فقير پنهنجي تڏي جي بدران هن جي جاءِ تي ستو پيو هو، ۽ هن اوندهه ۾ ئي محسوس ڪيو تہ فقير گلوءَ ڏانهن رڙهندو ٿي ويو. هن آهستي آهستي پير پير ۾ پائي، بہ هٿڙيو ڏنڊو فقير جي مٿي تي ڦهڪائي ڪڍيو. فقير کان رڙ نڪري ويئي. جيسين هو اُٿي، تيسين هن بہ چار منهن وارا ڦهڪائي ڪڍيس.

"گهوڙا ڙي، اڙي مري ويس... اڙي ياحسين..... گهوڙا ڙي بچايو....."

اهو حملو اهڙو اوچتو ٿيو هو، جو فقير پنهنجو بچاءُ بہ نہ ڪري سگهيو. رڙين تي ٻيا ملنگ بہ جاڳي، هن ڏانهن ڀڳا. گلو بہ ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهيو هو. ۽ پوءِ هن انوءَ جو آواز ٻڌو: "گلو، ڀڄ تہ ڀڄون....!"

گلو بہ معاملي جي نوعيت ۽ نزاڪت سمجهي وٺي هن سان گڏ ڀڳو. ٻئي ڀڄندا وري بہ اچي قبرستان پهتا. هن کي ٻي ڪا جاءِ بہ تہ ڪانہ ٿي سُجهي. متان ڪو ملنگ اتي اچي نڪري، سو هو بڙ تي چڙهي ويا. اونده ۾ ٽاهڙندا، انگُن ۽ ڇيتين سان پاڻ ڦٽيندا مٿي چڙهي ويا. ايترو مٿي، جو هيٺان بيهي بہ ڪو ڪين ڏسي نہ سگهي. هن صلاح ڪئي تہ پرهہ ڦٽندي ئي شهر پنڌ پوندا! شهر جو نالو وٺندي ئي هن کي وري بک ياد آئي!

"يَرَ، ڀيٽسان. هاڻ تہ ڦاٽاسين... بک کان منهنجا تہ آنڊا پيا ڪلوس ڪلوس ڪن..."

انوءَ کو بہ جواب نہ ڏنو. جڏهن ڪجهہ روشني ڦهلجڻ لڳي، تڏهن انوءَ چيو، "هاڻ هل تہ نڪري هلون...."

هو ايترو مٿي چڙهي ويا هئا، جو هيٺ جو آواز هن تائين ڪونہ ٿي پهتو. جڏهن لهڻ لڳا، تڏهن هيٺ کو آواز ٻڌي بيهي رهيا. صبح ساڻ ڪي پنج اٺ ماڻهو هڪ جنازي کي ڪٺي پورڻ آيا هئا. انوءَ جي دل دهلجي ويئي. ڇا فقير مري ويو؟

هن گلوءَ کي آهستي چيو: "يَرَ، متان فقير مري ويو، تنهن کي پورڻ تہ ڪونہ آيا آهن....؟!" هن جي آواز ۾ هيڪ هئي.

گلوءَ کي بہ اهو خيال آيو تہ ڊپ وٺي ويس. "ڀيٽسان، جي ائين ٿيو تہ ڦاهي اچي ويندي....!"

ٻئي ساڳئي پوءِ کان وري مٿي چڙهي ويا.... ان پوءِ کان، هن جا انسنا مختلف شڪلين ۾، بڙ جي پاڙن وانگر هن جي دلين کي ويڙهي ويا! خدا خدا ڪري ڪلاڪن کان پوءِ جنازي وارا ماڻهو ويا تہ وري بڙ جي هيٺ ٽِڪريءَ تي چار جواري پنهنجي نيم موجب اچي پهتا.

"آ... گل... ڇڪو" جا آواز هوريان هوريان هن جي ڪنن تائين پهتا.

گلوءَ آهستي چيو: "ير، ڀيٽسان مري وياسون. هن کي پڪ فقير جي ڏڪجي مرڻ جي ڳالهہ جي خبر هوندي، ۽ ملنگن اسان جا نالا بہ ڪين ڏنا هوندا...!"

"پوءِ ڀلا؟" انوءَ کان ڄڻ تہ سڏ ڪو نڪري ويو.

گلو ڪجھ سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ چيائين، "يَرَ، پيٽسان هڪڙو طريقو آهي، هن کي هتان پڄائڻ جو... اهوئي پراڻو. پنهنجو بونبو بہ تنگيو پيو آهي...."

اوچتو گلوءَ بونبوءَ مان هڪ خوفناڪ آواز ڪڍيو: ".....گُهو....گُهو...."

"پر هن ڏسي ورتو تہ....؟" انوءَ کي ان تجويز تي اعتماد نہ هو.

"ٻڌو اٿم تہ جنات جي هڪڙي نشاني اها بہ آهي تہ ڪرفتي اچلائيندا آهن. مون کي هنگڻ بہ لڳو آهي... واهہ جي تجويز آهي.... يَرَ، تون رڳو ويهي مزا ڏس. تون رڳو ٿورو هيٺيرو لهي، رڳو بونبوءَ مان ڪيڪون ڪندو رهہ....."

انوءَ جڏهن بونبو ڪٽي ورتو، تڏهن گلوءَ چيس: "يَرَ، هل تہ ايجان ڪجھ مٿي هلون ۽ اهڙي طرح پَنن ۾ لِڪون، جو ڪو ڏسي نہ وٺي.... جواري بہ حرامي مڙس ٿيندا آهن... هو پاڻ ئي جهڙا جِنَ، متان اسان اِتي بہ مارجي ويون....." گلو ڄڻ تہ فلسفي جون ڳالهيون ڪندو ٿي ويو....!

هومٽي بلڪل چوٽ تي چڙهي ويا، جتي ساون پنن جي جُهنڊن جا جهنڊ چٽيون ٽاهيو بيٺا هئا. هڪڙو ڏار مضبوط ڏسي ان تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيا. هن کي بڙ جو اهڙو تجربو ٿي ويو هو، جو ڏار ۽ ڏاريون بہ ڄڻ تہ هن کي سيحاڻڻ لڳا هئا. فقط هڪڙي شئي هن جي مخالف هئي، سا هئي هڪ ڳجھ، جنهن جو آڪيرو بلڪ چوٽ تي هو. جيسين هو هيٺ هوندا هئا، تيسين ٽان ٽان ڪندي هلي ويندي هئي. پر مٿي چڙهندا هئا تہ لامارا ڏيئي هن کي پڄائي ڪيندي هئي. پر اڄ ڳجھ پنهنجي ڪاڏي جي ڳولا ۾ هلي ويئي هئي.

اوچتو بونبوءَ مان هڪ خوفناڪ آواز نڪتو: "گُهو..... گُهو..... گُهو..... گُهو..... هُو..... هُو..... شون....."

انوءَ هيٺ ڏٺو: پنن جي ڳڙڪين مان جواري ڄڻ تہ آگر جيڏا ٿي پيا هئا. هن ۾ ماٺ پئجي ويئي هئي. هو ان آواز کان ڊنا هئا، يا آواز کي سيحاڻن جي ڪوشش ڪري رهيا هئا؟ سو انو سمجهي نہ سگهيو. پر هن جي چر پر بند ٿي ويئي. گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي. پوءِ گُلوءَ بونبو انوءَ کي ڏنو... ۽ پاڻ ڏار جي ٽيڪ وٺي هنگڻ ويهي رهيو. اهڙيءَ طرح جو هن کي پڪ ٿي گند ضرور جوارين تي ڪرندو. انوءَ کي سمجهايائين تہ جيئن ئي هو اشارو ڪري، تيئن ئي بونبوءَ ۾ ٻارن واريون رڙيون شروع ڪري.....

جئن ئي گند جوارين جي وچ تي اچي ڪريو، تئن انوءَ جو آواز هوا ۾ گونجيو:

"آن.... اون..... اين....." انوءَ جو آواز گلوءَ کان ڳرو هو، ۽ هن بونبوءَ کان سواءِ بہ پنهنجي نڙي ڦاڙي رڙيون ڪيون هيون، ۽ سندس رڙين جا پڙڙا جڻ تہ بڙ کي چيريندا، ٻين وڻن مان ٽڙندا، سڄي ماحول ۾ گونججي ويا! گند جي ڪرڻ سان گڏ، ايڏو سارو آواز ٻڌي جواري وٺي ڀڳا.... "ڀيٽيان ڀڄو، جنات اچي ويئي.... ڀڄو!"

شايد پوليس کان بہ هن کي ايڏو ڊپ نہ ٿيو هوندو، جهڙو جنات جي ڀوَ هن جا هينئان ڏڪائي ڇڏيا! جڏهن انو ۽ گلو هيٺ لٿا، تڏهن ميدان خالي هو، ۽ جواري تکڙ ۾ ڪيترا آڏيا پائليون ڇڏي ڀڳا هئا. هڪڙو تہ وٽيل سٽيل نوٽ بہ هو. ڪل ڇهہ رپيا ٻارنهن آنا!

"يَرَ، ڀيٽسان ڀاڳ ايان زور اٿئون... پر ڀڄ تہ ڀڄون!" ۽ هو لاريءَ جي استان ڏانهن ڀڳا. هاڻ تہ هن وٽ پئسا هئا، سو لاريءَ تي بہ وڃي ٿي سگهيا. استان تي اچي هن تي تي ڊپل روٽيون چانهہ سان کاڌيون، ۽ لاريءَ جي انتظار ۾ ويهي رهيا.

لاريءَ ۾ ويٺي انوءَ کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته هو شايد هميشه لاءِ ڳوٺ ڇڏي رهيو آهي، ۽ هن جي دل ڀرجي آئي. هيڏي ساري ڀريل لاريءَ ۾ هو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري رهيو هو. ايتري قدر جو هن گلوءَ کي به وساري ڇڏيو. ڇا به هو، تڏهن به هي هن جو ڳوٺ هو. هن کي پنهنجي ماءُ ياد اچڻ لڳي جيڪا هاڻ هن کي پيار نه ڪندي هئي، ۽ سڄو وقت روئندي رهندي هئي. هن کي پنهنجو پيءُ به ياد اچڻ لڳو: پهلوان مڙس، ڊگها شهپر، ويڪرو منهن، ويڪري ڇاتي، ويڪري پيشاني.... پر دارون پيئڻ کان پوءِ هن جي ڳلن جا هڏا نڪري آيا هئا. اکين جي بلڪل هيٺان وڏا ڊُٽَ نڪري پيا هئس، جڻ ته اکيون سدائين سوٽل ۽ سڄيل رهنديون هيس، ۽ دارون پي ڪيترو نه مارينڊو هن کي. ان مار جي احساس جي باوجود هن وقت پنهنجي پيءُ لاءِ هن کي همدردي ۽ پيار پيدا ٿي پيو: ڪڏهن اهو ساڳيو پيءُ هن کي پائيندو هو، پيار ڪندو هو: ڳئون ڏهڻ کان اڳ ڪير جو پهريون گُوهو هن کي ڏارائيندو هو، ۽ جڏهن گرم گرم مٺي ڪير جو گوهو هن جي تارونءَ تي لڳندو هو، تڏهن هن کي پنهنجي وات ۾ عجيب ڪِتڪِتائي ۽ لذت جو احساس ٿيندو هو، ۽ هو ضد ٻڌي بيهي رهندو هو ته ٻيو به ڪيرائين ئي پئي. ڪيترو به ضد ڪندو هو ته به ماٽس پٽس ڪيس ڪڏهن به نه مارينڊا هئا. پاڻ وڌيڪ پيار ۽ ٻاٻوه ڏيندا هئا!

چاچي جي ته هن سان خاص دل هئي. جڏهن مال ڪاهي موٽندو هو، تڏهن هن کي ڪلهي تي چاڙهي، ڳوٺ جي ننڍي بازر ۾ گهمائڻ کڻي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڏهنس کو درڪو ڏيندو هوس ته چاچس ڪاوڙجي پوڙهي سان وڙهي پوندو هو "بابا، ٻارڙي کي چوٽو هيسائين؟ مالڙي ڪري ويچي چلم جو پاسو وٺ!" پوءِ آهستي آهستي مال گهٽ ٿيندو ويو، ته چاچهنس جو پيار به گهٽجندو ويو. هڪ ڏينهن جڏهن هٿين خالي موٽيو، تڏهن هن پڇيو هو:

"چاچا، پنهنجون ڳئون ڪٿي ڇڏي آئين؟" تڏهن چاچهنس روئي وڌو هو. هن وڏي ماٿهوءَ کي ڪڏهن بہ روئندي نہ ڏٺو هو. چاچي کي روئندي ڏسي هو بہ ٻاڪو ڦاڙي روئڻ لڳو هو. تڏهن ماڻس پهريون ڀيرو ڪيس چمات هڻي چيو هو: "چورا نياڳا، ماٺ ڪر نہ تہ جن کي ڏيئي ايندياسانءِ!" هي يڪا يڪ چا تي ويو هو سيني کي، ۽ پوءِ هن جو ڏاڏو، لٺ تي هلندو مسجد ۾ گاريون ڏيڻ لڳو، ۽ ڳوٺ جي ماڻهن ڏاڍي جٽ ڪئي هئس.....!

اوچتو لاريءَ کي زوردار بريڪ لڳو تہ جهٽڪي تي هو جاڳي پيو. خيالن ئي خيالن ۾ شهر اچي ويو هو. شهر هن ڪڏهن نہ ڏٺو هو. هن چوڏاري نهاريو تہ آهستي آهستي شهر جو گوڙ هن جي ذهن ۾ داخل ٿيو. اهڙو گوڙ هن فقط ميڙي ملاکڙي تي ڏٺو ۽ ٻڌو هو. هت ماٿهو تہ ڪيترا هئا، ۽ جايون تہ ڪهڙيون وڏيون وڏيون. دڪان رستي جي ٻنهي پاسن تي شين ۽ مال سان تمتار ٿيا پيا هئا. ماڻهن جي ڪلهي گس لڳي پئي هئي. گاڏن تي مال رکيو، گهورڙيا رڙيون ڪندا ٿي رهيا. لاريون موٽرون، بگيون ۽ ٽانگا تہ ايترا اڪيچار پئي آيا ويا. ڳلوءَ هن کي ٻانهن تي هٿ رکيو: "اٺ اَنو، شهر اچي ويو....!"

ٻئي لاريءَ مان لٿا. پر ٻنهي کي خبر نہ هئي تہ ڪيڏانهن وڃن. زندگيءَ جي حقيقت هاڻ هنن جي ذهن ۾ ڊپ پيدا ڪرڻ شروع ڪيو. ٻئي اهو سوچي رهيا هئا تہ هو سمهندا ڪٿي؛ ڳوٺ ۾ تہ اوتارو هو، نہ تہ بہ ڪيتريون ڦٽل جايون ۽ مَنهه هنا. هت تہ رڳو ماٿهو هئا: هيٺ ماٿهو، مٿي ماٿهو،ڪاٻي ماٿهو، ساڄي ماٿهو.... هيترا ماٿهو ڪٿي سمهندا هئا! اڳيان سامهون هڪ ٽانگي استان وٽ ماٿهو نل تي پاڻي ڀري رهيا هئا، ۽ ڪيترا ماٿهو قطار ٺاهيو، پنهنجا ڏول ٻاڙديون رکيو ويٺا هئا. پاڻي ڏسي هنن کي پنهنجي لاريءَ ۾ چڙهيل ڏوڙ جو خيال ٿيو. ۽ وڏي نل ڏانهن آيا. گلو اڳتي وڌي نل تي آيو، تہ اٽن ڏهن ماڻهن هڪ ئي وقت ۾ رڙ ڪئي:

"ابي، ڪيا ڪرتا هي؟"

"هٽ منهن ٿا ڏوئون....!"

"بڙي آئي هين لاٽ صاحب کي بچي! مون هاٽ ڏونا هي! ديکتا نهين ڪہ اتني لوگ پهلي سي کڙي هين!"

"چلو چلو، ٻاگو هيان سي،" هڪڙي ڏول ڀريندڙ چيو.

شهر جي اها پهرين چوٽ هئي هن تي. مار، هت تہ پاٽيءَ تي بہ ماٺهو وڙهيو ٿا پون! هو اڳتي وڌي آيا.

"يَرَ پيٽسان، ڪائڻ ٿي آيا!"

"پٽ، ايا ڪر شهر اچڻ جون ڳالهيون!" انوءَ ڏڪاري ٽوڪ مان چيو.

"تو بہ تہ چيو تہ گهر ۾ موچڙا پسيا رکيا آهن... پر يَرَ هاڻ ڪريون ڇا؟ هينئر تہ ڪٿي پئسا آهن، پر پئسا ڪٿي ويا تہ ڇا ڪنداسون؟ ۽ سمهنداسون ڪٿي؟ نہ ڄاڻ نہ سيحاڻ....!"

گلوءَ گنڀيرتا سان چيو.

"پوءِ هل تہ واپس ڳوٺ هلون...." انوءَ اڻ لکي اميد ڀرئي لهجي ۾ چيو.

"نہ يَرَ، ڳوٺ بہ ساڳي ڳالهہ. اوتارن ۾ ڪيسين سمهنداسين، ۽ ڪائينداسون ڇا؟ جهڙا ڳوٺ ۾ تهڙا هتي.... هتي گهٽ ۾ گهٽ ڪائڻ پيڻ جو سامان نظر تہ اچي ٿو. ڳوٺ ۾ تہ اهو بہ ڪونهي. رڳو پينگ پئي واڪا ڪري....!"

هو هلي هلي ٿڪجي پيا، پر شهر ڪٿي ئي نہ ــ بي مقصد، بي منزل هلندا رهيا. جتي ڪٿي ٽانگن، موٽرن، لارين، گڏهن گاڏين جي پيهہ پيهان لڳي پئي هئي. هلي هلي ٿڪجي پيا. تڏهن گلوءَ چيو:

"يَرَ پيٽسان، هي شهر تہ ڪٿي ئي نٿو. ائين هلندا رهياسين تہ سج لهي ويندو. بُک بہ لڳي آهي. هوءَ سامهون هوٽل آهي، هل تہ ڪجهہ ماني کائون!"

ٻئي ڄڻا هوٽل ۾ گهڙي ويا. اندر ڪيترا ماٺهو ماني کائي رهيا هئا؛ ڪي چانهہ پي رهيا هئا، تہ ڪي سوڊاليمن پي رهيا هئا. هي بہ ڊڄندا ڊڄندا هڪ خالي ٽيبل تي اچي ويٺا. ايترو گوڙ هن ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو. "لال ٽوپي والي پائي سي آٺ آنا لو...." "دو سينگاپوري چائي".... "دو برياني، ايڪ مغز پُنا..." ۽ انهن هوڪن سان وري گهنٽيءَ جو شورو.... ٽرڙن ٽرڙن!

انوءَ ٿڌيري هوا گهوگهاٽ ڪندي بلڪل پنهنجي مٿي وٽ محسوس ڪئي. مٿي نهاريائين تہ چٽ ۾ پڪا تيز تيز ڦري رهيا هئا. هن کي اچي ڊپ ٿيو تہ متان مٿان نہ ڪري پون! هن کي گهٽا سال اڳ جو پڙهيل بنان تار بجليءَ وارو سبق ياد اچي ويو؛ "اڙي، هي تہ شايد بجلي تي ٿا هلن"! پر پنکن جو گهوگهاٽ ايا تائين هن کي ڊيڄاريندو رهيو.

"بولو ڪيا چاهيئي؟" بيرو اچي اڳيان بيٺن.

"ماني کائينداسون؛ ٻوڙ ماني..."

"سنڌي مانون هو ڪيا؟ ڪا هي ڪا بوڙ کائيڪا؟"

"جيڪو هجي....." گلوءَ هيسجي چيو.

"آلو چانپ، مغز فرائي، مغز مسالا، ڀُنا گوشت، مرغي، دال سبزي...."

انوءَ ڪي ميڙي وارا ڏينهن ياد اچي ويا، ۽ هن پنهنجي حافظي تي زور ڏيندي چيو.

"ڀنا گوشت ۽ روٽي؟!"

"روٽي يا نان؟"

"نان،" گلوءَ چئي ڏنو.

"بچا لوگ ڪي لئي، دو ڀنا گوشت، دو نان لائو... جلدي ۾!"

ٻئي ڄڻا بيرن جي ڦرتيءَ ڪي حيرت مان ڏسي رهيا هئا. ماڻهن جي مٿان، آڏا تيڏا تيندا، پليٽن جي مٿان پليٽون، چار چار گلاس هٿن ۾ ڪٽي، هو ائين لنگهي رهيا هئا، جڻ تہ خالي هٿين پيا لنگهن!.

گهڙيءَ کان پوءِ ٻہ پليٽون ٻوڙ جون ۽ ٻہ نان، ۽ ٻہ گلاس پاڻيءَ جا، بئرو رکي وين. ڏڄندي ڏڄندي هن ماني کائڻ شروع ڪئي. سالن کان پوءِ هن ٻنهي کي، اهڙو لذيذ کاڌو نصيب ٿيو هو. گلوءَ تہ وڏا وڏا لنبڙ هڻي پئي کاڌو، جڻ تہ زندگيءَ ۾ آخري ڀيرو ماني کائي رهيو هو!

ماني کائي هو اُٿيا ئي مس تہ بئري رڙ ڪئي، "بچا لوگ سي دو رپيا باره آني لو!"

گلوءَ جو ساهہ ئي سڪي ويو؛ هن وٽ باقي رپيو ۽ ٻارنهن آنا وڃي بچيا هئا. پنج رپيا تہ لاريءَ جو ڀاڙو ڏنو هئائين...

ڏڄندي ڏڄندي رپيو ٻارنهن آنا ڪڍي دخل تي ويٽل ماڻهو اڳيان رکيائين.

"ايڪ رپيا اور؟!" دخل تي ويٽل سيٺ هن ڏانهن نهاريو.

"ٻيا پئسا تہ آهن ڪونہ،" گلوءَ ڏڄندي چيو.

"ايڪ رپيا اور نڪالو- جلدي ڪرو!"

گلو ماٺ ڪري بيهي رهيو. بئرو، جنهن کين ماني ڏني هئي، سو بہ اچي بيهي رهيو. سيٺ ان تي گرم ٿي ويو؛

"پئسا پوڄي بغير ڪيون کانا ديا تم ني ان کو؟"

"سيٺ، مين سمجها، ان ڪي پاس پئسي هونگي...ابي نڪالو ايڪ رپيا — نهين تو...."

گلوءَ پنهنجي کيسي ڏانهن هٿ وڌائي، خالي کيسو بئري کي ڏيکاريو. هن جو ائين ڪرڻ، ۽ بئري ڀري هڪ ٿڦڙ وهائي ڪڍيس:

"سالا، سوئر ڪا بچا، پئسا نڪالو، نهين تو هم تمهاري....."

گلوءَ کي ٿڦڙ لڳو، سو ٿڙندو وڃي هڪ ڪرسيءَ سان لڳو. انوءَ جي دل ويهي رهي، ۽ هن اتان کسڪي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ سيٺ اڳيان هٿ وڌائي ڪٽي ڳچيءَ کان جهليس.

"ڀاڳتا هي.... سالا کانا کاڪي ڀاڳتا هي...." ٻہ چار مڪون انوءَ جي مٿان اهڙي زبيٽ سان اچي ڪڙڪيون، جو هن کان دانهن نڪري وئي. ماڻهن جو ميڙ گڏ ٿي ويو. جيترا هٿا ماڻهو، اوترا آواز. آخر هڪ ٿلهو ماڻهو اڳتي وڌي آيو، ۽ ٻنهي کي ڇڏايائين:

"ڪتنا پئسا هي سيٺ؟"

"ايڪ رپيا!"

"بس! مين سمجها ٿا، انهون ني شايد تم ڪو لوٽ ليا ٿا! يہ لو ڪاهي ڪو بچون ڪو ايڪ رپئي ڪي لئي مارتي هو!"

هن ماڻهوءَ پئسا ڏيئي هنن جي جان ڇڏائي، ۽ ٻنهي کي ٻاهر وٺي آيو.

"ڪٿان جا ويٺل آهيو؟"

هن شخص سنڌيءَ ۾ پڇيو. هيڏي گهمسان کان پوءِ هن کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌي، هنن جي دل جو آٿت وڌي ويو. "يَرَ هن شهر ۾ رڳو ڌاريا نہ ڪجھ پنهنجا بہ آهن...."

گلوءَ ۽ انوءَ هڪڙي ئي وقت سوچيو. ڌارين ٻوليءَ هنن جي سوچ کي ڄڻ تہ بند ٻڌي ڇڏيو هو.

"لٽي جا...." گلوءَ ڪوڙ ڳالهايو.

"هت ڪيئن آيا آهيو؟"

"اسين ٻئي ڀائر آهيون. اسان جا ماءُ پيءُ مري ويا آهن. چاچي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي. سو شهر ڪمائڻ آيا آهيون؟"

"پڙهيل آهيو؟"

"چار درجا ڪن"

"عمر گهٽي اٿو؟"

"آءٌ پنڌرهن سالن جو آهيان... ۽ هي چوڏهن جو...."

گلوءَ ڌڪو هنيو.

"هت ڪو ڄاڻو سڃاڻو اٿوَ...؟"

"نہ سائين....؟"

"هون....!"

"جي؟...."

"ڪجھ نہ.... مون سان اچو...." هو هن ٻنهي کي وٺي هڪ بگيءَ ۾ اچي ويٺو.

ڪجھ وقت بگيءَ جي ڪنڪ ڪڙاڪ ڪنڪ ڪڙاڪ ڄڻ تہ هن جي زخمي هيسيل ذهن کي لولي ڏيئي ننڊاڪڙو ڪري ڇڏيو. پر رستي جي جهوبن ان ننڊ کي ذري ذري اکوڙي ٿي وڌو. ٽانگي هڪ کوبي مان چيچاٽ ڪري پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ دو چٽيءَ جي هڪ سيخ انوءَ جي چيلھ ۾ چڀي، هن جي خيالن جي بند وهڪري کي وري وهائي ڇڏيو، ۽ هن پهريون ڀيرو، پنهنجي محسن جو منهن غور سان ڏٺو. اهو چهرو هڪ عام چهرو هو. ڪجھ بدصورتيءَ ڏانهن مائل. اکين ۾ ڳاڙهاڻ جي بجاءِ پيلاڻ وڌيڪ هيس، ۽ اکين جي بنھ هيٺان ٻہ وڏا ڊُٽ هئس، ڄڻ تہ اکيون سُڄي پيون هئس، ۽ مٿان سوڄ لهي اکين جي ترائيءَ ۾ لهي پئي هئي. نڪ مِنو، سوڙهو وات ڄڻ تہ تڪندو ٿي لڳو. ڏاڙهي جي وڏن ٿلهن قلمن، ان تڪندائيءَ کي هيڪاري وڌيڪ نمايان ڪري وڌو.

اوچتو بگي بيهي رهي، ۽انوءَ جو جائزو اڌ ۾ ئي رهجي ويو.

"لهو، سندن محسن چيو، "اتي بيهو تہ آءٌ سڏيانوَ ٿو!"

ائين چئي هو هڪ گدام جهڙي جاءِ جو وڏو دروازو ٿورو کولي اندر هليو ويو.

گلوءَ انوءَ ڏانهن نهاريو. ان وقت هن ٻنهي جا ذهن ڪنهن خاص جذبي کان بلڪ خالي هئا: پاڻ ڄڻ تہ هڪ ٻئي سان همدرديءَ بدران عداوت هين. شايد ٻئي هڪ ٻئي کي هن بيوسي لاءِ جوابدار سمجهي رهيا هئا. هيستائين، ڳوٺ ۾ بہ هن ڪڏهن پاڻ کي ايترو لاچار ۽ بيوس محسوس نہ ڪيو هو. ساڳئي وقت هڪ ئي خيال ٻنهي جي ذهن ۾ آيو هو تہ هتي بہ جي رهڻ ۽ مانيءَ جو سٽو نہ ٿيو تہ ڇا ٿيندو؟ اهو خيال ئي ڊيڄاريندڙ هو. خاص ڪري انوءَ جي دل ۾ تہ اهو ڀؤ ويٺل هو تہ ڳوٺ وڃڻ بہ هاڻ هن لاءِ ممڪن نہ هو. هن کي رکي رکي ملنگ جي

ڦاٽل مٿي جو خيال ٿي آيو. اهو ئي هن جي دل ۾ ڳوٺ واپس وڃڻ جي خيال کي ماري ڇڏڻ لاءِ ڪافي هو، ۽ شهر ۾ "پهرين ٽڪي ڪير ڀري" هو ڏسي ڇڪو هو! هن هڪ ڦڪي مرڪ ڪلي گلوءَ ڏانهن نهاريو. گلوءَ جي ڇپن تي به هڪ ڦڪي مرڪ مڙي آئي ــ همدردي طور يا للڪار طور!

"استاد ٿو سڏيوَ...." دروازي مان هڪ ڳچي ظاهر ٿي، ۽ ڪين سڏي رهي هئي. هو وڌيا ته دروازو ٿورو ڪليو، ۽ هنن جي اندر اچڻ تي بند ٿي ويو. هڪ ڇوڪرات، تيل ۾ مَرُ ڪپڙن ۾ سندن اڳيان بيٺو هو. اندر گدام ۾ چار پنج پراڻيون موٽرون بيٺل هيون. ڪنهن ۾ ڦيٽا ڪونه، ته ڪنهن ۾ ڇت ڪانه. انهن تي مٽيءَ جا ته ايترو جمي ويا هئا، جو انهن جي اصل رنگ جي خبر ڪانه ٿي پئي. پٽ تي هيڏانهن هوڏانهن لوهه جا ٽڪر، اوزار ۽ تيل هاڻا ڳوٺين جا ٽڪر ٽڙيا پڪڙيا پيا هئا، ۽ چوڌاري ڪني ٽيل ڪڙي تيل جي بوءِ پکڙيل هئي، جيئن گهاٽي جي مَرُ ۾ ٽيندي آهي. اهو ڇوڪرات ڪين وٺي، هڪ ڪاٺ جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو. ان ڏاڪڻ جا ڏاڪا به زبون حالت کي پهتل هئا، ۽ ايتري سوڙهي هئي، جو فقط هڪڙو ڄڻو چڙهي ٿي سگهيو. ڏاڪڻ چڙهي مٿي هڪ ڇڳي موچاري ڪمري ۾ پهتا. اندر هڪ ڪٽ وڇائي پئي هئي، جنهن تي هڪ ڪرڙوڍ ماڻهو اڌ ليٽيو پيو هو. سندس اکيون دروازي طرف هيون، ۽ هي اندر گهڙيا ته هن ڪين ڏٺو. سندن محسن هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هن جي پويان، بنان شيشن جي ڪهٽن ۾ به ڪي اوزار، پراڻا پنا، ۽ تيل هاڻا ڪپڙا مولهوٽو ٿيا ڦسيا پيا هئا. هڪ اڌ شيشو ثابت به هو، جنهن ۾ اڌ ڀڳل تصوير ۾ سهڻي اڇي ڏاڑهيءَ وارو هڪ سِکُ وڏي وهاڻي تي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو، ۽ سندس هڪ هٿ ترار جي مُٺي تي هو، ۽ هڪ هٿ تي ڪوپن چڙهيل باز ويٺو هو. ڪٽ جي پاسي ۾ ٽنگڻيءَ تي ڏوتل ڪپڙا هڪ ميري ٽوال سان ڍڪيا پيا هئا. به تي ڪرسيون ڪنڊن ۾ پيون هيون، جن تي به پراڻو سامان پيو هو. وچ تي هڪ ٽپائي پيل هئي، جا مٽيءَ ۽ مَرُ ڪان ڪاري ٿي ويئي هئي. ڪٽ جي ڪنڊ ڪان هڪ ڳهڳهي رکي هئي، جنهن جي مٿان تامي جو گلاس اونڌو ٿيو پيو هو. ڪٽ تي ويٺل ماڻهو ڄڻ ته ننڊ مان اٿيو هو، ۽ سندس اکيون ڳاڙهيون ريٽو ٿيل هيون. سندس گوڏ جو پلاند هٿي، ڪارن وارن سان جهنجهيل ٽنگ کي ظاهر ڪري رهيو هيو. هن کي هڪ ڏوتل گنجي پيل هئي. سندس منهن ڍڳهو ۽ سنهو

هو، ۽ سنهي تلوار ڪٽ مڇن ان کي هيڪاري ڏيگهه ڏيئي ڇڏي هئي.

"هي آهن اهي ڇوڪرا، استاد!" هنن جي محسن ڇڻ تہ تعارف ڪرائيندي چيو.

"ڇا نالا آهن اوهان جا؟" استاد پڇيو. سنهڙي جسم هوندي بہ هن جو آواز ڪنهن پاڏي جهڙو، رنيندڙ ٿي پاڻيو.

"سائين، آءٌ گُلو آهيان، ۽ هي انو!" گلوءَ هيڪندي چيو.

"هون....!" استاد هڪ ڊگهي هون ڪئي. گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي. پوءِ استاد ڪين تڪين نظرن سان گهوريندي چيو:

"اوهان ٻنهي کي ڪم سان لڳائيندا سون. پر هڪ ڳالهہ ٻڌي ڇڏيو. شهر ۾ اوهين نوان نوان آهيو. جي ڪم کان نٽائيندا، يا ڪنهن ڪم کان نهڪر ڪندا تہ اوهان جا هڏ گڏ ڀيچي رکندس، ۽ پوءِ شهر جي گٽرن ۾ پيا سڪل مانيون ڳوليندا. هي ڇوڪر، لالو، اوهان کي اڄ ئي ڪم تي وٺي ويندو. اڙي لالو، اڄ هنن کي بہ پاڻ سان وٺي ويجانءِ!"

"جي استاد!" لالوءَ جواب ڏنو.

"ڪين هيٺ موٽرن پٽيان ڳوٽيون وڇائي ڏجان تہ اتي سمهي رهن. ماني جيئن ٻين جي ايندي، تيئن هنن جي بہ ايندي. سمجهيءَ؟"

"جي، ها استاد!"

"بس، ويجو!"

هو وري لالوءَ سان گڏ جي هيٺ لهي آيا. ويندي ويندي انوءَ استاد جون اکيون پنهنجي پٺ ۾ ڪپنديون محسوس ڪيون، ۽ هن آڏو ٿي، لڪي پويان نهاريو، ۽ ڏٺائين تہ استاد ٻنهي کي پويان ويندي گهوري ڏسي رهيو هو.

لالو چپ چاپ هنن کي سمهڻ جي جاءِ ڏيکاري، جتان هن ميڙي چوندي لوهہ جا ٽڪر ٽوٽا ۽ اوزار کڻي، جڳهہ صاف ڪري ڇڏي. لالوءَ کي ڇڻ هنن سان ڪو بغض هو، جو هنن سان ڳالهايائين بہ نہ ٿي. ٻنهي کي هن جي خاموشي ڏکي پئي لڳي. گلوءَ وجهہ وٺي چيس: "لالو، ڀلا ڪاڪوس ڪٿي ڪبو؟"

لالوءَ کي ان سوال تي ڪل اچي ويئي، پر ان کل ۾ بہ ٽوڪ هئي. هن چيو "هو دَرَ کان ٻاهر جيڪو گٽر آهي، ان ۾ هيٺ لهي وڃ. گٽر جي پٽ جي آڏڪ ۾!" ۽ هو گلوءَ کي گٽر جي آڏڪ ڏيکارڻ لاءِ در تائين وڌي آيو. گلو ٻاهر هليو ويو، ۽

لالو وري موٽي، هڪڙي ڀڳل موٽر جي مڊ گارڊ تي ويهي رهيو. پوءِ هن ڇڻ ڪنهن خار مان چيو:

"ڀچُو، استاد کي تون پسند اچي ويو آهين؟"

انوءَ ڪجھ نہ سمجهيو. ۽ هن رڳو ڳالهائڻ خاطر چيو: "سو ڪيئن؟"

"ڀچو، مون استاد کي توڏي تڪيندو ڏٺو...." ۽ لالو ڇڻ تہ حسد مان ڏند ڪڍي ڪلڻ لڳو. اهي ڏند، ڪني سنگتري جهڙا پيلا هئا. ۽ انهن مان بدبوءِ جو هڪ اوبهرو اچي، انوءَ جي نڪ تائين پهتو.

"تنهنجي ڏندن ۾ تہ ڪيتري نہ بانس آهي، لالو،" انوءَ هن سان همدرديءَ جي نموني ۾ چيو، پر سندس مقصد ڳالھ کي بدلائڻ هو.

"تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟" لالوءَ جي اکين ۾ سڌي سنئين دشمني ڀرجي آئي. هن کي پنهنجي ڏندن جي بدبوءِ جو ايترو احساس اڳي ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو.

انوءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو. گلو بہ موٽي آيو. رات ٿيڻ تائين هو اتي ئي ويٺا رهيا. ان وچ ۾ استاد ۽ سندن محسن اٿي ٻاهر هليا ويا هئا. استاد ڪپڙا بدلائي ڏوتل پاتا هئا، ۽ انهن ڪپڙن پائڻ سان هن جي شخصيت وڌيڪ رعبدار ٿي پئي هئي. ويندي ويندي وري هنن هڪ نظر انوءَ ۽ گلوءَ تي سرسري طرح وڌي، ۽ ٻاهر هليا ويا.

هو ائين خاموش ويٺا رهيا، ڇڻ تہ هنن نہ ڳالهائڻ جو قسم کاڌو هو. انوءَ کي ان ماڻ ۾ ويٺي ويٺي جهوٽا اچڻ لڳا، ۽ ڪڏهن ننڊ ڪڏهن جاڳ ۾ هو وڏندڙ اونداهہ کي تڪيندو، پنهنجي پاڻ ۾ سمائيندو رهيو. سڀ کان منجهائيندڙ ۽ شايد ڊيڇاريندڙ خيال، جو وَرَ وَرَ ڪري هن کي ستائي رهيو هو، سو هو لالوءَ جو چوڻ تہ استاد هن کي پسند ڪيو هو، ۽ ان سان گڏ هن جي ڦڪن پيلن ڏندن جي ڪميني مرڪ!

اوچتو هن کي بک محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ هن گلوءَ ڏانهن نهاريو. پر اونده ۾ صرف گلوءَ جي ساهہ کڻڻ جو آواز هن کي ٻڌڻ ۾ آيو.

اونده ۾ ساهہ کڻڻ جو آواز هن ۾ هڪ عجيب غير يقيني ۽ پؤ جو احساس پيدا ڪرڻ لڳو. اهو آواز ڇڻ تہ بنھ اگهاڙو ۽ ڪرهت پيدا ڪندڙ هو، بلڪ ائين جيئن ننڊ ئي ننڊ ۾ ڪو ڪيڙو يا جيت اگهاڙي بدن تي سُرڻ لڳندو آهي. هن جي دل ۾ گلوءَ سان ڳالهائي دل جو اهو بار هلڪو ڪرڻ جو خيال آيو، پر لالوءَ جو

خيال ڪري چپ رهيو. پر گُلوءَ سندس مدد ڪئي، ۽ گلوءَ چيو: ”يَرَ، پيٽسان، بُک لڳي آهي!“

انوءَ کي گهڙيءَ لاءِ ائين لڳو جڻ تہ گهور اوندهہ ۾ اجالي جو هڪ چمڪاٽ تڙڪي پيو، ۽ هن هڪ ٽڏو ساهہ ڀري چيو. ”ها، يرَ، بک تہ مون کي بہ لڳي آهي!“

وري خاموشي ڇائنجي ويئي. لالوءَ تي جڻ تہ هنن جي بُک جي اعلان جو ڪو اثر نہ ٿيو. وري بہ گُلوءَ همت ڪئي ”لالو، يَرَ بُک جو ڪو بلو ڪر!“ لالوءَ کي اها گهرائپ پسند آئي. ماچيس جي تيلي ٻاري پهرين ان جي ڦڪي روشنيءَ ۾ هنن ٻنهي کي ڏٺائين، ۽ پوءِ هڪ ميڻ بتي ٻاري، موٽر جي مڊگارڊ تي ايي ڪري رکيائين. ڪمري ۾ جهيڻي جهيڻي بيمار روشني ڦهلجي ويئي. ان ساڳي ڀڳل موٽر اندران هن ٻہ چينيءَ جون ٽالهيون ڪڍيون ۽ ائين چئي ٻاهر نڪري ويو: ”آءٌ ماني وٺيو ٿو اچان!“

انوءَ لالوءَ جي وڃڻ تي جڻ سامت جو ساهہ کنيو. دراصل ميڻ بتي جي روشنيءَ هن کي همت موٽائي ڏني هئي. هن گلوءَ ڏي ڏٺو، جو زور زور سان پنهنجا چڏا کنهي رهيو هو. ”يرَ، پيٽسان، هت تہ ڏاڍا ڪيڙا آهن!“

”گلو، مون کي تہ هت ڊپ ٿو ٿئي. هل تہ هتان نڪري هلون!“ انو پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪرڻ کان رهي نہ سگهيو.

”ڪيڏانهن؟“ گلوءَ مختصر سوال ڪيو. سوال مختصر ضرور هو، پر اُن ۾ اڻ ڏٺل ۽ پوائنٽو آئيندو نانگ جيان ڦڻ ڪڍيو ويٺو هو. انوءَ کي ڪو جواب ڪونہ سُجهيو. ان ڪري ڳالهہ بدلائڻ لاءِ چيائين. ”پلا هتي اسان کان ڪهڙو ڪم ڪرائيندا؟“

گلوءَ هلڪو ٽهڪ ڏنو. ”يَرَ پيٽسان، صفا ڪو ٻُڌو آهين. ڏسين ڪونہ ٿو تہ ڀڳل ٽٽل موٽر پيا آهن، ضرور ڪو مسترين جو ڪم هوندو!“

”مسترين جو ڪم، رات جو؟“ انوءَ معصوميت مان سوال ڪيو.

”شهر ۾ سڀ ڪم شايد رات جو ٿيندا آهن!“ گلوءَ کي بہ ڪو جواب ڪونہ سمجهيو.

”بابو تہ شهر ڪمائڻ ڏينهن جو ايندو آهي!“

”يَرَ، هنن جو ڪم ڪو رات جو هوندو. پاڻ کي چاهي، رات جو ڪم ڪار

ڪري، ڏينهن جو ستا پيا هونداسون.“ گلوءَ ڄڻ ته پنهنجي پاڻ کي ڏيڻ ڏيندي چيو. ايا هن ڳالهه پوري به نه ڪئي ته لالو ماني کڻي آيو. تي نان، ۽ ٻوڙ جي پليٽ. تنهي گڏجي ماني کاڌي. ماني کائڻ وقت ڪنهن به ڪونه ڪچيو. ماني کائي، تئي ڄڻا ٻهر رستي تي، نَلَ مان پاڻي پي، هٿ ڌوئي، وري اندر آيا. لالوءَ ڪن مان سگريٽ جو اڌڙ ڪڍي دکايو، ۽ سگريٽ جي هلڪي ڪوڙي خوشبو سڄي ڪمري ۾ ڦهلجي ويئي.

گلوءَ کان رهيو نه ٿيو : ”يَرَ، ان مان ته ڦوڪ ڀراءِ!“

لالوءَ کي گلوءَ جي اها گهرائپ وري پسند اچي ويئي، سو سگريٽ هن ڏي وڌائي چيائين ته ”اچي!“

”ڀلي ڀلي اچي. سر سيد جو بچي!“ گلوءَ کي ڳوٺ جو اوتارو ياد اچي ويو.

لالوءَ کلي ڏنو، ۽ ٽهڪ ڏيئي چيائين: ”تون دلبر آهين، ڀلي پيءُ، پر هن کي نه ڏجاءِ!“

گلو ان وقت سگريٽ انوءَ ڏي وڌائڻ وارو هو، پر هٿ روڪي وڌائين. ”ڇو؟“

لالوءَ چيو: ”بس، منهنجي مرضي!“

انوءَ جي دل لهي ويئي. سگريٽ نه ملڻ جي ڪري نه، پر لالوءَ جي وينڻ جي ڪري. گلوءَ سگريٽ لالوءَ کي موٽائي ڏنو. لالوءَ کي الائجي ڪهڙو خيال آيو. سگريٽ انوءَ ڏي وڌائي چيائين، ”اچي، ٻچو ڇا ياد ڪندين!“ انوءَ رڳو ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪئي.

”يَرَ، هي ته ماسوڪن وارا نکرا پيو ڪري. نه پي ته نه پي، چڙهه آگوٺي تي... گاندو!“

”لالو، وات سنبالي ڳالهاءِ نه ته....“ انوءَ کي ڄڻ ته هن ٽڦڙ وهائي ڪڍيو هو.

”نه ته، تون ڇا ڪندين ڙي؟ هل گا.....“

لالوءَ ايا لفظ به پورو نه ڪيو ته انو تپ ڏيئي مٿانئس چڙهي ويو. لالو هن کان ٻه چار سال وڏو هو، ۽ کانئس گهٽ سگهو هو. پر هن اوچتي حملي لاءِ بلڪ تيار نه هو. بي خبرائيءَ جي ڪري، هو پاڻ سنبالي نه سگهيو. انو پنهنجي عمر جي لحاظ کان ڏاڍو سگهو هو، ۽ لالوءَ جي بي خبري هجڻ هن کي اڳرائيءَ جو فائدو به ڏنو، ۽ هن جي ڇاتيءَ تي چڙهي پهريان ٻه چار هٿ اهڙا وهائي ڪڍيس، جو

لالوءَ کان سگهه موڪلائي ويئي، ۽ هن جي جوابي طاقت ڇڻ تہ هوا ٿي ويئي. جيڪڏهن گلو انوءَ کي نہ اٿاري ها تہ انو شايد ايان بہ وڌيڪ ماريس ها، ۽ ٻيو تہ هن جي ڏنڊن مان بدبوءِ جو اهڙو تہ اوڪارو آيو، جو هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي هئي.

انو اٿيو، ۽ چيائين، "رِدَ جا پٽ، آئيندي وات مان گار ڪڍي اٿئي تہ ڄاڙي پيچي ڇڏيندوسانءِ!"

لالو ڪجهه وقت تہ ائين ئي ليٽيو رهيو. پوءِ اٿيو. هن ڏانهن گهوري نهاريائين، جنهن ۾ آئيندي ويرِ وٺڻ جي سڌي سنئي للڪار هئي. پر هو واقعي انوءَ کان ڊڄي ويو. "هي ٻهراڙيءَ جو جهنگراڙ ٻلو، ڏاڍو سگهو آهي،" هن سوچيو. گلوءَ هنن ٻنهي جو تماشو پئي ڏٺو. هڪ طرح سان هن کي خوشي ٿي هئي تہ سندس دوست ڪٽي ويو هو.

اوچتو ٻاهران رڙ ٿي. "اڙي ڇورا، درکول!"

"آيو، استاد!" لالوءَ سڏ جو جواب ڏنو.

استاد اندر داخل ٿيو. ٽنهي تي هڪ سرسري نظر وڌائين. ۽ پوءِ چيائين. "اڇو ڪي ڊيوٽي هوٽل جي پٽيان!" ائين چئي استاد مٿي هليو ويو.

لالوءَ چيو: "جي استاد!" ۽ ڪن کان پوءِ چيائين. "اڇو، تہ هلون!" ۽ هڪ ننڍي ڳوٺري ڪٽي انوءَ کي هٿ ۾ ڏنائين. ڳوٺري چڱي ڳري هئي. هو ٻئي لالوءَ سان ٻاهر آيا، ۽ هڪ گهٽي ۾ مڙي ويا. رات ڪافي گذري چڪي هئي. رستي تي فقط ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ موٽر گاڏي ٿي لنگهي. ڪي ماڻهو تکا تکا قدم کڻندا پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيا هئا. اڳيان ٽانگن جي استينڊ تي هڪڙو بگيءَ وارو گاڏي جوتي رهيو هو. لالوءَ کي ڏسي هن مشڪيو.

"اڙي لالو، ڪٿي ٻيو وسين، ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچين؟"

"بس، مڙئي مولا جي ملڪ ۾ پيا ٿڳون!" لالوءَ هلندي ئي جواب ڏنو.

"ڪم نہ ملئي تہ وري مون وٽ هليو اچجانءِ..... گاڏي تنهنجي ملڪ آهي،" ٽانگي واري کلندي چيو.

لالوءَ کو بہ جواب نہ ڏنو. گلو ۽ انو بہ چپ چاپ لالوءَ پويان هلندا رهيا. ڳچ وقت کان پوءِ وري هڪ گٽر آيو، ۽ لالو ان جي ڪناري ڪناري هلندي، هڪ هنڌ بيهي رهيو. هي اهڙو هنڌ هو، جتي رستي جي بتين جا بلب ڪونہ ٿي ٻريا، ۽

ذري گهٽ اوندھ هئي. لالو هڪ پاسي واري گهٽيءَ ۾ مڙي ويو، ٿورو اڳيان هڪ وڏي جاءِ هئي، جنهن جي اڳيان هڪ وڏي موٽر بيٺي هئي. لالوءَ هن کي هٿ سان اشارو ڪري، موٽر تائين وٺي آيو، ڏسندي ڏسندي، لالوءَ ڪيسي مان اوزار ڪڍيا، ۽ انوءَ واري ڳوٽريءَ مان به ٻه تي اوزار ڪڍيائين. هڪڙو اوزار هن موٽر جي پٺيان، هيٺان ڦاسائي، نٽ ڦيرائڻ شروع ڪيو. گلو ۽ انو هن کي تڪيندا ڏسندا رهيا. جڏهن اهو اوزار ـــ جئڪ ـــ ڦاسي پيو، تڏهن هن هڪڙي ڦيٽي جا نٽ ڍلا ڪرڻ شروع ڪيا. نٽ ڍلا ڪري وري اچي جئڪ کي لڳو، ۽ انوءَ کي ان جي مٿي کي ڦيرائڻ لاءِ چيائين: "آهستي، جيئن ڪوڪڙڪو نه ٿئي!"

انو ان مُٺيي کي گول ڦيرائيندو رهيو، ۽ پويان گاڏيءَ جو ڍڍر مٿي کڄڻ لڳو. جڏهن ڦيٽا زمين کان مٿي کڄي ويا، تڏهن لالوءَ آهستي ڪري هڪڙو ويل ڪڍي ورتو. گلوءَ کي اشارو ڏنائين ته ويل کي کٽي پري ڪري رکي. ٻه تي سرون کٽي ويل واري جاءِ تي رکيائين، ۽ پوءِ جئڪ کي ابتي ڦيري سان ڪڍي ورتائين. ان کان پوءِ، هن اسڪرو ڊرائيور سان پويان جون ٻئي ڳاڙهيون بيتيون ۽ بلب ڪڍي ورتا. هن سڄو ڪم اهڙو تيزي ۽ ڦرتائيءَ سان ٿي ڪيو، جو ذرو به ڪڙڪو نه ٿيو.

ڪجهه وقت ترسي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، لالو ڦيٽي کي گاڏيءَ وانگر هٿ سان هلائيندو واپس موٽيو. انو ۽ گلو به هن کي حيرت سان ڏسندا، ڄڻ ته ڪنهن جادوءَ جي اثر هيٺ هلندا ٿي آيا. جڏهن سو وري پنهنجي جاءِ تي پهتا، تڏهن انوءَ کان ڄڻ ته ٿڌو ساهه نڪري ويو!

لالو ٽپڙ اتي ڇڏي، پاڻ مٿي هليو ويو، ۽ انو ۽ گلو هيٺ اڪيلا رهجي ويا.

انوءَ آهستي چيو: "يَر، هيءُ ته چورن جو اڈو آهي! ڀڄ ته ڀڄون!"

گلو پهرين ته ڪجهه به نه ڪڇيو، پر پوءِ چيائين: "يَر، پيٽسان ڦاٽا ته بروبر چورن وٽ آهيون. پر ڪريون سو ڇا ڪريون؟"

"ڇا به ٿي پوي، آءٌ ته صبح جو هتان نڪري ويندس. هلي ڪامزوري مڙي ڪبي ته به مانيءَ ٽڪر پيو ملندو. هٿ جي جهلجي پياسون ته پونداسون ڪاٽ ۾!"

"ماني ته ملندي، پر رات جو سمهنداسين ڪٿي؟"

"ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن اونداهي ڇپري يا ٽانگن واري استان تي سمهي

رهنداسون!"

"جيڪا تنهنجي صلاح! چئين سچ ٿو؛ ڳوٺ ڪونهي، جو لڪي ويندا سون. شهر ۾ پوليس وارن جي ور چڙهياسون ته ڪٿا ڪٽي ڇڏيندا!"

ايتري ۾ لالو موتي آيو. "انو، استاد ٿو سڏئي!"

انوءَ تي ڇڻ ته ڇپ ڪري پئي. هن جي وات مان رڳو اهو اکر نڪتو "ڇو؟"

"مون کي ڪهڙي خبر؟ استا دڪان پاڻ ويچي پچ!" لالوءَ جي آواز ۾ صاف دشمني هئي.

انو ٻڌڻ تَرَ ۾ پئجي ويو. هن جي دل چيو، ته ان وقت ئي در کولي ٻاهر هليو وڃي. پر رات جو ڪيڏانهن وڃي؟ جي استاد ڏي نه ويو، ته استاد سٽي وجهندس. جي ويندو ته ڇا ٿيندو؟ "استاد توکي پسند ڪيو آهي؟" ــ لالوءَ جا لفظ هن جي ڪنن ۾ ٻرڻ لڳا، ۽ الائي ڇو هن کي ملنگ وارو واقعو ياد اچي ويو. هن جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. جيڪڏهن استاد بہ....؟ هن کي پنهنجا ڪپڙا بدن سان چهٽندا محسوس ٿيا. هن کي بي اختيار مُٽڻ جي خواهش ٿي، ۽ انوءَ محسوس ڪيو ته جيڪڏهن ان گهڙيءَ هن پيشاب نه ڪيو ته هن جي سٽڻ آلي ٿي پوندي.

"آءٌ پيشاب ڪري ٿو اچان!" انو ڳيت ڏيئي چيو.

"هاڻ در ڪونه ڪلندو. مٿي وڃي استاد جي ڪاڪوس ۾ پيشاب ڪر!" لالو ڇڻ ته هن کي هر طرح پريشان ڪرڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺو هو.

هو آهستي آهستي اٿيو. هن محسوس ڪيو ته هن جو سڄو بدن ڏڪي رهيو هو. هن جي ذهن ۾ ٻہ مختلف راهون متعين ٿيڻ لڳيون؛ لالوءَ کان چاهيون زوريءَ ڦري ٻاهر ڀڄي وڃڻ، يا استاد وٽ وڃڻ. گُهپ اونده جي ڪري پهرين راهہ نہ آئڙيس، نيٺ ٻي راهہ اختيار ڪيائين، ۽ سڄو ڏڪندو هو مٿي چڙهي ويو. ڏاڪڻ جي پر ۾ ئي ڪاڪوس هو. هن ڏڪندي دروازي کي ڏکو ڏنو. دروازي جي چيچٽ تي هن کان هڪ ڊگهو چرڪ نڪري ويو. استاد رڙ ڪئي. "ڪير آهي؟"

"آءٌ آهيان انو، استاد!" هن ائين ڀانيو ڇڻ ته هو ڪنهن ڪوه مان ڪنهن کي آواز ڏيئي رهيو هو. هن پيشاب ڪرڻ چاهيو پر نہ آيس. گهڻا ئي زور لاتائين، تڏهن مس مس روڪجي روڪجي هن کي پيشاب آيو. پر تڏهن بہ هن کي مٽڻ جي

خواهش جي تسلي نہ ٿي. لاچار ٿي، هو استاد جي ڪمري ڏانهن وڌيو. ڪمري ۾ لالٽين ٻري رهيو هو. استاد گنجيءَ ۽ گوڏ ۾، هڪ ٽنگ ٻيءَ ٽنگ جي گوڏي تي چاڙهيو ليٽيو پيو هو. سامهون ٽيبل تي هڪ بوتل رکيل هئي ۽ ٻہ گلاس.

"اڙي، ايتري دير ڪاٿي هئين؟" استاد هن کي تيز نظرن سان ڏسندي سوال ڪيو.

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. چپ چاپ، ڏڪندو رهيو. استاد هن کي ڏڪندو ڏسي، ڪجھ نرمائيءَ سان چيو: "ڇورا، ڏکين ڇو پيو: ڊپ ٿو ٿيئي ڇا؟ آءٌ توکي کائي ڪونہ ويندس. آ، اچي منهنجي ٽنگن کي زور ڏي!"

هو وڌي اچي کٽ جي اڳيان بيٺو، ۽ هيڪندي هٿ هن جي ٽنگن ڏانهن وڌايائين.

"مٿي چڙهي ويہ، ۽ سولي طرح زور ڏي!"

هو کٽ تي چڙهيو، ۽ آهستي آهستي زور ڏيڻ لڳو. هن کي استاد جي وارن سان جهنجهيل ٽنگن ۾ هٿ وجهندي عجيب بيچان اچڻ لڳي. پر پاڻ تي جبر ڪري، زور ڏيندو رهيو، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هن ڏٺو تہ استاد ننڊ کان کونگهرا هڻي رهيو هو. هن جي دل تان ڄڻ بار لهي ويو، ۽ هو آهستي آهستي ٿي کٽ تان لٿو. ايا هن در ڏانهن منهن ٿي ڪيو تہ استاد جو آواز ڪن تي پيس، ۽ هو سڄو لرزجي ويو.

"اڙي ڇورا، ڪاڏي ٿو وڃين؟"

"سائين، اوهان کي ننڊ اچي ويئي هئي...."

"چڱو، هي گلاس ڌوئي اچ،" استاد هن ڏانهن ڪجھ عجيب نظرن سان ڏٺو.

هو نل تان گلاس ڌوئي آيو. استاد بوتل کولي ٿورو ٿورو ڍڪ ٻنهي گلاسن ۾ وڌو، ۽ هن کي چيائين.

"هن گهڪيءَ مان ٻنهي ۾ پاڻي ڀر!"

جڏهن هو پاڻي ڀري آيو، تڏهن هڪڙو گلاس هن ڏانهن وڌائي، چيائين. "اچي هان، هي پي!" جيسين هو ڪجھ سوچي، تنهن کان اڳ، استاد هڪ ئي ڀيٽ ۾ گلاس خالي ڪري ڇڏيو. بوتل کلڻ سان سڄي ڪمري ۾ عجيب کٽي کٽي بوءِ ڦهلجي ويئي، ۽ هو سمجهي نہ سگهيو تہ اها بوءِ ڇاجي هئي.

هو اڃان ان سوچ ۾ هو تہ استاد هن کي چيو: "ڇورا پي نہ، شربت آهي، طبيعت

ٽڏي ڪرڻ لاءِ آهي!" استاد جي اکين ۾ هڪ شرير جوت اچي ويئي.

هن ڊڄندي ڊڄندي گلاس ۾ هٿ وڌو، ۽ ڇپن تائين آندائين، هن محسوس ڪيو ته اها ڪٿي ڪٿي بوءِ ان گلاس ۾ به هئي، ۽نهايت تيز. هن ڊڪ ڀريو، ۽ ذري گهٽ اٿوڙجڻ تي هو، ۽ هڪدم اتي ئي گرڙي ڪري ڪڍي ڇڏيائين. هي ته نهايت ڪڙو هو، جهڙو توهُ!

"ڇورا، هي شربت پهرين ڪوڙو لڳندو آهي. پوءِ ڪڙاڻ لهي ويندءِس. ڳيت ڏيئي پي وڃ!" استاد اهي لفظ ڪجه اهڙي انداز ۾ چيا، جنهن ۾ ميٺاڻ به هو ته ڏمڪي به. هن وڏيڪ سوچڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ ڳيت ڏيئي سڄو گلاس پي ويو. پر هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته باهه جي ڄيپي، هن جي نڙگهٽ کي ساڙيندي هن جي پيٽ تائين وڃي پهتي!

"شاباس!" استاد ڪلندي چيو. "اچي هي به سگريٽ؛ هڪڙو مون کي دکائي ڏي، هڪڙو پاڻ پي!"

هن سگريٽ دکايا. هڪڙو استاد کي ڏنائين، ۽ هڪڙو پاڻ پيتائين. هن اهڙو مزيدار سگريٽ اڳي ڪڏهن به نه پيتو هو. پهريون به ڦوڪون ته هن کي ڏاڍيون مٺيون مٺيون لڳيون. سگريٽ اڌ تائين پهتي ته هن جي طبيعت ۾ هلڪاڻ اچي ويئي. هن کي رکي رکي ائين محسوس ٿيو، جڻ ته هن جي ڪرسي مٿي کڄي رهي هئي، ۽ جيئن جيئن سگريٽ جي ڦوڪ ٿي ڀريائين تيئن تيئن مٿي کڄندي ٿي ويئي. استاد جي آواز تي وري اچي زور سان پٽ تي لڳي.

"ٻَر گلاس!" استاد مرڪندي چيو.

هن جي ذهن ۾ هاڻ ڪنهن به قسم جو ڊپ نه هو. هو پاڻ کي آسمان تي اڏامندو محسوس ڪري رهيو هو. هن کي لالٽين جي روشني ست رنگي معلوم ٿيڻ لڳي. هن استاد ڏانهن ڏٺو، پر باوجود روشنيءَ جي، هو هن کي چڱيءَ طرح ڏسي نه سگهيو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته ڪمري ۾ سوين استاد موجود آهن، جيڪي لهرن وانگر تري رهيا هئا. هر استاد جو چهرو ٻئي کان مختلف هو. هن بوتل ڏانهن نهاريو. سوين بوتلون، ۽ سوين گلاس مختلف ٿيبلن تي هو کي نظر اچڻ لڳا. هن پنهنجي پاڻ کي ٿورو ڏونڌاڙيو ته سڀ بوتلون ۽ گلاس غائب ٿي ويا. فقط هڪ بوتل ۽ به گلاس جمي بيهي رهيا. هو اٿيو، بوتل مان ڳاڙهي شربت جا وڏا ڊُڪ وجهي منجهن پاڻي وجهي، هڪڙو استاد کي ڏنائين، ۽ ٻيو

پاڻ چپن تائين آندائين.

ڍُڪ پريائين تہ ڪڙو بنھ نہ لڳس، نہ اڳئين وانگر باھ جي ڇيي معلوم ٿيس. ھن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ ھن جي تارونءَ کي ان ڍُڪ جي ضرورت ھئي، ۽ ڍُڪُ پرڻ کان پوءِ ھن کي سگريٽ جي ٻاڙ لڳي. ٽيبل تي پيل سگريٽ جو پاڪيٽ ھن جي نگاھن ۾ نچڻ لڳو. ھاڻ ھن کي استاد جو ڊپ بلڪل لھي ويو ھو، ۽ سگريٽ ڪڍي ھڪڙو دکائي استاد کي ڏنائين، ۽ ھڪڙو پاڻ ڇڪڻ لڳو. پھرئين ئي ڪش سان ھن کي وري ڪمري جي سموري دنيا نچندي، مٿي کڄندي محسوس ٿي. ھن پريان استاد جو آواز ٻڌو:

”ڇورا، موج ۾ اچي ويو آھين؟“

ھو کلڻ لڳو. ٻي اختيار ٽھڪ ڏيڻ تي دل چوڻ لڳس، ۽ ھو واقعي وڏا وڏا ٽھڪ ڏيڻ لڳو. ڍُڪ پريندي، سگريٽ جا سوٽا ھڻندي، ھن گلاس ختم ڪري ڇڏيو. ٻي ساختہ ھن جو ھٿ بوتل ڏانھن وڌيو، پر سندس ھٿ استاد پنھنجي ھٿ ۾ ڪٽي جھليو.

”بس، گھٽي ئي پيتو اٿئي. ھاڻ ڪرسيءَ تان اٿي اچي ھنڌ تي ويھ!“

ھن کي استاد جا لفظ بلڪل سمجھ ۾ نہ آيا. ھن پنھنجو ھٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر استاد سندس ھٿ نہ ڇڏيو. ھن کي الائي ڪھڙو خيال آيو، ۽ ھن پنھنجي سگريٽ ڏانھن ڏٺو. سگريٽ جو منھن ھن کي ھڪ وڏو مچ نظر اچڻ لڳو، ۽ ھن بنان ڪنھن سوچيل ارادي جي سگريٽ جو ٻرندڙ ڦُلو ڪٽي استاد جي ٻانھن ۾ ٽنبيو. استاد کان دانھن نڪري ويئي. ”اڑي، ساڑي ڇڏيئي ڑي، ڪُتي جا پٽ!“

سگريٽ جو ڦلو استاد جي ٻانھن جا ڪيترا وار ساڑي، سندس گوڏ ۾ ڪري پيو. ايا ٻانھن کي مھٽڻ ۾ ھو تہ اوچتو ڇرڪ پري، استاد اھڙي اڇل ڏني، جو ڪَٽَ تان اٿڻ سان سندس گوڏن جي کڄڻ تي، ٽيبل اونڌي ٿي پئي، ۽ استاد ٽيبل جي مٿان وڃي ڪريو. سندس مٿو اچي زور سان ڪنڊ ۾ پيل گھگھيءَ سان لڳو، ۽ گھگھي بہ اونڌي ٿي ڀڄي پئي. استاد جي گنجي پاٽيءَ ۾ پسڻ لڳي. استاد ايان تائين پاڻ سنڀالڻ لاءِ اتي ئي لُڇي رھيو ھو، ۽ سندس گوڏ مان دونھون نڪري رھيو ھو.ھڪڙي ھٿ جو سھارو ولي ھن گوڏ پري اڇلائي ڇڏي. اھو سڄو منظر ھن جي نظرن ۾ سوين پيرا ضرب ٿي نچڻ لڳو، ۽ ھو وڏا وڏا ٽھڪ

ڏيڻ لڳو. استاد کي بنه اگهاڙو، اونڌو ٿيل ڏسي هن جا ٿهڪ وڌندا ويا، ۽ ٿهڪ ڏيندي، هو کنگهڻ ۽ اٿوڙجڻ لڳو. اوچتو هن کي پنهنجي پيٽ ۾ هڪ واچوڙو اٿندو محسوس ٿيو. هن جا ٿهڪ بند ٿي ويا، ۽ هو پيٽ کي هٿ ڏئي اٿيو. واچوڙو سندس نڙگهٽ تائين اچي پهتو هو، ۽ هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته سندس پيٽ آندن سوڌو اٿلي پوڻ ۽ ابتو ٿيڻ تي هو. هن ڪرسيءَ جي ٻانهن جو سهارو وٺي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ اوڏي مهل هڪ وڏي اُلٽي، پاڻمرادو، هن جي ارادي جي خلاف، وڏي آواز سان هنجي وات مان ڇٽي نڪتي. استاد ان وقت اٿڻ وارو هو ۽ الٽي سڌي هن جي مٿي تي اچي پئي، ۽ لار ڪري هن جي اکين ۽ منهن تي ڦهلجڻ لڳي.

"ماءُ جا....." استاد جي گار سندس وات ۾ ئي رڪجي ويئي. اُلٽي سندس هينئين چپ تي ڪري، هن جي ڏندن ۾ ڦهلجڻ لڳي. گهڙيءَ ۾ ان ڪرهت کان استاد جو سڄو ست موڪلائي ويو، ۽ هن خود بہ پيٽ کي هٿ ڏيئي هڪ وڏي الٽي ڪري وڌي.

انوءَ ۾ پاڻ سنڀالڻ ڪونہ هو، ۽ اتي ئي الٽيون ڪندو رهيو، جيڪي هاڻ استاد جي مٿي جي بدران ڳچيءَ ۽ پٺن تي پوڻ لڳيون. استاد وري ٽيبل جي ٽنگ تي زور ڏيئي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پٽ آلو ٿيڻ جي ڪري، ٽيبل پري سِري ويئي، ۽ هو وري ٻوٽ ۾ پنهنجي ئي الٽيءَ ۾ ڪري پيو، ۽ سندس سڄو منهن الٽيءَ ۾ لڦجي ويو.

ڳچ وقت الٽيون ڪندي، انوءَ کي گهڙيءَ لاءِ ڪجهہ سامت آئي، پر ڪمري جي هر چيز هن کي آڏي ابتي نظر آئي. هن اُٿي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن کي پنهنجا قدم زمين بدران آسمان تي پوندا محسوس ٿيا. هن وري هڪ پيرو پنهنجي ڪنڌ کي زور سان ڏونڌاڙيو ته گهڙيءَ لاءِ هر چيز بيهي رهي، ۽ هن قدم اڳتي وڌايو. سندس آڏو استاد جو اونڌو پيل جسم هو، ۽ هن ان جسم کان بچڻ لاءِ وڏي ٻرانگهہ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏوُ اچي استاد جي چيلهہ تي ڏڙام ٿي ڪريو. استاد جي وات مان هڪ ڊيل "آن" جو آواز آيو. هو وري پاڻ سنڀالي اٿيو، ۽ دروازي کان ٻاهر نڪتو. ٻاهر ٿڌي هوا جي هڪ جهوٽي وري هن کي گهوماتي ڏيئي ڇڏي، ۽ ائين ٿڙندو ٿاٻڙندو هو هيٺ لهڻ لاءِ دروازي تائين آيو. ڪجهہ وقت دروازي جي تاڪ تي هٿ رکي بيهي رهيو. هن کي وري اُلٽيءَ جو

خيال ٿي رهيو هو، ۽ سڄو بدن پگهرجي ويو هوس. پگهر هوندي به، هن جو سڄو بدن ڏڪڻ لڳو. ان ڏڪڻيءَ ۾ هن جا ڏند به ڪڙڪڻ لڳا؛ سڄو بدن ڪرڙيءَ جي ڪنيل پُڇ وانگر پئي رڦيس. هن ڪڙو لاٿو. هيٺ گٹريج ۾ گهڪ اونداهي هئي. هن ڏڪندي ڏڪندي، ٻئي هٿ دروازي جي چوڙن ۾ وجهي پير ڏاڪڻ تي رکيو. عين ان مهل هن کي محسوس ٿيو ڄڻ ته هو ڪنهن اونداهي کوهه ۾ ڪري رهيو هو. هو ٻه ڏاڪا هيٺ لٿو، پر پوءِ هن جي ڏڪندڙ پيرن ڏاڪڻ کي ڇڏي ڏنو، ۽ سندس هٿ دروازي جي چوڙن مان نڪري ويا. ڪاري اونده ۾ هن کي ساوا پيلا ترورا نظر آيا، ۽ هو ڌڙام ٿي اچي ڪنهن جسم جي مٿان ڪريو. هيٺان لالوءَ رڙ ڪئي؛ "اڑي گهوڙاڑي!" ساڳئي وقت ڏاڪڻ پنهنجي جاءِ تان هٽي اچي انوءَ جي مٿان ڪري. پر انوءَ ۾ ڪابه چرپر پيدا نه ٿي، ۽ نه هن کي ان جي ڏک جو احساس ٿيو. هو بي سڌ ٿيو اتي پيو رهيو.

لالوءَ ڏاڍي مشڪل سان هن کي پاڻ تان هٽايو. ائين ڪرڻ سان ڏاڪڻ انوءَ کان ٽڙي، اچي ڪيس مغز ۾ لڳي. لاشعوري طرح هن ٻئي هٿ ڪٽي مٿي تي ڏنا، پر لالوءَ کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ٿيو؟ فقط هن کي ايترو خيال آيو ته شايد انو دارون پي آيو هو. جاڳڻ سان ئي هن کي انوءَ مان ڳاڙهي جي ڌپ آئي هئي. لالوءَ ڏاڪڻ جي ڏک کي ايا به نه سيحاتو هو. هن ائين سمجهيو ڄڻ ڪنهن ڪيس ڪنهن بنديءَ جو زوردار ڏک هٿي ڪڍيو هو. انوءَ جي ڪرڻ سان سندس هڪڙي ٻانهن ۾ ڏاڍو ڏک لڳو هو، ۽ هن کي ٻانهن چوريندي ٽونٽ ۾ سور پئجي ٿي ويو. شايد ٻانهن ڀڄي پئي هئي، هن سوچيو، ان سوچ ئي هن کي ڊيڄاري ڇڏيو. ۽ هن کي روئڻ اچي ويو. اونده ۾ خاموش ڳوڙها ڳاڙهڻ لڳو. هن ٻي ٻانهن سان ستي ئي، هڪ مڪ انوءَ جي پٺن تي وهائي ڪڍي. پر انوءَ ۾ ڪا چرپر پيدا ڪانه ٿي.

"حرامي پيٽسان! ٻڌو پيو آهي... ترس، صبح جو خبر وٺندوسانءِ!" ائين چئي لالو وري ٻانهن متعلق سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. اوچتو وري هڪ ٽڪاءُ ٿيو. ڪا شيءِ ڀڳل ڪار جي مٿان ڪري. ان سان گڏ ڪنهن وري رڙ ڪئي؛ "اڑي گهوڙاڑي، مري ويس!"

لالوءَ کي اچي نئون ڌپ ٿيو ته پڪ پوليس پهچي ويئي ۽ هو دروازي ڏانهن ڀڳو. گلو به ان ٽڪاءَ تي جاڳي پيو هو؛ "اڑي لالو ڇا ٿيو؟"

لالوءَ ويندي ويندي چيو: ”پيٽيان ڀڄ، پوليس اچي ويئي!“

گلوءَ جي ننڊ اڏامي ويئي، ۽ هو بہ دروازي ڏانهن ڀڳو. پر وري انوءَ جي يادگيري آيس. موتي آيو. انوءَ جي ڳوٺ خالي ڏٺائين. سندس دل کي جهوهو اچي ويو:

”يَرَ پيٽسان، يار کي ڇڏي پاڻ ڀڄي ويو!“ هن چپن ۾ پٽڪيو، ۽ تکو تکو ٻاهر نڪري ويو. هن لالوءَ کي پڇندو ڏٺو. ڊڪ پائي هوبہ ويجي ساٿس گڏيو. سهڪندي کانئس پڇيائين: ”يَر، پوليس آئي ڪٿان؟“

”پوليس لاءِ ٻاهريون دروازو کولڻ مشڪل ٿوروئي آهي،“ لالوءَ دليل ڏنو.

”انو ڪٿي آهي؟“

”دارون پي، ٻڌو پيو آهي. منهنجي مٿان ٿڙي اچي ڪريو. ذري گهٽ ٻانهن ڀڃي وڌي اٿس،“ هن ساڄي ٻانهن کي هٿ ۾ جهليندي چيو، ”ڏاڍو سور پئي ڪري!“

گلوءَ کي يقين نہ آيو. وري بہ پڇيائينس، ”پوءِ استاد کي ڇونہ سڏ ڪيئي؟“

”پوليس کي منهن ننڍو استاد ڏيندو آهي! وڏي اِستاد جو چوڻ آهي تہ پوليس اچي تہ هڪدم ننڍي استاد کي اطلاع ڏبو!“

هو ڊڪندا اچي هڪ دروازي اڳيان بيهي رهيا، ۽ ٽڪ ٽڪ ڪيائون. ڪجھ وقت تہ ڪوبہ جواب نہ آيو. پوءِ سليپرن جو ڪڙڪو ٿيو، ۽ ننڍي استاد ڪڙو کوليو:

”ڇوڙي، ڇاهي لالو؟“

گلوءَ سيحاتو تہ هي اهو ئي ساڳيو محسن هو، جنهن ڪين هوٽل واري کان بچايو هو.

”استاد ڪٿي آهي؟“ هن وري پڇيو.

”مٿي ستو پيو آهي،“ لالوءَ هيڪندي چيو:

”مال ڪٿي آهي؟“

”اتي ئي ـــ راتو ڪوبہ، ۽ ڪالهو ڪو بہ!“

”ڳالھ سمجھ ۾ ئي نہ ٿي اچي. صوبيدار کي ايڏا ڪالھ صبح جو هفتو ڏئي آيو آهيان. چڱو، هل تہ هلون!“

استاد پريان هڪ بگيءَ واري کي سڏ ڪيو، ۽ پاڻ اندران هڪڙي تارچ، ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪاشيءَ کٽي ور ۾ هنيائين.

گُلوءَ ڏنو تہ اهو پستول هو. ساڳيو جهڙو وڏيري وٽ هوندو هو! گلوءَ کي الائجي ڇو اچي ڏکڻيءَ ورتو.

بگيءَ مان لهڻ وقت، ننڍي استاد چيو: "اڑي ڪٿي آهي پوليس؟ پوليس هجي ها تہ ٻاهر سپاهي بيٺل هجي ها!"

دَرَ کي زور ڏيئي کوليائون تہ هڪ جهيڻو آواز ٻڌڻ ۾ آين. "اڑي گهوڙاڑي، اڑي لالو....!"

ننڍي استاد دروازو بند ڪري تارچ ٻاري تہ سڄو گئريج روشن ٿي ويو، ۽ هڪ انوکو منظر آين. پٽ جي پاسي کان انو اونڌو ٿيو ستو پيو هو، ۽ سندس پرسان ڏاڪڻ ٽيڏي ٿي پئي هئي.

ٻيءَ ڪنڊ ۾ پڳل موٽر جي پٽيان ڏاڪڻ غائب هئي، ۽ ڏاڪڻ واري جاءِ تي ڪنهن ماڻهوءَ جي اگهاڙي ٽنگ نظر اچي رهي هئي. ننڍو استاد وڏي آيو، ۽ تارچ ڪريل ماڻهوءَ جي منهن تي هنيائين. ۽ هن کان رڙ نڪري ويئي: "استاد....؟!"

هو وڏي استاد جي پير ۾ پهتو. استاد جي منهن تي رت گاڏڙ ڪا شيءِ ٿڦي پئي هئي. سندس وار بہ ڪنهن گپ ۾ لِتا پيا هئا. سندس گنجي بہ سڄي آلي ٿي پئي هئي. پيٽ کان هيٺ هو بلڪ اگهاڙو هو. سندس هڪڙي ٽنگ سندس جسم جي هيٺان ٻيٽي ٿي پئي هئي، ۽ ٻي ٽنگ سڌي ئي سڌي پئي هئي. هڪڙي ٻانهن مان ڪرائيءَ وٽان رت وهي رهيو هو.

"استاد، ڇا ٿيو؟"

استاد ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هن هڪ ٻانهن جي زور تي سڌو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دانهن ڪري وري ڪري پيو.

لالوءَ ۽ استاد وڏي ٻنهي ٻانهن کان جهلي، ڪيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر استاد کان وري دانهن نڪري ويئي ۽ هن ڄڻ تہ روئندي چيو: "اڑي گهوڙاڑي، منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي آهي، سگهو اسپتال پهچايو!"

"اڑي لالو، ڊوڙ ٽئڪسي ڪري اچ!" استاد ننڍي لالوءَ کي حڪم ڏنو.

لالو تڪڙو تڪڙو وري ٻاهر نڪري ويو. استاد ڪجهندي چيو: "اهو سڀ ڪم ان ڇوري انوءَ جو آهي. پر پهرين مون کي صاف ڪريو. مٿان وڃي منهنجا ڪپڙا کڻي اچو، ۽ منهنجو مٿو ۽ منهن صاف ڪريو: ڏپ کان ساهہ ٿو وڃي!"

ننڍو استاد ڏاڪڻ سڌي ڪري مٿي چڙهي ويو. ۽ اتي جو منظر ڏسي گهٽي ڳالهه سمجهي ويو. تڪڙو تڪڙو لوتو پاٽيءَ جو ۽ ڪپڙا ڪٽي هيٺ لهي آيو. گلوءَ جي مدد سان، هن جي گنجي لاهي، سندس منهن ۽ وار ڌوتائين، ۽ سڄي بدن کي آلي ڪپڙي سان صاف ڪري، ڪيس صاف ڪپڙا پاتائين. مٿي۽ وات مان وهندڙ رت وري شروع ٿي ويو، جنهن سان استاد جي قميص وري ڀرجي ويئي، ۽ ڪجهه ڇنڊا گوڏ تي به ڇمندا ويا.

لالو ٽئڪسي وٺي آيو. گلو، ننڍي استاد ۽ لالوءَ کي ٽئڪسيءَ واري به مدد ڪئي، ۽ هنن استاد کي ڪٽي گاڏيءَ ۾ وڌو. هلندي مهل، ننڍي استاد لالوءَ کي چيو: "ڪالهوڪو ۽ اڄوڪو مال منهنجي گهر ڇڏي اچ! ۽ مٿي وارو ڪمرو ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڇڏ، جيئن ڪا خبر نه پوي، رڳو هنڌ کي بگيڙي سگيڙي ڇڏجانءِ! استاد جا هي آلا ڪپڙا به منهنجي گهر ويني ڇڏجانءِ!"

پوءِ ٽئڪسي هلي ويئي.

لالو مٿي چڙهي ويو. ڪمري جي حالت ڏسي هن جي وات مان "مار ته سهي!" نڪري ويو. جهٽ جهٽ هن ڪمرو ٺيڪ ڪيو. تڏهن به فرش ڌوئڻ ۽ شيشن جا ٽڪرا ميڙيندي هن کي ڪلاڪ کن لڳي ويو. هڪڙي ڪپڙ ۾ هڪ اڇي رنگ جو ڊبو رکيو هو، سو ڪٽي سوگهو ڪيائين. هيٺ لهي ان رات وارو ٽائر به ڪٽي ٻاهر نڪتو. گلو ڪنهن عجيب ڊپ ۽ خوف کان، اونده ئي اونده ۾، گوڏن ۾ منهن وجهي ويٺو رهيو. جڏهن لالو هيٺ لٿو ته هي به هن سان گڏ هلڻ لاءِ ٻاهر نڪتو.

لالوءَ چيو: "تون اتي ترس، ننڍو استاد اچڻ وارو هوندو!"

"هي تين ڇا جو آهي؟" گلوءَ ڪجهه پنهنجائپ مان پڇيو.

"ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجانءِ. هن ۾ چرس ڀريل آهي. هن ڊبي جي قيمت خبر اٿئي گهٽي آهي؟"

"هوندي ڪا پنج ڏهه رپيه؟!" گلوءَ معصوميت مان چيو.

"چريا، پاڳل! اڙي هي لک جو، نه ته اسي هزارن جو مال آهي. استاد ٿي چيو ته جي مال سولو وڪامي ويو ته هي گئراج ڇڏي، ڪنهن سٺي جاءِ ۾ هلي رهنداسون...!"

گلو، لالوءَ کي ويندي ڏسي، هن کي پويان گهوريندو، سوچيندو رهيو:

جيڪڏهن اهو مال لالوءَ کان ڦري ڀڄي وڃي ته....؟ پر ان کي وڪڻندو ڪيئن؟ ۽ جي وڪڻندي جهلجي پيو ته.... ان خيال ايندي ئي هن اهو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو.

هو وري گئريج ۾ داخل ٿيو. هن کي اوچتو انو ياد اچي ويو، ۽ هن جي دل کي جهوپو اچي ويو. هن کي استاد جا لفظ ياد پيا، ڇا انو ۽ استاد پاڻ ۾ وڙهي پيا هئا؟ ۽ هي دارون پئڻ جي لالوءَ کهڙي ڳالهه ٿي ڪئي؟ هو وڏي اچي انوءَ جي پير ۾ ويهي رهيو. هن کي پنهنجو ماضي ياد اچي ويو. هي ته سندس ٻاروتڻ جو يار هو، ۽ ڪڏهن به هڪ ٻئي کان جدا نه ٿيا هئا. ڏک بک ۾ گڏ، اڙينگاين، ۽ مارن ۾ به گڏ هئا. اڄ انوءَ شايد اڪيلي سِر مار کاڌي هئي. هن کي ڄڻ ته اها بي انصافي محسوس ٿي. اڏ مارَ ته هن کي به ملڻ گهرجي ها. انوءَ پاران اهو خيال ايندي ئي هن انوءَ جي وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي سڏ ڪيو: "انو؟"

پر اَنو چريو به ڪونه. ڪيترائي سڏ ڪيائينس، پر انوءَ ڪوبه جواب نه ڏنو. هن کيس ٻانهن کان جهلي ڏونڌاڙڻ شروع ڪيو، پر انو جهڙو مڙدو ٿيو پيو هو. ڳلن تي ٿڦڙون به هنيائينس، پر انو نه جاڳيو. گلوءَ کي اچي ڊپ ٿيو: شايد استاد انوءَ کي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيو آهي....! خون....! هن کي ملنگ جي خون وارو ڊپ به ياد آيو ۽ هاڻ وري انوءَ جو خون! اوندهه ۾ هن جي ساهه کڻڻ جي چرپر ۽ آواز به ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو. لالوءَ به اچڻ ۾ دير ڪئي. هن کي اچي ان خيال ورايو ته شايد استاد لالوءَ سان صلاح ڪري انوءَ جي خون ۾ ڪيس جهلائيندو.... ۽ لالو پوليس کي ٻڌائڻ ويو هو. مال پهچائڻ جو ٺلهو بهانو هو! هن جي دل زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. هن سوچيو ته جيڪڏهن هو هتان ڀڄي وڃي ته چڱو ٿيندو. پر جيڪڏهن انو جيئرو هجي ته پوءِ؟ هريرو گيدي ۽ ڪائنر ثابت ٿيندو.

"رک مولا تي، مڙئي چڱي ٿيندي!" هن هڪ ٿڌو ساهه کڻندي سوچيو. هن آخري ڀيرو وري انوءَ کي ڏونڌاڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نه اٿيو. البت هن ڏٺو ته انوءَ جو جسم ٿڌي هجڻ بدران ڪجهه گرم هو. هن جي ذهن ۾ اميد جو هڪ ترورو جاڳي پيو.

لالو دروازو کولي اندر آيو. دروازو کلڻ تي پرهه جي پهرين ڪوجهي ڪوجهي روشني اندر لنگهي آئي. ساڳئي ئي وقت فجر جي ٻانگ جو آواز به ٻڌڻ ۾ آيو.

گلوءَ لالوءَ سان ڪجھ بہ نہ ڳالهايو، ۽ چپ چاپ ٻاهر هليو ويو. نالي ۾ ٽبي، حاجتون لاهي، نل تي منهن هٿ ڌوئڻ هليو ويو. موٽڻ تي، هڪ ڀڳل ٽڪر ۾ پاڻي کڻي آيو، ۽ اچي انوءَ جي منهن تي ڇنڊا هڻڻ ويهي رهيو. انوءَ جي جسم ۾ ڪجھ چرپر پيدا ٿي، ۽ گُلوءَ تقريبا پيار مان سڏ ڪيو: "انو!"

"ڇڏ، مونکي سمهڻ ڏي!" انوءَ ٻڌڪندي چيو.

"انو، آءٌ آهيان گُلو. صبح ٿي ويو آهي. اُٺ!" گلوءَ ٿورو ڏاڍيان چيو.

انوءَ اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر واري اتي ئي پئجي رهيو.

"يَرَ، منهنجو تہ مٿو ٿو ڦاٽي، ۽ نڙي سڪي ويئي آهي، ڪو پاڻي پيار!"

گلوءَ جا سمورا گوندر لهي ويا. انو جئرو هو. هڪ کان وري بہ ٻہ چڱا. هو تڪڙو اٿي، پراڻي موٽر مان گلاس ڪڍي، پاڻيءَ سان ڀري آيو، ۽ اچي انوءَ کي پياريائين. انوءَ هڪ ئي ڳيٽ سان سڄو گلاس پي ويو، ۽ هڪ ڊگهو ساهه کنيائين، پر ٻئي هٿ کڻي مٿي ۾ وڌائين.

"يَرَ، ڏاڍو سور آهي مٿي ۾!" هن جهيڻي آواز ۾ چيو.

"اٿي منهن هٿ ڌوءُ، ۽ ٻاهرين هوا کاءُ تہ لهي ويندءِ!"

گلوءَ کي پنهنجي ساٿيءَ سان همدردي وڌندي ويئي. هن سهارو ڏيئي، انوءَ کي اٿاريو، ۽ کيس ٻاهروٽي آيو. نل تي بيهي، انوءَ ڏندن کي آڱر سان صاف ٿي ڪيو تہ وري ٻيٽ کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو، ۽ هڪ وڏي الٽي ڪري وڌائين. ڪيترو وقت آت ڏيندو الٽيون ڪندو رهيو.

جڏهن الٽي بند ٿيس، تڏهن هن پنهنجو مٿو کڻي نل هيٺان ڏنو. هن جي مٿيءَ ۾ سور وڌندو ٿي ويو، ۽ ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ تہ ڪا ڏونوڻ پئي ڏنئين. رکي رکي سور جي اهڙي سٽ ٿي اُپريس، جو هن کان دانهن نڪري ٿي ويئي. مٿي جي سور سان گڏ هن کي پنهنجو سڄو جسم ۽ پٺاڏڪندا ٿي محسوس ٿيا.

قميص جي پلاند سان منهن اگهندي، هو نل تان اٿي ڪڙو ٿيو. پر هن جي مٿي جو سور هن جي لوندڙين ۾ لنوَندو رهيو.

گلو پڇي ويٺو: "يَرَ، پيٽسان مون سمجهيو تہ تون مئو پيو هئين!"

"ڇو؟"

"مون ڪيترا سڏ ڪيا مانءِ، ڏونڌاڙون ڏنم، پر تون اصل چرئين بہ نہ ٿي! ٻانهن مٿي کڻي، ڪٽيو ڇڏيانءِ تہ ڦهڪو ڪري ڪري ٿي پئي...."

"مون کي خود خبر نہ آهي تہ مون کي ڇا ٿيو!"

"استاد سان وڙهيو هئين ڇا؟" گلوءَ ٿورو هيڪندي پڇيو.

"نہ، ڇو؟"

"هو سڄو رتورت ٿيو پيو هو، ۽ سندس هڪڙي ٽنگ بہ ڀڄي پئي آهي!"

"هان؟.... سو ڪيئن؟" انو ڪجھ سوچ ۾ پئجي ويو. هن جي ذهن ۾ ياد جا ڪجھ ترورا جاڳيا ۽ وري غائب ٿي ويا، ۽ پوءِ هن چيو:

"مون تہ ڪيس رات چڱو ڀلو ڏٺو هو...."

"تو ڪجھ بہ نہ ڪيس.... متان ملنگ وانگر....؟!" وري بہ گلو هيڪي ويو. هن کي خبر هئي تہ اها ڳالھ انوءَ کي وِتان ڪڍي ڇڏيندي هئي.

"نہ نہ، مون تہ ڪجھ بہ نہ ڪيومانس...!"

"تہ پوءِ پڪ ڪو رات ڪيس مارڻ آيو هو، ۽ اچي هڏڪڏ ڀڄي ويو اٿس. ننڍو استاد، جنهن پاڻ کي هن مانيءَ واري سيٽ کان بچايو هو، سو اسپتال کڻائي ويو اٿس. اصل بنھ مرڻ ۾ هو!"

هو اچي گئريج جي دروازي تائين پهتا هئا، ۽ هو ايا اندر گهڙڻ تي هئا تہ ننڍو استاد بہ اچي لٿو. گاڏيءَ واري کي پئسا ڏيئي، منهن ورايائين تہ انو ۽ گلوءَ کي ڏٺائين.

اڳتي وڌي انوءَ کي اهڙي ٽڦڙ هنيائين، جو هن جو مٿو وڃي دروازي سان لڳو، ۽ ٿاهڙجندو ڪري پيو. وري هڪڙي لت ٽڪاءُ ڪرايائينس. ۽ اتي ئي مڪن ۽لتن سان وٺي ويس. انوءَ جي رڙ هيٺ رڙ مٿي، "گهوڙاڙي، اباڙي" ڪندو رهيو پر ننڍو استاد نہ مڙيو. گلوءَ هن کي بچائڻ لاءِ استاد جي ٻانهن کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن کي اهڙو ڏڪو ڏنائين، جو هو بہ ٽڙندو وڃي وچ رستي تي ڪريو. ننڍي استاد جي وات مان گار جو ڏوڙيو پئي وسيو. ڪيترا راهگير ۽ نل تي پاڻي ڀرڻ وارا اچي مڙيا، ۽ آخر هڪ ماڻهوءَ وڏي ڇڏائڻ لاءِ پڇيو: "ڇا ڪيو آهي هن ڇوري؟"

"پيٽسان.... کي بکيو ڏسي ڪاله ڪم سان لڳايو اٿئون تہ اڄ رات چوريءَ تي سنبريا آهن!"

"سائين، مون چوري ڪانہ ڪئي آهي. سائين مون چوري...."

ايا انوءَ جملو بہ پورو نہ ڪيو هو تہ وري هڪ بہ هڻڙيو ڏڪ لوندڙيءَ وٽ اچي

لڳس، ۽ هو پٽ ۾ ليٽڙيون پائڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ صوبيدار ۽ ٻہ پوليس وارا اچي پهتا. استاد ساڻن خوش خير عافيت ڪئي، ۽ ڳلوءَ ۽ انوءَڏانهن اشارو ڪري چيائين. "صوبيدار صاحب، هي آهن اِهي مردود چورا، جن چوري ٿي ڪئي، ۽ استاد جڏهن ڪين جهليو، تڏهن موٽر جي هئنڊل سان ڪيس ڏڪي ڇڏيو اٿن. ۽ آءٌ ڪيس مرڻ جهڙي حالت ۾ اسپتال ۾ ڇڏي آيو آهيان!"

پوليس وارا وڏي آيا، ۽هڪڙي ڳلوءَ ڪي ٻانهن مان ورتو، ۽ ٻئي انوءَ ڪي اٿاري بيهاريو. ٻنهي کي هٿڪڙي هڻي، بيهي رهيا. صوبيدار گئريج ۾ استاد سان گڏ هليو ويو. اندران هڪڙو هئنڊل ڪٽي آيا، جنهن تي رت جا نشان ٻہ هئا ۽ ٿوري دير کان پوءِ پوليس ٻنهي کي وٺي هلي ويئي.

انوءَ جو سڄو ٻوٽ ڏکن سان سڄي پيو هو. سندس نڪ ۽ وات مان رت پئي وهيو، ۽ هن کي چيلهه ۽ ٻانهن ۾ ٻه سخت ٻيڙا هئي. لاڪب اندر پهچڻ سان هو، سُور جي شدت کان، فرش تي ليٽي پيو، ۽ گلو ماڻ ڪيو، هن کي ڏسندو رهيو. هو ان سوال تي سوچيندو رهيو تہ اصل ڳالهہ ڇا آهي؟ انوءَ کي جيڪڏهن چوريءَ جو ارادو هجي ها تہ ڪيس ضرور ٻڌائي ها. جيڪڏهن نہ ٻہ ٻڌائي ها تہ ٻہ اتان ڀڄي وڃي ها ــ ائين سمهي نہ رهي ها! هن کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. پاڻ کي لاڪب ۾ پوليس جي حوالي ڏسي، هن کي ٻيٽ ۾ ڪا ڪڏ پوندي محسوس ٿي. هيءَ هڪ نئين قسم جي ڪڏهئي، جا هن اڳي ڪڏهن ٻہ محسوس نہ ڪئي هئي. هن سمجهيو تہ شايد ڪيس بڪ لڳي هئي. پر ڪاڏي جي ياد ايندي ئي، هن کي اها ڳالهہ ٻہ ٺيڪ نہ لڳي. هي تہ محض ڀؤ هو.... هن سوچيو. هن پنهنجي چوڌاري نهاريو؛ لاڪب ۾هن کان سواءِ، هڪڙو وڏي ڏاڙهيءَ سان مولوي قسم جو ماڻهو، هڪڙي ڪنڊ ۾ ڪٿي ۾ ويڙهيو ستو پيو هو. انوءَ جي پير ۾ نيري قميص ۾ هڪ اڌڙوٽ ماڻهو گوڏن ۾ منهن وجهيو ويٺو هو. ٻيءَ ڪنڊ ۾ هڪ جوان تلوار ڪٽ مڇن سان سگريٽ ڇڪي رهيو هو. هن ان جوان ڏانهن ڏٺو. اهڙين نظرن سان جن ۾، هن سان سيڃاڻپ ڪرڻ بدران، فقط سگريٽ لاءِ ڇڪ ٿي ظاهر ٿي. هو جوان ٻہ سمجهي ويو، ۽ ڪجهہ چوڻ کان سواءِ سگريٽ ڪڍي هن ڏانهن وڌايائين. گلوءَ هن ڏانهن احسانمند نظرن سان ڏٺو ۽ سگريٽ ڇڪڻ لڳو. هن ڏٺو تہ سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا. ٻہ ٿي ڦوڪون ڀري، هن انوءَ کي اڇاريو. ۽ سگريٽ ڪيس ڏنو. انوءَ ٻہ ٻہ ٿي ڦوڪون ڀري، ڊگهي ڊگهي ساهہ ڪنيا، ڇڻ تہ هو اندريون دونهون ٻاهر ڪڍڻ لاءِ آتو هو!

هن جو سڄيل منهن، نڪ ۽ وات وٽ ڄميل رت کي ڏسي هن جوان پڇيو: "پوليس ماريو اٿس؟"

"نہ، استاد ماريو اٿس....!" گلوءَ جواب ڏنو.

"ڪهڙو استاد؟"

"مستري، جنهن وٽ اسين ڪم سکندا هئاسين!"

"ڇو؟"

"هنن کي شڪ آهي تہ هن سندن پئسا چورايا آهن...؟"

"پوءِ ڪيڏانهن ڪيا هِنَ پئسا؟"

"مون چوري نہ ڪئي آهي!" انوءَ مختصر جواب ڏنو. پر ان جواب جو انداز اهڙو هو، جنهن ۾ انڪار سان گڏ، بيزاري، نفرت ۽ هڪ عجيب بغاوت جو جذبو هو. هن جي آواز ۾ اهڙي وڍيندڙ تيزي هئي، جو نوجوان کي ٻيو سوال پڇڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي.

ڪجھ وقت هو چپ چاپ ويٺا رهيا. انوءَ جي اکين ۾ ڪوبہ جذبو نہ هو. هن جي اکين مان تہ ڊپ بہ نڪري ويو هو. هن قميص جي پلاند سان چپن ۽ نڪ جو رت صاف ڪري ڇڏيو، ۽ چپ چاپ زمين ۾ گهوريندو رهيو. گلوءَ کي عجب ان ڳالھ جو هو تہ ايتري مار جي باوجود، هن جي اکين ۾ لڙڪ نہ هو! هن جي اکين ۾ جڻ تہ سج پئي واڪا ڪيا. انهن اکين ۾ مظلوميت جو احساس بہ نہ هو.

ٻئي چپ چاپ ويٺا رهيا. انوءَ آهستي ٻيڻ ٻيڻ ڪندي گلوءَ کي چيو: "پيءُ جو نالو ۽ ڳوٺ جو نالو نہ ٻڌائج. ڪٿي ڪيترو بہ مارين، سمجهيئہ. نہ تہ ملنگ وارو خون بہ ڳچيءَ ۾ پوندو!"

انوءَ جو دماغ تيزيءَ سان ڪم ڪري رهيو هو. هن ۾ سڄي دنيا کان نفرت جو هڪ نئون جذبو جاڳي اٿيو هو؛ هن جي دل ۾ بدلي جي باھ جاڳي اٿي هئي، پر اها ايڏا بي ترتيب هئي. ان ۾ ڪو سلسلو نہ هو. ان جو ڪو چٽو نشان نہ هو. في الحال تہ خود استاد ۽ نندي استاد جي خلاف بہ هن ۾ بدلي جي باھ ڪانہ ٿي ٻري. رکي رکي جيڪڏهن هن جي خيالن ۾ ڪو مرڪز پيدا ٿيو بہ ٿي تہ اهو هو سندس پيءُ جي ڪلراٽي زمين، ۽ چاچس جو ماهو مال، جو هڪ هڪ ٿي وڪامي ويو هو. پر زمين کي ڪلر ڏيڻ ۽ مال وڪٽائڻ لاءِ جوابدار ڪير هو، ان تي هن جو ذهن پهچي نہ سگهيو، ۽ هن پنهنجي دماغ تي زور ڏيئي ان شخصيت تائين پهچڻ ضرور ٿي گهريو، جنهن اهي سڀ ڪجھ ڪيو هو، جنهن جي ڪري اڄ هو دربدر ٿي هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پهتو هو.

تلوار کٽ مڇن واري اٿي پوڙهي مولويءَ جي ڪلهي تي هٿ رکيو. پوڙهي منهن مٿي کنيو. هن ڏٺو ته سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا. جوان همدرديءَ کان پڇيو: "چاچا، تون ڪيئن ڦاٿو آهين؟"

پوڙهي پهرين ته ڪوبه جواب نه ڏنو. هو ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ هو. پر پوءِ ڏکندڙ آواز ۾ چيائين: "ابا، وتوعزمن تشاءِ وتو ذل من تشاءَ- عزت به الله جي مرضيءَ سان ملي ٿي ۽ ذلت به ڏٺيءَ جي وس آهي!"

انوءَ کي هڪ بيت ياد اچي ويو: "جوڙيا سائين سڀ جنسار!"

هن جي دل ۾ هڪ لرزش اچي ويئي. "ڇا هر ڳالهه لاءِ اپائٽهار ذميدار آهي. عزت، ذلت، زمين جو ڪلر، غربت، شاهوڪاري، ظلم، مظلوميت؟ عجيب آهي خدا به! ري گناهه ڪن کي بکون ماري، ڪن کي ايترو ڏئي جو ڦاٽي ٿا مرن. ري گناهه ڪن جي زمين کي ڪلر ڏيو ڇڏي، ۽ ڪن جي زمين کي اهڙو سرسبز ڪري ڇڏي، جو اَنَ جا ڪرا ماپيندي پورا نه پون! نه نه، اهو سڀ ٺڳي آهي، ڪوڙ آهي. الله ائين ۽ اهڙو ٿي نه ٿو سگهي! ماڻهن پڪ الله لاءِ هروپرو اهڙيون ڳالهيون گهڙيون آهن، جيڪي هو ڪري نه ٿو سگهي ــ ظلم جبر، بک، ڪلر! ڏاڏو ته چوندو هو ته الله وڏو مهربان آهي! يا ته هي سڀ ٺاهه ماڻهن جو ٺاهيل آهي، ۽ پاڻ تان گلا ٽارڻ لاءِ ٿا الله جو نالو وٺن!" اهڙا عجيب عجيب خيال هن جي ذهن ۾ لهرون ڪري، ويرن وانگر لهڻ چڙهڻ لڳا!

"پو به چاچا، تون پيرمرد پوليس جي ور ڪيئن چڙهئين!"

پوڙهو هاڻ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو هو: "ابا منهنجي قسمت!" نوجوان وڌيڪ ڪجهه پڇڻ مناسب نه سمجهيو.

گلوءَ وري نوجوان کان پڇيو: "ادا، تون ڇا ۾ ڦاٿو آهين؟"

نوجوان کلڻ لڳو: "آءٌ ته هت مهمان ٿي آيو آهيان.

"صوبيدار صاحب کي هفتو ڪونه مليو، سو ڪٿي اندر ڪيو اٿس، منهنجا واهرو اجهو ته آيا. پوءِ مڇن کي وٽ ڏيندو هليو ويندس!"

"اهو هفتو ڇا ٿيندو آهي؟"

"توهين ايڏا ننڍا آهيو. پر اسان وانگر ڪنهن ڪم ڪار سان لڳا ته اوهان کي به اهو هفتو ڏيڻو پوندو. پوءِ مجال آهي پوليس جي، جو اوهان کي هٿ به لائي!"

گلو ۽ انوءَ کي ايڏا به ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته هي جوان ڪهڙو ڪم ڪار

ڪندو هو. هن جوان جي اکين ۾ ڏاڍي دليري هئي. گلوءَ کان رهيو نہ ٿيو. پڇي ويٺو: ”ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟“

نوجوان وري هڪ ٽهڪ ڏنو: ”اِدهر ڪا مال اُدهر، اُدهر ڪا مال اِدهر- امپورٽ ايڪسپورٽ! سمجهئين؟“

انو ۽ گلو اڃا بہ ڪجھ سمجهي ڪين سگهيا. اوچتو هنن لا ڪب جي ٻاهران ننڍي اُستاد کي لنگهندو ڏٺو. گلوءَ جي دل جو خوف نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو، ۽ هن گهگهي آواز ۾ انوءَ کي چيو:

”انو، ننڍو استاد!“

انوءَ کو ڏيان نہ ڏنو. هن کي هاڻ ننڍي يا وڏي استاد ڪنهن سان بہ دلچسپي نہ هئي. هن رڳو بي اختيار پنهنجو هٿ بدن جي ڏکندڙ حصن ڏانهن کڻندو ڏٺو. لوندڙيءَ واري ڏڪ تي هٿ ڦيرندي هن ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو.

”اهو آهي اوهان جو استاد؟“ نوجوان ڪجھ سوچي پڇيو.

”نہ، اهو ننڍو استاد آهي. ان ئي انوءَ کي ايترو ماريو آهي!“ گلوءَ ڏکاري لهجي ۾ چيو.

”۽ وڏو استاد ڪٿي آهي؟“ نوجوان ڪجھ اشتياق سان پڇيو.

”اسپتال ۾! تنگ ڀڄي پئي اٿس، ۽ مٿي ۾ ٻہ چار ڏنڊا لڳا اٿس. استاد چيو تہ انوءَ ڪيس ماريو هو!“

”چپ ڪر، گلو! مون توکي چيو تہ اها ڳالھ نہ ڪڍج!“

انوءَ بيزاريءَ مان چيو.

نوجوان، رڙهي انوءَ جي ويجهو ٿي، ڪيس پٺيءَ تي ٿڦڪي هٿي چيو. ”شاباس، شير جو پٽ آهين! تنگ پَڪَ ڀڄي پئي اٿس يا رڳو....؟“

”تنگ برابر تي تڪر ٿي پئي اٿس. سال کن تہ هلڻ چلڻ کان ڇٽو!“ گلو هڪ نئين فخر مان چيو جڻ هو پاڻ ان لاءِ ذميدار هو.

نوجوان ڪجھ سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ هن سگريٽ جو پئڪيٽ ڪڍي، هڪڙو سگريٽ گلوءَ کي ڏنو، ۽ هڪڙو انوءَ کي، ۽ پاڻ تيلي ٻاري سندن سگريٽ دکايائين. سامهون سپاهيءَ پريان ئي رڙ ڪئي: ”اڙي ڇورا، اهي سگريٽ ڪٿان آندوَ، مون کي ڏيو.“

نوجوان اوريرو ٿي سپاهيءَ کي گهوري ڏٺو: ”مون ڏنا اٿمان سگريٽ؛ تون

پنهنجو ڪم ڪر!"

سپاهي خاموش ٿي ويو. گلو ۽ انو حيرت مان نوجوان کي ڏسڻ لڳا. هنن جي ذهن ۾ پوليس جو اهو تصور هو ته پوليس کان ماڻهو ڊڄندا آهن ۽ نه پوليس ماڻهن کان! پر هت ته ڳالهه بنه ابتي هئي. پوليس وارو بنه هيسجي ويو هو. هنن جي دل ۾ ان نوجوان لاءِ هڪ عجيب ڪشش پيدا ٿي پئي. هي ماڻهو، جو پوليس کي ڊيڄاري سگهيو ٿي، سو يقينا ڪو زوراور ماڻهو ٿي ڏٺو. هو هڪ طرح سان هن جا شڪر گذار هئا. انوءَ کي سخت بک اچي لڳي هئي. هيترين سارين الٽين کان پوءِ، هن جو پيٽ بلڪل خالي ٿي ويو هو. هن آهستي گلوءَ کي چيو: "يَرَ، بک به ڏاڍي لڳي آهي. هت الائجي ماني ملندي يا نه؟ چوندا آهن ته جيل ۾ ماني ته ملندي آهي؟"

"اوهان جو ڪو مٽ مائٽ ڪونهي ڇا؟" نوجوان همدرديءَ مان پڇيو.

"نه، اسين ٻئي يتيم آهيون!" گلو جواب ڏنو. هن ڪجهه اهڙي نموني اهي لفظ چيا، جو انوءَ جي دل کي جهوٻو اچي ويو.

"ڪجهه پئسا اٿوَ؟" نوجوان وري پڇيو.

"نه، پائو."

"هان، هي پنجين جو نوٽ رکو. ضرورت وقت جيڪي وٺيوَ سو گهرائي وٺجو. هينئر چانهه ۽ ڊبل روٽي آءٌ ٿو گهرائي ڏيانوَ."

"اڑي سپاهي، سامهون هوٽل کان ٽي چانهيون ته گهراءِ، ۽ به مسڪا بند!"

نوجوان هڪڙو نوٽ شيخن مان وڌايو، ۽ ٻئي هٿ سان ٻيو هڪ نوٽ مروٽي سروٽي سندس ٻئي هٿ ۾ ڏنائين، جو گلو ۽ انوءَ ٻنهي ڏٺو. ۽ پوءِ آهستي آهستي چيائين. "هنن ڇوڪرن جو مڙئي خيال رکجانءِ!"

"ڇٽو آهين!" پوليس واري آهستي جواب ڏنو.

اهو ڪجهه هن ايترو جلد ڏيو، جو هنن کي سوچڻ جو موقعو ئي نه مليو. پر تڏهن به انوءَ چيو: "ادا مهرباني، پر هي نوٽ اوهين رکو: اسين مڙئي پيا تنڀنداسون!"

نوجوان گنڀيرتا سان چيو. "تو مون کي پائو ۽ ادا ڪري سڏيو آهي، سو پائرن جي وچ ۾ ليکوئي ڪونهي. رک الله تي، مڙئي چڱي ٿيندي. جيڪڏهن مون سان ڪم ڪرڻ تي راضي هجو ته آءٌ هتان اوهان جي جند ڇڏائيندس. پر

هڪڙي شرط سان تہ مون سان يا منهنجي ماڻهن سان ڪڏهن بہ دوکو نہ ڪندا، ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪندا تہ اسان ڪهڙا ڪم ٿا ڪريون. قبول هجي تہ هٿ ملاءِ، دوستي ۽ سڄڻپي وارو هٿ!"

انوءَ بنا ڪنهن سوچڻ جي ڪٽي هٿ سندس هٿ ۾ ڏنو. گلوءَ بہ هٿ ملايو. ايتري ۾ چانهہ بہ اچي ويئي. چانهہ گڏجي ويهي پيتائون، پر مکڻ لڳل ڊبل روٽي رڳو اَنوءَ ۽ گلوءَ کاڌي. هنن جي بدن ۾ ڄڻ تہ نئون ساهہ پئجي ويو. انوءَ کي پنهنجو سور ئي وسري ويو. چانهہ کان پوءِ ٽئي ڄڻا گڏجي سگريٽ جا سوٽا هڻڻ لڳا. ايا سگريٽ ئي پئي پيتائون تہ هڪڙو سپاهي اچي تالو کولڻ لڳو. اندر اچي هن ڪنڊ ۾ ستل ڪرڙوڊ عمر جي ماڻهوءَ کي ٽڏو هڻي چيو: "اٺ ڙي، صاحب ٿو سڏئي. ڇورا، اوهين بہ هلو؛ صاحب ٿو سڏيوَ!"

ڊپ وري انو ۽ گُلوءَ جي نڙگهٽ ۾ سميٽجي آيو. ماني کائڻ جي باوجود گُلوءَ کي وري پيٽ ۾ ڪڏ پوندي محسوس ٿي. نوجوان هنن ڏانهن رحم جي نظرن سان ڏسندي مرڪي ڏنو. ان مرڪ هنن جي همت موٽائي آندي، ۽ هو پوليس واري سان گڏجي، هڪ ٻئي ڪمري ۾ آيا، جتي صاحب هڪ وڏي ٽيبل جي پويان ڪرسيءَ تي ويٺو هو. سپاهي اندر اچي دروازو بند ڪري ڇڏيو. پريان ڪنڊ ۾ ننڍين مڇن سان ٻيو پوليس وارو هڪ ننڍي ڪرسيءَ تي ويٺو هو، جنهن جي ٻانهن تي تي پٽيون الي جي شڪل تي ٽهيل هيون. ڪنڊ ۾ هڪ بندوق پئي هئي. صوبيدار کي چيلهہ سان پستول بہ ٻڌو پيو هو. ڪنڊ ۾ بندوق سان گڏ ڪجهہ ٿلها سنها چمڙي ويڙهيل لڪڻ رکيا هئا. جنهن دروازي مان هو اندر آيا هئا، ان جي سامهون بہ هڪ دروازو هو جنهن تي پردو ڏنو پيو هو. ائين ٿي پانيو تہ ٻاهر ڪو وڏو دالان هو.

"اڙي ڇورا اوهين ان ڪنڊ ۾ ٿي بيهو، تون وڏي اوري اچ، ولو!"

ڪرڙوڊ عمر جو ماڻهو اڳيان وڌي آيو. هن کي ڇنل بلو قميص پئي هئي، ۽ ڪاري سٽڻ ۾ بہ جتان ڪٽان چٽيون لڳل هئس؛ منهن ويڪرو، ڊگها شهپر، هفتي کن جي اَڻ ڪٽيل ڏاڑهي، اکيون ڳاڙهيون، نڪ ۽ چپ ٿلها، بدن جو جانٽو مڙس ٿي ڏٺو. پير اگهاڙا هئس، جن تي متيءَ جا ڄڻ تہ چاپوڙا چڙهيل ٿي نظر آيا. "ويچارو ڪو هاري ناري ٿو ڏسجي،" انوءَ سوچيو.

"اڙي ٻڌاءِ، توسان گڏ ٻيا ڪير ڪير هئا، ۽ مال ڪٿي آهي؟" صوبيدار

ڪڙڪو ڪندي چيو.

"سائين، آءٌ بي ڏوهي آهيان. مون کي ڪا خبر ڪانهي!"

ولوءَ جواب ڏنو. هن جي آواز ۾ نہ ڊپ هو، نہ هيڪ هئي، محض ٿوري منٽ هئي.

"رِڊ جا پٽ، آءٌ پڇان ٿو تہ توسان ٻيو ڪير گڏ هو، ۽ مال ڪٿي اهي؟"

صوبيدار جو پارو چڙهڻ لڳو.

"سائين، مونکي خبر ڪانهي!"

"تڏهن تو وٽ ڪونهي؟"

"نہ، سائين."

"تڏهن ڪنهن وٽ آهي؟"

"ڌڻي ڄاڻي، سائين!"

"تون نالا ڪونہ ٻڌائيندين؟"

"سائين، مون کي خبر هجي تہ ٻڌايان. لاالہ الا الله محمد الرسول الله مون کي نہ چوريءَ جي خبر آهي نہ مال جي، ۽ نہ چورن جي!"

"هون....!" صوبيدار تن پٽن واري ڏانهن ڏٺو.

"جي سائين، سچي هن جو بابو بہ ڪندو،" ائين چئي تن پٽن وارو جمعدار اٿي بيٺو. ڪنڊ مان هڪ ٿلهو لڪڻ ڪڍي، اچي ولوءَ جي اڳيان بيٺو.

"پٽ، سچ تہ بيٺو نچ. ڪٿي سچي ڳالهہ ڪر. آءٌ صاحب کي تنهنجي پاران منٽ ڪري، تنهنجي جند ڇڏائيندس!" جمعدار ڪجهہ نرمي، ڪجهہ ڪڙڪي سان چيو.

"سائين، مونکي ڪنهن واهہ جي خبر ڪانهي!" ولوءَ جي جواب ۾ ايا بہ ڪو ڊپ نہ هو. هن جي اکين جي ڳاڙهاڻ رڳو ٿوري ٿڌي ٿيڻ لڳي هئي.

جمعدار ولوءَ جي بلڪل دوبدو ٿي بيٺو، ۽ چيائين "ڀلا پوءِ؟"

ولوءَ کي اهو سوال سمجهہ ۾ نہ آيو، ۽ هو ايا ڪجهہ ڳالهائڻ وارو هو تہ زور مار هڪ ابتي چماٽ لڪاءُ تي ويس. ولو سڄو ڏڏي ويو، ۽ ٿيڙ ڪائي پويان ڪرڻ لڳو. سندس پٺيان بيٺل سپاهي ڪيس اڳيان ٿيلهو ڏنو. وري ٻي چماٽ جو لڪاءُ ٻڌڻ ۾ آيو، پر هاڻ ولو پنهنجي پيرن تي بيٺو رهيو. جمعدار لڪڻ رکي ٻنهي هٿن سان سڌا ابتا ٿڦڙ هڻندو رهيس، پر ولو اڏول ٿيو بيٺو رهيو. هن جو

وات مان رت وهڻ لڳو هو؛ ٻئي چپ چيرجي پيا هئس. پر هن جي وات مان رڳو ڊگهي ساهه ڪڻڻ جو آواز ٿي آيو. انوءَ کي هن جي رت جو رنگ عجيب نظر آيو. اهو چهچ ڳاڙهو، پاڻ ناسي رنگ جهڙو هو. اهڙو رنگ ته فقط شفق ۾ هوندو آهي، هن سوچيو. يا جيئن جڏهن مينهن ٿٿندو آهي تڏهن ڪنهن حد تائين آسمان اهڙو ڳاڙهو ٿي ويندو آهي.

رت ولوءَ جي وڏيل ڏاڙهيءَ ۾ سيرون سيرون ٿي وهندو ٿي ويو. ٿڦڙ هڻندي هڻندي جمعدار جو هٿ ڍرو ٿيندو ٿي ويو. شايد ماري ماري سندس هٿ ڏکڻ لڳو هو، ۽ نيٺ هن ٿڦڙ هڻڻ بند ڪيا، ۽ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"اڙي مادر.... ٻڌاءِ، مال ڪٿي آهي؟" صوبيدار ڪڙڪو ڪيو.

"الله کي خبر، سائين.....!" ولوءَ بنهه مختصر جواب ڏنو.

"اڙي پوليس وارا، ٻانهون پويان مروڙي جهلينس،" سپاهيءَ کي حڪم ڏيندي صوبيدار اٿي بيٺو.

سپاهيءَ ولوءَ جون ٻئي ٻانهون مروڙي پٺيان جهلي بيٺو. صوبيدار صاحب ٽيبل کان ڦري اچي اڳيان بيهي رهيو. اوچتو هن جو هٿ تيزيءَ سان وڏيو، ۽ وڃي ولوءَ جي ڊگهي شهپر ۾ پيو، ۽ پوءِ صوبيدار ۾ جيڪو زور هو، اهو لڳائي هن وٺي ڇڪ ڏني. اوڏي مهل گلوءَ جون ٽنگون ٽڙڪڻ لڳيون، ۽ انوءَ کي پنهنجي پيٽ ۾ گهٻ پوندو محسوس ٿيو ۽ دل ڪچي ڪچي ٿيڻ لڳي. هن ڏٺو ته پهريون پيرو ولوءَ کان "آهه" نڪري ويئي. هڪڙي پاسي جو شهپر صوبيدار جي هٿ ۾ هو، ۽ مڇن مان جتان جتان وار پٽيا هئا، اتان رت مڙندو، ليندڙيون ليندڙيون ٿي، اڇلون ڏيندو ٻاهر نڪرندو ٿي نظر آيو.

"اڙي گڏهه جا پٽ، هاڻ به ڪٿي سچي ڪر!" جمعدار ڳهڳهي آواز سان چيو.

ولو چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش بيٺو رهيو. صوبيدار کي هاڻ ڄڻ ته وات مان گٽ وهڻ لڳي هئي.

"پير ڪٽيوس رَنَ.... جا!"

جمعدار ۽ سپاهيءَ ولوءَ کي دَسي ڪٽي پٽ تي ليٽايو، ۽ پوءِ هڪ ٿلهي لڪڻ سان جمعدار سندس پيرن جي ترين، مُرين ۽ پيرن کي ڪٽڻ لڳو. جانور جو چم انساني چم ۽ ماس کي ڪاٽڻ لڳو، ۽ جتي جتي اهو ڏڪ ٿي لڳو، اهو هنڌ يا ته صفا رتائجي ٿي ويو، يا هڪ ڊگهو ڪارو نيل ڇڏيندو ٿي ويو. گهڙي نه گذري

تہ ولو رڙيون ڪرڻ لڳو. "الاڙي، گهوڙاڙي....." پر جمعدار نہ مڙيو، وري بہ پير ڪٽڻ تڏهن ڇڏيائين جڏهن سندس ٻانهن ٿڪجي پئي، ۽ ولوءَ جا پير سڄا نيرا ڳاڙها ڪارا ٿي ويا!

"هاڻ وٺي وڃي وراندي ۾ برف تي بيهاريوس. ڪلاڪ برف تي بيهاري، وري ڪٽيوس، ۽ وري برف تي بيهاريوس، جيسين سچي نہ ڪري!" صوبيدار جي اکين ۾ رت ٻرندو ٿي ويو. جمعدار ۽ سپاهيءَ ولوءَ کي اٿاريو، ۽ ڪيس ڏکو ڏيئي، پردو هٽائي در کان ٻاهر ڪڍي ويا. جمعدار وري موٽي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

صوبيدار سگريٽ دکائي، گلوءَ ۽ انوءَ ڏانهن ڏٺو.

"اڙي ڇورا، نالا ڇا اٿوَ؟" صوبيدار پڇيو.

"سائين،منهنجو نالو گلو، ۽ هن جو اَنو آهي."

"پيءُ جو نالو؟"

گلوءَ جواب نہ ڏنو. انو چپ چاپ صوبيدار ۽ جمعدار کي گهوريندو رهيو. جيڪڏهن هن جي وس ۾ هجي ها تہ هو ٻنهي کي ڪچو کائي ڇڏي ها. هن جي اکين ۾ هاڻ ڇو ڪراٽي معصوميت بلڪل نہ رهي هئي. انهن ۾ نفرت هئي، محض نفرت!

"ڪتي جا اولاد، پيءُ جو نالو ڇا اٿوَ؟" صوبيدار رڙ ڪري چيو.

"اسان کي خبر ڪانهي!" انوءَ جواب ڏنو.

"تڏهن حرامي آهيو؟"

ٻنهي مان ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو.

"ڪٿان جا آهيو؟" جمعدار سوال ڪيو.

"اسان کي خبر ڪانهي!" وري بہ انوءَ ئي جواب ڏنو.

"ڪپڙن مان تہ ٻهراڙيءَ جا ٿا ڏسجو،" وري بہ جمعدار چيو.

گلو ۽ انو وري بہ چپ رهيا. ان چپ تي صوبيدار کي ڪاوڙ اچي ويئي. هو اٿيو. هڪ سنهون لڪڻ کڻي، هڪڙو هڪڙو ٻنهي کي ٻانهن تي وهائي ڪڍيائين. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ ڏينيو ڇهٽي وين، ۽ ٻنهي جي وات مان سيسرات نڪري ويا.

"حرامي پيٽيان، جواب سولو نہ ڏنو اٿو تہ ڪَلَ لاهي ڇڏيندوسانوَ!"

"سائين، هن کي تہ گهرام شيديءَ جي حوالي ڪريو. اهو دعائون بہ ڪندو ۽ سچيون بہ ڪرائيندن،" جمعدار ڪلي چيو.

"گهرام جانچ تي ويو آهي. اچي تہ انهن جي حوالي ٿا ڪريون،" صوبيدار چيو.

"اڙي ڇورا، ڪڏهن کان چوريون ڪرڻ شروع ڪيون اٿو؟"

"سائين، اسان ڪڏهن بہ چوري نہ ڪئي آهي!" گلو روئندي چيو.

انوءَ گلوءَ جي روئڻ تي ڪيس اهڙو گهوري ڏنو، جو هو چپ ٿي ويو.

"استاد شيروءَ جي چوري اوهان مان ڪنهن ڪئي؟"

"ڪنهن بہ چوري نہ ڪئي. استاد رات دارون پي ڏاڪڻ تان لٿو ٿي، تہ ڪري پيو، ۽ ٽنگ ڀڄي پيس!" انوءَ چيو.

"ڏاڪڻ رکيل هئي تہ پوءِ ڪيئن ڪريو؟"

"ڏاڪڻ ڪسڪي ويئي، ۽ استاد جو پير ٽڙي ويو ." انوءَ گنڀيرتا سان چيو.

"تو ڏاڪڻ ڇو ڪسڪائي؟"

"مون ڏاڪڻ کي هٿ بہ نہ لاتو هو!"

هن جو اهو چوڻ ۽ هڪ ٻيو لڪڻ چيلهه کان ٿورو هيٺ اچي رسيس، ۽ پوءِ تہ وسڪارو ٿي ويس. انو رڳو ٽنگون هيٺ مٿي ڪري پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هن کي اوچتو الائجي ڇا ٿي ويو هو، جو هن ڪابہ رڙ يا آهہ نہ ٿي ڪئي، نہ ئي هن کي روئڻ آيو؛ فقط هن جي نفرت تيز ٿيندي ٿي ويئي.

ايتري ۾ دروازي تي ڪڙڪو ٿيو. صوبيدار وڏي در لاٿو، ۽ رڙ ڪيائين، "ڪير آهي؟"

دروازي مان ڪاري برقعي سان هڪ زنانان اندر لنگهي آئي. اندر اچي هن برقعو مٿي ڪنيو. زنانان چڱي ڀريل بُت جي هئي، پر منهن ننڍو هوس. سندس چپن تي سرخي لڳي هئي، ۽ ڪنن ۾ وڏا ايرينگ پيل هئس. ٻانهن ۾ ٿلهيون سونيون چوڙيون، ۽ ڪنگڻ چڙهيا پيا هئس.

"واهہ سائين واهہ، ڏينهن هڪڙو دير ٿي ويئي تہ اوهان ڇوڪري کي جهلي ويا. هيترو پنهنجو رستو، پر هڪ ڏينهن بہ نہ ترسيا! آءٌ پشاور ويئي هيس. ڪالهہ تار مليم تہ اڄ ريل مان لهندي سڌي هيڏانهن آئي آهيان. هي اوهان جو هفتو....." ائين چئي ان عورت سوجا ويهارو ڪن نوٽ ڪٽي ميز تي رکيا.

"جمعدار هن چورن کي وري وڃي بند ڪر، تہ پوءِ گهرايون ٿا!"

جمعدار ٻنهي کي ولي وري اچي لاڪب ۾ هنيو. انو ۽ گلو عين ساڳئي وقت "هفتي" جو مطلب سمجهي ويا هئا. هن سوچيو تہ ڪاش ولوءَ وٽ بہ ڪجھ پئسا هجن ها تہ هو انهيءَ خدائي قهر ۽ جبر کان بچي وڃي ها.

نوجوان هن کي ڏسي مرڪي ڏنو، ۽ چيائين: "ڪريو خبر؟"

انوءَ بنان ڪنهن سوچ سمجھ جي ٻانهن جو پلاند مٿي ڪيو تہ هڪ ڊگهو نيل ظاهر ٿي پيو، ۽ پوءِ هڪڙي ٽنگ جو پانچو مٿي کنيائين تہ اتي بہ ڪيترا نيل ظاهر ٿي پيا، جن مان ڪيترا رتائجي آيا هئا. نوجوان ڏٺو تہ هن جي اکين ۾ لڙڪن يا روڄ جو ڪو منظر نہ هو. انهن اکين ۾ فقط نفرت جا نيرا ڳاڙها ڏورا ظاهر ٿيندا ٿي ويا؛ ڇڻ تہ هن کي لڪڻ ٽنگن ۽ ٻانهن جي بدران اکين ۾ لڳا هئا، ۽ هر وار نفرت جي هڪ ريکا وڌائي ٿي ڇڏي. نوجوان انهن نظرن کان گهبرائجي ويو. هن سوچيو تہ انوءَ جي عمر تہ ننڍي آهي، پر سندس اکيون تہ ڪيتري نہ وڏي عمر جون ٿيون لڳن!

"منهنجا تہ واهرو وريا آهن، سو پنهنجي موڪلائي. پر آءٌ وري ويندس، ۽ اوهان کي هتان ڪڍائينس. ملاءِ هٿ!" انوءَ وري بہ هٿ سندس هٿ ۾ ڏنو.

گهڙيءَ کان پوءِ جمعدار موٽي آيو، ۽ تالو کولي نوجوان کي ٻاهر اچڻ جو اشارو ڪيائين. نوجوان ويندي ويندي انوءَ جي پٺن تي هلڪي ٿپ هڻي چيو: "يار زنده تہ ڪچهريون قائم!"

انوءَ کي ان نوجوان سان ريس جي جذبي سان گڏ هڪ اڻ لکي اُڪير جاڳي آئي. پر هو چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو رهيو.

ٻہ ڪلاڪ کن گذري ويا. ان کان پوءِ وري لاڪب جو دروازو کليو، ۽ هڪ سپاهيءَ جي سهاري تي ولو اندر داخل ٿيو. اندر اچڻ سان ئي سپاهيءَ ولوءَ کي ڏکو ڏنو، ۽ ولو وڃي ٻوٽ ۾ ڪريو.

انوءَ اٿي ڪيس سڌو ڪيو. سندس ٻوٽ سڄو رت ٿيو پيو هو. ٻيو شهپر بہ پاڙون پٽي ڇڏيو هئائونس ۽ اتي ڳاڙهو رت جمي ڪارو ٿي ويو هو. ٻئي ڪَنَ بہ سڄي پيا هئس. سندس پير سڄي دڙو ٿي پيا هئا، ۽ هنڌ هنڌ کان چيرجي پيا هئا. اتي بہ رت وهي ڪارو ٿي جمي ويو هو. پوڙهي مولويءَ هڪ پيرو ولوءَ ڏانهن ڏنو، ۽ ڪا آيت پڙهي وري منهن مونن ۾ هٿ ويهي رهيو. ولو ٽنگون بلڪل

سڏيون ڪري سمهي پيو. انوءَ کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته ولو جي جسم جي سڄي پيڙا هن جي جسم ۾ گهڙندي سمائجندي ٿي ويئي ۽ هن کي پنهنجي ڏکندڙ جسم جي هر ڏک ۾ پهريون پيرو سور ٿيڻ لڳو هو. انسان سان انسان اهڙي حالت ۾ ڪري سگهي ٿو، اهو پهريون تجربو هن اڪئين ڏٺو هو.

گلوءَ کي وري بک لڳي هئي. انوءَ کان بک بلڪل موڪلائي ويئي هئي. گلوءَ جڏهن بک جو نالو کنيو تڏهن انوءَ کي جڻ ته گهٽي کائڻ جي ڪري هڪ ڪتي ۽ ڪوڙي اوڳرائي آئي. پر گلوءَ جي ڪري، هن سامهون بيٺل پوليس واري کي سڏ ڪيو، ۽ ڪيس پنجين جو نوٽ ڏيئي، ٻن چٽن جي ماني آڻڻ لاءِ چيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ چار مانيون ۽ ٻه پليٽون ٻوڙ جون سپاهي سيخن مان ٽپائي هن کي ڏنيون.

"چاچا ولو، اٿي ٻه گرهه کاءُ!" انوءَ کي ولوءَ کي چاچا چوندي، پنهنجو سڳو چاچو ياد اچي ويو، جو ڪيس مينهن جي ڪير جا گوها هٿندو هو ۽ هن کي ولوءَ لاءِ اوتروئي پيار اوتجي آيو هو. ولوءَ رڳو ڪنڌ سان نهڪر ڪئي. پر انو وٽس رڙهي آيو.

"چاچا، توسان جيڪي ٿيو آهي، ۽ متان ايان ڪجهه ٿئي، ان لاءِ ٻه گرهه وجهي وات ته سڄو ڪر!" هن ۾ هڪدم وڏن واري گفتگوءَ جو انداز اچي ويو. ولوءَ جي تجربي هن کي ڏينهنڪ وڏو ڪري ڇڏيو هو. انوءَ ٽيڪ ڏيئي هن کي اٿاري وهاريو، ۽ پنهنجي هٿ سان گراهه پيچي سندس وات ۾ وڌائين: ولو پنهنجو وات ٻه پورو نه ٿي کولي سگهيو. سندس مٿيون چپ سڄندو ٿي ويو، ۽ هن کي کائڻ ۾ سخت تڪليف ٿي ٿي. پر هن کي ٻن ڏينهن کان بک ڏني هئائون، سو بک کان کائيندو رهيو. گلوءَ وري مولوي کي صلاح هنئين. پر مولويءَ ٻه نهڪر ڪئي، ۽ چيائين: "منهنجي ماني گهران ايندي!"

"هن کي پنهنجو گهر آهي،" انوءَ سوچيو. "ڪيڏو نه ياڳ وارو آهي هي!" هن کي ياڳ وارن سان جڻ ته هڪ اڻ لکي چڙ ٿي پئي هئي. هي ڇو ياڳ وارو آهي، ۽ اسين ڇو ترڙ نياڳا؟ هن جو ڌيان وري ٻه ولوءَ ڏانهن هليو ويو. هن جوانمرد ۾ سهڻ جي ڪيتري نه قوت آهي. شايد سهڻ جي ان قوت ئي هن ۾ پنهنجي ڏکن سهڻ جي همت پيدا ڪئي هئي. هن هن سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو. پر سندس وات جي سوڄ جي خيال کان چپ ٿي ويو. پر هو ايان ان حيرانيءَ ۾ هو ته ايتري مار

ڪٽ ڪان پوءِ بہ هن سچي نہ ڪئي، سوچو؟ اوچتو هن جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿيو تہ متان ولو سچو هجي، ۽ هن کي ڪنهن ڪوڙي ڪيس جي شڪ ۾ جهلايو آهي؟ پر جيڪڏهن هي ڪٽي سچو بہ هجي، پر مار ڪان بچڻ لاءِ ڪٽي ڪن ماڻهن جا نالا ڪٽي ها؛ ڪم از ڪم مار ڪان تہ ڇٽي پوي ها! هن کي خود بہ اها ڳالهہ بري لڳي. پاڻ مار ڪان بچي، ٻين کي ساڳي مار ڪارائڻ بہ شايد هن گناهہ سمجهيو هوندو. اهو شڪ هن کي پريشان ڪندو رهيو، ۽ جڏهن پاڻيءَ جو گلاس پي، ولو وري ليٽڻ تي هو، تڏهن انوءَ ڪان رهيو نہ ٿيو. پڇي ويٺس: "چاچا، ڪوڙي ڪيس ۾ جهليو آهين ڪيئن؟"

ولوءَ رڳو ڪنڌ سان هاڪار ڪئي ۽ انوءَ جي دل ۾ ڪا شي مري ويئي ــ شايد هميشہ لاءِ! ان کي قانون جو ڊپ ڇئجي، يا اشرافت، قانون جو احترام ڇئجي، يا انسانيت! اوچتو هن کي اهو شڪ جاڳيو تہ ولو مري رهيوآهي. هن جي ساهہ ڪٽڻ جي رفتار، هن جو ليچڻ ڦٽڪڻ ڏسي هن ڪان رهيو نہ ٿيو، ۽ هن سپاهيءَ کي سڏي چيو: "هي همراهہ پوين پساهن ۾ آهي، هن جو ڪو بلو ڪريو، نہ تہ هي مري ويندو!" هن کي پنهنجي پاڻ تي حيرت هئي تہ هن جي آواز ۾ همدردي يا عرض ڪرڻ بدران هڪ عجيب مغروري ۽ رعب تاب اچي ويو هو.

سپاهيءَ ليئو پاتو ۽ ڏنائين تہ واقعي ولوءَ جي حالت خراب هئي. هو اتان هٽي، صوبيدار جي ڪمري ڏانهن هليو ويو. صوبيدار جمعدار ۽ ٻن سپاهين سان گڏ اچي لاڪب جي ٻاهران بيٺو. انوءَ ڏٺو تہ خود صوبيدار ۽ جمعدار جي منهن تي هڪ پريشاني ۽ ڊپ جا آثار پيدا ٿي ويا.

"اڑي ڪولي ڪيوس ٻاهر رَنَ....ڪي؛ مرڳو مري نہ وڃي، ۽ پئون نہ آزار ۾!"

ٻہ سپاهي وڌيا، ۽ تالو ڪولي، هن کي ڪٽي ٻاهر نڪتا. "اڑي، ڇورا، گاڏيءَ کي سڏ ڪر!"

انوءَ موٽر جي انجڻ جو آواز ٻڌو، ۽ پوءِ وري خاموشي ڇانئجي ويئي.

"يرَ پيٽسان، الائجي ويچاري کي ڪيڏانهن وٺي ويا،" گلوءَ اباڻڪائي مان چيو.

"ڪٽي ويا هوندس ڪنهن ڊاڪٽر ڏي. ڪجهہ علاج ڪرائيندس. جيڪڏهن مري پوي تہ صوبيدار ٽيپ ڪائي وڃي. قانون ۾ ڏوهين کي مارڻ جي منع ٿيل آهي...." مولويءَ پهريون دفعو هنن سان سنئين منهن ڳالهايو هو.

"تڏهن تہ مون کي نہ ٿا مارين، جو آءٌ شهري ماڻهو آهيان! منهنجي پويان منهنجا پٽ صوبيدار تي ڪيس ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪن، جيڪڏهن رڳو آءٌ ڪين اهو چوان تہ مون کي مار ڪڍي اڇن!" مولويءَ فخر مان چيو.

"ڏوهارين کي مارڻ قانون ۾ منع آهي....." اهي لفظ بہ انوءَ جي ذهن تي چٽجي ويا. منع هوندي جي پوليس هيترو ٿي ماري ۽ سو بہ شهرن ۾ هي حال هو تہ ٻهراڙين ۾ تہ الائي ڪهڙو حال هوندو! پنهنجي ڳوٺ ۾ تہ هن پوليس وارن کي سڄو ڏينهن وڏيري جي اوطاق تي پينگ جي ڏنڊي ڪوندي اڳيان ڏٺو هو، ۽ وڏيرو جنهن سان ڪاوڙبو هو، سو يا تہ ڍڳن جي چوريءَ ۾ پڪجي ويندو هو، يا مار ڪائي پڳ لهرائي موٽندو هو. هت شهر ۾ بہ وڏيري جهڙا ڪي هوندا جيڪي پوليس کي پيا پالين؛ ڪي هفتي جي صورت ۾، ۽ ڪي ٻين تي ڪوڙا ڪيس ڪرائي پيا پوليس جا هفتا وڌائين!

رات پئجي ويئي. ٽاٽي اندر بجليءَ جون بتيون ٻه ٻه ٻرڻ لڳيون. پر لاڪب اندر ڪابہ بتي نہ هئي. هو سيخن مان ٻاهر جو سمورو نظارو ڏسي ٿي سگهيا، پر هنن کي ڪير چڱيءَ طرح ڏسي نہ ٿي سگهيو. هنن جي لاڪب اندر اوندهہ گاڏڙ روشن پاڇا پئجي رهيا هئا، ۽ انو انهن پاڇولن ۾ نهارڻ لڳو هو. ويٺي ويٺي الائجي هن کي ڇو اهو خيال اچي ويو تہ ماڻهن جي زندگي ٻہ انهن پاڇن جهڙي آهي، جن ۾ اوندهہ جا پٽا زياده آهن ۽ اُجالي جا گهٽ. شايد صوبيدار جمعدار ۽ ٻين جي پاڇن ۾ رڳو اُجالي جا پٽا زياده هئا، ۽ هنن لاءِ، ولوءَ لاءِ، ويندي هن پوڙهي مولويءَ لاءِ اونداها پاڇولا وڌيڪ هئا. هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو تہ ڇا ٻہ ٿي پوي، هن جي زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن ٻہ اونداهو پاڇولو نہ هوندو، چاهي ان اُجالي کي هٿ ڪرڻ لاءِ هن کي روز هڪڙو خون ڪرڻو پوي! هن جو عزم ايڏا محض سيمابي حالت ۾ هو. پر ان عزم هڪ پختي خيال جي حيثيت ضرور حاصل ڪري ورتي. انهن اونداهن اُجالن تي سوچيندي هن کي الائجي ڪيڏي مهل ننڊ اچي ويئي.

هن هڪ خواب ڏٺو، جنهن ۾ هن پاڻ کي هڪ وڏي بيابان ۾ اڪيلو ڏٺو، جتي ڪو پکي پکڻ ٻہ نظر نہ ٿي آيو. وڻ ٽڻ جو تہ ڪو نالو نشان ٻہ ڪونہ هو، ۽ پوءِ کي جاندار چڙا وڃائيندا هن ڏانهن وڌندا ٿي آيا. انهن جاندارن جو سڄو ڏڙ جانورن جو هو، ۽ سندن سرَ ماڻهن جا هئا. صوبيدار ٻہ هئا، ۽ جمعدار ٻہ هئا. انهن جانورن چئني طرفن کان هن تي حملو ڪيو، ۽ هي بي يارومددگار محض ڊپ کان هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳو، پر ڪيڏانهن ٻہ ڀڄڻ جي واٽ نہ ٿي مليس. جيڏانهن ٿي مڙيو تيڏانهن اهي ڀوتن جهڙا جانور وڌندا ٿي آيس.

هڪ پاسي کان هڪ شخص ڀڄندو ٿي آيو. هن جي دل خوشيءَ کان تپا ڏيڻ لڳي. هن سڃاتو تہ اهو گُلو هو. پر ويجهو اچڻ تي هن ڏٺو تہ گلوءَ جي جسم تي

ولوءَ جو منهن لڳل هو. هن جي هڪڙي هٿ ۾ ڪهاڙي هئي، ۽ ٻئي هٿ ۾ بونبو، جنهن سان هو ماڻهن کي قبرستان ۾ ڊيڄاريندا هئا. ولوءَ ايندي ئي ڪهاڙي هن جي هٿ ۾ ڏني، ۽ پاڻ بونبو وڃائڻ بيهي رهيو. ڪيترا جانور تہ بونبو جي آواز تي پويان پير ڪري وٺي ڀڳا، پر ڪي هن تي الر ڪري آيا، ۽ هن ڪيترن کي ان ڪهاڙيءَ سان ڪيرائي وڌو. پر صوبيدار ۽ جمعدار هن ڏانهن وڌندا آيا، ۽ هن کي اوچتو ڪو خيال آيو، ۽ هن ڪيسي ۾ هٿ وجهي سوسو جا نوٽ سندن آڏو اڇلايا. نوٽن تي نظر پوندي ئي صوبيدار ۽ جمعدار پڇ لوڏيندا هن جي پيرن ۾ ويهي رهيا! هن نفرت مان منهن ٻئي پاسي ڪري ٿڪ ڦٽي ڪئي، ۽ وڏي ولوءَ کي ڀاڪر پائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. پر ولو پوئتي هٽندو ويو. هي هن کي جهلڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لڳو، ۽ ولو پوئي هٽڻ لڳو!

اوچتو گلوءَ جو آواز هن کي ڏونڌاڙي رهيو هو. "يَرَ پيٽسان، توکي ڇا ٿيو آهي؟ اُٿي، صبح ٿي ويو!"

هو اُمالڪ اٿي ويٺو. "ڇا ٿيو؟ ڇا ڇا ولو ڪيڏانهن ويو؟"

گلوءَ چيو. "زري گهٽ گُهٽا ڏيئي منهنجو ساهه ڪڍيو هيئي. ڪو خواب لڌئي ڇا؟"

انوءَ کي ڄڻ تہ شرمندگي وٺي ويئي. "ها، خواب پئي ڏٺم! ڏاڍو عجيب خواب هو!" ائين چئي هو اٿي ويهي رهيو.

چڱوسڄ چڙهي آيو هو. هن سپاهي کي سڏ ڪيو: "پيشاب لڳو اٿم!" انوءَ چيو.

سپاهي دروازو کولي هن کي ٻاهر اڳڻ ڏانهن وٺي ويو، ۽ پيشاب خاني ڏانهن اشارو ڪري، پاڻ دَرَ وٽ بيهي رهيو. جڏهن اتان نڪتو تہ پنهنجي منهن تي ڇنڊو هٽي، قميص سان اگهندو ٻاهر نڪتو. هن جي سامهون ڪٽ تي ڪو ماڻهو ستل نظر آيو، جنهن جا ٻئي پير پٽين سان ٻڌل هئا، ۽ منهن تي بہ ڪجهہ پٽيون ٻڌل هئس. هن هڪدم سيحاتو: ستل ماڻهو ولو هو!

هو گهڙي بيهي هن کي ڏسندو رهيو. پوءِ پوليس واري جي چوڻ تي، اڳيان وڌيو. لاڪب وٽ پهتو تہ تلوار ڪٽ مڇن وارو هڪ ٻئي ڪاري ڪوٽ پيل ماڻهو سان منهان منهن گڏين.

نوجوان مرڪندي پڇيو. "ڪهڙا حال آهن!"

"مڙئي گذري ويئي،" انوءَ جواب ڏنو.

"اوهان جي لاءِ ضامن جو بندوبست ڪرڻ آيو آهيان!"

انوءَ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي؛ ته ڇا اهو سڀ سچ هو؟ نوجوان جيڪو سڄڻي وارو هٿ ڏيئي وچن ڏنو هو، سو ايترو جلد پورو ٿيڻ تي هو؟ هن کي يقين ئي نه پئي آيو ته هڪڙو انسان ڪو ٻئي انسان سان همدردي به ڪري سگهي ٿو. پر هن کي هڪ عجيب وهم اچي ورايو. ننڍي استاد به ته هن کي هوٽل واري کان ڇڏايو هو. ڪٿي هي به ننڍو استاد نه ثابت ٿئي!

ڪاري ڪوٽ وارو همراه صوبيدار واري ڪمري ڏانهن هليو ويو، ۽ نوجوان وري هڪ سپاهيءَ سان ڳالهائڻ ۾ لڳي ويو. گهڙيءَ کان پوءِ ڪاري ڪوٽ وارو همراه صوبيدار سان گڏ وڏي لاڪب تائين آيو. سپاهيءَ اشاري ملڻ تي دروازو کوليو، ۽ صوبيدار ٻنهي کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو؛ "اڙي ڇورا نڪرو ٻاهر، وري جي منهنجي ور چڙهيا آهيو ته ڪل لاهي ڇڏيندوسانوَ!"

انوءَ ۾ زندگي موٽي آئي هئي، ۽ هن ڪلندي چيو. "سائين، خدا دشمن کي به اوهان جو منهن نه ڏيکاري! پر ڀانيان ٿو ته ٻنهنجي ملاقات وري به ٿيندي، تنهن جي پڪ اٿم. پر اها ملاقات هڪ ڏوهيءَ ۽ صوبيدار جي حيثيت ۾ خدا ڪندو ته نه ٿيندي!"

گلو، انوءَ جي ايتري ڳالهائڻ ۽ جرائت ڀرئي انداز تي حيرت مان هن کي ڏسندو رهيو. نوجوان به ڪلي ڏنو.

صوبيدار به ڪلي ڏنو ۽ نوجوان ڏانهن ڏسي هن چيو. "هن ڇوري کي سنڀالي رکجو؛ متان اوهان سيني کي نه هٽائيوَ ڪاٽ ۾!"

"اوهين ڪو خيال نه ڪريو. اوهين وري جڏهن هن سان ملندا ته اوهين هن کي سڃاڻندا به ڪونه!" ائين چئي هن صوبيدار کي سلام ڪيو، ۽ ڪاري ڪوٽ واري سان گڏ، انوءَ ۽ گلوءَ کي وٺي، ٻاهر بيٺل موٽر ۾ اچي ويٺو. ڊرائيور کي چيائين؛ "هل بنگلي تي!"

بنگلي جو نالو ٻڌي، انو وري به ويچار ۾ پئجي ويو. "هي ته ڪي وڏا شاهوڪار ٿا ڏسجن. موٽر به پنهنجي اٿن، ۽ وڪيل به پنهنجا، تڏهن به هنتو صوبيدار کي ٿا پهچائين!"

ڪافي گهٽيون ملي ڪندا، هو اچي بنگلي جي دروازي تي پهتا. هڪ وڏي لوهي

دروازي اڳيان هڪ پٽاڻ ويٺو هو. هن موٽر سيڪاٽي، ۽ تي ٿونگا دروازي تي هنيا ته دروازو وڏو چيچٽ ڪري کلي پيو. اندر گهڙيا ته انوءَ ڏٺو ته دروازي جي پٺيان ۽ قداور مڙس دروازي جي ٻنهي پاسي بندوقون کڻيو بيٺا هئا. نوجوان وري ۽ ڊرائيور کي چيو: "وڪيل صاحب کي چڏي، موٽي اچ!"

انو موٽر مان لهي جاءِ جو جائزو ورتو: وچين جاءِ جي چئني پاسي عاليشن غلمن جهڙي چبر وچايل هئي ۽ ان جي ڪناري ڪناري چؤطرف گلاب، موتيا، ۽ ٻيا رنگا رنگي گل ڦٽل هئا. چبر کان اڳتي هڪ ننڍو آڳنڌ هو، جنهن جي مٿان چٽيءَ وانگر هڪ آڏي چت هئي، جنهن جي وچ وچ ۾ ڳاڙها ساوا پيلا پٿر لڳل هئا. ان آڳنڌ ۾ نيٺ جون ٿهيل ڏيڏيون ڪرسيون پيل هيون. ان نيٺ ۾ ۽ مختلف رنگ هئا: ڳاڙها، نيرا، پيلا ۽ ساوا.... هيٺ فرش اهڙين سرن جو ٻڌل هو، جو هونئن ته ڪنهن غاليچي وانگر تي لڳو، پر ڪٿي ڪٿي ائين تي معلوم ٿيو جڙ ته ڄاڻي واڻي هڪ لسي پٿر جا رنگا رنگي ٽڪرا هٿي چڏيا هنيائون، جن ۾ ڪابه هڪ ساريڪي سڌاڻ نه هئي. ان جي باوجود اکين کي ڏاڍا سٺا تي لڳا.

هڪ پاسي کان هڪ ننڍو دروازو هو، جنهن تي نوجوان ٽڪ ٽڪ ڪئي ته اندران هڪ زائنان دروازو کوليو. اها زائنان بلڪل سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس هئي، ۽ سندس منهن تي هڪ عجيب مرڪ هئي، ۽ هن چيو: هوڏانهن پينگهي واري ڪمري ۾ هليا ويجو!"

انوءَ ان ڪمري جو به جائزو ورتو: هيٺ پٽ تي هڪ اهڙو غاليچو پيل هو، جنهن ۾ هن جو سڄو پير اندر کپي ويو، ۽ ڪمري جي چئني ڪنڊن تائين وچايو پيو هو. ڪمري جي ٽن طرفن کان وهڻ جا ڪوچ پيل هئا ۽ ٿوري ٿوري فاصلي تي ننڍيون عجيب ڊول جو ٽيبلون رکيل هيون، جن تي تازن گلن سان ڀريل گلدان رکيل هئا. هڪ ڪنڊ ۾ هڪ سهڻي ڪاٺ جي پيٽي رکيل هئي، جنهن جي پر ۾ تارن ۾ اٽڪيل رڪارڊ ٽنبيا پيا هئا. هن اهڙا رڪارڊ ڳوٺ جي هوٽل ۾، توتاري واري فوني تي وڄندا ڏٺا هئا. هن سوچيو ته اهو به ڪو فونو هوندو. چت تي وڏيون خوبصورت بتيون پئي لٽڪيون، ۽ چئني ڪنڊن ۾ مختلف رنگن جي سيخن ۾ بجليءَ جا پکا لڳل هئا، جن مان فقط هڪڙو هلي رهيو هو، ۽ چئني پاسي پئي ڦريو، هڪڙي ديوار ۾ هڪ شيشي جو ڪٻٽ رکيل هئو، جنهن ۾ شيشي جا سهڻا سهڻا برتن، ۽ ڪي رانديڪا رکيل

هئا. ٻين پٽين تي وڏن وڏن فريمن ۾ ڪي تصويرون ٽنگيل هيون. ڪن تصويرن تي شيشا چڙهيل هئا، ڪن تي شيشا ڪونہ هئا. هن کي بنا شيشن تصويرون ڏاڍيون وڻيون؛ خاص ڪري هڪ تصوير تہ ڏاڍي وڻيس، جنهن ۾ هڪ هاري سرسبز ٻنين ڏانهن گاهہ جي گاڏي ڪاهي پيو وڃي، گاڏي گپ ۾ پئي اٽس، ۽ پاڻ لهي گاڏيءَ جي چاڪ کي ڪلهي جو زور ڏيئي رهيو آهي. چاڪ اڏوگابرو گپ مان نڪري آيو آهي، پر ايتري زور ڏيڻ سان هاريءَ جو سڄو بندن پگهرجي ويو آهي، ۽ سندس اکين ۾ هڪ عجيب عزم نظر ٿو اچي؛ ڇڻ تہ جيسين گاڏي گپ مان نہ نڪتي اٽس، تيسين پورهيت زور لائيندو رهندو. هن کي ولوءَ جون اکيون ياد اچي ويون. هن کي پنهنجي پيءُ جون اکيون ياد اچي ويون، جڏهن هن جي ٻنين کي ايڏا ڪلر نہ ڪاڏو هو. هن کي ڳوٺ جي انيڪ هارين جون اکيون ياد اچي ويون. ڪيتري نہ هڪجهڙائي هئي اکين ۾!

هو ڪمري ڏسڻ ۾ ايترو محو هو، جو نوجوان اچي ڪلهي تي هٿ رکيس. هو ڇڻ ڪنهن خواب مان جاڳي پيو.

نوجوان ڪيس پاڻ سان هلڻ جو اشارو ڪيو. اندر جنهن ڪمري ۾ پهتا، ان ۾ ذري گهٽ اوندهہ هئي. فقط نيري رنگ جو هڪ ننڍڙو بلب هلڪي روشني ڏيئي رهيو هو. ان ڪمري ۾ بہ هڪ ٿلهو قالين وڇايل هو، ۽ دروازي جي بلڪل سامهون پٽ ۾ هڪ وڏي آرسي ڪتل هئي، جنهن ۾ هو ٽيئي پاڻهي پاڻ کي ڏسي ٿي سگهيا. ڪمرو ايترو خوبصورتيءَ سان سجايل هو، جو انوءَ کي پنهنجي ڪپڙن ۽ جسم جي گندگيءَ جو پهريون ڀيرو احساس ٿيو، ۽ پنهنجي ڀيوت ٽيل وارن ڏانهن هن جو هٿ بنا ڪنهن ارادي کڄي ويو. سڀ کان حيرت جهڙي ڳالهہ جا هن کي لڳي سا هئي، هن جو قد؛ هو تقريبا ان نوجوان جي قد جو هو، فقط جسم هن کان سنهو هوس. هن هميشہ پاڻ کي ننڍو ڀانيو هو، پر ان آرسيءَ ۾ تہ هو قداور مڙس ٿي لڳو. رڳو سندس جسم ۾ ڪجهہ ڪمي هئي. آرسيءَ جي اڳيان هڪ وڏي منجي پئي هئي، جنهن جا پايا هالن جي جنڊيءَ جا هئا. آرسيءَ جي بلڪل هيٺان هڪ پيتيءَ جهڙو شيشي جو ڪٻٽ هو، جنهن ۾ ڪيتريون شيشيون، ڦٽوتا ۽ برش نهايت صفائي ۽ سليقي سان رکيل هئا. ڪمري ۾هڪ پاسي پراڻن هالن جو ٺهيل وڏو پينگهو پيل هو، جنهن ۾ ريشمي وهاڻن تي ٽيڪ ڏيو، اها ساڳي عورت اڌ ليٽي پئي هئي، جنهن کي ٿاڻي تي ڏٺو هئائين.

سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ ٻي عورت هن جي ٽنگن کي زور ڏيئي رهي هئي. ڪيس زريءَ جي پرت جو چولو پيل هو، ۽ ريشمي سفيد شلوار. پينگهي جي سامهون هڪ وڏي ڪٽ تي هڪ نهايت پر تڪلف بسترو وڇايو پيو هو، ۽ ائين ٿي معلوم ٿيو ته گهڙي اڳ ان بستري تان ڪو اُٿيو آهي. ڪٽ خاٽوٽ جي ست-رنگي جنڊيءَ جو نمونو هئي. انو ايا ڪٽ جي پاين جي جنڊي جو ڪم ڏسي رهيو هو ته هن کي چپٽيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو سڄو دهلجي ويو. چپٽي وڃڻ سان اڇن ڪپڙن واري مائي، اٿي هلي ويئي، ۽ اها عورت وهاڻن تان اٿي ويٺي، ۽ سندس پير پينگهي کان هيٺ لٽڪي قالين تي جمي ويا.

"هي آهن اهي ڇوڪرا؟" هن نهايت مٺي آواز ۾ پڇيو. هن جنهن نموني سان سنڌي ڳالهائي، ان مان الائي ڇو هن کي خيال آيو ته اها هن جي پنهنجي ٻولي ڪانه هئي.

"جي، ها!" نوجوان مختصر جواب ڏنو.

"تنهنجو نالو ڇا آهي ؟" "هن هيڪاري وڏيڪ ميٺاڻ مان انور کي چيو. انور کي سندس ماءُ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ايتري ميٺاڻ مان نه سڏيو هو. هن جي دل ۾ سڏڪو ڀرجي آيو، جنهن کي روڪيندي هن هيڪندي چيو. "انو..... انور!"

"نالو ڏاڍو سٺو آهي!" ان عورت چيو، ۽ انوءَ کي هن جي لاءِ هڪ عجيب محبت جاڳي آئي؛ هي پهريون انسان هو، جنهن هن جي نالي جي تعريف ڪئي هئي. ان ڪري ضرور هوءَ سٺي عورت هوندي. هن سان جيڪو محبت ۽ همدرديءَ سان پيش اچي، اهو هن لاءِ ڄڻ ته محبت ۽ پيار جو هڪ بت بنجي ٿي ويو، ۽ ان جي برعڪس جنهن هن سان دوکو يا سختي ٿي ڪئي، ان لاءِ هن کي پاڻهي پاڻ نفرت ٿي ٿي وئي. پر سندس محبت هڪ امتحان هيٺ اچي وئي.

"پيءُ جو نالو ڇا اٿئي؟ ڪٿي جو ويٺل آهين ؟"

اهو سوال نه هو ڄڻ ته هڪ چماٽ هئي. هن جو منهن سڄو ڪاراٽجي ويو، ۽ هن ڄڻ ته ڏڪندي چيو: "آءٌ ٻهراڙيءَ جو ويٺل آهيان، پر ڳوٺ ۽ پيءُ جو نالو نه ٻڌائيندس!"

هن کي پڪ هئي ته ان عورت ۽ نوجوان جو اعتماد ان جواب تي ختم ٿي ويندو. پر عورت ڪلندي چيو: "ٺيڪ آهي. نه ٻڌائڻ چاهين ته نه ٻڌاءِ، توکي هت ڪير

بہ زور نہ پريندو. اڄ کان تون هن گهر جو پاتي آهين. جيڪي ٻين کي ملندو، سو توکي بہ ملندو. فقط هڪ وعدوآءٌ توکان گهري ٿي وٺان. جي زبان ڏين تہ چوانءِ؟"

"چئو." انور جي دل ۾ وري اعتماد موٽي آيو.

"تہ ٻڌ، جيڪي هن گهر ۾ ٿئي، ان لاءِ تون ڪوبہ سوال نہ پڇندين. جيسين توکان ڪا ڳالهہ پڇي نہ وڃي، انهيءَ بابت خاموش رهندين. هن گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي، ڪنهن سان بہ اها ٻڙڪ نہ ڪيندين تہ تون رهين ڪٿي ٿو. هن جاءِ جو ڏس ڪنهن کي بہ نہ ڏيندين. توسان گڏ ڪير ٿو رهي، ان جو جواب بہ صحيح نہ ڏيندين، ڪڏهن ائين بہ ٿيندو تہ تون پوليس ۾ جهلجي پوين. پوليس توکي ڪُهي ڇڏي تہ بہ تنهنجو اهڙوئي جواب هوندو.... ماٺ ۽ خاموشي؛ ايتريقدر جو پنهنجو نالو بہ نہ ٻڌائيندين! سمجهيئي؟"

"جي ها، اهو وچن آهي!" هن ٿورو فخر سان چيو.

"جڏهن بہ تنهنجي دل هتان ڪٽي ٿئي، تڏهن مونکي ٻڌائي وڃي سگهين ٿو. پر هتان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪنهن بہ ساٿيءَ سان ملڻ جي ڪوشش نہ ڪج، ۽ نہ ڪا هن گهر بابت ڪا ڳالهہ ڪيندين. جيڪڏهن ڪيئي تہ...."

ائين چئي هن پنهنجي وهاٽي هيٺان هڪ ننڍڙو پستول ڪڍيو، "تہ پوءِ آءٌ پاڻ يا ٻيو ڪو هن گهر جو ماڻهو، توکي ڳولي ۽ سان تنهنجو ميڃالو ڪڍي ڇڏيندو!" اهي لفظ هن اهڙي ٺڌائيءَ ۽ سازشي انداز ۾ چيا، جو انوعَ جي دل کي لوڏو اچي ويو. هن کي ان ۾ ڪو شڪ نہ هو، تہ هوءَ جيڪي ڪجهہ چئي رهي هئي، سو ڪري بہ ڏيکاريندي. ان عورت وري چيو: "اسين رهزن ۽ بدمعاش آهيون؛ پر اسان جا پنهنجا قاعدا آهن، ۽ انهن تي اسين عمل ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهون. ان بدمعاشيءَ لاءِ ڪڏهن اسان کي خون بہ ڪرڻا ٿا پون، ۽ جيڪڏهن ايا بہ اوهان جي دل ۾ ڪو شڪ هجي، تہ هينئر ئي اوهان کي جتي اوهان جي مرضي هجي، اتي هي — منظور — ڇڏي ايندو. چئو رهندؤ يا ويندؤ؟"

"آءٌ هت رهندس"

الائي ڇو هن جي وات مان هي لفظ نڪري ويا. عورت جي منهن تي هلڪي لالاڻ اچي ويئي. ۽ هن تقريبا هيڪندي چيو: "هت سڀ مونکي "باجي" چون ٿا. ان

ڪري توهين بہ مون کي 'باجي' چوندا ڪريو. اسن جي زبان ۾ باجي معنيٰ پيڻ! سمجهيوَ! ۽ چوڪرا تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"گلو، باجي!" گلوءَ مختصر جواب ڏنو.

"تو بہ سڀ ڳالهيون ٻڌيون، توکي قبول آهن؟"

"باجي، جتي انو اتي آءٌ جيڪا ڳاله هن کي قبول سا مونکي اڳي ئي قبول!"

باجي مرڪڻ لڳي، ۽ پوءِ هن نوجوان ڏانهن ڏسي چيو. "هنن کي ويجي ڪپڙا لتا وٺي ڏي، ۽ پوءِ مون وٽ اچ تہ هنن لاءِ ڪجهہ سوچيون. بس هاڻ ويجو!"

"جي باجي،" نوجوان منظور چيو، ۽ هي ٽيئي ٻاهر نڪري آيا.

هيءَ دنيا انوءَ ۽ گلوءَ لاءِ بلڪل نئين هئي. ٻن سالن جو عرصو ڇڻ ته هو ڪنهن خواب جي دنيا جو سير ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن ان زندگي ۾ روزانو معمول ۽ هڪسرائي (Monotony) نه هجي ها ته هو سچ پچ ان کي ڪو خواب تصور ڪن ها! جڏهن هنن پهريون ڀيرو شهري ڪپڙا، بُشرٽ ۽ پتلون پاتا، تڏهن هڪ عجيب حجاب ۽ شرم کان ڇڻ زمين ۾ گهڙندا ٿي ويا. هنن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ ته هو اگهاڙا ٿي ويا هئا، سڄي دنيا هنن کي ڏسي، پنهنجيءَ پَرِ ۾ هنن تي مرڪي رهي هئي. حجام جنهن ٻوني هنن جا وار لاتا، سو به هڪ عجيب تماشو هو. وار لاهي، انوءَ کي هن هڪ خاص پاسي کان سينڌ ڪڍڻ سيکاري. جڏهن حجام انوءَ کي سينڌ ڪڍي تڏهن، خود حجام حيران ٿي، چئني طرفن کان هن ڏانهن ڏسي چيو هو: "مڙس ته شهزادو آهين، هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟" تڏهن هن هڪ وڏي آئيني ۾ پاڻ کي ڪيترا ڀيرا آڏي ابتي انداز ۾ ڏٺو، ۽ خود پنهنجي پاڻ کي وٺڻ لڳو. پر هن جي اها نرگسيت هن ۾ ان وقت پيدا ٿي جڏهن هن جي زندگي، پويان هڪ بدصورت ماضي ڇڏي آئي هئي، ان ڪري ان جو ڪوبه برو اثر هن جي ذهن ۾ پيدا نه ٿيو. هن جي اها نرگسيت محض عام خوبصورتيءَ جي ڄاڻ جو احساس هو ۽ نه خود پرستيءَ جو. پر گلوءَ جي سلسلي ۾ هن ۾ هڪ برتريءَ جو احساس پيدا ٿيندو ٿي ويو. گُلو به هر ڳالهه ۾ هن جو نقل ڪرڻ لڳو هو. هاڻ هو گلوءَ سان مشورو ڪرڻ بدران هن کي تنبيه ڪندو هو، ۽ مٿس حڪم هلائيندو هو، ۽ گلوءَ جي ڇڻ طبيعت ۾ فرمانبرداريءَ جو اهو جيوڙو وڌندو، جوان ٿيندو ٿي ويو.

صبح جو اٺڻ وقت گُلو هن جا ڪپڙا چڍي، گنجي ۽ سفيد بوٽ ڪڍي، پوءِ پاڻ وڃي تيار ٿيندو هو. ٻنهي کي ڀر ۾ ڪمرا مليل هئا، جنهن ڪري ننڍو ٿلهو ڪم گلو هن لاءِ ڪندوئي رهندو هو. ڪمري ۾ سامان مختصر هو: هنڌ،

هڪ ڪٽ جنهن ۾ هن جا ڪپڙا ۽ بوٽ وغيره رکيا هوندا هئا. هڪ ننڍي ٽيبل ۽ هڪ ڪرسي، ميز جي هيٺئين اسٽينڊ ۾ ڪي رسالا پيا هوندا هئا، جن ۾ گهڻو ڪري جسم بٽائڻ، ڪشتي، يا جپاني ڪراٽي ۽ "جي ججٽسو" جون مختلف تصويرون هونديون هيون. ڪمري سان گڏ وهنجڻ خانو هو. پهريون پيرو ڦوهاري هيٺ وهنجڻ سان انوءَ کي سڄي بدن ۾ ڪتڪائي محسوس ٿيڻ لڳي هئي، ۽ هن ڪڏهن به پاڻ کي ايترو هلڪو محسوس نه ڪيو هو.

صبح ساڻ آڪاڙي جو استاد هن جي دروازي کي ٽي پيرا ڪڙڪائي هليو ويندو هو. اهي ٽي ڪڙڪا هن کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي هئا. هڪدم چڍي، ۽ گنجي پائي، رٻڙ جو بوٽ پائي اچي آڪاڙي ۾ بيهندا هئا. هن کان سواءِ منظور، علي، بادشاه، اويس ۽ سلطان به آڪاڙي ۾ اچي ڪسرت ڪندا هئا. انوءَ کي اويس جو بدن ڏاڍو وٽندو هو. پورو پنو پر مضبوط جسم، جنهن جا ڏورا ائين پيا ڏڪندا هئا، جيئن ڪا پاڻيءَ کان ٻاهر مڇي! هڪ پيري ته هن پنهنجو سينو سيٽي، پنهنجي پيٽ کي اهڙيءَ طرح ٽي ڦيرايو، جڻ ته پيٽ جو اندريون حصو پورو گول ڦري رهيو هو. ڪنهن وقت هو پيٽ کي سيٽي، للڪاريندو هو ته هن کي پيٽ تي ڪو مُڪَ هڻي. سڀ آزمائيندا هئا، پر هن کي ڪجهه به نه ٿيندو هو، ۽ هڪ پيرو جڏهن انوءَ مڪ هنئين تڏهن خود ڪيس هٽ ڏڪندو محسوس ٿيو، جڻ ته هن جي پيٽ جو تنتون رڪ جون ٽهيل هيون.

آڪاڙي جو استاد روزانو ٻه ڪلاڪ هن کي مختلف ڪسرتون ڪرائيندو هو. هٽ ــ جڙي، وَٽُ، مٽي ۾ بيهڻ، پيٽ ساڻ رڙهڻ، پٺ ساڻ رڙهڻ، ٽنگن ٻانهن ٻڌڻ کان پوءِ رڙهڻ، پويان ٻڌل ٻانهون بدن جي زور سان ڇوڙڻ، ملهه ۽ ڪشتيءَ جا مختلف داوَ، نوڙيءَ تان ٽپا ڏيڻ، وڏي ٻرانگهه ڀرڻ وغيره. پهريان ست اٺ ڏينهن ته هن جو بدن بنه چڙهي پيو ۽ آگر چورينڊي به سور ٿيندو هون.

ڪسرت کان پوءِ وهنجي سهنجي تيار ٿيندا هئا ته هڪ سفيد ڪپڙن واري عورت هن لاءِ ناشتو کڻي ايندي هئي. هن جو ناشتو هن لاءِ جڻ ته زندگيءَ جي بهترين غذا هئي: ٻه بيضا، ڪجهه بادام ۽ کير جو وڏو گلاس. ايا ناشتو مس ڪندا هئا ته هڪ پيرمرد عينڪ سان هن جي ڪمري ۾ اچي هن کي پڙهائيندو هو. مسلسل ٽي ڪلاڪ پيرمرد هن تي محنت ڪندو هو، ۽ هن کي حساب، انگريزي ۽ ٿوري سائنسي معلومات ڏيئي هليو ويندو هو. پير مرد جي پڙهائڻ جو

ڍنگ بہ عجيب هو؛ هو هنن سان ڄڻ تہ چرچا گهڻا پيو ڪندو هو، ۽ توڪن ۾ ائين چوندو ويندو هو تہ دل لائي نہ پڙهندا تہ اڳتي هلي نہ سگهندا، ۽ باجي اوهان کي پاڻ وٽ نہ رهائيندي. اها ڳالهہ اهڙي هئي جو جيتوڻيڪ چرچي ۾ چئي ويندي هئي، پر انوءَ کي ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ تہ هن کان ڪو دنيا ڦرڻ وارو هو، ۽ هو ڏنل ڪم تہ ياد ڪندو هو، پر ان کان بہ اڳتي ڪم ڪرڻ لڳندو هو. گُلوءَ جي پڙهڻ جو حال ڪونہ هو. هو البتہ سائنسي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺندو هو، ۽ بجليءَ متعلق پير مرد کان وَرَ وَرَ ڪري پيو سوال ڪندو هو.

هڪ ڏينهن صبح جو آڪاڙي ۾ آيا تہ هنن کي بادشاهہ نظر نہ آيو. هن کي بادشاهہ ان ڪري سڏيندا هئا، جو هو بدن ۾ سيني ۾ ٿلهو هوندو هو. ٻين جا منهن بہ لٽل هئا. انو منظور کان پڇي ويٺو: "منظور، بادشاهہ ڪونہ ٿو ڏسجي؟"

"بادشاهہ هڪ جهيڙي ۾ زخمي ٿي پيو آهي. بچڻ جي اميد ڪونہ اٿس!"

"ڪيئن ٿيو جهيڙو؟" هن جي تجسس کان سڀ واقف هئا.

"هڪڙي ڪم پٺيان ويا هئاسين. دشمن انداز ۾ گهٽو هو. ۽ بادشاهہ زوراوري ڪري مٿن ڪاهي ويو. ڪيس ڇرن چاقن سان هٿي ڌاهي رکيائون. مشڪل سان ڪيس ڪٽي ڀڳاسون!"

"ڀڳاسون" لفظ تي انوءَ محسوس ڪيو تہ منظور جي آواز ۾ شرمندگي هئي. ڪجهہ وقت خاموشي ٿي ويئي، ۽ پوءِ سڀ کو پنهنجي ڪسرت کي لڳي ويو. انو ڪجهہ وقت تہ ماٺ ميٺ ۾ ڊمبيل هلائيندو رهيو. پوءِ ڊمبيل ڇڏي آڪاڙي جي استاد ڏانهن هليو ويو.

"استاد، هڪ ڳالهہ ميجندا؟"

"چئو!"

"مون کي ڇريبازي ۽ ان جي بچاوَ جا داوَ سيکاريو!"

"تون ايڏا ننڍو آهين!"

انوءَ کي جيڪڏهن استاد ٿڦڙ هٽي ها تہ هن کي ڏکيو نہ لڳي ها. پر ان طعني هن جي دل کي لوڏي وڌو. پر هو ڪجهہ چئي نہ سگهيو، ۽ وري ڊمبيل ڦيرائڻ لڳو. پر ڪاوڙ کان ڊمبيل ايترا تہ تڪڙا ڦيرائڻ لڳو، جو استاد وڏي وٽس آيو.

"ڪاوڙ لڳي ويئي؟"

"نہ استاد، رڳو ٿورو ڏک ٿيو اٿم تہ ايڏا الائي ڪڏهن وڏو ٿيندس!"

"چريا، اچ تہ ڀلا ڪجھ سيڪاريانءِ!" استاد مهربان ٿيندي چيو.

ان کان پوءِ مهينو ڪن هو ڇري هٽڻ جا مختلف داوَ ۽ بچاءَ جا مختلف داوَ سکندو رهيو. استاد هن جي سکڻ تي خود حيران هو؛ هن مهيني ۾ اهي سڀ مرحلا طئي ڪري ورتا جيڪي سکڻ لاءِ ٻيا ڇھ ڇھ مهينا وٺندا هئا. هن چئي ڏنو:

"اويس جهڙو بدن هجي، ۽ تنهنجو وار تہ ڳالھ ئي اور ٿي ويجي!" استاد جي ان چوڻ تي، انوءَ کي هڪ بي سبب خوشي ٿي. شايد هن سہ چيو تہ "هاڻ اويس جو وارو آهي!"

هڪ ڏينهن اويس تائين بہ ويجي پهتو." "اويس ڀائو، اهي پيٽ ۽ ٻانهن جا ڏورا تو ڪيئن تاتيا آهن.... ڀلائي ڪري مون کي بہ سيکار!"

اويس بہ هن کي انڪار نہ ڪيو، ۽ هن کي ڏنڊ ڪڍائڻ، ڳرا ڊمبيل کڻائڻ، ساهہ روڪڻ، ڇاتيءَ کي اورتي پوئتي ڪرڻ جون جيڪي بہ ڪسرتون هيون، تن سيني ۾ هن کي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجھ عرصي کان پوءِ هن گلوءَ کي للڪاريو تہ هو ڪيس پيٽ تي مڪ هڻي. جڏهن گلوءَ مڪ هنيس تہ هن کي ڪجھ نہ ٿيو. هڪڙي ڏينهن اوچتو هن اويس کي چئي ڏنو: "اويس، تون بہ تہ آزمودو ڪر!"

اويس هن جي عمر ڏانهن ڏسندي چيو: "بابا، استادن سان مقابلو نہ ڪبو آهي. تون منهنجو شاگرد آهين. آءٌ نہ هٽندس."

اتان نا اميد ٿي هن منظور کي منٿ ڪئي. منظور بہ آنا ڪاني ڪئي تہ هن منظور کي چئي ڏنو. "تون سمجهي ٿو تہ مونکي ڏک لڳي ويندو، پر ڀانيان ٿوتہ توکي پنهنجي آڱرين ڀڃڻ جو خيال آهي!"

ان طعني تي منظور تيار ٿي ويو. انوءَ پيٽ سيٽيو، ۽ منظور هڪ زوردار مڪ ٽڪاءُ ڪرايس. ان جو فقط هڪ نتيجو نڪتو، جو انو پنهنجي جاءِ تان ٻہ ٿي فٽ پوئتي ٽڙي ويو، پر پيٽ تي ڪو اثر نہ ٿيس. هن وڏي منظور سان هٿ ملايو. "يَرَ، مون سان ڪا چالاڪي تہ ڪونہ ڪيئي؟"

منظور کي واقعي هٿ ۾ ٿورو ايذاءُ محسوس ٿيو هو، سو پنهنجي ڏوڏن کي چوسيندي، ڪلي چوڻ لڳو: "ڪجھ مهينا ترسياسون تہ تون اسان سيني کي ابتو ٽنگيندين!"

انوءَ جي دل بهار بهار ٿي ويئي. استاد بہ وڏي ڪيس شابس ڏني. هو معمول مطابق

پڙهندو، ڪسرت ڪندو رهيو. ڪافي وقت گذري ويو هو، ۽ هن کي فقط هڪڙي چنتا هئي، ته باجي اسان کان ڪو ڪم ڇو نه ٿي وٺي؟ هو روزانو ان متعلق سوچيندو رهندو هو. آخر هو ڪهڙو ڪم ڪن ٿا؟ ڪم ته ضرور ڪي خطرناڪ ٿا ڪن، جتي ڇريون ۽ چاقو هلن ٿا. چوري، ڏاڙا، خون، جوا، ۽ ٻيا جيڪي به خطرناڪ ۽ ڏوهه جا ڪم هن جي خيال ۾ اچي ٿي سگهيا، سي هن پنهنجي ذهن ۾ ورائي سرائي دهرايا. اڪثر هن خواب ۾ پاڻ کي اهڙين ڳالهين ۾ بهرو وٺندو ڏٺو هو. پر جاڳندي حالت ۾ اڪثر هو سوچيندو رهندو هو ته ڇا هو اهي سڀ ڪم ڪري سگهندو؟ سڀ کان وڏو سوال هن جي اڳيان اهو هوندو هو ته بي گناهن کي ڦري يا کين ماري سگهندو؟ اهڙن وقتن تي هن کي فقط هڪڙو جواز سجهي ايندو هو؛ ۽ اهو هو ته جيڪڏهن انهن ڪمن جو ڦل مهڙي زندگي آهي ــ خاموش، پرسڪون ۽ جا هن جي دل وٽان هئي، ته پوءِ هو انهن ڪمن کان ذرو به نه ڪيهائيندو! پر اهو جواز به هن کي پورو نه آئڙندو هو. هن کي فقط اهو ويچار هو، ته رفته رفته هن جي نفرت مائي ۽ مطمئن ٿيندي ٿي ويچي، ۽ هن جي زندگي ڪنهن معمول ۽ ڪنهن اصول جي پابند ٿيندي پئي ويچي. ان ڳالهه تي هن کي پاڻ کان نفرت ٿيندي ويندي هئي. هو بار بار ان نتيجي تي پهتو ته جيڪڏهن هن کي ڪنهن ڪم سان نه لڳايو ويو ته هن جي اندر اُيريل نفرت بيڪار ٿي ويندي! هن کي انسانن کان نفرت هئي ــ پر هڪ خاص قسم جا انسان، جن کي هو متعين به نه ٿي ڪري سگهيو. ملنگ، استاد شيرو، صوبيدار ۽ جمعدار هن جي نفرت جا مرڪز هئا، پر اهي ته بلڪل ٿورا ماڻهو هئا، جن کي هاڻ جيڪڏهن چاهي ته ڇري جي هڪ ئي وار سان ختم ڪري ڇڏي. پوءِ ڇا؟ ان "پوءِ ڇا" جو جواب هن کي سمجهه ۾ نه آيو. ڏوهه جي زندگي ڏوهاري ٿيڻ جو ازالو ته نه آهي، ۽ نه ان لاءِ ڪو پختو سبب. پوءِ هي هت ڇا پيو ڪري؟

هو ڪپڙا لتا پائي ٻاهر ٿي نڪتو ته منظور سندس ڪمري ۾ لنگهي آيو.

"انو ، اڄ ٻاهر هلڻو آهي. تنهنجي سڪيا ۾ باقي هڪ ڳالهه رهيل آهي، اها پوري ڪرڻي آهي!"

"ڪهڙي؟"

منظور پتلون جي ڪيسي مان هڪ پستول ڪڍي هن جي ميز تي رکيو. هن جي جسم ۾، پستول ڏسندي ئي هڪ عجيب لهر ڊوڙي ويئي، ۽ هو چپ چاپ منظور

سان گڏ هليو يو. شهر کان گهڻو دور، هڪ ٽڪريءَ وٽ، اچي موٽر بيهي رهي. اتي منظور هن کي بندوق ۽ پستول جو وار ڪرڻ سيکاريو، ۽ مختلف طريقي سان پستول جهلڻ، لڪائڻ يا اڇلڻ جي مشق ڪرايائين. اها مشق به ٻه ٽي مهينا هلي، ۽ انوءَ هر ميدان ۾ ٻين کان تيز ۽ نشان جو اڻ-گُس ثابت ٿيو.

هڪ ڏينهن سج لٿي مهل واپس اچي رهيا هئا ته سامهون هڪ وڏي بلڊنگ نظر آين، جنهن جي اڳيان هشام ماڻهن جا ويٽل بيٽل نظر آيا. هن منظور کان پڇيو ته اهي ماڻهو اتي ڇو ويٺا هئا؟ منظور رڳو ڪلي ڏنو، ۽ چيائين:"هي هڪ ڪچڙي جي مل آهي، جنهن جي مزدورن هڙتال ڪئي آهي."

"هڙتال ڇا ٿيندي آهي؟" انوءَ معصوميت مان پڇيو.

"مزور کي جڏهن مزوري گهٽ ملندي آهي، جنهن مان سندن گذارو نه ٿي سگهندو آهي، ته هو ڪم نه ڪندا آهن، ۽ اچي ڪارخانن اڳيان پلٽي ماري ويهي رهندا آهن. جيسين انهن ملن جا مالڪ مجبور ٿي هنن جي مزوري نه وڌائين!"

"پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟" انوءَ لاءِ هيءَ هڪ نئين ڳالهه هئي ۽ تجسس کان هو اهي سوال پڇي رهيو هو.

"چڏ يار انهن ڳالهين کي، ٻي ڪا ڳالهه ڪر!" منظور نٽائيندي چيو.

"نه نه، مون کي ضرور ٻڌاءِ ته پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟" انوءَ ان ڳالهه کي ٽارڻ نه ٿي گهريو.

"ٿيندو وري ڇا؟ جيڪي هميشه ٿيندو آهي، سوئي ٿيندو. سيٺيون پنهنجي پئسي جي زور تي ٻمه ٻڌي ويهي رهندا آهن. هنن کي اها خبر آهي ته مزور کي روزانو چار پنج رپيا ملن ٿا، سي هنن کي ٻه وقت رُکي ماني مَس ٿا مهيا ڪن، ۽ ٻئي ڏينهن جي مزوري نه ملين ته بکون ڪاٽيندا. بک انسان کي ڪڏي کان ڪڏو ڪم به ڪرائيندي آهي. ان ڪري هو ويچارا هڪ ٻه ڏينهن هڙتال ڪري، بک کان مجبور ٿي، وري وڃي مزوريءَ تي چڙهندا آهن، ۽ سيٺيون پنهنجي تجوڙين کي محفوظ رکڻ لاءِ هڙتالن جي ڪن ليڊرن ۽ سردارن کي سزا ڏيئي نوڪريءَ مان به ڪڍي ڇڏيندا آهن. مزورن جي گهر جي حالت ڇا آهي، سا خدا دشمن کي به نه ڏيکاري...! سمورا ڏوهه گناه به هنن ۾ ان بک جي ڪري پيدا ٿيندا آهن. غم غلط ڪرڻ لاءِ تاڙي يا سستو شراب پيئندا آهن. گهر ۾ داڻو نه هوندو ته چوريون ڪندا يا ڦرون ڪندا آهن. تون پاڻ سوچ ته انسان صبح

کان وٺي رات تائين پورهيو ڪن، ڪارخانن جي مشينن،ڪپهه جي پڌ ۽ پيٽ جي ڌپ ۾ سڄو ڏينهن بيهن، ۽ سڀ ڪجهه تيار ڪري سيٺ کي آڻي ڏين. سيٺ کي ته تجوڙيون رپين جون هن جي پورهئي مان ملن ۽ غريب مزور کي ٻه ٽي روپيه ملن ته هنن ۾ بغاوت نه ٿيندي ته ٻيو ڇا ٿيندي؟ پر بک وري به مجبور ڪري سندن بغاوت کي نڙيءَ تي ننهن ڏيو ڇڏي! آخر به ته انسان آهن؛ پاڻ ته بک سهي به ويڻن، پر پنهنجي زالن ۽ ابهم معصومڙن کي بک مرندو ڏسڻ ڪير سهي سگهندو؟ مزور جي ان حالت ۾ سڄي عمر گذري ٿي وڃي، پوءِ يا ته ڪنهن مشين ۾ اچي هٿ پير ڪپائي اچيو گهر ويهن، ۽ پنڻ لڳن ٿا، يا خود ڪارخانن جي ڪني هوا ۽ ڪني پاڻيءَ کان سلهه ۽ ٻين بيمارين ۾ وٺجي، رُڙي رُڙي مري ٿا وڃن!"

پهرين ته منظور ڪجهه ڳالهايو ئي نه ٿي، ۽ جڏهن ڳالهايائين تڏهن ڇڻ ته سندس وات مان باهه جون ڇيڻيون ٿي نڪتيون. انوءَ ڏٺو ته منظور جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا هئا. خود انوءَ جي دل به ڪلرائي مٿي وانگري پُري رهي هئي. پر هن پاڻ تي جبر ڪري پڇيو: "منظور ڀائو، هي لڙڪ ڇو؟"

"آءٌ به ان نانگ جو ڏنگيل آهيان. منهنجو پيءُ هڪڙي ڪارخاني جي مشين ۾ ٻئي هٿ ويڃائي ويهي رهيو. آءٌ ننڍو هوس؛ خبر اٿئي ته انهن ٻن هٿن جي قيمت سيٺ صاحب گهٽي ڏني؟" ۽ پوءِ پاڻ ئي جواب ڏنائين: "صرف هڪ هزار رپيا ۽ سوبه سيٺ صاحب جي مهرباني‌ءَ سان، جو چيائون ته غلطي بابي جي هئي! ٻن انساني هٿن جي قيمت هزار رپيا، ۽ سيٺ صاحب پاڻ هڪ رات ۾ ڪنهن شراب خاني ۾ هزارين رپيا لٽايو ڇڏي! ها، هڪ انسان جي ٻن هٿن جي قيمت هڪ هزار؛ اهي هٿ، جن ڪنهن کي پيار ڪيو هوندو، جن ڪنهن معصوم سان راند ڪئي هوندي، جن پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب لاءِ ڏاڍي هنر سان جهوپڙي بنائي هوندي، جن پنهنجي پاڻ ۾ دل جا رنگ آڻي، ڪنهن ڪپڙي کي رنگيو ۽ ڇپيو هو، ۽ انهن جي قيمت فقط هڪ هزار رپيا! جيڪي هٿ اسان جي سڄي ڪٽنب کي روزي رسائيندا هئا، هڪ ويلو سهي، سي فقط هڪ هزار ۾ وڪامي ويا!"

انوءَ ڏنو ته منظور جي اکين ۾ هاڻ ڪي به لڙڪ نه هئا، فقط نفرت هئي. هن هڪ وڏو ساهه ڪڍي چيو: "۽ اڄ منهنجا ٻه هٿ انهن سيٺين کان الائجي ڪيتري قيمت ٿا وصول ڪن، ۽ اهي هٿ انهن ڪٽيل هٿن جا خلقيل آهن، جن جي قيمت

جئري تي روپيہ روزانو هئي، ۽ مئي کان پوءِ فقط هزار رپيا! فرق اهو هو تہ روايتي طرح اهي مري ويل هٿ راضي بہ رضا هئا، ايماندار هئا، پورهيت هئا، خالق هئا، رزاق هئا، ۽ هي منهنجا هٿ بدمعاش جا هٿ آهن، جيڪي راضي بہ رضا نہ آهن، جيڪي ايمان مان نہ ڄاڻن، جيڪي پورهيو ڪري نہ ڄاڻن، جيڪي ڪنهن جا رزاق نہ آهن ـــ هي هٿ فقط ايذائيندڙ ظالم هٿ آهن، جن جي قيمت تجوڙين ۾ تُرندي رهي ٿي، ۽ ترندي رهندي!"

انوءَ کي گهٽي وقت کان پوءِ اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا. هن جي دل چاهيو تہ ڪنهن محبت ڀري گود ۾ منهن لڪائي، خوب روئي، لڙڪ ڳاڙي، دل جو آسمان صاف ڪري ڇڏي. هن دل ئي دل ۾ پنهنجي ٻيءَ کي سڀ ڪجھ معاف ڪري ڇڏيو؛ هنجي مارڻ، هن جي تاڙي پيڻ ۽ هن جي هر ڏکوئيندڙ ڳالھ کي هن معاف ڪري ڇڏيو. هن کي خود بہ خبر هئي تہ مجبوري ۽ بک ڇا نہ ٿي ڪرائي. هن کي فقط هڪ ڳالھ رکي رکي ذهن ۾ ٿي آئي تہ جيڪڏهن‌ولو ايتري مار سهڻ جي بدران صوبيدار جو پستول يا بندوق کڻي سڄي ٿاٿي کي صاف ڪري ڇڏي ها تہ اهو وڌيڪ بهتر هو، يا ائين مار کائيندو، پاڻ ايذائيندو محض پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ، تڙڦندو رهيو، سو بهتر هو! اوچتو هن کي اهو خيال ٿيو تہ شايد ولوءَ جي پوريان هن جي زال ۽ ٻار ۽ پوڙها ماءُ پيءُ هئا، جن کي هڪڙو ويلو ماني پهچائڻ لاءِ هن محض زنده رهڻ ٿي چاهيو! ماني ڳيي لاءِ ايترو مارجڻ ايجا بہ هن جي سمجھ کان ٻاهر هو.ان جو امڪان تہ هن کي وڌيڪ ٿي نظر آيو تہ جيڪڏهن هر مظلوم ظالم جا هٿ ڪپي ڇڏي تہ شايد دنيا ظالمن کان صاف ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ مظلوم ظالمن کان گهٽا آهن. بي هٿيار سهي، پر جيڪڏهن سڀ مظلوم گڏجي پون تہ سڪٽن خالي پيرن هيٺان سمورن ظالمن کي ڇيپاتي سگهيا ٿي! سڀ جيڪڏهن منظور بدران ولو ٿيندا رهندا، تہ ظالم رهندو، ۽ بک ان ظالم کي تازو توانو ڪندي رهندي! هن کي اها خبر بہ نہ رهي تہ منظور ڳالهائڻ ڪيڏي مهل بند ڪيو، ۽ گاڏي ڪيڏي مهل بنگلي ۾ داخل ٿي. هن هڪ وڏو چرڪ ڀريو، جڏهن گاڏي هڪ جهٽڪي سان بيهي رهي.

بنگلي ۾ داخل ٿي، هو سڌا باجيءَ جي ڪمري ۾ هليا ويا. باجيءَ جي ڪمري ۾ اويس ۽ سلطان بہ موجود هئا. هي ٻئي بہ سلام ڪري ويهي رهيا. باجيءَ ڪجھ ڳالهائي رهي هئي. هن جي سلام جو جواب ڏيندي خاموش ٿي ويئي، ۽

هڪ عجيب گهور سان انوءَ کي ڏسڻ لڳي. انو ان تکي گهور کان ڪيهائيندي، ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺو رهيو. ٻيو خود وڏي آئي ۽ انوءَ جي وارن کي ڇيڪولينديءَ، چيائين: "تون ته هاڻ قداور جوان ٿي ويو آهين. وري پنهنجي باجيءَ وٽ آئين به ڪونه؟ منظور، هاڻ انوءَ کي به ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سان وٺي ويندا ڪريو!"

هن جي دل خوشيءَ کان اڏامڻ لڳي. هن کي پنهنجي سڄي جسم ۾ ڪنهن تحرڪ جون سُيون چيهنديون محسوس ٿيون.

"منظور، چڱو ٿيو، جو تون آئين. اڄ اويس ۽ سلطان وري خالي هٿين موٽي آيا آهن. مون کي ته سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هي گاڏو ڪيئن هلندو؟ وري ڏاڙا هٽا پوندا، جي آءٌ نه ٿي چاهيان. هي ٻيو سال آهي، جو اسان جي ماڻهن کي گاڏيءَ ۾ ئي ختم ڪري مال کڻي ويا آهن. هن ڀيري ته گهٽ ۾ گهٽ لک رپئي جو مال هو. پر خبر نه ٿي پوي ته اهو ٽولو ڪهڙو آهي، جيڪو دينا داستي اسان جي ماڻهن جو پيچو ڪري، ڪين گاڏيءَ ۾ ئي خون ڪريو، مال کڻيو وڃي! يا ته اسان جي هُن پاسي، ڪو جاسوس آهي، يا ڪو اسان جو ماڻهو هنن سان ملت ۾ آهي. هن ڀيري ته دادخان وٽ پستول به هو، تڏهن به هو ڪا خطا کائي پاڻ مارائي ويٺو ۽ مال وچان ئي ڪڍي ويو! مون کان اهي ڳالهيون برداشت نه ٿيون ٿين. هاڻ ته ايترو پئسو ڪونهي جون رڳو گهر هلائي سگهون. ۽ "باس" سان ڳالهائڻ پنهنجي هار ميڻي آهي!"

سڀ ائين چپ ٿي ويا، ڇڻ ته سيني کي ڪو نانگ ڪڪي ويو هو. اوچتو انوءَ پڇيو: "باجي، مال ڪهڙو هو؟"

"توکي انهن ڳالهين جي ايان خبر ڪانهي. تون وچ ۾ نه پئو. مون توکي چيو هو ته جيڪڏهن ڪو سوال پڇڻو هجي ته اجازت وٺي، پوءِ پڇندو ڪر!" باجيءَ جي آواز ۾ رڪائي اچي ويئي.

"جيڪڏهن اجازت ڏيو ته آءٌ اهو سوال وري ڪريان. مونکي ائين ٿو محسوس ٿئي ته آءٌ ڪجهه صلاح ڏيئي سگهندس!"

باجيءَ منظور، اويس ۽ سلطان کي هڪ ئي نظر سان ڏٺو. پر هنن جي منهن تي ڪو تاثر ـ اقراري يا انڪاري ـ نه هو. باجيءَ ڪجهه سوچيندي چيو: "اهو مال چرس جو هڪ وڏو "ڪريٽ" هو. اڇي رنگ جو، جنهن تي مٿان "گلاس ـ هئنڊل وٽ ڪيئر" جو ڪاغذ چنبڙيل آهي!"

انوءَ کي هڪ ئي وقت ڪجھ پريشاني ۽ خوشيءَ جا جذبا محسوس ٿيا. هن هيڪندي چيو" جيڪڏهن مون کي ۽ گلوءَ کي اجازت ڏيو تہ اسين مال موتائي اچون!"

اهي لفظ نہ هئا، پر جڻ بم گولو هئا. سيني گڏجي سوال ڪيو. "ڪٿي آهي؟ ڪنهن وٽ آهي؟"

انوءَ وري بہ سنجيدگيءَ سان چيو؛ "مون کي فقط هڪڙو شڪ آهي. جيسين مون کي ان جي پڪ نہ ٿيندي، تيسين آءٌ پاڻ کي شرمندو ڪرڻ نہ ٿو گهران. پهرين اسين ٻئي خبر وٺي اچون. ان کان پوءِ جيڪڏهن اسان جو خيال صحيح نڪتو، پوءِ اوهين جيڪي حڪم ڪندا تيئن ڪنداسون!"

"هرگز نہ. جيسين تون تفصيل نہ ٻڌائيندين، تيسين توکي اجازت نہ ملندي!"

انو خاموش ٿي ويو. هن جي رت جو دورو تيز ٿي ويو. هن اهو ڪم، اڪيلو گلوءَ جي مدد سان، ڪرڻ ٿي گهريو. ان ڪري هو چپ ٿي ويو. سندس منهن تي مايوسي ۽ مجروح احساس جو منظر اهڙو تہ چٽو نظر اچي رهيو هو، جو شايد باجيءَ کي رحم اچي ويو، ۽ هن چيو؛ "تون دل نہ لاھ، توکي اجازت آهي. پر منظور ۽ اويس توسان گڏ هلندا!"

"اها تہ ساڳي ڳالھ ٿي. فقط آءٌ ۽ گلو خبر وٺي ايندا سون. پوءِ سڄو ڪم ڀلي منظور، اويس ۽ سلطان ڪن! اوهين متان سمجهو تہ اسين جهلجي نہ پئون، ان لاءِ فقط مون کي هڪ ننڍو پستول ڏيو. چار پنج ماڻهو ماري پوءِ جهلبس، يا پاڻ کي شوٽ ڪري ڇڏيندس!"

انوءَ جي اکين ۾ اهڙي چمڪ هئي، جنهن کان باجيءَ کي تقريبا ڊپ ٿيڻ لڳو هو، ۽ ڪجھ سوچيندي هن چيو. "چڱو ــــ ڀلا! پر خبردار جي ڪا هروڀرو خونريزي ڪئي اٿوَ. اوهين فقط خبر وٺي اچو. ٻيو ڪم منظور وارا ڪندا. منظور، هن کي ننڍو پستول ڏجان، جيئن ڪيسي ۾ وجهي سگهي! بس توهين وڃو. اويس ۽ سلطان توهين تيار ٿي وٺو. جيئن ئي هي خبر وٺي پهچن، تيئن ئي اوهين پنهنجي ڪم سان لڳي وڃو!"

سڀ ٻاهر نڪتا. منظور پنهنجي ڪمري مان هڪ خوبصورت ننڍو پستول کڻي آئي کيس ڏنو. انو پنهنجي ڪمري ۾ پهتو، ۽ پنهنجا پراڻا ڳوناڻا ڪپڙا ڪڍي پائي ڏنائين، پر پورا نہ ٿيس. قميص تہ بلڪل ئي نہ پيس، ۽ ڪانچ بنھ

بلڪل لنڊي ٿي وئي هيس. لاچار اهي ئي ڪپڙا پاتائين جيڪي پيا هئس. گلوءَ جي ڪمري ۾ ويو ته گلوءَ سائنس مئگزين کنيو تصويرون ويٺي ڏٺيون. هن سڄو حال مختصر طور ڪيس ٻڌايو. گلوءَ جي حيرت جي حد نه رهي.

"يَرَ پيٽسان، تنهنجو شڪ ته ٺيڪ ٿو معلوم ٿئي، پر پيٽسان لالو هنن ڪپڙن ۾ ته مرڳو شڪجي پوندو!"

"تون پنهنجا پراڻا ڪپڙا پائي ڏس. مون کي ته بنه لنڊا ٿي ويا آهن، جهڙا ڪنهن ٻار جا ڪپڙا!"

گلوءَ ڪپڙا پائي ڏٺا. سوڙها ته هن کي به ٿي ويا هئا. پر تڏهن به برا ڪونه ٿي لڳا.

" ٺيڪ آهي، ڪجهه وارن ۾ ۽ منهن ۾ مٽي هٽندين ته ساڳيو اڳيون گلو ٿي پوندين!"

گلو ڪوشش ڪري پاڻ کي اڳين حالت تي پهچايو. ڪپڙا جتان سوڙها ٿي ويا هئس، اتي ڪجهه ڦاڙي به ڇڏيائين ته جيئن پاڻ وڌيڪ بدحاليءَ جو نمونو پيش ڪن. انو وَري پنهنجي ڪمري ۾ ويو، ۽ هڪ ڇرو پنهنجي جوراب وٽ اٽڪائي ڇڏيائين ۽ پستول جون گوليون وجهي، سيف چاڙهي، ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين!

ٻئي ڄڻا گاڏيءَ ۾ چڙهي، استاد شيروءَ جي گئريج کان ٿورو پر پرو لهي پيا، ۽ گاڏيءَ کي گهٽيءَ ۾ ترسائي ڇڏيائون. آهستي آهستي بنان ڪنهن آواز جي هو اچي گئريج جي دروازي تائين پهتا. انو دروازي کان ٿورو هٽي بيٺو. ۽ گلوءَ سيرن مان ڏٺو ته فقط ڏاڪڻ جي مٿان ٻيڪڙيل در وٽ هلڪي روشني ٿي نظر آئي، باقي گهڳه اونده هئي. گلو آهستي آهستي دروازي تي ڪٽ ڪٽ ڪئي، ۽ ماٺ ڪري بيهي رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ لالوءَ جو آواز اندران آيو. "ڪير آهي؟"

"آءٌ آهيان گلو"

"گلو؟ گلو ڪير....؟"

"يَرَ پيٽسان ايترو جلد وساري ڇڏيئي. هن انوءَ جي ڪري مون کي به آهيءَ ۾ وجهايئي، ۽ هاڻ سڃاڻين به نه ٿو؟"

"اڙي تون آهين گلو!" ائين چئي لالوءَ دروازو کوليو. انو دروازي جي آڏ ۾ لڪي بيهي رهيو.

"ڪر خبر هت وري ڪيئن آئين؟" لالوءَ ٿورو شڪجي سوال پڇيو.

"يَرَ ڳالهه نه پڇ. تون منهنجو يار هئين پر تو به استاد کي ائين ڪونه چيو ته ان ۾ منهنجو ڏوهه ڪونه هو. سمورو ڪم هن حرامزادي انوءَ جو هو. هن سان گڏ مون کي به ٻه سال ٽيپ اچي ويئي. اڄ صبح جو جيل کان ڪڍيائون. چيم ته هيڏي شهر ۾ ڪيڏانهن وڃان سو وري تون ياد آئين. چيم ته يار آهي، پيٽسان ان ياريءَ جو ننگ وري به سڃاڻيندو! هاڻ ڪا واهر ڪر، استاد کي چئي، ڪا چانس وٺي ڏي ته اتي ئي توسان گڏ پيو ڪم ڪريان؛ ماني ته پئي ملندي!"

گلو اهو سڀ ڪجهه ايڏي درد ۽ پنهنجائپ مان چيو جو لالو پنيلجي ويو. پر وري به پاڻ سنڀالي چيائين: "چڱو صبح جو اچجئين؛ ننڍي استاد کي مڙئي مسڪو هٿندس! هينئر ته ننڍو استاد ۽ وڏو استاد مٿي ويٺاآهن. تيون به ڪو گڏ اٿن. اڄ رات جي توکي ترسائيندس ته ماري ماري منهنجو ته لِنڊُ ڪڍي ڇڏيندا!"

"پلا ڪو وزم ته هٽاءِ؛ صبح کان وٺي ٻيڙي ڪانه پيتي اٿم!" گلو ڄڻ ته ٻاڏائيندي چيو.

لالو سگريٽ کيسي مان ڪڍي، دکائي به ڦوڪون ڀري، گلوءَ کي ڏني.

"ير پيٽسان، مڙس ته ڍول آهين. يار هجن ته اهڙا!" به ڦوڪون ڀري ورائي کيس ڏنائين. "ير هن مان ته مزوئي نه آيو. جيل ۾ ته قيدين کي الائي ڪٿان چرس ۽ گانجو ملندو هو، جو جيڪو اڏڙ چونڊيندو هوس ته انهن ۾ چرس ڀريل هوندو هو. تو ته چيو هو ته استاد توکي به مال مان ذرو پرزو شونق لاءِ ڏيندو آهي!"

"شُ...." لالوءَ چپن تي آڱر رکندي چيو: "اڄ ئي تازو مال هٿ آيو اٿئون. مٿي پيو ورهائجي. آءٌ پاڻ ڏسي آيو آهيان. تيون ماڻهو به حصيدار آهي! استاد ننڍو مون کي مڙئي تولو کن ڏيندو، جو ڪجهه ٽانگن وارن کي ڏيندس، ڪجهه پاڻ ڇڪيندس. گلو ، متان اسان جي ٻنڍ ٻنڍ استاد نه ٻڌي وٺي، سو هينئر گولي ٿي وڃ، وري سياڻي اچج، تيسين آءٌ استاد جو انت وٺندس!"

"چڱو پلا، هٿ ته ملائي ياريءَ جو!" لالوءَ هٿ وڌايو ته گلو ڪيس ٿورو ڇڪي، سندس ڳچيءَ جي پاسي ۾ هٿ جي ڦر سان اهڙو ڏڪ هنيو، جو هو بيسُتو ٿي گلوءَ جي پيرن ۾ ڪري پيو، ۽ ٻڙڪ به وات مان نه نڪتس. احتياطاً ٻيو به هڪ ڏڪ پٺيان ڪياڙيءَ ۾ اهڙو هنيائينس، جو اتي ئي سڌو ٿي ويو.

گلو رستي تي نظر رکندي کيس ڇڪي دروازي جي اندر ڪيو. انو بہ اندر داخل ٿيو. هن سڀ ڪجھ ٻڌي ورتو هو. گلوءَ کي دروازي وٽ بيهاري، پاڻ هڪ نهايت ننڍڙي ٽارچ سان روشني پٽ تي اڇلائيندو، ڏاڪڻ تائين پهتو ۽ بنا ڪنهن آواز جي مٿي چڙهي ويو. دروازي کي آهستي ڏکو ڏنائين تہ اندران ڪڙو ڏنل محسوس ٿيس. هن جي سڄي همت موڪلائي ويئي. ائين ڪم اڌورو ڇڏڻ تي هن کي نا اميديءَ گهيري ورتو. هاڻ تہ دير ڪرڻ جو وقت بہ نہ هو جيڪڏهن هو ڪجھ ڪرڻ بدران واپس وڃي منظور وارن کي ٻڌائي، تيسين مال ورهائجي ويندو. ڪجھ سوچي، هن دروازي تي ٽڪ ٽڪ ڪئي. گهڙيءَ کان پوءِ قدمن جي هلڻ جو آواز ٻڌائين.

"ڇاهي ڙي ڇورا؟" ۽ ساڳئي وقت ڪڙو کلڻ جو آواز بہ ٿيو. هن دروازي کي ڏکو ڏيئي اندر پير رکيو. ٻيو پير کڻڻ سان هن ڇرو بہ جوراب مان ڪڍي ورتو. اندر چڙهندي ئي هن سڌو وار ڪيو. در کولينڊڙ ماڻهو هڪ رڙ ڪري ٻئي هٿ کڻي پيٽ ۾ وڌا! انوءَ ڏٺو تہ اهو ننڍو استاد هو. هن کي سندس ڏنل مار ياد اچي ويئي، ۽ هن ٻيو وار سندس ڳچيءَ تي ڪيو، جنهن هن جي شاهہ شريان وٽ هن جي ڳچيءَ جو ڳچ حصو ڪپي ڇڏيو!

ننڍي استاد جي رڙ تي، هڪ وڏين مڇن وارو ماڻهو، جو پٺاڻ تي لڳو، ڪرسيءَ تان اٿي ٻاهر ڀڳو. هن ايا ٻرانگھ بہ ڪانہ ڀري، تہ انوءَ اهوئي ڇرو زور سان هن ڏانهن اڇلايو. ڇرو هن جي ڇاتيءَ جي ٻن پاسراتين ۾ وڃي ڪُتو. هن کان دانهن نڪري ويئي، ۽ هيٺ ڊرکي پيو. پر هيٺ ڪرندي هن ڪيسي ۾ هٿ وڌو. سندس هٿ ٽيڙ ڪائيندو ڪيسي مان روالور ڪڍي ورتو. انوءَ بہ ساڳئي وقت پنهنجي ڪيسي مان پستول ڪڍيو، ۽ پهريون نشانو سندس هٿ جو ورتائين. سندس پستول جو آواز بہ نهايت هلڪو هو، ۽ هن ڏٺو تہ گولي پٺاڻ جي هٿ کي چيري وئي. روالور هن جي هٿ مان ڪري پيو. اهو سڀ ڪجھ ايترو جلد ٿي ويو جو انوءَ کي خود بہ خبر نہ پئي پئي تہ سندس ذهن ڪيئن پئي ڪم ڪيو. هن جهڪي روالور کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هڪ وڏو پاڇولو هن جي مٿان لنگهي ويو، ۽ روالور کڻندي هن استاد شيرل کي ڏنو، جنهن جي هٿ ۾ بہ روالور هو. ٻنهي جي وچ ۾ مفاصلو چئن پنجن فٽن جو مس هو. هن سمجهيو تہ هي سندس آخري وقت هو. هو روالور کڻڻ لاءِ جهڪيل هو، ۽ استاد شيرل جي

نشاني ۾ هو. هن ڪجھ سوچڻ بنان، هٿ ڪيل روالور کي مٿي اچل ڏني، ۽ ان وقت ئي هڪ زبردست ڌڪاءُ ٿيو. استاد شيرل عين ان وقت فائر ڪيو هو، پر اچليل روالور سيڪنڊ اڳ سندس روالور سان وڃي ٽڪرايو، ۽ گولي هن جي مٿان زوزات ڪندي هلي ويئي. هن لاءِ اهو وقفو ڪافي هو. هن جي پستول لڳاتار ٻہ آواز ڪيا، ۽ استاد شيرل جي مغز کي ٻہ گوليون چيري ويون؛ هو بجاءِ اڳيان ڪرڻ جي پٺيان وڃي ٽيبل تي ڪريو، جتي پريل گلاس ۽ اڏوڪاري بوتل ڳاڙهي جي رکي هئي. گلاس ۽ بوتل ڪڙ ڪڙ ڪندا هيٺ ڪري، چور چور ٿي ويا. استاد شيرل جي ڪٿ تي اچي رنگ جو وڏو دهو رکيو هو، جنهن تي لکيل هو "گلاس هئندل وِٽ ڪيئر!" هن اهو دهو کڻي قابو ڪيو. ڪجھ سوچي هن پٺاڻ وارو روالور کڻي ڪيسي ۾ وڌو، ۽ پنهنجي پستول کي رومال سان صاف ڪري کڻي ننڍي استاد جي هٿ ۾ ڏنو. پنهنجي ڇري کي پٺاڻ جي جسم مان ڪڍي ڳن صاف ڪري کڻي استاد شيرل جي هٿ ۾ ڏنائين. ۽ پوءِ تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيو. لالوءَ جي دل ۽ نبض ڏٺائون تہ ايا جيئرو هو. انوءَ هٿ جي پُٽ سان هن جي ڪياڙيءَ تي ٻہ چار پاسيرا ڏڪ هنيا تہ هن جي نبض بند ٿي وئي. هن کي ڇڪي ڏاڪڻ وٽ اهڙي طرح سمهاري ڇڏيائين، جڻ تہ ڏاڪڻ تان ڪريو آهي. ڏاڪڻ کي ٻہ اهڙي طرح ليٽائي ڇڏيائون، جڻ ڪنهن جي پير ٽڙڻ سان ڪري پئي هئي. هو تيزيءَ سان ٻاهر نڪتا. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائون تہ سامهون ڪير ٻہ ڪونہ هو. البت ماڻهو گٹريج جي پٺيان پڇندا ٿي ويا. تڪڙا تڪڙا قدم کڻي اچي گاڏيءَ ۾ پهتا. ان وقت ڏٺائون تہ ماڻهو پاسي وارين جاين مان ٻاهر نڪرندا ٿي آيا، ۽ ٽانگي اسٽينڊ تان ٻہ ماڻهو دوڙندا ٿي آيا. انوءَ پاڻ کي ٺيڪ ٺاڪ ڪري اچي ماڻهن جي گوڙ ۾ بيٺو ۽ پڇيائين. "ڀائي، ڪيا هوا، ڪاهي کي آوازين ٿين؟"

ڪنهن چيو تہ شايد ڪنهن لاريءَ جي ٽائر يا انجڻ جي مس فائر جو آواز هو. ڪنهن ٿي چيو تہ نہ، گولين جا آواز هئا! ماڻهن جي گوڙ مان نڪري هو اچي گاڏيءَ ۾ ويٺا، ۽ ڊرائيور کي چيائين تہ "هتان آهستي نڪرجانءِ!"

گاڏي جڏهن بنگلي ۾ داخل ٿي تہ انو اچو دهو ڪچ ۾ ڪري، اچي باجيءَ جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي. اندر پهتا تہ ڪمري ۾ سڀ ويٺا هئا. ويندي آڪاڙي جو استاد ٻہ موجود هو. هنن کي باجي اڳيان پويان ڪنهن پريشانيءَ ۾ اچ

وڃ ڪندي نظر آئي. انوءَ کي ڏهو ڪڇ ۾ ڏسي، سيني کان 'اوهه' 'آهه' جا آواز ائين نڪتا جڻ ته هو اڻ ٽيٽيءَ کي ٽيندو ڏسي رهيا هئا! انوءَ وڏي ڏهو کٽي باجيءَ جي اڳيان رکيو. جيئن ئي سڌو ٿيو، تيئن باجيءَ کٽي پاڪر ۾ جهليس، ۽ ڳل تي هڪ ڊگهي چمي ڏنائينس.

جڏهن انوءَ سڄو سربستو احوال ڪري ٻڌايو، ويندي ان تفصيل تائين ته ڪيئن هو پستول ۽ ڇرو ڇڏي آيو هو ته جيئن شرابين جو جهيڙو معلوم ٿئي، تڏهن باجيءَ جي وات مان نڪري ويو! "Oh it is a perfect crime!" پر تون منهنجو خوبصورت پستول ڇڏي آئين؟"

انور ڪيسي مان روالور ڪڍي ڇيو: "ان جي بدران آءٌ اوهان کي هي ويلي ۽ اسڪاٽ جو روالور پيش ٿو ڪريان!" تڏهن سيني کان ٿهڪ نڪري ويو!

پر باجي وري گنيير ٿي ويئي. هن کي سنجيده ڏسي ٻيا به سمورا ماڻهو گنيير ٿي ويا. ٿورو سوچيندي هن چيو. "شيرل جو ٽولو اسان جو دشمن ته هو پر اسان مان ڪنهن جو به شڪ نه هو ته هنن اسان جي مال تي قبضو پئي ڪيو. بهرحال انهيءَ ٽولي کي وري آرگنائيز ڪرڻ ۾ ايڏا وقت لڳندو. پر مون کي رڳو هڪ خطرو آهي ته هو ڇوڪرو لالو متان جئرو هجي، ۽ هو پوليس کي اهو بيان ڏئي ته اهي ساڳيا ڇوڪرا هئا، جيڪي ٻه سال کن اڳ شيرل جي ٽنگ ڀڃي ويا هئا. پوليس جو شڪ هڪدم اسان ۾ پئجي ويندو، ۽ گهل ۾ پئجي ويندا سين. صوبيدار به ان ٽاٽي جو نئون آهي. منظور تون ۽ اويس، وڃي ان جو ڪو بندوبست ڪريو. هان، هي ڏهه هزار کٽي ويجو. متان ڪم اچن!"

منظور چپ چاپ پئسا کيسي ۾ وڌا، ۽ اويس کي ساڻ ڪري ٻاهر هليو ويو. انوءَ کي پئسن جي ضرورت سمجهه ۾ نه آئي. هن چيو: "باجي پئسن ڏيڻ مان ڇا ٿيندو؟ مونکي ڏيو اهو روالور ته آءٌ اڌ ڪلاڪ اندر لالوءَ جو قصو ختم ڪري اچان!"

"چريا ڇوڪرا! هينئر پوليس اچي اتي پهتي هوندي، ۽ روالور هلائڻ معنيٰ پوليس سان جهيڙو، سو ڪنهن به طرح مون کي منظور ڪونهي! توکي ته هاڻ خون چپن سان لڳو آهي، سو تون ڪٿان مڙندين! تنهنجي چپن کي ٺارڻ لاءِ آءٌ ٻيو بندوبست ڪندينس!" باجيءَ جي چپن تي هڪ عجيب مرڪ اچي ويئي.

هو اُٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن آيو. گلو به هن سان گڏ چپ چاپ هلندو آيو.

گلوءَ چيو ـ ”يَرَ پيٽسان، تو تنهي کي پورو ڪري ڇڏيو؟“ گُلوءَ کي ايان بہ يقين نہ ٿي آيو، ۽ هن جي لفظن ۾ ڪا ندامت بہ نہ ٿي ڏٺي.

”تو بہ تہ لالوءَ کي ختم ڪري ڇڏيو. هينئر ئي جي تو اهي لکڻ ڏيکاريا تہ اڳتي مرڳو گيدين وانگر ڀڄي نہ ويين، ۽ ڪو ڪم چوپٽ نہ ڪري وهين!“

”نہ نہ، منهنجو اهو مطلب ڪونهي. مون کي رڳو اهو ٿو خيال ٿئي تہ انسانن جو خون وهائي، ڪيترو وقت حياتي گذاريندا سون. نيٺ ڦاهيءَ چڙهندا سون!“

”ڦاهي بہ مڙسن کي ايندي آهي! روز روز ڪيتريون ڦاهيون کائيندا سون. ٻچو، هي دنيا وڙهي کائڻ جي اصول تي پئي هلي. فقيرن وانگر دردر پني، گند جي دٻن ۽ ڊيرن تان سڪل ماني، ۽ ٻيڙين جا اڏڙ چونڊڻ تہ ڦاهيءَ کان بہ خراب آهي! پر آءٌ انسانن جو خون نہ وهائيندس. آءٌ تہ فقط انهن جو خون وهائيندس، جيڪي ظالم آهن، جيڪي انسانن کي انسان سمجهڻ بدران جانور ۽ ڪنو ڪينئون ٿا سمجهن!“

”ٻين جي جان وٺڻ بہ تہ ظلم آهي! باجيءَ وارن بہ هڪ ڏوهہ جو ڪم ٿي ڪيو، جو چرس چوريءَ گهرائي هت چوريءَ ٽانگن وارن، مزورن ۽ پورهيتن کي وڪڻن ها؟ چورن تي مور تہ هوندا ئي آهن. پوءِ استاد شيرل وارن ان تي قبضو ڪيو تہ ڇا ٿي پيو؟“

”پر هنن اسان جي ٻن ماڻهن کي خفا خون ڪري ڇڏيو، سو بہ سوچيو اٿئي! اسين غنڊا بدمعاش آهيون. ويرن وٺڻ بہ اسان جو شغل آهي. مون کي تہ شيرل توٿي لالوءَ ۽ نندي استاد کان ويرن وٺڻو هو، سو ورتم. آءٌ هاڻ ڪم از ڪم پنهنجو پاڻ کي عزت لائق سمجهان ٿو!“ اهو سڀ ڪجهہ چئي تہ ويو، پر ائين ٿي پانيو، ڄڻ هن کي پنهنجي پاڻ تي بہ اعتبار نہ ٿي آيو.

گلو ماٺ ٿي ويو. هن گهڙي کن ترسي چيو: ”مون هن ٿوري عرصي ۾ بجليءَ جو ڪم سکي ورتو آهي. منهنجي تہ دل چوي ٿي تہ ڪٿي بجليءَ واري ڌنڌي ۾ نوڪري ڪري، حلال جي ماني ڪمايان. هيءَ زندگي منهنجي ڏانوَ جي ڪانهي، ۽ مون کي سخت ڊپ ٿو ٿئي. مون کي سڄي سڄي رات ننڊ ئي نہ ٿي اچي، رات جو اوٺارا ٿا ٿين، ۽ سڄو پڳهر ۾ شم ٿي ٿو اٿان!“

انو سوچ ۾ پئجي ويو. گلو هن جو يار هو. هن جو يار ٿي ڪري هو ايترو ڪمزور دل ڇو آهي؟ ائين ڇو آهي؟ آخر اهو گلو ئي هو جنهن جي صحبت ۾ مون

جوانون بہ ڪيون، ماڻهن سان لڳيون ۽ چوريون بہ ڪيون، ۽ هاڻ ايترو جلد هي بدلجي ڇو ويو آهي؟ استاد جيڪا سڪيا ڏني اٿس، ان ڪري؟ هن کي ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو. هن کي ڪجھ بہ تہ سمجھ ۾ نہ آيو. پر شايد رڳو هن کي ڪجھ ان وقت ارادي کان تارڻ لاءِ هن چيو: "رک ڏٽيءَ تي، ڪو وڏو ڏک لڳو تہ توکي ايترو حصو ملندو، جو تون پنهنجو ڏنڌو ڪڍجانءِ يا زمين تڪر وٺي وڏيرو ٿي وهي رهجانءِ!"

گلوءَ جي منهن تي مرڪ موٽي آئي، ۽ هو پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويو.

انو پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، ڪپڙن لاهڻ بنان بستري تي اڌ ليٽي پيو. هو سوچيندو رهيو: گلوءَ جي باري ۾، باجيءَ جي باري ۾، اُن رات واري سڄي ڊرامي بابت! هن کي يقين ئي نه ٿي آيو ته ڪو هن، انوءَ، ڪالهوڪي ڇوڪري، ٽن ماڻهن جو مقابلو ڪري تنهي کي ختم ڪري ڇڏيو، ۽ يڪايڪ هن کي خيال آيو ته هو ڪيڏو نه طاقتور آهي! پر هن کي طاقت جو ته استعمال ڪرڻو ئي نه پيو. هن جي پاران سڀ ڪم ته هن جي پستول ۽ ڇُري ڪيو. جيڪڏهن هن وٽ هٿيار نه هجن ها ته هو مقابلو ڪري ئي نه سگهي ها. ننڍو استاد مينهن جهڙو ٿلهو هو، ۽ هن جو ڏڪ به ڏاڍو ڳرو هو. هڪڙي ٽڦڙ سان هن جا ٻئي چپ ڦاٽي پيا هئا، ۽ هن جي هڪڙي لت ذري گهٽ هن جو ساهه ڪڍيو هو. ان جو ته اهوئي مطلب ٿيو ته هاڻ هميشه هن کي پاڻ سان روالور ۽ ڇُرو ضرور رکڻو پوندو. "نفرت بهادريءَ کان وڌيڪ سگهاري آهي-" هن کي استاد جو ٻڌايل هڪ انگريزيءَ جو جملو ياد آيو. استاد هن کي ٻڌايو هو ته جرمن قوم هڪ شريف محنتي قوم جي بدران نفرت جي بنياد تي، بلڪل ڏاڍٽين ۽ ڏيٽن، آدمخورن جي قوم بڻجي ويئي، جتي پٽ پيءُ تي چڱلي هٿڙ کان ڪونه گسندو هو، ۽ ان نفرت جي نذر لکين يهودين جو روح ۽ هڏ، چمڙ ۽ ماس کورن ۽ گئس چيمبرن ۾ بنم ڦلهيار ۽ رک بنجي ويا! ڇا آءٌ به اهڙي ئي نفرت جو شڪار آهيان؟ اها نفرت منهنجي بزدليءَ تي غالب پئجي ويئي؟ نفرت به ته بزدلي آهي، شايد بهادري به هن بزدليءَ جو ٻيو نالو آهي! ايترو سارو خون وهائي به مون ڪهڙي ڪيپ کٽي؟ انهيءَ خون کان پوءِ آءٌ معاملي کي مُنجهائڻ لاءِ سندن هٿن ۾ هٿيار ڏيئي پاڻ بچائڻ جو بندوبست ڪري آيس؟ اها بزدلي، ڪائرتا نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ هن کي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي: ته ڇا گلو سچو آهي، ته حلال جي بک به خون خرابي جي عيش عشرت کان وڌيڪ سٺي آهي! پر اسين بک پاڻ ته پيدا ڪونه ٿا ڪريون، ڪو اهڙو گروهه ضرور آهي، جو پاڻ لاءِ ڍڙ ۽ ٻين لاءِ بک پيدا ڪري ٿو. آءٌ ان

گروهه خلاف پنهنجي نفرت کي زندَه رکندس جيئن منهنجي پنهنجي بزدلي ڍڪجي وڃي. حلال حرام بک ۾ داخل ٿئي ئي نٿو؛ ڇڙ ته هن پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جو اهو فيصلو ڪري ڇڏيو!

هن سوچيو ته ايترو ٿڪ هوندي به هن کي ننڊ ڇو نه ٿي اچي؟جڏهن آءٌ پاڻ کي بي ڏوهي لهرائي چڪو آهيان، ته پوءِ مون کي ننڊ ڇو نه ٿي اچي؟ اڙي مون ايان ته ڪپڙا به نه لاٿاآهن، هن سوچيو؛ اُٿڻ گهرجي، متان انهن ئي ڪپڙن ۾ ننڊ اچي وڃي. پر سستيءَ وچان هو ليٽيو رهيو. هن کي محسوس ٿيو ته هن کي ننڊ اچڻ لڳي هئي. پر پوءِ هو ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. هن جو بوٽ ڪير لاهي رهيو هو؛ هڪڙو پادر ته لهي به چڪو هو. هو ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو. هڪ زائفان هن جو بوٽ لاهي رهي هئي. گنديءَ جي پلؤ هن جي منهن کي لڪائي ڇڏيو هو. هو خود آڏو ليٽيل هو، ان ڪري هن جو منهن بنه نظر نه ٿي آيو. البته ڳچيءَ جو هڪ مستطيل ٽڪرو وارن ۽ چولي جي وچ وارو نظر اچي رهيو هو، جو بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ڇڙ ته ڳاڙهو ٿي جرڪڻ لڳو هو. هن ڇڙ ته لاشعوري طرح پنهنجو ٻيو پير هڪدم ڇڪي ورتو جهن مان هوءَ بوٽ جو ٻيو پادر لاهڻ لڳي هئي. هن جي پير ڇڪڻ تي چوڙين جو هلڪو ڇڻڪو ٿيو، ۽ اهو منهن مٿي کڄي ويو. هن ان منهن کي ڏٺو، ۽ ڳچ وقت ڏسندو ئي رهيو، ڏڙڪندڙ دل سان! هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڙ ته هن جي بدن مان رت سُڪندو ٿي ويو، ۽ هن جي ٽڪاوٽ موتي آئي. پر هي ٽڪ ڪجهه مختلف هو، هن کي پڪ ٿي ته اهو اثر سندس سامهون ٻن اکين جو آهي؛ هر اک هڪ وڏي بادام وانگر ٻنهي ڪنڊن وٽ سوڙهي ۽ ڊگهي هئي ۽ سندن وچ ۾ هڪ اونهو ڪارو ويڪرو دريا هو ۽ هو خود انهيءَ دريا ۾ سمائجندو ٿي ويو. سندس سنهي نڪ هيٺان مٿئين چپ تي بلب جي روشنيءَ ۾ بنه ننڍڙا پورڙا وار ٿي نظر آيا، ۽ انهن پورن وارن جي هيٺان هلڪا نيلا هلڪا ڳاڙها ڪمان جهڙا چپ. چپن جي هيٺان هڪ ننڍي ڪڏ هئي، جيڪا ايرندي هن جي ڊگهي ڳچيءَ تائين وڃي ٿي پهتي. هن جا ڳل، اکين جي بلڪل هيٺان، گلابي رنگ جا هئا ۽ اهو رنگ، هن جي ڪنن ۾ پيل ڳاڙهي رنگ جي لٽڪندڙ لعلن جهڙن ايرينگن جي چانوَ ۽ عڪس ٿي معلوم ٿيو.

هن کي ڏسي، هن کي هڪ نئين قسم جي دهشت محسوس ٿي. هن جي دل جي دڪ دڪ هن کي چٽي طرح ٻڌڻ ۾ ٿي آئي ۽ هن کي اچي اهو خيال ٿيو ته متان

هن جي دل جي اها دڪ دڪ هوءَ ٻڌي نہ ولي! ان شرمساريءَ کي لڪائڻ لاءِ هن پاڻ جهڪي بوٽ جو پادر ڇڪي لاهي هيٺ اڇلايو. دل کان سواءِ، هن کي پنهنجا هٿ بہ ڏکندي محسوس ٿيا.

هن پاڻ کي ڪمزور ثابت ڪرڻ نہ ٿي چاهيو، ۽هن چيو: "اوهين ڪير آهيو، ۽ هت ڪيئن آيون آهيو؟" حد تہ اها هئي، جو هڪ تہ هن کي ڪي لفظ نہ ٿي اڇهيا، ۽ ٻيو تہ هن کي پنهنجو آواز بہ ڏکندو ٿي محسوس ٿيو.

هن ڏٺو تہ هن جي ڇپن تي مرڪ ڦهلجي ويئي، شايد هن جي ڪمزوريءَ تان! ان مرڪ هن جي ڳلن کي اکين طرف مائل ڪيو، ۽ هن جي ڪاڏيءَ ۽ ڳلن جي وچ ۾ هڪ نئين هلڪي دلچسپ کڏ پئجي ويئي؛ جيئن گلاب جي پن جي وچ ۾ هڪ نيم گول خال هوندو آهي! هن جي آگرين ۾ ان خال جو ڇهاءُ بي ڇپن ٿيڻ لڳو. الائي ڇو هن ۾ هن جي هٿن، چوڙين وارين ٻانهن، ڇپن، ڳلن ۽ سندس ڪنن جي پاپڙين کي ڇهڻ جي خواهش پيدا ٿيڻ لڳي.

"چئو تہ هلي ويان!" هن جي آواز ۾ پهنجائپ هئي.

"نہ نہ، منهنجو مقصد اهو نہ هو؛ منهنجو مقصد تہ.....، منهنجو مقصد تہ....." هو هيڪ کان پنهنجو جملو پورو نہ ڪري سگهيو. هيءَ ڪهڙي نئين قوت هئي، جنهن هن کي. اهڙو نستو ڪري وڌو هو. زندگيءَ ۾ ڪنهن عورت جي ويجهائي، هن جي لاءِ هڪ رنڊڪ بنجي بيهي، ان لاءِ هو بلڪل تيار نہ هو.

"مون کي باجيءَ موڪليو تہ اوهين ٽڪل هوندا. اوهان کي ڪجھ وندرائي، سمهاري اچان!"

هن کي واقعي ڪنهن اهڙيءَ وندر جي ضرورت هئي، جا هن کي خيالن جي قهري ڪُن مان ٻاهر ڪڍي. پر هيءَ وندر تہ پاڻ هن کي خيالن جي نئين گهاٽي ۾ پيڙي رهي هئي. پر ان پيڙ ۽ پيڙجڻ ۾ هڪ عجيب قسم جي لذت هئي. ۽ هن کي هڪ نئين ضرورت جو احساس جاڳڻ لڳو. هن جي اکين جي سيٽ گهٽجي ويئي. هن جو دماغ هاڻ هلڪو هلڪو محسوس ٿيڻ لڳو. البت لوٽن ۾ رت ڇڻ تہ ڪنهن دهل وانگر وڄي رهيو هو. هن جي دل تہ هونئن ئي زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي هئي. ان طرح سان هن جي دل ڪڏهن بہ نہ ڌڙڪي هئي. ان دڪ دڪ ۾ اميد ۽ ڊپ جو امتزاج هو. هن جي جسم ۾ هڪ عجيب سيٽ، هن جي ٽنگن ٻانهن ۾ هڪ نئين توانائي، ۽ هن جي پيٽ ۾ هڪ عجيب ولوڙ پئجي ويئي. هن جي ذهن

سوچڻ بند ڪري ڇڏيو؛ ان ۾ هاڻ محض محسوسات هئي، ۽ ان محسوسات ۾ فقط هڪ تانگهه ۽ اُڃ هئي!

هوءَ اُٿي، ۽ بجليءَ جو بٽڻ مٿي ڪٽي بتي وسائي ڇڏيائين، پر هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ ان گهور اوندهہ ۾ بہ هو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو، ۽ جيڪي ڪجهہ هو ڏسي رهيو هو، سو ڪيس ويجهو پوندو ٿي ويو، ۽ هن جي تڪن ساهن ۽ لرزندڙ بدن ۾ سمائجي ويو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هو مرندو ٿي ويو.... ۽شايد اهوئي موت هو!

جڏهن صبح جو هن اڪ کولي، تڏهن هن پاڻ کي اڪيلو بستري تي ستل ڏٺو. هن جي بدن ۾ هڪ نئون، عجيب پرسڪون ٿڪ هو، اهڙو ٿڪ جهڙو ڪنهن گذري رات کان پوءِ پيدا ٿيندو آهي. هو انهيءَ سوچ ۾ پئجي ويو تہ ڪالهوڪي رات الائي سچي هئي يا محض سپنو! خونريز ۽ خون افشان رات! ڊيڄاريندڙ ۽ ڊڄندڙ سپنو!

اڳيءَ رات هو وري ان سپني جي انتظار ۾ ، دير تائين جاڳندو رهيو. ان سپني متعلق سوچيندي ئي هن جي پيٽ ۾ اها ساڳي ولوڙ ۽ لوٽن ۾ اهوئي دهل وڄڻ ٿي لڳو، پر اهو سپنو موٽي نہ آيو. رات خالي، روزمره جي راتين وانگر، ٻُٽي ٻُٽي رات بنجي ويئي، ۽ هن پاسا ورائيندي رات گذاري. صبح جو هو اٿيو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هو ستوئي نہ هو. هن جي جسم ۾ ڪنهن اڻ-هوند هن کي چيڙاڪ بڻائي ڇڏيو. جڏهن سندس ناشتو آيو، تڏهن هن ٽيبل کي ٽڏو هڻي سڀ شيون پٽ تي ڪيرائي ڇڏيون. ان وقت گلو بہ سندس ڪمري اندر داخل ٿيو، ۽ هن جي ان حرڪت کي ڏسي، هو اچرج ۾ پئجي ويو.

"ڇو انو، ڇاهي؟"

"ڪجهہ بہ نہ!" هن چڙ مان چيو، جڻ ان چڙ لاءِ گلو جوابدار هو. ائين چئي هن ٽوال ڪلهي تي رکيو، ۽ وهنجڻ خاني ۾ هليو ويو. جڏهن ڦوهاري جو ٽڏو ٽڏو پاڻي سندس جسم تي پوڻ لڳو، تڏهن هن جي چڙ بہ هن لاءِ هڪ لذت بڻجي ويئي، ۽ هو ڪيترو وقت، گوڏن ۾ ٻانهون وجهي ڦوهاري هيٺ ويٺو رهيو. پاڻي هن جي بدن مان سيرون سيرون ٿيندو، هن جي جسم جي گُهپن ۾ لهرن وانگر وهڻ لڳو. جڏهن ڪافي وقت گذريو، تڏهن گلوءَ لڪ لڪ ڪري ڪيس سڏ ڪيو.

"انو، باجيءَ سڏايو اٿئي!"

گلوءَ جي انهن لفظن تي لاچار هو اٿيو. اڄ پهريون پيرو پنهنجي جسم کي هڪ نئين پيار سان مهٽڻ لڳو. هن کي پنهنجي جسم سان ڄڻ هڪ نئون اُنس جاڳي پيو هو.

گلوءَ ٻيو ناشتو گهرائي ورتو هو، ۽ ناشتو ڪري هو گُلوءَ سان گڏ باجيءَ ڏانهن هليو ويو.

اتي سڀ موجود هئا. باجي پينگهي ۾ ويٺي هئي. ڪيس پرت سان ريشمي وڳو پيو هو، ۽ آڏي سينڌ ڪڍي ٻه چوٽيون ڪڍيون هئائين، جنهن ڪري هوءَ بلڪل نندي نيٽي ٿي لڳي. ۽ هن جي جسم جي ٿوله به ڄڻ ته لڪي ويئي هئي. انوءَ جي ذهن ۾ هڪ پيرو وري ڪنهن عورت جو تصور جاڳي اٿيو.

هن سمجهيو ته اڳين واردات کان پوءِ ڪجهه وقت ماڻ ٿي ويندي. پر هت پهچڻ سان ئي هن جيڪا چُڻ ٻڌي، اُن نه چاهيندي به، هن جي پيٽ ۾ ڪڏ وجهي ڇڏي. هن سوچيو: اهو ڪهڙو احساس هو؟ ڇا گُلوءَ جي ڪانئر پٽي هن تي به اثر ڪرڻ شروع ڪيو هو؟ نه نه، ائين ڪونه هوندو. هن گُلوءَ ڏانهن نهاريو. گُلوءَ جي منهن تي ته سڌو سنئون ڊپ ۽ پيوَ جون ڇايائون هيون!

باجيءَ ڪنگهڪار ڪري ڳالهه شروع ڪئي: "اسانجي پنهنجي هڪڙي ماڻهوءَ جي غلطيءَ جي ڪري، به ترڪون جهلجي پيون، ڪجهه ماڻهو به جهليا اٿن. ماڻهن لاءِ ته ڪجهه ڪري وٺبو، پر اهي ترڪون ضرور ڇڏائڻيون آهن. وقت بنه ٿورو آهي. پوليس، پئسن وٺڻ جي باوجود، ڪيس تان شايد هٿ نه کڻي. اسان جي وڪيلن جي صلاح اها آهي ته اهي ترڪون زوريءَ ڇڏائجن يا مال جا ڪوڪا بدلائجن. سو ڪم احتياط سان ڪرڻو آهي. پوليس جو معاملو آهي. مارا ماري ناهي ڪرڻي، پر جيڪڏهن.... منظور کي سڀ سمجهايو اٿم، باقي هدايتون اوهان کي اهو ڏيندو!"

هو سڀ اُٿيا، ۽ هڪڙو هڪڙو ٿي ٻاهر نڪتا. انو دَر کان ٻاهر نڪرڻ تي هو ته باجيءَ کيس سڏ ڪيو: "تون بيهه، توسان ڪجهه ڳالهائڻو اٿم!"

هو وري وڏي اچي ڪُرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪا گهڙي باجي هن کي ڏسندي رهي. پوءِ هڪ مُرڪ سندس چپن تي ڦهلجي ويئي.

"تون هتي خوش ته آهين نه؟!" باجيءَ اوچتو سوال ڪيو.

"جي.... جي.... ها!"

"پر ڪجھ منڊل منڊل ٿو لڳين. رات پانيان ٿي تہ ننڊ ڪانہ ڪئي اٿئي!" باجي هلڪو ٿهڪ ڏئي چيو.

هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. پر باجيءَ جي ٿهڪ ۾ الائجي ڇا هو، جو هن جي ڪنن جون پاپڙيون پوسرڻ لڳيون. ڇڻ هن جي ڪا چوري جهلجي پوڻ واري هئي.

"..... ۽ ٻڌم تہ شايد ڪالهوڪي رات تنهنجي پهرين رات هئي.... ائين نہ؟"

الائي هن اهو ڇو پانيو تہ باجيءَ جي آواز ۾ شرارت بدران ٿوڪ پريل هئي. ان ٿوڪ جي باوجود اُن رات جو اولڙو هن جي ذهن کي جهنجهوڙي ويو. هن جي دل چيو تہ چئي ڏي تہ پوءِ هوءَ ٻي رات ڇو نہ آئي. پر هن ڪجھ نہ چيو، ۽ قالين کي گهوريندو رهيو.

"اهڙيون راتيون کوڙ.... پر وفاداري شرط آهي. چڱو، وڃ، هو تنهنجو انتظار ڪندا هوندا. پر موٽين تہ هتان ٿيندو وڃجانءِ.... ڪو تنهنجي انتظار ۾ هوندو....!"

انهن لفظن تي سوچڻ سان وري هن جي ڪنن جي پاپڙين ۾ رت ڏنئون ڏنئون ڪرڻ لڳو، ۽ ڇڻ تہ ڪنهن حيا ۽ حجاب کان، باجيءَ ڏانهن ڏسڻ بنان، ٻاهر نڪري آيو!

* * * *

رات جو ايان پهريون پهر هو. رستن تي عام رواجي ٽرئفڪ هئي. ان ڪري جڏهن ٻن ٽرڪن ۾ چڙهي روانا ٿيا تہ ان عام ٽرئفڪ جو حصو بڻجي ويا. پر گُلوءَ کي ڪنواس ڍڪيل هن ٽرڪ ۾ الائجي ڇو اُبٽ ٿيڻ لڳي. هن انوءَ کي پُڻ پڻ ڪندي چيو تہ هن جو تہ ساهہ ٿو منجهي، پر انو الائجي ڪهڙن خيالن ۾ غرق هو. منظور وات تي ڏسڻي آگر رکي گُلوءَ کي چپ ڪرائي ڇڏي. ڳچ وقت کان پوءِ، ٽاٽي کان ٿورو پري هنن جون ٽرڪون بيهي رهيون. منظور هنن کي هيٺ لهڻ جو اشارو ڏنو. ٻي ٽرڪ مان بہ هنن جا ساٿي هيٺ لهي آيا. هڪ اچاتو خوف سيني جي منهن تي پئي بکيو.

منظور چيو: "پوليس ٽاٽي جو معاملو آهي: ضرورت کان سواءِ گولي ناهي هلائڻي. اسان جو سمورو بندوبست ڪيل آهي: اويس، تون اندر ڪمپائونڊ ۾ بيٺل ٽرڪن جون نمبر پليٽون لاهي، اچي هنن ٽرڪن تي فٽ ڪندين. توسان عبدو ۽ لالو گڏ هوندا. اهي اندر بيٺل ٽرڪن جي ڊرائيوري ڪنداجڏهن هي ٽرڪون اندر داخل ٿينديون تہ هو ٽرڪون ٻاهر نڪرنديون.... خدا ڪري مال ايا لاٿو نہ هجين! توهين هت مين-گيٽ تي رهجو: جيڪڏهن هنن ٽرڪن جو ڪو پيچو ڪري تہ پوءِ.... پر خيال ڪجو: پوليس جو معاملو آهي: ڪو مري پيو تہ وڏي وٿل ۾ پئجي ويندا سون! ڪم ختم ڪري، ٽرڪن ۾ پويان چڙهي پئجو!"

هو پنهنجي پنهنجي جاءِ وٺي بيهي رهيا. انوءَ ڏٺو تہ گلو ايڏا وڏا وڏا ساهہ کڻي رهيو هو، جو ان جو آواز بہ ماٺ مٺوڙي ۾ صاف پئي ٻڌڻ ۾ آيو. هن سندس ڪلهي تي هٿ رکندي آهستي چيو: "گلو، مڙس ٿي: هي رنن وارا ڪهڙا تال پيو ڪرين!"

هن جي لفظن ۾ ڪاوڙ بنهہ ڪانہ هئي، نہ ئي انهن ۾ ڪا ڇيڙ هئي.

".....ا..... اَنو، پيٽسان.... منهنجو تہ پيشاب بيهي ئي.... نٿو..... هي ڏس

منهنجي.... پئنٽ!.... پوليس سان..... پوليس ٽاٽي تي حملو!.... اڄ تہ پڪ ئي پڪ.....!"

انوءَ ڪيس وچ ۾ ئي ڪٽي ڇڏيو، "تون ڊڄ نہ ڳلو! آءٌ توسان گڏ آهيان. تون رڳو منهنجي پٺيان بيٺو رهجانءِ..... ياڙي نہ ٿي!"

ان جملي ۾ آئٽ هو، پر بنھ آڻ-لکو. ٻاهر اوندھ هئي، البت ٽاٽي جي ڪمپائونڊ ۾ هڪڙي ڊگهي رسي ۾ ٻڌل ننڍو اگهاڙو بلب پئي ٻريو. ٻنهي ترڪن جي اڳيان، ننڍي تپائي نُما ڪرسيءَ تي هڪڙو سپاهي آهليو پيو هو. رائيفل سندس گوڏن تي رکي هئي. ان کان ٿورو پريرو الهندي پاسي جافرين جي وڏين درين سان ڊڪيل ٽاٽو هو، جنهن جي اڳيان هڪڙي جيپ ۽ ٻہ موٽر سائيڪلون بيٺل هيون.

اويس، لالو ۽ عبدو پاڻ ۾ ڳالهائيندا اندر داخل ٿيا. پوليس وارو هنن کي ڏسي رائيفل سڌي ڪري بيهي رهيو. پر هنن ڇڻ تہ هن کي ڏٺوئي ڪونہ. ٽاٽي ڏانهن اڳيان وڌندا ويا. اوچتو تي ئي بيهي رهيا، ۽ اويس واپس سپاهيءَ تائين وڌي آيو.

گُلو اکيون ڦوٽاري اهو سڀ ڪجھ ڏسندو رهيو. هن کي وري پيشاب اچي تپايو هو. پوءِ هن ڏٺو تہ اويس سپاهيءَ سان ڳالهائڻ لڳو. سپاهي ڇڻ تہ مطمئن ٿي ڪرسيءَ تي وهڻ وارو هو تہ اويس ڪيڪر ڪرڻ لاءِ پنهنجو هٿ اڳيان وڌايو. ۽ پوءِ گلو پوليس واري کي مٿي کڇندي ڏٺو. ٽڙاڪ ڪري رائيفل ڪرسيءَ سان ٽڪرائجي پٽ تي ڪري پئي. اويس جو هڪڙو هٿ سپاهيءَ جي ڳچيءَ ۾ هو، ۽ ٻئي هٿ سان هن سندس ڪيڙيءَ تي هٿ جي ڦار سان ڌڪ هنيو. اويس آهستي ڪري رائيفل کڻي ورتي، ۽ سپاهيءَ کي ٽنگن کان گهليندي ترڪن جي پٺيان هليو ويو. ان وقت لالو ۽ عبدوءَ موٽ کاڌي، ۽ اچي ترڪن جي ڊرائيور واري سيٽ تي ويهي، اسٽيرنگ جي پويان گم ٿي ويا.

اويس ترڪن جي پٺيان واريون نمبر پليٽون ڪڍ ۾ ڪري، اڳيان ڦري آيو، ۽ اڳيون نمبر پليٽون لاهي ورتائين. اهي بہ ڪڍ ۾ ڪري، رائيفل لڙڪائيندو ٻاهر آيو، ۽ ٻاهر بيٺل ترڪن ۾ نمبر پليٽون فٽ ڪرڻ لڳو.

گُلو رڳو ايترو ٻڌو، "سپاهي جيئرو آهي يا...." اهو آواز منظور جو هو.

اويس جيڪو جواب ڏنو، سو گُلوءَ کي سمجھ ۾ نہ آيو، ۽ انوءَ کي ڀڻ ڀڻ ڪندي چيائين "پيٽسان، سپاهي پڪ مارجي ويو!"

"شش..... شش!" انوءَ کيس چپ ڪرائڻ لاءِ اشارو ڏنو.

گهڙيءَ جهت ڪان پوءِ ٻاهريون ٽرڪون، بنان لائيٽ ٻارڻ جي ٽاٽي جي اندر داخل ٿيون، ۽ اندريون ٽرڪون ڊڙڊڙ ڪري اسٽارٽ ٿيون. ان وقت گلوءَ ڏٺو ته ٽاٽي جي اندران ٻه سپاهي جافرين تائين آيا، وري تڪڙا تڪڙا اندر هليا ويا.

ٽرڪون ٻاهر آيون، ۽ هڪڙو هڪڙو ٿي هن جا همراهه ڪنواس هٽائي اندر ٽپ ڏيندا ويا. گلو جيڏي مهل ٽرڪ جي هُڪ ۾ هٿ وجهي مٿي چڙهڻ جي ڪئي، ان مهل هن ٽاٽي جي اندران سيٽين جا آواز ۽ جيپ جي اسٽارٽ ٿيڻ جا آواز ٻڌا. هن جي همٿ جواب ڏيئي ويئي. هو ايا ٻڌتر ۾ هو ته انوءَ کيس پويان پنٽ ڪان جهلي، مٿي اُچل ڏني. هو ٻه هٿڙيو، ڄڻ ته هوا ۾ اڇلجي، اچي هڪڙي ڪريٽ مٿان ڪريو.

اُن مهل هن پهريون فائر ٻڌو. اهو فائر هن کي ايترو ويجهو هو، جو هن سمجهي ورتو ته اهو فائر پڪ انوءَ ڪيو هو. پوءِ ته گولين جا زوزاٽ شروع ٿي ويا. ٽرڪون وري هلڻ لڳيون، ۽ گوليون ڪنواس کي چيريندي، ڪريٽن ۾ ڪپنديون ويون. گلو ٻئي ٻانهون مٿي کي آڏيون ڏيئي، ڪريٽن ۾ منهن وجهي، ٿڙ ٿڙ ٿڙڪندو رهيو، ۽ پوءِ هن بنه پنهنجي پير ۾ هڪڙي ساٿيءَ جي دانهن ٻڌي، گولي هن جي پاسراٽين کي چيري وئي. انوءَ جو الائي ڇا ٿيو؟ مئو ڪي بچيو.... اهو سوال، گلوءَ جي ذهن ۾ ڄڻ ته گوليءَ جو پڙاڏو بڻجي ويو، ۽ پوءِ اهي پڙاڏا جيئن پوءِ تيئن پري هٽندا جهڪا ٿيندا، بنه بند ٿي ويا.

هاڻ رڳو ٽرڪ جي گهون-گهون جو آواز ئي هن جي ڪنن ۾ پئي ٻُريو، يا پنهنجي ساٿيءَ جي ڪنجهڻ جو آواز. انهن آوازن جي دنيا مان هو حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيو؛ ٻاٽ اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏيئي، هو سڌو ٿيو. پنهنجي ساٿيءَ کي ڏٺائين، جيڪو ڪروندڙو ٿيو پيو هو. هن کيس سڌو ڪرڻ جي ڪئي ته هن کان دانهن نڪري ويئي.

"گلو، مون کي نه ڇيڙ.... باجيءَ کي ڇڏجانءِ.... ڇڏجانءِ ته " هو هڪڙي ڊگهي آهه ۾ري خاموش ٿي ويو.

"دل نه لاهه ياٽو، تون ٺيڪ ٿي ويندين....!" گلوءَ کي پنهنجي لفظن تي اعتبار ڪونه هو. هن جي نڙيءَ مان جيئن لفظ ڇڇرجي پئي نڪتا، تنهن مان هو

سمجهي ويو هو تہ همراھ ٿورين گهڙين جو مهمان هو. هن هڪڙي ڪريٽ کي هٿائي، هن کي سڌي سمهارڻ جو سوچيو. ڪريٽ جي ڪاٺ ۾ گولين جي ڪري ٻرگهل ٿي پيا هئا. هن هٿ وڌو تہ هڪڙي پاسي جو ڦڙدو هن جي هٿ ۾ اچي ويو، ۽ ڪي ڳريون شيون ڪڙڪڙ ڪنديون وڏي آواز سان هن جي پيرن ۾ ڪرنديون ويون. هن کي تہ ٻڌايو ويو تہ ڪريٽ سُڪل ميوي جا هئا، پر هن ۾ تہ ڪي لوهي شيون هيون. هن هٿ وڌائي هڪڙي شئي کنئي؛ مار، هي تہ سڀ روالور ۽ پستول هئا!

هو ايان ان حيرت ۾ هو تہ هن جي ساٿيءَ جي نڙگهٽ مان وري خُر خُر سان گڏ آواز آيو. ".....باجيءَ کي چئجانءِ تہ منهنجو لاش هتي ئي دفنائي ڇڏين.... نہ تہ.... نہ تہ منهنجا پوڙها ماءُ پيءُ آهيءَ ۾ اچي ويندا.... ۽ جي ٿي سگهي تہ ڪين ڪجھ پئسا... ميان چنونءَ موڪلي ڏين!"

هن هٿ وڌائي ڪيس آٿت ڏيڻ جو جتن ڪيو. هن جو هٿ سمورو آلو ٿي ويو.... "ڏاڍو ڪو رت ڇڏيو اٿس...!" گُلوءَ سوچيو. پوءِ سندس هٿ، هٿ ۾ ورتائين، تڏهن سمجهي ويو تہ شئي وڃي ڏٺين کي پهتي.

گُلوءَ سوچيو تہ هن کي افسوس ٿيڻ گهرجي، پر افسوس بدران هن جي ذهن ۾ ڊپ وڌي ويو، ۽ ان مهل هن کي وري انو ياد آيو.

"انو؟!"

هن هلڪي آواز ۾ ائين سَڏ ڪيو، جڻ تہ پاڻ سان ٿي ڳالهايائين. پر ان سڏ جي جواب ۾ ترڪ هڪ وڏي گهون ڪري بيهي رهي.

"لهو....!" هن منظور جو آواز ٻڌو.

گلو ٽڙڪندو، تپ ڏيئي هيٺ لٿو. منظور سان گڏ انوءَ کي ڏسي، هن ۾ جڻ نئون ساھ پئجي ويو، ۽ ڊوڙي وڃي ڪيس ڀاڪر وڌائين. سندس دل جو دهڪو انوءَ کي صاف ٻڌڻ ۾ آيو.

"گلو، آءٌ ٺيڪ ٺاڪ آهيان....! تون ڪر خبر؟" انوءَ پنهنجائيءَ مان چيو.

"آءٌ بہ.... ايا تہ جيئرو آهيان. پر هڪڙو همراھ.... ڪيس گولي لڳي آهي..... ڀانيان ٿوتہ مري ويو!" گلوءَ ڳيت ڏيندي چيو.

هو هڪڙي وڏي گدام وٽ اچي بيٺا هئا. ترڪن جي بيهڻ شرط، حمالي ڪندڙ مزور ترڪ مان ڪريٽ لاهڻ لڳا، ۽ گدام ۾ سٽيندا ويا. گُلوءَ واري

ترڪ مان منظور پنهنجي همراه جو لاش لهرايو، ۽ ان کي بہ گدام جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ليٽائي ڇڏيائون.

"انو، تون ۽ گلو هلو بنگلي تي؛ مون کي ايا کي انتظام ڪرڻا آهن! اويس، تون مون سان هلج!"

گلوءَ منظور کي اهي لفظ چئي ٻڌايا، جيڪي مرڻ واري هن کي چيا هئا.

"ائين ئي ٿيندو!" منظور ائين چيو جڻ تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ بدران هن هڪڙي ڪريٽ جي ڪلي پوڻ جي ڳالهہ ٻڌي هئي. هن جي آواز ۾ نہ همدردي هئي، نہ افسوس، نہ ئي ڪو ٻيو انساني جذبو.

هنن ايان پاڻ ۾ پئي ڳالهايو تہ ڪار اچي بيٺي. منظور انوءَ کي وهڻ جو اشارو ڏنو. انوءَ گاڏي جو دروازو کولي گلوءَ کي وهاريو، ۽ پوءِ پاڻ اندر ٿيڻ لاءِ جُهڪيو تہ منظور کيس پٺي ٽپريندي چيو؛ "جيڪڏهن جيپ جي ٽائر تي تنهنجو فائر گُسي ويجي ها تہ پوءِ سمورن پوليس جي ماڻهن کي مارٽو پوي ها.... هاڻ تنهنجو نشانو تہ مون کان بہ سٺو ٿي ويو آهي، انو!"

الائجي انوءَ کو جواب ڇو نہ ڏنو، ۽گلوءَ جي پير ۾ ويهي رهيو.

"انو.... انو، يَر پيٽسان.....!" گلو ڪجھ چوڻ لاءِ، ڇپن تي زبان ڦيرائي.

ڊرائيور جي موجودگيءَ جو احساس هوس، يا گُلوءَ کي آٿت ڏيڻ خاطر، هن پنهنجو هٿ گلوءَ جي گوڏي تي رکي هلڪو زور ڏنو. گلو چپ ٿي ويو. رڳو هڪڙو ڊگهو ساهہ سندس ڇپن ۾ ڇڇرجي ويو.

بنگلي تي پهچڻ تي، ڊرائيور ڪين ٻاهر گيٽ تي ئي لاهي هليو ويو.

"انو.... ٻيلي ڏاهو ٿي.... هل تہ هتان نڪري هلون.... يَر پيٽسان ڪيترو وقت هي ڏوهہ جي حياتي گهارينداسون.... تون نہ هلندين تہ آءٌ اڪيلو بہ هتان هليو ويندو سانءِ.....!" گُلو ٽڙڪندڙ آواز سان چيو.

"گلو، ڪجھ وقت ترس؛ ڪو موقعو ڏسي نڪري هلندسون.....!" انوءَ بي دليءَ سان چيو. هن جڏهن پوليس جي جيپ تي فائر ڪيا هئا، تڏهن هن جي ذهن کي بہ پهريون ڀيرو اهو احساس ٿيو هو تہ هاڻ هن جي حياتي اٿموٽ موڙ تي اچي پهتي هئي، جتي رڳو نفرت نہ هئي، پنهنجو پاڻ بچائڻ جو بہ وڏو احساس هن کي ڪنهن پاتال ڏانهن ڌڪيندو ٿي ويو. جڏهن جيپ جو ٽائر برسٽ ٿيو هو، تڏهن هن ٻيو فائر پٺيان ويٽل هڪڙي سپاهيءَ تي ڪيو هو، جنهن رائيفل سان

هن تي گوليون پئي هلايون. هن کيس شايد مارڻ نٿي چاهيو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت هن جي ذهن ۾ ڪابہ نفرت ڪانہ هئي، فقط پنهنجي پاڻ کي هن جي گوليءَ کان بچائڻ جو جذبو هو. جڏهن هو سپاهي اُچل ڪائي اونڌو ٿي وڃي جيپ جي ڊرائيور مٿان ڪريو، تڏهن بہ هن جي مَنَ ۾ ڪا نفرت نہ هئي؛ فقط پاڻ بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ جو اطمينان هو، ۽ هاڻ هن جو ذهن ٻنهي جذبن کان خالي هو.

"خبر اٿئي تہ انهن ترڪن ۾ ڀريل ڪريٽن ۾ ڇا هو؟"

گلوءَ هن جي بي حَسيءَ تي ڪاوڙجي پيو.

"هوندو اهوئي چرش ٻرش....!" انوءَ بي خياليءَ مان چيو.

"يَرَ، چرش ٻرشَ تہ ڀائنجي ٿو تہ هن لاءِ بنہ رواجي ڪم آهي؛ هي ڪريٽ تہ رڳو رائيفلن، روالورن ۽ پستولن جا آهن.... مون پنهنجي اکين سان ڏٺا آهن!" گلوءَ جي آواز ۾ يقين موتي آيو هو.

انو بي اعتباريءَ مان گلوءَ کي ڏسڻ لڳو. هي مامرو هن جي سمجهہ کان مٿي هو. هن سمجهڻ بہ نٿي چاهيو.

"پنهنجو ڇا؟.... ڇڳو، تون هل ڪمري تي. آءٌ ٿوري دير ۾ ايندس....!" انوءَ ڇڻ تہ رُڪائيءَ مان چيو.

گلوءَ تي هن جي اها رُڪائي پنهنجو اثر ڏيکاري، تنهن کان اڳي انو ساڄي پاسي مڙي ويو.

*** ** *** ***

باجيءَ جي بنگلي ڏانهن ويندي، وِکَ وِکَ تي هن جي ذهن ۾ موڳهارا وڌندا ويا. ڪير ڪندو هوندو منهنجو انتظار؟ ۽ سوبہ باجيءَ جي بنگلي ۾؟ ۽ پوءِ هن کي اها اڻ وسرندڙ رات ياد آئي، ۽ هن جي سموري جسم ۾ ڪنوٽيون ڪڙي ويون. ڇا اهڙي رات وري ممڪن آهي؟ هن جي ڪنن جي پاپڙين ۾ رت جو دٻاءُ هن جي اکين کي بہ پوسرائڻ لڳو. هن جهٽڪو ڏيئي انهيءَ پوسر کان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ائين ڪرڻ ۾ هن کي ڪا خاص ڪاميابي ڪانہ ٿي. هن جي هر وک ڳري ٿيندي ويئي. هن جي دل جي دڪ دڪ هن کي پنهنجي ڪنن جي پاپڙين ۾ ڏونوندي محسوس ٿي.

هو جڏهن باجيءَ جي ٻاهرئين ڪمري ۾ پهتو تہ اُتي اوندهہ هئي. فقط هڪڙي ڪنڊ ۾ هلڪي واڱڻائي رنگ جو ننڍو بلب ٻري رهيو. هو منجهي بيهي رهيو. هو ڪو فيصلو ڪري نہ سگهيو، ۽ هن سوچيو هتان موٽي وڃڻ گهرجي. پر فيصلي تي عمل ڪرڻ کان گهڙي اڳ، هن ائين سمجهيو تہ بنهہ هلڪي ڇير جي ڇم ڇم هن ڏانهن وڌندي ٿي آئي. هلڪي واڱڻائي روشني ۾ هن پوٽي نهاريو. هوءَ ٻئي هٿ اڳيان وڌائي ڇڻ تہ هن کي پاڻ ڏانهن سڏي رهي هئي. هن جي دل جي دڪ دڪ هاڻ تہ دهل ٿيڻ لڳي هئي. هن جي جسم ۾ هلڪي رڦاڻي شروع ٿيڻ لڳي، جنهن کي روڪڻ لاءِ هن پنهنجي چپ ۾ چڪ وجهي ڇڏيو.

هوءَ هن تائين هلي آئي؛ هن جا ٻئي هٿ پنهنجي هٿن ۾ ولي، پوٽي هٿندي ويئي، ۽ ڇڻ تہ ڪنهن طلسمي مدهوشيءَ ۾ اوڏانهن وڌندو رهيو. ان ئي وقت واڱڻائي بلب جي روشنيءَ ۾ هن ڪيس سيجاتو؛ هن جي ڪاڏي هيٺان جيڪو ڪُٻ هو، هن جي اکين ۽ ڳلن ۾، مرڪڻ جي ڪري جيڪا ڪڏ هئي، سا ئي هن جي سيجاڻپ هئي. هاڻ هن جي جسم ۾ جيڪا رڦٽي پيدا ٿي، ان کي هن روڪڻ جي بہ ڪوشش نہ ڪئي. ها، اها رات وري ممڪن ٿي رهي هئي!

هوءَ هن کي هڪڙي ننڍي ڪمري ۾ ولي آئي، جتي واڱڻائي بدران هلڪي پيازي رنگ جو بنهہ ننڍڙو بلب روشن ٿيل هو. هن ڪيس آٿي هنڌ تي وهاريو. هي

هنڌ هن جي پنهنجي بستري کان مختلف هو. هن تي تہ ڪيمخواب جي چادر تي وهندي، هو هيٺ ڪسڪندو ٿي ويو. هن هنڌ جي چئن پاسن کان، چئني پاين تي چورس چٽي ٺهيل هئي، جنهن تي هلڪي پيازي رنگ جا ريشمي سنها پردا هئا. هڪڙي پاسي جو پردو کڻي، هُن هِن کي وهاڻي تي ليٽائي ڇڏيو، ۽ هن جو بوٽ لاهڻ ويهي رهي. هن جي دل چاهيو تہ هو پنهنجا پير سنگهوڙي ڇڏي، پر هن ائين نہ ڪيو. پر جڏهن هن بوٽ لاهڻ کان پوءِ هن جي قميص جا بٽڻ کوليا، تڏهن هن سندس منهن ۾ نهاريو. اهو پيازي رنگ جي بلب جو ڪمال هو يا هن جي منهن جو اهوئي رنگ هو، هو اهو فيصلو نہ ڪري سگهيو. بي اختيار هن جا ٻئي هٿ هن جي مک جي چوڌاري ويڙهجي ويا. هن جا چپ هن جي اکين ۽ ڳلن جي وچ ۾ پوندڙ ڪڏ کي چمڻ لاءِ آتا ٿيڻ لڳا، ۽ سموري بدن ۾ هڪ اڃاتي اُڃل پيدا ٿي وئي. پر هن هڪڙي آگر سان پنهنجي مک تان سندس هٿ لاهي ڇڏيا، ۽ پوءِ هن سندس پٽنٽ جي پٽي ۾ هٿ وڌو، تڏهن هن جي پيٽ ۾ اونهي ڪڏ پوڻ لڳي، ۽ هن سمجهيو تہ جيڪڏهن هن هٿ وڌائي ڪيس پاڪر ۾ نہ آندو تہ الائي ڇا ٿي پوندو! پر هن وري بہ هن جي ڇاتيءَ تي آگر ڌريندي، اکين ئي اکين ۾ انتظار جو سنيهو ڏنو، ۽ پوءِ هوءَ اُٿي، ان پاسي جو پردو هيٺ ڪري، هنڌ تان لهي ويئي.

ڪيمخواب جي چادر هن جي اگهاڙي جسم ۾ چيڻ لڳي. هن جي سموري بدن ۾ سُيون سُيون پئي لڳيون. هو ڇڻ تہ هڪ مقبري ۾، جنهن جي چئني پاسي ريشمي پردا لڙڪيل هئا، ڪنهن روح جي انتظار ۾ پچندو رهيو. هن جون اکيون هن کي پردن جي پويان هڪ پاڇولي جيان ويندو ڏسنديون رهيون. هوءَ وڏي هڪڙي ڪنڊ ۾ ويئي، ۽ اتي بجليءَ جو بٽڻ بند ڪري ڇڏيائين. پيازي روشني اوندهہ ۾ بدلجي ويئي!

گهڙيءَ کان پوءِ ٻئي پاسي جي پردي ۾ هلڪي سر سر ٿي ۽ هڪڙو ٻيو جسم هن جي پاسي ۾ ليٽي پيو، ۽ هڪڙو هٿ هن جي منهن کي ڳراٽيون پائڻ لڳو. هن جي دل جي دڪ دڪ هاڻ هن جي قبضي ۾ نہ رهي، ۽ پوءِ هونئين جسم ۾ سمائجي ويو. پر هي ڪهڙو سمائجڻ هو؛ هي سمائجڻ تہ هن جي تصور کان مختلف هو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ مٿي اڏامڻ بدران هو ڪنهن پاتال ۾ ڪرندو ٿي ويو!

جڏهن هن جو سمورو ٽڪ اوتجي آيو، تڏهن هو سهڪندي هڪڙي پاسي ڊهي پيو، ۽ ان وقت ان نئين جسم پاسي ۾ لڳل بٽڻ دبائي وري هلڪي پيازي روشني ڦهلائي ڇڏي. هن جيڪي ڏٺو، تنهن جو هو اُن وقت ڇيد نه ڪري سگهيو، ۽ اهو ڇيد فقط هو ان وقت ڪري سگهيو جڏهن هن جي پير ۾ سُٽل باجيءَ چيو: "چريا ڇوڪرا، ايترو اُتاولو ٿبو آهي، ايڏي تڪڙ ڪبي آهي!.... ۽ ٻڌ تنهنجي ڪپڙن جي پير ۾ پيل پئڪيٽ ۾ ڪجھ پئسا آهن، سو ڪٽندو وڃجانءِ!"

هن پنهنجي پيٽ ۾ وري ڪڏ پوندي محسوس ڪئي، ۽ هن کي اُلٽيءَ جو خيال ٿيڻ لڳو. هو ڪچي ڪچي دل سان اُٿيو، ڪپڙا پاتائين، پئڪيٽ کڻي ڪيسي ۾ وڌائين، ۽ اُتان ٽيڙ ڪائيندو ٻاهر نڪري آيو!

*** *** *** *** ***

جڏهن هو لاريءَ جي اڏي تي لٿو، تڏهن هن کي اهو ڏينهن ياد پيو، جڏهن هو شهر ڏانهن پڳا هئا- ڊپ، بک ۽ اڪيلائيءَ کان! اڄ بہ هو اڪيلو هو. رات جي وڳڙي هوندي بہ، لاريءَ جي اڏي تي ڪيترائي ماڻهو هئا- خود سندس ڳوٺ جا ماڻهو، جن مان ڪي سُلفين تي دَمَ هڻي رهيا هئا، ۽ ڪي پتيءَ واري چانهن جا دور چاڙهي رهيا هئا. هوٽل جي اندر هڪ پراڻو فونو وڄي رهيو هو؛ رڪارڊ بہ پراڻو هو ۽ سئي بہ گٽل هئي. پر هن آواز سڃاتو....

ڪيئن وساريان.....

ڪَنور پڳت جو هي رڪارڊ هن کي هونئن بہ ڏاڍو وٺندو هو. گلوءَ سان گڏ جڏهن هو هوٽل تي ويهي گانا ٻڌندو هو، تڏهن هو وَر وَرَ ڪري ڪنور پڳت جي رڪارڊن جي فرمائش ڪندو هو. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، جڻ تہ هن جو آواز هن دنيا مان نہ، پر ٻي ڪنهن دنيا مان ايندو هو، ۽ "الوڙي" جي آلاپ تي الائجي ڇو هن جي اکين ۾ پاڻي پرجڻ لڳندو هو. ڪنور جو آواز ٻڌي، هنئر بہ هن کي جڻ ڏواڻ پئجي ويا. لاريءَ تان لهي هو، ڪجهہ وقت بيهي، رڪارڊ ٻڌڻ لڳو. رڪارڊ پورو ٿيو تہ هن هلڻ شروع ڪيو، پر وري بہ ڪنور جو ڏوهيڙو ٻڌي بيهي رهيو. هن ۾ ڪا اصليت موٽندي ٿي آئي، جڻ تہ ڪو پراڻو وجود هن ۾ ايري آيو هو، ۽ هن جو نئون وجود نانگ جي ڪل وانگر لهڻ لڳو هو. ڪَنور جي ٿَلَ شروع ٿي.

آءُ، ڪانگا، ڪر ڳالهہ.....

هن جي دل پرجي آئي. هي هڪ نئون جذبو هن ۾ گهٽي وقت کان پوءِ پيدا ٿيو هو، ۽ ڪنور جي ان پُڪار، هن جي دل مان نفرتن جو ڳچ حصو ڳاري وڌو؛ جنهن ڳوٺ لاءِ هن جي دل ۾ الائجي ڇو نفرت هئي، سا نفرت جڻ تہ ڪنهن ڪنڊ ۾ ڏبجي ويئي. رڪارڊ پورو ٿيو تہ هن محسوس ڪيو تہ هن جي اکين مان لڙڪ لڙي سندس ڳلن تي اچي پيا هئا. هن رومال ڪڍي لڙڪ اگهيا. لاري بہ

هلي ويئي، ۽ هوٽل تي ويٺل ماڻهو هن شهري بابوءَ کي ائين ڳنڌين ۾ بيٺل ڏسي ڪجھ عجيب وسوسن ۾ پئجي ويا. هن بيڳاھ وقت ڪنهن شهري بابوءَ کي ڏسي هنن سمجهيو تہ هو يا تہ ڪو ڪامورو هو، يا صوبيدار جو ڪو دوست، جنهن جا شهري دوست ڪڏهن ڪڏهن هن سان ملڻ ايندا هئا! صحڙي ماڻهوءَ اٿي، ويجهو اچي پڇيو: "صاحب، ڪيڏر جائينگا؟"

هو ڇڻ ڇرڪ ڀري، سجاڳ ٿي پيو. ان وقت ئي ٻيو رڪارڊ شروع ٿيو: "بلم تم ڪب آئو گي؟!"

ڪنور جو جادو پورو پورو ٿي ويو. اوپراڻ هن جي وجود کي ويڙهي وئي. ان خيال کان تہ متان هنن مان ڪو ڪيس سيجاڻي نہ وٺي، بنان ڪنهن جواب ڏيڻ جي، هو تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌي ويو.

"صفا ڪو منجهيل ٿو ڏسجي! ڀانيان ٿو تہ هي ان دهليءَ واري نواب صاحب جو ڪو ماڻهو يا منشي آهي، جنهن کي هت سڌو رام واريون زمينون الاٽ ٿيون آهن،" هن ويندي ويندي ٻڌو. سڌورام واريون زمينون، جنهن تي سليمان ماڇيءَ وارا پيڙهين کان آباد هئا. الائجي ماڇين جو ڇا ٿيو، هن سوچيو. هن دخل ڪار ۽ بي دخليءَ جا لفظ ڳوٺ ۾ ڪيترا ڀيرا ٻڌا هئا. پر ايا تائين هن کي اها خبر نہ هئي تہ اهي لفظ ڪهڙي مفهوم ۾ ڇپا ويندا هئا. هو تڪڙو تڪڙو قبرستان ۾ لهي پيو ۽ اوندهہ ۾ قبرون لتاڙيندو، وڇيون پيچرو ڏيئي، اچي اوتاري وٽ نڪتو. اوتاري کي ڏسندي ئي هن جا هٿ سيٺجي ويا. سيٺجڻ سان گڏ، هن جي ٻنهي هٿن ۾ پگهر بہ اچي ويو. رومال ڪڍي هن پنهنجا هٿ اگهيا. رومال ڪڍڻ وقت هن ڪيسي ۾ پيل روالور کي ڇُهي ڏٺو، ڇڻ تہ هن کي اهو خطرو هو تہ اوتاري جا ملنگ هن کي ڏسي، ڪهاڙيون لٽيون کڻي هن ڏانهن ڪاهي پوندا! اوتاري ۾ ڪي ملنگ ايا تائين پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪري رهيا هئا، ۽ رکي رکي سلفي جي سوٽي تي، سلفيءَ مان شعلو نڪرڻ ٿي لڳو. اهي منظر سڀ ساڳيا هئا؛ ڳوٺ جي گهٽين ۾ اوتري ئي ڌوڙ هئي. جن گهرن کي اڳ لوڙها هئا، اهي لوڙها بہ هڪ ٻن جاين کان سواءِ قائم هئا. ڳوٺ جي بازار بہ ائين ئي هئي. ڪوھ تي اهوئي ڇنل ٻوڪو ڍڪيءَ تي پيو هو!

هو هلندو اچي پنهنجي گهر جي دروازي اڳيان بيٺو. دروازو اندران بند ٿيل هو، ۽ اندر مڪمل اوندهہ هئي. ٻاٽ اوندهہ، گهور اوندهہ، گهپ اوندهہ! هن سوچيو تہ

ٽپڻي ته پيٽ پوندي. پر جي چاچو يا بابو اوچتو ٽڪاءُ تي جاڳي پيا ته چور چور ڪري وٺندم. وري دروازي جي ڪڙي کولڻ جو خيال آيس! ننڍي هوندي هو دروازي جي ٻنهي تاڪن کي آڏو زور ڏئي، ڪڙو کولينڊو هو، پر ڪڙي جي ڪرڻ جو به آواز ڪافي وڏو ٿيندو هو، ۽ ائين چوريءَ اچڻ تي ڪيس مارون به ملنديون هيون. پر پيٽ تان ٽپو ڏيڻ کان وري به هن ڪڙي کولڻ کي وڌيڪ سهنجو سمجهيو. هن تاڪن کي زور ڏيئي هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس هٿ اندر نه وڃي سگهيو. سندس هٿ ايترو وڏي وڏو ٿي ويو هو، جو ان لوڪهي مان ٻانهن لنگهائي دروازو کولڻ به ڏکيو ٿي پيو هو. لاچار چاقون ڪڍي دروازي واري پيٽ ۾ هڪ وڏو ڪَپُ ڪري، آهستي آهستي دروازي سان لاڳو پيٽ تي چڙهي ويو. هيٺ ٽپ ڏيڻ ته آسان هو پر رڳو آواز ٿيڻ جي انديشي کان هن ٽپ نه ٿي ڏيڻ چاهيو. لاچار جوڪم ڪٽي، دروازي جي مٿين اڏاوت چڙهي، دروازي جي مٿين چائنٽ تي پير ڪُپائڻ جي ڪوشش ڪيائين. پير ڦٽي ويس. ڪجه هيٺ ڀرو ٿي پير لڙڪائي، آهستي هيٺ پهن ڀر ٽپو ڏنائين. گهر اندر ڪوبه سجاڳ نه ٿيو. پير پير ۾ ڪري هو اندر آيو. اونده ۾ هن کي ڪجه ڏسڻ ۾ نه پئي آيو. ننڍي ٽارچ ٻاري، روشنيءَ کي هٿ ڏيندو، هو اڳتي وڌيو. هن ڏٺو، ته سندس پيءُ اونڌو ٿيو، رليءَ ۾ ويڙهيو، پٽ تي ستو پيو هو، ۽ سندس پيرانديءَ کان هن جي ماءُ ستل هئي. اندر، ڇپري ۾، هڪ کٽ پيل هئي، جنهن تي ڪو ماڻهو ستو پيو هو؛ هن کي پڪ ٿي ته اهو سندس چاچو علو هو. اونده هوندي به سڄو منظر ڪهڪائيندڙ هو؛ اها هئي مفلسي ــ سله جو مريض چاچو، تاڙي پيندڙ مزور پيءُ، ۽ سڄو ڏينهن وڏيري ۽ وڏيراڻين جا الائجي ڇا هاڻا ڪپڙا ڌوئيندڙ ۽ سندن خدمت ڪندڙ ماءُ! جن وٽ پنهنجي جسم ڍڪڻ لاءِ به ڪپڙو نه هو، ۽ جن کي وڏيرڪي گهرَ جي پاروٽي مانيءَ تي گذر ڪرڻ ۾ ڪوبه عيب نه ٿي لڳو! ڪڏهن ڪڏهن ته ان مسڪينيءَ ۽ مفلسيءَ جي ڪري انسان پنهنجي وجود کي وساري ويهندو آهي؛ جهڙي تهڙي تڪليف تي نظر ئي نه ويندي آهي. ڪو ڦٽُ ڦُرڙي جسم تي نڪري پوي ته مفلسي ان کي به تقدير ڏانهن منسوب ڪري ذهن تان وسارائي ڇڏيندي آهي؛ مفلسي، سندس چاچي جي سله جو نالو هو، رت گاڏڙ ڪانگهاري جو نالو هو! اهو جوان رت، جيڪو جيڪڏهن نفرت جو رنگ وٺڻ لڳي ته انو بڻجي پوي. راضي به رضا رهي ته

ان جو نالو محض علو رهجي ٿي ويو، جيڪو هاڻ زندگيءَ ۾ فقط هڪڙو ڪارج ادا ڪري رهيو هو؛ سموري ڳوٺ کي سلھ جي سوغات ڏيڻ! شايد ڳوٺن جي سموري مفلسي سلھ ۾ ولجي ختم ٿي وڃي! ان جي ختم ٿيڻ جو ٻيو ته ڪوبہ طريقو انوءَ کي نظر نہ ٿي آيو! ها هڪ طريقو هو.... پر شايد اهو رڳو شهرن ۾ ڪارگر هو؛ هن کي پنهنجي ڪيسي ۾ پيل روالور ياد اچي ويو. اوڏيءَ مهل هڪ ڊگهي ساهہ ڪڻڻ جو آواز آيو، ۽ انوءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. هو اڄ پنهنجي گهر ۾ چورن وانگر گهڙيو هو، ۽ هن کي هڪ اڃاتو ڊپ ورائي ويو. هن منهن ورائي نهاريو. سائڻ ننڊ ئي ننڊ ۾ آهہ ڀريندي، سنئين ٿي سمهي رهي. هن تارچ جي روشني ۾ چڱيءَ طرح پنهنجي ماءُ جي چهري کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي؛ تارچ جي پيلي پيلي روشنيءَ ۾ هن جي منهن جي زردي وڌيڪ نمايان ٿي ويئي. ان چهري تي محنت سان گڏ رنج ۽ گوندر جا گهنج مفلسيءَ جو نقشو ناهيندا ٿي ويا. انوءَ جي دل ڀرجي آئي. هن کي پاڻ تي ضابطو رکڻ مشڪل ٿي پيو. هيءَ ئي هستي هئي، جيڪا هن کي دنيا ۾ آڻڻ لاءِ ذميدار هئي؛ جنهن هن جي پيٽ تي مٺيون ڏيندي هن کي ڪلڻ سيکاريو هو، جيڪا هن جي اکين ۾ سرمو وجهندي، عجيب ويڳاڻين نگاهن سان ڪا گهڙي هن جي اکين ۾ نهاريندي رهندي هئي، ڇڻ تہ انهن ۾ ڪجھ ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، جيڪا جڏهن ڪلندي هئي تڏهن سندس ڪاڏيءَ ۽ مٽن جي وچ ۾ هڪ اهڙو خال ٿي پوندو هو، جو هو شرارت مان پنهنجي ڏسٽي آڱر ان خال ۾ رکڻ لاءِ آتو آتو پيو ٿيندو هو، ۽ اڄ هن کي يقين هو تہ سالن کان پوءِ جيڪڏهن هن کي ڪلڻ جو موقعو بہ ملي تڏهن بہ اهو خال پيدا نہ ٿيندو، هو ڪڏهن پنهنجي ڏسٽي آڱر سان ان خال کي ڳولي نہ سگهندو. اهو خال، اهي ڳل، چمڙيءَ جي گهنجن ۽ ڇانون جي نذر ٿي ويا هئا!

"اَما"! هن کان ڇڻ تہ آهہ نڪري ويئي. هن کي سڏ ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونہ هو. پر اوچتوئي اوچتو بيساختہ هن جي وات مان لفظ "امان" ڇڻ تہ زبان کي چيريندي نڪري آيو. پنهنجو ئي آواز ٻڌي، هو ششدر ٿي ويو. سائڻ ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهي. تارچ جي روشني ۾ نهاريندي، هيڏي ساري مضبوط جسم جي جوان کي بيٺل ڏسي، هن کي پهريون خيال آيو تہ گهر ۾ ڪو چور گهڙي آيو هو. پر هن جي ڪنن جيڪو لفظ ٻڌو هو، ان هن جي ذهن کي اهڙو نِسَتو ڪري

چڏيو هو، جو ننڊ مان چرڪ پرڻ جي باوجود هن کي ڊپ نہ ٿيو.

"انو، تون آهين؟" هن کي چڻ تہ يقين هجڻ جي باوجود ويساهہ نہ ٿي آيو.

"ها امان، آءٌ آهيان آنو!" هن جي گوڏن مان بہ ست نڪري ويو، ۽ گوڏن پر لٽڪندي، هو ماءُ جي هنج ۾ منهن لڪائي، سڏڪا پرڻ لڳو. ضبط جو ٻنڌ ٽٽي پيو، ۽ هن جا لڙڪ ماءُ جي ڦاٽل گج جي ڪارن ڪٽيل ڪاوَن کي پسائڻ لڳا! ڪو وقت تہ هو دل کولي روئندو رهيو. سائنڊ سندس ڳچيءَ ۽ وارن کي چميون ڏيندي رهي. پر سائنڊ جي اکين ۾ لڙڪ نہ هو. هن جي اکين جا لڙڪ تہ ڪڏهوڪا سُڪي ويا هئا. هن جي اکين ۾ جي رڻ پٽ لاءِ احساس جو هي مينهن ڪافي نہ هو. هن کي ايا بہ ان مينهن تي رُڄَ جو شڪ هو. هن کي اهو ئي خيال هو تہ هوءَ خواب ڏسي رهي هئي. هي سپنو هو- سايياں نہ هئي!

"ڪهڙو آهين؟" اندران هڪ ڪمزور آواز آيو. علو بہ اوندهہ ۾ پاڇولن جي چُرپُر تي جاڳي پيو هو. اوندهہ جا پاڇولا هن کي هميشہ جاڳائي وجهندا هئا؛ هن کي هميشہ ائين لڳندو هو چڻ تہ موت جو فرشتو بہ اوندهہ جي پاڇولن وانگر چُرندو، سُرندو اوچتو هن جي جسم کي برف جهڙو ٺڏو ڪري ڇڏيندو، ۽ ڪن صدين کان هو ان پاڇولن جي شهزادي جي انتظار ۾ ڪنگهندو رهيو هو.

انو ۽ سائنڊ بہ پنهنجي سپني مان جاڳي پيا. انو اٿي اندر صفحي ڏانهن آيو، ۽ چيائين "آءٌ آهيان انو، چاچا!"

اندر گُپ اوندهہ هئي. انوءَ تارچ جي روشنيءَ کي رهبر بنائيندي، چاچي جي کٽ ڏانهن وڌيو، ۽ هن جيڪي ڏٺو، سو هن کي سموري زندگي تڙپائيندو رهندو. انسان جي هيءَ صورت بہ ٿيندي آهي، سو هن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو. قبرستان جي هن پَر، رُلندي هن اڪثر مئل جانورن جي هڏن جي پيحرن تي، ڳجهن جا ميڙ ڏٺا هئا. انسان کي ان حالت ۾ ڏسڻ جي هن کي ڪڏهن بہ اميد نہ هئي. سڀ کان اچرج جي ڳالهہ اها هئي تہ هي هڏن جو پيحرو ساهہ کڻي رهيو هو؛ وڏا وڏا ساهہ، ڏکيا ڏکيا ساهہ! سندس ڳچي ۽ ڳلن تي اونهن زخمن جانشان ڏسي تہ هو هيڪاري اچرج ۾ پئجي ويو. شايد ڪا ويڙهہ ئي ٿي پائنجي، جنهن ۾ زخمجي پيو هوندو، هن سوچيو! "آءٌ هڪڙي هڪڙي ڪان وير ولندس!" هن ۾ پراڻي نفرت موٽي آئي.

"چاچا، هي ڳلن ۽ ڳچيءَ تي نشان ڇا جا آهن؟"

علوءَ کوبہ جواب نہ ڏنو. احساس جو مينهن هن سُڪي لوٽ ٿيل زمين تي اُگمجي آيو هو، ۽ جذبات تي قابو رکڻ لاءِ هڏن جي هيءَ زمين اونها ساهہ ڀرڻ لڳي هئي. انو هن جو لاڏلو هو؛ هن کي پنهنجي هٿن سان هن کير جا گوها هنيا هئا، جنهنکي پاڏن تي چاڙهي، هن منجهانئس ڊپ جي ديو کي ڀڄائي ڪڍيو هو، جنهنکي هن اهي ڪهاڻيون ٻڌايون هيون، جيڪي هن جي پنهنجي ٻالڪپڻ جو سرمايو هُيون. جنهن کي هن پنهنجي چنيسر ٿيڻ جو واقعو ٻڌايو هو، جنهنکي هن وڃهوتي راند سيکاري هئي، جنهن کي هن گوڻچن، ڏينن، ۽ آيُن جي خوشبو ۽ معنيٰ سمجهائي هئي، جنهن کي هن تترن ۽ تلورن جون ٻوليون ٻڌايون هيون، جنهنجي ٻالڪپڻ ۾ هن کي پنهنجو ٻالڪپڻ وري اُڀرندو نظر آيو هو— اهو احساس جو مينهن هنکي ڏوڏڻ لوڏڻ لاءِ ڪافي هو.

"ابا، ڊاڪٽرن ڇڇري ڇڏيو آهي!" علوءَ پاڻ تي ضابطو آڻيندي، اڳئين کان ڪمزور آواز ۾ چيو.

"ڇو؟" انوءَ کي يقين نہ آيو. هو تہ ايتاتائين ويرولڻ لاءِ پنهنجي ذهن کي تيار ڪري رهيو هو.

"ڳلن ۽ ڳچيءَ تي سِلہ جون ڳوڙهيون ٿي پيون هيون. اهي وَڍي ڪڍي ڇڏيائون ۽ هاڻ تہ جواب.ڏيئي ڇڏيو اٿن!"

هڪ ڊگهو ساهہ ڀريندي هن وري چيو؛ "پر تون منهنجي ويجهو نہ بيهہ، مرڳو تون نہ وٺجي پوين!" ائين چوندي، علو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. پر ان روئڻ ۾ آواز نہ هو. انوءَ جي دل ڇڻ تہ ڦاٽڻ تي هئي. سموري بدن جو رت هن جي مغز ۾ گڏ ٿيڻ لڳو هو، ۽ لوٽن وٽ اُٿلون کائڻ لڳو هو. آخر هن ڏاڍي مشڪل سان چيو. "چاچا، مڙئي خير ٿيندو؛ آءٌ سياڻي وري توکي شهر وٺي هلندس، ۽ شهر جي وڏن ڊاڪٽرن سان صلاح ڪنداسون!"

علوءَ جا سڏڪا بند ٿي ويا، ۽ هاڻ فقط ڊگها ڊگها ساهہ کڻي رهيو هو.

"اڙي ابا، شهر جي سمورن ڊاڪٽرن مون کي ڏٺو آهي. خدا خوش رکي رئيس انور خان کي. هن جي چوڻ تي سينٽوريم وارن ڪو ڊاڪٽر ڪونہ ڇڏيو. اپريشنون، سُيون، دوائون سڀ ٿيون. پر چون ٿا تہ مون ۾ جئري رهڻ جي آرزو ڪانهي، طاقت ڪانهي! سو سينٽوريم ۾ مرڻ کان اچي پنهنجي گهر ڀيڙو ٿيو آهيان. پر موت بہ الائجي ڇو نہ ٿو اچي!"

ايترو گهڻو ڳالهائڻ کان علوءَ کي ساهي پئجي ويئي، ۽ هو کنگهڻ لڳو. هن جي کنگهه ۾ به هاڻ ڪو آواز نه رهيو هو، ڇڻ ته هن کي ڪو گهٽو ڏيئي رهيو هو ۽ کنگهڻ وقت هن جي ڳچيءَ جون رڳون ڇڇنديون ٿي نظر آيون. الائجي ڇو انوءَ کي اهو محسوس ٿيو ته علو مري رهيو هو. موت علوءَ جي اکين تي ڇائنجندو ٿي ويو. هن جو موت ڇڻ ته فقط انوءَ جي اڇڻ جو منتظر هو، ۽ جڏهن اهو انتظار ختم ٿيو، تڏهن ڪو پاڇولو علوءَ جي اکين، گچيءَ جي نسن ۽ رڳن، ڇاتيءَ جي ٻاهر نڪتل پاسراٽين، ۽ ٻانهن جي ڪراين ۾ هڪ آخري جنبش پيدا ڪري موتي ويو، ۽ پوءِ علوءَ جي منهن تي ڇڻ هڪ سڪون ۽ اطمينان جو پاڇو اچي اتي ئي جمي بيهي رهيو هو. هاڻ علوءَ جي اکين ۽ منهن تي ڪوبه درد، ڪوبه رنج، ڪوبه الم، ڪوبه دک نه هو، ڪابه پيڙا نه هئي. انو ڇڻ ته جادوءَ جي اثر هيٺ، تارچ جي پيلي زرد روشنيءَ ۾ اهي بدلجندڙ منظر ڏسندو رهيو. هن سمجهيو ته جيڪڏهن هن ڪابه ڇُرپر ڪئي ته اهو جادو، اهو طلسم ٽٽي پوندو ۽ مڃاڻ علوءَ جي منهن جو سڪون، هن جي ڇهري تي اطمينان جو ڇانورو وري دُک جو پاڇولو بنجي ويندو! هن پنهنجي ڇاڇي کي وري ان پيڙا ۾ ڏسڻ نه ٿي گهريو. هن جي ذهن تان اهي ڪامڻ تڏهن ٽٽا جڏهن اوچتو هن بلڪل پنهنجي پير ۾، پنهنجي ماءُ جو سڏڪو ٻڌو. اهو سڏڪو وڏي اوچنگارن ۾ بدلجي ويو. هن کي به پنهنجي دل ڪٽجندي ڪپجندي محسوس ٿي. هن وڏي ماءُ جي ڪُلهن ۾ ٻانهن وڌي. ان سهاري مرڳو سانئڻ جي روئڻ جا بند ڀڄي وڌا، ۽ هن جون اوچنگارون هن جُهريل گهر کي وڌيڪ جهورڻ لڳيون. پوءِ انوءَ هڪ ٻئي انساني پاڇي کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. ان پاڇي لاءِ به هن جي دل ۾ هڪ ڇڪ پيدا ٿي. هڪ نا معلوم ڪشش ڪنهن اڏ مي وانگر هن جي دکي دل کي ڏوڏڻ لڳي.

"رَنَ، آڏيءَ رات جو هي ڇاجو روڄ راڙو شروع ڪيو اٿئي؟" هن پيءُ جو ورڇيل ورڇيل آواز ٻڌو. ان آواز ۾ ڪاوڙ کان وڌيڪ بيزاري هئي. زندگيءَ جي هنگامن ۽ روڄ راڙي کان بيزاري! پر هن کي پيءُ جو اهو انداز ۽ اهو آواز بلڪل نه وٺيو. مٿو به هڪ ڏارئين ماٿهوءَ کي گهر ۾ ڏسي، پاڻ کي ڪجهه چوڻ کان روڪي ورتو، ۽ ڇڻ ڪجهه سوچيندي پڇيائين:

"ڪير آهي؟"

"آءٌ آهيان بابا، انو!" هو پاڻ ئي وڏي پيءُ جي پير ۾ بيهي رهيو؛ هن جي دل ۾ آرزو جاڳي اٿي ته مٿو هن کي ڀاڪر پائي. اهو سوچيندي ئي هن پاڻ کي نهايت ڪمزور محسوس ڪيو. اها اهڙي ڪمزوري هئي جنهن کي تسلي ۽ تسڪين جي ضرورت هئي. ان اعلان لاءِ مٿو بلڪل تيار نه هو. گهڙيءَ لاءِ ان اعلان، هن جي ذهن ۾ ڪي ڳالهيون ورجايون؛ ٽاٽو، صوبيدار جون گاريون، جمعدار جي مار، سانئڻ کي سندس اڳيان اگهاڙو ڪرڻ، وڏيري جو اچي پئسا ڏيئي ڪين ڇڏائڻ ـــ اهي سڀ ڳالهيون تيزيءَ سان مٿوءَ جي اکين آڏو، اونده جي باوجود چمڪاٽ ڪنديون لنگهي ويون، ۽ هن خارن مان چيو؛ "ڪتي جُتي آيو آهين. هاڻ هت ڇالاءِ آيو آهين؟ مون کي ٽيپ ڪارائڻ ياماڻهين کي اگهاڙو ڪرائڻ؟"

ان آواز ۾ به ڪاوڙ نه هئي؛ بيزاري ۽ پاڻ وهيٺائيءَ جي حد هئي، لاچاريءَ جي انتها! انو ان جملي لاءِ بنه تيار نه هو. هن جي ڏکي دل کي پاهوه ۽ پيار جي ضرورت هئي. هي موقعو اهڙو هو جو مٿو جي ڪڏهن هن کي ڀاڪر پائي ها ته هن جي سموري زندگي تبديل ٿي وڃي ها. ان ۾ نفرت جي بدران وري محبت ۽ ميٺاڻ جا دريا وهڻ لڳن ها. ان ۾ وري انسان هُجڻ جو گهمنڊ، پيار پائڻ جو آٿت موتي اچي ها. دک ته دل کي ميڻ وانگر نرم ڪري وجهندو آهي- پاهوه ۽ پيار ان ميڻ مان دل گُهريا مجسما ۽ بت گهڙي سگهي ها، پر نفرت جو پارو ان کي پنڊ پهڻ ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، ۽ هن بنان ڪنهن جذبي جي، بنا ڪنهن سوچ جي چئي ڏنو؛

"چاچو، گذاري ويو!"

هي ٻيو اعلان هو، جنهن مٿوءَ جي بيزاريءَ ۾ ڪو فرق نه آندو، بيزاريءَ جودريا وهندو ئي رهيو ۽ مٿووڏي علوءَ جي ڪٽ تائين آيو. هن جي دل ته چيو "چڱو ٿيو!" پر هن جي وات مان نڪتو. "هاڻ ڪفن جي چٽي ڪٽا ڀربي؟!"

انوءَ کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته هن ماڻهوءَ جي سيني ۾ دل بدران پتر ٽڪر ڀريل آهن، جو پنهنجي سڳي ڀاءُ جي موت تي به هن جي دل مان ڪنهن آه نڪرڻ بدران ڪفن جي پئسن جو خيال جاڳي اٿيو آهي. هن ڏٺو ته ماڻس ان وچ ۾ چپ ٿي ويئي هئي، ۽ وڏي علوءَ جي اکين کي هٿن سان بند ڪري، مٿائنس ڇنل رلي وجهي ڇڏي هئائين، ۽ پاڻ پيراندي کان پٺ تي ويهي رهي هئي.

هن جو دم گهٽجڻ لڳو. هن تارچ بند ڪري ڇڏي. ان اوچتي اونده جڻ ته

سانٽڙ کي بہ ڊيڄاري ڇڏيو. موت ۽ اوندھ ئي تہ انسان جا ازلي دشمن آهن ـــ ۽ ٻنهي کان بچڻ لاءِ انسان سڄي عمر جتن ڪندو رهيو آهي! ان نئين ڊپ کان هوءَ وري سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. انوءَ پنهنجي ڪيسن ۾ هٿ وجهي نوٽن جا بنڊل ڪڍي پيءُ ڏانهن وڌايا. اوندھ ۾ مٺوءَ جي جسم سان نوٽن جي ڇُهاءَ ڪوبہ اثر پيدا نہ ڪيو. پر جڏهن انوءَ سندس ٻانهن کان جهلي سندس هٿن ۾ ڏنا، ۽ هن محسوس ڪيو تہ اها شيءِ پئسن کان سواءِ ٻيو ڪجھ ٿي نہ ٿي سگهي، تڏهن هن کان ڇڻ ڇرڪ نڪري ويو.

"گهٽا آهن؟" هن جي رُکائيءَ ۾ ايڏا بہ ڪو ڦيرو نہ آيو.

"مون ڳڻيا ڪونهن. پر جي وڌيڪ گهرج پئي تہ ڪٿي ايندس،" هن بہ ڇڻ رُکائيءَ مان چيو. اوندھ ۾ وري خاموشي ڇائنجي ويئي.

"آءٌ ڳوٺ ۾ ڇاڻ ڪري ٿو اچان!" ائين چئي هليو ويو.

انو وڏي ماءُ تائين آيو، ۽ اتي ئي پَٽ ۾ ويهي رهيو.

"امان، بابا ايترو بدلجي ڇو ويو آهي؟"

هن چوڻ تہ تي اهو ٿي گهريو تہ بابا مون کي پيار جي موٽ ڏيڻ تہ نہ ايترو رُکائيءَ سان ڇو پيش آيو، پر هن بہ پنهنجي لفظن کي ايترو ئي اَڻ- سڌو رکڻ گهريو، جيترو هن پنهنجي پيءُ جي روبي ۾ محسوس ڪيو هو. پوءِ سانٽڙ هن کي سڄي ڪهاڻي روئندي روئندي ٻڌائي. ملنگ جي خون ۾ پوليس گُلوءَ ۽ انوءَ جي ڳولا ۾ مٺوءَ کي جهلي ويئي، اها سڄي ڪرائڻ لاءِ تہ ٻئي ڇورا هن لڪايا آهن. مٺوءَ کي پوليس ايترو ماريو جو مهينو سڄو ڪٽ تي پيو هو؛ برف تي بيهاري پير ڪٽڻ، مڇون پٽڻ، ننڊ نہ ڪرڻ ڏيڻ، ويهڻ نہ ڏيڻ ـــ پوليس جي مار جو هر طريقو هن آزمايو، ۽ جڏهن مٺوءَ تڏهن بہ چيو تہ هن کي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، تڏهن سانٽڙ کي وٺي ويا، ۽ سانٽڙ وري اچي اوچنگارن ۾ پئي! هن جڏهن اهو ٻڌو تہ صوبيدار، جمعدار ۽ ٻين سپاهين جي سامهون سانٽڙ کي اگهاڙو ڪيائون، تڏهن انوءَ جو ساهہ اتي ئي روڪجي ويو. هن جو هٿ وري ڪيسي ۾ پيل روالور تي اچي ويو. هن وڌيڪ ڪجھ ٻڌڻ بہ نہ ٿي گهريو.

پوءِ ماٿس روئندي ٻيو: "ابا، تون هتان ساجهر هليو وڃ، نہ تہ....."

۽ هو سمجهي ويو. هو خون جو ڏوهاري هو ۽ پوليس ايڏا تائين هن جي ڳولا ۾ هئي. هن جي ماءُ پيءُ تي هن جي ڪري جيڪي وهي واپري چڪو هو، تنهنجو

تصور ڪندي هن کي شهر جي لاڪپ ۾ ولوءَ جي مار جو منظر ياد اچي ويو. ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ثابت ڪرڻ پوليس جي ڏائي هٿ جو کيل هو. ڏوهاري ۽ بي ڏوهيءَ جو فرق پوليس جي اڳيان ڪجھ نہ هو. بي ڏوهي هجڻ جو فقط هڪ ثبوت هو، ۽ اهو هو نوٽن جا بنڊل!

"امان آءٌ هاڻ هلان ٿو. آءٌ وري ايندس، ۽ توهان کي پاڻ سان شهر ولي هلندس!"

هن جو اهو چوڻ ئي سانئڻ لاءِ ڪافي هو. هوءَ هن کي چنبڙي پئي، ۽ روئندي، اوچنگارون ڏيندي هن جي ڳچيءَ، منهن ۽ وارن کي چمين ۽ لڙڪن سان پسائي ڇڏيائين. هو بہ بلڪل ٻارن وانگر روئڻ لڳو. هن کي پنهنجي ڪمزوريءَ تي ڪاوڙ بہ اچڻ لڳي، پر اڄ هن کي ڇڻ پنهنجي اکين تي قبضو نہ رهيو هو. نہ چاهڻ جي باوجود ماءُ جي هنج ۾ هن جي اکين روئڻ تي شروع ڪيو! پوءِ اُتي چاچي جي ڪٽ جي ويجهو آيو. تارچ جي روشنيءَ ۾ هن رليءَ جو پلاند هٿائي آخري بار علوءَ جو پُر سُڪون موت ڏٺو؛ ان موت ڇڻ تہ هن کي هڪ سُهارو، هڪ آٿت ڏنو. اهو موت هن کي گهڻو وقت ياد رهندو. ان موت هن کي انسان جي بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ تي فتح پائڻ سيکاريو هو، هاڻ هن جي ذهن ۾ خيالن، جذبن ۽ احساسن جوسمنڊ پُرسُڪون ٿي چڪو هو، ۽ هو چپ چاپ دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. هاڻ تہ ڪا لاري بہ شهر نہ ويندي، تڏهن بہ هن پنهنجي گهر کان پري، گهڻو پري نڪري اچڻ ٿي گهريو.

قبرستان مان لڳهندي وري هن کي پراڻا نقش ياد پئجي ويا، ۽ تارچ جي روشنيءَ ۾ هن وڏي پراڻي بڙ جي وَڻَ کي چُهي ڏٺو. هي وڻ ايا تائين اڏول پنهنجي جاءِ تي بيٺو هو؛ ڇڻ تہ هن کي زندگيءَ ۾ ٻيو ڪوبہ ڪارج نظر نہ ٿي آيو، سواءِ ان جي تہ موت جي واديءَ ۾ ڇانوَ ڪندو رهي! هن جي تارچ جي روشنيءَ جي ڪري هڪڙي ڇپري هڪ ڊگهي چيٽ ڪري ماحول جي خاموشيءَ کي توڙي وڌو، ۽ هو تڪڙو تڪڙو قبرستان مان لنگهي، اچي لاريءَ جي اسٽينڊ تي پهتو. لانديءَ واريون هوٽلون بہ سنسان پيون هيون. هڪڙي بينچ تي هوٽل جو مالڪ ڪونگهرا هڻي رهيو هو. هو بہ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، ۽ اوندهہ کي گهوريندو رهيو. هن جو ذهن بار بار پنهنجي چاچي جي پُرسُڪون موت تي سوچيندو رهيو. ڇا هن جي جوانيءَ جي زندگي هئي، ۽ ڇا هن جي جوانيءَ جو

موت! انهن ٻنهي پڇاڙين جي وچ تي مفلسيءَ جو اٿاهه سمنڊ هو؛ جنڪا تہ زندگيءَ ۽ موت مفلسيءَ جي سمنڊ جا ٻہ ڪنارا هئا. هي ئي اهڙو سمنڊ هو، جتي نوٽن جي ڪاغذ مان ٺهيل ٻيڙي زندگيءَ جي ڪناري ۽ ساحل تي صحيح سلامت پهچائي سگهي ٿي! جيڪڏهن هن جي چاچي مفلسيءَ جي ان ڪُن مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي تہ ان لاءِ جوابدار ڪير هو؟ جيڪڏهن خود هن جي زندگيءَ ۾ شهر ڀيچي وڃڻ جو سبب پيدا نہ ٿئي ها تہ اڄ هو ڪهڙي حالت ۾ هجي ها! ۽ شهر ۾ ٻہ هن ئي جهڙا ڪيترا ڇوڪرا ۽ جوانڙا مِلن، ڪارخانن، دڪانن ۽ اسٽيشنن تي ڏٺا هئائين، جن مان ڪيترن کي تہ پڪ ئي پڪ سندس چاچي واري بيماري هئي. هنن جي زندگي ۽ هن جي پنهنجي زندگي کي جدا ڪندڙ فقط هڪ مضبوط ديوار هئي؛ نفرت! نفرت، جا هن جي رڳ رڳ ۾ نئون خون پهچائيندي ٿي رهي. نفرت ئي زندگيءَ جو سرمايو آهي! نفرت ئي هن جي زندگيءَ ۾ متحرڪ قوت ثابت ٿي هئي. هن ان جي آجيان ۾ ڪنڌ نمائي ڇڏيو؛ نفرت هن کي زنده رهڻ سيکاريو. نفرت هن ۾ ويرِ وٺڻ جو جذبو پيدا ڪيو. نفرت هن کي مقابلي جي قوت عطا ڪئي. پر هن جي پيءُ ۾ ٻہ تہ نفرت هئي. ان نفرت کان هن جي پيءُ ۾مقابلي جي قوت ڇو نہ پيدا ٿي؟ شايد هن جي پيءُ پنهنجي نفرت کي تاڙي ۽ ڪنتريءَ ۾ ٻوڙي ڇڏڻ ٿي گهريو! نتيجو اهو نڪتو تہ نفرت بيزاري ۽ پوءِ لاچاريءَ ۾ بدلجي ويئي! هن فيصلو ڪري ورتو تہ نفرت ئي زنده رهڻ جو صحيح راز آهي. نفرت جا ڪرشما هو نندي هوندي کان ڏسندو آيو هو. گهڙيءَ لاءِ ماءُ، چاچي يا پيءُ جي لاءِ هن جي دل ۾ پيار پيدا ٿيو هو تہ هن پاڻ کي ڪيترو نہ ڪمزور محسوس ڪيو هو! پر نفرت جي پيڙهہ جي باوجود جڏهن هن ڪَنور جو راڳ ٻڌو هو تہ هن جي اکين ۾ پاڻي ڇو ڀرجي آيو هو؟ اها ڳالهہ هنجي سمجهہ ۾ نہ آئي. نفرت جي باوجود هن کي ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ ڇو ائين محسوس ٿيندو هو تہ جيڪڏهن ڪو هن کي پيار مان "انو" ڪري سڏ ڪري تہ هوند هو پنهنجي زندگي تبديل ڪري ڇڏي!

هن کي وري شهر جي لاڪپ ۾ مارڪاڏل ولوءَ جو منهن ياد اچي ويو. ان منهن ۾ انهن ڳاڙهين تاندن جهڙين اکين ۾ ٻہ تہ نفرت هئي؛ پوءِ اها نفرت ڪهڙي قسم جي هئي؟ ان نفرت چپ چاپ موچڙا ڇو ٿي ڪاڏا؟ ان نفرت ڇو نہ ٿي صوبيدار ۽ جمعدار جي ڳچي مروڙي ڇڏي؟ ڇو انهن اکين ۾ نفرت جي باوجود

هڪ بيوسي، اپاڻڪائي ۽ لاچاري بکي رهي هئي؟ هينئر ولو ڇا ڪندو هوندو؟ هميشہ وانگر پاڇاريءَ ۾ ڍڳن سان گڏ پاڻ بہ جوتيل هوندو، ۽ هَرُ ڏيندي ڏيندي جڏهن هٿن ۽ پيرن ۾ لِڦون پئجي ويندیون هوندس، تڏهن بہ "شڪر اٿئي منهنجا مولي!" چئي، چپ چاپ زمين جو سينو چيريندو هوندو! هن کي پڪ ٿي تہ ائين ئي هوندو! سنڌ جي هاريءَ جي نصيب ۾ چاڪيءَ وارا کوپا ۽ چَڪَر ڪڏهن ختم نہ ٿيندا! چوريءَ جي شڪ ۾ جهلجي مارون کائي، جيل جهاڳي، وري بہ هَرَ جي چونيءَ کي چنبڙي پوندو! هن ۾ تہ هَرُ ڏيندي بہ نفرت پيدا نہ ٿي ٿئي! وري بہ ڍڳن جي جوڙي کي ٻچڪارون ڏيندو، وڏيري جي بخت کي دعائون ڪندو، پنهنجي انگ اگهاڙن بُکين ٻچن پيڙو ٿي، ڌڻيءَ جا شڪرانا مڃيندو رهندو! ڪيڏو نہ صابر آهي سنڌ جو هاري! هن کي ان صبر کان نفرت ٿيڻ لڳي؛ ان صبر کان تہ موت پلو! ڪهڙو موت؟ چاچي علو جهڙو موت؟ اهو بہ تہ صبر جو نتيجو آهي، هن سوچيو. مختلف خيال وَرَ وَر ڪري، هن جي ذهن ۾ پُرٽ پکيڙيندا رهيا. اوچتو هن ڪنهن گاڏيءَ جو آواز ٻڌو؛ هو ڇرڪ پري اٿيو. ڪا جيپ ٿي ڏلي، هن تارچ ٻاري جيپ واري کي هٿ ڏنو.

*** ** **

جيپ جي ڊرائيور هن کي هڪ نظر سان ٽارچ جي اونده گاڏر روشنيءَ ۾ ڏٺو، ۽ پڇيائين:

"ڪيڏانهن ويندؤ؟"

"شهر!" هن مختصر جواب ڏنو.

"هتان ڦري اچو!" ڊرائيور بہ مختصر جواب ڏنو.

هن لهجي، هن انداز کان هو ايڏا واقف نہ هو. هڪ غير واقف ماڻهو هن کي جمع ۾ مخاطب ڪري هن کي عزت ڏئي رهيو هو، ۽ ان لهجي ۾ غيرئيت هوندي بہ پنهنجائپ هئي. هو اهي خيال ذهن ۾ اٿلائيندو، ڦري ٻئي پاسي کان ڊرائيور جي پاسي واري سيٽ تي اچي ويهي رهيو. جيپ وري هلڻ شروع ڪيو. ڊرائيور هن کان بلڪل بي نياز جيپ هلائيندو رهيو. جيپ جي اڳين روشنيءَ جي موٽ کائيندڙ سوجهري مان هن ڊرائيور جو جائزو ورتو. ننڍي عمر جو، شايد ڪائنس ٻہ تي سال ئي وڏو هوندو. منهن چڱيءَ طرح نظر ڪونہ ٿي آيو، پر جوان جماڻ نقش اونده ۾ بہ پنهنجي انفراديت ظاهر ڪري رهيا هئا. هوا جي جهوٽي ۾هن جا وار وري وري هن جي پيشانيءَ تي اچي ٿي پيا، جن کي هن بي نيازيءَ سان ذري ذري هٽائي، ڪنن جي پويان اٽڪائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

جيپ جون بتيون اڳيان رستي جي اونده کي چيريندیون، وٽن جا پاڇولا پکيڙيندیون ٿي ويئون. سامهون ڪا ڍڳي گاڏي ٿي آئي تہ ڍڳن جو اکيون، جيپ جي بتين جي ڪري روشن روشن ٿي، پاڻي جي بلبن وانگر چمڪڻ ٿي لڳيون. اهي اکيون روشنيءَ جي پاڇولن جي ڪري ڪيتريون اونهيون، ڪيتريون گهريون ٿي لڳيون! ڍڳن جي ڳچيءَ ۾ پيل ٽلين جو آواز، پوئتي هٽندڙ پاڇولن سان، ايتري تيزيءَ سان ٿي پوئتي موٽيو جڻ تہ انهن جو آواز غير مرئي طرح موٽ کائيندڙ پاڇولن جو هڪ حصو هو؛ جڻ تہ اهو آواز، ڪنهن پاڇولي جو پڙاڏو هو! پاڇولا آواز جي موٽ سان گڏجي هن کي پنهنجي سموري

زندگي ياد ڏيارڻ لڳا، جن ۾ هاڻ رڳو پاڇولا ۽ پڙاڏا ئي هن کي ياد رهجي ويا هئا. پر ڪيترا نہ ظالم پاڇولا هئا، ڪيترا نہ ظالم پڙاڏا! انهن پڙاڏن ۾ سڀ کان ظالم هن جي ماءُ جي اوچنگارن جي بازگشت هئي، علوءَ جي خاموش خاموش سڏڪن جي بازگشت هئي! هي موتندڙ، وڌندڙ روشنيءَ جي ڪري گهٽجندڙ، وڌندڙ، سُسندڙ ۽ ڦٽبندڙ پاڇولا، جيڀ جي روشنيءَ ۾ نچندا رقص ڪندا، تلندا، تمڪندا ائين گم ٿيندا ٿي ويا، جڻ تہ علوءَ جي موت جا پاڇولا هئا، جي ورهين جا ورهيہ هن جي زندگيءَ تي ٽٽوليون ڪندا، هن جي زندگيءَ جي پڙاڏن کي پاڻ ۾ سميٽڻ لاءِ رقص ڪندا، تلندا، تمڪندا رهندا! هن جي دل وري ميڻ وانگر وگهرڻ لڳي هئي؛ خيالن جي تَوَ کان هن جي دل رجڻ لڳي هئي، لڙڪ هن جي اکين مان اُتلي، چپ چاپ هنجي بُشَرٽ ۾ جذب ٿيندا رهيا. سامهون ايندڙ هڪ ٽرڪ جي روشني ۾ اهي لڙڪ چمڪندا بڻجي ويا!

"اوهان ڏاڍا دُکي ٿا ڏسجو!" ڊرائيور هڪڙو هٿ هن جي ڪلهي تي رکندي چيو.

"جي، جي نہ.... اهڙي تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي...." ۽ نہ چاهيندي بہ هن جو ڊهيل سڏڪو ڇپن ۾ وٽي پيدا ڪندو، اوندهہ جي پڙاڏن سان ملي ويو.

"تڏهن اوهان کي شايد خبر نہ آهي تہ اوهين روئي رهيا آهيو، ۽ لڙڪ اوهان جي ڳلن تان وهندي اوهان جي دل تي ڪرندا ٿا وڃن....!" ڊرائيور جي آواز ۾ الائجي ڪهڙو ميٺاڻ هو، جنهن کي ٻڌندي هن جي دل چاهيو تہ هو خوب روئي، ايترو روئي جو هن جي روح جو آواز، جيڀ جي انجڻ جي آواز، جيڀ جي ڦيٽن جي آواز سان رلي ملي وڃي. پر هن کي ڪمزوريءَ کان نفرت هئي. هن ڪيسي مان رومال ڪڍي پنهنجي اکين کي اگهي ڇڏيو، ۽ هڪ ٿڌو ساهہ ڀريائين. ان ٿڌي ساهہ ۾ دک جي ڇايا تہ ضرور هئي، پر ان سان گڏ هن جي بردباري موتي آئي.

صبح جي پهرين پرهہ، ڪَرَ موڙي، اوپر کان مرڪندي، سوجهري جي ڪرٽن کي جنم ڏيندي، ماحول تي ڇانئجڻ لڳي هئي. صبح جو پهريون پڪي، پنهنجي ٻچن لاءِ داڻا ڪٽا چڳڻ لاءِ هلڪيون چيٽون ڪندو، هن جي جيڀ جي شيشي سان اُچي ٽڪريو. رفتار جي ديو، هن جيتامڙي جا اوسان خطا ڪري ڇڏيا، ۽ هو "ٽيهون ٽيهون" ڪندو، لڏندو، ٿيڙ ڪائيندو رستي جي ڪپ تي، ٻيهر جي لامہ جهلي ويهي رهيو! اوچتو جيڀ جو هڪ ٽائر "ڦشڪ ڦشڪ"

ڪندو، هيٺ جهڪي ويو.

ڊرائيور جو پير بريڪ تي ڪپي ويو. اوچتو بريڪ لڳڻ تي، انو پاڻ سنڀالي نہ سگهيو، ۽ هن جو نرڙ وڃي جيپ جي مُهڙ واري اسڪرين سان لڳو، ۽ جيپ ڇڻ تہ ان ڏَڪَ جو تاب نہ جهلي بيهي رهي.

"اوهہ! معاف ڪجو، آءٌ بہ ڪو وڏو گڏهہ آهيان... ڏک ڏاڍو تہ نہ لڳوَ؟"

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو- فقط نرڙ کي مهٽيندو رهيو.

"ٽائر کي برسٽ بہ هتي ٽيٽو هو!" ڊرائيور وري چيو. هن وري بہ ڪو جواب نہ ڏنو. ان ڏک هن کي ڇڻ ڏرتيءَ تي موٽائي آندو هو.

"معاف ڪجو، اوهان کي زحمت تہ ٿيندي، ٽائر بدلائڻو پوندو! اوهان کي شايد دير ٿيندي هجي. ٻي ڪا گاڏي لنگهي تہ اوهين بلاشڪ ان ۾ چڙهي هليا ويجو!"

ايتري شرافت، ايتري نرم مزاجي، ايتري بي نيازي.... هن لاءِ هڪ نئين ڳالهہ هئي. هن کي هڪ طرح سان ان سکرپٽي کان چڙ اچڻ لڳي. شايد پنهنجي شرمساريءَ هن کي اهو محسوس ڪرايو تہ ڊرائيور جو اهو رويو بلڪل بناوٽي ۽ مصنوعي هو. هو ايڏو وڏو، ايڏو معتبر ماڻهو تہ نہ هو، جو ڊرائيور هن تي مهربانيون ڪندو وڃي، ۽ ان کان پوءِ بہ ايتري اخلاق سان پيش ايندو رهي!

ڊرائيور سيٽ هيٺان ٽول با ڪس مان پانا پڪڙون ڪڍي، پاسي ۾ ٻڌل ٽائر لاهڻ لڳو. انو بہ جيپ مان هيٺ لهي آيو؛ هو چپ چاپ ڊرائيور جي حرڪتن کي ڏسندو رهيو. ڊرائيور نئون ٽائر لاهي، برسٽ ٽيل ٽائر هيٺان جٽڪ لڳائي، ان کي لاهڻ ۾ جنبي ويو. پرهہ پر پڪيڙيندي، سوجهري جا بادل ڦهلائيندي ويئي. هن پهريون ڀيرو ڊرائيور جي شڪل شباهت جو جائزو ورتو. ڇهہ فٽو قداور جوان، بدن جو جاٽو، ڪليل پيشاني، گهريون ڪاريون اکيون، ڪليل ڪليل پيشاني، سندس منهن ۾ عجيب معصوميت، عجيب خوبصورتي هئي؛ تقريبن زالن جهڙي نرمي هئي. هن محسوس ڪيو تہ ڊرائيور هڪ نهايت خوبصورت جوان هو. سندس منهن ۾ بي پناهہ ڪشش هئي. سندس اڙينگ وار، ذري ذري سندس اکين وٽ لهي ٿي پيا، جن کي هن هڪ عجيب انداز ۾ جهٽڪي سان پوئتي هٽائي ٿي ڇڏيو.

انوءَ سوچيو تہ هي ماڻهو نفرت کان ڪيڏو نہ آزاد ٿو معلوم ٿئي. ائين ٿو

پانڌجي ڄڻ ته هن زندگيءَ جا ناسور ڏٺائي ڪونهن. شايد انهيءَ ڪري هن وٽ نفرت ڪرڻ جو ڪو سبب به ڪونهي. هن شايد زندگيءَ کي بنه ويجهو وڃي ڏٺو ئي ڪونهي، پوءِ هو ٻين جي ڏکن کي ڪيئن محسوس ڪري ٿي سگهيو- اها ڳالهه هن کي سمجهه ۾ نه آئي. هن کي وري پنهنجي ماءُ، پنهنجو چاچو ۽ پيءُ ياد اچي ويا، ۽ هن جي دل تاڪيئن ٿي پئي. لڙڪ وري هن جي اکين ۾ پوسرڻ لڳا.

ان مهل هن اچي ڪيس پويان پاڪر وڌو، ۽ پنهنجائپ مان زور ڏيندي چيائين: "ادل، حياتيءَ ۾ جيڪڏهن رڳو خوشيون هجن ها، ته هيءَ زندگي گذارڻ جي قابل ئي نه رهي. ڏک ئي آهن، جيڪي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ٿا ڏين. پر ڏکن کي پاڻ تي ايڏو حاوي ڪري ڇڏڻ به ته انسان جي شان وٽان ڪونهي!"

هن جي ڳالهائڻ ۾ ايترو ته پاڻپوهه هو، ايتري ته پنهنجائپ هئي، جو هن جي دل وري رجڻ لڳي: انو هن جي پاڪر ۾ سڏڪي پيو. هن کي پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ به اچڻ لڳي، پر تڏهن به هن جا سڏڪا بند نه ٿيا. هو انوءَ کي پاڪر ۾ جهلي ڄڻ هن کي چئي رهيو هو ته روئڻ سان جيڪڏهن دل جو بار هلڪو ٿئي ته روئڻ انسان جي ڪا هلڪڙائي ڪانهي، ان ڪري دل کولي، سمورو درد اکين مان اوتي ڇڏ!

ڪچ وقت کان پوءِ انوءَ جا سڏڪا بند ٿيا. رومال ڪڍي پنهنجون اکيون اگهندي، هن چيو: "آءٌ به ڪهڙو نه مورک آهيان: ڄاڻ نه سڃاڻ، رشتو نه ناتو، اوهان جي هنج ۾ روئڻ بيهي رهيس!"

"درد جا رشتا ڄاڻ سڃاڻ جا محتاج ڪونه هوندا آهن، پائو!.... هاڻ اڄ ته هلون. جي دل جو بار هلڪو ڪرڻ گهرين ته مون کي ان ۾ پائيوار ڪري ته ڏس!"

۽ پوءِ هن ڪيس ٻڌايو: پنهنجي ماءُ بابت، پنهنجي چاچي بابت، ۽ پنهنجي پيءُ بابت! پنهنجي نفرتن بابت، پنهنجي بغاوتن بابت! البت ڪيس اهو نه ٻڌايائين ته هو ڇو شهر آيو، ۽ شهر ۾ هن ڇا پئي ڪيو.

"ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏک ٿي ٿو سگهي ته آءٌ ڪن سببن جي ڪري پنهنجي اُن چاچي جي جنازي کي ڪلهو به نه ڏيئي سگهيس، جنهن منهنجي ٻاروتڻ جي هر انگل هر آري کي پورو ڪيو! ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڏک ٿي

ٿو سگهي ته منهنجو پنهنجو پيءُ مون کي ڳراٽڙي به نه پائي، جنهن ڳراٽڙيءَ تي هوند آءٌ پنهنجي سموري زندگي تياڳي ڇڏيان ها!"

انوءَ کي هاڻ لڙڪن جي به پرواهه نه رهي هئي. هو ڳالهائيندو ويو، لڙڪ لار ڪري هن جي ڳلن تان ڳڙي، هنجي بشرٽ ۾ جذب ٿيندا رهيا. لڙڪن جي ڏنڌ مان هو ايرندڙ روشنيءَ جا پهرين ڏنڌلا ۽ پوءِ صاف ٿيندڙ پاڇا ڏسندو رهيو. هن ائين سمجهيو جڻ ته انهن پاڇولن جو نه هن جي ڳالهائڻ سان ڪو واسطو هو، نه هن جي روئڻ سان! ۽ پوءِ هن ڪنڌ ورائي ڊرائيور ڏانهن ڏٺو؛ لڙڪ هن جي ڳلن تان به وهندا، سندس قميص ۾ جذب ٿيندا رهيا هئا!

"معاف ڪجو، مون پنهنجي ڪمزوريءَ جي ڪري اوهان کي به روئاڙي وڌو!" انوءَ شرمساريءَ جو اظهار ڪندي وري سڏ ڪي پيو.

هن هٿ وڌائي انوءَ جي ڪلهي تي پاهوه جو زور ڏنو، ۽ چئي ڏنائين: "اوهان مونکي پنهنجي زندگيءَ جي هڪڙي حصي ۾ شريڪ ڪري مون تي وڏو احسان ڪيو آهي. مون سمجهيو هو ته انسان ڏکن ۾ شراڪت ڪري ئي نٿو سگهي، پر آءٌ غلط هوس. اوهان ماءُ جي ڳالهه ڪئي آهي، جنهن پيٽ تي پنهنجي ڇپن سان ٽڏڙا ڪڍي اوهان کي کلڻ سيکاريو. پر اوهان پنهنجي ماءُ جي وجود کي سيحاڻو ٿا! مون کي به ياد آهي ته منهنجي ماءُ به بلڪل ائين ئي مون کي کلڻ سيکاريو هو، ائين ئي مون کي انڊلڻ جا رنگ ڏيکاريا ۽ سيکاريا هئا..... ۽ ان ماءُ جو هاڻ مون وٽ رڳو تصور آهي، منهنجي ذهن ۾ هنجي تصوير آهي، سندس سموري وجود کان آءٌ ڇني ڌار ڪيو ويس؛ اڄ آءٌ هن جي وجود کان واقف هوندي به هن کي "امان" ڪري سڏي نٿو سگهان؛ آءٌ شڪ ۽ امڪان جي اهڙن ڪوهيڙن ۾ گرفتار آهيان جو اهو لفظ چاهيندي به ڇپن تي آڻي نٿو سگهان! جنهن هستيءَ جي مون ورهين جا ورهيه پوڄا ڪئي آهي، ان جو بت منهنجي سامهون هوندي به مون کي اجازت نٿو ڏي ته آءٌ هن جي پيرن جي پٽيءَ کي کڻي اکين تي لايان! جنهن جي قدم قدم مان مون لاءِ آواز ٿا اُٿن، پر مون کي انهن سڏن جي موٽ ڏيڻ جي اجازت ڪانهي....!"

هو ڪا گهڙي خاموش ٿي ويو. انو حيرت منجهان هن جي لفظن جي ڳوراڻ کي محسوس ڪندو رهيو.

"ساڳيءَ طرح منهنجي ذهن ۾ پيءُ جو به هڪڙو خاڪو موجود آهي؛

ڪونڌر مڙس، جنهن لاءچون ٿا تہ ڪهاڙي ۽ بندوق جهلڻ وقت ڇڻ تہ ٻہ فٽ وڌيڪ ڊگهو ٿي پوندو هو.... جنهن جي مون کي رڳو هڪڙي يادگيري آهي تہ هن جي پٽن تي پخال يا ڳوڻ هوندي هئي، تڏهن بہ هڪڙي ٻانهن تي مون کي ڪٿي، ٻئي هٿ سان ٻہ- مٽي پيري ڪٿي سگهندو هو.... ۽ اڄ مون کي اها خبر ڪانهي تہ منهنجو پيءُ ڪير هو.... آءٌ بہ هڪڙي شخص کي دفن ڪري آيو آهيان؛ مون تہ هن جي جنازي کي بہ ڪُلهو ڏنو، جنهن کي سلم ايڏو جهوري وڏو هو، جو هن جي ڪُلهن جي ويڪر گهٽجي منهنجي گرانٽ جيڏي ٿي وئي هئي؛ ۽ اهو شخص، مون کي اشارن ۾ ٻڌايو ويو تہ هو منهنجو پيءُ هو، جنهن پاڻ مون کي منهنجو پيءُ هجڻ جي بشارت ڏيڻ نٿي گهري، شايد ان ڪري تہ منهنجي تصور جي شيشي جو محل ٽڙڪي، چڪنا چور نہ ٿي پوي.... جنهن پنهنجي پهرين ۽ آخري محبت کي ٻئي مرد جي ٻانهن ۾ ڏسي، موت جي سنيهي کان فقط ٻہ ڏينهن اڳ اها دعا ڪئي تہ "خدا ڪري تنهنجيون خوشيون سلامت رهن.... پر آءٌ ٻي دنيا ۾ تنهنجا اوسيئڙي ۾ جنت يا جهنم جي درازي اڳيان ائين بيٺو هوندس جيئن تماچي نوريءَ جي اوسيئڙي ۾ هوندو...!"

انوءَ جي دل چاهيو تہ موت ۾ هوبہ هن شخص جي ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي چوي؛ "ٻائو درد جا رشتا ڄاڻ سيجاڻ جا محتاج نہ هوندا آهن!" پر ان وقت جيپ هڪڙي گهٽيءَ ۾، جهٽڪي سان بيهي رهي.

هو هيٺ لٿو، ۽ پنهنجا لڙڪ اگهندي چيائين؛ "منهنجو نالو سليم آهي....!"

"منهنجو انو....انور....انو!"

۽ هو ٻئي مرڪي پيا.

* * * * * * * *

ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته هو ڪنهن رنگين دنيا ۾ لنگهي آيو هو. دروازي جي بلڪل سامهون هڪ وڏي تصوير ٽنگيل هئي، جنهن ۾ هلڪي اوندهڙي جي پويان سج ايرڻ جو منظر هو؛ سج جا ڳاڙهسرا زرد ڪرڻا ڄڻ ته ڏنڌ کي چيريندا ڪمري ۾ ڦهلجندا ٿي ويا. سج جو اهو منظر هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن نه ڏٺو هو. ان تصوير جي بلڪل هيٺان هڪ بنه سوڙهي ميز پيل هئي، جنهن تي ڪيترائي مجسما ۽ بت رکيل هئا. انهن ۾ هڪ بت تي هن جون نظرون ڄمي ويون. اهو بت هڪ عورت جو هو، جا ڄڻ ته سج جا ڪرڻا اکين تي پوندي، آرس پيجي رهي هئي. ان آرس ۾ هڪ عجيب پياس، هڪ عجيب تانگهه هئي، جنهن ڏسندڙ کي ڪجهه اڳڪٿي ڪرڻ تي ٿي اُڀاريو. ان بت جي پر ۾ هڪ ننڍو مجسمو هڪ ٻالڪ جو هو، ٻالڪ جون ٻانهون ائين مٿي کنيل هيون ۽ سندس اکين ۽ منهن تي اهڙو امنگ ڇانيل هو، ڄڻ ته هن ماءُ کي پري کان ٿج آڇيندي ڏسي ورتو هجي!

ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ٽياس تي هڪ وڏي تصوير ٽنگيل هئي، ۽ ان جي پاسي ۾ هڪ ميز تي مختلف رنگن جا ٽيوب ۽ گڏ وچڙ رنگن جي هڪ ٽالهي رکي هئي. ان تصوير ۾ بيپناهه ڪشش هئي. اها تصوير ڄڻ ته سونهن ۽ رنگن جو معجزو هو. رنگن جي ان معجزي مان ايرندڙ عورت شايد دنيا جي حسين ترين عورت هئي، ۽ انو ڳچ وقت فنڪار جي ان جوڙ کي ڏسندو رهيو. سنڌي ڳوٺاڻي لباس ۾، ان عورت جو هر انگ حسن جو سرچشمو هو؛ حيا کان جهڪيل اکين جي پنبڻين جي ڇانوَ، گوري گوري گردن تي هلڪي لڙيل ڪاڏيءَ جو پاڇو، ڇپن ۽ اُرهه جي اڻ لکي ڪمان جي همر آهنگي، سڊول سڊول ٻانهن ۾ سپردگيءَ جو انگ.... ۽ ان شخصيت جي هڪ عجيب سڪون آور غنودگي، رنگن ۽ ليڪن جو سهارو وٺي اکين ۾ ڪُٻي ٿي ويئي، ۽ انوءَ جي وات مان بي اختيار 'واهه واهه!' نڪري ويئي.

"هي تصوريون اوهان ناهيون آهن؟" انوءَ پڇيو.

"ها"، سليم مختصر جواب ڏنو.

"هي تہ واہ جي تصوير آهي. ڪير آهي هيءَ؟"

"مون کي پاڻ خبر ڪانهي! حقيقت ۽ تصور جي ويڇي کي نقش ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي!"

"پوءِ اوهان ڪيئن ناهي؟"

"بس اٿين ئي، خيالن ئي خيالن ۾ ناهي ويس. چترڪاريءَ لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ تصوير ۾ چٽيل ماڻهو کو جيئرو جاڳندو ماڻهو هجي!."

هن اهو محسوس ڪيوجڻ تہ چترڪار اها ڳالهہ ڪري ڪجهہ شرمائجي ويو، ۽ ان حجاب کي لڪائڻ ۽ لنوائڻ لاءِ چترڪار چيو، "پر اوهين بيٺا ڇو آهيو؟ اچو هتان ٿي ويهو!"

هو نہ چاهيندي بہ ويهي رهيو. چترڪار هن سان اوپاريون لهواريون ڪندو، هن جي پنهنجي زندگيءَ بابت ڪجهہ پڇڻ کان لهرائيندو رهيو. پر پنهنجي متعلق، زندگيءَ متعلق اهڙي انداز ۾ ڳالهائيندو رهيو، جڻ تہ انو سندس ڪو پراڻو دوست هو. هو چترڪار جون ڳالهيون حيرت مان ٻڌندو رهيو، ۽ هن کي چترڪار لاءِ وري نئين سر، عجيب پيار، هڪ عجيب پنهنجائپ محسوس ٿيڻ لڳي، شايد اهو پيار ان خواهش، ان ڪلپنا سان پيار هو، جا هن جي ذهن ۾ هميشہ کان موجود هئي تہ هو بہ هڪ سٺي سهڻي زندگي گذاري. هن لاءِ جڻ تہ چترڪار جي زندگي هڪ آدرش هئي، هڪ آئيڊيل هو، ۽ ان آدرش سان پيار، موت کائي هن جي دل ۾ چترڪار لاءِ محبت پيدا ڪئي. البت هن کي چترڪار جون ڪيتريون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ ٿي آيون. چترڪار هن کي ٻڌايو تہ هو چترڪاري ان ڪري ٿوڪري، جو هن کي سونهن سندرتا ۽ حسن جي تلاش آهي- اهڙو حسن، اهڙي سندرتا، اهڙي سونهن جا شايد هن پنهنجي ڪنهن اڳئين جنم ۾ ڏٺي هئي، يا ڪنهن سپني ۾ ڏٺي هئي. ۽ جڏهن اهو سپنو ٽٽو هو، جڏهن اهو جنم پورو ٿيو ۽ هن اکيون کوليون تہ هن پنهنجي چؤطرف بدصورتي، بيڙائي، ۽ ڪوجهائي ڏٺي. هر قدم تي، هر هنڌ تي، انسانن جي چهرن ۾، انسانن جي دلين ۾، انسانن جي گهرن ۾، انسانن جي لڳ لاڳاپي ۾، ورڇ وهنوار ۾، ڳالهائڻ ۾، اٿڻ ويهڻ ۾- زندگيءَ جي هر ڏاڪي تي! ۽ ان ڪوجهائيءَ جي

گهنگهور اونده کي ڏسي، هن پنهنجيون اکيون پوري ڇڏيون هيون. هن وري سپنن جي دنيا ۾ موتي وڃڻ ٿي گهريو، ۽ پوءِ هن رنگن جو سهارو ولي هٿرادو حسن، هٿرادو سونهن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن رنگن ۽ برش سان سونهن سندرتا جو تصور پيدا ڪري آس پاس جي گدلائي ۽ ڪوجهائيءَ کي وسارڻ ٿي گهريو!

****

جڏهن انو چترڪار ڪان موڪلائي ٻاهر آيو، تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو ته چترڪار ۽ هن جي وچ ۾ هڪ اڃاتو رشتو ناتو قائم ٿي چڪو هو، ۽ هن کي ڄڻ ته اها پڪ ٿي ويئي ته هن جي دوستي وڌندي رهندي، ۽ هو چترڪار سان ملندو رهندو. هو چترڪار متعلق سوچيندي، ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي بنگلي تي پهتو. اندر گهڙڻ سان ئي هن جي نظر منظور تي پئي. منظور ننڍي فياٽ گاڏيءَ جو بانيٽ کولي پاڻي وجهي رهيو هو. انوءَ کي ڏسندي ئي هو وڏي آيو.

"اڙي، تون ايترو جلد ڳوٺان به ٿي آئين!" منظور هن جي آجيان ڪندي پڇيو.

هن وري ڳوٺ جي ياد پنهنجي ذهن ۾ به آڻڻ نه ٿي گهري. پر منظور ڄڻ ته هن جي ذهن کي ڦرموٽيءَ وانگرڦيرو ڏيئي، موٽ ڪارائي ڇڏي، ۽ گهڙيءَ لاءِ ڳوٺ جا سمورا منظر هن جي اکين اڳيان تري آيا، ۽ هو اُداس ٿي ويو.

"خير ته آهي، ڳوٺ جو نالو ٻڌندي ئي اداس ٿي وئين؟"

"مڙئي خير آهي!"

منظور هن جي طبيعت ڪان چڱيءَ طرح واقف هو؛ جيڪڏهن انوءَ کي ڪا ڳاله پسند نه هوندي هئي ته هو هڪدم تاڙي ويندو هو ته هو ان متعلق ڪجهه ڳالهائڻ نه ٿو گهري.

"هت ڪهڙا حال آهن؟ سڀ ڪيئن آهن؟" انوءَ ڳاله مٽائيندي چيو.

"سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي؛ في الحال ته بيڪار ويٺا آهيون. پر پانيان ٿوته ڪا ڊيوٽي لڳي آهي!"

"ڪڏهن؟"

"اها خبر نه آهي. پر باجيءَ ٿي چيو ته به ٿي ڏينهن جيڪي مزا ڪرڻا هجَنوَ، سي ڪري ولو؛ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مڙئي ڪو ڳرو ڪم ڪٽڻو پوندو!"

"گلو ڪيئن آهي؟"

"ٺيڪ آهي، پر پانيان ٿو ته هو اسان سان گهڻو وقت ڪونه رهندو!" منظور

ڪار جو بانيٽ بند ڪندي چيو.

"گلوءَ ۾ هاڻ اهو دم نہ رهيو آهي. هو تہ رڳو اهوئي ٿو سوچيندو رهي تہ ڪو بجليءَ جو دڪان کولي روزي ڪمائي. هيءَ زندگي هن کي نہ ٿي آئڙي. نندي هوندي تہ ايترو ڊڄڻو ڪونہ هو؛ هاڻ الائي ڇو گيدي ٿيندو ٿو وڃي؟"

"سڀ ڪنهن جو هي ڪم بہ نہ آهي؛ هتي تہ شينهن جي دل ۽ چيتي جو جگر گهرجي!" منظور اهي لفظ چئي تہ ويو، پر ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هن کي خود انهن لفظن تي اعتبار ڪونہ هو.

انو منظور کي اتي ئي ڇڏي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو آيو. هن کي پنهنجو ڪمرو جڻ تہ ڪجھ بدليل بدليل ٿي لڳو. جيتوڻيڪ هرشيءِ اڳئين وانگر پنهنجي اصلوڪي جاءِ تي موجود هئي. فقط ڪجھ ڏينهن اڳي هن پنهنجي ڪمري تي سرسري نظر وڌي هئي، پر هاڻ جڻ تہ هن جي دل جي اڳيان هڪ ديوار اُڀي ٿي بيهي رهي هئي، جڻ تہ تبديليءَ جوهڪ سمنڊ وقت جي انهن ٻن ڇيڙن جي وچ ۾ لنگهي آيو هو؛ ان سمنڊ مان تڙڳندي، غوطا کائيندي جڏهن هو هن ڇيڙي تي، هن پَلَ تائين پهتو هو، تيستائين سڀ ڪجھ بدلجي چڪو هو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ ڪمري جي مختلف سامان کي ڏسڻ بدران هو پاڻ ڏسجي رهيو هو؛ جڻ تہ ڪمري جي هر شئي ۾ اکيون پيدا ٿي پيون هيون، جيڪي هن کي ڏسي رهيون هيون! هي پلنگ، هي ڪرسيون ۽ ميز، هي ڪليءَ تي ٽنگيل سندس ڪپڙا، هوءَ ٽپائي ۽ ٽپائيءَ تي رکيل گلاس هن کي گهوري رهيا هئا، جڻ تہ هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هن بي جان شين جي انهيءَ گهورَ هن کي ٽڪائي وڌو! هن کي پهريون پيرو ٽڪ محسوس ٿيو. هن جي سَنڌَ سَنڌَ ۾ ٽَڪُ ڪنهن منفرد احساس وانگر ايرڻ لڳو، ۽ هو ڪپڙن متائڻ بنان هنڌ تي ليٽي پيو. هن جو ذهن هونئن بلڪل خالي هو، پر ليٽڻ سان جڻ تہ هن جي ذهن ۾ دونهون پرجندو ويو- ڪارو نيرو دونهون، جنهن ۾ مختلف شڪليون ايرڻ لڳيون؛ بي جسم، ۽ سڃاڻپ کان ٻاهر، ۽ پوءِ اهي شڪليون گولائي اختيار ڪنديون ويون. ساڳئي وقت انهن جي ماپ، انهن جي هيئت گهٽجندي وئي، تان جو انهن جي ڊيگهہ ويڪر ۽ گولائي واريءَ جي اٿن جيتري رهجي ويئي، ۽ هن جي اندر جو ضدي ٻالڪ سڏڪا ڀري گهري ننڊ پئجي ويو!

اوچتو هن پنهنجو نالو پڪارجندو ٻڌو، ۽ هو چرڪ ڀري اٿي ويهي رهيو. ڪمري ۾ شام گهڙي آئي هئي. ڪمري جون سموريون شيون ڌنڌليون ٿي ويون هيون. هن ڏٺو منظور واپس وڃڻ تي هو، پر هن کي جاڳندو ڏسي، وري بيهي رهيو.

"يَرَ، ڏادي ڪا ننڊ هُيئي؟ مون تہ سمجهيو تہ شايد اڄ اٿندين ئي ڪونہ!"

منظور کي ڪپڙي لتي ۾ تيار ٿيل ڏسي، هن پڇيو: "ڪاڏي تياريون آهن؟"

"ڪا خاص تياري تہ ڪانهي. بس ائين ئي مَنُ ويڳاڻو ويڳاڻو ٿي پيو هو، سوچيم تہ تون هلين تہ ڪٿان گهمي ڦري اچون!"

"تہ پوءِ ويهہ تہ هلون ٿا،" ائين چئي هو باٿ روم هليو ويو.

ٿڌي پاڻيءَ ۾ وهنجندي هن کان ڄڻ تہ شڪراني جو ٿڌو ساهہ نڪري ويو. صاف، ٿڌيرو پاڻي ڄڻ تہ هن جي سَنڌَن مان ٿَڪَ جا ڪَنڊا چونڊي چونڊي، صابڻ جي گجيءَ ۾ ٻهاريندو ٿي ويو. ڪپڙا پائي ٻاهر نڪتو تہ هن منظور جي منهن مان ئي سهي ڪيو تہ هو ڪيتري وقت کان هن کان ڪو سوال پڇڻ لاءِ دل من هٽندو رهيو هو. آرسيءَ تي بيهي ڦٽي ڏيڻ شروع ڪيائين تہ هن کان رهيو نہ ٿيو.

"يَرَ، تو ۾ عجيب تبديلي اچي ويئي آهي. ائين پيو سمجهان تہ تون ڏکويل ڏکويل پيو لڳين،" منظور اوندهہ ۾ تير هنيو.

هن کان ٿڌو ساهہ نڪري ويو، ۽ چيائين: "ڏک تہ زندگيءَ جو انعام آهن!" اهي لفظ چترڪار چيا هئا، ۽ بي ساختہ هن جي ڇپن مان نڪري ويا.

منظور انهن لفظن تي سوچيندو ئي رهيو. پوءِ هو ٻئي ڪار ۾ چڙهي ٻاهر نڪري آيا. شهر جي هڪ روشن رستي تي پهچڻ تي هن منظور کان پڇيو: "ڪيڏانهن ٿو هلين؟"

"جتي ڏکن جي ڏنگ کي سهسائي ويجهو آهي"، منظور بہ ڄڻ تہ بي ساختہ اهي لفظ چئي ڏنا. هن ڪو جواب نہ ڏنو، هن فقط منظور کي پاسيري نظر سان ڏٺو. منظور ڄڻ تہ هن ان پاسيري نظر کان گهبرائجي، ڪار هڪ ننڍي دروازي اڳيان بيهاري ڇڏي، جنهن تي ڳاڙهن اکرن ۾ "زرين بار" لکيل هو.

شام جي اوندهہ شهر کي اداس پاڇولا بخشي ڇڏيا هئا. اهي پاڇولا شهري روشنين کان شڪست کائي، ماڻهن جي اکين ۾ ڪُپندا ٿي ويا، ۽ انسانيت جا

ڏک روشنين جي هٿرادو قلعي ۾، ٿانوَن جي ڪسُ وانگر لڪندا ٿي ويا. زهر مائو ٿي، چپن تي اچڻ کان اڳ آس جي پيالي جي تري ۾ ويهندو ٿي ويو- بلڪل ان طرح جئن ڦٽڪي لڳڻ سان پاڻيءَ جي لٽَ تري ۾ ويهي رهندي آهي. ان کي لوڏڻ سان، جنبش ڏيڻ سان زندگيءَ جي اها ڪَسُ، زندگيءَ جو اهو ميرانجهڙو زهر سموري ڍُڪ کي وِهُ بنائي ڇڏيندو آهي.

انوءَ پهرين تہ ڪجھ نہ سمجهيو تہ هو ڪٿي آيو هو. پر ماحول ۾ ڦهليل تيز بوءِ هن کي سڀ ڪجھ سمجهائي ڇڏيو. هن جي احساس تي هڪ چهبڪ لڳو، ۽ هن جي ڪنن جون پاپڙيون ٻَرڻ لڳيون. هڪ ڪنڊ ۾ وهندي ئي منظور آرڊر ڏنو: "وسڪي!"

وسڪيءَ جو گلاس پنهنجي سامهون ڏسي، ڪو وقت تہ هو گلاس کي گهوريندو رهيو. هن شراب جو رنگ مختلف هو. هن تہ سمجهيو هو تہ شراب جو رنگ ڳاڙهو ئي ٿيندو آهي- خون جهڙو چهچ ڳاڙهو! منظور هن کي گهوريندو رهيو، ۽ هن جي اکين ۾ ايندڙ ويندڙ رنگن کي جاچيندو رهيو، ۽ پوءِ سندس ڪلهي تي پنهنجائپ مان هلڪو زور ڏيندي چيائين:

"ڏکن جي ڌار کي مڏو ڪرڻ لاءِ هن کان وڌيڪ ڪارگر ٻي ڪابہ شئي نہ آهي!"

"پر مون اڳ ڪڏهن بہ نہ پيتو آهي، منظور!" هن خود محسوس ڪيو تہ هن جي اعِتراض ۾ ڪا جان نہ هئي. مَنَ جي پيڙا پيئڻ سان مائي ٿي سگهي ٿي، اهو آسرو بہ هن جي ان وقت ذهني حالت لاءِ ڪافي هو، ۽ پوءِ هن خود گلاس کٽي چپن سان لڳائي ڇڏيو. وسڪيءَ جي ڪوڙاڻ تہ ڳاڙهي جي ڪوڙاڻ کان وري بہ بهتر هئي. ڪجھ وقت کان پوءِ هن ائين محسوس ڪيو جڻ تہ هن جي دل جي چوڌاري ٻڌل پنجوڙن جا رَسا هڪ هڪ ٿي ٽٽندا ٿي ويا. هو پاڻ کي نهايت هلڪو ۽ آزاد محسوس ڪرڻ لڳو. هن اهو محسوس ڪيو تہ هن جي زبان ڪجھ چوڻ لاءِ آتي هئي. هن ڪجھ چوڻ ٿي چاهيو، بنان سوچڻ سمجهڻ جي، محض ڳالهائڻ خاطر، محض زبان کي آزادي ڏيڻ خاطر! هن کي فقط ڪنن جي پاپڙين جي گرمي ستائيندي رهي. هن ذري ذري پنهنجي آڱرين سان پاپڙين کي ڇهي ٿي ڏٺو. مَنَ ائين اهو ٻارڻ ڪجھ گهٽ ٿئي!

"ڪئين، ڪجھ آئين لئہ ۾ يا نہ؟" منظور اوچتو سوال ڪيو. ان سوال جي شرارت

محسوس ڪري، هن جا چپ چُري مرڪ بنجي ويا، ۽ هن بہ شرارت مان چيو: "يَرَ، وڏو استو آهين. نيٺ شرابي بہ بنايئي!" ان بيان ۾ نہ شڪايت هئي، نہ الزام.

"شرابي اهي آهن، جيڪي نشي لاءِ ٿا پين!"

"اسين پلا ڇالاءِ وينا پيون؟"

"ٿوري ڪوڙاڻ سان وِهَہ جهڙي ڪوڙاڻ کي وسارڻ لاءِ!" منظور بہ موڊ ۾ اچي ويو هو. هن کي اهو جملو ڏاڍو وڻيو.

"ليڪ ٿو چئين. هن زندگيءَ ۾ الائجي ڪهڙو ڪهڙو وِهُ پيٽو ٿو پوي!" گهڙيءَ لاءِ هن کي پنهنجي چاچي جو موت ياد اچي ويو. ۽ گلاس مان هڪ وڏو ڊڪ پريندي هن سوچيو تہ هو منظور کي ٻڌائي تہ "منظور، ڪلهہ رات منهنجو چاچو گذاري ويو. اهو چاچو جنهن مون کي وڃهہ وٽي سيکاري، جنهن مون کي ملهہ جا انگ سيکاريا، جنهن مون کي اڙينگ پاڏن تي چڙهڻ سيکاريو. هو غريب پنهنجو علاج بہ نہ ڪرائي سگهيو، ۽ چُڙي چُڙي مري ويو. "ائين ڇو ٿيو ٻڌاءِ منظور ائين ڇو ٿيو؟"

هن جي ذهن تي وري اداسي ڇائنجي ويئي. هن محض ڳالهائڻ خاطر منظور کي پنهنجي گهر متعلق ٻڌائڻ ٿي گهريو. پنهجي پيءُ متعلق، پنهنجي ماءُ متعلق، پنهنجي نندپڻ متعلق. پر انهن خيالن ايندي، ڇڻ تہ هن جي ذهن تي تالو لڳي ويو. نہ، هي تہ هن جي دل کي اُڏوهيءَ وانگر ڪائيندڙ راز هئا؛ هن پنهنجي پاڻ سان وعدو ڪيو هو تہ هو اهي راز ڪڏهن نہ کوليندو. وسڪيءَ هن جي ذهن ۾ هڪ بلڪل نئون، هڪ عجيب سوال پيدا ڪيو هو. ائين ڇو ٿيو؟ هن ان تي سوچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن کي ائين محسوس ٿيو تہ ڇڻ تہ هن جي سوچ ڪنهن ڇوهي جي اثر کان دريا جي ڇولين وانگر هيٺ مٿي هيٺ مٿي ٿيندي ٿي رهي، ۽ پوءِ هو ڪلڻ لڳو.

"منظور هيءَ دنيا، هيءَ زندگي مون کي شڪست نہ ڏئي سگهندي. آءٌ هن دنيا جو ڪنڌ مورتي ڇڏيندس! آءٌ هن دنيا کي هن وسڪيءَ جي ڊڪ وانگر پي ڇڏيندس! آءٌ بادشاهہ آهيان- هي سڀ..... ها، هي سڀ منهنجا نوڪر آهن، منهنجا ٻانها آهن. هو جيڪو هتي ويٺو آهي، ۽ هي جيڪو مڇن کي وٽي رهيو آهي!"..... ۽ هن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو!

"اڙي هن گنجي کي تہ ڏس، بلب جي روشنيءَ ۾ ڪيئن نہ هن جي روڏ پئي

چمڪي..... منظور، تون ڳالهائين ڇو نه ٿو؟ هي دنيا ڪوجهن، ڪنن، بدصورتن سان ڇو ڀريل آهي؟ ماڻهو رنگين ڇو نه آهن؛ ڳاڙها، پيلا، ساوا نيرا، گلابي ڇو نه آهن؟ هنن بوتلن وانگر؟ هي سڀ ڏس ته ماڻهن جا منهن ڪيئن نه وَٽيا سَٽيا پيا آهن. ڪيئن نه ڏنگا ڦڏا، چپا ۽ چٽيل ٿا لڳن! هن مڇن واري کي ڏس، هن روڏي کي ڏس، هن ڪاڻي کي ڏس، هن شيديءَ کي ڏس..... هن اسٽول تي ويٺل اڇي پتلون واري کي ڏس....." هو وري ٿهڪ ڏيڻ لڳو. زور زور سان ٿهڪ ڏيڻ لڳو.

"اڙي هن ٽيڏي کي ته ڏس..... مون کي هنن سيني کان نفرت آهي.... هي سڀ بيڙا ڇو آهن، منظور؟ هي سڀ ڪوجها ڇو آهن.....؟"

هن کي هڪ هلڪي هڏڪي اچي ويئي. منظور اٿي بيهي رهيو. "انو، اٿ ته هلون!"

"ويه يار، اٿي ڇو بيٺو آهين؟ اڙي ڇوڪرا، وسڪي لائو!"

هاڻ هو تقريباً وقلڻ لڳو هو. منظور ڪيس ٻانهن جو سهارو ڏيئي اتاري بيهاريو، ۽ ڪيس هلڻ لاءِ اشارو ڪيائين. هو اٿي بيٺو، ۽ وري ڪلڻ لڳو. هن جي چپن ۽ اکين ۾ هاڻ همر آهنگي نه رهي هئي؛ هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته ڌرتي ٽيڏي ٿي پئي هئي. هن کي پنهنجي سامهون ويٺل ماڻهون پاڻ کان مٿي، جڻ ته چٽ تي ويٺل نظر اچڻ لڳا، ۽ هن کي ائين لڳو جڻ ته سوين اکيون هن کي گهوري رهيون هيون- آڏيون، ٽيڏيون، ترڇيون نظرون!

"هي سڀ مون ڏي ائين اکيون ڦوٽاڙي ڇو ٿا نهارن؟ مان ڪو هنن جي ڪڙئي تي ويٺو آهيان، مان ڪو هنن جي رن....." اوچتو الائي ڪٿان هن کي ٽيٽ ٻهراڙيءَ واريون گاريون ياد اچي ويون.

"چپ ڪر ڙي، رن جا....." مڇن وارو لومڙ ڏئي وڏي آيو. ٻانهون ڪنجي، هڪڙي هٿ سان انوءَ جي ڪلهي کي جهلي، ايترو ته زور سان ڏونڌاڙيائين، جو هن جو دماغ لاٽونءَ وانگر ڦرڻ لڳو، ۽ هو ٿاٻڙجي ڪرسين جي پاسي ڀر ڪري پيو. هن کي ڪنهن به تڪليف جو احساس نه ٿيو، پر اوچتو هن جو سمورو بدن تٽڪجي ويو. هن ۾ نفرت جو ديو موٽي آيو؛ اهو ديو جنهن کي خون جي اُڃ هئي. هن جو دماغ وري هڪ هنڌ بيهي رهيو، ۽ هن ڏٺو ته منظور مڇن واري کي ڪجهه سمجهائي رهيو هو، پر مڇن واري جي اکين ۾ شراب سان گڏ رت

ٻري رهيو هو. هو ڪا گهڙي ذهن تي زور ڏئي مڇن واري کي ڏسندو رهيو. هو هن کان ڏيڏوٽو بدن جو هوءَ ۽ ڪنهن آڪاڙي جو پهلوان ٿي لڳو. انوءَ هڪ اونهو ساهه ڪنيو، ۽ چپن جي اُسات کي روڪڻ لاءِ پنهنجي هيٺئين چپ کي زور سان ڪرٽڻ لڳو. چپ ڦاٽي پيو، ۽ پنهنجي ئي خون جي سواد ڇڻ تہ هن جي سموري بدن ۾ هڪ نئين لهر آئي ڇڏي. مُڇن وارو منظور سان تيز تيز ڳالهائي رهيو هو، ۽ سندس پٽ انوءَ ڏانهن هئي. اوچتو انوءَ جو هڪڙو هٿ ڀاڪر وانگر مڇن واري جي ڳچيءَ ۾ پئجي ويو، ۽ ٿورڙو پوئتي هٽي هن زور سان پنهنجو گوڏو هن جي چيلهه جي پوري وچ تي ڦهڪائي ڪڍيو. مڇن واري جي وات مان 'اهُ' جو گهٽيل آواز نڪتو، ۽ هو پوئين طرف ٻيٽو ٿي ٿاٻڙجي اچي انوءَ جي پيرن ۾ ڪريو. انوءَ وري بہ ڪيس ڳچيءَ کان جهلي اٿارڻ جي ڪوشش ۾ سامهون آئي، باڪسرن وانگر هڪڙي خوفناڪ مڪ ڪاڏيءَ ۽ ڳل جي وچ ۾ اهڙي زور سان هنيس، جو هو غريب سامهون ٽيبل تان ٿاٻڙندو، هڪ بند ڪئبن جي دروازي تي وڃي مٿي ڀر ڪريو! انو وري اڳتي وڌي ڪيس اٿارڻ لاءِ وڌيو، پر منظور ڪيس ٻانهن کان جهلي تڪڙو ٻاهر ڪڍي آيو. بار ۾ ويٽل ماڻهو بہ تيسين اٿي بيٺا ۽ چوپولو پئجي ويو. ماڻهو ايااهوئي سوچي رهيا هئا تہ هي ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو، ان ڪان اڳ منظور ۽ انو ڪار تائين پهچي ويا. گاڏي اسٽارٽ ڪيائون تہ مڇن وارو ٻن چئن ماڻهن سان گڏ ٻاهر ايندو نظر آين. منظور هڪدم گاڏي گيئر ۾ وجهي، ايڪسيليٽر تي پير ڏنو، ۽ "زون" ڪندي گاڏي اڳتي وڌي ويئي.

گاڏي جي رفتار جي ڪري ٺڏي ٺڏي هوا انوءَ جي ڳلن ۽ وارن سان ٽڪرڻ لڳي. هن جي سموري بدن ۾، ۽ خاص ڪري مٿي ۾ ڏنئون ڏنئون لڳي پئي هئي، ڇڻ تہ ڏنوڻ پئي هلي. ان ٺڏي ٺڏي هوا لڳڻ سان آهستي آهستي هنجي رت جو دباءُ گهٽجڻ لڳو، ۽ هن جو جسم بہ ڍرو ٿيڻ لڳو. هن جي رڳن جي تٽڪ گهٽجي ويئي، ۽ هن ڇڻ تہ ڇوٽڪاري جو هڪ اونهو ساهه ڪنيو.

"يَرَ، تو هن ويچاري کي زري گهٽ اڦٽ ماريو هو!" منظور ڳالهه چوري.

"هن مون کي گار ڏني.... ۽ اڳرائي بہ تہ هن ڪئي...."

"اڳرائي هن ڪئي، پر گاريون پهرين پاڻ ڏنيون!" منظور جمع ۾ چيو تہ جيئن هن کي خراب نہ لڳي.

"مون کي ڪجھ ياد نہ آهي. مون کي هن ڏکو ڏنو تہ مون کي بہ خار اچي ويئي!" انوءَ پنهنجي ڳالھ جو بچاءُ ڪندي چيو.

"پر تو ۾ سگھ ڪيئن آئي؟ مون تہ سمجهيو تہ توکي هاٿي ڪلهي تي کڻي گهر پهچائڻو پوندو!" منظور ڪلي چيو.

"هن مُڇوءَ منهنجا نشائي توڙي ڇڏيا....." انوءَ کي 'نشا توڙڻ' جي فقري تي ڇڻ تہ هڪ خوشي ٿيڻ لڳي. اهو فقرو بہ هن ڳوٺ ۾ موالين جي واتان ٻڌو هو.

"تنهنجا نشا توڙيائين تہ وري سندس نشا بہ تہ هوا ٿي ويا! يرَ سچي، وڏو ظالم آهين ؛ ري گناهہ هن غريب موچڙا ڪاڏا!"

"ظلم هميشہ ري گناهہ ٿيندو آهي!.... پر اهو ماڻهو هو ڪير؟"

"هوندو ڪو ويچارو ڏکويل؛ پنهنجو غم غلط ڪرڻ آيو هوندو!"

الائي ڇو ان جملي انوءَ کي شرمسار ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ڪو ڏکويل هوندو تہ هن پاڻ وڌيڪ هن کي ڏکيو. هن دل ئي دل ۾ سوچيو تہ هو ان شخص کان ٻئي ڏينهن تي معافي وٺندو. هن جو دماغ ڇڻ تہ پنهنجي جاءِ تي موٽي آيو هو. ندامت جو احساس هن لاءِ بلڪل نئون هو، ۽ ان نئين احساس هن کي وري اداس ڪري ڇڏيو. اداسيءَ جي احساس سان گڏ هن جي جسم ۾ ڪجھ سستي اچڻ لڳي. ڇڻ تہ اداسي هن جي رڳن مان سَتُ ڪڍندي ٿي ويئي. ان احساس کي دور ڪرڻ لاءِ هن اوپاسيون ڏيڻ شروع ڪيون.

منظور وري هڪ گهٽيءَ ۾ مڙي، ڪُنڊ تي گاڏي بيهاري ڇڏي. شهر جو هي حصو بہ انوءَ لاءِ بلڪل نئون هو. ان گهٽيءَ مان هو وري ٻي گهٽيءَ ۾ داخل ٿيا تہ هارمونيم ۽ ڏُڪڙن سان گڏ گهنگهرن جو آواز هن جي ڪَنَ تي پيو. ماڻهن جو هڪ هجوم هو، جو گهٽين جا چڪر ڪاٽي رهيو هو. هڪ ڪُنڊ تي هڪ پوڙهو چنبيليءَ جا ننڍا گلدستا هار ۽ گجريون وڪڻي رهيو هو. ڪي ماڻهو اهي وٺي ڳچيءَ ۾ وجهيو پئي هليا. هت تہ هر قسم جا ماڻهو هئا؛ گوڏن سان، سٽڻ قميص سان، پتلونن سان، فل سوٽن سان- ماڻهن توليون توليون ٺاهي، مختلف دروازن ۾ جهاتيون پائيندا ٿي ويا.

"اچ تہ هڪ نئين دنيا جو سير ڪرايانءِ!"

"هت ڇا ٿيندو آهي؟" هن معصوميت مان سوال ڪيو.

"هن کي حسن جي بازار سڏبو آهي.... هت جيڪي ڪجھ ٿئي ٿو، سو پاڻ

پنهنجي اکين سان هلي ڏس!" منظور هن جي ٻانهن ۾ ٻانهن ڏيندي چيو.

هو هن کي ڇڻ ته گهليندو هڪ ماڙيءَ تي وٺي ويو. ماڙيءَ جي ڏاڪڻ ايتري ته سوڙهي هئي، جو پيتين کان ڪلها بچائڻ لاءِ هنن کي تقريبن ٽيڏو ٿي لنگهڻو ٿي پيو. مٿي پهتا ته هنن کي هارمونيم جو هلڪو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ان سان گڏ ڏُڪڙ جي سنهي ٽاپ، ائين ٿي محسوس ٿيو ڇڻ ته پٽ تي ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن ٽامي جي ٽانوَ جو پڙاڏو ٻُري رهيو هو. منظور دروازي کي ٽيلهو ڏيئي کوليو ته آواز بند ٿي ويو. هي هڪ عجيب ماحول هو، انوءَ ڏٺو ته هڪ چڱي خاصي خوبصورت ڇوڪري، زرق برق ڪپڙن ۾، گوڏن ڀر ويٺي هئي، ڇڻ ته ڪنهن جي انتظار۾ هئي. ان جي پويان هڪ وچولي عمر جي مائي سوئڙيءَ سان سوپاريون ڪتري رهي هئي. ان سان گڏ هڪ ڪرڙوڍ ماڻهو هارمونيم اڳيان رکيو ويٺو هو. سندس اکين ۾ ايترو ته گهڻو سرمو پيل هو، جو هن جي اکين جي قدرتي اڇاڻ بہ لڪي ويئي هئي. ان ماڻهوءَ جي ڀر ۾ هڪ ٽيهارو ورهين جو نوجوان سنهين تلوار ڪٽ مڇن ۽ اڌ ڳل تائين پهچندڙ ڏاڑهيءَ جي قلمن سان هڪ گوڏي هيٺان ڏُڪُڙ جهلي، اُن جون رَسيون ٺيڪ ڪري رهيو هو. ان جي بلڪل پويان ڪاري شيرواني ۾ اڌڙوٽ عمر جو هڪ شخص گوڏا کوڙي ويٺل هو، ۽ هنج ۾ گوڏن مٿان ستار رکيو ويٺوهو. .

انو ۽ منظور داخل ٿيا ته خوبصورت ڇوڪريءَ هڪ هلڪي مرڪ ۽ ادا سان جُهڪي، اهڙي طرح سلام ڪيو، ڇڻ ته هڪ هٿ سان پاڻي پيئڻ لاءِ هٿ ٿي مٿي ڪنيائين، ۽ بجاءِ وات تائين آڻڻ جي، اهو هٿ نرڙ تائين کڻي ويو. هن کي ان انداز تي ڪل اچي ويئي. عجيب سلام هو هي!

منظور هن جي ٻانهن کي زور ڏيئي وِهڻ جو اشارو ڪيو. هوبہ طول وهاڻن جي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو.

"ڇو، اڄ محفل سرد آهي؟" منظور ڳالهه ڇيڙي.

"اوهان اچڻ ڇڏي ڏنو ته محفل سرد نہ ٿيندي ته ٻيو ڇا ٿيندو!" خوبصورت ڇوڪريءَ منهن ۾ شرير گُهنڊ وجهندي چيو.

"مون جهڙا ٻيا بہ ته دل وارا اچن ٿا!" منظور ڇڻ ته هن جو ورهين جو واقف هو.

"ٻيا ته دل ڪٽي ٿا اچن، اوهين ته پاڻ دل ڪٽي ٿا ويو!" خوبصورت ڇوڪري تُرُ جواب ڏنو، ۽ منظور لاجواب ٿي ڦِڪي ڪل ڪلڻ لڳو.

"هي ڪير صاحب آهي؟" ڇوڪريءَ ڪجھ اهڙي طرح سان انوءَ ڏانهن اشارو ڪيو، جو انوءَ جي دِل دهلجي ويئي. بلڪل ائين جيئن ماڻهو ڪنهن جي اوگهڙ ڏسي وٺندو آهي. هن جي ان انداز ۾ ڇڻ ته هن کي ڪا اوگهڙ نظر اچي ويئي هئي.

"هي منهنجو دوست آهي، انور صاحب، هن ميدان ڪار زار ۾ اڄ پهريون قدم رکيو اٿس!"

"چشم ماروشن، دِل ماشاد!" ڇوڪري هن ڏانهن همٿائيندڙ نگاهه وجهندي چيو.

"ته پوءِ ٿي وڃي ڪو غزل يا ڪا خواجہ فريد جي ڪافي!" منظور ڪلندي چيو.

ڇوڪريءَ اَکِ جي اشاري سان هارمونيم واري ڏانهن ڏٺو، ۽ هارمونيم واري غزل جي ڌُن ڇيڙي. ستار واري ستار کي سڌو ڪري، تارن تي آڱريون رکي ڇڏيون. طبلي واري بہ ڏڪڙن تي ہہ ٿي هٿ هٽي، ٽوڪي وڄائي، ساٺ ڏيڻ لاءِ ہئي ڏُڪڙ سيري پنهنجي ويجهو ڪيا. ۽ پوءِ هارمونيم جي آواز سان ملي هڪ سريلو آواز فضا ۾ ڦهلجڻ لڳو:

هستي اپني حباب ڪي سي هي؛ يہ نمائش سراب ڪي سي هي!

آواز ڪان وڌيڪ انو ڳائڻ واريءَ جو انداز حيرت سان ڏسندو رهيو. جيڪي ڪجھ لفظن بيان نہ ٿي ڪيو، سو هن جي هٿ جي اشارن ۽ ادائن ادا ٿي ڪيو. لفظ "هستيءَ" ۾ هن ڪجھ اهڙي انداز سان پنهنجي سراپا ڏانهن اشارو ڪيو، ڇڻ ته هن جي سموري شخصيت هن جي مينديءَ رتي هٿ تي اچي ويئي. لفظ 'حباب' جو اظهار ڪندي هن جو هٿ ڪجھ پنهنجي اُرهہ جو اهڙي طرح جائزو ورتو ويو، جو انو شعر جي مطلب کي غلط سمجهي ويو، ڇڻ هستيءَ بدران هن جو اُرهہ حباب جي شڪل جو هو، ۽ حباب جي شڪل جو تصور ڪندي ئي هن جي دل مان واهہ واهہ نڪري ويئي.

۽ پوءِ هن وري پنهنجي چپن ڏانهن، اکين سان هلڪو اشارو ڪندي، ڳايو:

نازڪِي ان لَبون ڪِي ڪِيا ڪَهئيي؛ پنکڙي اک گلاب ڪي سِي هي!

۽ هن جڏهن لفظ 'نازڪي' پنهنجي چپن مان ٿي ڪڍيو ته هن جا چپ مجسم نازڪي بڻجي ٿي ويا، ۽ هن بار بار ان شعر کي دهرائيندي "نازڪي،" ۽ "پنکڙيءَ" کي اهڙي طرح ٿي ورجايو، ۽ چپن کي اهڙي انداز سان ٿي نيايو، جو

هرو ڀرو هن جي ذهن ۾ اها خواهش جاڳڻ لڳي ته هو انهن کي ڇُهي ڏسي ته ڇپ آهن يا گلاب جون پنکڙيون!

مير ان نيم باز آنکهون ۾، ساري هستي شراب کي سي هي!

ان شعر ته قهر ڪري ڇڏيو، نيم باز اکين جو انداز ته هن کي ايترو وٺيو، جو هو ٿورو اڳيرو سري ويٺو، ۽ هن کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو ته انهن اکين ۾ جيڪا دعوت هئي، جيڪي اشارا هئا، انهن جي ڪيفيت وسڪيءَ جي نشي کان به وڌيڪ هئي. هن جي ذهن ۾ وري وسڪيءَ جو سُرور سَرجڻ لڳو، ۽ گهڙيءَ لاءِ هن اکيون بند ڪري، انهن نيم باز اکين جو تصور ڪيو. ان تصور کان هو ڊڄي ويو. هن کي پنهنجو جسم هوا جي جهوٽي ۾ هلڪي لهر سان جهولندو محسوس ٿيو، ۽ هن اکيون کولي ڇڏيون!

۽ جڏهن هن ٻيو غزل ڇيڙيو:

لايا هي ڪِتنا دل ڀه خرابي، اي يار، تيرا حسن شرابي!

تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته هو هن جي دل جي ڳالهه تاڻي ويئي هئي. ڇا اهو ممڪن آهي ته هوءَ هن جا خيال به سمجهي ويئي؟ هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته هن جي چوري پڪڙجي پئي هئي. هو بار بار نظر بچائي، هن جي جسم جي انگ انگ کي ڏسندو رهيو هو: نيم باز اکين، پنکڙين جهڙن چپن، حباب جهڙي سيني ۽ سندس شرابي حسن جون سموريون ڏگيندڙ ڪيفيتون هن جي ذهن تي چِتَ چٽنديون ٿي ويون!

الائجي ڪيڏي مهل منظور اٿي بيهي رهيو، ۽ هو ڄڻ ته سپني مان جاڳي پيو. منظور کيسي مان ڪجهه نوٽ ڪڍي، هارمونيم تي رکي ڇڏيا، ۽ هن کي اٿڻ جو اشارو ڪيائين. پهرين ته هن اهو اشارو محسوس به نه ڪيو، پر جڏهن منظور ڪلندي چيو: "چو، اڄ رات به هت رهڻ جو ارادو آهي ڪيئن؟" تڏهن هو چرڪ ڀري اٿي بيهي رهيو.

"وهو نه، ايڏا ته رات جي هنج به نه ڀيني آهي!" هوءَ به هن جي آدر ۾ اٿي بيهي رهي.

"نه، هاڻ هلون ٿا. اسان جي هن همراه جي مرڳو دل نه ڀڄي پوي!" منظور شرارت مان چيو.

"ته هن کي ويهڻ ڏيو!" هن پيار مان چيو.

انوءَ ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن جي اکين ۾ دعوت ته هئي، پر پيار نه هو،

جنهن جو هن کي شڪ پيو هو. هي ڪهڙو ڊنگ هو؛ آواز ۾ دعوت سان گڏ ڇڻ تہ هڪ پيار ڀري التجا هئي، ۽ اکين ۾ ڪوبہ احساس نہ هو، سواءِ ڪجل جي ٻن سڏين ليڪن جي، جيڪي هر احساس جي جواب ۾ خاموش رهڻ تي هريل هيون! ڪاش ان دعوت ۾ پيار بہ هجي ها! هو شايد سڄي رات، زندگيءَ جي هر رات اُتي گذارڻ لاءِ تيار ٿي ويچي ها!

"جڏهن دل ڀڄي پئي تہ وري اچبو!" انوءَ بنان سوچي سمجهي چيو.

ڇوڪريءَ کي ان جواب جي بلڪل اميد نہ هئي. هن کي محسوس ٿيو تہ هن جي دعوت ۾ جا ڇڪ هئڻ گهرجي ها، سا ادا نہ ٿي سگهي، ۽ هڪ اڙهنگ دل ڏانوَڻ ۾ اچڻ کان رهجي ويئي.

هو منظور سان گڏجي بنگلي تي موٽي آيو. ان رات هو سڄي رات سمهي نہ سگهيو. هن کي بستري ۾ عجيب اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو، ۽ ان اڪيلائيءَ جي احساس ۾ هن کي بار بار اُجَ ستائڻ لڳي. ٿڌي پاڻي پيڻ سان هن کي ڇڻ تہ گهڙيءَ لاءِ سڪون اچي ٿي ويو. ڪيڏي ڪيڏي مهل هن کي پنهنجي سيني تي بار محسوس ٿيڻ ٿي لڳو، ۽ شايد هن خواب ۾ ڏٺو تہ سوين هزارين گلاب جون پنکڙيون چپن جون شڪليون اختيار ڪري، سَرءُ جي پنن وانگر هن جي مٿان ڇٽنديون ڪرنديون ٿي ويون، ۽ ڪنئين اڏ ڪليل اکيون، شراب جون ڪٽوريون بڻجي، هن جي بند اکين ۾ گهڙنديون ٿي آيون، ۽ هن جي سموري بدن ۾ هڪ عجيب ڏڪڻي پئجيو ٿي ويئي. سڄي رات ائين ڏڪندي، ڏنگجندي هن کي الائي ڪيڏي مهل نند اچي ويئي!

** * ** **

صبح جو وري بہ سخت اُڄ هن جي ننڊ ڦٽائي وڌي. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته هن جي زبان ۾ ٻاهرا ڪنڊا ڄمي پيا هجن. هن جو تارون سڪي ٽوٽ ٿي ويو، ۽ نڙيءَ جي پُٽ ۾ هڪ ڪوڙاڻ، ڪٽي اوڳرائي بڻجي ٿي ويئي. هو اٿي يڪ ساهي ٻہ گلاس پاڻيءَ جا پي ويو. هن جو سڄو بدن ڇڄي رهيو هو. مغز ڳرو ڳرو محسوس ٿي رهيو هوس، ۽ مغز جي پٽ ۾ ڪياڙيءَ وٽ هلڪو هلڪو سور رکي رکي ڏنوڻ ٿي لڳو.

نوڪر ناشتو ڪٽي آيو ته هن جي دل ڪجهہ بہ کائڻ تي نہ ٿي. فقط چانهن جو هڪ ڪوپ پي سگهيو. نوين بجي منظور آيو، ته هو ايڏا تائين ائين ئي سست ويٺو هو.

"اُٿي تيار ٿي وٺ، اڄ ڪم تي هلڻو آهي!"

ڪم جو ٻڌي بہ ڄڻ ته هن جي بدن ۾ ڪوبہ رد عمل ظاهر ڪونہ ٿيو. هو هڪدم تيار ٿي منظور سان گڏ هيٺ لهي آيو. باجيءَ جي ڪمري ۾ قدم رکندي هن کي اڄ الائجي ڇو ڪو اوچتو، پر ڄاتل سڃاتل احساس جاڳڻ لڳو. ان وقت هو سوچي نہ سگهيو ته اهو ڇاجو احساس هو. ان احساس کي هو ڪو نالو، ڪا صحيح سڃاڻپ ڏيئي نہ سگهيو.

"ڪيئن آهين انو؟" باجي پاڻهہ مان پڇيو. هن ڏٺو ته باجي جي اکين ۾ ڄڻ ته ڪا شڪايت هئي، ڄڻ چوندي هجي؛ رات نہ آئين، اسان ڏاڍو انتظار ڪيو!

"جي، ٺيڪ آهيان!" انوءَ اتاولو ٿي چيو، ڄڻ ته هن کي اها پڪ هئي ته اهو سوال پڇيو ويندو، ۽ هو اهوئي جواب ڏيندو.

"ڪجهہ سست ٿو لڳين؛ پانيان ٿي رات ننڊ ٺيڪ نہ ڪئي اٿئي!" باجي جي لفظن ۾ ٽوڪ هئي، ۽ معنيٰ خيز نظرن سان منظور ڏانهن ڏٺائين. منظور رڳو ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. هن کي اهو احساس ٿيو ڄڻ ته منظور جي ان طرح

ڪنڌ جهڪائڻ مان باجي سڄي ڳالهه سمجهي ويئي ته هن رات ڪيئن گذاري هئي!

"چڱو ٻڌو؛ رات وري مال پهتو آهي. اهو ڪٿي پهچائي اچو. اڄ سلطان ۽ اويس ڪونه آهن. ان ڪري لاچار اوهين ٻئي ويجو. اڳي ئي دير ٿي وئي آهي. منظور کي خبر آهي ته ڪٿي پهچائڻو آهي؛ پر خيال سان...." باجيءَ آخري فقرو ڪجهه وڌيڪ سنجيدگيءَ سان چيو.

"جي،" منظور ۽ انوءَ ٻنهي هڪ آواز ٿي چيو.

"هونئن ته ڪجهه ڪونهي، پر احتياط ضروري آهي." باجيءَ چيو. پنهنجي ٽيبل تي پيل هڪ وڏو "باڪس" ڪٿي ڪين ڏيندي چيائين "جيڪڏهن ڪابه رڪاوٽ ڏسو ته ڪار کي روڪجو نه.... ۽ باقي اوهان پاڻ سمجهو ٿا!"

منظور ۽ انوءَ جا هٿ بيساخته پنهنجي پنهنجي ڪيسي ۾ پيل روالورن تائين وڃي پهتا، ۽ سندن چهري تي هڪ گنڀير مرڪ ڇائنجي ويئي.

"بس وڃو....!" باجي حڪم جي انداز ۾ چيو.

منظور "باڪس" کي ڪڇ ۾ ڪري ٻاهر نڪري آيو. انو به سندس پويان ٻاهر نڪري آيو. وڏي ڪاري ڪار ۾ جنهن تي ڪوبه نمبر لڳل نه هو، منظور پويان ويهي رهيو، ۽ انو ڊرائيور سان اڳين سيٽ تي وڃي ويٺو! روالور ڪڍي، سيف لاهي تيار ٿي ويهي رهيو. ڊرائيور کي منزل جي خبر هئي، ۽ ڳچ دير کان پوءِ هو هڪ وڏي بنگلي کان ٿورو پرپرو بيهي رهيو. منظور دروازو کولي ٻاهر لٿو، ۽ انوءَ کي اشارو ڪيائين. انو روالور وارو هٿ ڪيسي ۾ وجهي، منظور کان ڪجهه قدمن جي فاصلي تي، هن جي پويان هلڻ لڳو. بنگلي جي دروازي تي هڪ پٺاڻ چوڪيدار استول تي ويٺو هو.منظور ان سان ڪجهه ڳالهايو، ۽ دروازي ۾ هڪ ننڍو لنگهه کلي پيو. منظور اندر لنگهي ويو ۽ انو به وڃي ساٿس گڏيو. وڏي شاهي 'لان' کي پار ڪري، هو هڪ وڏي دالان ۾ داخل ٿيا. دالان کان اندر وڃڻ واري دروازي تي منظور ٿي پيرا بجليءَ جي گهنٽي وڄائي. هڪ ديو جهڙي همراه دروازو کوليو، ۽ منظور کي ڏسي چيائين "باس ڪاوڙيو ويٺو آهي. ايتري دير ڪبي آهي!" ۽ پوءِ الڳ هٽي هن کي اندر وڃڻ لاءِ رستو ڏنائين. اتان ڪاهي پاسي هڪ ٻي ڪمري جي دروازي تائين ڪين وٺي آيو. پاڻ دروازو کولي اندر هليو ويو، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ، ڪين اندر اچڻ جو اشارو ڪيائين.

اندر گهڙڻ سان انوءَ ڏلو تہ آرام ڪرسيءَ تي، ڊگهي گاؤن ۾، هڪ همت ڀريو مڙس اڌ ليٽيو پيو هو. سندس پاسي کان ٽيبل تي ٽي ٽيليفون رکيل هئا، هڪڙو اچو، ٻيو ڪارو ۽ ٽيون سائو، جنهن تي هڪ ڳاڙهي بتي پئي ٻري. سندس سامهون، ٽپائيءَ تي هڪ بوتل رکي هئي. انوءَ ڏلو تہ اها وسڪيءَ جي بوتل هئي. هن جي اڳيان رکيل گلاس بہ وسڪيءَ سان ڀريل هو، ۽ سوڊا جي ڪري پاڻيءَ جا آٽا مٿي چڙهندا ٿي ويا. هن جي اکين تي هڪ وڏو ڪارو ڇشمو چڙهيل هو، جنهن هن جي اکين کي بلڪل لڪائي ڇڏيو هو. هن کي ڏسي، هن ٽپائيءَ تان سگريٽ کڻي، لائيٽر سان دکائيندي هڪ ڊگهو ڪش هنيو، ۽ پوءِ هن چيو:

"ڪٿي مري ويا هئا اوهين سڀ؟"

هن ڪجهه اهڙي انداز سان چيو، جنهن ۾ ڪاوڙ کان سواءِ عجيب نفرت ڀريل هئي. نفرت جو رڳو هلڪو احساس بہ انوءَ جي جسم ۾ آڪڙ پيدا ڪري وجهندو هو، ۽ انوءَ کي پنهنجي ڳچيءَ جون تنتون سيٽجنديون محسوس ٿيون. هي ڪير ٿيندو آهي ائين ڳالهائڻ وارو؟ هن سوچيو؛ پر منظور کي چپ ڏسي، هو بہ چپ رهيو.

"جيڪڏهن ڪو ڇاپو لڳي ها تہ ڪير ذميدار هو؟ تون يا هوءَ نوابزادي؟ لڪن جو مال بہ وڃي ها ۽ سموري ڪاروبار جي ستياناس ٿي وڃي ها.... هي ڪير آهي؟ ڪو نئون رکيو اٿوَ ڇا؟"

انوءَ جي لوندڙين ۾ رت جو دٻاءُ تيز ٿي ويو. هن جي مُٺ روالور تي ڀڄي ويئي.

منظور چيو؛ "جي نہ، هي اسان جو پراڻو ساٿي آهي.... استاد شيروءَ واري جهيڙي ۾ هي هو!"

"چڱو ويو، پر آئيندي ائين نہ ٿئي!"

"جي!" منظور بلڪل مينهن ۾ ڀنل ڪانوَ وانگر جواب ڏنو، ۽ چپ چاپ اهو "باڪس" ميز تي رکي ڇڏيائين!

جڏهن هو ٻئي اچي ڪار ۾ ويٺا، انوءَ کان رهيو نہ ٿيو، ۽ هن اتاولائيءَ مان پڇيو؛ "هي ڪير هو؟"

"باس!" منظور مختصر جواب ڏنو.

"باس؟ 'باس' ڇا ٿيندو آهي؟" هن کي ان لفظ جو اندازو تہ هو، پر هن تعلق سان

هن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

"دراصل باجي به هن جي پاران ڪم ڪندي آهي. اسان وارو بنگلو ۽ سمورو ڪاروبار هن جو آهي. اسين سڀ هن جا ماڻهو آهيون! هو تمام زوراور ماڻهو آهي. هن جو ڪوبه دشمن دشمنيءَ جي حالت ۾ گهڻو وقت جيئرو نٿو رهي سگهي. هونئن ته اسان جهڙا ڪيترا ماڻهو هن وٽ آهن. پر پوليس ۾ سندس وڏي پهچ آهي. هن جي سڌي لائين ملڪ جي صدر سان ڳنڍيل آهي! ائين سمجهه ته ملڪ جي هن حصي جو هوئي بادشاهه آهي!"

انو هن انڪشاف لاءِ بلڪل تيار نه هو. ان انڪشاف کان پوءِ به هو اها ڳالهه سَهڻ لاءِ تيار نه هو ته ڪو ماڻهو هنن سان اهڙي نموني ڳالهائي.

"پر يار، هن جي ڳالهائڻ جو طريقو ڪيترو نه ادنگو هو!" هن سمجهيو ته منظور ضرور هن سان ها ۾ ها ملائيندو.

"هن جو نمونو ئي اهڙو آهي، آخر به ته باس آهي!"

اهو "آخر به ته باس آهي!" جملو هن کي بلڪل نه وٺيو. پر هن ڪجهه نه چيو.

** * ** **

بنگلي تي موتي منظور باجيءَ جي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ هو پنهنجي ڪمري تي هليو آيو. بوريت ۽ خفگيءَ کي هضم ڪرڻ لاءِ هو اخبار جا پنا اٿلائڻ لڳو. پوئين صفحي تي هڪ تصوير ۽ خبر پڙهي هو اُٿي ويٺو. تصوير ۾ چترڪار جو فوٽو ڏنل هو، ۽ خبر اها ڏنل هئي ته ان ڏينهن آرٽس گئلري ۾ هن جي چترن جي نمائش هئي، ۽ ان جي هيٺان هن جي ڪن تصويرن جو مختصر احوال ڏنل هو. خبر پڙهي هن جي دل ۾ چترڪار سان ملڻ جي خواهش پيڙڪي اٿي، ۽ هو جلدي جلدي سٺيرا ڪپڙا پائي، ٻاهر نڪتو. ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي اخبار ۾ ڄاڻايل هنڌ تي پهتو. پر اتي پهچي، هو ڄڻ ته دروازي تي بُتُ بنجي ويو. هيءَ ته دنيا ئي نرالي هئي؛ سهڻن سيبتن ڪپڙن ۾. ڪيترا ماڻهو ۽ زالون پيت تي ٽنگيل تصويرون ڏسندا، هڪ ٻئي سان تصويرن تي بحث ڪندا، اڳتي وڌندا ٿي ويا. هن ڏٺو ته پريان هڪ ڪنڊ ۾ چترڪار ٻن زالن سان گڏ، هڪ تصوير ڏانهن منهن ڪري ڳالهائي رهيو هو. ڳالهائيندي ڳالهائيندي، چترڪار جي نظر هن تي پئي. هن زالن کي ڪجهه چيو ۽ هن ڏانهن وڌي آيو.

"اچ اچ انور، اتي ئي ڇو بيهي رهين؟ مون کي الائجي ڇو پڪ هئي ته تون ضرور ايندين!"

"تون ياد ڪرين ۽ آءٌ نه اچان، اها ڳالهه ٿيٽي نه آهي." انوءَ ڪلي چيو. "پر يار ماڻهن جي هن ميڙ ۾ آءٌ بلڪل اوپرو ٿو لڳان، ۽ هي ماحول منهنجي لاءِ بلڪل نئون ۽ انوکو آهي!"

"نه نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي، ائين ئي ته ماڻهو ٻين سان رلندو ملندو آهي!" چترڪار هن کي همٿائيندي چيو. "اچ ته آءٌ توکي پنهنجي ڪن دوستن سان تعارف ڪرايان!"

۽ چترڪار هن کي گهلي ساڳي ڪنڊ ۾ وٺي ويو. اتي پهچي هن چيو. "مسز انور، هي آهي منهنجو نئون دوست! نالو هن جو بہ اتفاق سان انور آهي، ۽ انور، هيءَ سورٺ آهي؛ هنن جي ڌيءَ....."

انوءَ کي اها خبر نہ پئي تہ ان تعارف جو ڪهڙو جواب ڏي. سو ڪجھ هيڪندي هن هٿ سان سلام ڪيو. هن جي سلام ڪرڻ جو ڍنگ اهڙو اڀوجهو ۽ اتاولو هو، جو سورٺ جي چپن تي مرڪ اچي ويئي. مسز انور جون اکيون هن جي چهري تي ڪُپي ويون، ڇڻ تہ ان منهن ۾ ڪنهن کي تلاش ڪري رهيون هيون، ۽ انو بہ اچرج مان مسز انور ۽ سندس ڌيءَ کي ڏسي رهيو هو. ههڙو حسن هن ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ هو ٻئي انسانن بدران ڪنهن اڇي ڳاڙهسري پٿر مان ٺهيل بت هيون، جن کي خدا واندڪائيءَ ۾ ويهي جوڙيو هو. اوچتو هن کي خيال آيو تہ هن مسز انور کي ڪٿي ڏٺو آهي، ۽ هن کي ياد اچي ويو؛ چترڪار جي ڪمري ۾ رنگن جي گلدستي مان ايرندڙ خدائي حسن واري هيءَ تہ هئي. پر نہ، هوءَ تہ ڪا ٻهراڙيءَ جي عورت هئي، ۽ هي بلڪل شهري؛ ڪاري، اَڇي گل سان ساڙهي، ٻانهن ۾ سنهي سهڻي واچ، ڪنن ۾ هلڪي نيري رنگ جا نندڙا ايرينگ. ڳوٺاڻي ماحول جي ڪابہ نشاني هن ۾ نہ هئي. تہ پوءِ ايتري مشابهت ڪيئن؟ ۽ سورٺ تہ هن دنيا جي مخلوق ئي ڪانہ ٿي ڀائين. معصوميت ۽ بي پناهہ حسن جو عجيب مثال! ۽ انوءَ ڏٺو تہ ڪيترين زالون ۽ مرد تصويرن کي ڏسڻ جي بهاني مسز انور ۽ سورٺ کي ڏسي رهيا هئا. هن مسز انور جون نگاهون پاڻ تي ڇميل ڏٺيون تہ هو ششدر ٿي ويو، ۽ وائڙن وانگر هيٺ مٿي نهارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. چترڪار بہ حيران هو تہ مسز انور انوءَ کي ايتري توجہ ۽ غور سان ڇو ڏسي رهي هئي. هن کي ڪا ڳالهہ سمجھ ۾ نہ آئي.

"اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. هتي ئي رهندا آهيو يا....." مسز انور هن سان مخاطب ٿيندي چيو.

"جي، جي هتي ئي....!" هن هيڪندي جواب ڏنو. هن کي پنهنجي حواسن تي قبضو ٽٽندو ٿيو محسوس ٿيو، ۽ هن جي ڪنن جون پاپڙيون ٻرڻ لڳيون هيون، بلڪل ان طرح جيئن وسڪي پيئڻ وقت ٿيو هو!

"ڇا ڪندا آهيو؟"

"نوڪري....." هن کي منظور جا لفظ ياد آيا تہ هو 'باس' جا ماڻهو هئا.

"ڪنهن سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهيو؟" مسز انور وري پڇيو.

"جي، جي نہ، خانگي نوڪري!"

اهڙن سوالن جو هو بلڪل عادي نہ هو. چترڪار هن جي پريشانيءَ کي محسوس ڪري ورتو، ۽ وچ ۾ چيائين. "آءٌ انور کي تصويرون ڏيکاري ٿو اچان، ايڪسڪيوز مي!" ائين چئي انوءَ کي ٻانهن کان وٺي، هو ٻي تصوير تائين اچي پهتو. ان تصوير ۾ هڪ ماءُ هڪ ليٽيل ڪلنڊڙ ٻالڪ کي پيٽ تي چمي ڏيئي رهي هئي. ٻارڙي جي اکين جي چمڪ ڇڻ تہ تصوير کان ٻاهر نڪرڻ ٿي لڳي، ۽ انوءَ جي ذهن ۾، آرٽ گئلريءَ جي بدران، پنهنجو نندپڻ اچي ويو، جڏهن هن جي ماءُ هن کي پيٽ تي چميون ڏيئي، ٽڏڙا ڪڍي هنکي ڪلائيندي هئي؛ سڀ مائرون شايد پنهنجي ٻارڙن کي ائين ئي ڪلائيندڙ آهن، هن سوچيو! ڪيڏو نہ دل ڀائيندڙ منظر آهي اهو، ۽ ان جي ياد ڪيتري نہ تڙپائيندڙ. ٻين سمورين تصويرن مان هن کي اها تصوير وٺي، جنهن ۾ هڪ ٻالڪ ٻانهون مٿي کڻي ڇڻ لهندڙ سج کي جهلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ٻار جي اکين ۾ هڪ اٿاهہ امنگ هو، ۽ سج جي شفق جي ڳاڙهي روشني ٻار جي ڳلن کي اهڙي سرخي بخشي ڇڏي هئي، جا فقط ڪنهن معصوم خوشي ۽ معصوم تمنا جو حصو آهي!

"هيءَ تصوير سيني کان سٺي آهي!" انوءَ چيو.

"منهنجي دل وٽان ڳالهہ ڪئي اٿئي؛ هيءَ تصوير مون کي پاڻ بہ هنن سمورين کان وڌيڪ ٿي وٺي. ۽ سورٽ جي بہ اهائي راءِ آهي. پر پهريون نمبر هن ٻئي نمبر تصوير کي ڏنو اٿن!"

هو وڌي اچي ان تصوير جي اڳيان بيٺا. ان تصوير ۾ هڪ عورت اڌ ڪليل اکين سان، ڪنهن عجيب موج ۾، ڪنهن عجيب امنگ ۾، گلاب جي هڪ پنکڙي ڇپن ۾ جهلي، هڪ عجيب مرڪ مُشڪي رهي هئي، ۽ انوءَ جي وات مان بي اختيار نڪري ويو؛

"ناز ڪِي ان لبون ڪي ڪِيا ڪَهئيي؛ اِڪ پنکڙي گلاب ڪيسي هي!"

۽ پوءِ اهي لفظ ڇئي ڇڻ تہ خود ئي هڪو ٻڪو ٿي ويو. هن کي خواب خيال ۾ اها ڳالهہ نہ هئي تہ حسن جي بازار ۾ ٻڌل اهو شعر هو ائين ورجائي ويندو!

"آهي تہ اوپرو، پر واهہ جو عنوان ڏنو اٿئي! هڪڙو منٽ بيهہ تہ!" ۽ چترڪار،

کيسي مان هڪڙو ڳاڙهو چاڪ ڪڍي، ان تصوير جي هيٺان اهو شعر لکي ڇڏيو. چترڪار کي تصوير تي ڪجهه لکندو ڏسي، ڪيترا ماڻهو مڙي آيا. ماڻهو عنوان پڙهي 'واهه واهه' ڪرڻ لڳا. مسز انور به ان عنوان جي ڏاڍي تعريف ڪئي. پر چترڪار چيو: "اهو داد تہ انور کي ڏيو؛ تصوير ڏسي بي ساختہ هن اهو شعر پڙهيو، ۽ مون اهو عنوان قائم ڪيو!"

پنهنجي تعريف ٻڌي انو وري به پريشان ٿي ويو. خاص ڪري زالن اڳيان الائجي ڇو حجاب کان هن جا ڪن ئي ڳاڙها ٿي ويا، ۽ ڪنن جي ان احساس هن کي بار بار ڪنن کي هٿ لائڻ تي مجبور ٿي ڪيو!

"سيان شام، سليم جي اسان وٽ دعوت آهي. جيڪڏهن اوهين اچي سگهو تہ اسان کي خوشي ٿيندي،" مسز انور هن کي مخاطب ٿيندي چيو.

"ضرور ضرور آءٌ انور کي پاڻ سان وٺيو ايندس!" چترڪار هن کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو.

"تہ پوءِ اسين هلئون ٿيون...." مسز انور چيو.

"انور، ويجين متان، آءٌ هنن کي گاڏيءَ تائين پهچائي ٿو اچان،" چترڪار ڄڻ تہ ڪپڙن ۾ ئي نہ ٿي ماپيو. اڄ هو بيحد خوش ٿي ڏٺو. انوءَ کي هن جي خوشي کان ٻهڪندڙ چهري تي خوشي به ٿيءَ. ريس به ٿي؛ ڄڻ تہ هن ۾ هڪ ڊهيل چٽنگ دکندي رهي تہ "ڪاش، آءٌ به هڙي زندگي گهاري سگهان ها!"

گٹلريءَ مان آهستي آهستي ٿي ماڻهو گهٽجڻ لڳا، ۽ جڏهن آخري ماڻهو هليو ويو تہ چترڪار هن کي وٺي ٻاهرآيو. ٻئي ڄڻا ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي چترڪار جي گهر پهتا. چترڪار جي ڪمري ۾ پهچي، هن جي نظر وري به ان رنگن جي ديويءَ تي پئي، ۽ هن جو اهو احساس ڄڻ تہ يقين ۾ تبديل ٿي ويو تہ اها تصوير مسز انور جي آهي يا سورٺ جي. فقط پوشاڪ ٻهراڙيءَ جي هئي. هن ايا به چترڪار کي ان متعلق چورڻ نہ ٿي گهريو. پر چترڪار هن جي نظرن جي منزل ڏسي چڪو هو ۽ ڪليل بستري تي پاڻ کي اڇلائيندي هن چيو: "تنهنجي دل ۾ ايا تائين اهو سوال پيو تڙپي تہ هيءَ تصوير ڪنهن جي آهي. ائين نہ؟"

"ان ڏينهن ايترو نہ، جيترو اڄ!" هن پنهنجو ڏوهہ قبولينديِ چيو.

"تون سمجهين ٿو نہ هيءَ مسز انور جي تصوير آهي. ائين نہ؟"

"يا سورٺ جي!"

"خير سورٽ جي تہ بلڪل ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ هن تصوير جي چهري ۾ جيڪا پختگي آهي سا سورٽ جي چهري ۾ شايد ڪجھ سالن کان پوءِ پيدا ٿئي. هن تصوير ۽ مسز انور ۾ مشابهت ضرور آهي. پر مون جڏهن هيءَ تصوير چٽي هئي، تڏهن منهنجي ذهن ۾ فقط عورت جي حسن جو ڪمال، ۽ عورت جي سونهن جي انتها جو آدرش هو. اهو آدرش منهنجي ذهن جي گوشي گوشي ۾ موجود آهي، ۽ اهو ڪڏهن بہ نہ مٽجي سگهندو! اهو آدرش مسز انور کي ڏسڻ کان اڳ بہ موجود هو. هيءَ تصوير تہ ان جي جهلڪ بہ ڪانهي، ۽ جڏهن اهو آدرش آءٌ رنگن ۽ برش سان پيدا ڪري سگهندس، تڏهن ئي آءٌ پنهنجي هن فن کي تڪميل تي سمجهندس!"

"پر هي ٻهراڙيءَ جي پوشاڪ، هي ٻهراڙيءَ جا رنگ؟"

"ٻهراڙي تہ پنهنجي رڳ رڳ ۾ آهي دوست! منهنجي ٻاروتڻ جو حصو آهي، جيڪو ٻاروتڻ مون کان کسيو ويو.... اڙي آءٌ وري توکي پنهنجا سور ٻڌائڻ ويهي رهيس.... ۽ اڳئين پيري وانگر پاڻ ٻئي روئڻ لڳنداسون....! تون ٻڌاءِ، ڪيئن آهين؟"

"مون کي خود ڪا خبر نہ آهي؛ جڏهن کان ڳوٺان واپس آيو آهيان، زندگيءَ ۾ هڪ عجيب خال پيدا ٿي پيو آهي؛ پنهنجي پاڻ مان ويساھ نڪري ويو آهي، ۽ جن ڳالهين تي اڳي ويساھ هوندو هو، انهن مان ويساھ گهٽجندو ٿو وڃي. ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ تہ زندگي مجبورن ۽ زبردستيءَ زنده رهڻ جو نالو آهي. آءٌ ڪو پڙهيل لکيل ڏاهو ڪونہ آهيان. پر ائين ٿو ڀانيان جڻ تہ هرڪنهن ماڻهوءَ جي هر ڪنهن قدم جي پويان خود غرضي يا خود پسندي ڪارفرما آهي!"

ايتري تقرير انوءَ ڪڏهن بہ نہ ڪئي هئي. چترڪار سان هن جي دل ايتري تہ ٻجهي ويئي هئي جو هن بار بار اهوئي سوچيو تہ پنهنجي زندگيءَ جي سموري ڪهاڻي ڪيس ٻڌائي، ۽ ڪائنس پڇي تہ سندس زندگيءَ جا مختلف موڙ عام ماڻهن جي زندگيءَ کان مختلف ۽ مخصوص ڇو بنجي ويا. چترڪار ڪجھ وقت تہ هن ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ پوءِ. چيائين: "ڀائو، زندگي تمام ٿورن ماڻهن کي اهي سبق سيکاريندي آهي ۽ سي بہ گهڻي عرصي کان پوءِ؛ تو ايتري ٿوري ڄمار ۾ زندگيءَ جا اهي سچ ڳ لي لڌا آهن، جيڪي ڏاها ۽ ڏاهپ جا ڏهيسر ڏکن سان ڏنگجي پوءِ لهندا آهن!"

"اها تہ مون کي خبر ڪانهي، پر ڪاله...." ۽ انو اوچتو رڪجي ويو. شراب جي ڳالهہ چترڪار سان ڪرڻ گهرجي يا نہ، هو ڪو فيصلو ڪري نہ سگهيو.

"چئہ چئہ، ماڻ ڇو ٿي وئين؟"

"ڪاله، ڪجهہ پيئڻ ڪان پوءِ، آءٌ اتي ويٺل ماڻهن تي چٽرون ڪندو رهيس، ۽ مون ان وقت سمجهيو تہ ڇڻ تہ چٽر ڪرڻ جو مون کي حق هو. هڪ ماڻهوءَ مون کي گهٽ وڌ ڳالهايو تہ آءٌ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويس، ۽ هن غريب کي مون ٻہ تي ڏڪ هڻي ڪڍيا. هن کي مون جيڪو ڏک پهچايو، سو محض خود پسنديءَ جي ڪري. ائين ڇو آهي، سليم؟ ائين ڇو آهي؟" اهي لفظ هن ڇڻ پنهنجي پاڻ کي ٿي چيا.

چترڪار هن جي ان رنگ تي حيران ٿي ويو. هي معصوم روح جنهن ۾ نيڪي پنهنجا خيما کوڙيو ويٺي آهي، ائين نہ ٿئي جو زمانو، زماني جون حالتون هن کي نفرت ڪرڻ سيکاري ڇڏين، ۽ هن جو روح نيڪيءَ بدران اوگڻ ۽ بديءَ جو دئيت بنجي وڃي. بابا سان هن لاءِ ضرور مشورو ڪرڻ گهرجي. هن ڪجهہ سوچيندي چيو: "انور، تون منهنجي بابا سان نہ مليو آهين. پرينهن ضرور اچ تہ ساڻس ملايانءِ؛ مون کي پڪ آهي تہ تون هن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيندين!"

۽ ٿوري دير کان پوءِ هو، چترڪار کان موڪلائي اٿيو. اڄ الائجي ڇو وري هن بنگلي تي وڃڻ نہ ٿي گهريو. رکي رکي هن کي چترڪار جي اها تصوير اکين اڳيان ڦرڻ لڳي، جنهن ۾ هڪ عورت پنهنجي ٻالڪ کي ٿڌڙا ڪڍي ڪلائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي؛ ڪيڏو نہ حسن هو انهيءَ عمل ۾، ۽ ڪيڏو نہ تڙپائيندڙ احساس! ان احساس کي هن پنهنجي ذهن ۾ محسوس ڪرڻ ٿي گهريو، ۽ ان ڪوشش ۾ هو شهر جي گهٽين ۾ بي مقصد گهمندو رهيو، ۽ جڏهن سج مستقبل ۾ جاڳڻ لاءِ ماضيءَ ۾ لهي پيو، تڏهن هن پاڻ کي ساڳي بار جي دروازي تي ڏٺو. هن جي دل جي رفتار گهڙيءَ لاءِ تيز ٿي ويئي، پر پوءِ ڇڻ هن ڪو فيصلو ڪري ورتو، ۽ هو بار ۾ داخل ٿيو. سامهون ٽيبل تي مڇن وارو همراهہ دروازي کي پٺ ڏيو ويٺو هو. هن جي مٿي تي هڪ پٽي ٻڌل هئي. هو سڌو ان ٽيبل تائين پهتو، ۽ هن مڇن واري جي ڪلهي تي هٿ رکيو. مڇن واري جو هن کي ڏٺو سو اهڙيءَ طرح ڇرڪ ڀري ٽپ ڏئي اٿيو، جو ذري گهٽ ٽيبل اونڌي ٿيڻ تي هئي. هو قَدَ ۾ تقريبن برابر ٿي لڳا، يا مڇن وارو ٻہ تي اڳر هن

کان مٿيرو هو. هو هڪ ٻئي جي سامهون گهڙيءَ لاءِ ائين بيهي رهيا ڄڻ تہ هڪ ٻئي جو قد ٿي ماپيائون. پوءِ انوءَ پنهنجو کليل هٿ اڳتي وڌايو ۽ چيائين: ”ڀائو، ڪلهہ نشي ۾ مون جيڪي ڪيو، ان لاءِ معافي گهرڻ آيوآهيان!“

مڇن واري جو سمورو غصو، سمورو ڪروڌ پاڻي پاڻي ٿي ويو. گهڙي ڪن تہ انوءَ کي ڏسندو رهيو. انوءَ جي اکين ۾ ايتري نرمي ۽ معصوميت هئي، جو هن جي دل ڇُلڪي پئي، ۽ هڪ هٿ بدران هن ٻئي هٿ وڌائي انوءَ جي هٿ کي جهلي، ڪيڪاريندي چيو: ”يَرَ، مون تہ ڪي ٻياخيال ٻئي پچايا پر تنهنجو گڻ ڏسي منهنجي ڪاوڙ اڏامي ويئي! آءٌ، اسان سان ويهي پيءُ!“

انوءَ جي دل کي اهڙو جهوپو آيو، جو ذري گهٽ هن جي اکين ۾ پاڻي اچڻ تي هو. پر پاڻ تي قبضو رکندي ڪلندي هن چيو: ”ڀائو، آءٌ آهيان سيکڙات، ڪالهہ مون پهريون پيرو پيتو هو. ائين نہ ٿئي جو آءٌ اڄ بہ آئوٽ ٿي ويان!“

”رک ڏٺيءَ تي پيئڻ ۾ ڪٿي تون سيکرات آهين، پر جهيڙي ۾ تہ تون گُرو لڳو پيو آهين، ۽ آءٌ اڳيون ڏک ايڌا پيو پچايان،“ مڇن واري بہ ڪلندي چيو. ۽ پوءِ هو هنن سان پيئڻ ويهي رهيو.

مڇن واري جو نالو 'ابو' پالاري هو. هو مزورن جو جمعدار هو ۽ هن وٽ پنجاهي ماڻهو هئا، جن کي هو ڪليڪي تي ڪم ڪار وٺي ڏيندو هو، ۽ گهٽو ڪري جهازن تي مال ڍوئڻ جو ڪم ڪندا هئا، ۽ هن کي جمعدار جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻو نہ پوندو هو. جيڪا رقم ملندي هين، تنهن کي سڀ صلاح ڪري ورهائي ڪٽندا هئا. هن کي جهاز ڪمپنيءَ وارا ماڻهن جي حساب سان ”چونگي“ ڏيندا هئا. روزانو ڏهہ پندرنهن رپيا ڪمائيندو هو. ٻہ تي ڏينهن ٿيا تہ هڪ جهاز تان هن کي تي سؤ رپيا بونس مليو هو، ا هو ويٺي يارن تي کپايائين.

”آءٌ دين دنيا ۾ اڪيلو آهيان: نڪو ٻار نڪو ٻچو. سو جي ڏوکڙ ٿئي تہ مڙئي چُڪي پي، ڏٺيءَ کي ياد ڪندا آهيون!“

هو ڪيترو وقت ويٺا پيئندا رهيا. ڳالهيون ڪندا رهيا. انوءَ کي هنن جي صحبت مان ايترو لطف آيو، جو هن اڳ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪيو هو. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ تہ پالاري هن جو ڪو ويجهو مائٽ هو. جڏهن هو اٿيا تڏهن انوءَ بل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پالاريءَ کٽي ٻانهن کان جهليس. ”ائين ڪڏهن نہ ٿيندو: اسين مزور سهي، پر تون اسان جو مزمان آهين. اسان

مزورن جي دل هيڏي آهي، ان کي ننڍو نہ ڪر!“ هن پنهنجي دل جي ڪشادگيءَ کي هٿ جي اشاري سان سمجهائيندي چيو، ۽ انوءَ کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هن جي دل واقعي ايتري وڏي هئي، جنهن ۾ سمورو جهان سمائجي ويندو؛ هڪ مزورجي دل!

****

بار کان ٻاهر نڪتو تہ هن پاڻ کي بنہ هلڪو هلڪو ٿي محسوس ڪيو. اڄ هن جي دماغ تي ڪوبہ بوجھ نہ هو. اڄ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ تہ هو هڪ پکي هو، جنهن اڏامڻ تي گهريو. اڄ هن جي چپن ۾ هڪ جدا لذت هئي، ۽ بار بار هن چپن جو اهو سواد محسوس ڪرڻ لاءِ چپن کي ڏندن سان چوسڻ ٿي شروع ڪيو. اڄ بہ هن جي ڪنن جون پاپڙيون گرم گرم ٿي ويون هيون، پر اڄ..... اڄ انهن ۾ باهہ جي تَوَ بداران، سيءَ ۾ ڪنهن گرم ڪپڙي اوڍڻ سان جا آسيس ايندي آهي، سا آسيس هئي. ۽ ائين اڏامندو، هو ان پاڙي ۾ پهتو جتي ڏينهن بدران رات جوان هوندي آهي. ساڳي ماڙيءَ تي چڙهندي، هن کي ڳائڻيءَ جا چپ ۽ گلاب جون پنکڙيون ياد اچي ويون. ۽ هن جي چپن تي مير جو غزل هُرڻ لڳو- ساري مستي شراب ڪِي سي هي!

اڄ محفل اڳي ئي گرم هئي. ڪيترا ماڻهو، خوش پوش خوش لباس، طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏيو ويٺا هئا، ۽ اڄ ڳائڻ سان گڏ هوءَ نچي بہ رهي هئي، ۽ هن جي هر ادا تي هر نخري تي، هر ناز تي، گهنگروءَ جي هر ڇٽڪي تي "واهہ واهہ!" "ماري وِڌءُ" "ڪجھ هيڏي ڀي نهار!" جهڙا فقرا گونجي رهيا هئا. هو بہ جوتو لاهي، هڪ ڪنڊ ۾ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. رقص ڪندي، هن انوءَ کي ڏٺو، ۽ اکين ئي اکين ۾، جڻ تہ اهو ئي چيائين، "پلي ڪري آيا، جيءُ ڪري آيا!" اڄ هن پئسن ڏيڻ جو هڪ نئون انداز ڏٺو. نچندي ڳائيندي، ڪنهن هن کي رپئي جو نوٽ ٿي ڏيکاريو، ۽ هن ان ماڻهوءَ جي اڳيان نچندي، اتي ئي ويهي غزل جي مصرع ٿي ڳائي، تڏهن روپيو آڇيندڙ، جڻ تہ هن تي احسان ڪندي، روپيو ڪيس ٿي ڏنو. ڪنهن تہ وري پنهنجي سنگت جي ماڻهوءَ جي ڳل تي، يا سٽر تي رپيو جهلي ٿي ڏيکاريو، ۽ هو ساڳيءَ طرح سان ويهي، اهو رپيو اتان کڻي هلي ٿي ويئي، پر رپيو کڻندي هن ان ماڻهوءَ کي رپئي واري جاءِ تي، ڳل تي يا سٽر تي، چهنڊي بہ ٿي پاتي. هن کي الائي ڇو اها ڳالهہ نہ وٺي. هن کي هن ماحول ۾ اُبٽ

ٿيڻ لڳي؛

ڪجھ ديرڪان پوءِ ٻڌندڙن جو اھو ٽولو اٿي بيٺو ۽ پاڻ ۾ مذاق ڪندي وڃڻ لڳو. ھو پاڻ ۾ ئي ڳالھائيندي، ھن تي فقريبازي ڪندا ٿي ويا. ھڪ چيو ”عمر جي پڪي آھي!“ ته ٻئي چيو، ”يَرَ رات جو عمر ڪچي پَڪي ڪير ٿوڏسي!“ ھڪڙي ته ڏاڍيان چيو؛ ”پچوس ته ريٽ ڇا اٿس؟“- ۽ ان قسم جا فقرا چوندا ھليا ويا.

ڳائڻي به ڄڻ ته ھنن جي وڃڻ ڪان پوءِ سامت جو ساھ ڪنيو، ۽ ھارمونيم تي پيل پئسن تي نظر وجھندي، انوءَ ڏانھن نھاريائين.

”اوھان جو دوست نه آيو ڇا؟“ ھن پڇيو.

”ھن جو اچڻ ضروري آھي ڇا؟“ خبر نه آھي ڇو ھن کي منظور متعلق اھو سوال نه وڻيو.

”ضروري ته نه آھي. پر ھن پئي چيو ته اوھين ھن راھ ۾ اڃا نوان آھيو، تڏھن پڇيم. نه ته اوھين به اسان جي اکين تي!“ ھن پنھنجيون اکيون انوءَ جي اکين سان ملائيندي چيو. انوءَ تي الائي ڇو اداسي ڇائنجندي ويئي. ھن ڄڻ ته ڪيس اڪيلائيءَ جو احساس ڏياري ڇڏيو ھو. ان احساس کان پڇڻ لاءِ ئي ھو ھتي ھليو آيو ھو. ھن کي بنگلي تي پنھنجي ڪمري جي اڪيلائي کان ھاڻ وحشت ٿيڻ لڳي ھئي.

ھن جي اکين ۾ اداسيءَ جو رنگ ايندي ڏسي، ھو ڄڻ ته گھبرائجي ويئي، ۽ ھن ھارمونيم واري ڏي ڏسندي اشارو ڪيو، ۽ ساز وارن ھڪ عجيب پرسوز ڌن ڇيڙي. پوءِ ھن جو سريلو آواز سراپا درد بنجي اپريو؛

ڪس سوتن ڪي لاگي نجريا،
ڪس بيرن ڪي لاگي ھائي،
باجو بند ڪل ڪل جائي،
او بي دردي بالموا،
باجو بند ڪل ڪل جائي!

۽ ’باجو بند ڪل ڪل جائي‘ تي ھن جي اکين ۽ سموري جسم ۾ سُپردگي ۽ ھيٺائيءَ جو ڪجھ اھڙو ڏيکاءُ اپري آيو، جنھن ھن جي دل کي گائون مائون ڪري وڌو. ھيءَ ھڪ نئين اداسي ھئي، جا ڏکوئيندڙ ھجڻ سان گڏ عجيب

سڪون ڪٽي ٿي آئي، ۽ پوءِ هن جڏهن ڳايو:

ڪچي پريت ڪي ڪچي ڌاگي
لاڪ جتن ڪرون گرهن لاگي
چاهي مانو نہ مانو،
جهوٽي ٿمري پريت ري، ريت ميت ري
باجو بند ڪل ڪل جائي، ري بي دردي بالموا!

تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته هن جي دل جا ڪچا ڌاڳا ٽٽندا ٿي ويا، ۽ لڪين جتن ڪرڻ جي باوجود هن جو ذهن ان کي ڳنڍي نہ ڏيئي سگهيو. هي ڪهڙو احساس هو جنهن ۾ هو پاڻ کي جهلجندو محسوس ڪري رهيو هو. هن ان حساس کان بچڻ لاءِ اٿي وڃڻ چاهيو، پر اٿي نہ سگهيو. جڏهن هن ڳائڻ بند ڪيو، تڏهن بہ گيت جا لفظ هن جي ڪنن ۾ ٻُرندا رهيا!

"ٻيو ڪجهہ پيش ڪريان؟" هن سوال ڪيو.

"نہ نہ، مهرباني!" هن جڻ گهبرائجي چيو. هو سوچڻ لڳو ته پوءِ هو اتي ڇو ويٺو هو؟ هن کي منظور جا لفظ ياد آيا. "هي حسن جي بازار آهي، جتي حسن وڪامندو آهي!" ڇا هو حسن کي خريد ڪرڻ چاهي ٿو؟ جيڪڏهن نہ، ته پوءِ هت ڇو ويٺو هو؟ هن جو هتي ڪهڙو ڪم هو؟ هن ڏٺو ته سازن وارا ساز هڪڙي طرف رکي، اٿي ٻاهر هليا ويا، ۽ هو هن سان اڪيلو رهجي ويو. هن جي دل جي ڌڙڪڻ جي رفتار تيز ٿي ويئي.

"اوهين ڪجهہ اداس اداس ٿا لڳو!"

"نہ نہ، اهڙي ته ڪا ڳالهہ ڪانهي. چڱو آءٌ هلان ٿو."

"گهڙي ته وهو، الائي ڇو مون کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته اوهان کي منهنجي ضرورت آهي!"

"ڇو؟ مونکي اوهان جي ڇو ضرورت ٿيندي؟"

"منهنجو نالو 'راڻي' آهي!" هن شرارت آميز لهجي ۾ چيو. ڳالهہ بدلائڻ سان هن ڪمال ڪري ڏيکاريو. هو اٿي بيٺو. هوءَ بہ اٿي بيٺي. هن ڪيسي مان ڪجهہ نوٽ ڪڍي هن ڏانهن وڌايا. پر هوءَ هن کي ڏسندي رهي، ۽ پوءِ هن اهڙي حرڪت ڪئي، جنهن انوءَ جي جسم ۾ ڏڪڻ وجهي ڇڏي. هن وڌي انوءَ جو منهن پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ٿورو مٿي ڪري، سندس اکين ۾ گهڙيءَ

لاءِ نهاريائين، هن جي جسم ۾ ڇڙ تہ وڄ لنگهي ويئي، ۽ هن جو منهن ڪنهن اڃاتي باهہ ڪان ٻرڻ لڳو. ان ڏڪڻي ۾ نوٽ هن جي هٿن مان ڪري پيا.

"اڙي، اوهين تہ ڏکو پيا!" هن سندس منهن کي ڇڏيندي چيو.

"منهنجو نالو انور آهي!" هن بہ پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائڻ لاءِ ڳالهہ کي بدلائڻ جو ساڳيو طريقو اختيار ڪيو.

"انور صاحب، آءٌ پنهنجا وڏا ڀاڳ سمجهنديس، جو اوهين ڏينهن جو هت اچو!" هن آهستي چيو. عين ان وقت هارميونيم وارو داخل ٿيو؛ هن پٽ تي ڪريل نوٽن تي نظر وڌي، ۽ هڪ عجيب مرڪ ڇپن تي آڻيندي سامهون ڪمري ۾ هليو ويو. انو ڪجهہ سوچيندو، بوٽ پائي هيٺ لهي آيو.

******

هو سڄي رات ان نئين دعوت تي سوچيندو رهيو. ڏينهن جو هٿ ڇا ٿيندو هوندو؟ هن جي ذهن ۾ ڏينهن لاءِ ساڳيوئي تصور قائم رهيو، جهڙو منظر هن رات جو ڏٺوهو؛ نيم باز اکيون، شرابي ڪيفيت، گلاب جي پنکڙين جهڙا چپ، ۽ گهنگرن جي ڇماڇم. هڪ سوال هن جي ذهن ۾ جاڳي اٿيو..... ان ريشمي ماحول جي پٺيان ڇا هو؟ هن کي يقين ئي نه ٿي آيو ته ڏينهن جو ماحول به ايترو ڪٺنرو، ايترو ريشمي، ايترو گداز هوندو، پر ان کان سواءِ ٻيوڪو منظر به ته هن جي ذهن ۾ نه ٿي آيو. ۽ اهي ئي خيال سوچيندي، هو سمهي رهيو. ان رات هن هڪ عجيب خواب ڏٺو؛ ماحول ۾ ڪا گهٽي ڦير گهير نه هئي- سواءِ ان جي ته راٺيءَ بدران رقص.ڪندي سورٺ هن لاءِ مرڪندي، گلابي پنکڙين جي ورکا ڪندي ويئي. پر هن ڏٺو ته هو اڪيلو نه هو؛ چترڪار هن سان گڏ طول وهاڻي تي ويٺل هو؛ سندس ٻئي هٿ رنگ ۾ ڀريل هئا، ۽ هو نچڻيءَ جي هر تاثر کي رنگن ۾ لاهيندو ٿي ويو.. ۽ پوءِ هن ڏٺو ته ڇهڻ ڳاڙهي رنگ جي هڪ ڇولي، ڇوهه مان اچي، هن جي ۽ رقص ڪندڙ سورٺ جي وچ ۾ هڪ ويڇو وجهي ڇڏيو، ۽ چترڪار ٿهڪ ڏيئي، پنهنجو برش ان ڇهڻ ڳاڙهي رنگ مان ڀريندو، ڪنواس تي شڪليون ٺاهيندو ٿي ويو. انهن تصويرن ۾ هڪ شڪل ملنگ جي هئي، ۽ هڪ تصوير ننڍي استاد جي. هن کي ائين محسوس ٿيو ته ڪنهن طرح ڇهڻ ڳاڙهو رنگ، جڏهن هن جي ويجهو ٿي پهتو ته رت ۾ بدلجي ٿي ويو، ۽ پوءِ سورٺ هن کان دور هٽندي ويئي. چترڪار به هن جي نظرن کان اوجهل ٿيندو ويو، ۽ هو ان ڇهڻ ڳاڙهي رنگ ۾، رت جي دريا ۾ غوطا کائڻ لڳو. رت هن جي نڙيءَ کان هيٺ لهي، هن کي گهٽيندو ٿي ويو ۽ ان گهٽجڻ کان هو ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهيو، ۽ هن ڏٺو ته ٻاهر ڪافي اس ڦهلجي چڪي

هئي. هن کي سخت اڄ محسوس ٿي، ۽ باٿ روم ۾ گهڙي هن پنهنجا چپ نل سان لڳائي ڇڏيا.

يارهين بجي ڌاري هو ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ان بازار ۾ پهتو، اتي جو منظر ڏسي، ڇڻ ته هو ڪنهن خواب مان جاڳي پيو. هت ته ڪجهه به ڪونه هو؛ نه پان وارن جي دڪان تي ڪو هجوم هو، نه ماڻهن جي ايڏي پيه پيهان. گجرين وارا به نه هئا، فقط ٻه ٽي ٻار پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تان وڙهي رهيا هئا، ۽ ڪتي جو هڪ پلونگڙو هنن جي جهيڙي کان ڊڄي ڪني پاڻيءَ جي ڪسيءَ ۾ پناهه ڳولي رهيو هو. جيڪڏهن ڪجهه گهمسان هو ته ٽٽط ٽرئڪ جو، ۽ هوٽل ۽ چانهن وارن جي آوازن جو! هو ڪجهه سوچيندو ڏاڪڻ چڙهي ويو. ٻاهريون دروازو کليل هو ۽ هو اندر لنگهي وڃئين ڪمري جي در تي پهچي جوتي لاهڻ لاءِ ڪشا کولڻ لڳو، مگر ان ڪمري ۾ ته ڪجهه به نه هو؛ رات جي وڇايل قالين بدران ٻه ڪٽون پيل هيون جن مان هڪ تي بسترو وڇايو پيو هو، ۽ ٻيو بسترو ويڙهيو، ويٺو ٿيل، پيراندي ڪان پيو هو. هن جي بوٽ جي آواز تي اندرئين ڪمري مان راڻي ٻاهر نڪري آئي. هن راڻيءَ کي هن جي اکين سڃاڻڻ کان ئي انڪار ڪيو. سادي پيازي رنگ جي چولي ۽ سفيد شلوار ۾ راڻي ڇڻ ته پنهنجو حسن ڪٿي لاهي آئي هئي. سندس وار کليل هئا ۽ هن ڏٺو ته سندس ڳچيءَ پويان ڦٽي وارن ۾ اٽڪي پئي هئي. ائين ٿي ڀانيو ته هوءَ چوٽي ڪندي اٿي آئي هئي. هن جي اکين ۾، جن اکين ۾، هن اها شرابي ڪيفيت ڏٺي هئي، ڇڻ ته ٽڪ ۽ بيزاريءَ جا سفيد ۽ ويران ڏورا ايري آيا هئا. هن جي پنڀين هيٺان، پرُن سان تقريبا پورو گول ٺاهيندڙ نيرا ڪارا بَدَ اُيري آيا هئا. جن چپن کي هن گلاب جي پنکڙين جهڙو ٿي سمجهيو، تن ۾ ڳاڙهاڻ بدران پيلاڻ ۽ سوڪڙ اچي ويئي هئي، ۽ هن جي چهري جي رنگت به هلڪي پيلي ڪٽڪ رنگي هئي. فقط هڪ ڳالهه شايد پنهنجي اصل جاءِ تي موجود هئي، ۽ سو هو هن جو اُرهه. هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نه پئي آيو. هو انهيءَ گومگو جي حالت ۾ هو ته راڻيءَ چيو:

"اڙي اوهين اچي به ويا! ايترو سويري؟"

هو ان سوال تي گهبرائجي ويو. ڇا واقعي هن کي ايترو سوير اچڻ نه گهرجي ها. ماحول جي ان تبديليءَ هونئن ئي هن کان موٽڻ جو فيصلو ڪرائي ڇڏيو هو-

"ته پوءِ آءٌ ويجان ٿو ۽ وري پوءِ ايندس!" ۽ هن وري هڪڙي جوتي جا ڪليل

ڪشا ٻڌڻ شروع ڪيا.

راڻيءَ کي هن جي سادگيءَ تي پيار اچي ويو. هن اهو بہ اندازو لڳايو تہ صبح جي سادي سودي ۽ معمولي منظر ڇڻ تہ هن جي اکين تان پردو لاهي ڇڏيو هو، ۽ هو جي هينئر ويو تہ وري واپس هرگز نہ ايندو. هوءَ اهو خيال ايندي ئي ڊڄي ويئي. هن وڏي انوءَ کي هٿ کان ورتو ۽ کيس کٽ تي وهاريندي چيائين:

"اچڻ اوهان جي وس آهي، ڇڏڻ اسان جي وس! اوهين رڳو هت گهڙي وهو تہ آءٌ هنن مئن وران جو ڪو بلو ڪري اچان!" راڻي اهي لفظ ڪجھ اهڙي سادگيءَ سان چيا، جو هو ارادو مٽائي، ڪليل هنڌ تي سولو ٿي ويهي رهيو. راڻي وري اندرئين ڪمري ڏانهن هلي ويئي. ڪجھ دير کان پوءِ هن جي ڪنن تي آواز آيو:" امي، هو اچي تہ چئجانس تہ پاڙي ۾ ويئي آهيان!"

پوءِ راڻي موٽي آئي. هيءَ راڻي هڪ مختلف راڻي هئي. رات جي راڻي تہ نہ، پر يقيناً صبح جي راڻيءَ کان بهتر. هن جي اکين ۾ ڪجل جي ڌار ڪارن ڪارن بڊن کي مات ڪري ڇڏيو. هن جي منهن جي رنگ جي پيلاڻ بہ لڪي ويئي هئي، ۽ ڇپن جي روءِ بدلجي گلابي گلابي ٿي ويئي هئي. هوءَ ڪپڙا بدلائي ڇهڻ سائي رنگ جي شلوار قميص ۽ چُني پائي آئي هئي.

"اچو تہ هوڏانهن هلي ويهون!"

هو چپ چاپ راڻيءَ سان گڏجي هليو. دروازي جي بلڪل پاسي ۾ هڪ ٻيو ڪمرو هو، جنهن کي تالو لڳل هو. راڻي تالو کولي هن کي اندر وٺي آئي. ڪمري جي هڪڙي ڪنڊ ۾ هڪ ڪشادو پلنگ هو، جنهن تي ريشمي هنڌ وڇايل هو؛ هڪ ڪنڊ ۾ ڊريسنگ ٽيبل هئي، جنهن تي ڪيترا پائوڊر ۽ تيل ڦليل رکيل هئا. بستري جي ويجهو هڪ ٽپائيءَ تي پاڻيءَ سان ڀريل جگ ۽ ٻہ گلاس رکيل هئا. ٽپائي جي اورئين پر ٻہ آرام ڪرسيون پيون هيون. راڻيءَ اندر اچي اندران بولٽ ڏيئي ڇڏيو!

هو روزنو اچڻ لڳو. راڻي هن جي روزمره ۾ شامل ٿي ويئي. جنهن ڏينهن هو نہ ويچي سگهندو هو، ان ڏينهن هو پنهنجي جسم ۾ پنهنجي ذهن ۾ هڪ اهڙو خال محسوس ڪندو هو، ڇڻ تہ ڪن ڏينهن جو بکيو رهجي ويو هجي، ۽ جڏهن ٻئي ڏينهن هو پهچندو هو تہ راڻيءَ جي اکين ۾ بہ ڪيس هڪ دشمني نظر ايندي هئي: "ڪاله نہ آئين؟"

"ڪجھ ڪم ٿي پيو!"

"هون، ڪم ٿي پيو! چئہ تہ ٻي ڪا ڳولي اٿئي، جنهن نہ ڇڏيو!"

راڻيءَ جي حسد جو اهو روپ هن لاءِ بلڪل نئون هو، ۽ هن کي ڪيترو وقت پنهنجي صفائي پيش ڪرڻي پوندي هئي. ان جي باوجود راڻيءَ جي ريس ۽ شڪ نہ لهندو هو. ۽ هن کي ڪلائنٽ لاءِ، هن کي خوش ڪرڻ لاءِ هو راڻيءَ جي اهل ڪرڻ لڳندو هو. چهرا ڪڍڻ لڳندو هو. هن جي خوشامد ڪندو هو، ۽ جڏهن راڻي ڪُنڊ واري ڪمري جو تالو کولينڊو هئي. تڏهن هو پنهنجي ڪاميابيءَ تي دل ئي دل ۾ مرڪڻ لڳندو!

هڪڙي ڏينهن صبح جو جيئن ئي هو تيار ٿي راڻيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ ئي نڪتو تہ منظور سندس ڪمري ۾ هليو آيو:

"يار، توسان تہ ملاقات ئي نہ ٿي ٿئي، ڪيڏانهن تياريون آهن!"

"بس، ائين ٿورو چڪر چاڙي!". هن کي اڳي ئي دير ٿي ويئي هئي. راڻي هن جي انتظار ۾ هوندي. هن جي جسم تي اڳي ئي ڄڻ تہ ماڪوڙيون سرڻ لڳيون هيون.

"يارن سان بہ ڪا لِڪَ ڪبي آهي؛ چئہ تہ راڻيءَ ڏي ٿو ويجين!"

هو حيران ٿي ويو؛ منظور کي ڪيئن خبر پئي. هن راڻيءَ سان تعلق جي باري ۾ ڪافي احتياط ڪيو هو.

"ڀائو، اهو نہ وسارج تہ راڻي 'رنڊي' آهي. جنهن جو خدا پئسو آهي. جڏهن تنهنجي ڪيسي مان پئسو ختم ٿيو، ان وقت ڀاروٽي مانيءَ وانگر ڪٽي ڦٽي ڪندءِ!" منظور ڄڻ تہ پنهنجو تجربو ٿي بيان ڪيو.

راڻيءَ جو هي روپ هن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو. ان ڪري جو راڻيءَ ۽ هن جي وچ ۾ پئسن جو ڪڏهن ذڪر بہ نہ آيو هو؛ فقط هڪ ڀيرو چرچي ۾ راڻيءَ چئي ڏنو هو تہ "ڀاڳن وارو آهين؛ رات جو هن بستري جي قيمت تہ نوٽن جا بنڊل ۽ لڙڪ ٿيندا آهن!"

منظور جي لفظن هن کي راڻيءَ جي لفظن ۾ هڪ نئين اهميت محسوس ڪرائي. پر هن منظور اڳيان ڪجھ بہ ظاهر ڪرڻ بہ ٿي گهريو، ۽ ٻاهريون ٻنو رکي هو مرڪڻ لڳو.

"هل، باجي ٿي سڏئي!"

"ڪو تڪڙو ڪم آهي ڇا؟" هن کي راڻيءَ جي اوسيئڙي جو خيال هو.

"مون کي ڪا خبر ڪانهي، پر ڪا ڳالهه ڳري ٿي ڏسجي!" منظور گنيير ٿي چيو.

"چڱو، هل ته هلون!"

هو منظور سان گڏجي باجيءَ جي ڪمري ڏي آيو. اندر سڀ ڪرسين تي ويٺا هئا. سيني جي منهن تي انتظار ۽ اون ڇانيل هئي. هو به ويجي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اندرئين ڪمري مان باجي ٻاهر آئي. سندس اکين ۾ اهو پيار نه هو، جيڪو هميشه هن جي چهري تي هوندو آهي. انوءَ محسوس ڪيو ته هنن ٿورن ڏينهن ۾ باجيءَ جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا هئا. باجيءَ جي اچڻ تي سڀ اٿي بيهي رهيا. انوءَ کي هي اٿي بيهڻ پهريون پيرو برو لڳو.

باجي به هڪ آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي. هوئين سيني کان حال احوال پڇندي هئي. پر اڄ سڌي سنئين موضوع تي اچي ويئي.

"ڪجهه ڏينهن کان مال اچڻ بند ٿي ويو آهي، ۽ اچڻ جو ڪو آسرو به ڪونهي؛ هي هيڏو سارو گهر ڪيئن هلندو، ان تي به ڪجهه سوچيو اٿوَ؟" باجيءَ تقريبا ڪاوڙ مان چيو. ڪنهن به جواب نه ڏنو.

"ٻاس به پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ۽ سچ به آهي، جڏهن مال ئي ڪونهي ته پئسا ڪٿان ايندا؟ پوليس جو هفتو به ايا ڪونه ڏنو اٿئون. اوهين ائين ٻاهر پيا هلو. ڪنهن کي جهلي وڌائون ته ڇڏائڻ لاءِ به پئسو ڪونهي!"

سيني جي منهن تي ان ڳالهه اهڙو اثر ڪيو، جڻ ته ڪنهن برفاني هوا جو جهوٽو سندن جسمن ۾ گهڙي آيو. منظور ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي پاسو بدلايو. اويس ڪجهه ڪنگهي پنهنجو گلو صاف ڪيو. گُلو جڻ ته پناهه جي خيال کان انوءَ ڏانهن ڏٺو، ۽ انو باجيءَ کي گهوريندو رهيو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته باجيءَ کي ڪنهن خوب درڙڪا ڏنا هئا، ۽ هوءَ سڄي رات روئندي رهي هئي. هن کي وسڪي پيندڙ "باس" ياد اچي ويو!

"هاڻي يا ته هن گهر کي ڇڏي ٽڙي پکڙي ويو يا ڪجهه ڪريو!" باجيءَ جڻ ته التيميٽم ڏنو. گلوءَ کان ته چرڪ نڪري ويو. سيني جي ذهن ۾ هڪڙو ئي سوال اٿيو ته هن گهر کي ڇڏي پوءِ ڇا ڪندا؟ ڪنهن مل ۾ مزوري؟ ايترو وقت آرام ڪرڻ کان پوءِ هنن جا هڏ ٻارنهن ڪلاڪن جي پورهئي تي ورندا؟

هن کي ٻئي ڪنهن هنڌ تہ نوڪري بہ ڪانہ ملندي. جيڪڏهن هتان نڪرن تہ رات ڪٿي رهندا؟ هوٽل تي؟ پر گهٽا ڏينهن؟ جڏهن پئسا ڪٽي وين تہ پوءِ؟

"پوءِ ڇا ڪجي؟" منظور ڄڻ تہ سيني جي پاران چيو، ۽ سيني منظور ڏانهن شڪرگذاريءَ جي نظرن سان نهاريو.

"پوءِ پنهنجي همت ڪريو. يا تہ همت هاري وڃي ڪنهن مل ۾ مزوري ڪريو، يا شينهن وانگر پنهنجو روز ڇني ڦاڙي ڪائو! هت آس پاس ڪيترا بنگلا آهن، جن جي تجوڙين ۾ ضرورت ڪان ٻاهر نوٽن جا بنڊل ڏٽيا پيا آهن، جن کي ڪو ڪتب آٽڻ وارو ڪونهي؛ اوهان ۾ ايتري مڙسي ڪانهي جو انهن تجوڙين جا منهن کوليو؟!"

انوءَ محسوس ڪيو تہ منظور کان سواءِ سيني جي منهن تي ڊپ ۽ اداسي ڇائنجي ويئي. هن کي اهو بہ محسوس ٿيو ڄڻ تہ منظور کي اڳي ئي خبر هئي تہ باجي ڇا چوڻ واري هئي!

"اوهان ٺيڪ ٿا چئو. مون کي هڪ تجويز سُجهي آئي آهي؛ هن رستي جي پرئين پر، ڇيڙي تي سيٺ برڪت علي جو بنگلو آهي، ۽ روز شام جو سندس منشي مل جا پئسا آڻي سيٺ کي ڏيندو آهي. يا تہ ان منشيءَ کي رستي تي حلال ڪجي يا وري رات جو....." منظور تجويز پيش اهڙي طرح .ڪئي، ڄڻ تہ اهو نهايت رواجي ڪم هو، ۽ اهو روزاني ڊيوٽيءَ جو هڪ حصو هو.

"منشيءَ کي ڪٽڻ مان ڇا ورندو. هن وٽ پئسا ئي ڪيترا هوندا. رات جو ڪم وڌيڪ بهتر آهي. تون ۽ انو ٻاهرئين ڪم تي رهجو ۽ چوڪيدارن کي منهن ڏجو؛ باقي اڄ اويس پنهنجي هٿ جي صفائي ڏيکاريندو! گهٽائي ڏينهن ڪنهن تجوڙيءَ کولڻ جو موقعو نہ مليو اٿس. گلو ۽ سلطان اندر جو ڪم سنڀاليندا. بس ويجو!"

سڀ منهن لٽڪائي ٻاهر نڪتا. ان ڪم ۾ هن جي پسند ناپسند کي ڪو دخل نہ هو. هي حڪم هو، جو هن کي بجا آڻڻو هو.

گلو بہ انوءَ سان گڏ جي ٻاهر آيو. ٻئي ڪجھ وقت چپ چاپ هلندا رهيا. پوءِ گلوءَ پريل گلي سان چيو؛

"انو، يَرَ مون کي تہ هينئر ئي ڪان اچي ڏڪٽيءَ ڪنيو آهي."

"سڀ ٺيڪ ٿيندو؛ تون ڳڻتي نہ ڪر!"

"انو، تون مون سان آهين تہ مون کي ڪا ڳٺي ڪانهي، پر تون تہ اڄ ڪلھ مون سان ڳالهائين بہ نہ ٿو. الائجي ڪيڏي مهل اچين ٿو، ڪيڏي مهل هليو وڃين!" هن جي شڪايت ۾ ڪيتري نہ ڏکويل دوستي هئي، ڇڻ تہ هن شڪايت ڪرڻ نہ ٿي گهري، پر ڏک کان ڳالھ نڪري ويس.

انوءَ گلوءَ جي ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي دلداريءَ جو هلڪو زور ڏنو تہ گلوءَ جون واڇون ٽڙي پيون.

"پر، پيٽسان تون آهين تہ منهنجي دل ٻيٽي ٿي پوي. پر منهنجي تہ ڊپ کان ڪانڇ ئي ڊري ٿي پئي آهي. هن ڪم کان پوءِ تہ پڪ ئي پڪ آءٌ بجليءَ جو دڪان کولي ويهندس؛ مون هڪڙو دڪان بہ ڏسي ڇڏيو آهي. ڏھ هزار پڳڙي ٿو گهري....." گلوءَ اشتياق مان چيو.

انوءَ گلوءَ ڏانهن ڏٺو. اها ڳالھ ڪندي هن جي منهن تي اهڙو رنگ ڦهلجي ويو، جهڙو ٻارن ۾ ڪنهن رانديڪي جي سِڪَ ۾ ڦهلجي ويندو آهي. هن وري بہ ڪيس دلداري ڏيندي چيو؛ "ڪوڙ پئسا، گلو. جيسين تنهنجو يار انو جيئرو آهي، تيسين متان دل لاٿي اٿئي! چڱو آءٌ هلان ٿو. مون کي ضروري ڪم آهي." گلو هن کي پيار مان ڏسندو ئي رهجي ويو.

. ٽئڪسيءَ ۾ انو سڄو وقت رات جي ايندڙ مرحلي تي سوچيندو رهيو. هڪ خاص جذبو هن جي رڳن ۾ گهڙندو ٿي ويو، جنهن هن جي ڪنن جي پاپڙين ۾ باھ ٻاري ڏني. هن جي نڙي بہ ڪنڌا ڪنڌا ٿيڻ لڳي. هن جي دِل ائين چاهڻ لڳي تہ هو پنهنجو هيٺيون چپ ڪرتي، پنهنجي ئي رت جي ڪاري ڪاري لذت محسوس ڪري. پر راٺيءَ جو خيال ايندي ئي هن اهو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو. جڏهن هو ڏاڪڻ تي چڙهيو تہ هن اندران زور زور سان ڪنهن جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو. هو اتي ئي جمي ويو، ۽ ڪن لائي ٻڌڻ لڳو.

"راٺي، آءٌ توکي چتاءُ ڏيئي ٿو ڇڏيان؛ هن پنهنجي نئين يار مان جند ڇڏاءِ نہ تہ مون تي ميار نہ رهندي. تن مهينن کان تو پائي بہ نہ ڏني آهي؛ صوبيدار صاحب جا ٽي هفتا چڙهي ويا آهن. سيٺ اصغر کي تو ٻہ ٽي پيرا موتائي ڇڏيو، ۽ هن کي اها خبر پئجي ويئي تہ تون بيماريءَ بدران، پنهنجي نئين رنگروٽ سان ڪمري ۾ رهاڻ ڪري رهي هئينءَ. توکي خبر آهي تہ رات جو تہ هو اچي نہ ٿو سگهي، ۽ ڏينهن جو تہ هو توکي پئسا بہ وڌائي ڏيڻ لاءِ تيار آهي. آءٌ توکي سياڻي تائين

موقعو ڏيان ٿو؛ جيڪڏهن مون کي پئسا نہ مليا تہ هي جاءِ ۽ هن سموري سامان تان هٿ کڻڻو پوندءِ!"

گهڙيءَ لاءِ ماٺ ٿي ويئي، ۽ پوءِ پريان ڪمري مان پوڙهيءَ جي ڳالهائڻ جو آواز اچڻ لگو، جو انوءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو. وري هن ساڳئي مرد جو آواز ٻڌو. "مون کي بہ گهٽائي ڏينهن تاريو اٿئي؛ ڀلا اڄ تہ...."

"نہ نہ، منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي!" راڻيءَ ڪمزور آواز ۾ چيو.

"تنهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي يا هو تنهنجو يار اچڻ وارو آهي. هي ڪپڙا لٿا بہ تہ ان لاءِ پاتا اٿئي يا بيماري ريشمي ڪپڙا پائڻ ۽ سينگار ڪرڻ سان لهندي اٿئي؟ اڄ تہ آءٌ ائين ڪونہ ويندس..... ڏاهي ٿي، هل کول ڪولي!"

انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ تہ ڏاڪڻ چڙهندي هن جو پير ڪسڪندو ٿي ويو، ۽ ٿاٻڙجي ڪرڻ جي ان احساس هن جي نڙيءَ جي ڪنڌن کي وڌيڪ تکو ڪري ڇڏيو.

"ڇڏ مون کي، شوڪت خدا کي مڃ،" راڻي نيزاريءَ مان چئي رهي هئي." ڏس، ٻانهن نہ مروٽ..... اڙي، چوڙي، ڇڏ ظالم، منهنجي ٻانهن ٿي ڦٽجي....." راڻي تقريبا روئندي چيو، آواز ويجهو ٿيندو ويو. دروازي جي پاسي واري ڪمري جي پير ۾ ٻن ڄڻن جي وچ ۾ هٿ ڪسَ جو آواز جڏهن انوءَ جي ڪن ۾ پهتو تہ سموري رت جو وهڪرو هن جي لونڊڙين ۾ پهچي ويو، ۽ هن در کي ڏکو ڏيئي کولي ڇڏيو. راڻي هن ماڻهوءَ جي ڀاڪر مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ ٻيٽي ٿي ويئي هئي، ۽ هو ماڻهو هن جي ٻانهن مروڙيندو، هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ جهلي سندس گچيءَ تي پنهنجا چپ رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

انوءَ جي ٻانهن جون رڳون سيڙجي ويون، ۽ هن جا ٻئي هٿ ان ماڻهوءَ جي ڳچيءَ تائين وڃي پهتا. اوچتو ان ماڻهو راڻيءَ کي ڇڏي ڏنو، ۽ پنهنجي ڳچيءَ مان انوءَ جا هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ انوءَ کي پٽيري زور سان لت هنئي. هن جي بوٽ جي ڪڙي انوءَ جي مرئي تائين پهتي، ۽ هن جا هٿ ڊرا ٿي ويا. جئن ئي هٿ ڊرا ٿيا، هن ماڻهو جهٽڪو ڏيمي پنهنجي ڳچي ڇڏائي، سامهون ٿي هٿ جي پٺ سان هڪ زوردار ٿڦڙ انوءَ کي وهائي ڪڍيو. ڏڪ لڳڻ سان انوءَ جو هيٺيون چپ ڦاٽي پيو ۽ هن کي پنهنجي رت جو چهرو چهرو سواد زبان تي محسوس ٿيو،

۽ هن جي ڪنن جي پاپڙين ۾ رت مڙي آيو. اهو سڀ ڪجهه هڪ ئي وقت ٿيو، ۽ ٻئي پل هن هڪ مڪ پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺي. هن پنهنجي بدن کي هلڪو جهٽڪو ڏنو. ڏڪ گسي ويو. ڏڪ گسڻ سان هو ماٿهو پنهنجي ئي ڳٽل ڏڪ جي زور سان اڏ ڦري ويو، ۽ ان وقت انوءَ جي مڪ هن جي ڪک ۾ ڪپي ويئي. هن ماٿهوءَ جا ٻئي هٿ پنهنجي ڪک تائين پهتا ۽ ٿورو جهڪي ويو. انو ٻئي هٿ بند ڪري، ٻہ- هٿڙي مڪ هن جي جهڪيل ڪنڌ تي وهائي ڪڍي، ۽ هو ٻوٽ ڀر وڃي ڪريو. ڪرڻ شرط انو هڪڙي لت سندس اونڌي ٿيل ڳچيءَ تي هنئي تہ هن کان هڪ گهٽيل "اُهہ" نڪري ويئي. انو هن کي اٿارڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ راڻي سندس آڏو اچي ويئي. هن پنهنجا هٿ ڍرا ڪري ڇڏيا. راڻيءَ چيو: "بس بس، مرڳو مري نہ پئي!"

راڻيءَ جي ان چوڻ ۾ ڊپ هو، ۽ هڪ خوشي بہ ڇڻ تہ هن جي مار کائڻ کان وڌيڪ هن کي ان حساس تي خوشي هئي تہ هو مري نہ پوي. شوڪت گهڙي کن اتي ئي پيو رهيو. پوءِ آهستي آهستي چرندي، هن پاڻ کي سڌو ڪيو. هن جي نڪ ۽ چپن مان رت ٽينڊيون ڪري وهي رهيو هو. سندس اڳيان ٻہ ڏند ڀڄي پيا هئا. هو اٿي بيٺو. سور ۽ پيڙا هن جي منهن جو پنو بنجي ويئي هئي. رومال ڪڍي نڪ تائين آڻيندي هن چيو: "راڻيءَ سان تہ آءٌ پڄي رهندس، پر پٽ، هاڻ تون بہ پنهنجي سر جو خير گهرجانءِ، ڇڻ تہ ماءُ توکي ڄائو ئي ڪونہ هو!"

انو هن ڏانهن وري وڌڻ تي هو، پر راڻيءَ جي پاڪر هن کي جڪڙي ڇڏيو.

"جيڪڏهن راڻيءَ کي تو وري هٿ لاتو آهي تہ آءٌ توکي ڳولي ڳولي مارينديس! نڪر هتان، ڪُتا!"

شوڪت چپ چاپ ٻاهر هليو ويو. انوءَ وڏي ڪڙو ڏيئي ڇڏيو. راڻيءَ پاسي وارو ڪمرو کوليو ۽ هن کي اندر وٺي آئي. شايد ان جهيڙي جي ڪري انوءَ کي راڻيءَ جي جسم جي ضرورت نہ رهي هئي، ڇڻ تہ هن جي خواهش جو اهو بہ هڪ جواب هو. بستري تي وهڻ بدران هو آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"ڇو مٺا، ايترو پري ڇو ويهي رهيو آهين؟"

"اڄ ڳالهين ڪرڻ تي دل آهي. ٻڌاءِ توکي گهٽن پئسن جي گهرج آهي؟" انوءَ پهريون ڀيرو هن سان پئسن جي باري ۾ ڳالهايو هو.

"ڪجهه بہ نہ، آءٌ پاڻهي شوڪت کي منهن ڏيندیس، انهن ماٿهن سان مون نوَ

سال منهن ڏنو آهي. تون اڄ هيڏانهن اچي ويه!" راڻيءَ هن جي ڳالهه کي ڪو وزن نه ڏنو. هن کي ان ڳالهه تان ڪاوڙ اچڻ لڳي.

"هي شوڪت ڪير آهي؟ ۽ ڇاجا پئسا ٿي گهريائين؟"

"تون اهو ڇوٿو پڇين؟"

"بس، آءٌ ڄاڻڻ گهران ٿو. تون منهنجي زندگيءَ ۾ ضرورت بڻجي گهڙي آئي آهين. مون کي ڪجهه ته ڄاڻڻ گهرجي!"

"تون انهن ڳالهين ۾ نه پئو. تون به منهنجي زندگيءَ ۾ ضرورت بڻجي آيو آهين؛ مون ڪڏهن توکان پڇيو آهي ته تون ڪير آهين، ڇاٿو ڪرين، ڇو ٿو ڪرين؟"

"پر اڄ جي واقعي مون کي مجبور ڪيو آهي ته آءٌ توکان ڪجهه تنهنجي متعلق پڇان: هي شوڪت ڪير آهي؟"

"آءٌ هڪ 'رنڊي' آهيان ، چڪلي ۾ ويٺي آهيان؛ منهنجو ڪم آهي ماڻهن کان پئسا ڦرڻ، ۽ اهي پئسا.... پاڻ لاءِ نه، پر شوڪت ۽ شوڪت جهڙن ٻين لاءِ ڪمائڻ تي آءٌ مجبور آهيان!"

هن ۾ هڪ نئين نفرت ايري آئي. هن جي اکين ۾ مستيءَ بدران نانگ جو وهه ڀرجي آيو. ۽ هن چيو؛ "تنهنجو منهن مونکي ڪجهه اهڙو وٺي ويو جو آءٌ اهو وساري ويٺيس ته آءٌ چڪلي جي رنڊي آهيان. آءٌ پنهنجو ڏنڌو وساري ويٺيس. مون توکي هڪ ڏينهن مذاق ۾ چيو هو ته تون ڀاڳن وارو آهين؛ رات جو هن بستري جي قيمت ته نوٽن جا بنڊل ۽ لڙڪ ٿيندا آهن! خبر نه آهي ڇو، جڏهن کان تون هن بستري جو ڌڻي ٿيو آهين، مون هن بستري تي ٻئي ڪنهن کي هٿ رکڻ به نه ڏنو آهي. نتيجو اهو ٿيو ته نوٽن جا بنڊل اچڻ بند ٿي ويا!"

راڻيءَ جي لهجي ۾ چڙ سان گڏ هڪ بيزاري هئي؛ جڻ ته هن ڪجهه ڳالهائڻ نه ٿي گهريو، ۽ محض انوءَ جي اصرار تي ڳالهائيندي پئي ويئي. انوءَ جي دل کي جهوهو اچي ويو، ۽ هو اٿي هنڌ تي اچي ويٺو. هن پيار مان راڻيءَ جي کاڌيءَ کي مٿي ڪري سندس اکين ۾ نهارڻ جي ڪوشش ڪئي. ان پيار کي محسوس ڪندي، راڻيءَ جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا.

"چري، روئين ڇو ٿي؟" هن کيس مٿي ڏيندي چيو.

اهو جملو نه هو جڻ ته هڪ ڇوهو هو، جنهن سڀ بند ٽوڙي ڇڏيا، ۽ هوءَ

سڏڪا پري روئڻ لڳي. جيتري ٿي هن ڪيس دلداري ڏني، لڙڪن ۽ سڏڪن تيئن ٿي هن جي جسم کي جهوري وڌو ۽ پوءِ هن پاڻ تي ضبط ڪندي، هڪ ٿڌو ساهه کڻي چيو: ”آءٌ اتان جي آهيان، جتي ڪير جهڙي برف پهاڙن ۽ جبلن جي پوشاڪ آهي، جتي رات جو تارا اکڙوٽن جي وٽن ۾ اٽڪي پوندا آهن، جتي جڏهن بهار ايندو آهي تہ هر پهڻ جي اوٽ مان ڪٿوري ڪڙي پوندي آهي، جتي جڏهن برف ڳرڻ لڳندي آهي، ۽ نديون نالا پرجڻ لڳندا آهن، تڏهن ماڻهن جي مُکَ مان ماهيا ۽ هير جاآلاپ ڦٽي نڪرندا آهن، ۽ جتي جڏهن پهاڙن جي لاهين تي مڪئي پچندي آهي، تڏهن مڪئيءَ جي سنگن جي خوشبو آرس پيچندڙ جوانين کي پنهنجي پنهنجي دلاور جي ياد ڏياري ڇڏيندي آهي- ها، آءٌ اتان جي آهيان، جتي تو جهڙن ڳيرن لاءِ اسين اکڙوٽ جي وڻ جون لامون پيچي، دروازي جي اڳيان وڇائي ڇڏيندیون آهيون تہ ڏسون تہ رانول پنهنجي راهہ ۾ انهن کي اورنگهي، اسان کي ياد ڪري ٿو يا نہ!

”آءٌ پنڌرهن سورنهن ورهين جي هيس جڏهن اڪرم سان منهنجو مڱڻو ٿيو هو!“ اڪرم جي ياد ايندي، لڙڪ وري راڻيءَ جي ڳلن تي ياد جا ليڪا ڪڍڻ لڳا.

”ماڻهن ليکي تہ اسان جو مڱڻو ان ڏينهن ٿيو، پر اسان جون دليون تہ ان کان بہ گهڻو اڳ، شايد ازل کان بہ اڳ ۾، نيري جبل جي دامن ۾، پاڻ ۾ مڱجي چڪيون هيون. مڪئيءَ جي سنگن جي خوشبو اسان جي دلين ۾ اڳي ئي سمائجي ويئي هئي. مون کي تہ اکڙوٽ جي لامن وڇائڻ جي بہ ضرورت نہ هئي. مون کي تہ ان سوڻ کان سواءِ ئي پڪ هئي تہ اسان جي در اڳيان لنگهندي، هو منهنجي چوٽيءَ لاءِ ڪيسري گلن جو جُوڙو ڪُنڊي ۾ اٽڪائي ويندو هو.

”۽ پوءِ هڪڙو سال اهڙو آيو جڏهن جبل ڪاوڙجي پيا، آسمان ڪاوڙجي پيو. جبلن جي سموري برف وگهري اسان جي ڳوٺ کي ڪپي وئي. مڪئيءَ جا فصل پاڻيءَ جي اوڪ ۾ ٻُوڙا بڻجي وهي ويا. منهنجو وڏو ڀاءُ پهن کي پنوهاريندي، ڪنهن ندي نالي جو بک تي ويو. سڄو ڳوٺ پاڻيءَ ۾ تڙڪڻ لڳو، ۽ ان پاڻيءَ ۾ ايتري تيزي هئي، جو مال ۽ ماڻهو ٻانگون ڏيڻ لڳا. منهنجي پوڙهي پيءُ، مون کي ۽ منهنجي نندي ڀيڻ کي سنڀاليو، ۽ منهنجي ماءُ منهنجي نندي ڀاءُ کي ٻانهن کان جهلي، ڪنهن محفوظ هنڌ تي پهچائڻ لاءِ پنهنجي گهر

تي حسرت ڀري آخري نظر وڌي، ۽ جبل جو رخ ورتو! هيٺ پاڻي مٿي پاڻي، زمين مان ڦٽندڙ پاڻي، آسمان مان وڏ ڦڙو پاڻي- ائين ٿي معلوم ٿيو جڻ ته پاڻيءَ زمين کان ڪو پراڻو ويرٿي ورتو! اسان جا ڪپڙا پسي، بدن سان چهٽي پيا هئا. الائجي ڪيترو وقت اسين پاڻ کي پهٽن ۽ پاڻيءَ جي ڌهٽن کان بچائيندا هلندا رهياسين، تان جو رات پئجي ويئي. جڏهن اڳيان ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو، تڏهن بابا هڪ وڏي چپ جي آڙ وٺي وهي رهيو، ۽ اسان ان چپ جي سهاري، سڄي رات سيءَ ۾ ڏڪندي، روئندي، سيءَ کي ڏڪائيندي گذاري ڇڏي! صبح ٿيو تڏهن به هيٺ چؤطرف پاڻيءَ جي نيراڻ ٿي نظر آئي. ميلن تائين اسان جي ڳوٺ جو پتو نه هو، ۽ اسين وري نڪري پياسين. منهنجو ننڍو ڀاءُ بک کان روئندو رهيو، امان کيس مانيءَ جي آسري تي پرڀائيندي رهي. اسان جا پير پٿرن ۽ پاڻيءَ سُڄائي وڌا هئا. بابي ذري ذري آسمان طرف ٿي ڏٺو، ۽ ڪائنس شوڪارو نڪري ٿي ويو، جڻ ته خدا سان شڪايت ٿي ڪيائين! ٻپهريءَ جو اسين هڪ اهڙي هنڌ پهتاسين، جتي ڪجهه سوڪهڙو هئي، ۽ هڪ ٻه گهر به نظر ٿي آيا. اسان وڏي هڪڙي جهوپڙيءَ تي آواز ڪيو ته هڪ اڌوڙ ماڻهو ٻاهر نڪري آيو. اسان جي ماجرا ٻڌي، هن کي ڪجهه رحم آيو، ۽ مڪئيءَ جي ماني ۽ بصر جي هڪ ٻه ڳنڍ آڻي ڏنائين. جڏهن پيٽ ۾ داڻو ويو ته جڻ ته دوزخ جو منهن کلي پيو. هو ان جهوپڙيءَ ۾ اڪيلو هو. اسان کي باهه ٻاري ڏنائين ته جيئن اسان جا ڪپڙا سڪي پون، ۽ ائين ڪپڙا سڪائيندي، سيءَ ۽ ٿڪ کان چور اسان کي ننڊ اچي ويئي!"

انوءَ ڏٺو ته ڳالهائيندي ڳالهائيندي لڙڪ هن جي چولي ۾ ائين جذب ٿيندا ٿي ويا، جڻ ته وڏ ڦڙو مينهن وسي، هن جي چولي کي پسائيندو ٿي ويو.

"هو به هڪ غريب ماڻهو هو. مينهن واءَ هن جي ننڍڙي مڪئيءَ جي ٻاري کي ناس ڪري ڇڏيو هو. تڏهن به هن اسان کي ٻه ٽي ڏينهن اجهو ڏنو. هن اسان کي کاڌو ڏنو، سڀ کان وڏي ڳاله ته آٿت ڏنو. جڏهن ڪجهه سوڪڙ ٿي تڏهن اسين وري پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ورياسون. پر ڳوٺ ۾ ته ڪاريءَ وارا ڪک هئا. جتي اسان جو گهر هو، اتي ايڪا به پاڻيءَ جو ڊهو بيٺل هو. اسان وانگر هڪ ٻه ڪٽنب ٻيو به موتي آيو هو. پر هاڻ سوال ته اهو هو ته نه اَنُ نه پاڻي، نه اجهو نه آسرو- رهبو ڪيئن؟ اسان جو چاچو به موتي آيو هو. ان کان معلوم ٿيو ته

اڪرم ان ڏينهن ئي ڪجھ ڪمائڻ لاءِ شهر هليو ويو هو. چاچو ۽ بابو گڏجي پاڻيءَ جي ڏُهن ۽ هيٺ ترائيءَ مان، ڪنهن ڪاڏي يا ٻئي سامان جي ڳولا ۾ نڪري پيا، ۽ شام تائين ڪجھ سنياريل سنگ ڪجھ ۽ ڪاليون کڻي آيا. امان ۽ آءٌ تہ جيئن تيئن ڪجھ سنگ ڪائي باھ جي آڏو سمهي رهيونسين، پر منهنجو معصومڙو ڀاءُ، سڄي رات سيئي تپ کان هُڙڪندو رهيو، ۽ صبح جو....“ هو وري اچي سڏڪن ۾ پئي. انوءَ کي سمجھ ۾ نہ ٿي آيو تہ هن کي ڪهڙيءَ طرح سمجهائي، ڪهڙيءَ طرح دلداري ڏي!

”صبح جو منهنجي مٺڙي ڀاءُ جو سڄو جسم سيٺجي نيرو ٿي ويو. چاچي ۽ بابي گڏجي ترائيءَ ۾ هن کي دفن ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ اها صلاح ڪيائون تہ بابو بہ شهر ڪمائڻ هليو وڃي، ۽ جيئن ڪجھ ڏوڪڙ ٿينس، تيئن سامان سڙو ولي اچي، ۽ منهنجو پوڙهو پيءُ وري پهاڙ جهاڳيندو پنڌ نڪري پيو.

”ٻئي ڏينهن هڪ پٺاڻ سان گڏ، اهو شوڪت اچي اتي نڪتو. هن وٽ ڪاڏي جو الاهي سامان هو- ڪپڙي جا تاڪيا، ٿانوَ ٿپا، تيل ۽ ٻيون سموريون شيون هيون. چاچي هن کي گهٽي ئي منٿون ڪيون، پر هن کي رحم نہ آيو. آءٌ ان وقت ڪالين گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺ ترائيءَ ۾ لهي ويئي هيس. جڏهن موٽي آيس تہ مون چاچي جي نيزارين ۽ هن جي انڪار جي گفتگو ٻڌي. پر الائي ڇو جڏهن مون کي ڏٺائون تڏهن هن جي لهجو بدلجي ويو. ۽ پوءِ شوڪت چيو تہ ”اوهان جو حال ڏسي، رحم تہ گهٽو ئي ٿو اچي، پر اسين بہ غريب آهيون. هي مال وڪڻي پيٽ پيا پاليون. جيڪڏهن اوهان کي ڏيئي ڇڏيون تہ اسان جا پنهنجا ٻچا بک مرندا!“

”مون ۾ الائي ڪيئن همت اچي ويئي، ۽ مون چيو: ”اوهين اسان کي اوڌر تي شيون ڏيو: بابو شهر ڪمائي ايندو، تہ اوهان جي پائي پائي چڪائي ڏينداسين!“

چاچي بہ منهنجي ڳالهہ جي پٺيرائي ڪندي چيو: ’منهنجو ڇوڪرو اڪرم بہ شهر ويو آهي، اهو بہ ڪمائي ايندو. اوهان جو قرض پائي پائي ڪري چڪائي ڇڏينداسون‘. هو ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ ڪجھ وقت ٻي ڪنهن زبان ۾، شايد پشتوءَ ۾ ڳالهائيندا رهيا، ۽ پوءِ چاچي کي هڪ پاسي تي ولي ويا. هو ڳچ وقت پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ پوءِ هن هڪڙو ڪاغذ ڪڍي چاچي کان ان تي آڱوٺو هڻايو. ڪاغذ پاڻ وٽ رکي، هن اسان کي ڪاڏو، ڪپڙو، ٿانوَ، تيل ۽ ٻيون

ڪيتريون شيون ڏنيون. هنن مان هڪڙو ڇٽو وري واپس هليو ويو. ڇئي ويو تہ هو وري سيائي ٻيو سامان ڪٽي ايندو. چاچي کي سامان وٺندو ڏسي، ٻيا هڪڙو ٻہ گهر جيڪي آيل هئا، تن بہ اچي سامان ورتو ۽ سيني کان هنن ڪن ڪاغذن تي آڱوٺا هڻائي ورتا، ۽ ائين هفتو ڪن گذري ويو. پر نہ بابا آيو، نہ ئي اڪرم آيو. ان هفتي اندر شوڪت اسان وٽ اچي وهندو هو، ۽ همدرديءَ جون ڳالهيون ڪندو رهندو هو. امان تي تہ هن ڇڻ ڪو جادو ڪري ڇڏيو. اٿندي وهندي هن کي 'امان، تون ويہ آءٌ ٿو هي ڪري ڏيانءِ.....!' 'امان، تون گهڙي ڪن آرام ڪر'. چاچو جهنگ مان ٿلهيون لامون وڍي آيو تہ هن ڇپرو ۽ مَنَهَ ناهڻ ۾ اسان جي مدد ڪئي. منهنجي ننڍڙي ڀيڻ کي ڪتڪتايون ڪري ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪري ڇڏيندو هو. هو ڇڻ تہ اسانجي گهر جو ڀاتي بنجي ويو هو. هن جو ٻيو ساٿي روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ اسان جي ضرورت جو سامان ڪٽي ايندو هو. چاچي کان صحيح وٺي سامان ڏيئي هليو ويندو هو، ۽ پوءِ هڪ ڏينهن شوڪت مون سان ڳالهين ۾ لڳي ويو. مون کي شهر جون ڪيتريون ڳالهيون ٻڌايائين، ۽ چرچو ڪندي چيائين: "تون جا اڪرم جي آس لڳائي ويٺي آهين، سا دل ڏوئي ڏکيءَ ۾ رک. شهر جيڪو ويو، سو قابو. اتي ڪنهن شهري ڇوريءَ جي عشق ۾ ڦاٿو تہ تون ٿورئي ياد پوندينئس!"

"منهنجي دل ۾ اُڊڪو پئجي ويو. ڪئين وسوسا وڪوڙي ويا. اهي ڳالهيون مون پنهنجي ساهيڙين کي ڪندي بہ ٻڌو هو، ۽ هڪ بہ واقعا ڳوٺ ۾ اهڙا ٿيا هئا جو شهر ڪمائڻ ويا تہ اتي جا ئي ٿي ويا. آءٌ پنهنجي بي چينيءَ ۾ وَرَ وَرَ ڪري هن کان شهر جون خبرون پڇندي هيس، ۽ هو مرچ مصالحا وجهي ٻڌائيندو هو ۽ اڪرم جي ڳالهہ ڪري وري مون کي هدڪ وجهي ڇڏيندو هو. پر هڪ ڏينهن مون کي پريشان ڏسي چيائين: "چري، تون فڪر نہ ڪر. آءٌ هاڻ ڇڻ اوهان جي گهر جو ڀاتي ٿي ويو آهيان. جيسين آءٌ جيئرو آهيان، تيسين اڪرم توسان دغا نہ ڪري سگهندو!"

"مون پڇيو سو ڪيئن؟ تہ چيائين، "آءٌ توکي شهر وٺي هلندس. اڪرم توکي ڏسي، سڀ شيطانيون ڇڏي ڏيندو، ۽ ڳوٺ موٽي ايندو!" اها تجويز جيتوڻيڪ مون کي پسند ڪانہ آئي، پر هڪ قسم جو آٿت ضرور اچي ويم. بہ چار ڏينهن گذريا تہ هن جو ساٿي موٽي آيو، ۽ چاچي کي پاسي تي وٺي ويو. گهڻو ئي وقت

پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا، ۽ پوءِ اسان جي ڇپري ڏانهن وڌي آيا جتي مون ۽ شوڪت پاڻ ۾ ڳالهيون پئي ڪيون. چاچي وڏي امان کي سڏ ڪندي چيو: " آءٌ ڪجھ ڪم سان هنن سان گڏ ٿو وڃان. وري صبح جو موٽي ايندس." مون کان رهيو نه ٿيو. مون چيو "چاچا، ڪيڏانهن ٿا وڃو؟"

"ڏيءَ، هنن کان جيڪو قرض کنيو اٿئون، سو لاهڻو آهي. هي هاڻ وڌيڪ دير نه ٿا ترسن!"

"مون شوڪت ڏي ٻاڏائيندڙ نظرن سان ڏٺو ته شوڪت اٿي بيٺو، ۽ پنهنجي ساٿي سان پشتوءَ ۾ تيز تيز ڳالهائيندو رهيو، ۽ پوءِ چيائين: "هي به مجبور آهي. اڪرم به پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، سو چاچي کي پوليس ٿاڻي تي وڃڻو پوندو!"

"پوليس ٿاڻي تي؟" امان پريان ئي دانهن ڪئي. "اڙي ابا شوڪت، توکي ته اسان پنهنجو پٽ سمجهيو هو. تو ۾ اها اميد ته ڪانه هئي؟!"

"چاچي، آءٌ به چا ڪريان. مون سمجهيو ته اڪرم شهر مان ڪمائي اسان جو قرض ٿورو ٿورو ڪري لاهيندو...."

"پر چا.....؟"، مون کان رهيو نه ٿيو.

"مون چوڻ ته نه ٿي گهريو، پر هي منهنجو ساٿي شهر ۾ اڪرم کي ڏسي آيو آهي. اڪرم ته اتي هڪ شهريءَ ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ اچي ويو آهي. شايد شادي ڪري اتي ئي رهي پئي!"

"مون کي ڄڻ ته نانگ ڏنگي وڌو. مون اڇل ڪائي چيو: "منهنجي حياتيءَ ۾ اڪرم ٻيءَ سان لائون نه لهندو. چاچا، آءٌ شهر ويندس ۽ اڪرم کي وٺي ايندس! شوڪت، تو مون سان قول ڪيو هو ته تون اڪرم کي مون سان دغا ڪرڻ نه ڏيندين- ڇڻ چا ٿو ڇئين؟"

"شوڪت گهڙي ڪن ته چپ بيٺو رهيو. چاچو پنهنجي پٽ جي ڳالهه ٻڌي ڪنڌ جهڪائي بيٺو رهيو. امان جي وات مان فقط هڪڙو ٽڏو ساهه نڪتو.

"آءٌ توسان ٻڌل آهيان..... پر جي اڪرم نه آيو ته؟"

"اها ڳالهه مون نه سوچي هئي. جي اڪرم منهنجي به ڳالهه نه مڃي ته پوءِ؟ منهنجي دنيا ڊانوا ڊول ٿيڻ لڳي. منهنجون ٽنگون جواب ڏيڻ لڳيون.

"ته پوءِ آءٌ پنهنجي هنن هٿن سان ڪيس خون ڪندس!" چاچي کي به جوش

اچي ويو.

"پوءِ آءٌ شوڪت ۽ سندس ساٿيءَ سان گڏ شهر لاءِ سنبري نڪتيس. امان شوڪت کي دعائون ڪندي منهنجي پارت ڪيس. چاچي ڪجھ نہ چيو. مجبوري ڇاڇا نٿي ڪرائي!"

راٿي گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويئي. جڳ مان پاٿيءَ جو گلاس ڀري پي وري ڳالھ کي ڪنيائين، ۽ انو بہ حسرت مان هن جي ڳالهائيندڙ چپن ۽ روئندڙ اکين کي ڏسندو رهيو!

"اها رات اسين هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ رهياسون. جنهن جاءِ ۾ اسين رهياسون اها ڳوٺ ڪان ٻاهر تي هئي، ۽ منجهس هڪڙو ئي ڪمرو هو، ۽ هڪڙي ئي ڪٽ هئي. هنن مون کي ڪٽ تي سمهاريو، ۽ پاڻ ٻئي ڄٽا پٽ تي سمهي رهيا. آءٌ دل ئي دل ۾ اڪرم جا خيال پچائيندي سمهي رهيس. اوچتو مون کي پنهنجي نڙيءَ تي ۽ هڪڙي ڳل تي ڪنهن جي هٿ هلڻ جو احساس ٿيو. آءٌ چرڪ ڀري جاڳي پيس. مون اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنهن جي بار هيٺ آءٌ دٻجندي ويس. مون رڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنهن مضبوط هٿ منهنجو وات بند ڪري ڇڏيو ۽ ائين ..... آءٌ پنهنجو ڪٽنارپڻو وڃائي ويٺيس! سڄي رات هو ٻئي ڄٽا منهنجي جواني ۽ جسم کي لُٽيندا رهيا. منهنجي روئڻ تي ڪلندا رهيا. مون هنن کي نيزاريون ڪيون، پر هنن منهنجي هڪ نہ ٻڌي، ۽ ٻئي ڏينهن هو مون کي هڪ موٽر ۾ چاڙهي شهر وٺي آيا. مون ۾ ايڏا بہ هڪ اميد رهجي ويئي هئي تہ آءٌ اڪرم سان ملي سگهنديس. پر اڪرم جي بدران هو مون کي هڪ ههڙي بازار ۾ هڪ ڏُنبي زال وٽ ڇڏي ويا. ڪيترو وقت هو پاڻ ۾ پشتوءَ ۾ ڳالهيندا رهيا، ۽ پوءِ منهنجي سامهون ان ڏُنبي مائيءَ هنن کي سو سو جا ڪي نوٽ ڏنا ۽ هو هليا ويا، ۽ ائين منهنجي نئين زندگي شروع ٿي!

"اُن ڏنبي مائيءَ مون کي چتائي چيو تہ ڏس، مون تنهنجي سامهون تنهنجا پئسا هنن کي ڏنا آهن: جيڪڏهن فضيلت سان هلندينءَ تہ چڱو ڪائيندينءَ، چڱو پائيندينءَ نہ تہ نَہ تہ..... هن هڪ نيٺ جي لڪڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ ماري ماري آءٌ بندي بنائي وجهنديسانءَ!

"نيٺ جون مارون ڪائيندي ڪائيندي، روز هڪ نئين ماڻهوءَ جي ور چڙهندي، مون ڳائڻ سکيو، نچڻ سکيو، ۽ جڏهن آءٌ ڳائڻ نچڻ ۾ پڙ ٿيس، تڏهن هڪ

ڏينهن شوڪت وري ڪلندو اسان وٽ آيو، ۽ وري بہ منهنجي سامهون هن دنبيءَ رَنَ ڪي ڪجھ نوٽن جا بنڊل ڏنا، ۽ مون کي هتي وٺي آيو. مون کي هن حياتيءَ جي آهستي آهستي خبر پئي؛ منهنجي سنيال لاءِ هن ان عورت کي مقرر ڪيو جنهن کي آءٌ 'امي' سڏيندي آهيان. هوءَ ايتري سخت ڪانهي، پر جيڪڏهن آءٌ سندس چيو نہ ميان تہ هوءَ شوڪت يا سندس ٻئي ساٿيءَ کي گهرائي وٺندي آهي، ۽ هاڻ مار بدران آءٌ سندن قرض ڳائي، نچي، ماڻهن کي پنهنجو جسم وڪڻي ادا ڪندي ٿي اچان!"

هاڻ هن جا لڙڪ سڪي ويا هئا. هن جي اکين ۾ هڪ نئون جذبو ايري آيو هو. هن انوءَ جو هٿ هٿ ۾ وٺندي چيو؛ "مون کي هت اها خبر پئي تہ شوڪت وارن جي رڳو آءٌ شڪار ڪانہ ٿي آهيان. هو تہ فقط دلال آهن. ڀاڙي جا نوڪر آهن. هنن کي پئسا ڏيئي ٻهراڙين ۾ موڪلڻ وارا ٻيا آهن، جن جو هي هڪ باقاعدي ڪاروبار آهي. هي ماڻهو ٻهراڙين ۽ جهنگ جَهر ۾ غريبن جي غريبيءَ جو فائدو وٺي، مختلف طريقن سان، يا تہ سڌو سنئون ڇوڪريون خريد ڪري ٿا وٺن، يا انهن کي مختلف قسمن جا دولاب، دوڪا، دڙڪا ڏيئي ڇوڪريون ڪٽي ٿا اچن. هڪڙو طريقو هنن جو اهو بہ آهي تہ شهرن ۾ توڙي ٻهراڙين ۾ هي ماڻهن کي قرض تي پئسا ڏيئي ڪانئن دستاويز لکائي ٿا وٺن، ۽ انهن تي وياج ايترو ڳرو آهي، جو هو وياج ۾ ئي سڄي عمر گذاريو ڇڏين، ۽ جڏهن موقعي جو فائدو وٺي هو ڪانئن مور جي گهر ڪن ٿا تہ هنن غريبن جا اوسان خطا ٿيو وڃن. قرض نہ ڏيڻ جي حالت ۾ هو خون ڪرڻ کان بہ نہ ترندا آهن، نہ تہ هنن جو ٻيو وار آهي، "ڇوڪريون!" قرض جي عيوض شادي ڪرڻ جي بهاني هو ڇوڪريون ڪٽي، وري انهن کي آڻيو بازار ۾ وهارين. پر انهن سيني جي پويان، ڪو هڪ ئي گروهہ آهي، جو هنن کي پئسا ڏئي ٿو، ۽ ڪين هر قدم تي مدد ڪندو رهي ٿو. هي سڄو پاڙو بہ ان گروه جو آهي؛ اصل قرض ڪان سواءِ اسان کي هتان جي روزانو ٽيهہ روپيہ مسواڙ ڏيڻي پوي ٿي، ٽيهہ رپيا هفتو پوليس کي ڏيڻو پوي ٿو، ۽ سؤ رپيا هفتو سازن وارن جو ڏيڻو پوي ٿو- ۽ اسان کي فقط ٽي وقت ماني ۽ هي ڪپڙو لتو نصيب ٿئي ٿو!

"ان ڏينهن جڏهن تون آئين تہ آءٌ ڊڄي ويس؛ مون کي ائين لڳو جڻ اڪرم لنگهي آيو هو. پهرين تہ آءٌ ڀڄي وڃڻ تي هيس. آءٌ هن کي ڪيئن منهن ڏيکاري

سگهنديس؛ هو ڇا سوچيندو؟ بابا ڇا سوچيندو هوندو؟ منهنجي ٻيڙي ماءُ ڇا سوچيندي؟ پر پوءِ جڏهن غور سان ڏٺم تہ تون اڪرم نہ هئين. پر تنهنجي شڪل شبيهہ هن سان اهڙي ملي ٿي آئي، جو آءٌ نون سالن جي پراڻي پريت توکي اربي ويٺيس! ۽ جڏهن کان منهنجي پريت جي وڻ وري انگورجڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان..... ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي پير ۾ بيهڻ سان بہ منهنجي دل ڪاراتجيو ويجي!"

انوءَ کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ هن جي دل جي زمين ڦاٽي پئي هئي، ۽ راڻي ان ۾ سمائجندي ٿي ويئي، ۽ پوءِ هو ڪيترو وقت ڏکويل راڻيءَ کي دلداريون ڏيندو رهيو. راڻيءَ کي هن جي هنج ۾ ڏسڪي ڏسڪي ننڊ اچي ويئي، ۽ هو چپ چاپ اُتان لهي آيو. شام پنهنجيون ڪنيڙاٽيون سوئڻ شروع ڪيون هيون، ۽ هو تڪڙو تڪڙو بنگلي تي اچي پهتو.

****

جڏهن رات ننڊ جا نيڻ بڻجي ڊرڪندي ويئي، تڏهن هن جو ٽولو، گلوءَ کان سواءِ، بنان نمبر واري ڪار ۾ چڙهي، رستي جي ڇيڙي کان اڳيرو اونداهي گهٽيءَ ۾ لهي پيو. منظور چوڪيدار جي دروازو کولي ٻاهر اچڻ جي ڪيڏ ته ڏاڍي سٺي ٺاهي هئي، پر اها ڪامياب ٿيندي يا نه، ان جي ڪنهن کي به پڪ ڪانه هئي. آس پاس جو جائزو وٺندي، منظور هنن کي اتي بيهڻ جو اشارو ڪري، پاڻ اڪيلو رستي تي چڙهي آيو، ۽ سگريٽ پيئندو، بوٽ سان رستي تي ڄاڻي واڻي تيز تيز ٺڪاءَ ڪندو اڳتي وڌيو. رستي جي ٻئي پاسي کان هن گلوءَ کي سائيڪل تي چڙهي ايندو ڏٺو، سائيڪل جو پئڊل چين-اڪوَرَ سان لڳي، رات جي خاموشيءَ ۾ چڱو آواز ڪري، سائيڪل جي وجود جو اظهار ڪندو ٿي آيو. سيٺ برڪت عليءَ جي بنگلي جي ڪنڊ تي، گلو سائيڪل تان لهي پيو، ۽ زور سان چيائين:

"ڀائي، بنگلو نمبر ٢٨ ڪٿي آهي؟"

"ڪنهن جو بنگلو؟" منظور به اوتروئي زور سان چيو.

"سيٺ برڪت عليءَ جو! هن جي تار آئي آهي!" گلوءَ اڃان ئي زور سان چيو.

"هي نمبر ٢٧ آهي. ٢٨ نمبر هن کان پوءِ هوندو! اتي چوڪيدار کان پڇي ڏس!"

اڃان هو پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته دروازو کليو ۽ چوڪيدار سسي ٻاهر ڪڍي پٺاڻڪي اڙدوءَ ۾ چيو: "ڪنهن جي تار آهي؟"

"سيٺ برڪت عليءَ جي. لالا ، هي ڪهڙو بنگلو آهي؟"

"هيءُ ئي ته آهي. مون کي ڏي تار!"

گلو سائيڪل کي ڪاهي، اڳتي وڌي آيو، منظور آهستي آهستي وري اڳتي هلڻ لڳو. گلو لالي کي هڪ لفافو آڇيندي چيو: "هان، هن تي صحيح ڪري ڏي!"

چوڪيدار دونالي بندوق هڪ هٿ ۾ ڪٽي، دروازو کولي ٻاهر نڪري آيو. گلوءَ ڪيس هڪ ڪاغذ ۽ پينسل ڏني. لالو دروازي جي بجليءَ جي فانوس جي روشنيءَ ۾ صحيح ڪرڻ لاءِ، بندوق پنهنجي پيٽ جي آڌار تي بيهاري، پني کي ديوار تي رکي صحيح ڪرڻ لڳو، ۽ عين ان موقعي تي گُلوءَ سندس پٽيري گردن تي، هٿ کي، سُبتي ڪهاڙيءَ جي ڦرَ وانگر وهائي ڪڍيو. اهو ڏڪ هنن جو آزمايل هو؛ لالي جي وات مان آهه بہ نہ نڪري سگهي، ۽ هو ائين ديوار جي پاسي ۾ گوڏن ڀر جهڪي ويو. گُلوءَ هڪدم ڪيس سڌوڪري، ڪپڙو سندس وات ۾ ڏيئي مٿان رومال ٻڌي ڇڏيو. تيسين منظور بہ موٽي آيو، ۽ هن ڪيسي مان رسي ڪڍي لالي جون ٽنگون ٻانهون سوگهيون ڪري ٻڌي ڇڏيون. لالي کي ڪٽي بنگلي جي اندر آيا، ۽ هڪ چوڪنديءَ ۾ سندس ئي ڪٽ تي ڪيس ليٽائي ڇڏيائون. پوءِ انو، اويس ۽ باقي ساٿي بہ هڪڙو هڪڙو ٿي اندر پهچي ويا. لالي جي بندوق منظور اويس کي ڏيئي ڇڏي.

منظور گلوءَ ۽ سلطان کي اتي ئي بيهڻ جو اشارو ڪري، انو ۽ اويس کي ساڻ ڪري، گئريج جي پاسي مان سنهي گليءَ مان لنگهي، بنگلي جي پٺيان نڪري آيو. سامهون وري ٻيو چوڪيدار بندوق سامهون رکيو، ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هو ٻئي نوڪرن واري گول لوهي ڏاڪڻ جي آڏڪ ۾ ساه روڪي بيهي رهيا. چوڪيدار جو منهن هنن ڏانهن هو، ۽ هنن جي ٿوري ڪڙڪي تي سڄو ڪم خراب ٿيڻ جو خطرو هو. هو ان انتظار ۾ بيهي رهيا تہ ڪنهن طرح چوڪيدار جو ڌيان ٻئي پاسي ٿئي تہ هو ڪنهن طرح هن کي سنيالين. اوچتو هنن ڏٺو تہ چوڪيدار ڪيسي مان نسواڙ جي دٻي ڪڍي، ڏندن کي نسواڙ ڏيڻ لڳو. دٻلي ڪيسي ۾ وجهندي، اتفاق سان هيٺ ڪري پئي. ان جي ڪرڻ جي آواز تي هنن جون رڳون تاٽ ٿي ويون. جئن ئي چوڪيدار جهڪي نسوار جي دٻلي هيٺان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن منظور ڊوڙ پائي باز وانگر مٿس لامارو ڏنو. سندس هڪڙو هٿ چوڪيدار جي وات تي ڦهي ويو، ۽ ٻي ٻانهن جي ٺونٽ سان ڳچيءَ ۽ ڪلهي جي ڦٽيءَ وٽ اهڙي زور سان ضرب ڏنائين جو چوڪيدار هڪ پاسي جهڪي ويو. وات واري هٿ سان ڪيس سنيالينديءَ، هڪ هٿ جي پٺ سان ڳچيءَ جي پويان هڪ ٻيو اهڙوڏڪ هنيس، جو چوڪيدار ڪنهن وڏيل بند وانگر ٻوٽ ڀر وڃي ڪريو. ڪيسي مان رسي ڪڍي، هن جون

ٻانهون تنگون ٻڌي، وات ۾ ڪپڙو ڏيئي، وري ڪيس کٽ تي ليٽائي ڇڏيائين. سندس بندوق کڻي وري انوءَ جن ڏانهن موٽي آيو.

ٽيئي ڇڻا، پاڻ سنڀاليندا، نوڪرن واري ڏاڪڻ تي چڙهي، بنگلي جي ڇت تي چڙهي ويا. پلواڙي تان، آهستي آهستي هڪ ٻئي جي سهاري، هڪ وڏي ڪمري جي گئلريءَ ۾ لهي پيا. انوءَ ننڍي تارچ ٻاري ڪمري جو جائزو ورتو. ان ڪمري ۾ فقط ٻه ٻار سُتل هئا. پير پير ۾ ڏئي هو ان ڪمري جو دروازو کولي، ان جي پاسي واري ڪمري ۾ گهڙي آيا. ڪمري ۾ ڪنهن جي ڳرن ڳرن ساهن کڻڻ جو آواز ڇڻ تہ اوندهہ جي تهہ کي لوڏي رهيو هو. پوءِ جڏهن انوءَ تارچ ٻاري ڪمري جو معائنو ڪرڻ لاءِ قدم اڳتي وڌايو تہ هن جا قدم اتي ئي جمي ويا. هن جو ڊپ تہ پَرَ ڪري اڏامي ويو. هن جي ذهن جي نفرت ڇڻ تہ ميڻ وانگر ڳرڻ لڳي. سامهون هڪ ٻتي پلنگ تي هڪ عورت سڌي سُتي پئي هئي، ۽ سندس ڊگهاريل ٻانهن تي ڪنڌ رکيو، هڪ مرد پاسيرو، اهڙي طرح ويڙهيو سيڙهيو ستو پيو هو ڇڻ تہ ڪو ٻار ماءُ جي هنج ۾ ستل هجي! هي منظر ڪجهہ اهڙو معصوم هو ۽ هن جي دل کي اهڙي طرح ڇهي ويو، جو هو واپس ورڻ تي هو. هن ٻن انسانن جي هن معصوم منظر کي بگاڙڻ نہ ٿي گهريو. پر منظور بندوق جي ڪنداڪ سان ڪيس اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪندي، پلنگ جي هڪ پاسي کان ٿي بيهي رهيو. انو پلنگ جي ٻئي پاسي کان بندوق تاڻي بيهي رهيو.

تارچ جي روشنيءَ ۾، اويس پٽ ۾ لڳل تجوڙيءَ کي غور سان ڏسڻ لڳو. ڪيسي مان ڪجهہ اوزار ڪڍي، هو پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ، اوچتو زال پاسو ورايو، پر سندس ٻانهن مرد جي ڪنڌ هيٺان هئڻ ڪري هن جي اک کلي پئي. انوءَ جي دل جو ڇڻ تہ هڪ ڌڪ گسي ويو. هن عورت گهڙيءَ لاءِ تہ پنهنجي سيرانديءَ کان تارچ جي روشني ڏسي، حيرت مان تارچ جي منهن ۾ نهاريو، ۽ پوءِ هڪ ڪيڪ هن جي ڇڻ تہ تارونءَ کي ڦاڙيندي، انوءَ جي هٿ ۾ وسامي ويئي. انوءَ جو هٿ اهڙو تہ زور سان هن جي وات تي کپي ويو، جو هن کي محسوس ٿيو تہ هن کي سخت ايذاءُ ٿيو هوندو. هن کي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. عورت ڪرڙيءَ وانگر ڪنبي رهي هئي. انوءَ پنهنجي احساس تي قابو پائيندي آهستي چيو، "خاموش، نہ تہ هن بندوق جون گوليون اوهان ٻنهي جو دماغ ڏاري ڇڏينديون!"

زائفان جڻ تہ سڏ ڪو ڀري پنڊ پهڻ ٿي ويئي، فقط سندس چپ ۽ ڳل انوءَ جي هٿ جي سختيءَ کان، ڀنل ڪپڙي جيان ڪوئجندا ويا. مرد بہ اِن ڪيڪ تي ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پنهنجي ڇاتيءَ تي بندوق جي نالي ڏسي، هو بہ سڏو ٿي سمهي رهيو، ۽ سندس بدن جي ڏڪڻي کان پلنگ ۾ لرزش پيدا ٿي وئي.....

"اويس، سگهو ٿي، ايا ڇا پيو ڪرين؟" منظور ڪاوڙجندي چيو.

"بس، ٻہ منٽ!" هن تجوڙي ڪولينڊي چيو. تجوڙي ڪلڻ جي آواز تي، منظور جي نظر اوڏانهن ڪڍي ويئي. نوتن جو ٿهيون سليقي سان هڪ ٻئي جي مٿان ڍڳ ٿيل هيون. اوچتو ستل مرد موقعي جو فائدو وٺندي، منظور جي بندوق کي ڏکو ڏيندي، پستول سان فائر ڪيو. هن خاموشيءَ سان وهاڻي هيٺان پستول ڪڍي ورتو هو. منظور کان رڙ نڪري ويئي. عين ان وقت انوءَ، مرد جي مغز جو نشانو وٺندي فائر ڪيو. هڪڙو، ٻيو..... ۽ هو "اڙي الا...." جي جگر ڏاڙيندڙ رڙ ڪندي بستري تي ڍُرڪي پيو.

"اڙي خدا جو قهر پويو....." زال هڪڙي چيٽ ڪئي، ۽ پنهنجي ڍُرڪيل مڙس جي مٿان اونڌي ٿي ڪري پئي. اويس تڪڙو تڪڙو، نوتن جا بنڊل هڪ ٿيلهيءَ ۾ وجهڻ لڳو. انوءَ بندوق کٽ تي رکي،.ڪيسي مان روالور ڪڍيو، ۽ وڌي منظور ڏي آيو. پستول جي گولي منظور جو ڪلهو ڦاڙي نڪري ويئي هئي، ۽ منظور پٽ تي ڍُرڪي پيو هو. هن سهارو ڏيئي منظور کي اٿاريو.

"هلڻ جهڙو آهين؟" انوءَ پڇيو.

"ها، پر جَهٽُ ڪريو، " منظور سور کان ڪنجهندي چيو.

هو منظور کي سهارو ڏيئي ٻاهر وٺي آيا. دروازي تائين پهتا تہ عورت رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون؛ "چور چور.... خون خون.....!!!"

"انو، هن عورت کي هميشہ لاءِ خاموش ڪري ڇڏ نہ تہ سڀ جهلجي پونداسون!"

انوءَ هڪڙي هٿ ۾ تارچ ۽ ٻئي ۾ روالور جهلي وري ڪمري ۾ گهڙي آيو. عورت هن کي روالور سان ڏٺو تہ اوچتو خاموش ٿي ويئي. انو ڪا گهڙي ان عورت کي ڏسندو رهيو. انهن اکين ۾ ڪيترو نہ خوف، ڪيتري نہ ڏڪار هئي! هو انهن اکين کان ڊڄي ويو!

"آءٌ توکي مارڻ موٽيو هوس، پر....." ائين چئي هن چٽ ڏانهن ٻہ فائر ڪيا، ۽ وري ٻاهر نڪري آيو.

ٻارن جي ڪمري مان نڪرڻ بدران هو اندرين ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيا، ۽ دالان مان لنگهي، دروازو کولي ٻاهر پورچ وٽان نڪري آيا. ٻاهر نڪرڻ سان ئي هنن محسوس ڪيو تہ پاسي وارن بنگلن ۾ بتيون ٻرڻ لڳيون هيون. هو تڪڙا تڪڙا دروازي کان ٻاهر نڪتا. سندن ڪار دروازي اڳيان پهچي چڪي هئي. گلوءَ ڊوڙي دروازو کوليو، ۽ پهرين منظور کي پويان وهاري، گلو ۽ اويس چڙهي پيا. انو ۽ سلطان اڳيان ويهي رهيا. ڪار بتيون ٻارڻ کان سواءِ هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

"مرزا، ڳاڙهي بنگلي تي.....!" منظور ڪمزور آواز ۾ چيو، ۽ ڪار اوچتو ترن کائي، بجائي بنگلي تي وڃڻ جي هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ مڙي ويئي.

"اڙي ايڏانهن ڪاڏي....!" گلوءَ چڻ تہ ٽڙڪندي چيو.

"سڄو پاڙو جاڳي پيو آهي؛ بنگلي تي هلڻ خطري کان خالي نہ آهي..... ۽ ...." منظور کي هڪ گهٽڪو آيو، ۽ هو خاموش ٿي ويو.

انو سمجهي ويو تہ منظور کي ترت ڪا مدد نہ ملي تہ ايترو رت ڇڏڻ جي ڪري ختم ٿي ويندو. هن ڊرائيور کي چيو؛ "مرزا، منظور ڌڪجي پيو آهي، پهرين ان جو ڪو بلو ڪجي!"

"سڀ ٺيڪ ٿيندو....." مرزا چڻ تہ لاپرواهيءَ سان چيو، ۽ انوءَ پهريون ڀيرو محسوس ڪيو چڻ تہ مرزا لاءِ هي نهايت معمولي ڳالهہ هئي، چڻ تہ هو اهڙا ڪئين موقعا ڏسي چڪو هو، ۽ انو سوچڻ لڳو تہ ڇا "مال" کان سواءِ باجيءَ وارا هي ڏاڙا ڦريون بہ هميشہ ڪندا رهن ٿا يا هي پهريون موقعو هو؟ پوءِ هن کي باجيءَ جا لفظ ياد اچي ويا.... "اويس کي بہ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن، جو پنهنجي استادي کانہ ڏيکاري اٿس!"

ڪجهہ دير کان پوءِ، ڪار ڳاڙهي رنگ جي هڪ بلڊنگ جي ٻاهرئين ڦاٽڪ تي اچي بيهي رهي. مرزا، لهي دروازي تائين ويو، ۽ گهڙي کن چوڪيدار سان ڳالهائيندو رهيو، ۽ پوءِ چوڪيدار دروازو کولي ڇڏيو.

ڪار اندر آئي تہ دروازو وري بند ٿي ويو. مرزا لهي وڏي دروازي تي ٻہ ٽي ڀيرا گهنٽي وڄائي. پهرين تہ اندران ڪو جواب نہ آيو. پر پوءِ دروازو کليو ۽ هڪڙو

ڪرڙوڍ ماڻهو، اوپاسيون ڏيندو نظر آيو. مرزا هن کي ڪجهه آهستي چيو ۽ انوءَ کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته هن ماڻهوءَ کي جڻ ته ڦڙتيءَ جي سئي لڳي ويئي هئي ۽ تڪڙو تڪڙو هن سان گڏجي ڪار تائين آيو. اويس ٿيلهو کڻي ان ماڻهوءَ جي حوالي ڪيو. ان ماڻهوءَ رکائي مان چيو: "ڦنيل کي مٿي، وچ واري ڪمري ۾ پهچايو!"

مرزا ۽ انوءَ هري هري ڪري منظور کي ٻاهر ڪڍيو. هو بلڪل بيهوش ٿي ويو هو. پورچ جي بتيءَ ۾ انوءَ ڏٺو ته هن جو چهرو سڄو پيلو ٿي ويو هو، ۽ سندس بشرٽ، ڏک واري جاءِ تي، رت ۾ ڇمي ويئي هئي. مرزا منظور جي مٿين ڏڙ کي تقريبا هنج ۾ کڻندي، انوءَ کي ٽنگن کي مٿي کڻڻ جو اشارو ڏنو، ۽ ائين ٽنگو ٽالي ڪندي هو ٻئي هن کي کڻي، هڪ وڏي ڪمري ۾ پهتا. چڱو موچارو وڏو ڪمرو هو، جنهن ۾ ٽي صاف سٿرا هنڌ پيل هئا. هن ڪمري جو ماحول بلڪل ڪنهن اسپتال جي ماحول وانگر هو، بلڪ ڪيٽن ۾ مختلف قسمن جو دوائون به سجايل هيون. هڪ ڪنڊ ۾ هڪ وڏي ٽيبل تي ڪجهه دوائون ۽ مرهم پٽيءَ جو سامان پيل هو. هن منظور کي هڪڙي پلنگ تي آرام سان ليٽائي ڇڏيو. ايتري ۾ هو موٽي آيو، ۽ اچڻ شرط ٽيبل کي سيري منظور جي هنڌ تائين آنڌائين. هڪ ڪئنچي کڻي هن منظور جي سڄي بشرٽ ڪتري ڇڏي، ۽ انوءَ ڏٺو ته گولي ڪلهي جو هڪ چٽڙ لاهي، هن جي ٻانهن جي ڏوري مان آرپار هلي ويئي هئي، ۽ هن جو سڄو پاسو رت سان ڀرجي ويو هو. ڪجهه وقت ٻانهن جو معائنو ڪندي، هن ماڻهو چيو: "شڪر آهي، جو هڏي کي ڪجهه نه ٿيو اٿس، نه ته ٻانهن بيڪار ٿي ويجيس ها!" هو منظور جي ٻانهن کي اسپرٽ ۽ دوائن سان صاف ڪري، هن جي پٽي ڪرڻ لڳو. پٽيءَ کان فارغ ٿي، هن منظور جي ڏڍ ۾ هڪ انجيڪشن هڻندي چيو:

"منهنجو ماڻهو پاڻهي هن جي نظرداري ڪندو: اوهين هيٺ وڏي ڪمري ۾ ويجي لٿا مٿائي آرام ڪريو. صبح جون ڳالهيون صبح سان!"

مرزا ۽ انو چپ چاپ هيٺ لهي آيا. ڪپڙا مٿائي، انو بستري تي ليٽيو ته سهي، پر ننڊ هن کان ڪوهن جا ڪوهه دور هئي. هن کي رکي رکي ان زائفان جون اکيون ٿي ياد آيون: انهن اکين ۾ ڇا ڇا نه هو- ڦنيل ۽ مجروح هجڻ جو احساس، خوف، ۽ بي انتها ڏک: جڻ ته چوندي هجي "مون اوهان جو ڇا بگاڙيو هو؟ مون ته

اوهان کي ڪونہ ڏکويو، پوءِ اوهان مون کي ڇو ڏکويو؟" اهي اکيون ۽ اهي سوال هن جي اکين ۾ مرچ بنجي هن کي ستائيندا رهيا، ۽ اوچتو هن کي اهو خيال آيو: "۽ جيڪڏهن اسين جهلجي پئون ها تہ پوءِ؟!" ان خيال اچڻ سان ئي هو ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو: جي اسين صبح ٿيندي جهلجي پئون تہ پوءِ؟ هن کي ڇڻ پنهنجي غلطيءَ جو احساس پهريون ڀيرو ٿيو تہ هن ان عورت کي جيئرو ڇڏي ڏنو هو. هوءَ عورت هنکي ڪنهن بہ وقت سڃاڻي سگهي ٿي، تڏهن تہ منظور ڇيو هو تہ هن کي ختم ڪري ڇڏ! باوجود ان غلطيءَ جي احساس جي، جڏهن هن وري پنهنجي ذهن ۾ جهاتي پاتي تہ هن کي يقين اچي ويو تہ هو ڪنهن بہ طرح ان عورت کي ماري نہ سگهي ها. هن جي اڳيان عورت جو روپ تہ سانئڻ جو روپ هو يا وري راڻيءَ جو. ان روپ کي هو ڪيئن ماري سگهندو. هن جي نفرت ڪيتري بہ اُٿل کائي وجهي، تڏهن بہ هن سوچيو تہ هو ڪنهن زائفان کي ماري نہ سگهندو، ڪنهن عورت کي ايذائي نہ سگهندو. ان سوچ تي ڇڻ تہ هن کان اطمينان ۽ سڪون جو هڪ ٿڌو ساهہ نڪري ويو!

** ** **

صبح جو اٺڻ سان هو منظور کي ڏسڻ ويو. اتي پهچڻ سان هن ڏٺو تہ باجي منظور جي سيرانديءَ کان ويٺي هئي، ۽ هو ماڻهو هڪ انجيڪشن ٺاهي رهيو هو.

"ڪا خطري جي ڳالهہ تہ ڪانهي، عبدو؟" باجيءَ هن ماڻهوءَ کي مخاطب ٿيندي چيو.

"نہ، خطري جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. فقط بخار وڌڻ نہ گهرجيس،" عبدو سئي منظور جي ٻانهن ۾ ٽنبيدي چيو.

"چو ڪري جي مڙئي پارت اٿئي. هي اسان جو خاص ماڻهو آهي، عبدو!" عبدوءَ جي منهن تي ڄاڻ ڀري مرڪ ڦهلجي ويئي.

"اوهين ڪو فڪر نہ ڪريو!" عبدوءَ دلداريءَ جي انداز ۾ چيو ۽ ٻاهر هليو ويو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ باجي انوءَ ڏانهن ڏيان ڏنو. گهڙي کن تہ هن کي عجيب نظرن سان ڏسندي رهي، پوءِ چيائين: "سيٽ تي فير تو ڪيو هو نہ؟" انوءَ فقط ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.

"تو وٽ روالور نہ هو ڇا، جو تو چيرن واري بندوق استعمال ڪئي؟ جيڪڏهن چيرن جي ٽڙڻ پڪڙڻ جي ڪري بچي پوي ها تہ پوءِ؟"

"مون کي تہ ڪيس ڏڪ هٽڻ جو خيال ئي ڪونہ هو. جڏهن منظور تي فائر ڪيائين، تڏهن مون بہ فائر ڪيو. ان وقت اهو خيال ئي نہ آيم تہ بندوق استعمال ڪريان يا روالور ڪڍي وٺان!" انوءَ کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ باجيءَ اهو سوال ڇو ڪيو.

"منظور توکي ڪونہ ٻڌايو هو تہ سيٽ کي ڪيئن بہ ڪري ختم ڪرڻ هو؟" ان سوال تہ انوءَ کي هيڪاري حيرت ۾ وجهي ڇڏيو!

"جي؟ جي نہ!" هن مختصر جواب ڏنو-

"هون، تہ پوءِ هن جي زال کي ڇو نہ ختم ڪيوَ؟" باجيءَ وري پڇيو.

"هوءَ ختم ٿي ويئي! مون پاڻ مٿس ٻہ فائر ڪيا،" انوءَ ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهايو.

"بي وقوف! تنهنجا ٻئي نشان خطا ٿي ويا، هوءَ ايا جيئري آهي، ۽ چوي ٿي تہ هوءَ خوني کي ڪنهن بہ وقت سڃاڻي وٺندي. پوليس اخبارن کي جيڪو بيان ڏنو آهي. ان مان سڌو سنئون تنهنجا اهيڃاڻ ٿا ملن!"

انوءَ کي گهڙيءَ لاءِ تہ ڍڪر چڙهي ويا. پر هن همت ڪندي چيو: "روشني ايتري جَهڪي هئي، جو ان جو امڪان بلڪل گهٽ آهي تہ هوءَ مون کي سڃاڻي سگهندي!" انوءَ ڄڻ تہ پاڻ کي آٿت ڏيندي چيو.

"بهرحال ڪجھ ڏينهن تنهنجو ٻاهر نڪرڻ بند: جيسين ها هُو تري، تيسين اوهين سڀ هتي ئي رهندا! چڱو، آءٌ هلان ٿي!"

باجي اٿي هلي ويئي. هو بہ هيٺ هليو آيو. هڪڙو نوڪر سندن ناشتو ڪمري ۾ ئي کڻي آيو. ناشتو ڪري، هو وري مٿئين ڪمري ۾ موٽي آيو. هن منظور کان ڪيئي ڳالهيون پڇڻ ٿي گهريون. هن کي الائجي اها ڇو پَڪَ ٿي ويئي تہ هي سمورو معاملو چڱيءَ طرح سوچيل سمجهيل هو. جيڪڏهن سيٺ برڪت عليءَ جي زال رڙيون نہ ڪري ها، يا هو فائر نہ ڪري ها، تڏهن بہ ڪم لٿي کان پوءِ سيٺ کي مارڻو هو. ڇو؟- اها ڳاله هن منظور کان معلوم ڪرڻ ٿي گهري. هن کي سيٺ لاءِ ڪابہ همدردي نہ هئي، مگر ڏوهہ جي ترتيب کان هن کي غير واقف رکيو ويو، ان تي هن کي ڏاڍي خار آئي. هو منظور جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، ۽ منظور جي زرد زرد چهري ڏانهن گهوريندو رهيو. هن جي سامهون اهڙو ماڻهو هو، جنهن کي ڪنهن ماڻهوءَ کي مارڻ ۾ ذرو بہ وسوسو نہ ٿيندو هو. دل جي ڪٺورتا تہ هن جي پنهنجي دل ۾ بہ هئي، پر هن جي ڪٺورتا شايد نفرت جو نتيجو هئي، ۽ منظور جي ڪٺورتا ڄڻ تہ اڳ رٿيل هئي. ائين ڇو آهي؟ هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ تہ هن جي دل ۾ هاڻ نفرت کان بہ نفرت ٿيندي ٿي ويئي: ٻين لفظن ۾ هاڻ هو پنهنجي پاڻ کي ڏڪارڻ لڳو هو. هو محض ٻين جي هٿن ۾ رانديڪو هو. باجيءَ جي هٿن ۾، منظور جي هٿن ۾ ۽..... هن کي اهو بہ خيال ٿيو، نهايت ئي هلڪو ۽ خفيف تہ هو 'باس' جي هٿن ۾ رانديڪو هو. اهو باس ڪير هو؟ هو هن سيني جي زندگيءَ تي ايڏو حاوي ڇو هو؟ هن کي

ننڍي هوندي جي پوپرين جو تماشو ياد اچي ويو. پتلين جي ان ناچ ۾نچائيندڙ جو هٿ لڪل هوندو هو ۽ هنن جي هن ناچ ۾ بہ نچائيندڙ جو هٿ هو- ڪنهن جو هٿ، باجيءَ جو يا باس جو يا ايا ڪنهن ٻئي هو؟ نہ نہ، باجي خود هڪ پوپري، هڪ پتلي هئي، جنهن جي واڳ ڏور شايد ٻين جي هٿ ۾ هئي. شايد منظور ان واڳ جو اڳيون ڇيڙو ڏسي چڪو هو!

هو انهن ويچارن ۾ هو تہ گلو لنگهي آيو. گلوءَ کي ڏسي هو حيرت ۾ پئجي ويو. هي هڪ رات ۾ گلوءَ کي ڇا ٿي ويو هو؛ هن جو منهن پيلو پيلو، اکين ۾ ڪن ورهين جو اوجاڳو، سندس هيٺيون چپ ذري ذري نهايت هلڪي جنبش ڪرڻ ٿي لڳو، ڇڻ تہ ڪجھ چوڻ جو ارادو هجيس. پر چئي نہ سگهندو هجي! ائين ٿي محسوس ٿيو ڇڻ تہ هن کي ڪنهن جيئرو ئي قبر ۾ پوري ڇڏيو هجي، ۽ اتان رڙيون ڪندو ڀڄي آيو هجي!

"اڙي گلو، خير تہ آهي؟ هي تنهنجي منهن کي ڇا ٿيو آهي؟"

"يَرَ پيٽسان سڄي ررر....رات ننڊ نہ آئي آهي!" هن ڏنو تہ گلوءَ جي آواز ۾ هَڪَڙپڻو ۽ ٻاتاڻ اچي ويئي هئي، ۽ هن جي هٿن ۾ بہ هلڪي جنبش هئي. هن اٿي گُلوءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو. گلوءَ جو هٿ ڇڻ تہ سيئي تپ کان ڏڪي، پاڻي کان ٻاهر نڪتل مڇي وانگر.تپڪا کائي رهيو هو. هيءَ ڪهڙي بيماري لڳي آهي هن کي، انوءَ سوچيو.

"گلو، تنهنجي شايد طبيعت ٺيڪ نہ آهي!" انوءَ همدرديءَ مان چيو. ان همدرديءَ هن تي هڪ عجيب اثرڪيو، ۽ هو سڄو ڪرڙيءَ وانگر ڏڪڻ لڳو. انوءَ کيس ڪلهن تي دلداري ۽ آٿت جو هلڪو زور ڏنو، پر گلوءَ جي ڏڪاڻي بند نہ ٿي، ۽ پوءِ هن ڏنو تہ لڙڪَ گُلوءَ جي اکين مان وهي، ڳلن تان هيٺ لڙڻ لڳا، ۽ هن بي قابو آواز ۾ ٻاتائيندي چيو؛

"انو، هيءَ زندگي منهنجي لاءِ نہ آهي. خدا جو قسم اسين هاڻ بلڪل پاپي بڻجي ويا آهيون.... انو، هل تہ هتان نڪري هلون نہ تہ تہ نہ تہ تَ.... ڦ ڦ.... ڦاهيءَ چڙهنداسون...."

"پر بہ گلو، ڪيڏانهن هلون؟ چريو نہ ٿي.... مڙس ماڻهو ٿي...." انوءَ کيس سمجهائيندي چيو.

"هل تہ ڳوٺ هلون.... هر ۽ پاڙيري تہ پاڻ کان ڪانہ وئي آهي؛ پنهنجي ابي

ڏاڏي جو ڪم آهي.... گهٽ ۾ گهٽ هي ڪيس تہ ڪونہ ڪنداسون!"

"هر پاڇاريءَ ۾ ڳوٺ وارا سڪيا آهن، جو پاڻ سڪيا ٿيندا سون! ۽ هَرُ پاڇاري اسان کي ڪير ڏيندو، زمين ڪٿان ايندي....؟" انوءَ بي خيالائي مان چيو.

"هتان جيڪي پئسا ملندا، انهن مان هلي ٻنيءَ تہ ڪر ولنداسون.... يا وڏيري کي منٿ ڪنداسون تہ...."

"۽ اُتي جي پرليس اسان جي ڳولا ۾ آهي، تنهن جو ڇا ٿيندو؟" انوءَ جي مرضي تہ نہ هئي، پر هن جي وات مان اهي لفظ نڪري ويا.

گلو گهڙيءَ لاءِ انوءَ کي ڏسندو رهيو. آهستي آهستي انهن لفظن هن تي اثر ڪيو، ۽ نئين سر هن جي بدن ۾ ڏڪڻيءَ جي لهر لنگهي ويئي ۽ پوءِ ڄڻ تہ گهنجندي ڇپائين: "پر هاڻ مون کان هت رهيو نہ ٿيندو.... آءٌ چريو ٿي پوندس: هي منهنجي هٿن کي تہ ڏس....."

ائين چئي هن ٻئي هٿ کڻي آڏو جهليا. انوءَ کي پنهنجي اکين تي اعتبار نہ آيو. هن جا هٿ اهڙي نموني ڏکي رهيا هئا، جڻ تہ هن کي ٽونٽين وٽان ڪو ڏنب ڏيئي رهيو هو. هن کي پنهنجي يار گلوءَ تي رحم اچي ويو. هن کي هن جي ننڍي هوندي جو سات ياد اچي ويو، ۽ هن وري بہ ڪيس پاڪر پائيندي چيو: "گلو، رکُ ڏٽيءَ تي، ڪجھ ڏينهن، کان پوءِ تون پنهنجو بجليءَ جو دڪان کولي ويهي رهجانءِ. آءٌ باجيءَ کي پاڻهي سمجهائيندس!"

"..... پڪ ٿو ڏين، يا...." گلوءَ کي اعتبار ئي نہ ٿي آيو.

"پڪ، مڙساڻي ڏاڙهي....! هاڻ تہ ڪل....!"

"ير، پيٽسان.... ڪل موڪلائي ويئي...." تڏهن بہ هڪ بيمار ڪل، هن جي ڏڪندڙ ڇپن جي لرزش ۾ سمائجي ويئي، ۽ گلو هيٺ هليو ويو. هو گهري سوچ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو. عبدو آيو، ۽ اچي منظور جي نبض ڏٺائين. جئن ئي هن منظور جو هٿ مٿي ڪنيو، منظور اکيون کولي ڇڏيون. انهن اکين ۾ ڪيتري نہ پيڙا هئي!

"ڪيئن آهين؟" انوءَ پڇيو.

منظور جي منهن تي هلڪي مرڪ ڇائنجي ويئي. عبدو اشاري سان انوءَ کي ڳالهائڻ کان منع ڪئي. ۽ وري بہ هڪ سئي هٿي هليو ويو.

هنن کي ڳاڙهي بنگلي تي رهندي چار ڏينهن ٿي ويا. منظور جي طبيعت بہ

سڌرندي ويئي، پر اڃان ڪيس اٿي ويهڻ يا هيٺ لهڻ جي منع هئي. بوريت ڪان انو سڄو ڏينهن يا اوڀاسيون ڏيندو رهندو هو يا ستو پيو هوندو هو. ڪيڏي ڪيڏي مهل منظور سان يا گلوءَ سان ڪل چرچو ڪري، وري وڃي سمهي رهندو هو. هن کي هاڻ عجيب بي ڍنگا خواب ستائڻ لڳا هئا. ڪن ۾ هو پاڻ کي منڊو، ٿندو ٿيل ڏسندو هو ته ڪڏهن هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، جڻ ته ٻه اکيون مسلسل هن جو پيڇو ڪنديون ٿي رهيون- اهي اکيون گهڙيءَ سيٺ برڪت عليءَ جي زال جون هيون ته گهڙيءَ راڻيءَ جون. جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويا، راڻيءَ جا خيال هن کي وڌيڪ ستائڻ لڳا. اکين بند ڪندي ئي راڻيءَ جون اڌ ڪليل اکيون پنهنجي سموري شرابي ڪيفيت سان هن جي اکين ۾ گهوري چونديون هيون "چورا، نون سالن جي پراڻي پريت توکي ڏيئي ويئي آهيان!"

هڪ ڏينهن صبح جو باجي مرڪندي هن جي ڪمري ۾ داخل ٿي، ۽ ڪين ڪلندي خوشخبري ٻڌايائين ته سيٺ برڪت عليءَ جا خوني لڏا آهن ۽ هاڻي هو ٻاهر نڪري سگهندا. انوءَ تي ان خبر جو الٽو اثر ٿيو؛ هن تي ڇڻ وڃ ڪري پئي..... سيٺ برڪت علي جا خوني؟ هو ان متعلق سوچيندو باجيءَ سان گڏجي بنگلي تي پهتو. پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، هن تازي اخبار ڏٺي؛ پٺئين صفحي تي ٻن ڇڻن جا فوٽا به ڏنل هئا- ٻئي جوان مڙس ٿي معلوم ٿيا ۽ سندن ڏاڙهيون وڌيل هيون- سندن اکين مان وحشت بکي رهي هئي. خبر ۾ شدمد سان شهر جي پوليس جي جا نفشانيءَ جو ذڪر ڏنل هو. خبر پڙهندي انو مرڪڻ لڳو. ان خبر جي بلڪل هيٺان هڪ ٻي خبر تي هن جا مرڪندڙ چپ اوچتو بند ٿي ويا. ان خبر ۾ اهو ڄاڻايل هو ته مشهور صنعتڪار نواب شرافت جهان دهلويءَ پنهنجي دوست سيٺ برڪت عليءَ جي موت تي غم ۽ غصي جو اظهار ڪندي، انهن پوليس وارن لاءِ ڏهن هزارن رپين جو انعام آڇيو هو، جيڪي سيٺ برڪت عليءَ جي قاتلن کي پڪڙي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندا. ان خبر جي پاسي ۾ نواب صاحب پوليس جي هڪ وڏي آفيسر کي ان رقم جو چيڪ ڏيئي رهيو هو. نواب صاحب! انوءَ ذهن تي ٿوروئي زور ڏنو ته هن کي نواب صاحب سان ملاقات ياد اچي ويئي، ۽ هن جي ذهن آڏو ڪيترائي پردا هٽي ويا!

** ** ** **

هو تيار ٿي ٻاهر نڪتو، ۽ باجيءَ جي ڪمري اڳيان لنگهندي هن کي ڄڻ ڪجهه ياد پئجي ويو. هو در تي ٽڪ ٽڪ ڪري اندر لنگهي ويو. باجي ٽيليفون ڪرڻ ۾ مشغول هئي ۽ اندر گهڙڻ وقت هن فقط آخري لفظ ٻڌا: "جي، چڱو، نواب صاحب!" ۽ باجي انوءَ کي ائين بنا اجازت اندر ايندو ڏسي ڪجهه گهبرائجي ويئي. ٽيليفون بند ڪندي، هن تيزيءَ سان چيو: "بنان اجازت اندر اچڻ ڪڏهن کان سکيو آهين؟"

انوءَ ڄڻ ته ڪجهه ٻڌوئي ڪونه: "مون کي ڪجهه پئسا گهرجن!"

"مون توکان پڇيو ته بنان اجازت اندر ڪيئن آئين؟" باجيءَ هيڪاري ڪاوڙجي چيو.

انوءَ وڌيڪ سختيءَ سان چيو. "۽ مون چيو ته مون کي ڪجهه پئسا گهرجن!"

هن جي تيزيءَ کي ڏسي، باجيءَ جو منهن تامٽي هٽي ويو. پر پوءِ اوچتو هن جي چهري تي مرڪ اچي ويئي. هوءَ بلڪل مينڊ بڻجي ويئي. "پنهنجن سان ائين ڳالهائبو آهي، ڪنا ڇوڪرا! گهٽا پئسا ڪپئي؟"

"ڏهه هزار!" هن بلڪل ئي مختصر جواب ڏنو.

"اڄ توکي ٿي ڇا ويو آهي؟" باجيءَ خاني مان پئسا ڪڍي، ڪيس ڏيندي چيو.

"آءٌ ايڏا ڇوڪرو نه آهيان. جڏهن اوهان مون ۾ اعتماد نه رکيو ته منهنجو به اوهان ۾ اعتماد نه رهيو آهي!" انوءَ پاڻ تي ضابطو رکندي چيو.

"ڪهڙو اعتماد؟" باجيءَ حيرانيءَ مان پڇيو.

"اوهان هن واقعي جي رٿا بابت مون کي اڳواٽ ڇو نه ٻڌايو؟" هن وري ٿوري سختيءَ سان چيو.

باجي گهڙيءَ لاءِ هن کي ڏسندي رهي، ۽ پوءِ ڏيرج سان چيائين: "ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي ٻڌائڻ جو ايڏا موقعو نه آهي!"

"مثلاً اهو ته هي سڀ ڪجهه نواب صاحب جي چوڻ تي ٿيو! منظور کي ته سڄي

خبر هئي، پوءِ مون کي ٻڌائڻ ۾ ڪهڙو هرج هو؟" انوءَ شڪايت کان وڌيڪ ڪاوڙ مان چيو.

"وقت اچڻ تي پاڻهي توکي ٻڌائجي ها!"

انوءَ کي ڇڻ ته هڪ طرح جي خوشي ٿي. هن جو ڌڪ نشاني تي لڳو هو. چئبو اها ڳالهه صحيح هئي ته هن ڪم جي پويان پتلين جو نچائيندڙ نواب صاحب هو! هو پئسا ڪيسي ۾ وجهي ٻاهر نڪري آيو، ۽ هلڪيءَ دل سان هلندو اچي ٽئڪسيءَ جي انتظار ۾ بيٺو. ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي اچي حسن جي بازار کان ٻاهر لٿو. سڄي واٽ هو راڻيءَ جي شڪايتن جاجواب سوچيندو پئي آيو. راڻيءَ جي جاءِ اڳيان هن هڪ وڏو هجوم بيٺل ڏٺو. هن سمجهيو ته اهي ٻلها تماشبين هئا. پر پوليس وارن کي ڏسي هن جي دل ۾ ڪو خال پئجي ويو. هن جي دل زور زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي، ڇڻ ته هن کي جيڪو انديشو هو، سو پورو ٿي آيو. هن هڪ تماشبين کان پڇيو: "ڀائي، ڇا ٿيو آهي؟"

"مٿي رهندڙ طوائف کي ڪنهن چاقو هڻي خون ڪري ڇڏيو آهي!"

هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ ته هن جي ڪنن ۾ تاڙيون پئجي ويون ۽ هن کي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو. هيترو هل هنگامو هوندي به هن جي ڪنن ۾، هن جي دل ۾ ۽ هن جي ذهن ۾ ڪوبه آواز نه هو. هلڪو ڪڙڪو به نه هو. اها خاموشي، اها ويراني هن جي ڪنن کان هيٺ لهندي هن جي پيٽ ۾ ڪاٽ هڻندي ويئي. هن ائين محسوس ڪيو ته هن جي پيٽ ۾ هڪ گهري ڪڏ پوندي ٿي ويئي: اها ڪڏ هڪ وڏو خال بنجي ويئي،۽ هن جي پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ ڇڻ ته ماڪوڙيون سرڻ لڳيون. ۽ پوءِ ٻئي هٿ پيٽ ۾ ڏيئي هن هڪڙو آت ڏنو، ۽ هڪ وڏي الٽي ڇڻ ته هن جي دل کي ساڻ ڪٽي ٻاهر نڪتي. هو پيٽ جي ٽيڪ ولي الٽيون ڪرڻ لڳو.

تماشبين حيرت مان هن کي ڏسڻ لڳو. پهرين ته هن سمجهيو ته ڪو پيتل آهي، پر هن جي الٽي ڪرڻ ۽ منهن ۽ اکين جي رنگت مان سمجهيائين ته ڪو بيمار ٿي ڏٺو.

"ڀائي، طبيعت ته ٺيڪ اٿئي؟" هن همدرديءَ مان پڇيو.

الٽيءَ کان پوءِ هن جو سڄو بدن ڪنبڻ لڳو، ۽ ڏندن جي ڪڙڪي مان تماشبين سمجهيو ته هن کي سيئو تپ چڙهي ويو هو. هِن هُن کي ٻانهن جو سهارو ڏيئي

اٿاريو، ۽ ڪيس دلداري ڏيندي چيائين: "گهبراءُ نہ، ليڪ ٿي ويندين. تنڪسي ڪري ڏيانءِ!" هن شڪرگذاريءَ مان تماشبين ڏانهن نهاريو، ۽ فقط ڪنڌ ڏوٽي" ها" ڪئي. تماشبين هن کي آٽي تنڪسيءَ ۾ وهاريو. ڏاڍي مشڪل سان تيڪسيءَ واري کي هن پنهنجي ائڊريس ٻڌائي. تنڪسيءَ جي هوا لڳڻ سان هن جي طبيعت آهستي آهستي ليڪ ٿيڻ لڳي. آواز هن جي ذهن ۽ دل کان ٿيندو هن جي ڪنن ۾ موٽي آيو؛ پر ڏڪاڻيءَ هن کي نہ ڇڏيو. چوڪيدار جڏهن هن جي اها حالت ڏٺي تڏهن هن کي پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ ڇڏي گلوءَ کي هدايت ڪري پوءِ ويو.

گلوءَ هن تي چار پنج ڪمبل وڌا، سوڙ گهرائي وڌي، پر هن جي ڏڪڻي نہ لٿي، ۽ هو رکي رکي الٽيون ڪندو رهيو. گلوءَ کي اچي ڊپ لڳو تنهن باجيءَ کي چوائي موڪليو. باجيءَ کي پهرين تہ اعتبار ئي نہ آيو، جو انوءَ کي وٽائنس وئي ڪلاڪ بہ نہ گذريو هو، ۽ ان وقت تہ هو چاڪ چڱو ڀلو هو. پر سندس حالت ڏسي هن کي اچرج وٺي ويو. لاچار ڊاڪٽر کي گهرايائين. ڊاڪٽر کي بہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. پر چيائين تہ شايد مليريا هجي يا ڪاڏي ۾ ڪا زهريلي شئي کائي ويو هجي. ڊاڪٽر هن کي سئي هڻي هليو ويو. ڪافي وقت ڏڪندي ڏڪندي هن کي ننڊ اچي ويئي. هو الائجي ڪيترو وقت ننڊ جي بيهوشيءَ ۾ پيو هو. ان ننڊ ۾ هن کي عجيب عجيب، نظارا نظر آيا. ۽ خاص ڪري هڪڙو خواب تہ مسلسل هنجي اکين ۾ جمي ويو هو؛ رت جو هڪ دريا راٿيءَ جي نڙيءَ مان ڪنهن آبشار وانگر وهندي، چؤطرف سرخي ڦهلائيندو رهيو، ۽ هن ڏٺو تہ ان آبشار ۾ ڪيتريون ئي آدڪليل اکيون، ڪي سڄيون ڪليل اکيون، ڪي ڊپ سان ڀريل اکيون، ڪي رحم ڪائيندڙ اکيون، ڪي نفرت ڪندڙ اکيون، ڪي رئندڙ اکيون، ڪي ڪلندڙ اکيون ترنديون ٿي رهيون!

جڏهن هن پهريون ڀيرو اکيون کوليون تہ سامهون گلوءَ ۽ منظور کي ويٺل ڏٺائين. منظور جي هڪ ٻانهن، ڳچيءَ ۾ پيل هڪ پٽي ۾ لٽڪيل هئي. پهرين گلوءَ هن کي اکيون کولينديءَ ڏٺو. ڇرڪ ڀري هن جي سيرانديءَ کان پهچي ويو.

"ڪيئن ٿو ڀائين، انو!" ان آواز ۾ ڪيتري نہ سڪ، ڪيتري نہ محبت هئي. گلوءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري رهيا هئا، ۽ سندس هيٺيون چپ زور زور سان ڦڙڪي

رهيو هو. هڪ ڪمزور مرڪ انوءَ جي چپن تي مڙي آئي: "پانيان ٿو تہ جيئرو آهيان!"

يَرَ پيٽسان،اسان جا تہ تو لاها پتي ڇڏيا ها.... اڄ چوٽون ڏينهن ٿيو اٿئي، جو مَسَ اکيون کولي ڳالهايو اٿئي؟" گلوءَ پيار پري شڪايت مان چيو.

"مون کي ٿورو اٿاري ويهار!"

"نہ بابا نہ، ڊاڪٽر منع ڪئي آهي!"

"اڙي گڏهہ، آءٌ ڪونہ ٿومران: هاڻ ٺيڪ آهيان!" انوءَ ڪمزوريءَ کان وري اکيون پوريندي چيو. "مونکي سگريٽ پيار!"

منظور خاموش هن کي ڏسندو رهيو. جڏهن انو اٿي ويٺو تہ هن جون نظرون منظور جي اکين سان ٽڪرايون. منظورجي اکين ۾ بيماريءَ جي ڪري هڪ نواڻ اچي ويئي هئي. هو بنهہ ڪمزور ٿي ويو هو. هن جي نظرن ۾ ڇڻ تہ انوءَ کي سمجهڻ جو جذبو اچي ويو هو. هن چيو: "ائين بيمار ٿبو آهي؟"

انوءَ سوال جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو. فقط چيائين: "تون ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهين، منظور!"

"پنهنجي شڪل ڏٺي اٿئي! باجي تہ ڊڄي ويئي هئي تہ توکي الائي ڇا ٿي ويو هو!"

."واقعي منهنجو دماغ ان ڏينهن جاءِ نہ هو!"

"سو تہ باجيءَ بہ ٿي چيو." منظور ڇاٽي واٽي چيو.

"تنهنجو زخم ڪيئن آهي؟"

"آهستي آهستي ٺيڪ ٿيندو. ماس جو سڄو ٽڪر نڪري ويو هو. آهستي آهستي پرجندو! ۽ تنهنجو زخم ڪيئن آهي؟" منظور ڇڻ تہ طنز ڪندي چيو.

"منهنجي زخم مان بہ ڳچل ماس ڪورجي ويو آهي!" هن بہ طنز جو جواب طنز ۾ ڏنو.

"چڱو ٺيڪ ٿي وڃ تہ پوءِ ان جو ڪو علاج ڪبو!" منظور اٿندي چيو.

هو منظور کي ويندي ڏسندو رهيو. هن شخص لاءِ هن کي اهڙو پيار هو جنهن ۾ محبت کان وڌيڪ ياري نيائڻ جو احساس هو. هن ساٿس اهڙو وڙ ڪيو هو، جنهن کي هو زندگي پر نہ وساري سگهندو. هن سوچيو: ڪاش، هو منظور جي محبت ۽ دوستي قائم رکي سگهي!

"گلو، پاڻي ڏينم!"

گلو ميز تان پاڻيءَ جو ڀريل گلاس کڻي هن کي پيارڻ لڳو ته هن گلاس پنهنجي هٿن ۾ ولي پيڻ کان اڳ چيو: "آءٌ ٺيڪ آهيان! هاڻ گلو، هاڻ پاڻ هتي گهٽا ڏينهن نه رهنداسين. منهنجي دل کتي ٿي پئي آهي!"

"يَرَ، تو ته منهنجو ساهه ڪڍي ڇڏيو هو؛ نند ۾ الائي ڇا ڇا پيو چوندو هئين!"

"ڇا چوندو هوس؟"

"راڻي، شوڪت، باجي، باس ۽ الائي ٻيا ڪهڙا ڪهڙا نالا پيو کڻندو هئين. ڪڏهن ڪلندو هئين ته ڪڏهن روئندو هئين. ڪڏهن 'مٺڙي'، 'پياري' پيو چوندو هئين ته ڪڏهن گارين جا ڏوڙيا هوندا هئا. مون ته سمجهيو ته ڪنهن توتي کو ڦيٽو پڙهي ڇڏيو هو ۽ تنهنجو دماغ هميشه لاءِ خراب ٿي ويندو!"

"منهنجون اهي ڳالهيون ٻئي ڪنهن ته نه ٻڌيون!" هن ٿوري فڪر مان چيو.

"نه نه، هت رڳو هڪ ٻه پيرو روزانو باجي ڊاڪٽر سان گڏجي ايندي هئي. باقي سمورو وقت آءٌ ويٺو هوندو هوس!"

انوءَ ڇڻ ته ڇوٽڪاري جو ساهه کنيو. هن نٿي چاهيو ته ڪو هن جي دل جي دوزخ ۾ جهاتي پائي ڏسي؛ هي اهڙو دوزخ هو جنهن ۾ ڪنهن مهربان مالهيءَ، ڪن گناهن جي پاداش ۾، هڪ ٻه گل نکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ عين ممڪن هو ته انهن گلن جي طفيل اهو دوزخ به جنت بنجي ويڃي ها. هن جي نفرت جو وڻ بنه ڪچي ڪري نه پوي ها، تڏهن به ان جي ڇانوَ هن جي زندگيءَ تي ايترا گهرا پاڇولا نه ڇڏي ها. ان ٿڌي ساهه کڻڻ سان هن محسوس ڪيو ته هن ۾ ريڙهيون پائيندڙ انسان بلڪل سڪرات ۾ هو، ۽ نفرت جي ڌرتيءَ تي هلڻ هاڻ هن جي زندگيءَ جو ورثو بنجي ويندو. هو گلوءَ جي مدد سان اٿي بيٺو، ۽ هن کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته هو ڪيترو ڪمزور ٿي ويو هو. پر هن ڇڻ ته پنهنجي ارادي جي قوت کي هڪ مهميز ڏني، ۽ ٻه پير کڻي وري ويهي رهيو. وري گهڙيءَ کان پوءِ اٿي، خود باٿ روم مان ٿي آيو. آرسيءَ ۾ هن جيڪي ڏٺو ان کان هو پاڻ به ڊڄي ويو. هن جون اکيون تتل سرخ لوهه جون ٺهيل ٿي معلوم ٿيون، جن ۾ هڪ نئين خوني لالاڻ اچي ويئي هئي. منهن جي ڪمزوريءَ هن جي ڳلن جا هڏا ٻاهر ڪڍي ظاهر ڪيا هئا، جن هن جي منهن کي هڪ نئين سختي، نئين ڪهراڻ ادا ڪري ڇڏي هئي!

****

ڏهاڪو ڏينهن آرام ڪرڻ کان پوءِ هو جڏهن ٻاهر نڪتو تڏهن هن کي دنيا بدليل بدليل نظر آئي. ان دنيا ۾ هن جو پنهنجو ڪجهه به نه هو. اها دنيا، هن لاءِ نه پنهنجي هئي نه پرائي. هن جو اِن دنيا سان نه اوپراڻ جو رشتو به نه هو. هو محض لاتعلق بي لاڳاپي، ڪٽيل لڙ وانگر ان دنيا ۾ ٽيڙ ڪائڻ لاءِ نڪري پيو هو. بنان ڪنهن سوچڻ جي هو ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ويهي رهيو. جڏهن ٽئڪسيءَ واري هن کان پڇيو: "ڪٿي هلڻو آهي؟"

"ڪٿي هلڻو آهي؟" جڻ ته هن پنهنجي پاڻ کان سوال پڇيو. ۽ ٽئڪسيءَ وارو جواب بدران ساڳيو سوال ٻڌي، شيشي ۾ هن کي چتائي ڏسڻ لڳو ته هو هوش ۾ به هو يا نه. جڏهن ٽئڪسيءَ واري ٻيهر سوال ڪيو، تڏهن هن بي خياليءَ مان هڪ ائڊريس ڪيس ٻڌائي، ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ هن پاڻ کي چترڪار جي دروازي اڳيان ڏٺو.

چترڪار جي ڪمري ۾ اڄ ته ڪيترائي ماڻهو هئا. ۽ هو ذري گهٽ واپسر وڃڻ تي هو پر چترڪار جي نظر هن تي پئجي ويئي.

"اڙي، انور تون؟"

"آءٌ وري ٻئي ڪنهن وقت ايندس!" هن ٻين ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"اڙي هي سڀ پنهنجا دوست آهن. پر تون هئين ڪٿي؟" پوءِ هن جي منهن ڏانهن ڏسندي چيائين. "هي توکي ڇا ٿي ويو آهي؛ ڪجهه بيمار هئين؟"

"ها، بيمار ٿي پيو هوس!"

"تون ته اڌ به نه رهيو آهين، ۽ هي تنهنجيون اکيون ايتاتائين ڳاڙهيون ڳاڙهيون رت ٿيون پيون آهن. اڄ اڄ نه..... بيهي ڇو رهئين؟"

سليم هن کي ولي اڳتي آيو، ۽ ڪيس آڻي هڪ بزرگ جي اڳيان بيهاريائين. ا بزرگ جي منهن تي عمر کان سواءِ انتها درجي جي ذهانت، ۽ انتها درجي جي

شرارت بڪي رهي هئي. اها شرارت ايتري معصوم هئي، جو ائين ٿي معلوم ٿيو جڻ تہ هن ايحاتائين پاڻ کي ہار ٿي سمجهيو.

"بابا، هي آهي منهنجو دوست انور، جنهن لاءِ مون اوهان کي ہڏايو هو. هن کي اڳي ئي توهان سان ملائڻو هوم، پر بيمار ٿي پيو. ۽ اڄ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ مليو آهي، ۽ انور، هي آهي منهنجو.... منهنجو بابا..... پروفيسر رشيد. هي حميد آهي، هي نواز، هي تنوير، هي..... هي منهنجا ۽ بابا جا دوست آهن!"

انورَ شرمائيندي سيني کي سلام ڪيو. سيني کيس سلام جو جواب ڏنو ۽ اٿي بيهي هن سان هٿ ملايو. خود پروفيسر بہ اٿي بيهي هٿ ملايو. اها ڳالهہ هن کي ايتري وٺي، جو چترڪار ۽ پروفيسر لاءِ هن جي عزت ہيٺي ٿي ويئي.

"ابا، واهہ جو..... دوست ڪيو اٿئي، جو تون بيمار ٿئين تہ تنهنجي خبر تڏهن ورتائين، جڏهن تون کيس پاڻ ہڏائڻ آئين!" پروفيسر ڪلندي چيو.

"بابا، سچ تہ مون کي ڪا خبر نہ هئي!" چترڪار پنهجو بچاءُ ڪندي چيو.

"ها پٽ، ہين جا بيمار دوست تہ ريڊيو تي اعلان ڪرائيندا آهن تہ يارو، اسين بيمار آهيون، اچي پڇي ويجو!" پروفيسر معصوميت مان چيو، ۽ سڄو ٽولو اچي ٽهڪن ۾ پيو. خود انورَ ڪان بہ ٽهڪ نڪري ويو.

"پٽ، تون ايترو پري ڇو وڃي ويٺو آهين. چترڪار جي صحبت ڪا خاص صحت واري ڪانهي. هيڏي اچي منهنجي پر ۾ ويهہ تہ پاڻ دوستي ڳنڍيون!" پروفيسر شفقت مان چيو.

هي ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئا- شفيق، ہاجهارا، عزت ڏيندڙ! انورَ سوچيو، ۽ هنن ۾ ڪابہ نفرت ڇو ڪونہ هئي؟

"اڙي ابا سليم، مَنَ هن نئين دوست جي محابي ڪا چانهن پيارين، ڪنجوس ڪنهن جاءِ جا....!" پروفيسر چترڪار کي مخاطب ٿيندي چيو.

سڀ وري ڪلڻ لڳا، ۽ چترڪار ڦڪو ڦڪو ٿيندي چانهن لاءِ پاسي واري ڪمري ڏانهن هليو ويو. جڏهن هو موٽي آيو تڏهن پروفيسر هن ڏانهن ڪجه اهڙين نظرن سان ڏٺو، جو وري اچي سڀ ڪل ۾ ڇٽڪيا.

"ڪٿي آهي چانهن؟"

"بس، اجهو آئي، بابا!"

"پاڻهي تہ ڪڏهن بہ نہ ايندي، ڪو ڪٿي ضرور ايندو هوندو!"

"ها بابا، نبو ايندو هوندو!"

"اڙي، نبوءَ کي ڇا ڪبو، ڇڻ ته نبو ڇانهن ڪٿي ايندو هوندو!" پروفيسر چترڪار کي تنگ ڪندي چيو.

ڇانهن پيئڻ کان پوءِ، جڏهن پيالن جو لڙڪو بند ٿيو، تڏهن پروفيسر سيني ويٺل ماڻهن تي هڪ نظر وجهندي چيو: "سو مون ٿي ڳالهه ڪئي ته هي اسان جو سماج، هي اسان جو معاشرو پنهنجي پٽيءَ جو ڪنڊو يا مغزي ڏورو ڇڻ ته ٿي بيءَ ۾ گرفتار ٿي ويائي چڪو آهي. اوهان کي ته خبر آهي ته علم بدن ۾ مغزي ڏورو ئي آهي، جو اسان جي هن زنده رهڻ جي حقيقت کي حقيقت بنايو بيٺو آهي. مغزي ڏوري کي نقصان پهچي ٿو ته يا ته ماڻهو اڌ رنگ ۾ وڻجي ويندو يا بنه مري پوندو. تيئن اسان جي معاشري يا سماج جو مغزي ڏورو اسان جا ڳوٺ، اسان جون ٻهراڙيون آهن. اسان جا هاري ناري ڪمي ڪاسبي آهن. اوهان انهن کي بيمار ۽ اپاهج رکيو ته سمورو سماج اپاهج ٿي پوندو. اسان جي سماج جي واڳ، سماج جي ناڪيليءَ جي مهار هڪ اهڙي ٽولي جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي آءٌ اَٺَ - ڪڙهو يا Octopus سڏيندو آهيان. اوهان مان ڪيترن شايد اهو اٺ-ڪڙهو يا اٺ ٽنگو چئوس، ڏٺو ئي ڪونه هوندو. اهو جانور سمنڊ جي جانورن مان سيني کان خطرناڪ آهي. ان کي اٺ زهريليون ٽنگون ٿينديون آهن، جن کي ڪُڪُڙ واريون ڪڙهون سڏجي ته مناسب آهي. ان اٺ-ٽنگي جي اڳيان ڪوبه جيتامڙو آيو ته هن رڳو پنهنجي هڪڙي ڪڙهه ڪم آندي ته ڇڻ ته هن جي حياتي پوري ٿي. ان هڪڙي ڪڙهه جي زهر ۾ ايڏي ڇِڪَ آهي، جو اهو جانور پاڻهي ڇڪجي هن جي ٽنگن جي پنجوڙ ۾ ڦاسي پوندو.... ۽ پوءِ ان جو نڪرڻ محال آهي! اوهين ان اٺ ٽنگي جون الئي ٽنگون واري واري سان ڪپيو، پر جيڪڏهن هن جي ڪائو ٽنگ بچي ويئي ته نه رڳو اوهين ان جيتامڙي کي بچائي نه سگهندؤ، پر اٺ-ڪڙهو به ان هڪڙي ٽنگ جي سهاري جيئرو رهندو ايندو ۽ هن جون نيون ڪڙهيون جمي پونديون. پر جيڪڏهن اوهان هن جي ڪائو ٽنگ ڪپي وڌي ته ٻيون ٽنگون به ست ڇڏي ويندس ۽ هن جو ست، هن جي جان، هن جي زندگي ڇيچلائيندي دم ڏيندي! بلڪل ان طرح اسان جي سماج کي گرفتار ڪندڙ اٺ-ڪڙهي جي ڪائو ٽنگ آهي، ڳوٺ ۽ ٻهراڙين تي قبضو. جيڪڏهن هن جي اها ٽنگ مضبوط ٿي ويئي ته اوهين ان سان ڪڏهن به مقابلو ڪري نه سگهندؤ.

اوهان ان اٺ-تنگي تولي کي سيڃاڻو بہ ٿا. ڏسو نہ هڪ طرف ناٿي تي، ٻئنڪن جي نالي ۾ هنن جو قبضو آهي- اها ٿي هڪڙي تنگ. ٻئي طرف ڪارخانا هنن جي ملڪيت آهن، ٽئي طرف زمين جون معدنيات هنن جي قبضي ۾ آهن. چوٿين طرف آمدرفت جا ذريعا هنن جي اثر هيٺ، پنجين طرف واپار ۽ تجارت هنن جي ڪيسي ۾، ڇهين طرف اوهان جي تعليم تي هو حاوي ۽ ستين طرف اوهان جي صحت صفائي هنن جي هٿ هيٺ! باقي الين جائداد آهي، زرعي زمينون ۽ انهن جي پيدائش. جيتوڻيڪ هنن جو اڻ سڌو قبضو انهن تي بہ آهي. پر سڌو سنئون هنن ان کي پنهنجي مٺ ۾ آڻڻ تي ايڃا هاڻ سوچيو آهي. اها آهي الين ڪڙهہ- ڪائو تنگ، اها جيڪڏهن مضبوط ٿي ويئي تہ سماج جا اهي Octopus، ماڻهن کي پيڙي، نچوڙي، ڪوکلو ڪري ماري اڇلائي ڇڏيندا!"

"سائين مثال تہ واهہ جو ڏنو اٿوَ!" هڪ جوان سنجيدگيءَ سان چيو.

"پٽ، اهو ههڙن نظامن جي بلنديءَ يا آخري طرح خاتمي جو هڪ نشان آهي تہ ملڪي سرمائي جي نمائندگي فقط چند ماڻهو ڪن، ۽ اهي ساڳيا ماڻهو زندگيءَ جي مختلف شعبن تي حاوي هجن. اوهين اخبارون کڻي ڏسو تہ جيڪي ماڻهو اڳي رڳو واپاري هئا، سي ئي هاڻ ملن جا مالڪ آهن، سي ئي ٻئنڪن جا ڪرتا ڌرتا آهن، سي ئي ملڪ جي تعمير جا، رستن، واهن، دريائن جا ٺيڪيدار آهن، سي ئي ڪاٽين ۽ معدنيات جا حصيدار آهن. پونجيواد جو اهو مثال تہ اهڙو آهي، جنهن لاءِ ٻئي ڪنهن ثبوت جو ضرور ئي ڪونهي. هنن جي پهچ کان فقط زراعت رهيل آهي. پر رفتہ رفتہ اتي بہ سڌي طرح سان هو هٿ اٽڪائيندا ويجن- ڇا ڪاڻ تہ هنن کي ملن لاءِ، ڪارخانن لاءِ، ڪاٽين لاءِ مزور ڪپن. شهري مزورن جو تعداد ئي ڪيترو؟ ان هٿ چراند، ٻهراڙين ۽ ڳوٺن کي آهستي آهستي هضم ڪرڻ جو نتيجو اڪين آڏو آهي. پر جڏهن هي اٺ-تنگو ماڊل فارم، مڪنائيزڊ فارم، ڪئٽل فارم ۽ پولٽري فارمن جي نالي ۾ زمين تي ايندو، تڏهن ان جو هڪڙو نتيجو نڪرندو: هاريءَ کي قوت گذارن لاءِ زمين کي ڇڏي مل مزور ٿيڻو پوندو. ٻهراڙيءَ جي آدمشماري مختلف حيثيتن ۾ شهرن ڏانهن منتقل ٿيندي. هاري مل مزور بڻجندو. مل مزورن جي حالت اوهان ڏٺي آهي. ڪارخانا ۽ صنعتون اڳي ئي ٿوريون، جن ۾ هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت مزور ٻاهران گهرائي پرتي ٿا ڪيا ويجن. ان جا ٻہ سبب آهن: وطن کان دور، اتر کان ايندڙ مزور، پنهنجي

مزوريءَ جي تحفظ خاطر، حق گهرڻ کان ڪيهائيندو. هيو ته سنڌ جي شهرن تي غير سنڌي آباديءَ جو قبضو ڪرائي، جمهوريت جي نالي ۾، سنڌ تي سياسي ۽ معاشي قبضو جمائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ انهن کي استعمال ڪيو ويندو. آزاديءَ ۽ ورهاڱي جي نالي تي سنڌ جي وچولي طبقي کي تڙي ڪڍيو ويو. ان جي بدران هڪڙو نئون وچولو طبقو آندو ويو، جنهن سمورين نوڪرين، واپار، جائدادن ۽ منڊين تي قبضو ڪرڻ ۾ دير نٿي ڪانه ڪئي. نتيجو اهو ٿيو آهي ته سنڌ هينئر چئن ئي طرفن کان ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل آهي. جڏهن هاري مل مزور بڻجندو، جڏهن سنڌ ۾ نئون وچولو طبقو اُپرندو، تڏهن شهرن تي اڳي ئي ٻين جو قبضو هوندو. انهن جي قبضي کي قائم رکڻ لاءِ اُتر کان آندل مزورن کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ استعمال ڪيو ويندو. نئين سنڌي مزور کان زمين جو پورهيو به ويو، ته صنعتن ۽ ڪارخانن جي مزوريءَ کان به آگوٿو! جيڪڏهن هن ڪجهه گوڙ شروع ڪيو ته هن خلاف به ڪاروائيون شروع ٿينديون؛ هڪڙو نشو، ۽ ٻيو هٿيار!"

پرفيسر جي آواز ۾ گنڀيرتا سان گڏ هاڻ نا اميدي به وڌندي ويئي، جنهن کي سيني محسوس ڪيو.

"اڄ سنڌ جي اڪثر ڳوٺن ۽ سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي پاڙن ۾ نشي جيڪي هايا ڪيا آهن، سي ڏسڻا هجنوَ ته ڪراچيءَ جي لياريءَ ۾، چاڪيواڙي ۾، ابراهيم حيدريءَ ۾ ويجي ڏسو! حيدرآباد جي ڦليليءَ، ٽنڊي ولي محمد کي ڏسو! اُتر کان ايندڙ اهو زهر ڪيئن ٿو ورهائجي، ان جي پويان به وڏي رٿابندي آهي. چرس جو سمورو وڪرو پان جي مانڊٿين ذريعي ٿو ٿئي. پان جون مانڊٿيون ڪير ٿو هلائي، ان تي ڪڏهن سوچيو اٿوَ؟ سنڌي ماڻهو جيڪي پان تي ٽٽوليون ڪندا هئا، سي اوچتو ئي اوچتو پان جا ايڏا شوقين ٿي پيا آهن، جو نندن نندن ڳوٺن ۽ شاهراهن تي، بس اسٽاپن تي پان جون مانڊٿيون ڪلي پيون آهن، جتي مانڊٿين وارا سنڌي شوقين کي پان سان گڏ، هڪڙي سگريٽ مفت ۾ ٿا پيارين! اوهين پاڻ ٿا سمجهو ته انهن مفت جي سگريٽن ۾ ڇا پريل هوندو؟ جو جنهن هڪڙو به پيرو پان کاڌو ۽ مفت جي سگريٽ پيتي ته ٽئين پيري پان سان گڏ، هڙان پئسا ڏيئي اها سگريٽ وٺندو!"

پروفيسر ڪا گهڙي چپ ٿي ويو. هن جا ٻڌندڙ، جڻ ته هن جي گنڀيرتا کان

لنوائڻ لاءِ، ڪنڌ هيٺ ڪري، ڄڻ زمين ۾ ڪجھ ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

"مون کي ڊپ آهي تہ اهو وقت پري ڪونهي، جڏهن اهي ٻاڪڙيون هوٽلون- جتي "هوا ۾ اڙتا جائي ميرا لال دوپٽا ململ ڪا!" قسم جا رڪارڊ ٿا وڄن، اهي پان جون ماندڻيون جتي چرس جو زهر ٽووڪامي، سنڌي قوم جي وجود کي اُڏوهي وانگر ڪائي ڪوکلي ڪري تاريخ جي "اڳالدان" ۾ اڇلي ڇڏينديون! ان کي بچائڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هوندو. وڏيرا اڳي ئي هنن جي مقرر ڪيل صوبيدارن ۽ ڊپٽين جي ڪيسن ۾ پيا آهن. اهي چوندن تہ اُٿي بيهو تہ اُٿي بيهي رهندا، چوندن ويهي رهو تہ ويهي رهندا! انهن جو هنن ٻيو بہ بندوبست ڪيو آهي تہ پنهنجي زالن ۽ سُريتن سان گڏ ڪين هيرا منڊيءَ جي معشوقن جي اهڙي هير وڏي اٿن جو اسان جي چڱن چڱن معتبرن هنن کي لاهور ۾ بنگلا وٺي ڏنا آهن، ۽ باقاعدي هنن کي ماهوار خرچ پيا ڏين! رنگ تہ تڏهن ٿيندا جڏهن اهي ٻار ڇٽينديون، ۽ انهن ٻارن جي حساب ۾ زمينون بہ لکي ڏيندا!"

هاڻ پروفيسر جي منهن تي ڪاوڙ جا آثار بہ ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. پر تڏهن بہ هن ڌيرج سان پنهنجي ڳالھ کي جاري رکيو.

"سڀ کان وڏي سازش اسان جي خلاف تعليم جي ميدان ۾ ٿي آهي. اسان کان اسان جي زبان کسي، هڪ اهڙي زبان مڙهي ويئي آهي، جنهن جو اسان جي تهذيب، اسان جي سياڻ، اسان جي سوچ، اسان جي تاريخ ۽ اسان جي ماڻهپي سان ڪو پري جو بہ لاڳاپو ڪونهي. ويچارا بنگالي ان سازش کي اُٿندي ئي سهي ڪري ويا، ۽ پنهنجا ڪونڌر مارائي، گهٽ ۾ گهٽ ان ميدان ۾ پاڻ بچائي ويا! اسان جي ٻارن کي اهڙي تعليم ڏني پئي وڃي، جيڪا هنن کان پنهنجي سڃاڻپ وسارائي رهي آهي. اها تعليم بہ اهڙي زبان ۾ ڏني ٿي وڃي، جيڪا سوچڻ جي سر چشمن کي آفيم وانگر ڳهرائي، ماٺو ڪري، هميشہ لاءِ سمهاري ڇڏيندي! نالي ۾ ايا بہ سنڌي اسڪول آهن، پر ڏينهون ڏينهن انهن کي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان بند ڪيو پيو وڃي. مون کي سڀ کان وڏي ڪاوڙ اسان جي اُستادن تي آهي، جيڪي نہ رڳو ان سازش کي سمجهي نہ سگهيا، پر جن سمجهيو، سي رڳو پنهنجي روزگار بچائڻ خاطر يا تہ هنن جي لڏي ۾ شامل ٿي ويا، يا بنھ ٽوٽ بٽجي، ڀنگ پي، ٽنگون ٽيڙي سمهي رهيا آهن!"

پروفيسر ماٺ ٿي ويو. سيني ڏٺو تہ پروفيسر جي اکين مان لڙڪ لڙي، سندس قميص ۾ جذب ٿيندا ٿي ويا. انوءَ کي الائي ڇو اهو محسوس ٿيو تہ پروفيسر نٿي چاهيو تہ هن کي ڪو روئندو ڏسي ولي، ان ڪري هن پنهنجي ڪنڌ کي اهڙي طرح ڍاري ڇڏيو هو، جيئن هن جي اکين تي ڪنهن جي نظرنہ پوي. هي ڪهڙي دنيا جا، ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئا، جن کي پنهنجي دک درد کان وڌيڪ ٻين جي دک درد جو اونو هو!

"سائين، اوهان هڪڙي ٻي ڪارروائيءَ جو بہ تہ ذڪر ڪيو هو؟" هڪڙي ننڍي نيٽي جوان سوال ڪيو. ائين ٿي پانيو، ڄڻ تہ پروفيسر کي ٻڌڻ جو هي آخري موقعو هو!

"پٽ، ٻي ڪارروائي آهي هٿيارن جي. اهي هٿيار بہ اُتر کان گهرايا ٿا وڃن، ۽ اهي شهرن ۾ اهڙن ٽولن ۾ ورهايا وڃن ٿا، جن کي وقت پئي ڪم آڻي سگهجي. اهي هٿيار بند ٽولا هر انهيءَ ماڻهوءَ يا طبقي جي خلاف استعمال ٿيندا، جيڪو هنن جي اصل راند کي سمجهڻ يا روڪڻ جي ڪوشش ڪندو. مثلا جيڪڏهن سنڌي مزورن کي شهرن ۾ اچڻ کان روڪڻ ضروري ٿي پيو، تہ هنن ۾ ڏهڪاءَ ڦهلائڻ لاءِ اهي استعمال ڪبا. شهر کان ٻاهر ڪارخانن ۾ جيڪي ٽورا گهٽا سنڌي مزور آهن، انهن جيڪڏهن پنهنجي حقن لاءِ آواز اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ انهن خلاف ڪنهن بہ بهاني اهي هٿيار استعمال ٿيندا. نشي جي ڪاروبار خلاف جيڪڏهن ماڻهن ڪو گوڙ ڪيو تہ انهن کي هيسائڻ لاءِ بہ اهي ئي هٿيار استعمال ٿيندا. اها رڳابندي رڳو اڄ جي لاءِ نہ آهي، پر ايندڙ تاريخ ۾ جڏهن بہ انهيءَ اٽ-ڪڙهي کي ڪو خطرو محسوس ٿيو، تڏهن اهي هٿيار استعمال ٿيندا، ۽ باقاعدي منظم طريقي سان، سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ استعمال ٿيندا. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسين تاريخ کي سمجهون ٿا، تہ هو بہ ماٺ ڪري، اکيون بند ڪري ڪونہ ويٺا آهن. اخبارون ڏسو، رسالا ڏسو؛ هڪڙي پاسي تہ سرڪاري دانشور آهن، جيڪي بنگالين، سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن کي صحيح اسلام ۽ نظريو سمجهائڻ تي ڪالمن جا ڪالم ويٺا ڪارا ڪن. ٻيا وري غير سرڪاري دانشور آهن، جن وٽ عليڳڙهہ جون ڊگريون آهن، جن وٽ ديوبند جون دستارون آهن، جن وٽ تبليغ جا پروانا آهن، انهن جي ڏور بہ انهن ساڳين جي هٿ ۾ آهي، ۽ هو غير جانبداريءَ جو ڍنڍورو ڏيندي اهو

ٽاچون ته مون جهڙا ماڻهو سنڌين کي، بنگالين کي، پٺاڻن کي، بلوچن کي پنهنجي سچائپ ڏيئي ڪبيرو گناهه ويٺاڪن، جن خلاف جهاد ڪرڻ عين اسلام آهي!"

"پوءِ سائين نيٺ ڇا ٿيندو؟ اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟"

انوءَ ڏٺو ته اهو ساڳيو نوجوان هو، جنهن پهرين به سوال ڪيو هو. هن وري پروفيسر ڏانهن نهاريو، جنهن جي منهن تي وري ڪنهن عجيب نا اُميديءَ جون ريکائون ڦهلجي ويون.

پروفيسر پنهنجي سامهون ويٺل ان نوجوان ڏانهن نهاريو، پر اها نهار ان نوجوان کان گهڻو پري، آئيندي جي ڪنهن ڏنڌ کي گهوري رهي هئي، ۽ پوءِ هن جي آواز ۾ هلڪي ڏڪڻي اچي ويئي، جنهن سيني کي وري اُداس ڪرڻ سان گڏ، هڪ عجيب خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو، ڇڻ ته پروفيسر مٿن ڪنهن اهڙي واردات جو ڏسُ ڏيڻ وارو هو، جنهن کي روڪڻ کان هو بنه بيوس لاچار هئا!

"ٿيندو اهو جيڪو هميشه تاريخ ۾ ٿيندو آيو آهي. اسان وٽ به ڪجهه وقت اندر هڪڙو وڏو ڏماڪو ٿيندو؛ اهڙو ڏماڪو جنهن جو بڻ بڻياد ان وقت پئجي چڪو هو، جڏهن هي ملڪ ٺهيو، ۽ پوءِ ان تي جيڪا دوکي جي ديوار کڙي ڪئي ويئي، سا ڏڙام ڪري ڊهي پوندي. منهنجي اکين جي ديد گهٽجي ويئي آهي، پر منهنجي اندر جو نور مون کي اهو ڏيکاري رهيو آهي ته ان دوکي جي ديوار کي ڊاهڻ لاءِ اسان جا بنگالي ساٿي اهو ڏماڪو ڪندا. ظلم ۽ پرماريت جڏهن هڪ حد ٽپي ويجي، ڪنهن قوم جي شناخت ختم ڪرڻ لاءِ، هن تي ڪافر هجڻ جي تهمت هنئي ويجي ته سمجهو ته اها قوم، پنهنجي بچاءَ جو آخري هٿيار- بغاوت -کي هٿ ۾ کڻڻ ۾ دير ڪانه ڪندي. بنگالي اهوئي ڪجهه ڪرڻ وارا آهن؛ الله شل سندن ساٿي ٿئي. ان قسم جون بغاوتون هزارين لکين جانين جي قرباني گهرنديون آهن. خدا ڪري ته ان ۾ انسانن جو رت ايترو نه وهي جو انسان جو انسانيت مان ايمان نڪري ويجي....!

"....پر بنگالي پنهنجي بغاوت ۾ ڪامياب ٿين يا نه، ٻنهي صورتن ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ آءٌ هڪ خوفناڪ دور ڏسي رهيو آهيان؛ بنگالين ۾ سياسي شعور آهي، ٻڌي آهي. تعليم آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن جي ذهن ۾ موڃهارا پيدا

ڪرڻ جي، اسلام جي نالي ۾ تفرقي بازي پيدا ڪرڻ جي سازش کي سمجهڻ جي ساڃه آهي. ٻئي طرف سنڌي ڇڙوڇڙ آهن، سنڌن سياسي شعور ايا بانبڙا پيو پائي، منجهن علم ڪونهي، ڪين اسلام جي نالي تي ڀنيلائي سگهجي ٿو! بنگالين پنهنجي ٻنهي محاذن ۽ مورچن- شهرن ۽ ٻهراڙين -کي هڪڙي ئي سڳي ۾ پوئي، پنهنجي ڳچيءَ جو هار بنائي ڇڏيو آهي. سنڌي شهرن مان بيدخل ٿي رهيا آهن، سنڌن ڳوٺن جو ٻه رت ست چوسي ڪين چيٽاڙي، مريض بڻائي ڇڏيو ويو آهي. پنهنجي شناخت ته پري رهي، سنڌ ۽ سنڌين جو وجود به اهڙي جوکم ۾ آهي، جو مون کي سموري تاريخ ۾ اهڙو دور نظر ڪونه ٿو اچي! سنڌ جو رت شايد ڏاڍو مٺو آهي، جو هر ڇوڙ ان کي چهٽي پئي آهي. جڏهن ڇوڙن مان ئي اسين پنهنجي جند آزاد نٿا ڪري سگهون ته اٽ- ٽنگي سان ڪيئن پڇي سگهبو، سو مون کي به سمجه ۾ نٿو اچي.....

"ممڪن آهي ته اوهان جوانن کي اهڙي مت اچي، جيڪا اسان جهڙن نوڙيءَ مان نانگ ڪرڻ وارن پَر-متڙين جي تجربن جي اُبتڙ، ڪا نئين راهه ڳولي ڪڍن، ڪو سائنسي معجزو ڪري ڏيکارين. آجپو ۽ آزادي ڏاڍين قربانين کان پوءِ ملندي آهي. ڏارين بيٽڪي حاڪمن کان آجپو حاصل ڪرڻ ۾ جيڪي قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون، ان جي مقابلي ۾ ديسي بيٽڪي راڄ مان جند آزاد ڪرائڻ ۾ اُن کان ڏهوڻيون قربانيون ڏيڻيون پون ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن ته قومون ايترو ماريون ويون آهن، ايترو ته چيٽاڙبيون آهن، جو محسوس ئي ڪونه ٿيندو آهي ته ڪو ان ۾ ساه ۽ ساڃه، سگهه ۽ مت بچي به آهي يا نه. نالو ئي ميسارجي ويندو آهي. پر جيڪڏهن علم آهي، ساڃه آهي، جذبو آهي، پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکڻ جو اونو آهي، ته تاريخ جي ڪنهن به موڙ تي، قومي ڇوٽڪارو ملي سگهندو آهي.....

"ان ڪري جن کي ايا ڪجه درد دل ۾ اهي، تن کي ان اٽ-ٽنگي تي وار ڪرڻو پوندو. ان جي گردن تي وار ڪرڻ ۾ شايد ايا ڪجه وقت لڳي ڇاڪاڻ ته ڌرم ڪرم ۽ مذهب جي ڍال هن جي گردن آڏو آهي. ان ڪري اسين اوهين فقط اهوئي ڪري سگهون ٿا ته هن جي ڪائو ٽنگ کي مضبوط ٿيڻ نه ڏيون. اوهين جوان ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ گهڙي پئو- ڪين تعليم ڏيو، ڪين تربيت ڏيو، ڪين پنهنجي خالق ۽ رازق هجڻ جو اعتماد ڏيو- اهائي هڪ خدمت آهي، جا

اوهين بجا آئي سگهو ٿا! باقي تاريخ جي سگهه تي ڇڏي ڏيو!"

پروفيسر جي ڳالهائڻ جو انداز اهڙو هو، جڻ ته هو لفظن ۾ تصوير ڪڍندو ٿي ويو. ۽ ٻڌندڙن تي جڻ ته هن جادو ڪري ڇڏيو هو. انوءَ لاءِ هي ڳالهيون نه رڳو نيون هيون، پر هن جي دماغ ڪڏهن اهڙي ڪا گڏيل، مشترڪ ۽ اجتماعي ڳاله سوچي به ڪانه هئي. هن کي اڄ پهريون ڀيرو احساس ٿيو ته ڪي انسان ٻين لاءِ به زنده رهي سگهن ٿا، ۽ اجتماعي زندگي به ذاتي زندگيءَ جو هڪ حصو ٿي سگهي ٿي. پنهنجا ڏک درد ڪنهن ڪُلَ جي دکن دردن جو هڪ حصو به ٿي سگهن ٿا. پر هن کي حيرت ان ڳاله تي هئي ته پروفيسر جيڪي ڪجهه چيو ٿي، ان ۾ سمايل سچ کي سمجهڻ ڪيترو نه سولو، ڪيترو نه آسان هو. پر هي سچ انوءَ جي ذهن کان گهڻو ڳرا هئا، جيڪڏهن اهي سچ هن کي آئڙندا به، ته به ايترو اوچتو ڪڏهن به نه آئڙندا. سڄي محفل تي هڪ عجيب سنجيدگي سمائجي ويئي هئي، جنهن کي ٽوڙڻ جڻ ته گناه هو، پر اهو گناه وري به پروفيسر پنهنجي سرَ تي کنيو.

"اڙي اوهين سڀ ته اهڙا سنجيده ٿي ويا آهيو، جڻ ته ڪو اٽ-تنگو اوهان کي ڳڙڪائڻ وارو آهي!" پروفيسر کلندي چيو. سڀني جي چهرن تي مرڪ موٽي آئي. ڪجهه وقت ته ائين ڳالهيون ٿينديون رهيون، ۽ پوءِ محفل ۾ آيل ٻاهريان ماڻهو موڪلائي هليا ويا.

"پٽ، تنهنجي چهري ۾ هڪ عجيب ڪشش آهي. ائين پيو سمجهان جڻ ته مون توکي ڪٿي اڳي ڏٺو آهي- ڪٿي؟ سو ياد نه ٿو پوي، ۽ هاڻ آءٌ پوڙهو به بنه جهور ٿي ويو آهيان. ڇا ڪندو آهين؟"

"جي جي، نوڪري ڪندو آهيان!" انوءَ ايندڙ سوالن کان هينئر ئي گهبرائڻ لڳو هو.

"تنهنجي عمر ته ايڏا پڙهڻ جي آهي، پر ڀانيان ٿو ته حالتن توکي ايتري ننڍي عمر ۾ نوڪري ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو آهي!" پروفيسر جڻ ته ڪيس جواب جي زحمت کان بچائي ڇڏيو.

"تنهنجا مائٽ ڪٿي ٿا رهن؟" پروفيسر اوچتو سوال ڪيو.

"مائٽ؟ منهنجو ڪوبه مائٽ ڪونهي!" هن ڪجهه اهڙي انداز سان جواب ڏنو، جڻ ته پروفيسر بدران پنهنجي پاڻ کي جواب ڏيندو هجي!

"اوهو، معاف ڪجانءِ! مون کي خبر نہ هئي!" پروفيسر همدرديءَ ۾ چيو،

"هت ايندو رهہ. توکي ڏسي مون کي ڪي پراڻا زمانا ياد اچي ٿا ويحن! هاڻ اوهين ٻئي جوانڙا ويهي ڪچهري ڪريو. آءٌ پوڙهو مڙس ويجي ڪجهہ آرام ڪريان!" پروفيسر اٿيو تہ انو بي ساختہ اٿي بيهي رهيو. ايتري ٿوري ملاقات ۾ هن کي پروفيسر لاءِ اٿاهہ عزت پيدا ٿي پئي هئي.

پروفيسر جي ويجهڙ کان پوءِ، چترڪار هن سان پنهنجي نين تصويرن متعلق ڳالهيون ڪندو رهيو. ۽ پوءِ هن اوچتو چيو: "يار، ان ڏينهن تون مسز انور جي دعوت ۾ نہ آئين. هن توکي ڏاڍو ياد ڪيو، ۽ شڪايت پئي ڪيائون."

"آءٌ بيماريءَ جي ڪري اچي نہ سگهيس!" انوءَ ڪوڙ ڳالهايو.

"هل تہ هينئر هلون!"

"هينئر؟.... نہ نہ، وري ڪڏهن ٻئي ڀيري هلنداسون!" انو ان ملاقات جو تصور ڪندي ئي ڊڄي ويو.

"ڪو خاص ڪم تہ ڪونہ اٿئي نہ؟"

"نہ، ڪم تہ ڪونہ اٿم."

"تہ پوءِ هل تہ هلون. هو ڏاڍا سٺا ماڻهو آهن. تنهنجي طبيعت وندري ويندي. هو اهڙا ماڻهو آهن جن لاءِ چئبو آهي تہ "ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي!"

چترڪار هن تي ايترو زور ڀريو، جو هو نيٺ هلڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

****

هو ٻئي ڇڻا جڏهن اتي پهتا تہ مسز انور کي لان ۾ ڪو ڪتاب پڙهندي ڏٺائون. هنن کي ڏسي هوءَ ڇڻ تہ اتاولي ٿي اٿي بيهي رهي.

"سليم، تون ڪٿي هئين؟ ڪلهہ ڇو نہ آئين؟" هن ڇڻ تہ ناراض ٿي چيو.

"ڪلهہ بابا جي هڪ دوست وٽ ويٺو هو. اتان موٽندي دير ٿي ويئي. ان ڪري نہ اچي سگهيس!" مسز انور جي ناراضگي گهٽ نہ ٿي. پر انوءَ کي ڏسي، هن وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چيو. ان ڏينهن وانگر اڄ بہ مسز انور ڇٽائي ڇٽائي، هن جي منهن کي گهورڻ لڳي، ۽ هن کي اها گهور ڏاڍي ڏکي لڳي.

"اوهان ان ڏينهن اسان جي پارٽيءَ ۾ نہ آيا؟" مسز انور هاڻ انوءَ سان شڪايت ڪندي چيو.

"ڪجهہ بيمار ٿي پيو هوس. مون کي افسوس آهي جو آءٌ اچي نہ سگهيس،" هن مختصر جواب ڏنو. مسز انور هن کي وري نئين سر گهورڻ لڳي. ائين ٿي محسوس ٿيو ڇڻ تہ هن کي انوءَ جي شڪل پسند نہ هئي. پر ساڳئي وقت ان ۾ ايتري ڪشش هئي، جو هن کي ڏسڻ کان رهي بہ نہ ٿي سگهي. انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ مسز انور کي هن جو اچڻ پسند نہ هو، ان حساس تي هن کي شرمندگي ٿيڻ لڳي. ائين ڇو آهي؟ هن جي شخصيت ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي، جا هن جي قبولجڻ جي آڏو اچي رهي آهي، ۽ هن اها ڳالهہ معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ چور نظر مسز انور تي وڌي. غضب خدا جو! هوءَ ڪيتري نہ حسين عورت آهي؛ اهڙي سونهن تہ تصور ۾ بہ اچڻ ناممڪن آهي. هو اهو فيصلو ڪري نہ سگهيو تہ چترڪار جي ڦهيل تصوير وڌيڪ حسين هئي يا مسز انور پاڻ. ۽ خاص ڪري هن جي ڳچي، هن جون اکيون، هن جا چپ، هن جي پيشاني، هن جو نڪ، هن جي ٻرن جي ڇانو، هن جي ڳلن جو اڀار، هن جي چپن جا وَنگ.... ڪنهن بہ ميڪ اپ کان سواءِ هي حسن، هي سونهن هن دنيا جي معلوم ئي نہ ٿي ٿي!

پوءِ اوچتو هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته مسز انور کي هو بنه وسري ويو، يا هُن هن تي ڪا نظر وجهڻ به نه ٿي گهري. هو چترڪار سان ڳالهين ۾ اهڙو محو ٿي ويئي، جڻ ته هن جي موجودگي، هن جو وجود ئي نه هو؛ تصويرن، ڪتابن، ڪپڙن، سير ڪرڻ، سمنڊ جي ڪناري، واريءَ ۽ چولين متعلق هو اهڙي طرح پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا، جن ته اهي شيون هنن جي جسمن جو حصو هيون، هنن جي بنه شخصيت جو جُزُ هيون، ۽ هنن انهن شين بابت ڪيتري نه محبت، ڪيتري نه پيار ۽ امنگ سان ٿي ڳالهايو!

انو سوچڻ لڳو ته هنن جي ڳالهين ۾ هن جي حيثيت ڪنهن اوپري ماڻهوءَ جي هئي، ۽ پنهنجائپ ۽ ويجهائيءَ جي هن ننڍڙي دنيا ۾ هن جو ڪوبه گذر نه هو، ان ڪري هن کي موڪلائي هلڻ گهرجي. ايڪا اهو اٿڻ تي هو ته سورٺ ڊوڙندي هنن ڏانهن آئي، پر انوءَ کي ڏسي هڪدم ڇمي بيهي رهي. هن کي ڪنهن ڏاريئن ماڻهوءَ جي اتي هجڻ جي ڪا اميد ڪانه هئي. هوءَ ڪجه ايترو پريشان ٿي ويئي، جو هن لاءِ پنهنجي سهڪ تي قابو پائڻ مشڪل ٿي پيو هو، ۽ هن کي اها سورٺ ڏاڍي وٺي، جا پنهنجي پريشانيءَ کي لڪائڻ لاءِ اک ۾ ڪک پوڻ جو بهانو ڪري اک کي مهٽڻ لڳي.

مسز انور جڻ ته پنهنجو وجود وساري ويٺي. هڪدم سورٺ وٽ پهچي ويئي؛ "آءٌ صدقي ويان! ڇا ٿيو، منهنجي راڻي؟" انهن لفظن ۾ مسز انور جي سموري سونهن لهي آئي.

"الائجي، اک ۾ ڇا پئجي ويو؟"

"ڏسان ته...." ۽ مسز انور هن جي اک کي هٿ جي ٻن آڱرين سان کولينديءَ، ڪجه نهارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ڪجه به نظر نه آيو. پر ساڙيءَ جي پلاند کي اک تي رکي هڪ ٻه ڦوڪون ڏنائين ته سورٺ چيو "بس امي، پانيان ٿي ليڪ ٿي ويئي!"

ان سڄي وقت ۾ چترڪار ۽ انو اٿي بيهي رهيا. مسز انور سورٺ سان گڏ وري اچي ڪرسيءَ وٽ پهتي.

"اڙي، اوهين بيٺا ڇو آهيو؟ ويهو نه، هيءَ منهنجي ڌيءَ آهي سورٺ. هي سليم جو دوست انور آهي!"

سورٺ هن کي اڌ نظر سان ڏٺو، پر ان نظر ۾ حجاب ۽ حيا جو اهڙو جادو هو، جو

انوءَ کي پنهنجي دل نندڙي نندڙي ٿيندي محسوس ٿي، ۽ ان سان گڏ هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته هن جي جسم ۾ هوا پرجڻ لڳي هئي، ۽ هو زمين کان مٿي کڻڻ لڳو هو؛ هڙو احساس هن ڪڏهن به پاڻ تي حاوي ٿيندي نه ڏٺو هو. عجيب نواڻ هئي هن احساس ۾!

"امي، پاپا جو ٽيليفون آيو هو ته هو بس اچڻ وارو آهي!" سورٺ پنهنجي ماءُ کي مخاطب ٿيندي چيو.

"ڪٿان ڪيائين ٽيليفون؟" مسز انور پڇيو.

"پراڻي بنگلي تان!"

"تو پڇيس ڪونه ته ايتري دير ڇو لڳي اٿس؟"

"مون شڪايت ڪئي ته چيائين ته ڪي ماڻهو ساڻس ملڻ آيا هئا، انهن سان ڳالهائڻ ضروري هو."

"تو سليم کي پنهنجي نئين تصوير ڪانه ڏيکاري،؟" مسز انور جڻ ته سورٺ کي ڪا ڳاله ياد ڏياريندي چيو.

"سليم کي منهنجي لاءِ وقت ئي ڪٿي آهي؟"

"ڏس، سورٺ پنهنجو وري جهيڙو ٿيندو؛ مون ڪڏهن انڪار ڪيو، تنهنجي تصويرن ڏسڻ کان؟" چترڪار جڻ ته خفي ٿيندي چيو.

"ته هينئر وڃي ڏس نه!" مسز انور چيو.

"نه بابا نه، آءٌ اڪيلو اهي تصويرون ڪڏهن نه ڏسان، مرڪو رات جو خواب ۾ ڊيڄوڙو ٿيندم!" چترڪار کي شايد سورٺ کي ڇيڙڻ ۾ مزو ٿي آيو.

"امي، سمجهائينس نه ته.... پاڻ جڻ ته ڏاڍيون سٺيون تصويرون ٿو ٺاهي، هون! هڪ ٻن تصويرن جي تعريف ٿي ته پاڻ کي عظيم فنڪار ٿو سمجهي، "ايگوئسٽ" ڪنهن جاءِ جو!" سورٺ هاڻ ناراض ٿي چڪي هئي، ۽ سندس منهن تي چترڪار کان ويرولڻ جون ريکائون ايري آيون هيون.

"فنڪار ته سمورا ايگوئسٽ ۽ خود پسند ٿيندا آهن. مونکي ته رڳو اهو اعتراض آهي ته جيڪي فن جي نه 'ف' جاڻن نه 'ن'، سي به ايگوئسٽ ٿيندا وڃن!" چترڪار جڻ ته مسز انور کي دانهن ڏني.

مسز انور هڪ عجيب پياري نظر سان ٻنهي کي ڏسي رهي هئي. هي جهيڙو، هي مزاج انوءَ جي ڪنهن تصوراتي دنيا ۾ به وارد نه ٿيو هو. هو ته محض ڳالهين ٻڌڻ

جي بهاني سورٽ کي ڏسندو رهيو. هو هن حسن جي پيڪر کي ائين ڏسندو رهيو جڻ تہ فن جي بحث جو ڪو وڏو نقاد هو، جو هنن جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهيو هو.

دراصل هو محض پنهنجي دل، پنهنجي ذهن، ۽ پنهنجي جسم کي ان احساس کان آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، جيڪو سورٽ جي موجودگيءَ جي ڪري پيدا ٿي رهيو هو، ۽ اهو احساس هو هيتري معصوميت، هيتري سونهن سندرتا اڳيان هن جي پنهنجي شخصيت، پنهنجي ڪردار جي ڪُجَسي ۽ بيچڙي هجڻ جو احساس! هن جو احساس شرمندگيءَ کان بہ اڳيرو هو؛ هو پاڻ کي پهريون ڀيرو گنهگار محسوس ڪري رهيو هو. ۽ مهڙي حسين ۽ پاڪيزه ماحول ۾، هو اچي ڀَتَ ۾ ڪهر وانگر نازل ٿيو هو.

مسز انور چيو: "ڪير ايگوئسٽ آهي؟ ڪير نہ، ان جو فيصلو هينئر ٿي سگهي ٿو؛ تون پنهنجون تصويرون ڪٽي اچ!"

سورٽ ڪاوڙ مان اٿي گهر اندر هلي ويئي، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ بہ تصويرون پاڻ سان کڻي آئي. تصويرون چترڪار کي ڏيڻ جي بدران مسز انور جي اڳيان کڻي رکيائين. مسز انور مرڪندي چترڪار کي اشارو ڪيو.

چترڪار هڪ ويڙهيل تصوير کي کوليو، ۽ انوءَ جي نظر بہ ان تصوير تي پئي؛ ان تصوير ۾ بہ سورج مکي گل سج جي ڪرڻن جي زَدَ ۾ ڏيکاريل هئا. هڪڙو گل انهن ڪرڻن جي ڪري ڪُلندو، تڙندو ٿي نظر آيو، ۽ ٻيو ڪومائجندو، مَرندو ٿي نظر آيو. ٻئي گل هڪ ئي ڏانڊيءَ مان ڦٽي نڪتا هئا. ۽ ٻنهي گلن کان ٿورو دور هڪ پوڙهو ڀري رهيو هو. تصوير ۾ سورج مکين جو پيلو رنگ ايترو تہ گهرو هو، جو سج جي ڪرَڻن کي مات ڪندو ٿي نظر آيو، ۽ جڻ تہ اکين ۾ چيي رهيو هو. ان ۾ سج جي ڪرڻن جي پيلاڻ ڪجھ اهڙي سرخيءَ سان گاڏڙ هئي، جا جڻ تہ ڪومايل گل جي خون جو عڪس بڻجي ويئي هئي. انوءَ کي تصوير بيحد پسند آئي. هن کي الائي ائين ڇو محسوس ٿيو تہ اها تصويرمسز انور ۽ سورٽ جي زندگين جو عڪس هو. مسز انور 'ڪالھ' جو عڪس هئي، جو 'اڄ' جي سورٽ ۾ بکي رهيو هو، ۽ هڪ سونهن محض ٻي سونهن کي جنم ڏيئي رهي هئي. چترڪار بہ ڪجھ وقت تہ تصوير کي هڪ اهڙي نظر سان ڏسندو رهيو، جن تہ هن کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي آئي، ۽ پوءِ ائين ٿي ڀانيو تہ

سمجھ سج جي ڪرڻن جي باڪن مان هن جي چهري تي ڇائنجندي ٿي ويئي. پر اها سمجھ شرارت جي گهنڊ ۾ لڪندي ٿي ويئي.

هن گنيير ٿيندي چيو: "پيلو رنگ بيماريءَ جو سمبل ۽ اهڃاڻ آهي، پر هت اها خبر نہ ٿي پوي تہ گل بيمار آهن، سج بيمار آهي يا....!"

"چئہ نہ، چُپ ڇو ٿي وئين؟" سورٺ شوڪجي چيو.

"يا... فنڪار؟!" هن ساڳي گنيرتا سان چيو.

"يا پرڪڻ وارا!" سورٺ ساڳي شوخيءَ مان چيو.

"۽ هي عنوان "ڪلهہ ۽ اڄ" تہ نهايت ئي غير موزون آهي! ڪيئن انور؟"

اوچتو چترڪار انوءَ کي مخاطب ٿيندي چيو. انوءَ کي ان سوال جي ڪابہ اميد نہ هئي. هو ڇڻ تہ پنهنجي ڪنهن دنيا مان موٽي آيو، جتان هن موٽڻ نہ ٿي گهريو.

"آءٌ فَنَ ہَنَ مان ڪجھ نہ ڄاڻان. باقي تصوير نهايت سهڻي آهي. آءٌ جيڪر ان کي "ڪرڻن جي دنيا" سڏيان!" انوءَ نهايت معصوميت مان جواب ڏنو.

"اڙي واهہ، اهو عنوان تہ واقعي ڏاڍو سهڻو اهي!" مسز انورڪان بي ساختہ نڪري ويو.

"ڪيئن سورٺ؟"

سورٺ ڇڻ تہ شڪرگذاريءَ جي نظرن سان هن کي ڏٺو. ان هڪڙي نگاهہ هن جي وجود ۾ وڃون چمڪائي ڇڏيون، ڇڻ تہ يڪايڪ هن جي آس پاس، هن جي چؤطرف، حد نظر تائين هڪ اهاڻ بکڻ لڳو هو. ان عنوان تي چترڪار کان بہ ڇڻ تہ ڇرڪ نڪري ويو.۽ هُن بہ هڪ مجهيل نظر سان انوءَ کي ڏٺو. هن جي شرارت جو ڇڻ تہ ڪُنو ڀڄي پيو، ۽ هن چيو:

"ان عنوان سان تصوير لاجواب شي ٿي پوي ٿي!"

"شڪر آهي ميجئہ تہ سهي!" سورٺ ڪيس چيڙائڻ لاءِ چيو.

چترڪار ڪجھ چوڻ تي هو، پر دروازي مان هڪ ڪار جي اندر اچڻ جو آواز ٻڌي هن پاڻ کي روڪي ڇڏيو. ڪار کي ڏسندي مسز انور ۽ سورٺ هڪ نئين اتساهہ مان اٿي بيهي رهيون، ۽ انوءَ ڏٺو تہ هڪ قداور ماڻهو ڪار مان لهي، مرڪندو هنن ڏانهن اچڻ لڳو. انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ ان ماڻهوءَ کي هن ڪٿي ڏٺو هو، پر هو فيصلو نہ ڪري سگهيو تہ ڪٿي ۽ ڪڏهن هن کي

ڏلو هئائين. سورٽ اڳتي وڌي ان ماڻهو تائين ڇڻ ته ڊوڙندي ويئي. "پاپا، اسان سورج مکين واري تصوير جو نالو مٽائي "ڪرٽن جي دنيا" رکيوآهي!" ايندڙ ماڻهو پيار ۽ لاڏ مان هڪ ٻانهن سان ڳراتي پائيندي چيو: "اڙي واه، نالو ته واه جو آهي!"

"اهو نالو سليم جي هن دوست تجويز ڪيو آهي!"

ان ماڻهوءَ پهريون پيرو، سامهون بيٺل اجنبيءَ ڏانهن نهاريو. انو سيني کي اڻي بيهندو ڏسي، خود به اڻي بيهي رهيو هو. ايندڙ ماڻهوءَ جنهن نگاه سان هن اجنبيءَ کي ڏٺو اها نگاه ڇڻ ته ڪنوڻ وانگر انوءَ کي چنبڙي ويئي. ائين ٿي پانيو ڇڻ ته ڏسندڙ ڪا وڃايل شي ڳولي لڌي هئي، ۽ اها نگاه ڏٺل بدران ڏسندڙ کي ڏنگيندي ويئي. ان نگاه جي ابتدائي اجنبيت ۾ هڪ اچرج، هڪ حيرت ۽ غير يقيني ڪيفيت پيدا ٿيندي ويئي. چترڪار به گهڙي ڪن ان نگاه کي ڏسندو رهيو، مسز انور به ان نگاه ۾ نيڻ اٽڪائي ڇڏيا. سورٽ ۾ فقط ان نگاه هڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ جذبو پيدا ڪيو، ۽ پوءِ چترڪار جي اکين ۾ هڪ ڄاڻ موتي آئي: هي به انور ڪيترو نه همشڪل هئا! چترڪار ڇڻ ته ان پنهنجي ڪوجنا کي پاڻ تائين محدود رکڻ لاءِ ان نگاه کي ڇنڻ لاءِ چيو.

"هي منهنجو دوست آهي انور، ۽ انور، هي آهي سورٽ جو والد مسٽر انور!" انور انوءَ هٿ ملائيندي شفقت مان پڇيو: "ڪٿان جا آهيو اوهين؟"

"جي!؟" انوءَ اهڙيءَ طرح جواب ڏنو، جنهن مان اها خبر نه ٿي پئي ته هن سوال نه سمجهيو يا اها هن جي گهبراهٽ هئي.

"منهنجو مقصد آهي، ڪٿان جا ويٺل آهيو؟"

"جي، هتي جوئي...."

"خاص شهر جا، يا....؟"

"جي ها، خاص شهر جو!" انوءَ کي هن پيري ڪوڙ ڳالهائيندي ڪا تڪليف نه ٿي. هو ايتري ۾ پاڻ سنڀالي چڪو هو، ۽ هر سوال لاءِ تيار هو.

"اوهان جو والد ڇا ڪندو آهي؟" انور هي سوال اهڙي انداز سان ڪيو، ڇڻ ته هن کي انوءَ تي اعتبار نه آيو.

"'بزنس' ڪندو هو هتي، پَر سال گذاري ويو،" هن جي لهجي ۾ ڪابه اٽڪ نه هئي.

"اوهه، ڏاڍو افسوس ٿيو اهو ٻڌي. ڪهڙو ڏنڌو ڪندا هئا؟" انور ايا بہ ڪنهن شڪ ۾ هو.

"جي، امپورٽ ايڪسپورٽ!"

"اوهه، معاف ڪجو، آءٌ آءٌ ايترا ذاتي سوال اوهان کان پڇندو ٿو وڃان. آءٌ رڳو ان ڪري ٿو پڇان متان ڪا واقفيت نڪري پوي. مون کي بہ هن شهر ۾ ورهيہ گذريا آهن. ڪڇ وقت کان ڏنڌو هونِ يا؟"

"جي ها، دراصل ڏنڌو تہ اسان جي ڏاڏي شروع ڪيو هو!"

انوءَ کي هاڻ ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ ڇڻ تہ هڪ مزو پئي آيو.

"وڏي خوشي ٿي اوهان سان ملي.... اوهين سليم جا دوست آهيو تہ ڇڻ تہ اسان جا دوست آهيو. هن گهر کي پنهنجو سمجهي ايندا ڪريو!"

"جي، مهرباني!"

ان سڄي گفتگوءَ جي دوران مسز انور پنهنجي مڙس کي ائين ڏسندي رهي، ڇڻ تہ هن جي احساسن ۽ جذبن کي پروڙڻ ۽ انهن جي تہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. هن کي نہ رڳو ٻنهي جي شڪلين جي هڪجهڙائيءَ تي اچرج هو، پر انور جي چهري جا غير يقيني تاثر هن لاءِ هڪ ڳجهارت بڻجي ويا هئا. ڇا هو هن جي نظرن ۾؟ انور هن کي اهڙين نظرن سان ڇو ٿي ڏٺو، جن ۾ سيڃاڻپ لهي آئي هئي، پر ڪو شڪ ان سيڃاڻپ کي غير يقيني ڇو بڻائيندو ٿي ويو؟

انور جي انهن غير يقيني تاثرن ۽ سوالن کان پريشان نہ ٿيندي بہ ڇڻ تہ انوءَ جي ذهن جي هڪ خاص تند ڪنهن نامعلوم وسوسي کان لرزڻ لڳي هئي. هن جي دل اهو ٿي گهريو تہ اهو سلسلو ختم ٿئي تہ چڱو. ان جو هڪ سبب ٻيو بہ هو. انهن سوالن جي جوابن تي سورٽ جي منهن تي ورچي پوڻ جا آثار نمايان ٿيڻ لڳا هئا، ۽ الائجي ڇو هن نہ ٿي چاهيو تہ هن سان تعلق رکندڙ ڪنهن ڳالهہ مان سورٽ ورچي پوي. هن ڇڻ تہ ٻاڏائڻ واري انداز سان چترڪار ڏانهن ڏٺو، جنهن مرڪي ڳالهہ کي ڦيرائيندي چيو، "آرٽسٽ صاحب جي ٻي تصوير ڪٿي آهي؟"

سڀ ڇڻ تہ هڪ خير حقيقي دنيا مان موٽي آيا. سورٽ وري پاڻ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پيءُ جي زياده ويجهو ٿي ويٺي، ۽ ٻي تصوير جو ويڙهو کولڻ لڳي. جڏهن ڪاغذ کليو، تڏهن چترڪار جي چپن مان هڪ اهڙي سينڌ جو آواز نڪتو، جنهن کي محسوس ڪري هو پاڻ بہ گهبرائجي ويو. پر پنهنجي پاڻ تي

ضابطو رڪندي هن چيو: "مڃو پوندو تہ ڪي آرٽسٽ 'شيزوفرينڪ' ٿين ٿا!"

هن اهو ڪجھ اهڙي انداز چيو جنھن مان اها خبر نہ پئجي سگھي تہ هن سنجيدگيءَ سان چيو يا چرچي مان. انوءَ کي اهو جملو سمجھ ۾ نہ آيو: اهو انگريزي لفظ هن جي دنيا کان مٿيرو هو.

"بابا، ڏسو ٿا مون کي 'شيزوفرينڪ' ٿو سڏي!" سورٺ منھن ۾ گُھنڊ وجھندي چيو.

"چاچا، مون تہ آرٽسٽ جي ڳالھ ڪئي. هيءَ آرٽيسٽ ٿوروئي آهي!" چترڪار پنھنجو بچاءُ ڪندي چوٽ ڪئي.

انور ۽ مسز انور ڪلڻ لڳا. انو چترڪار کان تصوير وٺي غور سان ڏسڻ لڳو. هن کي اهو احساس هو تہ سيني جون نظرون هن تي هيون. هو ان انتظار ۾ هئا تہ هن جي تصوير متعلق ڪھڙي راءِ هئي. هيءَ تصوير بہ هن کي ڏاڍي وٺي. ان تصوير ۾ مختلف رنگن جي گولن، ٽڪنڊن، چورسن ۽ مستطيلن جي بيھڪ مان ھڪ عورت جي شڪل ٽن مختلف زاوين سان نظر ٿي آئي: ھڪ زاويي مان هن جي چھري تي هراس ڇانيل هو، ھڪ زاويي ۾ ائين ٿي پيانيو تہ عورت پنھنجي پاڻ کي ڏسي خوش ٿي رهي هئي؛ ۽ ٽئين زاويي ۾ اهائي عورت ڪنھن ھڪ عجيب ڏک جو احساس ظاهر ڪري رهي هئي. ان تصوير جي ٽنھي زاوين ۾ ايتري ڪشش هئي، جو هو ڪو وقت انھن کي گھوريندو رهيو.

"ڇا خيال آهي تصوير متعلق، انور؟" چترڪار ھڪ معنيٰ خيز مرڪ سان پڇيو، جڻ تہ هن کي خاطري هئي تہ هو ضرور تصوير جي ساراہ ڪندو.

"جي،....." ۽ هو منجھي پيو. هن کي اظهار جي لفظن جي ڪوٽ ستائڻ لڳي.

انور جڻ تہ هنجي ازغيبي مدد ڪئي، ۽ هن سورٺ کان پڇيو.

"تصوير جو عنوان ڪھڙو مقرر ڪيو اٿئي؟"

"ڪو سٺو عنوان سُجھي ئي ڪونہ ٿو. "شخصيت" ڪيئن ٿيندو؟" سورٺ پيءُ کان سوال ڪيو.

" سٺو نالو آهي. پر هن ۾ ھڪ شخصيت جي بدران ٽي شخصيتون آهن. ڇو نہ نالو "شخصيتون" رکجيس!" مسز انور چيو.

"آءٌ تہ جيڪر نالو رکانس "دبي ۾ ٽڪريون"!" سليم وچ ۾ چئي ڏنو، ۽ مسز انور کان ڪل نڪري ويئي.

"تون آهين بہ تہ خالي ڊهلو!" سورٺ چترڪار جي دماغ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. هن اهو ايترو بيساختہ چيو، جو انور ڪان ٽهڪ نڪري ويو، ۽ انوءَ ڪان بہ ڪل ڇٽي ويئي.

"انور، تنهنجو ڇا خيال آهي، ڇا نالو رکجيس؟" چترڪار پاڻ تان ڪِلَ هٽائڻ لاءِ شرارت مان چيو.

"آءٌ ڇا چوان؟ آءٌ تہ جيڪر ان کي 'پاڇا ۽ پڙلاءَ' نالو ڏيان!" اهو هن ايتري معصوميت مان چيو، جو انهن لفظن جو اثر آهستي آهستي پيدا ٿيو، ۽ سمورو مجموعي تاثر سورٺ جي هٽ جي جنبش مان ظاهر ٿي آيو؛ هن پنهنجي ننڍڙي "پرس" مان اتاولائيءَ مان هڪ ڪارو چاڪ ڪڍيو، ۽ تصوير جي هيٺان عنوان لکيائين؛ "پاڇا ۽ پڙلاءَ!" هن اهي لفظ لکندي لکندي انوءَ بدران چترڪار ڏانهن هڪ عجيب نظر سان ڏٺو. جيتوڻيڪ اها نگاهہ چترڪار تي ڦهلجي ويئي، پر انوءَ کي الائي ڇو پنهنجي ڪراين ۽ پيرن جي مُرين ۾ رت وڌيڪ تيزيءَ سان گردش ڪندو محسوس ٿيو، ڇڻ تہ هن جي هٿن ۽ پيرن ۾ نسون ڦنڊجڻ لڳيون هيون!

"يَرَ، تون پڪ ئي پڪ شاعر آهين. رڳو اسان ڪان لڪائيندو ٿو وتين!" چترڪار سنجيدگيءَ سان چيو.

"واقعي، نهايت سهڻو نالو آهي!" انور ڪجهہ سوچيندي چيو.

ان وقت هڪڙي نوڪر اچي چيو؛ "سائين، ماني تيار آهي!" هن جو اهو اطلاع ڇڻ تہ هنن کي آرٽ جي دنيا مان موتائي پيٽ جي هن دنيا ۾ ڪڍي آيو. مسز انور اٿي بيٺي ۽ چيائين؛ "آءٌ هلي ٿي ماني لڳرايان!" ۽ گهر اندر هلي ويئي. انو بہ اٿي بيهي رهيو ۽ چيائين؛ "مونکي هاڻ اجازت ڏيو!"

"نہ نہ، ائين ڪيئن ٿيندو، ماني ڪائي ويجو!" انور شفقت مان چيو. انوءَ بيوسيءَ مان چترڪار ڏانهن ڏٺو، پر چترڪار هن جي ڪا مدد نہ ڪئي. هو پنهنجي ڪنهن خيال ۾ گم، بوٽ سان گاهہ جي هڪ ٻوڙي کي سنواري ساڌاري رهيو هو، ۽ ان وقت سورٺ هن ڏانهن ڏٺو. ان نگاهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو؛ هڪ عام نظر، هڪ بي ضرر نگاهہ، هڪ خالي نهار، پر ان جو هن تي اهڙو اثر ٿيو، جو هو وري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو!

ماني‌ءَ جي ڪمري ۾ گهڙندي، هن جيڪي ڪجهہ ڏٺو، ان هن جي دل جي

رفتار ئي سست ڪري ڇڏي. هڙي ماحول ۾ ماني ڪائيندڙ، ماني ڪائيندا هوندا يا پنهنجي آس پاس خوبصورتيءَ کي ڏسندا هوندا، ڪاڏي جي آبنوسي ميز ۽ ڪرسيون، ميز تي سجايل پليٽون، ڪانٽا ڇريون، خوبصرت گلاسن ۾ نيم ريشمي رومال ڪليل گلن وانگر سجايل، ميز جي عين وچ تي ٻن خوبصورت گلدانن ۾ تازا گل- هي اهڙو ماحول هو، جو اکين ۾ گهڙندو، ڪُپندو ٿي ويو. ميز جي هڪ پاسي ڪان انور ۽ سورٺ ويٺا، ۽ سندن سامهون انو ۽ چترڪار ويٺا، ۽ مهڙ ۾ مسز انور ويٺي. ايتري خوبصورتيءَ جي باجود ماني بلڪل سادي پر نهايت سوادي هئي؛ خالص سنڌي ماني، ان انداز سان، ايتري مقدار ۾، ايتري سٺي رڌل هن پهريون ڀيرو پنهنجي سامهون ڏٺي هئي. هو محض اچرج، ڪنهن اڃاتي پريشاني ۽ ڦڪائيءَ جي ڪري گهٽو نه ڪائي سگهيو، جيتوڻيڪ هن کي ماني ايتري وٺي، جو هن جي بک ٻيٽي ٿي وئي هئي، ۽ پهريون ڀيرو هن جي ذهن ۾ هڪ تمنا جاڳي اٿي؛ ڪاش، منهنجو هڙو گهر هجي، ڪاش آءٌ هڙي پرسڪون زندگي، هڙو پرسڪون ماحول ماڻي سگهان، جتي هر طرف سونهن سندرتا هجي، ڳالهائڻ ٻولائڻ جي سونهن، اٿڻ ويهڻ جي سونهن، ماحول جو حسن ۽ انسانن جي شخصيتن جي ڪيف آور خوبصورتي زندگيءَ کي هڪ نئون مفهوم نئين معنيٰ ڏيئي ڇڏي! ان خواهش، ان تمنا هن کي اداس ڪري ڇڏيو؛ اڻ ٽيٽي هميشه پهرين منجهائيندي آهي، پوءِ اداس ڪري وجهندي آهي، ۽ آخر ۾ بغاوت جو جذبو ابارڻ لڳندي آهي، ۽ هن جي ذهن ۾ به اها اداسي ڪنهن بغاوت کي جنم ڏيڻ لڳي. ان نئين احساس کي لڪائڻ لاءِ هن مسز انور ۽ چترڪار جي ڳالهين کي ڌيان سان ٻڌڻ شروع ڪيو. سندن موضوع ايندڙ چونڊون هيون، جنهن ۾ پروفيسر کي بيهڻ جو خيال هو. چترڪار چئي رهيو هو؛

"بابا ته ضد ڪيو ويٺو آهي. هن کي مزور انجمن ۽ انٽيليجنشيا تي ايترو ڀروسو آهي، جو هو اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه آهي ته ڪو چونڊن جو فيصلو ووٽن جي بدران نوٽن ۽ دٻڙ ڏئونس سان ٿيندو!"

"پٽ، هن کي ته اهي ڏينهن ياد ٿا اچن جڏهن پنهنجن وڏيرن ۽ سرمائيدارن سان گڏ هن "سرڪاري" وڏيرن ۽ سرمائيدارن سان پڻ چوٽون ڪاڏيون هيون!" انور پروفيسر جي بچاءَ ۾ چيو.

"پر هينئر ته مقابلو ئي نئين نوعيت جو آهي- ناٿي سان گڏ بادشاهگرديءَ سان

وڙهڻ دوراانديشي تہ نہ چئبي نہ؟" چترڪار پنهنجي ضد تي بيٺو رهيو.

"جيڪڏهن بادشاهہ گرديءَ ڪان ڊڄي سڀ ماڻ ڪري ويهي رهن تہ هن ملڪ کي موجوده اوڙاهہ مان ڪير ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو؟" انور جواب کان وڌيڪ سوال تي اهميت ڏيئي رهيو هو.

"ڀ تنهن کان سواءِ اصولن لاءِ وڙهڻ بہ تہ ڪا ڳالهہ آهي!" مسز انور هن جي ڳالهہ کي وزن ڏيندي چيو.

"آءٌ تہ ان راءِ جو آهيان تہ سياست کي پاسيرو رکي، ماڻهن جي سماجي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏجي تہ بهتر آهي. اسان جا ڳوٺ اسان جي لاءِ بهترين ميدان آهن، جتي ماڻهن ۾ پنهنجي جيابي جو احساس پيدا ڪجي، پنهنجي حالتن، پنهنجي ماحول، پنهنجي سماج ۽ معاشري جي موجوده حالت جو احساس پيدا ڪجي، ڪين زندگيءَ ۽ زنده هجڻ جي ضرورت ۽ حقيقتن جو احساس جاڳائجي....."

چترڪار جو آواز گهرو ۽ تيز ٿيندو ٿي ويو. انوءَ لاءِ هي ڳالهيون بہ بلڪل نيون هيون. هن جي سمجهہ کان مٿي هيون. هن ڪڏهن بہ انهن ڳالهين متعلق نہ سوچيو هو. باوجود ان جي هن کي انهن ڳالهين ۾ هڪ اهڙو سچ نظر آيو، جنهن ۾ هڪ عجيب ڪشش ۽ جاذبيت پريل هئي. ان ڪشش جي باوجود هن جو ذهن انهن ڳالهين کي سمجهڻ، انهن تي سوچڻ لاءِ تيار نہ هو. هن جي ذهن جي تربيت اهڙي ڍنگ تي ٿيل هئي، جو ان ۾ انهن ڳالهين لاءِ سوچ جو ڪو خانو ئي نہ هو. ان تي نئين سر سوچڻ جو امڪان بہ هن آڏو پيش نہ ٿيو هو، ۽ هو وري چترڪار جي ڳالهين مان ورچي پيو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ تہ چترڪار ڄاڻي واڻي هن کي پنهنجي هيٺاهين، الڳ ۽ باشعور ماڻهن جي دنيا کان ڪٽيل ماحول جو احساس ڏيارڻ تي گهوريو، ۽ ان ساڳئي احساس کان بچڻ لاءِ هن هڪ چور نظرسان سورٽ ڏانهن ڏٺو؛ سورٽ بہ جڻ تہ انهن ڳالهين مان ڪَڪِ ٿي پئي هئي ۽ پنهنجي منهن پليٽ ۾ پيل هڪ هڏيءَ کي ڪانٽي سان چيڙيندي ريڙهيندي رهي، ۽ ان هڏيءَ سان ڪيڏڻ ۾ هوءَ ايتري مصروف ٿي نظر آئي جڻ تہ هن جي لاءِ ان وقت اها هڏي هڪ خاص مقصد ادا ڪري رهي هئي. انور ۽ مسزانور کي چترڪار سان ڳالهين ۾ محو ڏسي، هن ۾ جرأت موٽي آئي، ۽ هن منهن سڌو ڪري سورٽ جي پٺيان ديوار کي گهورڻ شروع ڪيو. هن جون اکين ديوار ۾ ڪتل هيون، پر هن جي نگاهہ جي پاڇي ۾ رڳو سورٽ هئي، ۽ اها بي خبر سورٽ هن

کي ڏاڍي وٺي. هن کي پنهنجي دل ميڻ وانگر ڳرندي محسوس ٿي، ۽ هن اهو محسوس ڪيو تہ جي هو سموري حياتي هن کي ائين ڏسندو رهي تہ هوند حياتي جئري رهڻ لائق ٿي پوي! پر هن جي اها نگاهہ هڪ نئين نگاهہ سان ٽڪرجي ساٿي ساٿي ٿي پئي. هڏيءَ تان نظر هٽائيندي سورٺ بہ هن جي پٺيان ديوار کي گهورڻ شروع ڪيو، ۽ هن ائين پانيو ڇڻ تہ هن جي اڳيان سموريون ديوارون ان نگاهہ ۾ تحليل ٿي گم ٿينديون ٿي ويون. هن کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ هن جي دل ان نگاهہ جي ڪرڻن کان سورج مکيءَ وانگر ڪُلندي جهولڻ لڳي هئي، ۽ پوءِ هن جي نگاهہ ديوار تان هٽي محض هڪ گهڙي، هڪ پل لاءِ سورٺ جي اکين ۾ سمائجي ويئي. ان پل ان گهڙيءَ ۾ زمانا گذري ويا. ان پل ان گهڙيءَ ۾ هن جي دل تان سموريون ڪدورتون، سموريون نفرتون، سموريون برايون ڌوپجي صاف ٿي ويون. هن کي ائين محسوس ٿيو تہ اها گهڙي اهو پل هن جي زندگيءَ جو هڪ مخصوص هڪ منفرد پل هو، جيڪو هن جي زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن موٽي نہ ايندو. هن جو ساهہ ان پل ۾ اٽڪي پيو. هن جو وجود ان پل جي پرستش ۾ جهڪي ويو، ۽ پوءِ هن جي چپن جي ڪنڊن ۾ هڪ عجيب لرزش، هڪ نئين جنبش اچي ويئي، ۽ اهڙي ساڳي جنبش سورٺ جي گلابي پنکڙين جهڙن چپن تي مرڪ بنجي لرزي ويئي. سورٺ جون اکيون وري هيٺ جهڪي ويون. هن جي اکين جا پنبڻ انوءَ جي دل کي سميٽيندا پنوئر وانگر هن جي ڳلن تي پرڻ لڳا. هن جي دل بہ اتي ئي اٽڪي پئي ۽ جڏهن هن چترڪار جو سڏ ٻڌو، تڏهن هن جو پنهنجو آواز ايترو هلڪو، ايترو سريلو محسوس ٿيو، جو هو خود پنهنجي آواز تي حيران ٿي ويو. خود چترڪار بہ ان 'جي' جي ميٺاڻ تي عجب ڪائيندو، ڪجهہ سوچيندو رهجي ويو!

****

ان کان پوءِ، هو هر ٻئي ٽئي ڏينهن چترڪار سان گڏجي انور جي گهر ايندو رهيو؛ خاموش، ڪم گو، ۽ گم. هن سورٺ سان سڌو سنئون نہ ڳالهايو، سو نہ ڳالهايو. ايتريقدر جو چترڪار ڪيس چئي ڏنو؛ "سورٺ ۽ تو ڇڻ تہ پاڻ ۾ نہ ڳالهائڻ جو قسم کنيو آهي!"

هن کي چترڪار جي سادگيءَ تي پيار اچي ويو. هن تہ ائين ٿي سمجهيو تہ سورٺ سان ڳالهائڻ جي ڪري ڇڻ تہ هو هن کان دور هليو ويندو، ۽ هن لاءِ سورٺ کان هاڻ دور ٿيڻ جو تصور بہ ڪهڪائيندڙ هو. ڳالهائڻ لاءِ تہ باقي دنيا هئي؛ انور ۽ مسز انور هئا، چترڪار هو، پروفيسر هو. سورٺ ئي تہ هڪ اهڙو انسان هئي جنهن کي ڳالهائڻ کان پناهہ ۾ رکڻ ضروري هو. الائجي ڇو هن کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ جيڪڏهن هو سورٺ سان ڳالهائيندو تہ ڪوبہ سوڻ ٿي پوندو، ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي پوندي، جنهن مان هن جي سڪون کي جوکو پئجي ويندو. هڪ ڏينهن هو شام جو چترڪار سان گڏجي جڏهن اتي پهتو تہ فقط مسز انور موجود هئي. روايتي ڪيڪر کان پوءِ هو پنهنجي خاموشيءَ جو شڪار بنجي، ڪرسيءَ تي جهوٽا کائڻ لڳو. چترڪار ۽ مسز انور جي ڳالهين ۾ باوجود ڪوشش جي هو ڪا دلچسپي وٺي نہ سگهيو. اوچتو چترڪار چيو؛ "انور، ڪجهہ نوان ڪتاب آيا آهن، آءٌ ڏسي ٿو اچان!" ۽ هو مسز انور سان ڊرائينگ روم مان اٿي، پاسي واري ڪتابن جي ڪمري ۾ هليو ويو. هن جي ڪن تي فقط ڪن ڪتابن جي تعريف جو پڙلاءُ پوندو رهيو، ۽ هو اهو سوچڻ لڳو تہ ڇپڙي ڪري هو هتان هليو وڃي.

ڊرائينگ روم تہ شروع کان هن جي لاءِ هڪ عجائب گهر کان گهٽ نہ هو؛ نندڙن مجسمن ۽ پتلن کان وٺي ائش ٽريئن تائين، هن کي هر شيءِ ۾ هڪ نئين ڳالهہ، هڪ نئون حسن نظر ايندو هو. ان ڏينهن بہ جڏهن مسزانور ۽ چترڪار

لئبرريءَ ۾ ڪتاب ڏسڻ لڳا تہ هو وڃي سورٺ جي هڪ خوبصورت پورٽريٽ جي اڳيان بيٺو. ان پورٽريٽ ۾ الائي ڇاهو، جو هو جيترو وقت ڊرائينگ روم ۾ ويٺو هوندو هو، گهڙيءَ گهڙيءَ هن جي نظر اوڏانهن کڄي ويندي هئي. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو، جڻ تہ سورٺ جي اها تصوير نهايت هلڪي، اڻ ٻڌڻ جوڳي آواز ۾ چوندي هئي "انو!" هن کي پنهنجي حماقت تي کل ۽ ڪاوڙ بہ ايندي هئي، پر هن جي ڪنن ۾ اها سرگوشي مسلسل هن جي ذهن کي جهنجهوڙڻ لڳندي هئي. اوچتو هن پنهنجي پويان ڪنهن جي موجودگيءَ محسوس ڪئي، ۽ تقريبا ڇرڪ ڀري هن صوفي تي وهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پُٽيرو صوفي تي وهڻ جي ڪوشش ۾ صوفي بدران، هن جي بدن کي ڪجھ بہ ٽيڪ لاءِ ميسر نہ ٿيو، ۽ هو هڪ هلڪي ڏڪاءَ سان، آٿڙجي پٽ تي ويهي رهيو. گهبراهٽ ۾ هن جڏهن پاڻ کي مٿي کنيو، تڏهن سورٺ جي منهن تي هڪ عجيب شوخ ۽ شرير مرڪ ڏٺائين. ککو وکو ٿيڻ جي بدران هن کي هڪ عجيب ڀؤ اچي ورايو؛ هيءَ تہ نهايت خراب ڳالھ ٿي. هو سورٺ جي تصوير ڏسندي پڪڙجي ڀيو هو، ۽ اهو هن جي نظر ۾ هڪ اهڙو گناھ هو، جنهن جي سزا کان بہ هو ڊڄي ويو!

سورٺ هن جي پريشاني ۽ ڀؤ کي پروڙي ويئي. هن جي چپن تي شرارت جي مرڪ همدرديءَ جي مرڪ بنجي ويئي.

"اڙي اوهين بيٺا ڇو آهيو؟ وهو نہ!"

"جي، جي.... ها!" هن کي پنهنجي پاڻ تي رحم اچڻ لڳو، ۽ بنان ڪنهن مقصد جي هو ٽيبل تي ڀيل خوبصرت ائشٽري سان کيڏڻ لڳو.

"ڇا پئي ڏٺوَ؟" سورٺ نهايت معصوميت مان سوال ڪيو.

ان سوال تہ هٿي وڃي هنڌ ڪيو. هن کي چوري پڪڙجي پوڻ کان ايترو ڀؤ نہ ٿيو هو، جيترو ان سڌي پڇا کان! ۽ ان ڀؤ کان لسي لسي ائش ٽري هن جي هٿن مان ڪري ڀيئي. "ٽڙم" ڪري پرزا پرزا ٿي ويئي. ان آواز سان گڏوگڏ، لئبروريءَ مان تيز تيز قدمن سان گڏوگڏ چترڪار جو آواز بہ آيو؛ "ڇا ٿيو؟"

ان آواز اچڻ سان گڏوگڏ، سورٺ پنهنجي ننڍڙي هينڊ بئگ، ڀڳل ائش ٽري جي پر ۾ قالين تي اڇلائي ڇڏي.

چترڪار ۽ مسز انور جڻ تہ ڊوڙندا اندر آيا. سورٺ چترڪار جي سوال جو

جواب ڏيندي چيو: "بي خياليءَ مان هيندڙ بٽگ رڪيم تہ اٿش تري ڪري پئي ۽ پيجي پئي!"

"صدقو ٿي! پر مٺي، اوهين ايترو جلد ڪيئن موٽي آيا؟" مسز انور وڏي اچي سورٺ جي ڪلهن ۾ ٻانهن وڌي.

"ليڪچر ملتوي ٿي ويو. پاپا کي هُن بنگلي تي وڃڻو هو، سو مون کي هتي ڇڏيندو، سڌو اوڏانهن هليو ويو!" سورٺ اعتماد سان جواب ڏنو.

"پيجڻ لاءِ فقط اهائي اٿش تري هئي ڇا؟ الا، ڪيتري نہ خوبصورت هئي!" چترڪار افسوس ڪندي چيو.

"پيجڻ لاءِ تہ ٻيون بہ ڪيتريون شيون آهن، پر في الحال اٿش تري مان سَڌَ پوري ڪئي اٿم!" سورٺ شوخيءَ مان چيو.

"مثلاً؟" چترڪار پَڇَ تان هئندڙ بٽگ ڪٽندي چيو.

"مثلاً ڪنهن فنڪار جي چهي عينڪ بہ پيجڻ جهڙي شيءِ آهي!"

مسزانور ڪان ڪل نڪري ويئي؛ هن پيار مان ٻنهي کي ڏسندي چيو:

"اوهان تہ چيو هو تہ اوهان جو صلح ٿي ويو آهي؟" ۽ پوءِ چيائين، "مٺي، مون سليم کي نوان ڪتاب پئي ڏيڪاريا!"

"اجايو پئي وقت ويائين، امان!" سورٺ ڪلندي چيو.

"باقي ٿورا بچيا آهن، اسين ڪتاب ڏسي ٿا اچون. تيسين تون پنهنجي ڪمري مان ٿي اچ!"

"جي چڱو،" ۽ سورٺ هلي ويئي. چترڪار ۽ مسزانور لئبرريءَ ۾ هليا ويا.

اهو سمورو وقت انوءَ جي عجيب حالت هئي. ڇا هن جي دل جو ڌڙڪڻ ۽ ڇا هن جي شرمساري. هن جي نرڙ تي پگهر جون بوندون ڏنيَ بٽجي پوسرڻ لڳيون هيون. هن پگهر اگهڻ لاءِ رومال نرڙ تائين آندو تہ هن جي هٿن جي ڏڪڻيءَ ويتر هن کي ڪمزور ڪري وڌو. ان مهل سورٺ وري موٽي آئي، ۽ هن جي اها حالت ڏسي هن جي چپن تي مرڪ مڙي آئي. "ڪيترو نہ شرميلو هو، هي انور" هن سوچيو.

"هيءَ تصوير ڏسو، نئين ناهي اٿم. ان جو عنوان بہ اوهان کي ڏيڻو پوندو!"

هوءَ ڄاڻي واڻي، هن جي شرمساريءَ جي احساس کي مٽائڻ لاءِ، تصوير ڪڍي آئي هئي. هن تصوير ڏانهن هٿ وڌائيندي سورٺ ڏانهن ڏٺو. اڄ هن جي اکين ۾ نہ

فقط پنهنجائپ جي نرمي هئي، پر هڪ نئين سات، نئين گڏجاڻي، نئين همراهيءَ جا اهيانڻ هئا. ڇڻ تہ اهي اکيون چوڻ لڳيون هيون تہ ”اسان ۾ هڪ نئين راهہ پيدا ٿي پئي آهي. اڄ تہ گڏجي ان راهہ جا مسافر بنجي، نوان ساٿي بنجي آئيندي جي اڻ ڏٺي ماڳ جا واٽهڙو بڻجي پئون!“ انورجي اکين فقط شڪرگذريءَ جو احساس ڪٿي، ان نگاهہ جي موٽ ڏني. هن تصوير ولي، هڪ نئين جذبي سان ان کي ڏسڻ شروع ڪيو. تصوير ۾ هڪڙو نهايت خوبصورت ٻارڙو پنهنجي پڳل راندڪي تي چَپُ ڪڍي روئي رهيو هو. تصوير ڏسي هن سورٺ ڏانهن ڏٺو؛ هن جي اکين ۾ هڪ شرير ۽ چنچل مرڪ نچي رهي هئي. ۽ هوءَ ڪل تي ضبط ڪندي، هڪ رسالي جا پنا اُٿلائيندي رهي. انوءَ کان بہ ڪل ڇڻي ويئي ۽ پوءِ ٻئي گڏجي ڪلڻ لڳا.

”هيءُ چَپُ ٿورو وڏو ٿي ويو آهي...!“ انوءَ ڪلندي چيو.

”سچي؟ هن آرسيءَ ۾ ڪٿي پيٽي ڏسو!“ سورٺ ڪلندي چيو. انوءَ کان بہ ٽهڪ نڪري ويو.

****

انوءَ جي زندگيءَ جو وهڪرو هاڻ لهواري بدران اوپارو وهڻ لڳو؛ هن کي پنهنجي موجوده زندگيءَ جي هر شيءِ کان بيچان اچڻ لڳي هئي. هن کي پنهنجي ساٿين جي منهن ۾ نوان نقشا نوان آثار نظر اچڻ لڳا. هن کي پهريون پيرو باجيءَ جي شڪل ۾ هڪ عجيب سختي ۽ چالاڪيءَ جا گهنج نظر آيا. باجيءَ جي ڪمري جي سجاوٽ مان ڪنهن سونهن بدران هن کي بدذوقي ۽ اجايو ڏيک نظر آيو. هن کي پنهنجي سمورن ساٿين اويس، سلطان، ۽ منظور لاءِ دوستي ۽ پائپيءَ بدران هڪ نئين قسم جو جذبو ايري آيو، جنهن ۾ نفرت بدران چڙ ۽ ڪَڪ ٿي ورچي پوڻ جو احساس وڌيڪ نمايان هو. هن کي پنهنجي ڪمري مان سُڪَ ۽ سڪون بدران هڪ نئين بي آرامي، ۽ بندش جو احساس ٿيڻ لڳو. هيءَ دنيا هن جي دنيا نه رهي هئي. ان احساس هن کي اداس ڪري ڇڏيو. ان اداسيءَ ۾ پشيمانيءَ جو عنصر به موجود هو، ۽ پنهنجي پاڙن کان ڇڇڻ جو احساس پڻ . جيئن جيئن هو چترڪار ۽ سورٽ کي ويجهو ٿيندو ويو، تيئن تيئن هن جي وجود ۾ هيجان، اٿل پٿل ۽ هلچل ايندي ويئي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، هن جي خيالن ۾ هر وقت سورٽ جو وجود سمائجندو ٿي ويو ۽ هو ان احساس کان ڊڄڻ ۽ گهبرائڻ لڳو ته هن جي پنهنجي زهريلي وجود ۾ سورٽ جي خيال جو ڪو گذر به ناممڪن هو. ان احساس هن کي چيڙاڪ ۽ زود رنج بنائي وڌو. جيترو وقت هو بنگلي تي هوندو هو، هو ڪنهن سان به سولي منهن نه ڳالهائيندو هو. سڀ هن جي طبيعت جي ان موڙ کان ڪيهائڻ لڳا هئا.

هڪ ڏينهن ته گلوءَ کي هن اهڙي چڙڀ ڏني، جو هن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا، ۽ انوءَ کي پاڻ تي ڪاوڙ اچي ويئي. ان خيال کان نه ته هن گلوءَ کي ڏکويو هو، پر ان خيال کان ته گلو کي ڏکوئڻ تي هن کي ڪوبه ڏک نه ٿيو، ڪابه پشيماني نه ٿي. منظور ته هن کي چئي به ڏنو ته هاڻ هن جي طبيعت اهڙي بدلجي ويئي هئي، جو

هن کي ڪنهن ڪم تي ولي وڃڻ مرڳو ڪم خراب ٿيڻ جو خطرو هو!

هڪڙي ڏينهن شام جو هو ٻاهر نڪرڻ تي هو ته باجيءَ هن کي سڏايو. ان شام جو ڪجهه مال هن کي باس وٽ پهچائڻو هو. منظور ٻئي ڪنهن ڪم سان ويو هو. ان ڪري ڪم هن تي ۽ گلوءَ تي هو. موٽر به منظور ڪاهي ويو هو. ان ڪري ڪين ٽئڪسيءَ ۾ ويڻو هو. باجيءَ جڏهن هن کي هڪ نئين دهلو ڏنو، تڏهن پهريون ڀيرو هن جي هٿن ۾ هلڪي لرزش اچي ويئي. باجي هن کي اڄ مختلف نظرن سان گهوري رهي هئي، ۽ ان گهور کان بچڻ لاءِ، هو تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري آيو. گلوءَ کي ساڻ ڪري هو بنگلي کان ٻاهر پهتو ته پرياڻ هڪ خالي ٽئڪسي لنگهي ويئي. هو وڏي اچي رستي جي ڀر ۾ بيٺو، ۽ هن ڏلو ته پرياڻ ساڳي ٽئڪسي هڪ وڏو گول چڪر ڪاٽي هن ڏانهن موٽي رهي هئي. هن جي ذهن ۾ ڪا تند هڪ ڀيرو زور سان لرزي ويئي. ٽئڪسي هن جي ڀرسان لنگهي ته گلوءَ آواز ڏيئي ٽئڪسي کي بيهاري ڇڏيو.

"گلو، ان کي ڇڏ، ٻي ٽئڪسيءَ ۾ هلنداسون،" ٽئڪسيءَ جي بيهڻ کان اڳ انوءَ چيو.

"ساڳي ڳالهه آهي، ٻي ٽئڪسي الائي ڪيڏي مهل ملي...." ائين چئي گلو ٽئڪسيءَ ۾ پوياڻ ويهي رهيو، ۽ هن مال جو دهلو کڻي پنهنجي ڀر ۾ رکيو.

لاچار انو به اڳين سيٽ تي ويهي رهيو. جڏهن ٽئڪسي ٻڌايل هنڌ ڏانهن هلڻ لڳي، تڏهن هڪ ڳالهه ڏانهن وري به هن جو ڌيان ڪڍي ويو. هن چيو: ياٽي، ميٽر ته هيٺ ڪر!"

"سائين، ميٽر جي ڪهڙي ڳالهه آهي. اوهين امير ماڻهو آهيو، جيڪي وٺيو سو ڏجو!" ٽئڪسيءَ واري اهڙيءَ طرح چيو جڻ ته هو ان سوال لاءِ اڳي ئي تيار هو.

اها ڪا نئين ڳالهه نه هئي، پر تڏهن به انوءَ کي اطمينان نه ٿيو، ۽ هن جو هٿ پتلون جي ڪيسي ۾ روالور تي ڄمي ويو، ۽ اندرئي اندر هن 'سيف' لاهي ڇڏي. هن جي سموري جسم جون تنتون ڇڪجڻ لڳيون هيون، ۽ هو پاڻ تي ضابطي رکڻ لاءِ پنهنجي جاءِ تان هٽي اڳيرو رڙهي آيو. عين ان وقت هن کي پنهنجي پوياڻ پوليس جي جيپ نظر آئي. رت تيزيءَ سان هن جي دماغ ۾ مڙڻ لڳو، ۽ هن کي پنهنجي ڪنن جون پاپڙيون ڏنيجندي محسوس ٿيون.

هن تيڏيءَ اک سان ٽئڪسيءَ واري ڏانهن ڏلو. ٽئڪسيءَ وارو اطمينان

سان شيشي مان پويان ايندڙ جيپ کي ڏسڻ ۾ محو هو.

انوءَ اوچتو هٿ وڌائي گاڏيءَ جو سئچ بند ڪري ڇڏيو، ۽ هڪڙي هٿ سان ڊئش بورڊ کي جهليندي، هن ٽنگ وڌائي اوچتو بريڪ تي پير کوڙي ڇڏيو. گاڏيءَ کي هڪڙو زور دار جهٽڪو آيو، ۽ گاڏي هلڪو موڙ کائي بيهي رهي. ان اوچتي جهٽڪي جي ڪري ڊرائيور جي ڇاتي زور سان اسٽيرنگ تي لڳي، اهڙيءَ طرح موٽ کاڌي، جو انوءَ کي گهڙيءَ لاءِ اهو خيال ٿيو تہ هن جو ڪنڌ نہ ڀڄي پيو هجي. ساڳيءَ گهڙيءَ ۾ پويان ويٽل گلو بہ اڇل کائي اچي اڳين سيٽ جي مٿان ڪريو. انو رڙ ڪئي؛ "گلو، ڀڄ تہ ڀڄون، پوليس!"

ائين چئي انو گاڏيءَ مان لهي هڪ طرف ڀڳو. عين ان وقت پنهنجي پويان هن هڪڙو وڏو ڏڪاءُ ٻڌو. هڪ گهٽيءَ طرف مڙندي هن ڏٺو تہ جيپ بريڪ لڳڻ جي باوجود زور سان اچي ٽئڪسيءَ جي پويان ٽڪرائي. هن جي ٽنگن ۾ جيتري سگهہ هئي، هو ڀڄندو رهيو. رستن جا ماڻهو حيرت مان هن کي ڏسندا رهيا، ۽ هو گهٽيون مٽائيندو، وري هڪ وڏي رستي جي منڊ تي بيهي رهيو.

هو ٽئڪسيءَ کان تہ گهڻو اڳي نڪري آيو هو، پر هن ايڏا بہ پاڻ کي محفوظ نہ سمجهيو. سامهون هن هڪ بس تيزيءَ سان ايندي ڏٺي. رستي جي ٽرئفڪ جو خيال ڪندي، لوهہ ڏيئي هو هلندي بس ۾ چڙهي پيو. هن جي سهڪڻ جي آواز تي، بس جي ڪنڊيڪٽر پڻ پڻ ڪندي چيو؛ "سالا، ائين تہ مرن ٿا!"

هڪ خالي جاءِ تي وهندي، هن پنهنجي سهڪ تي ضابطو آڻڻ لاءِ سگريٽ ڪڍي دکائي، ۽ هڪ ڊگهو ڪش هڻندي پنهنجي ماحول جو جائزو ورتو. هن سان گڏ ويٽل توڙي هن جي سامهون ويٽل ماڻهو حيرت مان هن جي پريشاني ۽ بي چينيءَ کي ڏسندا رهيا. ڪن جي اکين ۾ همدردي هئي تہ ڪن جي اکين ۾ محض تجسس. انهن نظرن کان تنگ ٿي، هو اڳئين اسٽاپ تي لهي پيو. ڪجهہ وقت پيادل هلندو رهيو، ۽ پوءِ هڪ دروازي تي روشنين ۾ لکيل لفظ 'بار' پڙهي، هو اندر لنگهي ويو. هو هن 'بار' ۾ ڪڏهن بہ نہ آيو هو. پئندي بہ هن کي مهينا ٿي ويا هئا. انهن ڏينهن هن کي در اصل پيئڻ جو خيال ئي نہ آيو هو. هڪ ٽيبل تي وهندي هن وسڪيءَ جو آرڊر ڏنو. وسڪيءَ جي پهرئين گلاس نہ رڳو هن جي گهبراهٽ کي گهٽي ڇڏيو، هن ۾ اعتماد بہ موٽي آيو ۽ هو ٿڌي دماغ سان سموري واقعي تي سوچڻ لڳو. بار بار هن جي ذهن ۾ اهو شڪ ٿي جاڳيو تہ هي

سمورو معاملو هن کي ڄاڻي واڻي جهلائڻ لاءِ رڻيو ويو هو؛ ڇا باجيءَ وارا هن مان ڪڪ ٿي پيا آهن؟ پر ڇا هن کي اهو ڊپ نہ ٿي ٿيو تہ جيڪڏهن هو جهلجي پيا تہ هو پوليس کي سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيندا؟ نہ، هن کي ڪوبہ ڊپ نہ هو. جيستائين پوليس کي نوٽن جا بنڊل ملندا رهندا، پوليس هن کي هٿ بہ نہ لائيندي، هن سوچيو. پر پوليس نيٺ بہ تہ ڪيس چالان ڪندي، ۽ ڪورٽ ۾ جيڪڏهن هو سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏين تہ پوءِ؟ پر بہ هو ڪورٽ کي ڇا ٻڌائي سگهندا؟ سمورا واقعا، جيڪي بہ هيستائين ٿيا آهن؟ نتيجو؟ باجيءَ وارن کي شايد ڪجھ نہ ٿئي، ۽ هو ٻئي- گلو ۽ هو- پڪ سان ڦاسي کائي ويندا! ان مهل سامهون دريءَ مان ٿڌيري هوا جو جهوٽو آيو، ۽ هن جي جسم ۾ سياٽو پئجي ويو. هو ڳچ وقت اتي ويٺو پيئندو رهيو، ۽ جڏهن هن پنهنجي دماغي قوت کي سست ٿيندو ڏٺو، تڏهن هو بل ڏيئي ٻاهر نڪري آيو. ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي هو اتي آيو، جنهن جاءِ کي وسارڻ لاءِ هن الائي ڪيترا جتن ڪيا هئا.

راڻيءَ جي دروازي اڳيان پهچي، هن جي ذهن ۾ هڪ طوفان مچي ويو. راڻيءَ جو تصور ڪندي، سڀ واقعا هن جي اکين اڳيان گهمي ويا. هن کي يقين ئي نہ ٿي آيو تہ اڄ هن جي آجيان ڪرڻ لاءِ راڻي موجود نہ هوندي. هو جڏهن مٿي پهتو تہ گهنگهروءَ جي ڇم ڇم سان گهڙيءَ لاءِ ڄڻ تہ راڻي هن جي تصور ۾ موٽي آئي. اهوئي وهڻ جو انداز، اهي ئي سازن وارا، اها ئي پوڙهي، سوپاريون ۽ سوٽڙي..... هڪ ڇوڪري پير اڳتي وڌائي گهنگهرن جي پٽي ٻڌي رهي هئي، ۽ هن کي ڏسي جڏهن ڇوڪريءَ منهن مٿي ڪنيو، تڏهن هن جي تصور جي دنيا ڪنهن شيشي جي رانديڪي وانگر ڪِري، چور چور ٿي ويئي. هن ڇوڪريءَ ۾ ڪپڙا لتا ۽ سجاوٽ تہ ساڳي هئي، پر راڻيءَ جو ڪوبہ انگ نہ هو، ۽ الائي ڇو هن جي وات مان نڪري ويو.

"راڻي ڪٿي آهي؟"

سازن جي ڇيڙخاني اوچتو چپ ٿي ويئي. گهنگهرو ڄڻ تہ پنهنجو ساهہ روڪي بيهي رهيا. سوٽڙيءَ جي ڪتر ڪتر بہ روڪجي ويئي. سازن وارا هن کي سڃاڻندي ماضيءَ جي غمخاني ۾ جهاتي پائي، خاموش نگاهن سان هن ڏي ڏسڻ لڳا،ڄڻ هن کي چوندا هجن: "هاڻ آيو آهين راڻيءَ جي پڇا ڪرڻ؟" پوڙهيءَ جي اکين ۾ هڪ نفرت ايري آئي، ۽ پوءِ ڪجھ ياد ڪري سندس نفرت چڙ ۽

لڙڪن ۾ بدلجي ويئي ۽ هن ڏکندڙ آواز ۾ چيو: "راڻي؟ پاڻ کان پڇ نہ، تہ راڻي ڪٿي آهي؟"

شايد انوءَ جي اکين ۾ ڪجھ ايتري حسرت ۽ اداسي هئي، جو پوڙهيءَ جي ڪاوڙ لڙڪن ۾ وهي ويئي. هو خاموشيءَ سان ڪي گهڙيون لڙڪ ڳاڙيندي رهي ۽ پوءِ چيائين:

"اوهان تماشبينن جو ڇا، جو پڇو ٿا تہ راڻي ڪٿي آهي؟ هاڻي، هن ڪوٺي جي راڻي هيءَ آهي!"

ڪوٺي جي هن راڻيءَ ڏانهن جڏهن انوءَ ڏٺو، تڏهن هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجي نهن جي پاليش کي گهوري رهي هئي. هن جي چپن تي لپسٽڪ جي لالائي ڇڻ تہ ڌارين ٿي معلوم ٿي. سندس اکين ۾ ڪجل جا ڏورا، اکين کي وڏو ڪرڻ بدران ڊگهو ڪندا، سنهن ڀرن سان وڃي مليا هئا. باوجود ميڪ اپ جي نڪ جي ڦليءَ جو سوراخ ڇڻ تہ هڪ زخم وانگر اڀري بيهي رهيو هو. هوگهڻو وقت ان منهن ۾ نهاري نہ سگهيو، ۽ وري اٿي بيهي رهيو. گراهڪ کي ائين ويندو ڏسي، هارمونيم واري پوڙهي چيو: "سائين، ڪجھ ٻڌو ڪونہ ٿا؟"

انوءَ کي هارمونيم واري پوڙهي تي رحم اچي ويو. اڄ الائي هنن کي رزق ملندو بہ يا نہ، اهو سوچيندي هن کيسي ۾ هٿ وجهي ڏهين ڏهين جا ٽي نوٽ هارمونيم تي رکي ڇڏيا ۽ چيائين: "وري ڪنهن ٻئي دفعي، استاد!"

پوڙهي نوٽن کي ڏسي، ڇڻ تہ ڏنگجي ويئي، ۽ چيائين: "سائين، معاف ڪجو، مون پوڙهيءَ جو چوڻ دل ۾ نہ ڪجو!"

انوءَ پوڙهي ڏانهن ڏٺو: انهن اکين ۾ واقعي راڻيءَ جو درد نمايان هو، ۽ هن چيو: "نہ نہ، اها ڳالھ نہ آهي. مون کي رڳو اهو پڇڻو هو تہ اهو ماڻهو ڪير هو، جنهن ڪيس ماريو؟"

"توکي ستہ ڪانهي ڇا؟" ۽ پوءِ ان سوال جو خود ئي جواب ڏيندي پوڙهيءَ رئندي چيو: "مئو، شل خدا جو قهر پويس، مئو حرامي شوڪت هو، ٻيو وري ڪير!"

"شوڪت؟..... پوءِپوليس ڇا ڪيو!"

"پوليس؟..... پوليس هن بازار جي ٻن ماڻهن کي شڪ ۾ جهلي ويئي، جن کي بہ اکين ڏٺي شاهدي نہ هجڻ ڪري ڇڏي ڏنائون. پوليس کي تہ ڪپي پئسو، سو

دل تي ملين، سو شوڪت تي آڳر بہ نہ رکيائون!"

"تو تہ پوليس کي ٻڌايو هوندو نہ؟" انوءَ بي خياليءَ مان چيو.

"مون....؟ اسان کي هن بازار ۾ وهڻو آهي سائين! اهي ڳالهيون تہ روز پيون ٿين، ۽ شوڪت سان ويہ وجهي، آءٌ ڪيترو وقت جيئري رهان ها.... دل جو سور دل ۾ رکي، ويٺي ڪيس پٽيان. من الله سائين اسان گنهگارن جي دعا نہ تہ پِٽ ڪٽي قبول ڪري!"

شوڪت..... شوڪت! هن جي ڪنن ۾ گهڙي لاءِ اهڙي زون زون ٿيڻ لڳي، جئن ڪنن تان تاڙي لهڻ وقت ٿيندي آهي. هن جون ٻئي مٺيون ايترو پيڙجي ويون جو هن جون آڱريون ڏکڻ لڳيون، ۽ پوءِ هو ڪجھ سوچيندو، ڪولي تان هيٺ لهي آيو.

بنگلي تي پهچي، هو سڌو باجيءَ جي ڪمري ڏانهن هليو آيو. ڪمري جو دروازو بند هو، ۽ اندران ڪنهن جي ڳالهائڻ جو آواز اچي رهيو هو. هن ڪن لائي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آواز ايترو گهٽيل هو، جو هن جي سمجھ ۾ ڪجھ نہ آيو. هن آڳر سان ٽڪ ٽڪ ڪئي تہ ڪنهن جي ڪرسي ريڑهڻ جو آواز ٻڌائين. دروازو کليو تہ منظور کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏٺائين. "تون ڪاڏي گم ٿي وئين، انو؟"

انوءَ ڪوبہ جواب نہ ڏنو، ۽ چپ چاپ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. باجيءَ بہ هن ڏانهن گهوري ڏٺو، ۽ چيائين: "پي آيو آهين؟"

هن رڳو ڪنڌ سان هاڪار ڪئي، ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي بوٽ ۾ نهارڻ لڳو. جڏهن ٻيو ڪو سوال نہ ٿيو، تڏهن هن خود پڇو، "گلو ڪٿي آهي؟"

"اسان کان ٿو پڇين؟ گُلوءَ جي خبر تہ توکي هوندي؟" باجيءَ ڪاوڙ مان چيو ۽ انوءَ کي پڪ ٿي تہ ڪاوڙ بنھ بناوٽي هئي.

"مون سمجهيو تہ هيستائين اوهان کي خبر پئجي ويئي هوندي!" هن بلڪل معصوميت مان جواب ڏنو.

"اسان کي تہ خبر پئجي ويئي.... پر پهرين توکي اچي ٻڌائڻ گهربو هو. مال جو الڳ نقصان ٿيو.... ماڻهو جدا جهليو، ۽ هيءُ رئيس پي ڪائي هاڻ گهر موٽيو آهي!" باجي جي ڪاوڙ ۾ هاڻي ٽوڪ بہ اچي ويئي. هن کي دل ئي دل ۾ باجيءَ تي

کل اچڻ لڳي. پر ٻاهران هو بلڪل مسڪين صورت بنائي ويٺو رهيو.

"جواب ڇو نه ٿو ڏين؟ وات ۾ مڳ پيا اٿئي ڇا؟"

"عجيب ڳالهه آهي. پوليس کان پڇي نڪرڻ تي ساراهه جي بدران دڙڪا پيا ملن! اوهان جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته پوليس منهنجي پويان هئي..... ۽ جيڪڏهن آءٌ ان وقت ترت ئي بنگلي ڏانهن موٽي اچان ها ته..... آءُ به جهلجان ها، ۽....."

هاڻ هن کي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي، ڪاوڙ کان هن جملو به پورو نه ڪيو. باجي ڪجهه چوڻ تي هئي، پر منظور، جو هيستائين چپ چاپ هن کي ڏسندو رهيو هو، چيو، "سو ته چڱو ڪيئي..... پر گلوءَ کي ائين ڇڏي وڃڻ به ته ٺيڪ نه هو!"

"آءٌ ڇا ڪيان ها؟ گلوءَ کي چيم ته ڀڄ ته ڀڄون.... مون سمجهيو ته گلو به ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.... پر شايد هو ڀڄي نه سگهيو.... ڪٿي آهي گلو؟"

"لاڪپ ۾، ٻيو وري ڪٿي هوندو....!" باجيءَ خار مان چيو.

"پوءِ ڪجهه بندوبست ٿيو يا....؟" انوءَ کي ان سوال جو جواب اڳي ئي سُجهيو ٿي.

"هينئر جيڪڏهن ان ۾ هٿ وجهنداسون ته پوليس کي سورنهن آنا پڪ ٿيندي ته هو اسان جو ماڻهو آهي، ۽ سڄو ڪم اسان جو آهي!" باجيءَ بدران منظور جواب ڏنو.

"پوءِ گلوءَ جو ڇا ٿيندو؟" انو سوال پڇڻ کان رهي نه سگهيو.

"اها ئي ته فڪر جي ڳالهه آهي..... اسان کي ڳڻتي ته اها آهي ته گلو آهي دل جو ڪمزور.... متان هتان جو، يا ..... باس جو نالو نه ڏئي وجهي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته باس جو نالو نه ڪٽي!" منظور فڪر مند لهجي ۾ چيو.

"پوءِ ته ضروري آهي ته هن کي اتان ڪڍائجي.... نه ته پوليس جي مار گلو سهي نه سگهندو، ۽ ممڪن آهي ته هو سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي!"

"اسين به اهوئي ٻيا سوچيون. شام کان وٺي باس جا الاهي ٽيليفون آيا آهن ته ڪنهن طرح سان گلوءَ کي روڪجي ته هو ڪا ڳالهه ظاهر نه ڪري....." باجي به هاڻ ڪاوڙ تي ضابطو آڻي چڪي هئي.

"۽ اهو ڪم فقط تون ئي ٿو ڪري سگهين....." منظور هن ڏانهن سڌو سنئون نهاريندي چيو.

"سو ڪيئن؟..... آءٌ تہ هڪدم سيانجي پوندس.... ڊرائيور مونکي چڱيءَ طرح ڏٺو هو....!"

"ڊرائيور جو فڪر ڪونهي..... هن کي ڪو اهڙو ڏک لڳو آهي، جو ايتائين بيهوش پيو آهي.... ۽ گلو تنهنجو دوست آهي، فقط تنهنجو چوڻ ميجندو!" منظور چڻ هن جي خوشامد ڪندي چيو.

"پر بہ آءٌ ڪيئن ڪري ٿو سگهان..... هن سان هينئر ملڻ بہ تہ جوکائتو آهي!" انوءَ کي بہ هاڻ مسئلي جي ان نئين رخ تي فڪر ورائي ويو.

"ان جو بندوبست اسين پاڻهي ڪنداسون.... صبح جو صوبيدار سان ملي، ملاقات ڪنداسون!"

انوءَ کو بہ جواب نہ ڏنو. هن کي خاموش ڏسي، باجيءَ هڪدم چيو: "تہ پوءِ ٺيڪ آهي، اوهين ويجو، آءٌ باس کي پاڻهي چئي ڇڏيندس!"

**** *** ** ***

پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، هو ڪيترو وقت ان مسئلي تي سوچيندو رهيو. هن کي هڪ نئون شڪ جاڳڻ لڳو هو. هن کي اها ته پڪ هئي ته پوليس هنن جي پويان ڪنهن جي چرچ تي پئي هئي، پر هنن کي جهلائڻ ۾ ايترو قيمتي مال هنن ڪيئن ٿي پوليس جي ور چڙهڻ لاءِ ڇڏي ڏنو، اها ڳالهه هن کي سمجهه ۾ نه آئي. اها ئي هڪ ڳالهه هئي، جنهن مان هن کي اهو خيال ٿي ٿيو ته ممڪن آهي ته باجيءَ وارن جو ان ۾ هٿ نه هجي. پر جيڪڏهن هنن جو هٿ آهي ته پوءِ؟ هن جي بچي نڪرڻ تي هنن جي هيءَ چال ته سڌو سنئون هن کي گهر ويٺي پوليس جي ٻوهي ۾ ڏيئي ڇڏيندي. گلوءَ سان هينئر ملڻ ته ڄاڻي واڻي پنهنجي پاڻ کي جهلائڻو آهي، ۽ هن سوچيو ته ڇا به ٿي پوي، هو ٿاڻي تي نه ويندو. پر به هو صبح جو جواب ڇا ڏيندو؟ هن جو دماغ سوچڻ کان پڙ ڪڍي بيهي رهيو. هن جو سمورو بدن ڇوها ڇوها ٿيندو ٿي ويو. "جيڪي ٿيڻو هوندو، سو ٿيندو!" هن ڏاڍيان چيو، ۽ پاسو ورائي سمهي رهيو.

صبح جو هن جي اک کلي ته ايڏا اونده هئي. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته هو ڪلاڪ کن مس ستو هو. هن جي بدن جي ٽوٽ اڃاتائين نه ويئي هئي. پهريون خيال جو هن جي جاڳڻ هن جي ذهن ۾ آندو، سو گلوءَ جو هو. گلو..... هن جي نندپڻ جو يار! گلوءَ سان گذاريل سموري زندگي هن جي اکين آڏو گهمي ويئي. هو ڪنهن به طرح گلوءَ کي بچائيندو، ڇاهي ان لاءِ هن کي شهر جي سموري پوليس سان وڙهڻو پوي. گلو مار سهي نه سگهندو. پوليس جي مار جو تصور به ڏڪائيندڙ هو. هن جي خيالن جي سلسلي کي دروازي تي ٽڪ ٽڪ توڙي ڇڏيو. هُن اُٿي دروازو کوليو. ٽونٽو نوڪر ناشتو کڻي آيو هو، ۽ ان سان گڏ اخبار. ايترو سويري ڪڏهن به ناشتو نه آيو هو، ۽ اخبار ته هن جي ڪمري ۾

ڏهين يارهين بجي مس ايندي هئي!

هن ناشتو ڪندي اخبار جا پنا ورائڻ شروع ڪيا. پوئين صفحي تي گلوءَ جي تصوير تي هن جون اکيون جمي ويون. گلوءَ جو ڪنڌ هيٺ هو، ۽ سندس هٿن ۾ هٿڪڙيون پيل هيون. هن کي ائين محسوس ٿيو تہ گلو شرم بدران ڪنهن شديد پيڙا جي ڪري گردن جهڪائي ڇڏي هئي. هن جڏهن خبر پڙهي تہ هن کان ڇرڪ نڪري ويو. گلو تہ سمورا راز ظاهر ڪرڻ وارو هو، ۽ هي لفظ پڙهندي هن جو مغز گهوماٽجي ويو: "پوليس جو خيال آهي تہ هن ٽولي پٽيان ڪن وڏن با اثر ماڻهن جو هٿ آهي، جن جا نالا عنقريب ظاهر ڪيا ويندا....!"

ڇا واقعي گلوءَ سڀ ڪجهہ ظاهر ڪري ڇڏيو؟ ان کان بہ وڌيڪ هن جي دل ۾ گلوءَ لاءِ پيار ۽ رحم جا جذبا اڀري آيا. ڪيترو نہ ماريو هوندو هنن هن گگدام کي!

هو گلوءَ متعلق سوچيندي اٿيو، ۽ تڙ ڪري، ڪپڙا پائي منظور جي انتظار ۾ ويهي رهيو. هن اهو فيصلو ڪري ورتو تہ ڪنهن بہ قيمت تي هو گلوءَ سان ملندو ۽ڪيس چوندو تہ هو پوليس کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائي، ۽ ڪيس اها خاطري ڏيارينڊو تہ هن کي هو ضرور ڇڏائيندو، چاهي هن کي ڇڏائڻ لاءِ ۽ پوليس کي پئسا ڏيڻ لاءِ اڪيلي سر هن کي ڏاڙو هڻڻو پوي. هن ڪجهہ سوچيندي پنهنجي رواولور کي غور سان جاچي ڏٺو؛ رواولور ۾ تي گوليون هيون. ميز جي خاني مان گوليون ڪڍي هن سڄي مٺگزين ڀري ڇڏي ۽ سيف چاڙهي وري پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ منظور جو انتظار ڪرڻ لگو. پر منظور نہ آيو. هن کي طرح طرح جا خيال ۽ الستا ذهن ۾ اچڻ لڳا، ۽ منصوبا ٺاهيندي ٺاهيندي هن کي وري ڳهر ڪٽي ويئي.

جڏهن هن جي اک کلي تہ ٻيهر اچي ٿيا هئا، ۽ ٽونٽو نو ڪر ماني رکي هليو ويو هو. هو ماني کائي، ٻاهر نڪتو. چوڪيدار کان منظور لاءِ پڇيائين تہ هن ٻڌايس تہ صبح جو نڪتل اڃان واپس نہ آيو هو. هو وڌي رستي تي، ٽئڪسيءَ جي انتظار ۾ بيهي رهيو. ان وقت شام جي اخبار کڻي هڪڙو ڇوڪرو تڪڙو تڪڙو رڙيون ڪندو پئي آيو: "پوليس ٿاڻي تي حملو..... پوليس ٿاڻي تي حملو!"

ڇوڪرو ويجهو آيو تہ هن اخبار ورتي. سرخيءَ تي نظر پوندي ئي هن جي دل

۾ ڇڻ ته تير ڪپي ويو. سامهون ئي سامهون تصوير ۾ لاڪپ جي سيخن اندر هڪ ماڻهو گوڏن ۾ منهن ڏيو پاسيرو ڪريل هو، ۽ سندس گوڏن وٽ رت جو هڪ ڊهو هو!

"گلو!!!" هن دل ئي دل ۾ دانهن ڪئي. اخبار ۾ خبر فقط ايتري هئي ته ڪي شاهينگ صبح جو ساجهر ئي، جڏهن لاڪپ تي فقط هڪڙو پوليس وارو پهري تي هو، ٽاٽي ۾ اندر آيا. پوليس واري کان رائيفل ڦري ڪيس ٻڌي، لاڪپ ۾ ڪالهوڪي جهليل هڪ ماڻهوءَ کي روالور سان شوٽ ڪري، هڪ وڏي ڪاري ڪار ۾ چڙهي ڀڄي ويا. ڪار تي ڪوبه نمبر ڪونه هو. چيو ٿي ويو ته ڪل تي ڇٽا هئا ۽ منهن تي ڪارا نقاب چڙهيل هئن!

اخبار هن جي هٿن ۾ ڏڪڻ لڳي. هن جي سموري جسم ۾ سُيون سُيون چيڻ لڳيون. هن جي پيٽ ۾ ڪوه جيان ڪاٽي پوڻ لڳي. گلو! هن جي ننڍپڻ جو يار، جنهن هن جي لاءِ زندگي تياڳي ڇڏي، جنهن ڪنهن ڊپ ڊاءَ کان سواءِ هٿن جو پورهيو ڪري، رُڪ سڪي ماني کائڻ ٿي گهري، جنهن کي هن زندگيءَ کان نفرت هئي، جنهن فقط هڪ ئي تمنا ٿي ڪئي ته هو پنهنجو ننڍڙو بجليءَ جو دڪان کولي، هن ڏوهه جي زندگيءَ کان جند آزاد ڪري، جنهن هن روز روز جي مرڻ کان بچڻ لاءِ مفلسيءَ کي به قبولڻ ٿي گهريو، جنهن جي چهري تي باوجود هيترين سختين جي ٻاراڻي معصوميت پئي وسندي هئي، جو ٻئي جو درد ۽ پيڙا ڏسي پاڻ درد ۽ پيڙا ۾ وڃي ويندو هو، جنهن کي ڇري چاقوءَ ۽ پستول جي ڏسڻ کان ئي ڏڪڻي وڃي ويندي هئي، جيڪو ڪمزور هوندي به بهادر هو، جيڪو بهادر هوندي به ڪمزور هو. جنهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پيار نه ڏٺو هو، تڏهن به ٻين کي پيار ڪندو هو، جنهن کي هن خود ڇڙهون ڏنيون، پر هو ڪيس اڳئين وانگر پائيندو رهيو، جنهن ڪيس فقط ايتري نيزاري ڪئي ته انو، هل ته هن اوڙاهه سان نڪري، جيابي جي ڪنهن ٽڏي ڇانوَ ۾ وهون!

هن جي جسم جي لرزش بند ٿي ويئي، ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. هن جي دل چيو ته هو اوچنگارون ڏيئي روئي. ائين لڙڪ وهائيندو، هو پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، وهاٽي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀريندو رهيو. هن کي روئندي ورهيه گذري ويا هئا. هن کي ياد به نه هو ته ڪو هن کي روئڻ ايندو به هو. پر جڏهن هن کي روئڻ آيو ته سانوڻ جو مينهن بڻجي آيو ۽ سمنڊ جون ڇوليون بڻجي

هن جي دل جي ڪڪ پَنَ کي لوڙهيندیو ويو. پر پوءِ نفرت جو بند وري پنهنجي جاءِ تي اُيو ٿي بيهي رهيو، ۽ هن جو روئڻ بند ٿي ويو. هن ۾ نفرت جڻ ته ڪنوڻ وانگر ڪنوندي، وراڪا ڏيندي داخل ٿي. هن کي اهو سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته گلوءَ کي هميشه لاءِ چپ ڪرائڻ وارا ڪير هئا، هو منهن ڏوئي هيٺ لهي آيو ۽ پر اڄ بنگلو سنسان هو. باجيءَ جو ڪمرو بند هو. هو ٻاهر نڪتو ته ننڍي فياٽ گاڏي اندر داخل ٿي. منظور سان گڏ باجي ويٺي هئي. هن جي دل چاهيو ته روالور سان اتي جو اتي ٻنهي کي ختم ڪري ڇڏي.

"انو، ڪاڏي سبريو آهين؟" منظور گاڏيءَ مان لهندي چيو.

انوءَ ڪوبه جواب نه ڏنو. انوءَ جي اکين جي ڳاڙهاڻ ڏسي منظور سمجهي ويو ته هن جي دل ۾ ڪهڙو طوفان متل هو.

"اڄ ته ڪجهه ڪچهري ڪريون!" منظور هن کي ٻانهن ڏيئي، اندر وٺي آيو.

منظور جي ڪمري تائين پهچڻ ۾، هن کي ائين معلوم ٿيو ته هن جو هڪڙو هڪڙو پير ٻه مڻ ٿي پيو هو. منظور ڪيس ڪرسي آڇيندي چيو: "مون کي گُلوءَ جو ڏاڍو ڏک آهي!" انوءَ کي منظور جي لفظن ۾ ڪوبه ڏک نظر نه آيو، ۽ هن رڪائيءَ مان پڇيو.

"تون به هئين نه؟"

"نه نه، آءٌ اهڙو ڪمينو نه آهيان، جو پنهنجي ئي ساٿيءَ تي هٿ هلايان!"

"ته پوءِ ڪير ڪير هو؟"

"هي ڪم باس جي پنهنجن ماڻهن جو آهي....." منظور ڪجهه سوچيندي چيو. "باس به لاچار هو.... جڏهن به پنهنجي ئي ماڻهن مان ڪنهن جي ڦٽڻ جو انديشو هوندو آهي ته باس جا پنهنجا ماڻهو ان قصي کي منهن ڏيندا آهن....."

"گاڏي ته هتان جي هئي....."

"گاڏي برابر هتان گهرائي هئائون..... پر پنهنجي ٽولي مان ڪوبه نه هو،" منظور ٽڏائيءَ سان چيو.

اوچتو انو اٿي بيٺو. "آءٌ هلان ٿو!" انوءَ چيو، ۽ جيئن ئي هلڻ لاءِ پير کنيائين ته منظور ڪيس روڪي، زور ڪري ڪرسيءَ تي وهاري ڇڏيس.

"انو، گلوءَ جو مون کي به سخت افسوس آهي..... اڀهرو نه ٿيءُ؛ تون اڪيلو باس سان ته ڇا هن جي ڪنهن هڪڙي ٽولي سان به پڇي نه سگهندين. رڳو

اسان جو ٽولو هن جو ڪونهي، اهڙا ته ڪئين ٽولا هن جي حڪم هيٺ آهن. توکان وڌيڪ آءٌ هنن سان رهيو آهيان..... توسان الائي ڇو منهنجي ايتري دل آهي، ۽ ان کان سواءِ تو منهنجي جان بچائي آهي..... اهو ٿورو آءٌ لاهي ڪونه سگهندس. مون کي مجبور نه ڪر ته آءٌ به تنهنجو دشمن ٿي بيهان!...“ منظور اهو سڀ ڪجهه ايترو ڌيرج سان چيو، جو انوءَ جي دل کي جهوپو اچي ويو.

”تون منهنجو دشمن ڇو ٿيندين؟“ انو نه چاهيندي به پڇي ويٺو.

”ان ڪري جو آءٌ به باس جو خاص ماڻهو آهيان.... باس گلوءَ جو ڪم مون تي ۽ توتي رکڻ ٿي گهريو. هن تقريبا سمورا نالا پوليس کي ڏيئي ڇڏيا هئا.... ۽ اڄ مئجسٽريٽ اڳيان هن جو بيان ٿيڻو هو..... نه رڳو اسان سيني جي عزت خطري ۾ هئي، پر باس کي به پنهنجي سر سان لڳي ويئي. گلوءَ ته سيٺ برڪت علي واري خون جو قصو به پوليس کي ٻڌايو هجي ته شڪ نه آهي..... ۽ توکي ته خبر آهي ته سيٺ برڪت عليءَ جي زال سان باس جي شادي به ٿي ويئي آهي..... برڪت عليءَ واري قصي جو هوئڻ ته مقصد رڳو واپاري چٽا ييٽيءَ ۾ هن کي رستي تان هٽائڻ هو، پر هاڻ ته هن جي زال ۽ زال سان گڏ سموري ملڪيت مرڳو باس جي گهر اچي ويئي آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن گلو سيٺ برڪت علي وارو قصو کولي ٻڌائي ها ته..... خير، باس ته پاڻ بچائي وڃي ها، پر هڪ ته ٽولو سڄو جهلجي ها ۽ سيٺ جي زال کي شڪ الڳ ٿئي ها..... ۽ مصيبت ۾ وري به اسين سڀ اچون ها. باس جي پُٺ کان سواءِ بچڻ به ناممڪن آهي..... ان ڪري گلوءَ کي چپ ڪرائڻ ضروري هو. مون ته باس کي ان ڳالهه تان لاهي ڇڏيو هو.... ۽ توسان پروگرام به طي ٿي ويو هو.... پر رات جو دير سان پوليس جي ڪن پنهنجن ماڻهن خبر ڏني ته گلو ته سمورا ڦاٽ ٿو ڦاڙي. صبح جو باجيءَ مون کي ٻڌايو ته ڪم لاهي ڇڏيائون!“

منظور جنهن ٻوني ڳالهه ڪري رهيو هو، ان مان ائين ٿي معلوم ٿيو ته جڻ ته هن ۾ انساني جذبو هوئي ڪونه، ٿڌو، بي حس ۽ ڪورو انسان! ۽ شروع ۾ هن منظور کي ڪيترو نه همدرد ۽ سڄو انسان سمجهيو هو. هن کي اهو يقين ٿي ويو ته وقت اچڻ تي منظور هن کي به باس پاران مارڻ کان نه گسندو. ان ڪري هن کي ڪجهه سنيالي هلڻو پوندو. منظور جڻ ته سندس خيالن جو انت لهي ورتو.

”ٻڌ انو، آءٌ توکي هڪ دوست ۽ ساٿيءَ طور ٿو صلاح ڏيان..... باس سان

وير رکڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ. اسان جهڙا سوين هزارين ماڻهو هن جي پناهه ۾ پيا پلجن. تون ڪنهن سان وڙهي ڪنهن سان وڙهندين. جيڪڏهن تون چاهين ته آءٌ باس سان ڳالهايان؟ توکي هو ايترو ڏئي سگهندو، جنهن مان تون ڪنهن ننڍي ڳوٺ ۾ پنهنجو پيٽ سئو پالي سگهين. پر ان حالت ۾ تون وري هن شهر ۾ نه ايندين، ۽ باس جي ڪنهن به ماڻهوءَ سان ملڻ جي ڪوشش نه ڪندين. ٻي صورت ۾ تون اسان سان رهندو اچ. تنهنجو پڳهار به وڌندو ۽ ان کان سواءِ مڪيه ڪمن مان حصو الڳ ملندءِ! تون پاڻ سوچ، ۽ مون کي ٻڌائج ته آءٌ باس سان ڳالهه ڇيڙيان. هونئن باس تنهنجي ڪم مان ڏاڍو خوش آهي!"

منظور جي انهن لفظن انوءَ کي منجهائي وڌو. اها ته هن کي پڪ هئي ته پهرين تجويز هڪ دوکو هئي. باس جي معاملن ۾ هو ايترو ته ڳوڙهو ورتل هو، جو اِن ٽولي کان هن جي ٻاهر رهڻ کي هو هميشه جوکم سمجهندا، ۽ پوءِ گلوءَ وانگر هن کي هميشه لاءِ خاموش ڪرڻ ۾ خود منظور به نه هڻڪندو. ٻي تجويز به خطري کان خالي نه هئي. هڪ ته ٻاهريون خطرو ۽ ٻيو خود سندس باغي ذهن کيس ٽولي اڳيان ظاهر ڪري وجهندو. پر اها تجويز ئي بهتر هئي، ۽ هن ڌيرج سان چيو؛

"باس سان وير جي ڪهڙي ڳالهه آهي. گلوءَ کي ڪنهن به طرح خاموش ته ڪرائڻو هو. مون کي رڳو افسوس اهو آهي ته اسان هن کي مهلت نه ڏني. آءٌ ته مرڻ گهڙيءَ تائين اوهان سان آهيان....."

پوءِ ڪجهه سو چيندي چيائين؛" منظور، تون ئي منهنجو دنيا ۾ اڪيلو دوست آهين ۽ تنهنجا به مون تي ٿورا آهن، سو جيسين تون آهين، تيسين منهنجو سر لڳي!"

منظور جي منهن تي مرڪ اچي ويئي . خوشامد خدا کي راضي ڪري ڇڏي، هي ته هڪ انسان هو، ۽ اهو انسان جنهن جي زندگي جوکم جو هڪ ٻم گولو هئي!

" ته پوءِ ملاءِ هٿ ! "

منظور سان هٿ ملائڻ وقت، هن تنهان ئي وڏيڪ گرمجوشي ڏيکاري، ۽ منظور سان ڪمري کان ٻاهر تائين گڏجي آيو.

**** **** ***

ڏينهن ۾ رکي هو چترڪار سان ملڻ ويو. ان ڏينهن چترڪار سورٺ جي گهر بدران، هن کي اهڙي هنڌ وٺي ويو، جتي هن زندگيءَ جو هڪ نئون رخ ڏٺو. هن سان گڏ ۾ ٻيا جوان ۽ ٽي ڇوڪريون ساڻ هيون. مزورن جي بستيءَ ۾ پهچي، چترڪار هن کي ٻڌايو ته هفتي ۾ ٻه ڀيرا هو مختلف مزور بستين ۾ وڃي دوائون، گرم ڪپڙا، صابڻ ۽ ٻيون ضرورت جون شيون ورهائيندا هئا. هن جو مقصد خيرات نه هو؛ هن رڳو مزورن ۽ سندن ٻارن کي پڙهڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ، اهي شيون کين ڏيڻ شروع ڪيون هيون. کين پڙهائڻ سان گڏ، هو صفائي سٿائيءَ بابت کين سمجهائيندا هئا، ۽ کين سندن ذميدارين ۽ حقن بابت به ڪي ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. پر هو اهو سڀ ڪجهه خيرات ڏيڻ ۽ سماجي خدمت جي نالي ۾ ڪندا هئا نه ته .... نه ته ڪارخانن جي مالڪن جي چرچ تي هن تي سرڪاري عتاب اچي وڃي ها!

انوءَ کي هن جو مقصد بلڪل سمجهه ۾ نه آيو. جڏهن هو بستيءَ ۾ پهتو تڏهن هن کي پنهنجي ڳوٺ جي مفلسي وسري ويئي. هڪ وڏي گٽر جي بلڪل ڪناري ڪناري، ڪکن ڪانن، اڳڙين ٽڳڙين، ۽ پراڻين اخبارن مان ٺهيل جهوپڙين جو هڪ لامتناهي سلسلو هليو ٿي ويو. ان گٽر ۾ ٽلهي ڪاري نيري گپ ڪٿي آلي ڪٿي سڪل نظر آئي؛ جتي گپ آلي هئي، اتي ڪروڙين ڪنيئان ائين سُري رهيا هئا، جو اها گپ ڇڻ ته ساهه کڻندي هيٺ مٿي ٿي رهي هئي. ڏاڍ ۽ بوءِ جو اهو حال هو، جو پهرين ئي اُبهري سان هن جي دل آت ڏيڻ لڳي. هن رومال ڪڍي نڪ کي ڍڪي ڇڏيو. جڏهن هو گٽر ٽپي، جهوپڙين وٽ آيا، تڏهن ٻارن جو هڪ هجوم رڙيون ڪندو، هن ڏانهن ڊوڙي آيو. ڪارا ڪوجها، اگهاڙا ڏهرا ٻار جن جي بدن تي سالن جي مَرُ چڙهيل هئي، جن مان اڪثر ٻارن جون هڏيون ائين ٿي ڏسڻيون ڇڻ ته هڏ چمڙ بدران سندن جسم

وئنٽالين جا لهيل هئا، جيڪي ڪيڏي مهل به ٽڙڪي پوندا ! سندن اکين، واه
۽ نڪ ۾ ريزش ۽ پچين جا لينگها بنان اگهڻ جي ٽڙپ ٽي جمي ويا هئا. سند
چمڙي مَرُ ۽ خشڪيءَ جي ڪري سيرون سيرون ٽي نظر آئي؛ بلڪل ائين جيئ
ڪلرائي ڪاري زمين، اُسَ جي ڪري پاڻي سڪڻ کان پوءِ سيرون سيرو
ٽيل نظر ايندي آهي. انهن ٻارن مان اڪثر ٻار اگهاڙا هئا؛ جن کي ڪپڙا پيا
هئا، سي ڪپڙا ته لهيو ليڙون به نه هيون !

ٻارن جي ان شور سان گڏ بستيءَ ۾ ڪنجهڻ ڪرڪڻ ۽ ڪنگهڻ جا آوا
گڏجي مسجي عجيب پڙاڏا پيدا ڪندا ٽي ويا. هيءَ به انسانذات هئي ! چترڪا
سان گڏ هڪ همراهه ڪجهه صابڻ جون چڪيون ٻارن ۾ ورهايون ۽ چيو
"سڀ صفائي ڪري اچو ته خرچي پوءِ ملندي !"

ٻارڙا ريهون ڪيڪون ڪندا، هڪٻئي کي ٽيلها ڏيندا، هڪٻئي کي
جهوريندا بستيءَ جي نل ڏانهن ڀڳا، جتان ڪجهه زالون پاڻي ڀري رهيون هيون.
هڪ جهوپڙيءَ اڳيان، هنن ڪنهن کي سڏ ڪيو. پوءِ ڪنهن نحيف زناني
آواز ۾ چيو: "اچو !"

انوءَ جيڪي ڪجهه ڏٺو، سو هن وري ڪڏهن به ڏسڻ نه ٽي گهريو؛
جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ماڻهو پٽ تي ستو پيو هئو. ان ماڻهوءَ کي ڏسي
انوءَ کي پنهنجو چاچو علو ياد اچي ويو. فرق صرف اهو هو ته علوءَ جي بدن تي
ڦاٽلڙي قميص به هئي، ۽ هن شخص جي بدن تي سواءِ هڪ ننڍڙي گوڙ جي
ڪجهه به نه هو. هن کي ڏسڻ سان ئي هيبت وٺي ٽي ويئي. هن جي هڏن تي ماس
ائين چنبڙيل هو، جڻ ته ڪنهن ننڍڙي ٻار جي چمڙي زوريءَ هن ماڻهوءَ تي
چاڙهي ويئي هئي، جنهن ڪري ايترو ڇڪجي تڪجي ويئي هئي! انوءَ کي اهو
خيال جاڳيو ته هن جي پاسراتين وچان هو هن جا ڦڦڙ ۽ دل به ڏسي ٽي سگهيو،
ڇاڪاڻ ته هن جي ڊگهي ساهه کڻڻ تي ڪا شي زور سان اچي ٽي انهن پاسراتين
سان لڳي، ۽ هن جي نڪ جي ڇوٽين ۽ گلي مان ساهه جو آواز ڪجهه ائين ڦاٽي
ٽي نڪتو، جڻ ڪو ٻوڙو ٽانوُ زور سان وڄي رهيو هو. هر ساهه اچڻ تي هن جي
اکين ۾ هڪ اهڙي اڇل ٽي پيدا ٽي جڻ ته اجهو ٽيون ٻاهر نڪرن. هن جون
اکيون ڪيتريون نه وڏيون هيون، ۽ انهن جي پيلاڻ، انهن جي اَڇَ ئي هن جي جئري
هجڻ جي دانهن ڏيئي رهي هئي !

چترڪار جو هڪ دوست، جو شايد ڊاڪٽر ٿي ڏٺو، پنهنجي بئگ کڻي اڳتي آيو. بئگ مان انجيڪشن جو سامان ڪڍندي هن چيو: " ڪجهه پاڻي ڪپي !"

ان وقت انوءَ هن مائيءَ کي ڏٺو ، جا هڪ ڊگهو گهونگهٽ ڪڍيو، پٽ تي ويٺي هئي، ۽ ڪنهن ميرانجڙي ڪپڙي ۾ چتيون وجهي رهي هئي. هوءَ اٿي، جست جي هڪ ٽانوَ ۾، پاڻي کڻي آئي.

" پاڻي !" هن عورت مختصر ترين جواب ڏنو.

ان عورت جون ڪاريون ٻانهون ڪافي مضبوط هيون؛ سندس قد ننڍو هو، بدن ۾ ٿوري پريل هئي. فقط ٻانهن ۽ هن جي بيهڻ جي انداز مان هن اندازو لڳايو ته سندس عمر ويهارو ورهيه مس هوندي. سندس آواز نهايت سنهڙو هو. ڊاڪٽر، هڪ دوا پاڻيءَ ۾ ملائيندي، ان زائفان کي چيو: " هيءَ دوا ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ پيارجانس. آءُ سئي هڻي ٿو ويجانس. گوريون ايا ته هونديون نه ؟"

" ها، ايا ٻن ڏينهن جون آهن."

" وڌيڪ ضرورت به نه ٿيندي!" ڊاڪٽر اهي لفظ ڪجهه اهڙي نموني چيا جو زال کان چرڪ نڪري ويو !

ڊاڪٽر هن جي ٻانهن ۾ سئي هنئين ته هن جو بدن ڇڻ ته گهڙيءَ لاءِ آڪڙجي ويو، ۽ ان سيٽ جي ڪري، هن جي وات مان' آهه' جو لفظ رڳو هوا جو جهوٽو بڻجي ٻاهر نڪتو.

" بيماريءَ هاڻ ته هن جي آواز کي به ڪائي ڇڏيو آهي !" انوءَ سوچيو .

سئي هڻي ڊاڪٽر هن جي نبض تي هٿ رکيو. ڊاڪٽر جي منهن تي پهرين ڪجهه گهبراهٽ ظاهر ٿي، پر پوءِ ڇڻ ته سڪون موٽندو ٿي آيو. ڪو وقت ڊاڪٽر نبض تي هٿ رکي بيٺو رهيو، ۽ پوءِ هن آهستي آهستي ٻانهن هيٺ رکي ڇڏي، ۽ وڌي سندس اکين کي هٿ سان بند ڪري ڇڏيو.

" شي ويجي ڏٺين کي پهتي !" ڊاڪٽر چيو.

انوءَ رڳو ان زال جي اوچنگارن مان محسوس ڪيو ته هو مري چڪو هو. هن کي هن جي زندگي ۽ موت ۾ ڪوبه فرق سمجهه ۾ نه آيو. هن کي ائين محسوس ٿيو ته جيسيتائين هن جون اکيون کليل رهن ها، تيسين شايد هو زنده رهي ها. دنيا

کي ڏسندو رهڻ ئي ته زندگي آهي، هن سوچيو ! زال جي اوچنگارن تي، آهستي آهستي پاڙي مان زالون اندر اچڻ لڳيون، ۽ ڪجهه مرد جهوپڙيءَ جي دروازي اڳيان ڪٺا ٿيڻ لڳا. هو به سڀ ٻاهر نڪري آيا. ٻاهر ڄڻ ته ماڻهن کي اڳي ئي خبر هئي، ۽ جهوپڙيءَ اڳيان به به تي تي ڄٽا ٿي پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا. هي مرد يا ته پوڙها هئا، يا بيمار ! انهن کي ٻئي ڪنهن نالي سان سڏي به ته نه سگهبو ! . هن مان ڪنهن جي به منهن تي دُ ک جا آثار نه هئا- يا هن جي منهن تي دُ ک کان سواءِ ڪو ٻيو آثار ئي نه هو- ۽ هي نئون دک هن جي منهن ۾ ائين گم ٿي ويو، ڄڻ ته ڪا ننڍڙي ڇولي ڪنهن ويرجي وَر چڙهي، ان ۾ هميشه لاءِ گم ٿي ويئي !

ٻاهر نڪري چترڪار، هڪ پوڙهي کي ڪجهه پيسا ڏيندي چيو: " چاچا، تون وڃي ڪجهه ڪفن دفن جو بندوبست ڪري اچ !"

" هائو، ابا ! آءُ بس اجهو آيس !"

هڪڙو پوڙهو پنهنجي گهران هڪ پراڻي چادر کڻي آيو، ۽ اڳيان وڃائيندي چيائين: " ڊاڪٽر صاحب، بيهندؤ ڪيترو ؟ هت ويهي رهو !"

" نه چاچا، وهون ڪونه ٿا: تيسين اسين ٻن ڇئن گهرن مان مريض ڏسي ٿا اچون .... !"

هن جيڪي به گهر ڏٺا، تن جو نقشو گهڻو تڏو ساڳيوئي هو: ڇنل ڦاٽل ليڙون ٿيل هنڌ، ميرا گندا ڇپا ٿانوَ، سنياريل مٽ، گدلا ٻار، مرنديون جهرنديون جندڙيون.....! ڪو گهر خالي نه هو، جنهن ۾ ڪو بيمار نه هجي. ٻارن ۾ گهڻي بيماري اهڙي هئي جنهن ۾هن جون ٽنگون ٻانهون وئنٽائين جهڙيون سڪل ۽ تڙڪندڙ، پر سندن پيٽ ڦوڪيل، ۽ پيلا ٿوٿريل منهن ! زالن ۾ اڪثر زالون پيٽ سان هيون، جيڪي ٿوري ڪپڙي جي ڪري پنهنجي حالت لڪائيندي به لڪائي نه ٿي سگهيون ! مردن ۾ يا ته سلهه هئي يا دم. چترڪار جي ساٿين کي ڏسي هن جي منهن تي شوخي ۽ مرڪ موٽي ٿي آئي، ۽ هن اهڙي طرح ٿي سندن آجيان ڪئي ڄڻ ته ورهين کان هن جا منتظر هئا !

چترڪار هن کي ٻڌايو ته هن ۾ اڪثريت اهڙن مزورن جي هئي جيڪي ملن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندا هئا: ڪي گهوڙي گاڏيون، سائيڪل رڪشائون به هلائيندا هئا: ڪي ٻئي ڪم ڪندا هئا ته ڪن کي مهينن جامهينا ڪم نه ملندو هو. جڏهن کين ڪم نه ملندو هو، تڏهن اڪثر چوريون ڪندا هئا، يا

گهر جا ٽپڙ وڪٽي جُوا ڪندا هئا. ڪتندڙ جواري تاڙي پي پنهنجي زالن ۾ ٻاڪر ڪُٽو وجهندا هئا، ۽ هاريل جواري ساڙ مان زالن کي مارينداهئا - ٻنهي حالتن ۾ زالون هر سال ڪين ٻار ڄڻي ڏينديون هيون ! جئن جئن ٻار وڏندا ٿي ويا، تئن تئن هنن ۾ نشو ۽ ڏوهه وڏندو ٿي ويو. اڻ پوري مزوريءَ مان پورت نه ٿيڻ جي صورت ۾ هو اهڙن طريقن سان پئسا ڪمائڻ تي هرڪن ٿا، جن کي معاشرو سماجي برايون سڏي ٿو.

"ائين ڇو آهي ؟"

اهو سوال سڄي واٽ هن جي ذهن ۾، دڙها هٽندو رهيو. هن ائين ڀانيو ڄڻ ته هن جي دماغ کي چترڪار ڪو ڪاٺ هٿي ڇڏيو هو، جنهن ۾ هڪ اهڙو لوگهو پيدا ٿي پيو هو، جنهن مان هن کي ڪي نيون صورتون نظر اچڻ لڳيون هيون- تاڙي پيئندڙ سلهه ۾ ورتل مريض، قطار در قطار، هن جي ان لوگهي اڳيان لنگهندا ٿي ويا، ۽ هن کي عجب ان ڳالهه جو هو ته انهن مان اڪثر ماڻهن جا منهن يا هن جي پيءُ سان ٿي ملي آيا يا چاچي علوءَ سان ! ڪيترا ڏينهن هن جي ذهن کي اها مشابهت اڏوهيءَ وانگر ڪائيندي رهي. هن کي اهي شڪليون خواب ۾ ڊيڄارڻ لڳيون هيون- گند ۾ سُرندڙ ڪينئان، ماڻهن جي هٿن پيرن، منهن ۽ اکين مان وهندڙ رت ۽ پون، هڏن جا پڃرا، پيٽ سان زالون، ۽ ڦوڪيل پيٽن وارا ٻالڪ ! ائين ڇو آهي ؟ هن جا سمورا خواب هميشه ان خيال اچڻ تي ٽٽي پوندا هئا، ۽ هو ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهندو هو.

*** *** ***

هڪ ڏينهن صبح جو سوير، منظور اچي هنڪي اٿاريو، ۽ هن کي تيار ٿيڻ جي هدايت ڪري ٻين همراهن کي سڏڻ لاءِ هليو ويو. جڏهن هو سڀ ڪار ۾ اچي ويٺا تڏهن منظور ڳالهه ڇيڙي: " باس جي مل ۾ مزورن هڙتال ڪئي هئي ۽ ڪي مزور ڪارخاني اڳيان پٿلي ماري ويهي رهيا. باس پوليس جي مدد سان انهن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته جهيڙو وڌي ويو، ۽ مزورن پوليس سان منهن ڏنو. لاچار پوليس کي پهرين لاٺي چارج ڪرڻي پئي، ۽ پوءِ هوائي فير ڪري هنن مزورن کي ڇڙو وڇڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان فائرنگ ۾ ٽي مزور مري پيا ! هڙتالي مزور هيڪاري بگڙي پيا آهن؛ خطرو آهي ته مل کي متان ڪو نقصان رسائين. پوليس ته مِل تي بيٺي آهي، پر مزورن سان ڳالهائڻ لاءِ باس جو هلڻ ضروري آهي ته جيئن ڪوناهه ٿئي، پر ڪيس اهو خيال آهي ته متان ڪو دنگو فساد ٿي پوي، ان ڪري اسان کي هلڻ جو حڪم مليو آهي ته ڳالهين وقت اسين موجود هجون؛ متان ڪي مزور حملو نه ڪري وجهن !"

انو چپ چاپ ڪار جي ڪنڊ ۾ ويٺو رهيو. ٻيا سڀ تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ منظور سان سوال جواب ڪندا رهيا، پر هوخاموش هنن کان بي خبر ڇڻ ته جهوٺا ڪائيندو رهيو. هن کي باس يا باس جي مِل سان ڪا دلچسپي نه هئي. پر هو انڪار به نه ٿي ڪري سگهيو. هو ته باس جو هڪ پگهار دار نوڪر هو؛ انڪار ڪيئن ڪري ؟ ۽ هو انهن مزورن متعلق سوچڻ لڳو جن جا ٽي ساٿي مارجي چڪا هئا. ڪهڙي ڳالهه هوندي جو مزور پنهنجا ماڻهو مارائيندي به نه گڻا ! هن سوچڻ جي ڪوشش ڪئي. پر عين ان وقت هڪ وڏي موٽر زوم مان هنن جي اڳيان لنگهي ويئي، ۽ پوءِ بلڪل هنن جي اڳيان اڳيان هلڻ لڳي. هنن مان ڪنهن چيو " باس !"

متيءَ جوهڪ ڪَڪرُ هن جي ذهن آڏو اچي اڪين کي پوسرائڻ لڳو.

ان ڪار ۾ پوئين سيٽ تي ٻه ماڻهو ويٺل هئا جن مان هڪڙو ته باس هو ٻئي
ي انو شايد ڪونه سيحاڻيندو هو. اڳين سيٽ تي ڊرائيور سان گڏ باس جو بادي
ارڊ ويٺل هو، جنهن کي هن باس جي بنگلي تي پهرئين ڀيري به هن ڏٺو هو.

جڏهن اڳين ڪار، رستي جي هڪ ڪاٻي موڙ تي مُڙي، تڏهن هن جي ذهن اڳيان
هڙو موڙ اچي ويو، جنهن جي هڪ پاسي هن جي اصليت هن کي سڏ ڪندي ٿي
ئي، ۽ ٻئي طرف اها زندگي هئي، جنهن کان فرار جي ڪوشش جي معنيٰ موت
ئي؛ اصليت ۽ موت جو اهو ٻه-واٽو ڪيڏو نه ڊيڄاريندڙ هو ! اصليت موت کان
وڌيڪ خونريز هئي، جتي هن جي چاچي علو جو لاش هن جي لاءِ پنهنجون اکيون
يا تائين کوليو انتظار ڪندو ٿي رهيو، جتي هن جي ماءُ جا سڏ ڪا هن جي آٿت
جا منتظر هئا، جتي هن جي پيءُ جي تاڙيءَ جي بوءِ هن کي پنهنجي ڏکويل پاڪر
۾ آٽڻ کان ڪيهائي رهي هئي ! هن جي ذهن ۾ اهو سوال اوچتو اپري آيو ته هن
جي پيءُ تاڙي پيٽڻ ڇو شروع ڪئي ؟ الائي ڇو ان ئي وقت هڪ ٻيو خيال به هن
جي ذهن ۾ اٿيو ته مزورن هڙتال ڇو ڪئي هوندي؟

هو منظور کان پڇي ويٺو: " مزورن هڙتال ڇو ڪئي آهي، منظور ؟ ! "

اهو سوال هن ايترو وقت خاموش رهڻ کان پوءِ ڪيو هو، ان ڪري ان سوال لاءِ
منظور بلڪل تيار نه هو. سڀ ڄڻ ته ان سوال جي اوچتي ڏڪ کان ماٺ ٿي ويا، ۽
منظور ڪجهه سوچيندي، هلڪي ڪنگهڪار ڪندي چيو: " چون ٿا ته سندن
مزوري وڌائي وڃي، ڪين صاف سٿرا گهر رهڻ لاءِ ڏنا وڃن، مل جي اسپتال ۾
ڊاڪٽر مقرر ڪيو وڃي وغيره وغيره .... وڏي ڳالهه اهاآهي ته چونڊون
ويجهيون آهن نه، انڪري ! "

"چونڊن جو ان سان ڪهڙو لاڳاپو؟" انوءَ معصوميت مان سوال ڪيو.

"چونڊن جي وقت ۾ مخالف ڌرجاماڻهو ٻئي کي بدنام ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي
برغلائيندا رهندا آهن. باس جي مخالف بيهڻ وارن اميدوارن مان هڪڙو اهڙو
ماڻهو آهي، جنهن کي ڪن ٻين ماڻهن جي مدد آهي. انهن ماڻهن سان ته باس ۽
اسين پڇي ڪائڻ جهڙا آهيون. پر اُن ماڻهوءَ جي پٺ پنهنجي ڪن ساٿين سان
گڏجي هڪ " سماج سڌارڪ " سوسائٽي ٺاهي آهي، جنهن جي طرفان هڪ ٻه
ڊاڪٽر، شاگرد ۽ ڪتابي ڪيڙا گڏجي مزورن جي بستين ۾ وڃي، مزورن کي

باس ۽ ٻين ملن ۽ ڪارخانن جي مالڪن خلاف ڀڙڪائيندا ٿا رهن ؛ مزورن کي مفت دوائون، مفت ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ڏيندا ٿا رهن. ڪي مزورن جا اڳواڻ به هنن سان شامل آهن. وڏي ڳالهه ته هو مزورن کي پڙهائيندا آهن، ۽ انهن ڪلاسن ۾ هنن کي اهڙيون ڪي مرليون ٿا ٻڌائين، جو مزور پاڻ کي مزورن بدران مرڪو ملڪ جا مالڪ سمجهڻ لڳا آهن، ۽ حڪما حڪمي مزوريون وڌائڻ جون گهرون ڪندا ٿا وتن ! "

انوءَ کي الائي ڇو پنهنجي بدن ۾ سُيون سُيون چيڻديون محسوس ٿيڻ لڳيون هن آهستي چيو؛ " منظور، تنهنجو پيءُ به ته هڪ مزور هو ! "

منظور کي ائين محسوس ٿيو جڻ ته انوءَ کيس ڀرپور ٿڦڙ وهائي ڪڍيو هو. هو پنهنجي ڪاوڙ الائي ڪيئن سهسائي ويو. سندس منهن ايئن ڳاڙهو ٿي ويو جڻ ته اوچتو کيس تيز بخار اچي ويو هو، ۽ پوءِ هن جي منهن جي ڳاڙهاڻ آهستي آهستي پيلاڻ ۾ تبديل ٿيڻ لڳي، جڻ ته شفق کانپوءِ صبح جي آخري ڪرڻن هن جي ذهن جي آڪاس تي پيلاڻ ڦهلائي ڇڏي هئي، ۽ سوچ جو سورج نئين صبح جي انتظار ۾ زمين جي سيني ۾ جذب ٿي ويو هو !

سوچ جي ان ٻڌندڙ سج کي ڏسڻ بدران، انوءَ سامهون نگاهه وڌي ته هڪ ڪارخاني جون چمنيون نظر آيس. هيءَ ڪهڙي عجيب منزل هئي، هن سوچيو. جئن جئن هنن جي ڪار ويجهي ٿيندي ويئي، تئن هن کي ايئن محسوس ٿيو جڻ ته ڪو سمنڊ پرياڻ گجي گجگوڙ ڪري رهيو هو؛ جئن جئن هو ويجها ٿيندا ٿي ويا، اها گجگوڙ پڙاڏا ٻڌندي، وڌيڪ ڊيڄاريندڙ ٿيندي ويئي !

جڏهن ڪار بيهي رهي ۽ هو ٻاهر نڪتا، تڏهن هن جيڪي ڏٺو، ان هن جي دل ۾ هلچل مچائي ڇڏي؛ ٻه ٽي هزار ماڻهو هڪ سمنڊ وانگر ڦهليل هئا، ۽ رڳو هنن جي ٻڻ ٻڻ به هڪ گجگوڙ بنجي ٿي ويئي ! جڏهن هن مزورن کي سندن بستين ۾ ڏٺو هو، تڏهن هن جي دل ۾ هنن لاءِ همدردي، ڪهل ۽ رحم جا جذبا تقريبا نفرت ۽ ڏڪار جي انداز ۾ پيدا ٿيا هئا، ۽ هينئر انهن ساڳين مزورن کي ڏسي، هنن جي ڏيا، هيبت کان هن جي دل دهلجڻ لڳي هئي ! هن کي ائين محسوس ٿيو ته هن سمنڊ کي موتائڻ، هن پهاڙ کي اڳيان هٽائڻ ۾ هڪڙو باس ته ڇا سوين باس به ڊنل پلونگڙن وانگر پُڇَ ٽنگن ۾ ڏيئي ڀڄي ويندا !

باس کي ڏسي، مزورن جي ان سمنڊ ۾ نفرت جي هڪ ويرَ ايئن لهي آئي، جو

منظور جي اشاري تي هن سيني پنهنجا روالور ڪڍي ٻاهر ڪيا ۽ باس کي وچ ۾ ڪري، هو مزورن جي وچان لنگهڻ لڳا.

" خوني، " " ڪتا "، "هش هش " "پوش پوش" "هٽو بچو، هٽو بچو" " سوئر" "گونهه خور" " مردار " ..... !

هي لفظ، هونئن ڪير هنکي چوي ها ته هو ان جو منهن پٽي ڇڏي ها، پر اڄ هن ڏلو ته باس سوڌا سڀ هن جا ساٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪارخاني جي دروازي ڏانهن هلندا رهيا. پوليس جي هڪ جٽي وٽ پهچندي، جڏ ته هن سيني سامت جو ساهه ڪنيو. دروازي تي بيٺل پوليس جي هڪ آفيسر باس سان سلام ڪري هٿ ملايو، ۽ چيائين " اڄ ته هن جومزاج ڪافي گرم آهي ! "

" ڏلو ويندو ! " باس مختصر جواب ڏنو، ۽ ڪارخاني اندر هليو ويو. هو به هن سان گڏ اندر داخل ٿيا. گيٽ کان اندرئين طرف آفيس جي در اڳيان به هڪ پوليس وارو بندوق کڻيو بيٺو هو.

هن منظور کان پڇيو: " باس سان اهو ڀيو گڏ ڪير آهي ؟ "

" مزورن کي مقرر ڪرڻ وارو ليبر آفيسر ! "

هو اندر گهڙيا ته آفيس ۾ ويٽل تي ماڻهو. اُتي بيهي رهيا. انهن مان هڪڙو ماڻهو وڏي اچي باس سان مليو.

" اهو مئنيجر آهي، " منظور هن کي ٻڌايو.

آفيس کان وري اندر طرف هڪ ڪمري جو دروازو کولينديِ، مئنيجر باس ۽ سندس ساٿين جي اندر وڃڻ تائين، دروازي جو هڪڙو تاڪ جهلي بيٺو. جڏهن هو اندر داخل ٿيا، ته پوءِ پاڻ به اندر هليو آيو، ۽ دروازو خودبخود بند ٿي ويو !

منظور پنهنجي ساٿين کي ڪرسين تي ويهڻ جو اشارو ڪيو، ۽ هو ڪرسين تي ويهي، پنهنجي پنهنجي سوچ ۾ غرق ٿي ويا. ڪجهه دير کان پوءِ، مئنيجر ٻاهر نڪتو، ۽ آفيس کان ٻاهر هليو ويو. جڏهن واپس آيوتڏهن هن سان ٿي ڇٽا گڏ هئا؛ انو سمجهي ويو ته هي ضرور مزورن جا نمائندا هئا. هن جي منهن تي هڪ عجيب گنيير تا هئي، ۽ ان گنيرتا سندن تيل هاڻن ڪپڙن کي هڪ عجيب حشمت ڏيئي ڇڏي هئي ! الائي ڇو مئنيجر دروازو کولي، ان کي تاڪي ڏيئي ڇڏي. منظور اتي بيهي رهيو. سندس هٿ ڪيسي ۾ هو، جڏ ته هوڪنهن اوچتي حملي لاءِ تيار هو. هن جي اشاري تي ٻيا به تيار ٿي ويهي رهيا. جتي انو ويٺو هو،

اتان هوفقط مزورن جي پٽ ڏسي ٿي سگهيو. هنن جو آواز اهڙو صاف ۽ تيز هو، جو ڇڻ ته هنن جي جسم ۾ ڪا نئين قوت پيدا ٿي پئي هئي !

" سيٺ، اسان کي اها ڳالهه هرگز قبول نه آهي. اسانجا ته سڌا سڌا شرط آهن؛ يا ها يا نه .... ان جو ڪو ٻيو جواب آهي ئي ڪونه !"

" پر مؤلو، ڊاڪٽر واري ڳالهه ته مڃيون ٿا. ڪوارٽرن لاءِ به سرڪار کي زمين لاءِ درخواست ڏني اٿئون. باقي مزوري چونڊن کان پوءِ وڌائينداسون !" اهو آواز مئنيجر جو هو.

" اوهين ڇاٿو اوهان جون چونڊون ڇاٿن؛ اسان کي مزوري هاڻي ئي وڌائي ڏيو. باقي ڪوارٽرن لاءِ، ڪارخاني جي پٽ واري زمين به اوهان جي آهي، ان تي ڇو نه ٿا ٺهرايو"؟

" اتي هڪ ٻي مشين لڳائڻي آهي !" هي آواز باس جو هو.

" ٻي مشين کان به اسان جو حياتيون گهٽ ٿا سمجهو ..... !" ان آواز ۾ هڪ عجيب ٽوڪ سان گڏ هڪ نئين ڪاوڙ اپرندي ٿي نظر آئي.

" هن مل مان اسان کي بلڪل نفعو ئي ڪونهي؛ جيسين نئين مشين نه لڳي آهي، تيسين رڳو نقصان ئي نقصان آهي !" باس چڙ کان وڌيڪ ڪَڪِ ٿيندي چيو. هو اهڙين ڳالهين ٻڌڻ جو عادي نه هو !

" هي اوهان جو پوتا ميل آءُ پاڻ سان کڻي آيو آهيان. اهو ته چوي ٿو ته اوهان جي مل هر سال اڳئين کان اڳرو نفعو ٿي ڪمائي !"

گهڙيءَ لاءِ ته خاموشي ڇائنجي ويئي. پوءِ مئنيجر ڪجهه ڪنگهڪاريندي چيو؛ " اهو پوتا ميل ته وڏيڪ ليسن وٺڻ لاءِ هٿرادو ٺاهيو ويو آهي ته جيئن حڪومت نفعي جي لحاظ کان وڏيڪ پرمٽون ڏي !"

" جيڪڏهن اها هٿرادو آهي ته اوهان جو ۽ ٻين آفيس جي ماڻهن کي جيڪو بونس مليو آهي، سوبه هٿردو آهي يا اهو صحيح آهي؟"

مئنيجر شايد اها ٽوڪ سهسائي نه سگهيو، ۽ هن ڇڻ ته ناراض ٿيندي چيو؛ " ان سان اوهان جو ڪجهه نه وڃي !"

" اسان جو ڪجهه نه وڃي ؟ ائين نه ! پورهيو اسين ڪريون، مال اسين ٺاهيون، مال جي پيدائش اسين وڌايون، هٿ، ٻانهون تنگون اسين ڪپايون، سلهه ۾ اسين وٺجون ۽ بائلر جي دوزخ اڳيان اسين بيهون، بجليءَ جي شاڪ ۾ اسين

مرون، باقي بونس اوهان کي ملي، نفعو سيٺين کي ملندو رهي ۽ .... ۽ ان ۾ اسان جو ڇا وڃي ! سيٺ، ڪن کولي ٻڌ. جيسين اسان جون گهرون پوريون نه ٿيون آهن، تيسين هيءَ مل بند رهندي! "

اهي لفظ نه هٿا، ڇڻ ته باهه جون ڇڙون هيون، جي ڇڻ ته ديوارن کي ساڙيندين، پڙاڏا پيدا ڪنديون، آفيس جي هن خال ۾ وڃڻ لڳيون. ۽ پوءِ هو ٿيئي اٿي بيهي رهيا.

"مولو، تون ته مڙس ناهو ڪو آهين؛ تو مان اسان کي وڏيون اميدون هيون. مون ته سيٺ کي چيو هو ته توکي اڄ ئي فورمئن ڪرڻ جو حڪم ڏي ، ۽ نورا، توکي بائلر سيڪشن مان ڪڍي، سپروائيزر ڪنداسون، ۽ ڪريم، تنهنجي بونس وڌائڻ لاءِ ته مون اڳي ئي هيڏانهن پنهنجي ليبر آفيسر کي اڳي ئي چئي ڇڏيو هو ! توهين ته اسان جا پنهنجا آهيو؛ ڇو اهڙا ٿيا آهيو ؟ "

" مئنيجر صاحب، آءٌ فورمئنيءَ کي ٿڪ به ڪونه هٽان .... هي سوال رڳو منهنجو نه آهي؛ هي اسان سمورن پورهيتن جوسوال آهي ! سندن ٻچڙن جي پيٽ جوسوال آهي، سندن اگهاڙن انگن جو سوال آهي، سندن اگهائي سگهائي جو سوال آهي، سندن جئڻ مرڻ جو سوال آهي ! اسان جا تي ساٿي پنهنجي جان ڏيئي چڪا آهن، تنهن جواوهان کي ڪو فڪر به ڪونهي ! "

انوءَ کي ائين محسوس ٿيو، ڇڻ ته مولو ڪنهن انسان بدران واسينگ نانگ بنجي ويو هو، جنهن جو هڪڙو هڪڙو لفظ ڏنگيندو ٿي ويو !

" اسان کي هنن جو ڏاڍو افسوس آهي .... اسين انهن جو معاوضو ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ! " باس نرميءَ سان چيو.

" معاوضو ! ڇڻ ته اوهان جو معاوضو هنن جي رنن جي لڙڪن کي روڪي سگهندو، هنن جي ٻچڙن کي پيءُ جو پيار موٽائي ڏيندو .... ! پر خير، جيڪي ٿيو، سو ٿيو، پر جنهن ڳالهه لاءِ هنن گوليون سٽيون، ان ڳالهه جو فيصلو نه ٿيو، ته هيءَ مل نه هلندي !"

" جيڪڏهن اسين ٻيا مزور پرتي ڪريون ته پوءِ ؟ " باس هاڻ ڪاوڙجي چيو.

" ٻيا مزور پرتي ڪندو ؟ هنن کي ڪارخاني ۾ گهڙڻ لاءِ اسان جي لاشن مٿان لنگهڻو پوندو، سيٺ ! "

"جيڪا اوهان جي مرضي ! ڏسون ڪيترو وقت ٿا بنا مزوريءَ جي رهي سگهو.

اوهين وڃي سگهو ٿا !"

" مزوريءَ سان ڪهڙو پيٽ ٿو پرجيسون، جو بنان مزوريءَ جي فرق پوندو، سيٺ ! بک ۽ فاقو تہ اسان جي قسمت آهي ... پر ڏسجو متان بک جي باهہ ۾ اوهان جو هي اڊمبر، هي ڪارخانو نہ ٻارڻ بنجي وڃي !"

مولوءَ جي آواز ۾ ڇڻ تہ هن جي تقدير ڳالهائي رهي هئي، جنهن کي دنيا جي ڪا طاقت مٽائي نہ ٿي سگهي.

" ڏسي رهنداسون اوهان جي دڙڪن کي .... اوهان سمجهيو ڇا آهي ؟" باس ڪاوڙ مان ميز تي مڪ هڻندي چيو.

ان مڪ جي آواز تي، چار روالور ڪيسن مان ٻاهر نڪري آيا. مولوءَ پنهنجي چؤطرف پستول ڪليل ڏسي، چرين وانگر ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳو. اهي ٿهڪ يقيناً ڪنهن صحيح دماغ جي ماڻهوءَ جا نہ هئا ! پوءِ مشڪل سان هن پنهنجي ڪل روڪيندي چيو: " واه ڙي سيٺ، واهہ واهہ ! تون سمجهين ٿو تہ اسين تنهنجي هن پاڙي جي خچرن کان ڊڄي ويندا سون ... ! پليو آهين: اسين پوليس کان نہ ڊناسون تہ هن وات ڳاڙهن ڇو ڪرن کان ڇا ڊڄنداسون ؟ !"

اوچتو باس جو بادي گارڊ، ڪارودیو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو، ۽ هن زور سان هڪ ٿڦڙ مولوءَ کي وڃائي ڪڍيو. مولو ٻہ تي ٿيڙ ڪائيندو، وڃي زور سان سيٺ جي پيرن ۾ ڪريو. ٿڦڙ لڳڻ سان، هن جي نڪ ۽ ڇپن مان رت ٽپنديون ڪري وهڻ لڳو. ٿورو ڪنجهندي، هو اٿي بيٺو: هن هڪ نظر سان سيٺ ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ هٿ وڌائي هن تيل هاڻي قميص سان پنهنجي نڪ کي صاف ڪيو. هن جي قميص جو اڳ رت سان ڳاڙهو ٿي ويو: هن جا ٻہ ساٿي هن ڪاري ديوتي اُلر ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا، پر مولوءَ ڪين هٿ سان منع ڪئي، ۽ هن وري بہ هڪ عجيب ڪل ڪلندي چيو: " نہ بابا نہ، هي ڏک، هي رت تہ اسانجو مَرڪُ آهي ! اسان جو رت پاڻهي پنهنجو رنگ لائيندو: هن ڪتن سان منهن ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو !"

باس، مئنيجر ۽ ليبر آفيسر بہ اٿي بيٺا. مولو پنهنجو نڪ صاف ڪندو، ٻنهي همراهن سان گڏجي ٻاهر هليو ويو!

باس بہ ٻاهر نڪتو تہ هي سندس پويان هليا آيا. ٻاهر گيٽ وٽ پهتا تہ مولوءَ پوليس جي هڪڙي آفيسر کي چيو: " اوهان جي هوندي، اسان کي اجهو هي

انصاف مليو آهي !"

پوليس آفيسر رڳو ڪلها جهمڪائيندي ماٺ ٿي ويو، ڇڻ چوندو هجي: "پائو، اسين بہ تہ هتن جا ئي ملازم آهيون، اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟ !"

باس ڳچ وقت ، مئنيجر ۽ ليبر آفيسر سان ڳالهائيندو رهيو، ۽ پوءِ جڏهن هوٻاهر آيا، تڏهن انوءَ هڪ عجيب حالت ڏٺي. هتن جي وڃڻ جو رستو مزورن جو هي سمنڊ روڪي بيهي رهيو! انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ ڪي سوين هزارين واسينگ ڦوڪون ڏيئي رهيا هئا. ميڙ جي اها مودڊسي، باس بہ اتي ئي ڇمي بيهي رهيو، ۽ مُنجهي پوليس جي ٻن آفيسرن ڏانهن ڏٺائين، جيڪي هن کان ٿورو پريرو اچي رهيا هئا.

پوليس جو هڪڙو آفيسر اڳتي وڌي آيو، ۽ هن اڳيان بيٺل مزورن کي چيو: "اوهان رستو ڇو جهليو آهي ؟"

ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو. فقط اڪين ۾هڪ عجيب جوت جلندي رهي، ۽ الائي انوءَ کي ڇو محسوس ٿيو تہ ان جوت ۾ رَتَ جي ٻارڻ جي روشني هئي !

"هٽو، رستو ڏيو !" پوليس آفيسر رعب سان چيو.

مجمعي تي ڇڻ تہ ڪو بہ اثر نہ ٿيو، ۽ ديوار بڻيا بيٺا رهيا. پويان ڪنهن چيو: "اهو ڪارو ديو اسان جي حوالي ڪريو تہ رستو ڏينداسون !"

ان لفظ " ڪارو ديو " تي هڪ ٿهڪڙو مچي ويو. ان ٿهڪڙي ۾ خوشيءَ بدران هڪ عجيب ٿوڪ پريل هئي !

" ڪارو ديو ؟ "

پوءِ پوليس آفيسر، باس جي بادي گارڊ ڏانهن ڏٺو. ڪارو ديو،ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڏسندو، وسامجي ويو. هن جي اکين ۾ هاڻ ڊپ پرجندو آيو، ۽ هو ڇڻ پنهنجو ذڪر ٻڌي سسندو ٿي ويو. هن جا اُپريل ڪلها، ڊُرڪي پيا هئا.

پوليس آفيسر وري باس ڏانهن ڏٺو: هن کي باس جي اکين ۾ الائي ڇا نياپو مليو، ۽ هن هڪدم ٻن ڇئن پوليس وارن کي ڪو حڪم ڏنو. پوليس وارا بندوقن ۾ سنگينون ٽنبي سامهون ڪندا اڳتي آيا، ۽ "هٽو هٽو .... هٽجائو .... " ڪندا ميڙ ۾ گهڙي پيا ! هتن جي اچڻ تي، مزورن جي ميڙ ۾ هڪ پيچرو پيدا ٿيندو ويو: اڳيان پوليس وارا هلندا ويا، ۽ سندن پويان باس ۽ سندس ساٿي هلندا ٿي آيا. اوچتو انوءَ هڪ دانهن ٻڌي: دانهن تي هن نظر مٿي ڪنئي تہ هن

ڪاري ديو کي مٿي کڇندو ڏٺو، ۽ پوءِ ڪارو ديو هٿو هٿ مزورن جي هڪڙي ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين پهچي ويو !

ڪو اشارو ملڻ تي پوليس وارن پنهنجون رائفلون اڀيون ڪيون. نندي قد جي هڪ همراهه چيو:" فائر " !

سڌا فير مزور ن جي مٿي ڪان ٽيندا، هوا ۾ پڙ اڏا پيدا ڪندا ويا. ڪجهه پوليس وارا لئيون ڪٽي مزورن پويان ڪاهي پيا. اوچتو هن منظور جو آواز ٻڌو:" ڀڄو !"

هو ڀڄندا ڀڄندا پنهنجي ڪار تائين آيا. باس پنهنجي ڪار ۾ چڙهي، اڳي ئي روانو ٿي چڪو هو. مٿيءَ جي هڪ ڪَڪَر پويان، هن ڏٺو ته باس جي ڪار هوا سان ڳالهيون ڪندي ٿي ويئي. اوچتو ڪارجي اڳيان مزورن جو هڪ هجوم وڌي آيو. ڪار ڊري ٿي ويئي. منظور سيني کي اشارو ڪري، هيٺ لهي پيو، ۽ ڪيسي مان روالور ڪڍي زور سان چيائين:" هٿو نه ته ....."

انوءَ کي الائي ڇاٿيو، هن زور سان منظور جي ٻانهن تي اهڙو زور سان ڏڪ هنيو، جو هن ڪان دانهن نڪري ويئي، ۽ روالور وڃي مزورن جي وچ ۾ ڪريو: مزورن مان هڪڙي مزور اهو ڪٽي ورتو اڳتي وڌي آيو !

اوچتو انوءَ رڙ ڪري چيو:" ڀائو، اسين به اوهان وانگر مزور آهيون: حڪم جا بندا !اسان جو اوهان سان ڪو جهيڙو نه آهي!"

هڪڙي مزور ڏ ڪار مان چيو:" ڀاڙي جا خچر !"

هجوم هنن تي حملو ڪرڻ وارو هو پر هڪڙي مزور زور سان چيو " ڇڏيو هنن کي ! هنن جو ڪهڙو ڏوهه ؟ هن همراهه ته پاڻ پنهنجي ئي ساٿيءَ جي ذري گهٽ ٻانهن ڀڃي وڌي آهي، نه ته هن جي گولين سان اسان مان ٻه چار ڄڻا ڊيري ٿي پيا هجن ها !"

مزور پاڻ ۾ ئي زور زور سان دليل بازي ڪرڻ لڳا. انؤ موقعو ڏسي آهستي چيو:" توهين هاڻ هلو ...."

هو چپ چاپ ڪار ۾ چڙهي پيا: اويس چيو " انو، اچ نه .... !"

" توهين هلو ....آءٌ پاڻهي ايندس !" انوءَ مختصر جواب ڏنو.

ڪار مٿيءَ جا ڪڪر اڏائيندي هلي ويئي. فائرنگ بند ٿي چڪي هئي. هو انهن ئي مزورن جي وچان لنگهندو، ڪيسي ۾ هٿ وجهي، ڪنهن سوچ ۾ پاڻ

ڪي ڳاريندو، اچي پڪي رستي تي پهتو. هن جي ذهن ۾ عجيب طوفان متل هو. هن ڪي پڪ ٿي ته هاڻ منظور سان هن جي دوستي ختم ٿي چڪي هئي. هاڻ هن جو بنگلي تي موٽڻ به خطري کان خالي نه هو. پر هن ڪي الائي ڇو ائين محسوس ٿيو ڏکو لڳو ته هو ضرور موٽي ويندو ! پڪي رستي تي پهچي، پنڌ ئي پنڌ موڙ جي ٻئي پاسي واري رستي تي هلڻ لڳو. هي رستو هن جي ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو. هو پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي رهيو هو، ۽ جڏهن پنهنجي ماءُ جو ڏکويل چهرو هن جي تصور ۾ ايري آيو ته هن جي ذهن جو طوفان بيهي رهيو. ان ۾ فقط ماءُ جي ما متا جي ٿڌيري ڏکويل هير گهلڻ لڳي هئي !

*** *** ***

جڏهن هو ڳوٺ جي قبرستان وٽ پهتو، تڏهن هنکي پنهنجو چاچو علو ياد اچي ويو، ۽ هن جي دل مان هلڪو سڏڪو نڪري ويو. هوڪوشش ڪري، ماڻهن کان بچندو، پاڻ لڪائيندو پنهنجي گهر تائين پهتو. اندر داخل ٿيڻ سان، هڪ زائفان هن کي ڏسي هلڪي ڪيڪ ڪئي، ۽ اندر صفحي ڏانهن ڀڳي. اندر به ٻه ٽي زالون پٽ تي پٽلي ماريو ويٺون هيون، انهن زالن سان گڏ هن جي ماءُ جو ڏيان به هن ڏانهن ڇڪجي ويو، جيڪا ڪنڌ جهڪايو، منهن کي گنديءَ ۾ لڪايو ويٺي هئي !

" انو ! " هنجي ماءُ کان رڙ نڪري ويئي.

هو وڏي ماءُ کي ڇنبڙي پيو. سائنڻ کان اوچنگار نڪري ويئي. زالون ڪجهه حيران ۽ ششدرٿي ويٺون: " ائي امان، تون عدت ۾ آهين، ڪجهه ته ويچار ڪر ! ".

"عدت ؟ ! " انوءَ جي وات مان سوال هڪ سڏ کو بڻجي نڪتو !

" ماسي کانان، هي مون ندوريءَ جو ڇوڪرو آهي، انو: شهر ۾ ڪمائيندو آهي ! ڏٺيءَ جي واسطي ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجو ! "

زالن اهو ٻڌي نئين سر اوچنگارون ڏيڻ شروع ڪيون: " آ، آبا پنهنجي بابل جو منهن به نه ڏٺئي ! " مائي خانان اوساريندي چيو ! " ڇا ٿيو ؟ " انوءَ کي ائين محسوس ٿيو، جڻ ته هن جي دل ۾ چڪ پوندو ٿي ويو.

" ابا، باهه لڳي مُئي پوليس کي : ڪارڪاني ۾ ڪا هٽتاڙ ٿي هئي: مُئن رئٽلون هٽي، ٿي مڙس ماري وڌا ! " ماسي خانان وري اوچنگار ڏني.

" هي جيڪو سليمان بروهي ڳوٺ وارو ڪارخانو آهي ؟ "

" هائو ابا، مُئن کي خدا خدا جو رسول هاڻي ۾ هٽندو ! " ماسي کانان پاراتا ڏيندي چيو.

هڪڙي زال جي اوچنگار تي ٽي ئي چار ئي زالون اوساري ڪڍي روئڻ لڳيون !

مائي کانان بہ نئين سر پار ڪڍي روئڻ لڳي ! ان مهل انوءَ کي الائي ڇا محسوس ٿيڻ لڳو. اها هن کي پڪ هئي تہ ان احساس ۾ ڏک نہ هو. جيڪڏهن ڪو ڏک هو تہ ان کي هو سڃاڻي نہ سگهيو ! هن کي فقط اهو محسوس ٿيو تہ هن جي ڪن جون پاپڙيون ٻَرڻ لڳيون هيون. هن جون مٺيون پيڙيون ٿي ويون، ۽ هن جي دماغ ۾ ڪنهن هڪ ڳالهہ ٽڪڻ جونالو نہ ٿي ورتو؛ فقط هن کي مزورن جي ميڙ جي گجگوڙ سمنڊ وانگر پنهنجي وجود ۾ موجون هڻندي، ڪَپَر ڪڍندي محسوس ٿي، ۽ ان ميڙ ۾ هر مزور جي شڪل هن جي پيءُ جي شڪل سان ملي ٿي آئي !

اوچتو هن چيو: "امان، اٿي تہ هلون !"

" ابا، ڪيڏانهن ؟ " ماٽس کان اڳ سيني زالن ڄڻ تہ حيران ٿي يڪو سوال ڪيو.

" شهر !" هن مختصر جواب ڏنو.

" ابا، هوءَ عدت ۾ آهي ! هوءَ ڪيئن هلندي ؟" ماسي خانان ناراض ٿيندي چيو.

"ادت ٻدت سان آءُ ڪجهہ نہ ڄاڻان ! هاڻ هن جو هتي ڪير آهي، جو هتي رهندي ؟"

" ابا، برادر ڇا چوندي ؟" هڪ ٻئي مائي چيو.

" برادر اهو چوندي تہ پنهنجي پٽ سان گڏ شهر هلي ويئي !" هن چيو.

لاريءَ ۾ وهندي ئي هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو: هو پنهنجي ماءُ کي ڪيڏانهن ولي ويندو ؟ هن کي ڪٿي رهائيندو ؟ بنگلي تي هاڻ هن جي ويجهڻ جو ڪو سوال نہ هو. پوءِ هو ڇا ڪندو ؟ مزوري ..... ۽ هن کي مزورن جي بستي ياد اچي ويئي، ۽ هن جي بدن ۾ سيءُ پئجي ويو ! پوءِ هن کي چترڪار ياد اچي ويو، ۽ هن جي دل کي ڄڻ تہ آٿت اچي ويو. چترڪار ضرور هن کي ڪا نوڪري يا روزگار هٿ ڪري ڏيندو؛ هن جو پنهنجو گهر هوندو، جتي ڪم تان موٽڻ کان پوءِ هن جي ماءُ هن جي منتظر هوندي. اهي الٿسا ايا مڪمل ئي نہ ٿيا هئا تہ شهر اچي ويو، ۽ هو ماءُ کي ٽئڪسي ۾ چاڙهي، هڪ هوٽل تي ولي آيو. سانئڻ خاموش، زندگيءَ کان ڊڄندي، حيران پريشان ٿيندي پنهنجي تقدير جي ٻيڙيءَ کي پنهنجي هن شهري پُٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو !

جڏهن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو، هڪ صاف ستري نرم بستري تي ليٽي تہ هن

جي اکين مان نندِ پَرَ ڪڍي اڏامي ويئي. هن جا هَڏَ پٽَ تي سمهڻ جا ايترا عادي ٿي چڪا هئا، جوهيءَ نرمي هن کي چپڻ لڳي ! جڏهن بيرو رات جي ماني کڻي آيو، تڏهن هن کي هڪ اڃاتي خوشيءَ ۽ نواڻ کان گرهه ئي هيٺ نه لٿو. پاروٽن ٽڪرن جي هيراڪ سانئڻ، هن تنوري ماني‌ءَ کي حيرانيءَ ۽ اچرج مان ڏسندي رهي، ۽ هن جي ڏکويل دل مان انوءَ لاءِ الائي ڪهڙيون دعائون نڪرڻ لڳيون !

*** *** ***

انو کيس چئي ويو تہ هو ڪنهن جاءِ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ٿي ويو. اوچتو هن کي اهو خيال آيو تہ هو بنگلي تي وڃي، باجي کان ڪجهہ پئسا وٺي اچي. جيڪڏهن منظور سان يا ٻئي ڪنهن سان وڙهڻو پيو تہ ائين بہ ڪندو! جڏهن بنگلي تي پهتو، تڏهن باجي جي ڪمري ۾ منظور سان گڏ هن شوڪت کي ڏٺو. شوڪت کي اتي ڏسي، هن کي ڄڻ ڪکر جو مانارو چنبڙي پيو، ۽ هن کي تيسين ڏنگيندو رهيو، جيسين باجيءَ ڪيس وهڻ لاءِ نہ چيو. شوڪت بہ ڪا گهڙي هنکي ڏسندو رهيو؛ پر پوءِ ڄڻ هن کي پٽ ڏيئي ويهي رهيو !

"تون ڪٿي هئين ؟" منظور هن کان پڇيو.

هن کي حيرت ان ڳالهہ تان لڳي جو منظور جي آواز ۾ ڪابہ چڙ، يا نفرت نہ هئي.

" آءٌ ڳوٺ هليو ويو هوس؛ منهنجو ڳوٺ اتان ڀر ۾ ئي هو ! " هن بہ پنهنجي آواز کي ڪوشش ڪري نفرت ۽ چڙ کان بچائيندي چيو.

" يَرَ، ڪالهہ جيڪڏهن تون اها اٽڪل نہ ڪرين ها تہ سيني کي مزور جيڪر ڪچو ڳڙڪائي ڇڏين ها ! آءٌ تہ شوٽ ڪرڻ وارو هوس ! " منظو ڪلندي چيو.

" مون بہ اهوئي سوچيو تہ هنن مان ڪو مري پيو تہ اسان مان ڪنهن کي بہ جئرو ڪونہ ڇڏين ها ! " انو مرڪ جو جواب مرڪ ۾ نہ ڏيئي سگهيو.

" جيڪي هن ڪاري سان ڪيائون، ان مان تہ ائين ٿوياڻنجي تہ چڱو ٿيو جو باس نڪري ويو .... ! "

" چو، ڇا ٿيو ؟ جئرو تہ آهي نہ ؟ " انوءَ سوال پڇڻ کان رهي نہ سگهيو.

" ها، پر جيڪڏهن پوليس ڪيس نہ ڇڏائي ها تہ شايد ماري وجهنس ها ! جيسين پوليس جا هٿ رسنس، تيسين تہ هن جو سنڌ سنڌ ڪري ڪٽيو هئائون!

جڏهن پوليس اچي ڪيس ڪنيو، تڏهن هن جو منهن سيجاڻ جهڙو نه هو ؛ سندس منهن سڄي دڙو ٿي پيو هو، ۽ هڪڙي ٻانهن ڪلهي وٽان ڪڍي ڇڏي هئائونس. جنهن ٻانهن سان هن مولوءَ کي ٿڦڙ هنيو هو، ان هٿ جون چار آڱريون ڪپي ڇڏيون هئائونس، ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس مٿيون چپ ۽ اڌ نڪ ڪپي ڇڏيا اٿن ! پوليس مولو ۽ ٻين چوڏنهن جڻن کي جهلي آئي آهي، ٻه جڻا ٻيا به ڪجهه ڏکجي پيا آهن !"

" ڪاري ديوَ" جي مارڪائڻ تي انوءَ کي جڻ ته اڻ لکي خوشي ٿيڻ لڳي هئي، پر هن پنهنجي آواز ۾ ڳڻتي آڻيندي چيو ؛ " پوءِ ته هيڪاري مزور هاڻ جهل ڪونه ڏيندا"

"ها، پر ...."

" پر ڇا ..... ؟"

منظور ڪجهه سوچيندي، باجيءَ ڏانهن ڏٺو. باجي جي اکين ۾ هڪ نئين چمڪ اچي ويئي هئي، ۽ هن جڻ منظوري ڏيندي چيو؛ " پلي، ٻڌائينس، ۽ اج ته هن کي به پاڻ سان وٺي ويندا نه ؟"

" ها، انو ! ڏهين بجي وڏي پارڪ ۾ چونڊن جي باري ۾ هڪ وڏو جلسو آهي ؛ جنهن ۾ باس جي مخالف پارٽيءَ وارا تقريرون ڪندا .... اسان کي اوڏانهن هلڻو آهي. باس به پنهنجي ڪن ماڻهن سان اتي پهچندو .... ۽ پوءِ ماڻهن جي گوڙ ۾ باس جي مخالفن کي سبق سيکارڻو آهي ..... سڄو سماجي سڌارو وسري ويندن ! "

منظور کي کل اچي ويئي. انوءَ کي پنهنجي بدن ۾ ڪي ڪنوڻيون ڪنونديون محسوس ٿيون. پر هن چيو ؛ " عام جلسي ۾ ڏينهن ڏٺي جو ..... "

" ان کان گهڻو اڳي فيصلوٿي ويندو ..... اسين باس جي فون جي انتظار ۾ ويٺاآهيون ! "

پوءِ منظور انوءَ کي ويجهو ڪري ڪن ۾ چيو ؛ " انو، تون رات نه هئين ته مزوئي نه آيو .... هي شوڪت باس جو خاص ماڻهو آهي؛ حسن جي بازار ۾ هن جي ڊيوٽي هوندي آهي .... اهي سموريون جايون باس جون آهن، انهن جون مسواڙون، ۽ ڪن ڳائڻين کي قرض ڏيئي، قرض چڪائڻ جو ڪم سڄو شوڪت سنڀاليو ويٺو آهي. رات اسان، باس جي مخالفن مان هڪڙي جي ڏيءُ

پڇائي آندي آهي .... تون ڏسين تہ ڏندين آگريون اچي ويندئي ... ان ڪم ۾ بہ شوڪت اسان جي مدد ڪئي؛ اهڙن ڪمن ۾ هن جو جواب نہ آهي !"

" ڪير مخالف آهي ؟" انوءَ ڪي خود بہ ان سوال تي اعتبار نہ پئي آيو. پر هن ڇڻ تہ دل هٿن ۾ جهليندي سوال ڪيو.

" اڄ تہ ڏيڪاريانءِ .... ڪو رئيس انور خان آهي ؛ انجي پٽسي جي زور تي باس جو مخالف پروفيسر رشيد چونڊن ۾ بيٺو آهي .... هيءَ ڇوڪري شايد پروفيسر جي پُٽَ جي مڱ بہ آهي !"

باجيءَ جي بيڊ روم جو دروازو کولينديءِ، منظور انوءَ کي، اشارو ڏنو، ۽ انوءَ الائي ڪيئن پاڻ تي ضبط ڪندو، اوستائين پهتو؛ بستري تي هراسيل سورٺ پاسيري ليٽيل هئي. سندس وات ڪنهن رومال سان ٻڌل هو، ۽ سندس هٿ سندس چيلهہ جي پويان ٻڌل هئا. سندس تنگون سندس ئي رَئي سان ٻڌل هيون !

سورٺ دروازو کلندو ڏسي، پاسي ورائڻ جي ڪوشش ۾ صرف ڳچي ورائي سگهي. هن جي ان هلڪي بيوسيءَ جي حرڪت تي انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ هن جي رڳ ر ڳ ۾ رت بدران تيزاب وهڻ لڳو، ۽ ٻئي پَلَ ۾ هن ڪيسي ۾ هٿ وڌو.

منظور الائي ڇا سمجهيو، تنهن انوءَ ڏانهن نهاري مرڪي ڏنو. روالور جي گولي هن جي مرڪ کي پرزا پرزا ڪندي، تارونءَ مان لنگهندي، ڪوپراتيءَ ۾ ڪنهن هنڌ وڃي پهتي ! منظور رڙ ڪرڻ کان سواءِ ئي سڪل بند وانگر وڃي ڪريو. انوءَ منظور ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ، ۽ دروازو کولي ٻاهر اچڻ سان ئي هن شوڪت ڏانهن فائر ڪيو. شوڪت جي دانهن ۾ ڪنهن پيڙا جي بدران محض حيرت هئي، ۽ ٻي گولي جڏهن باجيءَ جي نرڙ کي ڦاڙيندي، ٿيڙ ڪائي وڃي پٽ ۾ ڪتي، تڏهن انوءَ کي ائين محسوس ٿيو ڇڻ تہ هن جي دل تان هڪ ڳوراڻ لهي ويئي هئي !

هن جي مٺگزن ۾ باقي بہ گوليو هيون، ۽ بنگلي ۾. الائي ڪير ڪير موجود هو. هو وري سورٺ جي ڪمري ۾ لنگهي آيو. منظور جي ڪيسي مان روالور ڪڍي، پنهنجو روالور وري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين.

سورٺ جي وات تان ڪپڙو لاهي، سندس ٻانهون تنگون کولي، هن رڳو ايترو چيو؛ " تون اتي ترس ... اڄان ڪي بدمعاش باقي آهن !"

ڪمري ڪان ٻاهراچي هو تڪڙو باجيءَ جي دروازي جي اوٽ ۾ بيهي رهيو. چوڪيدار ۽ اويس ڄڻ ته سهڪندا اندر آيا. چوڪيدار جي هٿ ۾ دونالي هئي، ۽ اويس جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙو پستول هو، انوءَ هڪ ئي وقت فائر ڪندي، اويس کي پويان زور سان لت هنئي، گولي چوڪيدار جي پٺ مان لنگهي، هن جي سيني کي ڦاڙي ٻاهر نڪري ويئي. اويس منهن ڀر وڃي ڪريو. انوءَ کي اويس کي مارڻندي افسوس ٿيڻ لڳو، پر ان وقت هو پنهنجي چپ کي ڪرٽي، پنهنجي چپ جو ڪارو ڪارو رت ايترو ته چٽي چڪو هو، جو اهوافسوس فقط هڪڙي پَلَ جوهو. هن وري وار ڪيو؛ هن جي گولي، اويس جي ڪياڙيءَ کي ڦاڙي اتي ئي ڄمي ويئي، ۽ هن جي وات مان فقط هڪ ڊگهي " اون " نڪري گوليءَ جي پڙاڏي ۾ گم ٿي ويئي !

هو وڌي ڪمري ۾ آيو... هن سورٺ ڏانهن نهارڻ ٻه نه ٿي گهريو. هن وقت هن کي همٿ جي ضرورت هئي؛ هن ڪمزور ٿيڻ نه ٿي گهريو. " اڄ ته هلون ! " سورٺ گولين جي آوازن ۽ مرندڙ ماڻهن جي ڪيڪن ڪان ايترو دهلجي ويئي هئي، جو هن ٻه ڪجهه ڪونه ڪيڇيو، ۽ چپ چاپ هن سان هلي آئي. انو، مکيه دروازي بدران، پٺئين دروازي ڏانهن ڀڳو. هن کي پڪ هئي ته اتي فقط بورچي يا هڪ ٻه نوڪر هوندا.

جڏهن هو پٺئين دروازي تي پهتو ته بورچيءَ ۽ هڪ نوڪر حيرت مان پڇيو؛ " ڇا ٿيو ؟ "

" ڀڄو، پوليس ! " انوءَ چيو، ۽ هو ٻئي دروازي ڪان ٻاهر نڪري آيا.

ڪجهه وقت ته هو ڀڄندا بنگلن جي وچان گهٽون هٽندا رهيا. سورٺ جو خيال ڪري انوءَ کي آهستي آهستي هلڻو ٿي پيو؛ هڪ گهٽيءَ مان نڪرندي ، هن هڪ خالي ٽئڪسي ڏٺي. هن ٽئڪسي واري کي آواز ڏيئي بيهاري ڇڏيو.

جڏهن هو سورٺ جي گهر پهتا، تڏهن هن عجيب خاموشي ۽ ويراني ڏٺي؛ اڄ چوڪيدار ٻه در تي ٻاهر بيٺل ڪونه هو. هو ٽئڪسيءَ کي بيهاري سورٺ کي وٺي اندر آيو. سورٺ هيستائين بلڪل خاموشي هئي، پر ڊرائنگ روم وٽ پهچندي، ڄڻ ته هڪ رڙ هن جي روح مان نڪري، انوءَ جي وجود ۾ وراڪا ڪائيندي، اندرين ڪمرن ڏانهن پهچڻ لاءِ بيتاب هئي؛ " امان ..... ! پاپا ..... ! "

مسز انور ڄڻ ته چرين وانگر پنهنجي ڪمري مان نڪري ڊوڙندي آئي. ايندي

ايندي ڪيس ننڍي ٽيبل جي ڪُنڊ زور سان لڳي، پر ڇڻ ته هن کي ان جي پيڙا محسوس ئي نه ٿي ! سورٺ کي ڀاڪر پائيندي، چميون ڏيندي، روئندي، " منهنجي بابلڙي، منهنجي سورلڙي ! "چوندي هن کي ڇڻ هڏڪي پئجي ويئي. انور به ڊريسنگ گائون جا ڪشا ٻڌندي ڇڻ ته ڊوڙندو آيو؛ هن ڏٺو ته انور جي منهن کي پريشانين ويران ويران ڪري ڇڏيو هو، ڇڻ ته هڪ رات هن کي اوچتو پوڙهو ڪري وڌو هو !

پر انوءَ ڏانهن هنن ڇڻ ته ڏٺوئي ڪونه. هي منظر ايترو ڪهڪائيندڙ هو جو انوءَ جي دل ۾ وڍ پوڻ لڳا. ڳوڙها ڇڻ هنجي پيٽ جي ڪڏ مان وهندا، هن جي نڙيءَ کي گهٽيندا، اکين ۾ مڙڻ لڳا. هن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو؛ " سائين ، آءُ هلان ٿو ! "

پهريون پيرو انور هن کي چتائي ڏٺو. الائي ڇو هن اُن گهور جي موٽ به انور کي گهورڻ سان ڏني. ٻئي ڪا گهڙي هڪٻئي کي ڏسندا رهيا. ۽ پوءِ مسز انور چيو ؛ " ترسو ته سهي .... آءُ اوهان جو هي ٿورو ڪيئن لاهي سگهندس .... ! "

" ٿورا لاهڻ لاءِ نه ڪبا آهن سائين ! ۽ هي مون ٿورو ته پنهنجي پاڻ تي ڪيو آهي، پنهنجي وڏن تي ڪيو آهي. پنهنجي ماءُ تي ڪيو آهي ..... ! "

انور منجهي بيهي رهيو. هن انهن لفظن تي غور ڪرڻ به نه ٿي چاهيو. پر تڏهن به الائي ڇو هن جي وات مان نڪتو؛

" پٽ ..... ٿورا ته وڏا ننڍن تي ڪندا آهن ..... ! "

هن جي آواز ۾ الائي ڇو بي انتها پنهنجائپ اچي ويئي. اهو پاڻهه انوءَ کي ذري گهٽ رئاڙڻ وارو هو، ۽ هن کي روئڻ کان، هميشه جيان هينئر به چڙ اچڻ لڳي.

" هينئر ٿورن لاهڻ جونه وقت آهي، نه موقعو .... حي هوندي ته موٽي ايندس... فقط ايترو ڪيو ته منهنجي ماءُ " بيلاز " هوٽل ۾ ڪمري نمبر ١٢ ۾ ترسيل آهي... جيڪڏهن آءُ نه موٽان ته ان جي پارت اٿوَ..... ! "

انو هن جي جواب ٻڌڻ تائين به نه ترسيو، ۽ ڊُڪندو اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو. ان مهل هن فقط سورٺ جا سڏ ڪندڙ لفظ ٻڌا؛ " پاپا .... خدا جي واسطي هن کي روڪيو .... هو هن کي ماري ڇڏيندا .... ! "

*** *** ***

هو جڏهن ميدان ۾ پهتو تہ سامهون تاوَر ۾ سادا ڏهہ ٿيا هئا. پارڪ ۾ هر طرف ماڻهو ئي ماڻهو هئا. ايترا ماڻهو هڪڙي هنڌ گڏ ٿيل ڏسي، هن کي وري هڙتالي مزورن جو هجوم ياد اچي ويو. سامهون ئي سامهون، هڪ وڏي ڊائس تي هن جي پهرين نظر پروفيسر رشيد تي پئي، جنهن جا اچا وار، هواجي ڪري، اڏامي سندس عينڪ جي شيشن تي پئجي رهيا هئا، ۽ هوبار بار هٿ سان انهن کي هٽائي، مزورن ۽ ماڻهن جي هن مجمعي کي ڏسڻ ٿي لڳو، جيڪي مختلف نعرا هڻي رهيا هئا ! هن جي بلڪل پٺيان هن کي چترڪار سليم نظر آيو، جيڪو اشاري سان، مائيڪ تي بيٺل همراهہ کي ڪجهہ سمجهائي رهيو هو، جيڪو تقرير ڪرڻ جي ڪوشش ۾، مائيڪ کي سنيالي نہ پئي سگهيو ! هو چئي رهيو هو؛

" ..... پهراڙيون اسان جي لاءِ زهر جو ڍُڪ بڻجي چڪيون آهن، جتي وڏيرو پوليس جي مدد سان اسان کي بيدخل ڪندو ٿو وڃي .... ۽ اسان جي جاءِ اهي پيا پرين، جن لاءِ نادر شاهہ چيو هو تہ جيسين هي مونسان آهن، ۽ منهنجا حمايتي آهن، تيسين منهنجي حڪومت دهلي تہ ڇا ڪابل کان بہ هلندي رهندي .... ۽ اسان جا شهر، اسان کان اسلام ۽ پاڪستان جي نالي تي ڪسيا پيا وڃن .... ۽ جيڪڏهن اسين پورهئي لاءِ ڪارخانن جو رخ ٿا ڪريون تہ اتي زندگي جهنم جو ٻيو نالو آهي .... جنهن جهنم ۾ نہ رهڻو اسين ٿا پسم ٿيون، پر اسان سان گڏ ٻين قومن جا ماڻهو بہ ساڳئي عذاب ۾ گرفتار ٿا ٿين ..... ٻڌايو تہ هاڻ اسين ڪيڏانهن وڃون ؟

"سنڌ رهڻو وڏيرن ۽ سيٺين جو نالو تہ نہ آهي؛ سنڌ منهنجو نالو آهي، تنهنجو نالو آهي، هن جو نالو آهي، هن جو نالو آهي .... سنڌ هاريءَ جو نالو آهي، مزور جو نالو آهي، مظلوم جو نالو آهي ..... "

ان وقت مجمعي مان ڪنهن چيو؛ .... " ون يونٽ بابت ڳالهاءِ ..... سنڌ ناهي

تہ نہ ٻهراڙي آهي، نہ شهر آهن .... اهڙو ملڪ نہ گهرجي، جنهن ۾ " سنڌ " نالي تي ئي بندش هجي .... ! "

ان آواز اچڻ سان ئي مختلف نعرا لڳڻ شروع ٿي ويا. هڪڙو ماڻهو هڪدم اسٽيج تي چڙهي آيو، ۽ مائيڪ کي هٿ ۾ جهليندي نڙي ڦاڙيندي چيائين: " اسين پروفيسر رشيد کي ٻڌڻ آيا آهيون، اسان هتي پورهيت ۽ هاريءَ جو فلسفو ٻڌڻ ڪونہ آيا آهيون ! ..... وطن هوندو تہ فلسفا بہ پيا ٻڌبا .... ! جيڪڏهن بينگال ۾ پورهيت ۽ هاري، شاگرد ۽ استاد، سياستدان ۽ ڪلارڪ هڪ ٿي " سونار بنگلا " جو نعرو هڻي سگهن ٿا تہ اسين ڇو " سوني سنڌ " جو نعرو نہ هڻون ..... پروفيسر رشيد کي گذارش آهي تہ هو اچي تقرير ڪري ..... ! "

انوءَ ڏٺو تہ ماڻهن جي سمنڊ ۾ اتساهہ هڪ وير وانگر اُ ڀريو، ۽ "پروفيسر رشيد ..... پروفيسر رشيد ..... " جي نعري ۽ نالي سان سڄو وايو منڊل گونججي اُٿيو.

۽ پوءِ هن ڏٺو: پروفيسر چترڪار جي ڪُلهي جو سهارو وٺندي اُٿيو، ۽ مائيڪ تائين آيو. مجمعي تي سانت ڇڻ ڪنهن ڪَڪَر وانگر ڇائجي ويئي !

" منهنجا ماڻهو ئو .....آءٌ هاڻ مرڻ ڪنڌيءَ تي اچي پهتو آهيان: جڏهن انسان مرڻ وارو هوندو آهي، تڏهن هونئن ڪيڏو بہ ڪوڙو ڇو نہ هجي، اُن گهڙيءَ ضرور سچ ڳالهائيندو آهي ..... مون لاءِ بہ اها گهڙي اچي ويئي آهي، جيتوڻيڪ آءٌ ڀانيان ٿو تہ مون ڪڏهن بہ ڄاڻي واڻي ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي ..... "

ميڙ ۾ ٿهڪڙو پئجي ويو. پر ان ٿهڪڙي ۾ هڪڙو اعتماد هو، هڪڙو ويساهہ هو، جيڪو انوءَ ڀاڻ بہ محسوس تہ ڪيو، پر اُن کي سمجهي نہ سگهيو.

" آءٌ چوندو رهيو آهيان تہ اسان سان وڏو دوکو ٿيو آهي ... پڙهيل ڳڙهيل، سمجهو، سياسي ڄاڻ رکندڙ ماڻهن سان دوکو شايد جائز بہ هجي، جو هرڪو چوندو تہ ايترا هشيار، ايترا سياسي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو دوکو کائي ويجن تہ اها سزا هنن پاڻ گهري ورتي آهي ..... پر سنڌ ..... سنڌي ماڻهن سان ..... ! "

پروفيسر جي نڙيءَ ۾ لفظ ڦاسي پيا ..... نہ ڏسندي بہ، هن ڏسي ورتو تہ پروفيسر جي اکين مان لڙڪ لڙي ڳالهائيندا رهيا !

پوءِ وري پروفيسر جو آواز، پهرين جهيڻو، پوءِ هوريان، ۽ پوءِ ڏاڍيان گونجيو :

" ..... سنڌ جا ماڻهو .... مسڪين مارو ماڻهو، جن ڪڏهن ڪنهن سان

دوکو دولاب نہ ڪيو، تن سان هن جي پنهنجن-مون جهڙن يا مون پارن - وڏا دولاب ڪيا آهن .... هنن کان جياپو ڪسي ورتو اٿن؛ هاڻ نہ جي ٿا سگهن، نہ مري ٿا سگهن ..... جن کي جيءَ ۾ جايون ڏنائون، سي جايون تہ والاري ويٺا، پر متيءَ کي بہ مان نہ ڏنائون .... جن جي چوڻ تي پنهنجا چپ سِبي ويهي رهيا، انهن هنن جي ڪنن ۾ بہ شيهو اوتي ڇڏيو ..... هاڻ سنڌي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا آهن ..... پر مون جهڙا ضعيف ايڏا موجود آهن، جن جي ڪنن ۾ ٻڌڻ جي قوت باقي آهي، رڙيون ڪرڻ جي قوت باقي آهي، ايڏا ديد بہ باقي آهي ..... سي ڪيهون ڪندي ٿا چون تہ

" سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو،

سهندو ڪير ميار،او يار !"

ماڻهن جي هن ميڙ مان ڇڻ تہ سيسرات نڪري ويو.

ان وقت انوءَ ڏٺو تہ باس پنهنجن اٿن ڏهن ماڻهن سان گڏ، مجمعي کي چيريندو، ڊائس تي چڙهي آيو .... هائو ڪار مچي ويئي ..... باس، مٿي چڙهي، پروفيسر جي بلڪل سامهون اچي بيهي رهيو. هن جي هٿ ۾ روالور هو، ۽ هن جي ماڻهن جي هٿن ۾ ٽري نات ٽري جو رائيفلون !

" ويهي رهو .... ويهي رهو ..... هنن کي هٽايو ..... هي ڪهڙي شرافت آهي ..... ! "

يانت يانت جا آواز انوءَ جون پاپڙيون پوسرائيندا رهيا، ۽ هو سَٽَ ڏيئي، ٽڙندو ٽاپڙندو، ماڻهن کي چيريندو پروفيسر جي پير ۾، بيٺل چترڪار کي ڏکو ڏيئي اڳتي وڌي آيو. ان وقت باس جو آواز هن جي ڪنن ۾ آيو :

" پروفيسر ..... منهنجي آڇ ايڏا بہ قائم آهي ..... ! "

چترڪار هن کي حيرت مان ڏٺو؛ انوءَ جو هيٺيون چپ ائين وڍيل هو، جڻ هن پنهنجي چپ کي پاڻ ئي چڪ پائي ڪبي وڌو هو. هن کي حالتن جي سنگينيءَ جو اندازو تہ هو پر ان جي اميد بلڪل ڪانہ هئي تہ ڪو پروفيسر کي ائين ڏينهن ڏئي جو، هزارين ماڻهن جي اڳيان، نواب شرافت علي خان، کو نقصان پهچائيندو !

" انور تون ؟ ! هي تنهنجي چپ کي ڇا ٿيو آهي ؟ ! " هن ڳالهايو انوءَ سان، پر سندس اکيون ۽ ڪن پروفيسر ۽ اوچتو ايندڙ ماڻهن ڏانهن هئا.

" ها ..... آءٌ ! ، پر هينئر ٻڌائڻ جو وقت ڪونہ اٿم؛ وقت مليو تہ چپن، ۽ دل جي زخمن تي ڳالهائيندسون ..... ! "

ائين چئي انو، وڏي اچي پروفيسر جي پير ۾ بيهي رهيو. هن جون نظرون باس ۽ سندس ماڻهن جي هٿيارن تي ڪتل هيون. ان وقت ڊائس تي بيٺل ماڻهن جي دل ۾ هدڪ پئجي ويو، جڏهن نواب شرافت علي خان پنهنجو روالور وارو هٿ مٿي ڪنيو. عين ان وقت ماڻهن ڏٺو تہ انوءَ جو هٿ بہ مٿي ڪڇيو ، ۽ ٻي گهڙيءَ هڪڙي گولي هن جي پنهنجي باس جو مغز ڏاري ويئي ! هو جيئن ڪريو، تيئن انوءَ جوهٿ بار بار مٿي ڪڇندو رهيو ..... ايستائين جيستائين هن محسوس ڪيو تہ هڪڙي پاسي کان پروفيسر ۽ ٻئي پاسي کان سليم چترڪار هن کي پاڪر ۾ آڻڻ ۾ پاڻ پتوڙي رهيا هئا !

ميڙ ۾ ها هوڪار مچي ويئي. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. پوليس جو هڪڙو وڏو اٽالو هڪدم بندوقون تاڻيندي، ڊائس تي چڙهي آيو، انوءَ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيائون !

چترڪار، اکين جي ڏنڌ مان، رڳو ايترو چيو: " انو، تو هي ڇا ڪيو ؟ ! "

انو ڪا گهڙي چترڪار کي گهوريندو رهيو، ۽ پوءِ سندس ڪلهي تي هٿ رکندي، گُلوءَ واري ٺيٺ ٻهراڙيءَ واري لهجي ۾ چيائين: " يَرَ پيٽسان، هڪڙي اَٽَ-

ڪڙهي کي مون پورو ڪري ڇڏيو ؛ باقي تون ڄاڻ، پروفيسر ڄاڻي، سنڌ ڄاڻو .... ۽ اوهان جو ايندڙ معاشرو ڄاڻي ..... ! "

انوءَ جي آواز ۾ ڪو بہ ڊپ ڪونہ هو، ڪابہ هيڪ ڪانہ هئي، فقط هڪ بي پرواهي هئي، جنهن ۾ اطمينان جي جهلڪ هئي.

پروفيسر رشيد بہ هن جا لفظ ٻڌا، ۽ هو پنهنجي عينڪ ٺاهيندو، هن ڏانهن وڏي آيو. هن کي پاڪر ۾ ڀريندي چيائين: " پٽ ! آءٌ پراڻي زماني جو ماڻهو آهيان. مون کي گانڌي جيءَ جي فقط هڪڙي ڳالهہ وڻندي هئي تہ تشدد سان ڪوبہ مسئلو حل ٿيڻو نہ آهي ..... پَرَ .... پَرَ سوچيان ٿو تہ ڇا هي بہ تشدد آهي يا ٻيو ڪجهہ ..... خير توسان هڪڙو وچن ٿو ڪريان تہ تو جيڪا هيءَ جهور پوڙهي حياتي بچائي آهي، موتائي ڏني آهي، سا آخري پساهن تائين سنڌ ۽ سنڌ واسين جي آجپي لاءِ گذاريندس ..... ! "

پروفيسر سڏڪن ۾ اچي پيو. صوبيدار هن کي ٻانهن کان ڇڪيو. هن گهڙيءَ لاءِ صوبيدار جي اکين ۾ نهاريندي، سليم جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو:
" سليم، سورٽ جي پارت اٿئي ! ..... ۽ امان کي چئجانءِ تہ مون لاءِ روئي نہ، پر جي لڙڪ نہ بيهنس تہ انهن لڙڪن جي صدقي، مون کي ..... مون کي بخش ڪري ڇڏي ! "

انوءَ جي دل وري روئڻ لاءِ آتي هئي. هن ائين ڀانيو تہ هن جي نڙيءَ ۾ ڪجهہ اٽڪي پيو هو، ڪا ڳنڍ اچڻ لڳي هئي، ۽ سندس اکين ۾ پتر پُرڻ لڳا هئا. رڳو ان احساس کان تہ متان هو روئي ڏي، هو پوليس سان گڏجي ڊائس تان هيٺ لهي آيو !

*** *** ***

پڇاڻيءَ کان اڳ

..... هن کي جڏهن ٻڌايائون ته هن جا آخري ملاقاتي آيا آهن، تڏهن هن جي دل اهو فيصلو ڪري نه سگهي ته هو ملاقات لاءِ وڃي يا نه. ڦاسيءَ جي سزا جي اعلان کان وٺي هن گهڙيءَ تائين، هن پاڻ کي نهايت هلڪو، نهايت پُرسڪون پايو هو. هن ٽياس تائين انهيءَ ساڳئي سُڪون سان وڃڻ ٿي گهريو. هن دل جي بيابان ۾ ڪوبه ڇو هو نٿي گهريو. هن هاڻ پنهنجي اندر ۽ ٻاهر چُپ چُپات ٿي چاهي. هن کي ته هاڻ ڪال ڪوٺڙيءَ ۽ ان جي آس پاس جا آواز به ڪونه وڻندا هئا. هن سوچيو هو ته ڇا اهو نٿو ٿي سگهي ته موت جي اعلان ۽ موت جي آخري گهڙيءَ تائين، هن کي ڪنهن اهڙي هنڌ رکن، جتي ڪو آواز نه هجي، ڪو ڪڙڪو به نه هجي، ڪابه بازگشت نه هجي، ڪوبه پڙاڏو ۽ پڙلاءُ نه هجي ! هن پنهنجي ذهن کي بنهه خالي ڪري ڇڏيو هو؛ حال ۽ مستقبل هن لاءِ هوئي ڪونه. البت ماضيءَ جا ڪجهه منظر، پنهنجي سمورن گوندرن سان، ڪجهه وقت هن کي ستائيندا رهيا هئا ؛ پر هاڻ ته هو انهن تي به حاوي ٿي ويو هو. هن چاچي علوءُ، پنهنجي پيءُ، پنهنجي ڏاڏي بابت سوچڻ ڇڏي ڏنو هو،سندن خيالن کي، پنهنجي ذهن جي چائنٽ ٽپڻ نٿي ڏنائين. فقط هو پنهنجي ماءُ - سائنڌ - کي وساري نه سگهيو. رکي رکي ، اوچتو ئي اوچتو، هو هنجي ذهن جي رڻ ۾ گهڙي ٿي آئي، ۽ جڏهن هوءَ اندر ٿي آئي ته پوءِ خيالن جا قافلا بي ڏڙڪ اندر هليا ٿي آيا ! انهن قافلن کي هو ڪنڌ ڏوٿي، موڻڻ لاءِ مجبور ڪندو هو، پر ويندي ويندي اهي قافلا هن کي ڏاڍو ڪمزور،ڏاڍو روئڻهارڪو ڪري ويندا هئا !

هن جي ذهن جي چائنٽ ٽپڻ وارو هڪڙو ٻيو به هو ؛ سورٺ ! هن کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته سورٺ کي ڪهڙو حق هو ته هؤ هن جي بيابان ۾ ائين، ري ڪوئي، هلي ٿي اچي! هو وري ڪنڌ جهڪي، هن کي موٽائي ڇڏيندو هو.

هو ڳرن ڳرن قدمن سان ملاقات لاءِ آيو. دروازو هن تي بند هو. ان جي سيخن

مان هن پري کان ڏٺو ؛ سامهون ئي سامهون هن جي ماءُ جي ڪُلهن ۾ ٻانهن وجهي، مسٽر انور- رئيس انور - ڪيس سنڀاليندو پئي آيو. هن جي ماءُ جون اکيون پري هوندي بہ هن کي پنهنجي دل وانگر بيابان لڳيون، ۽ پري هجڻ ڪري هو انهن جي رُڄَ کي محسوس ڪري پئي سگهيو؛ هن جي پٽيان مسز انور - مهرو - هئي، جنهن سان گڏ چترڪار سليم هو. هن ائين پانيو ڄڻ تہ مسز انور، انسان نہ هئي، سليم جي ڪاپينٽنگ هئي، جنهن ۾ ساهہ پئجي ويو هو، يا ائين بہ ٿي ٿي سگهيو تہ خُود سليم مسز انور جي تخليق جو ڪو پاڇو هو !

۽ سڀ کان آخر ۾ هن پروفيسر رشيد کي ڏٺو، جنهن سان گڏ سورٺ هئي ! الائي ڇو هن جي ذهن ۾ اهو خيال اچي ويو تہ ماضي ۽ مستقبل جو هي ڳانڍايو ائين هو ڄڻ تہ هن جي اندر جي بيابان ۾ زندگي جو آخري آڇپو هو ! ان آڇپي جي آجيان لاءِ وڏي اچڻ جي خواهش جي باوجود، هن کي ڏانوڻ پئجي ويا. هن کي الائجي اوچتو ڇو اهو ورلاپ ورائي ويو تہ انهيءَ ڳانڍاپي تي هن جو - حال جو - اولڙو نہ پوي تہ ڇگو ! ۽ هن پنهنجي پٽيان نهاريو، جتي پهريدار پٽيون در بند ڪري رهيو هو .... هو مڙيو، ۽ وڏي پهريدار تائين آيو، ۽ سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيائين؛

" ڀائو، اهو دروازو بند نہ ڪر. مون کي پنهنجي حال ڏي ولي هل ..... مون ۾ ماضي ۽ مستقبل سان آخري ملاقات جو حوصلو نہ آهي ..... ! "

پوروٽيو

نيو فيلڊس جي تازا شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل

منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو

لوڪرام ڏوڏيجا جي هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سيني پاڪ جاين ۽ تهذيب، شهرن ۽ ماڻهن، ريتن ۽ رسمن، ڏنڌن ۽ ڏاڙيلن وغيره جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي. اهڙو ڪو عنوان، جاءِ، ڳالهه نه آهي، جنهن جو ذڪر نه ڪيل هجي، ڪتاب مان ڪنيل ڪجهه عنوان هيٺ ڏجن ٿا: سنڌوندي، منچر ڍنڍ، آبهوا، معدني پيدائش، ريگستان، ڪوهستان، سنڌو سيپتا، ڏڻ ۾ ڏهيل سيپتا، ڪراچي، هنگلاج، ٺٽو، نوري- ڄام تماچي، جهوڪ شريف، حيدرآباد، وڪيل ڪيريون، سياسي اڳواڻ، اديب ۽ عالم، حيدرآباد جا تيرٿ، ٿرپارڪر، نوابشاهه، لاڙڪاڻو ضلعو، جاگيردار، شاعر ۽ شاعري، دادو، سکر، شڪارپور ضلعو، درگاهون ۽ مسجدون، باغ ۽ ڪوهه، سنڌ واهه، گهٽين ۽ حويلين جو ماحول، ماڻهو ۽ رهڻي ڪهڻي، محبت ۽ خدمت، مهمان نوازي، سنڌي ٻولي ۽ ادب، تعليمي سرشتو، پنچائتيون، پائيبند، عامل، ڳوٺاڻي رهڻي ڪهڻي، هندو زالون، پوشاڪ، ڪاڏي جا سواد، هندو ذاتيون، دعا سلام، شادي، عورتون، هاري ناري، زميندار ۽ وڏيرا پير مرشد، ملا ۽ مولوي، ڪامورا عملدار، هندو مسلم تعلقات وغيره وغيره. 25 ڪان مٽي خوبصورت تصويرون- صفحا 418. انڊيا جو ڇپيل اصلوڪا ٽائيٽل. قيمت =/100 رپيا.

ٽڏا چپ

ايشور چندر موجوده وقت ۾ سنڌي زبان جو وڏو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون سنڌيءَ جون بهترين ڪهاڻيون آهن ۽ سندس ڪهاڻين جي پيٽ ترقي يافته ملڪن جي وڏن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين سان ڪري سگهجي ٿي. صفحا 208- قيمت =/40 رپيا.

سانگهڙ

محمد عثمان ڏيپلائي جو هيءُ ناول سنڌ جي انهي زبردست انقلابي هلچل جي حالات تي مشتمل آهي، جا ١٩٣٨ع کان وٺي ١٩٤٧ع تائين نهايت زورشور سان هلندڙ هئي. هن ۾ انگريزن ۽ سندن چاڙتن طرفان اتڪل ويهارو هزار سنڌي ماريا ويا. لک کن قيد ٿيا. پنج لک دربدر ٿيا ۽ سندن هڪ ارب کان وڌيڪ ملڪيتون لٽيون ويون. بهادر سنڌين به انهيءَ جي جواب ۾ "وطن يا ڪفن" جو نعرو لڳائي، انگريزي ملٽريءَ ۽ پوليس جا هزارين فرد ماريا، ڦٽيا ۽ ڪافي مال غنيمت هٿ ڪيو. هيءُ تاريخي ناول 656 صفحن تي مشتمل آهي. نئين ٽائيٽل سان سينگاريل- قيمت صرف =/120 رپيا آهي.

تاريخ جو سفر

ڊاڪٽر مبارڪ علي جو هيءُ ڪتاب تاريخ کي سمجهڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾، تاريخ ۽ انساني زندگي جي ڳانڍاپن ۽ پوندڙ اثرن جو تجرباتي ۽ سائنسي بنيادن تي تجزيو ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب هر پڙهيل لکيل ۽ سڄاڻ ذهن کي مطالعو ڪرڻ گهرجي. جو ته مستقبل جو رستو ماضيءَ جي حقيقتن مان ئي تخليق ڪري سگهجي ٿو. قيمت =/45

تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون

زرينه بلوچ جي هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ سندس 16 دلچسپ، يادگار ۽ اثوسرندڙ ڪهاڻيون شامل آهن. خوبصورت ٽائيٽل- قيمت =/55 رپيا.

عاشي

هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان ٻه گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناهه قوت، لازوال حسن ۽ غير معمولي سياڻپ جي مالڪ هئي! جنهن ڪروڙ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هن جو انتظار ڪندي رهي... She جڳ مشهور مصنف هينري رائڊر هنگرڊ جي مڙنئي ناولن مان مقبول ترين ناول آهي. انهيءَ جو اندازو هن امر مان لڳائي سگهجي ٿو ته هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هٿون هٿ ڪپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن. صفحا 400- قيمت =/75 رپيا.

ڇا جو ديس ڇا جو وديس- بندر ديسان ديس

الطاف شيخ جا هيءُ ٻه سفرناما مختلف ملڪن/ شهرن جهڙوڪ: جپان، ٿائلينڊ، بئنڪاڪ، ڪوريا، چين، سنگاپور وغيره بابت دلچسپ انداز ۾ لکيل آهن. صفحا 200 قيمت: =/60

عورت ۽ پيار ۽ نئون شعر

غلام نبي مغل جا ٻه ڪتاب، هڪ ڪتابي صورت ۾. هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ۽ ٻيو پيري لوئي جي ناول جو ترجمو آهي. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل، خوبصورت ٽائيٽل- قيمت =/45

آزادي خاطر

هن ڪهاڻين جي مشهور مجموعي ۾ دنيا جي عظيم ڪهاڻيڪارن جهڙوڪ: سارتر، گورڪي، ماپاسان، چيخوف، ٽنگور، سمرسيٽ ماهم، خواجه احمد عباس، جيمس اسٽيفنس وغيره جون ڪهاڻيون شامل آهن. انهن ڪهاڻين جا مترجم: غلام نبي مغل، نجم عباسي، وليرام ولپ، ظفر حسن، تاج بلوچ، شمشير الحيدري، الطاف شيخ، عبدالقادر جوڻيجو، زرينه بلوچ، هري آشا وغيره آهن. صفحا 236- قيمت =/35 رپيا.

سورج مکيءَ سانجهه

شيخ اياز جي هن نئين ڪتاب ۾ بيت، وايون، غزل ۽ نظم شامل آهن ۽ سندس لکيل مهاڳ. ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل صفحا 360- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت =/90 رپيا.

اوچا ڳاٽ پهاڙن جا

نجم عباسي جي هن نئين ڪتاب ۾ ڪهاڻين کان علاوه چار انٽرويو به آهن انهن منفرد انٽرويوز ۾ ادب کان علاوه نجم عباسيءَ پنهنجي ذاتي زندگي جي باري ۾ ڏاڍيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون آهن. قيمت =/50 رپيا.

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (ڀاڳو 1 ۽ 2)

شيخ اياز جي هن ٻنهي ڪتابن ۾، ٽن هارٽ اٽيڪ دوران لکيل بيت، وايون، نظم ۽ آزاد نظمن کان علاوه 104 صفحن ۽ 20 صفحن جو مهاڳ ۽ دنيا جي چوٽي جي 120 اديبن، شاعرن، سائنسدانن، دانشورن، فلاسافرن، مفڪرن، عالمن، ليڊرن تي لکيل نوٽس شامل آهن. صفحا 306 ۽ 400 - قيمت =/90رپيا ۽=/100 رپيا.

نيو فيلڊس جا ايندڙ ڪتاب

جر ڏيئا جهمڪن

شيخ اياز

ڦاهي گهاٽ

امر جليل

ڪيئي ڪتاب (جلد ڀهريون)

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي

آوارہ

موهن ڪاپڙا

اوڙاهہ

غلام نبي مغل

نيو ڪلاسس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

٠١	بين‌الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم‌ٿيل)
٠٢	جيل ۾ ٢٢ مهينا (پاڳو ١)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٣	اڏ ملاقات (خط)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٤	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٥	جيل ۾ ٢٢ مهينا (پاڳو ٢)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٦	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم‌ٿيل)
٠٧	٤- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	—	-/٢٠
٠٨	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم‌ٿيل)
٠٩	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	-/٥٠
١٠	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم‌ٿيل)
١١	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو ١)	—	(ختم‌ٿيل)
١٢	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشورچندر	-/٤٠
١٣	واهون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم‌ٿيل)
١٤	٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو ٢)	—	(ختم‌ٿيل)
١٥	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم‌ٿيل)
١٦	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم‌ٿيل)
١٧	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم‌ٿيل)
١٨	لين دنيا جون ڪهاڻيون	ولي‌رام ولڀ	(ختم‌ٿيل)
١٩	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم‌ٿيل)
٢٠	دل اندر درياوَ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم‌ٿيل)
٢١	دل جو بندر (ناول)	اڏورل آئيوبس/نصير اعجاز	(ختم‌ٿيل)
٢٢	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم‌ٿيل)
٢٣	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم‌ٿيل)
٢٤	ڪنهن سان سور سليمان	مرتب: فيروزاحمد	(ختم‌ٿيل)
٢٥	فڪر جي آزادي	آسٽيفن زويگ/ابراهيم جويو	(ختم‌ٿيل)
٢٦	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم‌ٿيل)
٢٧	غلامن جو ٻيڙو (ناول)	ايرڪ ڪاربر/دوست محمد پٽي	(ختم‌ٿيل)
٢٨	سي ڊي جوبن ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم‌ٿيل)

۲۹. ماضي (ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي -/۷۵
۳۰. سي پڙيون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۳۱. سڌارٿ (ناول) هرمن هيس/فضل احمد بچاڻي -/۲۰
۳۲. جپان رس (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۳۳. روح جي ڪولا (ناول) مترجم: فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۴. درد جا ڏينهن، درد جون راتيون طارق اشرف (ختم ٿيل)
۳۵. سانباهو سموند جو (سفرنامو) الطاف شيخ -/۵۰
۳۶. سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون) نجم عباسي -/۳۰
۳۷. آسيه (ناول) هينري رائڊر هئگرڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۳۸. قلندر (ڪهاڻيون) قرت العين حيدر/مدد علي سنڌي (ختم ٿيل)
۳۹. الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۰. سزا جا سڪ آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۴۱. بهترين سفرنامه الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۲. للڪار (ڪهاڻيون) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۴۳. ٽڪل سريت (ڪهاڻيون) البرٽو موراويا/وليرام ولپ (ختم ٿيل)
۴۴. لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۵. تصويرجو خون آسڪر وائلڊ/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۴۶. حليم شو حليم بروهي (ختم ٿيل)
۴۷. ٻارن جون آکاڻيون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۴۸. سپون خليل جبران/فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۴۹. سفريورپ جي ڊائري (سفرنامو) قاضي عبدالمجيد عابد (ختم ٿيل)
۵۰. آزادي خاطر (ڪهاڻيون) مرتب: فيروز احمد ۳۵/۰
۵۱. چاندي جون تارون (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)
۵۲. مس سدا بهارچنبيلي (ناول) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
۵۳ پيار ڪهاڻي (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
۵۴. نيگروعشق ۽ بغاوت ڪرسٽوفرڪول/نصيراعجاز (ختم ٿيل)
۵۵. شرم هوئي (ناول) گوبند مالهي (ختم ٿيل)
۵۶. اڳي ايئن هياس (جلد ۱) فضل احمد بچاڻي (ختم ٿيل)
۵۷. ٻره ڪان ٻهرين (ڪهاڻيون) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)

٥٨.	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٥٩.	رچ ۽ پاچا (ناول)	موهن ڪلپنا	(ختم ٿيل)
٦٠.	مون تو کي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيرانندائي	(ختم ٿيل)
٦١.	آبل ڙي اولاڻا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٢.	شاهه لطيف جي شاعري (جلد II)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
٦٣.	آهٽي گهوٽ ته نشا ٿيوئي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(ختم ٿيل)
٦٤.	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
٦٥.	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگورائي	-/١٢
٦٦.	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	-/٤٠
٦٧.	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٦٨.	پيغامبر	خليل جبران/ستار	(ختم ٿيل)
٦٩.	هم اوست (ناول)	آغا سليم	-/٣٥
٧٠.	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
٧١.	آئيني جي اڳيان	١٧ ساهتڪار	-/١٢
٧٢.	چند چنبيلي ۽ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٧٣.	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ساهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
٧٤.	اٿون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	-/٢٥
٧٥.	ٻه ننڍا ناول	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٧٦.	اڳي ايئن هياس (جلد ٢)	فضل احمد بچاڻي	-/٢٥
٧٧.	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	-/٥٠
٧٨.	وات ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
٧٩.	مڪليءَ کان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٨٠.	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
٨١.	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	-/٦٠
٨٢.	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
٨٣.	چند جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
٨٤.	پڪت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
٨٥.	ست ٻوگو ملاويائي آڪاڻيون	جڪت آڏوائي	-/١٠
٨٦.	ست ڪشميري آڪاڻيون	اختر محمدبن/ايشور چندر	-/١٢

٨٧. ان چڻ ۽ چنڊ (شاعري) آغا سليم -/٢٠
٨٨. ڪوالالمپورڪجهه ڪوه (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٨٩. ڪپر ٽو ڪن ڪري (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
٩٠. سڏن مٿي سڏڙا علي احمد بروهي (ختم ٿيل)
٩١. گانڌي لوئي فشر/نجم عباسي (ختم ٿيل)
٩٢. پڳل ڪنيڙاليون خليل جبران/عبدالله الفائز -/٢٥
٩٣. ماستر هريامرجو بئنڪاڪ وڃڻ.... الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٩٤. ڪي جو پيجل پوليو (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
٩٥. سرهي سرهي سار (سفرنامو) ماهتاب محبوب (ختم ٿيل)
٩٦. خط، انٽرويو ۽ تقريرون (پا گو I) شيخ اياز (ختم ٿيل)
٩٧. دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
٩٨. ڏيئا تيل ڦليل جا علي احمد بروهي (ختم ٿيل)
٩٩. راج-گهاٽ تي چنڊ (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
١٠٠. موتي جي مهراڻ جا مرتب: فيروز احمد (ختم ٿيل)
١٠١. تلاش (ناول) نجم عباسي (ختم ٿيل)
١٠٢. لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
١٠٣. ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آڪاليون الطاف شيخ (ختم ٿيل)
١٠٤. مرڻ مون سين آءُ (ناول) سراج -/٦٠
١٠٥. پڙاڏو سوئي سڏ (ناول) سراج -/٥٠
١٠٦. رات وچ ۾ (ناول) بريٽ هيليڊي/فضل احمد بچاڻي -/٢٠
١٠٧. بڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاڻي(شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
١٠٨. اک سور (ناول) رابندر ناٿ ٽئگور -/٥٠
١٠٩. جت جر وهي ٽو جال (سفرنامو) الطاف شيخ (ختم ٿيل)
١١٠. رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون) امر جليل -/٤٠
١١١. ماسترباڻي (ناول) مترجم: نجم عباسي (ختم ٿيل)
١١٢. آڪن نيرا ڦليا (شاعري) شيخ اياز (ختم ٿيل)
١١٣. منهنجي دنيا، هيڪل وياڪل (ناول) سراج (ختم ٿيل)
١١٤. رڻ ۽ رج جو اتهاس (ڪهاڻيون) نورالهدي شاه -/٥٠
١١٥. انقلابي ماءُ (سوانح حيات) مترجم: آزاد قاضي (ختم ٿيل)

١١٦.	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	٥٥/-
١١٧.	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	٧٠/-
١١٨.	جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	٧٠/-
١١٩.	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٢٠.	راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	٦٠/-
١٢١.	پاڻين جي انڊلٽ	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٢٢.	جهڙ نيڻان نه لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٢٣.	وقت وٽيون وڇوڙيون (ناول)	ڪلاپر ڪاش	٢٠/-
١٢٤.	شاه لطيف جي شاعري جلد I، II ۽ III	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
١٢٥.	تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
١٢٦.	وڇون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٢٧.	وندسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	٢٠/-
١٢٨.	ڪالهيون آهن ڪچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٢٩.	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	٣٠/-
١٣٠.	ٻنهل ڪان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
١٣١.	منهن تنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	٣٠/-
١٣٢.	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	٨٠/-
١٣٣.	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد پوهيو	(ختم ٿيل)
١٣٤.	اڻين ڪتا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	٣٠/-
١٣٥.	آپر چنڊ پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	٨٠/-
١٣٦.	منهنجي دنيا مرڪهه ترشنا (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
١٣٧.	اي جرني ٽو ٽائلينڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
١٣٨.	پٽن ٽو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	٥٠/-
١٣٩.	ملي مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	٣٣/-
١٤٠.	منهنجو ڏس آسمان ڪان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	٤٠/-
١٤١.	دنيا ٻنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	٥٠/-
١٤٢.	سوزيءَ سان پيار	الطاف شيخ	٦٠/-
١٤٣.	هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	٨٠/-
١٤٤.	خطن، انٽرويو، تقريرون (پاڳو II)	شيخ اياز	٦٠/-

١٤٥. ڪوٽ لکپت جو قيدي (پاڳو-I) رسول بخش پليجو -/١٣٠
١٤٦. لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو) طارق عالم ابڙو -/١٠٠
١٤٧. سنڌو منهنجي ساهه ۾ امر جليل -/٨٠
١٤٨. ٽڪرا ٽٽل صليب جاءِ واڻون قلن ڇانئيون شيخ اياز -/٦٠
١٤٩. ڪربلا (ڪهاڻيون) نورالهدي شاه -/٦٥
١٥٠. تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون) امر جليل -/٦٠
١٥١. رهجي ويل منظر (ناول) طارق عالم ابڙو -/٧٠
١٥٢. پسي ڳاڙهاڳل (ڪهاڻيون) رسول بخش پليجو -/٤٥
١٥٣. دل جي دنيا (ڪهاڻيون) امر جليل -/٤٥
١٥٤. الوداعي گيت (شاعري) شيخ اياز -/٤٠
١٥٥. خبرون ڪيڙائن جون (سفرنامو) الطاف شيخ -/٧٠
١٥٦. پاپ ۽ پيڙا (ناول) بوستو وسڪي/رشيد پٽي -/٥٠
١٥٧. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن-I (شاعري) شيخ اياز -/٩٠
١٥٨. ورهاڳي جو ورجاءُ ماهتاب محبوب -/٤٥
١٥٩. مٽ مٽ موتين جي محمد ابراهيم جويو -/٨٥
١٦٠. قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ نورالهدي شاه -/٧٥
١٦١. اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو) الطاف شيخ -/٥٠
١٦٢. روهڻ مون نه وڙاءُ رسول بخش پليجو -/٥٥
١٦٣. سنڌي ادب جو مختصر جائزو اڪبر لغاري -/٥٥
١٦٤. ڪتين ڪر موڙيا جڏهن-II شيخ اياز -/١٠٠
١٦٥. تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون زرينه بلوچ -/٥٥
١٦٦. ننڍ ولهون (شاعري) شيخ اياز -/٥٥
١٦٧. ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو) الطاف شيخ -/٤٥
١٦٨. تاريخ جو سفر ڊاڪٽر مبارڪ علي/ابوبڪر شيخ -/٤٥
١٦٩. سانگهڙ (ناول) محمد عثمان ڏيپلائي -/١٢٠
١٧٠. سرَ لوهيڙا گيپا (شاعري) شيخ اياز -/١٠٠
١٧١. ڪوٽ لکپت جو قيدي (پاڳو II) رسول بخش پليجو -/٦٥
١٧٢- ڇاجو ديس ڇاجو.... بندر ديسان ديس الطاف شيخ -/٦٠
١٧٣- قومي غدار ۽ حساب ڪتاب لياقت عزيز -/٥٠
١٧٤- منهنجو وطن منهنجا ماڻهو لوڪرام ڏوڏيجا -/١٠٠

١٧٥- سورج مکئيءَ سانجهه (شاعري)	شيخ اياز	٩٠/-
١٧٦- اوچا ڳاٺ پهاڙن جا	نجم عباسي	٥٠/-
١٧٧. عورت ۽ پيار نئون شهر	غلام نبي مغل	٤٥/-
١٧٨. ٽيون وجود (ڪهاڻيون)	امر جليل	٥٠/-
١٧٩. پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول)	سراج	١٢٠/-

گهرائڻ لاءِ لکندا:

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

فون: 610108